
ٿري ڀاڪا ۽ چوٽيون
انجنيئر عبدالوهاب سهتو
ٿري ڀاڪا ۽ چوٽيون
انجنيئر عبدالوهاب سهتو
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
53

# ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون

(ٽر جي علائقي اندر مروج پهاڪا ۽ چوڻيون)

تاليف

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

قنبر – ٢٠١٧ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر** (٥٣)

© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر ٢٠١٧ع

ڪتاب: **ٿري پهاڪا ۽ چوڻيون**

تاليف: **انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

پهريون ڇاپو: **اپريل** ٢٠١٧ع

ٽائيٽل: **رضوان گل**

ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

**قيمت: ٦٠٠ رپيا**

"Tharee Proverbs & Sayings"

By: Engr. Abdul Wahab Sahito

1st Edition: April 2017 A.D

Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar

E-mail: drmuhabbatacademy@gmail.com

riazatburiro@yahoo.com

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين پائو درمحمد ٻرڙي، ڪراچيءَ مان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

# انتساب

هن ڪتاب جوڙڻ ۾ جيڪي شخصيتون مددگار ٿيون، تن منجهان ڀهريون آهي **رام چند سانجهيرا** صاحب. اگر اهو صاحب پنهنجي مخصوص انداز سان، ڊاٽڪي ڀاڪن، چوٽين ۽ ٻولن جي وضاحت نہ ڪري ها تہ شايد ٽري ڀاڪن جا مقالا جوڙڻ ڏانهن ڌيان ئي نہ وڃي ها ۽ گمان آهي تہ هيءُ ڪتاب پڻ نہ جڙي سگهي ها.

**جان ڪي ديوي** صاحبہ جي ٿيسز اگر هٿ نہ اچي ها ۽ استفادي لاءِ ميسر نہ هجي ها تہ بہ ڪتاب جو جڙڻ، مشڪل هيو.

اها ٿيسز لکڻ وقت، سرڪاري طرح مقرر ٿيل گائيڊ کان علاوه، اگر جناب **معمور يوسفاڻي** صاحب سندس رهنمائي نہ ڪري ها تہ شايد اها رٿا پايئہ تڪميل تي نہ پهچي سگهي ها. نہ اها ٿيسز معمور صاحب جي پٽ اسد جمال پليءَ وٽ هٿيڪي هجي ها ۽ نہ ئي عابد لغاري صاحب ونرائي ڏئي سگهي ها.

جيئن تہ هن ڪتاب لکڻ لاءِ، مٿي ڄاڻايل ٽي شخصيتون: رامچند صاحب، جان ڪي ديوي ۽ معمور يوسفاڻي صاحب، اصل محرڪ رهيا آهن. تنهنڪري هيءُ ڪتاب، ڏانهُن منسوب ڪيان ٿو.

- انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ٽري پهاڪا ۽ چوٽيون“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هن ڪتاب جي تاليف ۽ سهيڙ **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** ڪئي آهي. پهاڪن ۽ چوٽين تي تحقيق جي حوالي سان سهتي صاحب وڏو ڪم ڪيو آهي.

”ٽِري سماج، ٽرِي ثقافت (راهپ) ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ٽرِي لهجو ـ ٽنهي ۾ قرب ۽ ڪشش ٻه آهي، تہ پيار ۽ پنهنجائپ ٻہ. ٽئي هڪ ٻئي جا پرجهلا ٻہ آهن، تہ هڪ ٻئي جو ساهہ ۽ ست ٻہ. انهن ٽنهي جي ڀرپور عڪاسي انجنيئر عبدالوهاب سهتي صاحب جي جوڙيل هِن اڻ ملهہ ڪتاب ”ٽري پهاڪا ۽ چوٽيون“ ۾ ڪيل آهي. ڪتاب بابت ڇا چئجي! هڪ هڪ چوٽِي ٽر جي سُرهي ٻُوٽي مَرُوئي جي مهڪار تي لڳي ۽ هڪ هڪ پهاڪو مور جو ڪنڀ يا روهيڙي جو گل!“

هي ڪتاب **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت برڙي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| داخلا | صفحو | داخلا | صفحو |
|---|---|---|---|
| ٻه چار لفظ | 7 | سادا اکر | 10 |
| الف | 16 | ب | 60 |
| ٻ | 76 | ڀ | 87 |
| ت | 99 | ٿ | 104 |
| ٽ | 109 | ٺ | 109 |
| ث | 111 | پ | 111 |
| ج | 142 | ڄ | 164 |
| جھ | 167 | چ | 169 |
| ڃ | 181 | ح | 184 |
| خ | 185 | د | 187 |
| ڌ | 190 | ڏ | 196 |
| ڊ | 213 | ڍ | 214 |
| ر | 217 | ز | 236 |
| س | 237 | ش | 273 |
| ص | 276 | ع | 277 |
| غ | 281 | ڦ | 282 |
| ق | 286 | ڪ | 287 |
| ک | 328 | گ | 340 |
| ڳ | 357 | گھ | 359 |
| ل | 375 | م | 381 |
| ن | 419 | و | 432 |
| ھ | 459 | ي | 477 |
| حوالا | 481 | ڏسٽي | 485 |

# ٻه چار لفظ

منجهان منهنجي روح، جي وجي ساجن وسري،
ته مَر لڳي لُوهَ، تر ٻاٻيهو تي مران. (شاهه)

اسرارن، انتظارن ۽ رمزن سان ڀرپور آهي سنڌُ جو ٿَرُ. ٿرُ هڪ حيرت ڀريو حصو آهي سنڌ جو، جنهن ۾ روح روليندڙ رُج به آهي ته ساهه سُڪائيندڙ سُج به، ڏُک جا ڏونگر به آهن ته درد جون ڀٽون به، اکڙين جي اداسي به آهي ته دلڙين جي هيڪلائي به! ٿرُ: غربت جو منظر به آهي ته عبرت جي ڪٿا به! پر: ٿَرَ جِي واريءَ تي جڏهن اُڀ مان ابرُ وڏڦڙي جا وسڪارا ٿو ڪري، ته ٿريءَ جي اندرَ سان گڏ ٿر جي اُڄ به اُجهي ٿِي پوي ۽ ٿر جو حُسن جرڪڻ ٿو لڳي، اُٻاٽڪا مورَ ٿهوڪڻ ٿا لڳن، ۽ ٿر جي فطرتي خوبصورتي اَرضي جنت جي عڪاسي ڪرڻ ٿي لڳي!

ٻَر وٺا، ٿر وٺا، وٺي ڪَڇ ڪِنارَ،
ڀوياڙيءَ ڀَٽن تي، ڏِس! نايائون نارَ،
سڀاجهي ستارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيهه تان. (شاهه)

ٿرِي سماج، ٿرِي ثقافت (راهپ) ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ٿرِي لهجو ــ ٿنهي ۾ قرب ۽ ڪشش به آهي، ته پيار ۽ پنهنجائپ به. ٿئي هڪ ٻئي جا ڀرجهلا به آهن، ته هڪ ٻئي جو ساهه ۽ ست به. انهن ٽنهي جي ڀرپور عڪاسي انجنيئر عبدالوهاب سهتي صاحب جي جوڙيل هِن اڻ ملهه ڪتاب ”**ٿري پهاڪا ۽ چوٽيون**“ ۾ ڪيل آهي. ڪتاب بابت ڇا چئجي! هڪ هڪ چوڻِي ٿر جي سُرهي ٻُوٽي مَرُوئي جي مهڪار ٿي لڳي ۽ هڪ هڪ پهاڪو مور جو ڪنپ يا روهيڙي جو گل!

مَروئي مهڪارَ، اڇا اگڻِ سُپرين!
اڇين جي ٻيهارَ، مَهڪي ساٿُ سُڳند سان. (اياز)

٤٩٤ صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي ضخامت ۾ سمايل، سنڌي الف-بي جي ٤٢ اکرن سان شروع ٿيندڙ ٨٥٧ پهاڪا ۽ چوڻيون ڏکن ۽ سکن جون سهسين ڪهاڻيون ٻڌائي رهيون آهن، ۽ اهو ٻہ تہ هن منفرد ڪتاب تي ڪيڏي نہ محبت منجهان محنت ڪيل آهي! جيڏو ٿر وسيع آهي، ايڏو ئي ان جا پهاڪا ۽ چوڻيون ٻہ، جيڪي ريگستان جي چَپي چَپي ۾ سمايل ۽ سانديل محسوس ٿين ٿيون.

اڃا ڪجھ ٻرندا رهن، ڏهرن ۾ ڏيئا،
وجهي ٿي ليئا، ور ور باک بسنت جي. (اياز)

هن ڪتاب ۾ انيڪ خوبيون گلدستي جيان سينگاريل آهن، جن ۾ هيٺيون ڪجھ خاص خوبيون پڙهي پٽ پسي سگهجن ٿيون:

١. سُهڻِي سنڌ جي ڪنهن خاص علائقي سان واسطيدار پهاڪن ۽ چوڻين جو ايڏو وڏو ذخيرو پهريون ڀيرو پڙهو ٿي رهيو آهي.
٢. پهاڪن ۽ چوڻين جي ترتيب الف-بي وار، لغتِي سٽاءَ موجب، بيهاري وئي آهي، جنهن سان ڪنهن بہ پهاڪي ۽ چوڻيءَ وغيره کي سولائيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو.
٣. ڏکين لفظن جون معنائون درج ڪيون ويون آهن، جن ذريعي ’ٿري لهجي جي لغت‘ جوڙي سگهجي ٿي.
٤. تشريحن ۾ ضروري وضاحتون ۽ ڇنڊايون پيش ڪيون ويون آهن.
٥. ’مطلب‘ ۾ مختصر طور مفهوم واضح ڪيو ويو آهي ۽ لاڳاپيل پهاڪي يا چوڻيءَ کي پڻ آندو ويو آهي يا ڪا لفظي ڦيرگهير آهي تہ اها بہ داخل ڪئي وئي آهي ۽ علائقي يا ٻوليءَ/لهجي بابت آگاهي پڻ ڏني وئي آهي.
٦. ٿري لهجي جي ڪِن نند-لهجن، جهڙوڪ ڍٽ وغيره جي نشاندهي پڻ مطالع ڪري سگهجي ٿي.
٧. پارڪر جي پهاڪن ۽ چوڻين کي پاسيرو ڪيو ويو آهي، جنهن سان ان خطي جي پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل الڳ ڪتاب جي گنجائش پڻ پيدا ٿي آهي.

٨. انهن پهاڪن ۽ چوٽين جي داخلا پڻ رکي وئي آهي جيڪي ٻين علائقن يا ٽر جي پرپاسي جا ته آهن، پر ٽر ۾ مروج آهن.
٩. پهاڪي، چوٽيءَ ۽ ورجيس جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.
١٠. ڏِسٽي پڻ جوڙي وئي آهي، جنهن سان ڪنهن به پهاڪي ۽ چوٽيءَ تائين پهچ ۾ آساني پيدا ٿي پئي آهي.
١١. شاهه لطيف جي شاعريءَ مان پڻ واسطيدار چوٽين وغيره کي درج ڪيو ويو آهي.
١٢. ضروري حوالن ۽ مددي ڪتابن جي لسٽ پڻ، پهاڪن جي پڄاڻيءَ تي، ميسر ڪيل آهي، جنهن سان ٽر بابت وڌيڪ مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

بهرحال، سهتي صاحب جو هيءُ ڪتاب ”**ٽرِي پهاڪا ۽ چوٽيون**“، ان ئي سلسلي جي سندس ٻن اڳين ڇپيل ڪتابن ”**اترادي پهاڪا ۽ چوٽيون**“ ۽ ”**لاڙي پهاڪا ۽ چوٽيون**“ جو تسلسل آهي. اميد ته هُو اهو تسلسل برقرار رکندو، ته جيئن سڄيءَ سنڌ جي مختلف علائقن جا پهاڪا ۽ چوٽيون پنهنجين پنهنجين خوبين ۽ خوبصورتين سان مرتب ٿي سگهن.

مان انجنيئر عبدالوهاب سهتي کي هيءُ ڪارائتو ۽ بهترين ڪتاب جوڙڻ تي واڌايون پيش ڪريان ٿو. گڏوگڏ ”ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي“ پاران سندس ستون ڪتاب ڇپجڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪريان ٿو.

مهرباني.

رياضت ٻرڙو
ڊائريڪٽر (اعزازي)
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
٢٢- مارچ ٢٠١٧ع

# سادا اکر

سنڌ جو وارياسو علائقو: گهوٽڪي، سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي اوپر ۾ اچي ٿو، ڪافي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. جڏهن ته ٿرپارڪر جي ريگستان يا ٿر ۾، ننگر پارڪر، ڏيپلو، ڇاڇرو، مٺي ۽ عمرڪوٽ تعلقا اچي وڃن ٿا.

ٿر جي وجود ۾ اچڻ بابت، عالمن جي ڏنل راين منجهان ٻه وڏا معتبر رايا آهن. هڪ راءِ ته: ٿر واري ايراضي، اصل ۾ سمنڊ هيٺ هئي. سمنڊ جي هٽڻ، طوفانن ۽ زلزلن جي اچڻ کان پوءِ، موجوده شڪل اختيار ڪيائين. ٻي راءِ ته: ٿر جي سموري ايراضي، درياهن جو پيٽ يا ڪيٽي رهي آهي. پاڻيءَ جي هٽڻ پڄاڻان، اها شڪل ورتي اٿائين.

ٻنهي راين مان، پوئين راءِ، انهيءَ ڪري ٻه وزنائتي آهي جو ميرپور خاص، شهدادپور، ٽنڊو آدم ۽ ٽنڊو الهيار اندر، قديم وهڪرن واري ايراضي پڻ هوبهو ٿر جهڙي آهي. پهرين راءِ جي لاءِ، اهو دليل ڪافي آهي ته: بدين ۽ ٿر پارڪر ضلعن جي اوپر ۾، سمنڊ جي هٽڻ ڪري، فقط ڪڇ جو رڻ نهي پيو آهي، جيڪو فقط لوڻ ئي لوڻ آهي. منجهس ڪٿي ٻه واريءَ جو ڏڙو يا ٽِبو ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. جڏهن ته ٿر اندر، مٺي پاڻيءَ وارين سُتين/ سِپين ۽ ڪوڏن جو ملڻ ٻه اهو ثابت ٿو ڪري ته اها ايراضي سمنڊ هيٺ نه، بلڪ دريائن جي وهڪرن هيٺ رهي آهي. جو ته منجهانئس جيڪي ٻه سپون ۽ ڪوڏ مليا آهن، سي سيئي دريائي ڪوڏن جهڙا آهن. ڪٿي ڪو ٻه ساموندي ڪوڏ نه مليو آهي.

ٿر جي نالي بابت ڪن مؤرخن، بحث ڪندي لکيو آهي ته: اهو سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ سٿل جي بگڙيل صورت آهي. جنهن جي معنيٰ: ”اها خشڪي، جتي پاڻيءَ-ٽنبي نه هجي“.

ڪن وري، پٽ ڪي ٿري ۽ سندس جمع ڪي ٿريون چوندي، لکيو آهي: ”پٽن وارو ملڪ جيڪو، ٿرين جي نسبت سان، ٿر سڏجي ٿو.“ ڪن ته ڪير مٽان ٽيندڙ ملائي يا ٿر ڏانهن مشابهت ڇڪيندي لکيو آهي: ”ٿر جي ايراضي، سنڌ ڌرتيءَ تي ائين آهي، جيئن ڪير مٽان ٿر!“

لسانيات جي دائري اندر ٿيل تحقيق ۽ جاچ جوچ مطابق: ’ٽر‘ لفظ ’ٽل‘ مان نڪتل ٿو معلوم ٿئي. نحوي قانون هيٺ، ’ل‘ جو ’ر‘ ۾ بدلجڻ پڻ، ان جو سبب آهي. يعني ’ٽل‘ مان ’ٽر‘ ائين ٿيو آهي، جيئن ’جل‘ مان ’جر‘، ’هل‘ مان ’هر‘، ’پاتال‘ مان ’پاتار‘، ’نيلو‘ مان ’نيرو‘ وغيره. اگر ان کي بنياد تسليم ڪجي ته، پوءِ ٽر يا ٽل جي معنيٰ آهي: مٽيءَ يا واريءَ جو ڍڳ، جنهن جو اسم تصغير آهي ٽلو يا ٽلهو.

ابتدائي دور ۾، جڏهن ڪنهن واريءَ جي ڍڳ، ڊيگهه يا واڌ ڪائي، ديوار يا پٽ جهڙي شڪل اختيار ڪئي ته ان کي پٽ سڏيو ويو. جيڪو واهپي ۾ اچڻ سان، تبديل ٿي پٽ ٿيو ۽ جمع پٽون ٿيو. اڳتي هلي، جڏهن هٽرادو مٽيءَ جا ڍڳ نهيا تن کي به پٽ سڏيو ويو. جيئن پٽ شاه يا لطيف جي پٽ، منڊنِ جي پٽ يا منڊر پٽ وغيره.

سنڌ جو ٿر، اٽڪل ٨۴٩٦ چورس ميلن تي پکڙيل آهي. ان جي اتر ۾ هندستان جي رياست جوڌپور ۽ سانگهڙ ضلعي جو کپرو تعلقو، اوڀر ۾ جوڌپور، ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ ۽ اولهه ۾ ٽنڊو باگو، ڊگهڙي ۽ عمرڪوٽ آهن.

ٿر، جيڪو هن وقت واريءَ جي دڙن ۽ ٽبن، ڊبن ۽ ڍِڳن جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو، ڪي اهڙا اهڃاڻ مليا آهن، جن تحت اهو ڪنهن دور ۾ وسندڙ علائقو هيو. خاص طور تي هاڪڙو ندي، جيڪا ”چور يا چوڙ شهر“ وٽان داخل ٿي پاري ننگر وٽ سمنڊ ۾ پوندي هئي. مٿس ساکي جو گڏ، پاري ننگر، ويراواه ۽ پوڏيسر جهڙا شهر آباد هيا. مهراڻ ندي تي وري ڪاروڙو، امراٽو، ڪيجڙياري، نبي سر، نوهٽو، ساموئي/ سامروٽي، ڳاهيار، ونگو، راحموڪي بازار ۽ وڳهه ڪوٽ جهڙا شهر آباد هيا.

ڍور ۽ ڍاڳي، به وهڪرا هيا، جيڪي مهراڻ مان ساموئي ۽ ڪلوئيءَ وٽان نڪري، ٻلهياريءَ وٽ وڃي ڪاري ۾ پوندا هيا. مٿن ويڙهي جهپ، ڏهر ۽ ٻلهياريءَ جا شهر آباد هيا. ٻنهي وهڪرن کي ڀٽائي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي.

جڏهن ڍاڳي ۽ ڍور، ٻئي وجن ٻلهار ۾،
تڏهن تاجڙين تور، هئي جسوڏڻ سين. (سر ڏهر).

اهڙيءَ طرح منيءَ جي آسپاس ۾، ميٺي نديءَ جو ذڪر پڻ ملي ٿو، جنهن تي ڪڙلي ننگر ۽ ڪيرٿي وغيره شهر آباد هيا.

اهڙيءَ طرح پراڻا آثار پڻ مليا آهن، جن ۾ لورڻيون پڻ اهميت رکن ٿيون. مٽن رڱو پهلوانن ۽ جوڌن جون تصويرون اڪريل آهن. ان کان علاوه گوڙيءَ جا ڏهرا، ستي ڏهرا، پوڏيسر، سوراچند، ڪاسبو، وڏهر، ڪيجڙياري، وهارو، امراڻو، سينهوڻي ۽ ٽڳوسر وغيره.

جبلن ۽ ٽڪرين، پٽن ۽ ميدانن واري هن ٿر ۾ ڊبون ۽ ڊنءَ، روهيون ۽ رجون آهن، جنهن سببان اهو مختلف ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. جهڙوڪ: مُهراڻو، ونگو، ولاسو ۽ سامروٽي وغيره.

سدائين سرسبز رهندڙ، هن ٿر اندر، برسات تي ايترا ته گاهه ڦوٽا ڦٽن ٿا جو انهن جا نالا ۽ سڃاڻپ، ٿري ماڻهو به پوريءَ طرح نه ٿا ڪري سگهن. منجهس پاڻمرادو ڦٽندڙ گاهن کان علاوه، اڻ ڌاريل جيوت جهڙوڪ: سيڙهه، لومڙي، هرڻ، ڊوڙ، مور ۽ پيئڻ ٻلائون پڻ جام ٿين.

ٿر منجهه، ٿيندڙ ساوڪ ۽ سرسبزو، ڌارين طرفان ڪاهن جو سبب رهيو آهي. ٻاهرين ڪاهن جا اثر، ٿري تهذيب سان گڏ، ٻوليءَ تي پڻ آهن. ڏاکڻي حصي تي ڪڇ ۽ گجرات جي ٻولين جو ۽ اترئين تي مارواڙ جي ٻولين جو اثر آهي.

تنهن هوندي به ٿر جو علائقو، لوڪ ادب جي لحاظ کان شاهوڪار خطو آهي، جنهن جون مشهور صنفون: ٻول، نوڪ، ساکيون، ڳوڙها هيساريون، اڏيون، پروليون ۽ ڀاڪا چوڻيون آهن.

مان نه ٿريو، نه ٿر جايو آهيان. نه مادري ٻولي ٿري اٿم ۽ نه ئي وري مٽس ڪا مهارت رکان ٿو، پوءِ ڪيئن منجهس ڀاڪن ۽ چوڻين جو ڪتاب لکڻ جي جرائت ۽ جسارت ڪئي اٿم، سو ته منهنجو رب ئو ڄاڻي! جيڪي ڪجهه سنگتين جي صحبت ۽ سنگت مان پرايم يا پراپت پيم، يا اڳي لکيل ڪتابن مان چوندي چايم، سو سارو مال يڪجا ڪري، هڪ ئي پوٽليءَ اندر، ڪتابي صورت ۾ عام آڏو پيش آهي. جيڪو جتان هٿ لڳم، تنهن جو جوڳو حوالو ڏيڻ جي به ڪوشش ۽ ڪاوش ڪئي اٿم.

ٿري ٻوليءَ جي ڀاڪن ۽ چوڻين بابت، پهرين مضمون لکڻ جو ارادو تڏهن ٿيو، جڏهن رامچند سانجهيرا صاحب سان لاڙڪاڻي جي ايامڪاريءَ

دوران ڪچهريون ٿيون. ڪچهرين دوران، صاحب موصوف ڳالهائيندي ڳالهائيندي، مثال ڏيئي سمجهائڻ لاءِ جڏهن چوندو هيو: ”سهتا! اسان جي ٽريءَ ۾ هيئن چوندا آهن!“ تڏهن ڪن ڪڙا ٿي ويندا هيا، پوءِ ان ٽري ڪهاوت يا چوٽيءَ جي وضاحت يا تشريح، لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم، پاڻ-مرادو ئي ٻڌائيندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن، ائين ڪرڻ لاءِ ڪيس التجا پڻ ڪرڻي پوندي هئي. پوءِ وس آهر، مٿس جابول ڪري، وجي پار پوندو هيو. جيتوڻيڪ ان چوٽيءَ بابت گهڻ ۾ گهڻ مقرر ڪيل تصور (Concept) ضرور واضح ٿي ويندو هيو. علمي ادبي شخصيت نہ هوندي بہ پنهنجي ٻوليءَ سان محبت ۽ چاهہ ججهو هيس. جنهن سببان ڪيترا ئي ٽري ڀاڪا ۽ چوٽيون ڪٺا ٿيا. اهي پهرين قسط طور، ماهوار ’ڪينجهر‘ ۾ شايع پڻ ٿيا.

ستت صاحب موصوف جي حيدرآباد بدلي ٿي وئي. ميل ملاقات ورلي ٿيڻ لڳو. تنهن هوندي بہ ٻيءَ قسط جيترن ڀاڪن جي وچور ٺاهي، ڪيسي ۾ رکي هئائين. هڪ دفعي اتي وڃڻ ٿيو. جتان گڏ، ڪراچيءَ بہ وڃڻو هيو. انهيءَ سفر دوران، مڙني جون معنائون ۽ مفهوم سمجهايائين. ٻي قسط بہ ’ڪينجهر‘ ۾ شايع ٿي.

انهن مضمونن جوڙڻ کان اڳ، رائچند رانوڙ صاحب جو لکيل ڪتاب، ’تاريخ ريگستان‘ پڻ نظر مان نڪتو هيو، جنهن مان ٿر، ٽري زندگي ۽ ٽري اٿڻي ويهڻيءَ بابت سڌ پئجي چڪي هئي. ان کان علاوه، جان ڪي ديوي صاحبہ جي ايم فل لاءِ جمع ڪرايل ٽري ڀاڪن ۽ چوٽين تي مشتمل ٿيسز جو مسودو فوٽو اسٽيٽ جي صورت ۾، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري صاحب، پاڻ مُرادو اسد جمال پلي صاحب کان آٽي ڏنو هيو. سو بہ اکين آڏو گذريو. انهن ڪتابن سبب، ٽريءَ جي ڊاٽڪي لهجي سان جڻ هڪ اڻ-لکي مانوسيت ٿي وئي هئي.

اهو ئي سبب هيو جو، ڪچهرين دوران رامچند صاحب جي واتان جڏهن ٽري ڀاڪا ۽ چوٽيون بي اختيار نڪرندا هيا تہ منهنجو ڌيان لاشعوري طور انهن ڏانهن ڪڇي ويندو هيو. نوٽ ڪرڻ لاءِ، ڪيسي اندر موجود، پين ۽ پنو پڻ حرڪت ۾ اچي ويندا هيا.

ٻن مضمونن ڇپجڻ پڄاڻان، اجا وڌيڪ لکڻ لاءِ ارادو ڪيو تہ جان ڪي ديوي صاحبہ جي ٿيسز اندر آيل، ڀاڪن ۽ چوٽين ڪي چندي چاٽي،

سوڌي سنواري، مضمون جوڙجن. ان ارادي سان ان ٿيسز جو مطالعو شروع ڪيم. ان دوران محسن الملڪ خاصخيلي صاحب سان، ذاتين ۽ قومن، پهاڪن ۽ چوٽين بابت خط و ڪتابت ٿي، جنهن ۾ صاحبِ موصوف، ڪيئي ٿري چوٽيون بہ لکي موڪليون، جو سندس تعلق بہ ضلعي ميرپور خاص سان هيو. اهڙيءَ طرح بين ڪتابن ۽ اخباري مضمونن وغيره مان ٿري پهاڪا ۽ چوٽيون پڻ مليا، جنهن ڪانپوءِ مختلف مضمونن لکڻ جو ارادو لاهي، مستقل هڪڙي ڪتاب جوڙڻ ڏانهن ڌيان ڌريم.

وضاحتن ۽ تشريحن وغيره لاءِ گهٽو ٽٽو، رامچند سانجهيرا صاحب جي تشريحن ۽ جانڪي ديوي صاحبہ جي ڪتاب تي اڪتفا ڪئي وئي آهي. ڪن پهاڪن ۽ چوٽين جون تشريحون، هيانءَ جي سجائيءَ تي پڻ ڪيون ويون آهن. چند تشريحات، نور احمد جنجهي صاحب ڪان، محترم ناز سنائيءَ معرفت هٿ ڪيون ويون آهن. ڪن بابت، محترم اشرف سمون صاحب ڪان فون ذريعي پڻ معلومات ورتي وئي آهي. جن پهاڪن ۽ چوٽين بابت وضاحتون نہ ملي سگهيون، تن کي خارج ڪيو ويو آهي.

جڏهن تہ ان دوران، پونم پاسڪل صاحب جي ترتيب ڏنل ”پارڪري ٻولي رئي ڊڪشنرئي“ (پيرهيون چاپو) (جونچ ڪريا تعارف) ناز سنائي معرفت هٿ آيو. پونم پاسڪل صاحب ۽ رچرڊ هوئيل صاحب، ان ڊڪشنريءَ جا مرتب ۽ مؤلف هيا، جيڪا لئنگئيج پراجيڪٽ ڪئٿوليڪ ڊائيوسيس آف حيدرآباد پاڪستان وارن ڇپائي هئي. اها ان وقت، فقط ان لاءِ هٿ ڪئي وئي هئي تہ جيئن ڪن پهاڪن اندر آيل ڏکين لفظن جي معنىٰ ڏسي سگهجي ۽ انهن جي تشريح ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ، نياز سرڪي عودائيءَ وٽان معلوم ٿيو تہ پونم پاسڪل صاحب جو پهاڪن ۽ ڳجهارتن بابت پڻ ڪتاب لکيل آهي. اهو ڪتاب، پونم صاحب ڪيس، وٽس وڃڻ وقت، تحفي طور ڏنو هيو. ڪتاب جو نالو هيو: ”ڳيون رو ڳيت ڌن“ ان جي لفظي معنىٰ هئي: ”ڏاهپ جو لکل خزانو“. منجهس ٥٠٠ پنج سؤ کن ڪيتٽيون يعني چوٽيون پهاڪا ۽ ٢٥٠ کن ڳجهارتون (Riddles) هيون. اهو ڪتاب بہ ساڳئي اداري ١٩٩١ع ڌاري ڇپيو هيو.

نياز سرڪي صاحب واري ڏنل ڏس پتي تي، جڏهن پونم صاحب ڪان ڪتاب گهرايم تہ بنا معاوضي ڏياري موڪليائين. نظر مان ڪڍڻ ڪانپوءِ

حرص وڌي ويو. اول ته ان کي به مضمونن جي صورت ۾، ساڳئي فارم ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيم. پونم صاحب سان فون تي رابطو ڪيم. اجازت پڻ ڏنائين. ڪيس اڳ ڇپيل مضمون موڪليم، جيڪي ڏسي پڻ پسند ڪيائين ۽ اهو به چيائين: "منهنجو پڻ ارادو ائين آهي ته مون وارو ڪتاب به ائين وضاحتن سان اچي."

پونم صاحب، سمورين ڪيٽين کي موضوع وار ورهايو هيو. جڏهن ته منهنجي هن ٽري پهاڪن واري ڪتاب جي ترتيب لغت وانگر الفابيٽ تي ڏنل هئي. اهو ڪرڻ ممڪن ته هيو پر پارڪري لهجي ۽ ڍاٽڪي جي فرق کي عيان ڪرڻ لاءِ هن صاحب ڪجهه اکر واڌارو ڏنا هيا، جنهنڪري مڙني ۾ هڪ جهڙائي نه پئي محسوس ٿي. وري جڏهن ساٽس، رتن آباد ميرپور خاص ۾ سندس اداري اندر، جيمس آباد کان واپسيءَ تي، ملاقات ٿي ته اجا ڪن ڳالهين بابت وضاحتون مليون، جنهن کان پوءِ سندس ان ڪتاب جا پهاڪا ۽ چوڻيون، هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ بجاءِ، مٿن مستقل مقالو لکڻ جو ارادو ڪيم. ان ارادي سان، اهي سموريون ڪيٽيون، هن ڪتاب جي مسودي مان خارج ڪيون ويون. الله ۾ اميد آهي ته ٽري پهاڪن ۽ چوڻين جي ڪتاب کان پوءِ پارڪري پهاڪن ۽ چوڻين تي، موضوع وار ترتيب هيٺ، الڳ ڪتاب قارئين آڏو پيش ڪيو ويندو.

هر هڪ پهاڪي جي وضاحت بعد، ان جي سرچشمي جو هنڌ پڻ ٻڌايو ويو آهي. اهڙي حوالاجاتي وچور، ڪتاب جي آخر ۾ پڻ ڏني وئي آهي. پهاڪن ۽ چوڻين جي ڏسٽي، پڙهندڙن جي سهوليت ۽ آسانيءَ لاءِ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ پڻ رکي وئي آهي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**
٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢
قنبر روڊ- لاڙڪاڻو

# الف

### ١. آپ ڦاٽي، تڏين ٽبڙو نہ اچي. (ڪڇي، پهاڪو)

آپ: اُپ، آسمان، آڪاش. تڏين: تڏهن، تنهن وقت. ٽبڙو: ٽبڙي، اڳڙي، چتي، ٿُن.
چتي يا ٿُن، ننڍي سوراخ کي بند ڪرڻ لاءِ لڳندي آهي. جيئن ڪپڙي ۾ سوراخ ٿئي تہ ان کي ڌاڳي ۽ سئيءَ سان ٿُن لڳي يا ڦاٽل جاءِ تي ڪپڙي-چيوٿ رکي، سڳي سان سبجي.
ان جي پيٽ ۾ آسمان، حد نگاهہ کان پري ۽ تصور کان وڏو آهي. ان جي ديوار جي موٽائي بہ پوري خلاءَ جيتري ٿلهي آهي. منجهس شگاف يا ڪند پوڻ جو امڪان ئي ناهي. البتہ جيڪڏهن تصور ڪجي تہ منجهس سوراخ ٿي ٿو پوي ۽ وري ڪيس ڳنڍڻ يا لنبڻ بہ ضروري تصور ڪجي تہ ان لاءِ ڪتب ايندڙ سئيون ۽ ڌاڳا، چتيءَ لاءِ مال متيريل بہ تصور ڪرڻ کان تمام گهڻو لڳندو، جنهن کي هٽڻ واري مشينن جو اچڻ، ايڏي اوچائيءَ تي وڃي ڪم ڪرڻ وغيره، سوچ سمجهہ جي ممڪنات کان بہ مٿي آهي.
لامحالہ اهو ڪم مشڪل تہ ڇا ممڪن ئي ڪونهي، بلڪ ان جو تصور بہ انسان جي سوچ کان وڏو آهي.
مطلب: ١ - ناممڪن ڪم لاءِ ائين ئي مثال ڏبو آهي.
٢ - انسان جنهن ڪم ڪرڻ ۾ بي وس ۽ لاچار نظر اچي، سو ناممڪن ۽ اپ جا سوراخ، اڳڙين سان بند ڪرڻ برابر آهي.
٣ - اپ ڦاٽي ڪي، اڳڙي نہ پوي.
۴ - ڳيا ڦاٽا ٽبڙي لڳي، آپ ڦاٽي ٽبڙي نہ لڳي. (ڍٽ)
۵ - ڪپڙو ڦاٽي تہ اڳڙي لڳيس، آسمان ڦاٽي تہ اڳڙي نہ پويس. (١) ص ١٦۴

### ٢. آپو روپ سروپ، بن بادل برسي نهين،
### ساڙا گهٽا ئي سپوت، پيڙ پايان سو اپ جيني.
### (راجستان، چوٽي)

آپو: آسمان. روپ سروپ: من موهيندڙ. برسي: وسي.
آسمان جي منظرنامي ۾ پلي ڪيڏي بہ خوبصورتي، چمڪات ۽ ٽڏڪار هجي پر ڪڪرن وارو منظر ڪارائتو ۽ دل لپائيندڙ هوندو آهي. ڇو جو

منجهانئس برسات پوڻ جو آسرو ۽ اميد آهي. ساڳيءَ ريت رشتيدارن ۾ ”سالا“ ڪٽي ڪيترو ئي سپوت چو نہ هجن، پر تڪليف ۾ جتي سڀڳو پاءُ ڪم ايندو، اتي سالا ڪم نہ ايندا.

مطلب: ١ - وقت تي سالي ڪان وڌيڪ پاءُ ڪم ايندو.

٢ - آيا روپ سروپ، بن بادل برسي نهين.

٣ - آيو گهٽيئي روپ سروپ، ڪڪر سواءِ برسي نهين. (٣٥) ص ٢٥٨

## .٣ آپ ري جوڙان، ٻيجان ري ڪوڙان. (چوڻي)

آپ: پنهنجي. ري: جي. جوڙان: ساراھ. ٻيجان: ٻين جي. ڪوڙان: گلا.

فطرتي طور تي، هر ڪنهن کي پنهنجي ساراھ، ڪرڻ ۽ ٻڌڻ ۾، مزو ايندو آهي. ٻئي جي گلا، ٻڌڻ ۽ ڪرڻ ۾، لطف محسوس ڪندو آهي. بظاهر تہ اهي شيون وڻندڙ آهن پر منجهن، اخلاقي توڙي شرعي وڏا نقصان سمايل آهن.

اصل انسانيت اها آهي تہ پنهنجي اجائي تعريف ڪان پاسو ڪجي ۽ ٻين جا عيب بہ نہ اُڪيلجن. ان سان پنهنجي اصلاح بہ ٿيندي ۽ ٻين جي گلا ڪرڻ سان جيڪي دشمنيون وڌن ٿيون، تن ڪان بہ بچي پئبو.

مطلب: ١- مينهن پنهنجي ڪارنهن نہ ڏسي، ڳئونءَ کي چوي: ”هل ڙي! پُڇَ-ڪاري.“

٢ - تنهنجو سو منهنجو، منهنجي کي هٿ نہ لاءِ.

٣ - سڀ ڪنهن کي پنهنجي ساراھ ۽ ٻئي جي گلا وڻندي آهي. (٦) ص ٨٢.

## .٤ آپ سين ڏاڍو، جم برابر. (چوڻي)

جم: موت جو فرشتو.

پنهنجي سر ڪان ڏاڍو، موت برابر آهي. جيئن موت کي روڪي نہ ٿو سگهجي، تيئن پاڻ ڏاڍي کي بہ روڪي نہ ٿو سگهجي. (٣٦)

مطلب: ١ - هٿ جي وڍيءَ جو: نہ ويڄ، نہ طبيب.

## .٥ آپ مرتي، باپ گهر ريو. (چوڻي/ پهاڪو)

آپ: پاڻ. مرتي: مرندي، مئي ڪانپوءِ. باپ: باپ، پيءُ، ابو. گهر ريو: گهوريو، قربان.

هر ساهدار کي، ٻين سان الفت رهي ٿي. ڏارين جي ڀيٽ ۾ مائٽن سان وڌيڪ. مٽ مائٽ يا ذات واري کان وڌيڪ، دلي دوست سان. ان کان وڌيڪ پيءُ ماءُ ۽ ڄڻيي اولاد سان رهي ٿي.
پنهنجو سر ۽ ساهه، مڙني رشتن ناتن کان اجا وڌيڪ پيارو آهي. جيڪڏهن ٻين تي مصيبت آئي آهي ته سندن لاءِ پاڻ پچاڙبو اگر اها مصيبت سِرَ تي ٻه اچڻي آهي ته پوءِ ٻين جو خيال لاهي، پنهنجي سِرَ جو بچاءُ ڪبو.
اهڙي وقت ۽ حالت اچڻ سان، ماڻهو پنهنجي پيءُ مان ٻه هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. ساڻس گڏ مرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو آهي. سِرُ بچائڻ لاءِ اگر، اهو قربان ڪرڻو پيس ته ٻه ڪندو. ڪوشش ڪندو ته هر حال ۾ پنهنجو سر بچي.
مطلب: ١ - پنهنجو سر، هر ڪنهن کي پيارو آهي.
٢ - پاڻ مرندي، پيءُ گهوريو.
٣ - پاڻ مرندي، ڪهڙا سيڻ.
٤ - پاڻ مئي ڪانپوءِ، مري وئي سڄي دنيا.
٥ - پاڻ مئي ڪانپوءِ، سج ايري يا نه.
٦ - پاڻ مئي ڪانپوءِ، ٻي جهاني/ ٻيو جهان.

## ٦. آپ موئي، سرڳ نه ملي. (چوڻي)

آپ: پاڻ يا مان. موئي: مرڻ ڏاران. سرڳ: بهشت.
آپ يا آپو، پاڻ يا مان، تڪبر ڪرڻ يا وڏائي ڪرڻ جي مثال ۾ آهن. جنهن، مان ماري يا ڇڏي، سو هِن دنيا ۽ هُن دنيا ۾ ڪامياب رهندو ۽ دلي سڪون ماڻيندو. جنهن، مان ڪئي يعني تڪبر ڪيو، سو هن دنيا ۾ نه برو ٻچڙو ٿيو ۽ هن دنيا ۾ ٻه خوار خراب ٿيندو. نه دلي سڪون هِت نصيب ٿيندس، نه سڪون سان رهڻ لاءِ هُت ڪو نڪاڻو ملندس.
هتي جو دلي سڪون ۽ اطمينان، هُن جهان جي بهشت برابر آهي. اتي جيڪو دلي سڪون ۽ مطمئن دل سان پهتو، تنهن کي هُن جهان جو بهشت ضرور ملندو.
مطلب: ١ - دلي سڪون، پاڻُ يا مان مارڻ ۾ آهي.
٢ - بهشت تڏهن ملندو، جڏهن مري هن دنيا ۾ پهچبو. جيڪو مرڻ جي نالي کان ڇرڪي ۽ ڪڌن ڪرتوتن ۾ مشغول رهي، سو ته بهشت جو تصور هت دل ۾ نه آڻيندو، پوءِ اهو هُت ڪيئن ماڻيندو؟

## ٧. آج همان، ڪل تمان. (سنسڪرت، چوڻي)

همان: اسين. تمان: توهان.
جڏهن هڪ شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڄڻن ۾ ڊوڙ لڳندي آهي ته هر ڪو چوندو آهي: ”اها مان حاصل ڪيان.“ جيڪڏهن ورهست واري شيءِ، واري وٺيءَ سان ملڻ جو رستو نڪرندو آهي ته به هر ڪو چوندو آهي: ”مان اڳي يا پهرين ونان، ٻيا سڀ مون کان پوءِ وٺن!“
ان جي پيٽ ۾، ورهائجندڙ شيءِ يا موقعو، ڏيهاڙن ورهائڻ سان فيصل ڪبو آهي ته به هر ڪو چوندو آهي ته: ”اڄ وارو مان ونان، ٻيا سڀاڻي وٺن!“
مطلب: ١ - هر هڪ جي خواهش هوندي آهي ته ڪيس هر ڪم ۾ اوليت ملي.
٢ - هر ڪو ڪوشش ڪندو آهي ته محفل جو مهندار پاڻ هجي.
٣ - اوليت، هر ڪو پاڻ کي ڏيندو آهي.
۴ - اڄ اسين، سڀاڻي توهين.
۵ - آج هما، سيان تما.
٦ - اڄ همان، سيان تمان. (١) ص ١٨١

## ٨. آرهاڙ، الڳين الڳين وسي. (چوڻي)

آرهاڙ: آکاڙ، آرهڙ جو مهينو جيڪو جولاءِ ۽ آگسٽ ڌاري اچي. الڳين الڳين: ڪٿي ڪٿي.
آکاڙ يا سانوڻ جا مهينا لاڳيتا آهن. منجهن مينهن، هڪ-ڪرو نه پوندو آهي. هڪ هنڌ ججهو پوندو ته ٻئي هنڌ ڦڙي به نه پوندي. ڪٿي ڪڪر ڪارونيار هوندا ته مينهن جي ڦڙي نه پوندي. ڪٿي ڪڪري پئي ٽلڪندي ته اوچتو ٻوڙان ٻوڙ وارو مينهن اچي ڪڙڪندو.
مطلب: ١ - سانوڻ جو مينهن، مينهن جي هڪ سگ تي پوي ته ٻئي تي نه پوي. (٣۵) ص ١٩٩

## ٩. آسا ڪجي نه آسرو، جوڳي ڪجي نه مِٽ، ٽيا ڪجي نه لاڏلي، توٽي هجي ڪروٽ. (چوڻي)

آسا: جنهن ۾ اميد يا آسرو هجي. ٽيا: زال، گهرواري. ڪروٽ: اونچ-گهراٽي. لاڏلي: دادلي، هجائتي، متي تي چاڙهڻ
١ - جنهن ماڻهوءَ مان ڪم ٿيڻ جي اميد هجي، تنهن جو به نه آسرو ڪجي ۽ نه ئي ڪيس مدد لاءِ سوال ڪجي. ڏيڻ، ڏيئي نه پچارڻ ۽ سوال اگهائڻ

واري ذات فقط هڪ الله جي آهي. انسان ويچارو، ڪنهن نه ڪنهن مجبوريءَ ۾ ڦاٿل ضرور آهي. پلي ڪيڏو به سخي ۽ فراخ دل هجي، چاهڻ جي باوجود به ڪڏهن ڪن اڻ ٽر مجبورين سبب، مدد نه ڪري سگهندو آهي ۽ نتيجي طور دل ۾ ڏک رهجي ويندو آهي.
٢ - جوڳين جو ڏاڪ ڪڏهن ڪِٿ ته ڪڏهن ڪٿ. وهندڙ پاڻيءَ وانگر، هڪ هنڌ قرار نه هوندو اٿن ۽ سدائين رمندا رهندا آهن. اهڙن اڻ ٽانيڪن سان دل لائڻ يا مٽي ڳنڍڻ، سورن سان سڱ ڳنڍڻ برابر آهي.
٣ - گهرواريءَ سان ساري زندگي گذارڻي آهي. ڏکي وقت جو ساٿ نباهڻ لاءِ ضروري آهي ته تعلق اهڙو رکجي، جيڪو توڙ تائين نڀجي سگهي. لاڏ ڪوڏ: جواني، حسن ۽ وقت جي نزاڪت سان ته وڻندو آهي پر هميشه لاءِ برداشت نه ٿي سگهندو آهي. جوڀن يا جواني چُڙڻ پڄاڻان، ناز ۽ نخرو ڪين وڻندا آهن. ان وقت لاڏ ڪوڏ ڪرڻ سان ناتو ٽٽڻ جو امڪان گهڻو رهي ٿو. پلي عورت اوچي خاندان جي هجي، ڪيس ان ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي.
مطلب: ١ - انسان ۾ اميد آسرو رکڻ، مسافرن سان محبت ڪرڻ ۽ زال کي چيڪ چڙهڻ کان پاسو ڪجي. (٢) ص٦١.

## ١٠. آسريس، ڏيسا ڏيس. (چوڻي)

آسريس: اُڀ نکٽ ڪان پوءِ جو اپ ۾ ظاهر ٿيندڙ نکٽ، جنهن ۾ ٿوري گهڻي برسات، ڏيهان ڏيهه پوي. ڏيسا ڏيس: ڏيهان ڏيهه، هر هنڌ، هنڌين ماڳين.
اُڀ نکٽ دوران برسات جام پوي. ان ڪان پوءِ به برسات پوڻ جا نکٽ آهن، جهڙوڪ: وڏو وايو، ننڍو وايو ۽ آسريس.
منگهه/ آد جو نکٽ وٺو ته ملڪ سورنهن آنا آباد ٿيندو، جيڪڏهن ٻنهي واين پاڻ ملهايو ته پوءِ ملڪ پڻ سوايو آباد ٿيندو. پاڇاڻاين وسن سان به سانگيئڙن لاءِ سرهائي ٿيندي. جيڪڏهن واين به چند (ڦڙي) پَٽَ تي نه وڌي ته پوءِ سپ ڪنهن کي وات تي هوندي: "آسريس، ڏيسا ڏيس."
مطلب: ١ - آسريس ۾، ملڪان ملڪ مينهن وسندو.

## ١١. آڪاڙا ٻِيج، واڏرڪا ويچ،
## سوڙها رکو ٻڙڏيا، ڪوري رکو ٻيج. (چوڻي)

آڪاڙا: آڪاڙ، هندي مهيني جو نالو. ٻيج: چنڊ جي ٻي رات يا ٻي تاريخ.

واڏرڪا: بادلن/ ڪڪرن وارو آسمان. ٻڙڏيا: ٻڙڌ، ڏڳو. ويج: وڄ، ڪنوڻ.
ڪوري: پوري، سنپالي، سانديي.
مگسر، روهڻ ۽ آدِ، ٽيئي برسات جا نکٽ آهن. ٽرين کي آدِ ۾ وڏو ويساهه هوندو آهي تہ منجهس برسات ضرور پوندي. جيڪڏهن آدِ جي نکٽ بہ ملڪ کي اوسر ۽ آريج بنايو تہ پوءِ ٽري آڪاڙ جي ٻي رات، آسمان ۾ بادل يا ڪنوڻ کي تڪيندا آهن. اها نظر آين تہ پوءِ پڪ ٿيندن تہ سالُ، سورنهن آنا سولو گذرندو. پوءِ ڏاند ۽ ٻج جي سنڀار کي جنبي ويندا.
ان جي ابتڙ، اگر آڪاڙ جي ٻي تاريخ، آسمان ۾ بادل ۽ ڪنوڻ نظر نہ آين تہ پوءِ دل لاهي ويهندا. ڪليل ۽ چٽي آسمان کي ڏسي چوندا:

آڪاڙ ٻيج، واڏرنا ويج،
پهلي ٻيچو ٻڙڏيا، پاڇي چٻو ٻيج. (ابتو)

يعني، واڏرنا: چٽو آسمان آهي. مينهن ملڪ کان موڪلائي ويو. تنهنڪري ڏڳا بہ گاهہ ڪانسواءِ بک مرندا. ان ڪري پهرين اهي وڪٹو ۽ پوءِ ٻج بہ زمين ۾ ڇٽڻ جي بجاءِ، گهر ۾ کائڻ لاءِ رکي ڇڏجي تہ بقايا سالُ، ٻچن جو پيٽ-قوت ٿي سگهي.
مطلب: ١- آڪاڙ جي ٻي تاريخ، اڀ تي آيل بادل، ٽرين کي اميد جو پيغام ڏيندا آهن. ٻي تاريخ بادل اڀ تي نہ آيا تہ آسرو پلي ويندا. (٣) ص ١٦٤.
٢ - آڪاڙ سُڌ نوم گَهَڻ بادل گَهَڻ ٻيج،
تو نيڙا راڪو ٻَڙڏيا، ڪوري راڪو ٻِيجَ.

## ١٢. آنيو اهي، جيڪي ڪيري ۾ ڪاچن. (چوٽي)

ڪٹڪ جا سنگ، جن منجهہ داڻو پورو هجي پر اجا ڪچو/ نرم هجي يا منجهس ڪير جهڙو پاڻي موجود هجي، ان سنگ کي باهہ تي سيڪي ڏيڻ کان پوءِ، آنيو سڏبو آهي. آنين اندر ڪٹڪ جو داڻو، کائڻ ۾ نرم، منو ۽ سوادي هوندو آهي. ڪچڙا سنگ پٽي، باهہ تي سيڪي، مهٽي ۽ ڦوڪي ڪچڙا داڻا ڪڍي، ليون هٽبيون آهن. پٽڙي يت وانگر، اهي ڪٹڪ جا داڻا، کائڻ ۾ پيا وٽندا آهن ۽ بک واري کي ٻالنگهہ تي ويندو آهي. (٣٥) ص ٢۴٣
مطلب: ١- کائڻ وقت ڪچڙا داڻا ئي آنيو سڏبا آهن.

## ١٣. آنذاريءَ ڏيو ٻري، اڀ ۾ وڄ ڪنوت،
آهر ڦلاري ٻيٺئين، سانولڙي مُک ڏنت،

## پبڻ پسارا ڪيا، اهي پنج ئي ٿهڪنت. (چوڻي)

ڪِنوت: ڪِنوڻ، ڪِنوڻ جو ڪنوڻ. آهر: سرنهن. ڦلاري: ڦلارجڻ، گل جهلڻ.
بيٺئين: پيٽ تي . مُک: چهرو. ڏنت: ڏڙڻ. پسارا ڪيا: لهرا ڏئي.
ٿهڪنت: ٿهڪ ڏيڻ، کلڻ، ڪجڪار ڪرڻ.

١ - آنذاريءَ رات ۾، ڏيئي جو تمڪڻ بہ پنهنجي حيثيت پيو مڃرائيندو آهي. اونداهيءَ واري عذاب کان، آٿت ۽ نجات جو ذريعو پيو بڻبو آهي. گگهہ اوندهہ ۾ ڏيئي جي حيثيت، بر پٽ ۾ بيٺل ڪانڌيري جي ٻوٽي جهڙي آهي، جنهن لاءِ چئبو آهي: جت وڻ ناهي، ات ڪانڌيرو بہ درخت.

٢ - آسمان ۾ وڄ جو چمڪو: ڏکر جي ڏڏيلن لاءِ ڏڍ آهي. تہ وارن لاءِ برسات، پاڻيءَ ۽ سکر سڪائي جو آسرو ۽ پيغام آهي. ڏسڻ سان دل گد گد ٿيندي اٿن.

٣ - ٻيٽ جي مٿان، سرنهن جهڙي فصل جو ٽيڻ، مٿئون ڦلارجي چوڌاري هبس ۽ رنگين نظارو پيش ڪرڻ، ٻيٽ ڪي پري کان پڌرو پيو ڪندو آهي. منظر دل لڀائيندڙ، پرڪشش ۽ اتساهيندڙ هئڻ سبب دل ۾ پيهي ويندو آهي. مٿس پاڻيءَ ۽ حياتيءَ جي اهڃاڻ ملڻ جي اميد تي پوندي آهي.

۴ - سهڻو ماڻهو، فقط ڏندڙا ٽيڙي مرڪي تہ بہ ڏاڍو نهندڙ، وڻندڙ ۽ من موهيندڙ ٿيندو آهي. ڪيس ميڪ اپ ڪرڻ، زيور پائڻ ۽ اوچا ويس وڳا اوڍڻ جي ڪا ضرورت نہ هوندي آهي.

۵ - پبڻ، پاڻيءَ جي ڪڏن ۾ ٿيندي آهي. پاڙ ۾ ٻِهُہ، ڏانديءَ ۾ نڙو، مٿي چوٽيءَ تي ڪنول جو گل ۽ ڏوڏي يا پبڻ جي تڪي ٿيندا اٿس. ڪنول جو گل، ڪني پاڻيءَ منجهہ بہ ٿيندو آهي، جنهن سان بيٺل پاڻيءَ جو نظارو ئي اور تي ويندو آهي.

مطلب: ١ - مٿي ڄاڻايل پنج ئي نظارا، دلڪش ۽ پسڻ جهڙا آهن. (۴) ص ٢۵٢.

## ١۴. آهوران ۾ چريوڙا، پاهوران ۾ ڪٺ چرسئہ؟ (پهاڪو)

آهوران: آهريون، آهرين منجهہ. چريوڙا: چريو يا چڳيو آهي. پاهوران: پاٽوڙا.
چرسئہ: چرندو.

مينهون ۽ ڍڳيون، جهنگ ۾ چرڻ کان علاوه، کلي تي ٻڌي بہ آهر ۾ گاهہ چرن. کين ڪائڻ لاءِ، ٻڪريءَ ۽ رڍ جي پيٽ ۾ گهٽو گاهہ يا ڪاڌو درڪار آهي. انهن کي جهنگ ۾ چارڻ يا آهر پري ڏيڻ بدران، پاٽوڙي جيترو گاهہ ڏبو تہ ڍءُ نہ ٿيندن ۽ پيا پان پان ڪندا.

اهڙيءَ طرح جن ماڻهن، ڪنهن وڏي عهدي تي رهي، وڏا سک ماڻيا آهن ۽ عياشيون ڪيون آهن، تن کي جيڪڏهن اتان هٽائي، ڪنهن ننڍي عهدي تي رکبو، جتي گهٽي ڪم سان گڏ گهٽ پگهار ۽ گهٽ سهوليتون ميسر هجن ته پيا ڪرڪندا ۽ ڪنجهندا. سفارشون ڪرائي، ڳئيءَ-گيس ڪري به اڳي ڪان اڳرو عهدو يا ساڳيو عهدو، سنين سهوليتن سان وٺڻ جي ڪوشش ڪندا.

مطلب: ١ - آسائشن ۾ پلجندڙ، تڪليف ده ماحول ۾ اهنجا ٿيندا آهن.

٢ - جيڪو آهرين ۾ چريو آهي، سو پاٿوڙن ۾ ڪٿان چرندو!

٣ - جن آهرن ۾ ڪاڏو، سي پاٿوڙن ۾ ڪٿي ڪائيندا. (۵)

## ١۵. آهير اچي جهنگا، ٻولي ٻي ڏنگا. (ڀهاڪو)

آهير: پيرسن، وڏي عمر وارو مرد، هاري. جهنگا: جهنگ مان، ٻنيءَ تان.

ٻولي: ڳالهائڻ. ٻي ڏنگا: اُڪٽريل.

اُهير: آهير، آهر، آهيڙي يا اپير، اڻ سڌريل يا جهنگليءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

جهنگ ۾ وڃي هارپو ڪرڻ، شڪار ڪرڻ يا مال چارڻ وارو ماڻهو، اتان جي جيوت سان رهندي ڪندي، سخت لفظن واري زبان ڳالهائيندو آهي. ڪيس جانورن سان ڳالهائڻ لاءِ فلسفي، دليلن ۽ منطق جي ضرورت نه هوندي آهي، چو جو سندس هر ڪم، يَڇين ۽ گارين، لنين ۽ پوندن سان سرانجام ٿيندو رهندو آهي. ان ڪري سندس ڳالهائڻ کهرو ۽ اڻ سڌريل هوندو آهي. هڪڙو ته عمر رسيده مرد، پنهنجي جان مان بيزار هوندو آهي، ويتر جهنگ مان اچي ته پوءِ اچلون ڏئي پيو ڳالهائيندو ۽ کهروارن/ مهذب ماڻهن جي پيٺ ۾، ٻي ڏنگي ٻولي پيو ڳالهائيندو.

مطلب: ١ - اُهير اچي جهنگا، ڳالهائي ٻي ڏنگا.

٢ - ماڻهو اچي جهنگا، ٻولي ٻيڏنگا.

٣ - جهنگ مان ڪک تي آيل سان ايندي شرط ڳالهائبو ته اڏنگو جواب ڏيندو.

۴ - جهنگ جو تتو گهر ۾ نري، گهر جو تتو ڪٿي نري؟

۵ - عقل آهرن جو اصلئون ويو، مگّائن هڪڙو ته پرٽائن ٻيو. (٦) ص ٨٣.

١٦. آئي آڌر نہ ڏئي، نيٽان هوءِ نہ نينهن،
اس گهر مت جائيو، پلا ڏوڏي وسي مينهن. (چوڻي)

نيٽان: نيٽن منجهہ. نينهن: محبت، پيار ۽ پاٻوهہ. ڏوڏي: ڪير جو.

جيڪو ماڻهو هلي آيل ڪي عزت ۽ مانُ نہ ڏئي، تنهن وٽ وڃڻ: وقت وڃائڻ جي مترادف آهي. جيڪو نہ ڪيڪاري ۽ نہ وري اکين ۾ ڪو حياءُ يا پيار پاٻوهہ هجيس، سو ڀلي امير هجي ۽ ان جون ڀليون ڀريل هجنس، تنهن وٽ وڃڻ سان رنج ئي پرائبو. دل جي راحت ۽ سڪون، حاصل ڪرڻ بجاءِ، هتائين وڃائبو.

اهڙو ماڻهو، جنهن جي گهر ۾ ڀلي کير جا مينهن پيا وسن، پر خير عافيت ۽ ڪيڪر نہ ٿو ڪري، اکين منجهہ ناگواري ٿو ڏيکاري، تنهن وٽ وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟

مطلب: ١ - وڃجي تنهن وٽ، جيڪو مانُ ڏئي.

٢ - ويهہ ساڻ تن جي، جيڪي ويهي ٿا ڄاڻن
ويهہ نہ ساڻ تن جي، جيڪي ويهي وقت وڃائين.

٣ - ايندي نہ چوني آءُ ويندي نہ چوني ويهہ،
ٻيو ڪتو ٿي ڏيهہ، جو اچين اڱڻ تن جي. (ڪ) ص ٣٥.

١٧. آئي ڪي آڌر ڏجي، وئي ڪي جيءُ چئجي. (چوڻي)

آڌر ڏيڻ: عزت ڏيڻ، مان ڏيڻ.

جيڪو ماڻهو، مهمان ٿي اچي يا ڪنهن ڪم سانگي لنگهي اچي تہ ڪيس عزت ۽ مانُ ڏجي. هُڏيون ۽ ڇهڙون ڏئي نہ موٽائجيس. مبادا اهڙو ڏينهن پاڻ تي بہ اچي وڃي ۽ پوءِ ٻيڻ تي نقصان ۽ بيعزتي برداشت ڪرڻي پوي. اهڙيءَ طرح، موڪلائي وڃڻ وقت بہ چڱيءَ طرح موڪلائجي. ڪيس سواريءَ تائين ڇڏي اچڻ ۾ سندس تہ شان مان آهي پر پنهنجي بہ عزت آهي.

مطلب: ١ - تڏي آئي، تنگ نہ ٿجي.

٢ - ايندي چوني آءُ، ويندي چوني ويهہ،
ڇڏي سارو ڏيهہ، اڱڻ اچ تن جي.

١٨. آيا اجارين، پريون پاٽيون پٽ سان. (پهاڪو)

هڪڙا ماڻهو طبعًا نڪما، بي چيا، هَڏَ-رَڪُ تہ هوندا آهن پر ڪائڻ مهل خچر يا بگهڙ هوندا آهن. ڏسڻ ۾ ٿلها ٿنيرا، مفت جا مال تاڙيندڙ، ڪائڪ، سُڇر

۽ مانير ٿيندا آهن. ڀلي پنهنجي يا پرائي برادريءَ جو ڪاڄ هجي ته به ڄاڃي ٿيو ٻيڻا هوندا. لُڙُ-ٻَڪيڙو ڪري پيٽن جا پاتوڙا پيا ڪسيندا، گرندا به ۽ گِرندا به. مسيت ۾ ڀلي کهڙي به مذهب وارن جو ختمو هجي، هيءُ پاڙهيا ٿيو هڪيا حاضر. مجال ڪا هڏي يا ٻوٽي ڇڏٽي آهي. ڊائجي نه نڪرن ته ختمو ڇا جو؟

ڪنهن پير جي درگاهه تي، ڪنهن جي ٻه باس يا سک هجي، هيءُ انهن جا ساٿاري ۽ دهلاري. پيٽ سان مٿو هي ڏيندا. ڀلي ڪنهن مندر ۾ اوسر هجي، هيءُ ڪانڌي ٿيو پيا، پيٽ کي ڏڪيندا. ڀلي ڪنهن مندر، ڌرم-شالا يا ٻناري ۾ ڪو سخي مڙس اچي ديڳيون دان ڪري، هيءُ واٽ ونيو ٻيڻا هوندس.

اهڙي قسم جي ماڻهن کي اهي ڏڻ وار، واڇيا پيا هوندا آهن. ڪائنئن اهي گُسڻ ناممڪن آهي. مالڪن ڪان وسري وڃن، هنن ڪان نه. مالڪن کي به هيءُ ياد ڏيارين. مجال آهي جو ڪنهن مڪان يا آڪاڙي، آستان يا اوتاري مان بکيا موٽن. سخين جي اوطاقن جا ته خاص رکوالا ٿيو وينا هوندا. مانيءَ جي ويلي تي ته هُڏيون ۽ هونگرون پيون پوندن، جيستائين وجي ٻن چئن پيٽ جي ٽالهن سان آندي جا وڪڙا سڏا نه ڪن.

مطلب: ١ - ڪتي کي به خبر آهي ته گهٽيءَ ۾ اميرن جا گهر کهڙا آهن. (روسي)

٢ - مفت جي مانين سان، مانير ئي منهن ڏين. (٥ ص:٥١)

## ١٩. اُٻ ڄتو آسرو، موگهان ڄتو ميهه، سَسُ ڄتو ساسرو، ساڙان ڄتو نيهه. (چوڻي)

اُٻ: ڏنڊ يا ڪوهيڙي وانگر اڇا ۽ ڇدا ڪڪر. آسرو: اُميد. ڄتو: هئڻ.
موگهان: گهاٽا ڪڪر، ڪارونيار، ڪارا ڪڪر. ميهه: مينهن، برسات.
ساڙان: سالا ۽ ساليون. نيهه: نينهن، محبت، نباهه.

١ - اُبَ جهڙا هلڪا ڪڪر، اگر آسمان ۾ الهندي ڪان اپرندي، ٽڪڙو ٽڪڙو ڊوڙندا ويندا ته ٽري منجهانئن برسات جو آسرو نه سمجهندا. ان جي برعڪس، ڪارا ۽ اڇا ڪڪر، هڪڙا اتر-اوير ڏي پيا ويندا ۽ ٻيا ڏکڻ-اولهه ڏي پيا ويندا، جن کي موگهون چون. اهي ڪارونيار جهڙيون موگهون، برسات جو سبب بنبيون آهن ۽ منجهانئن وڏي پلر پالوٽ ٿيندي آهي.

٢ - جيستائين سس جيئري آهي، تيستائين ساهرو گهر بہ جڻ گهر آهي. سس جي مرڻ پڄاڻان، سندس نُهر، گهر-ڌياڻيون ٿين ٿيون. نڻان ۽ سندس مڙس، تن جي گهر ۾ ڌارين وانگر هوندا آهن. سالن سان جيترو بہ چڱو هلبو، اوترو دوستن وانگر محبت ۽ قرب ڏيندا، ٻيءَ صورت ۾ نباهڻ لاءِ انهن ۾ بہ ٿيو خير.

مطلب: ١- هر هڪ مان، سندس وس، رشتي ۽ تعلق آهر آسرو/ اميد رکڻ گهرجي.

٢ - آسمان ۾ جڏهن اُڀ ٿيندي ۽ موڳهون منهن ڏيکاريندو تہ سمجهيو ويندو تہ هاڻي بارش ايندي.

٣ - اپ جتي آسرو، موگهان جتي ميهہ،
ساسو جتي ساسرو، ساڙا جتي نيهہ. (٦) ص ٨٦.

٤ - اُڀَ تائين آسرو، موگهان تائين ميهہ،
ساسُو تائين ساسِرو، سالان ڪوُڙو نيهہ.

٥ - آڙنگ تہ آسرو، مونگهان تتي مينهن. (آڙنگ: گهٽ پوسٽ.) (٣٥) ص ٢٣٦

٦ - سس ريءَ وڻن نہ ساهرا، ساليءَ ريءَ سُهين نہ نينهن،
چندِ ريءَ چا جي راتڙي، ڪڪر ريءَ وسي نہ مينهن. (٥)

## ٢٠. اُڀ ۾ تُڪيو، منهن منجهين آئين. (پهاڪو)

اُڀ: آسمان. تُڪيو: ٽڪ اچلائڻ. آئين: اچي.

اپ يا آسمان، متي ٿئي ٿو. اوڏانهن اڇلايل/ موڪليل شيءِ، ڌرتيءَ جي ڪشش ثقل سبب، جلد ساڳي جاءِ تي، ساڳئي وزن ۽ زور سان واپس موٽي اچي ٿي. وات منجهان ڪيڏو بہ زور سان، ٽڪ متي اڇلائبي، گهڻو متي تائين ڪا نہ ويندي. جيتري بہ ويندي، اتان واپس ايترو تيزيءَ سان موٽندي، جو هينان بينل ۽ ٽڪ اڇلائيندڙ، پاڻ بچائڻ لاءِ اتان پٺي نڪرڻ جيتري مهلت بہ نہ ماڻي سگهندو آهي.

اهڙيءَ طرح، پاڻ ڏاڍن سان، نفرت جو اظهار ڪرڻ يا بي ادبي ڪرڻ وارا پڻ، سندن موٽ جي عتاب ۾ جلد ايندا آهن. پاڻ وڏن سان ڪيل بي ادبيءَ جي پاداش کان بچڻ بہ چاهين تہ پڇي ڪين سگهندا آهن.

مطلب: ١ - پاڻان وڏي جو ادب ڪجي.

٢ - پاڻان وڏي جي بي ادبي/ گستاخي ڪرڻ وارو، جلد سزاوار ٿئي ٿو.

۳ - جو اپ ۾ تڪ اڇلائيندو، سو منهن ۾ پائيندو. (۵)

۲۱.      اتران مينهن چڙهيو تہ وسيو. (چوڻي)

اتر طرف کان آيل ڪڪرن منجهان مينهن ضرور وسندو آهي. منجهانئن نڪرندڙ ڪنوڻ يا گجگوڙ، جيڪا ڪڪرن جي اچڻ جي اڳواٽ خبر ڏئي ٿي، سا مينهن جي وسڻ جي بہ پڪي خبر ڏئي ٿي. اتر مينهن سان آيل وڄ ۽ گوڙ ڪوڙيون يا پوئتي پوندڙ ناهن هونديون.

مطلب: ۱ - اتر جو مينهن ورلي چڙهندو آهي، اگر اتر کان اٿيو تہ پوءِ پوندو ضرور. (۳۵)

۲۲.      اتر ڪنوڻ اُپڙيئي نہ، اپڙي تہ نو ڪنڊ پري،

باڊو مينهن ٽڪي ئي نہ، ٽڪجي تہ مري،

پلي آڪڙُي ئي نہ، آڪڙي تہ چئن پيرن جهري،

شاهہ پرسي وچن سنچري ئي نہ، سنچري تہ پري. (چوڻي)

اُپڙيئي نہ: پوي ئي نہ/ اُپري ئي نہ. باڊو مينهن: بدي مهيني جو مينهن.
آڪڙي ئي نہ: ٽاٻو يا ٽيڙ نہ ڪائي . جهُري: جهُرڻ، زخمي ٿيڻ.
شاهہ پرسي: مڙساڻو قول، مڙساڻي زبان. سنچري: سنجري، جاڳي

۱ - اتر جو مينهن تر ۾ ورلي وسندو آهي. جي وسي پيو تہ ايترو وسندو جو نَو ڪنڊ يعني سموريون ترايون، سَرَ ۽ ٽويا پري ڇڏيندو.

۲ - بدي جي برسات وسندي ٽڪجندي ناهي. جيڪڏهن ٽڪجي بند ٿي تہ صفا ختم ٿي ويندي، وري نہ وسندي. مطلب تہ: يا لاڳيتي وسندي رهندي يا بلڪل ختم ٿي ويندي.

۳ - پلي مينهن يا ڊگهي، هلڻ مهل ٽاٻو نہ کائيندي آهي. جيڪڏهن کاڌائين ۽ پيرُ يا کُر ٿڙيس تہ پوءِ چار ئي ٽنگون ٽڙي ويندس ۽ پٽ تي وڃي ڪرندي.

۴ - مڙس ماڻهو، جهٽ واعدو نہ ڪندو آهي. جڏهن ڪندو آهي تہ پوءِ سوچي سمجهي، اڳ پٺ جاچي ڪندو آهي ۽ واعدو نباهڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏيندو آهي.

مطلب: ۱ - مٿي بيان ڪيل چار ئي شيون ٿيڻ مشڪل آهن، وري جڏهن ٿين تہ باقاعدي ٿين. (۲)

### ٢٣. أُناۂ مڙيئي ڀلا. (چوڻي)

أُناۂ أُني يا وُني جو جمع. مينهن جو وسڻ، برسات جو پوڻ.
ٿر اندر رڳو ريت ئي ريت آهي. ريتيءَ يا واريءَ ۾ پاڻي چوهڻ ۽ سانڍڻ جي صلاحيت جهجهيري هوندي آهي. جيترو بہ پاڻي منجهس پوندو، بنا خراب ٿيڻ جي، واريءَ اندر جذب ٿيو بيٺو هوندو. ان سان، نہ طبعي طور، واريءَ جي مقدار ۾ واڌ ايندي ۽ نہ وري پاڻيءَ جي نيڪال سان، واري سوس ڪائيندي. مٽيءَ اندر، اها صلاحيت آهي تہ پاڻي پوڻ سان ڦوندڊ ڪائيندي ۽ حُجم ۾ واڌ ايندس. پاڻي نڪرڻ سان، سوس ڪائي، ڦوٽيون ڏيندي. منجهس پيل پاڻي بہ خراب يا ٻاڙو ٿيندو آهي.
ٿر اندر جيئن تہ واري جام آهي، ان ڪري منجهس ندي/ نهر ناهڻ، پاڻي ۽ صلاحيتون ضايع ڪرڻ جي برابر آهن. جنهنڪري ٿرين جو گذران، ڦري گهري، برساتي پاڻيءَ تي ئي ٿئي ٿو. جيترو برسات پوي، ان سان ڪو بہ نقصان ناهي. فائدو ئي فائدو آهي. جر پربا، ترايون ۽ ٽوبا پربا. نديون، نالا تي وهنديون. فصل ڄاپندا ۽ مال جو گذران سنو ٿيندو. ان ڪري، ٿرين لاءِ برسات، ڪهڙي بہ قسم جي هجي، مانيٽو مينهن هجي يا اوهيرا ڪندڙ، مڙيئي ڀلي آهي.
مطلب: گهرجائوءَ کي، ضرورت جي شيءِ جيتري بہ ملي، اوتري ٿوري.

### ٢٤. اٺ: بي پتي ذات. (چوڻي)

هڪڙي ڪارسر جي رٻاري جي اٺ، وڳ مان ٽٽي وئي. سڄي جوءِ هٽي، پارڪر اچي بيهي رهي. پر نہ تہ ڪٿي پير لڳو ۽ نہ وري ڪو ڏس، ورهيہ گذري ويو. انهي ڪانپوءِ ڏس پيس. اهڙي اٺ ساڪرئي ۾ رول ڏسائي ٿي. هيءُ جُتي هٿ ۾ ڪري، اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ رسيو.
جيئن اٺ بي پتي ذات، اهين اوناري بہ بي پتا. سو وڳ ۾ ڇڏڻ جي بدران اچي رٻاري کي ڇڏيئون وڳ جي پيرن تي. رٻاري کي چيائون: جي تو هن وڳ جي پيرن مان، پنهنجي اٺ جو پير سڃاڻي وئين تہ ملندي. سؤ انين جا پير، رٻاري هڪڙو گهمرو پيرن کي ڏنو، وري ٻيو گهمرو ڏنو ۽ ٿئي گهمري تي، لٺ سان هڪڙو پير ليڪي، چيائين: هيءُ آهي منهنجي اٺ جو پير. پوءِ اتان، انهيءَ اٺ تي ڪيائين ٻڙهو، اچي رات پيٽ ۾ ڪارسر مان نڪتو.
مطلب: ١ - جت، بي پت، مار گهت يا اڳون لاتي وت.

٢ - جيئن اٺ بي پتي ذات، ائين اوناري پڻ بي پتيا.
٣ - جٹُ سچائيءَ تي چڙهي ته ڪڙه تي ڪير پياري. (٣٠)

٢٥. اٺ پارتو ڪٽو، ٽِنا ڏيڻ ۾ ته ڪو نه گيو. (پهاڪو)

پارتو: بار، وزن. ٽِنا: ٽٽ، ريح
هر ساهدار، ڪاڏو ڪائي ٿو ۽ پاڻي پيئي ٿو. سندس پيٽ ۾ ڪاڏي ۽ پاڻيءَ جي آميزش رهي ٿي، جنهن جي چرپر ۽ آخر ۾ نيڪال به ضروري آهي. قدرتي طور، انهيءَ پاڻيءَ-گڏيل ڪاڌ خوراڪ ۾، گيس پڻ پيدا ٿئي ٿي، جيڪا ڪاڏي کي فُضلي جي صورت ۾ ڌڪيندي رهي ٿي. ڪڏهن اها گيس گهٽ ته ڪڏهن وڌ ٿيندي رهي ٿي. اٿڻ ويهڻ يا چرپر سان پاڻمرادو به خارج ٿئي ٿي. رات جو آرام ڪرڻ يا بند جاءِ تي ويهڻ سان وقتي، گيس جي چرپر بند ٿئي ٿي ته اها پيٽ ۾ جمع ٿيندي رهي ٿي. اها اوچتي چرپر يا آڪسيجن واري ماحول ۾ اچڻ سان، نڪاءُ ڏئي خارج ٿئي ٿي، جنهن کي ٽِٽ چئجي ٿو.
ٽٽ ڪڏهن ڪڏهن، پيٽ جي ڪمزوريءَ سبب به اچن ٿا، جيڪي محفل ۾ اچڻ سبب، ٻين جي نظرن ۾ خوار پڻ ڪن ٿا، ڪمزوري ظاهر ڪرڻ جو سبب بنجن ٿا. وزن ڪڻڻ يا طاقت استعمال ڪرڻ واري موقعي تي اگر ٽٽ نڪري ويو ته به ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي ۽ خواري پڻ. ان جي برعڪس اٺ ڪائي ئي ليون لاٽا ٿو، جنهن سبب سندس پيٽ ۾ گيس ججهي ۽ بدبوءِ واري پيدا ٿئي ٿي. سفر تي هلڻ لاءِ ڪيس انن ڏينهن جي گذاري جيترو پاڻي به پيٽ ۾ پري ڪٽو پوندو آهي، جنهن سبب پيٽ ۾ پيدا ٿيل گيس کي گردش ڪرڻ لاءِ گنجائش گهٽ ٿي رهي. تورو هلڻ تي، خالي يا لڏيل صورت ۾، گئس ٽٽن جي صورت ۾ خارج ٿيندي رهي ٿي. اهو هڪ فطري عمل آهي، ان ۾ سندس ڪمزوري ۽ خواريءَ جو عنصر شامل ناهي.
اٺ جو مکيه ڪم آهي بار ڪڻڻ. جڏهن بار متس لڏيل آهي ۽ هو آسانيءَ سان کنيو ٿو وڃي ته پوءِ اگر ٽٽ ڏئي ٿو ته ان ۾ ڪيس فطري آزادي ميسر هئڻ گهرجي. ٽٽن ڏيڻ کان ڪيس دٻائجي نه.
مطلب: ١ - اٺ تي وزن پلي وت آهر رکجي پر سندس ٽٽ نه منجهائجي.
٢ - نوڪر کان نوڪريءَ جو ڪم ونجي پر فطري تقاضائون پوريون ڪرڻ ڏجنس.
٣ - پيٽ پر، پني لڏ. (٥)

### ٢٦. اٺ پريو بہ رڙي تہ سڪٽو بہ رڙي. (پهاڪو)

رڙي: رڙيون ڪري، رنيي.
اٺ، وڏو قدآور ۽ بار ڍوئڻ جي لحاظ کان، مضبوط وهٽ آهي. ان هوندي بہ اگر مٿس بار لڏبو تہ بينو رڙندو، اگر لاهبس تہ بہ پيو رنيندو. رنيڻ ۽ رڙڻ، اٺ جي عادت يا فطرت ۾ شامل آهي. پنهنجي انهيءَ جبلتي ڪيفيت جو مظاهرو، پٽڻ تي، بيٺڙيءَ ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ وقت، وڏو ڪندو آهي. جيستائين باقاعدي ڪٽڪو نہ ڪائي، تيستائين بيٺڙيءَ تي اصل نہ چڙهي.
مطلب: ١ - اٺ تي بار پوي نہ پوي، رڙندو ضرور.
٢ - اٺ پريل بہ ڪُرڪي، سڪٽو بہ ڪُرڪي.
٣ - اٺ جي وات ۾ لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، کنڊ وجهہ تہ بہ رڙي. (پهاڪو)

### ٢٧. اٺ تڏهين تي رڙيا، جڏهين بورا تي سباٽا. (پهاڪو)

اٺ، هڪ هنڌان سامان ڍوئي، ٻئي هنڌ پهچائڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. مٿس سامان ڍوئڻ لاءِ بورين، بورن يا بوجهن ۾ بند ڪري، پوءِ لڏبو آهي. بورين جي پيٽ ۾ بورن اندر گهٽو وزن يا سامان پوندو آهي. چار پنج بوريون، اٺ-پنيءَ پلاٽي چڙبيون تہ ڏيهاڙي ڏهہ ويهہ ڪوهہ ڪرڻ پڄاڻان بہ مٿس ڪر نہ ايندي. پلي هفتو گاهہ پاڻي نہ مليس، تہ بہ پيو هلندو رهندو. اٺ جي قد جي پيٽ ۾، بہ بورا بہ ڳؤرا ٿيندا آهن. وزنائتي هئڻ سان گڏ، ڍگها بہ هوندا آهن، جيڪي هلڻ وقت اٺ جي پيٽ سان گسندا هلندا آهن ۽ کيس هلڻ ۾ پڻ اهنجائي ڪندا آهن.
جڏهن ڏٽين باردانا ڪيي، منجهانئس بورا جوڙي، سامان سان پئي پريا تہ پر ۾ بينل انن کي سُجهيو پئي تہ: نيٺ اهي کين ئي ڪٽٽا آهن، تنهنڪري اڳوات ئي پئي رنييا ۽ رڙيا.
مطلب: ١ - تڪليف پهچڻ کان اڳي، جن کي پِرون پئجي ويندا آهن، سي رڙيون پڻ ڪندا آهن.
٢ - تڪليف پهچڻ کان اڳي، تڪليف پهچڻ جا آثار شروع ٿيندا آهن. سياٽا ماٺهو، آثار ڏسي ئي تدارڪ ڪرڻ لاءِ رڙ واڪو شروع ڪري ڏيندا آهن.
٣ - جڏهن بورا تي سبيا تہ گڏهن تي رنو. (ٽر) (٨)

### ٢٨. اُٺ ٿئي بيحال، واجهائي وڳ لئہ. (پهاڪو)

اٺ، وڏو وهٽ آهي. ان هوندي به وڳ سان گڏ هوندو ته قرار هوندس ۽ هڪ هنڌ بيٺي، جهنگ چرندو. وڳ کان ڌُتو ته پيو واجهائيندو ۽ ڏوڙندو، رڙندو ۽ رينگندو. چرڻ ئي وسري ويندس. وڳ لاءِ واجهائي، پيو راڙوراڙ ڏوڙندو. ڏوڙي ڏوڙي، پاڻ کي بيحال ڪري ڇڏيندو. (٣٥) ص ٢٥٠

ان جي پيٽ ۾ ٻڪري ۽ رڍ وغيره ننڍڙا ۽ ڪمزور ساهدار آهن. اهي اگر ڌڻئون ڌار ٿيا ته ضايع ٿي ويندا.

مطلب: ١ - گڏجي رهڻ ۾ ڪمزور جانور به قرار سمجهي ٿو. وڏو جانور پڻ اڪيلو رهڻ ۾ سڪون محسوس نه ٿو ڪري.

٢ - جنهن جي تانگهه هوندي آهي، ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ، فطرتي طور تي هر ساهدار بيقرار هوندو آهي.

٣ - وڳ يا ويڙهي کان وڇڙيل، ويڳاڻو لڳو وتندو آهي.

## ٢٩. اٺ جو اٽڻ ڪونهي، ياڙي جي صفائي. (پهاڪو)

جڏهن رستن جا جار وڇايل نه هيا، تڏهن زميني سفر، اٺن ۽ خچرن، گڏهن ۽ گهوڙن ذريعي طئي ٿيندا هيا. اٺ ته خاص ڪري، انهيءَ سفر لاءِ اهم هيا. چو جو اٺ، اٺن ڏينهن تائين، بنا کاڌ-پيت جي، سفر ڪري ويندا هيا. ان کان علاوه، اٺ ٻنهي ڪمن ۾ ايندا هيا: سواري ڪٽڻ ۽ بار لڏڻ لاءِ. سواريءَ ڪٽڻ واري اُٺ کي مهري ۽ بار برداريءَ واري کي لاڏو سڏيو ويندو هيو.

ٻنيءَ کان مارڪيٽ تائين، مارڪيٽ کان ڪم جي هنڌ تائين، آند-نيند اٺن ذريعي ٿيندي هئي. اهو ئي سبب هيو جو اونار، پنهنجا وهٽ-وانا، تازا توانا رکندا هيا. بيمار وهٽ، پاڻ به تڪليف ۾ ته سوار ۽ سئيس به تڪليف ۾. ان ڪري ڪير به بيمار ۽ ڪراڙو وهٽ نه رکندو هيو.

اگر ڪير بيمار وهٽ رکندو هيو ته سواري ڪرڻ وارا به سندس سواريءَ کي اڳ ۾ جاچيندا هيا. اگر سواري ڪين سني لڳندي هئي ته سلالو معاوضو ڏئي ياڙي تي ونندا هئا. اگر ڪين نه وڻندي هئي ته اڌ-ڳيدي ياڙي تي به نه ونندا هيا. اگر اهڙي سواريءَ جو مالڪ، ڀَو ٽتان ته متان سواريءَ جي تڪليف پڄاڻان، سوار ياڙو نه ڏين، اڳوات ياڙو چڪائيندا هيا. اهڙي هڪ اونار لاءِ متيان لفظ چيل آهن.

مطلب: ١ - ڪم ڪرڻ جي صلاحيت نه هجي ته معاوضو اڳوات نه طلبجي.

٢ - دڪاندار سودو نه سلي، گراهڪ چي: "اٽل ڏي!"

## ٣٠. اٺ جي چاڙهيءَ کي به لعنت، لاهيءَ کي به لعنت. (چوٽي)

ٽر جون کي پٽن جون قطارون ڏنگيون، ڦڏيون ۽ سلاميءَ واريون به آهن. منجهائن ٿهيل لنگهن/ لڪن مان مسافر رستو ڳولي ڪيندا آهن. هڪڙي لڪ مٿان جت/ اوٺار چڙهندا آهن ته اڳيان وارين پٽن جي قطار منجهان لنگهندڙ لڪ کي به نظر ۾ رکي، پوءِ هِن لڪ تان لهندا آهن.

ڪن موتمار پٽن تي چڙهڻ وقت، اڪثر اٺ ويچاري جون ٽنگون پيون ٿِڙڪنديون آهن. آزمودگار جت، اٺ کي لڪ تي سڌو چاڙهڻ بدران، ٽارو ڪري، پاسي کان چاڙهيندا آهن. اٺ ويچارو هڪ هڪ قدم ڪري چڙهندو هلندو آهي ۽ ناسن ۾ ساهه پرجي ويندو اٿس. جَتَ ۽ سوار مسافر جو، ساهه مُٺ ۾ هوندو آهي. ٻنهي تي هيبتناڪ خاموشي ڇانيل هوندي آهي ۽ اٺ جي خاني ۾ وينل پنهنجي بدن کي مضبوط جهلي ويهندا آهن.

جتان مٿانهين شروع ٿئي ٿي، اتان ڪان وني پٽ جي چوٽيءَ تائين، چاڙهيءَ کي چاڙهه چئبو آهي، جيڪو ڏاڍو ڏکيو آهي، اٺ چاڙهه ۾ ايڏو اولو نه هوندو آهي، جهڙو ڏوراڻ ۾.

مطلب: ١ - چاڙهه تي چڙهڻ ۽ لاهه تي لهڻ، ٻئي اٺ لاءِ اهنجا آهن ۽ مسافر لاءِ پڻ پريشان ڪن مرحلا آهن.

٢ - ٽر آهي ٻر، پٽون آهن پوٽ، اجا هڪڙي چڙهان ئي ڪين ته ٻي ڪدي تي ٻوٽ.

٣ - اٺ جي لاهيءَ چاڙهيءَ تي لعنت.

٤ - اٺ تي چڙهڻ ۽ مٿانئس هيٺ لهڻ، ڏکيا عمل آهن. (٩) ص ١٨.

## ٣١. اٺ جي چوري، پکي ۾ نه لڪندي. (ڦاڪو)

اٺ جي چوري: چوري ڪيل اٺ. پکي ۾ لڪڻ: ننڍي جاءِ ۾ لڪڻ.

اٺ تمام وڏو وهٽ آهي. ڪيس هڪ هنڌ ٻڌي ويهارڻ، ڏاڍو اهنجو ڪم آهي. پيو رڙندو، گجندو ۽ گوڙيون ڪندو. ان کي اگر ننڍڙي جاءِ ۾ لڪائبو ته پاڻ کي ظاهر ڪري بيهندو. جڏهن ته چوري ٿيل شيءِ ڦبندي تڏهن آهي، جڏهن اها ڪٿي لڪي يا ٿمي. اٺ جهڙي آفت، نه لڪي نه ٿمي. پوءِ چوري ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

مطلب: ١ - تمام وڏو ڏاڙو، پڻ لڪي ڪين سگهندو آهي.

٢ - جيڪا ڳالهه، پڌري ۽ ڳهڻ ڪنن تي پيل هوندي، سا دٻائي نہ سگهبي.
٣ - اٺ جي چوري پڪي ۾ چا لڪندي؟ (سنڌ)
۴ - وڏو وهٽ، ننڍڙي جهوپڙيءَ ۾ لڪائي نہ سگهبو.
۵ - اٺ جي چوري، پکي ۾ تورو ئي لڪي. (لاڙ)

## ٣٢. اٺ نہ ڪڏي، اٺ جو اوناري ڪڏي. (پهاڪو)

ڪُڏي: لڏي، نچي. اوناري: اونار، اٺ جو سوار، جَٽُ.
اٺ، انوکي جسماني بناوت وارو وڏو وهٽ آهي، جيڪو ٿر جي پٽن ۽ ريگستان ۾ چڙهيءَ يا سواري ۽ بار برداريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي. هلڻ وقت، پاڻ تہ سڌو هلندو نظر ايندو آهي پر مٿس وينل سوار، ٽپا کائيندو يا ڪڏندو نظر ايندو آهي. اُهو سمورو لقاءُ اٺ جي عجيب جسماني بناوت سبب آهي.
مطلب: ١ - وڏيري کان وڌيڪ، سندس نوڪر معتبري ۽ رعب رکندا آهن.
٢ - ڏاچي هٽي ڏهہ، توڏي هٽي تيرنهن. (۵)

## ٣٣. اٺ واري اڪڙو، ٻڪري واري ڪڪڙو. (چوٽي)

اڪڙو: اڪ جو ٻوٽو. ڪڪڙو: وونئڻ، ڦٽيون، ڪپهہ، ڪپهہ اندر ٻج
اڪ، کير سميت کارو آهي. هٿ لائڻ واري کي بہ، سندس کير لهسي وجهندو آهي. پن چباڙڻ جو پڻ تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. ڪيس ٻيا جانور بہ گهٽ کائين. مڙني جي پيٽ ۾، اٺ ڪيس چاهہ سان کائي. ٿر جي علائقي ۾ اڪ جام ٿئي. اٺ جيڪو هفتن جا هفتا اڃ بک تي هلي، جڏهن ريگستان ۾ اڪ ڏسي تہ منجهانئس پنهنجو قوت ڪيو وجي. ڪيس ٻالنگهہ بہ ٿئي ۽ سفر بہ سولائيءَ سان طئي ڪري وجي.
ٻڪري وري، وونئڻن جي فصل کي پسند ڪري. ڪچا ڏيلهو شوق سان رڙڪي کائي. وونئڻن جي پيلاڙي وقت، وونئڻن جا پن، اڻ-ٽڙيل ڏينو يا گوگڙا چڪي کائي. ڊؤ بہ ڪري ۽ کير ۾ بہ ٿڻ سِگوهجي وجنس.
مطلب: ١ - اٺ لاءِ اڪ ۽ ٻڪريءَ لاءِ وونئڻن، مرغوب غذائون آهن.
٢ - هر ڪو مرغوب غذا کي ڳولي ٿو.
٣ - اٺ ميلي آڪڙو، ٻڪري ميلي ڪاڪڙو. (٨)

### ٣٤. اٺ، ويسوني ڪائي ته انڊو ٽئي. (چوڻي)

ويسوني: ٽر ۾ ٿيندڙ ٻوٽي، جيڪا ڀٽن جي نرم زمين ۽ ڏهرن جي سخت زمين ۾ اپري. ڪٿي ڪٿي ڏهرن ۾ جام اپرندي آهي. هيءُ ٻوٽو ڏيڍ فوٽ کان ڊگهو ٿئي. هن جا پن سون مکئيءَ کان ڪجهه ننڍيرا ٿين. ڏانڊيءَ ۾ ٻنهي پاسي کان پنن جون قطارون هونديون آهن. منجهس عمدا ڳاڙهي رنگ جا گل ٿيندا آهن. ڪچي هوندي آهي ته ڪيس فقط رڍون ۽ ٻڪريون کائين. اُٺ ڪو نه ڪائي، جي ڪائي ته چون ٿا انڊو ٽي پوي.
پڪي ٿيڻ بعد منجهس سائي رنگ جون چپڙيون، ڪمان وانگر وريل ڦريون ٿين، جن ۾ ٻج هوندو آهي. ان مهل اٺ ۽ ڍڳيون به کائينديون آهن.
مطلب: مال متاع ڪي به فائدي/ نقصان وارا گاهه سُجهندا آهن. (١١) ص ٨١.

### ٣٥. اٺ ۽ پٽ، ڪاري رات جو به ڪم جا. (چوڻي)

١- اٺ اڳڻ ۾ ٻڌل هجي ۽ مٿان ڪاري رات هجي. اگر اوناري جهيڪاري، ٻڙهو ڪري پوئين چونڪ ۾ وينس ته ڪنهن نه ڪنهن پيٽيءَ رسائڻ ۾ وسان ڪو نه گهٽائيندس.
٢- پنهنجي پيٽ جو ڄڻيو پٽ هوندو ۽ ڪاري رات جو اٿاري اگر ڪيڏانهن روانو ڪبس ته ورندي ڪو نه ڏيندو. هئين يا هونءَ به نه ڪندو. هليو ويندو ۽ ڪم نباهي موٽندو.
مطلب: اٺ ۽ پٽ، وقت پئي جواب نه ڏيندا. (٣٠)

### ٣٦. انين پيڙهيءَ اٺ جي، گهوگهٽيو ماسات. (پهاڪو)

اٺ ۽ گهوگهيتو، ٻئي ساهدار آهن. جڏهن ته اٺ وڏي جثي وارو هڪڙو وهٽ ۽ عجيب الخلقت مخلوق آهي. ان جي برعڪس گهوگهيتو وري پنهنجي خول ۾ بند، زمين تي هلندڙ، هڪ ننڍڙو جيت آهي. ٻنهي جي جنس ۽ هيئت ۾، زمين ۽ آسمان جيترو فرق آهي. سواءِ ساهدار هئڻ جي، ٻنهي منجهه ڪا به هڪجهڙائيءَ واري خوبي ناهي. تنهنڪري، ٻنهي جو پاڻ ۾ سڳ سياپو هئڻ، ممڪن ئي ناهي.
اهڙيءَ طرح ڪي ٽرڙي طبيعت جا ماڻهو، جڏهن پاڻ کان حيثيت ۾ تمام وڏن ماڻهن سان مِٽي وجي ڳنڍيندا آهن، تڏهن کين ان مثال سان ٽوڪي چُپ ڪرائبي آهي.
مطلب: ١ - غير جنس سان، مٽي مائٽيءَ وارو رشتو هئڻ، ناممڪن آهي.

٢ - انين پيڙهيءَ اڻ جي، ماڪوڙو ماسات.
٣ - هي پهاڪو، اڪثر ڪري، ڏيک يا چٽر طور استعمال ٿيندو آهي.

## ٣٧. اُنيون، آهن سون منيون، پر جي وس ٿئي. (چوڻي)

اُنيون: وڻيون، وسيون، برساتيون. اُنيون: ڏاچيون، انڙيون. وسي: برسات پوي.
١ - ٿر جي علائقي ۾ ڪئنال وارو سرشتو نہ هئڻ سبب، زمين جي پئداٿش برسات جي پاڻيءَ تي ٿئي. برسات وسي تہ سون جي منين مثل، زمين مان اپت ٿئي. پاڻمرادو ڦٽندڙ ڏٿ، مال متاع ۽ ماڻهن لاءِ جياپي جو سبب ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو چوندا آهن: ”وسي تہ ٿر نہ تہ بر“ يا ”ٿر آهي ٿڻ تي نہ ڪ ڪڻ تي.“
٢ - ٿرين وٽ، نر اڻ جي پيٽ ۾ مادي اُٺ/ ڏاچي/ اُنڙي وڏي ڪمائتي آهي. شرط اهو آهي تہ برسات جام پوي. ڇند ڦُڙيءَ جي نتيجي ۾ للر لاٽا وغيره پاڻمرادو ڦٽي پوندا آهن، جيڪي اُٺ لاءِ اڪسير آهن. خوب چرڻ سان، کير مکڻ جام ٿين، جن تي ٿرين ويچارن جو گذران ٿئي. برسات سان ڪٽڪ، جوئر ۽ ٻاجهري وغيره تہ عام خاص نہ ٿين پر مال لاءِ چارو جام ٿئي، جنهن سببان مال ۾ ويم ۽ کير جام ٿئي. واڙا/ وٿاڻ مال جي ڦرن سان ۽ چونئريون/ ساڙهيون/ رَڇ وغيره کير سان ڀرجيو وڃن. ولوڙا ۽ مکڻ پڻ جام ٿين.
مطلب: ١- اُنڙيون/ برساتيون، ٿرين لاءِ ذريعہ معاش آهن.

## ٣٨. اٽي سامهون اٽو، ڪارو نڪو ڪٽو. (پهاڪو)

اڳاٽي دور ۾ واپار، اڪثر ڪري جنس جي بدلي جنس سان ٿيندو هيو. اَنُ ڏئي شيون، وکر يا مال وٺبو هيو. اهڙي واپار ۾، ابوجهہ ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڦرجي ويندا هيا. چالاڪ واپاري، پنهنجي توري جنس جي بدلي، ابوجهہ خريدارن کان گهڻي جنس وٺي ويندو هيو. تنهنڪري اهڙو واپار ڪرڻ ۾ ٻاڳيا بہ پيا ڪيٻائيندا هيا. يا واپار ڪرڻ وقت، مٿن مائٽن منجهان ڪن ڄاڻو ۽ ڏاسو ماڻهن سان وڃي رابطو ڪندا هيا يا ڪين رهبر طور ڪٽندا هيا.

کن واپارن ۾، انَ جي بدلي انُ هوندو هيو ۽ ماپ تي طئي ٿيندو هيو ته ان ۾ ڪير به کس نه پائيندو هيو. ڪٽڪ جو مڻ ڏئي جوَن يا جوئر جو مڻ وٺڻ ۾ ابوجهه ماڻهو به نيائي ويندا هيا.
اهڙيءَ طرح اگر، اٽي جي بدلي اٽو ونبو/ ڏبو هيو ته به ڪا ڏر کس نه پائيندي هئي.
مِٽي مائٽي ڪرڻ ۾ اگر غير جنس جي بدلي سڱ ڏبو ونبو هيو ته ڪا هڪ ڏر ان ۾ به کس پائيندي هئي. جيئن مينهن يا چار ٽڪا ڏئي سڱ وٺڻ ۾ به ڪڏهن وٺندڙ ته ڪڏهن ڏيندڙ کس پائيندو هيو. ان جي برعکس، اگر ڏيڻ وارو به جوان عورت ڏئي ۽ وٺڻ وارو به بدلي ۾ جوان عورت جو سڱ ڏئي ته اهو سودو يا مِٽي، گهوڙي ڪن برابر وانگر، نقصان ڪان آجا سمجهيا ويندا هيا.
مطلب: ١ - انصاف واري واپار ۾ ڪنهن به ڌر کي کس نه هوندي آهي.
٢ - بدي کي بندوق.
٣ - پيٽيو: ڪنو وٽي، وهه جي وٽي.

## ٣٩. اپت اوپر خرچ ڪرٽا، بيچ ۾ بولٽا، ندي ڪارو نير،
## گهر ۾ نارِ ڪُنار، ڪلچٽو بيلي، پانچي ڏهت سرير.
## (چوٽي)

نار: عورت . ڪُنار: ڪلچٽي، اڙانگي، بدڪار. ڏهت سرير: ڳٽتيءَ جو ڪارڻ.
١ - اپت/ ڪمائيءَ ڪان وڌ، خرچ ڪرڻ تي هٿ هيربو ته آخر پڇتائٽو/ پنٽو پوندو.
٢ - ڪچهريءَ دوران، به ڄڻا پاڻ ۾ ڪنهن معاملي تي بحث ڪندا هجن ته، وچ ۾ ٽپو ڏيئي نه ڳالهائجي. اڻ سمجهيو پرائي معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ سان، اڳلن کي ته بيزار ڪبو پر پاڻ لاءِ به مصيبت پئدا ٿيندي.
٣ - ندي/ نالو، جنهن ۾ ڪارو پاڻي وهي، سا به ڪنهن ڪم جي ناهي. ان جو پاڻي پيئڻ ۽ وهنجڻ لاءِ ته ڇا پر زراعت ۽ ماهيگيريءَ لاءِ به ڪم نه ايندو آهي.
٤ - بدڪار عورت گهر ۾ هوندي ته گهر جي ساک ئي ڦٽائي ڇڏيندي.
٥ - بداخلاق نوڪر به، ڳٽتيءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿو.

مطلب: ١ - ٻڌايل پنجن ئي ڳالهين کان پاسو ڪجي، ٻيءَ صورت ۾ ڳٽتيءَ ۾ ڳري وڃبو. (١٢) ص ١٤٨.

## ٤٠. اڃي جي نهاري، زال هٽي ٻهاري، تہ سڄ وڃي اُهاري. (چوڻي)

نهاري: ناهري، هندي مهيني جو نالو، جيڪو ڊسمبر ۽ جنوريءَ ڌاري ايندو آهي.

ناهريءَ جي مهيني اندر، ڏينهن تمام ننڍا ٿيندا آهن. رات ڊگهي ۽ وڏي سيءَ واري ٿيندي. گهر اندر ٻهاري ڏيندڙ عورت، رڳو ٻهاري ڪٽي اڃا ڦريو ڪيندي ئي ڪا نہ تہ ڏينهن ئي پورو ٿي ويندو. وري رات جي سرديءَ کان بچاءَ لاءِ ڪيس تياري ڪرڻي پوندي آهي.

مطلب: ناهري: نمي ڪڻ ٻهاري، تہ وڃي سڄ اوهاري. (٣٥)

## ٤١. اڃا ڏِتا ري پريت نہ جاءِ. (چوڻي)

اڃا ڏِتا ري: اڇن ڏند جي، مرڪي ڏسڻ جي.

انساني سڀاءَ ۾ فطرتاً اها ڳالهہ سمايل آهي تہ مرڪي ڏسڻ واري ڏانهن مائل ٿي پوندو آهي. پوءِ ڀلي مرڪي ڏسڻ وارو، دوست ۽ مٺ هجي يا نلهو واقفڪار يا اڻ واقف هجي.

دوستي ۽ ناتي جا ٻہ ٽي طبقا ٿيندا آهن: گهاٽي دوستي، کل کل واري دوستي ۽ واقفيت. گهاٽا دوست، زندگيءَ ۾ ٻہ چار هوندا آهن. ساڻن دل جا راز اوريا آهن. وقت پوڻ کان اڳ ۾، سندن ڪم اچبو آهي. يا اهي ڊڪي اچي ساٿي ٿيندا آهن. هڪ ٻئي جي پرگهور، پنهنجي جان وانگر لهندا آهن.

کل کل وارا دوست، گهاٽن دوستن جي ڀيٽ ۾ گهڻا هوندا آهن پر ساڻن راز نياز جون سموريون ڳالهيون نہ ڪبيون آهن. ڪي ڳالهيون، جيڪي سندن مزاج مطابق آهن، وقت پوڻ تي ڪبيون آهن پر ڳالهين جون موشگافوين، موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان سنڀالي چئبيون آهن. جيئن کل کل واري سنگت قائم رهي ۽ ڪنهن ننڍڙي لغزش سبب، ڇڄي نہ پوي.

واقفڪار، کل کل وارن دوستن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا هوندا آهن. تن سان مرڪي تہ ملبو آهي پر ساڻن ڳالهائبو واقفيت جي حدن اندر رهي آهي. ساڻن نہ گهرگهلو ٿبو آهي ۽ نہ ئي راز نياز جون ڳالهيون سلبيون.

مطلب: ١ - وس وينديءِ، دوستن يارن کيءِ، پڇڻ يا ياري ڇنڻ جا موقعا نہ ڏجن.
٢ - منهن لڳڻيءَ ڪان وڃجي پر منهن پڪڻيءَ ڪان نہ وڃجي.

## ٤٢. اديءَ کي ڪن نہ پٽڪ، ادو عشق ۾ انڌو. (پهاڪو)

پُٽڪ: سٽس، ٻاپور، اشارو.
عشق، تڏهن ڪامياب آهي، جڏهن ٻہ-طرفو هجي. هڪ ڌر جي اندر آنڌمانڌ هجي ۽ ٻيءَ کي جن ڪن ٻہ نہ هجي، انهيءَ کي عشق نہ چئبو آهي. عشق ۽ مشڪ، لڪائي نہ لڪندا آهن. پر انهن جو اظهار اگر وقتائتو ۽ سهڻي نموني سان ڪجي تہ بهتر آهي. پاڻ-مرادو هلي جڏهن ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪيل عشق، ڦاٽندو آهي تہ پوءِ وڏي خرابي پيدا ٿيندي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عشق جي بازي، ڪجهہ عجيب آهي. جن هارائي، تن ساري عمر رنو. جن کٽي، تن ساري عمر پڇتايو.
مطلب: ١ - عشق ۾ انڌو تجي پر منظورِ نظر کي اشارتاً ڪنايتاً ڄاڻ ضرور ڏجي.
٢ - اديءَ کي جن نہ ڪن، ادي کي عشق انڌو ڪيو.
٣ - اديءَ کي اير نہ پير، ادي جن کي عشق آذرت ڪيو. (ساهتي)
٤ - ادي کي جنين نہ ڪنين، اديءَ کي عشق انڌو ڪيو. (لاڙ)
٥ - سورائٽڻ سور، اڻ سورائت سان اوريو،
هن جو بنجهر نہ پريو، هوءَ وڃي پئي وهلور،
پرايائين پور، اڳي ڪان ٻہ اڳرو. (هندي)
٦ - سوريتيءَ ڪنهن سور، اڻ سوريتيءَ سان اوريا،
هن جو پنجر ئي نہ پري، هوءَ وڃي پئي وهلور.

## ٤٣. اڌ-سکي وديا ڏهي، ڏهي ڪُبُڌي وِيرَ،
## ڪُل-هيڻ ڪامڻي ڏهي، چنتا ڏهي سرير. (چوٽي)

اڌ-سکي: اڌورو سکيل، اڌوري ڄاڻ. وديا: علم، ڄاڻ. ڪُبُڌي: بدمعاش، نڳ.
سُبڌي: سلڇڻو. وير: پهلوان. ڏهي: ڏڌي، ڏڌڻ، اهنج رسائي، ڏهنت، ڳٽيءَ ۾ وجهي. ڪامڻي: عورت، دوشيزه. چنتا: ڳٽتي، پريشاني، ڳارو. سرير: جسم، بدن.

**ڪُل-هيڻ:** پنهنجي آکهه جي عزت نه ڪندڙ (ڪُل: آکهه، ڪٽنب، خاندان. هيڻ: هيٺو، ڪمزور)
۱ - اڌورو سکيل علم، ماڻهوءَ کي نقصان ڏيندو آهي. پوري تعليم سان جاڻ وڌندي آهي ۽ اها تعليم نفعي بخش پڻ ٿيندي آهي. بهتر آهي ته جيڪو به علم حاصل ڪجي، پورو ۽ پوريءَ طرح حاصل ڪجي، ٻيءَ صورت ۾، اڻ جاڻ هئڻ ئي نيڪ آهي. جيئن چوندا آهن: نيم حڪيم خطره جان، نيم ملان خطره ايمان.
۲ - پهلوان مڙس، اگر بدمعاش ٿيندو ته ساڻس اڳلا نه پڄي سگهڻ جي صورت ۾ سندس پائرن کي تڪليف ڏيندا. بدمعاش جي بدمعاشي، سندس پائرن جي ڳٽيءَ جو سبب بڻبي. بين ماڻهن مان ايڏو خطرو نه پيو پائنبو، جيترو بدمعاش پهلوان مان پيو پائنبو. ان جهڙو نقصانڪار ڪو به نظر نه پيو ايندو.
۳ - ڪمزرو خاندان جي عورت، خاندان جي عزت لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجندي آهي. پنهنجي حسن ۽ سونهن سوڀيا سبب، ٻين کي پاڻ ڏانهن پئي ڇڪيندي، جڏهن ته سندس ڪمزور مائٽ، سندس سنڀال ۽ بچاءُ نه ڪري سگهندا ۽ پيا پريشان ٿيندا.
۴ - ڳٽي، انساني جسم کي ڳاري ڇڏيندي آهي. ڇو جو ڳٽيءَ جهڙو ڳارو ڪونهي، خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي. ان ڪري ڳٽي نه ڪرڻ گهرجي.
**مطلب:** ۱ - مٿي ٻڌايل چار شيون، سِرُ ڪٽنديون دير نه ڪنديون، تنهنڪري ڪائنڻ ٽارو ڪرڻ گهرجي. (۱۲) ص ۱۴۳.

## ۴۴ . اڌي ڏوڙ ۾ گڏي، ڏوڙ پراٽي، اٽي هاٽي. (پهاڪو)

**اڌي:** وڏي، ايري. **گڏي:** گُڏي. **پراٽي:** لٽي، چندجي هيٺ ٽي.
ٽر اندر برسات تي، پاٽمرادو ٿيندڙ ڏٽ ۾ ڪنيي پڻ آهي. برسات ڪان پوءِ ٻن ٽن ڏينهن اندر، ڪنيي جام ڦٽندي آهي. بشرطيڪ اس به جام نڪري. جيستائين زمين پوسل واري هوندي، گرمي ۽ اس نه ملندس، تيستائين ڪنييءَ جو نڪرڻ مشڪل آهي.
ڪائڻ واري ڪنييءَ جا ٻه قسم آهن.
۱. هيٺ ڪانيءَ وانگر، مٿي مٿو بيدي وانگر گول ۽ اڇو ٿئيس.
۲. هيٺ سنهڙي ڪانيءَ وانگر، مٿي مٿو گول ۽ اڇو ٿئيس.

سندس عمر وڏ ۾ وڏ، ٽي يا چڪي چڪي چار ڏينهن ٿيندي آهي. انهيءَ سببان سندس لاءِ ٽري ائين چون:
”اڏي ڏوڙ ۾ ڳُڏي، ڏوڙ پراٽي، اتي هاٽي“
سندس ٿوري عمر لاءِ هڪڙي سگهڙ پڻ چيو آهي:
”پهرئين ڏينهن صغير، ٻئي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نہ قبولي.“
مطلب: ١ - دنيا جو چٽڪو، چار ڏينهن.
٢ - حياتي، جلد ڪٽيو وڃي.
٣ - ڏوڙ مان چاول، جلد ڏوڙ ۾ وڃي. (٨)

## ٤٥. اڍائي مڪڙ، وهين جو قوت. (پهاڪو)

مڪڙ: ٻاڙهسرو جيت، فصل تي جهجهي انداز ۾ حملو ڪندڙ.
وهيو: ڪبر جهڙو ڪاري ميري رنگ جو پکي، گهڻو ڪري جيت کائي.
مڪڙ کائڻ ۾ حلال، ذائقيدار ۽ سٺيا پڻ آهن. پکين کي چڳڻ ۾ تہ وڻن پر ماڻهو بہ کين پڪڙي پچائي کائين. وهيو پکي تہ مٽن اصل عاشق آهي. ماکڙ جا ٻہ اڍائي مڪڙ مس چچري کائي سگهندو آهي جو سندس پيٽ پرجي ويندو آهي. وڌيڪ جي گنجائش نہ هوندي اٿس، تنهن هوندي بہ وڏو وس ڪندو آهي. آخر، کائي تہ نہ سگهندو آهي پر کين ماري، ڍير ضرور ڪندو آهي.
مطلب: ١ - هر ساهدار جو پيٽ، محدود مقدار جو ڦُوت سمائي سگهي ٿو.
٢ - نوريئڙي جي مهماني: ٻہ ٻير.
٣ - ڪُئي جي مزماني: ٻہ ٻير.

## ٤٦. ارهہ ستاٽي ڪامٽي، مرد جوين گت،
## سوئر سڳا ڪڍيا، شينهن پهرين سٽ،
## ٽري طبيلا چٽي، اهي پنج ئي مي مت. (چوڻي)

ارهہ ستاٽي: بالغ ٿيڻ، ڇاتيون نڪري اچڻ، بلوغت جون نشانيون ظاهر ٿيڻ. ڪامٽي: سترنهن ارڙهن سالن جي دوشيزه. جوين گت: ساماڻجڻ.
سڳا ڪڍڻ: سڳ ڦٽڻ. ٽري: گهوڙي. مي مت: طاقت ۾ مست.
١ - نوخيز دوشيزه جو بالغ ٿيڻ، مستيءَ ۽ طاقت کان خالي ناهي. جوانيءَ جي پور ۾ پهچڻ کان پوءِ، جسم ۾ هنڌان هنڌان پئي ڦاٽندي آهي. سندس

هر انگ، هر رنگ ۾ پيو ڳالهائيندو آهي. مستيءَ ۾ ڪيس، دنيا جهان جي خبر نہ پوندي آهي. ايڏي طاقت هوندي اٿس جو، زور ڪي زور جهلي.
٢ - مرد بہ جوانيءَ ۾ مستانو ٿي پوندو آهي. مُک ڀِڪندڙ ۽ جسم ٺهندڙ ٿي پوندو اٿس. جوانيءَ ۾ گونهن بہ ڦولارجي پوندو آهي. اهڙيءَ طرح مرد بہ نڪرجي نروار ٿي پوندو آهي.
٣ - سوئر ڪي تازو سڱ ڦٽي تہ مستيءَ ۾ زمين اکيڙي ڦٽي ڪندو آهي.
۴ - شينهن، شڪار تي پهريون وار، وڏي طاقت ۽ جولان مان ڪندو آهي. سندس حملي جي زد ۾ آيل مينهن بہ، پهرئين ڌڪ سان هلي پوندي آهي.
۵ - گهوڙي جڏهن طنبيلي ۾ ڪائي پي ماچ ڪندي آهي، تڏهن نڪرڻ وقت سندس وک اڏام واري هوندي آهي. مستيءَ ۾ ايڏي تہ چور هوندي آهي، جو لڳندو آهي تہ سندس پير پٽيءَ تي ناهي. هوائن سان ڳالهيون ڪندي، ڏوڙ اڏايون پويان ڇڏيون ويندي آهي.
مطلب: ١ - پنجن شين ڪي، جوانيءَ/ چڙواڳيءَ ۾ وڏي مستي هوندي آهي.
٢ - مرد نڪرندي مسڙي، استي ارهہ سٽ،
سوئر سنگها ڪڍيا، شينهن پهرين سٽ،
تازي طنبيلان ڇُٽي، اهي پنج ئي مي مت.
٣ - سوئر سنگها ڪڍيا، ڪيهر جهليو گهٽ،
ارهہ چڙهي استري، پانچاريو کهڪٽ،
مس گهيرندو گهوٽيو، اهي پنج ئي مي مت.
۴ - سوئر سڱيون ڪوڙيون، شينهن بہ ڦڙي رت،
مڙد بہ مَسان لٿيون، مهري مينديءَ ڳُتَ،
تازي طنبيلين ڇُڙيا، اهي پنج ئي مي مت.
۵ - پيٽيو: رهہ گهڙندو گهوٽيو، پانچاريو کهڪاڻ،
سوئر سڱان ڪڍيا، شينهن مک ماراڻ،
استيءَ اروهہ سٽ، پنج ئي مي مت. (١٢) ص ١۴۵.

## ۴٧. استوشي براهمڻ ۽ سنتوشي راجا، ناس ٿين ٿا. (چوڻي)

استوشي: ناشڪر. سنتوشي: ٿوري تي راضي رهندڙ.
براهمڻ ڪي ڏک سک ۾ شاڪر ۽ صابر رهڻ گهرجي. ڪروڌ ڪندو تہ ڪير بہ وٽس وڃڻ پسند نہ ڪندو. سندس پت وائکي ٿي پوندي ۽ مذهبي

پيشوا هئڻ جي ناتي، ماڻهن جو منجهانئس عقيدو ۽ اعتقاد ختم ٿيندو ويندو. آخر اڪيلو ٿي ويندو ۽ پيشوائيت بہ ختم ٿي ويندس.
اهڙيءَ طرح بادشاهہ کي ٿوري سلطنت تي راضي رهي، هٽ هٽ تي رکي ويهڻ نہ گهرجي. بلڪ ملڪي حدن کي وڌائڻ لاءِ ڪيس جتن ڪرڻ گهرجن. فوج کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ، ملڪي سرحدن تي نظر رکڻ گهرجيس. موجوده حدن جي حفاظت ڪندي، ڪيس اڃا حدون وڌائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. سست ٿي ويهندو تہ سندس ملڪ جي حدن تي شورش برپا ٿي ويندو. اڳيون حدون قائم نہ رهندس. هٿائين سُسي، گهٽجي ويندس. مٿئون، ملڪ ۽ جان، هٿان وڃڻ جو خطرو لاحق پڻ رهندس.
مطلب: ١ - برهمڻ کي ماڻهن جي دل وٺڻ لاءِ، ڏک سک ۾ شڪر ڪرڻ گهرجي.
٢ - راجا کي ملڪي سرحدون وڌائڻ لاءِ، ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪرڻ گهرجي. (١٣)

### ٤٨. اصل چوري، منڊ ۽ جوئا،
### پر گهر رلي ڪامڻي، ڪتر ڳانءِ سُوئا،
### پنج ئي رهن موئا. (چوڻي)

اصل چوري: چوري ڪندڙ خود. منڊ: جادو. پَرگهر: پراون گهرن ۾.
ڪامڻي: نوجوان زال. ڳانءِ: ڳئون. سوئا: تازي وڀايل.
١ - چوري ڪندڙ ماڻهو، ننڍي ڪڙڪي ڪان بہ پيو ٿهندو.
٢ - جادوگر کي هر وقت هرکر هوندي آهي تہ ڪٿي سندس ڦند ظاهر نہ ٿي پوي.
٣ - جوئا جو ڪم بہ گهر جا ٿپڙ نيلام ڪرائي، جهڳي تي ٽانڊو رکڻ برابر آهي.
٤ - پراون درن تي نوجوان زال رلندي تہ مڙس جي بدنامي جلد ڪرائيندي. اهڙي زال جي مڙس کي، دل ۾ وڍ ئي وڍ هوندا.
٥ - ڪتر ڳئون، سوئا هئڻ جي باوجود، کير جي تولي لاءِ مالڪ کي سڪائيندي. ٻيءَ کي ڍُهي ڪيس ڏهبو تہ لت هڻي پنهنجو ڏڌو تہ هاريندي پر ٻيءَ کي بہ ڪاريندي.
مطلب: ١ - پنج ئي حالتون اداس ڪندڙ آهن.
٢ - پيٽيو: امل رس، ڏاڪڻ منڊ، چوري ۽ جوا،
پر-گهر هيندي ڪامڻي، اهي پنج ئي رهن موئا. (١٢) ص١٤٨

### ۴۹. اڪ اينڌڻ، جو توڻ، ڪرڪٽيون پتار،
### اتلا اوگن مت ڏي، ٻيلي پون ڪلتار. (چوڻي)

اينڌڻ: ٻارڻ . توڻ: ڪاڌ خوراڪ. ڪرڪٽيون: ڪرڪندڙ. پتار: مڙس. اتلا: اهڙا. اوگن: اوگڻ، عيب. پون: زمين. ڪلتار: مالڪ، پالڻهار. مَت: نہ. ٻيلي: دوست.

۱ - اڪ جي ڪاني ٻرڻ وقت، بدبودار دونهون ڇڏيندي آهي. مٿانئس کهڙي بہ ٿانءَ: نڪر، ڪنجهو يا جست ۾ ٻوڙ يا چانور رڌبو يا مٿانئس ماني پچائبي تہ ڪاڌي ۾ ساڳي بانس ڪنيو ويندي ۽ اهو ڪاڌو ڪائي ڪين سگهبو. ڪائڻ وقت اپڙڪ ۽ اوڪارا پيا ايندا.

۲ - جون جي ماني، لذيذ گهٽ ٿئي. خشڪ ۽ پُوسي پري ٿيڻ سبب، زود هضم آهي ۽ هر هر بڪ لائي. ڪائڻ واري کي پيٽ پري ڪائڻ وارو ڏوُ، نصيب نہ ٿيندو.

۳ - جيڪڏهن مرد گهر ۾ گهپي ۽ ڪروڌ ڪندو تہ زال ويچاري، جيڪا پيڪن مان نڪرڻ پڄاڻان ساهرين گهر ۾ سدائين پاڻ کي اوپري ۽ مهمان پئي سمجهندي آهي، سا تہ پاڻ کي ڏاڍو ڏکيو پائيندي.

مطلب: ۱ - مٿي بيان ڪيل ٽي عذاب، شل ٻئي جهان ۾ نہ هجن. (۴)

۲ - اڪ ٻارڻ، جو توڻ، ڪرڪريو پتار،
چنجهي زال، ٺمٽو گهر، پنج ئي آزار. (چوڻي)

۳ - اڪ ٻارڻ، جو توڻ، گهاٽو تر،
ڇدو ڳيهون، ڪپوتر ويا، پنج ئي نہ ٿيا. (چوڻي)

### ۵۰. اڪ رو ڪيڙو، اڪ ۾ سمائي. (پهاڪو)

رو: جو. سمائي: ماپي، نهي، سونهي، رهي.

اڪ: ڪارو ٻوٽو آهي. سندس کير جسم جي جنهن حصي تي لڳندو تہ ڇُٽو نهي پوندو. ڪاني ٻاربس تہ بدبودار دونهون ڪندي، جنهن مٿان رڌل ڪاڌو ڪائي ڪين سگهبو.

اهڙي اڪ منجهہ رهڻ، ڪيڏو نہ ڏکدائڪ ۽ اذيتناڪ هوندو. تنهن هوندي بہ منجهس اڪ مڪڙ وغيره پيدا ٿين ٿا، جيڪي رهن ۽ پلجن بہ منجهس ٿا. اهي اگر اتان لڏي ٻئي هنڌ ويندا تہ مري ويندا.

خدا تعاليٰ جنهن کي جنهن ماحول ۽ حال ۾ پيدا ڪيو آهي، ان کي ان ۾ ئي رهڻ گهرجي. سندس جياپو، اتي رهڻ ۾ ئي آهي. حالات سان منهن

ڏئي رهجي، ڀاڙي تي ڀجڻ ۾ موت آهي. ٽري ٻه ٻڪ ڏک ۾ تر ۽ ان جي ذڪر وارين حالتن کي نه ڇڏيندا آهن. ٻئي حالتون سندس پيٽ ۾ ڀاڻ پيل هونديون آهن.

پنهنجي وَت، وَس، هَٿَ ۾ ٻوٽي آهر اٽجي، ويهجي ۽ ٻاهر قدم ڏگهيڙجي. انهيءَ ۾ جياپو ۽ سونهن آهي. (۳۵) ص ۲۱۷

مطلب: ۱ - جنهن ماحول ۾ مالڪ پيدا ڪيو آهي، ان ۾ شڪر صبر سان رهجي.

۲ - پرايا محل ڏسي، پنهنجي پونگي نه ڊاهجي.

۳ - اڪ مڪڙ، اڪ ۾ ئي سونهي ٿو. اگر گلاب جي گل تي وجي ويهندو ته گلاب جي گل جي خوشبوءِ ڪيس ڀانءِ نه پوندي ۽ نه وري سندس ويهڻ سبب گل ڏانهن ڪير تڪڻ جو به سوچيندو.

۴ - ٻانهي ۽ ٻائي، پڪي سونهي پانهنجي.

۵ - اڪ جو ڪيڙو، اڪ ۾ ئي سمائي.

٦ - ٽري، تر ۾ ئي رهي سگهندو. ٻئي هنڌ پلي وڏا سک هجن پر انهن جاين تي جالڻ ڏکيو تي پوندس. (٦) ص ۸۰.

## ۵۱. اڪ ننگ ڇپي نهين، ڪوڙ انيڪ ڏرم اپايا،
## رڻ ڪيتر ۾ رجپوت ڇپي نهين، ٽري ڇپي نهين ٻاگ اٺايا،
## چنچل نار کي چال ڇپي نهين، نين ڇپي نهين نينهن لگايا،
## تارن کي اوٽ چندر ڇپي نهين، سورج ڇپي نهين بدل ڇايا،
## گهنگهور ۾ مور ڇپي نهين، داتا ڇپي نهين گهر منگت آيا،
## جوڳي روپ انيڪ پيا، ڪرم ڇپي نهين ڀيوت لگايا. (چوٽي)

۱ - ننگ، نراڙ، مهاندو، ڊونگ ڪرڻ يا ڀهروپ ڌارڻ سان ڪين لڪندو آهي.

۲ - وڙهڻ يا جنگ ڪرڻ، راجپوتن جي ستيءَ ۾ پيل آهي. ڪين ان سان وندر ۽ ورونهن آهي. جنگ جي ميدان ۾ لهڻ ڪان پوءِ، راجپوت پري ڪان پڌرو هوندو.

۳ - ٻلي گهوڙيءَ کي، واڳ مان ونڻ جي دير آهي. لَڪڻ هٽڻ جي ضرورت ئي نه پوندي. منزلون هٽي ويندي، پر ستائيندي ڪين.

۴ - ٻاهر پيري، چڪر ڏنڊي، ٻاڪرڪُٽي، لوڙها ٽپڻي، پاليسي باز، ٻر ٻٽي، هست رنگي، تيرنهن تالي، ڪپا چٽي، رنڊي، ڪسبياڻي، ڪڄري وغيره پنهنجي چال مان پڌري هوند ي آهي. وڪ ڪٽڻ سان ڪمزور دلين کي گهايون ويندي آ.
۵ - ڪروڙن تارن جي وچ ۾، چنڊ لڪي ڪين سگهندو.
٦ - ڪيڏا ٻـ گهاٽا ڪڪر آسمان تي پيا ڦرن، پر سج کي ڍڪي ڪو نـ سگهندا.
٧ - مور لاءِ برساتي موسم، ناچ ۽ ٿهڪڻ جي موسم آهي. گوڙ جا ڏڏڪا هجن تـ ٻـ مور جي ٿهوڪڻ کي لڪائي ڪين سگهندا.
٨ - سخي مرد وري، مگڻهار، منگتي ۽ فقير آڏو لڪي نـ سگهندو. پنهنجي سخاوت واري فعل سان، پاڻ کي ظاهر ڪري وجهندو.
٩ - جوڳڪا روپ ڪرڻ يا پيوت لڳائڻ سان ماڻهوءَ جي اصليت لڪي نـ ويندي. اميراڻو ٻار، ٻيوت لڳائڻ کان پوءِ ٻـ سخاوت/ مهربانيءَ کان ڪين مڙندو.
مطلب: ڪنهن جون ٻـ خوبيون لڪي نـ سگهنديون آهن. (٢) ص ٢٢٣.

## ۵٢. أڪرين ۾ مٽا وجهبا تـ مهرين ڪان چو ڊڄبو. (پهاڪو)

اڪري، اَنَ چنڊڻ لاءِ نڪر جو نهيل ٿانءُ آهي. منجهس اَنُ وجهي، مهريءَ جا ڏڪ هڻبا آهن تـ ڏڪ لڳڻ تي اَنُ هيڏي هوڏي ٽِڙي نـ ويندو آهي، بلڪ اڪريءَ جي پاسن سان لڳي، وري هيٺ ساڳئي هنڌ مِڙي اچي بيهندو آهي. البتہ ڏڪ لڳڻ سان، انَ اندر موجود ڪيريءَ جا سنها داڻا ۽ پتر، جيڪي داڻن جي پيٽ ۾ ڪمزور ۽ پورو هوندا آهن، سي پڇي پري پوندا آهن. جڏهن مٽي تي ويندا آهن تـ پوءِ ڇج ۾ چنڊڪو ڏيڻ سان، يا پاٽيءَ ۾ ڏوئڻ سان، انَ کان الڳ تي ويندا آهن.
اڪريءَ جي ساخت هيئن آهي: سندس وچ يا پيٽ، هيٺ سوڙهو ۽ منهن ويڪرو آهي. ڏڪ لڳڻ سان، ان جو داڻو هونئن جيڪر ڏاڍي ۽ گول هئڻ سبب، ٽڙي پري وڃي ڪري پر اڪريءَ ۾ هئڻ ڪري، موٽي ساڳي جاءِ تي اچي ٿو. سندس موٽي ساڳي جاءِ تي اچڻ، ان ڳالهہ جي مترادف آهي تہ اهو نرجو آهي. ڏڪ لڳڻ تي پڇي نـ ٿو وڃي، بلڪ مڙس ماڻهو تي منهن ڏئي ٿو.

مطلب: مهل پوڻ تي ڪنڌ نہ ڪڍائڻ وارو پڻ، اڪريءَ ۾ پيل اَن جي داڻي وانگر آهي، جيڪو مُهريءَ جا مسلسل ڌڪ جهلي ٿو پر ٻاهر نڪري پڃي نہ ٿو وڃي.

## ۵۳. اڪ ڪاٽي ڪجي، ڏس ڪاٽي نہ ڪجي. (چوڻي)

اڪ ڪاٽي ڪرڻ: پاڻ کي گهٽ ڪرڻ. ڏس ڪاٽي ڪرڻ: پاڙو يا ديس لڄائڻ.

رشتن، ناتن ۽ دوستن يارن جو خيال رکڻ گهرجي. واسطي پئي، ساڻن سنو سلوڪ ڪجي. ننڍي ۽ معمولي ڳالهہ تي، ساڻن نہ ڦٽائجي. اهڙي موقعي تي اڪ پڪوڙي، پاڻي اڪين جي تنرن ۾ پي وڃجي ۽ ڳل تي ڳوڙهو بہ نہ آڻجي. پاڻ کي تڪليف ايندي، پر سنگت رهجي ايندي. مٽي مائٽيءَ جو مان رهجي ايندو.

جيڪڏهن ڪٿي پري يا ڏور ڪو واسطو وڙو هجي تہ بہ نہ ڦٽائجي. ڦٽائڻ تہ سولو آهي، پر رشتو يا ناتو وري نئين سر ڳنڍڻ ڏکيو آهي. ڪس ڪسر ڪائي بہ رستو قائم رکجي ۽ پنهنجي ديس يا ڳوٺ جو مانُ مٿانهون رکجي. ڏورانهن مٽن يا دوستن سان سٺو سلوڪ نہ هلبو تہ هو سموري ڳوٺ ۽ ديس کي برو پيا سمجهندا. ائين ڪرڻ سان ماڻهو، سڄي ديس جي خواريءَ جو سبب ٿيندو. اوڏانهن وڃڻ لاءِ پنهنجي رستي روڪ تہ ٿيندي، پر سموري علائقي وارن لاءِ بہ راهن ۾ رنڊڪون پونديون. ڪس ڪسر ڪائڻ سان، سواءِ پنهنجي، ٻيا وڏي نقصان کان بچي ويندا. (۲) ص ۳۵.

مطلب: ۱ - اهڙو ڪم نہ ڪجي، جنهن سان پوري ڪڙم قبيلي کي لڄائجي.

۲ - ڏور جي رشتيدارن سان ڦٽائبو تہ وقت پئي، اکيون لڄائينديون.

## ۵۴. اکين ڏٺو شاهد ڪوڙو، حيدرآبادي ٻڪيلو سچو. (پهاڪو)

ٿر ۾ هڪڙو خون ٿيو ۽ ڪيس ميرپورخاص جي ڪورٽ ۾ هليو. هڪڙو ٽريو، اکين ڏٺو شاهد هئو، جيڪو شاهديءَ ۾ پيش ٿيو. شاهديءَ بعد، مخالف ڌر جي وڪيل، ڪيس آڏي پڇا ۾ منجهائي وڌو.

"تون ڪوڙو آهين!" منجهڻ جو فائدو وٺندي، وڪيل ٽريي کي چيو.

"خداري ڦجرت! جڏهن ماڻتي ماراڻو، تڏهن مون پيريا بينو هتو. مين اکيان سي ڏيکيو، مڙس نان ڪهاڙ لڳو نہ پرهو جائي ڪريو. جڪو هون

ڪوڙو نہ اي بڪيلو حيدرآباد سين آيو، او سچو.“ ٽريي جج صاحب ڏانهن منهن ڪندي چيو: ”خدا جي قدرت! جڏهن همراه قتل ٿيو، تڏهن آءٌ پريان بيٺو هئس. مون اکين سان ڏٺو تہ مڙس کي کهاڙي لڳي ۽ پري وڃي ڪريو. هاڻي آءٌ ڪوڙو ۽ هيءُ وڪيل، جيڪو حيدرآباد کان آيو آهي، سو سچو!“

مطلب: ١ - هون ڪوڙو، حيدرآبادي بڪيلو سچو.

٢ - اکين ڏٺيءَ ڳالھ کي، ڪوڙو ڪيئن ٿو ڪري سگهجي.

## ٥٥. اکين ڏٺي مک، کير تو ڳڙڪائي؟ (پهاڪو)

مکيون، اڪثر گندگيءَ تي ويهي پوءِ اچي کاڌي جي شين تي ويهنديون آهن. چڱي ڀلي کاڌي کي جهينگاري، مکروھ ڪري ڇڏينديون آهن ۽ کائڻ کان آڪو ڪري ڇڏينديون اٿس. اهو کاڌو، اڪثر ڪري بيماريءَ جو سبب بڻبو آهي. ان ڪري، صحت جا اصول ڏسيندڙ، مکين جي جهينگاريل کاڌي کائڻ کان، منع ڪندا آهن. اگر پاڻيٺ جهڙي شيءِ جهڙوڪ: کير، لسي، چانهہ يا پاڻيءَ ۾، مک پئجي وڃي تہ اها هاري ڇڏيندا آهن.

جڏهن مک جي جهينگاريل کاڌي کان ايتري ڪراهت ٿي اچي تہ پوءِ مک کان ڪيتري نہ هوندي؟ اگر ساھ ڪٽندي، اوچتو مک وات اندر هلي وڃي تہ آت ڏئي بہ ان کي ڪڍبو آهي. گرڙا ڪري، وات کي صاف ڪبو آهي تہ جيئن مک جي هَوَس بہ آندي تائين نہ پهچي سگهي.

اهو تہ ممڪن ئي ناهي تہ اهڙي گندي مک کي، کير پڪڙي ۽ کائي.

مطلب: ١ - غليظ ڪم، کير بہ ڄاڻي واڻي نہ ڪندو آهي.

٢ - ڏٺي وائني مک، کير ڳهندو؟ (ساهتي)

## ٥٦. اُڳتي ڪري ٽِسوڙ، آٿوتي ڪري موگهہ،
## ڏنڪ کهي پڏڙي، نديئي چڙسين گوگهہ. (چوٽي)

اُڳتي: ايرندڙ. ٽسوڙ: ٽي نشان. آٿوتي: لهندڙ سج. موگهہ: لهندڙ سج جا پيلا نشان. چڙسين: چڙهندا. ڏنڪ ۽ پڏڙي: اسم خاص، بنيءَ يا ايراضيءَ جو نالو. گوگهہ: پاڻي جي گجگوڙ.

سج جي اڀرڻ مهل آسمان تي ڦڪا شعاع هجن ۽ لهندڙ سج جي روشني، پيلو روپ ڌاري ته ڏنڪ ٿو پڏڙيءَ کي چوي: برسات تمام گهٽي ايندي ۽ ندين جي پاٽيءَ جو ڪڙڪو ٿيندو، تنهن تي گوگهه هوندا.

ٽري ماڻهن جو جياپو اُني تي آهي. سي موسمن جون اڳڪٿيون آسمان ۾ اکيون اٽڪائي، ڪِن اهڃاڻن مان ڪندا آهن. اندازو لڳائي وٺندا آهن ته مينهوڳي مند ڪڏهن ٿيندي ۽ ڪهڙين حالتن ۾، پنهنجي جوڀن جو جلوو نروار ڪندي.

مطلب: مينهوڳي مند جو اندازو لڳائڻ لاءِ ائين چيو ويندو آهي. (١۴) ص ٦٠.

## ٥٧. الاريو: ڇٽڪ هنيو. (ڇوٽي)

الارڻ: ڏڪ هڻڻ جي تياري ڪرڻ.

جنهن ماڻهوءَ ڏڪ هڻڻ کان اڳ، وهائڻ جو ارادو ڏيکاريو، ان ڇڻ وهائي ڪڍيو. ان سان موٽ ۾ ورتاءُ، ائين ڪبو جيئن وهائڻ واري سان ڪبو آهي. ڳالهائڻ وقت يا ڪنهن معاملي سلجهائڻ وقت، سوچي سمجهي گفتو ڪيجي، متان اهو جهيڙي جو سبب بنجي وڃي. الارڻ واري کي به پنهنجي لاءِ اگر چڱو رستو اختيار ڪرڻو آهي ته پوءِ هر قدم سوچي سمجهي کڻي ۽ ابهرائپ ڪري الارڻ جهڙي عمل کان ونءُ وڃي. (٣٥) ص ٢٢۴

مطلب: ١ - محفل اندر يا ڪچهريءَ ۾، بہ بنا سوچ/ سمجھ جي ڪو اکر نه ڳالهائجي، متان ڪنهن تي وهي وڃي پوءِ دشمنيون نياڻٽيون پئجي وڃن.

## ٥٨. امانڻ، ڌرتي ئي ڪو تي رکي. (ڇوٽي)

امانڻ: امانت

١ - آڳاٽي دور ۾ جڏهن روڊ رستا نه هيا ۽ ماڻهو پرديس تي ڪمائڻ لاءِ ويندا هيا ته سفر ڏاڍا اڻانگا هوندا هيا. ان ويلي اگر ڪو ساٿي پرديس ۾ يا پنڌ ۾ گذاري ويندو هيو ته ان جو لاشو زمين اندر امانت ڪري رکندا هيا ته جيئن موٽڻ وقت يا سواريءَ جي سهوليت ملڻ کان پوءِ، اهو ڪڍي وطن ڏانهن روانو ڪجي. ان صورت ۾ لاشو سڪي سنهو ته ٿيندو هيو پر سڙي ڳري ڌپ ڪري، مٽي ٿي نه ويندو هيو.

٢ - جنهن وقت بينڪن وغيره جو رواج نه هيو، ان وقت اڪثر ماڻهو، پنهنجون ڏراوتون، واٽين ۽ مودين، سيٺين ۽ زميندارن وٽ رکندا هيا.

ڪڏهن ڪڏهن، ائين بہ ٿيندو هيو تہ ڌاوت رکندڙ، اهي امانتون وقت پوڻ تي، ترت موٽائي نہ ڏيندا هيا. تنهنڪري ڪي غريب ماڻهو، چور چڪار کان، بچائڻ خاطر، نِڪرن جي ٿانون ۾ ملڪيت بند ڪري، مٿس ڍڪ ڏيئي، ڪنهن اهڙي زمين اندر دفنائي ڇڏيندا هيا، جتي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو گمان نہ وڃي. اها ملڪيت، وقت پوڻ سر، اتان جلد ڪڍي ونبي هئي ۽ ڪتب آڻي سگهبي هئي. جيتري رکبي هئي، اوتري ئي واپس ملندي هئي. جنهن ڪري ڪيترا ئي ماڻهو، واڻين يا سيٺين وٽ ملڪيت رکي، پاڻ کي سندن آڏو ڪِيجهو ڪرڻ بدران، ڌرتيءَ ۾ پوري ڇڏيندا هيا.

مطلب: ١ - ڌرتيءَ ۾ پوريل ملڪيت، گهٽ-وڌ نہ ٿي ٿئي.

٢ - ڪڏا چيءِ: “جي سڏا!”

٣ - امانت، ڌرتي بہ نہ کائي.

۴ - امانت، ڌرتيءَ بہ نہ ڍوهي آهي. (۵)

## ۵۹. املِ رس، ڏاڪڻ منڊ، چوري ۽ جوا،

## پر-گهر هيندي ڪامڻي، اهي پنج ئي رهن موئا. (چوڻي)

امل: املداس، املتاس. رس: عرق، جوس. ڏاڪڻ منڊ: ڏائڻ جو جادو.

هيندي: پاهر-پيري. ڪامڻي: عورت.

١ - امل جو نشو واپرائڻ وارو، پاڙيت تي پوي ٿو. امل کائڻ ڪانسواءِ، ڪانئس ڪو بہ ڪم نہ ٿيندو. آخر ۾ اهو نشو کيس خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندو.

٢ - ڏائڻ جو منڊ بہ، پنهنجي ڏيٺپي سبب هوندو آهي، جيڪو مرد جي لاءِ جان ليوا ثابت ٿيندو آهي.

٣ - چوري اهڙو قبيح فعل آهي جو، جنهن جو مال چوري ٿئي، تنهن جي پِٺ سبب ڪو بہ چور امير نہ ٿيندو. چور جا سدائين پويان پير ڪاٽ ۾ هوندا آهن.

۴ - جوا ۾ بہ ڪو سائو نہ ٿيو. هارائڻ وارو کٽڻ جي لالچ ۾ گهر ٻهاري ڏيندو ۽ کٽڻ وارو کٽڻ جي خوشيءَ ۾، مفت جو مال پيو ڏاسن ۾ ورهائيندو. پچاڙي: ٻنهي جي پينگ.

۵ - جيڪا عورت گهر ۾ نہ ٿي رهي ۽ پراون گهرن ۾ رلندي ٿي وتي، سا بہ مرد لاءِ بدناميءَ/ بدناموسيءَ جو سبب بنجندي آهي.

مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنجن ئي عيبن وارا، مئا پيلا آهن.

٢ - ترڪ تجاري، واٽيو، چوري ۽ جوا، پر-گهر هنڍڻي ڪامڻي، پنج ئي رهن مئا.
٣ - ڪشڻ ڪمان، پوڻ ضمان، ڪرڻ زنا، ٽپڻ ڪوها، رهڻ جوئا، اهي پنج ئي مئا.
٤- پيٽيو: اصل چوري، منڊ ۽ جوئا، پر-گهر رلي ڪامڻي، ڪٽر گانءِ سُوئا، پنج ئي رهن موئا. (چوٽي) (٤) ص ٢٥٥.

## ٦٠. انّ آهي تہ ايمان آهي. (چوٽي/ پهاڪو)

هر ساهدار سان، پيٽ ساڻُ آهي، جيڪو ڪيس ڪاڏي سان اُن ڪري پرٽو ٿو پوي تہ جيئن هو پاڻ جيئي سگهي. اگر پيٽ خالي هوندو تہ جيئڻ جي سگهہ، گهٽ ٿيندي ويندس. پيٽ جي ڪاڌ-خوراڪ، بنيادي طرح انُ آهي. گوشت، مڇي ۽ کير مکڻ بہ آهن پر، اَنَّ جي حيثيت مڙني کان مٿانهين آهي. جيڪو ٻالنگهہ ۾ نشو، انَ واپرائڻ ۾ آهي، اوترو ٻين شين ۾ ناهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪاڌ-خوراڪ ۾، اَنَّ کي اولين حيثيت حاصل آهي. اَنُّ اگر ميسر آهي تہ پوءِ ماڻهو، ماٺيپي ۾ رهي ٿو. ضروريات زندگيءَ کي اصولن تحت پورو ڪندي، آسان ۽ سڪون واري حياتي جيئي ٿو. اگر ڪيس اَنُّ ميسر ناهي تہ پوءِ طبعاً چڙچڙو، ٻين کي نقصان ڏيندڙ ۽ مال ڦٻائيندڙ ٿي پوي ٿو.

مطلب: ١ - ان کي، ٻين کاڌن مٿان فوقيت حاصل آهي.
٢ - پيٽ ۾ لُل، ملڪ ۾ هُل.
٣ - ان تہ ايمان، نہ تہ مڙس بي ايمان.
٤ - بک، بي ايمان ڪري.

## ٦١. اناڙي چور، ڳولڻ ۾ سولو. (پهاڪو)

چوري ڪرڻ بہ هڪ فن آهي. جنهن اندر پنهنجو ديس/جُوءِ ڇڏي پرائي ديس/جُوءِ ۾ وڃي پرائو مال چوري ڪرٽو آهي. سو بہ اهڙي نموني سان جو ياڳيا بہ نہ جاڳن، مال پيٽارو بہ هلڻ نڪرڻ ۾ ساٿ نہ ڇڏي، وات تي پهريدارن کان بہ پاڻ بچائڻو آهي. مال ٿمائڻو آهي، ان کي آتاري پنهنجو ڪرڻو آهي، جوڻيتن کان بچڻو آهي. اهي سمورا فن، اڻ آزمودگار ۽ اناڙيءَ کي سمجهہ ۾ ئي ڪو نہ ايندا. ان کي جهٽ ڳولي ونبو آ. ڇو جو پيري/ پيراڏو، چور خان جو بہ مٿيون پُڙ لهن.

مطلب: ١ - ناتجربيڪاري، خواريءَ جو سبب بڻجي ٿي.

٢ - پيئڻ بلا، چوريءَ ڏڪ هٽڻ ڪان پوءِ، سڌي ٻر ۾ وڃي. ور وڪڙ ڪري رند نہ وڃائي، جنهنڪري ڪيس انڙي چور چون ۽ سولائيءَ سان ڳولي مارينس. (٣٥) ص ٢٣٧

## ٦٢.    انب ڪي ڏاري ۾ ڪوئل راجي، تپسي راجي بَن ۾، گهر ٻاري گهر ۾ راجي، مورک راجي مَن ۾. (چوٽي)

ڏاري: ٽاري. راجي: رهڻ ۾ خوشي محسوس ڪري. تپسي: تپسيا ڪندڙ، عابد.    بن ۾: برپٽ ۾، پوني تي، جنگل منجهہ. گهر ٻاري: ٻارن ٻچن وارو، گهر تڙ وارو.

١ - ڪوئل، انب جي ڏار تي ويهڻ ۾ خوشي محسوس ڪندي آهي. چو جو انبن واري مند ۾ ئي ڪوئل مستيءَ ۾ ايندي آهي ۽ ڪوڪيندي آهي.

٢ - هندو مذهب رکڻ وارو پوڄاري يا عابد، برپٽ ۾ تپسيا ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. چو جو اتي ڪيس دنيا جا جنجهٽ آڏو نہ هوندا آهن. ماڻهن جي وچ ۾، ڪيس پوڄا پاٺ جو مزو محسوس نہ ٿيندو آهي.

٣ - ٻارن ٻچن واري ماڻهوءَ کي، گهر کانسواءِ ڪاٿي بہ مزو نہ ايندو. جتي بہ هوندو، پيو گهر کي ياد ڪندو. جڏهن ڦري گهري، گهر پهچندو تہ ائين ساهہ پئجي ويندس جيئن، پاڻيءَ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ، مڇيءَ کي پئجي ويندو آهي.

٤ - بيوقوف ماڻهو پنهنجي دل جي ڳالهين ۾ ئي خوشي محسوس ڪندو آهي.

مطلب: ١ - آم ڪي ڊالي ڪويل راضي، ساڌو راضي بن مين،
گنگا جل مين مڇلي راضي، راجا راضي ڌن مين،
مکڙا ڪيا ويکون درشن مين، جس ڪو ديا ڌرم نهين من مين! (ڪبير)

٢ - فطرتي طور تي، ڪي ساهدار، ڪنهن مخصوص ماحول ۾ ئي رهندي، سرهائي محسوس ڪندا آهن. (٢) ص ٦٢.

## ٦٣.    انڌن اڳيان روئڻ، اکيون ڌڪوئڻ. (پهاڪو)

روئڻ سان اکين مان ڳوڙها نڪرندا آهن، جيڪي ڏسڻ واري تي اثر ڪندي، سندس دل کي نرم ۽ مائل پڻ ڪندا آهن. جنهن آڏو روئجي ٿو، اگر ان وٽ ڏسڻ لاءِ اکيون ناهن تہ ڏسندو بہ نہ ۽ ڳوڙها بہ ڪو نہ اگهندو.

مطلب: ١ - اکين واري آڏو روئجي، جيڪو ڳوڙها تہ اگهي.

٢ - اندر جي اک، جنهن جي ڪليل آهي، تنهن کي احساس ٿيندو. دل جي مراد ان کي ٻڌائجي. ٻئي کي ٻڌائڻ سان پنهنجون اکيون ڏکوئٽيون آهن.

## ٦٤. انڌو هنگي نِہ ڏونيئہ کي ڪوٺي ڪري. (ڪڇي، چوٽي)

ڏونيئہ: ٻہ ڄڻا. ٻن ڄڻن کي.
انڌو ماڻهو، اکين کان وڌو هئڻ سبب، رستو ڳولڻ يا منزل تي رسڻ لاءِ ٻين جو محتاج آهي. ٻيا ڪيس رستي ڏيکارڻ جهڙا ڪم تہ ڪري سگهن ٿا، البتہ ڪائڻ پيئڻ، هنگڻ مٽڻ ۽ وهنجڻ جهڙا ڪم ڪيس پنهنجي هٿن سان ئي ڪرڻا آهن. سندس بدران، ٻيو ڪري ڪين سگهندو.
پُئيءَ يا ڪاڪوس تائين وني وڃڻ لاءِ، ٻيا تہ ڪيس رستو ڏيکارڻ لاءِ وني ويندا آهن. پنهنجي ڪم کان تہ سيڙبا آهن، پر سندس پيٽ ۾ پيل پرائي بلا کان آجو ڪرڻ ۾ مدد نہ ڪري سگهندا آهن. ان لاءِ، منهن مالڪ کي ڏيٺو آهي، جنهن جي پيٽ ۾ اها بلا آهي. فراغت بعد، پاڻ ئي استنجا وغيره ڪرٽي اٿس. طهارت ڪندي، انڌي هئڻ سبب، سندس ڪپڙا لٽا، هٿ يا ٻيا عضوا، گونهن ۾ لڦجي پوڻ جا امڪان پڻ آهن.
مطلب: ١ - انڌو هنگي، ٻہ سيڙائي، پوءِ ٻہ گونهن ۾ هٿ.
٢ - انڌو هنگڻ ۾ ٻيا ٻہ سيڙائي ۽ ڪم ٻہ صفائيءَ سان نہ ڪري سگهي.
٣ - جاهل ماڻهو، هر ڪم ۾ ٻيا ٻہ سيڙائي ۽ ڪم ٻہ پورو نہ ڪري. (١) ص ١٧٤.

## ٦٥. انڌي جي مونءَ تي انڌو نہ چاجي. (ڪڇي، پهاڪو)

مونءَ تي: منهن تي، آمهون سامهون. چاجي: چئجي.
انڌو هجڻ، هڪ معذوري ۽ عيب آهي. اکين هوندي ٻہ انڌائپ وارو ڪم ڪرڻ هڪ عيب آهي. اهي عيب ڌارڻ، ڪنهن جي ٻہ پنهنجي وس ۾ ناهن. قدرت واري طرفان ڪيس وديعت ٿيل آهن. بندو، انهن جي آڌارڻ ۾ بيوس آهي. جيڪڏهن منهن سامهون ڪنهن جو ٻہ عيب اگهاڙبو تہ نہ سهي سگهندو. اهڙيءَ طرح، انڌو پڻ، انڌو ڪوٺڻ تي ناخوش ٿيندو ۽ نفرت پڻ ڪندو. رب جو ناراضپو تهان سواءِ آهي.
ڪنهن ٻئي کي نفرت آميز جملا چئبا تہ پنهنجا رستا وڃائبا. ان ڪري بهتر آهي تہ اهڙي ڪم کان پاسو ڪجي.
مطلب: ١ - انڌي جي منهن تي، ڪيس انڌو نہ چئجي.

٢ - چور کي چور نہ ڪونبو آهي.
٣ - ڪاٽي کي ڪاٽو، منهن تي نہ چئبو آهي.
٤ - عيب-جوئي، منهن سامهون تہ ڇا پرپٺ ڪرڻ بہ چڱي ناهي.
٥ - ٻين جا عيب نہ اگهاڙجن.
٦ - نفرت آميز حرڪتن کان پاسو ڪجي. (١) ص ١٦٦.

## ٦٦. انڌي ڏري، نہ ڪُتو ڪايئہ. (ڪڇ، پهاڪو)

ڏري: ڏڏري، پيهين. ڪايئہ: ڪائي ويني.
مشيني دور کان اڳ، اناج وغيره جنڊ تي پيسندو هيو. جنڊ جي هيٺئين پڙ جي مرڪز منجهہ لوهي ڪير لڳل هوندو هيو، جنهن مٿان، مڪڙيءَ جي مدد سان، مٿيون پڙ هٿئي ذريعي ڦرندو هيو. مڪڙيءَ وٽان ئي منجهس، ڏرڻ يا پيهڻ لاءِ، ان جي ٻڪي وجهبي رهبي هئي. پيسڻ کان پوءِ، اٽو پاسن کان وهندو ۽ هاربو رهندو هيو. پينل اٽي کي، ترت گڏ ڪرڻ لاءِ، جنڊ ئي نڪر جي نهيل، ٿالهہ نما تنئور ۾ رکبو يا لِنبي ڦاسائبو هيو.
انڌي، جڏهن جنڊ تي ويهندي تہ اکين سان نہ ڏسڻ سبب، اندر جي سڄائيءَ يا ڏيان سان ڪم ڪرڻ سبب سندس ڌيان، جنڊ گهمائڻ ۾ منجهس اَنَّ وجهڻ ڏانهن هوندو. يا وڌ ۾ وڌ، اَنَّ پيل ٿانءَ ڏانهن هوندو.
تنئور ۾ اٽو سنهو ٿو پيسي يا ٿلهو، اهو بہ هٿ لائڻ سان معلوم ڪري سگهندي. پر ۾ وينل ڪتي ٻلي ڏانهن ڌيان گهٽ ويندس. جنهن ڪري سندس انهيءَ انڌي محنت منجهان ڪتا ٻلا بہ پيا ناجائز فائدا وٺندا. پاسو ڏيئي پيا، اٽو ٺوسيندا ۽ لُبيندا آهن.
مطلب: ١ - انڌي پيهين ويني ۽ ڪتي اٽو چٽي ويني.
٢ - انڌي هنگي بہ سيڙائي، وري بہ گونهن ۾ هٿ.
٣ - انڌن جي محنت مان، گهڻا لالچي غلط فائدو وٺي ويندا آهن. (١) ص ١٤٤.

## ٦٧. انڌي ۽ جنڊ، واري ۽ پنڌ، نہ ڪٽي نہ جان ڇٽي. (پهاڪو)

١ - جنڊ اندر، انُ پيهبو آهي. پيهڻ واري کي، پيسجندڙ اٽي تي بہ نظر رکڻي آهي تہ جيئن سنهو ۽ سنو پيسجي. انڌي عورت اگر جنڊ تي ويهاربي تہ ڪيس ٻُڪيءَ جي خبر نہ پوندي. ڪجهہ ڪٽا، پيهڻ واري جاءِ تي وجهندي تہ ڪجهہ ائين ئي تنئور واري اٽي ۾ شامل ٿي ويندس.

نتيجي طور، اٽو وري بہ انَ-گاڏئون هئڻ سبب ڪارگر نہ ٿيندو، جيستائين بيهر نہ پيهجي. انڌيءَ کي ساڳئي ڪم لاءِ ٻيڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي.
٢- واريءَ تي، پانڌڙوءَ جو پير ڦبندو ناهي. هيٺ لهي وڃڻ سبب، وک ڪڍڻ ۾ اهنجائي ٿي پوندي آهي. هڪڙي وک ڪڍڻ سان، جسم جو سارو وزن ٻيءَ تي اچي ويندو آهي. نتيجي طور اهو پير اجا واريءَ ۾ دٻجندو آهي. جنهنڪري اڳين وک ڪڍڻ ۾ اهنجائي ٿي پوندي آهي. ان ڪري واريءَ تي هلندڙ کي ساڳئي پنڌ طئي ڪرڻ ۾ ٻيڻو وقت لڳيو وڃي.
مطلب: ١ - انڌي ۽ جندڙ، ڏهہ پاٿيون ڏوڪڙ.
٢ - اندي هنگي بہ سيڙائي، وري بہ گونهن ۾ هٿ.
٣ - ڇڳل جتي، ڪراڙي عورت ۽ واريءَ جو پنڌ، جا وک هڻ سا پوئتي.
٤ - پيٽيو: انڌو هنگي نِہ ڏونيئہ کي ڪوٺي ڪري.

## ٦٨. انسان چمڙيءَ ۾ ساڳيا، پر دمڙيءَ جو فرق. (چوڻي)

چمڙي؛ بماشبہ ظاهري رنگ روپ جي آهي. دمڙي؛ بماشبہ ڌن، دولت جي آهي.
هر انسان ماءُ جي پيٽان، ساڳيا عضوا ڪٽي ٻاهر نڪري ٿو. رنگ روپ بہ پاڻرن جو ساڳيو هوندو آهي، گهر بہ ساڳئي ۾ پلبا آهن. جڏهن تہ ڌن دولت جي حساب سان هر ڪنهن جو نصيب، ڀاڳ ۽ ڪمائي وغيره مختلف هوندي آهي. (٣٥) ص ٢٦١
مطلب؛ ١. ڪلي ڪلي ڀاڳ، ڪانيءَ ڪانيءَ لچڻ.
٢. ماءُ ڄڻيندي پٽڙي، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ.

## ٦٩. اڻ ڦيٽي چمڙي، ڪيهي نہ ڪم ري. (پهاڪو)

جيڪو ماڻهو اس ۾ ڪم ڪندو، ان جو رنگ اچي مان ڦري ڪارو ٿيندو. جيڪو اس وغيره ۾ محنت وارو ڪم نہ ٿو ڪري، اهو فارمي مرغيءَ وانگر ٿلهو ٿنيرو ۽ اڇو تہ رهندو پر منجهس نہ طاقت رهندي، نہ سهپ.
جيڪو زماني جي حالتن سارو، لوچي ٿو ۽ هٿ پير هٽي ٿو، سو جسماني طور تندرست بہ رهي ٿو ۽ چنهنب سان چڱڻ سبب، ٻين جو محتاج بہ نہ ٿو رهي. ٿوري گهٽي تڪليف ۾ نہ دلبرداشتہ ٿيندو ۽ نہ ئي مشڪل حالتن ۾ پاڻ کي ڦاسائيندو.

ان جي برعڪس هڏ-رک ماڻهو، سست ۽ ڪاهل هئڻ سبب نبل، نڪمو هوندو. پنهنجو پيٽ ته نه پاليندو، هتائين ٻين تي بوجهه پيو ٿيندو. هر ڪو ڪانئس، نفرت ڪرڻ سبب، ونءُ پيو ويندو.

مطلب: ١ - ماڻهوءَ کي، هر حال ۾ محنت ڪرڻ گهرجي.

٢ - محنت ۾، شان مان آهي.

٣ - سهڻا ته ٿوهه به پٽن تي پيا آهن. (٦) ص ٨٠.

## ٧٠. اوپر جي هوا، کوهه سڪايو ڇڏي. (چوڻي/پهاڪو)

جڏهن اوپر جي هوا لڳندي آهي، تڏهن مينهن وسڻ جو مانداڻ، ڊهي ويندو آهي. جنهن سال مينهن نه وُٺو، ان سال کوهن اندر پاڻي سڪي ويندو آهي. پرپ نه ٿيڻ سبب، اهي خالي پيا هوندا ۽ ذڪر منهن ڪيندو آهي. ٻن ڄڻن جي وچ ۾ جهيڙو يا ڪيتو به اوپر جي هوا مثل آهي، جڏهن ٿيو ته محبت جا کوهه سڪيو نوٽ ٿيو وجن ۽ جهيڙو فساد منهن ڪدي، جنهن سان لڏ پلاڻ شروع ٿيو وجي. (٣٥) ص ٢٤٦

مطلب: اوپر جي هوا، ڏڪار جي نشاني ۽ ناخيري آهي.

## ٧١. اوتاري ۾، ماني گهربي ناهي. (چوڻي)

اوتارو: اوطاق، ڪوٽ يا ڪوٺڙي، ڀهراڙيءَ اندر ڪچهري ڪرڻ يا مهمان/مسافر ٽڪائڻ جي جاءِ.

اڳي جڏهن سفر سٽائو نه هيو ۽ گاڏين جون ايترپون سهوليتون نه هيون ته شام ڏاري هر مسافر ڪنهن نه ڪنهن اوطاق تي، پڇائي وجي، ترسندو هيو. اتي ڪيس رهڻ لاءِ، کٽ بسترو ۽ ماني ٽڪي اڻ گهريو ملي ويندي هئي. چو جو ان وقت، اوطاقي مڙس، ان ڳالهه ۾ پنهنجي ڪمي محسوس ڪندا هيا جو مهمان سندن اوطاق تي لڙي اچي ۽ ڪيس ماني تڏهن ملي، جڏهن هو زبان سان گهري. ان ڪري مهمان کي پري کان ڏسندي ئي گهر ڏي مانيءَ لاءِ، نياپو ڪري ڇڏيندا هيا. (٣٥) ص ٢٢٢

مطلب: اوطاق تي ماني گهرڻ، ميزبان جي گلا آهي.

## ٧٢. اوجڙ ڳانوَ ۾، ايرنڊيو رونڪ. (راجستان، پهاڪو)

اوجڙ: اجڙيل، ويران. ڳانوَ: ڳاؤن، ڳوٺ، هند. ايرنڊيو: ڪانڊيرو.

رونڪ: رونق، ويءَ Oasis

ڌرتي، سائي چادر ڍڪڻ کان پوءِ، پاڻ منجهه وڏي ڪشش رکندي آهي. چو جو ساوڪ، پاڻيءَ هجڻ جي نشاني يا اهڃاڻ آهي. پاڻي، حياتيءَ جو سرچشمو آهي. جتي پاڻي ۽ ساوڪ هوندي، اتي پکي ۽ پکڻ، جانور ۽ مرون وغيره لڙي ايندو.

جيڪا زمين نوٽ ۽ اوبڙ کان عاري آهي، تنهن تي نه ساوڪ آهي ۽ نه ئي پاڻي. ڏانهنس، ساهدار چڪجي نه ٿا اچن. هتائين ڪانئس، تاهه ڪائي، چرڪي پڇن ٿا. جنهن علائقي ۾ وڻ نه هجن بلڪ ڪانديرا وغيره ئي هجن ته به ساهدار، ڏانهنس چڪجي ايندا. چو جو ڪانديرو به آلهه/ آلاڻ يا پاڻياٺ هجڻ جي نشاني آهي. ان سان به جڻ، ويران علائقي ۾ هڪڙي قسم جي رونق نظر ايندي آهي.

مطلب: ۱ - جتي سپ انڌا هجن، اتي هڪ-اکيو به بادشاهه آهي.

۲ - جتي وڏين ڊگرين وارا نه هجن، اتي ٿورو پڙهيل به وڏو ماڻُ ماڻين ٿا.

۳ - جتي وڻ ناهي، اتي ڪانديرو به درخت.

۴ - انڌن ۾ ڪاڻو، راجا. (۱) ص ۱۸۵.

## ۷۳. اوجهڙ ڪڏهن نه پاڌرو، ونڪي ڪڏهن نه واٽ، سڪيو ڪڏهن نه ساٿرو، ڏکي ڪڏهن نه ڪاٽ. (چوڻي)

اوجهڙ: جهنگ. پاڌرو: پڌر، ميدان، رستو. ونڪي: ڏنگي، ڦير-واري.

ساٿرو: هيٺ سمهڻ. ڪاٽ: کٽ، منجو.

۱ - جهنگ مان گذرندڙ پيچري کي، ڪڏهن به وهندڙ واٽ يا سلامتيءَ وارو رستو تسليم نه ڪبو. ان کان علاوهه جهنگ کي به ميدان ڪڏهن تسليم نه ڪبو.

۲ - ڦڏي ۽ ور وڪڙن واري واٽ کي، ڪڏهن به محفوظ تسليم نه ڪبو.

۳ - هيٺ سمهڻ به اهنجو ۽ موذين جي ايذاءَ کان غير محفوظ هئڻ سبب، سنو ناهي. ان جي ڀيٽ ۾ ڀڳل ٽٽل کٽ تي سمهڻ بهتر آهي. اتي اهنج گهٽ آهن ۽ آرام/ قرار چڱو آهي.

مطلب: جهنگ کي پڌر جهڙو، ور وڪڙ واري واٽ کي رستي جهڙو ۽ هيٺ سمهڻ ۾ کٽ تي سمهڻ جهڙو، سک نه ٿو ملي. (۲) ص ۸۴.

## ۷۴. اونچاڀن، انن چڏيا آهن. (پهاڪو)

اونچاپن: وڏائي، فخر، تڪبر، ڊگهو هجڻ.

وڏائي ماڻهوءَ کي مٽي تہ ڪٽندي آهي پر ڪيرائڻ وقت وري اوترو مٿان ڪان ڪيرائيندي بہ آهي. ان ڪري انسان کي وڏائي ۽ تڪبر نہ ڪرڻ گهرجي. اٺ ڏڳها آهن، جڏهن پهاڙ جي آڏو ايندا آهن ۽ ان تي چڙهڻ جو پنڌ ڪرڻو هوندو اٿن تہ سندن اها ارڏائي ڪافور ٿي ويندي آهي. (٣٦)
مطلب: ١- بيوس بار، انن بہ چڏيا آهن.

٧٥. اونگهہ، آرس، اوٻاسي، تيني روڳ ري ماسي. (چوڻي)
اُونگهہ: ننڊ، گهڙي گهڙي ننڊ اچڻ، ڍڪر اچڻ، گهٽي ننڊ اچڻ. آرس: سستي چڙهڻ، ڪم لاءِ عضوا نہ ورڻ، ٽوٽي ٽيڻ. روڳ: مرض، بيماري.
١ - اونگهہ يا ڍڪرن ۾ رهڻ وارو ماڻهو بہ ڪو ڪم پوريءَ طرح سرانجام نہ ڏيئي سگهندو آهي. ڍڪريل هئڻ سبب، سدائين بيمار پڻ رهندو آهي. ننڊ کي تہ موت جي ڀيڻ سڏيو ويو آهي.
٢ - هر ڪم ۾ سستي ڪرڻ وارو بہ آخر روڳي ۽ بيمار ٿئي ٿو. هر ڪم ۾ ٻئي جو محتاج رهي ٿو.
٣ - اوٻاسي بہ ننڊ جي نشاني آهي. اوٻاسي آئي، ننڊ نياپو موڪليو. نيندي ماڻهو بہ، بيمار جي مترادف آهي.
مطلب: مٿي ٻڌايل ٽئي ڪيفيتون/ حالتون، بيماريءَ جو بنياد آهن. جيترو ٿي سگهي، ڪانئن پڄجي. (١٢) ص ١٣٨.

٧٦. اونگ نہ جوئي اوڇڻ، ٻڪ نہ جوئي اولڻ. (پهاڪو)
اونگ: ننڊ. اوڇڻ: بسترو. جوئي: ڳولهي. اولڻ: ڳنڍڻ، ٻوڙ.
ننڊ، بسترو نہ پڇندي آهي. جهڙي کٽ يا رلي ملي، يا نہ ملي، ننڊ اچي ويندي. چو جو ننڊ تہ سوليءَ تي بہ اچي ويندي آهي. ٻک ٻوڙ لاءِ نہ واجهائيندي آهي. ٻک کي ذائقي سان نہ پر پيٽ ڀرڻ سان مقصد هوندو آهي. (٣٦)
مطلب: ١ - ننڊ نہ پڇي اوڇڻ، ٻک نہ ڏسي ڳنڍڻ.

٧٧. اوڻويهہ ڏينهن چور جا، ويهون ڏينهن ساڌ جو بہ آهي. (پهاڪو)

پرائو مال، ڪسڪائي ڪڍڻ وارو چور، پنهنجي جان جي حفاظت خاطر، لڪي چوري ڪندو آهي. جنهن ڪري، اڪثر پاڳين جي نظر کان نڪري ويندو آهي. ٽاڙي ڏک هٽندو آهي ۽ ڀڄڻ وقت لِڪُ ڪندو آهي.
ڦبڻ بعد، ٻيهر سِٽ سٽي، نئين سر نئين نموني سان، واردات ڪندو آهي.
ائين وري پاڳين کي اکين ۾ سرمو وجهي ويندو آهي. پاڳيا به پنهنجي مال جي وڃڻ ٽٽان هوشيار ٿي ويندا آهن. اوجاڳا ڪري به پيا چور کي جاچيندا آهن. هڪ دفعو، ٻه دفعا حتيٰ ڪ اوڻويهه دفعا چور، ڪائنڻ نڪري ويندو آهي، نيٺ ويهين دفعي ڪيس سوگهو ضرور ڪندا آهن.
مطلب: ١ - اوڻٽيهه راتيون چور جون، ٽيهين ساڌ جي به آهي. (سنڌ)
٢ - اوڻٽيهه ڏينهن چور جا، ٽيهون پاڳئي جو به آهي. (سرو)

### ٧٨. ائٽ را ٻارنهن ماس، انې ري اڪ گهڙي. (چوٽي)

ائٽ: چرخو، سٽ ڪتڻ جو اوزار.
ائٽ، ڏنڌي ڪاروبار جو اوزار آهي، جيڪو هلائي، ڪاتياريون سٽ ڪتينديون هيون ۽ هڪ ٻئي سان ڏک سور اورينديون هيون. ائٽ تي ويهڻ سان هڪ ته روزگار به ٿيندو هيو ۽ ٻيو حال احوال اورڻ سان هيانءَ جو بار به هلڪو ٿيندو هيو. جڏهن ته برسات وسڻ سان به روزگار ٿئي ٿو. اگر ٻنهي جي پاڙ ۾ پيٽ ڪجي ته پوءِ، ٻنهي جو فرق ائين بيهندو. يعني ائٽ تي سڄو سارو سال ويهجي، نه اوترو روزگار ٿيندو ۽ نه اوترو هيانءَ جو بار هلڪو ٿيندو، جيترو برسات جي هڪڙي گهڙي وسڻ سان ٿئي ٿو.
(٣٥) ص ٢٧٠
مطلب: هٿن جي محنت کان رب جو ڏني ۾ وڌيڪ برڪت آهي.

### ٧٩. ايڪ هَل هتيا، دو هل ڪاج، تين هل کيتي، چار هل راج. (راجستان، چوٽي)

زمين کي هڪ هر ڏيڻ سان ڪو به فائدو ناهي. بلڪ خودڪشي ڪرڻ برابر آهي. هڪ هر ڏيڻ يا نه ڏيڻ، زمين لاءِ برابر آهي. هاريءَ کي حيراني پريشانيءَ کان سواءِ، منجهائنس ڪي ڪين ملندو.
زمين کي ٻه هر ڏيڻ سان، ڪم نڪري ويندو پر اپت اوترو نه ٿيندي. فصل به سنو نه ڄاپندو ۽ گندگاهه به جام ٿيندو، جيڪو فصل کي اسرڻ ئي نه ڏيندو. تنهن هوندي به فصل ڄڻ نظر ايندو.

زمين کي ٽي هر ڏيڻ، کيتيءَ لائق بڻائين ٿا. تنهن هوندي به منجهس ٿورو ٽڪو گندگاهه رهندو. زمين منجهان، اڳئين فصل سبب آيل ساڻائي اجا پوريءَ طرح نه مرندي آهي. فصل جي مجموعي اپت چڱي ته هوندي آهي پر مقابلي جهڙي نه هوندي آهي.

زمين کي فصل لاءِ ڏنل چار هر، تمام گهڻا مفيد آهن. ساڻائي ختم ٿيو وڃيس. گندگاهه پوريءَ طرح مريو وڃيس. زمين اندر، فصل لاءِ نقصانڪار جيت جڻيا مريو وڃن. نلهي ٻج ڪلر تي فصل زوردار ٿئي. نه گندگاهه ٿئي ۽ نه فصل کي جيت جڻيو لڳي. هاريءَ کي به سک ملي. چو جو نه کيس گُڏ ڪرڻي تي پوي، نه وري ڪينئان مار دوا ڇنڊڻي تي پوي.

مطلب: ١ - سٺي فصل حاصل ڪرڻ لاءِ، زمين کي گهٽ ۾ گهٽ چار هر ڏيڻ گهرجن.

٢ - جيترو هر، اوترو ڦر.

٣ - نه سؤ سينئر، نه هڪ مند. (سرو)

۴ - هريو: ڦريو. (١) ص ٣۴۴.

## ٨٠.	ايها ڪم ڪريجي، جو آچا ڏنتا ري پريت نه جاءِ. (چوڻي)

آچا ڏِنتا ري: اڇن ڏندن جي، ڪلڪل واري. پريت: محبت، ياري، دوستي.

اڇن ڏندن جي پريت: بنا لالچ جي دوستي، ڪِلڪل واري سنگت.

سنگت ساٿ سان حال سارو نباهجي. نباهڻ، وَسَ/ وِتَ کان ٻاهر هجي ته به اخلاق سان پيش اچجي. اڇن ڏندن جي پريت ۾، ڪير ڪنهن لاءِ سر ته نه ڏيندو آهي پر احترام ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي. اها پريت وس ويندي ٽُٽڻ نه ڏجي.

مطلب: ١ - اهو ڪم ڪجي، جو ٻين ڏاندين هَرُ هلي.

٢ - اهو ڪم ڪجي، جو لعل به لِيي پريت به رهجي اچي.

٣ - اهو ڪم ڪجي، جو نانگ به مري، لٺ به نه ڀڃي.

۴ - اهو ڪي ڪجي جو، آئي ويل ڪم اچي.

۵ - اهو ڪي ڪجي، جيڪو وسندي مينهن ڪم اچي.

٦ - ڳل-لڳڻيءَ کان وڃجي ته، منهن-پڪڻيءَ کان نه وڃجي. (۵)

## ب

### ٨١. باتان ريجهئي ٻاٽيو، راڳان سُون راجپوت،
### ٻامڻ ريجهئي لاڏوان، ٻاڪل ريجهئي پوت. (چوڻي)

باتان: ڳالهين سان، دليل دلائل سان. ريجهئي: رِيڌو رهي، راضي ٿي وڃي.
راڳان سُون: راڳن مان، راڳ رنگ سان. ٻامڻ: برهمڻ، مذهبي پيشوا.
لاڏوان: لڏو کائڻ، مال مليدا کائڻ، مفت جو مال تڪڻ.
ٻاڪل: پويو، پوپو، جن پوت ڪيندڙ، جنائي.
١ - واڻيو يا واپاري، گهڻيون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڪرڻ ڪي پنهنجي واپار جو لازم حصو پيو ڄاڻندو آهي. ٻين جي ڳالهين ڪي، پنهنجي علم ۾ واڌارو ۽ پنهنجي ڳالهين ڪي ٻين جو توجهه ڇڪائي مال کٽائڻ لاءِ هٿيار پيو سمجهندو آهي. تنهن ڪري ڪيس، ڳالهين ۾ راحت ايندي آهي.
٢ - راجپوت يعني راجا جي پٽ يا اولاد ڪي، ڪرڻ لاءِ ڪم جي ضرورت گهٽ رهي ٿي. وٽس ڪم ڪار لاءِ، نوڪرن چاڪرن جي لانڊ لڳل هوندي آهي. وندر لاءِ ڪيس شيل شڪار ڪپي. موسم شيل شڪار جي نہ هجي تہ پوءِ ڪيس وندرائڻ لاءِ راڳ روپ ڪپي تہ سندس من منجهس رِيڌو رهي.
٣ - ٻانيڻ يا برهمڻ ڪي پرارٿنا کان سواءِ ڪم آهي ئي ڪو نہ. دنياداريءَ جو ڏيڻ وٺڻ بہ ڪيس ڪجهہ ڪونهي. ڪيس دنيا ۾ کائڻ پيئڻ کان سواءِ، باقي ڪم آهي ئي گهٽ. ڪاڏا ۽ طعام بہ وٽس رکيئي رکيئي پيا پاروٿا ٿيندا آهن. انهن جي بہ وٽس ڪمي ڪا نہ هوندي آهي. البتہ نوان نوان طعام تڪڻ لاءِ دل پئي واجهہ وجهندي اٿس. جنهن ڪري ڪيس نئين قسم جي کاڌي پيتي تي ئي ريجهائي راضي ڪري سگهجي ٿو.
٤ - پوپا يا پويا وري، جن پوت ڪيڻ ۾ خوش ٿيندا آهن. ان سان ماڻهن جي، وٽن اچ وڃ ٿيندي آهي. عزت بہ وڌندي اٿن ۽ روزگار بہ کلندو اٿن.
مطلب: ١ - هر ڪو چاهت واري شيءِ ملڻ تي راضي ٿئي ٿو. (١) ص ٣٥٣.

### ٨٢. بادشاهہ ديوانو نہ ٿئي، هاٿيءَ ٿئي نہ هار،
### ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري ڄار،
### مرد ويري ننڊ، عورت ويري سينگار،

لاٻڙ-پونڇو ٻڙڌيو، نَڪَ اگهاڙي نار،
سڄو هاري سڪٺو، ڪوهي ڪارو نار،
ڪميڻو ڪچهريءَ ۾، گاندو ڏيندو گار،
پَڇَ-ڊِائي ڪان قرض نہ ڪٽجي، توڙي هجي تجار،
اهي هجن ستار، تہ بہ بارهن ئي ٻن پيا. (چوڻي)

لاٻڙ-پونڇو: ڏگهي پڇ وارو. تجار: تاجر، تجاور، واپاري، امير. پَڇَ ڊِائو: پوءِ ڊِائو، نئين مان امير ٿيل، جنهن کي مال ملڪيت ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ نہ ملي هجي، نو-دولتيو.

١ - ڇريو بادشاهہ، اجايا حڪم ڪري، رعايا تي ظلم ڪندو.

٢ - لڙائيءَ جي ميدان ۾، لشڪر کي هار تي تہ پنهنجا هاٿي ئي موت واري پاڄڙ ۾، لتاڙي ڪين ماريندا.

٣ - ڪلر، چڱي ڀلي ڪوٽ کي، ناس ڪري ڇڏيندو.

٤ - مهاڻي جو اڇليل ڄار، مڇيءَ لاءِ موت آهي.

٥ - ننڍ، مرد لاءِ نقصانڪار آهي. ستو تہ عورت بہ پرائي ٿي ويندس.

٦ - عورت، سينگار ڪري ٻاهر نڪتي تہ، نظرن جو ڪاچ ٿي ويندي.

٧ - ڏگهي پڇ وارو ڍڳو بہ، ڪوٺو يا ٿهنڊڙ هئڻ سبب، ڪنهن ڪم جو ناهي.

٨ - هٿ پير اگهاڙا ڪري، پردي کان ٻاهر، پاڻُ ڏيکاريندڙ عورت، سلڇڻي ناهي.

٩ - هاري اهو ڀلو، جنهن جي ٻنيءَ ۾ جيڪو ڪجھ ٿئي تنهن مان پاڻ بہ ڪائي ۽ سنگت کي بہ ڏئي.

١٠ - ڪوھ جا نار ڪارا هوندا تہ منجهانئس ڪير بہ پاڻي نہ پيئندو ۽ آخر پورجي ويندو.

١١ - ڪميڻو ماڻهو، ڪچهريءَ ۾ ويهارڻ جي لائق ناهي.

١٢ - پوءِ ڊِائو يا پڇ ڊِائو يا نودلتيو ماڻهو، حريص ۽ لالچي هوندو آهي. ڪيس ڪنهن تي بہ، لالچ سبب، رحم نہ ايندو آهي. ايندڙ دولت مان، رپيو ڏيڻ بہ پنهنجو نقصان پيو ڀانئيندو آهي.

مطلب: متي ٻڌايل ٻارنهن ئي، ڪنهن بہ ڪم جا ناهن. (١٢) ص ١٥٢.

٨٣. باڪاٽي ڪچڙي، ڏانتي وڙڳائي. (پهاڪو)

باڪاٽي: واڪاٽيل، تعريف ٿيل، تشهير ٿيل. ڪچڙي: ڪچڙي، نرم دال، پت.
ڏانتي وڙڳائي: ڏندن چباڙي، ڏندن ڳڙڪائي.
جنهن شيءِ جي گهڻي واهه واهه ۽ تشهير ٿيندي آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻا ماڻهو سڌون ڪندا آهن. جنهن جا چاهيندڙ گهڻا هوندا آهن، ان تي آزمائشون به گهڻيون اينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن به طنبيلي ۾ بيٺل گهوڙن جي گهڻي تعريف ٿئي ٿي يا ڏاندن جي جوڳ جي هنڌين ماڳين هاڪ ٿي پهچي ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا واپاري، خرزينون پئسن جون ڀري، اچي ٿا ميدان ۾ لهن. ان ڪان اڳي انهيءَ گهوڙي يا ڏاند کي، چور چڪار به تاڙين ٿا. ائين گهوڙا ۽ ڏاند ٻوهي ۾ اچن ٿا. اهڙيءَ طرح اگر ڪنهن عورت جي سونهن ۽ سوڀيا، حسن ۽ رعنائي جي واڪاڻ ٿي ٿئي ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ به گهڻا ئي واجهه وجهن ٿا. ڪو ڪيڏانهن ٻانهن ٿو چڪي ته ڪو ڪيڏانهن!
مارڪيٽ ۾ آيل نئين شيءِ جي اگر تشهير ۽ ايڊروٽائيزمينٽ ٿي ٿئي ته اها به هٿوهٿ کپيو وڃي، ٻها به ٻيڻي ٽيڻي ٿيو وڃيس. اهڙيءَ طرح جنهن ڪاڌي ۽ ڪچڙيءَ جي گهڻي تعريف ٿي ٿئي، تنهن کي ڏندن ۾ چباڙڻ لاءِ، گهڻا ئي وات گگون ڳاڙيندا رهن ٿا.
مطلب: ١ - واڪاٽيل ڪچڙي، ڏندن ڳڙڪائي.
٢ - تعريف جوڳو ڪاڌو، جلد ڪاچي ختم ٿيو وڃي.
٣ - واڪاٽيل شيءِ، جلد وڪامي.
٤ - شيءِ جو اگهه چاڙهڻ لاءِ، دلال وڏي تعريف ڪندا آهن.
٥ - واڪاٽيل ڍور، چورن جي ور چڙهن.
٦ - واڪاٽيل عورتون، مردن جي نگاهه ۾ اچن.
٧ - پيٽيو: وڪاٽيو ري ڪچڙي، ڏانتي پڙءِ. (٦) ص ٨٩.

## ٨٤. ٻامڻ سي ٻامڻ مليو، پوربلا جنم سنسڪار،
## ديڻ ليڻ لئہ ڪڇ نهين، نمسڪار هي نمسڪار. (چوڻي)

ٻامڻ: ٻانڀڻ، برهمڻ. پوربلا: گهڻي وقت کان پوءِ. جنم: ڄاول. سنسڪار: سنگت.
ٻانڀڻ يا برهمڻ، عام ماڻهن ۾ اوچي ذات هئڻ سبب، فقط ٻين ماڻهن مان تحفا تحائف هٿ ڪرڻ جي هوس ۽ جدوجهد ۾، ٻين کي ڏيڻ جي پاڻ ۾ عادت ئي نہ ڏاريندا آهن. رڳو آئي وئي جي هٿن ڏانهن پيا تڪيندا آهن.

ڀهرين ڳالهہ تہ ٻانيڻ پاڻ ۾ گهڻ ملندا آهن. پاڻ ۾ هم پيشہ هئڻ سبب، هڪڙو ٻئي کي پاڻ کان گهڻ پيو ڄاڻندو آهي. عام ماڻهن کان مليل مفت جي مال ۾، خواهہ مخواهہ جو پائيوار تصور پيو ڪندو اٿس. تنهنڪري پاڻ ۾ گهڻ ملندا آهن.

جڏهن اتفاق سان ملي پوندا آهن تہ نلهي خوشامد ۽ ڪيڪر اهڙي ڪندا، جڻ جنمن جا وچڙيل يار هجن. جيئن تہ ڪين تحفي تحائف ڏيڻ جي عادت ئي ڪانهي، تنهنڪري هڪ ٻئي کي ڏيندا بہ ڪجهہ ناهن. جڏهن هڪ ٻئي کي ڏيندا ناهن تہ نتيجي ۾، هڪ ٻئي کان، پاڻ کي ملندو بہ ڪجهہ نہ اٿن. وقت ڪاٽڻ لاءِ رڳو هڪ ٻئي آڏو پيا جهڪندا، خوشامد ڪندا ۽ نمسڪار ئي نمسڪار ڪندا آهن.

مطلب: ١ - سچا آيا سڄن ڏي، ڪنيو سڪٽا سلام.

٢ - ٻانيڻ کي ٻانيڻ مليو، پورب جنم جو سنسڪار،

دئڻ لئڻ ڪڇ نهين، نمسڪار هي نمسڪار.

٣ - سچو گڏيو پينگئي سان، چي: ”ادا عيد مبارڪ!“ (١) ص ٣٥٤.

## ٨٥. ٻامڻ، نائي، ڪُوڪرا، جات ديک گُرلايہ. (راجستان، ڀاڪو)

گرلايہ: گرڻ، ڏند، شيڪڻ.

١ - ٻامڻ/ ٻانيڻ کي، ٻين کان فقط مال وٺڻو آهي. ڏيڻو ناهي. ٻيو برهمڻ يا ٻانيڻ، جڏهن ملندس، اهو پڻ وٺڻ وارو آهي، ڏيندس ڪجهہ ڪو نہ. ٻئي هڪجهڙا ۽ جيسي آهن. هڪ ٻئي کي پاڻ جهڙو سمجهي، يا هجائتا ٿيندا يا هڪ ٻئي کي زير ڪرڻ لاءِ ٽوڪ-زني ڪندا. برابري تہ ڪنهن کان بہ هضم نہ ٿيندي آهي. هيءُ ڪيئن برداشت ڪن. برداشت ڪرڻ سان، مفت جي مال جا دروازا تا بند ٿين، تنهنڪري هڪ ٻئي تي پيا گرندا آهن.

٢ - نائي يا حجم بہ، قئنچيءَ سان گڏ، زبان جو ڪٽيو ڪائيندو آهي. ٻهراڙيءَ جو حجم، سنوارت ناهڻ سان گڏ متي جا وار بہ لاهي، پت بہ رڏي تہ طهر بہ ڪري. انهن ڪمن تي ڪيس چڱو خاصو معاوضو ۽ مفت جو پت مليو وڃي. تنهن سان جيڪڏهن ڪو ٻيو حجم يا نائي راهہ ويندي ملندو تہ ڪانئس برداشت نہ ٿيندو. هُج ۾ يا هوس ۾، متس چٽر يا ڊونگل ضرور اڇليندو.

٣ - ڪُتو ٻه مفت جي مال يا غلاظت جي ڍير تي والار ڪري ويهندو آهي. ٻئي ڪي برداشت نه ڪندو آهي. چوندو آهي: ”فقط مان ئي هجان!“ ٻيو ڪتو ڪيس ڍير تي وينل ڏسي، مفت جي مال مان حصو چڪڻ لاءِ، ڏندي ضرور ڏئي. يا ڦڙ ڦڙ ڪري، ڊوڙ جي ڍير تي گند ضرور ڪن. ائين به مشهور آهي ته هڪ ڪتو گوشت جو ٽڪر وات ۾ کنيو پئي ويو جو پاڻيءَ مٿان لنگهڻ وقت، پنهنجي عڪس کي ٻيو ڪتو سمجهي، وات وارو جهليل گوشت ٽڪر ڇڏي، عڪس واري کان ڦرڻ جي ڪوشش ۾ اهو به وڃايائين.

مطلب: ١ - برهمڻ، حجم ۽ ڪتو، پنهنجي ذات وارن سان ملن ته ڏند-چيڪ ضرور ڪن. هڪ-ٻئي تي ننول ۽ ڏنگ ڪرڻ کان، وڏي پاڻ ۾ وڙهن ضرور. (١)

## ٨٦. بامڻ ني سات برس تائين سُڌ آوي ڪونيا، اَر پاچي جا مري. (راجستان، چوڻي)

سُڌ: عقل. پاچي: پيڇي، پڇاڙيءَ، پوءِ.

آڳاٽي وقت کان ئي ڀارت جي سماجي سرشتي ۾ براهمڻ ذات جو درجو اوچو رهيو آهي. چو ته هو علم جا ڏٽي (ڄاڻو) هيا. وقت گذرندي، جيئن جيئن سماج جي سوچ-ويچار، رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڦيرو ايندو ويو، تيئن تيئن ذات پات بابت ويساهه ۽ مڃتائن ۾ تبديلي ايندي وئي. آڳاٽي زماني ۾ جيڪا مڃتا ۽ عزت، براهمڻ ذات کي حاصل هئي، اوتري اڄڪلهه ڪانهي. ايتري قدر جو مٿن طنز جا تير به اڇلايا ويندا آهن. ڪين بي عقل به سڏيو ويندو آهي.

مطلب: ١ - برهمڻ کي، ست سال عمر تائين عقل ڪو نه اچي، آخر موت اچيس.

٢ - ييٽيو: ٻانيڻ ري مت ٿوري، گئو بيچ ڪي ليني گهوڙي، گهوڙي ڪائي گهاس، ٻانيڻ رو جائي ساس. (١٣)

## ٨٧. ڀاٽيا بيس، تو ئي هيڪلا. (پهاڪو)

ڀاٽيا: واڻيا، واپاري، دڪاندار. بيس: ويهه. هيڪلا: اڪيلا.

واڻيو/ دڪاندار، فطرتي طور تي ڏڄڻو ۽ چالاڪ ٿيندو آهي. هاٿاپائيءَ سان ڪين وڙهندو آهي. وڪر ڪپائڻ وقت به، منهن ۾ گهنج/ گهنڊ/ سونڊ نه

وجهندو آهي. چو جو ڪيس خبر آهي: ’وڪر نہ وڪامندو آهي پر واٽيو وڪامندو آهي‘ يا ’ڳڙ نہ هجي تہ گراهڪ سان ڳڙ جهڙي ڳالهہ ضرور ڪجي.‘
انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو راهہ ويندڙ واٽين ڪي، وکر سميت لٽيندو تہ بہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري وڙهي نہ سگهندا. البتہ پاڻ ڦرائي اچي گهر نڪرندا.
هڪڙي دفعي سؤ واٽيا وکر کٽي، ٿر مان سفر تي روانا ٿيا. واٽ تي هڪڙي چور ڪانئن لٺ جي زور تي، مال ڦري ورتو. ڦرڻ پڄاڻان، بانا پيڙي پڃائي ڪديائين.
واٽيا جڏهن وسنديءَ ۾ پهتا تہ ماڻهن سان حال احوال ڪيائون. انهن کين ٽوڪيو. ”اسان ڇا تي وڙهون. سامان جي ڪيون يا هٿيارن جي ڪيون. پاڻ سنڀاليون يا ساٿين کي بچائڻ جي ڪيون.“ جواب ۾ دليل ڏئي چوڻ لڳا: ”هوڏانهن ڪاڪو ۽ لٺ سا بہ ڏانگ، هيڏانهن ويهہ واٽيا سي بہ هيڪلا.“
مطلب: ١ - ويهہ واٽيا تہ بہ هيڪل-وسلا.
٢ - واٽيا ويهہ تہ بہ اڪيلا.
٣ - اهڙو ڏچڻو، جهڙو واٽيو. (ورجيس)
٤ - واٽيو آ اٽي جو ڏيئو، اندر ڪائنس ڪوئا، ٻاهر ڪائنس ڪانءَ. (هندي)
٥ - پيٽيو: چار چور چوراسي واٽيا، هڪ هڪ ايڪويهہ ٽاٽيا. (٦) ص ٨٨.

## ٨٨. ٻُني رين ڪبران، پانڌيئڙو ڏيسين. (چوٽي)

ٻُني: وُني، وسندڙ مينهن. ڪبران: خبران، خبرون. پانڌيئڙو: واٽهڙو، پيرين پنڌ، پيادا. ڏيسين: ڏيندا.
ٿر ۾ برسات جام پوندي آهي. سڪل واري ۽ پٽون، جلد ان کي چوهي وٺنديون آهن. ٿر جي واريءَ تي ڪيتري بہ برسات پوي، وسي بند ٿيڻ کان پوءِ، ان جو اندازو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. هڪڙو ماڻهو پنهنجي پونگيءَ ۾لڪل هجي ۽ مٿان برسات پوي. برسات جي بند ٿيڻ پڄاڻان، جيستائين پونگيءَ مان ٻاهر نڪري، تيستائين مينهن جو پاڻي واريءَ ۾ گم ٿي چڪو هوندو. تنهنڪري ڪيس برسات جي زور جي خبر گهٽ پوندي. ان جي برعڪس، ٻاهر بيٺل يا واٽهڙوءَ کي، راهہ ۾ جيڪڏهن برسات ورايو هوندو تہ برسات جي اصل زور جي ان کي خبر هوندي. اهو برسات بابت جيڪا ڳالهہ ڪري سا وزنائتي هوندي.

هيءَ چوڻي خاص طور تي ان دور سان تعلق رکي ٿي، جڏهن موسميات کاتي جون رپورٽون، ريڊئي ۽ ٽي ويءَ ذريعي گهر گهر ۾ عام نه پهچنديون هيون.

مطلب: ١ - معاملي جي ڄاڻ، ان کي پوندي جيڪو منجهس گهڙي پيو هوندو. جيڪو معاملي کان ٻاهر آهي، ان کي گهٽ خبر پوندي.

٢ - ٻاهر بيٺل يا ڏاسوءَ کي، ڪيڏندڙ کان خبر وڌيڪ پوندي آهي.

٣ - وٺي جون وايون/ واڏايون، واتهڙو ڏيندا. (ساهتي)

٤ - اٺي را واتاڙو، ڏس ڏيسين. (٣٦)

٥ - اٺي جون خبرون، پانڌي ڏيندا. (١٥)

## ٨٩. بڊو: آهي روپ جو مهينو. (چوڻي)

بڊو: هندي مهيني جو نالو جيڪو سيپٽمبر ڌاري اچي.

بڊي واري مهيني ۾، ڪڪر ڏينهن جو ٿوري ٿوري وقت بعد، نوان نوان رنگ ۽ روپ ڪندا رهندا آهن. انهيءَ سببان، بڊي جي مهيني لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

مطلب: ١ - بڊي ۾ ڪڪرن جا روپ ڏسڻ وٽان هوندا آهن.

## ٩٠. بڊو: اڪين ڪدو. (چوڻي)

بڊي جي مهيني ۾، جولاءِ ڌاران پيل برسات تي ٽيل فصل، لاباري تي پهچڻ وارا هوندا آهن. ماڻهن ۾ اٿهوند ۽ اڳيان ايندڙ لاباري جي محنت سبب اٽتڻ واري حالت هوندي آهي. هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ ضروري سمجهندا آهن. پر پنهنجو ليکو کين ماري وجهندو آهي. ان ڪري ان مهيني ۾ هر ڪنهن منجهان اهي سڄاڻ واريون اکيون ڇڻ نکري ويندیو آهن. (٣٥) ص ٢٠٢

مطلب: ١ - غرض، گهٽن کي انڌو ڪري ڇڏيندي آهي.

## ٩١. بڊي جا ڪانگ ٻه ڇتا. (چوڻي)

بڊو: جون جولاءِ ڌاري ايندڙ وڪرمي سنبت جو مهينو. ان دوران ڪانءَ ٻچا ڪندا آهن. جيسن ال اڏامڻ لائق ٿين تيسن ڪانءَ، کين آکيرن ۾ پالين ۽ هيٺ لهڻ نه ڏين. ڦٽي ڦري، کين اتي کاڌ-خوراڪ پيا پهچائين. ٻچن جي سار سنيال جي ڪري ڪانءَ، آکيري آڏو ٻه ڪنهن کي لنگهڻ

ڪو نہ ڏين. ڪانگيرو ڪيو پيا نوڙهہ وارا نونگا هٽندا ۽ مٿي مٿان لامارا ڏيندا. بيزار ڪري وجهندا آهن. (۳۵) ص ۲۰۴
مطلب: بدي ۾ ڪانءُ بيزار ڪري وجهندا آهن.
۲. بدو پنو، ڪانون رنو.

## ۹۲. بدي جي رب بہ پلي. (چوڻي)

بدي مهيني جي اندر، ڪاڌ خوراڪ جي قلت ٿي ويندي آهي. گهر اندر رکيل اڳيون ان، کٽي ويندو آهي ۽ نئون فصل اجا لٽل نہ هوندو آهي. ان صورت حال ۾، ڳوٺن اندر، هر گهر جو حال ساڳيو هوندو آهي. ڪير ڪنهن کي گهرڻ تي بہ اٽو اڌارو ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. اهڙي وقت ۾ اگر، پنهنجي گهر ۾ پنهنجي پچ يا رب نصيب ٿئي تہ اها تمام پلي ۽ عزت وارو ڪاڌو سمجهبو. (۳۵) ص ۲۰۵
مطلب: سڄائيءَ ۾ سادو ڪاڌو بہ غنيمت.

## ۹۳. بر تہ پرم آهي. (چوڻي)

بر يا ٿر، ٿري ماڻهن جي لاءِ، پرجهلو ۽ پرم رکڻ جي جاءِ آهي. ٿر جا رهاڪو، هڪ ٻئي جي سهاري ۽ مدد سان ٿر جهڙي بر پٽ بيابان اندر رهن ٿا، جنهن ڪري منجهن محبت، ٻڌي ۽ ايڪو رهي ٿو. اهي وصفون سڪون ۽ راحت کي جنم ڏين ٿيون. جيڪي پرم رهجي اچڻ جا ضامن آهن. (۳۵) ص ۲۲۱
مطلب: ٿر جو جهڙو ڏيک آهي، تهڙو ٽيڪ ناهي.

## ۹۴. ٻُرو پلو هوئي نهين، گولو ڀيلاڙو، گڏهہ گهوڙو ٿي نهين، گنگا جهيلاڙو. (چوڻي)

گولو: غلام، نوڪر. ڀيلاڙو: ڀيل قوم جو فرد. جهيلاڙو: پاڻيءَ سان وهنجارڻ.
برو ماڻهو، نوڪر ۽ ڀيل قوم جو فرد، احسان فراموش هئڻ سبب، ڪڏهن بہ پلا نہ ٿيندا.
اهڙيءَ طرح گڏهہ کي، گنگا جي پوِتر پاڻيءَ ۾ پلي شنان ڪرائجي تہ بہ گهوڙو نہ ٿيندو. ياد رهي تہ هندو، گنگا نديءَ جي پاڻيءَ کي پاڪ سمجهندا آهن ۽ سندن عقيدي مطابق گنگا شنان ڪرڻ سان زندگيءَ جا گناهہ ڌوپجي ٿا وڃن.

مطلب: ١ - برو ماڻهو، نوڪر، ڀيل ۽ ڳڌه، ڪڌهن به ڪين سڌرندا.
٢ - برو پلو نه ٿئي، گولو ڀيلاڙو،
ڳڌه گهوڙو نه ٿئي، ڪري ڳنگا جهيلاڙو.
٣ - حضرت عيسيٰ جو ڳڌه، پلي مڪي وڃي ته به اِتن هٽڻ ڪان نه مڙي.
٤ - بدمعاش، پلي ست حج ڪري ته به ڪو نه سڌرندو. (١٢) ص ١٣٩.

## ٩٥. برهمڻ رو وچن، سورج ري ساک. (چوڻي)

وچن: واعدو، قول. سورج: سج. ساک: شاهدي، چٽائي.
سج، ڪاريءَ هينان ڪين لڪي سگهندو آهي. جڏهن اڀرندو آهي ته ڏيهه ڏسندو اٿس. پنهنجي هجڻ جو، پاڻ دليل آهي. ڪيس ثابت ڪرڻ لاءِ، ٻئي ڪنهن دليل يا شاهديءَ جي ضرورت ناهي. سندس روشني، ٻين گهٽين اونداهين تان پردو هٽائي ڇڏي ٿي.
اهڙيءَ طرح، برهمڻ يا قوم جا ليڊر پڻ آهن. سندن قول، سچائيءَ ڪان خالي هئڻ نه گهرجي. ان ۾ نه لالچ هجي نه لوڀ، نه بدنيتي ۽ نه وري حرص و هوس، نه ڪوڙ نه ٺڳي، بلڪ صاف ستري نيت سان، صاف سترن ۽ سادڙن لفظن ۾، سندن قول هئڻ گهرجي. جنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ عام ماڻهو جلد راضي ٿي وڃي.
مطلب: ١ - برهمڻ يا مرشد کي ڳالهائڻ ۾ چٽو هئڻ گهرجي. جيڪي ڳالهائي، سو سوچي سمجهي، وڏي احتياط سان ڳالهائي.
٢ - برهمڻ جو وچن/ قول، سج وانگر چٽو هئڻ گهرجي.
٣ - هٿ-ڪنگڻ کي، آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور. (١٣)

## ٩٦. برهمڻ رو من سيري ۾. (چوڻي)

برهمڻ جيئن ته مذهبي پيشوا ٿئي ٿو، تنهنڪري سندس ڪم عام ماڻهن کي نصيحت ۽ مهميز ڏيڻ آهي. انهيءَ اوچي ڪم جي ڪري، معاشري ۾ سندس ذات اوچي ليکي وڃي ٿي. محنت مزدوريءَ جو ڪم، ڪانئن نه ٿو ورتو وڃي. جيئن ته اهي دنياداريءَ جي ڪمن کي تياڳ ڏيئي ٿا ڇڏين، تنهنڪري عام ماڻهو به سندن خيال ڪندي، چڱا ۽ اوچا طعام، جڏهن ڪنهن ڏڻ وار تي جوڙين ٿا، سي سندن آڏو پيش ڪن ٿا. ڪي ماڻهو ته اجا به وڌي، بنا ڪنهن ڏڻ وار جي به، هوند-سارو ڪين اوچا طعام: ٻوڙ پلاءُ، مال مليدا ۽ سيرا وغيره ڪٽي اچي پيش ڪن ٿا.

مفت جا مال ڪائي، اٽيو آندو جڏهن سيرن سان سٽيو ڪن ٿا، تڏهن سندن من ۾ دال-پت بدران مالَ-ٺڪ ۾ رهي ٿو. سادي ڪاج ڪي، چخي ۾ نه ٿا ڪن. رڳو سيري وارن ٿانون يا آٽيندڙ هٿن ڏي پيا ٿا تڪين.

مطلب: ١ - مفت-خور جي نگاهه، چگيرڙو مال قبائڻ تي هوندي آهي.

٢ - وجَهِي مُلن، ٻِ-روپي برهمڻن ۽ لالچي گادي-نشينن جي نظر، عام ۽ ابوجهه ماڻهن جي مال ملڪيت ۾ هوندي آهي، جيڪا ٺڳائڻ لاءِ، هر وقت پيا واجهه وجهندا آهن.

٣ - بامڻ تو پوجن پريہ. (سنسڪرت)

۴ - ملان ته پت، گهوڙا ته پٽ، هو ڪشيا ته رسيا، هيءُ نيا ته چٽ.

۵ - ملان ته پت، گهوڙا ته پٽ، سيد ته سويون، آيون ته ويون.

٦ - ملان ڪي، ميان مري ته به پت ڪاٽو، بيبي مري ته به پت ڪاٽو.

٧ - ڪو ئي مري ڪو ئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي. (١) ص ٣۵۴.

٨ - پيٿيو: برهمڻ هي پوجن-پريہ. (سنسڪرت)

## ٩٧. برهمڻ ري هٿ ۾ سونو ڪٽورو. (پهاڪو)

ڪٽورو: وٽو، ٿانءُ.

براهمڻ، هندو قوم اندر، وڏ-گهراڻي يا مرشد-گهراڻي سان تعلق رکندڙ فرد کي چئبو آهي. عام ماڻهو سندن شيوا ۾ پورا هوندا آهن. سندن مرادون ۽ مطلب، بنا ڪنهن تڪليف جي پيا پورا ٿيندا آهن.

سماج ۾ سنا ۽ اهم عهدا، سندن لاءِ خالي هوندا آهن. ڪنهن ڪان ڪا شيءِ گهرن ته ڪين هڪي حاضر ٿي ملي.

عام ماڻهن ڪان عام فقير، جيڪڏهن خير خيرات گهرندو ته عام وٽي يا ڪستي ۾ پنندو. جنهن ۾ ڪيس سندس وٽي جي قيمت آهر، اوتري ئي ٻِکيا ملندي آهي. جڏهن ته برهمڻ ڪي گهرڻ تي، گهٽو ڪجهه ملي ٿو. ائين جڻ سون جي وٽي ۾ گهرندو هجي. انهيءَ ڪري، وٽي جي قيمت آهر ڪيس، عام رواجي فقير ڪان وڌيڪ ملي ٿو. جنهن سبب ڪيس، دنيا جون سموريون آسائشون ميسر آهن ۽ ڪڏهن به فاقا ڪڍڻا ڪين ٿا پون.

مطلب: ١ - وڏو ماڻهو، ورلي تڪليف ڏسي ٿو.

٢ - براهمڻ ڪڏهن به بک نه مرندو. (١٣)

## ٩٨. برهمڻ هي پوجن-پريہ. (سنسڪرت، چوڻي)

يوڄن-پريہ: مال مليدا ڪاڻ، ڪاڏي جي ڪڍ هڻڻ.
مذهبي پيشوائن ڪان، عام ماڻهو محنت جهڙو ڪم نہ ونندا آهن. البتہ سندن لاءِ محنتاڻو يا ڪاڌ-خوراڪ، نذراني طور گهر ويٺي پهچائيندا آهن تہ جيئن سندن پورو وقت عبادت يا پرارٿنا ۾ صرف ٿئي. اگر اهڙا پلارا ماڻهو بہ دنيا جي روزگار جي تلاش ۾ لڳي ويندا تہ، چڱن ماڻهن جو ڪال پئجي ويندو. اگر انهن کي گهر ويٺي، گهرج سارو، ڪاڌو پيتو ۽ لٽو ڪپڙو پيو ملندو تہ مڙهيون ۽ عبادتگاهون ڇڏي، ويرانيون نہ ڪندا.
برهمڻن يا مذهبي پيشوائن جي، گهر ويٺي ٿيندڙ ٺهل ٺڪور ڏسي، سست ۽ لالچي ماڻهو بہ وجي ڍونگ رچائي پيشوايت جو لبادو اوڙهيندا آهن. حالانڪ منجهن دينداريءَ واري صلاحيت ۽ دين جو قدر اوترو نہ هوندو آهي. پر پيٽ خاطر ۽ مفت جا مال ميڙڻ واسطي، اهو سانگ رچائيندا آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو، سندن اکيون ۽ هٿ، هر ملڻ واري ماڻهوءَ جي هٿن ۽ کيسن کي پيا تاڙيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهن کي ويڙهائي بہ پيا مال تڳائيندا آهن. ڪي تہ لالچ ۾ ايترو متانهان نڪري ويندا آهن جو، ماڻهن کان اصلي دين جي وات بہ وسارائي ڇڏيندا آهن.
اهو ئي سبب آهي جو مذهبي پيشوائن ۾، اڪثريت ڍونگي ماڻهن جي آهي، جيڪي اڳين وڏن ۽ سچن بزرگن جي عزت ۽ مان ڏسي، انهيءَ وات تي انهيءَ تمنا سان لٿا آهن تہ جيئن سندن بہ ساڳي خاطر تواضع ٿئي. وٽن مذهبي يا ديني علم گهٽ، عبادت رياضت جو ڏانءُ مفقود رهي ٿو. چو جو سندن اصل نيت، مال تڳائڻ ۽ پيٽ پرڻ جي آهي.
وقت پوڻ تي، مفت جو مال ڏسي، سندن لالچ واري رڳ ڦڙڪي پوي ٿي ۽ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿا وجهن. سچن ماڻهن جو تعداد، اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. جيڪي عام ماڻهن کي ورلي نظر اچن ٿا. جنهن سببان، مذهبي ماڻهن جا عيب چٽيءَ طرح ۽ وڏا نظر اچن ٿا.
مطلب: ١ - مذهبي پيشوائن جي اڪثريت، پراوا مال تاڙيندڙ هوندي آهي.
٢ - گهٽا ٻاوا ۽ مجاور، پيٽ-هٿو هوندا آهن.
٣ - اجوڪا ٻاوا، ڪٽ جا پاوا، ڪائي ماوا، ڪن ٿا جاوا.
٤ - اجوڪا حاجي وتندا رنون زالون ڦريندا.
٥ - پيٽيو: برهمڻ رو من سيري ۾.

### ٩٩. ٻڙهتان ري لاريان، پڄتان ري مُهر ۾. (چوٽي)

ٻڙهتان: وڙهندڙن. لاريان: پويان. پڄتان: پڄندڙن. مُهر ۾: مهڙ ۾، اڳ ۾.
دنيا جا اڪثر ڪم، ’اڳي، سو تڳي‘ واري اصول تي هلندي، ڪارائتا ٿين تا. ’پهلي آئيئي، پهلي پائيئي‘ تي عمل ڪبو تہ فائدو پوندو، ٻي صورت ۾ نقصان پوندو. جڏهن تہ ڪي ڪم وري اهڙا هوندا آهن، جن ۾ شموليت، نقصان جو باعث هوندي آهي. تنهنڪري انهن مان ڳم تي وڃڻ ۾ ئي بهتري هوندي آهي. يا منجهن دير سان پڄڻ ۾ ئي عافيت هوندي آهي.
هتي ٻن ڪمن: وڙهڻ ۽ پڄي نڪرڻ جو مثال ڏنو ويو آهي. جهيڙي لاءِ چئبو آهي: ١- جهيڙي ۽ باهہ جو ٻر ڏي منهن. ٢ - جهيڙي ۾ لڏو ڪين ورهائبا آهن، اگر وڃبو تہ نقصان پائبو. جهيڙي واري جاءِ تان ٽري پاسو ڪرڻ ۾ خيريت آهي. هيءُ مثال، ڪني جهيڙي جا آهن.
جڏهن تہ ڪي جهيڙا حق خاطر هوندا آهن. انهن تان هٽڻو ناهي، پوءِ پلي سر هليو وڃي. انهن لاءِ چيو ويندو آهي: ١ - جهيڙو جهيڙ، ڪُجهيڙو نہ جهيڙ. ٢ - حق تي جهيڙو تہ ٽيو ڪم پلو.
ناحق تي جهيڙو يا ويڙهہ تمام خراب آهي. ان ڪان بهتر آهي تہ پهرين سر بچائي پڄي وڃجي. ان ۾ ئي ڀلائي آهي.
مطلب: ١ - نقصانده ڪم ۾ پوئتي رهجي ۽ فائدي واري ڪم ۾ اڳرو رهجي.
٢ - وڙهندڙن جي پويان، پڄندڙن جي اڳ ۾. (٦) ص ٨٧.

### ١٠٠. بگڙي پتر پر-گهر وسيا، ڪاٺ لڳي بگڙي تلوار،

بگڙي بيٽي ٻهو هنستي، نرون ستڪي بگڙي نار،
بگڙي ڏڌ اَڏوئي باسڻ، پنرڻ بگڙي بگر پناهہ،
ڏيبو بگڙي بگر ڏيويلي، بيهان بگڙي پيسي بنان،
بگڙي انب موريا بادل، مٽڙ بگڙي بگر مٽي،
وانديو بگڙي استري بنان، ڏانديو بگڙي بگر ڏٽي،
ڪاغذ بگڙي نيرج ڪنڙي، بگر قيريو بگڙي باز،
کهي ڪوي ڳنگ پاٽ، رن بيهر سان بگڙي راڄ. (چوٽي)

نرون: ڇڏڻ. ڀهو: ججهو. ستڪي: ستي پٺو، حياءُ. ستي: مئل، مڙس جي چکيا سان گڏ سڙي مرندڙ، جنهن کي ڪنهن مرد ڇهيو نہ هجي. اڏوئي: اڻ ڏوتل. ڏڏ: ڪير. پنرڻ: لاوارث. ڏيو: مندر، ديوتا، جنهن جي پوڄا ٿئي. ڏيلوي: ناٿ، پنڊت، ٻائو. بيهان: وهانءُ. مٽڙر: مڻ ڏاريندڙ، مڻ رکندڙ نانگ . وانديو: رنڙ، ڇڙو ڇانڊ. ڊانديو: رولو جانور. نيرج: پاٽي. باز: گهوڙو. ٻيهر: ٻاهر پيري.

١ - پٽ پرائي گهر ۾ هرڻ سان ڪرندو آهي. ٢ - تلوار ڪٽ لڳڻ سان، بيڪار ٿي ويندي آهي. ٣ - نياٽي هر وقت هر ڪنهن سان ڪلندي تہ بد عادتي ٿي ويندي. ٤ - عورت حياءُ ڇڏي ڏيندي تہ منجهس عورتپڻو قائم نہ رهندو ۽ ڪو بہ مرد ساڻس وهانءُ ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. ٥ - ڪير، اگر اڻ ڏوتل ٿانءَ ۾ وجهبو تہ ڦٽي ويندو ۽ پيئڻ يا ولوڙڻ جي قابل نہ رهندو. ٦ - لاوارث يا يتيم جي مٿان، ڪنهن جي بہ پناهہ يا نگاهہ نہ هوندي آهي، جنهن سبب ڇڙواڳ ٿي پوندو آهي. ٧ - مندر، پنڊت جي غير موجودگيءَ سبب بي-مالڪيو ٿي پوندو آهي. منجهس ٿيندڙ پرارٿنا بنا ڪنهن اصول ۽ قانون جي چالو ٿي ويندي آهي. جنهن سببان، منجهانئس جائز بدران ناجائز ڪارج سرندي نظر ايندا آهن. ٨ - وهانءَ جي ڪاڄ ۾ ايندڙ ڄاڃي يا ماڃي، ماني ڇڪي وٺندا آهن. ماني پئسي خرچڻ سان، تيار ڪري سگهبي آهي. سڃائيءَ تي نہ ماني ٿيندي ۽ نہ عزت آبرو قائم رهندي. ٩ - انب جو وڻ جڏهن ٻور جهليندو آهي تہ پوءِ نہ واءَ جي سٽ سهي سگهندو آهي ۽ نہ وري مينهن جي ڇنڊ ڦڙي برداشت ڪري سگهندو آهي. مينهن پوڻ سان تباهہ ٿي ويندو آهي. ١٠ - مڻ واري نانگ لاءِ مشهور آهي تہ چانڊوڪي رات ۾، مڻ ٻاهر ڪڍندو آهي ۽ پوءِ سير ڪندو آهي. جنهن جاءِ تي اها ڪڍي رکندو آهي، سا ڪيس ياد هوندي آهي. اگر ڪانئس اڳي ڪير اها کڻي ويو يا واپسيءَ تي ڪانئس دڳ وسري ويو تہ اها مڻ ڪيس وري هٿ نہ ايندي آهي. مڻ وڃائڻ ڪان پوءِ سندس اها حيثيت برقرار نہ رهندي آهي. ١١- رنڙ يا ڇڙو ڇانڊ مرد، زال نہ هئڻ سبب ڪٿي جو بہ نہ ٿو رهي. ڪير بہ ڪيس، پنهنجي گهر اچڻ لاءِ نہ ٿو چوي. چوندا آهن؛ ڇڙن جو جهان ئي ڪونهي. ١٢ - رولو جانور جو ڪو بہ مالڪ نہ هوندو آهي. نہ ڪيس ڪو گاهہ وجهندو آهي ۽ نہ ئي ڪير ڪيس آرام جي وقت تي رسو وجهي، هڪ هنڌ ٻڌي آرام ڪرائيندو آهي. جنهن سبب نڌڻڪو جانور ڪنهن بہ ڪم جو نہ ٿو رهي. ١٣ - ڪاغذ، پورو هوندو آهي. اگر مٿانئس پاٽيءَ ڇنڊ

پئي ته ڳري ويندو. اگر ٻچيو ته به ساڳي حالت نه هوندس ۽ ڪم جو نه رهندو. ١٤ - گهوڙو به تڏهن سنو ڊوڙندو آهي، جڏهن ڪو ڄاڻو سئيس ڪيس پنڌ سيکاري. اگر ڪيس گهمائڻ لاءِ سنو سئيس نه آهي ته اهو گهوڙو به بيڪار ٿيو پوي. ١٥ - عورت سان سماج ۽ معاشري جو گهرو تعلق آهي. اگر عورت صحيح آهي ته معاشرو نيڪ آهي. اگر ڪنهن معاشري جي عورت مان واڳ نڪتل آهي ته سڄو معاشرو ۽ سوسائٽي ئي تباهه و برباد آهي.

مطلب: ١ - غلط شيءِ سان، ماحول ۾ بگاڙ/ ڦيٽاڙو پوندو آهي. مٿي ان بابت ڪجهه مثال ٻڌايا ويا آهن. (٢) ص ٢٧١.

## ١٠١. بگڙيو ڏڌ، باڙ ۾ نوئين. (پهاڪو)

بگڙيو: ڪريل. ڏڌ: دوڌ، ڪير. باڙ: واڙ، لوڙهو. نوئين: هاريون، هارجي.

ڪير، پهرين غذا آهي، جيڪا هر ساهدار کي دنيا ۾ اچڻ وقت ملي ٿي. مڪمل کاڌو آهي جيڪو طاقت بخش هئڻ سان گڏ، مفيد ۽ ڪارآمد خوارڪ آهي. اهو به جڏهن ڪرندو آهي ته پاسائتو ٿي واڙ ۾ هاربو آهي ته جيئن ڪتا ٻلا وجي چٽينس.

مطلب: ١ - سني شيءِ يا ماڻهو، ڪرڻ ڪان پوءِ نور وڃائي ويهن ٿا. ڪير به ساڻن محبت ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿو رهي.

٢ - ڪريل ڪير، واڙ ۾ ئي هارجي. (٦) ص ٩٠.

## ١٠٢. بندوق جو ڏڪ ڳُسي، ساڄو ڳُهگهه نه ڳُسي. (پهاڪو)

ڳُهگهه، ٽر اندر ڳاڙهسرو پکي ٿئي ٿو، جيڪو بدن ۾ باز جيترو هوندو آهي. منهن، مادي ڪڪڙ جهڙو ٿئيس ٿو. وڏن ۽ گهاٽن وڻن ۾ آنا لاهيندو آهي. تمام سياڻو پکي ٿئي ٿو. باز وانگر جهپٽو ڏيئي، هلڪا پکي شڪار ڪري کائيندو آهي. سندس شڪار، اصل نه ٿو ڳُسي.

گهگهه پکين جو راجا آهي. پر ڏينهن جو انڌو ۽ رات جو سڄو. راجا آهي پر آهي اهڙو سياڻو جو وستيءَ کي سڄو ڪري ۽ سج کي وسائي. ٽر ۾ وڏن ڪنن واري چٻري کي گهگهه چون. (٣٤) ص ٨٠

وهمي ۽ پرمي ماڻهن ۾ گهگهه لاءِ اهو وهم وينل آهي ته: مسافريءَ تي ويندي، اگر ڪنهن وڻ يا جاءِ جي ساڄي پاسي ڪان گهگهه پکي وينل نظر

آيو تہ وڏو ۽ اڻ-ٽر يا اڻ-ڳُس نياڳ ايندو. ماڻهوءَ يا بندوق جو ڏڪ ڳسي يا خطا ٿي سگهي پر، گهگهہ جي نحوست کان ڪير نہ بچي.
مطلب: ١ - وڏي نشان باز جي، گهگهہ سان پيٽ ڏني ويندي آهي.
٢ - رستي تي ساڄي پاسي کان وينل گهگهہ پڪي، تمام گهڻو منحوس سمجهيو وڃي ٿو. (١١)

## ١٠٣. بنيادي پُولي نهين، توڙي دک پڙين انيڪ،
## شينهن ڪي چال گدڙ نہ چلي، سؤ راکي ٽيڪ. (چوڻي)

بنيادي: سٺي نسل جو. پُولي نهين: راهئون رد نہ ٿيندو. راکي: رکي، ڏيکاري. ٽيڪ: هلڻيون.
ماڻهو، وڏي ويجهي ماحول ۾ ٿو ۽ ان مان اثر پذير ٿئي ٿو. سندس خيالات ۽ سوچ ائين ئي بڻجي، جيئن ارد گرد جي ماحول مان اثر پذير ٿئي ٿو. تنهن هوندي بہ پنهنجي جنس ۽ ماءُ پيءُ جا اثرات سندس شخصيت تي ضرور هوندا آهن. جهڙيءَ طرح ٿوهر مان روهيڙي واري خوشبوءِ ۽ خصوصيت ملڻ ممڪن ناهي. ٿوهہ منجهان، گدري وارو سواد ۽ ساءُ نہ ايندو. اهڙيءَ طرح وري لچ مان چڱائيءَ جي اميد گهٽ ٿيندي. ائين وري، خانداني ماڻهوءَ مان لچائيءَ جو امڪان گهٽ هوندو آهي. پلي مٿس ڪيڏو بہ ڏکيو وقت اچي وڃي، اخلاقيات کان ٻاهر ليڪو نہ لتاڙيندو. شينهن وانگر مرندو پر ڊپ نہ چرندو. بک ڏک واري تڪليف ڪاٽي، وڃي چڙهندو پر عزت نہ وڪڻندو.
ائين وري گدڙ اگر، سوين چالون مٽائي، تہ بہ شينهن واري خوءِ منجهس نہ ايندي. ٻئي گوشت-خور آهن، پر شينهن پنهنجي ڪيل شڪار کان سواءِ گوشت نہ ڪائيندو آهي جڏهن تہ، گدڙ پيو پرائي-ماريءَ تي جُوهہ وجهندو ۽ گذارو ڪندو آهي. گدڙ پلي ڪيڏو بہ چالون مٽائي ۽ ٽيڳر ڪري هلي پر کاڌ-خوراڪ ۾ وري بہ شينهن جي طاقت جو محتاج آهي.
مطلب: ١ - تڪليف اچي تہ مڙس ماڻهو ٿي منهن ڏجي، پاڙيو ٿي نہ ڀڄجي.
٢ - جهڙي صحبت، تهڙو اثر.
٣ - تخم تاثير، صحبت اثر.
٤ - پيٽيو: پريا پُولي نهين، چُولي تو آڏا،
گهوڙا پونڪي نهين، پونڪي تو ڳاڏا. (٧) ص ٣٧.

**١٠۴.  ٻوڪ نہ ڏيکي ناڊا پات، اونگهہ نہ ڏيکي ٽٽل کاٽ،**
**اڃ نہ ڏيکي ڌوٻي گهاٽ، عشق نہ ڏيکي ذات ڪذات. (چوٽي)**

هڪڙي راجا جي ڌوٻيءَ جي ڌيءَ سان اک اڙجي وئي. اهانا ٻهانا ڪري، لشڪر کان لڪي يا جهنگ ۾ گوهي ڏئي اچي ساڻس راز نياز ڪندو هيو.

هڪ دفعي لشڪر کان لڪي ساڻس ملڻ لاءِ آيو تہ سندس هڪڙو وزير، جنهن ڪيس ڏٺو هيو، پڻ پنيان لڳو آيس. اچي ڏٺائين تہ: راجا ڌوٻي گهاٽ وٽ گهوڙو جهليو. اڃ بڪ لڳي هيس. لنگهي ويو نازنين جي گهر. محبوبا تہ حسين هئي پر گهر ۾ سڃ هئي. راجا سڃ جي سيج تي ويهي، پاڻي ماني گهري تہ ڪيس پراٽي وٽي ۾ پاڻي ۽ رڪيل پاروٽو پٽ مليو. ڪاٺڻ ڪان پوءِ ٿڪاوٽ سبب، اوجهراٽيون آيس تہ انهيءَ ڇڳل کٽ تي ئي آهِلي پيو.

اِهو لقاءُ ڏسي سندس وزير، واپسيءَ تي اچي محفل ۾ چيو:

” ٻوڪ نہ ڏيکي ناڊا پات، اونگهہ نہ ڏيکي ٽٽل کاٽ،
اڃ نہ ڏيکي ڌوٻي گهاٽ، عشق نہ ڏيکي ذات ڪذات.“

مطلب: ١ - عشق نہ ڏيکي ذات ڪذات، جي آيا سي اگهيا.
٢ - بک نہ پڇي ڳنڍڻ، ننڊ نہ پڇي اوڇڻ.
٣ - بک ۾ بصر بہ سنا.
۴ - ننڊ سوليءَ تي بہ اچيو وڃي. (٢) ص ٢٦٠.

# ٻ

١٠٥. ٻاٻيهو ٻولي، برسات آئي ڪ آئي. (چوڻي)
ٻاٻيهو: تاڙو پکي، سندس ٻولي برسات اچڻ جو اهڃاڻ آهي.
ٽري ويچارا، برسات جي مند ۾، رڳو پيا ڪڪرن ڏي ۽ آسمان ڏي واجهائيندا آهن. نکٽ ۽ اهڃاڻ پيا واچيندا آهن. ڇو جو سندن ٻارهن مهينن جو گذران آهي ئي وُٺي تي. اگر برسات پئي ته سال چڱو گذرندو. اگر نه وُٺي ته سال ڏکيو گذرندو. ان کان علاوه، اگر برسات پئي ته جُوءِ تي رهڻ جو بندوبست ڪرڻو آهي، اگر نه پئي ته لڏڻ جا سانباها ڪري، مال متاع ڪنهن ٻي ڏُٽيءَ تي پهچائڻو آهي، جتي ان جو جياپو ٿي سگهي. ڇو جو ڪير مکڻ جي صورت ۾، سندن جياپي جو ٻيو ذريعو مال متاع آهي. ان جي هر حال ۾ پرگهور ڪين ئي لهڻي آهي.
مطلب: برساتي موسم ۾ تاڙو ٻولي ڪري ته برسات ۾ دير ڪانهي. (١٢)

١٠٦. ٻار سون آر، ٻڙي سي بروڌ،
وڳوتر نار سون ڪيي نه هنسئي،
ان سون روس، اگن سون زور،
اٿاڳ پاني ڪيي نه ڪسيئي،
جوني ڪي سنگت، گونگي ڪي دوستي،
بوجهان باتين نهين ڪسئي،
نيچ سون نينهن، غلام سون سنگت،
اوگهٽ گهاٽ ڪيي نه گسئي،
ڪهي گنگ پات، ڪوڙ سون دور سدا وسئي. (چوڻي)
سون: سان، ساڻ. آر: ضد. بروڌ: وروڌ، وير، جهيڙو. وڳوتر نار: ٻاهر پيري عورت. روس: رسڻ. اگن: باهه. اٿاڳ: اٿاهه، ججهو، تار. ڪسيئي: ڪڇڻ. بوجهان: ٻرن ۽ نادانن واريون. اوگهٽ: ڪنا خيال. گهاٽ: هٽڪندا.
١ - ننڍڙي ٻي سمجهه ٻار سان ضد نه ڪجي. عقل وارو مڙي ويندو، ٻي سمجهه ٻار هوڏ تان، آنارڻ ڪان پوءِ به نه لهندو.

٢ - پاڻان وڏي سان وير نہ رکجي. ان ۾ پنهنجو ئي نقصان آهي. درياهہ ۾ رهي مانگر مڇ سان وير رکبو، روزگار تہ ويندو پر سِرُ بہ چٽ ٿي ويندو.
٣ - ٻاهر پيري يا ڪريل عورت سان ڪلي نہ ڳالهائجي. ’هنسي تہ ڦنسي‘ تحت، ’ڦنسي دا ڦڙڪڻ ڪي‘. پنهنجي دل تہ ڦرائجي ٿي پر پنهنجي زال جي نظر/ انتقام کان بچي نہ سگهبو.
٤ - زال سان رسڻ چڱو ناهي، رسبو تہ بک مربو.
٥ - ٻاهہ سان زور آزمائي نہ ڪجي. سڙڻ تہ ڇا ٻاهہ جي لهس بہ خراب آهي.
٦- ڍنڍ جي تار پاڻيءَ يا سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ جي تانگهہ ماپڻ جا جتن نہ ڪجن.
٧ - ڪوڙي ماڻهوءَ جي سنگت کان پيڇي ٽارو ڪجي. مٽس آيل وباءِ ڪڏهن ڪڏهن، سندس سنگت مٿان اچي ٽٽندي آهي.
٨ - گونگي سان دوستي نہ ڪجي. اندر جي ڳالهہ ٻڌائي نہ سگهندو ۽ نہ ئي ڪچهري ڪري دل وندرائي سگهندو.
٩ - جهالت: اوندهہ ۽ عذاب آهي. علم: روشني ۽ هدايت آهي. روشنيءَ ڏانهن اچجي ۽ جهالت کان پيڇي ٽارو ڪجي. جهالت وارين ڳالهين کان ئي پاسو ڪجي.
١٠ - نينهن جيسيءَ سان اتڪائڻ ۾ شان مان آهي ۽ سني موت ملي ٿي. ڪم ذات سان نينهن اتڪائڻ ۾ نہ شان آهي ۽ نہ عزت. رڳو خواري ئي خواري. ڪميٽي سان ياري رکڻ، آهي ڪلهي تي ڪتو ويهارڻ.
١١ - ٻانهي يا نوڪر سان پڻ ياري رکڻ نہ ٿي سونهين. اهو رشتو پڻ اڻ-برابريءَ وارو آهي. نہ راس ايندو ۽ نہ ئي نيڀجي سگهندو. فقط خواريءَ جو ڪارو ڪلهي تي ڪٽڻ برابر رهندو.
١٢ - برا خيال، اجايا هٿڪنڊا، بيهوده ۽ واهيات ويچار ڪڏهن بہ دل تي نہ آڻجن. گناهہ سان گڏ، تباهيءَ ڏانهن ڌڪي، دنيا ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيندا آهن.
١٣ - ڪوڙ کان سدائين پاسو ڪجي. ڇو جو ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ هوندي آهي.
مطلب: ٻرن جي صحبت کان پاڻ بچائجي. (٢) ص ٢٧٠.

١٠٧. ٻارهين ٻُڌ نہ اُپجي، تيرهين تيج نہ هو،
ٻيسين برسي نہ ٻجيو، تنهن ري بات جو مَجو. (چوڻي)

ٻُڌ: سمجهه، عقل. اُپجي: پيدا ٿئي. تيج: روشني، تجلو، سوچ، ويچار، فڪر. ٻجيو: وڃيو، مشهور ٿيو. مَجو: مزو.

انساني جسم ۽ عقل جي حالت عمر سارو بدلبي آهي. جمڻ سان ڪنهن ۾ ٻه نه جسماني طاقت هوندي آهي ۽ نه وري ذهني طور ڪو قابل هوندو آهي. جيئن جيئن عمر وڌي ٿي تيئن تيئن جسم ۾ طاقت ۽ ذهن ۾ عقل پوندو ٿو وڃي. عام خيال اهو آهي ته ٻارهن سالن جي عمر ۾ ماڻهوءَ کي بري ڀلي منجهه تميز ڪرڻ جيترو عقل اچي ٿو وڃي. ڪيس نفعي نقصان جي ڄاڻ پئجي ٿي وڃي. تيرهن سالن جي عمر ۾ پنهنجو عقل ايترو اچي وڃي ٿو جو ٻين جي اڌاري ورتل عقل جي ضرورت نه ٿي رهي. ان عمر ۾ ٻين جي رهبريءَ جي ڪيس ايتري ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي. ويهن سالن جي عمر ۾ ڪيس ايتري طاقت اچي وڃي ٿي جو هو ٻين سان ٻڪين پئجي دسي سگهي ٿو. اها عمر جسماني طاقت جو مظاهرو ڪرڻ واري عمر آهي. جيڪڏهن ڪنهن منجهه مذڪوره عمر اندر مذڪوره طاقت نه ٿي اچي، تنهن جي نشو و نما منجهه ڪا ڪمي ضرور رهجي ويل آهي.

مطلب: ١ - جنهن کي ٻارنهن سالن جي عمر ۾ سمجهه يا عقل نه آيو، تيرنهن سالن ۾ بري ڀلي جي تميز ڪري پاڻ نه موڪيائين ۽ ويهن سالن جي عمر ۾ جوانيءَ جا جوهر ڏيکاري، ڏاهپ/ بهادريءَ سان نالو روشن نه ڪيائين، تنهن جي ڪنهن به ڳالهه ۾ مزو ناهي.

٢ - عمر سارو، ڏاهپ، بهادري ۽ نيڪنامي حاصل ڪرڻ گهرجي. (٢) ص ٢٧١.

## ١٠٨. ٻاڙي گهر ٻسايو، تو ٻابو ٻوڍڙي لائي ڪِ ڪرسئہ. (پهاڪو)

ٻاڙي: ٻار، نامرد. ٻسايو: آباد ڪريو. ٻابو: ٻي، ٻيو. ٻوڍڙي: مائي، وني، زال. ڪي: ڇا. ڪرسئہ: ڪندو. لائي: آٽي.

گهر جو ڪار وهنوار، فطرتي طور تي، عورت-زاد سان ئي هلي ٿو. ٻار ته ڇا پر مرد به گهر جو ڪار وهنوار هلائي نه ٿو سگهي. جڏهن ته ٻاهر جو ڪاروبار، فطرتي طور تي، مرد-ذات لاءِ هلائڻ آسان آهي. ان جي برعڪس ٻاهريان ڪم عورت لاءِ ڏکيا آهن. ائين ئي گهر جا ڪم ڪار، ٻار ٻچا سنڀالڻ وغيره، عورت جو مَرڪ آهن ۽ ان لاءِ سنڀالڻ آسان آهن. اگر ٻار وغيره گهر جو ڪاروبار سنڀالي سگهي هان ته مرد، ڏاريون عورتون پرڻجي، گهر ۾ نه وني اچن ها.

مطلب: ١ - جيڪڏهن گهر ۾ موجود ٻار، گهر هلائي وڃي ته پوءِ ڏاري پرڻجي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت؟
٢ - گهر ته گهر-واري.
٣ - ٻارن سُتي ٻه ڪڏهن، زالان ڳيون؟
٤ - گُنڊئين ڪير ملي ته مينهن چو ڏارجي.
٥ - وڃ ڪير ڏئي ها ته مينهن ڪير نه ڏاري ها.
٦ - عورت ته ائٽ، مرد ته ڪيٽ.
٧ - مالڪ ته مالڪي. (٥)

## ١٠٩. ٻانيڻ، ٻانهن لاءِ موتاڄ. (پهاڪو)

ٻانيڻ يا براهمڻ، برداريءَ اندر سڱ ڪن. ٻاهر نه نڪرڻ ۽ برادريءَ ۾ ڇوڪرين جي قلت سبب، ڪين ڪڏهن ڪڏهن سڱ ٻه ڪين ملندو آهي.
وڏ-ماڻهپائپ ٻه ماڻهوءَ کي سوڙهو ڪري ڇڏيندي آهي. تڪبر سبب، ماڻهو غريبن کي پاڻ جهڙو نه سمجهندو آهي. منجهانئن پرڻجڻ ۽ ساڻن مٽي ڪرڻ ۾ عيب سمجهندو آهي. نتيجي طور، جيڏانهن تيڏانهن ڪان ڪٽجي ويندو آهي.
متڪبر يا تڪبر ڪرڻ واري جو مثال ان شخص وانگر آهي، جيڪو ماڙيءَ مٿان ماڙي نهرائيندو، مٿي چڙهندو وڃي. گهٽو مٿي وڃڻ کان پوءِ، منزلون ته وڌنديون آهن پر اڳڻ ننڍيا ٿيندا ويندا آهن، تان جو چوٽيءَ تي هڪ ننڍڙي جاءِ وڃي بچندي آهي. ان تي ويهڻ واري ماڻهوءَ لاءِ، نه ڪابي جاءِ هوندي آهي نه ساڃي. نه اڳيان نه پويان. فقط اها جاءِ بچندي آهي، جتي هو وينو هوندو آهي. سواءِ هيٺ ڪرڻ جي، سندس لاءِ ٻيو رستو نه بچندو آهي.
وڏو ۽ متڪبر ماڻهو، پنهنجي ڪڌن عملن سبب پاڻ کي، چوٽيءَ تي وينل وانگر اڪيلو ڪري ڇڏيندو آهي. برهمڻ قسم جا ماڻهو، عام ماڻهن مان وڏون ڪيندي، ڪين اڇوت ۽ شودر سمجهندي، ڇوت ڇڙهي ويندا آهن. نتيجي ۾ ڪين شاديءَ لاءِ زال ٻه نه ملندي آهي.
مطلب: ١ - مشروط معاملا، اڪثر منجهندا آهن.
٢ - ٻانيڻ کي جوڙ جو رشتو نه ملندو آهي. (١٣)

## ١١٠. ٻانيڻ ري ٻلاه ۾، ٻاڻيي رو گهر پراجي. (پهاڪو)

ٻانڻ: برهمڻ، اوچي ذات، مهراج . ري: جي. ٻلاه: بي پرواهي، بلا.
ٻاٽيي رو: واٽيي جو. پراجي: پرجي
مهراج/ ٻانڻ/ برهمڻ کي اوچي ذات سمجهيو ويندو آهي. هر ڪو وٽس تحفا تحائف کڻي ايندو آهي. جنهن ڪري ڪيس شين جو قدر گهٽ هوندو آهي. ڪم ڪار نه هئڻ سبب نڪمو ٿي پوندو آهي. اهي تحفا سنڀالي رکڻ لاءِ به ڪيس وسعت نه هوندي آهي. ايتري قدر جو اگر ڪيس سنڀالڻ لاءِ چئبو آهي ته چڙي چئي ڏيندو آهي: ”مان جي تو ٻلاه ئي ڪنهي ڳنهي!“ يعني ”منهنجي ته بلا به نه وٺندي/ سنڀاليندي!“
سندس لاپرواهيءَ جي ڪري، اهي آندل شيون، رلنديون آهن پيون. واٽيي جي دڪان تان وڪرو ٿيڻ سبب، واٽيي/ دڪاندار ته منجهانئن فائدو ورتو پر ٻانڻ نه ورتو. ڪن جو چوڻ آهي ته آندل تحفا، جڏهن رلندا آهن ته عام ماڻهن جي معرفت وري واٽين وٽ سستي اگهه ۾ پهچي ويندا آهن، جنهن مان وري واٽيا پيا فائدا وٺندا آهن ۽ پنهنجا گهر پيا پريندا آهن.
مطلب: هڪڙن جي لاپرواهيءَ مان ٻيا فائدو وٺندا آهن. (٦) ص٥٣.

## ١١١. ٻانڻ ري مت ٿوري، گاءِ بيچڪي لينهي گهوڙي، گهوڙي کائي گهاس، ٻانڻ نو جاوي ساس! (چوٽي)

ڏنتي، واپار ۽ وهنواري لحاظ کان براهمڻ وٽ دنياوي عقل گهٽ هوندو آهي. جنهن سببان ڪو به واپار وڙو نه ڪندو آهي. حالانڪ، واپار ڪي، وڏنت چيو اٿن. اگر واپار ۾ هٿ وجهندو آهي ته پوءِ پنهنجي گهٽ ڄاڻ سبب، اهڙا واپار ڪندو آهي، جن منجهان ڪو به فائدو نه ٿئي. فائدي بجاءِ نقصان پوندو اٿس ۽ پريشاني پڻ سر تي کڻندو آهي. اڪثر ڏنو ويو آهي ته اڻڄاڻ ماڻهو، واپار ۾ فائدي وارو ڪم ڇڏي، نقصان وارو ڪندو آهي.
مطلب: ١ - جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري ته گهاٽو پري.
٢ - جس ڪا ڪام اس ڪو ساجهي، اور ڪري تو نينگا باجي. (پنجابي) (١٣)

## ١١٢. ٻڌي گهٽي، ٻهو پوڄن ڪايا. (چوٽي)

ٻُڌي: عمل، سوچ سمجهه. گهٽي: گهٽجي، ٿوري ٿئي. ٻهو: بهوت، بهت، گهڻو. پوڄن: کاڌو، خوراڪ.
پيٽ، هر انسان سان لڳل آهي. انهيءَ ۾ ڪجهه پوندو ته، ٻيا عضوا به چرندا. ڪين اتان کاڌ خوراڪ ملي ٿي. جڏهن ٻين عضون کي، پيٽ کان

ملنڌڙ خوراڪ بند ٿيندي ته منجهن اضطراري ڪيفيت پيدا ٿيندي. اضطراريت وري، دماغ کي سوچڻ تي مجبور ڪندي. ذهن سوچيندو ته ماڻهو به من-اندر، عقل ويڙهائيندو ۽ ڪاڌ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪا عقلي ٽل-سل ڪندو.

جنهن ماڻهوءَ سان اها ڏيهاڙيءَ جي ويڌن هوندي ته سندس دماغ به مسلسل سوچ-ويچار ۾ هوندو. لاڳيتو سوچ-ويچار ۾ رهڻ سبب، دماغ ڦڙت رهي ٿو ۽ عقل ۾ واڌارو اچي ٿو. ان جي برعڪس، جنهن جو پيٽ ڀريل آهي، بلڪ اهو نڙيءَ تائين ڏٿيل ۽ نُسيل آهي، تنهن ماڻهوءَ جي ٻين عضون کي به گهرج کان وڌيڪ کاڌ خوراڪ ملي ٿي، جنهن سببان ڪيس سوچڻ ۽ پريشان ٿيڻ جو موقعو نه ٿو ملي. جڏهن دماغ کي سوچڻ لاءِ ۽ عضون کي ڪرڻ لاءِ ڪم نه ملي ته ڪرندا ويندا. ويتي جو مال ڪائي، عضوا هڏ-حرام ۽ دماغ غبي ٿيندو ويندو.

مطلب: ١ - گهٽي ڪاڌي ڪائڻ سان، عقل گهٽ ٿئي ٿو.
٢ - گهٽو ڪائڻ، ماڻهوءَ کي هڏ-رک ۽ ڊور ڪيو ڇڏي. (١) ص ٢٩٦.

## ١١٣. ٻڪرار جو جهيرٽو، ڪڏهن ڪو نه سُڪي. (پهاڪو)

جهيرٽو: مانڌاٽي.

جنهن ٻڪرار وٽ، ڏهه ٻارنهن ڪَنَ هوندا آهن، سي سموري جا سمورا هڪ ئي وقت وهڪجي نه ويندا آهن. ٻڪريون نومبر، ڊسمبر ۽ جنوري ۾ گهٽيون ويامن. نه ته سجو سال، ايڪڙ ٻيڪڙ پيئون ويامن. مٿن ڏڪار ۾ به خرچ ڪرٽو ڪو نه پوي. اگر ٿئي ته به بلڪل معمولي. گوار جي لَپ تي پيئون هلن. ٻڪرار صبح جو ڪين ڏهي، جهنگ ڏي ڪاهي وڃن ۽ شام جو موٽائي آڻين. ٻڪري رواجي طرح اڌ سير کان سير تائين، ٿاٽي تي کير ڏيندي آهي. ڪي ڀليون ٻڪريون، وڌيڪ کير به ڏينديون آهن.

واڙ ۾ ڏهه ٻارنهن ٻڪريون اگر واري وٽيءَ تي پيون ويامنديون ۽ کير ڏينديون ته ٻارهو ئي کير ڪٽڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. رات وارو کير اگر پيئڻ لاءِ ڪم اچي ته صبح جي ويلي وارو کير، ڄمائڻ ۽ ولوڙڻ خاطر ڪم اچي سگهي ٿو. لسي مکڻ لاءِ ڄمايل ڏونئرو، چاڏيءَ ۾ وجهي، نهري جي ذريعي مانڌاٽيءَ سان ولوڙبو آهي. جنهن سببان ٻڪرار جي گهر اندر رکيل مانڌاٽي ڏيهاڙي پئي ڏونئري ۾ پڄندي آهي ۽ سڪندي ڪانهي. جنهنڪري ٻڪرار جي گهر ۾ سدائين ولوٽو هليو اچي.

مطلب: ١ - ٻڪرار، کير مکڻ جي لحاظ کان ٻارهو ئي سائو هوندو آهي.

٢ - سنهي مال ڌارڻ ۾ برڪت گهڻي آهي.

### ١١٤. ٻڪري ڏوڌ تو ڏي، پڻ ڏي مينگڻا ڪرڪئي. (چوڻي)

ڏوڌ، کير. مينگڻا: مينگڻيون، ڦولهڙيون.
ٻڪري هلڪو جانور آهي. منهجس کير ٻـ پاءَ ڪان مني سير تائين ٿئي. هڪ ٿڻ ۾ اڌ پاءَ ڪان ڏيڍ تائين ٿيندس. جڏهن ٿڻ ۾ هٿ وجهي ڳوها ڪڍبس تہ ٿن ڪان ڇهن ڳوهن ۾، ٿڻ خالي ٿي ويندس. ايترو کير ٻـ هلندي پئي ڏهائيندي. هڪ هنڌ بيهڻ قرار نہ ايندس.
حساس وري ايتري آهي، جو کير ڏهڻ لاءِ جيئن ئي ٿڻ ۾ هٿ پوندس، تيئن مُٺ ۽ ڦولهڙيون ٻـ پاڻ-مرادو ائين وهڻ شروع ٿيندس، جيئن ڪاڪوس ڪرڻ وقت، پيشاب ازخود اچي ويندو آهي ۽ جهلڻ نہ جهلبو آهي. جڏهن ٿڻ ۾ هٿ وجهڻ سان، ٻڪري ڦولهڙيون لاهڻ شروع ڪندي آهي تہ جاٽو ٻڪرار، هٿ ٿورو ڍرو ڪندا اتس ۽ کير ڏهڻ وار ٿانءُ: چونئري يا ساڙهي، ٿڻ وٿان هٽائي ڇڏيندا آهن. ڇو جو کير ڏهڻ واري جاءِ پيشاب ۽ ڦولهڙين واري جاءِ جي ويجهو آهي. ڪڏهن ڪڏهن کير جي ٿانءَ ۾ هڪ اڌ ڦولهڙي يا پيشاب ڦڙو، بي خياليءَ سببان ٻـ ڪري پوندو آهي. ڇو جو ڳوهو نڪري پورو ٿيڻ ڪان اڳ، ٻڪري حسب عادت ٿپو ڏئي هلڻ شروع ڪندي آهي. ڳوهو پورو ٿيڻ وقت، ڦولهڙيءَ واري جاءِ، کير جي ٿانءُ تائين پهچي چڪي هوندي آهي. ڏراڙ، ٻڪريءَ مان وڏي احتياط سان کير ڏهندا آهن تہ جيئن پاڪائيءَ سان حاصل ڪري سگهن. پوءِ ٻـ سندس کير ۾ ڦولهڙين جي هَوَڙ ضرور رهندي آهي.
مطلب: ١ - ٻڪري کير ڏئي، ڦولهڙين گاڏڙ.
٢ - ٻڪريءَ جو کير ٿورو ۽ ڇڊو تہ هوندو آهي پر منجهس ڦولهڙين واري بوءِ ٻـ هوندي آهي. (١) ص ١٨٢.

### ١١٥. ٻل هوتي قياس نہ ڪرنا، جوبن مانهين مالڪ ڪو پولڻا،

پرايا ڳن ڇپاوڻا، ڪارج سرئي دوست ڪو منهن نہ ڏيوڻا،
پنجو پرک پري پڇڻا، اهي پنج ئي نابينا. (چوڻي)

ٻل: طاقت. جوبن: جواني. مانهين: ۾. ڳن: احسان، ڳڻ. نابينا: انڌا.

ڪارج سرئي: ڪم نڪتي ڪان پوءِ.
١ - طاقت رکڻ جي باوجود، مظلوم تي رحم نہ ڪرڻ وارو: بي قياس، ظالم ۽ انڌو آهي.
٢ - جوانيءَ ۾ هڪ سجدو ڏيڻ، پيريءَ جي سَوَ سجدن ڪان هزار دفعا ڀلو آهي. جوانيءَ ۾ مالڪ کي وسارڻ بہ اندر جي انڌي جو ڪم آهي.
٣ - پرائو احسان لاهجي، نہ تہ ڳائجي ضرور. ڳُڻ-چور ماڻهو بہ، ڪنهن کي ڪين وڻندو آهي ۽ وڻواند هوندو آهي. ٻين جون خوبيون بہ ڳائڻ گهرجن.
٤ - ڪم لٿي ڪان پوءِ، پير ڌاهڻ چڱي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. اوکيءَ ۾ سنگت کي نہ سارڻ بہ، اٽاسيءَ جو ڪم آهي.
٥ - ڪم پئي ڪان پوءِ، گدڙ وانگر انگاس تي چڙهي هنگي اچڻ، چڱي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. چڱائي ان ۾ آهي تہ ڏک سک ۾ سنگت سان سات نباهجي.
مطلب: متين پنجن عيبن ڪان پاسو ڪجي. ڪنهن بہ هڪ عيب وارو ماڻهو، اڪين جي انڌي ڪان بہ بيڪار آهي. (١٢) ص ١٤٨.

## ١١٦. ٻلين جي ڪئي تي نظر، ڪر ڪولهين جي تتر تي. (ڀاڪو)

ڪولهي، لاڏائو قوم آهي. خانہ بدوشيءَ سبب، سندن گذر-بسر جهنگ جي جانورن تي ٿئي ٿو. گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ، گوهون ۽ سيڙهيون جهلين. جيڪي اهڙي حرام تي پاڻ کي هيرائي ڇڏين ٿا، تن لاءِ جهنگ مان ڪو تتر پڙڪو ڏئي نڪري پوي تہ عيد ٿي پوين. تتر هڪ تہ حلال، ٻيو سندس گوشت سوادي ۽ لذيذ.
اهڙيءَ طرح ٻليءَ لاءِ وري ڪُئي جو شڪار، ڏاڍو مرغوب مشغلو ۽ قُوت آهي. ڪُئي تي نظر پوڻ سان، پئي ٽپا ڏيندي ۽ چانهر ڪري متس جهپڙڪا ڏيندي.
مطلب: ١ - مرغوب مشغلو ڏسي، هر ڪنهن جي دل اڇلون ڏيندي آهي. (٢)

## ١١٧. ٻنڌي پار لک ڪي، کُلي تو بيکر جاءِ. (راجستان، ڀاڪو)

پارِ: هار، تسبيح. بيکر جاءِ: بکر جانا، وکري وڃڻ، وِچڙي وڃڻ، ڇڙوڇڙ ٿيڻ، ٽڙي پکڙي وڃڻ، ڌاڙو ڌاڙو ٿي وڃڻ، ڪٽو ڪٽو ٿي وڃڻ.

تسبيح يا هار، مڻيو مڻيو ڪري، هڪ سڳي ۾ پوئي، لڙهي ناهبي آهي. جڏهن مڻيا، داڻو داڻو ٿي، هڪ سڳي معرفت پاڻ ۾ جڙيا رهن ٿا ته هارُ به سڏائين ٿا ۽ اهو هار، جڻ لک لهي. ساڳيو هار، جيڪڏهن ٽُٽي ته ڪڻو ڪڻو ٿي وڃي ۽ قيمت به ڪري پويس.
اهڙيءَ طرح ڪٽنب جا ڀاتي پڻ آهن. ڪڻو ڪڻو ٿي، هر ڪو جمي ٿو ۽ ڪٽنب جي لڙيءَ ۾ پوئجي وڃي ٿو، جنهن سان حويليءَ جهڙي مالها يا لڙهي جڙي ٿي. اها لڙهي، جيستائين پاڻ ۾ جڙيل آهي، تيستائين لک لهي. جڏهن ٽٽي ٿي ته، گهر-ڀاتي ٽڙي پکڙي ٿا وڃن. منجهانئن ساڳي سڪ، محبت ۽ مريادا مريو وڃي. هڪ ٻئي جو ساٿي ۽ مددگار، همدرد ۽ هڏڏوکي ٿيڻ بجاءِ، ڪڏهن ڪڏهن ويري ۽ دشمن ٿيو پون.
مطلب: ١ - گڏ رهڻ ۾ عزت، ٽڙي پکڙي رهڻ ۾ ٻڏ رهي ٿو. (١) ص ٣٧٤.

## ١١٨. ٻولي نِہ ٻاپ، هيڪ اَهين. (چوڻي)

ٻولي: ٻول، وچن، واعدو. ٻاپ: باپ، پيءُ.
وچن: زبان يا واعدو ڪري ڦرڻ، مڙس جو ڪم ناهي. بي ضمير ماڻهو ئي واعدي تان ڦرندو آهي. واعدو پارڻ لاءِ، هر مذهب ۾ ايترو تاڪيد ٿيل آهي، جيترو پيءُ ماءُ جو احترام ڪرڻ لاءِ چيل آهي.
پيءُ ماءُ جو احترام به، خدائي احڪامن ڪي اکين سان مڃي ۽ دل سان واعدو ڪرڻ پڄاڻان ئي ڪجي ٿو.
مطلب: ١ - وچن ۽ پيءُ، هڪ هوندا آهن.
٢ - وچن ۽ والدين جو احترام ڪرڻ ۾ عزت آهي.
٣ - واعدي ۽ پيءُ جي نالي کي نه لڄائجي.
٤ - واعدو ڪجي ته پاڙجي.
٥ - جيڪو واعدي تان ڦريو، تنهن جڻ پيءُ ماءُ کي لويو.
٦ - ٻول/ وچن ۽ پيءُ، ڪڏهن نه مٽائجي. (٦) ص ٩٢.

## ١١٩. ٻيني ستي ڏومڻي، گهر ۾ گهتيو گهوڙو، اڳ هَتي هيڪلي، همين ٿيو جوڙو. (پهاڪو)

ڏومڻي: ڏوم جي زال، مڱڻهار جي زال، مڱڻهارڻ، لنگهياڻي. گهتيو: آيو، وڏيو. هَتي: هئي. همين: هاڻي. جوڙو: ٻه ڄڻا.

مگڻهار ٿورو گهڻو ڪمائي ايندو هيو، جنهن مان جوڙس ٿورو ٿڪو خرچ ڪري، گهر جي پورت به ڪندي هئي ۽ پاڇي به بچندي هين. لنگهياٽيءَ ڪي پنهنجي سس ڪان علاوه فقط مڙس جي ٿهل ٽڪور ڪرڻي پوندي هئي.
جڏهن ڪان مڙسس ڪي، راجا وٽان گهوڙو انعام ۾ مليو آ، تڏهن ڪان ننڊ حرام اٿس. هاڻي مڙس جي خدمت چاڪريءَ ڪان علاوه، گهوڙي جي لاءِ به وڏي ڪاٻار ڪرڻ تي پويس. صبح ڪان شام تائين فقط ڪم ئي ڪم اٿس.
مطلب: ۱ - هڪڙو ڇڙو سر پالڻ سولو: جاتي رڌي تاتي ڪاڌي. جاتي رات پئي، تاتي وهامي وئي. ان جي برعڪس سگهري ماڻهوءَ لاءِ، وڏا ڏچا آهن.
۲ - سائين ته سائين، سائينءَ جو گهوڙو به سائين.
۳ - پلا گهوڙا در تي پالڻ ڏکيو ڪم آهي.
۴ - مال وغيره ڌارڻ سان سک ڦٽي وڃن ٿا. (۵)

۱۲۰. ٻيجا سپ ورچڻا، متي ورچي ڪاڙا ميهه،
تين ورچي پوپٽ ڏلين، ساجن تين ڇيهه. (چوٽي)
ٻيا سيئي ورچي ڪک تي بيزار ٿين ٿا، پر اي ڪارا ميگهه تون ڪک تي هٿ نه ڪيجانءِ. جيڪڏهن تو هٿ ڪيا ته راڄ-ڌڻي به رلي ويندا ۽ سجڻ به ڏلي ڏور ڏيهه وڃي آباد ٿيندا..
آرهڙ جي لُڪن ۽ جهولن ڪان پوءِ، مينهن جي مند ڪي سارڻ شروع ڪبو هو. مئي، جون جولاءِ جي مهينن ۾ مينهن ترايون تار ڪندو هو ته ورهيه پلو جي نه ته ڏڪار يا سُڪ-سالي جيڪا شدت اختيار ڪندي هئي ته ڪارو ڏڪار جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ان ۾ راڻين جا ڪنگڻ ڍرا ٿي پون ٿا يعني سندن جسم جو ماس ڇڏي وڃي ٿو ۽ سندن ڏٻرائي ڏولائي جو اهڃاڻ ٿي ايري ٿي. راڻيون بادشاهن جي گهرن ۾ هجڻ ڪري سدائين خوشحال هونديون آهن جڏهن انهيءَ خوشحال طبقي تي اهڙا ڏينهن اچن ته پوءِ عام لوڪ جو ڪهڙو حال هوندو؟
مطلب: ۱ - مينهن جو نه وسڻ، زندگي عذاب ڪري ڇڏيندو آهي.
۲ - چون قحط سالي شود اندر دمشق، ڪه ياران فراموش ڪردند عشق.

۱۲۱. ٻيسي ڏوهئجي ٻڪري، پيچي ڏوهئجي اُٺ،
جيڪو لڳي واءُ، اوئي نا ڏيجي پُٺِ. (ڀاڪو)

ٻڪريءَ کي ويهي ڏهجي. ڏاچي قداور آهي، تنهنڪري ڪيس ڏهڻ لاءِ بيهڻو پوندو. اهڙيءَ طرح جهڙو واءُ لڳي، تنهن کي تهڙي پٺ ڏجي. ڇو جو واءَ کي سامهون ٿي هلڻ / ويهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. (٣٦)

مطلب: ١- ويني ڏيي سيڪا، بيني ڏيي اُٺِ،
جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پُٺِ.

## ١٢٢. ٻين ري گهري پائي، سسو ري گهري جوائي. (چوڻي)

ٻين: پيڻ. گهري: گهر ۾. پائي: پاءُ. سسو: ساهرا. جوائي: نياڻو.

ٿر جي علائقي ۾ رهندڙ هندو ۽ نڪر، مهيشوري ۽ برهمڻ، گهر ۾ اچڻ تي ٻن مردن کي وڏو مان ڏيندا آهن. هڪ ساهرا، جڏهن نياڻو سندن گهر ۾ ايندو اٿن. ٻيو پيٽيويا، جڏهن سالو سندن گهر ۾ اچي. يعني زال جو پاءُ گهر ۾ اچي يا نياڻيءَ جو مڙس گهر ۾ مهمان ٿي اچي، ٻنهي کي وڏو قرب ۽ تعظيم ملندي آهي.

مطلب: ١ - سالا، پيٽيويي جي ۽ ساهرا، نياڻيءَ جي، وڏي خاطر تواضع ڪندا آهن.
٢ - ايڪ طرف ساري خدائي، دوسري طرف جورو ڪا پائي.
٣ - ساهري گهر ناني، ڪتي جي آچار. (٥)

# پ

١٢٣.   ڀار ڀلاڻ جي ڏيست ڀونڊو، ڀاڪ ڀني، رب ڀينت هئي،
انگ مهين نا، اڇرنگ نهين، ڀر لنگر سون لاوت هئي،
اڏيرام ڪهي سڻ متر ميرا: جوڙ بنا جڳ جاوت هئي. (چوڻي)

ڀار ڀلاڻ: ڪانيون ڊوئڻ لاءِ، اٺ تي رکڻ وارو ڪجائو. ڏيست: ڏسڻ ۾.
ڀونڊو: ٻچڙو. ڀينت: ڪائڻ / ڀيئڻ. مهين: مڙس. اڏيرام: نالو، اسم ذات.
لنگر: لنگر، ننگر، خيرات جو يت. لاوت: ڪٽي اڇڻ. متر: مٽ، سڄڻ، عزيز.
جاوت: ويل، تباهه ٿيل. جوڙ: زوج، ساٿي، Spouse

١ - اٺ تي رکيل ڪجائو/ ڀلڻ، ڀلي شڪل جو ٻچڙو هجي ته ٻه ڪانين جي وزن جا نشان/ ڏنا، اٺ جي ڀنيءَ تي نه ڀوندا. ڀلاڻ/ ڀاڪڙو نه هئڻ ڪان، ڦڏو سڌو ڪجائو هئڻ ٻه ضروري آهي.

٢ - مرد جا عضوا، جيڪڏهن موچارا ۽ اڇي رنگ جا ناهن، تڏهن ٻه عورت لاءِ سون پائڻ ڪان وڌيڪ آهن. عورت سون ۾ ايترو سهڻي نه ٿي لڳي، جيترو موچاري شڪل واري مڙس جي ٻانهن ۾ لڳي ٿي.

٣ - زال لاءِ مڙس ۽ مڙس لاءِ زال هئڻ ضروري آهي. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ڍڪ آهن. ٻنهي کي هڪ ٻئي جو لباس ڀڻ سڏيو ويو آهي. هو هن لاءِ ۽ هيءَ هن لاءِ، ساٿي آهن. جڏهن ته ساٿيءَ کان سواءِ، جهان ئي ڪونهي.

مطلب: ١ - عورت نون مرد اور جيور کا وجن نه لڳي. (ڀنجابي)
٢- عورت کي مرد ۽ زيور جو وزن محسوس نه ٿيندو آهي.
٣ - اٺ لاءِ ڀاڪڙو، زال لاءِ مرد ۽ مرد لاءِ ، اشد ضروري آهن. (٦) ص ٦٥.

١٢٤.   ڀاٽ کي بات جات کيا جانت،
ڀينس کيا جانت گيت سگا کا،
جاڳاه کا ڀيد ڪونيار کيا جانت،
ڀيل کيا جانت ڀاپ لوا کا،
ڪهي ڪوي گنگ ڀاٽ،
گڏهه کيا جانت نير گنگا کا. (چوڻي)

ڀاٽ: چارڻ، سگهڙ، شجرو ڄاڻندڙ جنهن وٽ ڀورا تفصيل هجن، وينجهار.

جاٽ: جٽ، جاهل . جانت: ڄاڻي. سگاَ: سُر. جاڳاه: جڳهه، اڏاوت. ڪونيار: ڪنير. پاپ: ڏوهه. لواڪا: جيت. نير: جل، پاڻي. گنگا ڪا: گنگا جو.
١ - ڀٽ، جيڪو ڳالهين جو ڳهير، وارتائن جو وير ۽ ڪويتائن جو ڪويسر آهي، ان جي ڳالهين مان جٽ ڇا ڄاڻي. رڍ ڪي رباب جي سر جي ڪهڙي خبر.
٢ - مينهن ڪي ٻيٽ پرڻو آهي، پرائي پوک جي ٻيل سان پرجي يا ڏٽيءَ جي ٻني پيلڻ سان. اها ڳڻ ڳوت ڪرڻ، سندس ڪم ناهي.
٣ - جڳهه جي راز/ اسرار منجهان، ڪنير ڪي ڪهڙي ڄاڻ. ڪيس مٿي ڳوهڻ، چڪ تي چاڙهڻ ۽ ٿانون ٿپڻ ڪان علاوه ڪا ڄاڻ نه هوندي آهي.
٤ - ٻيل کي ڏوهه ثواب جي ڪهڙي خبر؟ ڪيس جيت مارڻ جي ڏوهه جو ڪو به پڇ نه ٿيندو. ڇو جو هو مئل ڍور جو چمڙو لاهيندي به دير نه ٿو ڪري.
٥ - گڏهه گنگا شنان مان ڇا ڄاڻي. ڪيس گنگا جل جي پويتر هئڻ جو ڪهڙو قدر. پيئڻ ڪان پوءِ، پيو منجهس پيشاب ڪندو ۽ پستيون ڇڏيندو.
مطلب: ١ - عقل وارا ئي، نقطي وارين شين جو قدر ڄاڻندا آهن. (٦) ص ٢٧٨.

## ١٢٥. ڀاڳ وارن جا ڏڳا به ڏڪا. (پهاڪو، بيراجي)

ڏڪو ڏيڻ، ماديءَ جو مرڪ آهي، جنهن تي نر ٽپو ڏنو آهي. ڏڳو، جيئن ته خود نر آهي ۽ منجهس ڄڻڻ جي صلاحيت آهي ئي ڪا نه، سو ڏڪو ئي نه ٿيندو. نر جو ڏڪو ڏيڻ، ناممڪن ۽ اڻ-ٿيڻي ڳالهه آهي.
جڏهن ڀاڳ ورندو آهي ته پوءِ مٿئين مثال وانگر، اڻ-ٿيڻا ڪم به آسان ٿي پوندا آهن.
مطلب: ١ - ڀاڳ ڏئي پيڙو ته دال مان سيرو.
٢ - ڀاڳ ڏئي دب ته سيري مان رب.
٣ - ڀاڳ پڄي، ڀاڳ ڏي.

## ١٢٦. ڀاڳيان رو پوت ڪمائين. (چوڻي)

ڀاڳيان: ڀاڳوند، ڀاڳوارا. پوت: جن، ديو.
ڀاڳوند جو ڀاڳ ورندو آهي ته وٽس جن پوت به نوڪرن وانگر پيا وهندا آهن. (٣٦)

مطلب: ۱ - جنهن جو ياڳ ڪلندو آهي، سو پلي ننڊ هجي، اڻ-پڇيو پئي ملڪيت وڌندس.

۱۲۷. پانئين تہ پڄي وڃان، پر جانچ پهرين جُوءِ. (چوڻي)

ٽر اندر ڏڪار پوندو آهي، تہ زندگي گذارڻ ڏکي ٿي پوندي آهي. جنهن سبب هر ڪو لڏڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي. تنهن هوندي بہ ڪي محب وطن اهڙا بہ هوندا آهن جو ديس جا وقتي طور ڪک ڇڏڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندا آهن. اهڙي صورتحال هوندي بہ لڏڻ کي زندگي ڇڏڻ جي مترادف سمجهندا آهن. آخري وقت تائين بہ پيا دل اندر تليندا تہ کهڙي جُوءِ ۾ وڃي رهن، جتي سندن پرم قائم رهي ۽ وطن کان وڇوڙي جو وڍ بہ وڍيندو نہ رهي. (۳۵) ص ۲۵۰

مطلب: وطن ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڇڏجي.

۱۲۸. پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏجڻ ڏورئون ڏري. (چوڻي)

ورونهن: وندر. ڏُجڻ: دشمن.

۱ - پاءُ جو مثال ڪوٽ جي ڪنگري سان ڏنو ويو آهي. ڪوٽن جا ڪنگرا دشمن سان مقابلي ڪرڻ وقت مورچي جو ڪم ڏيندا آهن. ائين پائر بہ وقت پوڻ تي، پرجهلو ٿي بيهندا آهن.

۲ - پٽ کان سواءِ بہ گهر نہ ٿو سونهي. پٽ جو ڄمڻ بہ ڄڻ دشمن جي منهن تي دانگي گهمڻ برابر آهي. پٽ گهر ۾ ساڻ هجن ۽ رڳو وينا هجن تہ بہ دشمن پري کان ٿهي پڄي ويندو.

مطلب: ۱- گهر-ڀاتين کان سواءِ گهر، قبر مثل آهي.

۲ - پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهرن جي سونهن،
پيا ڪن ورونهن، پل پڇن پاڙيواريون (هندي)

۳ - پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ، گهَر جي سونهن،
وينا ڪن ورونهن، ڏُجڻ، ڏورائين ڏري..

۴ - پائر ڪوٽ ڪونگرا، پُٽ گهَرن جي سونهن،
ڏيون، ڏرم پاليون، جي اَبي-اَما وِرُونهن،
سڄڻ ساٿوڙي ٿيا، ڪُونڏن سندي ڪُونهن،
ڏُجڻ ۽ ڏُونهن، پريان ئي پوءِ پيا. (مرحوم رئيس فتح خان)

(ڏرم پاليون: نڪاح واريون، شريف، سُلڇڻيون. ساٿوڙي: سات ڏيندڙ، مددگار. ڪونڌن: پهلوانن. ڪونهن: طاقت. ڏُونهن: ڏَنءُ، طعنو تنڪو. پريان ئي پوءِ پيا: پري ڪان ئي پڇي ويا.)

## ١٢٩. پٽون اُتي وڏيون، جتي جبل ڪونهي. (پهاڪو)

پٽون: پٽ جو جمع، واريءَ جو وڏو دڙو.
جبل سخت پٿر جو نهيل ۽ ڊيگهه ويڪر يا عمق ۾ تمام وڏو ٿيندو آهي، جڏهن ته پٽون، واريءَ جي دڙن جون ٿينديون آهن. پٽون، جڏهن ڪليل ميدان تي اڪيليون هونديون آهن، تڏهن سندن اونهائي وڏي پئي معلوم ٿيندي آهي. اهي وري جڏهن ڪنهن جبل جي آڏو هونديون آهن ته پوءِ، سندن حيثيت ائين گم ٿيو وڃي، جيئن وڻ آڏو ڪانديري جي.
مطلب: ١ - جتي وڻ ناهي، اتي ڪانديرو به درخت آهي.
٢ - جتي جبل ناهي، اتي پٽون به پهاڙ آهن.
٣ - پلان پليءَ جو چيهه ئي ناهي.
٤ - ماريءَ مٿان ماري پيو آهي.
٥ - جتي وڏي حيثيت وارا ماڻهو نه هوندا آهن، اتي ننڍيءَ حيثيت وارا ماڻهو به وڏو سڏرائيندا آهن. (٦) ص ٩٣.

## ١٣٠. پريا چولي نهين، چولي آڏا،
## گهوڙا پونڪي نهين، پونڪي گاڏا. (پهاڪو)

چولي: چُلڪي. گاڏا: گڏا، گڏهه.
١ - ٿانءُ/ دلو/ مٽ وغيره پاڻيءَ سان اڌيڪو ڀريل هوندو ته مٿي يا چيلهه تي کڻي هلڻ سان ڇلڪندو هلندو. ان جي برعڪس ٽمٽار/ ڀريل ٿانءُ ڇلڪندو ڪو نه.
اڌوگابري ڄاڻ وارو عالم، رڳو پيو مٿو هڻندو ۽ ٻين کي گهٽ وڌ سمجهندو. ان جي برعڪس پوري ڄاڻ/ علم رکڻ وارو شخص، ٻين جي عزت تعظيم پيو ڪندو آهي.
٢ - ڀڄڻ يا ڊڪڻ، گهوڙي جو مَرڪ آهي. جيترو به ڀڄائبس، پيو ڀڄندو. گڏهه ان جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڀڄڻو آهي. جيڪڏهن ڀڄائڻ جي ڪوشش ڪبس ته اِٽ هڻي بيهي رهندو ۽ رڳو پيو هينگندو.

اهڙيءَ طرح بداصل ۽ اصيل جو فرق آهي. اصيل، هر ڪم آسانيءَ سان سرانجام ڏيندو آهي. بداصل ڪان ڪم نہ ٿي سگھندو آهي. نہ ئي وري منجهانئس ڪنهن ڪم ٿيڻ جي ڪا توقع رکجي. جيئن ڪتي تي وزن رکجي يا نہ رکجي تہ بہ پيو سهڪندو، تيئن ٽوٽي ماڻهو بہ سواءِ سهڪڻ جي ڪي ڪين ڄاڻندو آهي.
مطلب: ١ - اصيل مان ئي چڱائي ٿيندي. (١٦)

١٣١.   پڳو گهڙو، ڊئون ڊئون ڪري. (پهاڪو)
گهڙو: دلو، مَٽُ. ڊئون ڊئون ڪرڻ: ٻاڙو وڄڻ، بي سرو آواز ڪڍڻ.
نڪر جو مٽ يا دلو، سستو تہ هوندو آهي پر ڪارائتو پڻ. پاڻيءَ ساندڻ طور ڪم ايندو آهي. اگر منجهس، سنهي سير يا سنهو سوراخ ٿي پوي تہ رات-پيٽ اندر، سوسريءَ مان پاڻي سمي، صبح تائين دلو/ مٽ خالي ٿي وڃي. پري ڪان پري، مٿي تي کڻي اچڻ واري محنت ۽ تڪليف، پاڻيءَ وانگر وهي وڃي.
ان ڪري، ڏاها ماڻهو، دلو مٽ وٺڻ وقت، ان جي پرک ڪندا آهن. آيا سڄو آهي يا سوسري اٿس. ان جا بہ طريقا آهن. هڪ تہ منجهس پاڻي پري، گهڙي سوا انتظار ڪجي. اگر پاڻي نہ ٿو وهي تہ سنهون سوراخ ناهيس. اگر اوٽو ٿيڻ لڳو تہ سمجهبو تہ نِينڊي اٿس.
ٻيو طريقو آهي، خالي دلي يا مٽ کي، ڪانيءَ يا ٺونگي سان، ٺڙڪائي آواز جاچڻ. نڪر ٺاڪئون هئڻ سبب، خالي حالت ۾، ڏڪ لڳڻ وقت، وڄت ڪندو آهي. اگر منجهس سوراخ هوندو يا سير پيل هوندس تہ آواز ٻاڙو ٿي ويندو ۽ وڄت ٺڻ ٺڻ بجاءِ ڊئون ڊئون واري هوندس.
مطلب: ١ - پڳل نڪر جي وڄت، سٺي نہ هوندي.
٢ - اندر جو ڪوڪلو ۽ جاهل ماڻهو، ڳالهائڻ وقت دليل بجاءِ گاريون ڏيندو.

١٣٢.   پڳي-من پوڄن ڪيسا، ٽٽا-نينهن نہ سنڌ،
سرمر ڦوٽو جل گيو، گهلي-پار مَ ٻنڌ. (چوٽي)
پڳي-من: ٽٽل دل. پوڄن: ڪاڏو، ڪاڄ. ٽٽا-نينهن: ٽٽل ناتو، پڳل مٽي.
سنڌ: جوڙ، ٺاڪو. سرمر: ترائي، ڪوهہ. ڦوٽو: بلبلو، بوڙيو. جل: پاڻي.
گهلي- پار، درياهہ پار. ڪيسا: ڪهڙو.

١ - ٻگل من سان، ٻيو تہ نهيو پر ڪاڏي ڪاٺ جهڙو مرغوب ڪم ﺑہ نہ ٿي سگهندو آهي. گرهہ ﺑہ نڙيءَ ڪان هيٺ نہ لهندو آهي. دل جي خوشيءَ سان ڪاڏل ڪاڏو ئي ڪاڇي ۽ هضم ٿئي ٿو.
٢ - نينهن ۽ محبت جو ناتو ﺑہ سنهيءَ سئيءَ سان سبيل تند ذريعي جڙيل آهي. تمام گهڻو نازڪ ۽ ٽاڪئون آهي. وڏي احتياط ۽ بردباريءَ سان ڪيس دوام بخشي سگهجي ٿو. صبر ۽ استقلال جو دامن ڇڏڻ وارن ڪي، نينهن جو ناتو راس ئي نہ ايندو آهي. منجهس هڪ دفعو سير پئي، لک ڪوشش ڪرڻ سان ﺑہ سنڌو دور نہ ڪري سگهبو.
٣ - پاٽيءَ يا جر مٿان نهندڙ بوڙيو يا قوتو ﺑہ نازڪ ۽ غير جٽادار آهي. سندس حياتي تمام ٿوري آهي. اڪ چنيٖ ۾ جڙي ٿو تہ اڪ چنيٖ ۾ وري ڦِٽيو ٽُٽيو وڃي. ساڳيي قوتي ڪي ٻيهر وجود ڏيڻ ﺑہ ممڪن ناهي.
٤ - درياهہ پار جي ٻنڌ يا پل ﺑہ ٽٽي تہ درياهہ پار ڪرڻ اَولو ۽ اهنجو ٿيو وڃي. ٻار ٻچا، پرين پيارا ﺑہ جڻ دور ٿيو وڃن ۽ سندن ديدار لاءِ ﺑہ ترسڻو ٿو پوي.
مطلب: ١- ٽٽل دل سان ڪا ڳالهہ نہ اجهندي آهي، جيئن ٻگل پل، پاٽيءَ مٿان قوتو ۽ ٽٽل ناتو جوڙي نہ سگهبو آهي.
٢ - سڻ وينجها سورٺ ڪهي، پريت ڪِتا مڻ هوئي،
لاڳي جو لاڪ ڪروڙ، ٽٽي تہ ٽانڪو نہ سهي.
٣ - سنهيءَ سئيءَ سبيو، مون ماروئڙن سين مَنُ،
هٽي ڪُڻ حِلم جا، نُنهَہ وڏائين ٽُنَ،
ڪيئن ٿو پايان ڪَنَ، اباٽي اِبر ريءَ. (٢) ص ٢٤١.

## ١٣٣. ٻلان آيو، ڳانءِ رو ڃايو، جڪي سارو جڳ نپايو. (چوڻي)

ڳانءِ رو ڃايو: ڳئون منجهان ڃاول، ڏڳو. جڪي: جنهن.
ڳانءِ: ڏڳي يا ڳئونءَ ڪي، ڳئو-ماتا ﺑہ سڏيو ويو آهي. ڇو جو سندس کير مکڻ طاقت وارو ۽ امڙ جي ٿڃ وانگر زود هضم هئڻ سبب، ننڍڙي ٻالڪ جي غذا پڻ رهي ٿو. ڳئونءَ جو ڃايو يعني ڏڳو وري، ماڻهوءَ جو اوائلي دور کان وٺي، مددگار ۽ ساٿي پڻ رهيو آهي.
انسان، ڪانئس زور بار وارو ڪم پئي ورتو آهي. خاص طور تي پوکي راهيءَ ۾ وڏو معاون رهيو آهي. هر ۽ سانهر ۾، ليٽڻ ۽ بيل ڳاڏيءَ ۾

وهڻ ڪان علاوه نار ڪي هلائڻ، چيچڙي ڪي گهمائڻ لاءِ بہ ڏاند ئي ڪم آيو آهي.
انسان جو جياپو، زراعت تي آهي. زرعي اصلاحات ۽ سڌارن آڻڻ لاءِ، ڪيس وڏي محنت ۽ جفاڪشي ڪرڻي تي پوي. جتي اڄ ٽريڪٽر، ٿريشر ۽ موٽر پمپ هلي، انسان جي مدد ڪن ٿا. اتي اهڙا ساڳيا ڪم، يا ان ڪان گهڻ محنت وارا، آڳاٽي دور ۾ ڍڳي جي معاونت سان ئي سرانجام ايندا هيا. ڍڳو، انسان جي مدد ۾ پيش پيش رهڻ سبب، جڻ ڪيس پالڻ لاءِ آلئہ ڪار رهيو آهي.
مطلب: ١ - نوازش ڪرڻ وارو، ابي امان وانگر مربي ۽ پاليندڙ آهي.
٢ - جيئي شاه غازي، جنهن ڪئي ڳڌهہ نوازي.

## ١٣٤. پلو تو ئي پيل، منو تو ئي تيل. (پهاڪو)

پيل: پيل قوم جو فرد
پيل ڪيڏو بہ پڙهيل لکيل هجي يا ڪيڏو بہ وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري اچي تہ بہ اهو ئي پيل هوندو آهي. ڏنگائپ ۽ وير وڻڻ واري عادت، منجهانئس ڪنهن بہ صورت ۾ وڃڻي ناهي. موقعو ملندي، ڏنگ هڻي ڪيندو.
اهڙيءَ طرح تيل، پلي منو هجي، تہ بہ تيل ئي رهندو. منجهانئس ڪڙائپ ۽ سڙي جدا نہ ٿيندو. ڪيڏو بہ ڪاڙهجيس، پر گيهہ نہ ٿيندو.
مطلب: ١ - فطرت ڪنهن جي بہ متبي ناهي.
٢ - ڏنگ هڻڻ وڇوءَ جي فطرت ۾ شامل آهي، پلي اڳيان ڪک چو نہ هجيس.
٣ - هر ڪو فطرت ڪان مجبور آهي.
٤ - پيتيو: پيل نان انگڙي ڄبائي يا پاڪڙي گهتي، بات اتي ري اتي. (٦) ص ٩٣.

## ١٣٥. پلو نہ پاٽيجو، پيڙي نہ رکجي پُوئا،
## استري نون انت نہ ڏيجي، تيني رکجن جُوئا. (چوٽي)

پيڙي: ڳڌ رکڻ، گهر ۾ رهائڻ. پُوئا: پڪي. استري: زال. نون: کي.
جُوئا: جُدا. انت:راز، ڳجهہ، اندر جي ڳالهہ.

پاڙيچي ۽ پڦيءَ کي پنهنجي گهر ۾ نہ رهائجي. منجهانئن ڪڏهن ڪڏهن وڏو هاڃو بہ رسي پوندو آهي.
اهڙيءَ طرح راز جي ڳالهہ، گهرواريءَ، زال ذات يا ڪنهن بہ عورت کي نہ ٻڌائجي. ڇو جو عورتن ۾ گهٽي ڳالهائڻ جي عادت هوندي آهي. جنهن تنهن کي پنهنجي راز نياز جي ڳالهہ ٻڌائيندي دير نہ ڪنديون آهن. مبادا راز ظاهر ٿيڻ سان، تمام گهڻا نقصان پهچي سگهن ٿا.
مطلب: ١ - پاڙيچي ۽ پڦيءَ کي گهر کان ۽ زال کي ڳجهين ڳالهين ٻڌائڻ کان جدا/ پري رکجي تہ چڱو.
٢ - ڪُڇو نہ وار، پاڙيچو نہ يار. (سرو) (١٢) ص ١٣٩.

## ١٣٦. پلي آئي ڪتي، جنهن ۾ گري گنجي متي. (چوڻي)

ڪتي: مند جو نالو. گري گنجي: ڪمزور، بي پهچ. متي: مچري، وهري، ڪتِ ڪيائين.
ڪتي: آسمان اندر تارن جو نکٽ. اهو نکٽ سنڌ جي آسمان تي جون جي مهيني کان اڀرڻ شروع ٿيندو آهي. ڊسمبر ڌاري آسمان تان لهي ويندو آهي. ان سڄي عرصي کي ڪتيءَ جي مند سڏبو آهي. اها مند، لڳ يا وهر جي بہ ٿئي، جنهن ۾ ڪتا ڪتيون، ڪت ڪن ٿا. ڪمزور جانور بہ لڳ ڪن ٿا. ڪتيءَ جي مند کي، نسلي افزائش يا واڌ ويجهہ جو ضامن سمجهندي، پليڪار ڪئي وجي ٿي. (٣٥) ص ١٩٣
مطلب: ١ - ڪتي: گري گنجي متي.

## ١٣٧. پليان پليءَ جو تہ ڇيهہ ئي ڪونهي. (چوڻي)

شيءِ اها پلي آهي، جيڪا جيءَ کي وڻي. هر جيو جي جيءَ جي پسند، مختلف ۽ نرالي آهي. ڪنهن کي ڪهڙي شيءِ موهت ڪيو آهي تہ ڪنهن کي ڪهڙيءَ. سمورا انسان، هڪ ئي شيءِ جا طالبو ناهن. جيڪو، جنهن شيءِ جو طالبو آهي، اهو ان کي حاصل ڪرڻ ۾ مستغرق آهي. اها ئي شيءِ، سندس نظر ۾ ٻين شين کان پلي آهي. ان شيءِ جون بہ مختلف ڪوالٽيون آهن. مٿين يا ٿاپ ڪوالٽيءَ ۾ بہ مختلف شيون هونديون آهن. هر هڪ ۾ علحده قسم جي ڪشش هوندي آهي. ڪنهن کي بہ ٿاپ نمبر ڏيڻ ڏکيو هوندو آهي.

نتيجي طور پليءَ شيءَ جو انتخاب ڪندي، ماڻهو گهٽي مونجهاري ۾ هليو ويندو آهي ۽ ڪنهن هڪ لاءِ به حرف آخر چوڻ لاءِ تيار نه ٿيندو آهي. رب پاڪ جي خلقت اندر، اهڙي قسم جي ڪيفيت پيدا ٿيڻ به، ان مالڪ جي وڏائيءَ جو مظهر هوندو آهي.
مطلب: ١ - رب جي خلقت جا انواع بي انت آهن، جيڪي نه شماري ٿا سگهجن ۽ نه قطاري ٿا سگهجن.
٢ - رب جي خلقت ڪي، رب پاڪ ئي بهتر نموني سان ڄاڻي ٿو. انسان، فيصلي ڪرڻ ۾، ويچارو آهي.

## ١٣٨. پلي بک پرم ري، شل نه جاءِ شان. (چوڻي)

پيٽ هر ساهدار سان لڱل آهي. جيستائين منجهس ڪي ڪين ٿو پوي، تيستائين قرار نه ٿو اچي. ان ڪي پرڻ لاءِ، هٿ پير مليل آهن. لوچي لهڻو آهي ۽ پيٽ پرڻو آهي. پيٽ ۾ ڪجهه هوندو ته ساهدار زنده به رهندو. پيٽرول جي ٽانڪي خالي ٿيڻ تي، گاڏي رستي ۾ بيهي رهي ٿي. ائين پيٽ خالي ٿيڻ تي، ساهدار به وڃي پٽ سان لڳي ٿو.
انسان لاءِ، پيٽ پرڻ سان گڏ پرم ۽ شان مان برقرار رکڻ به اهم آهن. پيٽ جو تعلق جسم سان ۽ پرم/ شان جو روح سان رشتو آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي، تنهنڪري وٽس، جسم جي پيٽ ۾، روح مقدم آهي. پهرين ڪيس، روح کي زنده رکڻو آهي ۽ بعد ۾ جسم کي. پيٽ پرڻ سان جسم زنده رهندو. شان مان ماڻڻ سان روح زنده رهندو. جنهن روزيءَ سان شان مان ختم ٿئي، ان جي ڪائڻ سان، ماڻهوءَ جي روحاني مرده ٿيو وڃي. انسان، جانور مثل ٿيو پوي. تنهنڪري بهتر آهي ته اهڙي حالت ۾، بک تي رهجي. جسم جي بک برداشت جهڙي آهي، روح جي نه.
مطلب: ١ - شان مان قائم رکڻ، پيٽ پرڻ کان وڌيڪ اهم آهي.
٢ - پلي هجي بک، پر ايندو آستاني تي. (٣٥) ص ٢۴٨
٣ - پلي بک پرم جي، شل نه وڃي شان. (۵)

## ١٣٩. پونگي سوڙهي، پوپا گهڻا. (پهاڪو)

ٽر اندر هڪڙو سڪيو سٽابو پيل، سخت بيمار ٿي پيو. سندس بيماريءَ جو ٻڌي پوپن وٽس اچڻ شروع ڪيو ته جيئن وٽس ڏوڙين ته چاق ٿيڻ تي وٽائس ڪو مال ميڙين.

امير جو ٻڌي، وٽس ايترا پوپا اچي مڙيا جو سندس پونگي سوڙهي ٿي پئي ۽ پوپا وڏي ويا. ڏوڻ لاءِ ڪين جاءِ ئي نه پئي ملي. مٽس ايڏو ڳاهٽ ڪري اچي وينا جو ملاقاتين ۽ طبيعت پڇڻ وارن ڪي ڳتو ئي نه پئي مليو. هڪڙي پيرسن ملاقاتيءَ آخر چئي ڏنو: ”پونگي سوڙهي، پوپا گهڻا.“

مطلب: ١ - سڪيي ستابي جا سپ مائٽ، غريب جو ڪو ڪو نه.

٢ - هڪ سڄن جي سنگت، ٻيو سورهن ڄڻا. (لاڙ)

٣ - سڪيي جا سوَ سالا، بکيي جو هڪ به پيٽيو نه. (٦) ص ٩٥.

## ١٤٠. پونئر، نانگ ۽ چتر نر، هميشه واس وننداآهن. (چوڻي)

١. گل جو واس، پونئر جي کاڌ-خوراڪ آهي. واس وٺي، پونئر زنده رهندو آهي. ٢. نانگ پڻ متي پٽي ڪائيندو آهي. جيڪي به ماڻهو سندس ڏنگ سان مئا آهن، تن کي نانگ ڪائي پيٽ نه پريندو آهي. البته سندس سنگهڻ سان اهي مري ويندا آهن. ٣. ذي فهم ماڻهو پڻ، گهڻو ڪائڻ جي پيٽ ۾ چڱين شين جو واس وٺڻ ۾ فرحت محسوس ڪندو آهي. (٣٥) ص ٢٢٩

مطلب: ١ - گهٽي ڪاڌي کان، گهڻو ڏنو چڱو.

## ١٤١. پيڙن جو پرم آهي. (چوڻي)

پيڙن: گڏجي رهڻ. پرم: ڏِڪُ، مان مرجاءِ، خوشحالي.

انسان، سماجي زندگي گذارڻ واري مخلوق آهي. سماج کان الڳ ٿلڳ رهڻ ۾ ڪوڙ اهنجايون آهن. گڏجي رهڻ ۾ ڪيترا ئي ڪم ورهائجي/ ڦانڊجي وڃن ٿا. اڪيلي ڄڻي کي ڪرڻ لاءِ، حصي ۾ تورا اچن ٿا، جيڪي ڪيس نباهڻ سولا لڳن ٿا. ڪم جي ورڇ بعد، هڪ اڌ ڪم، فرد کي ڪرڻ لاءِ ملي ٿو، جيڪو خوش اسلوبيءَ، نفاست ۽ نزاڪت سان، چڱي نموني ۽ ججهي انداز ۾ ڪري سگهي ٿو.

ان جي برعڪس، جيڪي ماڻهو، سماج کان هٽي، اڪيلا رهن ٿا، تن کي سمورا ڪم پاڻ ڪرڻا پون ٿا. جيڪا ڳالهه ڏکيرڙي ۽ ناممڪن آهي. ساڳيو ئي ماڻهو زمين کاهي، ڏاند ڏاري، هر ناهي، گهوٻا تيار ڪري، نوڙ وٽي، پاڻي ورائي، ڪوڏرون ناهي ته مشڪل بلڪ ناممڪن ٿو لڳي.

بهترين ۽ آسان زندگي، گڏجي گذارڻ ۾ آهي. ٽاٽي ٽاٽي تي مدد ملي ٿي ۽ رهنمائي ٿئي ٿي. زندگي آسان ۽ خوشحال گذري ٿي. ڪيئي اوٽايون-چوٽايون ۽ عيب صواب پڻ ڍڪجيو وڃن. اهڙيءَ طرح، ٽري ماڻهو بہ گاٽ گوچارون ڳولي، وٽن جا فرز ۽ پَرَ جهلي، واڙيون ۽ وٿاڻ ٻڌائيندا تہ جيئن سنهون مال محفوظ هجي. متان ڌڻ کي ڇهو ڇتي نہ ماري.
مطلب: ١ - سماجي جوڙجڪ اندر رهڻ ۾ ئي سڪون آهي.
٢ - گڏجي رهڻ سان، سنهون ڌڻ سنڀالڻ سولو. ننڍيون وڏيون نظر ۾ رهن ٿيون.
٣ - گڏجي رهڻ ۾ خوشحالي ۽ ڍَڪُ آهي.
٤ - ٽري ڌڻ کان ڇنل ٽُٽل، رڍ ٻڪري، ڇيهہ ٿيڻ نہ ڏيندا. ورائي ڪندا ولر پيڙي، پوءِ ڪٽي ڪنهن جي بہ هجي. پرائيءَ پنهنجيءَ جو ويچو مور نہ رکن. چوندا: "متان ڪنهن غريب جي وٺي مينهن هلي وڃي ۽ ٻگهڙن جي ور چڙهي وڃي." (٣) ص ١٦٥-١٦٦.

## ١٤٢. پيڙون پلو نہ ڪوس ڪو، ٻيٽي پلي نہ ايڪ، ڏيٺو پلو نہ باپ ڪو، صاحب راکي ٽيڪ. (چوٽي)

پيڙون: پيدل هلڻ. ڪوس: ڪوهہ، ٻن ميلن جيترو مفاصلو. ٻيٽي: ٻيٽي، ڌيءَ، نياٽيءَ جو اولاد. ڏيٺو: لهٽو، قرض. باپ: باپ، پيءُ. ڪو: جو. صاحب: رب، خدا تعالىٰ. راکي: رکي. ٽيڪ: پناهہ اوٽ.
١ - پنڌ هلڻ، خاص طور تي جڏهن وڏي مسافري ڪرڻي هجي يا پٽن اندر سفر ڪرڻو هجي، ڏاڍو ڏکيو آهي. اتي اگر اٺ جهڙو وهٽ يا گڏهہ گهوڙو، مسافر ڪٽڻ يا بار ڍوئڻ وارو ساڻ هجي تہ ڏاڍو پلو. هونئن بہ چوندا آهن: پنڌ کان ماڻهو، ڪتي جي وات ۾ ڪجي اچي تہ بہ چڱو.
٢ - ڌيءُ يا نياٽي بہ اولاد تہ آهي. ڪيس ڏاڍو لاڏ ڪوڏ سان پالجي ٿو. ساڻس دل بہ وندري ٿي. پر جيئن تہ ساماڻجڻ کان پوءِ اها ٻئي کي ڏيڻي ٿي پوي تہ اهي سور چڱي پلي کان سَنا نہ ٿا ٿين. ڏيڻ بہ مجبوري آهي. پوءِ چو نہ اها هڪ ئي نياٽي هجي. چو جو عام طور چوندا آهن: نياٽيءَ جي ماني، بادشاهن وٽ بہ ناهي.
٣ - پيءُ تہ ابو آهي. پالڻ جو مٿس بار آهي. جڏهن ماڻهو لائقيءَ چڙهي ٿو ۽ گهر گرهستي وڏي ٿي تہ پوءِ پيءُ-پٽ جو سنڌو ٿئي ٿو. ان وقت اگر پيءُ کان ڪو قرض ڪڍجي ٿو، سو موٽائڻو اوس آهي. وقت پيءُ تي بہ

اچي سگھي ٿو. موٽائڻ لاءِ اهو بہ تقاضا ڪري سگھي ٿو. جڏهن ان جي سر تي چڙهي آئي ۽ سختيءَ سان واپس گهريائين تہ پوءِ چڱين ڀلين اميدن تي پاڻي ڦري ويندو آهي.
رب پاڪ ڪان دعا آهي تہ مٿي ڄاڻايل ٽنهي مهلن کان پناهہ ۾ رکي.
مطلب: ١ - پيدل هلڻ، هڪ ڪوهہ بہ خراب. هڪڙي ڏيءُ هئڻ بہ خراب. قرض، پيءُ جو بہ خراب. خدا تعالىٰ ٽنهين ڪان بچائي.

## ١٤٣. ڀيل نان انگڙي ڇبائي يا پاڪڙ گهتي، بات اُتي ري اُتي. (ڍٽ، پهاڪو)

انگڙي: آگر. ڇبائي: لاتي، ڇهي. پاڪڙ: پاڪر. گهتي: پاتو. اتي ري اتي: ساڳي.
هندن وٽ چار-قومي نظريو آهي: برهمڻ، وئش، کشتري ۽ شودر. برهمڻ اوچي ۽ شودر نيچ قوم آهي. شودر جي پاڇي کي بہ پليد سمجهندا آهن.
ڀيل بہ شودر (Scheduled caste) ۾ شامل آهن. برهمڻ، ساڻن ملڻ پسند نہ ڪندا آهن. سندن نظريو آهي تہ: اهڙي پليد سان پاڪر پائڻ بہ اهڙو آهي تہ کيس آڱر لائڻ بہ اوڏو ئي گناهہ آهي.
مطلب: ١ - پليدي ڪيتري بہ ٿوري ڇو نہ هجي پر پاڪائيءَ تي جلد غالب ٿي ويندي آهي.
٢ - ڪک جو چور، لک جو چور.
٣ - هڪ گناهہ ڪرڻ وارو بہ گناهگار، سؤ گناهہ ڪرڻ وارو بہ گناهگار.
٤ - ڀيٽيو: ڀلو تو ئي ڀيل، منو تو ئي تيل. (٦) ص ٩٤.

## ت

### ١٤٤. تاڙو، چڪور، چتر نر، جاڳندا رهن ٿا. (چوڻي)

انتظار ڪرڻ واري کي قرار نہ هوندو آهي. پنهنجي بي قراريءَ ۾ لڇندو رهندو آهي.

تاڙي پکيءَ کي مينهن، چڪور پکيءَ کي چنڊ ۽ مڙس ماڻهوءَ کي دشمن جو انتظار ۽ اوسيئڙو جاڳائيندا رهندا آهن. تاڙو، پاڻيءَ سان اڃ اجهائڻ واسطي مضطر آهي. چڪور، چنڊ جي سونهن پسڻ واسطي سرگردان آهي. مڙس ماڻهو، دشمن جي وار کان بچڻ واسطي خبردار ۽ چوبند آهي. (٣٥) ص ٢٢٨

مطلب: انتظار منجهہ بي قراري ۽ لوچ پوچ آهي.

### ١٤٥. تازي پاڻي پيئڻ وارو، راز نہ رکندو. (چوڻي)

تازو پاڻي: برساتي پاڻي. بنا محنت جي هٿ ڪيل پاڻي. واهن واٽرن جو پاڻي.

ٿر اندر کوهہ اونها ٿين ٿا. اهي کوٽڻ وغيره ۾ ڪافي محنت، خفو ۽ ڪاٻار ٿئي ٿي. منجهانئن پاڻي بہ وڏين مشڪلن سان حاصل ٿيندو آهي. اهو پاڻي، جيڪو پيئندو سو گنڀير ۽ سوچ ويچار وارو ٿيندو. ان جي برعڪس جنهن کي سستي ۽ آسانيءَ واري طريقي سان پاڻي ميسر اچي ٿو، سو خود سهل پسند هئڻ سبب اٻهرو ۽ راز نہ رکندڙ ٿيندو آهي. (٣٥) ص ٢١٢

مطلب: ١. شيءِ جو قدر ان کي هوندو آ، جنهن محنت سان حاصل ڪئي آهي.

٢. علم جو قدر ان کي ٿيندو، جنهن جهالت جون تڪليفون ڏٺيون آهن.

٣. سفري ڪشالن ۽ ٿر منجهان رلي رلي تراين مان پاڻي حاصل ڪرڻ واري کي، پاڻيءَ جي ڍڪ جو قدر هوندو.

### ١٤٦. تتر ڪرڙي واڏڙي، وڏوا ڪاجل ريک،
### او ورسي، او ور ڪري، تي ۾ مين نہ ميک. (چوڻي)

تتر ڪرڙي: ڪڪرن جو تتر جي کنڀن جهڙو روپ. واڏڙي: نهي پوڻ. وڏوا: بيوهه عورت يا جنهن جو مڙس مري ويو هجي. ڪاجل ريک: اک اندر سرمو وجهڻ. ورسي: وسي. ور: مڙس. تي ۾: تنهن ۾. نه مين نه ميک: نه شڪ نه شبهو.

آپ ۾ تتر ڪرڙي ٿئي سا به برڪا جو اهڃاڻ آهي. بيوهه عورت اک اندر ڪجل وجهي ته پڪ مڙس جي تلاش ۾ آهي.

تتر ڪرڙي واريون ڪڪريون، ۽ بيوهه عورت جي اک ۾ ڪجل ريک اهڃاڻ آهن: هڪڙي وسندي، ٻي مڙس ڪندي. انهيءَ حقيقت ۾، ڪو تر جيترو ڦير فرق ناهي.

مطلب: تتر ڪرڙي برسات جو اهڃاڻ آهي. ائين وري بيوهه جو هار سينگار، مڙس ڪرڻ جو اهڃاڻ آهي.

## ١٤٧. ترِيا تيرهين تين پر، پرک اسي پر چار،
## جوين جوش جمايو، تڏهن ٿنپ وروڏي نار. (چوٽي)

ترِيا: عورت، مائي. پرک: پرس، مڙس. وروڏي: ياڪر پائي ويهڻ.

تيرنهن تين پر: تيرنهن ڪان ٽي سال مٿي، يعني سورهن سال.

اسي پر چار: اسيءَ ڪان چار سال مٿي، چوراسي سالن جو.

سورنهن سالن جي عورت ڪي، چوراسي سالن جي ڪراڙي سان پرڻائبو ته ڪيس ڪهڙي خوشي ٿيندي. سندس ارمان ئي خاڪ ۾ ملي ويندا. عورت جيڪا اولاد ۽ گهربار جي خواهش رکي، شاديءَ لاءِ آماده ٿئي ٿي، تنهن ڪي اهڙي ٻي جوڙ ۽ ٻي آسري شادي ڪرڻ مان ڪهڙو سڪون ايندو.

ان عمر ۾، نه ڪيس تخت جي خواهش هوندي آهي، نه بخت جي. اٽو، لٽو ۽ اجهو ته والدين جي گهر ۾ به هڪيو حاضر هوندو اٿس. شاديءَ وارو ڦاهو، جنهن غرض لاءِ ڦڪيائين، سو به اجايو وڃي ته پوءِ ٿنين ڪي ياڪر نه پائيندي ته ڇا ڪراڙي ڪک ڪي ٻک وجهندي.

مطلب: ١ - نوجوان ڪي، نوجوان جي محبت ئي وڻندي آهي.

٢ - ذهني هم آهنگي، هم سن يا همعصر سان ئي سگهندي آهي، ٻي صورت ۾ سمهڻو نه پر ڊهڻو هوندو آهي. (٢) ص ٢٧٥.

## ١٤٨. ٽُري چلندي آڪڙي، ڪتي نڪر لڪي ڪاءِ،

## مِهري پر-گهر هندڙي، ٽيئي ليکيان لاهه. (ڍٽ، چوڻي)

ٽُري: گهوڙي. چلندي: هلندي، ڊڪندي. آڪڙي: ٽاٻو کائي. لکي کاءِ: لَکڻ/ چٽڻ. مهري: عورت. پرگهر هندئي: پراون گهرن ۾ گهاريندڙ.

١ - گهوڙي جي سواري ڏکي آهي ۽ تڏهن ئي کرڻ آسان ٿيندي آهي، جڏهن نندي هوندي کان سکيي آهي. ان گهوڙي تي سواري کرڻ آسان آهي، جيکو سڌو هلي. جيکو ٽڙي ٽاٻڙي يا ٽپ ڏئي ڊڪي، تنهن تي سواري کرڻ کان ماڻهو پنڊ پلو آهي. چو جو مٿس سنو سئيس بہ سولائيءَ سان سواري نہ کري سگهندو.

٢ - کتي تي، چتي ٽيڻ جو اثر جهٽ ٿيندو آهي. سندس گگ جنهن کي لڳي، تنهن کي بہ چتو کري وجهي. جنهن کتي کي، ٽانءَ لکڻ/ چٽڻ جي عادت آهي، تنهن مان اهڙيءَ بيماريءَ وچڙڻ جو خطرو لاحق رهي ٿو. کتو چتو نہ بہ هجي، تڏهن بہ سندس لکيل ٽانءَ کي، چار يا رک سان صفا کرڻو پوندو آهي، تڏهن وجي بيماريءَ ۽ پليديءَ کان پاک ٿيندو آهي.

٣ - جنهن عورت جو پرائي گهر ۾ پير هريو، تنهن مان حجاب/ حياءُ هليو ويندو. اها آزاد نہ بلک چڙواڳ تي ويندي آهي. گهر تہ نہ کندي، هٿائين خاندان جي عزت/ ناموس بہ داءَ تي لڳائي ڇڏيندي.

مطلب: ١ - ٽاٻا کائڪ گهوڙي، ٽانءَ چٽو کتو ۽ پَرَ-گهر گهمڻي عورت کي تہ ليکي مان ئي لاهي ڇڏجي. (٢) ص ٧٠.

## ١٤٩. تلاءُ سکي وجي، هنس نہ وجي. (پهاکو)

هنس: هنجهہ، ساحلي علائقي جي مٺي پاڻيءَ وارين ڍنڍن ۾ رهندڙ پکي. هنجهہ پکي، مٺي ۽ صاف پاڻيءَ جي وڏين ڍنڍن ۾ رهي، سنهي گاهہ تي گذران کندو آهي. ٽانگهي پاڻيءَ ۾ اچي گند گار واريون مڇين وغيره تي پيٽ نہ پليندو آهي. اگر پاڻي لاٿ کري وجي تہ بہ ڏک سک تي ساڳي ڍنڍ ۾ گذران کرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. ڏکار وقت، هنڌ ماڳ نہ ڇڏيندو آهي. هر حال ۾ نيائڻ واري سندس اها خوبي، کيس هک وفادار پکي ۽ حب الوطن جيوت کري پيش کري ٿي. (٣٥) ص ٢١٥

مطلب: حب الوطنيءَ جو جيئرو جاڳندو مثال، هنجهہ پکيءَ جي حياتي آهي.

## ١٥٠. تن کوٺڙيين، مارو وسي من ۾. (چوڻي)

ڪوٽ يا ڪوٺڙي: بنگلو يا اوطاق.
ٽري ماڻهو، ڏڪار ڪان بيزار ٿي، وقتي روزگار لاءِ، هيڏي هوڏي لڏي ويندا آهن. پورهيا ۽ ٻيلپا ڪري، پيٽ قوت ڪندا آهن. جتي بہ ويندا آهن، ڪين وفادار سمجهي، هر ڪو بنگلن جون چاٻيون ڏئي ڇڏيندو آهي. اها ٻي ڳالھ آهي، جڏهن ٽر تي ڪنوڻ جو چمڪو نظر آين، تہ اهي بنگلا ۽ ماڙيون ڪين ونگ ۽ ڏاوڻ نہ وجهي سگهندا آهن. هي رات پيٽ ۾ وجي ٽر ڪٽندس. (٣٥) ص ٢١٦
مطلب: ١ - من جي بنگلي اندر، مارو ماڻهو وسن ٿا.
٢ - من اندر جي بنگلن ڪي، تياڳڻ ڏکيو آهي.
٣ - مارن ۽ ملڪ جي محبت، مڙني محبتن ڪان مٿان آهي.

١٥١. تيجي سهي نہ تاجڻو، سورو سهي نہ گار،
ستي ڪو وچن نہ سهي، پڙسي پئون ٻار. (چوڻي)

تيجي: تازي، پلي گهوڙيءَ جو قسم. تاجڻو: چهبڪ، تازيانو. پئون: ٻار. سورو: سورهيہ، بهادر مڙس. وچن: الزام، طعنو، مهڻو. پڙسي: مرد، مڙس.
١ - پلي گهوڙيءَ کي واڳ مان ونڻ جي دير آهي. ڪڏهن بہ چهبڪ نہ هٽائيندي. بلڪ هڪڙي اشاري سان ڪوهن جا ڪوهہ ڪري ويندي. چوندا آهن: ٽئونءَ کي تارو، تازيءَ کي اشارو.
٢ - سورهيہ/ بهادر ڪڏهن بہ گار نہ سهي سگهندا. غيرت ۾ مرڻ پسند ڪندا پر سر تي گار هرگز برداشت نہ ڪندا.
٣ - ستي جتي عورت بہ طعنو/ الزام پاڻ تي سهي نہ سگهندي. ڪو بہ اهڙو فعل، جنهن سان سياڻي ڪير آڱر کڻي، هتان ٽيڻ نہ ڏيندي. سر تي چڙهي آيس تہ خودڪشي ڪري ڇڏيندي، عزت تي، آنچ نہ اچڻ ڏيندي.
مطلب: ١ - غيرت ۽ اکر وارو ماڻهو، ڪڏو ڪم ڪرڻ ڪان لهرائيندو آهي. بلڪ الزام بہ سر تي برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. (٢) ص ٢٢٤.

١٥٢. تيلي رو بيل، سؤ سؤ ڪوس چلي،
پڻ بنئي ڪو بنئي. (راجستان، پهاڪو)

بيل: بلد، ٻڙد، ڍڳو، ڏاند. ڪوس: ڪوهه، ٻه ميل. بنئي: ساڳي جاءِ تي بينو هجڻ.
تيلي يا چاڪيءَ ڪي، ڏاند گهربو ئي گهاڻو هلائڻ لاءِ آهي. گهاڻو، تيل پيڙڻ لاءِ آهي. منجهس وچ تي ڦرندڙ ڪانيءَ جي مني هوندي آهي، جيڪا اڪريءَ منجهه ڦرندي آهي. اڪريءَ جي پاسن سان لڳڻ سبب، وچ ۾ رکيل سرنهن، ڄانئي يا تيلي ٻج جي نريءَ ڪي پيڙيندي آهي.
وچ واري مُنيءَ يا لٺ ڪي ڦيرڻ لاءِ، منجهس چوٽيءَ وٽان اريب ۾ ٻي لٺ هيٺ لهندي آهي، جيڪا ڳاڌيءَ وٽ هڪ سڌي ڪام جهڙي لٺ سان اڇي جڙندي آهي. انهيءَ جوڙ وٽ، ڏاند ڪي جوٽبو آهي. جڏهن ڏاند هلندو آهي تہ وچ واري مني ڦرندي آهي. ڏاند گهاڻي جي اڪريءَ جي چوڌاري پيو ڦرندو آهي ۽ وچ تي تيل پيو پيڙبو آهي.
سڄي ڏينهن ۾، ڏاند سوين ڦيرا ڏيندي آهي. ڏينهنڪ اٺ ڏهه يا پندرنهن ويهه ميل پنڌ جا هٽي ويندو آهي. پلي مهينو هلي، سؤ ٻه ڪوه پنڌ ڪري، پر هوندو، چاڪيءَ جي گهاڻي اندر آهي. سندس پنڌ ڪرڻ سان، پنڌ نہ ڪپبو آهي، البتہ نري ضرور پيسبي آهي.
مطلب: ١ - تيليءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاٽي ڏار.
٢ - تيليءَ جو ڏاند، گهاٽي جي چوڌاري پيو ڦرندو آهي.
٣ - چاڪيءَ جي ڏاند ڪي گهر ۾ ئي ڪوهه چاليهه. (١) ص ٣٦٠.

# ٽ

١٥٣. ٽڏو گهوڙو، ڪتر ڏجهٽو، ٽيجو منهن تي ڪوڙ ڪري،
چوٿين چندي رن چاڳلي، جا تيرنهن تال ڪري،
پنجون پرس پليت، جو گانڊو گلا ڪري،
پنج ئي ڪڍ پري. (چوڻي)

ڏجهٽو: ڏاند، وهٽ. چاڳلي: دادلي، نخريل. پرس: مڙس، مرد.
١ - گهوڙو، پنڌ لاءِ ڏاربو آهي. مٽس چڙهي ويهجي ته ڏينهنڪ سؤ سوا ميل جي منزل پٽي وڃي. ٽڏو هوندو ته وک ئي نه پوندس. منزل تي پهچائڻ بجاءِ، رستي ۾ رولي ڇڏيندو ۽ اوجهڙ ۾ وڃي هڻندو.
٢ - وهٽ به ڪتر هوندو ته خراب آهي. مينهن ڪتر ٽئي ته پنهنجو ڏڏو ته لت هڻي هاري پر ٻيءَ ڪي به ڪاري. ڏاند ڪتر ٽئي ته هر نه وهي. پاجاريءَ پوڻ واري وقت تي ٻوڙن ۾ لڪندو وتي. گڏھ ڪتر ٽئي ته اٿون ۽ پستيون هڻي، بار ڪيرائي وجهي.
٣ - منهن تي ڪوڙ هڻڻ وارو، وڏي اک جي پڪائيءَ سان ڪوڙ هڻندو آهي. منجهانئس سچ جو گمان پيو ٿيندو آهي. اهو ماڻهو، وڏو خطرناڪ هوندو آهي.
٤ - مڪريل، چندي، نڪمي عورت به تمام خراب آهي. گهر ۾ ڪم ڪار ته نه ڪندي پر پرڪارن سان ٻيا ٻه ٻه پئي ڪاريندي. گهر جو سارو ماحول بگاڙي ڇڏيندي. سندس نخرن سبب، ڏاريا به پيا ڪيس حاصل ڪرڻ جون سڏون ڪندا ۽ گهر ۾ واجهه وجهندا.
٥ - گلاخور مرد به، تمام بڇڙو ٿيندو آهي. هر وقت پيو پنهنجن-پراون آڏو عيب اُگهاڙيندو ۽ خوار ڪندو.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل، پنج ئي بيڪار آهن. ڪين ڪڍي پاسي تي ڪجي ته بهتر آهي. (۴) ص ٢٠٧.

١٥۴. ٽڏو منو واءُ، جنهن ۾ لاءُ نه ساءُ. (چوڻي)

جڏهن صبح جو ٿورو سيڪ/ ماڪ ۽ ڪنهن ڪنهن مهل سنهي بوند پوي ته ٿر ۾، ان کي برسات لاءِ بد سوڻ سمجهيو ويندو آهي. ڇو جو ان ڪان پوءِ فائدي واري برسات، جنهن سان خوشحالي اچي، نه پوندي آهي.
مطلب: ۱ - صبح ڏاري وارو ٽڏڙو واءُ برسات جو اهڃاڻ ناهي.
۲ - ٽڏو واءُ: نڪو لاءُ، نڪو ساءُ. (۳۵) ص ۲۶۰

۱۵۵. ٿر آهي بر، پٽون آهن پوٽ،
هڪڙي چڙهه ئي ڪين، ٻي ڪڍي ٿي ٻوٽ. (چوڻي)
ٿر جو پورو علائقو، واريءَ جي پٽن ۽ ڊڙن تي مبني آهي. ڪٿي هيٺانهيون ته ڪٿي مٿانهيون آهن. جڏهن منجهس برسات پوي ٿي ته تل ۽ ترايون، کوها ۽ ٽوپا پرجن ٿا. جن تي ساهدارن جو گذران ٿئي ٿو ۽ پٽن وغيره تي ٻاٽمرادو، گل ڦل، ڦٽي پون ٿا. جيڏانهن تيڏانهن ساوڪ ٿئي ٿي، جنهن تي جانور ۽ پکي به اچي مڙن ٿا. رونق ٿيو وڃي.
جڏهن برسات نه ٿي پوي، تڏهن سموري رونق مريو وڃي. پاڻيءَ سان حياتي آهي. پاڻي ناهي ته سموري جيوت، پاڻيءَ جي تلاش ۾ گم ٿيو وڃي. نباتات سڙي خشڪ ٿيو وڃي. فقط پٽون ئي پٽون رهجيو وڃن. هڪڙيءَ پٽ تان مسافر، ان آسري ۾ لهندو ته اڳيان ڪا وسندي هوندي ته اڳيان پوٽ وانگر ٻي پٽ ڪر ڪنيو بيٺي نظر ايندس ۽ نگاه جي حد تائين ويرانيءَ کان سواءِ ڪجهه نظر نه ايندس.
مطلب: ۱ - بنا برسات جي، ٿر ۾ ويراني نظر اچي ٿي.
۲ - وُٺو ته ٿر، نه ته بر ئي بر.

۱۵۶. ٿر آهي ٿڻ تي، نه ڪڻ تي. (چوڻي)
ٿڻ: جنهن مان کير چڪو ملي. ڪڻ: ڪڻو، ان جو داڻو.
ٿر جي زمين ان لائق ناهي جو ڪيس ڪيڙي، ريج ڪري ڪڻڪ وغيره جهڙا فصل پوکجن. ڪن ڏهرن ۾، ڪي فصل پوکي سگهجن پر اهي به برسات جا محتاج آهن. وٺو ته ٿر وسيو، نه وُٺو ته بر جو بر رهيو.
ان جي بر عڪس، مارو ماڻهو، ٻاٽمرادو ٽيندڙ ٻوٽا جهڙوڪ: للر، لاٽو، لوٽڪ ۽ ڪُنييون وغيره ڏٿ طور ڪتب آڻين. ٻيءَ صورت ۾ سندن گذران، مال جي کير تي آهي. مال پٽارو، پٽن تي چاهه مان چريو اچي ۽ ٿڻن ۾ خوب کير ڪنيو اچي.

شام جو ڏهائيءَ وقت، مال وتاڻين ڀهچي ۽ ڏُهائي، وري ڀِٽن ۽ مٿارن تي وڃي آساس ڪري. تنهنڪري ٿري ماڻهن جو مال ۾ ساهه رهندو آهي. مال نہ هجي تہ ٿري، ٿر ۾ رهي ڪين سگهن.
مطلب: ١ - ٿرين جو گذران، مال جي ڪير تي آهي.
٢ - رت، راڻو آهي.
٣ - ڀيٽيو: مال ڀتارو: اڪين جو تارو.
٤ - ٿر آهي: يا ٽڻ تي، يا ڪڻ تي.
٥ - ٿر جو جياپو: ٽڻ، وڻ ۽ ڪڻ تي آهي. (٣٥) ص ٢٣٦

## ١٥٧. ٿر جا وسَ، جهول جا گس. (چوڻي)

وس: وسڻ، مينهن وسڻ سان اپريل گاهه. جهول: شهر جو نالو/ علائقو جيڪو سانگهڙ ضلعي اندر واقع آهي. گس: رستا، رستي ويندي ڄاول گاهه.
جيترو گاهه ٿر اندر مينهن جي وسڻ تي ٿئي ٿو، اوترو گاهه، جهول جي علائقي اندر رستن/ گسن/ واٽن تي ٿئي ٿو. ڇو جو ان علائقي منجهه، ساگرو درياهه يا نيلوفري وهي اچي ڍنڍون ڍورا ڀريندي هئي، جن تي سني آبادي ٿيندي هئي.
مطلب: ١ - جتي پاڻي جام آهي، اتي آبادي بہ سني ٿئي ٿي.
٢ - آباديءَ جو دارومدار پاڻيءَ جي هئڻ تي آهي.
٣ - ڀيٽيو: وچوٽيءَ جي وس، گانگاڻ جا گس. (٣٤) ص ٧٠

## ١٥٨. ٿر ڏلهي، سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي، ڪير جهلي؟ (ڀهاڪو)

ڏلهي: رُلي.
ٿر، وٺي تي آهي. وسيو تہ وليون ۽ ٻوٽا پاڻمرادو جام ڦٽيو پون، جنهن تي مارو ماڻهن جو مال سميت گذران ٿئي. جيڪڏهن برسات نہ پوي تہ ٿر ۾ قحط منهن ڪڍي، جنهن سبب، ٿري ويچارا سنڌ ملڪ ڏانهن منهن ڪن.
سنڌ ۾ زرعي زمينون آهن، جيڪي بيراجن ۽ واهن وغيره تي آباد ٿين ٿيون. اتي قحط سٽيل ٿرين کي، اجهو ۽ روزگار ميسر ٿيو وڃي.
ٿر ۾ ڏڪر پوندو آهي تہ ان جي سٽ سنڌ سهندي آهي. جڏهن سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽيءَ سبب يا ٻي ڪنهن آفت اچڻ سبب، روزيءَ رزق جي تنگي ٿئي تہ اهي ويچارا پوءِ ڪيڏانهن وڃن. ڇو جو ٿر ۾ سڪار جو يقين پڪتو ڪين هوندو آهي.
مطلب: ١ - ڪوٽ ۾، غريب تہ امير ڏانهن ڏسي، امير ڪيڏانهن واجهائي؟
٢ - ٿر ڏُلي تو بيراج جهلي، جي بيراج ڏُلي تو ڪوڻ جهلي. (ڍٽ)

٣ - ڪن سببن جي ڪري جيڪڏهن ٽر ۽ ٽرين کي اوکي سوکي ڪا تڪليف ٿئي ته بيراج جا ماڻهو انهن جو پرجهلو ۽ آسرو ٿين ٿا، پر جي بيراج وارن تي ڪا ڏکي گهڙي اچي ته اُنهن جو هڏ ڏوکي ڪير ٿئي؟
٤ - ڏکي توءِ ڏُڪار، توڙي وسن مينهڙا!
٥ - ٽر ڏُلي ته سنڌ جهلي، سنڌ ڏُلي ته دنيا نه جهلي.
٦ - ٻار روئن ته وڏا پرچائين، وڏا روئن ته ڪين ڪير پرچائي؟

## ١٥٩. ٽري اٺ، ڪوڙ ڪائين سچ ڪمائين. (چوٽي)

ٽر ۾ جيڪي ڪجهه ٿِتي ٿو سو برساتي پاڻيءَ تي ۽ خود-رو هجي ٿو. ان لاءِ خاص محنت سان، ڪا زراعت نه ڪئي ويندي آهي. نه زمين سڌي ڪرڻ لاءِ سانهر وهائڻا پوندا آهن، نه ڪيڙڻ لاءِ هر ڪاهڻا پوندا آهن. نه ريجائڻ لاءِ واهه يا ڪڙيا ڪوٽائڻا پوندا آهن ۽ نه وري ٻج ڇٽڻ جي محنت ڪرڻي پوندي آهي. ڌڻ، جنهن تي ماڻهن ۽ مال جو گذارو ٿئي ٿو، سو پاڻمرادو ٿِتيو پوي. مال ڪائي ته سگهارو ٿئي، ڪير مکڻ جام ڏئي.
ٽر ۾ ڌڻ وغيره، بنا محنت يا ڪوڙ ڪوڙ ۾ ٿتيو پوي. اٺ ڪائين ته سگها ٿين ۽ سگهارا اٺ، ٽر جهڙي ٻر ۾ بنا پاڻيءَ ۽ ڪاڏ خوراڪ جي، سچ پچ جو بار ۽ سواري ڍوئيندا رهندا آهن.
مطلب: ١ - ٽري اٺ، بنا خرچ جي، وڏا ڪارائتا آهن. (١٧) ص ٩٥

## ١٦٠. ٽريو پڙهيو، جڳ اڙيو. (چوٽي)

ٽر منجهه، روڊ رستا نه هئڻ سبب، ڪا خاص ترقي نه ٿي آهي. جنهن سبب منجهس تعليم به ڪا ورلي جاين تي آهي. اهڙي علائقي مان پڙهڻ لاءِ به ڪو الا ماشا ئي ٻاهر نڪرندو. جڏهن اهو تعليم لاءِ هڪ دفعو ٻاهر نڪتو ۽ جڳ جهان ڏنائين ته پوءِ ٻين ٽرين تي فلڪ ئي نه آڻيندو. هر ڳالهه ۾ پاڻ رهبر ۽ ليڊر هوندو. ليڊر هئڻ ناتي، مڙني جا ڪم، جڻ سندس ڪم ٿيا. هر آفيس ۽ محڪمي ۾ پيو ڦيرا ڪندو ۽ هر ڄاڻ سڃاڻ واري کي بيزار ڪندو.
مطلب: ١ - ڇٽ پڙهيو، لوڪ اڙيو.
٢ - جهنگ جو ماڻهو، اگر پڙهندو ته هر معاملي ۾ پيو ڄنگهه اٽڪائيندو.

### ١٦١. ٽريي جون اکيون، آسمان ۾. (چوڻي)

ٽري ماڻهوءَ جو گذر آهي ئي وني تي. سو هر وقت پيو چوندو ته: ”مولا! مينهن وساءِ!“ اهڙا دعايہ ڪلمات واتان نڪرڻ پڄاڻان، سندن نگاهہ ازخود آسمان ڏانهن، ڪڪرن جا رنگ پسڻ لاءِ ڪڄي ويندي آهي. ڇو جو ان برساتي پاڻيءَ سان سندن جياپو آهي. (٣۵) ص ٢۵٣
مطلب: گذر سفر جي وسيلن تي هر هڪ جي نگاهہ هوندي آهي.

### ١٦٢. ٽڪين ڏڏو، واپس نہ ٿئي. (پهاڪو)

ٽڻ اندر، قدرتي طرح، هڪ-طرفو رستو نهيل آهي. منجهس ننڍڙا ننڍڙا پردا آهن، جيڪي زور تي ٻاهر واري طرف تہ دروازن وانگر مڙن ٿا ۽ رستو خالي ڇڏين ٿا پر اندر واري طرف ڏانهن نہ ٿا مڙن، جنهن ڪري پاڻيٺ جهڙي شيءِ کي ان طرف وڃڻ نہ ٿا ڏين. نتيجتًا ٽڻ اندران ڪير، گوهو ڏئي ڪڍڻ آسان آهي ۽ وري اندر موڪلڻ ناممڪن آهي.
اهڙيءَ طرح دنيا جا ڪيترا ئي اهڙا معاملا آهن، جيڪي تڪويني طرح، يڪ-طرفا آهن. ٽيڻ ڪان پوءِ، اهي ريٽي نہ سگهبا آهن. تن معاملن ۾ هٿ وجهڻ وقت، نتيجي کي ڳڻ ڳوت ۾ اول آڻجي. جيئن بعد ۾ پڇتائڻو نہ پوي.
مطلب: ١ - اڻ ٽيڻا ڪم، ڪڏهن بہ ٽيڻ، ناممڪن آهن.
٢ - ڏڏل ڪير، ڇٽل تير، نڪتل گفتو، موٽي نہ ماڳ پهتو.

### ١٦٣. ٽوٽا چنا، باجي گهنا. (راجستان، پهاڪا)

ٽوٽا: ڪوڪلو، پوپلو. چنا: ڇٽو، ڇڙو. باجي: واڄي، وڄي، واڄٽ ڪري.
گهنا: گهڻا، گهڻو.
پوري يا پولي، خالي يا ڪوڪلي جاءِ ۾ ٺانءُ وڏي وويڪ سان وڄندا آهن. ڇڙو، جيئن تہ پيٽ ۾ پيل لار ڪان سواءِ، اندران ڪوڪلو هوندو آهي تنهنڪري، ذڪ لڳڻ تي وڏو واڄو ڪندو آهي.
اهڙيءَ طرح، اندر جو خالي ۽ ڪوڪلو ماڻهو بہ، رڙيون وڏيون ڪندو آهي. سندس رڙين ۾ نہ لفظ هوندا آهن ۽ نہ ڪو مطلب پيدا ڪندڙ جملا هوندا آهن. وٽس خالي آواز هوندو آهي، جيڪو بي معنيٰ ۽ بي مقصد هوندو آهي.
مطلب: ١ - دهل، اندران خالي هئڻ سبب، وڏو واڄو ڪري ٿو.
٢ - آڌورو گهڙو، ڇلڪايہ گهڻو. (گجراتي)

٣ - پورو/ ڪوڪلو چٽو، رڌڻ تي گھٽو آواز ڪندو آهي.
٤ - نلھو چڙو، وچي گھٽو.
٥ - پيٽيو: خالي باسڻ، گھٽا ڪڙڪڙاوئي. (١) ص ١٨٦.

ٿ

١٦٤. ٿُوسڻ گوڏ، چٽان سين ڪاري. (پھاڪو)

ٿُوسڻ: ٿوھ. گوڏ: پاڙ. چٽان سين ڪاري: پاڙ کان پنن تائين، سڄي ڪاري ۽ ڪؤڙي.

سھٽا ٿوھ، ڏسڻ سان وٽندڙ ۽ من مھٽا ھوندا آهن پر کائڻ ۾ زھر ۽ مَنَ کُھٽا ھوندا آهن. سندن ظاهري شڪل ۽ سونھن، رنگت ۽ بناوت تي دوکو نہ کائجي. سندس پاڙ ۽ پن، ٽاريون ۽ ميوو، پسارڪي وڪر طور ڪارائتا ھوندي، کائڻ ۾ زھر مثل ھوندا آهن.

مطلب: ١ - بداصل ماڻھوءَ مان ڪڏھن بہ فائدو پھچٽو ناهي. منجھس اھڙي توقع رکڻ وارو خطا کائيندو.

٢ - جنھن جو بد بنياد، تنھن جو ميوو منو نہ ٿئي.

٣ - ٿوھا ول ڳوڍان، چوٽي ڪاري.

٤ - پيٽيو: پلو توئي پيل، منو توئي تيل. (٦) ص ٩٥.

ٿ

١٦٥. ٿاڪريا نِہ ٻاڪريا، ھو ماريا پلا، ھو رڌيا پلا. (چوٽي)

ٿاڪريا: ٿاڪر. ٻاڪريا: ٻڪر، ٻڪرو، ڇيلو.

١ - ميرو پربت کان آيل، يادوونسي راجپوتن جو اولاد، ٿاڪر ۽ سوڍا، ڏاڍا پرمار، ويڙھو، جنگجو ۽ بھادر رھيا آهن. جنھن سبب، سندن بابت چوٽي آهي: پرٿوي پرمارن جي آهي. انھن جي خاصيت، بھادريءَ واري آهي. جڏھن بھادريءَ جا جوھر ڏيکارڻ لاءِ ميدان ۾ لھندا آهن تہ سندن اھو وڙھڻ يا دشمن کي ماري زير ڪرڻ ئي، پلو لڳندو آهي.

٢ - ھر جانور جو گوشت، مختلف/ متفرق طريقن سان رڌي کائبو آهي. ائين انھيءَ جي کائڻ ۾ ساءُ/ سواد ايندو آهي. جيئن ھرڻ جي گوشت جي

سيخ پچائي کائڻ ۾ لذت آهي، ٻوڙ رڌڻ ۾ نہ. ڳائو گوشت، يجي کائڻ يا قيمو ڪري کائڻ ۾ لذيذ هوندو آهي. ڪڪڙ يا تتر جا تڪا پچائي کائڻ ۾ لذت آهي.
اهڙيءَ طرح، ٻاڪري گوشت جو مزو/ سواد، رڌي کائڻ ۾ آهي. پوءِ پلي اهو ڪڙهائي گوشت هجي يا هنڊي گوشت چو نہ هجي.
مطلب: ١ - ٺاڪر، مارينڊي يا وڙهندي پلو لڳي تو ۽ ٻاڪرو گوشت رڌيل يا رڌئي پلو لڳي ٿو. (١٦)

## ١٦٦. ٺلهي ٺاڪرائي، چارُ-اوڳرائي. (پهاڪو)

ٺاڪرائي: ٺاڪرن واري هلت چلت يا وڏائي، پٽيل هجڻ.
ٽري نڪر، ٽري رواج موجب، ڪن خاص رسمن ادا ڪرڻ لاءِ پابند هوندا آهن. جنهن سبب ڪين، معاشري ۾ مان بہ ملندو آهي. ان مانَ جي ملڻ ڪري، ڪين عام ماڻهن کان وڌيڪ پرهيز سان رهڻو پوندو آهي.
جيڪڏهن نڪر، بي گٽو ۽ بي وڙو هوندو تہ اهو مانُ نہ پائيندو. ڪيس نڪرائي بہ مانَ وڌرائڻ ۾ ڪم ڪين ايندي.
جيئن چار-اوڳرائيءَ يا اڳاريءَ سبب ڪتا اُجڪا ايندا آهن، تهڙيءَ طرح بد-پرهيز نڪر بہ عام ماڻهن لاءِ بيزار ٿيڻ جو باعث بنجي پوندو آهي.
مطلب: ١ - وڏي عهدي ماڻڻ کان پوءِ، ماڻهوءَ کي هر قدم ڦوڪي ڦوڪي کڻڻ گهرجي، چو جو منجهس گهڻن ماڻهن جون نظرون/ اميدون هونديون آهن. جيڪي سندس هر وک ۽ چال، عادت ۽ اطوار کي پيا جاچيندا آهن.
٢ - سبق پهر پڙهہ صداقت ڪا، عدالت ڪا، شجاعت ڪا،
تجهہ سي ليا جائيگا ڪام اس دنيا ڪي امامت ڪا. (٦) ص ٩٤.

## ١٦٧. ٺلو ٺٽو، وڄي گهڻو. (پهاڪو، بيراجي)

ٺٽو: چٽو، چڙو، ڪِڙڪ.
چڙو، اندران خالي هوندو آهي ۽ سندس پٽِ، اهڙي ڌاتوءَ منجهان ٺهيل هوندي آهي، جنهن تي اگر ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو ڌڪ لڳي تہ وڏي آواز سان وڄڻ لڳي. منجهس هڪ لار، لڙڪائي ٽنگبي آهي، جيڪا منجهس جانور جي هلڻ وقت، لڏندي ايندي آهي. جنهن سان چڙو پاڻ-مرادو وڄندو ايندو آهي.
ان جي برعڪس، اگر لار پيل واري جاءِ، مٽيءَ وغيره سان پرجي وڃي تہ لار جو ڦرڻ اوکو ٿيو وڃي. يا ٻاهرين ديوار تي، جنهن تي لار لڳڻ سان

آواز اچي ٿو، ڪا متي وغيره ٺڦجي پوي، ته به آواز ٻاڙو ٿي ويندو. ڪن صورتن ۾ ته آواز، مورڳو مري ئي ويندو آهي.
مطلب: ١ - ڇڙو ٿڌهن گهڻو وڄندو، جڏهن اندران خالي هجي.
٢ - سڪڻي ڪني، ايامي گهڻي.

## ث

### ١٦٨. ثمر هجئي ساڻ، ته پاسو ڪج پنجواڻين جو. (چوڻي)

پنجواڻي: چانديا ذات جو هڪڙو پاڙو. پاڻ کي وسايي پوٽا به سڏرائين ٿا. ڏاڍا پڪا آهن. خاص طور تي، آيل مهمان کي مانيءَ ٽڪر به نه ڪارائيندا آهن. جنهن سببان مٿين چوڻي، مٿن ٺوڪ طور، جوڙي وئي آهي.
مطلب: ١ - ثمر هجئي ساڻ، ته گهڙي پئو منجهه گهٽاڻ. (لاڙ)
٢ - ثمر هجي ساڻ ته پيچ پاڏاين ڪان. (لاڙ)
٣ - ثمر نه هجئي ساڻ، ته پر وٺ پاڏاين جي. (لاڙ)
٤ - ثمر نه هجئي ساڻ ته گهڙي پئو منجهه گهٽهڙ. (سرو)
٥ - ثمر نه هجي ساڻ، ته رات نه ٽڪجي رائلي ۾.
٦ - پيٽيو: روٽلو هجي ساڻ ته رات رهجي رائلي ۾. (٣٢)

## پ

### ١٦٩. پارڪر جا پهاڙ، جهنگ ۽ جهاڙ. (چوڻي)

جهاڙ: وَڻ.
پارڪر يا ننگر پارڪر ۾ ڪارونجهر جبل جون ٽڪريون آهن، جيڪي وڻن ٽڻن سان جنجهيل آهن. منجهانئن مارو ماڻهن کي ماکي ۽ ڪونئر، لاک ۽ ٻارڻ لاءِ ڪاٺ، عمارتي ڪاٺ ۽ مال لاءِ چارو وغيره ملي سگهي ٿو. جابلو علائقن مان، مٿيان مطلب ماڻڻ لاءِ مردانگي، همت ۽ مسلسل جدوجهد جي ضرورت پوي ٿي، جيڪا آخرڪار مارو ماڻهن کي ٽڪايو پچايو ڇڏي.

مطلب: ١ - پارڪر ۾، سنڌ وانگر ميداني ۽ زرعي اصلاحات هيٺ آيل علائقا ناهن، جنهن مان ماڻهو زميندار يا چوڌري ٿي سگهي. ڏيهاڙي محنت مزدوري ڪرڻ وارو، ڏيهاڙيءَ جو روزگار هٿ ڪرڻ کان سواءِ، هتان ٻيو ڪجهه ميڙي ڪين سگهندو آهي.
٢ - پارڪر جا پهاڙ، جهنگ ۽ جهاڙ، رڳو آهي ٻڪ ۽ اگهاڙ، رڻ ۽ رائو، لنگهه ۽ لاهو، مال ٻه رکن ماهو، ته ٻه ڊائو ڪو ڊونديو ليي، رٽن ۾ رڃ، رڳي سڃ ئي سڃ، اڃ وڃ جو اهنج، سڃو ئي پڙپانگ، نڪو ساٿي نڪو سانگ، ڪانگ جي ٻه اک نڪريو پوي. (٦) ص ٥٥.

١٧٠. پاڙو پيارو جو سمجهي، ٻڌي هيٺن سان همت،
سورهيه سچو سر جو، جو رکي ڪار پت،
لڙي وڏي ڪٽڪ ۾، سامون جهلي رعيت،
پنج ئي لڄ-ونت. (چوٽي)

١ - پاڙو: ابو امان آهي. ان جي عزت ۽ لڄ اوتري وڏي آهي. نه پاڙي ۾ بري نگاهه وجهجي ۽ نه لالچ رکجي. اڙيءَ اڏيءَ، پاڙي وارن جي ائين ڪم اچجي، جيئن پنهنجي گهر وارن جي ڪم اچجي ٿو. پاڙيسرين جا ايڏا وڏا حق آهن.
٢ - ڏاڍي ماڻهوءَ جي چانءِ، هر ڪو ڳوليندو آهي. ڏاڍي کي ٻه گهرجي ته ان چانءِ ڳوليندڙ هيٺي جي پرگهور ۽ سار سنڀار لهي. مسڪينن ۽ غريبن جو هڏ-ڏوکي ٿئي. دامي درمي (مالي طرح) مدد نه ڪري سگهي ته قدمي سخني (هلي وڃڻ يا زباني آٿت ڏيڻ) واري مدد ضرور ڪري.
٣ - پنهنجي جان جي حفاظت ڪرڻ اهم ڪم آهي. جيڪو پنهنجي جان جي حفاظت نه ٿو ڪري سگهي، سو سچو سورهيه يا سورمو ناهي. بلڪ بزدل ۽ ڪانئر آهي.
٤ - اوڙي پاڙي، ڏيٺ وائٺ ۽ ڪار وهنوار واري ڪاروبار ۾ ماڻهوءَ جي ساک، نيت پت يا ڪار-پت ڪم ايندي آهي. سٺي ڪار-پت وارو ماڻهو، پرائي مال ۾ ٻه پائيوار هوندو آهي. ڪني ڪار-پت وارو، پنهنجي ڦوڪي ٻه ڦُرائي ايندو آهي.
٥ - سام جهلڻ هوئنئن ته سولو ڪم آهي پر انهن جون سامون جهلڻ، جن جو جهيڙو وڏي ڪٽڪ سان آهي، ڏکيو ڪم آهي. مڙس ماڻهو اهو آهي، جيڪو جهيڙو ٻه ڳائي ۽ سام ٻه جهلي.

مطلب: ١ - لڄ کي قائم رکندڙ، مٿي بيان ڪيل پنج شخص آهن.

١٧١. پاڙو، ننگ آهي. (چوڻي)

پاڙو: اوسي پاسي وارا گهر ۽ منجهن رهندڙ ماڻهو. ننگ: بار، جوابداري. ڳوٺ يا شهر بہ تڏهن تا آباد رهن جڏهن، پاڙي جو ننگ قائم ٿو رهي. ڏڪار سڪار سبب، ڪو اگر وقتي لڏي ويو آهي ۽ روزگار سانگي ڳوٺ راڄ ڪان پري آهي، تڏهن بہ پاڙي پتيءَ سبب، سندس ڇڏيل ڪکن جي واهر پئي پويان ٿيندي آهي. اهو لڳائي چڱائيءَ جو ساٿ، پاڙي کي قائم رکي ٿو. ان جي برعڪس پاڙي جي ڪينس سان شهر بہ ڦٽيو وڃن. (٣٥) ص ٢٦٦

مطلب: ١. پاڙو، ابو اما آهي.

٢. پاڙو، نبين کي پيارو آهي.

١٧٢. پاڻ اڇا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ اگهاڙي،

ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي،

اڻ ڪوٺيو اتي وڃي، هٽي دهل تي تاڙي،

عقل جو ايل پنهوار، گهٽي هٽي ڪچهريءَ ۾ جاڙي،

بہ چوري ويڙهائي، ڏئي گهر کي اماڙي،

هيئين سان هندائي ڇڏ: اهي پنج ئي ياڙي. (چوڻي)

١ - زال کي اگهاڙو رکڻ معنيٰ ننگ جو خيال نہ ڪرڻ. جيڪو ننگ جو خيال نہ ٿو ڪري ۽ فقط پنهنجو پاڻ کي چڪي مکي ڪري هلي ٿو، اهو بہ پاڙيو آهي.

٢ - جيڪو ڪم پوڻ وقت، ٽال مٽول ڪري يا وقت ڏئي، واعدو ڪري، پوءِ پڇي وڃي، اهو بہ مڙس ماڻهو ناهي.

٣ - ري-دعوتيو يا بنا سڏ جي، پرائي دهل تي نچڻ وارو بہ احمق ۽ گيدي آهي.

٤ - ڪچهريءَ يا محفل ۾، بي جا وات هڻڻ وارو بہ مڙني کي بيزار ڪري وجهندو آهي. نہ پاڻ ڪو ڪم ڪري سگهندو آهي ۽ نہ ئي ٻيا سندس چوڻ تي ڪو ڪم ڪندا آهن. اهڙو ماڻهو بہ نامردن ۾ شمارجي ٿو.

۵ - ٻِ-ويڙهائو ٻہ چڱو ماڻهو ناهي. اهو ٻہ جهُڳن جي مٿان ٽانڊو آهي. ساندي وانگر ڦوڪون ڏيندڙ ماڻهو ٻہ، رذيل ٿيندا آهن. نشانبر ٿي وڙهڻ جي بدران، لڪي لڪي تير هڻندا آهن. اهڙي قسم جا مرد، عورتن ڪان ٻہ پري آهي.

مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل پنج خصلتون، پاڙيائپ ۾ شمار ٿين ٿيون. مڙسن ڪي مڙني ڪان موشو ڪرڻ گهرجي.

۲ - ري سڏيو پرائي دهل تي، نچي ۽ هٽي تاڙي،
ڳالهہ ڏانءُ نہ اچيس، هٽي سڪٽي جاڙي،
دوستارن جي گهر اڳيان، هلي پوڪي واڙي،
پاڻ ڪري گنديون ڪپڙا، پر زال هجيس اگهاڙي،
مزمان آئي ڪنڌ هيٺ ڪري، ويهي ڪنهي ڪياڙي.

۳ - ٻہ وڙهن پاڻ ۾، ٽيو پٽائي ڏاڙهي،
ٻڌي دهل ڏارين جو، گهر وڃائي تاڙي،
گهر آيو ڏسي مهمان ڪي، ڪنهي ڪياڙي،
ٻنان پئسي بانولو، اڏائي وينو ماڙي،
جوف پرائي جوءِ لاءِ، اڏي وهي واڙي.

۴ - پاڻ ڍڪي اڇا ڪپڙا، گهر ۾ جوءِ اگهاڙي،
ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي،
اڻ ڪوٺيو اتي وڃي، هٽي دهل تي تاڙي،
عقل جو ايل پنهوار، گهٽي هٽي جاڙي،
پنهنجي جهڳي ناس ڪري، پرائي ڏسي ماڙي،
اهي پنج ئي ياڙي، پنج ئي ياڙي. (۱۲) ص ۱۴۵.

## ۱۷۳. پاڻ-وهيٽو: بادشاهہ. (چوٽي، بيراجي)

پاڻ-وهيٽو: پنهنجي مرضيءَ تي هلندڙ، پنهنجي مرضي مجرائيندڙ، پنهنجي مرضيءَ وارو.

اهو ماڻهو، جيڪو پنهنجي مرضيءَ سان ڪا ڳالهہ يا منصوبو سٽي ۽ اهو وري عمل ۾ آڻي وڃي، تنهن کي پاڻ-وهيٽو سڏبو آهي. جيڪو ماڻهو دل ۾ سوچي ٿو، سو ائين ٿي پوي، اها اڻ-ٿيڻي آهي. ڇو جو هر سوچ، قابلِ عمل بہ نہ هوندي آهي. بادشاهہ يا فرمانرواءِ، جيئن تہ ملڪن جا والي ۽ خزانن جا وارث هوندا آهن، تنهنڪري جيڪو منصوبو سٽيندا آهن، سو

ڪيئن بہ ڪري تعمير جي عمل مان گذاري، متس تعميل ڪرائي ويندا آهن. سندن آڏو، رنڊڪون يا رڪاوٽون گهٽ ايندڙيون آهن. اگر ايندڙيون بہ آهن تہ خزانن جا منهن کولي، منجهائنئن پار پئجي ويندا آهن. ان ڪري ڌڻي-وهيڻا، دنيا اندر، فقط آزاد رياستن وارا بادشاهہ سڏيا ويا آهن.
حقيقت اها آهي تہ دنيا جي بادشاهن آڏو، آخر رنڊڪون رڪاوٽون، عمر جي ڪٽڻ، پيري اچڻ ۽ وارثن جي پيدا ٿيڻ سان گهٽيون اچن ٿيون. هڪ ڏينهن اهي بہ گوڏا کوڙي، ابول ڪري، ويهي رهن ٿا. جڏهن تہ بادشاهن جو بادشاهہ فقط الله آهي. ان آڏو ڪا بہ رنڊ-روڪ اچي ئي ڪا نہ ٿي. اصل ۾ ۽ حقيقي ڌڻ-وهيڻو، الله ئي آهي، جيڪو اصل ۽ حقيقي بادشاهہ آهي.
مطلب: ١ - ڌڻ-وهڻيو: پروردگار آهي.

١٧٤. پاڻي منجھ پهاڻ، پيجي پر پيڏي نهين. (پهاڪو)
پهاڻ: پٿر. پيجي: پُسي. پيڏي: ڳري.
پٿر، اندران سخت هئڻ سبب پڪو هوندو آهي. پاڻي پلي ڪهڙو بہ هجي، ڪيس ڳاري اندر داخل نہ ٿي سگهندو آهي. جابلو منو پاڻي هجي يا سمنڊ جو کارو پاڻي، پٿر منجھ داخل نہ ٿي سگهندو، توڙي جو پٿر، سؤ سال پاڻيءَ اندر رهي. ڇو جو پٿر ۾، پاڻي چوهڻ/ چورائڻ جي خاصيت ئي موجود ناهي. (٣٥) ص ٢٣٦
مطلب: ١. دنياوي حالتون، انسان کي وڪوڙيون ويٺيون آهن. انسان انهن حالتن سان منهن ڏيندي، اڳتي وڌندو رهي ٿو، ويهي نہ ٿو رهي.
٢. جيڪو ٻين مان وقتي فائدا وٺندو، ٻيا بہ منجهائنئس فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندا.
٣. دنياوي تڪليفون هر انسان تي اچن ٿيون. ڪيس ڳاري ختم نہ ٿيون ڪن بلڪ اجا پڪو ٿيون ڪن.

١٧٥. پاڻي نِہ پرمار، لاپي تو ليجئي گهٽو. (چوڻي)
پَرمار: مالِ مفت، پرايو مال. لاپي: ليپي، ملي. ليجيئي: ونجي.
١ - ٿر ۾ پاڻيءَ جي ڏاڍي قلت آهي. ڪن علائقن ۾ ٿي سؤ ڪان ٻارنهن سؤ فوٽ هيٺ، پاڻي ملي ٿو. اهڙن علائقن ۾، کوه ڪٽائڻ سولا ڪين آهن. جنهن ڪري ٿري ماڻهو، ٽِٽن جي وچ واري ميداني ٽڪرڻن ۾، ٽونڪا ناهين ۽ برسات جو پاڻي يا ٻين کوهن وغيره تان جيترو بہ پاڻي ملين سو

ڪٽي اچي، انھن ٿونڪن کي پري ذخيرو ڪن. جيئن گندين ۾ اَنُ وغيره ذخيرو ڪري رکبو آهي، تيئن ٿري وري ٿونڪن ۾ ائين پاٽي جمع ڪن. جڏهن منو پاٽي ڪٽي ملين ته، گھر ۾ موجود هئڻ جي باوجود، اتان اهو ڪنيو اچن.

٢ - مفت جو مال يا خيرات ۾ ملندڙ شيءِ، اگر بنا محنت يا سوال جي ملي ته ڇڏڻي ناهي، بلڪ وني بغل ۾ ڪرڻي آهي. اچ اها موتائي ته سياڻي ان جي ملڻ جا امڪانات گھٽجي ويندا.

مطلب: ١ - پاٽي ۽ مفت ۾ ملندڙ شيءِ، جيتري هٿ اچي، ڪٽي ونجي.
٢ - مفت را چہ بايد گفت.
٣ - تحفي ۾ مليل گھوڙي جا ڏند نہ جاچجن.
۴ - هٿ آيل موقعو، هٿان نہ وڃائجي.
۵ - ويل ويل، وري هٿ نہ ايندي. (٦) ص ۵۴.

١٧٦. پائيءَ جا پڪا، تڪو لنب ڪڍاٽي. (پھاڪو)

پڪا: ڪرڙ جا ڏيلهو.

ڪِرڙَ جو وڻ، پٽن تي ڪو ورلي ٿئي. هينانھن هنڌن تي، نرم زمين ۽ خاص ڪري ڏهرن ۽ ترائين جي سخت زمين ۾ ٿئي. ترائين جي پرسان ٿلهي ٿڙ سان وڏا ۽ ڊگها وڻ ٿيندا آهن. باقي زمين جتي پاٽي گھٽ آهي، اتي رواجي طرح ٿين.

منجهس ڦر هن طرح ٿئي. اونهاري جو اُن ۾ پھريائين پُسي ٿئي، جنھن کي "ٻاٽو" بہ چون. مارو ماڻھو اُن جي ڀاڄي ڪن. پوءِ اُن مان ڪچا ساوا ڦل ٿين، جن کي "ڪيريا" چون. اهي چوندي، ڀاڄي ۽ آچار ڪري ڪم آڻين. پچڻ بعد ڳاڙها ٿيو پون، انھن کي "پڪا" چون. جيڪي چونڊي، ماڻھو ڪائيندا آهن. پڪي، خاص ڪري هُڙيا ۽ ليليون، پڪا جام ڪائيندا آهن. ڪيترا تہ نونگا هٽي ڦتايو ڪيرايو ڇڏين. غريب ماڻھو پُسي، ڪچا ڪيريا ۽ ڏونرا چوندي آڻي شهرن ۾ وڪرو پڻ ڪندا آهن.

پڪا ڪائڻ ۾ لذيذ ٿيندا آهن. بک تي ڪائڻ سان ٿورو پيٽ لاءِ ٻالنگھ پڻ ٿيندا آهن. جڏهن تہ آهن قابض. قبضي بہ ايڏي جو وقت تي ٿورو اچڻ جو نالو ئي نہ وٺندو آهي. ڪي تہ وري ڊاڪٽرن ڏانھن قبضيءَ جي علاج لاءِ پنڌ ڪن. انهيءَ پنڌ ۽ علاج تي پڪن جي خرچ کان ڏهوڻ تي خرچ اچيو وڃي.

مطلب: ١ - سستو ڪم، پيٽو خرچ ڪرڻ بعد پورو ٿيندو آهي.
٢ - پيٽيو: سستي روئي سؤ وار، مهنگي روئي هڪ وار.

۱۷۷. پتنگ ۽ پروانو، ڪن اگنيءَ متي اور،
جيئن پمر ڦري ڪمل تي، چنڊ اتي چڪور،
ٽاڙي جي تنوار، اَن جي ٽڪَ تور،
پنج ئي گگن گهور. (چوڻي)

اگني: باهہ. اور: ڦيرا. پمر: پونئر. ڪمل: ڪنول. گگن گهور: آزاد ڦرندڙ ڪڪر.

۱ - پتنگ/ پروانو، بي انت عشق سبب، باهہ ۾ ڪڏي پوي ٿو. سندس عشق جو اندازو سڙي مرڻ مان لڳائي سگهجي ٿو، جو آخر ۾ فنا ٿي وڃي ٿو.

۲ - پونئر کي ڪنول جي گل سان عشق آهي، جو ڦريو ڦريو مٿس اچي ويهي ٿو ۽ آخر فنا ٿي وڃي ٿو.

۳ - چڪور پکيءَ جو چنڊ تي موهت ٿيڻ پڇاڻان، ڏانهنس پڄڻ لاءِ پرواز ڪرڻ بي انت عشق جي شاهدي آهي، جو آخر فنا ٿي وڃي ٿو.

۴ - مينهن جي مند ۾، ٽاڙي پکيءَ جي تنوار جو بہ اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي، جو سندس تنوارڻ سان آخر برسات ضرور پوي ٿي.

۵ - ٻارِ مان ڪنيل اناج جي ٽڪ تور نہ ڪبي تہ، اهو بہ مٿين چئني وانگر ضايع ٿي ويندو.

مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل پنجن ئي شين مان، دنيا جو فنائيت ڏانهن مائل هئڻ وارو سبق ملي ٿو.

۲ - پتنگ ۽ پروانو، ڪن آگ مٿي اور،
جيئن پؤنر ڦري گلاب لاءِ، چنڊ مٿي چڪور،
ٽاڙو تنواري، تنهنجي ٽڪ نہ تور، اهي پنج ئي گگن گهور. (۲) ص ۱۳۳.

۱۷۸. پٿورو دعا رو گُند، لڪٽا رو ڪوٽو، لڳايان رو وڃاڻ. (پهاڪو)

گُند: پريل پاندو. لڪٽ: لڇڻ، عادت. ڪوٽو: لوفر پارٽي. لڳايان: سڪا باسي ايندڙ عورتون. وڃاڻ: ٻيڙي ٻوڙيندڙ.

پٿورو جنگشن پرسان، پٿوري جي ماڙيءَ تي، اولاد جي آس رکي ايندڙ ضائفن سان، اتي وينل مجارو پاڻ کي پير پٿورو سڏائي، قانونِ فطرت تحت ٻار پيدا ڪرڻ واري عملي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن سبب اڇوت

هندو، وسهي ويا آهن ته: اهي حرڪتون پٽورو ٿو ڪري. جنهن ڪري پٽوري لاءِ ائين مشهور ٿيو آهي.
مطلب: ١ - هڪ همراهه وٽ هڪڙو مرشد آيو، جيڪو شڪل جو گروشڙو هيو. مريد مرشد جي دل سان ٽهل ٽڪور پئي ڪئي. جڏهن ته ساڳئي وقت وٽس هڪڙو سريلو دوست پڻ مهمان ٿي آيل به هيو، جنهن جي خدمت، ان گروشڙي مرشد جي پيٽ ۾ تمام گهڻ پئي ڪيائين. ان تي مهمان دوست کيس ٽوڪيندي چيو: ”مرشد تو واري جي نه شڪل سهڻي آهي، نه شبيهه. تو خوامخواهه اچي پاڻ کي خرچ ڪاٻار ۾ وڌو آهي. اهو تو کي قبر نه چڏائيندو.“
”ڏيکڻ دا گندڙا هي، باقي ناظرو ڪتا هي.“ ميزبان موٽ ۾ چيس: ”ڏسڻ جو ميرڙو آهي باقي، پٽ پاراتي ڏيڻ جو تيز آهي.“
٢ - ٻاهر ۾ سادڙو، اندر ۾ ٻچڙو. (١٨) ص ٦٣.

## ١٧٩. ”پٽيل ڪيئن مئو؟“ چي: ”گيو ڪتي ري ٻٽائي ۾!“ (پهاڪو)

هڪڙي ڪنجوس پٽيل/ وڏيري، ڪنهن ڪاريگر کي ڪتو اڻڻ لاءِ ڏنو. ڪاريگر ڪتو جوڙي ڪٽي آيو. ڏيندي وقت، ڪانئس پئسا گهريائين.
”هفتي ڪان پوءِ پئسا ملندءِ!“ پٽيل، ڪتو وٺي رکندي چيس.
هفتي ڪان پوءِ ڪاريگر آيو ته وري ٻيو ڪُڻُ ڏئي ٽاري ڇڏيائينس. اهڙيءَ طرح ڪيئي ڪُڻَ ڏنائينس، پر پئسا ڪو نه ڏنائينس. ڪاريگر به هلي هلي ٿڪو. جڏهن ڪاريگر جي، ڊڪي ڊڪي جتي گسي وئي، تڏهن هڪ ڏينهن بيزار ٿي خار مان چيائينس: ”هاڻوڪي ڪُڻَ تي جيڪر پئسا نه ڏنئي ته ٺپ ماريندوسانءِ!“
اڳيون ڪڻ آيو ته پٽيل وري به عذر ڏنو. انهيءَ تي ڪاريگر مچرجي پيو ۽ ڪٽندي لٺ، ڏنائينس مغز واري. پٽيل، نه تو ڏنو ته مون ڏنو. پٽيل جي قتل جي خبر ٻيلي جي باهه وانگر ڦهلجي وئي. ڪافي ماڻهو اچي مڙيا ۽ پڇڻ لڳا: ”پٽيل ڪيئن مئو؟“
”گيو ڪتي ري ٻٽائيءَ ۾!“ ٻينلن مان هڪڙي وراڻيو: ”ويو ڪتي جي اٽائيءَ ۾!“
مطلب: ١ - ڪنجوس ماڻهو، ڪنجوسائپ سبب، بي موت مريو وڃي.
٢ - ٿوري محنت جي بدلي، گهڻو معاوضو ڏيڻو ٿو پوي.

٣ - بنا ڏوھ جي، اگر آفت اچي ڪڙڪي تہ چئبو آهي: ”مورڳو وجون ٽا ڪٽي جي اٽائيءَ ۾.“ (٦) ص ٨١.

### ١٨٠. پچي ٿئي جو لال، ڪاڻ نہ ڪڍي ڪنيار جي. (پهاڪو)

هن دنيا اندر سکن سان گڏ ڏک بہ آهن. جن منجھ ماڻهو بجاءِ ڳرڻ جي ويتر پڪو پختو ٿئي ٿو. جڏهن زماني جون سختيون سهي، هڪڙو ماڻهو اڳتي وڌي ٿو، تنهن ۾ سهپ سان گڏ سوچ، سمجھ ۽ سگھ وڌي ٿي. جنهن سببان ٻين جي مدد ڏانهن واجهائي نہ ٿو بلڪ هر ڳالھ سان مڙس ماڻهو ٿي ڪري منهن ڏئي ٿو.

مطلب: ١ - پچي ٿياسون لال، ناهي ڪاڻ ڪنيار جي. (شاھ عنايت)

پڪل ٿانءَ ڪي نہ پاڻي ڳاري سگھي، نہ ئي ڪنيار جي چڪ تي ٻيهر چڙهڻ ۽ آويءَ ۾ پچڻ جي ضرورت اٿس. (٣٥) ص ٢٦٢

### ١٨١. پچ-مروڙيو ڊِڳو، دن اگهاڙي نار،
### چٽين چنو موچڙو، مٽي وارو بار،
### واريءَ سندو پنڌڙو، پنج ئي گردن بار. (چوٽي)

١ - ڊِڳو، هر وهڻ جي ڪم ايندو آهي. هر ۾ وهڻ لاءِ طاقت سرس کپي. ڪي ڊِڳا، وهڻ جا ڪوڙا هوندا آهن. جيستائين پڇ ڪان وني مروٽو نہ ڏبو اٿن، تيستائين وک نہ کڻندا آهن. پنيان، هر ڪي سنياليندڙ هاري، هڪ هٿ سان هر کي سنياليندو آهي ۽ ٻئي هٿ سان ٻنهي ڏاندن کي، ڪيڙيءَ واري ٻنيءَ تان هلندي، ٿاٻڙندي ۽ پاڻُ سنياليندي، هڪليندو آهي. اهو اڳي ئي ٻرِ بينو هوندو آهي. ويتر جو ڏاندُ بہ ڪوڙو هجي تہ صفا ڪِتِ تي پوندو آهي.

٢ - عورت جو هر عضوو، ڪشش رکندڙ آهي. ڏورا، پنيون ۽ پيٽ تہ خاص طور تي اگهڙ ۾ شامل آهن ۽ مردن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندڙ آهن. ويتر جو عورت دن بہ اگهاڙو ڪيو وتي تہ اها چڻ مڙني کي پئي پاڻ ڏانهن سڏي. اها گهڻن کي ويڙهائي ناس ڪندي.

٣ - بوٽ تي جڏهن، ڏارئي چمڙي جون چٽيون لڳنديون آهن تہ وزن وڌي ويندو اٿس ۽ پائڻ ۾ نوبر تي پوندو آهي. پيرن ۾، هينان مٿان لڦون تہ ڪندو آهي پر هلڻ ۾، ڳؤرو هئڻ سبب، بيزار پڻ ڪندو آهي.

٤ - مٽي تي رکيل بار، آخرڪار پيرن کي ئي کڻڻو آهي. پيرن تائين پهچڻ ڪان اڳ، سڄي جسم مان وزن کي پار پوڻو آهي. ڪنڌ، پنيون ۽

ٻانهون چڙهي پوندا آهن. اگر بوٽ يا چپل چڳل آهن، ته به هلڻ ۾ هلاڪ ۽ بيزار ڪندڙ هوندا آهن.
۵ - واريءَ جي مٿان پير، ڦٻڻ ٻدران ٽڙندو آهي. جنهن ڪري هلندڙ ڪي ڏاڍي بيزاري ٿيندي آهي.
مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل پنج حالتون بيزار ڪندڙ هونديون آهن.

۱۸۲. پدمٽي پنج تولا جهيمي، ڏس تولا جهيمي چترٽي،
ايڪ پاءُ جهيمي ڪامٽي، سير جهيمي سنڪٽي. (چوٽي)

پدمٽي، چترٽي، ڪامٽي ۽ سنڪٽي، عورتن جا قسم آهن. اهي سندن بدني ڊؤل ڪي جانچي پوءِ ورهايا ويا آهن. جهيمي: ڊاپي، ڊؤ ڪري. ڏس: ڏهه. تولو: آنو، ڇٽانڪ.
۱ - پدمٽي، ٿور-ڪائڪ هوندي آهي. پنج تولا خوراڪ کائڻ سان، سندس ڳُجي پرجي ويندي آهي.
۲ - چترٽي عورت، پدمٽيءَ جي پيٽ ۾ ٻيٽي خوراڪ ڳهليندي آهي.
۳ - ڪامٽي، پدمٽيءَ کان چئوڻ تي ڪائٽي آهي. ٿوري مان ته سندس پيٽ ئي نه پربو.
۴ - سنڪٽي ته ڪائڻ جو ڇهبر هوندي آهي. مڙني جي پيٽ ۾ ګهٽي مانِر هوندي آهي. اهڙي پيٽ-هٽي هوندي آهي جو ڪارو مانين جو ڪائي ته به آندي جو وڪڙ سڌو نه ٿئيس.
مطلب: ۱ - عورت جو اندازو، سندس ڪاڌ خوراڪ جي وزن مان به ڪري سگهجي ٿو.
۲ - پا زمئہ پدمٽي، اڌ شير زمئہ چتر ڳٽي،
شير زمئہ هنش ڳٽي، ٻي شير زمئہ شڪٽي. (پارڪري)
۳ - پد مٽي پاءُ ڪائي، اڌ سير ڪائي چترٽي،
هنش ڳٽي سير ڪائي، ٻہ سير ڪائي سنڪٽي. (ترجمو) (۲) ص ۲۵۸.

۱۸۳. پدمٽي پون جاڳي، ڪڙڪا جاڳي چترٽي،
سڏ جاڳي ڪامٽي، واڪا جاڳي سنڪٽي. (چوٽي)

پون: آهٽ.

١ - پدمڻي عورت جي نشاني اِها آهي تہ اُها نيندي طبيعت نہ هوندي آهي. ننڊ ۾ بہ هوشناڪ هوندي آهي. سنهڙي آهٽ تي بہ خبردار ٿي اٿي پوندي آهي. جيڪڏهن سمهندي بہ آهي تہ جهٽ پلڪ لاءِ.
٢ - چترڻي عورت، پدمڻيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ننڊ ڪندڙ آهي ۽ سندس جاڳ ڪڙڪي تي ٿيندي آهي. آهٽ تي خبردار نہ ٿيندي آهي. سمهندي آهي تہ رات جي پوئين پهر ۾ جاڳي پوندي آهي.
٣ - ڪامڻي عورت جي ننڊ ٿوري گهري آهي ۽ سڏ تي اٿندي آهي. ستي ڪان پوءِ، پرڀات جو مس وڃي اک ڪلندي اٿس.
٤ - سنکڻي مڙني جي ڀيٽ ۾ اينتري ۽ نيندي آهي. هلڪي ڪڙڪي ۽ سڏ تي سجاڳ نہ ٿيندي آهي، جيستائين مٿان بيهي واڪا نہ ڪجنس.
مطلب: ١ - عورتن جا چار قسم آهن. ڪين سڃاڻڻ جون نشانيون، سندن ننڊ ۽ جاڳ جي طريقن ۾ بہ آهن.
٢ - پدمڻي تو پلڪ نيندر، پهر نيندر چترڻي،
پرڀات جاڳي ڪامڻي، سورج جاڳي سنکڻي. (٢) ص ٢٥٥.

## ١٨٤. پدمڻي دو پتر، چار پتر چترڻي،
## ڪامڻي آٺ پتر، سولا پتر سنکڻي. (چوڻي)

١ - پدمڻي عورت، ٻار گهٽ ڄڻيندي آهي. اهي بہ وڏي وقفي ڪان پوءِ. حياتيءَ اندر، ڇيهہ ۾ ڇيهہ بہ ٻار ڄڻيندي سي بہ پنجن سالن جي وقفي ڪان پوءِ.
٢ - چترڻي عورت، چئن سالن جي وقفي سان، پنهنجي پوري ڄمار ۾ فقط چار ٻار ڄڻي سگهندي آهي.
٣ - ڪامڻي، ٽن سالن جي وقفي سان بہ اٺ ٻار ڪن، پنهنجي پوري عمر ۾ ڄڻي ويندي آهي.
٤ - سنکڻي، طبيعت جي ڪوسي/ گرم هئڻ سبب، ٻارهين مهيني ٻار ڄڻيندي آهي ۽ زندگيءَ ۾ سورنهن ڪن ٻار ڄڻي ويندي آهي.
مطلب: ١ - عورت جو قسم سندس ڄڻڻ واري صلاحيت مان بہ پڌرو هوندو آهي.
٢ - دو پتر پدمڻي ڪون، چار پتر چترڳڻي ڪون،
آٺ پتر هنش-ڳڻي ڪون، شور پتر شکڻي ڪون. (پارڪري)
٣ - پد مڻيءَ کي بہ ٻار، چترڻيءَ کي چار ٻار،

هنش-ڳٽيءَ کي اٺ ڀار، شڪٽيءَ کي سورنهن ڀار. (ترجمو)
۴ - پدمٽي پانچ برسي، چار برسي چترٽي،
تين برسي ڪامٽي، ٻارهين مهيني سنڪٽي. (۲) ص ۲۵۸.

## ١٨٥. پدمٽي ڪون پِتي والو، چترڳِٽي ڪون چِير والو،
هنش-ڳِٽي ڪون وير والو، شڪٽي ڪون واڌ والو.
(پارڪر، چوٽي)

ڪُون: تي. پتي: مڙس. والو: پيارو. چير: پيٽ ڄڻيو. وير: پاءُ، پيارو پاءُ، ماءُ ڄائو. واڌ: جهيڙو، فساد.
١ - پدمٽيءَ کي، مڙس مڙني کان پيارو هوندو آهي. ان جي ئي خدمت، گهٽي ۾ گهٽي ڪندي آهي.
٢ - چترٽيءَ کي وري پيٽ ڄڻيو، وڌيڪ وڻندو آهي. يعني ڄڻيي اولاد تان ٻلهار ٻلهار پئي ويندي. مڙس جي پيٽ ۾، ٻچن ڏانهن قرب وڌيڪ وندبيندي. انهن جي ٽهل ٽڪور ۾ گهڻو وقت ڏيندي.
٣ - هنش-ڳِٽيءَ کي پيڪا پيارا هوندا. انهن ۾ به خاص ڪري پائر. ماءُ-ڄڻيي تي، مڙس ۽ پيٽ-ڄڻيي جي پيٽ ۾، وڌيڪ قرب جو اظهار پئي ڪندي آهي.
۴ - سنڪٽي ته ڪنهن سان نهي ئي نه. نه مڙس جي خدمت، نه ٻارن جي ٽهل ٽور. نه وري پاءُ آئي کي سهي. جنهن تنهن سان جهيڙو ۽ فساد. هر آئي وئي کي، اُکين تي اچي ڪٽندي.
مطلب: ١ - عورت جو روپ، سندس روپي مان به پڌرو هوندو آهي. پنهنجن پيارن رشتن سان سندس نيبهه کهڙي رنگ ۾ ٿئي ٿو. ان رنگ کي ڏسڻ سان، ڪيس سمجهي سگهجي ٿو. (١٩) ص ٩.

## ١٨٦. پدمٽي ڪڙيان ڪيس، ڪڙيان ڪيس چترٽي،
اره ڍِڪٽي ڪامٽي، ڪنان ڪيس سنڪٽي. (چوٽي)

ڪيس: مٿي جا وار. ڪڙيان: ڪڙيءَ تائين. ڪڙيان: چيلهه. ڪنان: ڪنن تائين.

١ - پدمڻي عورت، پنهنجي وارن جي نشانيءَ مان بہ پڌري هوندي آهي. مٿي جا وار ڊگها، سهڻا ۽ گهاٽا هوندا اٿس، جيڪي سندس قد جيڏا هوندا آهن.
٢ - چترڻيءَ جا وار، سندس چيلهہ تائين مس ڊگها هوندا آهن.
٣ - ڪامڻي عورت جا وار، گهٽ ڊگها هوندا آهن. ڇاتي مس ڍڪيندا اٿس.
٤ - سنکڻيءَ جا وار، ڪنن کي مس ڍڪيندا آهن. ڇوڪرن وانگر ٻتون-ڪٽ وار مس ڏاري سگهندي آهي. ان کان وڌا رکندي تہ ڇڻڻ شروع ٿي ويندس.
مطلب: عورت جو قسم، وارن جي نشانيءَ مان بہ پرکي سگهبو آهي. (٢) ص ٢٥٦.

## ١٨٧. پدمڻي هنس چلي، مرگهہ چلي چترڻي،
## مور چلي ڪامڻي، ڊور چلي سنکڻي. (چوڻي)

هنس: هنجهہ پکي. مرگهہ: هرڻ.
١ - پدمڻي عورت پنهنجي چال مان پڌري هوندي آهي. هلندي آهي تہ هنجهہ پکيءَ وانگر هلندي آهي. سهڻي ٽور سان پئي ايندي ۽ هر ڪنهن کي پئي سيبائيندي.
٢ - چترڻيءَ جي چال، هرڻ جي چال وانگر هوندي آهي. ٽينگ ٽپا ڏيندي ايندي. جنهن جو ڌيان نہ هجي سو بہ ڏانهنس ڌيان ضرور ڪري.
٣ - ڪامڻي، هلندي تہ ڍيل وانگر ٽور ڪندي ايندي. پاڻ ڏانهن ٻين جو ڌيان ڇڪائيندي ايندي.
٤ - سنکڻيءَ جي وک، ڊور وانگر ۽ پري کان پڌري هوندي آهي.
مطلب: ١ - عورت جا چار ئي قسم، سندس وک ۽ چال مان پڌرا هوندا آهن. ڪيس سندس هلڻيءَ جي چال مان بہ صحيح ڪري وٺبو آهي. (٢) ص ٢٥٦.

## ١٨٨. پراڻ جائي، پروجن نہ جائي. (چوڻي)

پراڻ: ساهہ. پروجن: ويساهہ اعتبار.
جيئن سلو پاڻيءَ تي ٽڪندو آهي، تيئن وري انسان، نيت، ويساهہ يا وشواس تي ٽڪندو آهي. ٻين جي مٿان جيئن سندس اعتبار ويهندو ويندو آهي، تيئن سندس ڪاروبار ۽ ساک وڌندا ويندا آهن. جڏهن ماڻهو غريب

۽ نادار آهي، تڏهن رب جي رضا تي راضي رهي پيو ته زندگيءَ جا پل گهاري. ان جي برعڪس جڏهن معاشري ۾ پنهنجي ساک يا نيت پت ناهي ڪو مقام حاصل ڪندو آهي ته پوءِ اتان هٽڻ لاءِ ذهني طور تيار نه ٿيندو آهي. اگر سندس ساک يا ويساهه ڪنهن ڪڏي ڪم سبب، ماڻهن مان ٽٽو ته سندس اهو اوچو مقام به مٽان ڪان ٽٽي اچي پٽ پوندو آهي. مٿان ڪري، هيٺ اچي پوڻ ڪان پوءِ، زندگي گذارڻ تمام ڳهٽي اهنجي ٿي ويندي آهي. اهڙي زندگي گذارڻ ڪان هر ڪو موت کي ترجيح ڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر ڪو پنهنجي ويساهه/ وشواس يا ڀرم کي قائم رکڻ جا جتن پيو ڪندو آهي.
مطلب: ١ - ساهه وڃي، ويساهه نه وڃي.

## ١٨٩. پراڻو کوهه وهي: لک لهي، نئون کوهه وهي: ڊهي پوي. (پهاڪو)

١ - جر جو پاڻي، نارن ذريعي سمي، کوهه جي تري ۾ جمع ٿيندو آهي، جيڪو ڇڪي ٻاهر ڪيبو آهي. سنهڙن نارن مان سميل پاڻي، صاف ٿي نڪرڻ سبب، پيئڻ لائق هوندو آهي. کوهه جيئن پراڻو ٿيندو تيئن سندس نارن جا وهڪرا پڪا پختا ٿي ويندا آهن ۽ ورلي بند ٿيندا آهن. اگر پاڻي ڪڍڻ بند ڪبس ته پوءِ امڪان آهي ته اهي نار بند ٿي وڃن. جڏهن پراڻي کوهه جا نار بند ٿيندا آهن ته پوءِ اهو کوهه بيڪار ٿي ويندو آهي. منجهانئس ٻيهر پاڻي ملڻ ناممڪن ٿي ويندو آهي. هاڻي ان کوهه تي وڏيک محنت ڪرڻ بجاءِ، ان کي لٽي ٻيو کوٽبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اوچتو بند ٿيل نار، وهي به پوندا آهن. اگر کوهه ائين وهي پيو ته پوءِ لک لهي.
٢ - نئين کوهه جي اندرين پٽ گولائيءَ سبب مضبوط هوندي آهي. تنهن هوندي به ڪوشش ڪبي آهي ته جيستائين اها پٽ، چَڪَ تي مضبوطيءَ سان ويهي، تيستائين سندس پٽين مان پاڻي نه سمي ۽ تري مان به نار، سيما ڪري نه وهن. انهن جو تڪڙو وهڻ نئين کوهه کي ويهاري ۽ نئين اڏاوت کي لوڙهي ڇڏيندو.
مطلب: ١ - پراڻي کوهه جو وهڻ غنيمت ۽ نئين جو سمڻ زحمت.
٢ - پراڻا سخي، سخاوت ڪن ته ڊائن، نوان سخاوت ڪن ته ڏهڙي رکن.

## ١٩٠. پرائي مانيءَ ڪان، پنهنجن ڪکن جي رٻ ڀلي. (چوٽي)

ماني: ڏڀڙ، ڪٽڪ جو لولو، اوچو طعام. رٻ: ڪُني ۾ پاٽي وجهي، منجهس ٻاجهريءَ جو ڏارو وجهي، ڪاڙهين ته پتڙي پيجي ٿيو پوي، ان کي رَٻ چون. غريب ڪيس غنيمت سمجهي، رٻ پٽاري چون. ڪک: ڪکاوان گهر، غريباٽا گهر، آکيرو جيڪو پڻ گهر جي علامت آهي.

ماٽهوءَ سان پيٽ به لڳل آهي، جيڪو ڪيس پرڻو آهي. ان ڪان علاوه انسان هئڻ جي ناطي ڪيس پنهنجي عزت نفس به برقرار رکڻي آهي. پيٽ اندر پيل ڪاڏو، جسم جي خوراڪ آهي، جنهن تي اهو پلجي ٿو ۽ وڌي ويجهي ٿو. بلڪ ائين چئجي ته اهو زنده ئي ان ڪاڌي تي رهي ٿو. اهڙيءَ طرح عزتِ نفس يا روح جي به هڪ خوراڪ يا غذا آهي. جيڪا آهي حلال روزي ۽ چڱا ڪم. اگر انسان ڪِري، پوءِ ڪا روزي حاصل ڪري ٿو ته سندس روح مرده ٿئي ٿو ۽ عزتِ نفس مجروح ٿئي ٿي. ڪيس پيٽ پرڻ سان گڏ، انهن جي سلامتيءَ جو بندوبست پڻ ڪرڻو آهي. ڇو جو فقط پيٽ پرڻ، سندس مقصود ناهي. اهو ته ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾، جانور ۽ درندا به پيا پرين. اگر انسان به ائين پريو ته پوءِ انهن ۾ هن ۾ ڪو واضح فرق نه رهندو. جنهن واضح فرق سبب، ڪيس اشرف المخلوقات جو لقب مليل آهي، اهو فقط روح کي زنده يا مرده رکڻ ئي آهي.

پنهنجي هٿن سان ڪمايل سادي روٽي، پنهنجي هٿن سان جوڙيل ڪکاون گهرن ۾ کائڻ سان، ماٹهو ٻين تي ٻوجهه نه ٿو ٿئي، ۽ نه ئي ائين ڪرڻ ٻين تي گران ٿو گذري. ان جي برعڪس، ٻين جي درن تي ڪرڻ وارو ڀلي سنيون مانيون کائي، پر ٻين مٿان بار ۽ سندن هنيانءَ تي تور ٿئي ٿو. ان سان انسان، اڳلن جي نظرن ۾ ته ڇا، پنهنجي نظرن ۾ به ڪري پوي ٿو. سندس روحاني مرده ٿيو وڃي ۽ اشرف المخلوقات هئڻ واري درجي کي به شرمائي ٿو.

مطلب: ١ - ڀلي ٻڪ پرم جي شال نه وڃي شان.

٢ - شان مان پيٽ پرڻ ۾ نه، بلڪ عزتِ نفس قائم رکڻ ۾ آهي.

٣ - پنهنجي ڪکائين گهر ۾ رٻ کائڻ، پرائي گهر ۾ پلاءُ کائڻ کان وڌيڪ شان واري آهي. (١٢)

### ١٩١. پرٿويءَ جو نالو: نانهن جو گهر. (چوڻي)

پرٿوي: ڌرتي. نانهن: محنت.
ڌرتيءَ تي هر ڪو هٿين خالي آيو آهي. جڏهن ته اهي خالي هٿ، سندس ڪمائڻ جا اوزار يا هٿيار پڻ آهن. ڪيس ڌرتيءَ مٿان، حياتي گذارڻ لاءِ، روزي رزق حاصل ڪرڻ لاءِ انهن عطا ڪيل ٻنهي هٿن پيرن جي معاونت سان محنت ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي حصي جي روزي روٽي چُڳڻي آهي.
اگر، هڪڙو ماڻهو، هٿ پير هوندي، محنت نه ڪندو سو نيٺ ٻين آڏو هٿ ٽنگيندو. اگر محنت ڪندو ته مان ۾ پائيندو ۽ بک ۾ نه مرندو.
مطلب: ١ - ڌرتي، محنت جي جاءِ آهي.
٢ - انسان کي هر وقت محنت ڪندو رهڻ گهرجي.

### ١٩٢. پرجا سکي: راجا سکي، سکي سڀ سنسار. (پهاڪو)

پرجا: رعيت. راجا: بادشاهه. سنسار: جڳ.
رعيت تڏهن خوش ٿي رهي، جڏهن حاڪم، ساڻن عدل ۽ انصاف واري هلت ۽ ورتاءُ ٿو ڪري. رعيت جا جڏهن گهر ويني حق انصاف وارا فيصلا ٿين ٿا ته اهي وري موٽ ۾ بادشاهه جي صحت ۽ سلامتيءَ لاءِ دعائون گهرندا رهن ٿا. ٻئي ڌريون جڏهن هڪ ٻئي مان خوش آهن ته ٿين ڪا به ڌر سندن معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ جو سوچي به نه ٿي سگهي. اها به ڪائنن پاڻ کي ٻي اونو ڪيو، سڪون تي ماڻي. (٣٥) ص ٢٤٩
مطلب: ١. جيڪو زمين وارن کي خوش رکڻ جي ڪوشش وٺي ٿو، تنهن کي آسمان وارو سڪون مهيا ڪري ٿو.
٢. بادشاهه کي به مٽي ۾ سور رعايا وجهندي آهي. اها سکي هوندي ته راجا کي به قرار هوندو.

### ١٩٣. پرس ڪراڙو، جوءِ جوان، اهو نه جڙندو جوڙ،

جي حيلا ڪرين هزار، ته به ٻُجهه جو نه ٻڌبو نوڙ،
چوٿين جَون جي ماني، پنجون ٿيلهي مچيءَ جو ٻوڙ،
پنج ئي گردن ٽوڙ. (چوڻي)

١ - ڪراڙو مرد، جوان عورت جي ڪم جو ناهي. جوان عورت کي جيسي مرد جي ضرورت آهي. جنهن سان رسڻ پرچڻ ۾ ڪيس ساءُ اچي. ڪراڙي جو پرچائڻ ۽ ياڪر ۾ پرڻ، ڪيس ڪرپ ڏياريندڙ ٿيندو. نه ئي وري

ڪراڙو، سندس جنسي تقاضائون پوريون ڪري سگھندو. انھن ٻنھي جو پاڻ ۾ ٽاڪو لڳڻ، اگر ناممڪن ناھي تہ مشڪل ضرور آھي.
٢ - ٻُھہ، تمام ننڍڙن داڻن تي مشتمل ھوندو آھي. جڏھن تہ نوڙ يا نوڙيءَ وٽڻ لاءِ ريشي-دار، ڌاڳن جھڙن سرن جي ضرورت آھي، جيڪي ھڪٻئي کي سڌائيءَ ۾ وڪوڙي جھلي بيھن. ٻُھہ جي داڻن سان نوڙ وٽڻ لاءِ سوچڻ ئي بيوقوفي آھي.
٣ - جَوَ، اٽيو اَنُ آھي. پيھڻ سان بہ بلڪل ميدي وارو اٽو منجھانئن نہ ٿيندو آھي. بلڪ داڻيدار ٿُھن تي مشتمل ھوندو آھي، جنھن ۾ اٽي وانگر چنبڙڻ واري خاصيت نہ ھوندي آھي. جنھن سببان منجھانئس ماني نہ جڙي سگھندي آھي.
٤ - ٽيلھي مچي، تري ڪائڻ ۾ ئي مزيدار ۽ ذائقيدار ھوندي آھي. اگر منجھانئس ٻوڙ رڌجي تہ پُري ويندي ۽ ڪائڻ ۾ لذت نہ ڏيندي.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل حقيقتون، ڏک ڏيندڙ آھن.

## ١٩٤. پَرَ-متڙيو، سدائين ڏوھرو. (چوٽي)

پَرَ-متڙيو: پرائي مت تي ھلندڙ، ٻين جي عقل تي ھلندڙ. سدائين: ھميشہ. ڏوھرو: ڏکيو، ڏک ۾، تڪليف ۾.
جيڪو پنھنجي معاملي ۾ بہ، ڀلي بري جي تميز نہ ڪري سگھي ۽ ھر معاملي ۾ ٻين جي عقل تي ھلي، سو نيٺ پر-متڙيي پوڙھي وانگر گڏھ تہ ھٿان وڃائي پر ماڻھو بہ مٿان ڪلائي.
ھر معاملي ۾ رڳو پڇ پڇ بہ، ٻين کي بيزار ڪري ڇڏيندي آھي. ان ڪري بھتر آھي تہ ڪجھہ پنھنجي عقل کان بہ ڪم وٺجي.
مطلب: ١ - اڌارو عقل، ٿورو ۽ ڪتل، ناقص ۽ مارائيندڙ ھوندو آھي.
٢ - پنھنجي سمجھہ سان ڪيل ڪم جو نقصان بہ وڻندو آھي. اڌاري عقل سان ٿيل فتح بہ، دلي سڪون نہ ڏيندي آھي.
٣ - ھر معاملي ۾، پنھنجي پاڻ تي ڀاڙجي.
٤ - سدائين پنھنجي ٻارجي ۽ پنھنجي چاڙھجي.
٥ - پرائي مت آھي پرڻ ۾ پاٽي، پيو ۽ وھي ويو.
٦ - ٻين جي عقل تي ھلندڙ، سدائين ٽوٽ ۾ ھوندو آھي. (٦) ص ٩٧.

١٩٥.   پرڻي او پاڙي، جڻي او جاڻي. (چوڻي)

پرڻي: پرڻجندڙ، شادي ڪندڙ. او: سو. پاڙي: پالي، نپائي. جڻي: ڄڻيندڙ. جاڻي: ڄاڻي، سمجهي.

جيڪو شادي ڪري ٿو، زال تنهن ڪي ئي پالڻي آهي. ان جا نخرا وغيره ڪير برداشت ڪرڻا آهن. چو جو سندس پٽ ان منجهان ئي ظاهر ٿيندي. اهڙيءَ طرح، ٻار جو مزاج اهو ڄاڻي، جنهن ڪيس ڄڻيو آهي. ٻئي ڪي ان جي معاملن جي ڄاڻ گهٽ پوندي. (٣٦)

مطلب: ١ - هر ڪو پنهنجي معاملو ڪي، پاڻ سڌو ڪري ته بهتر ٿيندو.

١٩٦.   پريت ڪجي ڄاڻ سڄاڻ سون،
حيوان سون پريت ڪيسي،
سارس ٻينا ماس چوماسون،
چونچ پري سا ڪپاس جيسي. (پهاڪو)

سارس: سوهڻا، پکيءَ جو نالو. ماس: مهينو. چوماس: چار مهينا. چونچ: چنهنب.

سارس پکيءَ جي، ڪاري ڪانءَ سان دوستي ٿي وئي. هڪ دفعي ڪانءَ جي دعوت ڪيائين. دعوت ۾ ٻين طعامن سان گڏ انب پڻ رکيائينس، جيڪي مختلف قسمن جا هيا.

موٽ ۾ ڪانءَ ٻه، ڪيس دعوت ڏني. ڪانءُ دعوت ڏيئي اچڻ ڪان پوءِ، بندوبست ڪي لڳي ويو. ڪيس انب ڏاڍا وڻيا هيا. ٻيو ڪجهه ڪو نه ڪيائين، فقط انبن جي بندوبست ۾ جنبي ويو. ڪيس انبن جو وڻ نظر ڪو نه آيو، ان جي بدران اڪ جي ٻوٽي ۾ انبن جهڙا اڪ ٽنڙا نظر آيس، جن ڪي انب سمجهي، سندن پچڻ ۽ پيلي ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن اڪ پچي پيلا ٿيا ته سارس ڪي دعوت ڪائڻ لاءِ ڪوني وٺي آيو ۽ اچي اڪ ٽنڙن مٿان ويهاريائينس. سارس، اڪ- ٽنڙي ۾ جيئن چنهنب هنئي ته منجهائنس ڪپهه جهڙا ٿُهَه اڏامڻ لڳا، جنهن تي ڪانءُ ڏاڍو پشيمان ۽ لڄي ٿيو.

مطلب: ١ - ٻي جنس جي ياريءَ مان، فقط خواري نصيب ٿيندي آهي.
٢ - نيچ سون سگ، ڪيو نه ڪيو. (٢) ص ٢٦٣ ۽ ص ٢٨٠.

## ١٩٧. پڙهياسي ڳٽيا نهين، رهيا نوٽ ڪا نوٽ. (چوڻي)

پڙهياسي: پڙهيل. ڳٽيا: ڳٽن وارو. نوٽ: ڏڌ، بيڪار.
علم حاصل ڪرڻ جو مقصد آهي: متس عمل ڪرڻ. جيڪو ماڻهو پڙهي ۽ ڪڙهي نہ، سو بہ بيڪار آهي. ڇو جو علم حاصل ڪرڻ جو مقصد اهو ناهي تہ فقط ٻين تي عالم هجڻ جو رعب جهاڙيندو رهجي. بلڪ علم حاصل ڪرڻ جو فائدو تڏهن آهي، جڏهن متس پهرين پاڻ عمل ڪجي، پوءِ ٻين کي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪجي.
مطلب: ١ - گڏهہ تي ڪتابن جي لڏ سٽڻ سان، گڏهہ عالم نہ ٿيندو، پوءِ چاهي حضرت عيسيٰ وارو گڏهہ ڇو نہ هجي.
٢ - علم حاصل ڪجي، متس عمل ڪرڻ لاءِ.
٣ - پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
تيئن تا ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق ورائين وترا.
٤ - پڙهيو آهين، ڪڙهيو بہ آهين؟
٥ - جيئن ڪڙهڻ کان پوءِ کير مان مکڻ نڪرندو آهي، تيئن ڪڙهڻ کان پوءِ ماڻهوءَ مان لچڻ ظاهر ٿيندو آهي.
٦ - پڙهيل، ڪڙهندو نہ تہ جاهل کان بہ بدتر هوندو. (۵)

## ١٩٨. پڪي گهڙي نا ڪنا ڪيها. (پهاڪو)

گهڙو يا دلو، ڪُوهيل مٽيءَ مان جڙندو آهي. مٽيءَ تي محنت ٿيندي آهي. ان کان پوءِ ڪُوهيل آلي مٽي چڪ تي چاڙهي، منجهائنس پهرين پهرين، دلي، دکيءَ يا مٽ وغيره جا ڪنا جوڙيا ويندا آهن. اهي جڏهن سڪي ويندا آهن تہ پوءِ هينان واري چاٽي مان، پاٽيءَ ۽ ناپيءَ ذريعي، دلي/ مٽ جو ڍِڍ/ بول ناهيو ويندو آهي.
انهيءَ مرحلي دوران، جيڪڏهن دلي يا مٽ جو ڪَنو، ڪنير جي بي احتياطيءَ سبب، ٽٽي پيو تہ وري نہ نهي سگهندو آهي. انهيءَ کي وري مٽيءَ ۾ ملائي، منجهائنس ٻيهر، چڪ تي چاڙهي، ٻيو دلو يا مٽ ناهيو ويندو آهي.
اهڙيءَ طرح جنهن ماڻهوءَ ۾، ٻارائپ يا ڪچيءَ عمر ۾ جيڪي عادتون جڙيون، سي وس ڪئي نہ نڪرنديون آهي. تنهنڪري ننڍي ٻار جي اخلاق جوڙڻ تي، گهڻو ڌيان ڏيڻ گهرجي.
مطلب: ١ - پڪيءَ عمر ۾ سڌرڻ، مشڪل آهي.
٢ - ننڍيو ٻار، مڃ جو وار، جيئن وارءِ تيئن وري.

٣ - پڪي گهڙي کي ڪنا ڪو نہ پوندا. (٥)

## ١٩٩.   پل پهر مينهن، ڇهہ پهر چنو. (پهاڪو)

مينهن جڏهن آيل ڪڪرن مان وسندو آهي تہ ڇڇڪي سان ڪلاڪ اڌ اندر ڪڪر خالي ٿي ويندا آهن. هڪ هنڌان ڪڪر وسي، اوڪاٽجي، ٻئي هنڌ وڃي گجندا ۽ وسندا آهن.
مينهَن جو پاڻي پڪين جاين تي پوڻ شرط، ڪنو ٿي، لاهائين طرف هليو ويندو آهي ۽ جاءِ سڪي ويندي آهي. واريءَ تي پوندو تہ واري ڪٽي ويندي. نرم زمين تي پوندو تہ چڪ ٿيندي. هر ڪو پاسو ڪري پيو لنگهندو. جڏهن سُڪندي تہ پوءِ هر ڪو پيو اتان لنگهندو.
جڏهن تہ ڪڪائين ڇت ۾ اهي مڙيئي سهولتون ناهن. پهرين تہ چونئري، مَنهہ يا لانديءَ جا سڪل ۽ ڪڙڪ ڪانا يا سر، مينهن جي پاڻيءَ تي پُسي پڄندا. ان ڪانپوءِ پنهنجي استعداد آهر، پاڻ ۾ پاڻي جذب ڪندا ۽ ان بعد ٽمڻ شروع ڪندا. ڪلاڪ-اڌ اندر مينهن ختم ٿيو پر چونئري جي ڪانن وارو پاڻي ٻہ چار ڪلاڪ پيو ٽمندو ۽ هينان وينلن کي بيزار ڪندو.
مطلب: ١- مينهن گهڙي سوا پوي ۽ ڇن، پهرن جا پهر، پئي ٽمي.
٢- گيدي ماڻهوءَ کي، هڪ مڪ لڳي تہ پهرن جا پهر پيو روئي.
٣- مينهن وسي ٻہ پهر، چنو وسي ڇهہ پهر. (٣٥) ص ٢٠٠
٤- مينهن وسي ٻہ پهر، ڇن ٽمي ڇهہ پهر. (ساهتي)
٥- ٻلي ڪائي ٻہ دڪا، ڇبل ڪدي ڇهہ دُڪا. (ساهتي)

## ٢٠٠.   پل ري گٽي، سَو ستون ڪائي. (پهاڪو)

هر معاملي ۾ ڪاميابي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اهو وقتائتو ۽ مندائتو ڪجي. جيڪڏهن تير، وقت تي ۽ نشاني تي چُٽي نہ هٽبو تہ گسي ويندو. پوءِ شڪار تي ڇڏيل تير، موٽي اچي ماڳ نہ پوندو. جيڪڏهن شڪار هرڻ جو آهي تہ تير هٿان ويو. جيڪڏهن شڪار، خونخوار درندي جو آهي تہ تير تہ ويو پر سر بہ ويو. ان ڪري تير هلائڻ جهڙو ڪم، سوچي سمجهي ڪجي. هڪ دفعو خطا ٿيو، تہ پوءِ وڏو نقصان پوندو.
اهڙيءَ طرح، ڏيتي ليتيءَ ۽ معاشرتي روابط قائم ڪرڻ ۾ بہ جيڪو پهريون اثر پيو سو آخري هوندو. اٽندي ئي هلايل تير، ناڪام ويا تہ ماڻهو ساري زندگي پيو پشيمانيءَ ۾ گذاريندو. ان ڪري هر ڪم

جهڙوڪ: شادي وغيره تڏهن ڪجن، جڏهن انهن جو وقت اچي وڃي ۽ پاڻ ۾ به بلوغت هجي. ٻيءَ صورت ۾ اڇلايل تير، نشاني تي نه لڳندا ۽ ماڻهو سڄي عمر پيو ستون ڏيندو ۽ ستون سهندو.

مطلب: ١ - هر معاملي ۾ احتياط سان هلڻ گهرجي. بي احتياطيءَ ڪان پاسو ڪجي.

٢ - ٿوري تان ترڪيل، وڏو نقصان ڪائي ٿو.

٣ - تر جي گٿي، سؤ چوٿون ڪائي.

٣ - ويل وقت، وري هٿ نه ايندو آهي. (٥)

## ٢٠١. پلو، تپلو. (ڍٿ، چوڻي)

تپلو: تپيل، تپائيندڙ، تپ وارو، تتل، گرم.

ڪنني واري علائقي اندر، ڏهر جي ٻنين ۾، جهنگلي ٻيريون گهڻيون ٿينديون آهن. ٻنين چُڻڻ وقت، نومبر جي پڇاڙيءَ يا ڊسمبر ڏاري، ٻيريون وڍي، هلڪا هلڪا ڍڳ ڪندا آهن، جن کي پاهي يا پينٽ چوندا آهن. چوٿين ڏينهن پاهيءَ کي، ڏاڍيري زمين تي ڪنو ڪري، هلڪا هلڪا ڏڪ هڻندا آهن ته پن سب ڇڻي پوندا آهن ۽ باقي ڪنڊن سميت ڍينگهر بچندا آهن، جيڪي جدا ڪري ڇڏبا آهن. اهي گهڻو ڪري گهرن لاءِ، لوڙهي جي طور ڪتب ايندا آهن، جيڪي ڪم خرچ ۽ مضبوط ٿيندا آهن. ڍينگهرن جا پنج-ست پينٽ گڏ ڪري، ٻيانيءَ جي وسيلي مُڙسالو مٿي تي کڻي ايندا آهن، جنهن کي ”اوپاڙو“ چون. بعضي اهي ڪندا اُنن تي به کڻي ايندا آهن. اُٺ جي پُور کي ”پينسارو“ چون. سمورن ڇڻيل پنن کي ”پلو“ چوندا آهن.

پلي جا جالنگ يا ٻورا ڀري انن تي لڏي، گهرن ۾ آڻي رکبا آهن. سياري ڏاري اهو انن لاءِ فائدي وارو چارو آهي. تاثير ۾ تپلو، يا گرم هئڻ سبب، وهٽ تي سيءَ جو اثر نه ٿيندو آهي. انن کان سواءِ ٻڪرين کي به کارائبو آهي. جيڪي ڪائي ڪير جججهو ڏينديون آهن.

هوليءَ کان پوءِ گرم موسم ايندي آهي، اُن بعد پلو ڏيڻ بند ڪندا آهن.

مطلب: ١- پلو، تاثير ۾ گرم هئڻ سبب، مال لاءِ ڪارائتو آهي.

٢ - ڪک کي به بيڪار نه سمجهڻ گهرجي.

٣ - دنيا ۾ رب پاڪ ڪا به شيءِ بيڪار پيدا نه ڪئي آهي. (١١) ص ٢٠٩.

٢٠٢. پنڻ عيب، مدد ڪرڻ فرض. (چوڻي)
پنڻ: بنا محنت جي ٻئي کان پئسي جو سوال ڪرڻ.
مدد: بنا گهرڻ جي وقت تي پئسو ڏيڻ.
هڪ دفعو ٻئي جي آڏو هٿ ٽنگڻ سان ماڻهوءَ جو مرم ۽ مريادا مريو وڃي. مليل مدد، ڪيس هڏ-رڪ ۽ گيدي ٻڻايو ڇڏي. سماج منجھ ڪوڙھ جو ٽڪو ۽ ناسور ٿيو پوي. ان جي برعڪس اڙيءَ اڏيءَ ۾ پنهنجي ان مائٽ جي مدد ڪرڻ، جيڪو اڙيل هوندي زبان سان نه ٿو ڪڇي، هر صاحب ثروت تي فرض آهي. (٣٥) ص ٢٣٩
مطلب: ١. مفت جي ماني پيٽ پوڻ سان، ماڻهوءَ منجهان همت جو جذبو نڪريو وڃي. مفت جو مليل ٽڪر، ڪيس گيدي ۽ بزدل ٻڻايو ڇڏي.

٢٠٣. پنڻي پنيو، سڪڻو سمهو رو سمهو. (پهاڪو)
سڪڻو: پنندڙن کان پنندڙ. سمهو رو سمهو: سامهون جو سامهون.
ائين ته هڙئي انسان منگتا/ فقير آهن. جڏهن ته ڏيئي نه پڇارڻ وارو سخي، فقط هڪ الله آهي.
هتي فقط انهن فقيرن/ منگتن/ پنڻن بابت چيل آهي، جيڪي ماڻهن آڏو هٿ ٽنگين ٿا. منجهانئن هڪڙا اهي آهن، جيڪي پنڌ ڪري ڪنهن سخيءَ جو در جهلين ٿا ۽ مراد ماڻڻ لاءِ سين هٽن ٿا.
ٻيا فقير اهي آهن، جيڪي اها تڪليف بہ ڪا نہ ڪن. سست ۽ ڪاهل، هڏ-رڪ ۽ هڏ-حرام ٻڄيو، هڪ هنڌ وينا رهن. ٻين کان ته سوال ڪن پر، پينڙياتن مان بہ ڪين مڙن. ڪانئن بہ سوال ڪندي شرم/ عار محسوس نہ ڪن.
مطلب: ١ - پنڻ لاءِ بہ اصول ڏارجي، خوامخواه بي حياءُ نہ ٿجي.
٢ - پوريل در نہ پن، متان پنيي پوري نہ پوئي، سو ئي دَر پن، جت پينارا پُرِ تين.
٣ - پنندڙن کان جو پني، سو گونهن ڪتن جو ڳنهي.
٤ - سڪڻا توڻي، پينڙياتن کان بہ پيا پنندا آهن.
٥ - پنندڙن کان نہ پن، متان پنيي پوري نہ پوئي،
سو ئي نالو ڳنهہ، جو ڏئي نہ پڇاري. (٦) ص ٥٦.

٢٠٤. پنهنجو گهر، هنگيو پئي پر،

پرايو گهر، ٽُڪيو پئي ڏر. (چوڻي)
ٽُڪيو: ٽُڪيو، ٽڪ اچلي، ٽڪ اچلائي. ڏر: ڊر، ڊچ.
هر ساهدار کي، جيءُ لڪائڻ لاءِ اجهو ضرور کپي. انسان کي گهر ۽ جاندار کي ڏر. موذي جانور، ڏرن ۾ رهن ۽ انسان گهرن ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهن. پنهنجي رهڻ واري جاءِ کي ته هر ڪو، ٻاهرين حملن کان محفوظ ناهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر منجهس رهڻ دوران ننڍڙن خطرن کان پڻ پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. صفائيءَ سترائيءَ ذريعي گندگيءَ کان يا دوائن ذريعي موذي شين جهڙوڪ: مڇر ۽ منگهڻ، وڇون ۽ بلا، تِڏين ۽ ٽنبڙن، ڪولين ۽ ماڪوڙن، نوريئڙن ۽ ڪئن وغيره کان، پاڻ ۽ گهر کي آجو رکندو آهي. گندگي ڪرڻ کان به پرهيز ڪبي آهي. ماڻهو پنهنجي گهر ۾، آزاد ۽ پنهنجي مرضيءَ وارو آهي. اگر ان ۾ پاڻ ويهي گند ڪندو ته ڪير ڪيس ٻاهن کان وني ڪو نه روڪيندو.
ان جي برعڪس اگر پرائي گهر ۾ ويهي ٽڪ به اچليندو ته اڳلو اها برداشت نه ڪندو. اگر ٻاهن مان نه ورتائينس ته دڙڪا ضرور ڏيندس. اگر دڙڪا نه ڏئي سگهيس ته ڪُرڙين اکين سان ضرور گهُوري ڏسندس. پلي ڪمزور هجي، پر پنهنجي ڏر تي گدڙ ته ڇا ٻلي به شينهن آهي. ٽڪ اڇلڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پرائي گهر ڏي نهارڻ ۾ به خطرو هوندو آهي.
مطلب: ١ - پنهنجي، پنهنجي ۽ سهنجي آهي.
٢ - پنهنجو گهر، الله جو در، پرائو گهر، ڏسيو ڏر.

٢٠٥. پورب جيڪو وڻ چوري، سو ئي وڻ ٻوڙي. (پهاڪو)
پُورب: ڏکڻ-اوڀر جي ڪنڊ کان لڳندڙ هوا.
پورب کان لڳندڙ هوا جي هلڪڙي ڦڙڪ به، مينهن جي وسڻ جو اُهڃاڻ آهي. اها جڏهن لڳندي آهي ته سندس زور تي، وڻ به لڏندا يا چرندا آهن. وڻن جو، پوربي هوا تي چرڻ، ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته ان تر ۾ زوردار برسات پوندي. ايستائين جو پوربي هوا تي چرندڙ وڻ به آخر برساتي پاڻيءَ اندر ٻڏندا. (٣٥) ص ٢٥٩
مطلب: ١ - پورب جي هوا جتي به لڳي، اتي برسات پوندي.
٢ - پيٽيو: ڏاڪٽا نه وسڻا، وسي ته ٻوڙي، ڪانئر ڏک نه هٽڻا، هٽي ته ٽوڙي.

٢٠٦. پوڙهو ٿيو اٿ، ته به گت گونئرن جي. (پهاڪو)

گت: عادت. گونئرو: اڻ سيکڙات. پوڙهو ٿيڻ: وڏي عمر پائڻ.
ماڻهو عمر ۾ جيئن وڏو ٿئي ٿو، تيئن جسم ۾ ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي. جڏهن ته سندس تجربي، مشاهدي ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو. سندس اٿڻ ويهڻ ۾ نهراڻ، نهنائي، ڌيرج ۽ سوچ سمجھ وڌي ٿي. هر معاملي ۾ بجاءِ هٺ-ڪس ۽ ڇيڳرپائيءَ جي، دليل دلائل کان ڪم وٺي ٿو. ڇو جو ان وقت، سندس سوچ ۽ سمجھ، جوان ۽ پختا ٿي ٿا وڃن. ان جي برعڪس اگر ڪو ماڻهو، ڪراڙو هئڻ جي باوجود، جوانن وانگر پيو ٽينگ ٽپا ڏيندو ته گهٽا ڏک ڏسندو. يا هڏ گڏ ڀڄائيندو يا نرو لهي پوندس. ٽنگ ڏڏ/گوڏي وٽان نڪري پوندس يا ٻانهن نونڊ وٽان نڪتل هوندس. ان عمر ۾ ڪيس هر ڪم زبان کان وٺڻ گهرجي ته چڱو. (٣٥) ص ٢٣٩
مطلب: ١. پولو پوڙهو ٿئي، پر ڳيلاٽين کان نه مڙي.
٢. ڪراڙو اٺ، ٻه ڪنوات لهي.

## ٢٠٧. پوسرڪي جو پاڻي، ڪونئرل جي سيم. (وٺ، چوڻي)

پوسرڪو: مشهور ڳوٺ. ڪونئرل: ڳوٺ جو نالو. سيم: چراگاهه.
سارو سنگهار، چار صديون اڳ، ٿر اندر ڄائو. سندس واهپو، گهڻو ٽڙو مال ڌارڻ ۽ چارڻ سان رهيو. انهن جي چاري ۽ چراگاهن لاءِ هنڌين ماڳين رُليو. ٿر جي هر ويءَ ۽ ولهار، وطن ۽ وٽاڻ جو ڪيس پليءَ پٽ مشاهدو هيو. پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي تحت، هن ٿر جي ٻن علائقن کي، مال جي لاءِ مفيد ڇيو آهي.
هڪڙو پوسرڪو ڳوٺ، جنهن لاءِ ساري سنگهار جو چوڻ آهي ته: پوسرڪو جا تڙ ۽ تلاءَ، ترايون ۽ ٽوبا، پاڻيءَ سان سدائين ٽمٽار رهن ٿا. بينل پاڻي گندو ۽ ڏپيارو نه ٿو ٿئي. مناس برقرار رهيس ٿو ۽ اوسنائپ متس اثر نه ٿي ڪري.
ٻيو ڪونئرل ڳوٺ، جنهن لاءِ ساري سنگهار جو چوڻ آهي ته: ڪونئرل ڳوٺ جي آس پاس وارو علائقو، وري گاه پني يا چاري لاءِ بهترين آهي. منجهس مفيد گاه ٿين ٿا، جن تي مال جو چڱو جياپو ٿيو وڃي.
مطلب: ١ - پوسرڪي جي تڙن جو پاڻي، ماڻهن ۽ مال لاءِ مفيد. وري ڪونئرل جا چراگاه چوپائي مال لاءِ بهترين آهن. اتي مال چري، ڪير ججهو ڏئي ٿو. جنهن تي مارو ماڻهن جو سنو گذران ٿئي ٿو. (٧) ص ٤٧.

٢٠٨. پوک ڪي تہ پاڻ پلو، ڪٽ ڪي تہ واڻ پلو،
اٺ ڪي تہ ڏاڻ پلو، پڪو پختو ماڻ پلو،
روهيڙي جو وڻ پلو، ٻڪرين جو ڌڻ پلو،
هاريءَ ڪي هر پلو، جاءِ ڪي در پلو. (چوڻي)

ڏاڻ: ڏاوڻ. ماڻ: ماپو. روهيڙو: ٿر ۾ ٿيندڙ ٻوٽو.

١ - پوک، پاڻ کان سواءِ، تيز ۽ تکڙي نہ اٿندي آهي. فصل کي طاقتور ۽ لاپائتو ڪرڻ لاءِ پاڻ پلو آهي.

٢ - کٽ تختن سان نهيل هوندي يا نهور سان واڻيل هوندي تہ چڱي نہ لڳندي. تختا پاسا پچندا ۽ نهور، اينگهہ ڪرڻ سبب، جهولي ٿي ويندو. جهوليءَ واري، مڏهڙ کٽ تي سمهڻ سان قرار نہ ايندو. ان جي ڀيٽ ۾، واڻ سان واڻيل کٽ، نہ سخت ٿئي ۽ نہ ئي ايتري نرم جو جهولي ٿي وڃي.

٣ - اٺ کي هلائڻ ۽ هشائڻ لاءِ نڪ ۾ ناڪيلي وجهبي آهي. هڪ هنڌ ٻهارڻ لاءِ، سندس گوڏو ٻيڻو ڪري، رسي سان ٻڌبو آهي. هڪ ٽنگ ٻڌجڻ کان پوءِ، منڊن وانگر هڪ هنڌ ٻينو هوندو. ٽنگ نہ ٻڌبس تہ وڏين وکن سان ڪتان کان وچي ڪٿي نڪرندو. خاص طور تي رڻ ۽ صحرا واري پنڌ ۾ ڪيس ڳولي بہ نہ سگهبو.

٤ - ماپو، يا تارازو بہ تڏهن پلو آهي، جڏهن پڪو پختو ۽ پورو پورو هجي. لاٺو يا ڪاندو، سوايو يا ڪوٽو نہ هئڻ گهرجي. ان سان ٻنهي ڌرين کي نقصان آهي. انصاف قائم ڪرڻ لاءِ، ماڻ پڪو پختو هجي.

٥ - روهيڙي جو وڻ خوشبودار ڪاٺيءَ وارو ٿيندو آهي. سندس ڪاٺي بہ وڃجڻ بعد، ٻارڻ ۽ فرنيچر وغيره ۾ ڪم ايندي آهي. تنهنڪري اهڙو وڻ گهر اندر نظرداريءَ ۾ هئڻ ضروري آهي.

٦ - ٻڪري، اڪيلي ڌارڻ ڏکي آهي. پئي نينگ ٽپا ڏيندي ۽ هڪ هنڌ نہ بيهي سگهندي. ڌڻ ۾ هوندي تہ ٻئي نهندي. گڏيل پئي رهندي ۽ هيڏي هوڏي نہ ويندي.

٧ - هاري بہ تڏهن هاري آهي، جڏهن هَرُ ڪاهي ٿو. جنهن زمين ۾ هر ۽ هاري ناهي، سا بہ فصل نہ ٿي ڏئي. تنهنڪري هاريءَ کي هر سان ياري رکڻ گهرجي. هر کان پچندو، ٻک مرندو.

٨ - جنهن جاءِ کي در ناهي سا بہ پلي ناهي، بلڪ پوائتي آهي. چو جو جاءِ ۾ اچبو ئي در مان آهي. پت ٽپي اچڻ واري جاءِ، چڱي جاءِ ناهي.

مطلب: ١ - هن چوڻيءَ اندر، انن ڀلين شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي ماحول ۽ ٻيهڪ جي حساب سان چڱيرڙيون آهن.
٢ - پوک ڪي تہ پاڻ ڀلو، ڪٽ تي تہ واڻ ڀلو،
اُٺ ڪي تہ ڏاڻ ڀلو، پڪو پختو ماڻ ڀلو،
روهيڙي جو وڻ ڀلو، ٻڪرين جو ڌڻ ڀلو،
سنڌ جو تہ سر ڀلو، هاري ڪي تہ هر ڀلو،
جاءِ ڪي تہ در ڀلو، ”پريو“ ڪي ”ٽر“ ڀلو.

### ٢٠٩. ﭘَﻮﻥ مٿي پر نهيو، سو ميگهہ جو مانداڻ. (چوڻي)

پون: هوا. پر نهڻ: ٽتر-ڪرڙي ٿيڻ، پکيءَ جي پرن جهڙيون ڪڪريون. ميگهہ: برسات. مانداڻ: اهڃاڻ.
چؤماسي جي مند جي شروع ٿيندي ئي اگر آسمان ۾ ٽتر-ڪرڙي ٿئي ۽ هيٺ نظر اچي تہ اها جلد مينهن اچڻ جو اهڃاڻ آهي. اگر آسمان ۾ اها گهٽو مٿي هجي تہ ڏڪر جو اهڃاڻ آهي. (٣٥) ص ٢٤٨
مطلب: ١ - ڪڪرن جو مانداڻ، مينهن جي وسڻ/ نہ وسڻ جو نياپو ڏئي ٿو.

### ٢١٠. پوهہ ڪلڙ ڪوهہ: هڪڙا رڌہ ٻيا سوهہ. (چوڻي)

پوهہ: جنوري ڏاران اينڌڙ سنبت وڪرمي سال جو مهينو. ڪلڙ: هٿن پيرن جون ڪلون. ڪوهہ: ڪسائيندڙ. سوهہ: سوءِ، ڪچرو يا ٻهر ڪيڏي، رڌڻ جي قابل ٻڻائڻ.
پوهہ جي مهيني اندر، ڏينهن ننڍو ٿئي. سيءَ سبب، ويتر بستري مان اٿندي دير ٿيو وڃي. جيستائين سج نڪري گرمائش ڏئي ۽ ماڻهو ڪم ڪار لائق ٿئي، تيستائين، ڏينهن پورو ٿيو وڃي. هڪڙو رڌي بس ڪر تہ ٻئي جي تياري ڪرڻي پوي. ٽڌ سبب، پاڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ سان هٿن جون ڪلون ٻہ ڪسيو وڃن. (٣٥) ص ١٩٦

### ٢١١. پوهہ، لاٽا لوهہ. (چوڻي)

پوهہ: هندي مهيني جو نالو، جنهن ۾ گهڻا پارا پوندا آهن. منجهس سردي/ سيءُ ايترو هوندو آهي جو لاٽي جهڙو گاهہ، جيڪو اٺ لاءِ مرغوب غذا آهي، آڪڙجي ۽ سيٽجي، ڪڙڪ تي پوندو آهي. ڪپڻ، چباڙڻ يا هٿ سان پيجڻ ۾ اهڙو سخت لڳندو آهي، جيئن لوهہ.

مطلب: ١ - پوهه مهيني اندر، گهٽا پارا پوندا آهن.

٢١٢. ڀهرين پيٽ پنجوءَ جو، پوءِ ٻار ٻچا. (ڀاڪو)

هندستان جي راجستان جي علائقي ۾، پنجو شيدي ڳوٺ آهي. اتي جا شيدي مسلمان آهن. جنهن پنجوءَ شيديءَ جي نالي سان اهو ڳوٺ منسوب آهي، سو شيدي پڻ ٻين شيدين وانگر اندر جو صاف ۽ ڳالهائڻ جو کرو هيو.

پنجوءَ جي آڏو، گهر ۾ يا اوطاق ۾ يا ڪنهن درگاه جي ننگر ۾، جڏهن ماني ايندي هئي ته حسب عادت کلهن کي لوڏي، ٿلهي آواز ۾ پاسي وارن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ چوندو هيو: "ڀهرين پيٽ پنجوءَ جو، پوءِ ٻار ٻچا".

مطلب: ١ - ٻچا ته ڪانون کي به پيارا آهن پر، پنهنجو سر انهن کان به وڌيڪ پيارو آهي. (٢٠)

٢١٣. پهلو سک نروڳي ڪايا،
ٻيجو سک ته گهر ۾ مايا،
ٽيجهو سک ته ٻچن سڌ ناري،
چوٿو سک پتر اگيا ڪاري. (چوٽي)

نروڳي ڪايا: تندرست جسم. ٻچن سڌ: سپوتر، فرمانبردار. ٻچن: وچن. سڌ: پارڻ. ناري: زال. پتر: پٽ. اگيا ڪاري: چئي آکئي ۾.

١ - دنيا اندر هر ماڻهو، سک/ سهوليت جي تلاش ۾ آهي. پهريون سک جيڪو ڪيس گهرجي، سا آهي صحت. صحت کان سواءِ، دنيا جي ڪا به چيز ڪيس مزو نه ڏيندي آهي. جيءُ خوش ته جهان به خوش پيو نظر ايندو آهي. ان کان مٿي ڪو به سک ناهي. بيماري، وڏو آزار آهي.

٢ - ٻئي نمبر تي سک، دولت ۾ آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته: صحت به پئسي سان آهي. پئسي سان سک/ سهوليتون خريد/ پيدا ڪري سگهجن ٿيون. سچائي پڻ بيزار ڪندڙ آهي.

٣ - ٽئين نمبر تي سکيو اهو آهي، جنهن کي گهر ۾ سلڇڻي ۽ فرمانبردار زال آهي. سگهڙ زال، هر شيءِ کي ناهي سينگاري رکي. نافرمان زال، زندگي زهر ڪيو ڇڏي.

۴ - آخري سک، صالح ۽ فرمانبردار اولاد آهي. لوفر/ لچ پٽ، پاڻ نہ ماريندو تہ ڪڌن ڪرتوتن سبب، ٻين جي هٿان مارائي سک ڦٽائيندو.
مطلب: ۱ - مال ۽ اولاد، دنيوي زندگيءَ جو سينگار بہ آهن تہ آزمائش پڻ. صحت، پئسو، چڱيوان زال ۽ نيڪ صالح اولاد سان سک ئي سک آهن.
۲ - پهلو ڏک تہ سرير ۾ ڏک، ٻيجهو ڏک تہ گهر ۾ بک،
ٽيجهو ڏک تہ ڪپارجا نار، چوٿو ڏک تہ پٽر بيڪار. (ابتڙ) (۲) ص ۸۵.

## ۲۱۴. پيٽ، بري بلا آهي. (بيراجي، چوڻي)

بلا، جيڪا نقصان ڏئي. اهڙي آفت پيٽ جي صورت ۾ هر ساهدار سان لڳل آهي، جيڪا ڪانئس ڪڏا ڪم بہ پئي ڪرائي. انسان، دنيا اندر محنت ڪري ٿو، پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ ٿو.
مطلب: ۱ - پيٽ، ماڻهوءَ کان ڪڏا ڪم ڪرائي ٿو.
۲ - پيٽ خاطر، ماڻهو غليظ ڪم بہ ڪري ٿو.

## ۲۱۵. پيٽ ديا پٽ ڪوهڻ ڪون. (چوڻي)

هڪ دفعي هڪڙي راجا جي دربار ۾ ڪچهري متل هئي. امير امراءَ پنهنجي مسندن تي براجمان هيا. راڄ رعيت جا ماڻهو بہ جام وينا هيا. اوچتو هڪرو مڱڻهار دربار ۾ ڪاهي آيو. سمجهيائين: رهاڻ وڏي متل آهي، سوال ڪندس تہ توقع کان واڌو ملندو. ريءَ سڏئي، ريءَ سلام دعا جي، اچي سئن هنيائين.
ڪچهريءَ جي رنگ ۾ اهڙي ڀنگ وڌائين، جو ڇهڇتو ئي ڇرڀرو ٿي ويو. سڀئي قهرين نظرن سان ڏسڻ لڳس. راجا ئي خفي ٿي ويو. راجا جي خيال/ موڊ کي مٽائڻ لاءِ، هڪڙي هوشيار وزير، يڪدم چيو:

”ڪيس ديا سر سونهن واسطي، نيڻ ديا ديکڻ ڪو،
ڪان ديا سڻڻ ڪي واسطي، ناڪ ديا ناسڻ ڪو،
هاٿ ديا سخا ڪي واسطي، پاڳ ديا پنت چلڻ ڪو،
ڪهي ڪوي گنگ پاٿ، پيٽ ديا پٽ ڪوهڻ ڪو.“

انسان کي وار مليا آهن مٿي جي سونهن واسطي ۽ اکيون ڏسڻ لاءِ. ڪن ٻڌڻ لاءِ تہ نڪ سنگهڻ لاءِ. هٿ مليل اٿس سخاوت ڪرڻ لاءِ تہ پير پنڌ ڪرڻ لاءِ. گنگ ڀاٽ ٿو چوي تہ: پيٽ وري پَتِ/ عزت وڃائڻ لاءِ آهي.
مطلب: ۱ - پيٽ کي ڪيترو بہ ڀريو، ڪين ڀربو.

٢ - پيٽ جي بک کي، قبر جي مٽي ئي پري سگهي! (٢) ص ٢٦٨.

## ٢١٦. پير ٽيو کي پيڙ ٽيو. (چوڻي)

پير: مرشد يا رهبر، جيڪو مريد يا خليفي کي رشد و هدايت سان فيضياب ڪري. اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏيندڙن کي، انڌي جي لٺ وانگر، رستو ڏيکاري ۽ اوجهڙ ۾ ڪِرڻ کان بچائي. ماڻهن کي جهالت سببان پيش ايندڙ خطرات کان، اڳواٽ آگاهه ڪري ۽ ڪين ڪنهن اوجهڙ ۾ ڦاسڻ کان اڳ، سنئين دڳ لائي ونءِ. سندس انهيءَ فيض ۽ ڪرم نوازيءَ سببان، موٽ ۾ مريد به پڳر جي صورت ۾ مالي مدد ڪن. ان طريقي سان، ٻنهي ڌرين لاءِ ڀلائي ٿي پوي. مريد جي ڀلائي، نقصان کان بچڻ ۾ ۽ مرشد جي ڀلائي، مالي مدد ٿيڻ سان، بک کان بچڻ ۾.

انهيءَ طريقي سان مليل مال کي، ڪن لالچي ماڻهن، مفت ۽ سولي طريقي سان آيل سمجهي، پير ٿيڻ جا ڍونگ رچايا ته جيئن پاڻ به سٺين مالن تي قبضن. دعائن سڳن وارن کي وڏيڪ مال ملي ٿو ته وجهي ملا ۽ پير به ڪاهي پيا، دعائن سڳن ۽ ڦيٽن شوڪارن واري ڌنڌي ۾. اصلي پيرن کي جيڪي نذرانو ملندو هيو، سو ملندي ئي خيرات/ دان ڪندا هيا. پوين، منجهانئن محل ماڙيون ۽ ملڪيتون جوڙيون. دنيا ته گڏ ٿيڻ جي شيءِ آهي ئي ڪا نه. آئي ۽ وئي. وڏيڪ ميڙڻ لاءِ، وجهي پيرن ماڻهن مان پئسا ڪيڻ جا، جديد طريقا اختيار ڪيا. سرڪار ۾ عهدا وٺڻ، ماڻهن کي ڪاني ڪرامت جا پيو ۽ ديجارا ڏئي، سندن مال ملڪيتون ڦبائڻ وغيره.

ڪمند جو ڳنو ۽ رائيءَ جو داڻو، سخت ٿيندا آهن. هڪ مان مني رس ڪيڻ ۽ ٻئي مان منو تيل ڪيڻ، آسان ڪم ناهن. جيستائين هُن کي چيچڙي ۾ ۽ هِن کي گهاڻي ۾ نه پيڙجي. اهڙيءَ طرح لالچي پير، سخت ۽ پڪن مريدن مان به پيڙي پئسا ڪڍيو وجن. جنهن سببان ڪين پير بجاءِ پيڙ به سڏيو ويو آهي.

مطلب: ١ - مون پانيو درويش پر هيو بازن کان بچڙو.

٢ - اجوڪا ساڌو، به آڳر واڌو.

٣ - اجوڪا حاجي وتندا، رنون زالون ڦريندا.

٤ - اجوڪا ٻاوا، ڪٽ جا پاوا، ڪائي ماوا، ڪن تا جاوا.

## ٢١٧. پير ڪپا ڙ‌ي، ته جانا مارا ڙي. (پهاڪو)

هڪڙي ملھ ڳوٺ جي چوڪ تي پهچي سڄي ڳوٺ کي مقابلي لاءِ للڪاريو. ڪيترا ئي ملھ جا شوقين ۽ ويڙهاڪ آيا، پر ٻاهريون ملھ، ڪين ملھ ماريون پئي ويو. ڳوٺ ۾ هڪڙو ٿلهو ٽنيرو مڙس ٻہ هيو، جنهن کي جسم ۾ طاقت تہ ٻين جي ڀيٽ ۾ سرس هئي پر ملھ وڙهڻ جو ڪيس تجربو يا حوصلو نہ هيو. مڙني مڙسن جي دسجي وڃڻ سبب، چڱي مڙس، ڳوٺ جي بيعزتي سمجهي. ان ڳالھ کي اندر ۾ ڳٽي، انهيءَ ٿلهي ٽنيري کي منٿ ايلاز ڪري ميدان ۾ لاهي وڌائين. ڪيس اهو ٻہ آٽت ڏنائين:

”تون رڳو ملھ وڙهڻ لاءِ هٿ ڳنڍ، باقي ملھ دسائڻ اسان جو ڪم آهي. اسان تو کي ملھ جا داءَ پيچ ٻڌائيندا هلنداسين. ائين ڪرڻ سان هن کي ملھ ٻہ ماري ويندين ۽ ڳوٺ راڄ جو مان ٻہ مٿانهون ڪري وجهندين. اڄ ڪان پوءِ تنهنجي گهڻي واھ واھ ٿي ويندي.“

ريهي ريبي ڪيس ميدان تي لاهي وڌائون. سندرن ۾ هٿ ٻہ ڳنڍرايائونِ. اڻ ڄاڻ کي ملھ جي دائن جي خبر نہ هئي. ٻاهرئين ملھ، سندري ۾ هٿ پوندي ئي ڪيس چيلھ تي ڪٽي، سيني جي زور تي هوا ۾ ڦيرايو. ان تي هن جا حواس ئي خطا ٿي ويا. جنهن تي ٻاهران ٻيٺل همراھ چيس: ”ڍاڪ تان هيٺ لهڻ کان اڳ اڙي يا ڄاڻو هٽي دسي رکينس.“

”ڄاڻو ٻہ تڏهن هٽان جڏهن، هڪڙو پير زمين تي ڪتل هجي. هتي تہ ٻئي ڄنگهون ڪجي ويون آهن. ڄاڻو ڇا کي لڳندو.“

مطلب: ١ - پير ڪتل ناهن تہ مقابلا ڪرڻ ٻہ ڏکيا آهن.

٢ - پير ڪپن تہ ڄاڻو ٻہ لڳي.

## ٢١٨. پيري، جوانيءَ تي ڪُرڪي. (چوڻي)

پيريءَ ۾ پير پائيندڙ، جوانيءَ جي حد اڪري چڪو هوندو آهي. وٽس، جوانيءَ جي اندر ڪيل ڪارنامن جو تجربو ۽ مشاهدو هوندو آهي. پيريءَ ۾ ڪيس اها طاقت تہ نہ هوندي آهي پر عقل سرس هوندو آهي. عقل جي ٽيڪ تي، نوجوانن جي جسماني طاقت جي ڀيٽ ۾ مشڪل ۽ وڏا ڪم، جلد ۽ آسان طريقي سان سرانجام ڏئي ويندو آهي. جوانن جي، ناتجربيڪاريءَ سبب ڪنيل، ڪتل وڪ تي چٽرون ۽ ٺوڪون ڪندو آهي. ڇو جو جوان، گهڻي ٻل ۽ طاقت هوندي، گهڻو پئسو ۽ وقت زيان ڪرڻ پڄاڻان، ڪو ڪم صحيح نموني سرانجام نہ ڏئي سگهندو آهي. جڏهن تہ پير مرد، ڪم طاقت هئڻ جي باوجود، ٽل سل سان ساڳيو ڪم، ٽوري موڙيءَ ۽ ٽوري سيڙاءَ سان اڪلائي ٻہ وننڌو آهي.

مطلب: ١ - عقل کي طاقت مٿان فوقيت حاصل آهي.
٢ - پيري کوڪلا دليل ڏئي، جوانيءَ آڏو، پاڻ پڌائيندي آهي.

### ٢١٩. پيريءَ کي سؤ عيب. (چوٽي)

پيريءَ اندر ماڻهو ڪمزور ٿئي ٿو. نظر گهٽ ٿئي ٿي، چشمي جو محتاج ٿيڻو پوي ٿو. ڏند ۽ ڏاڙهون پڇي پون ٿيون، سخت شيءِ چٻاڙڻ مشڪل ٿيو وڃي. آنڊو پڻ ڪمزور ٿئي ٿو. ٿوري به سخت غذا، اندر پوڻ ڪان پوءِ بيزار ڪري ڇڏي ٿي. ڄنگهون ٻاهون طاقت ڇڏي ٿيون وڃن. لٺ جي سهاري سان هلڻو پوي ٿو. مردانگي طاقت پڻ گهٽ ٿيو وڃي، جنهنڪري گهر واريءَ جون گهرجون مڪمل نه ٿيون ڪري سگهجن. ماڻهو ڪمائڻ ڪرڻ جهڙو پڻ نه ٿو رهي. جنهن ڪري اولاد آڏو ٻيجهو ٿيو پوي.

مطلب: ١ - ڪراڙپ منجهه سوين بيماريون، ڪمزوريون ۽ عيب ورائي وڃن ٿا.
٢ - ڪراڙو ماڻهو، حرص، هوس ۽ جسماني ڪمزوريءَ سببان ٻين جو محتاج رهي ٿو. جنهن ڪري سيڪو منجهانئس عيب ئي ڪڍي ٿو.

### ٢٢٠. پيءُ پٽ، ليکو. (چوٽي)

دنيا اندر زندگي گذارڻ لاءِ، تقاضائون هر ساهدار سان لاڳو ڪيون ويون آهن. جهڙيون ضرورتون ۽ ڪمزوريون پيءُ اندر آهن، تهڙيون پٽ اندر آهن. پيءُ ڪمائي ٿو ته ڪيس به ضرورت آهي ۽ مٿس ڪمزوريون پڻ اينديون، جنهن تحت پنهنجي ڪمائي سهيڙي رکندو ته جيئن ٻين جو محتاج نه رهي. اهڙيءَ طرح پٽ تي پڻ ساڳيا مرحلا آهن. اگر پٽ، پيءُ تي ياڙيندو ته پيءُ ڪان برداشت نه ٿيندو. اگر پيءُ اڇي پٽ جي ڪمائيءَ ۽ وسيلن تي ياڙيندو ته پٽ ڪان سَنو نه ٿيندو. سُنو سلوڪ هلڻ سان، ٻنهي اندر سک سانت رهندا. روابط قائم رهندا. اگر حساب ڪتاب برابر نه ڪندا ته هڪ ٻئي کي برداشت به اصل نه ڪري سگهندا.

مطلب: ١ - حالات واقعات، ڪڏهن ڪهڙا ته ڪڏهن ڪهڙا. ان ڪري پاڻ ۾ معاملات، حساب ڪتاب سان رکجن ته جيئن گهڻي دير جٽاءُ ڪري سگهن.
٢ - به پائر، ٿيون ليکو.
٣- مٽي مائٽيءَ ۾ حساب ڪتاب سڌو رکڻ، چڱي ڳالهه آهي.

# ج

٢٢١. جاٽ، جنوائي، پاٽيجو، رئيباري، سنار،
ڪدي نہ هوسين آپڻا، ڪر ديکو ويوهار. (چوٽي)

جاٽ: جٽ، ڄٽ، ذات جو نالو. جنوائي: جوائي، نياٽو، ناني، داماد.
رئيباري: ذات جو نالو، هارپو ڪندا آهن ۽ مال پڻ چاريندا آهن.
سنار: سونار، سونارو. ويو هار: وهنوار، واپار، ڏيتي ليتي.
١ - جاٽ يا جٽ ذات تي اعتبار نہ ڪجي. انهن لاءِ پڻ ائين چيو ويو آهي؛ ’جٽ، ٻي پٽ، مار گهٽ يا اڳون لاتي وٽ.‘ لاڏائو قسم جي ماڻهن جو نہ نام نڪاڻو، نہ زبان ۽ نہ ئي وري ڪا ساک پت.
٢ - جنوائي يا نياٽو، پنهنجي گهر جو چشم چراغ ٿيندو. ان جو شجرو اجاريندو. ساهري گهر کي ڪين سنواريندو.
٣ - پاٽيجو، مامن جو ٿيڻ بدران، پنهنجي چاچن جي ڪلهي تي ٺهندو. ڏوهٽا، ناناڻن لاءِ، وڏندي جا ويري آهن. پرائو باغ ۽ پرائو نسل آهن.
٤ - رئيباري بہ ڪم سان ڪم رکندڙ ۽ مطلب خاطر ٻيلپو ڪندڙ هوندا آهن. گهٽي ڪمائيءَ ڪان پوءِ، حصو ڇڪيندڙ ٿيندا آهن. محنت مزدوريءَ ونڻ بدران، نفعي ۾ اڌ ونڊندڙ ٿيندا آهن.
٥ - سونارو بہ پنهنجي ماءُ جي نٿ مان نہ مڙندو آهي. ڪيترو بہ نصيحت ڪجيس، واڏارو پئسا ڏجنس تہ بہ ابي ڏاڏي واري، مَٺَ ملائڻ واري ڪرت ڪان ڪين مڙندو.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنجن ڄڻن سان شل نہ واهپو پوي، ڏاڍو ڏکيو ڪن.
٢ - شير نہ ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا، ڏيک سونارا.
٣ - سونار؛ سؤ نار. (هڪڙو سونارو، سؤ عورتن جيترا مکر ڄاڻندڙ آهي. جڏهن تہ عورت جي مکر کي، عظيم مکر ڪوٺيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي تہ؛ عورت ڪين ڄاڻي تہ بہ اُٺُ مکرن جو ڄاڻي.)
٤ - سونارو، ماءُ جي نٿ مان بہ نہ مڙي. (١) ص ٣٦٤

٢٢٢. جاٽ کهي ري جاٽٽي، اُوئي ديس ۾ رهڻا،
جي کهي اونٺ ٻلاڙو ليگيو، تو ”هان جي هان کهڻا.“
(پهاڪو)

جاٽ: جٽ. جاٽٽي: جٽڻي. اُوئي: انهيءَ. اونٺ: اٺ. ٻلاڙو: جهنگ ٻلو.

ڪهڻا: چوڻ گهرجي.
جتي بہ رهجي، امن ۽ سڪون سان رهجي. امن ۽ سڪون تڏهن ملندو، جڏهن ٻين کي آزارڻ بدران، ساڻن سنو سلوڪ ڪبو. مخالفت تہ ڪا نہ ڪبي پر ساڻن موافقت سان هلبو. سندن سڏ ۾ سڏ ڏبو. ها ۾ ها ملائبي. چو جو هر ڪو اهو چاهيندو آهي تہ: سمورا ماڻهو سندس ساٿي ۽ هڏ ڏوکي، سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ ۽ فرمانبردار هجن. جيڪڏهن مطيع ۽ فرمانبردار نہ هجن تہ پلا مخالف ۽ ايذائيندڙ نہ هجن.
هونئن بہ ڪنهن سان مخالفت، ڪمزور ماڻهوءَ کي جڳائي نہ ٿي. ڪمزور کي تہ هينانهين ڪري، وقت گذارڻ ۾ عافيت آهي. تڏر ڏيکارڻ، اکيون اکين ۾ ملائي حق گهرڻ، طاقت وارن کي جڳائين. ڪمزور کي تہ هر ڳالهہ ۾ جيءُ ڪرڻ گهرجي.
مطلب: ١ - جتي بہ رهجي، سهج-سلوڪ ۽ مان-مرجاءَ سان رهجي.
٢ - جنهن جو راڄ، تنهن جو رگليشن.
٣ - درياهہ ۾ رهي، نہ وجهجي واڳونءَ سان وير.
٤ - جنهنجي راڄ ۾ رهجي، راڳ تنهن جو ڳائجي.
٥ - هڪ- ٽنگين جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ لڪائجي.
٦ - روم ۾ رهجي تہ پوپ سان وير نہ وجهجي. (٢١)

## ٢٢٣. جانج آئي ڇَني ٻيني، ڪنوار ماءُ ڪتڻ ٻيني. (پهاڪو)

جانج: جڄ. ڇَني ٻيني: ڇن/ مَنهہ ۾ اچي ويني، اوطاق اندر پهتي.
ڪنواريتا، ڪنوار کي پرڻائڻ وقت، سامان سرڙو ۽ لٽو ڪپڙو ڏاج طور ڏيندا آهن. امير ماڻهو تہ عين وقت تي، هٿ پير هڻي، هٿ ڪري وجهندا آهن ۽ نياڻيءَ کي ڏيپ ڏيندا آهن. جڏهن تہ غريب ويچارا، سوير ڪان ئي ڳڻ ڳُوت ۾ لڳل هوندا آهن. نياڻي ڄائي تہ لوري وڏين. ڏينهن رات پيا پيٽُ ڪاٽي، نياڻيءَ لاءِ ڪا نہ ڪا شيءِ جوڙيندا. ڪڏهن سون ذري تہ ڪڏهن ڪٽ يا رلهي. ڪڏهن ڪپڙو لٽو تہ ڪڏهن مٽس پرت وغيره.
اهو حال آهي انهن جو، جن کي نياڻي وقت سر شينهن ڪلهي چاڙهڻي آهي. ڪي وري اهڙا ٽوٽي بہ هوندا آهن، جيڪي ڄڃ در تي پهچڻ تائين ڪجهہ نہ ڪندا آهن. پوءِ رڳو سهڪ سهڪان هوندي اٿن.
مطلب: ١ - دنيا جا سمورا معاملا، وقت سر اُڪلائڻ گهرجن.
٢ - مهل پوڻ وقت، ٽوٽي ماڻهو ئي محتاج رهي ٿو ۽ پشيمان ٿئي ٿو.

٣ - جج اچي در تي بيني، ڪنوار ماءُ هاڻ ڪتڻ ويني.

## ٢٢٤. جايا جڪان را پوت، ڪتيا جڪان را سوت. (پهاڪو)

جايا: ڄڻيو. پوت: پٽ. ڪتيا: ڪتڻ. سوت: سٽ.
پٽ انهيءَ جو سڏبو، جنهن ڄڻيو هوندو. سُٽ جو مالڪ اهو آهي، جنهن مٿس محنت ڪري، ڪتيو آهي.
ماڻهو هميشہ محنت ۽ مردانگيءَ سان ئي دنيا اندر موجود شين مٿان، لکيل تقدير جي اندازي جيترو، وارث/ مالڪ ٿئي ٿو. تنهنڪري انسان کي مسلسل محنت ڪرڻ گهرجي.
پالڻهار، ٻہ هٿ ۽ ٻہ پير انهيءَ لاءِ ڏنا آهن تہ ڪائنات ڪم وٺجي ۽ روزگار تلاش ڪجي. جيڪو وس هوندي، جنگهون ٻانهون نہ ٿو هلائي، مٿس موليٰ بہ مهربان نہ ٿو ٿئي.
مطلب: ١ - همت مردان، مدد خدا، بي همت بنده، بيزار خدا.
٢ - الڪاسب حبيب الله
٣ - پورهيت، خدا جو دوست آهي.
٤ - پنهنجي ٻارجي، پنهنجي ڇاڙهجي.
٥ - محنت سان مالڪ ٿجي، چوريءَ سان نہ.
٦ - جيڪي پٽ ڄڻين، سيئي سُٽ ڪتين. (٦) ص ١٠٠.

## ٢٢٥. جتي ٻاهہ ٻري، اها جاءِ جلي. (پهاڪو)

ٻاهہ اندر، ساڙڻ جي خاصيت آهي. فطرتي طور سندس اثر، ان هنڌ تي تمام گهڻو پوندو آهي، جتي ٻرندي آهي. سيڪ بہ اتي ايندو. جڏهن تہ تڪويني طور، اوس پاس وارن کي بہ لهس اچڻ جا امڪان آهن.
لهس اچڻ ۽ سڙي خاڪ ٿيڻ ۾ وڏو فرق آهي. اهو صرف ۽ صرف، ٻاهہ جي سڙڻ واري هنڌ سبب آهي. هڪ هنڌ ٻري ٿي، ٻئي هنڌ ان جو اثر ٿئي ٿو. جڏهن تہ پري وارن کي ان جي ٻاڦ بہ نہ پهچندي آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جا ڪيترا ئي معاملا آهن، جن ۾ نقصان انهن کي ئي پهچندو آهي، جيڪي انهن معاملن ۾ ملوث هجن.
مطلب: ١ - اها جاءِ جلي، جتِ ٻاهہ ٻلي.
٢ - جتي ٻاهہ ٻري، اها جاءِ سڙي.
٣ - ٻاهر ٻرندي هر ڪو ڏسي، اندر ٻرندي ڪير نہ پسي.

### ٢٢٦. جتي پڄڻ نہ آهي جاءِ، تتي پڄڻ ڪم وريام جو. (پهاڪو)

وريام: مڙس ماڻهو.

انسان اندر، ڪيترن ئي معاملن سان منهن ڏيڻ ۽ انهن ڪي نمٽائڻ جي صلاحيت رکي وئي آهي. جيئن انهن مان پهچندڙ فائدا حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ، منجهانئن پهچندڙ نقصانن کان بہ پاسو ڪري سگهي. ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي فائدي حاصل ڪرڻ سان گڏ، نقصان بہ پرائيندا آهن. منجهن نقصان ڪي ٽارڻ جي استعداد نہ هوندي آهي. اهڙيءَ جڳهہ تي وري اهي ماڻهو، مڙس ماڻهو ليکبا آهن، جيڪي نہ پڄي سگهڻ واري حالت ۾، پنهنجو سِرُ بچائي نڪري وڃن. جيئن اوچتو آيل ٻوڏ، اوچتو لڳل باهہ منجهان، سِرُ ۽ سامان سميت ٻار ٻچا ڪڍي وڃڻ بہ وڏي مڙسي آهي.

مطلب: ١ - جت پڄڻ نہ پهت، ات پڄڻ ڪم وريام جو.

٢ - نقصان واري جاءِ تان، جان بچائڻ بہ ڪن ڪوڙن جو ڪم آهي.

### ٢٢٧. جتي جتي ڪيجڙي، اتي اتي گوگو چوهاڻ. (چوڻي)

گوگو چوهاڻ: نانگن جو بادشاه. ڪيجڙي: ڪنديءَ جو وڻ.

ٿر/ ريگستان واري علائقي ۾، جنهن ڪي بہ نانگ ڏنگ هڻندو آهي، تنهن ڪي گوگي جي نالي جو سڳڙو ٻڌندا آهن. گوگي جو استان/ رهڻ جو هنڌ، ڪيجڙي/ ڪنديءَ جي وڻ جي پاڙ ۾ هوندو آهي.

ڳوٺن ۾ جنهن بہ گهر ۾ نانگ نڪرندو آهي تہ هو گوگي ڪي ياد ڪري خير جا چنڊا هڻندا آهن. ان کان علاوه مينهن واري مهيني ۾، مينهن وسڻ کان پوءِ، جنهن ڏينهن هَرُ هلائڻ شروع ڪبو آهي، تہ گوگي جي نالي وارو نون ڳنڍين وارو سڳڙو، جنهن ڪي 'گوگو رکڙي' چئبو آهي، هر ۽ هاريءَ ڪي ٻڌبو آهي ۽ بار بار چئبو آهي: "هلي بالدي، گوگو رکوالو."

مطلب: ١ - جتي جتي ڪنديءَ جو وڻ، اتي اتي گوگو چوهاڻ.

٢ - گانو گانو گوگو، گانو گانو ڪيجڙي. (راجستان) (١) ص ٢۴٨.

### ٢٢٨. جتي چاهہ، اتي راهہ. (پهاڪو)

چاهہ: کوهہ. چاهہ: چاهت، محبت، پيار.

کوهہ منجهان پاڻي حاصل ٿئي ٿو، جيڪو سر چشمہ حيات آهي. ٿر اندر جتي کوهہ کوٽڻ ڏاڍو مشڪل هجي، اتي اگر ڪٿي ڪوٽيل کوهہ ملي

وجي جنهن مان جالارو پاڻي ميسر هجي، تنهن ڏانهن هر ساهدار جو پنڌ ۽ رخ هوندو آهي. جنهن کري اوڏانهن رستا نهي ويندا آهن.
جنهن سان محبت ٿيندي آهي، تنهن ڏانهن ماڻهو فطري طور ڇڪجي ويندو آهي. يا جتان قرب سبيل ملندو آهي ته ماڻهوءَ جا قدم پاڻ مرادو پيا اوڏانهن کڄنداآهن ۽ اوڏانهن ڇڻ راهه رسم جهجهي ۽ پڪي ٿي ويندي آهي.
مطلب: ١ - محبت واري سان رستو رکڻ لاءِ هر ڪو آتو هوندو آهي.
٢ - جتي کوهه، اوڏانهن رستا.
٣ - جتي چاهت/ دل، اوڏانهن پنڌ.
٤ - جتي خزانا، اوڏانهن سڀ جي ڊڪ ڊوڙ.
٥ - مومل جي ماڙيءَ ڪي چوڌاري چارا.
٦ - جتي سڪر، اتي نڪر.
٧ - جتي ڳوٺ، اتي ڳليون.
٨- پيٽيو: محبت واري رب پلي، راهه اتي رهجي. (چوٽي)

## ٢٢٩. جتي ماني، تتي ماڳ. (بيراجي، چوٽي)

ماڻهوءَ جو روزي رزق، وقت ۽ هنڌ جي حساب سان، اڳواٽ لکجي چڪو آهي. جنهن جاءِ ۽ وقت تي کيس، جيڪا شيءِ کائڻي هوندي، ان جاءِ تي اهو ماڻهو، ان وقت تي ضرور پڄندو. ترسڻو هوندس ته ڪنهن بهاني سان ترسندو ضرور ۽ پنهنجو نصيب چڳڻ کان پوءِ اڳتي قدم وڌائيندو.
اگر کيس گهڻي مدت لاءِ، هڪ هنڌان رزق ملڻو آهي ته اوتري مدت لاءِ اتي ماڳ مڪان ناهي ترسي پوندو. جڏهن اتان سندس داڻو پاڻي پورو ٿيندو ته اتان سندس پير پٽجي ويندا. ٽپڙ ڳول ٿي ويندس. وري ان ڌُٽيءَ تي وجي نڪرندو، جتي سندس چوڳو سندس انتظار ۾ هوندو.
مطلب: ١ - ماني ۽ موت، ماڻهوءَ ڪي پيا پنڌ ڪرائين.
٢ - جتي روزي رزق ملڻو آهي، ماڻهو اتي پهچڻو ضرور آهي.

## ٢٣٠. جتي هر، تتي گهر. (بيراجي، پهاڪو)

فصل ڪاهڻ لاءِ، ٻنيءَ منجهه هر سان ڪيڙي ڪرڻ لازمي آهي. چو جو دنيا اندر ڪا به شيءِ، بنا محنت جي اچڻي ناهي. هرُ ڏيڻ، هڪڙو محنت طلب ۽ وقت وٺندڙ ڪم آهي. اهو هلندي چلندي نه ٿي سگهندو. بلڪ ساهه ستو

۽ سنجيدگيءَ سان رٿي، پوءِ منجهس هٿ وجهبو ته ڪري سگهبو. جان ۽ وقت لڳڻ ڪان سواءِ، اهو ڪم سر انجام نه ٿي سگهندو. جنهن لاءِ لازمي آهي ته هرَ واري جاءِ تي، گهر ڪري ويهجي تان ته سُچتائيءَ سان زمين کي فصل لائق بڻائي سگهجي. جڏهن زمين، فصل لائق ٿي وئي ۽ منجهس فصل لڳو ته وري جهار ۽ جهرڪيءَ، ڪانءَ ۽ پکيءَ، مرونءَ ۽ ٻلي وغيره کان کيس بچائڻو پڻ آهي. پاڻيءَ ۽ ياڻ جي، بيماريءَ ٻڙيءَ کان بچاءَ جي ڳڻ ڳوت پڻ ڪرڻي آهي. اها ٿهل ٽڪور، گوڏو پچي، هڪ هنڌ ٽانيڪو ٿي ويهڻ يا رهڻ سان ڪري سگهبي. ٻي صورت ۾، نه فصل ٿيندو ۽ نه ئي ٻچن جي روزي روٽيءَ جو ايندڙ سال لاءِ بندوبست ٿي سگهندو.

مطلب: ١ - ڏنڊي واري جاءِ تي، گهر ڪري رهبو ته ڏنڊو سنو ٿيندو.

## ٢٣١. جر ميگهان جر، ٻر ته ٻانهان ٻر. (چوڻي)

ميگهان: برساتي. ٻر: ٻل، طاقت.

سگهڙن جي ڪنهن ڪچهريءَ منجهه، هڪڙو بادشاه به لنگهي اچي وينو. مڙني، اٿي سندس مرحبا ڪئي. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي ٿي وينو ته وري ڪچهري شروع ٿي وئي. هلندي محفل ۾، سڄي ڪچهريءَ ڏانهن بادشاه هڪ سوال اڇليو: ”پاڻي ڪهڙو سنو آهي؟ ۽ طاقت ڪهڙي سگهاري آهي؟“

مختلف آواز آيا:

”پاڻي، درياه جو سنو.“

”پاڻي، سمنڊن جو سنو.“

”پاڻي، کوهن جو سنو.“

اهڙيءَ طرح وري طاقت بابت هيٺيان جواب آيا:

”طاقت: دولت جي سگهاري آهي.“

”طاقت: فوج ۽ هٿيارن جي سگهاري آهي.“

”طاقت: سياست جي سگهاري آهي.“

بحث اندر ڪافي رايا آيا. بادشاه مڙني راين ۽ خيالن کي رد ڏيندو رهيو. اڌ رات ٿي چڪي پر اطمينان بخش، جواب ڪتان به نه آيو. آخر ۾ هڪڙو ڪراڙو مڙس، بحث منجهان بيزار ٿي چوڻ لڳو: ”وقت ته وڃايو اٿو. ننڍي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي اٿو.“

”ڪراڙا!“ بادشاهہ ڏانهنس رخ ڪندي چيو: ”تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ.“
”بابا! پاڻي تہ برسات جو، جيڪو جاتي پوي، صاف شفاف هجي. وڻ ٽڻ ڌوئي ڇڏي. نديون نالا صاف ڪري ڇڏي.“ ڪراڙي دليل ڏيندي چيو: ”طاقت تہ پنهنجي ٻانهن جي طاقت. جيڪا هر محتاجيءَ کان بينياز ڪري ڇڏي. جتي ٻيا سڀ وسيلا ڇڏي وڃن، اتي پنهنجا پير ڇڏائن ۽ پنهنجا هٿ ڪم اچن.“ (٣٥) ص ٢٣٤
بادشاهہ سندس جواب ۽ دليل ٻڌي مطمئن ۽ راضي ٿيو.
مطلب: ١ - پاڻي، اصل ۽ شفاف، هاضميدار ۽ صحت بخش آهي تہ برساتي آهي. اهڙيءَ طرح اصل طاقت اها آهي جيڪا پنهنجي ٻانهن ۾ آهي.

## ٢٣٢. جڪو گهٽي رو گيو، سو موٽيو ڪو هي. (پهاڪو)

هيءَ دنيا، رڃ ۽ سراب مثل آهي. هٿ ۾ ناهي تہ الائي ڇا ۽ الائي ڪيتري پئي نظر ايندي. حيران ۽ فريفتہ ڪري ڇڏيندي. جڏهن ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن ۽ رات هڪ ڪري ٿا ڇڏجن تہ پوءِ خبر ٿي پوي تہ: اهو تہ نظر جو دوکو هيو. اڳيان تہ ڪي بہ ڪين هيو. ماڻهو، ساري عمر ان لاءِ محنت ٿو ڪري تہ سکيا ڏينهن ڏسان. حالانڪ محنت ڪندي ڪندي، جواني ۽ جوش تہ ڪپائي ڇڏي ٿو پر سرير ٻڍو، ڪمزور ۽ بيمارين ۾ مبتلا ٿي وڃيس ٿو. جنهن ڪي هاڻي ڪنهن قسم جي آرام ۽ آسائش جي ضرورت ئي نہ ٿي رهي. ماڻهو پنهنجي بت مان بيزار ٿي ٿو پوي ۽ پنهنجي زبان سان موت کي سڏ ٿو ڪري. انهيءَ نفسا نفسيءَ ۽ هڻ وٺ ۾ رشتا ناتا بہ ٽٽي وڃنس ٿا. اڪيلو ٿيو پوي.
مطلب: ١ - انسان، سک حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين سان ڦتائي ٿو. آخر ۾، ڪيس سک بہ نصيب نہ ٿو ٿئي.
٢ - جيڪو گهٽي جي ڪڍ ويو، سو موٽيو ئي ڪو نہ.

## ٢٣٣. جڪي مارگ نہ جاڻو، اوئي رو نان ڪي ليٽو. (چوڻي)

جِڪي: جنهن جي. مارگ: ماڳ، مڪان، استان، نام نڪاڻو.اوئي رو: ان جو. نان: نالو، نام، نيسڻ. ڪي ليٽو: ڪهڙو ونڻو.
دوستن ۽ دل-وارن ڏي، قرب جا پير پري اڇبو آهي. دشمن يا زباني يار سان، پري جي دعا سلام رکبي آهي. من-گهرين وٽ وڃڻ لاءِ، سانباها بہ ٿيندا آهن تہ نياپا سنيها موڪلي، ملڻ لاءِ وقت بہ ونبو آهي. دل-گهرين سان ملڻ واري ڳالهہ جي تشريح بہ ٿيندي آهي تہ تشهير پڻ ڪبي آهي.

تشهير ۾، اهاني ڀاني ٻين کان، سندس واتون ٻه پيون پڇائبيون آهن. واند ۽ ويساهه بابت، پئي آگاهي ونبي آهي. ائين ڪرڻ سان، جنهن کي نه خبر، تنهن کي ٻه پئي خبر پوندي آهي. مراد وارن جي مراد پئي پوري ٿيندي آهي ۽ معشوقن جو مقام ٻه ڀيو اوچو ٿيندو آهي.

ان جي برعڪس، جنهن سان ٽڪي- پئسي جي واٽ ئي ناهي. وٽس وڃڻو ئي ناهي. جنهن سان ملڻ جي تانگهه ئي ناهي، تنهن بابت حال احوال وٺڻ لاءِ ڪنهن جي ٻه دل نه چاهيندي آهي. جيڪڏهن ڪير وني ٿو ته ڄڻ اڳلي کي خوار ۽ پاڻ کي ڏنو وِنو ٿو ڪري.

مطلب: ١ - جنهن واٽ تي هلڻو ئي ناهي، تنهن بابت معلومات وٺڻ مان ڪهڙو فائدو؟

٢ - جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ چو پڇائجي.

٣ - جنهن واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ نه پتوڙجي.

٤ - جنهن شهر ۾ وڃڻو نه هجي، تنهن جي واٽ نه پڇجي. (٦) ص ١٠١.

## ٢٣٤. جڪران ري جياڙ، ڪيتي ۾ ڪوٺي ڪيو. (ڀاڪو)

هڪڙو ٽريو ڀيل، پرواري ڳوٺ مان لسي/ جهَڻ وٺڻ لاءِ پئي ويو ته واٽ تي ڪي همراه گڏيس، جن کي پاڻ ۾ چوندو ٻڌائين: ”اڄ جڪرن ۾ ٻڪر ڪسندو.“

ڀهرو پوڻ جو ٻڌي، جهَڻ جو خيال متي، جڪرن جي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو. ”جڪرن مان آندا، اوجهري ۽ منڊي وني موٽندي جهڻ وٺيو ايندس.“ اهو سوچي، جڪرن جي ڳوٺ پهتو.

اتي ڪي همراه ٻڪر ٻڌيو وينا هئا. پاڻ ۾ پئي چيائون: ”ٻڪر اڄ ڪهجي! يا سڀاڻي؟!“

”اڄ سڀاڻي“ چوندي، سج لهي وين. ٻڪر نه ڪنائون. ڀيل مايوس ٿي، ڳوٺ موٽيو. جهَڻ جو ويلو ٻه ٽري ويو هو، سا ٻه نه مليس.

”ڀڳت ڪهڙا حال آهن؟“ ڳوٺ پهچڻ تي، هڪڙي همراهه پڇيس.

”جڪران ري جياڙ، ڪيتي ۾ ڪوٺي ڪيو.“ نراسائيءَ مان وراڻيائين: ”جڪرن جي ڀهروءَ تي ڪيتي سبب، جهَڻ وٺڻ کان ڪوٺي ٿيس.“

مطلب: ١ - جڪرن جي ڀهروءَ، ڪيتي سبب، وقت وڃائي ڇڏيو.

٢ - هڪ ڪم جي ڪڍ، ٻيو ڪري ته ائين چيو ويندو آهي. (٦) ص ٨٧.

## ٢٣٥. ڄُڳائيندو ڪائجي ۽ رُچندو هندائجي. (چوٽي)

هر ساهدار جو جياپو، کاڌ-خوراڪ تي آهي. وڻ ۽ ٻُوٽي آهر، ڪاڌو هر جيو کي کپي، جيڪو هو ڪائي ۽ هضم ڪري سگهي ته جيئڻ سندس جسم جيئرو، صحتمند ۽ ڪارائتو رهي. اگر نه ڪائيندو ته لاغر ٿيندو ويندو ۽ هڪ ڏينهن نبل ٿي، ڳرڻ شروع ڪندو.
اهڙيءَ طرح وري جسم اندر موجود اوجهريءَ يا معدي ۾، محدود ڪاڌي کي ٺمائڻ جي صلاحيت هوندي آهي. مقرر مقدار کان وڌيڪ ڳُڏي، ٺمائڻ جي ڪوشش ڪبي ته اهو ڪاڌو، معدي ۽ آنڊن جي ڪم ڪرڻ واري صلاحيت جو توازن ته بگاڙيندو پر ڪين زخمي ڪري پڻ ڦاڙيندو. بهتر آهي ته ٻُوتي آهر ڪائجي.
ڪپڙو لٽو پائڻ سان زيب زينت وڌن ٿا. هڪ نور آدمي آهي ته سؤ نور ڪپڙو آهي. اهو به سرنديءَ آهر پائجي ته ڀلو. ڀِني، ڀلا وڳا پائبا يا دوستن يارن کان وڌيڪ اوچا ڪپڙا پائبا ته ٻين کي به ريس ايندي. اهي به چٽاڀيٽيءَ ۾ لهي ايندا ته پوءِ مقابلي جي رجحان ۾ گهڻو پئسو خرچ ٿي ويندو. ڀلان ڀليءَ جو ڇيهه ئي ڪونهي. ڀلان ڀليءَ جي ڊوڙ ۾، سموري ملڪيت ڏُڦ ٿي ويندي. يا ٿيندو ائين جو هڪڙا مقابلي ۾ ڪُٽي پوندا، پوءِ اڻ-سهڻائپ تي لهي ايندا ۽ ٻئي نموني سان زير ڪرڻ لاءِ نقصان ڏيندا. بهتر آهي ته لٽو ڪپڙو به ٻين جي سهپ ۽ برداشت آهر پائجي.
مطلب: ١ - هڻَ-سهائيندو ڪائجي، لوڪ-سهائيندو پائجي.
٢ - من-پسند ڪائجي، لوڪ-پسند پائجي.

## ٢٣٦. ڄڳ جا سيڻ: ٽر جا سيئنڌ. (وٺ، سارو سنگهار، چوٽي)

سيڻ: رشتيدار، سڱابنديءَ وارو مائٽ. سيئنڌ: ڄاڻ سڃاڻ، واقفيت.
ڄڳ جهان اندر اهو اصول آهي ته ڪير اوهان جو مائٽ يا رشتيدار آهي ۽ اوهان کان پر-پرو وينل آهي ته جڏهن وٽس وقت پئي وڃبو ته آڌر به ڏيندو، ماني به کارائيندو، ٽڪائيندو ترسائيندو به، حال احوال به وٺندو، ڪچهري به ڪندو ۽ منجهس ڪو ڪم ڪار هوندو ته اهو به ڪندو. جيڪڏهن مٽ مائٽ نه هوندو ته اوترو آڌر نه ڏيندو.
ان جي برعڪس ٽر جو ماڻهو، ڀلي مائٽ نه هجي، رڳو واقف هجي، ان سان اهو رشتو ڪافي آهي. وقت پئي لنگهي وڃبس ته ساڳيو پيار ۽ پنهنجائپ ملندي. رهائش، ماني ٽڪي، حال احوال وٺڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ تائين. حتانڪ، سندس ۾ پيل ڪم به نڪرندو. جڏهن ته اڄ رت رت کي

باھ آهي. اهڙيون قربداريون تن وٿان بہ ورلي ٿيون ملن، جن سان سڳابنديون ۽ رشتيداريون ٿيل آهن.
ملطب: ١ - ٽريءَ سان واقفيت، ٻين جي رشتيداريءَ کان وڌيڪ آهي.
٢ - ٻين سان سڳابندي: ٽريءَ سان عليڪ سليڪ. (٧) ص ٤٦.

## ٢٣٧. جَل ٽنپ، ڪڙ ٽنپ ۽ سوا ٽنپ. (چوٽي)

جل: پاڻي. ڪڙ: گاھ. سوا: آمدني. ٽنپ: موسم. جَل ٽنپ: پاڻيءَ جي موسم. ڪڙ ٽنپ: گاھ جي موسم. سُوا ٽنپ: آمدني جي موسم.
آڳاٽي وقت اندر، سڄي سال کي، ان وقت جي لوڪن ٽن مندن منجھ ورهايو هيو.
چؤماسي جي مند: جنهن اندر ڀيل برسات، تل، ترايون، ڍنڍون، ڍورا، ڀري ڇڏيندي آهي. پاڻيءَ جي آمد واري ان وقت کي انهن جل ٽنپ سان موسوم ڪيو هيو.
ڪڙ ٽنپ: سياري جي مند ڦوھ تي پهچڻ شرط، پاڻي لاٽ ڪندو هيو تہ فصلن پوکڻ جي تياري ٿيندي هئي. چوڌاري ساواڻ ئي ساواڻ ٿي ويندي هئي. مال لاءِ گاھ پنو اڻ ميو ٿي ويندو هيو. ان مند کي انهن ڪڙ ٽنپ سان موسوم ڪيو.
سُوا ٽنپ: سياري جي پڇاڙي ۽ بهار جي آمد وقت، ٻنين منجھ لابارا ٿيندا هيا. ان لاباري تي گهٽن جو گذر سفر ٿيندو هيو. جن ۾ هاري ناري، واپاري، فقير ۽ گهورڙيا سڄي سال لاءِ اناج وغريھ ڪنو ڪندا هيا. ان ڪري انهن لوڪن، ان مند جو نالو سوا ٽنپ رکيو هو. (٣٥) ص ٢٣٨
مطلب: آڳاٽي دور جا ماڻهو، پنهنجي ڏاهپ سان، وقت گذاريندا هيا.

## ٢٣٨. جن ڏاريون ڳئون، تن جو بخت سنئون. (چوٽي)

ڳئون، مينهن جي ڀيٽ ۾ گاھ گهٽ کائيندي آهي. مينهن جي ٿينهن ڏکي آهي. جڏهن تہ ڳئونءَ لاءِ ايڏو خفو نہ تو ڪرڻو پوي. گهٽ-ڪائڪ هٽڻ سبب، آھُر تي ڪڙ ۽ ڪتر، گاھ ۽ ڏاري جو بندوبست ڪو نہ تو ڪرڻو پوي. ڪن شهرن ۾ ڪيترن ماڻهن جون ڏڳيون تہ ائين پيون بازار ۾ رلنديون ۽ چرنديون آهن. جيئن لاڙڪاڻي ۾ قادرين جون ڏڳيون، شڪارپور ۾ پناڻن جون ڏڳيون، ڪنڊڪوٽ ۾ داين جون ڏڳيون ۽ ڪن شهر ۾ وري هندن جي گوشالن جون ڏڳيون. چور بہ ڪين نہ ڪاهي

سگهندو آهي. تاهڙ ۽ ويڙهاڪ ٿين. ڳچيءَ ۾ رسو پوڻ تي هيٺ ويهي رهن. چوريءَ جو بہ خطرو گهٽ رهي ٿو.
منجهانئن اپت گهٽي آهي. رڍ ٻڪريءَ جيترو کائي، هلڪي مينهن جيترو کير ڏين. ڳئونءَ جو گابو تہ بہ ڳوڏو. ڪيس وس ويندي ڪاسائيءَ ڏي ڪو نہ گهلبو. ڇو جو ڏاند ٿيڻ تي هر ۽ بيل گاڏيءَ ۾ وهندو. ڳاهہ ڳاهڻ لاءِ ڪم ايندو. جيڪڏهن گابي ڄائي تہ بہ بخت. واڙي وڌندي، کير مکڻ جام ٿيندو. سموري مال کان، ڳئونءَ جو کير مکڻ، وڌيڪ وڻندڙ هوندو آهي.
مطلب: ١ - ڳائو مال ڌارڻ ۾ بخت سوايو آهي.
٢ - ڳائي مال ۾ گن گهڻا آهن.
٣ - پيٿيو: سرياند (سرنديءَ وارو) هجين تہ ڳئون ڌار، غريب هجين تہ رڍون ڌار (سارو سنگهار) (٢٢) ص ٣١-٣٢.

## ٢٣٩. جنني ۽ جنم ڀومي، سرڳ کان اتم. (چوڻي)

جنني: ڄڻيندڙ، ماءُ. جنم-ڀومي: ڄاءِ پيدائش، ڄمڻ جو هنڌ. سرڳ: بهشت. اتم: مٿي، وڌيڪ.
انسان، دنيا ۾ اچڻ کان اڳ، روح جي صورت ۾ موجود هيو. دنيا ۾ آيو تہ، ماءُ جي ڪُک اندر، سندس پهريون نڪاٽو ٿيو. جڏهن اتان نڪتو تہ ڌرتيءَ تي ڪنهن وسنديءَ اندر، سندس ماءُ کيس ڄڻيو. اتي پالي، تاتي، پانڊڙو ڪيائينس.
هن دنيا اندر اچڻ جا سندس پهريان ۽ اوائلي ماڳ، اهي ئي بہ آهن. هڪ ماءُ جي ڪک ۽ ٻيو جنم-ڀومي. جيئن تہ انسان، اوچتو ۽ اچانڪ اچي، انهن سان ملي ٿو ۽ ٻئي کيس وڏائي وڌو ٿيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، تنهنڪري کيس ٻنهي سان انسيت اتم ۽ اعليٰ درجي جي رهي ٿي. ساڻن ڪڏهن بہ ميري اک نہ ٿو ڪري. ڪيترو بہ پري هليو وڃي ۽ بهشت جهڙي هنڌ وڃي رهي پر ٻنهي جي ڇڪ ۽ سڪ، سندس سيني اندر موجزن ضرور رهي ٿي.
مطلب: ١ - امڙ ۽ جنم-ڀومي، ڪنهن اٽاسيءَ کان وسرن.
٢ - جنني ۽ جنم-ڀومي: سرڳ برابر.
٣ - جنني ۽ جنم-ڀومي: سرڳ سمان.
٤ - جنني، جنم ڀومشچ، سور گارڌپ گريسي. (سنسڪرت)
٥ - ماءُ ۽ ڄمڻ جي ڄاءِ، بهشت کان بہ وڌ پياريون آهن.

٦ - جَنَني (ڄڻڻ واري يعني ماءُ) ۽ جنم يومي (پيدائش واري جڳهہ)، ٻئي سُرگ کان بہ اُتم (مٿي) آهن. (٨)

٢٤٠. جوان مرد، واڌي حرص، ٻيا چيلهہ ٽڪا چٽڪن،
سوهڻيون سنگهارن ڪوڙيون، وِڄن مينهن وسن،
پنج ئي ٻهڪن. (چوٽي)

١ - مرد جوان هوندو تہ منجهس مڙسي ۽ مردانگي بہ سرس هوندي. پنهنجي ونيءَ سان نباهہ ڪري سگهندو، مٽن مائٽن جي خدمت ڪان علاوهہ دوست يار جي ڪم بہ پيو ايندو. جڏهن ٻين کي سک ڏيندو تہ ٻيا بہ ڪيس سکيو رکڻ جي ڪوشش ڪندا، تنهنڪري پيو ٻهڪندو.
٢ - واڌو حرص، ڪم ڪرڻ لاءِ اڪسائيندو آهي. جيڪو پڻ عزت ۽ شهرت، خوشيءَ ۽ خوءِ جو سبب بڻجي ٿو. پنهنجي هٿ سان ڪيل ڪم جهڙو نشو ۽ سرور ڪنهن شيءِ ۾ ناهي.
٣ - اڳي ڪاڳرن جا نوٽ نہ هوندا هيا، بلڪ چانديءَ وغيره جا سڪا، رائج الوقت هوندا هيا. اهي ڪٽڻ لاءِ، تيلهين/ همياڻين ۾ وجهبا هيا. اهي همياڻيون وري چيلهہ سان ٻڌي هلبيون هيون. پريل همياڻيون، سکئي هئڻ جون نشانيون هونديون هيون. الغرض تہ جهجهي دولت بہ سُک جو سبب ٿئي ٿي.
٤ - مارو ماڻهن وٽ، مند تي اڻ-ميو ڏٽ يا اناج لهي، اهو بہ خوشيءَ ۾ واڌارو آڻيندڙ آهي.
٥ - وِڄُ سان مينهن جهجهو وسندو آهي، جيڪو ڏهر ۽ ترايون پري ڇڏيندو آهي. پيئڻ لاءِ پاڻي اڻ ميو ٿيڻ سان گڏ، ميدان ۽ ماٿريون، پونا ۽ پٽون، گاهہ ۽ فصل سان سائي چادر اوڍي بيهندا آهن. جيڪي پڻ سک جو سبب ٿين ٿا.
مطلب: ١ - مٿيون سهوليتون، سک جو سبب بڻجن ٿيون. (٢) ص ١٣٢.

٢٤١. جوانيءَ ۾ ڏن تو پُور ۾ پُور،
گرڍاپڻ ۾ ڏک تو سُور ۾ سُور،
پنڌ ۾ يار تو ڏُور ۾ ڏُور،
ڪنڌ ۾ ڪير تو نُور ۾ نُور. (چوٽي)

گرڍاپڻ ۾: پيريءَ ۾. يار: بار، وزن. ڏُور ۾ ڏُور: گهڻو ڏکهو معلوم ٿيڻ.

١ - جواني، اڳيئي مستاني ٿيندي آهي. ويتر جو ڪپائڻ لاءِ اڻ ميو پئسو هٿ اچي وڃي تہ پوءِ ماڻهو صفا موج ۾ هوندو آهي ۽ آپي کان ٻاهر بہ نڪري ويندو آهي.
٢ - پيري، اڳيئي ٻين جي محتاج هوندي آهي. ويتر جو بيماري ۽ بک جهڙا ڏک گڏجنس تہ ماڻهوءَ کي ايمان مان ئي ڪڍي ڇڏين.
٣ - پنڌ، سفر ۾ اڳيئي اٽانگو هوندو آهي، ويتر جو سفري سامان جي پري بہ مٿي تي ڪٽي هلڻي پوي تہ اهو سفر چڱي ڀلي جوان کي بہ ڇڙهہ مان ڪڍي ڇڏيندو.
٤ - ڪير، اڳيئي مڙني پيئڻ وارين شين کان ذائقي ۽ تاثير ۾ وڌنڙ هوندو آهي. ماڻهوءَ جي پهرين غذا بہ ڪير ئي رهي ٿي. ان ۾ جو کنڊ جهڙو مناڻ پوي تہ پوءِ ذائقي منجهہ ذائقو وڌي وڃي. نہ پيئڻ وارو بہ، زور ڪري پيئي.
مطلب: ١ - چئن سان چار شيون گڏجن تہ سندن اثر وڌي وڃي.
٢ - ڪير ۽ کنڊ، نور ۾ نور،
جواني ۽ مايا، پور ۾ پور،
پنڌ ۽ بار، سور ۾ سور. (٢) ص ٦٦.

## ٢٤٢. جُونا پرين، ڪوٽو ٻڙڌ، ڪتر ڳانءِ،
## ڇڏا گيهون، گهاٽا تر، پنج ئي نہ ٿيا. (چوٽي)

جونا: ڪُوڙو. ڪوٽو: ڪم چور. ٻڙڌ: ڏڳو. پرين: دوست. گيهون: ڪڻڪ.
١ - ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو، محبوب تہ ڇا دوست بہ ٿي نہ ٿو سگهي. ساڻس ڪوڙ ڳالهائڻ سبب، نفرت ئي ٿيندي آهي.
٢ - ڪوڙو يا ڪم-چور ڏڳو، هَرَ، بيل گاڏيءَ يا نار ۾ وهڻ کان وتندو ٻوڙن ۾ لڪندو. پاڃاري ڏسي ڀڄي ويندو. ڪيترو ڀڄندو؟ ڏاند لڪي پاڃاريءَ کان، ٻوڙي ۾ بہ پاڃاريون. اهڙي ڏاند جي قيمت ڪاسائيءَ وٽ ٿي سگهي ٿي.
٣ - ڳئون ڏاربي آهي ڪير لاءِ. ڪتر کي ڏهبو تہ لت هڻي، پنهنجو ڏڌل تہ هاريندي پر ٻيءَ کي بہ ڪاريندي. تنهنڪري اهڙي ڏڳي، ڪير بہ نہ ڏاريندو آهي.
٤ - ڪڻڪ ڇڏي پوکيل هوندي تہ سراسري اپت گهٽ لهندي. فصل سان ٻج، کلر ۽ هر جو خرچو بہ نہ نڪرندو.

۵ - ٽرِ، گهاتا پوکبا تہ مارجي ويندا. اپت اوتري نہ ٿيندي.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنجن شين/ حالتن کان پاسو ڪجي. انهن مان ڪو بہ فائدو نہ ورندو.
٢ - گهاتا ٽر، چڍا گيهون، اڻ پليو وياءُ،
سڙيو گهوڙو، ڪر ماٺهو، اهي پنج ئي نہ ٿين.
٣ - ڏچر گهوڙي، سُچر زال، اڏارو وهاڻ،
گهاتا ٽر، چڍي ڪٽڪ، پنج ئي نہ ٿيا. (١٢) ص ١٤٨

## ٢٤٣. جو دم جيوين، کير ولوڙ. (غلام فريد، چوٽي)

ٽرين جو گهٽو ٽٿو گذر، مال جي کير تي آهي. کير جو احترام سندن ڏڪي ۾ داخل آهي. اڳلي کي دعائيہ ڪلمات ڏيڻ وقت پڻ چوندا آهن: ”کيرن پٽن وارو ٿيندين“ يا ”جيسين جيئين، تيسين کير ولوڙيندين.“ (٣۵) ص ٢۵٢
مطلب: ١- سدائين امير ۽ سائو هجڻ لاءِ، دعائيہ ڪلمات.

## ٢٤٤. جوئيتان ري اڳي، روئيتان هوسين. (چوٽي)

جوئيتان: ڏسندڙ، انتظار ڪندڙ. ري: جي. اڳي: اڳيان، اڳ ۾. روئيتان: روئندڙ. هوسين: هوندا.
انتظار، ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪن تہ ان کي موت کان بہ وڌيڪ شديد ڪونيو آهي. چو جو انتظار يا آسرو ڪرڻ، بيزار ڪري وجهندا آهن. جيڪڏهن وڏي انتظار کان پوءِ ڪا شيءِ هٿ ايندي آهي تہ ان جو نہ اهو قدر رهندو آهي ۽ نہ ئي سنڀال. جيئن وڏي انتظار کان پوءِ ڄاول اولاد، پاس-خاطريءَ سبب، اڏري ويندو آهي ۽ روڄ راڙي جو سبب بڻجندو آهي. محبوب جي ملڻ سان محبت ماني ٿي ويندي آهي. جنهنڪري ڀٽائي سڳوري پڻ فرمايو آهي: ڳوليان ڳوليان، شال مَ ملان هوت.
ڀٽائيءَ تہ انتظار/ صبر کي ئي اصل عشق چيو آهي. جيڪا طراوت انتظار ۾ آهي، سا حلاوت، حاصلات ۾ بہ ناهي. وڏي ائين بہ چيو اٿس:

”جا جَرَ جاتون نہ ڏئي، جا ڏيئا نہ موهي،
سا ڪوه سڏون ڪري، محب ملڻ جون“.

مطلب: ١ - ڳوليندڙن جي اڳيان، روئندڙ هوندا.
٢ - انتظار، روئاريندڙ هوندو آهي. (٦) ص ١٠٣

### ٢٤٥. جهڙو سوار، اهڙو پنڌ. (بيراجي، پهاڪو)

سئيس يا سوار، سواريءَ کي هلائڻ جي مهارت رکندي، کيس ان نموني سان هلائيندو آهي، جيئن هلائڻ جي منجهس صلاحيت هوندي آهي. ڄاڻو سئيس، سِڌايل سواريءَ کي، سٺي نموني هلائيندو پر جڙ مان ٻه کم کڍي ويندو. ان کان علاوه، پنڌ جو کپجڻ، سندس منزل ۽ وقت جي هئڻ سان پڻ منسلڪ ضرور رهي ٿو.

سئيس/ سوار کي، اگر منزل ڏوراهين ۽ وقت گهٽ آهي ته اهو پنهنجي وهٽ کي تکڙو ڪُڏائيندو. اگر وٽس وقت جهجهو ۽ منزل اوڏڙي آهي ته آرام سکون سان پيو پنڌ کي کپيندو.

مطلب: ١ - پنڌ جي کپجڻ جو دارومدار، سوار جي صلاحيتن ۽ گهرجن آهر آهي.

### ٢٤٦. جهڙي تهڙي جوءِ، گهرين ويني هوءِ. (چوڻي)

گهر، جو حقيقي سينگار، گهر-واريءَ سان آهي. عورت نه هئڻ جي صورت ۾، گهر سجو ۽ بيگاني اوطاق مثل آهي.

سگهڙ، با اخلاق، باشعور عورت جي ته ڳالهه ئي اور آهي. ان جي هجڻ سان گهر سڌري ٿو، برڪتون پون ٿيون، رونق اچي ٿي ۽ گهر کي چار چنڊ لڳيو وڃن.

مرد، ٻاهران ڪمائي اچڻ واري ڪم جا ماهر هوندا آهن. گهر ۾ عورت وارو ڪم: گهر ۽ ٻچا سنڀالڻ، مهمانن لاءِ رڌو پڪو تيار ڪرڻ، لٽو ڪپڙو ڌوئڻ ۽ گهر کي صاف سٿرو رکڻ، مرد کان نه ٿي سگهندو. اهي سمورا ڪم، عورت سهڻي نموني سان نڀائي سگهي ٿي.

عورت ڪهڙي به هجي، فقط گهر ڪري ويهي ته سندس عزت، مانُ به انهيءَ ۾ آهي. عورت گهر کان سواءِ ۽ گهر، عورت کان سواءِ بيڪار آهن.

زال ڪهڙي به هجي، سهڻي يا ڪوجهي، عالم يا جاهل، کيس پردي ۾ يا گهر جي ڪم ۾ رڌل رکجي. ان ۾ ئي سندس خوبصورتي آهي.

مطلب: ١ - جهڙي به جوءِ هجي، گهر جو سينگار آهي.

٢ - مرد رلي ته کلي، عورت رلي ته پلي.

٣ - گهر ته گهر واري.

٤ - رن نه رلي ته ماريو چو پلي.

۵ - ڏڻ ته ڏٽي، نه ته وڪڻ ڪٽي. (٦) ص ١٠٢.

## ٢٤٧. جهڙي ڏيک، تهڙي سيک. (چوڻي)

ڏيک: ڏسڻ. سيک: سکڻ.
دنيا ۾ جيترو گهڻو گهمبو/ ڏسبو، عقل اوترو پرائبو. چو جو انسان، ڏسڻ سان ئي سکي ٿو. ماءُ جي پيٽان ڪير به سکي نه نڪرندو آهي. جهڙي جهڙي ماحول ۾ رهبو، اهڙو اهڙو عقل پرائبو.
چڱن سان رهبو، سنا اخلاق پرائبا. برن جي صحبت ۾ اوگڻ پرائبا.
ٻيو ته هڪ هنڌ رهي زندگي گذارڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو دنيا ۾ گهمي ڦري. ان سان به عقل وڌندو آهي.
مطلب: ١ - حرڪت ۾ برڪت آهي.
٢ - هر وقت ڪلنڌڙ دروازي کي اڏوهي نه لڳندي آهي.
٣ - ٻينل پاڻي به ڏپ ڪري ويندو آهي.
۴ - ساڌو رمتا ڀلا، پاڻي بهتا ڀلا.
۵ - گهمي گا، ڦري گا، بني گا نواب، سمهي گا، ڳائي گا، بني گا خراب.
٦ - صحبت جو اثر، طبيعت تي پوندو آهي. (٦) ص ١٠١.

## ٢٤٨. جهڙي وائبي، تهڙي ڪائبي. (پهاڪو)

وائبي: (مصدر) وائڻ، وائرڻ، پوکڻ.
پيٽ کي پالڻ لاءِ، هر ساهدار کي لوچڻو آهي. ڄُوڻو هٿ ڪرڻ لاءِ، زمين اندر محنت ڪري، جنهن جنس جو اَنُ ڇٽيندو، اُنَ ئي جنس جو اَنُ، ٻڻئيءَ تي ڪيس ملندو. اهو ئي ڪاٽو پوندس. جَوَ پوکيندو ته جَوَ لڻندو. جوئر پوکيندو ته جوئر لڻندو. ٻاجهري پوکي، جوئر جي اميد ڪرڻ اجائي آهي.
ڪڻڪ پوکي، ڪمند جي لهڻ جي آس رکڻ فضول آهي.
مطلب: ١ - دنيا اندر، ٻين سان جهڙو سلوڪ ڪبو، ٻيا به اهڙو ئي ڪندا.
٢ - چڱو هلبو ته ٻيا به چڱو هلندا، ساڻن برو هلبو ته پاڻ به برو هلندا.
٣ - ڪانڊيرا پوکبا ته ڪانڊيرا ئي لڻبا.
۴ - ٻٻر پوکي، ٻير گهربا ته ٻير ڪو نه ملندا.
۵ - برسات پوڻ کان پوءِ، جهڙو اَنُ ڇٽبو، تهڙو ئي فصل لڻي ڪٽبو.

## ٢٤٩. جُه سي لوڙائو، جنين ڊار رهن،

مارو منجهہ ٽرن، رهي رهندا ڪيترو. (شاهہ چوٽي)

لوڙائو: ڏاريل، ڦورو، لوٽو. ڍار: هينانهين، جهوڪ.

حاڪم، چيڀر ۽ چاڻ تيندا آهن. نہ پاڻ ظلم ڪندا آهن ۽ نہ وري ٻين هٿارئون ظلم ٿيڻ ڏيندا آهن. ڏرين اندر، انصاف ڪي قائم ڪندا آهن تہ جيئن معاشرو، جنهن جو بقاءُ انصاف اندر لڪل آهي، سو وڏيڪ وقت جٽاءُ ڪري سگهي. جيڪڏهن انصاف هڪ دفعو هٽان ويو ۽ ظلم برپا ٿيو تہ معاشري جو شيرازو ئي وکري ويندو.

حاڪم اگر، پاڻ بيهي لڄون لٽي ۽ قوم ڪي ڦُري ۽ ڦٽي تہ پوءِ مارو ۽ مسڪين ماڻهو، ڪنهن گهر دانهڙي ڏين؟ بهتر آهي تہ ڀڄي جان بچائين.

مطلب: ١ - حاڪم رعيت جي لڄ لٽيندا تہ ڏاريا ڪهڙو اڇي لٽو وجهندا.

٢ - جنهن جي آسري تي رهجي، سو ئي دشمن ٿي پوي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

٣ - جنهن حاڪم جي آسري، تر جهڙي ڏکئي علائقي ۾ رهجي، سو ئي اگر ٻانهون ڪٽي، ڦري ۽ لُٽي تہ پوءِ مارو ماڻهو ڪيڏانهن وڃن.

٢٥٠. جيترو پاڻي اونهون، اوتري مٺي جي سِڪ وڏيڪ. (ڀهاڪو)

هر ساهدار جو ٽڳاءُ، پاڻيءَ تي آهي. جنهن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ، ان جي وسيلن ڏانهن ڊوڙي ڊڪي ٿو. اگر ڍنڍن ڍورن مان ميسر آهي تہ انهن مٿان وڃي پهچي ٿو، اگر ندين ۽ واهڙن منجهان مليس ٿو تہ انهن ڏانهن دلا ۽ مٽ ڪٽي ٿو. اگر جر ڪيس زمين اندر ملي ٿو تہ ان منجهہ کوهہ کوٽي ٿو يا بور ڪري نلڪا هڻي ٿو.

ٿر اندر آخري سهارو، جنهن تي زندگيءَ جو دارومدار وڃي رهي ٿو سو آهي، زير زمين پاڻي، جنهن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏين مشڪلن سان، اڄ جي دور ۾ بور ٿين ٿا. آڳاٽي دور ۾ فقط اونها کوهہ کوٽي سگهبا هيا، جيڪي اڄا بہ وڏن جهدن پٽڻ ڪان پوءِ کوٽي سگهبا هيا. مٿن وڏي محنت، ڪاريگري ۽ مٽيريل استعمال ٿيندو هيو. ايڏي وڏي تڪليف ڪانپوءِ جڏهن نهي راس ٿيندا هيا تہ منجهانئن پاڻيءَ چکو ڪڍڻ تي بہ وڏو خرچ ڪاٻار ٿيندو هيو. کوهہ تي پهچڻ لاءِ ۽ اتان پاڻي ڀري موٽڻ تي بہ وقت ۽ جان خرچ ٿيندا هيا. تنهن ڪري ان پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي جو قدر هوندو هيو. ان وسيلي سان، اتان جي رهواسين جي، عشق جي حد تائين محبت هوندي هئي. (٣٥) ص ٢١١

مطلب: محنت سان حاصل ڪيل شيءِ جو قدر آهي ۽ ان سان محبت ٿئي ٿي.
٢. جيتري محنت، اوتري محبت.

**٢٥١. جيسلمير جيسلمير، گهر سان وير پَرَ سان ميڙ. (چوٽي)**

جيسلمير: هندستان اندر علائقي جو نالو، جيسلمير جا باشندا.
پنهنجن ڪي گهٽ سمجهڻ ۽ پراون کي اتم سمجهڻ، نه رڳو جيسلمير جي علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جي عادت آهي بلڪ انساني فطرت ۾ ائين سمايل آهي. پنهنجن جو هر ڪو، قدر گهٽ ڪندو آهي. ان جي پيٺ ۾ ٻين کي عزت وڏيڪ ڏيندو آهي. پنهنجي ڳوٺ ۽ گهر وارن سان، ٽڪي ٽڪي تي ڪروڌ هوندس، جڏهن ته ڌارين ڪي، مٿن جي پيٺ ۾ وڏيڪ سمجهندو ۽ جهجهو قرب پيو ڏيندو. سندن هر ڳالهه، صبر سان پيو سهندو ۽ تحمل سان پيو برداشت ڪندو.
مطلب: ١- ملڪ جي مينا به ڪبر برابر، ٻاهر جي ڪانويلي به ٻربليءَ برابر.
٢ - پنهنجن جي پيٽ ۾ ڌارين ڪي هر ڪو عزت ۽ قرب وڏيڪ ڏئي ٿو.
٣ - تين بلاوي، تيره آوي، ديکو يهان ڪي ريت،
ٻاهر والي ڪا جاوين، گهر والي ڳاوين گيت.
٤ - شاديءَ مراديءَ ۾، ڳوٺ وارن جي پيٽ ۾، ٻاهرين کي وڏيڪ عزيت قرب ملندو آهي. ڇڱو ڪاڌو به ڪين ملندو آهي. (١) ص ٣٧٤.

**٢٥٢. جيسين نه وجي پاڻ، نينهن نياپي نه ٿئي. (شاهه چوٽي)**

دنيا جا ڪيترا ئي ڪم آهن، جيڪي پنهنجي سر ڪرڻا هوندا آهن. ماني پاڻ کي کائڻي آهي. لٽو ڪپڙو پاڻ کي پهرڻو آهي. ڪاڪوس يا پيشاب خاني ڏي پاڻ هلي وڃڻو آهي. نه وڃبو ته اهي ڪم نه ٿي سگهندا. اهي اهڙا ڪم آهن، جيڪي ٻين جي معرفت نه ٿا ڪرائي سگهجن. محبت به ائين آهي. اها به جيسين پاڻ، سر جو سانگي لاهي، نه ڪبي، تيسين نيجي نه سگهندي.
پنهنجي وات سان ڳالهايل لفظ، جتي اثر ڪندا، اتي نياپي پهچائيندڙ ماڻهوءَ جي ڳالهه، ڪجهه نه ڪري سگهندي. نياپو ڏيندڙ، نه اڳلي جي موڊ کي ڏسندو نه ڪيفيت کي. جيڪو رٽيل هوندو سو چوندو ويندو. پوءِ اڳلي تي ان جو ڪهڙو به اثر پوي. بجاءِ اڳلي جي دل وٺڻ جي، خراب ڪيون ايندو. (٣٥) ص ٢٥١

مطلب: ١- ٻہ ماڻهو جيسين پاڻ ۾ نہ ملندا، هڪٻئي جي طبيعت، دلچسپي، روين ۽ مفادن کي نہ پرکيندا، تيسين منجهن محبت پيدا نہ ٿيندي.
٢- جٽادار محبت لاءِ پرک ۽ اعتماد جي ضرورت پوندي آهي.

## ٢٥٣. جيڪي ڪپورئي ۾ هوندو،
## سو ئي اوهاءَ ۾ پوندو. (پهاڪو)

ڪپوريو: کوهہ جي پرسان نهيل هودي. اوهاءُ: مال کي پاڻي پيئارڻ لاءِ ننڍڙو تلاءُ.
کوهہ مان پاڻي ٻوڪن ذريعي، ورت ڇڪڻ سان ڪڍبو آهي. ورت يا واڻ، جيڪا پُوڻ يا گرٽيءَ تي گسڪندي ۽ ڦرندي آهي، تنهن کي ٻہ چار ماڻهو يا ڍڳو ڊور جوٽي ڦيرائبو آهي تہ پاڻيءَ سان ڀريل ڪوس يا ٻوڪو مٿي پهچندو آهي. ٻيو پاڻي کوهہ مان ڪڍڻ لاءِ ٻوڪو يڪدم خالي ڪرڻو پوندو آهي. دلي يا مٽ ۾ لاهڻ سان وقت ڪرندو ۽ سيڙ ٿيندي آهي. تنهنڪري يڪدم ڪپورئي يا ننڍي هوديءَ ۾ لاهبو آهي. جتان وري نڪ/ ناليءَ جو ٻوچ کولڻ سان اوهاءَ/ آواڙي يا ننڍي تلاءَ ۾ مال وغيرهہ جي پيئڻ لاءِ ڇڏبو آهي. اگر پاڻي ڪپورئي ۾ کوهہ مان ئي نہ وجهبو تہ آواڙي ۾ ڪٿان ايندو.
مطلب: ١ - جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو ئي ڏوئيءَ تي چڙهندو.
٢ - جيڪي دل ۾ هوندو، سو ئي زبان ذريعي ٻاهر نڪرندو.
٣ - والدين وٽ هوندو تہ اولاد کي ٻہ ملندو.
۴ - جيڪي ديگ ۾ هوندو سو ئي چمچي ۾ چڙهندو.
۵ - پيٽيو: جيڪي کوهہ ۾ هوندو، سو ئي آهہ ۾ پوندو.

## ٢٥۴. جيڪي کوهہ ۾ هوندو، سو ئي آهہ ۾ پوندو. (پهاڪو)

آهہ: مال لاءِ پاڻي پيارڻ واري هودي.
آهہ يا هودي، کوهہ جي پر ۾ ٺاهبي آهي تہ جيئن کوهہ تان پاڻي پرڻ وقت هار وير جو پاڻي منجهس جمع ٿيندو رهي ۽ مال وغيرهہ جي پيئارڻ ۾ ڪتب اچي. جو جو کوهہ مان ورائي پاڻي ڪڍڻ بہ عذاب جهڙو ڪم آهي. هار-وير جو پاڻي، جهڙو ئي کوهہ مان نڪرندو، اهڙو ئي آهہ ۾ پوندو آهي.

آهه جي پاٽيءَ جي ذائقي ۽ کوهه جي پاٽيءَ جي ذائقي ۾ ڪو خاص فرق نہ هوندو آهي.
مطلب: ١ - جهڙي ماڻهوءَ جي طبيعت هوندي، ٻين سان بہ ائين هلندو.
٢ - جيڪي ڪنيءَ ۾ هوندو، سو ئي ٿالهيءَ ۾ پوندو.
٣ - جڏهن نديون ڀريل آهن، تڏهن کوهہ بہ ڀريل رهن ٿا. (چيني)
٤ - ڀيٽيو: جيڪي ڪپورئي ۾ هوندو، سو ئي اوهاءَ ۾ پوندو. (ڦاڪو)

٢٥٥. جي ڪنوي ڀرٽي، تہ نار بہ جهڙي نہ ڀرٽي. (ڦاڪو)

ڀرٽي: نکٽ، مينهن جو اهڃاڻ.
علم جوتش موجب: ڪل اناويهہ نکشتر يا نکٽ آهن. جيڪي واري وٽيءَ سان سڄي سال ۾ پيا ايندا آهن. مهيني جي اندر تہ هر هڪ نکٽ ڪي وارو اچي ئي ويندو آهي. ڀرٽي بہ منجهانئن هڪڙو نکٽ آهي.
هر ڏينهن جو پنهنجو هڪڙو نکشتر يا نکٽ آهي. چؤماسي جي مند وارن مهينن مان، ڪنهن بہ هڪ مهيني جي ڀرٽي نکٽ ۾، اگر ڪنوڻ ٿي تہ پوءِ مينهن جو آسرو لٿو. ڏڪار پڪ ٿيندو.
جنهن سال ڏڪار ٿيندو آهي، ان سال شادين مرادين وارا پروگرام درهم برهم ٿي ويندا آهن. خاص طور تي نياڻين جي شادي ڪرڻ وارا، ڪنو ڪيل ڏيڻ ڏيوڻ، ڏڪار جي لڏپلاڻ سبب، لڪائڻ ۽ هٿيڪو ڪرڻ سبب پريشان ٿي ويندا آهن. (٣٥) ص ٢٢١
مطلب: اندر جو خوشيون بہ ٻاهر جي خوشين سان سلهاڙيل آهن.

٢٥٦. جيوڙي آئي، ڪي نہ پائي. (چوٽي)

جيوڙي: سِرڙي، سِرَ ٿي، ساهہ مٿي. پائي: پائيوار، حصيدار، مددگار.
دنيا اندر، لاهيون-چاڙهيون ۽ هيٺ-مٿانهيون، انسان جي سر تي آهن. انهن سان ڪيس ئي منهن ڏيڻو آهي. ٻين کان مدد وٺڻ لاءِ تہ وٺي سگهجي پر: سوال، ويچارو آهي. ڪٿي ٻيو مدد ڪري سگهي، ڪٿي نہ ڪري سگهي. دنيا جا الائي ڪيترا اهڙا معاملا بہ آهن، جن ۾ مائٽ ۽ پائر بہ مدد نہ ڪري سگهندا آهن. حتانڪ ماءُ پيءُ بہ مدد نہ ڪري سگهندا آهن.
جيئن، ماءُ پيءُ ڪارائيندا پيارينداء ڪاڪوس لڳندو تہ اوستائين بہ وٺي هلندا. اندر ڪاڪوس اچي ٿو يا نہ، اهو پنهنجي سر تي آهي. ان تڪليف ۾ حصيدار نہ ٿيندا.

شادي مرادي، ڏمي وڄائي، پت-ڪاڄ ڪري، ڪرائيندا. ونيءَ ونيءَ ڏئي، اندر موڪليندا. پاڻ ۾ ڪمزوري هوندي ته ان ۾ حصو نه ونڊائيندا. اها تڪليف پنهنجي سر تي آهي. بيماري-ٻڙيءَ ۾ علاج ڪرائيندا، پچ-ڊڪ ڪندا، پئسو پنجڙ ڇٽيندا، ڊاڪٽر تائين رسائيندا، پر بيماريءَ جو حصو ورهائي نه ڪٽندا. اها پاڻ ڪي ئي لوڙ لوڙڻي آهي.
مطلب: ١ - سر تي آيل مصيبت ۾ ڪير به ڀاڱي- ڀائيوار نه ٿيندو آهي.
٢ - سِرڙي آئي، ڪو نه ٿئي حال ڀائي. (ساهتي) (٦) ص ١٠٢.

## ٢٥٧. جي وس چرندا، تن چنبڙ ته لڳندي.

ٻڪريءَ لاءِ مشهور آهي ته چنبڙ لڳي نه آهي، ڊرندي وڻ ۾ يا جهليندي ڀت جي اوٽ. اگر جي گهر ويجهو هوندو ته ڪيترا حيلا بهانا ڪري به هرڙائي چونٽري ۾ ڊري ويندي. تنهنڪري ٻڪريءَ لاءِ مشهور آهي؛ "ٻڪري وس به چرندي، چنبڙ به نه سهندي."
مطلب: ١ - ٻڪري وس به چري، چنبڙ به نه سهي.
٢ - ٻڪري چي؛ وس به چران، چنبڙ به نه سهان.
٣ - لالچي ۽ مندو فقير چي؛ پنان به وٽي تي، سمهان به منجي تي.
۴ - جي پوندا سوڙهيين، تنين لڳندا سيلهه.
۵ - گپ ۾ گهڙبو ته ڦٽنگون ته لڳنديون.

## ٢٥٨. جي وسي چيٽ ته ان نه ماپي ڪيٽ. (زرعي، چوڻي)

زراعت لاءِ، سنڌ اندر ٻه مندون يا موسمون آهن: چيٽ ۽ ڪتي. ڪتيءَ جو فصل انهن مهينن اندر ٿيندو آهي، جن مهينن اندر ڪتي آسمان تي هوندي آهي. ڪتي، جون مهيني ڏاري چاپندي آهي ۽ ڊسمبر/ جنوريءَ تائين آسمان تي رات ڏاري نظر ايندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ لهي ويندي آهي. ان وقفي واري مند ڪي ڪَتيءَ جي مند يا خريف سڏيو ويندو هي. جيئن خريف جي مند پوري ٿيندي، تيئن وري ربيع يا چيٽ شروع ٿيندو.
اگر چيٽ جي مند ۾، فيبروريءَ ڏاري چڱي برسات پئي ته اها فصل لاءِ ڪارائتي ٿيندي. فصل ڪي نه وڌيڪ پاڻ جي ضرورت پوندي ۽ نه دوائن جي. ان برسات اندر، قدرت واري فصل لاءِ وڏي قوت رکي آهي.
مطلب: ١ - منداٺتو مينهن، ڪارائتو آهي.
٢ - چيٽ جي مند ۾ برسات پوي ته اناج جام ٿيندو آهي.

### ٢٥٩. جي هڙان نان ڏين، تو ئي وڙان نان وڃاءِ. (چوڻي)

هڙان: هڙئون. نان: نہ. وڙان: وڙئون.

دنيا جو ڪار-وهنوار، هڪڙي ربط سان قائم آهي. جنهن ۾ حسن سلوڪ، وقت پوڻ تي مدد ڪرڻ، شاديءَ- غمي، موتي- فوتيءَ، اڙيءَ- اُڏي هڪبئي وٽ پير پرڻ وغيره جهڙا عمل اچي وڃن ٿا.

اڳلو تڪليف ۾ آهي تہ وٽس وڃي، ڪيس مدد ڪرڻ. پئسي ڏوڪڙ جي مدد نہ ڪري سگهجي تہ مال ۽ اناج جي ڪجي. اها نہ ڪري سگهجي تہ سندس تڪليف دور ڪرڻ لاءِ ٻين وٽ مدد لاءِ ڀڄ-ڊڪ ڪجي. ايترو بہ نہ پڄي سگهي تہ پوءِ ساڻس، زباني همدردي ضرور ڪجي.

جيڪو ماڻهو، زباني همدرديءَ ڪان بہ هليو تو وڃي، سو جڻ حيوانن جي قطار ۾ اچي ٿو وڃي. آخر ۾ ساڻس همدردي ڪرڻ وارو بہ ڪين ٿو بچي. انهن ڳالهين سببان ڪيترا تہ ري-ڪفنا مري ويندا آهن. ري-ڪفنو مرڻ ڪان پاسو ڪجي.

مطلب: ١ - هڪ ٻئي جي دامي درمي، قدمي سخني، مدد ضرور ڪجي.
٢ - هڙئون نہ ڏجي تہ وڙئون نہ وڃجي.
٣ - ڳڙ نہ ڏجي تہ ڳڙ جهڙي ڳالهہ ضرور ڪجي. (۵)

### ٢٦٠. جيئڻ لاءِ بہ سهپ کپي. (چوڻي)

زندگي ڏاڍي ڏکي آهي. ان کي آسان بنائڻ لاءِ، قدرت واري انساني سياءَ اندر سهپ ۽ صبر جو جذبو وديعت ڪيو آهي.

صبر ۽ سهپ واري سان جڻ ڏٺي سڳورو پاڻ گڏ آهي ۽ ان جي جوڳي مدد فرمائي ٿو. زندگيءَ اندر، مالڪ ڪڏهن انسان کي نعمتون ڏئي پيو ٿو آزمائي تہ ڪڏهن وري نعمتون کسي پيو پرکي. انهن لاهن چاڙهن جي اندر، سکي زندگي اهو انسان گذاري سگهندو، جنهن ۾ سهپ جو مادو ڀرپور هوندو. (٣۵) ص ٢٢٠

مطلب: ١. صبر ۽ سهپ سان گهاريل زندگي ئي سڪون واري آهي.

# ج

٢٦١. جٽن جا سيٺ، مٽن جا ڳيھ،
ڏيئن جا پيءُ، ڪُتا ڪُتن جا پٽ. (چوڻي)
جٽ: جاهل، اجهل. سيٺ: سردار. ڳيھ: گيھ. ڪتا: ڪٽل.
١ - جاهل قوم جو سردار، سينيو ٿئي ته جٽ ڪانئس ڌن دولت اوڌر تي جام وٺن ۽ موٽائڻ جي وائي ئي نه ورائينس. اهي جٽ، نه ڪمائين نه قرض لاهين. نتيجي ۾ سيٺ وڃي ڏينهون ڏينهن ڪوٺ ۾ پوندو.
٢ - آڳاٽي دور ۾، سڄي گيھ رکڻ لاءِ، اسٽيل، شيشي، گلٽ يا چيني ءَ جا ٿانءَ نه هوندا هيا. جنهنڪري چمڙيءَ جي دٻين ۾ رکڻ جو رواج هيو. جيئن اڄڪلھ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون اچن ٿيون، جن جي اندران قلعي ٿيل آهي. غريب غربي وٽ ته چمڙي جي ٿانءَ رکڻ جي سگھ به نه هوندي هئي. تنهنڪري نڪر جي ٿانون ۾ گيھ وجهي رکندا هيا. جڏهن گيھ ڇڳي مقدار ۾ ڪنو ٿيندو هين ته، آئيءَ ويل لاءِ، گيھ جو مٽ ئي زمين ۾ پوري ڇڏيندا هيا. نڪر جي ٻَوري هئڻ سبب، پوريل ٿانءَ مان گيھ سمي، زمين ۾ جذب ٿي ويندو هيو. جڏهن سال کن ڪان پوءِ، ضرورت پوڻ تي، ڪوٽي ڪيندا هيا ته ٿانءُ وڃي اڌيڪو بچندو هين. نڪر جو ٿانءُ، اڌ تي اڌ، گيھ چٽي ويندو هيو.
٢ - هندن ۾ ڏيءَ ڪي شاديءَ وقت، گهڻو ڏاج ڏيوڻ ڏيندا آهن. جنهنڪري ڏيءُ جو پيءُ، ڏيءُ شينهن ڪلهي چاڙهڻ سبب، ڪٽل ئي هوندو آهي.
مطلب: ١ - مسلمانن جو سيٺ پڪائي نه ڄاڻڻ سبب، سدائين ڪوٺ ۾. مٽ ۾ رکيل گيھ سمي سمي نيٺ ڪٽي. هندو ڏيءَ اٿارڻ وقت وڏو خرچ ڪن، جنهن ڪري ڪٽي پون.
٢ - جاهلن جو سردار، نڪر جي ٿانءَ ۾ رکيل گيھ ۽ ڏيءُ جو پيءُ، سدائين ڪٽل هوندا آهن. (٥)

٢٦٢. جيٺو گھر گهي نه رکيئي، ڀادروو ڪپاس،
ڏيئان گهر، ڀهوئان پيھر، اِتني رکيئي وٽاس. (چوڻي)
جيٺو: جيٺ جي مهيني ۾. ڀادروو: بدي جي مهيني ۾. ڪپاس: ڪپھ.
ڀهوئان: نُهر. پيھر: پيڪاڻي گھر. وٽاس: نقصان.

١ - ڄيٺ جو مهينو: مئي-جون ڌاران اچي. ان هندي مهيني اندر، ساوا گاهه جام ٿيندا آهن، جنهن سبب مال ۾ کير مکڻ پڻ جام ٿيندو آهي. نتيجي ۾ گيهه به جام جڙندو آهي. رکڻ سان، گهڻي گرميءَ جي شدت سبب، خراب ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. بهتر آهي ته ترت کپائي ڇڏجي.
٢ - بدي جو مهينو: آگسٽ-سيپٽمبر ڌاران اچي. ان هندي مهيني ۾ وونئڻ پوکجي ويندا آهن. اڳئين سال واري ڪپهه، وڌيڪ وقت رکڻ سان پيتي ٿيڻ ۽ ڪيڙي لڳڻ جو گهڻو انديشو آهي. ترت تازي ڦُٽي به لهي ميدان ۾ ايندي. اڳلي سال واري ڪپهه جو اگهه ويتر ڪرندو. بهتر آهي ته بدي جي مهيني کان اڳ، اها نيڪال ڪري ڇڏجي.
٣ - ڌيءُ ساماڻجي ته، ٻين جي گهُرڻ کان اڳ، اٿاري ڇڏجي. وڌيڪ وقت ويهارڻ سان، وڏا مسئلا پيدا ٿيندا. چوندا آهن: ڌيون ۽ مڇيون، ناهن رکڻ جون شيون.
٤ - نياڻيءَ کي، شادي ٿيڻ کان پوءِ، مڙس جي گهر کي پنهنجو گهر سمجهڻ گهرجي ۽ اتان هيڏي هوڏي نڪرڻ نه گهرجي. حتانڪ پيڪن ۾ به گهڻو وقت نه رهڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان، سڄي عمر، گهر نه ڪري سگهندي. ان جا برا اثر سندس اولاد، خاص ڪري ڌيئن تي پوندا.
مطلب: مٿيون چار ئي شيون، گهڻو وقت رکڻ نه گهرجن. (١٢) ص ١٤٠.

## ٢٦٣. ڄينو مينهن، پٽيني پٽ ۽ نيري وهاڻُ،
## ڪن سياڻن سامهون. (چوڻي)

ڄينو مينهن: ڄيٺ جي مهيني ۾ وسندڙ مينهن، بهار جي شروع ۾ پوندڙ مينهن. پوٽينو پٽ: پهريٺو پٽ، پيءُ ماءُ کي اڪيلو ٻار سو به پٽ، موميي. نيري وهاڻُ: هڪ ماڻهوءَ کي فقط ڌيءَ هجي ۽ ٻئي کي فقط پٽ هجي. انهن ٻنهي نوجوانن جو پاڻ ۾ پرڻو ٿئي ته ان کي نيري وهاڻُ چئبو.
١ - ڄيٺ مهيني اندر پيل برسات پڻ مندائتي ۽ فصل لاءِ ڪارائتي ٿئي ٿي. ان سان بهار جي آمد پڻ ٿئي ٿي.
٢ - موميي پٽ، ماڻهوءَ کي جوانيءَ اندر ڄمي ٿو. جيستائين ماڻهو، پاڻ ڪراڙو ٿئي تيستائين پٽ جوان ٿي وڃي ٿو ۽ پيريءَ ۾ سهارو ٿئي ٿو. اگر ان جي جاءِ تي ڌيءَ ڄائي ته به ماءُ کي مددگار ٿيندي. جڏهن ته پيءُ لاءِ پهرين ڌيءُ، پُٽ برابر هوندي آهي. اها سندس پيڙهي، پنجڻ جو سبب

ٽيندي. دل کي آٿت پيو ايندو. پر جهڙو آٿت پهرئين پٽ جي ڄمڻ تي ٿئي ٿو، تهڙو پهرين ڌيءَ جي ڄمڻ تي نه ٿو ٿئي.
٣ - نيري وهاڻ ۾/ اڪيلي ڌيءَ سان وهاڻ ۾، گهوٽ سالن ۽ سالين جي جهنجهٽ کان ۽ ڪنوار ڏيرن ۽ نٽانن جي آزار کان آجا هوندا آهن. اهي ڳالهيون ڪن ڀاڳن وارن کي نصيب ٿينديون آهن. هونئن به ڪنوار کي اها ئي ڳالهه ته وڻندي آهي، جيڪا سهيليون ۽ ڀينر مائر چونديون اٿس:
”سس نه نٽان، موجان ويني ماڻ!“
مطلب: ١ - ڄيٺ مهيني جو مينهن، پهريٺو پٽ، سڪيلڌي وهاڻ، ڪن سياڳن سامهون. (هندي)
٢ - ڄيني مينهن ۽ پٽيني‌ءَ جا پٽ، ڪن ڀاڳ وارن کي ملن. (لاڙ)
٣ - پهريٺو پٽ ۽ ڄينو مينهن، ڪن ڀاڳ وارن کي ملن.
٤ - پهريون ٻار پٽ ۽ ڄيٺ مهيني جو مينهن، ڪارائتا آهن.
٥ - پٽ ته پٽيني، مينهن ته ڄيني.
٦ - پيٺيو: مينهن ۽ پٽ، قسمتي.

٢٦٤. ڄيٺ-ويساک جي تتي ڏينهن،
ساوڻ-بدي جي وسندي مينهن،
پوه-مانگهه جي آڌيءَ رات،
شال نه پوي هنگڻ تات. (چوٽي)

جڏهن ڪاڪوس، گهرن ۾ نهيل نه هوندا هيا، تڏهن جهنگ جي خيال سان، گهرن کان ٻاهر وڃڻو پوندو هيو. اهو اهڙو ويلو آهي، جو ڪير ٽاري به نه سگهي ۽ نه ئي پنهنجي وڃڻ بدران ٻئي جي معرفت جان آجي ڪري سگهي. اهي ٽئي ويلا/ وقت، وڃڻ واري کي اهنجا لڳندا آهن. هڪ آرهڙ يا ڄيٺ جو مهينو، جنهن ۾ سخت گرمي ۽ ڪاڙهو هوندو آهي. ان ۾ به خاص طور تي منجهند وارو وقت ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ٻيو ساوڻ- بدي يا جولاءِ آگسٽ مهيني اندر، جڏهن گهٽي برسات جهور ٻڌي بيهندي آهي ۽ بس ٽيڻ جو نالو ئي نه وٺندي آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي هلندي آهي. ان وقت به ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪلئي آسمان هيٺ، وسندي مينهن ۾ ڦسندي، ڪاڪوس ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. ٽيون سياري جي راتين ۾- پوه ۽ مانگهه (ڊسمبر ۽ جنوريءَ) جي مهينن دوران- سيءُ تمام گهڻو پوندو آهي. ان وقت به ڀلي ڪمبل ۽ ڪتا ويڙهي گهران نڪرجي پر

جهنگ جي خيال سان ويهڻ لاءِ، ڪلئي آسمان هيٺ اهي هٺائي، پوءِ ڪاڪوس ڪرڻ تمام اهنجو لڳندو آهي.
مطلب: ١ - گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٽي ويلا اهنجا آهن: گرمين ۾ منجهند ٽاڪ جو، چؤماسي اندر مينهن وسندي ۽ پاري/ تهه سياري ۾ اڌ رات جو.
٢ - آرهڙ جي تتي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شل نہ پوي هنگڻ تات.
٣ - جيٺ ڪو ڏپهريا، ڀادو ڪو انهريا،
پوس ڪي پن لهرا، آياگا ڪام ڪريلو. (ڀوجپوري)
۴ - جيٺ مهيني ۾ منجهند وقت، بدي ماهہ جي اونداهي رات ۾،
پوهہ مهيني ۾ صبح سوير جو، ايابو ماڻهو ئي ڪم ڪندو. (١) ص ٢٦٧.

## جهہ

## ٢٦٥.  جهرندي، ڏڌهن ئي تہ جُڙندي. (پهاڪو)

انساني هڏ، عمر جي آخر حصي ۾ ٽٽي تہ اصل نہ جڙي. جڏهن تہ ڪچو هڏ، ٻڳي کان پوءِ وري جڙڻ سولو آهي. باقي جهريل، ٽڙيل، نڪتل هڏ، ڪي شاهہ ڪاريگر جوڙي ضرور وجن. رب پاڪ سندن هٿ ۾ ان قسم جي شفا ضرور رکي آهي.
هڏ بہ اهو جڙندو، جيڪو اڳي جهريل هوندو. اگر جهريل نہ هوندو ۽ ڪنهن اڻ-آزمودگار ڪي، سور جي سببئون، ڏيڪاربو تہ اهو آڏا ابتا زور ڏئي ويتر ڪاري وجهندو.
مطلب: ١ - نهندي اهاءِ جا ڏٿل هوندي.
٢ - نهيل تي زور آزمائي ڪبي تہ ڍهي پوندي. (٣١)

## ٢٦٦.  جهنگ ڪي سدائين ننگ. (چوڻي)

ننگ: عزت، پردو.
ٻهراڙين ۽ جهنگن ۾، پردو ڪو نہ هوندو آهي. جڏهن تہ ٻهراڙيءَ وارن جو گذر سفر، جهنگ تي آهي. جيڪڏهن مرد ماڻهو رڳو جهنگ ۾ وڃن تہ گهر ايترو ڪين هلي سگهن. تنهنڪري غريب زالون بہ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي، ٻنين وغيره تي ڪم ڪن. جنهنڪري ڪين پردو ڪرڻو ڪين پوي.

بنا پردي جهنگ ۾، عزت آبرو ته اصلئون مالڪ ٿو رکي. جيئن ته غريبن جو گذران جهنگ تي آهي، تنهنڪري ناموس، پردي ۽ عزت جو مدار به جهنگ جي ماحول تي آهي. جهنگ ۾ رهندڙ، رهزن هوندا ته عزت ڏوڙ ۾ هوندي ۽ جيڪڏهن جهنگ ۾ رهندڙ، رحمدل هوندا ته راهبر ٿي ئي رهندا.

مطلب: ١ - غريب جي عزت بچي يا وڃي، جهنگ جي ماحول تي مدار رکي ٿي.

٢ - مينهوڳيءَ ۾، ٿاريلن کي ٽڙن/ تراين تي مال ڪاهي اڃڻ جي ضرورت نه هوندي آهي. برسات سبب، سڄي جهنگ ۾ ڪين پاڻي ملي ويندو آهي. جنهن ۾ سندن ننگ رهجي ايندو آهي.

٣ - جهنگ به حفاظت/ سر بچائڻ واري جاءِ آهي.

٤ - جهنگ جو تتو گهر اڃي، گهر جو تتو ڪيڏانهن وڃي؟ (٣) ص ١٦٦ ۽ (٩) ص ١٠٥.

٢٦٧. جهونو منڊ، بڊي پنگ، گانجي پوئين سوٽ،
گهوڙو سر ميدان ۾، پري گاڏونيءَ سوٽ،
پرڻي رات پهرينءَ، پير پينگهه جوٽ،
عشق اول ڪان لڳو، اهي انئي الهوٽ. (چوٽي)

گاڏوني: نشئي. جهونو: پراڻو. منڊ: جادوگر. گانجو: چرس. جهوٽ: ٻڏل. الهوٽ: خمار ۾.

١ - پراڻي جادوگر کي پنهنجي فن ڪاريءَ تي ناز ٿيندو آهي.

٢ - بڊي مهيني ۾ پوکيل پنگ، پلي ۽ گهٽي نشي واري ٿيندي آهي.

٣ - چرس، سلفيءَ ۾ سُوٽ ڏيئي سَرِ ڪري پيئبو آهي. سگريٽ ۽ سلفيءَ جو آخري ڪَشُ، نشا ڏياري چڙهيندو آهي.

٤ - گهوڙي کي ڊوڙائڻ لاءِ ميدان ملي ته پنهنجي سُڌ به نه پوندي اٿس.

٥ - نشئيءَ کي سُلفي سَرِ ڪرڻ وقت، وڏي سوٽ به خمار چاڙهي ڇڏيندي آهي.

٦ - شاديءَ جي پهرين رات، ڪنوار توڙي گهوٽ لاءِ، زندگيءَ جي حسين رات هوندي آهي. جوانيءَ تائين پهچندي جيڪا حسرت جيءَ ۾ پالي وينا هيا، تنهن حسرت جي عملي طور پوري ٿيڻ جي رات آهي. جوانيءَ جي

مستان ۾، سا بہ جلد گذرندي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان جا اثرات، آخر حياتيءَ تائين، ذهن تي باقي هوندا آهن.
۷ - پپر جي چانءِدار ٽاريءَ ۾ ٻڌل پينگهہ جا لوڏا، بہ خمار چاڙهي ڇڏيندا آهن.
۸ - پهريون عشق، تاحيات تائين ياد رهندو آهي. هونئن بہ شراب جو نشو رات تائين، عشق جو نشو تاحيات تائين.
مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل اٺ ڪيفيتون/ حالتون، نشو ڏيارينڌڙ آهن.
۲ - ٻاڍي پينگ، نانگڻ منڍ، ڳانجي پهرين سوٽ، گهوڙو پور ميدان ۾، ٻَرَي-ڳاڏُئين سُوٽ. (تپ سان ڳڏ پاسي جو سور)، پهرين رات جو پرٽو، پپر پينگهن جُهوٽ، اوائل جو عشق، اهي انئي الهوٽ.
۳ - ٻاڍي پينگ، جهونا منڍ، تازي طويلين ڇتا، ڳانجي پهرين سوٽ، اول سان عشق لڳو، سينهين پهرين سوٽ، پهرين رات پرٽي جي، پره هندوري جهوٽ، اهي انئي الهوٽ.
۴ - ٻاڍي پينگ، نانگڻ منڍ، ڳانجي پهرين ڦوڪ، گهوڙو سر ميدان منجهہ، اٺ هٿيارن پوٽ، پهرين رات جو پوتو، پره هندوري جهوٽ، اوائل جو عشق، سي آهن اٺ ئي الهوٽ. (ٽر)
۵ - پرٽو پهرين رات جو، ڳانجي پوئين سوٽ، حاڪم حڪم جو ڏٽي، جهجها پٽ سپوٽ، عشق اول ڪان لڳي، اهي پنج ئي الوٽ. (۱۲) ص ۱۵۲.

# چ

## ۲٦۸. چار چور، چوراسي واٽيا، هڪڙي هڪڙي، ايڪويهہ تاٽيا. (پهاڪو)

آڳاٽي دور ۾ هڪ دفعي، چوراسي ڪن واٽيا، پاڻ ۾ ڳڏجي واپار جو وکر وٺڻ ويا. واپسيءَ تي، سامان ڳڏهن ۽ خچرن تي ڪٽايو پئي آيا جو وات تي ڪن لَڪَن ۾ لڪل چورن اچي ڪين ورايو. چور هيا تہ چار ڄڻا پر وٺن هٿيار پنهوار هيا ۽ اوچتو خوفناڪ نموني سان حملو ڪيو هيائون. جنهنڪري واٽين ڪي باقاعده ڦُري، پوءِ گهٽ مان ڇڏيائون. اڳتي هلي، ڦريل واٽين جڏهن، چورن جي تعداد ۽ پنهنجي تعداد تي نظر ڦيرائي تہ حيرانگي ٿين تہ هڪ چور، ايڪويهن واٽين ڪي ولو چاڙهيو هيو.

مطلب: ١ - دڪاندار، دڪان جي وکر سبب ايترو ڪمزور هوندو آهي جو هڪڙو چور بہ ويهن واٽين ڪان واڏو هوندو آهي.
٢ - پيٽيو: باٽيا، بيس تو ئي هيڪلا.

٢٦٩. چار مليا تہ چؤسٽ ڪليا، ويس ڪريو جوڙ،
سڄڻ سڄڻ سين مليا، مليا لاک ڪروڙ. (چوڻي)

عام ماڻهن منجهان، اگر چار ڄڻا، پاڻ ۾ چوياري ڪري اٿن تہ اها ڪچهري يا ان جوڙ/ ڪٺ ۾ تيل ڳالهيون، ٻين چوهٺ ماڻهن تائين پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون. ان جي بر عڪس اگر ٻہ سڄڻ پاڻ ۾ ويهي ڪچهري ڪن يا ناز انداز سان حال احوال اورين تہ، سندن ويهڻ جو غوغاءُ، لکين ڪروڙين ماڻهن جي زبانن ۽ دلين تائين پهچي وڃي. ان دؤر جي ماڻهن جي زبانن تي تہ چڙهي پر ايندڙ وقتن جي ماڻهن جي زبانن تي پڻ جاري ٿي وڃي. (٣٥) ص ٢٣٥
مطلب: ١. سڄڻ سڄڻ سان ملي تہ زمين جي ستين پتر ۾ ڳالهہ هُلي وڃي.

٢٧٠. چار ئي واهون چڪن، تڏهن سوڍا سيڻ ڪجن. (پهاڪو)
واهون: رستا. چُڪن: پورا ٿين، ڪٽن. سيڻ: مٽ عزيز، رشتيدار.
سوڍا، ٿر جي بهادر ۽ اٽانگي ذات آهي. ڏاڍ-مڙسيءَ جا منجهن وڏا اڪر هوندا آهن. ساڻن سڳ سياپو، پنهنجي حالت کي ڏسي پوءِ ڪجي. هونئن بہ ڪمزور ماڻهو، ڏاڍي سان مٽي مائٽي ڪرڻ ڪان پاسو ڪري تہ بهتر آهي.
جڏهن مٽي مائٽيءَ لاءِ، سمورا رستا ۽ راهون بند نظر اچن. پنهنجن ويجهن توڙي پري جي مٽن ۾ ڪٿي آسرو نظر نہ اچي. اوري پري ڪنهن پاڻ جهڙي قوم ۾ بہ ڳنڍو نہ ڪلي تہ لاچار پوءِ سوڍن کي سيڻ ڪجي. ٻي صورت ۾ ڏاڍن ڪان پاسو ڪجي تہ بهتر.
مطلب: ١ - وس ويندي، ڏاڍي ماڻهوءَ جي آڏو، پاسو ڏئي بہ نہ لنگهجي.
٢ - جڏهن ٻي ڪا واه نظر نہ اچي تہ لاچار، ڏاڍي سان سڱ ڪجي.

٢٧١. چانديءَ جو رپيو ٿر ۾ ويو تہ مُنو، ٿيو زمين حوالي.
(چوڻي)

پراڻي زماني ۾ ٽر جا ماڻهو، بئنڪن جي سهوليت نہ هئڻ سبب، پنهنجو ناڻو گهڻو ڪري زمين ۾ پوري رکندا هيا. انهيءَ جاءِ جو ڏس بہ ڪنهن کي نہ ڏيندا هيا. وڏي ضرورت کان پوءِ مشڪل سان ڪيندا هيا. سالن پڄاڻان جڏهن ڪڍڻو هوندو هين، تڏهن ڪانئن بہ هنڌ وسري ويندو هيو. يا تہ ڪڍڻ کان اڳ، جاءِ جو ڄاڻو، جنهن هٿن سان ڏن پوريو هوندو، مري ويندو هيو. اگر جيئرو هوندو هيو تہ وري پوريل هنڌ ڪانئس وسري ويل هوندو هيو. ان صورت ۾ تہ ڏن ٿيو ئي زمين جي حوالي. هاڻي وري جڏهن ڪنهن کي نصيب سان هٿ اچي.

مطلب: ١ - اڻ پڙهيل ۽ بي پهچ ماڻهو، موقعي مان وقت سارو فائدو وٺي ڪين سگهندا آهن.

٢ - چاندي جو رپيو ٽر ويو، تہ ٿيندو زمين جي حوالي. (٣۵) ص ٢٦٢

٣ - ”ڪڏا!“ چي: ”جيءُ سڏا!“

۴ - پيٽيو: مٿو پاڳو ساجو ٽئي، روپيو پاڳو ساجو نہ ٽئي. (١) ص ٢٧٩.

٢٧٢. چتر تو چار ئي پلا، مورک پلا نهين ساٺ،
چندن ڪا ڪُتڪا پلا، گاڏين پريا ڪاٺ. (ڍٽ، پهاڪو)

چتر: سگهڙ، عالم، عاقل، پڙهيل، پارکو، سمجهدار، سڄاڻ، عقابر، ڀاون وير. مورک: بيوقوف، جاهل، ڄٽ، بي عقل، بي علم. چندن: خوشبودار وڻ/ ڪاٺي. ڪُتڪا: ڳُتڪو، ٽُڪر.

١ - عقل وارا ماڻهو ڪنهن بہ ڪم واسطي، فقط چار ڄڻا هجن تہ بہ ڪافي آهن. جڏهن تہ بيوقوف، پلي سٺ هجن تہ بہ نهيل ڪم بگاڙيو وجهن. ڪم جي ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي گهڻائي نہ بلڪ هنر ۽ ظرافت (Skillness) جي جهجهائي ضروري آهي.

٢ - خوشبوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ، چندن جي ڪاٺ جو ٽڪر بہ ڪافي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻين ڪاٺين جو ڀريل گاڏو بہ بيڪار آهي. انهن مان ڪا بہ خوشبوءِ نہ ايندي.

مطلب: ١ - ڪم لاءِ ٿورو عقل ۽ خوشبوءِ لاءِ ٿورو چندن ڪافي آهي.

٢ - پيٽيو: چتر ڪا چٽڪا پلا، مورک ڪا جمارا،
چندن ڪا ڪٽڪا پلا، اور ڪاٺ ڪا پارا. (٢) ص ٦٢.

٢٧٣. چتر تو چوريا پلا، اڻ چوريا اڄاڻ،

## ڪوئا ٻوها پلا، پريا پلا نياڻ. (ڏٽ، چوڻي)

اجاڻ: اڻ ڄاڻ، جاهل. ڪوئا: ڪوهه. نياڻ: ٽرائي. ٻوها: مٺو پاڻي.
١ - سگهڙ يا عاقل ڪان، عقل جون ڳالهيون نصيب ٿينديون. ڪيس جيترو چوربو، اوترو سياٽپ جا نقطا ڪائنس جام ملندا.
٢ - اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ مان ڪا به ڏاهپ يا دانائيءَ جي ڳالهه نصيب نه ٿيندي. ڪيس چوربو ته سواءِ گارين جي ڪجهه پلئه نه پوندو. بهتر آهي ته ڪيس چورجي ئي نه.
٣ - ڪوهه اهو پلو آهي جنهن جو جر مٺو هجي. ڇو جو مٺي پاڻيءَ جي چشمي تي ماڻهو ۽ مرون، ڪوليون ۽ ماڪوڙا پيا ڊرڪندا آهن. ٻاڙي/ ڪاري جر واري ڪوهه تي اچڻ ڪير به پسند نه ٿو ڪري.
٤ - ٽرائي يا ڍنڍ ۾ پاڻي جام هوندو ته منجهانئس فائدو وٺي سگهبو. جڏهن پاڻي ڪٽي ته بيٺل پاڻي ڏپ ڪري ويندو. منجهانئس اٿندڙ اونهي ٻڌاس سبب ڪير به پرسان لنگهڻ پسند نه ڪندو.
مطلب: ١ - سگهڙ سان ڳالهائجي، بيعقل سان نه. ڪوهه، مٺي پاڻيءَ واري هنڌ کوٽجي ۽ ٽرائي به اتي ناهجي جتي برساتي پاڻي جام اچي ڪٺو ٿئي. (٢) ص ٦٠.

## ٢٧٤. چتر سين چتر مليو، هوگئي رس ڪي لُوٽا لُوٽ، مورک سين مورک مليو، هوگئي پوري ماٿا ڪوٽ. (چوڻي)

لوٽا لوٽ: مٽان پاڻ لٽائڻ، پاڻ نڇاور ڪرڻ. ماٿا ڪوٽ: مٿو ڪٽڻ، پڇيون ۽ ڏهڙون ڏيڻ، مٿو ڪائڻ. ڊينڪ: مُڪون. ڏوئي: ٻيو. لات: لتون.
١ - عقل وارا جڏهن پاڻ ۾ ويهندا ته هڪٻئي کي ڏاهپ جا ڏس ڏيندا. رس رهاڻ ڪندا ۽ هڪٻئي جي تعظيم ڪندا. هڪٻئي جو قدر ڪرڻ سبب، پنهنجو مان مرتبو به پيا وڌائيندا ۽ خوش پيا گذاريندا.
٢ - بيوقوفن کي، نه پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي خبر، نه ئي وري معاملي فهميءَ جو ڍنگ. ملڻ وقت سلام بدران پوندن سان هڪ ٻئي جو آڌر ڀاءُ ڪندا. ڪيڪر به گارين سان ڪندا ته موٽ به گارين سان ڏيندا. هُڏيون ڏئي پيا ڳالهائيندا ۽ تڏرون/ اڇلون ڏئي پيا ڪچهري ڪندا. پڇيون ڏئي پيا هڪٻئي کي معاملا سمجهائيندا ۽ ميرائيندا.

مطلب: ١ - سڄاڻ جي ڪچهريءَ ۾ رس، اڄاڻ جي ڪچهريءَ ۾ ڪس.
٢ - چتر سين چتر مليو، ڪهي گيو من ڪي بات،
مورک سين مورک مليو، ايک ڏينڪ، ڏوئي لات. (٢) ص ٦٢.

## ٢٧٥. چتر ڪا چُٽڪا ڀلا، مورک ڪا جمارا، چندن ڪا ڪٽڪا ڀلا، اور ڪاٺ ڪا ڀارا. (پهاڪو)

چتر: سگهڙ. چُٽڪا: رتيءَ رهاڻ، گهڙي گذارڻ. مورک: بيوقوف. جمارا: ڄمار. چندن: خوشبودار وڻ. ڪٽڪا: ڳِتي، ٽڪر. ڪاٺ: سادو ڪاٺ. ڀارا: ڀريل گاڏو.
١ - جاهل سان پوري زندگي گذارجي پر منجهانئس ذري جو به نفعو نه ملندو. جڏهن ته عاقل سان ٿوري ذري گذارڻ به ڀلي آهي. ڪانئس مليل ذري نصيحت به زندگيءَ لاءِ ڪارائتي رهي ٿي.
٢ - ڪاٺين جي ڀريل اٺ مان، ٽڪي جي به خوشبوءِ/ واس نه وٺي سگهبو. ان جي برعڪس، چندن جي ڳِتيءَ مان به چڱي خاصي خوشبوءِ، چڱي خاصي وقت لاءِ، وٺي سگهجي ٿي.
مطلب: ١ - عقل وارن سان گهاريل گهڙي، بيوقوف سان گهاريل عمر ڪان ڀلي.
٢ - يک ساعت صحبتي با اوليا، به از صد ساله عبادت بي ريا. (فارسي)
٣ - ڪامل وليءَ سان گهاريل هڪ گهڙي،
سؤ ساله بي ريا بندگيءَ کان ڀلي آهي. (ترجمو)
٤ - ڀيٽيو: چتر تو چار ئي ڀلا، مورک ڀلا نهين ساٿ،
چندن ڪا ڪُٽڪا ڀلا، گاڏين ڀريا ڪاٺ. (٢) ص ٦٢.

## ٢٧٦. چتر منک را روسٽا ئي ڀلا، ڪوهي مورک ري ٻيل، نيٽين ڏنا گيهه ڀلا، ڪيا مک ڪائي ئي تيل. (پهاڪو)

چتر: سگهڙ. منک: ماڻهو. روسٽا: رسڻ، رنل هئڻ. ڪوهي: ٻچڙي، ڪوهه ڪڏ ۾ پوي. مورک: بيوقوف. ٻيل: سنگت. نيٽي ڏنا: اکين سان ڏسڻ. مَک: مَکڻ، مٿهڻ. ڪِيا: جو.
١ - عقلمند ماڻهوءَ مان فائدو ئي فائدو پهچندو آهي. وٽانئس نصيحت آميز ۽ دانائي جا مليل نقطا، زندگي پر ڪارگر رهن ٿا. جيڪڏهن عقلمند ڪنهن سبب تي ڪاوڙيو ته سندس ڪاوڙ ۾ به ڪا حڪمت سمايل

هوندي. ان مان به فائدو ئي ملندو. ان جي برعڪس بيوقوف دوست سان زندگي ته ڇا بلڪ هڪ اڌ گهڙي گهارڻ به عذاب آهي. پنهنجي بيوقوفين سبب وڏا اهنج ڪڙا ڪندو. سندس مهربانيءَ ۾ به عذاب ڇپيل هوندو آهي. تنهنڪري ڪائنس پچي جان ڇڏائجي.
٢ - تيل، گيهه جي پيٽ ۾ گهٽ ڪارائتو آهي. گيهه جي خوشبوءِ پري ڪان اچي سا به تيل مکڻ ڪان ڇگي آهي. تيل ۾ اهو سٺي ۽ سواد ناهي، جيڪو سچي گيهه ۾ آهي.
مطلب: ١ - جاهل ڪان عاقل ڀلو ۽ نقل ڪان اصل ڀلو آهي.
٢ - نادان دوستن ڪان، داناءُ دشمن ڀلو.
٣ - ياڙيءَ جي ياڪر ڪان، مڙس ماڻهوءَ جو ڀوندبو به ڀلو. (سرو) (٢) ص ٦٢.

## ٢٧٧. چڙهئي رو سيا ڪو ئي، ڪِرئي رو ڪير ڪونهي. (پهاڪو)

چڙهئي رو: چڙهئي جو، عهدي ماڻڻ واري جو. سيا ڪوئي: سيڪو.
جيڪو ماڻهو ڪنهن عهدي تي وينو آهي ۽ وٽس ورهائڻ لاءِ چڱو خاصو مال ملڪيت آهي ته ساڻس رابطو رکڻ ۽ منجهانئس فائدو وٺڻ لاءِ هر ڪو جتن ڪندو آهي. رستا واسطا جوڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سورس-سفارش هٿ ڪرڻ لاءِ، هٿ پير هڻندو آهي. تعلق جوڙڻ لاءِ، تحفا تحائف ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلڻ ۽ پڄائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اڳلي وٽ، ملڻ وارن ماڻهن جي پيهه هوندي آهي ته اها ڇيري، وٽس ويجهو ٿيڻ ۽ ڪيس پاڻُ ڏيکارڻ لاءِ جدوجُهد ڪندو آهي. مائٽ نه هوندي به ڪيس ڇاچو-مامو ڪوئيندو آهي. پاڻ کي ان جو مٽ عزيز سڏرائيندو آهي. ڪيس ته ڪائيندو آهي، پر سندس نالي تي به ڪائيندو آهي.
ان جي برعڪس جيڪو غريب ۽ نادار آهي، جنهن وٽ نه عهدو آهي نه مال، تنهن سان ڪير به تعلق نئين سر نه جوڙيندو آهي. گهرڻ جي پَوَ تتان ڪائنس پڄندو وتندو آهي. پلي سوٽ ماسات هجي پر سندس مائٽ نه هجڻ لاءِ دليل پيو گهڙيندو آهي. پاڻ ته سندس عزت ۽ مالي مدد نه ڪندو آهي پر ٻين کي به ائين ڪرڻ کان پيو منع ڪندو آهي. ڪيس لالچي، ڪريل ۽ گيدي سڏي، خوار ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪندو آهي.
مطلب: ١ - هر ڪو چڙهندي سج جو پوڄاري آهي.
٢ - چڙهئي سج جا، سَوَ سلامي.

۳ - چڙهئي جا سَوَ سلامي، ڪرئي ڪي ڪو ڪنگهي ئي نہ.
۴ - شاهوڪار جا سالا بہ گهڻا، غريب جو پيٽيويو بہ ڪو ڪو نہ. (۵)

## ۲۷۸. چڪر، ڪم دلن جو. (چوڻي)

چڪر: چڪربازي، هٿ چراند. دلن: دلا يا دلو ۽ دَلَ جو جمع آهي.
دل: سنڌ جي ذات آهي. ان ذات جو جمع ۽ دلي يا دلو جو جمع پڻ ساڳئي اچار ۾ اچي ٿو. جيئن چنڊ ذات جو جمع ۽ چنڊي يا چنڊو جو جمع پڻ ساڳيءَ طرح لکجي ٿو. جيڪي جملي ۾ ڪتب آڻڻ وقت ڏو معنيٰ ٿين ٿا.
جيئن هڪ مثال مشهور آ:
هڪڙو همراه صبح جو چنڊ ذات وارن جي ڳوٺ ويو. اتان منجهند ڌاري دل ذات وارن جي ڳوٺ پهتو. ٻنهي جڳهن تان سندس ڪم نہ ٿيو. ملول ٿي نيٺ شام ڌاري پنهنجي ڳوٺ پهتو. ڳوٺ وارن سفر جو حال احوال پڇيس تہ کين چوڪارو ڀري ٻڌايائين: ”کهڙي ٿا ڳالھ پڇو. صبح جو چنڊن جي ڳوٺ پهتس، اتي ڪم نہ ٿيو تہ دلن جي ڳوٺ پهتس، اتي بہ ٿي ساڳي ڪار. موٽي گهر پهتو آهيان.“
اهڙا ڪوڙ ڏو معنيٰ جملا، پڻ ٻين قومن ۽ ذاتين تي چٿر ۽ چيڙ طور جڙيل آهن. تن مان ڪي تہ ڪڏهن ڪڏهن قوم جي ڪنهن هڪ اڌ ماڻهوءَ جي حرڪت سبب، ساپيان لڳن. جنهنڪري، سڄي قوم پڻ پئي لوئجي.
مطلب: ۱ - ٺولهو ڪٽي هڪڙو، ٺڪر پڇي سيني تي.
۲ - دل، ذات وارن لاءِ، چٿر يا چيڙ.
۳ - پڌا ڪم، بدمعاش ۽ بدچلن ماڻهو ئي ڪندا آهن.

## ۲۷۹. چمار ڪي آنگن چندن اُگا، نِت نِت تنگيا چام،
## چندن بِچارا ڪيا ڪرتا، پڙيا نيچ سي ڪام. (ڀاڪو)

چمار: موچي. آنگن: اڱڻ. اُگو: ڦٽو، اپريو. چندن: صندل. چام: چمڙو.
مينگهواڙ/ موچيءَ جي گهر جي اڱڻ تي، صندل/ چندن جو وڻ ڦٽو. مينگهواڙ پنهنجي ضرورتن آهر منجهانئس ڪارج حاصل ڪرڻ خاطر، متس ڪِنا ۽ ڏپيارا چمڙا پيو ٽنگي. چمڙا بہ حرام جانورن جا يا مئل ڍورن جا. انهيءَ صورت ۾ چندن ويچاري جو ڀيو قصور ناهي، فقط ڇهڙي سان صحبت وارو ڏوھ اٿس. ڪنهن چڱي جي گهر پيدا ٿيڻ بدران، ڇهڙي جي گهر ڄائو آهي. اها لوڙ پيو لوڙي.

مطلب: ١ - تخم جو تاثير تہ ٿئي ٿو پر ان ۾، اتي چاول جو ڪهڙو قصور؟ پنهنجي قسمت تي صبر ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو چارو ئي ناهي.
٢ - چورن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪيائين،
پوندو تہ ڪاٺ، نہ تہ ڪوناٺبو تہ سهين. (٢) ص ٢٦٦.

## ٢٨٠. چندن اُپني، سک اُپنو، ڪِلي سپ وٽراهہ،
## هيءُ وڻ سپاڳو اُپنو، جنهن واسي سپ وٽراهہ. (پهاڪو)

چندن: خوشبودار وڻ. اُپنو: ايريو، پيدا ٿيو. واسي: واسڻ، خوشبوءِ پکيڙڻ.
چندن: صندل، خوشبودار وڻ آهي. منجهانئس ٺيندڙ ڪاٺ مان اڪثر خوشبوءِ نڪرندي آهي. خوشبودار شربت ناهڻ ۾ بہ، روح (essence) طور ڪتب ايندو آهي. اهو وڻ جڏهن ڪنهن گهٽيءَ يا وٽراهہ ۾ پيدا ٿيندو آهي تہ اها گهٽي ئي خوشبوءِ سان واسجي ويندي آهي. رهواسين ڪي تہ خوشبوءِ پئي ملندي آهي پر لنگهندڙن کي بہ پئي واسيندي آهي. انهيءَ سبب ڪري، اها وٽراهہ بہ پئي ناز ۾ ٻهڪندي ۽ ڪلي خوش ٿيندي آهي.
مطلب: ١ - چڱن جي صحبت، رڱي ڇڏيندي آهي.
٢ - چڱن سان چاهہ پئي جي من ميڙ ڪيائين،
رڱجي تہ لال ٿيندو نہ تہ ڪڪوربو تہ سهين.
٣ - ٽڌو گهڙو، پنهنجي تعريف پاڻ ڪرائي.
٤ - پيٽيو: ونجهہ اُپني، دک اپنو، رُني سپ وٽراهہ،
هيءُ وڻ اياڳو اُپنو، جو جيرو سين لاهِ. (٢) ص ٦١.

## ٢٨١. چندن پاسي رکڙا، سو پي چندن هوئي. (هندي)

چندن: صندل، خوشبودار ڪاٺ جو قسم.
چندن/ صندل جي ڪاٺ ۾، قدرتي طرح اها صلاحيت آهي تہ منجهانئس ساري عمر لاءِ وڻندڙ خوشبوءِ پئي ايندي آهي. جڏهن بہ تورو گهِبو اٿس تہ نئينءَ طرح، نئين نڪار سان، خوشبوءِ نڪرندي اٿس. جيڪا آس پاس جي ماحول کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي.
چندن مان نڪرندڙ خوشبوءِ وارو هڳاءُ، وڻندڙ ۽ مؤثر پڻ هوندو آهي. پر ۾ رکيل شين تي پڻ اثر ڪندو آهي. چندن/ صندل جي پرسان رکيل شيءِ مان بہ، واسجڻ سبب، ساڳي خوشبوءِ پي ايندي آهي.
مطلب: ١ - چڱن جي صحبت جو اثر پڻ چڱو پوندو آهي.

٢ - چڱن سان چاھ پئي جي من ميڙ ڪيئي،
رڱجي تہ لال ٿيندو نہ تہ ڪڪوربو تہ سهي. (۴)

٢٨٢. چور ري من ۾ چڙي. (پهاڪو)

ري: جي. من: دل، دماغ. چڙي: جهرڪي، ڪتڪو.
چور کي ڪيل چوريءَ جو، من ۾ هميشہ ڪتڪو ضرور رهندو آهي. هر وقت چوري پئي ڳُڪندس. مثال ڏيندا آهن تہ هڪڙي وڏيري، چوري ٿيڻ پڄاڻان، ٽَرَ جي سمورن ڪاڙڪن/ چورن کي سڏائي چيو: بس! چور پڌرو آهي! چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک، هتان پيو نظر اچي. جنهن تي اصل چور/ ڏوهاريءَ، ڪنڌ لاڙي، يڪدم پنهنجي ڏاڙهيءَ کي چنڊڪو ڏنو تہ جيئن پاڻ بہ بي ڏوهين جهڙو نظر اچي. اها بہ ڳالھ آهي تہ انهيءَ حرڪت سان ئي، پاڻ کي ظاهر ڪري وڌائين.
مطلب: ١ - چوري/ ڏوھ، چئبو ئي ان فعل کي آهي، جيڪو دل ۾ ڪتڪي.
٢ - جا شيءِ دل ۾ ڪتڪي سا چوري آھ. جيڪا نہ ڪتڪي سا چوري ناھ.
٣ - چور ڪيڏي بہ مهارت سان چوري ڪري، نشانات ضرور ڇڏي ويندو آهي. (۵)

٢٨٣. چور نا ڪهين چوري ڪر، ڏٽي نا ڪهين هوشيار. (پهاڪو)

چور ۽ ياڳيو، هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پون ٿا. چور، مال چوري ڪري ٿو ۽ ياڳئي جو مال چوري ٿئي ٿو. چور، تڪليف ڪري، مال چورائي ٿو. رات جي بيگاھ وقت ۾، ننڊ آرام ڦٽائي، گهوٻاٽا ۽ لوڙهيون، ٽارچون ۽ بندوقون ساڻ ڪري، هيڪل-وسلو يا ٻيجل چوريءَ تي نڪري ٿو. ان ڪان اڳي، چوريءَ واري مال جي ٽاڙ- توڙ، پهچڻ جا گهٽ گهيڙ، جاچي ٿو. تهان پوءِ سر ترِيءَ تي رکي، ياڳئي جي گهر کي کاٽ هڻي ٿو. چوري ڪندي پڪڙيو تہ ياڳيا ڪيس ماري سگهن ٿا. اهڙي قسم جو ڀؤ بہ سندس اندر ۾ موجزن رهي ٿو.
ان جي برعڪس، ياڳيو مالوند آهي. مال کي سنڀالڻ لاءِ، چوڪيدار ۽ عالم- پناهون وٽس آهن. چور سان مقابلو ڪرڻ لاءِ هٿيار ۽ هلائڻ لاءِ هوشيار مڙس ساڻ اٿس. چوري ٿيڻ جي صورت ۾، چورن جو پيرو کڻڻ لاءِ واهرو ۽ پيري، هٿيار ۽ ڪتا هڪيا حاضر اٿس.

بنهي ڄڻن جو پاڻ ۾ ڪئي-ٻليءَ وارو وير آهي. اهڙي صورت ۾، هڪڙو ماڻهو چور سان به ياري رکي چاپلوسي ڪري، ڪيس چوريءَ جا ڏس-پتا ڏئي ۽ وري ڌڪي پاڳين کي به هوشيار ڪري. اهو ٻه-وڙهائو، ظاهري دشمن کان به وڌيڪ خراب آهي. سندس تعلقات، چور سان به آهن ته ساڌ سان به. اشراف سان به آهن ته ڪميڻي سان به. نه سندس دوستيءَ تي اعتبار آهي، نه دشمنيءَ جي پڪ آهي.

مطلب: ١ - ٻه-رخو ماڻهو، منافق ۽ ٻيائي-خور آهي. اهو جاني دشمن کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي.

٢ - چور کي چوي: چوري ڪر! ڌڻيءَ کي چوي: مال سوگهو ڪر.

٣ - چور کي چوي: ”مال چورائينس“، پاڳئي کي چوي: ”گهر تي پهرو ويهار!“

## ٢٨٤. چور نِهِ ڏکو ٻهو، ٻاڻيا مرڳو شؤ. (پهاڪو)

نہ: ۽. ڏکو: گهوٻاتو، لٽ. ٻهو: ٻه. ٻاڻيا: واڻيا، سوداگر، دڪاندار، واپاري. شؤ: سؤ.

آڳاٽي دور ۾، جڏهن لاريون موٽرون ايجاد نه ٿيون هيون، تڏهن سفر پيدل ۽ وهٽن تي ٿيندا هيا ۽ سي به ضرورت آهر. اڄڪلهه وانگر، شيل شڪار جي بهاني يا گهمڻ ڦرڻ لاءِ ورلي ٿيندا هيا. گهڻو ڪري، سوداگر قسم جا ماڻهو قافلا ناهي، وکر ونڻ يا وڪڻڻ لاءِ، ساڻ ڪٺائي نڪرندا هيا.

ٽري واڻين جو اهڙو هڪ قافلو، وکر وهٽن تي لڏائي، ڪنهن طرف کان آيو پئي جو ڪين وا ٽ تي، تاڙ ۾ ويٺل هڪڙي چور هڪڙي وڏي ڏانگ/ لٺ جي زور تي اچي وراڪو ڏنو. لٺ ڏيکاري، دڙڪا شڙڪا ڏيئي، ڪائڻ مال ڦري، روانو ڪري ڇڏيائين.

ڦُريل واڻين جو ولر، جڏهن هڪڙيءَ وسنديءَ وٽان گذريو ته اتان جي رهاڪن ڪائڻ حال احوال ورتو. ڪين ڦرجڻ بابت ٻڌايائون. ڳوٺ وارن ڪين حيرت مان ڏسندي چيو: ”اوهان به لڳ ڀڳ لشڪر جيترا هيا، اوهان کي هڪڙو ڄڻي ڦري ويو؟“

”چور نہ ڏکو ٻهو، ٻاڻيا مرڳو شؤ!“ ڪين دليل طور، پنهنجي ڪمزوري ۽ چور جي ڏاڍ بابت ٻڌايائون. ”چور ۽ ڏکو ٿيا ٻہ، واڻيا مورڳو سؤ!“

مطلب: ١ - واڻيا گهڻا هوندي به ڪمزور، چور اڪيلو هوندي به زور.

٢ - واڻيو وڙهي ويسيءَ سان.

٣ - واڻيو تمام ڏڄڻو ۽ گيدي ٿيندو آهي.
٤ - واڻيا رات جو ٻاهر نڪرندي ٻہ ڏڄندا آهن.
٥ - ڀيٽيو: چار چور چوراسي واڻيا، هڪ هڪ ايڪويھ تاڻيا. (٦) ص ٨٨.

## ٢٨٥. چيٽ چٽيا، ويساک ورهايا. (چوڻي)

چيٽ: مند جو نالو، ڪتيءَ کان پوءِ ٿئي، ڊسمبر کان اپريل تائين هلي.
چيٽ: هندي مهينو، مارچ- اپريل ڌاران اچي. چٽيا: شروع ڪيا.
ويساک: هندي مهينو، اپريل- مئي ڌاران ٻيهي. ورهايا: ورسائڻ، اپت ملڻ.
سنڌ اندر ٻہ موسمون ٿين ٿيون، جن اندر پوک راهجي ٿي. هڪ ربيع، ٻي خريف. هڪ کي چيٽ ۽ ٻيءَ کي ڪتي ٻہ سڏجي ٿو. ڪتي، هڪ نکٽ پڻ آهي، جيڪو جون ڌاران آسمان تي اڀري ٿو ۽ ڊسمبر ڌاري لهيو وڃي. ان سموري عرصي کي ڪتيءَ جو عرصو ۽ منجهس ٿيندڙ فصل کي ڪتيءَ جو فصل سڏجي ٿو. ڪتيءَ پويان ايندڙ مند کي چيٽ ۽ منجهس ٿيندڙ فصل کي چيٽ جو فصل سڏبو آهي.
چيٽ ۾ ڪڻڪ جو فصل راڏيو ويندو آهي. جيڪو ماڻهو، محنت ڪري، سيءَ ۽ پاري جو خيال نہ ڪندي پوکي ٿو، سو گرمين ۾، چار ڪٽا گهر ڪٽي اچي ٿو ۽ ويساک جي مهيني اندر ٿيندڙ بسنت بهار ۽ ويساکيءَ جي ميلن جا مزا ماڻي ٿو.
چيٽ ۾ پيل برسات تي ٿر اندر، خاص طور تي پائر ۽ پارڪر ۾، پيرون پچي لال ٿيندا آهن. وڻ وڻ هيٺ، وهانءَ لڳي ويندا آهن. مارو ماڻهو، ساڏوهين ۾ سيڙهڪن جي ڏنگڙن ڌارن تي چڙهيو ۽ لامن ۾ لڙڪيو، پيا ڏيهاين کي ڏورڪيون ڏيندا آهن: "پيلوُ پڪا لامان لڙيان، آءُ تہ ملون چن يار!" ان مند ۾، ساٿيھ جو سائو سگُر ٻہ خوب سيڪي کائيندا آهن.
مطلب: ١ - چيٽ ۾ برسات پوي ۽ ڦوڳ ڦلارجي. ڦوڳيءَ مان ڦڪ پري کائجن ٿا.
٢ - چيٽ اندر جيڪي فصل يا ڪم شروع ڪيا وڃن ٿا، ويساک ۾ تن جي اپت ملي ٿي. (٣) ص ١٦٣.

## ٢٨٦. چيٽ تتو پلو، ويساک لڳو پلو. (چوڻي)

چيٽ: سنبت وڪرمي سال جو مهينو جيڪو اپريل ڌاران اچي. ويساک: هندي مهينو جيڪو مئي ڌاران ٿئي.

اگر اپريل وارا ڏيهاڙا، سج ۾ تاءُ هوندو ته سمنڊ مان آبي بخار، ڪڪرن جي صورت ۾ جڙندا ۽ مٿي زمين تي به ايندا. اهي به تڏهن ڪارائتا ٿيندا جڏهن مئي مهيني منجهه هوائون لڳن. اپريل ۾ سج جي تپش ۽ تاءُ، چؤماسي اندر برسات وسڻ جو اهڃاڻ آهي. جڏهن ته مئي منجهه لڳندڙ لڪون، وسڪاري جو پڪو پيغام آڻيندڙ آهن. (٣٥) ص ١٩٨

مطلب: ١. برسات ته وسندي جولاءِ ۽ آگسٽ ۾، پر مارو ماڻهن ڪي ان جا پرون اپريل ۽ مئي جي ڏينهن ۾ پئجي ويندا آهن.

## ٢٨٧. چيٽ چمڪيو نه ڀلو، وڻو ڀلو نه ڄيٺ،
## راجا رنو نه ڀلو، سرتو ڀلو نه سيٺ. (چوڻي)

چيٽ ۽ ڄيٺ: هندي مهينن جا نالا. سرتو: سرچيو، پرتو، پرتل، پرچيل.

١ - چيٽ جي مهيني ۾، آسمان ۾ بادل اچن ۽ ڪنوڻ ڪنوي يا بجلي چمڪي ته برسات جي لاءِ سنو سنؤڻ ناهي.

٢ - ڄيٺ يا ويساک جي مهيني ۾ ڀيل برسات، ڏاڍو نقصان ڪندي.

٣ - راجا، جيڪڏهن رُسندو ته فائدي بجاءِ، نقصان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو.

٤ - سيٺ راضي هوندو ته وڏو نقصان آهي. ڇو جو ناراض هوندو ته فقط قرض تي سامان نه ڏيندو. ان صورت ۾ ڏکيو سکيو وقت گذري ويندو. جيڪڏهن راضي هوندو ۽ گهڻي اوڌر ڏيندو ته وياج چاڙهي ته-بارون ڪڍي ڇڏيندو. (٣) ص ١٦٣.

مطلب: ١ - مٿي بيان ڪيل چار ئي ڳالهيون، ڪنهن به صورت ۾ ڀليون ناهن.

٢ - چيتر چمڪيو نه ڀلو، ويساک وڻو نه ڀلو، سيٺ ٺونو نه ڀلو، راجا رنو نه ڀلو. (٣٦).

## ٢٨٨. چيٽ، لڳن ميٺ. (چوڻي)

چيٽ، هندي مهينو، مارچ-اپريل ڌاري اچي. ان وقت موسم ۾ نه سردي هوندي آهي ۽ نه گرمي. نه رات جو ٿڌ پوندي آهي ۽ نه ڏينهن ڪي تِکُ هوندو آهي. موسم معتدل هئڻ سبب، ان وقت جي هوا، وڻندڙ ۽ فرحت بخش هوندي آهي. گرمين ڌاران، ماڻهو بت مان بيزار هوندو آهي. لڳن ۾ سڙاند ۽ تپش پئي محسوس ٿيندي آهي. سياري ۾ سرديءَ-پئي، پيو ڏڪندو ۽ پاڻ کي ڪمزور پائيندو. وچ-ٽري موسم ۾ عضوا، ميٺ يا

قرار ۾ هوندا آهن ۽ بيزار ڪندڙ نه هوندا آهن. بلڪ مانٺ ميٺ ۾ ۽ وڻندڙ هوندا آهن.
مطلب: ١ - چيٽ: انبن ميٺ.
٢ - چيٽ دوران: لڳن ۾ نه ساڙو، نه سيءُ.
٣ - چيٽ: لڳين ميٺ. (٣٥) ص

## چ

### ٢٨٩. چا رب، چا بسم الله. (پهاڪو)

ربَ: ڏڏ اندر رڏيل پٽڙو يت.
ٽر جا غريب مارو ماڻهو، ڏٿ ۽ ربَ تي گذران ڪندا آهن. ساڳيو ساڳيو ڪاڏو ڪائي، ماڻهو آڪو تي پوندو آهي. وات جو ذائقو مٽڻ لاءِ پيو ڪاڏي جي ٽانون جي مٽ ستَ ڪندو آهي. گهر ۾ نه هوندو آهي ته پاڙي مان پيو مٽ ستَ تي وٺ وٺندو آهي. اهڙي اهڙي ڳالهه، جو پاڙي ۾ نه مليس ته پري وارن دوستن واقفڪارن، مٽن عزيزن ڏي مهمان ٿي ويندو آهي.
ائين هڪڙو ٽريو، وات جو ذائقو مٽڻ لاءِ، ڳوٺان نڪري، پري وارن مٽن ڏانهن مهمان ٿي اچي ٽڪيو. وڏا سفر ڪري، لڪ لنگهي، جڏهن وٽن اوطاقي ٿيو ته ويلي تي سندس لاءِ ربَ جو پاٽوڙو پري اچي آڏو رکيائون.
ربَ کي ڏسي، اندر ئي سڙي ويس.
بنا هٿ ڌوئڻ ۽ بسم الله پڙهڻ جي، بي دليو، ٻڪ ڪان ربَ کائڻ لڳو ته ميزبان چيس: ”ادا! بسم الله ڪري کاءُ! جيئن برڪت به پوي ۽ ڳالهه دل کي به وڻي.“
”چا ربَ! چا بسم الله!“ مهمان، اندر-سڙيئي ڪان، ميزبان کي نڙ نڪ جواب ڏنو.
مطلب: ١ - بسم الله تمام وڏو بابرڪت ڪلمو آهي. ان جي برڪت تمام وڏي ۽ شان وڏو آهي. اها هر شيءِ تي پڙهڻ چڱي ڳالهه آهي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته: ڪنهن سادي شيءَ تي ايڏو وڏو ڪلمو چوڻ، ڪلمي جو شان گهٽائڻ برابر آهي.
٢ - انسان کي هر حال ۾، رب جو شڪر گذار رهڻ گهرجي.
٣ - چا دال، چا بسم الله.
٤ - چا پيلُ، چا ڏاڙهي. (٥) ص ٥٨.

## ٢٩٠. چتر ڏنتو ڪو ئي ڪِ مورڪ،
## ڪو ئي ڪِ نرڏن ٽالڪا. (مارواڙ، چوٽي)

چتر: چڊا. ڏنتو: ڏند. ڪو ئي ڪ: ڪو ڪو. مورڪ: بيوقوف. نرڏن: سجو. ٽالڪا: گنجو.

ڪن ماڻهن جي جسماني عيبن جا، سندن شخصيت ۽ خصلتن تي اثر به پوندا آهن. سموري جا سمورا ماڻهو، انهيءَ زمري ۾ نه به ايندا آهن. ڇو جو هر ڪنهن جي خصلت اها ئي ٿيندي، جيڪا خدا تعاليٰ جوڙي هوندي. پوءِ به زماني-داريءَ جي حساب سان ڪن ماڻهن، ڪن عيبن وارن بابت ڪي انومان ڪييا آهن، جن مان اڪثر سچ به ثابت ٿيا آهن.

اهڙيءَ طرح هيءُ به مشاهدي/ تجربي مان معلوم ٿيو آهي ته: گنجا، گنجِ سبب ناٽي جي گنجَ جا مالڪ هوندا آهن. ان مان اها مراد هرگز ناهي ته پورن وارن وارا، سچا ٿيندا آهن.

مطلب: ١ - سمجهه وارن لاءِ، هر ڳالهه ۾ دانائيءَ جا نقطا آهن.

٢ - پُرڙ-ڏندو ڪو ڪو مورڪ، ڪو ڪو ڪاٽو صادقا. (لاڙ)

٣ - ٻتيهه منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاڻو، گنجو جي ساماڻو، مڙني ماٽ ڪئي.

۴ - شيرو ٻلو شاهه جو، ڇا ساه آ گنجي جي ماءُ جو؟

۵ - گنجو ورلي سجو هوندو، ڇڊن ڏندن وارو ورلي بيوقوف هوندو. (۵)

## ٢٩١. ڇُتي جند ڇوڪر جي، ڪڍيو لِنڊ خدا. (ڀاڪو)

ٽر جي بيراجي علائقي سان تعلق رکندڙ هڪڙو ڇوڪرو، ڪرڙ جا منا پڪا ڏيلهو ڏاڍا کائي ويو. جنهنڪري سخت قسم جو قبض ٿي پيس. پيٽ تي گهٽو ئي زور ڏيڻ بعد به ٽورو نه پئي آيس. مائٽن کي به ڏاڍو پريشان/ بي قرار ڪري وڌائين.

ڏاڍي پچ پڄان ۽ لچ پچ پچاڻان، لنڊ نڪتس ته جان سامت ۾ آيس ۽ مائٽن کي به قرار ٿيس.

”ڇتي جند ڇوڪر جي!“ پرائي بلا مان ڇوڪر جي جان آجي ٿي ته مائٽن سک جو ساه کڻندي چيو: ”ڪڍيو لنڊ خدا“.

مطلب: ١- تڪليف-ده مصيبت ٽري ويندي آ ته ٽڏا ساه پري ائين ڇئبو آ.

٢ - جان بچي، لاکون ڪمايا.

٣ - ٽري بلا، سر جو خير. (۵)

۲۹۲. چلو مرون ڏينهن پچري، ڪڪڙ سانجهيءَ وار،
پدمڻي پرائي پڪڙين، پتي لهي نہ سار،
پرس پراوا قرض ڪڍي، ڪري وڏا اپڪار،
سٺ ويني سمهي رهي، پنج ئي گينوار. (چوڻي)

پرس: مڙس. اپڪار: خيراتون. گينوار: ڳنوار، جاهل، بيوقوف.

۱ - چلو مرون: سوئر جو قسم، جيڪو چتو ٿيو پيو ڦري. اهو اگر پنهنجي جُوءِ ڇڏي، ڏينهن ڏٺي جو آباديءَ/ وسنديءَ ڏانهن رخ ڪري، سو انت پاڻ کي مارائيندو.

۲ - ڪڪڙ: فجر جو بانگون ڏيندا آهن. پهريون دَسُ، آڌيءَ کان پوءِ ۽ ٻيو دَسُ اسر جو هڻندا آهن. ان وقت، بانگ ڏيڻ ۾ سندن لاءِ ڪو خطرو ناهي. چو جو ان وقت تائين مالڪن/ ڌڻين ڪين محفوظ هنڌ تي هٽيڪو ڪري ڇڏيو هوندو آهي ۽ ڪو بہ گدڙ يا ٻلو وٽن پهچي، نقصان نہ رسائي سگهندو آهي. جڏهن تہ سانجهيءَ ڌاري اجا مالڪن ڪين محفوظ هنڌ تي واڙيو ئي نہ هوندو آهي، اگر ان وقت بانگون ڏئي، جهنگ-ٻلن کي هوشيار ڪندا تہ ڪين ناگهاني نقصان رسي سگهي ٿو.

۳ - سهڻي عورت تي موهت ٿيڻ وارا ڪوڙ آهن. پنهنجي ئي گهر ۾، پنهنجي مڙس سان ويني ورونهن پئي ڪندي تہ ٻين تاڪائو نظرن کان، تڪڻ جي باوجود بچيل رهندي. ان جي برعڪس، پراون گهرن ۾ گذاريندڙ عورت، جيڪا مڙس کي ليکي ئي نہ، سا تہ ڪنهن نہ ڪنهن جي چُنگل ۾ ڦاسندي ضرور. هر ڪو مطلب ڪڍي، ڪيس اڇليندو رهندو ۽ ٺڏبي رهندي. پنهنجو مانُ متيءَ ۾ ملائي ڇڏيندي.

۴ - اڄ جي دور ۾، پنهنجي اڻ- ميي پئسي تي سخاوت ڪرڻ بہ ڪپڙا ڦاڙائڻ جي مترادف آهي. ان جي برعڪس، اگر ڪو قرض ڪڍي پنهنجي تعريف ڪرائڻ خاطر، خرچ ۽ سخاوتون ڪندو، سو تہ جلد مار ڪائيندو.

۵ - سنگت جي اچڻ کان پوءِ، ساٿن ڪچهري ڪرڻ ۽ ڪانئن حال احوال وٺڻ بجاءِ، اگر ڪير سمهي پوي تہ ڪيس هر ڪو بيوقوف پيو سمجهندو.

مطلب: ۱ - متي ٻڌايل پنج ئي بيوقوف آهن.

۲ - ڳوه کي ڪڍي ڪتي، ڳولي ڊيڏن جا گهر. (۲) ص ۱۳۴.

۲۹۳. چنل جتي پير ۾، گُهرگهر ڪئي جوءِ،
ٻئي نہ هوءِ. (چوڻي)

ڳُهر ڳُهر ڪندڙ: مطالبا ۽ فرمائشون ڪندڙ.
١ - ڇڳل جتي، پير ۾ پائڻ سان نہ سيءَ کان بچاءُ، نہ ڪندن کان، نہ ئي وري هلڻ ۾ سولائپ ٿئي.
٢ - جيڪا زال، مڙس سان رڳو مطالبا ۽ فرمائشون ڪندي، سا مڙس جي اُڪي موڙي وڃائي ڇڏيندي.
مطلب: ١ - ڇڳل جتي، ڪراڙي عورت ۽ واريءَ جو پنڌ، جا وڪ وڌاءِ سا پوئتي.
٢ - ڇڳل جتي ۽ هٿ ڦاڙ زال، نہ هجن تہ چڱو.
٣ - ڇنل جتي پير ۾، گهرجهر ڪئي جوءِ، ٻئي نہ هوءِ.
٤ - پيٽيو: پچ مروڙيو ڏڳو، دن اگهاڙي نار، ڇتين ڇنو موچڙو، مٿي وارو بار، واريءَ سنڌو پنڌڙو، اهي پنج ئي ڳردن ٻار. (٤) ص ٢٤٢.

## ٢٩٤. چوڪري: گونگي ڳانءِ. (چوٽي)

چوڪريءَ کي حياءَ سان جوڙيو ويو آهي. خاص طور تي جڏهن سامائجن تہ چوڪرن وانگر زبان سان تہ نهيو پر اشاري سان بہ شاديءَ لاءِ ڪين چون. اهو ئي سبب آهي جو سنڌن شاديون، اڪثر مائٽن جي مرضيءَ سان ٿين. زندگي گذارڻ واري معاملي ۾ بہ ويچاريون ڪين ڪڇن. جنهن سببان ڪين گونگي ڳانءِ سان تشبيهہ ڏني ويندي آهي.
مطلب: ١ - چوڪريءَ کي مائٽ جنهن جي پنيان لائيندا، تنهن جي پنيان ويندي.

# ح

## ٢٩٥. حراميءَ جو هَرُ، واريءَ ۾ بہ نہ وهي. (چوٽي/ پهاڪو)

واري نرم ٿيندي آهي، ڪيس چيرڻ يا ڪيڙڻ لاءِ، منجهس هر سولائيءَ سان وهي سگهي ٿو. ڇو جو هر جو ڳهوبو، نرم زمين کي جلد پٽي وٺندو آهي. ان جي برعڪس، سخت زمين کي تڪڙو ڦاڙي نہ سگهندو آهي. بلڪ منجهس، جلد ڦاسي پوندو آهي.
لچ ۽ بدمعاش ماڻهو، ايترو تہ ڳيدي ۽ ڪمزور هوندو آهي جو اهڙي آسان ۽ سهنجي، سولي ۽ سوڪي زمين ۾ بہ اگر هر هلائي تہ ڦاسي پويس. ڪيڙڻ بدران، ڏاندن جي جوڳ بہ سوگهي ڪري بيهاري ڇڏيندو.
مطلب: ١- لچ، سولو ڪم بہ ڪاري.
٢ - بدمعاش جا آسان ڪم بہ ڪين ٿيندا آهن.

# خ

## ٢٩٦. خاصخيلي خار، ٻارهين مهيني ٻِـ-ڏندو. (چوڻي)

خاصخيلي: نوڪر. ميرن جو خاص نوڪر، ذات جو نالو پڻ. خار: ڪاوڙ، غصو. ٻہ-ڏندو: ٻڙند، بالغ.

جن غريب ماڻهن کي وڏن ماڻهن جي ٽيڪ يا پٺي هوندي آهي، تن کي مڳي بہ وڏي هوندي آهي. جنهن تنهن سان پيا ڪينس ڪندا آهن. لحاظ-داري گهٽ هوندي اٿن. جيڪي اميرن، نوابن ۽ وڏيرن جا خاص نوڪر يا ڪمدار آهن، سي اميرن طرفان پڻ چيڪ چڙيل هوندا آهن. اچي ڪاري جا مالڪ هوندا آهن. ان ٽيڪ سبب، پيا ڪک ڪاچر سان اٽڪندا ۽ ڪينس ڪندا آهن، پيا تڙرون ڏيندا ۽ وڙهندا آهن. نهڻ جي تہ ڳالهہ ئي نہ هوندي اٿن. رڳو وڙهسان وڙهسان هوندي اٿن.

سندن جوٽيل جهيڙو، سال اندر وڏي پنيٽ يا پيڙ تي ويندو آهي. تنهنڪري وس ويندي ساڻن نہ ڪينس ڪجي ۽ نہ ئي اُچائجي.

مطلب: ١ - مالڪيي نوڪر سان، ڪينس نہ ڪجي.

٢ - خاصخيليءَ جو وير يا دشمنائو، سال جي اندر، ٻہ-سالو ٿي ويندو آهي.

٣ - پيٽيو: خاصخيلين جي ڪِٽ ڪان، واريءَ جي پٽ ڪان، مولا پناهہ ۾ رکي.

## ٢٩٧. خاصخيلين جي ڪِٽ ڪان، واريءَ جي پٽ ڪان، مولا پناهہ ۾ رکي. (چوڻي)

خاصخيلي يا خاص نوڪر يا مالڪيءَ وارو نوڪر، پاڻ کي ميرن يا سردارن کان وڌيڪ پيو سمجهندو آهي. وت ٽورو ۽ ڦر ڦر گهٽي هوندي اٿس. تِڪ ۽ تاءُ، ڏيکارڻ لاءِ اجايا سجايا حربا پيو هلائيندو آهي. ساڻس ڪينس ڪبي تہ وجي شهہ ۾ پئبو. جڏهن تہ سندس اجائي ڪِٽ بہ بيزار ڪري چڏيندي آهي. ڪينس پاڻ ڪندو، ڏِک ائين ڏيندو جڻ سردار جو حڪم هجيس. هڪل ڏبس تہ ڊکي وجي ڪنن جي ڪچي سردار جي هنج ۾ لڪندو. هروبرو جو جهيڙو، ڳچيءَ ۾.

واريءَ جي پٽ، پيل پاٽي تہ چوهي وجي پر مٿس جيڪا اوير ايري سا بہ مشڪل سان هٿ اچي جو اپ-ڪپري ۽ واريءَ جي ٽڪريءَ تي چڙهڻ ۽ لهڻ آسان ناهن. واريءَ واري سڌي زمين تي، هلڻ وقت پير ڦٻندو ئي

ناهي. اپ-ڪپري ٽڪري تہ هلڻ ۾ اجا جوکائتي هوندي آهي. فائدي بجاءِ نقصان پوڻ جو انديشو رهندو آهي.
مطلب: ١ - خاصخيلين جي دشمني ۽ واريءَ واري پٽ جو سفر، اٽانگا.
٢ - پيٽيو: خاصخيلي خار، ٻارهين مهيني ٻہ-ڏندو.

## ٢٩٨. خالي باسڻ، گهڻا کڙکڙاوئي. (راجستان، پهاڪو)

باسڻ: ٿانءُ.
جڏهن خالي ٿانءَ هڪ ٻئي جي پرسان رکيا آهن تہ هڪ ٻئي سان ٽهڪڻ سبب، وڏي آواز سان وڄندا آهن. منجهن ڏڪ لڳڻ سان جيڪا لرزش پيدا ٿيندي آهي، سا پئي جهِنوندي آهي. گهڻي وقت تائين، 'آن....' جو آواز، پيو منجهانئن ايندو آهي. ان جي برعڪس ڀريل ڀُڪيل ٿانءَ اگر، هڪبئي سان ٽهڪائي رکيا تہ رکڻ شرط يا ڏڪ لڳڻ شرط، سندن اٽيل آواز، اندر ۾ ڀريل مادي سبب هڪ ٽي ٿمي ويندو آهي. رڳو ٺَش جو آواز ٻُڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ بس.
اهڙيءَ طرح، خالي ذهن ۽ خالي العقل ماڻهو پڻ، جڏهن پاڻ ۾ بحث وغيره ڪندا آهن تہ بغير ڪنهن دليل ۽ منطق جي، بغير ڪنهن نقطي ۽ منزل جي، اوٽ پٽانگ ڳالهائي وقت وڃائيندا آهن.
مطلب: ١ - ڀريل ٿانءُ، نہ ڇلڪي نہ کڙڪي.
٢ - خالي ٿانءَ، گهڻو کڙڪندا آهن.
٣ - سکڻي ڪني، گهڻي ايامي.
٤ - پيٽيو: ٿوٿا چڻا، باجي گهڻا. (١) ص ١٨٦.

## د

## ٢٩٩. داتا اتي منگتا، سَرووَرَ اُتي هنس، راجا اُتي رهاڻيون، مورک اتي بحث. (چوڻي)

داتا: ڏاتار، سخي . منگتا: مگڻا، سوالي. رهاڻيون: ڪچهريون، ميڙاڪا، مجلسون. سرووَر: تلاءُ، پاڻيءَ سان ڀريل ڪُڏ.
١ - سوالي اتي وڃي سين هڻندا آهن جتي سخي مرد هجن ۽ سين سان سخاوت جا واهڙ وهائي ڇڏين. ٻئي هنڌ سوالي نہ ويندو. سخيءَ جي

سڄاڻپ اها آهي تہ سوالي سندس در تي وينا هجن. مثال: جتي سخي، اتي سوالي.
٢ - سني پاڻيءَ سان ڀريل تلاءُ جي نشاني اها آهي تہ اتي هنس پکي موجود هوندا.
٣ - راجا جي نشاني اها آهي تہ وٽس، ڪچهرين جا ميلا لڳل هجن. ماڻهن جي مسئلن جا حل پيا ڳولجن. رس رهاڻ جي محفل متل هجي.
٤ - مورک يا بيوقوف، نہ ڳالهائي ڄاڻي ۽ نہ ئي ٻڌائڻ سان ڪا ڳالهہ سمجهي سگهي. اجايو بحث ۽ گيڙ-بگيڙ پيو ڪندو، جيڪا بيوقوفيءَ جي نشاني آهي.
مطلب: ١ - چار شيون، چئن هنڌن تي موجود هونديون.
٢ - هر ڪجا بُود چشمہءِ شيرين، مَردم و مرغ و مور گِرد آيند. (فارسي)
٣ - جتي مني پاڻيءَ جو چشمو هجي، اتي ماڻهو، پکي ۽ ڪوليون پيا ڦرن. (ترجمو) (١٢) ص ١٤٣.

### ٣٠٠. ڏڙيليءَ ۾ ڍهل وڄي، ڏينگاڻ ۾ ڏيڏ نچي. (ٻهاڪو)

ڏڙيلي ۽ ڏينگاڻ، ٻن ڳوٺن جا نالا، جيڪي هڪٻئي کان وٿيرڪا آهن.
ڍهل جو وڄڻ: شاديءَ جو ڪاڄ يا منجهس پٽ وغيره جو سڏ.
ڏيڏ جو نچڻ: خوش ٿيڻ، جهمريون هڻڻ.
ڏيڏ يا ماڙيچا، مفت جا مال، خاص طور تي شادين مرادين منجهہ تيار ٿيندڙ سٽيا پٽ، پيا تاڙيندا آهن. جتي بہ پٽ هجي، سڏ هجين يا نہ هجين، رڳو خبر پوين، ڪنين سُئي ڳالهہ تي اعتبار ڪري، پٽ لاءِ پنڌ پوندا آهن.
اهڙن پيتو مڙسن کي اگر، ڏڙيلي جهڙي پرانهين ڳوٺ مان، ڏينگاڻ جهڙي ڳوٺ ۾، وڄندڙ ڍهل جو ڪڙڪو ڪنين پوي، تنهن کي بہ جڻ پٽ جي هجڻ جو ڄاڻُ پيا سمجهندا. منجهس تيار ٿيندڙ پٽ جي ملڻ جي خوشيءَ ۾ اڳواٽ اتي جو اتي، جهمرين پائڻ ۽ چيچ وجهڻ ۾ ڪپي ويندا.
مطلب: ١ - ڏيڏ کي شل نہ ڪٿي پٽ جي ڀاڀور پوي. بوڇڻ ڪلهي تي هوندس.
٢ - گهرجائو ماڻهوءَ جي، خبر ٻڌندي ئي، رڳ ڦڙڪي پوندي آهي.
٢ - دليريءَ ۾ ڍهل وڄي، ديگاڻ ۾ ڏيڏ نچي.
٣ - پيٽيو: هريو ڏيڏ سهاڙين ڪائي، ڦريو ڦريو پڇون آئي.

۳۰۱. دل درست، تہ تن درست. (چوڻي)
جسماني صحت ۽ تندرستيءَ جو دارومدار، ماڻهوءَ جي ذهني نشو نما تي منحصر آهي. اگر ماڻهوءَ جو من يعني دل ۽ دماغ سالم ناهن، تہ ٻيو سڄو تن يعني جسم پڻ نبل ۽ لاغر هوندس. جسماني تندرستي بہ تڏهن ٿي قرار بخشي، جڏهن دل صحتمند ۽ جوان آهي. (۳۵) ص ۲٦۳
مطلب: ۱. سالم جسم اندر، سالم دماغ هوندو آهي.
ماڻهوءَ جي اندر جو هڪڙو عضوو يعني دل سالم آهي تہ جسم توانو آهي، اگر اهو بيمار آهي تہ جسم بيڪار آهي.

۳۰۲. دودو ڏوڙ، چنيسر چائي. (چوڻي)
دودو ۽ چنيسر، ٻہ ڀائر هيا. سومرا قوم جو، تڏهن سنڌ تي راڄ هيو. پاڻ بہ سنڌ جا حڪمران هيا. چنيسر وڏو ڀاءُ هيو. ڪيس پڳ ٻڌرائڻ لاءِ، راڄ وارن چيو. پاڻ پڳ ٻڌڻ لاءِ، پنهنجي امڙ کان اجازت وٺڻ جو چئي، گهر ۾ اندر ويو. پويان راڄ ۾ وڳوڙ ڏسي، ننڍي ڀاءُ دودي، جيڪو بهادر بہ هيو ۽ چنيسر جي پيءُ کي ٻي زال مان هيو، پاڻ پڳ ٻڌي.
دودي جي انهيءَ اڻنگي چلت کي ننديو ويو آهي تہ ڪيس وڏي ڀاءُ جي آڏو پڳ ٻڌڻ نہ گهرجي ها. چنيسر، پڳ جي وڃڻ جو سور نہ سهي سگهيو. جنهنڪري، دهليءَ جي حڪمران علاؤالدين خلجيءَ کي وڃي مدد لاءِ سڏيائين. خلجيءَ جڏهن سنڌ تي لشڪر ڪشي ڪئي تہ ڏاڍي تباهي اچي وئي. چنيسر جي انهيءَ آچ کي وري سنڌ وارن ننديو. تاريخ اندر، ٻئي سومرا ڀائر، حڪمرانيءَ جي حساب سان، حڪمت کان خالي، پنهنجي چالن سبب بدنام ٿي رهيا.
مطلب: ۱ - نہ هُن ۾ ڪا چڱائي آهي ۽ نہ هِن ۾.
۲ - هڪڙو ڪلچڻو آهي تہ ٻيو بہ اهڙو ئي بڇڙو آهي.

۳۰۳. دوست دشمن کو نہ پرکٽا،
مِلئي وڏي رتبي سنگت کو نہ سجاڻٽا،
مايا آئي تو ڏکيا ڏينهن ڀولٽا،
ڪچهري وچ ننڍي وڏي کو نہ ڏيکٽا،
وديا پاوڻ سين وڏي کو مورک سمجهٽا،
پنج ئي جڳائي مرٽا. (چوڻي)

مايا: ڌن دولت. وديا: علم. مورک: بيوقوف.
١ - جيڪو دوست ۽ دشمن جو فرق نہ ڪري سگهي، اهڙي ماڻهوءَ جو مري وڃڻ بهتر آهي.
٢ - وڏو عهدو ملڻ ڪانپوءِ، جيڪو سنگت کي نہ سڃاڻي، سو بہ ڪم جو ناهي.
٣ - ڌن دولت اچڻ کان پوءِ، جيڪو ماڻهو ڏکيا ڏينهن وساري ڇڏي ۽ هٽ ڦاڙ تي هلي سو بہ جلد ذليل ٿيندو. ڏٺي ڏئي تہ ڪمي ڪائجي، لڙي لنگهجي.
٤ - ننڍن تي شفقت ڪرڻ ۽ وڏن جو ادب ڪرڻ، هر هڪ تي لازم آهي. ڪچهريءَ ۾ گفتو ڪڍڻ وقت، ننڍ-وڏائيءَ جو خيال رکڻ ۾ دانائي آهي. جيڪو اهو فرق رکي نہ ٿو ڄاڻي، سو بہ جلدي رسوا ٿيندو.
٥ - ٿورو علم اچڻ کان پوءِ، جيڪو پنهنجن وڏن کي ڇٽ، جاهل ۽ گنوار سمجهي ٿو، تنهن جي هر ارادي ۽ عمل ۾، خدا تعاليٰ جي مدد شامل نہ هوندي آهي. ڇو جو رب پاڪ، هر ڳالھ جي مصلحت، فقط وڏن جي ادب ۾ رکي آهي.
مطلب: ١ - متي بڌايل عيبن مان جنهن ۾ ڪو هڪ بہ هجي تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ بڏي مرڻ بهتر آهي.
٢ - دوست دشمن ڪُون نہ پرکٽا، مان مرتبي ملي، سنگت ڪون نہ سڃاڻٽا، مايا ملڪيت ملي، ڏکيا ڏينهن پلاوٽا، محفل وچ وڏي ننڍي ڪون نہ ڏيکٽا، وديا پاوڻ سون، وڏي ڪون مورک سمجهٽا، پنج ئي جڳائي مرٽا. (١٢) ص ١٤٩.

## ٣٠٤. ديس چوري، پرديس ڀِڪيا. (پهاڪو)

ڀِڪيا: پنڻ.
ٿر اندر، پنڻ کي معيوب سمجهيو ويندو آهي. ڪنهن آڏو جهول جهلڻ کي ڇگُو ڪم تہ ڪٿي بہ نہ ٿو سمجهيو وڃي پر ٿري ان سان اجا وڌيڪ نفرت ڪن ٿا. پلي ڪيڏو بہ ڏڪر يا قحط پوي پر ٿر ۾ عام پينو فقير نظر نہ ايندو.
ديس يا وطن اندر، جتي گهڻا واقفڪار ۽ ڄاڻو سڃاڻو هجن ٿا، تتي ڪو بہ عيب وارو ڪم جهڙوڪ: چوري يا پنڻ وغيره ڪين ٿو ڄڳائي. ڇو جو هر ڪو سڃاڻي ٿو. تن آڏو وري وڃڻ سان شرمساري پيئي محسوس ٿيندي. هر وقت سندن آڏو ڪنڌ جهڪيل رهندو.

ان جي برعڪس، پرديس ۾ واقفيت ۽ ڄاڻ سڃاڻ نه هوندي آهي. جتي ڪو واقفڪار نه هجي، اتي پنڻ وغيره ۾ مهڻو محسوس نه ٿيندو آهي. اتي جيڪڏهن ڪنهن جهول جهليو ته ڪيس ان ڪري شرمساري نه ٿيندي جو پاڻ پرديسي آهي. ائين ڪرڻ سان وري به گهٽتائي ديس وارن جي آهي، جو مسافر منجهن اچڻ ڪان پوءِ، پنڻ لاءِ مجبور ٿيو آهي.

مطلب: ١ - چور، وطن ڪي لڄائي ٿو ۽ پينو پرديس ڪي.

٢ - پنهنجي علائقي ۾ چوري ڪرڻ، پرديس ۾ پنڻ وانگر عيب دار آهي.

٣ - مرڻ ناهي مهڻو، پرڻو ناهي گار.

۴ - هنگڻ ناهي مهڻو، پرڻو ناهي گار.

۵ - پيٽيو: اٺ پارتو ڪٺو، ٽٽا ڏيڻ ۾ ته ڪو نه گيو. (<) ص ٣۵.

## ڏ

٣٠۵. ڌرتي ميگهه نه رڄيئي، آگ نه رڄيئي ساڙ،
راڄا راڄ نه رڄيئي، موت نه رڄيئي مارِ،
عيشون نفس نه رڄيئي، پُرش نه رڄيئي نار،
دونئنان نه رڄيئي، ڏني سڄڻ ڪلتار. (چوٽي)

رڄيئي: ڍءُ ڪرڻ، ڍاپڻ. ميگهه: مينهن. آگ: باهه. ساڙ: ساڙڻ. راڄ: بادشاهي. مارِ: مارڻ، فنا ڪرڻ. پُرش: مَرد. نار: عورت. نئنان: نيڻ، اکيون.

١ - ڌرتيءَ/ زمين تي، ڪيترو به مينهن وسي پر ڍاپندي ڪين.

٢ - باهه، ڪيترين به شين کي ساڙي، تنهن هوندي به ڌرندي ڪا نه.

٣ - راڄا کي هڪڙو ملڪ هوندو، چوندو: ٻيو به اهڙو هجي. ٻه ملندس، چوندو: اڃا به ٻيا هجن. ڍءُ ڪين ٿيندس.

۴ - موت به ڪيترن ساهوارن جو ساهه ونڻ جي باوجود، ڍاپندو ناهي.

۵ - عياشي ڪرڻ وارو، عيش عشرت مان ڪڏهن به ڪڪ نه ٿيندو آهي. مرندو، مُڙندو ڪين.

٦ - مرد کي به هڪ عورت مان ڍءُ نه ٿيندو. به هوندس ته ٽينءَ جي سڌ پيو ڪندو. جيڪو هڪ دفعو چڪي چريو ٿئي ٿو، سو گهٽين مان به ڪين ٿو ڍاپي. ان جو پيٽ، قبر جي مٽي پري ته پري، نه ته پرچڻ جو ڪين آهي.

٧ - پرينءَ/ محبوب کي ڪيترو به ڏسبو، ته به دل نه پربي. سندس چهرو، جڻ وسريو وسريو پيو ويندو. ياد ڪرڻ لاءِ، دل پئي چوندي: وري وري ڏسانس.

مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنج حالتون، ڏاپڻ جون ناهن.

٢ - ڪانئن کي باه مان، مروءَ کي ماه مان، بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان، سائل کي خيرات مان، ڍءُ نه ٿو ٿئي.

٣ - ڪامڻ نه ڏاپيءَ ڪنت سين، ڌرتي نه ڏاپيءَ ميهه،
پريت نه ڏاپيءَ پريم سين، نيڻ نه ڏاپيءَ نيهه.

٤ - عزرائيل ڍؤ نه ٿئي، توڙي ماري مير هزار،
اکين ڍؤ نه ٿئي، ڏسڻ ڪنان ديدار،
لالچيءَ ڍؤ نه ٿئي، توڙي ميڙي مالُ خرار،
باه ڍؤ نه ٿئي، توڙي ساڙي ڪاٺ انبار،
عورت ڍؤ نه ٿئي، توڙي گڏجي روز پتار،
ڌرتي ڍؤ نه ٿئي، توڙي مينهن پون بسيار،
مٿيان ڇهه ئي، آهن بکيو سنسار. (١٢) ص ١٥١.

٣٠٦. ڌن تي ڪُروپ روپ، ڌن تي وڃن ڏهڪاءَ،
ڌن تي ريجهت راءُ، ڌن تي ليجهت لاءُ،
ڌن تي ڪانئر سورهيه، ڌن تي بنت ڪچهري،
ڌن کي منهن ۾ ايسي، راجا اِندر چپا جيسي. (چوٽي)

١ - جهجهي ڌن وارو، ڪاري رنگ ۽ ڪوجهي شڪل هوندي به سهڻو پيو لڳندو.

٢ - ڌن سبب ڌنوان جي خوءِ، اهڙي ٿيو پوي جو، هنڌين ماڳين سندس ڏهڪاءُ ڦهلجيو وڃي.

٣ - ڌن تي راجا، مهاراجا به ريجهيو پون.

٤ - ڌن جي ڪري، جنگل ۾ منگل ٿيو پوي.

٥ - ڌن جي اچڻ ڪان پوءِ، ڊڄڻو ۽ بزدل، گيدي ۽ ڪانئر به، دلير ٿيو پون.

٦ - ڌنوان وٽ ڪچهري به مچي ۽ سيڪو وٺس هڪ نه ٻيءَ غرض سان ضرور اچي.

٧ - ڌن جي اندر جيڪو ويو سو گم ٿي ويو. ڌن اندر جڻ راجا اِندرُ لڪيو ٿو وتي. جيڪو ڌنوان وٽ، پاڻ-مرادو ظاهر ٿيو پوي. ڌن بي بقا شيءِ آهي

۽ پاٽيءَ وانگر وهي جلد ختم ٿيو وڃي. راجا اِندُر هڪ ڏينهن بي بقا ٿي ويو، تيئن دولتمند بہ هڪ ڏينهن بي نام هوندا.
مطلب: ۱ - ڌن سان گهڻا عيب ڍڪجن ٿا.
۲ - لڇمي، ڪلجڳ ڍڪڻي. (۲) ص ۲٦۹.

۳۰۷. ڌن کيتي، ڌِڪ چاڪري، ڌن ڌن بڻج ويهہ هار. (چوڻي)

ڌن: دولت، سعادت جي نشاني. بڻج: وڻج، خريد و فروخت.
ويهہ هار: وهنوار، واپار. ڌِڪ: ڌڪا، ذلت. ڌن ڌن: عزت ۽ دولت.
۱ - اصل ڌن دولت، کيتيءَ يا زراعت منجهان حاصل ٿين ٿا. مٽس مٽيءَ سان جڏهن مٽي ٿي ڪري، محنت ڪجي ٿي، تڏهن منجهانئس سون اُپجي ٿو. زميندار خوشحال ۽ عزت دار رهي ٿو.
۲ - چاڪريءَ/ نوڪريءَ ۾، در در جا ڌڪا آهن. منجهانئس ملندڙ روزي، هوائي روزي آهي. محنت مزدوريءَ ۽ خوشامد آهر، سندس مقدار گهٽ وڌ ٿئي ٿو. سني ۽ گهڻي محنت کان علاوه، خوشامد پڻ ڪرڻي ٿي پوي. خوشامد وقت، نِوڙي نيچ ٿيڻو ٿو پوي، تڏهن وڃي آجر جي کيسي مان پئسا نڪرن ٿا.
۳ - جيڪڏهن پئسا جهجها ۽ جام ڪمائڻا آهن ۽ ڏيهاڙي هٿن ۾ ايندي ڏسڻا آهن تہ پوءِ واپار جو ڌنڌو اختيار ڪجي. واپار آهي ئي، پئسي سان راند ڪيڏڻ جو ٻيو نالو. پئسا ڌنڌي ۾ سنيالي هٽندو وڃ، ڏاندارين سان ميڙي ڪٽندو وڃ.
۴ - ڪمائيءَ جو آخري ذريعو: پنڻ آهي. اهو مڙني کان ذليل، ڪتو ۽ بيڪار آهي.
مطلب: ۱ - مٽي ڄاڻايل ڪاروبار جا پهريان ٽي ذريعا آهن، جن سان ماڻهو ٿورو گهڻو شان مان سان روزي رزق حاصل ڪري ٿو. جڏهن تہ آخري بڇڙو آهي.
۲ - اتم کيتي، وڏنت واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.
۳ - اتم کيتي، ڌڪا نوڪري، وڏنت واپار.
۴ - کيتي ڪرڻ اتم آهي، نوڪريءَ کي ڌِڪار آهي، ٻنهي کان واپار وڏيڪ لاڀائتو آهي. (۱) ص ۱۸۴.

۳۰۸. ڌن: يا جوڏين، يا ڳوڏين. (چوڻي)

جوڏو: جوان پٽ. جوڏين: سگهارا مڙس، محنتي هاري. ڳوڏو: ڏڍو. ڳوڏين: وهو ڏڍا.
ٿر اندر زراعت جو نظام، مشينن بجاءِ ماڻهن ۽ ڏڳن جي محنت تي هلندو آهي. جنهن وٽ جوان ۽ ڪمائيندڙ پٽ هوندا، سو ٻني ڪاهيندو يا ڪنهن زميندار جي زمين هارپ يا مقاطعي تي وجي جهليندو. ٻنيءَ مان ڪمائيندو اهو هاري يا مقاطعي دار جنهن وٽ جوان پٽن سان گڏ، ڏاند ۽ هر پنهنجا هجن. هر، سانهر، گڏ ۽ پاڻي ورائڻ لاءِ همت پريا ۽ دل سان ڪمائيندڙ، فقط پٽ ئي تي سگهن ٿا.
مطلب: ١ - ڏن: جوڏي يا ڳوڏي.
٢ - ڏن اهو ميڙي يا ناهي سگهندو، جنهن وٽ همت پريا پٽ ۽ ڪمائيندڙ ڏڍا هجن. (٣٥) ص ٢٥٦

٣٠٩. ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي. (پهاڪو)
ڏٽيءَ جي ڏڻ تي جيڪا سنيال واري نظر آهي، سا ڏنار جي نہ هوندي. چو جو ڏنار کي فقط پنهنجي پگهار سان غرض آهي، جيڪا ڪيس وقت پورو ٿيڻ تي اوس ملندي. جڏهن تہ ڏٽيءَ کي مال پيارو آهي. ان سان انس اٿس. جيڪڏهن ان تان دل کنيائين تہ پوءِ مال ڪٽو ڪٽو ٿي ويندس.
مطلب: ١ - ڏڻ آهي ڏٽيءَ سان، ٻيا کهڙو چاريندا پياريندا.

٣١٠. ڏڻ پنهنجو سنيالجي، ڏوھ ٻئي کي نہ ڏجي. (پهاڪو)
مينهوڳي مند ۾، تاريلا پنهنجو مال سانگ تي چارين. جهنگ ۾ جهلي بيهارين، گهرن ڏانهن ڪاهي نہ اچن. سمورن ٿرين جو گذران انهيءَ برساتي پاڻيءَ تي آهي، جيڪو پرپاسي وارين ترائن ۽ ٽوين/ ٽونڪن ۾ جمع ٿيندو آهي. انهيءَ دوران مال متاع، گهرن پيڙو بينل هوندو تہ پاڻيءَ جي تلائن/ سرن ۾ وجي بيهندو. منجهانئس پاڻي بہ پيو پيئندو ۽ ڪيس گندو بہ پيو ڪندو. تنهنڪري سانگيئڙا مينهونڳيءَ ۾، مال کي جهنگ ۾ ئي روڪي رکن.
رات ڏاران مال تي پهرو بہ ڏين. چورن جي ڀَوَ تتان نہ بلڪ مال جي نڪري گم ٿيڻ واري امڪان سببان، چوڪيداري ڏين. چو جو مينهونڳيءَ ۾ مال هڪ هنڌان ٽڙيو تہ ان کي ڳولي ساڳئي هنڌ جمع

ڪرڻ، ڏاڍو اهنجو آهي. برسات سبب، مال جو نه پير لڳندو نه ڪر. نه ئي وري اهڙي موسم ۾، ڪين ڳولڻ لاءِ گهٽو هلڻ، ڪو سولو آهي.
اهو ئي سبب آهي جو هر ڪنهن ڪي، پنهنجي مال سنڀالڻ جي هورا ڪورا لڳل هوندي آهي. مال جي نڪرڻ واري صورت ۾، بجاءِ ٻئي تي ميار رکڻ جي، پاڻ ڪي سنڀالڻ جو پابند پيا سمجهندا آهن.
مطلب: پنهنجي شيءِ جي سنڀال پاڻ ڪجي. نوڪرن تي نه ياڙجي. (٣) ص ١٦٦.

## ٣١١. ڌڻ ڌار ته لٺ ڪٽي چار. (پهاڪو)

ڌڻ: چوپايو مال. ڌار: ڌارڻ يا مالڪ ٽيڻ.
ٿر اندر هر ماڻهوءَ جو گذر سفر، ڏيٽي يعني ڪير مکڻ ۽ جهڻ تي آهي. ان لاءِ مال ڌارڻ ضروري آهي. ڌٽودي يا مالدار، جڏهن مال ڌارين ته ان جي سنڀال به پنهنجي سر پاڻ ڪن. چو جو جنهن مالدار جي پنهنجي مال تي دل هوندي ته ان ۾ برڪت پوندي. يعني واڌارو ٿيندو ويندو. جنهن جي مال تي دل ۽ سنڀال نه هوندي سو ڌڻ ويندو ڏينهون ڏينهن گهٽبو. تنهنڪري مال پَهرائڻ، چارڻ، ڌُهڻ، پسارڻ وغيره جو ڪم پنهنجي سِر پاڻ ڪن. لاچاري حالت ۾، چارائيءَ لاءِ ٻيو ماڻهو رکن، جنهن کي چاريندڙ يا ڌنار چون. ڌنار جي آسري تي مال نه ڌاربو آهي. چو جو اگر ان کي ڪم جو اهڙو شوق هجي ها ته پوءِ پنهنجي گهر ۾ ئي ڪرڻ لاءِ ڪم جام هيس، اهي اتي وينو ڪري ها.
مطلب: ١ - ڌڻيءَ ۽ نوڪر جي سنڀال ۾ فرق آهي.
٢ - نوڪر، مالڪ کي ڪمائي ڪو نه ڪارائيندا آهن. (١٢)

## ٣١٢. ڌڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءَ نه سنگهارن سِٽ. (شاهه، چوٽي)

ڌڻ، خاص طور تي رڍن ۽ ٻڪرين جو، ڌارڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم آهي. سڄو ڏينهن، ڪين سنڀالڻ ۽ چارڻ ۾، پورو ٿيو وڃي. ٻڪريءَ ۽ رڍ جي، پاڻ-هرتڙي طبيعت آهي. ڌڻ ڪان ڌار ٿيندي، دير ئي نه ڪندي آهي. اگر اتفاق سان، ڌٽئون ڌار تي ته ٻگهڙ ۽ ڪتي ٻلي جو ڪاج ٿي ويندي. تنهنڪري، راتيون جاڳي متن پهرو ڏيٽو پوي ٿو. متان منجهن نهر پوي يا پاڻ ڊڪي ڪنهن جي پوک ۾ پون. گهرن اندر به ڪين، واڙڻ چڱو ناهي. چو جو اتي ڪين ڪاڌ-خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ، اجا اوکو ڪم

آهي. تنهنڪري ڪين سانگ تي رکڻو آهي، جتي چارو، پاڻي ۽ رات ڌاري حفاظت جو بندوبست ٿي سگهي.
اگر ڌڻ ڌاري، ڪين سانگ تي چڙهي، پاڻ اچي گهر ويهبو ته ڪٽو ڪٽو ٿي ويندو. اهڙي بي وفائي سنگهارن ۽ ٽرين ۾ ڪانهي.
اهڙيءَ طرح، هڪڙي مرشد جا ڪوڙ مريد ٿين ته ڪيس انهن جي سار سنڀار لاءِ جماعت مٿان چيڙ چانءَ ٿيڻ گهرجي. سندن قلب جي صفائيءَ ۽ عبادتن رياضتن جي پابندي ڪرائڻ کان علاوه شيطاني حملن، وسوسن ۽ خطرات کان ڪين بچڻ جي تلقين پڻ ڪرڻ گهرجي.
مطلب: ١ - ڌڻ ته ڌٽي، نه ته وڪڻ ڪٽي.
٢ - ڌڻ ڌارين ته، گوڏو پيچي ويهه.
٣ - ٽر جا سنگهار، جڏهن مال ڌارين ته ويڙها ڪري گڏ رهن. جدا رهڻ ۽ ڌڻ کي رولڻ، سندن وڙ ناهي.
٤ - دڪان وغيره کولجي ته پاڻ ويهجي، نوڪرن چاڪرن جي حوالي نه ڪجي.
۵ - زمين ونجي ته مٿس جان لائي محنت ڪجي. چو جو ڪيتي سِرَ سيتي.

## ٣١٣. ڌوبي ري گهران گِي چُوو، گيا ڦاٽي مالڪ رو. (پهاڪو)

گي: وئي. ري، رو: جي، جو. چُوو: هوا جي هلڻ جو آواز. گيا: ڪپڙا.
ميرو ڪپڙو، پاڻيءَ اندر پسائي، ڪار يا صابڻ-چِٽ ڏئي، جيستائين سوٽيءَ سان سٽبو ناهي، تيستائين ميراڻ ڇڏيندو ناهي. آلي ڪپڙي کي، سٽبو ڪجهه احتياط سان آهي. چو جو منجهس پيل پاڻي، ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي. بنا سٽڻ جي، اگر ساڳيو ڪپڙو، ٻه چار ڏينهن پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏبو ته ٻه ائين ئي ڳري ويندو. ويتر جو سوٽي لڳس ته اجا وڌيڪ ڳارُ ڪندو. مالڪ، جڏهن پاڻ ڪپڙو ڌوئيندو آهي ته سٽڻ ۽ نپوڙڻ وقت، سهنديءَ آهر سٽڪو ۽ نپوڙو ڏيندو اٿس. جنهن سبب گهر جو ڌوتل ڪپڙو، سجيهه جهالائو ٿيندو آهي.
ان جي برعڪس ڌوٻيءَ کي ڏيهاڙي سوين ڪپڙا ڌوئڻا آهن. ڪنيِ تان لاهي، ميراڻ ڪڍڻ لاءِ پٿر تي سٽيندو اٿن. جلد ميراڻ ڇڏائڻ لاءِ، تکڙا ۽ زِمائتا ڌڪ هڻندو اٿن. جيڪڏهن ميراڻ نڪتي ته ٿي سندس ساراهه، جيڪڏهن سٽڪي سان ڪپڙو ڦاٽو ته ٿي مالڪ جي قسمت. ڌوٻيءَ کي ڪو ٻه نقصان ڪونهي، سواءِ سٽڪي ڪڍڻ وقت، زور سان ڌڪ وهائڻ

واري طاقت استعمال ڪندي، واتان نڪتل چوو جي. اصل نقصان ته مالڪ جو ٿيو.
مطلب: ١ - پيشه-ور ماڻهو، پنهنجي مزدوريءَ سان ٻڌل آهي، مالڪ جي نفعي نقصان سان نه.
٢ - ڌوٻيءَ جي گهران وئي چوو، ڪپڙو ڦاٽو مالڪ جو.
٣ - ڪپڙو ڦاٽو مالڪ جو، ڌوٻيءَ جي گهران وئي ڇُوو.
٤ - ڌوٻي ڌوئي، مالڪ روئي. (٦) ص ١٠٦.

٣١٤. ڌوڙ ڌنيتيءَ ري، رک رتنيءَ ري. (چوڻي)
ڌنيتي: ڌن دولت وارو. رتني: رتنن وارو، ماڻڪن وارو، هيرن جواهرن وارو.
دنيا جي تختي تي رهندو فقط نالو الله جو. باقي هر شيءِ فنا آهي. جنهن وٽ ڌن دولت آهي، اها به ڪانئس هڪ ڏينهن کسجي/ ختم ٿي ويندي ۽ جنهن وٽ مال اولاد آهي، سو به ڪانئس هڪ ڏينهن ڇڄي جدا ٿي ويندو.
مطلب: ١ - اهڙي ڌن گڏ ڪرڻ جي ضرورت ناهي، جيڪو هڪ ڏينهن ڌوڙ ٿيڻو آهي. نه ئي وري اهڙي مال گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪو هڪ ڏينهن، رکئي رکئي، رک ٿي ويندو.
٢ - ڌوڙ ڌنيتيءَ منهن ۾، رابيان منهن ۾ رک.
٣ - ڌوڙ ڌني، رک رتني. (چوڻي)
٤ - ڌن رکڻ واري وٽ، رکئي ڌوڙ ٿئي ۽ رتن يا هيرا وري، سانڍڻ واري وٽ رک ٿيو وڃن. (٥)

# ڏ

٣١٥. ڏاڙ ڪٺوڪي ڪاڪرو، جَم رَجي ڪٺُوڪي نيڻ،
گيو ڪتوڪي والمِو، مُوئي وسري ويڻ. (چوڻي)
ڏاڙ: ڏاٽ. ڪتوڪي: ڪُتڪندو. ڪاڪرو: ڪڪرو، پٽر ذرو. جَم: سدائين. رَجي: تمام ٿورو گند، ڪک، واري. نيڻ: اک. گيو: پرديس ويل، وڃڻ وارو. مُوئي: مرڻ پڄاڻان. ويڻ: بدشد اکر. والمو: بالمو، بالم، مڙس.
١ - ڪاڏي ڪائڻ وقت، ڏاٽ هينان آيل پٽر ذرو، پيو ڪرون ڪرون ڪندو ۽ پويان گراه هٽڻ وقت به انديشو رهندو ته متان ٻي پٽري اچي وڃي.

٢ - اڪ ۾ پيل سنهون ڪک بہ پيو هُرڪندو آهي.
٣ - زال ڪان، پرديس ويل مڙس، ڪين وسرندو آهي. هر وقت ڪيس ساري پئي اوسار ڪندي آهي.
۴ - ڪنهن جو ڳالهايل اُگرو اکر بہ ساري عمر، هنيانءَ تي تورُ ٽي بيهندو آهي. چوندا آهن: رِٽا لهي وجن، وِٽا ڪين وسرن.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل چار ئي حالتون، گهٽي وقت تائين ڪٽڪندڙ هئڻ سبب، تمام خراب آهن.
٢ - ڏاڙ ڪٽوڪي ڪڪرو، رجي ڪٽوڪي نيڻ،
گيو ڪٽوڪي بالمو، ڪهيو ڪٽوڪي ويڻ. (١٢) ص ١۴٣.

## ٣١٦. ڏاڪٽا نہ وسٽا، وسي تہ ٻوڙي،
## ڪانئر ڏک نہ هٽٽا، هٽي تہ ٽوڙي. (چوڻي/پهاڪو)

ڏاڪٽو: ڏکڻ ڪان اولهہ ايندڙ، ڪاڇيل يا ڪاڇي مينهن.
ڪانئر: ڊڄڻو، گيدي، احسانن هيٺ دٻيل.
١ - ڪاڇي جي پاسي کان آيل مينهن وسندو ناهي. وري جڏهن وسندو آهي تہ تر جهڙي ڏيهہ کي بہ ٻوڙي ڇڏيندو آهي.
٢ - ڊڄڻو ماڻهو، بزدل ٿيندو آهي، جنهن سببان وڙهڻ يا ڏک هٽڻ کان پيو ونءُ ويندو آهي. اگر ڪنهن مجبوريءَ تحت ڪنهن کي ڏک هٽندو آهي تہ پوءِ ڊڄي ڊڄي اهڙو زهل مان هٽندو آهي جو ٽوڙي رکندو آهي.
مطلب: ١ - ڏکڻ مينهن نہ وسٽو، وسي تہ ٻوڙي. (٣۵) ص ٢٣١
٢ - ڏکڻ ميهہ نہ وسٽا، وسي تہ ٻوڙي،
ڪانئر ڏک نہ هٽٽا، هٽي تہ جهوري. (تر)
٣ - ڏکڻ مينهن نہ وسي، وسي تہ ٻوڙي،
ڪاهل ڏک نہ هٽي، هٽي تہ ٽوڙي. (سرو)
۴ - ڪاڇي مينهن وسي نہ، جي وسي تہ ٻوڏ ڪري. (٣۵) ص ٢۵٩
۵ - ڪانئر ڏک نہ هٽي، جي هٽي تہ ماري. (٣۵) ص ٢٣٠
٦ - ڪانئر ڏک نہ هٽٽو، هٽي تان جهوري،
ڏکڻ مينهن نہ پوٽو، پوي تان ٻوڙي. (تر)

## ٣١٧. ڏانٽي وڪئي، ڏاڍ نہ لهندي. (پهاڪو)

ڏانتو: ڏاتو، گاهہ/ لاباري ڪرڻ جو اوزار. ڏاڌ: ٻڪ. هٿ وڪڻڻ: مزدوريءَ جي بدلي پئسا وٺڻ. ڏانتو وڪڻڻ: ڏانتي جي مزدوري ڪائڻ.
ڏانتو وهائڻ واري ڪي، محنت مزدوري، قلم وهائڻ واري جي پيٽ ۾ تمام ٿوري ٿي ملي. اگر اهو ڪيتري بہ محنت مزدوري ڪري، اوجاڳا ڪري ۽ ڪشالا ڪڍي، پر ڪيس ڏينهن اڌ جو قوت مس ملندو. لابارا يا گاهہ وري سدائين بہ نہ هوندا آهن. ان ڪري ڏانتي جي مزوري ڪرڻ وارا امير بہ ڪو نہ ٿا ٿي سگهن. (٣٥) ص ٢١٦
مطلب: ١. محنت مزدوريءَ واري جا سکيا ڏينهن ٿورا ايندا آهن.

## ٣١٨. ڏانگ پڳي تو ئي ڏوبران سارو گهٽي اهي. (پهاڪو)

ڏانگ: مهري. تو ئي: تہ بہ. ڏُوبران: پتر. سارو: لاءِ، ڪاڻ. اَهي: آهي.
انَّ اندر پترن جو پوڻ، انڻ-ٽر آهي. ڇو جو انُّ، زمين جي پيداوار آهي ۽ زمين منجهان، منجهس پترن جو پوڻ، فطري آهي. جڏهن تہ ڪائڻ لاءِ، انُّ صاف سٿرو ڪپي. منجهانئس پتر چونڊي ڪڍڻ، پڻ ڏکيو عمل آهي. ڇاڻيءَ ذريعي بہ ڪڍڻ ناممڪن آهن. پاڻيءَ ۾ ڌوئڻ سان بہ پتر ڳاري ڪڍي سگهجن ٿا. ان طريقي اندر، انُّ سڪائڻ وارو وڏو خفو آهي.
بهترين، آسان ۽ تڪڙو طريقو آهي، انَّ کي اکريءَ ۾ وجهي مُهريءَ سان ڪٽڪو ڏيڻ. پتر پُري، سنهي مٽي يا دز ٿي پوندا. ڇج ۾ ڇڙڻ سان، دز اڏامي ويندي ۽ انُّ اڇو اجرو ٿي پوندو.
مُهري، ٻن مٽن سان، ڪاٺ منجهان جڙندي آهي. پلي ڏري يا پجي پوي، پوءِ بہ سوٽي طور ڪم اچي ۽ پترن کي پجي سگهي.
مطلب: ١ - امير ماڻهوءَ کي ڪيترو بہ نقصان پوي، غريب کي آزارڻ لاءِ پوءِ بہ طاقت وارو هوندو آهي.
٢ - هيٺو حاڪم، ڪورين لاءِ قهار.
٣ - شينهن يا ٻگهڙ پلي ڪيترا بہ ڪراڙا ٿي وڃن، پر رڍ کي چيرڻ ڦاڙڻ جي صلاحيت نہ مرندي اٿن.
٤ - مهري بہ پجڻ ڪان پوءِ، ڏڪ هڻڻ واري صلاحيت نہ وڃائيندي آهي.
٥ - ڏندو پراڻو هوندو، تہ بہ دلي پجڻ لاءِ ڪافي آهي. (افغاني)
٦ - مهري پتي تہ بہ ياندي/ پترن پجڻ لائق. (٦) ص ١٠٧.

## ٣١٩. ڏاوَڙ نار: ڏيرو ڏُول. (چوڻي)

ڏاوڙ: ڪُلڇٽي، بي لڇٽي. نار: عورت. ڏيرو: ديرو، گهر. ڏُول: اونڌو، تباهه.

سڪون واري زندگي گذارڻ لاءِ گهر جو هجڻ ضروري آهي. گهر کي هلائڻ لاءِ وري گهر وارو ۽ گهرواري هجڻ ضروري آهن. گهرو ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، گهر وارو ٻاهران ڪمائي آڻيندو ۽ گهر واري سڄي گهر جي سنڀال ۽ سهيڙ ڪندي ته گهر هلندو، ٻي صورت ۾ گهر ئي نه رهندو. مڙس وانگر زال کي به محنت ڪرڻي آهي، تڏهن وڃي گهر، گهر ليکبو. فقط مڙس ڪمائڻ تي هجي ۽ گهر ۾ زال نڪمي/ نڪمڻي ٿي ويٺي هجي ته به گهر نه هلندو. ان جي برعڪس عورت ڪم ته نه ڪري پر هٿائين هٿ-ڦاڙ هجي ته پوءِ گهر به ڏانوانڊول ٿي ويندو. عورت جو ڪم آهي مرد جي ڪمائي آندل پئسن منجهان، سوچي سمجهي گهر هلائڻ ۽ گهر جا ٽپڙ ٽاڙي سنڀالي رکڻ. عورت عقلمند هوندي ته گهر سنڀاليندي. ڇيڳري هوندي ته وڃائيندي. (٣٥) ص ٢٣٩

مطلب: ١. گهر کي ٺاهي به زال، ڊاهي به زال.
٢. آهِرُ ڪٽي اوٻٽي، رن هارائي رنبو.
٣. مڙس جو پاهوڙين سان ميڙڻ، زال جو سُئيءَ سان ڪوٺي ڪڍڻ.
٤. گهر جو نظام، عورت کي سنڀالڻو آهي.
٥. مڙس آڻي اکي ٻکي، زال وڃائي هڪي چڪي. (ابتڙ)

## ٣٢٠. ڏاهو ڪانگ ڦاسي ڪو نه، ڦاٿو به ٽنگن سان. (پهاڪو)

ڪانءُ طبعًا ڏاهو ۽ ڏاڍو ڏڄڻو آهي. هر قدم سوچي سمجهي کڻندو آهي. اڪثر بچي ويندو آهي، ڪوڙڪيءَ ۾ ورلي ڦاسندو آهي.

هر معاملي ۾ چالاڪيءَ سان هلڻ وارو ماڻهو، نيٺ هڪ ڏينهن غلطي ڪري وجهندو آهي ۽ مخالفن کي بدلي وٺڻ لاءِ ڀرپور موقعو فراهم ڪري وجهندو آهي. جيڪي ڪانئس رهيون ڪهيون ڪسرون ڪڍي ڇڏيندا آهن. ائين ڪانءُ به نيٺ ڪاپي پوندو آهي ۽ ڪا وڏي غلطي ڪري ويهندو آهي، جنهن سان جان به هلي ويندي اٿس. هر هنڌان صاف نموني بچي نڪرڻ واري جي دل پڪي ٿي ويندي آهي. نتيجتًا مطلب وارن معاملن ۾ بيجا خود-اعتمادي پيدا ٿي پوندي آهي، جنهن سان اکين تي پردا چڙهي ويندا آهن ۽ آخر ڦاسي پئبو آهي. قدرتي طرح، چالاڪ جون

آخر ۾، چالاڪيءَ واريون سموريون چالون بند ٿي وينديون آهن ۽ ڪيس جان بچائڻ به مشڪل ٿي پوندي آهي.
مطلب: ١ - گهڻي سياڻپ نه ڪجي. ڪن معاملن ۾ توڪل ڪان به ڪم وٺڻ گهرجي. اجايو سياڻو ٿبو ته، سر وڃائبو.
٢ - اوڻتيهه ڏينهن چور جا، ٽيهون ڏينهن ساڌ جو به آهي.
٣ - سؤ ڏينهن سس جا، هڪ ڏينهن ننهن جو به آهي.
٤ - ڏاهو ڪانءُ، ٻه-ٽنگو ڦاسندو آهي.
٥ - ظالم نيٺ، ذليل ٿئي. (٥)

### ٣٢١. ڏبرو ڏاند، پوڪ جو پاند، ٻئي وِڻواند. (چوٽي)

پاند: پوڇڙ، پلاند. وڻواند: آزار.
١ - ڏاند ڏاربو آهي، هر ۽ بيل گاڏيءَ ۾ وهڻ لاءِ. سٻرو هوندو ته زمين کاهيندو ۽ ڳاه ڳاهيندو. ڪراڙو، ڪمزور ۽ ڪوڙو هوندو ته ڪم ڪان لهرائي، لڪندو وتندو ۽ لڪڻ لاءِ ٻُوڙا پيو ڳوليندو.
٢ - پوک به آڳاٽي ۽ وقتائتي پوکيل هوندي ته اپت چڱي ڏيندي. پاڇاٽي يا پڇڙيءَ واري زمين سنو فصل نه ڏيندي. پڇڙي، ٻجڙي آهي. پڇڙيءَ واري زمين يا ٻوڏ ۾ پيئي ٻڏندي يا سوڪ ۾ پيئي سڙندي. هڪ-ڪرو پاڻي نه ملڻ سبب ڪلراٺي ٿي ويندي يا سم واري ٿي پوندي. ڪڏهن ڍنڍ جو ڏيک پيئي ڏيندي ته ڪڏهن رڻ جو.
مطلب: ڪراڙو ڍڳو ۽ پڇڙيءَ واري/ پاڇاٽي پوک، هاريءَ لاءِ ٽوٽي جو سبب ٿيندا آهن. (٤) ص ٢٤٢ ۽ (٦) ص ١٢٥.

### ٣٢٢. ڏٿ آهي، اڏهي جو امهير. (چوٽي)

ڏٿ: پاڻ مرادو ٿيندڙ نباتات. اڏهي: اڙي اُڏي، سوڙهه. امهير: امير، سکيو.
جولاءِ ۽ آگسٽ ڌاري پوندڙ برساتين تي، ٽڪرين/ٽِٽن جي گوشار، ٻُڪل ۽ پاساڙن تي ڪوڙ ساري خود-رو نباتاب جنم وٺي ٿي، جيڪا بنا ڪنهن هَرَ-بنجهر ۽ ٻج پوکڻ جي ٿئي ٿي. منجهن ڪي گاهه، مال لاءِ مرغوب ۽ ڪارائتا آهن ته ڪي وري غريب غربن ۽ ماروئڙن لاءِ، گذران جو ذريعو بڻجن ٿا. ڏٿ، جنهن وقت، ڌرتيءَ تي ٿئي ٿو، تنهن وقت ته ڪم اڇي تو پر مسڪين ماڻهو اڙيءَ اڏيءَ لاءِ پڻ ڪنو ڪري رکن، تڏهن پڻ سڪايل ڏٿ ڪاڏي طور ڪتب آڻجي.

مطلب: ١ - ڏٿ، غريب غربي لاءِ رب جي نعمت آهي.
٢ - جنهن وٽ کائڻ لاءِ ڏٿ آهي، اهو ڄڻ امير آهي.

## ٣٢٣. ڏٿ نہ کٽو، ڏوٽي کٽا. (چوڻي)

ڏُٿُ: روزي، رزق، جهنگلي خودرو ٻوٽا جهڙوڪ: ساوڙي، ڦُر، مڪٽي، لوڙهہ، ٻِھ وغيره يا منجهانئن نڪتل اَنُ.
ڏوٽي: رزاق جو موڪليل رزق کائيندڙ، ڀهراڙين جا غريب ماڻهو جيڪي ڏٿ تي گذارو ڪن، ڏُٿ تي پلجندڙ، ٿوري اسباب تي گذارو ڪندڙ.
انسان ۽ سندس ڪاڌ-خوراڪ، ٻئي ڌرتيءَ منجهان پيدا ڪيا ويا آهن. جيئڻ خاطر روزي رزق، حالتن ۽ وقت سارو، انسان کي ملي ٿو. دنيا جي تختي تي جيڪي بہ آيا، سي پنهنجي پنهنجي حصي جي خوراڪ کائي ويا، پر اجا ايندڙن جي حصي مان ڪجهہ بہ کائي کٽائي نہ سگهيا. هٿائين، جيڪو هٿ وس يا نظر ۾ هين، سو بہ عمر ڪٽڻ تي، ابول ڪري، هتي ڦٽو ڪيون ويا.
مطلب: ١ - دنيا جي تختي تي ڪيئي آيا ۽ ويا پر رب تعاليٰ جا خزانا، کائي کٽائي ڪين سگهيا.
٢ - ڏوٽي گهٽا ئي آيا ۽ ڏٿ چوندي چوندي کائي مري ويا، پر ڏٿ مند تي اڳي کان بہ اڳرو آهي.
٣ - روزي رزق رازق تي آهي، سو ڪڏهن بہ کٽڻو ناهي.

## ٣٢٤. ڏچر گهوڙي، سُچر زال، اڌارو وهانءُ،
## گهاٽا ٽر، چڊي ڪٽڪ، پنج ئي نہ ٿيا. (چوڻي)

ڏچر: ٿورو کائيندڙ. سُچر: سنو کائڻو، گهڻ-کائڪ، ڳڙکائو.
١ - گهوڙو، کائيندو تہ ڊوڙندو. گاه سان ياري رکي، چڪ نہ وجهندو تہ بک مرندو ۽ ڊوڙي نہ سگهندو. اهڙيءَ صورت ۾ لونڙيي يا جانورن جي ڊاڪٽر وٽ تپاس ڪرائجيس تہ بهتر.
٢ - گهڻ-کائڪ ۽ هٿ ڦاڙ زال، گهر جو الهہ تلهہ ٻهاري رکندي. چو جو پيٽ-هتي هئڻ سبب، هوندي رڳو کائڻ جي ٻلي. کائڻ جي خچري، ڪم ڪا نہ ڪندي، رڳو پئي کائيندي ۽ پاڻ تي پئسو وڃائيندي. آخر گهر جو لڏو ئي رُلائيندي.

٣ - اوڌر پاڌر وني يا قرض کڻي، وهاڻ ڪرڻ بہ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي. اهڙي نيڪ ڪم مهل، خدا جي مدد تہ پهچندي آهي پر پوءِ بہ قناعت ڪرڻ چڱي ڳالھ آهي.
٤ - ترن جو فصل، گهاتو پوڪبو تہ سنگن ۾ اَنُ ماريل هوندو ۽ مجموعي طور پيداوار تمام ٿوري ٿيندي.
٥ - ڪٽڪ ڇدي پوکڻ سان، جهار ئي پورو ڪري ڇڏيندس. ڪٽڪ جو فصل، گهاٽڙو پوکيل بهتر رهندو آهي. ان سان مجموعي پيداوار سٺي ڄاپندي آهي.
مطلب: ١ - مٺين شين لاءِ، مٺي ٻڌايل حالتون خراب آهن. (١٢) ص ١٤٦.

٣٢٥. ڏڪار ۾: ٽر جي مٺي بہ رلي وڃي ٿي. (ڀهاڪو)
ڏڪار جتي بہ ايندو آهي، اتان لڏپلاڻ وڏي انداز ۾ ٿيندي آهي. ڇو جو روزگار جا ذريعا ختم ٿي ويندا آهن ۽ کاڌ خوراڪ جي قلت ٿي ويندي آهي. لڏپلاڻ سان پوئتي زمين ۽ مٺي، ماڻهن کان سواءِ بر پٽ جو ڏيک ڏينديون آهن، جڏهن مارو ماڻهو لڏڻ پڄاڻان، جتي بہ ويندا آهن، ڇڻ تہ رلي ئي ويندا آهن. جو نہ وٽن رهڻ لاءِ آستانو هوندو آهي، نہ کائڻ لاءِ مناسب خوراڪ. دربدري واري زندگي، ڪين تہ نهوڙي ڇڏيندي آهي، پر ديس ڇڏڻ سبب، ديس بہ بيگانو ۽ ٻنڀ ٻيران ٿي ويندو آهي. جيستائين ڪي مندون موٽن، ڪي مينهن وسن، ڪا اويڙ اپري، ڪا ساوڪ ٿئي، مارو موٽن، مال موٽي. (٣٥) ص ٢٧٠
مطلب: ١. لڏپلاڻ سبب ٿيل وڇوڙو ۽ پرديس جا ڏک ڏاکڙا، مٺيءَ ۽ ماڻهن لاءِ، ڪاٽڻ اهنجا آهن.

٣٢٦. ڏڪار ۾: راڻين جا ڪنگڻ بہ ڏرا ٿيو وڃن. (ڀهاڪو)
ڏڪار اندر: بک ۽ بدحالي، درد ۽ پيڙا ڳُٽي ۽ ڳاراٽو، اوسيئڙن ۽ اڏڪن جهڙيون ڪيفيتون من ۾ پيهي مانڌاڻ مچائينديون آهن. جنهن کان امير توڙي غريب پڻ متاثر ٿيندا آهن. غريب، وري بہ ستُ سهڻ جي قابل هوندو آهي. امير ماڻهو، ڏاڍو ڏوبر لاهي ويهندا آهن. ايتري تائين جو امير گهراڻن جي عورتن جا ڏورا ۽ ٻانهون پڻ، ڳري ايترا سنها ٿي ويندا آهن جو منجهن پيل چوڙيون ۽ ڪنگڻ گهرگهلا ۽ ڍرا ٿي پوندا آهن. (٣٥) ص ٢٧١

مطلب: ١ - ڏڪار ۾: بک ۽ بدحالي منهن ڪڍن ٿيون.
٢ - خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪونهي ۽ ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.
٣ - ڪڏهن روح راڄن ۾، ڪڏهن بيٺن ڪان بيزار.

## ٣٢٧. ڏڪار: وڇوڙو، وسڪارو: ملاپ. (چوڻي)

ڏڪر جي سختي نہ سهي، ٽري ماڻهو پنهنجا سر، ٻچا ۽ مال ڪي بچائڻ خاطر، پيٽ گذر ۽ مال جي چاري لاءِ بيراجي علائقن ڏانهن نڪري پوندا آهن. ان نڪرڻ ۾، پنهنجن ويجهن عزيزن کان بہ وڇڙي وڃبو آهي، جنهن جو عذاب وڇڙڻ وارا ئي سمجهي سگهن ٿا.
اگر چؤماسي جي مند ۾ مينهن پيو ۽ برسات اوهيرا ڪري پئي تہ ڀِٽُن ۽ ڀِٽُن تي گاهہ گلزاريون ٿيو وڃن. ان ۽ کير جام ٿين. سانگ تي ويل سانگي واندين کان واپس ورن. وڇڙيا پاڻ ۾ وري گڏجن، جنهن سان سندن ميلاپ ٿئي. گهرن جي اڱڻن تي ٺهڪ گونجن، گيتن ۽ همرچن جو هڳاءُ ماحول کي معطر ڪري وجهي. (٣٥) ص ٢١٤
مطلب: ١. ڏڪار وڇوڙو، ميلاپ وسڪارو.

## ٣٢٨. ڏڪريان کهڙا پاڙينگڙا: جائي تو پيٽ خالي، پرڻائي تو گهر خالي. (چوڻي)

ڏڪريان: ڌيئرن، نياڻين. پاڙينگڙا: بار، بوجهہ. جائي: ڄاپي، ڄمي.
نياڻي گهر جي سونهن آهي. پٽ ورونهن آهي. پر گهرُ، نياڻيءَ سان آهي.
نياڻيءَ کان سواءِ گهر ڄڻ اوطاق. اوطاق واري ڪچهريءَ/ گفتي ۽ بغير نياڻيءَ واري گهر اندر ڳالهايل گفتي منجهہ، ويهين اٺويهين جو فرق هجي تہ هجي، نہ تہ ٻئي گفتا هڪجهڙا.
انسان، پيٽ-پرائيءَ جون گهڻيون ڳالهيون ڪندڙ آهي. جڏهن نياڻي ڄمي ٿي تہ ڪانئس اهي پيٽ پرايون وسري ٿيون وڃن. ڪنهن سان ڪيس، هٿ-چراند، نڳي نوڙي، گهر تڪڻ وغيره سڀ وسريو وڃن. نياڻيءَ جي ڄمڻ سان، ڄڻ پيٽ خالي ٿيو وڃي.
جڏهن وري، نياڻي پيءُ ماءُ جو گهر ڇڏي، پنهنجي گهر ۾ ٿي وڃي تہ پيءُ ماءُ جو گهر وري ساڳيو ئي ڄڻ خالي ٿيو وڃي. جتي نياڻيءَ جي ڪري، گهر اندر برڪت ۽ حياءَ واريون ڳالهيون هيون، هاڻي انهن ۾ وري

تبديلي اچڻ شروع ٿئي ٿي. ساڳيو اوطاق وارو ماحول ٿيڻ شروع ٿي ٿو وڃي. ويراني واڪا ڪرڻ ٿي شروع ڪري.
مطلب: ١ - نياڻي، ٻوجھ بجاءِ، برڪت جو سبب بڻجي ٿي.
٢ - نياڻي جمي ته گهر مان بُرائي وڃي، پرڻجي وڃي ته گهر ويران ٿي وڃي.
٣ - نياڻيءَ جو ڀاڳ به سادو آهي. جمي ته بک ٿي/ خالي پيٽ ٿي، پرڻجي وڃي ته مائٽن جو گهر خالي ڪري وڃي.

## ٣٢٩. ڏڪري ڪائي پيئي مٽ، گهر سهي ٽارو. (پهاڪو)

هڪڙي گهر جي نياڻي/ڌيءَ، ڪنهن پرانهين هنڌ ٿي پرڻجي وئي. سندس سهرو ڏاڍو سياڻو ۽ چالاڪ ماڻهو هيو. تنهن ڪيس پريل ٽريل ۽ سَجيل گهر ته ڏنو پر ان سان گڏوگڏ نصيحت ڪندي چيائينس: "پريل ٽريل گهر تو کي ڏيان ٿو. ان جي سار سنڀال توکي لهڻي آهي. احتياط سان منجهس رهڻو آهي، جيئن ڪا شيءِ، ڪٿي ۽ ٽٽي نه ۽ ڀڃي ڀُري به نه."
ڇوڪري ويچاري، هاڻي گهر جي سار سنڀال ۽ ٽپڙن جي ناهه نوهه ۽ سانڍڻ واري ڪم ۾ ئي سُڪ ٿي وئي. احتياط سان رهندي، ڪو به ٽپڙ ٽاڙي هيڏي هوڏي ٿيڻ نه ڏنائين.
سالن پڄاڻان، جڏهن سندس پيءُ، وٽس گهمڻ آيو ته پريل ٽريل گهر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو پر ڌيءَ کي لهڪاريل ڏسي ڏاڍو دلگير ٿيو. دل وٺڻ لاءِ پڇيائينس: "پٽ! تو کي ڪيڏو نه سنو ساهراڻو گهر ڏنو اٿم، جتي تو کي هيڏو سجيل ۽ پريل ٽريل گهر مليل آهي. پوءِ به ڇڻ ڳڻتين ۾ ورتل هجين؟"
"ڏڪري! ڪائي پيئي مٽ، گهر سهي ٽارو" ڏيڻس، گهر جي سجيل هئڻ ۽ پنهنجي لهڪاريل هئڻ جو دليل هڪ ئي جملي ۾ ڏيندي چيس: "ڌيءُ! ڪاءُ پيءُ نه! گهر سڄو تنهنجو آ!" (٦)
مطلب: ١ - جڏهن گهر منهنجو آهي ته منجهس آسائشون به منهنجون ٿيون نه!
٢ - ڌيءُ! ڪائين پئين مٽان، پر گهر سڄو تنهنجو آهي.
٣ - ڌيءُ! گهر سڄو تنهنجو آهي پر ڪائجان پيئجانءِ نه!

## ٣٣٠. ڏک ۾ ڏاڍو ٽجي، سک ۾ سرهو نه ٽجي. (چوڻي)

هڪ ڀيري لاکي ڦلاڻي کي ڪنهن سوناري هڪ قيمتي مندي تحفي ۾ ڏني. ڄام لاکو اها خوبصورت مندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن اها مندي

پنهنجي هڪ پياري ڏاهي دوست کي ڏني ۽ چيائينس: ”هن منديءَ تي ڪو اهڙو قيمتي جملو لکرائي اچ، جيڪو جملو آئون خوشيءَ جي وقت پڙهان ته، آپي مان نه نڪران ۽ غم جي وقت پڙهان ته وڏيڪ مايوس نه ٿيان.“ ان تي جي ڏاهي ماڻهوءَ ڪجهه وقت سوچي، پوءِ انهي مندي تي جملو لکرائي ڏنس: ”سک ۾ سرهو نه ٿجي ۽ ڏک ۾ ڏاڍو ٿجي.“ (۳۵) ص ۲۵۷

مطلب: ۱- دنيا: ڏک ۽ سک جو گڏيل ماڳ آهي. اتي جي نه خوشي جٽادار آهي، نه غمي. ٻئي، اچڻ شرط، لنگهي وڃن ٿيون.

۳۳۱. ڏمرجي ته به ڏئي، پرچي ته پل پري،
جُنگ جکري کي، ٻئي چڱيون چت ۾. (چوڻي)

جکرو: اوٺو جکراڻي، آڳاٽي دور ۾ سنڌ جو هڪڙو سخي مرد.

۱ - رب، اگر ڪن سببن جي ڪري ٻانهي تي ناراض ٿئي ٿو ته به سندس روزي بند نه ٿو ڪري. البته ناراض هوندي به پاڻ روزي ڏئي ٿو. راضي هئڻ جي صورت ۾ بي حساب ۽ بي انداز ڏئي ٿو. اتان ڏئي ٿو، جتان بندي کي ملڻ جو، وهم ۽ گمان به نه هجي.

۲ - ڏيڻ ۽ نه ڏيڻ ۾ به رب تعالىٰ، ٻانهي جي مصلحت کي مدِنظر رکي ٿو.

مطلب: ۱ - ڏمرئو ته ڏي، پرچيو ته پاٽ پري. (شاهه بلاول)

۲ - رب راضي ٿئي ته هڪ مان به ڪري، ٿئي ناراض ته ٻن مان ٿي ڪري.

۳۳۲. ڏمر ڏولائو، ڪمٽ ڪٿوري. (چوڻي)

ڏمر: ڪاوڙ، ڪروڌ. ڏولائو: تڪليف پهچڻ جو اهڃاڻ. ڪمٽ: صبر، ڪانڌ. ڪٿوري: خوشبودار.

ڏمر يا ڪاوڙ منجهان نيٺ نقصان رسي ٿو، جڏهن ته صبر منجهان نيٺ راحت ۽ خوشبوءِ ملي ٿي. ڪاوڙ ڪرڻ ڪان بهتر آهي ته صبر ڪان ڪم ونجي.

مطلب: ۱ - ڪاوڙ ۽ ڪروڌ نڪرن جو پاٽي به سڪائي، جڏهن ته صبر منجهه رب جي رحمت ۽ مدد پهچي ٿي.

۳۳۳. ڏنو ناڻو، پڳو ماڻو. (چوڻي)

ڪنهن لالچيءَ ۾ اگر ڪم پوندو آهي ته پيو ڪم ڪرڻ کان ٽٽائيندو آهي. پنهنجي لوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ پيو نخرا ۽ ٽاٽا ماٽا ڪندو آهي. منٿون ايلاز، سفارشون به نه مڃيندو آهي.
جڏهن پئسو ڏوڪڙ جهاڙائبو اٿس ته پوءِ ڪير لاهي بيهندو آهي. ڳالهائڻ واري انداز ۾، گفتگو ڪندو آهي. وري جڏهن ساڻس محنت مزدوري يا خرچي پاڻي طئي ڪري، ڪيس پورا پئسا ڏبا آهن ته ٽال مٽول ڇڏي، سچتائيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان جلد ڪم اڪلائي ڏيندو آهي.
مطلب: ١ - پئسو، وڏو سفارشي آهي.
٢ - پئسو، وڏو پير آهي.
٣ - ڇٽو پٽ ڏني جو، ٻئي ذات جا فرحتي.
۴ - ڏنو، پنڌ ڇنو.
۵ - قرض چُڪيو، پنڌ ڪپيو. (٦) ص ١٠٧.

### ٣٣۴. ڏوڪڙو: سيڻ، سوڪڙو: ويري. (چوٽي)

ڏوڪڙو: ڏک. سيڻ: ويجها مائٽ. سوڪڙو: سک.
ڏکن ۽ تڪليفن اندر، ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ۽ همت افزائي ڪرڻ سبب، جڻ دوست ۽ مائٽ ٿي پوندا آهن. هڪ ٻئي سان وندر ورونهن ڪندا آهن. سکن جي اچڻ سان، بي اونا ۽ بي فلڪا ٿيڻ سبب جڻ هڪ ٻئي کان پري ٿيندا ويندا آهن. (٣۵) ص ٢٦٩
مطلب: ١ - ويجهو ٿيڻ: مٺ هئڻ جي علامت آهي. پري ٿيڻ: ويري يا دشمن هجڻ جو اهڃاڻ آهي.

### ٣٣۵. ڏو مُوسا، ڏو ڪاترا، ڏو تيڏي، ڏو تاءَ،
### ڏو بِسَئر، ڏو واءَ، ڏو ڪي ٻانڊي جَڙَ هِيري،
### ايڪ ڪي ٻانڊي ڪُوڙيو ماريءَ. (چوٽي)

ڏو: ٻه . مُوسَا: ڪئا. تيڏي: ننڍي ماڪڙ.تاءَ: تپ، بخار. بسئر: زهريلا جيت، نانگ، بلائون. واءَ: هوا. جڙ هيري: برساتي پاڻي. ڪُوڙيو: مال جي بيماري، جيڪا اڌ رنگ ۾ ظاهر ٿيندي آهي.
آدر مهيني ۾ برسات وسڻ کان پهرين، پندرنهن ڏينهن، جيڪي مگسر نکٽ جا هوندا آهن، تنهن دوران جيڪڏهن پندرهئين ڏينهن چوماس جي هوا لڳي ته، ٻارنهن ڏينهن ۾ ٻن ٻن ڏينهن جي حساب سان، ڪوئا،

ڪاترا، ننڍي ماڪڙ، بخار، زهريلا جيت ۽ نانگ بلائون ٻاهر نڪري نہ سگهندا آهن.

ہ ڏينهن انهيءَ "مگسر" نکٽ (پهرين جون کان پندرهينءَ تائين) دوران برسات وسي تہ اهو برساتي پاڻي، فصل ۽ گاہ لاءِ پڻ پلو ٿيندو آهي.

انهيءَ نکٽ جي آخري ڏينهن ۾ هوا لڳي تہ چوپائي مال ۾ اڏرنگ جي بيماري نہ ٿيندي آهي.

مطلب: ١ - "مگسر" نکٽ دوران، ڪوئا ۽ ڪاترا، ننڍي ماڪڙ ۽ تپ، زهريلا جيت ۽ نانگ بلائون، ٻرن ۾ ڇُپي ويندا آهن. (١۴) ص ٦١.

## ٣٣٦. ڏونگر تہ ڏور ڀلا، نيڙا تو پاهڻيا. (چوٽي)

ڀري ڪان جبلن جو نظارو ہ من موهيندڙ ۽ سهڻو لڳندو آهي. دل هرڪندي آهي تہ جيڪر اڏامي مٿس پهچجي ۽ ويجهڙائيءَ کان نظارو ڀَسجي. جڏهن ويجهو پهچبو آهي، پوائتن پٿرن جي ڍيرن جو درشن ئي ٿيندو آهي. سندن ڪشش ۾ ڪيل پنڌ پڻ اجايو محسوس ٿيندو آهي. (٣۵) ص ٢٠٩

مطلب: ١. جبل پري کان تہ سهڻا لڳندا آهن پر ويجهي وڃڻ بعد هو صرف پٿر آهن.

٢ - ٿوهر پري کان سهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪٿي ڦار وات ۾ وجهبي تہ زهر لڳندو آهي.

٣ - ويجهو: ڪوجهو.

۴ - دور ڪا ڍول، سُهانا بجتا هي.

## ٣٣٧. ڏونگريا هريا هوئا، جڏهن سکر ٺهوڪي مور، ٽڻ رُت چالين تين جٽان: چاڪر، منگت، چور. (چوٽي)

ڏونگريا: جبل. هريا: سائو ٿيو. ٺهوڪي مور: مور جا ٺهوڪڻ. رُت: مُند.

چالين: چالون. جٽان: جٽن. چاڪر: نوڪر. منگت: مڱڻهار.

ٿر ۾ جڏهن برسات پوندي آهي، تڏهن چوڏاري گاهہ ڦٽي پوندا آهن. جنهن سبب زمين کان مٿي ايريل پٽون ہ سائي چادر تاڻي بيٺيون هونديون آهن. ان مند ۾ مور ہ ٺهوڪا ڏيندو آهي، جنهن سبب منظر ڏاڍو پرڪشش ٿي پوندو آهي.

انهيءَ مند ۾، ٽن ڄڻن جي چال به ڪلي پوندي آهي. اهي به وقت سر، موسمي ڏيڏر وانگر، نڪري نروار ٿيندا آهن. ١- نوڪر: خاص طور تي سرڪار طرفان لاپي يا ڍل وغيره جي اوڳاڙيءَ لاءِ مقرر ٿيل، فصل جي تڪ تور لاءِ نڪري پوندا آهن. ٢ - مگڻهار به راڄ مان، پگر جي اڳاڙيءَ لاءِ، پٽڪا ٻڌي گهوڙين تي چڙهي، نڪري پوندا آهن ۽ اچي راڄن جي در تي سين هڻندا آهن. ٣ - چورن ڪي به ان وقت موقعو سُجهندو آهي، جڏهن ملڪ سڪيو ستابو هجي. چور پريل پڪيل گهر ۾، سٽائي وقت تي ئي ڪاٽ هڻندو آهي.
مطلب: ١ - برسات سبب آيل خوشحاليءَ ۾ نوڪر، مگڻهار ۽ چور ڪي به ٽورو ڪي مليو وڃي.
٢ - پيٽيو: ڪيوئي منگت آرس ڪري، چور چوريءَ نهين جائي،
چاڪر بيچارا ڪيا ڪري، روج پار ڪا ڪائي،
آڏي رو هڪل ٿائي، تو 'جي جي' ڪرتا جائي. (٢) ص ٦٤.

## ٣٣٨. ڏوهتراڻ نِه پوتراڻ، وڏتو ويري. (چوڻي)

ڏوهتراڻ: ڏوهٽاڻ. نِه: ۽. پوتراڻ: پوٽاڻ. وڏتو: وڏندڙ. ويري: دشمن.
ڏوهٽا، پلي ڪيترو به ناناڻن جو کائين پيئن، پر ڪوناٻا وري به ڏاڏاڻن جا. ناناڻن سان، نه سڌا هلندا ۽ نه ئي ساڻن سنوان ٿيندا. وڏو ٿيڻ ڪان پوءِ، هر ڪو پنهنجي پيٽ لاءِ ڪمائي ٿو. ڏوهٽو هجي يا پوٽو، ڪمائي ڪري اچي، پنهنجي زال آڏو رکندو. ڏاڏي/ ناني يا چاچن مامن ڪي آٽي هنج ۾ نه رکندو.
نام ناموس وڏائيندو ته پنهنجي ڏاڏنگ جي خاندان جي وڏائيندو، نانگ ڪي ڪين ڪڏائيندو. سڏبو ۽ ڪوئائبو ڏاڏاڻن جو. ناناڻن ڪي ايترو به فائدو نه ڏيندو. ڇو جو ڏيئر ۽ ڏوهٽاڻ پرائو باغ آهن.
مطلب: ١ - ڄڻيو اولاد ئي يا نصيب آ، پوءِ پوٽن ڏوهٽن ۾ آسرو رکڻ، اجايو آهي.
٢ - ڏوهٽاڻ ۽ پوٽاڻ، وڏندي جا ويري. (لاڙ)
٣ - ڏوهٽا، وڏندا ويري. (ساهتي)
٤ - ڏوهٽاڻ نه پوٽاڻ، جيئن وڏي تيئن ڪري. (ٿر)
٥ - ڏوهٽو، پوٽي جي پيٽ ۾، گهٽ ڦهڪاءُ رکندو آهي.
٦ - ڏوهٽاڻ، پوٽاڻ وڏندي ته ملڪيت مان حصو ڇڪڻ سبب، ويري ٿيندي.

٧ - ڏوهٽاڻ، پوٽاڻ نہ ٿيندو.
٨- ڏوهٽاڻ: پرائو باغ. پوٽاڻ: پنهنجو باغ . (٦) ص ١١٠.

### ٣٣٩. ڏهاڳڻ را ڏاڪڙا، ڪي نہ آيا ڪاڄ. (ڀهاڪو)

ڏهاڳڻ: مُني، بيوه، جنهن جو مڙس مري وڃي. را: جا. ڏاڪڙا: ڏُک. ڪي: ڪنهن. ڪاڄ: وهانءُ.
جنهن اياڳڻ جو وَرُ، جوانيءَ ۾ جهان ڇڏي ويو، ان کي هر ڪو نياڳي ۽ بدبخت سڏي، ڪانئس ٽارو پيو ڪندو آهي. سندس ڦٽن، ڏکن، ڏوجرن تي بجاءِ مرهم رکڻ جي، مٿن لوڻ پيو ٻرڪيندو آهي.
نحوست وارو داغ/ ڪلنڪ، سندس نراڙ تي چِٽي، ڪانئس هر ڪو پيو ڇرڪندو ۽ ونءُ ويندو آهي. جنهن سبب ڏهاڳڻ جي زندگي، عذاب ۾ پئي گذرندي آهي.
اسلام ۾ اهڙيءَ عورت لاءِ همدردي آهي. جڏهن تہ هندو مت ۾ ناهي. ساڻس همدردي، نہ مِٺُ مائٽ ڪندو آهي ۽ نہ اوڙي پاڙي وارا.
مطلب: ١ - ڏهاڳڻ جي ڏکن/ ڏاکڙن جو تدارڪ، ڪير بہ نہ ڪندو آهي.
٢ - ڏهاڳڻ جي ڏک ۾ ڪو بہ شريڪ نہ ٿيندو آهي.
٣ - پيٽيو: ڪوٽي ۾ مُني، ڪنهن نہ ڏني. (٦) ص ١٠٩.

### ٣٤٠. ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو چيڙ منو. (چوٽي)

ڏياري: هندن جو تهوار، جنهن ۾ رات جو پٽين ۽ آڳنڌ وغيره تي ڏيئا ٻاري روشني ڪن. چيڙ: متيرو.
سنبت وڪرمي سال جو اسو مهينو، آڪٽوبر ڌاري ايندو آهي. اسوءَ ۾ ڏياريءَ جو ڏڻ ٿيندو آهي. ڪجهہ فصل لهي چڪا هوندا آهن ۽ ٻيا ٻنين ۾ پڪل هوندا آهن. چيڙ، ٽر ۾ ٿئي ۽ ڏڪار توڙي سڪار جي حالتن ۾ ڪاڌ خوراڪ طور استعمال ٿئي. ڏياريءَ کان اڳ، ول ۾ لڳل ڪجهہ چيڙ منا هوندا آهن تہ، ڪجهہ ڪارا هوندا آهن. ڏياري جي ڏڻ کان پوءِ، پچي منو ٿي پوندو آهي. ڪائڻ ۾ منو ۽ سوادي لڳندو آهي. ڪچو، ڏياريءَ کان اڳ، ڪارو هوندو آهي. ڏياريءَ بعد، ڪٽ-منو ٿئي ۽ انب-چُور طور پاڇيءَ ۾ ڪم اچي. (٣٥) ص ٢٥٧
مطلب: ١ - چيڙ جو منو ٿيڻ، ڏياريءَ جي آمد جي نشاني آهي.

### ٣٤١. ڏي روٽيان را چڙهه، گهتيان تي پنڌ ري چٽي ۾. (پهاڪو)

هڪڙو پيٽوڙي، ڪنهن چاتل سچاتل ڳوٺ ۾، رات ڌاري وڃي ڪڙڪيو. ڳوٺ وارا ڪانئس، واقف هئا. تن ڪيس پچائڻ لاءِ سوچيو.
”سائين! اڄ پر واري ڳوٺ ۾ وڏو اوسر آهي.“ پنهنجي منهن هڪبئي کي چوڻ لڳا: ”چار ڏينهن ڌماڌم، ماني هلندي، جنهن ۾ لاپسي، شيرو، ڳڙهاري، پٽ، ٻوڙ ۽ مانيون گڏوگڏ ملنديون.“
اهي ڳالهيون ڪن پوندي، پيٽوڙي آهستي آهستي، ڳوٺ ڇڏي ٻڪ تي ٻاهر نڪتو ۽ اوسر واري ڳوٺ ڏانهن رخ رکيائين. ڳوٺ ڪافي پري هو. پهچندي پهچندي اڌ رات ٿي ويس.
اتي ڪجهه به نه ڏسي، پوئين ڳوٺ وارن کي، وڏي سر ٻيهي گاريون ڏيڻ لڳو. گارين تي به چار ماڻهو گهرن مان نڪري پيا.
”ڇا ٿو چوين؟“ ماڻهن پڇيس.
”مئا ماڻس را ڏِڪرا ئي ڪو هَتا.“ ڪين ورندي ڏنائين ته: ”اڳلا ماڻهوءَ جا پٽ ئي ڪو نه هئا.“
”ڇو؟“ مڙني ڪانئس پڇيو.
”ڏي روٽيان را چڙهه، گهتيان تي پنڌ ري چٽي ۾.“ ڪاوڙ جو سبب ٻڌائيندي چيائين. ”ڏوَ جو آسرو ڏئي، پنڌ جي چٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيائون.“
(٦) ص ٦٠.
مطلب: ١ - دوکي سان تڪليف ۾ وجهندڙ کي، ائين ٽوڪبو آهي.
٢ - مانيءَ جو آسرو ڏئي، ڪنهن کي اجايو پنڌ نه ڪرائجي.

### ٣٤٢. ڏيس بڪاٽي ڏڪرو: گان بڪاٽي نار، برسات پڙي ڊاٺ تي، پلا ڊاٽين جا پار. (چوڻي)

ڏيس: ڏيهه، ديس، ڳوٺ. بڪاٽي: ساراهه ڪرڻ، واکاڻ ڪرڻ. ڏڪرو: چوڪرو. گان: ڳوٺ. نار:زال. پرس: مڙس. ڊاٺ: ڊٺ، ٿري علائقي جو نالو. پار: پرڪار، لڇڻ، ارڪان.
١ - پٽ اهو پلو آهي، جنهن کي جڳ جهان چڱو چوي يا ٻيا به سندس واکاڻ يا تعريف ڪن. هندين ماڳين هاڪ هجيس. اگر جتي ڪٿي بدنام هوندو ته ڳوٺ ۾ ماڻهن جا بوهيارا ۽ پوليس جا ٿاڻو ڪڍ هوندس. اها دڙي ته تتل هوندس پر ڌرتي به ٿامڻي هوندس. لڪڻ لاءِ جاءِ نه ملندس.

٢ - زال ٻه اها ڀلي آهي، جنهن کي پاڙو اوڙو ۽ سڄو ڳوٺ چڱو چوي. جنهن عورت مان پاڙو بيزار هجي، سا ڳوٺ مان لڏڻ جو سبب بڻجي پوندي. سندس بدناموسيءَ سبب، ڪٿي به نڪ چپائڻ جيتري جاءِ نه ملندي.
٣ - ڌٽ تي برسات پوڻ سان، ڀلر جي ڀالوت ٿئي ٿي. پنهنجي کائڻ لاءِ انُ ۽ مال لاءِ چارو ارزان ٿئي ٿو. مال سائو ستابو ٿئي ٿو ۽ کير مکڻ جام ٿئي ٿو. پئسو پنجڙ به بي-مڪتو هٿ اچي ٿو، جنهن سبب ڏاٽين جا لڇڻ ۽ افعال ڀلا نظر تا اچن.
مطلب: ١ - چڱي شيءِ اها آهي، جنهن کي ٻيا به چڱو چون.
٢ - پٽ اهو، جنهن کي ڏيهه ساراهي. زال اها، جنهن کي ڳوٺ ساراهي.
٣ - ماءُ بڪاٽي ڏِڪرو، پرس بڪاٽي نار. (ابتو) (٢) ص ٦٣.

## ٣٤٣. ڏينهان چلو نه ڪري، ڪڪڙ سانجهي وار،
## جوءِ پرائي پڪڙي، مرد لهي نه سار،
## جو ويني سات سمهي، اهي پنج ئي گينوار. (چوڻي)

چلو: سنان، تڙ، وهنجڻ. پڪڙي: پڪڙن ۾، گهر ۾. سات: ساٿي، سنگتي.
گينوار: ڳنوار، بي عقل.
١ - صبح جو سوير اٿي ڏندڻ ۽ سنان ڪرڻ ۾ صحت آهي. سستي ختم ٿيو وڃي ۽ بخت ڀاڻ ڀرائي ٿو. صبح جو سوير اٿي، سنان پاڻي نه ڪرڻ وارو مرد، مورک آهي.
٢ - ڪڪڙ جي بانگ ڏيڻ جو وقت، اسر ڏاري آهي. اسر بدران، اگر شام جو بانگ ڏئي ته سمجهبو: يا موڳو آهي يا بيمار آهي.
٣ - اشراف زال جو خاصو آهي ته پنهنجي گهر مان ڪاڏي به ڀير نه ڪڍي. سندس سونهن، گهر اندر پردو ڪرڻ ۾ آهي. جيڪا عورت پنهنجي گهر جي چائنٺ لتاڙي، پراون گهرن ۾ پئي ڦرڪا ڏيندي، تنهن کي هر ڪو پيو بدچال سمجهندو.
٤ - مرد کي ئي زال جي سار لهڻي آهي. اگر ڪنهن شيءِ جي ضرورت اٿس ته کيس مهيا ڪري ڏيڻي آهي. اگر عورت جي چال چڱي ناهي ته کيس ڏاهپ ۽ سياڻپ سان ڏت ڪرڻ، مڙس جو ڪم آهي. اهي ڪم اگر مرد ٻين کي دانهون ڏئي ڪرائيندو ته هڪ ڏينهن اها زال ته ڦرائيندو پر پنهنجي پت به وڃائيندو. کيس هر ڪو، نامرد ۽ بيوقوف پيو سڏيندو.
٥ - سنگتي ساٿي اچن ۽ ميزبان انهن جي سار سنڀار لهڻ بجاءِ لت ڪوڙي سمهي رهي ته ان جهڙو بي ڍنگو ٻيو ڪو به ڪونهي.

مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنج خاصيتون، بيعقل ماڻهن جون آهن.
٢ - چلو مرون ڏينهن پچري، ڪڪڙ سانجهي وار،
جوءِ پرائي پڪڙين، مرد نہ لهي سار،
پرس پراوا قرض ڪٽي، ڪري وڏا اُپڪار،
جو ويني سٽ سمهي رهي، اهي پنج ئي گينوار.
٣ - ڏينهان چلو مرون، راتيان ڪڪڙ وار،
نار پرائي ڪاج ۾، وجي ڪُران ڏار،
(يا) پراون پاڙن ۾، جانت نت وجي نار،
قرض ڪٽي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار،
ويني سٽ سمهي رهي، اهي پنج ئي گينوار. (١٢) ص ١٥٠ ۽ (٨)

## ٣٤٤. ڏيڻ، روئڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا،
## قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هيٺ رکيا. (چوڻي)

١ - ڏيڻ: سخاوت ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پنهنجي شيءِ ٻئي کي ڏئي ڇڏڻ، جهڙي تهڙي جو نہ بلڪ دل-واري ماڻهوءَ جو ڪم آهي.
٢ - روئڻ بہ ايترو سولو ڪم ناهي. ماڻهو، وڏي نقصان پوڻ کان پوءِ وڃي مس روئندا يا روئڻهارڪا ٿيندا آهن. بي صورت ۾ هر ڪو خوش رهڻ کي ئي ترجيح ڏيندو ۽ پسند ڪندو آهي. نقصان پوڻ تي، دل کي رنج پهچندو آهي. جنهنڪري انسان کان بي اختيار ڳوڙها وهي پوندا آهن.
٣ - وطن ڇڏڻ ڏکيو ڪم آهي. وطن سان اُنسيت، ڄمڻ شرط پيدا ٿئي ٿي. ڪيس پنهنجو محافظ ۽ مربي ڄاڻبو آهي. جنهن ڌر ۽ گهر ۾، جيڪو ڄائو آهي، تنهن کي پنهنجو پهريون اجهو ۽ سهارو سمجهندي، ساڻس محبت ڪندو آهي. ڪانئس جدا ٿيڻ تي ڪيس دلي چوٽ لڳندي آهي.
مٿي ڄاڻايل ٽنهي ڪمن جو تعلق، براه راست دل سان آهي. دل کي تڪليف پهچائڻ وارا عمل آهن. ڇو جو قدرت واري، انهن جو تعلق، ازل کان، دل سان ڳنڍي ڇڏيو آهي.
مطلب: ١ - بخشي ڇڏڻ، دل تي پٿر رکي ڇڏڻ برابر آهي.
٢ - ڏيڻ، دل هينان آهن.
٣ - ڏيڻ، ڏکيو آهي.
٤ - ڏيڻ، ڏيهہ ڇڏڻ، ڏيهي ڇڏڻ، ٽئي ٽول ڏکيا. (٤) ص ٢٤٣.

## ٣٤٥. ڏيهہ ۾ ڏياري، هروءَ ري گهرين هوري. (پهاڪو)

ڏياري: خوشيءَ جو ڏڻ. هرو: غريب مارو ماڻهو. هوري: وڇوڙي جو ڏک.
ڏياريءَ جي خوشي اهو ملهائيندو، جنهن وٽ مال ملڪيت هجي ۽ کهول ڪٽنو هجيس. جنهن وٽ نه مال، نه ملڪيت ۽ نه وري اولاد هڪ هنڌ ڪٽنو هجي، سو ڏياري ڪٿان ملهائيندو. قحط ساليءَ واري سال، جڏهن هڪ گهر جا ڀاتي بيراجي علائقن ۾ ڪمائڻ ويندا آهن، تڏهن گهر خالي ۽ ويران نظر ايندا آهن. تن ۾ خوشيءَ بجاءِ، غم داخل ٿيندو آهي. وڇوڙي جا ور ۽ ويلن جي سار ۾ هورا ڪورا هوندي آهي.
مطلب: ١ - جنهن کي بک ۽ بيرازگاري تنگ ڪري، سو ڏياري ملهائڻ بجاءِ، ويڳاڻو ۽ ڏکارو ٿيو هوري پيو ملهائيندو آهي. (٣٥) ص ٢٦٦

## ڊ

### ٣٤٦. ڊامڻ، گهوڙي کي آمڻ. (چوٽي)

ڊامڻ: پاڻ مرادو ڦٽندڙ گاه جو قسم. آمڻ: چوب چيني. ٽُر-سرائي. لوهه جي سيخ وانگر ڪڙي، جيڪا گهوڙي جي لغام ڏيڻ وقت سندس وات ۾ پوندي آهي.
ڊامڻ: ڏهرن واري سخت زمين ۽ پٽن جي لاهن تي ڏرڙن جي ڪناري واري سخت زمين تي ٿيندو آهي. ڊيگهه ۾ ٻه فوٽ ڪن ٿئي ۽ پن ڊگها ۽ نوڪدار ٿينس. ڏانڊيءَ مان ٽيليون نڪرنس، هر هڪ ٽيليءَ جي چيڙي تي ننڍو ٽي انچ سنهون سنگ ٿيندو اٿس، جنهن ۾ بند ٽيل پوشن اندر ڏاٽا ڏاٽا هوندا آهن. هيءُ گاهه ڍڳيون، مينهون، گهوڙا ۽ گڏهه ڪائيندا آهن. گانيون ڊامڻ ڪائڻ ڪري ججهو ۽ گهاٽو کير ڏينديون آهن، جنهن مان مکڻ گهڻو حاصل ڪبو آهي.
ڊامڻ: گهوڙي لاءِ مرغوب گاهه آهي. چرندو ته مست ٿي پيو منجهس چرندو. پيٽ جي پرجڻ جي خبر ئي نه پوندس. جڏهن اهڙو لذيذ گاهه، گهوڙي آڏو هجي ته پوءِ کيس وات ۾، ٽُر-سرائي ٻه ڏيڻ گهرجي ته جيئن حد کان وڌيڪ نه کائي وجي ته متان فائدي بجاءِ نقصان ٿيئس.
مطلب: ١ - ڊامڻ، ڳنڍير وغيره جي پيٽ ۾ سادو گاهه آهي پر، گهوڙي لاءِ، مرغوب غذا آهي. (١١) ۽ (١٧) ص ١١٤.

# ڏ

٣٤٧. ڏائو ڪري آٽا ماٽا، ٻڪئي وجي ساهه. (ٻيراجي، چوڻي)
ڳٽني ۽ سوچ، احساس يا قدر، ٻک ڏک تي پيدا ٿيندا آهن. ڏوَ تي غفلت ۽ غنودگي طاري ٿيندي آهي. نئين شيءِ جو تصور ذهن تي جُڙڻ جڙڻ جي ماڳ، ڏنل ٻڌل شيءِ جو تصور ۽ ذهن تان محو تي ويندي آهي. ڏايل ڪي، ٻڪئي جي تڪليف جو احساس گهٽ ٿيندو آهي. جنهن ڪري ڪيس تنگ ڪري يا مٿس ٺوڪون ڪري مزا ۽ چونچلا پيو وٺندو آهي. جڏهن ٻڪايل جو، ڏايل ۾ ڪم ڦاسندو آهي ته ڏايل پيو آٽا ماٽا ۽ نينگ ٿپا ڏيندو آهي. ڳالهائڻ لاءِ اگر ويساند ملندي اٿس ته سواءِ تنقيد ۽ تنقيص، طعني ۽ تنقيح جي ٻي ٻولي ڏانءُ نه ايندي اٿس.
مطلب: ١ - جيسين ڏائو مٿو ڪنهي، تيسين ٻڪئي جو سِرُ وڃي.
٢ - جيسين سائو ڪٽي ساهه، تيسين سجي جو وجي ارواح.
٣ - جيسين ڏائو پيٽ ڪٽي، تيسين ٻڪيو پيو ڪُرڙيون هٽي.
٤ - جيسين عراق مان ترياق اچي، تيسين نانگ-ڏنگيو مريو وجي.

٣٤٨. ڏڳو چتو ٿيندو، ته ٻه نٽ ڪو ڪائيندو. (پهاڪو)
جانور ٻه پنهنجي فطرتي حڪم تحت، انسان جا مطيع آهن. جڏهن ڪتر يا اهنڊ ٿين ته انسان سان وڙهن پر ڪن حد بندين اندر. ان ڪان وڌيڪ حدون اورانگهي وڙهي نه سگهن. منجهن تڪويني طور تي جيڪا جبلت رکي وئي آهي، تنهن اندر رهندي، ورتاءُ ڪن. ان ڪان وڌي، آپي ڪان ٻاهر نه نڪري سگهن. ڪتو چتو ٿيندو ته ٻين کي چڪيندو، ڏهڙيندو يا ڳِڱَ ڳاڙي متاثر ڪندو. ڏڳو ڏور پڻ ائين آهي. انهن جو چتو ٿيڻ پڻ، ٻين تي اثر انداز ٿئي. اگر اهي نٽ منجهه ناڪيلي هٽي سوگها ڪيا ويا آهن ته چتي ٿيڻ جي باوجود ٻه ان ناڪيليءَ ۾ بند رهن. ان کي ٺوڙي نه سگهن.
مطلب: ١ - قدرت واري، هر ساهدار کي ڪنهن حد تائين چيڪ چڏيو آهي. ان ڪانپوءِ، اهو بيوس آهي، اها حد اورانگهڻ سندس وس ڪان ٻاهر آهي.

٣٤٩. ڏول نِه پول، ڪٽيا پلا. (چوڻي)

ڊول: ڍهل. پول: عورت جو مخصوص عضوو، سارُ.
١ - ڍهل، وڄائڻ ۽ هوشيار ڪرڻ خاطر هوندو آهي. وڄندو ۽ آواز تڏهن ڪيندو، جڏهن ڏونڪي سان ڪيس ڪٽبو. بنا ڪٽڻ جي، نہ آواز ڪيندو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪم جو رهندو.
٢ - زال، گهر ۾ ونڻي اچڻ جو بہ تڏهن فائدو پوندو، جڏهن ٻين گهرجن سان گڏ، سندس فطري ضرورت بہ پوري ڪجي. ڪيس اتي، لٽي ۽ اجهي جي مائٽن وٽ ڪوٺي ڪو نہ هئي. البتہ جنهن ڳالهہ جي ڪري گهر چڙهيائين سي سندس حق پورا پورا ادا ڪرڻ گهرجن. ڇو جو مرد ڪي ساڻس سمهڻ ڪان سواءِ، اولاد نہ ٿيندو ۽ شادي ڪرڻ جو فائدو ئي نہ ملندو.
مطلب: ١ - جنهن شيءِ مان جهڙيءَ طرح فائدو ملي، تهڙيءَ طرح حاصل ڪجي. (٢٣)

### ٣٥٠. ڍؤ جهلي هڪ پاپڙو، ٻيو مينهن. (چوڻي)

پاپڙو: ٽر جي هندن جي ذات.
١ - فطرتي طور تي سر مٿان آيل ڏک ۽ سک، انسان جي چهري يا جسم جي عضون مان بہ پيو ٻکندو آهي. سک هوندس تہ پيو نينگ ٽپا ڏيندو. ڏک هوندس تہ مرجهايو ۽ ڪومايو پيو هوندو. لڳندو تہ مڙس جڻ اڌ تي ويو آهي. اهڙيءَ طرح، سچائي ۽ سٺيائي بہ اٺا-ويني ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان پيون ظاهر ٿينديون. زبان سان پلي ڪيڏو بہ لڪائي پر سندس باڊي لئنگئيج، ڪيس اگهاڙو پئي ڪندي. ان جي برعڪس، هندن جي هڪ ذات پاپڙو آهي. پاپڙن جو انت لهڻ بہ ڏاڍو ڏکيو آهي، خاص طور تي پئسي وارن جو. ڇو جو ڪين ڪيترو بہ ناٽو هٿ اچي، ٻين کي لڪا نہ ڏيندا آهن.
٢ - هر ساهدار، وٽ ۽ ٻوٽي آهر ڪائيندو ۽ هضم ڪندو آهي. هٿ ڪان واڌو ڪائيندو تہ هضم ڪرڻ لاءِ پيو نينگ ٽپا ڏيندو، جنهن مان ظاهر ٿيندو تہ حد ڪان وڌيڪ مال ڊوهي ويو آهي. اگر گهٽ ڪائيندو تہ لهڪاربو ويندو ۽ ساڳائيندو ڪو نہ. ان مان بہ پيو ظاهر ٿيندو تہ ڪائڻ جو ڏچر آهي. ان جي برعڪس، مينهن اهڙو وهٽ آهي جو گهڻو ڪائي يا گهٽ، پر هلڻ ۽ هضم ڪرڻ لاءِ سندس ساڳي ٽور هوندي. جنهنڪري ڍؤ تي بہ، پاڻ جهلي جهلي پئي هلندي.
مطلب: ١ - ڍؤ بہ ڪو ڪو جهلي سگهي.
٢ - مينهن ڍائي هوريان هلي، رڍ ڍائي نينگ ٽپا ڏئي.

### ٣٥١. ڏؤ ڪميٽو، غربت اشراف. (چوڻي)

هر ساهدار کي پيٽ ساڻُ آهي، جيڪو ڪيس پرٽو آهي ته جيئن جِيئي سگهي. اهو پربو، هوند تي. سچ تي، ڪين پرجي سگهندو. هوند، شاهوڪاريءَ ۽ ڏَوَ جي نشاني آهي. جڏهن پيٽ پريل هوندو آهي ته ڳٽتيءَ/ سوچ تي پردو اچي ويندو آهي. جڏهن سوچ مُئي، ته پوءِ نه ڳالهائڻ ۾ بري پلي گفتي جي خبر پوندي آهي ۽ نه وري ورتاءَ ۾ چڱي مَني رويي جي خبر پوندي آهي. انڌ جي گهوڙي تي، ڏايل پيو دڙيون ٽپندو آهي ۽ ڪميٽائپ وارا ڪتا ڪم ڪندو آهي.

ان جي برعڪس، غربت سبب، گهٽ ڏايل ساهدار، پنهنجي پيٽ جي ڳٽتيءَ ۽ ڏنڌي جي لوريءَ ۾ ورتل هوندو آهي. سچو ڏينهن فڪرات ۽ سوچ، سندس خيالات کي چنڊيندا چاڙيندا آهن پيا. جنهن سان ڪيس شرافت ۽ بداخلاقيءَ منجهه فرق، چٽو نظر ايندو آهي. سندس گفتار ۽ رويا، مانار ۽ ميٺ وارا ٿي پوندا آهن.

مطلب: ١- ڏاول دڙيون ٽپي، هيٺو هينانهينءَ سان هلي.

٢ - دولت ۽ شرافت، گڏ ڪين رهي سگهندا.

### ٣٥٢. ڏيڏ ڏيڏان را پرامٽا، تي گش ۾ ناڪيو گهي، آمان شامهان شبڙڪا ماري، مشلا جاٽي اي تماشو ڪي. (چوڻي)

گِش: رب ۾ ڏونئرو/ ڏٽيو (ڪير، ڪير مان نهيل شيءِ) ملائڻ سان ٺهندي آهي. ڏيڏ: مينگهواڙ.

هڪڙو مينگهواڙ، پنهنجي ڪنهن مائٽ مينگهواڙ وٽ اچي مهمان ٿيو. ميزبان، مهمان آڏو گش آٽي رکي ۽ منجهس گيهه پڻ وڌائين. پوءِ ٻئي جٽا، گيهه وڌل گِش جي پريل ٿانءَ آڏو، آمهون سامهون تي وينا ۽ لپون پري وات ۾ شبڙڪا ڪري پئي کاڌائون.

اهو لقاءُ، هڪڙي واٽهڙو مسلمان پڻ لنگهندي ڏٺو. تنهن سندن لپون ۽ شبڙڪا ڏسي، تعجب مان پڇيو: ”هيءُ وري ڪهڙو تماشو آهي؟“

مطلب: ١ - ساڳي شيءِ، هڪڙن لاءِ دلپسند ته ٻين لاءِ نفرت آميز. (٢۴)

### ٣٥٣. ڏينگهر: وڏي ڏڪ. (پهاڪو)

غريب ۽ مارو ماڻهو، گهرن کي چوڏاري ڏينگهرن جو لوڙهو ڏئي، عالم پناهه جوڙيندا آهن. اها عالم پناهه، کين چور چڪار، اوپري ماڻهو چيٽو، ڪتي ٻلي کان بچاءُ يا ڍڪ هوندي آهي. (٣۵) ص ٢۵٣
مطلب: ١. رب رکي ته ڪکن منجهه به حفاظت سان رکي.
٢. غريب ماڻهن لاءِ ڏينگهر به ڄڻ ڪوٽ.

## ر

٣۵۴. رات آنڌاري، ٻَڙڏ ڪارا، گوچريو ڪيتر، پڳان ۾ وارا،
ڏوسي ڪوهَڙِ، اگٿئي سارا: اهي پنج ئي پيٽ ڀارا.
(چوٽي)

ٻڙڏ: ڍڳو. گوچريو: ڳوٺ سان لڳ. ڪيتر: ٻني، پوک. پڳان: پَيرن ۾. وارا: وارَ. ڏوسي: زال. ڪوهڙ: ڪٺ پٽ ڪندڙ، واتراڏي. اگٿئي: اگڻ، اگڻ سان ڳنڍ. سارا: سالا، زال جا ڀائر. پيٽ ڀارا: پيٽ تي بار، اوبر نه ڪدي سگهڻ.
١ - ڪارو ڏاند، ڪاري رات ۾ جهنگ ۾ رلي وڃي ته ڪيس ڳولهڻ مشڪل آهي.
٢ - ڳوٺ سان لڳ زمين هوندي ته ڪنهن نه ڪنهن جو مال پيو منجهس پوندو ۽ رڳو جهيڙي جو سبب ئي رهندو. پيل تنهن کان سواءِ ٿيندي. هاريءَ کي اڻ تڻ ۽ اوجاڳا ڪرڻا پوندا.
٣ - پيرن ۾، وارن ڦٽڻ جي بيماري ٿيندي ته ماڻهو اٿي ۽ گهمي ڦري نه سگهندو.
۴ - زال ڪٺ پٽ ڪندڙ ۽ ڪروڌڻ هوندي ته به گهر جو چرخو ڪو نه هلندو.
۵ - سالن جو گهر ڳنڍ يا اگڻ اگڻ سان هوندو ته، زال کي سچ، منهن تي چئي نه سگهبو. اندر جو سور اندر ۾ ئي رهجي ويندو.
مطلب: ١ - پنج ئي ڳالهيون، پيٽ تي بار/ تور تي بيهن ٿيون.
٢ - رات اونداهي ڏاند ڪارا، پوک جي پر تي ڪانبن وارا (چور، فقير)، ٻار ننڍا، مٿان پون پارا، ڪُلڇٽي نار، ساهراٽا پاڙا.
٣ - ڏند پڳا، ڏاڙهي اڇي، وهن ڪِگن نارا، اهي ٽيئي پيٽ ڀارا.
۴ - رات انڌاري، ٻڙڏ ڪارا، ڪيٺ اجهوري، پيرن وارا،

نار ڪُلڪٽي، پاڙي ۾ ساهرا، اهي پنج ئي پيٽ ٻارا.
۵ - ڪوڙو ڏاند، نافرمان نينگر، عورت گهمي پاڙا،
ٻني ٻج نہ لاهي، ليٽي لڳ اگهاڙا، اهي پنج ئي پيٽ ساڙا.
٦ - رات اونداهي، ٻڙڏ ڪارا، پوک جي ڪپ تي ڪانبن وارا،
ٻار ننڍا مٽان پون پارا، زال ننڍي ساهراٽا پاڙا،
رستو تتو پير اگهاڙا، اهي پنج ئي پيٽ ساڙا.
۷ - رات انڌاري، ٻڙڏ ڪارا، رن ڪُهاڙ/ نانگي، پاڙي ۾ ساهورا،
ڪيٽ اجهوريو، پڳ ۾ وارا، پنج ئي پيٽ ٻارا. (۱۲) ص ۱۴۷.

## ۳۵۵. راجا بيوپاري، پرجا پيڪاري. (گجرات، پهاڪو)

راجا يا بادشاهہ جو ڪم آهي تہ هر ڪم تي نگاهہ رکي، عدل ۽ انصاف کي قائم رکندي حڪمناما جاري ڪري تہ جيئن ملڪ ۽ ملت جو ڪار-وهنوار، اعتدال سان هلندو رهي. اگر حاڪم، لالچي ٿي پوندو ۽ هر جڳهہ تان پنهنجي پيٽ پالڻ جي لالچ ڪندو تہ هڪ ڏينهن پاڻ تہ امير ٿي ويندو پر پرجا يا رعيت ويچاري ڪمزور ۽ پينو ٿي ويندي. چو جو حاڪم، ڏنڊي جي زور تي، سندن ملڪيت ڦٻائي ويندو.

اهڙيءَ طرح اگر حاڪم، ملڪ اندر ڪارخانا هڻندو يا واپار جي ادارن تي قابض ٿيندو تہ پاڻ امير ٿي ويندو. سستي اگهہ تي خام مال ۽ مزور وٺندو ۽ مهانگي ملهہ تي نهيل مال، پيو وڪرو ڪندو. نتيجي طور، عوام غريب ۽ پينانگ ٿي ويندو. بادشاهہ پاڻ ويندو ڪارخانن منجهان ڪارخانا ٺاهيندو.

مطلب: ۱ - اگر بادشاهہ واپار جا ذريعا بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو تہ عوام منجهہ پينڙيات گهٽا ٿي پوندا.
۲ - بادشاهہ کي، طاقت جي زور تي، انصاف ۽ عدل کي قائم ڪرڻ گهرجي. لالچ ۾ پوڻ نہ گهرجي.

## ۳۵٦. راجا رنو تہ گهوريو، پر منڊ نہ رسي مينهن جي. (چوٽي)

راجا راضي هوندو تہ دربار ۾ گهرائيندو. اجا راضي ٿيو تہ ڪو انعام اڪرام ڏيندو. زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪو نہ ڪري سگهندو. ان لاءِ پنهنجا هٿ پير ڪم ايندا. اهي بہ تڏهن جڏهن رب راضي ٿئي. برسات موڪلي، زمين منجهان نباتات پيدا ڪري. اگر اهو ناراض ٿئي تہ منڊ بہ

رسي وڃي. اوپڙ ڪين ايري. مارو ماڻهو ڏکر سببان مدد لاءِ محتاج ٿيو وڃي. ان حالت ۾ راجائون پڻ پريشان ۽ محتاج ٿي وڃن. انهن جو رسڻ، مند جي رسڻ جي پيٽ ۾، تمام ٿورو نقصان نہ ڏيندو. (٣٥) ص ٢٧١
مطلب: ١ - عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽرئون تہ نہ ٿيلهيندو.

## ٣٥٧. راجا هٺ، ٻال هٺ، تريا هٺ ۽ جوڳ هٺ. (چوڻي)

هٺ چئن جڻن کي گهڻو ٿيندو آهي. هڪڙو راجا يا بادشاه کي. ڇو جو وٽس اڻ ميا اختيار هوندا آهن. وٽيس تہ ڪنهن کي ڦاهيءَ تي چاڙهائي ڇڏي، وٽيس تہ ڪنهن کي ڦاسيءَ کان موٽرائي ڇڏي. اهي ڪم سندس لاءِ، فقط زبان خرچ آهن.
ٻيو ضد آهي ٻار کي. جڏهن ضد تي چڙهيو تہ چوندو: هاٿي پاٽيءَ جي وٽي ۾ مون کي چنڊ ڏيو. ڪنڌ، ملايل کير مان ڪڍي، ساڳيو کير پيئڻ لاءِ ڏيو. اهڙا نخرا ان ڪري ڪندو جو سمجهہ گهٽ اٿس ۽ مائٽن جو راض وڏو اٿس. هر ڪو سندس رايو رکي ٿو، جنهن ڪري هر ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي بيهي رهندو آهي.
ٽيون نخرو ۽ ناز يا هٺ، گهوڙيءَ کي ٿيندو آهي. جوانيءَ/ مستيءَ ۾ ئي ترندي پيئي ايندي.
چوٿون هٺ، جوڳين کي هوندو آهي. ڪين پنهنجي جوڳپائيءَ تي، ماڻهن جي انڌي عقيدي سبب، وڏو ٻانور هوندو آهي. جنهن ڪري هٺ ڪندا آهن.
مطلب: ١ - جنهن کي اڻ-پڇيا اختيار ملندا آهن سو هنئون هيٺ نہ ٿيندو آ.
٢ - پيٽيو: ناري هٺ، بادشاه هٺ، ٻاري هٺ، ڪڏهن نہ هٽ. (٢)

## ٣٥٨. راجپوتي ذات ڏنڊي وانگر، ڀڃي پر جهڪي ڪا نہ. (چوڻي)

راجپوت: راجائن جو اولاد آهن. سندن پاڙا، تمام گهڻا آهن. خانداني نسل مان هئڻ سبب، سندن طبيعت ۾ شاهاڻي خوءِ اڃي ويندي آهي، جنهن سبب سندن خيال پڻ شاهاڻا ٿي پوندا آهن. بهادر قوم پڻ آهن. بهادريءَ وارن معاملن ۾، اڳيرا ۽ ضدي ٿيندا آهن. جيئن ڏنڊي جو ڪم آهي: دشمن مٿان وسڻ ۽ وسندي وسندي ختم ٿي وڃڻ. ڏنڊي جو وسڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ئي ناهي. اهڙيءَ طرح، راجپوت پڻ آهي. دشمني ۽ جنگ ۾

وڙهندي، مرندو مري ويندو پر دشمن آڏو نه جهڪندو ۽ نه ئي هيٺي ٻوليندو.
مطلب: ١ - راجپوت، دشمن آڏو سر نِوائڻ سکيو ئي ناهي.
٢ - راجپوت مرندو مري ويندو پر دشمن آڏو، پنهنجو سِر نه نِوائيندو. (١) ص ٣٣٥.

## ٣٥٩.   راڄ پوپان ٻائي رو، ليکو رائي رائي رو.
## (راجستان، چوڻي)

پوپان ٻائي، هڪ ڪنير جي زال هئي، جيڪا ڪنديلي راڄ جي جيپور نالي علائقي ۾ تمام گهڻي مشهور شخصيت هئي. سندس راڄ ۾ هر فصل، هڪ ئي اگهه تي وڪامندو هيو. جنهن ڪري 'پوپان ٻائيءَ جو راڄ' گفتي جي معنيٰ 'انڌير گردي' يا 'سينهه زوريءَ جو زمانو' ورتي ويندي آهي. ان دور ۾ ٽوڪ طور ائين به چوڻ ۾ آيو: "نڪر نوبر پاسي ڪريو، پوپان منهنجي نچي!" يعني پوپان ڪي ميدان ڪرڻ لاءِ، ڪليل جاءِ ڏيو ته پنهنجي انڌير گرديءَ جو جلوو ڏيکاري.
ڪن روايتن مطابق: پوپان، پنهنجي انهيءَ بد-مزاجيءَ سبب، سوليءَ تي چاڙهي وئي هئي. ڪن روايتن مطابق: پوپان ٻائي، گجرات جي راڄ گهراڻي ۾ ڄائي هئي. گجرات جا راجائون پنهنجي فراخ دليءَ سبب، مشهور هيا. پوپان جي دل وري مڙني کان فراخ هئي، جنهن مان نوڪرن غلط فائدو ورتو. نتيجي طور راجائن جي مان ۽ مرتبي، اوج ۽ دٻدٻي ۾ گهٽتائي اچي وئي.
مطلب: ١ - نڪر نوبر پاسي ڪيو، پوپان منهنجي نچي.
٢ - انڌير نگري، راجا چرٻٽ، نڪا ساهمي نڪو وٽ، ڏي ٻه ٻڪ وٽ ٻه ٻڪ.
٣ - پوپان ٻائي پرگهٽ هووي، ٿوي چلاوي ريت. (١) ص ٢٤٨-٤٩.

## ٣٦٠.   راڳي، پاڳي، پارکو، ناڙا ويد، نياءُ،
## سيکاريا نه سکيا، اُکلي منجهه هنياءُ. (ڍٽ، چوڻي)

راڳي: راڳيندڙ، ڳائڻا. پاڳي: پيرا کڻندڙ، پيري، پيراڊو. ويد: حڪيم، طبيب. نياءُ: انصاف ڪندڙ، فيصلا ڪندڙ. هنياءُ: دل مان.
دنيا ۾ سمورا ڪم تجربي جي بنياد تي يا استادن کان سکڻ سان يا ڪتابن ۾ پڙهڻ سان سکي وٺبا آهن. ڪي اهڙا ڪم به آهن، جيڪي سکڻ

سان تيستائين سکي ڪين سگهبا آهن، جيستائين رب پاڪ جي طرفان، اندر ۾ قدرتي طور صلاحيت نه رکيل هوندي آهي. جهڙيءَ طرح:
١ - راڳ لاءِ سريلو آواز ۽ فن هئڻ ضروري آهي. اهي ٻئي نه هر ماڻهوءَ وٽ آهن ۽ نه سکڻ سان هٿ ايندا آهن.
٢ - پيرو سڃاڻڻ به ڪنهن ڪنهن جو ڪم آهي. هر ماڻهوءَ منجهه اها صلاحيت يا لياقت نه هوندي آهي.
٣ - ٻري ڀلي جي پرک رکڻ به، جنهن تنهن جو ڪم ناهي.
٤ - حڪمت ۽ طب به قدرتي ڏات آهي.
٥ - عدالت ڪرڻ لاءِ به ڏات جي ضرورت آهي، جيڪا رب پاڪ هر ماڻهوءَ ۾ وديعت نه ڪئي آهي.
مطلب: ١ - مٿيان ڪم، سکڻ سان نه پر قدرتي ڏات سان ئي ڪري سگهبا آهن.
٢ - راڳ ڳائڻ، پيرو کڻڻ، پرک رکڻ، جراحي، طب، علم ۽ انصاف ڪرڻ، سکڻ سان نه ايندا آهن. بلڪ ڏاتار جي ڏنل ڏات آهن. (٢) ص ٦٠.

## ٣٦١. رامديو جا چيلا: ڍيڊ ۽ چمار. (مارواڙي چوڻي)

مارواڙ جي علائقي ۾، رامديو نالي هڪ وڏو بهادر شخص ٿي گذريو آهي. پئروَ نالي هڪ ڪميٽي شخص کي مارڻ بعد، رامديو چؤطرف مشهور ٿي ويو. هندو ۽ مسلمان، سيئي ڪيس "رام شاه پير" يا "راما پير" جي نالي سان پوڄڻ لڳا. ١٥٤٧ع ڌاري، رامديو مارواڙي علائقي جي روڻيچا ڳوٺ ۾ جيئري سماڌي ورتي/ پاڻ کي دفنايو. تنهن ڪان پوءِ راماپير، ديوتا طور مشهور ٿي ويو. سندس نالي پويان، اڄ تائين ميلا ملاکڙا لڳندا آهن. ڪيس پوڄڻ وارن ۾، گهڻو ڪري هندن جي گهٽ ذات وارا شخص ايندا آهن. جن ۾ اڪثريت، ڍيڊن ۽ چمارن جي آهي. سندس سمورا ڀڳت، چيلا يا مريد، چمار يا ڍيڊ ئي آهن. سندس پوڄاري ۽ ساڌو پڻ چمار ٿيندا آهن.
مطلب: ١ - جهڙو گرو، تهڙا چيلا.
٢ - گرو مرائي گانڌ ته چيلا به چِٽو. (١) ص ٢٤٨.

## ٣٦٢. رام رام جپنا، پرايا مال اپنا. (چوڻي)

جيڪي ديندار يا مذهبي ماڻهو هوندا آهن، سي پنهنجي مذهب جي ڏسيل واٽ تي پورو پورو هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي ان هلت سبب،

مذهبي طور پنهنجو مثال پاڻ هوندا آهن. ڪين ڏسي، ٻيا ماڻهو به ان مذهب جي تعليم کي پرکڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اگر انهن ماڻهن ۾ عيب آهن ته اهي عيب به هر ڪو ان مذهب جا سمجهندو آهي. چو جو هر مذهب، چڱي وات تي هلڻ جي تلقين ڪئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس ڪي پيروڪار، ڪڏهن ڪڏهن لالچ ۾ اچي، پنهنجي لاءِ سولائيءَ ۽ مال ميڙڻ واريون واٽون ڳهڙي وٺندا آهن. تن ڪي مذهب خود ته ڏڪاري ٿو پر عام ماڻهو پڻ چڱي نگاهه سان نه ٿا ڏسن.
جيڪو ماڻهو، سڄو ڏينهن وينو رام جو نام جپي، تنهن ڏانهن ڪنهن جو به گمان نه ويندو ته ڪو بي ايماني دل ۾ اٿس. هر ڪو ڪيس دنيا کان بيزار ۽ الله وارو پيو سمجهندو. اگر اهڙو ماڻهو، پرايو مال هڙپ ڪري ته عجب ضرور لڳندو.
مطلب: ١- بر مک رام رام، در دل گائو و خر، اين چنين تسبيح چه دارد اثر.
٢ - منهن ۾ ملان، اندر ۾ ابليس.
٣ - منهن موسيٰ جهڙو، اندر ابليس جهڙو.
٤ - رام رام ڪيتي جا، پرايا مال پيتي جا. (سرائڪي)

## ٣٦٣. راوڙو گهوڙو، روهي رو ڪک، واڪاٽيان نه واڪاٽجين. (پهاڪو)

راوڙو: راجا جو، بادشاهي. روهي: آزاد سيم، ٻيلو. ڪک: گاهه.
راجا جي گهر جو گهوڙو، روهيءَ جي ڪکن/ گاهه جي ساراهه ڪرڻ يا نه ڪرڻ ساڳي ڳالهه آهي. چو جو بادشاهي گهوڙو، تاتيل تمام پلو هوندو. تنهنڪري ميدان تي لٽي کان پوءِ گهٽن گهوڙن کي دڳ ۾ ڇڏي ويندو. اهڙيءَ طرح ٻيلي يا آزاد رک اندر، ڪو جانور ويو ئي ناهي، ان جي گاهه کي ڪنهن مال چک ئي نه هنيو آهي ته ان ۾ ڪوٽ ئي نه آئي هوندي. هاڻ انهن ٻنهي جي، ان کان وڌيڪ ڪهڙي تعريف ڪجي. (٣٦)
مطلب: ١ - جنگل مين مور ناچا، چي: ڪس ني ديکا؟

## ٣٦٤. رٻڙي ٿانرا رونس، بساران نبسرين. (چوڻي)

چاڇري جو هڪڙو سينيو، هڪ دفعي گهمڻ جي ارادي سان آگري وڃي نڪتو. هڪڙي واقفڪار مارواڙي سيٺ وٽ وڃي مهمان ٿيو ۽ رات جو

جڏهن ماني آئي ته اندر ۾ انومان ڪيائين: ”آگري جي سيٺ جي گهران ماني آئي آهي، سا ته الائي ڇا هوندي؟“
وڏي چاهه ۽ سڪ مان ڍڪ لاٿائين ته ٻوٽ وجي پٽ سان لڳس. سندس توقع جي خلاف، اندران فقط رٻ نڪتي. ڏسي هيانءُ ئي پرجي ويس. مانيءَ مان ئي ڪٽي هٿ ڪڍيائين.

”رٻڙي ٽانرا رونس، بساران نبسرين،
ڇڏي چاڇرا پرهي، ڏي ڏهران تي ڏوس،
ڪري سؤ سؤ ڪوس، آئي پنهنجي آگري.“

وري ڳوٺ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو:

”رٻ تنهنجا رونشا، وساريي نه وسرن،
ڇڏي چاڇرو پري، ڏنم ڏهرن تي ڏوهه،
ڪري سوين ڪوهه، آئينءَ پنهنجي آگري!“

مطلب: ١ - جيڪو نصيب ۾ آهي، ان کان گهٽ وڌ نه ملندو.
٢ - توڙي وجي روم، ته ٻه نصيبان اڳرو،
ڍوڍي مٿان توم، لکيئي لوح قلم ۾.
٣ - اي دال! مان ته گاڏيءَ ۾ چڙهي آيم!
تون ٻڌاءِ! تون ڇا ۾ چڙهي آئينءَ. (۵) ص ٦٣.

## ٣٦٥. رت: راڻو آ. (ڀاڪو)

رت، هر ساهدار منجهه هوندو آهي. جنهن جانور ۾ تازو توانو رت آهي، اهو جانور سوڪو ۽ خوش ليکبو آهي. جنهن ۾ رت ناهي يا رت جي ڪمي اٿس، اهو ڪمزور ۽ بيمار هوندو آهي. سوڪو ۽ خوش جانور، ڏهڻ ۽ کهڻ، ڇٽڻ ۽ وٽڻ جي ڪم ايندو آهي. بيمار ۽ ڪمزور، پالڻ ۾ به مهانگو پوندو آهي.
هتي رت مان مراد، بدن ۾ سگهارو مال آهي، جنهن کي ڏهڻ سان منجهانئس کير جام ڏيي ۽ کهڻ سان منجهانئس گوشت جام لهي.
راڻو، بادشاهه هيو. مومل جو ساڻس عشق هيو. سڄي دنيا کي تياڳي ساڻس لونءِ لاتائين. بهادر ۽ وڏي پهچ وارو هيو. جنهن سبب، مومل جي مٿان سندس سائٿ تي پئي.
رت يا مال، پڻ راڻي بادشاه وانگر آهي. ٽر اندر جيترو، مال متاع ڪم اچي ٿو ۽ ڏکئي وقت ۾ جيترو مٿس گذران ٿئي ٿو، اوترو ڪنهن ٻيءَ شيءِ منجهان نه ٿو ٿئي.

ٽري، ٽر اندر جيتري مال متاع جي سار سنڀار لهن تا ۽ ٺهل ٺڪور ڪن ٿا، اوتري راڄ وارا پنهنجي راڄا يا راءِ جي مس ڪندا هوندا.
مطلب: ١ - ٽر جيترو رت: جبل جيتري پريت.
٢ - رت: مٽ عزيز، راڄائن ڪان وڌيڪ پيارو آهي.
٣ - مال ڪي هر ڪو راڻي وانگر مان ڏيندو آهي.
٤ - رت، رت آ.
٥ - ڏيي ٻه رت، جيي ٻه رت. (ساهتي)
٦ - سون جي رتيءَ ڪان، رت جي رتي چڱي. (ٿر)
٧ - ناڻي ڪان، چوپايو مال ڀلو آهي.
٨ - سون ڪان، لڱن ۾ طاقت هئڻ ڀلي آهي.
٩ - رت جي رتي، محبت جو خرار. (ٿر)
١٠ - رت جو ٿورو رشتو ٻه وڏي ۽ گهاٽي دوستيءَ ڪان وڌيڪ آهي.
١١- طاقت وارو ۽ رت وارو جانور، دوستيءَ ڪان وڌيڪ ڪم ايندو آهي.
١٢ - رت جي رتي، اٺ جيڏي پريت.
١٣ - رتيءَ جيترو رت، پربت جيتري پريت.

## ٣٦٦. رت نان ئي رونبڙي لڳسي. (ڀاڪو)

رونبڙي: رُمي، سئي، رت ڪڍڻ جي سئي.
جڏهن هڪڙي ماڻهوءَ کي رت ڪپندو آهي ته ان لاءِ ان ماڻهوءَ ڪان رت ورتو ويندو آهي، جنهن جي رت جو گروپ ساڳيو هجي ۽ جسم سگهارو ۽ متارو هجيس. ڪمزور ۽ بيمار جيو مان رت نه ڪڍبو آهي. ڪمزور ڪان رت ڪڍبو ته نڪرندو ڪو نه. نڪرندو ته ڪمزور، چيڪندو ۽ روئيندو. ڏک ۽ ڪمزوريءَ ۾ جلد مري ويندو. هڪ کي بچائڻ لاءِ، ٻئي جو ساهه نِيڻ، چڱو ڪم ناهي.
اهڙيءَ طرح قرض به ان ڪان ونبو، جنهن وٽ مال جهجهو هجي ۽ دل سخاوت واري هجيس. سڃي، ڪنجوس ۽ پوءِ-ڊائي ڪان ڪو نه ونبو. گهرڻ سان ملندو ته ڪو نه پر بيعزتي پڻ ٿيندي.
مطلب: ١ - هوند واري وٽان، مراد پوري ٿيندي آهي.
٢ - منهن ڏسي، منائي گهرجي.
٣ - چور به پريل پڪيل گهر ۾ ڪاٽ هڻندو آهي.
٤ - رت ڪي رمي لڳندي آهي.
٥ - رت ڏسي ڀلي، سُئو هڻجي.

٦ - منهن ڏسي، منائي گهرجي.
٧ - پيٽيو: رت ڏسي، رُمي هٽجي. (٦) ص ١١١.

٣٦٧. رتيءَ بن رڌ، رتيءَ بن سڌ،
رتيءَ بن جوڳ، اجوڳ جتي ڪا،
رتيءَ بن راڄ، رتيءَ بن پاٽ،
رتيءَ بن پائي، نہ ماني بات ڪسي ڪا. (چوڻي)

رتي: مٽيا، عقل، دماغ، ميجالو، ڏيا، آڳاٽي دور ۾ تور جو وٽ. رڌ: ڏنڊو، رڌل هڻڻ. سڌ: سمجهہ. جوڳ: علم، ڄاڻ. اجوڳ: جهالت، اڻڄاڻائي. جَتي: ستي جتي، ست سيل واري. پاٽ: پُٽ، اولاد. پائي: پاءُ، برادر.
١ - رتي يا ڏيا، جنهن مڙس ۾ ناهي، سو بہ بيڪار ۽ زال جو مڄو هوندو آهي. اندر-ٻاهر، اٿڻ-ويهڻ جي ڪيس خبر نہ پوندي آهي. زالن جي اشاري تي پيو نچندو آهي.
٢ - عقل يا دماغ ڪان سواءِ، ڪو بہ ڏنڊو ڪارگر ناهي. منجهانئس فائدي بجاءِ نقصان پوندو. رتيءَ سان ئي ماڻهو سپوت ٿئي ٿو. بغير رتيءَ جي ڪپوت آهي.
٣ - علم ۽ ڄاڻ بہ فائدو تڏهن ڏيندا، جڏهن ٻين جي پيٽ ۾ پاڻ وٽ عقل ۽ دماغ سوايو هوندو. ڪٿل علم ڪان جهالت ڀلي آهي. رتيءَ وارو ئي چڱيءَ طرح جوڳ پچائي سگهندو. بغير رتيءَ جي پچايل جوڳ، اجوڳ ئي رهندو.
٤ - عورت بہ ستي جتي ۽ ست سيل قائم رکندڙ تڏهن آهي جو وٽس ڏاهپ ۽ ڏيا آهي. بغير دماغ واري، منڙين ڳالهين ۾ لويجي، لُوپجي ست سيل وڃائي ويهي ٿي.
٥ - عقل ۽ ڄاڻ ڪان سواءِ، راڄ پاڳ ونڻ ۽ متس حڪومت هلائڻ ڏکيو آهي. مڙني ڪي ميڙي، ساڻُ ڪٽي هلڻ ۽ هڪ ئي راڄ اندر هار جي مٽين وانگر پوئي، هڪ ئي لڙهہ ناهي هلڻ، مت ڪان سواءِ اهنجو آهي. جنهن بادشاهہ ڪي رتي ناهي، ان جي حڪومت جو شيرازو وکري ٿو وڃي.
٦ - جنهن منجهہ ڏيا ناهي، تنهن جي ڳالهہ تہ سڳو پٽ بہ مڃڻ لاءِ تيار ناهي.
٧ - جنهن ڪي عقل ۽ ميجالو ناهي، ان جي ڳالهہ تہ سڳو پاءُ بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي.

مطلب: ١ - مڙس تہ رتي.
٢ - علم کان سواءِ انسان، انڌي جي آچار آهي. (٢) ص ٢٧٥.

## ٣٦٨. رپيو جو پيلڻ ري ڪڙي جهڙو. (پهاڪو)

روپيو: ڊينگلو، نڪر وارو روپيو. جو: ڏس. ري: جي.
ڊينگلو، رپئي جو سڪو، اوائلي دور ۾ چانديءَ مان جڙندو هيو. هاٿي بہ اچي ڌات مان جڙي ٿو. ان جي پيٽ، سنڌ ۾ آباد قديم قوم، پيل جي عورت جي ڪڙيءَ سان ڏني وئي آهي. جنهن مان پيلڻ عورت جي سونهن مراد آهي.
پيلڻ عورت جي ڪڙي، رپئي وانگر اڇي، ننڍي ۽ گول هئڻ سبب، رپئي جي مَٽُ آهي. اڇو ڊينگلو رپيو، سهڻي پيلڻ جي ڪڙيءَ جهڙو آهي.
مطلب: ١ - رپيو، قيمتي وٿ آهي.
٢ - رپئي جو وڏو قدر آهي. (٦) ص ١١١.

## ٣٦٩. رسوئيو، چيني ۾ ئي بک ڪنهي مري. (چوڻي)

رسوئيو: بورچي . چينو: چين، چاونجاهہ سنبت وارو سال ١٩٥٦ جنهن ۾ ٽر اندر وڏو ڏڪار پيو. ئي: بہ. ڪنهي: ڪين.
سنبت ١٩٥٦ع ڌاري، ٿر ۾ وڏو ڏڪار پيو. مال متاع ڏاڍو مري ويو. ماڻهو بہ ڪافي مئا. لڏ پلاڻ دوارن، رستن ۾ مال تہ مئو پر بک کان نڌال ماڻهن، ڪيهون ڪنڌڙ ٻار بہ رستن ۾ ڦٽا ڪيا هيا.
بورچي، اهڙي ڏڪار ۾ بہ بک ڪين مئا. رڌڻ وارا راڌا، سدائين ڊِوَن ۾ هوندا آهن. سنڌن لاءِ هيٺ ڏنل لطيفو مشهور آهي.
هڪڙي ٽپيدار پنهنجي بورچيءَ کي سڏي چيو: ”مان هاٿي لائين حاضر آهيان. تنهنڪري اڄ کان مرغيون ۽ ڇيلا بند! فقط دال پٽاٽي تي گذر ڪرڻو آهي“.
بورچيءَ ننڍڙا هٿ ٻڌي، سيني تي رکندي چيس: ”حاضر سائين، اڄ کان بلڪل بند!“
چند ڏينهن گذرڻ پڄاڻان، ٽپيدار اوچتو بورچيخاني ۾ آيو. ڏٺائين تہ بورچي، چرغو سو بہ مڪمل، اڪيلو ڪائي رهيو آهي. ڪيس هڪل ڪري چيائين: ”تو کي جي چيو هئم تہ هاٿي دال پٽاٽن تي گذر ڪرڻو آهي. چو جو مان لائين حاضر آهيان“.

”بلڪل سائين! تون لائين حاضر آهين!“ بورچيءَ ڪڪڙ جون سُنديون ڪُرٽيندي چيس: ”مان تہ لائين حاضر ناهيان!“.
مطلب: ١ - بورچي، سدائين ڏون ۾ هوندا آهن.
٢ - بورچي مڙئي هر حال ۾ پنهنجو پيٽ تڳايو وجي.
٣ - جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، ڍو ڪري سو ئي. (٦) ص ٦٢.

## ٣٧٠. رماڙيو رو نان ڪونهي، رُئاڙيو رو نان هي. (پهاڪو)

رماڙيو: پرچائيندڙ، ريجهائيندڙ. رو: جو. نانءُ: نالو. رئاڙيو: رئاريندڙ.
جيڪو ماڻهو، ڪنهن معاملي ۾ اگر، ڪنهن جي ٻار کي کيڏائيندو/ کُڏائيندو آهي ۽ کيس پرچيل/ سرچيل رکندو آهي تہ، کيس ڪا بہ شاباس وغيره نہ ملندي آهي ۽ نہ ئي کيس ڪو ياد بہ رکندو آهي.
ان جي برعڪس، اگر ڪنهن ماڻهوءَ، ڪنهن جي ٻار کي کيڏائيندي/ کڏائيندي يا ائين ئي راه ويندي روئاري وڌو تہ ٻار جي ٻاڪارڻ تي، روئارڻ واري کي جٺ ڦٽ بہ ٿيندي آهي ۽ سندس نالي جي بہ وڏي ڊوءِ ڊوءِ ٿيندي آهي. کيس ٻارن آزاريندڙ طور، ياد پڻ رکيو ويندو آهي.
مطلب: ١ - برائي ڪرڻ وارو، چڱائي ڪرڻ واري جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ مشهور ٿئي ٿو.
٢ - بد نام کي هر ڪو سڃاڻي ٿو.
٣ - بدنام هوئي تو ڪيا، نام نہ هوگا. (اردو)
٤ - نانگ ويهڻ واري جاءِ ڏانهن اچي تہ کيس ڏسڻ بعد سمورا اٿي پوندا، جڏهن تہ بي ضرر جانور جي اچڻ تي ڪير بہ گوشو ڪو نہ ڏيندو آهي.
٥ - ظالم آفيسر جي هر ڪو آڳي پيڇي ڪندو آهي، شريف کي ڪو پڇندو بہ ناهي. (٥)

## ٣٧١. رن تي ٻُڏءِ، پَلَوَ تي نپوڙءِ. (پهاڪو)

تي: تي. ٻُڏءِ: ٻڏي، غوطا کائي، گهوتا کائي. پَلَوَ: ڪپڙي/ گنديءَ جو پلاند.
نپوڙءِ: نپوڙي، نپوڙڻ، مروٽي پاڻي ڪڍڻ.
پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ واري کي، سواءِ پنهنجي جان بچائڻ جي، ڪا بہ ڳالهہ ياد نہ ايندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ڪا بيوقوف عورت، جان جو خيال ڪرڻ بدران، ويهي ڪپڙن جا پَلَوَ/ پلاند نپوڙي تہ حيرت اوس ٿيندي. جڏهن تہ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ، ڪپڙن جا پُسيل يا آلا ٿيل پَلَوَ/

پاسا نپوڙي ۽ سڪائي سگهجن ٿا. ان جي برعڪس پاڻيءَ ۾ پئي، اگر هيڏانهن هڪڙو پَلَوُ نپوڙبو ته هوڏانهن بيو ان کان اڳ پُسيو پيو هوندو. اتي نپوڙڻ مان ڪو فائدو ناهي.

مطلب: ١ - عورت جي فطرت، الٽي ۽ ضد واري ٿيندي آهي. هميشه فطرت جي خلاف قدم کڻندي آهي.

٢ - رن بڌي سکر، چار پوي بکر. (اوياري پنڌ ڏانهن، بڌل عورت کي ان لاءِ ڳولهجي ٿو جو، الزام اٿس ته، مئي کان پوءِ به ابتي هلڻ وارو ضد نه ڇڏيندي.)

٣ - رن بڏندي وجي، نيهنگ (ابداٽو) نپوڙيندي وجي. (۵)

.٣٧٢ رن جهاپي، مڙس پوڙهو،
بي چيو پٽ، چُٽر گهوڙو،
چلوڪو ڪتو، جڏو جوڙو،
پري جي مائٽي ۽ وڏو وڇوڙو،
ست ئي سور. (چوٽي)

جهاپي: خراب. پوڙهو: ڪراڙو. بي چيو: نافرمان. چُٽر: زخمن وارو، بيمار. چلوڪو: ڏڄڻو. جوڙو: ڏاندن جي جوڳ.

١ - گهر کي سني نموني هلائڻ چلائڻ، عورت جو ڪم آهي. اگر عورت خراب ٿي پئي ته سجو گهر ئي ڏانوانڊول ٿي ويندو. مرد لاءِ ان کان وڏيڪ بيو ڪو اهنج ئي ناهي.

٢ - عورت کي مڙس کپي، جنهن کي شينهن جهڙي طاقت هجي. ڪراڙو، ڪمزور ۽ اڳڙين جو ڳڏو، ڪيس ڪنهن به صورت ۾ نه وڻندو آهي. اگر نرڙ ۾ لڳي ويس ته ان کان وڏيڪ بيو سور ئي نه پائنيندي.

٣ - اولاد جي تمنا، هر هڪ کي هوندي آهي. منجهانئس آئيندي جي اميد آسرو هوندو آهي ته پيريءَ ۾ سهارو ٿيندو. اگر اولاد نافرمان نڪتو ته ان جهڙو عذاب ۽ نقصان-رسان بي ڪا شيءِ ئي ناهي.

۴ - گهوڙو، سواريءَ جي لاءِ ڪم اچي ٿو. خاص طور تي ڏکين ۽ اڙانگن پنڌن تي، گهوڙو ڏڪي مهل ڪندو آهي. اگر گهوڙو بيمار هجي ته بجاءِ کڻڻ ۽ پڄائڻ جي، ڳچيءَ پئجي ويندو. سندس ٿهل ٿڪور ئي بيزار ڪندڙ ۽ بيسود پئي نظر ايندي آهي. ان جهڙو پريشان ڪندڙ ڪم، بيو نظر ئي نه ايندو آهي.

۵ - گهر ۾ ڪتو، چور چڪار ڪان ڊاربو آهي، جيئن راتين جو جاڳي مالڪ جي گهر جي چوڪيداري ڪري. اگر اهو ڍڄڙو هجي ۽ چور يا بگهڙ/ سوئر سان نہ وڙهي تہ مالڪ لاءِ ان ڪان وڌيڪ ٻيو آزار آهي ئي ڪو نہ.

٦ - ڏاندن جي جوڳ، ٻني ڪيڙڻ لاءِ ڊاربي آهي. منجهانئس ٻيا بہ ڪم اڪلن ٿا. جهڙوڪ: ڏاند گاڏي گهلڻ، ڳاهہ ڳاهڻ، هر سانهر وغيره. اگر اهو ڪمزور هوندو تہ ڪنهن ڪم جو نہ رهندو.

۷ - مائٽي ڪبي آهي، رشتو جوڙڻ لاءِ. ان سان تعلقات تہ مضبوط ٿيندا آهن پر اوکيءَ سوکيءَ هڪ ٻئي جي ڪم پڻ اچبو آهي. اهو تڏهن آسان ٿيندو جڏهن پنهنجپائيءَ ۾ يا ويجهڙن ۽ ويجهڙو رهندڙ مائٽن سان مٽي ڪجي. پري جي مائٽي، گهٽيون وٽيون وجهندڙ ٿيندي آهي. ان ۾ اهنج بہ وڏا آهن.

۸ - وڇوڙو بہ هڪ قسم جو سور آهي. جيترو ٿي سگهي، اوترو وڇڙيلن سان هر ڪو جلد ملڻ چاهيندو آهي. اگر وڇوڙو وڏو ٿي وڃي تہ ڏاڍا سور ڏيندڙ ٿيندو آهي.

مطلب: ١ - خراب عورت، ڪراڙو مڙس، نافرمان اولاد، بيمار گهوڙو، ڍڄڙو ڪتو، ڪمزور ڏاندن جو جوڙو، پري جي مائٽي ۽ وڏو وڇوڙو، وڏا سور ڏيندڙ هوندا آهن.

## ٣٧٣. رن ري مونڏاٽي ئي مهونگي. (چوٽي/ پهاڪو)

رن: رنڙ عورت. مونڏاڻ: مٿو ڪوڙائڻ. مهونگي: مهانگو. ئي: بہ.

ڪيترين هندو قومن ۾ رواج آهي تہ مڙس جي مرڻ پڄاڻان، عورت جو مٿو ڪوڙائي ڇڏيندا آهن. ان سان سندس ظاهري زيب ۽ زينت ختم ٿي ويندو آهي. جنهن ڪري، هڪ ڪنڊ ۾، بيواهين وانگر حياتيءَ جا پهر پئي پورا ڪندي آهي.

جيڪڏهن ڪا عورت، اها ڏرمي رسم بجا آڻڻ ڪان لهرائيندي آهي تہ ڪيس مهڻا ڏيندا آهن.

طعني طور ڪيس چوندا آهن: مٿو ڪوڙائڻ ڪهڙو مهانگو آهي.

مطلب: ١ - ڏرمي رسم بجا آڻڻ سهنجو ڪم آهي، اهنجو ڪم ناهي. ان ۾ ڪير گوت نات ڪري تہ ڪيس ٺوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

٢ - مطلقہ يا بيوهہ جي مٿي ڪوڙائڻ وارو خرچ بہ، ڪير برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

٣ - بيوه جو مان گهٽجي وڃي ٿو. (٦) ص ١١١.

٣٧٤. رن ڳٽنئي اڳلي، جنهن جو ڪُني مٿي ڪهٽ،
ڪٽا ڪتي ۾ ٽورڙا، لُٽي ڏئي مَٽ،
ڪار نہ ڪري گهر جي، اولاٽيو ڇڏي ارٽ،
ڇنگلايون ڪري ڇگهہ سان، ٻيهي مٿي هٽ،
اهي چار ئي لڇڻ ڇٽ. (چوٽي)

اڳلي: اڏنگي، بد لڇڻ. ڪهٽ: ڪروڌ. اولاٽيو: وقت وڃائڻ، ٽاري ڇڏڻ.
ارٽ: ائٽ، ڏنڌي جو اوزار. ڇنگلايون: نخرا ڪرڻ. ڇگهہ: يار، عاشق.
جيڪا عورت گهر ۾ رهي، نہ مڙس جي خدمت ڪري ۽ نہ ٻارن ٻچن جي پيٽ لاءِ ڪا ماني ڪري، سا بہ سگهڙ ۽ لڇڻن واري نہ چئبي.
مڙس ٽورا ڪٽا يا پورو سُورو اڻُ، سڄي سال لاءِ آندو هجي، گهر ۾ وري جوڙس ويني مٽن مائٽن کي سمورو لٽي ڏئي، سا عورت بہ اڏنگي ۽ ڇيڳري چئبي.
عورت جو اصل ڪم آهي: گهر جي سار سنڀال ڪرڻ. چار چيزون سندس مرڪ آهن: چادر، چار ديواري، چڪي ۽ ائٽ. جيڪا ڪم نہ ڪري ۽ هر ٽاٽو ويهي ٽاري ڇڏي، سا بہ اخلاق واري ۽ سڌريل ڪين چئبي.
پردو ۽ حياءُ عورت جو زيور آهي، زيور ۾ سونهن آهي. بنا زيور جي، بدزيبي آهي. جيڪا عورت حياءُ ڇڏي، يار ۽ ڇگهہ تاڙي، ساٿن هٽن ۽ هوٽلن تي پئي تاڙا ملائيندي ۽ ڪجڪار ڪندي وتي، تنهن کي بہ باڪردار ۽ پاڪدامن ڪين سمجهبو. منجهس هر ڪو پيو آسرو رکندو. جنهن ڪري ترت سندس عزت ڪري پوندي.
مطلب: ١ - عورت کي ڪُنو-ماني ڪرڻ کان ڪيٻائڻ نہ گهرجي. گهر جي سهيڙ ۽ سنڀال سان گڏ، ڪم ڪار ڪرڻ ۾ بہ هٿ ونڊائڻ گهرجيس. مڙس کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي، ٻاهر هرڻ جهٽڻ نہ گهرجنس. (۴) ص ٢۴٦.

٣٧٥. روپ روئي، ڪرم ڪائي. (چوٽي)

روپ: حسن، سونهن. ڪرم: قسمت، نصيب. روئي: پٽي، تڪليف ڏسي.
ڪائي: ڏِوَڪري، خوش رهي.

حسين شيءِ جا طالبو تہ گهڻا هوندا آهن پر حسين شيءِ پاڻ ڪيڏانهن وڃي ۽ ڪنهن جي ٿئي؟ سهڻي شيءِ ۽ سهڻي ماڻهوءَ سان، ياري رکڻ لاءِ تہ هر ڪو تيار هوندو آهي پر ان جون گهرجون ڪير پوريون ڪري؟ هڪڙو پوريون ڪرڻ لاءِ، وٽس پنهنجي جاءِ ناهيندو تہ ٻيو ان کي هٽائي پنهنجي لاءِ جاءِ ناهڻ جي ڪوشش ڪندو. ٽيون وري ايندو تہ ان کي بہ هٽائي، پاڻُ ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪندو. نتيجي طور، حسين ۽ سهڻي شيءِ يا عورت، ٻِڏٽڪي تي ويندي ۽ پئي قسمت تي روئندي ۽ ٻاڪاريندي.
ان جي ڀيٽ ۾، گهٽ سونهن واريءَ ڏانهن، گهٽ ماڻهو مائل ٿين ٿا. هڪ اڌ مائل ٿئي ٿو تہ ان کي هٽائڻ وارن جي قطار نہ ٿي لڳي. جنهنڪري اها خوش گذاري ٿي.
مطلب: ١ - بخت جو دارومدار، سونهن تي ناهي.
٢ - ڪن کي سونهن ملي تہ بخت نہ مليو. ڪن کي وري بخت مليو تہ سونهن نہ ملي.
٣ - سونهن ۽ بخت، ورلي ڪن کي گڏجي ملن ٿا.
٤ - سهڻيون ٿيون سيڏائين، لنديون ٿيون لاڏ ڪن.
٥ - حُسن روئي، بخت کائي.
٦ - سهڻيءَ کي سنڌ ڪيائين، ڪاري ٻارن واري. (٦) ص ١١٢.

## ٣٧٦. روزي حيلي، موت بهاني. (چوڻي)

دنيا جي تختي تي ماني/ روزي/ رزق، اهو ئي ملندو، جيڪو نصيب ۾ لکيل هوندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان نصيب کي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ مقرر ٽيل محنت ضرور ڪرڻي آهي. لوچڻ کان سواءِ نصيب بہ رسي ٿو وڃي.
هَٿُ هَٿَ تي رکي ويهڻ واري کي، محنت ڪرڻ واري جي ڀيٽ ۾، ڪشادي روزي نہ ٿي ملي. محنت بہ اهو ڪندو، جنهن جي قسمت ۾ لکيل هوندي.
اهڙيءَ طرح موت، جيڪو اڻ-ٽر ۽ بر-حق آهي، تنهن جو بہ هڪ ڏينهن مقرر ٽيل آهي. هر ساهدار تي اچڻو ضرور آهي. جيڪي بہ هن دنيا ۾ آيا/ ايندا، سي سمورا هليا ويا/ ويندا. رهندو نالو فقط الله جو. بقاءُ، فقط سندس ذات کي آهي. ازل کان ابد تائين، سندس ذات قائم آهي. ڪيس نہ ننڊ ٿي اچي نہ اونگهہ، نہ ٿڪاوٽ نہ گهيرٽ. اوڻايُن کان پاڪ ۽ بي عيب ذات، فقط سندس ئي آهي.

موت لاءِ ڀ بهانو يا سبب وغيره ضرور ٿيندو. جيڪو پڻ آزمائش خاطر هوندو. انهيءَ آزمائش مان صاحبِ دل ۽ صبر وارا ئي پار پوندا.
مطلب: ١ - حيلي رزق، بهاني موت.
٢ - هر ڪم جي ٿيڻ لاءِ، ڪا نہ ڪا راه ۽ نتيجو ضرور آهي.
٣ - رحمتِ خدا بهانہ مي جويند، بها نہ مي جويند. (فارسي)
٤ - رب جي رحمت بهانو ٿي ڳولهي، بها نہ ٿي ڳولهي. (ترجمو) (٥)

## ٣٧٧. روڪا پوچن، پونءِ پوڏڻَ، ڪَرَهَ ڪميٽي نار، چوٿا ميلي ڪپڙي، نرڪَ نشانين چار. (چوٽي)

روڪا: رڪو، بنا ٻوڙ جي، بنا ڳنڌڻ جي، لوڻ کان سواءِ. پوچن: ڪاڏو. نارِ: عورت. پونءِ: ڌرتي، زمين، پٽ. پوڏڻ: سمهڻ. ڪَرَه: ڪلڪل، جهڳڙو. نرڪ: نرڳ، دوزخ.
١ - غربت سبب گهر ۾ ٻوڙ، ڪير، لسي يا ٻيو ڳنڌڻ نہ هجي، رڳو رکو سکو ٽڪر-پور ويلي تي مس ملي تہ گهر ۾ مزو نہ رهندو.
٢ - سمهڻ لاءِ گهر ۾ جاءِ نہ هجي يا هنڌ کٽولو نہ هجي ۽ ڌرتيءَ تي سمهڻو پوي تہ ننڊ مزي جي نہ ايندي.
٣ - گهر ۾ ڪروڌي يا جهيڙيڪار/ جهڳڙالو زال هجي تہ گهر ۾ سک نہ ملندو.
٤ - پائڻ لاءِ ڦاٽل يا ميرو ڪپڙو هجي تہ معاشري ۾ مقام نہ ملندو.
مطلب: ١ - هڪڙي اڻ هوند، ٻيو گهر وارن جا افعال ٻڇڙا هجن تہ: ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو دوزخ آهي.
٢ - ميرا لٽا، رڪا کاوڻ، ٻُنهن سُمهڻي، ٽڪ ٽڪ ڪري نار، اهي موت نشانيون چار. (١٢) ص ١٤٠.

## ٣٧٨. روهڻ تپي، مگسر وائي، آدر ڌهوڪي، ميهولو آئي. (چوٽي)

روهڻ: هڪ نکتر يا نکٽ جو نالو، جيڪو جون جي پهرين تاريخ کان شروع ٿئي. آدر: اُڌ، نکٽ جو نالو، جنهن کي هندو ماٺهو برسات جو سنئوڻ سمجهندا آهن. مگسر: هڪ نکتر يا نکٽ، جيڪو جون جي پندرهينءَ کان جولاءِ جي پهرينءَ تائين هلندو آهي. ميهولو: ميهہ، مينهن.

نکٽ يا نکتر: مهينن کي ڪُتپ لاءِ، نکتن ۾ ورهايو ويو آهي. جيڪي ١٥ ڏينهن جي عرصي جا ٿيندا آهن.
هندو ماڻهو برسات کان اڳ نکشترن بابت سوڻ ويچاريندا آهن. هر هڪ نکشتر پندرهن ڏينهن تائين هلندو آهي. روهڻ نکتر يا نکٽ دوران، گرميءَ جو پد تمام گهڻو مٿي ٿي ويندو آهي، جنهن سان پاڻي ٻاڦ ٿيڻ لڳندو آهي. ستت ئي مگسر نکتر نروار ٿيندو آهي، جنهن ۾ واءُ يا هوا گهٽي لڳندي آهي. ان هوا کي چؤماسي جي هوا پڻ سڏبو آهي. چؤماسو جيئن ختم ٿيندو آهي ته آدر يا ادِ جو نکٽ نمودار ٿيندو آهي. منجهس زوردار برساتيون پونديون آهن، جنهن سان ڌرتيءَ جو تتل جُسو ٺري پوندو آهي ۽ سائي گاه جا اُڙد، پٽن پر نظر اچڻ شروع ٿيندا آهن.
مطلب: ١ - روهڻ نکتر جي سخت گرميءَ کان پوءِ، مگسر نکتر ۾ هوا لڳي ته آدر مهيني ۾ برسات ايندي آهي.
٢ - برسات پوڻ جي اڳڪٿي، روهڻ ۽ مگسر نکترن جي اهڃاڻن مان پوندي آهي.
٣ - روهڻ تپي، مگهسر وائي، تو آدر ۾ ميهه اڻ پُڇو آئي.
۴ - روهڻي تپي، مرگهسر وائي، آرڌرا ڌبوڪي، مينهڙلو آئي. (٣۵) ص ١۵٩
۵ - روهڻ تپي، مگسر وائي، اُدَ مينهن وهلو آئي.
٦ - روهڻ تپي، مگسر وائي، آدِ ڌبوڪي مينهڙلو آئي. (٣) ص ١٦٣ ۽ (١۴) ص ٦١.

٣٧٩. رهه گهڙندو گهوٽيو، پانچاريو کهڪاڻ،
سوئر سڱا ڪڍيا، شينهان مک ماراڻ،
استيءَ اروهه سٽ، پنج ئي مي مت. (چوٽي)

رهه گهڙندو: جنهن کي مڇ جي ريهه اچي. گهوٽيو: گهوٽ. کهڪاڻ: جوانيءَ ۾ هئڻ. پانچاريو: گهوڙو. سڱا ڪڍيا: جواني ڦٽڻ. مک ماراڻ: ٻچيءَ وار ڦٽڻ. استي: عورت. اروهه سٽ: ارهه نکرڻ، ڇاتيون ايرڻ. مي مت: مئي ۾ اچڻ، مست ٿيڻ.
١ - جنهن کي اڃا مڇن جي ريهه مس آئي هجي يعني جواني آئي هجي، سو اگر گهوٽ ٿئي ته پوءِ مست ته ٿيندو ئي ٿيندو.
٢ - گهوڙو به جوانيءَ کي پهچندو آهي ته پڇڻ ۾ تيزي ايندي اٿس.

٣ - سوئر/ مرونءَ کي جڏهن سڱ ڦٽندا آهن ته جوان ٿيندو آهي. جوانيءَ جي مستيءَ ۾ جولان ۾ هر شيءِ کي چيريندو ڦاڙيندو وتندو آهي.
٤ - شينهن جي ٻچيءَ تي جڏهن وار ڦٽندا آهن، تڏهن جوان ۽ طاقتور ٿيندو آهي. پوءِ ته شڪار ڪرڻ لاءِ اڪيلو ئي ڪافي ٿي پوندو آهي.
٥ - جڏهن عورت جون ڇاتين ۾ اڀار ايندو آهي ته جوان ٿي پوندي آهي. الهڙ ۽ مست جوانيءَ ۾، جسم مان هنڌئون هنڌئون پئي ڦاٽندي آهي.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل جوانيون، ڪي مرحلا طئي ڪرڻ ڪانپوءِ، مستيءَ ۾ هونديون آهن. (٦) ص ١٣٢.

## ٣٨٠. رهي ٿي راهومان ۾، رڌي نه ٿي رٻ. (پهاڪو)

راهومان: راهمون، ذات جو نالو. رٻ: ٻاجهريءَ جي پيچجي. سادو ڪاڌو.
ٿر جا راهمان، امير به آهن ته غريب پڻ آهن. غريب راهمن ۾، هڪڙي سڪيي گهر جي نينگري پرڻجي آئي. سڪ ڇڏي، جڏهن ساهراڻي غريب گهر ۾ پهتي ته پهرين ڪيس مزو ئي نه پئي آيو. پهريان ڏينهن ته ساهرن، نئين نويلي ڪنوار سمجهي، ڏاڍو خيال ڪيس. نيٺ مهمانن وارو ماڻُ/ آڌر ختم ٿيو ۽ گهر ڀاتين وارو وهنوار شروع ٿيو.
غريباڻي گهر ۾ سادي ماني، سادو ٻوڙ، ڪڏهن ته رڳو رٻ تي ڊٻ. سڪيي گهر جي مائي، رٻ کائڻ ئي ڪا نه سکي هئي سا هاڻي رڌي ڪيئن. رٻ نه رڌڻ سبب، ٻه چار ويلا لنگهڻ ڪاٽڻا پيس. آخر اوڙي پاڙي وارين سمجهايس: ”جيئڻ لاءِ حالات واقعات سان منهن ڏيڻو پوندو آهي.“ ان تي به جڏهن موشو ڪيائين ته ٽوڪيندي چيائونس: ”رهي ٿي راهومان ۾، رڌي نه ٿي رٻ؟“
مطلب: ١ - جهڙو لڳي اتر واءُ، تهڙي ڏجي پُٺ.
٢ - ڪيسي سارو، خرچ ڪجي.
٣ - حالات سارو، اتجي ويهجي.
٤ - رهجي رهومان ۾، ته رڌجي رٻ.
٥ - پيٽيو: رهين ٿي رهيءَ ۾، رڌئين نه ٿي رٻ. (١٦)

## ٣٨١. رهين ٿي رهيءَ ۾، رڌئين نه ٿي رٻ. (پهاڪو)

رٻ رڌڻ: قناعت اختيار ڪرڻ.
رُهي: ٿر جو علائقو، جنهن ۾ عمرڪوٽ ۽ ڇاڇري جو ڪجهه حصو اچي وڃن ٿا. منجهس عام ٿر جي ڀيٽ ۾ برسات تمام ٿوري پوندي آهي. جنهنڪري، اڪثر اوقات، اتان جي حالت ڏڪار جهڙي هوندي آهي.

رهيءَ اندر، غربت تمام گهڻي آهي. مال متاع گهڻ ۽ اوپڙ به گهٽ ايري. مارو ماڻهو، ڏٿ تي گذران ڪندا آهن. عام طور سندن ڪاڏو، سانئين جي انَّ منجهان جڙيل، رب هوندو آهي. اها رب، عام حالتن ۾، ماڻهو ڪائي نه سگهندو آهي. ڇو جو تمام سادي ۽ گهٽ سوادي هوندي آهي. اهڙي سادي سودي ڪاڌي تي اهو پاڻُ هيرائيندو، جيڪو رُهيءَ جي علائقي ۾ رهڻ ڪي پسند ڪندو.

مطلب: ١ - جيڪو رُهيءَ جي علائقي ۾ رهي، رب ڪائڻ ڪان ونءُ ويندو، سو ضرور بک مرندو.

٢ - قناعت اختيار ڪرڻ وارو رب رڌڻ ڪي ترجيح ڏيندو.

٣ - پيٽيو: رهي تي راهومان ۾، رڌي نه تي رب. (٦) ص ٦٤.

### ٣٨٢. ريءَ سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ ڇجي سيڻ، ڳوريءَ جوين چڏيو، گهوڙي ناهي زين، نڪتو راجا راج مان، اهي ئي پنج مسڪين. (چوٽي)

١- مڱڻهار جو ڏنڌو: ڳائڻ وڄائڻ سان آهي. ڳائڻ وڄائڻ، سازن ڪان سواءِ نه ٿي سگهندو آهي. اگر ڪنهن مڱڻهار وٽ ساز ناهن ته پوءِ اهو بک مرندو.

٢ - مٽي مائٽي ٽيڻ سولو ڪم ناهي. وڏن جهدن ۽ ڪوشش ڪان پوءِ ٻين سان رشتا جڙندا آهن. هڪڙو ماڻهو نئينءَ مان ڪنهن سان مٽي ڪري سا به اگر ڪنهن سبب ڪري ٽٽي پوي ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ جو ڪو به پُرسان حال نه هوندو.

٣ - عورت ۾ ڪشش به فقط جوانيءَ ۽ جوين سبب هوندي آهي. جوين هوندس ته ته مڙس به وٽس ڇڪجي ايندو ۽ اولاد ڄڻڻ جي صلاحيت به هوندس. جواني ۽ جوين اجاڙ ٿيڻ ڪان پوءِ، نه منجهس ڪا ڪشش رهي ٿي ۽ نه وري ٻار ڄڻڻ واري صلاحيت. جنهن سببان بيڪار شيءِ وانگر ٿڏجي وڃي ٿي.

٤ - گهوڙي به تڏهن تجلا تي ڏئي جڏهن مٿس چڙهڻ لاءِ زين تي پوي. جنهن گهوڙيءَ تي زين نه رکبي سا چڙهڻ جي ڪم نه ايندي. اهڙي گهوڙي ڪير به پالڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي، جيڪا چڙهڻ جي ڪم نه اچي. نه ڪيس گاهه وجهندو ۽ نه ئي ڪرڪٽو هٽندو. بيني بيني گرڻ ڪائي ويندس.

۵ - راجا ڪي رعب ۽ دٻدٻو تيستائين آهي، جيستائين حڪومت جي واڳ وٽس آهي ۽ رعيت سندس چئي آڪئي منجهه آهي. جڏهن راڄ ئي ڪيس حڪومت تان لاهي ڇڏي ته پوءِ ان جهڙو غريب-حال ڪير به نه هوندو.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنج ئي مسڪين آهن.
٢ - چارڻ بنا ساز جي، ڪوريءَ ڇنل سيڻ، سر ٻگڙيو ڪلو تيجين، ڳوري جوپن هيڻ، راجا نڪري راڄ مان، اهي پنج ئي مسڪين.

## ز

### ٣٨٣. زال ۽ درياهه جي پور تي، ڪهڙو اعتبار؟ (چوڻي)

زال ذات، خلقت ۾ ڪمزور نظر ايندي آهي. جڏهن ته سندس زبان چرب ۽ عقل سرس هوندو آهي. گهڻي ڳالهائڻ سبب، مرد جي مٿان حاوي ٿي ويندي آهي. بظاهر مرد پيو وڙهندو آهي. مڃاڻ اندران اندران عورت ئي هوندي آهي، جيڪا ڪيس پڙڪائي، مٿن مائٽن سان وڙهڻ لاءِ پئي اڪسائيندي آهي. ڏانهنس ڪنهن جو گمان ئي نه ويندو آهي.
درياه به جڏهن ماٺو ۽ واهڙ وانگر پيو وهندو آهي ته زمينن وارا به پيا اڪا پيٽيندا آهن ته جن جو پيئڻ واري پاڻيءَ جي حساب سان واسطو هوندو آهي، سي به پيا سندس موج مستيءَ لاءِ باسون باسيندا آهن. وري جڏهن منجهس تغير ۽ تغياني ايبندي آهي ته پوءِ، اوس پاس ڪي ته ٻوڙيندو آهي پر انهن علائقن تي به وجي مار ڪندو آهي، جن تي پاڻي اچڻ جو ڪو گمان ئي نه هوندو آهي.
مطلب: ١ - عورت ۽ درياهه جا روپ، گمان اندر آٽڻ، ڏاڍا ڏکيا آهن.
٢ - زال ۽ درياهه، ڪن ۾ رنگ مٿين. ٻنهي جي موٽ ۽ موج تي ڪو اعتبار ناهي.

### ٣٨٤. زر وجي، زبان نه ڦري. (چوڻي)

زر سان، هر انسان کي محبت آهي. ڇو جو ڪيس، منجهانئس مسئلا حل ٿيندي نظر اچن ٿا. زن ۽ زمين ڪان وڌيڪ، جهيڙي جو سبب، زر ئي رهي آهي. زر کي ڪن ته وڏو پير سڏيو آهي. ڪن ته چيو: ڪيس ستن ولين جيتري طاقت آهي. ڪن ته ائين به چيو: جنهن جي زر، تنهن جو

ذهن. يعني پئسي وارو جيڪي چوي سو سچ ۽ فرمان آهي، جيڪو هر هڪ کي مٺو آهي.
حالانڪ الله وارن وٽ: زر، هٿ جي مير وانگر آهي. هٿ جي مير يا مَرُ، صابڻ لائي به صاف ڪبي آهي ته جيئن ڪنهن سان هٿ ملائڻ وقت، اڳلي کي بڇان نه اچي، يا ڪاڌي ڪائڻ وقت پاڻ کي ڪراهت نه ٿئي.
ان جي برعڪس، زبان تي قائم رهڻ يا واعدو وفا ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. جڏهن ته ڪن ماڻهن ان کي، ڌن دولت گڏ ڪرڻ مٿان فوقيت ڏني آهي. زر اچڻي وڃڻي شيءِ آهي، جيڪڏهن وئي هلي ته ڪا پرواه ناهي. جڏهن ته زبان يا واعدو، هڪ دفعو ڪبو آهي. مٿس قائم رهڻ وارو، سدا مانُ پائي ٿو ۽ قرڻي گهرڻي زبان رکڻ وارو ڪاٿي به مانُ نه ٿو پائي.
مطلب: ١ - هر ڪو زبان جو ڪٿيو ڪائي ٿو.
٢ - زر جي ڀيٽ ۾، زبان جي وڏي اهميت آهي.
٣ - زر جو ڪريو نهي وڃي، زبان جو ڏٿو ڪين نهي.
۴ - نامردان دي قرڻي گهرڻي، مردان دي اڪ هي. (٧) ص ٣۵.

## س

### ٣٨۵. ساني، ٻڌي ماني. (چوڻي)

ساني: سٺ ورهيه عمر ٿيڻ. ٻُڌي: عقل/ فهم. ماني: ختم ٿيڻ.
ماڻهوءَ جو عقل، عمر سارو وڌي ٿو. گهڻي حياتي گذرڻ پڄاڻان، وري سات چڏڻ به شروع ڪري ٿو.
هر علائقي ۾ پنهنجا پنهنجا معيار/ پيمانا مقرر ٿيل آهن. سنڌ ۾ عام چوڻي آهي: عمر تي سٺ، عقل ۾ پئي ڪٺ. يعني سٺ کان پوءِ عقل ڪٺڻ شروع ڪندو. جڏهن ماڻهو اسي سالن جو ٿيندو ته ان لاءِ چوندا: عمر تي اسي، عقل ٿيو خصي. يا مخبوط الحواس ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن: فلاڻو ته ٻاهتر ۾ آهي. يا جڏهن سٺ سال پورا ٿيندا ته چوندا: عمر تي سٺ، ڪٺندو لٺ. جيڪا پڻ جسماني ڪمزوريءَ جي نشاني آهي.
انگريز سرڪار به ماڻهوءَ جي، دماغي ڪم واري نوڪريءَ لاءِ، عمر جي آخري حد (Superanuation) سٺ سال مقرر ڪئي آهي. چو جو سٺ سالن کان پوءِ، ماڻهو سرڪاري ڪم لاءِ فائديمند يا ڪارائتو نه ٿو رهي. منجهانئس

عملي ڪم جي قوت مفقود ٿي ٿي وڃي. تجربي جي بنياد تي، تخريبڪاريءَ وارا ڪم جام جاڙ سبب، هينئين لاءِ عذاب پيدا ڪريو ڇڏي.
شيڪسپيئر، زندگيءَ کي ستن مرحلن ۾ ورهائڻ پڄاڻان، سٺ سالن کان پوءِ واري پوڙهائپ کي، ٻيو ٻالپو ڪوٺيو آهي. سنڌ ۾ به چوندا آهن: ٻڍاپو، ٻيو ٻالپو. ڇو جو ان عمر ۾ پهچڻ بعد ماڻهو وري، ٻين جو، خاص طور تي عورت جو، محتاج ٿيو پوي.
مطلب: ١ - سٺ سال واري ماڻهوءَ جو عقل، پورو ٿيو وڃي. (۵)

## ٣٨٦. ساجن پر-گهر جاوتان، ڏک نه وانتو ڪو،
## پرم گماوين آپرو، واٽ نه ليسين ڪو. (چوڻي)

پر-گهر: پرائي گهر. جاوتان: وڃڻ. وانتو: واٽو، ورهائڻ. پرم: ساک. گماوين: وڃائين. آپرو: آپڻو، پنهنجو. ليسين: وٺندو.
جڏهن پرائي گهر وڃجي ته پنهنجي گهر جا ڏک سور، اتي نه ڪڍجن. ائين نه چئجي ته: ”پٽ ۽ ڌيءُ نافرمان آهن“، ”زال، بد چال آهي يا نافرمان آهي“، ”مٽ مائٽ مدد نه ٿا ڪن“. وغيره وغيره.
ائين ٻڌائڻ سان، نه پنهنجن کي سڌاري سگهبو ۽ نه ئي وري ٻين کي پنهنجو ڪري سگهبو. ڇو جو ڌاريو ته ڳالهه ٻڌي ڪن-لاٽار ڪري هليو ويندو. ان کي ٻئي ڏک جو ڪهڙو جُهبو ايندو. هر ڪو تماشو ڏسڻ وارو آهي. ائين ڪرڻ سان پنهنجي ساک/ پت وائڪي ڪرڻ جي نقصان کان سواءِ ڪجهه به ناهي.
مطلب: ١ - پنهنجي اگهڙ تان، پاڻ لٽو نه لاهجي.
٢ - پنهنجي هٿ سان، پنهنجي ڪچي نه ڪجي. (٢) ص ٦٧.

## ٣٨٧. ساڙ واڪاڻا سنڌ رِي، مُونگ مَندوور ڏيس،
## جهيٽو ڪپڙو ماڙوي رو، منک مڙڌر ڏيس. (چوڻي)

ساڙ: ساريون. واڪاڻا: واڪاڻيل، تعريف لائق. ري: جي. مونگ: مُڱ. جهيٽو: سنهو. مندوور: ماندووي، علائقي جو نالو. ڏيس: ديس، وطن، ملڪ. ماڙوي: مارواڙ. منک: ماڻهو، مرد. مڙڌر: واريءَ واري علائقي جو، ٿر جو رهاڪو.

١ - چانور يا ساريون، سنڌ جون خوشبودار ۽ خوش ذائقہ آهن. خاص طور تي سڳداسي چانور ۽ ڳاڙهو چانور. ديڳڙو هڪ گهر ۾ رجهندو تہ هڳاءُ سڄي ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويندو.
٢ - مُگ، ڪائڻ جي حساب سان، مانڊووي واري علائقي جا لذيذ ۽ دلڪش تين ٿا.
٣ - سنهو ڪپڙو، مارواڙ جو پلو آهي. مضبوط ۽ جهالائو، پرڪشش ۽ ديده زيب ٿئي ٿو.
٤ - مرد، ٿر جي علائقي جا پلا ۽ مهمان نواز ٿين ٿا. مسافر ۽ آئي وئي کي، آدر ڏيڻ ۽ سٺي ڪيڪر ڪرڻ جا ڪوڏيا آهن.
مطلب: ١ - ٿر جي مينهونڳيءَ جي منڊ، ڪتيءَ جي مهيني ڏانهن وک وڌائيندي آهي تہ ٿري پنهنجي سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ کي واڪاڻ سان گڏ، سنڌ، مندوور ۽ مارواڙ کي بہ ساراهيندا آهن. (١٤) ص ٧٠.

## ٣٨٨. ساسرو اهڙو، جهڙي ڪٺان ري باڙ. (چوڻي)

ساسرو: ساهرا، ساهراڻو گهر. ڪٺان ري: ڪنڊن واري. باڙ: واڙ.
ساهرو گهر، مرد توڙي عورت لاءِ، نئون ٿئي ٿو. اتي جو ماحول ۽ حالات، پنهنجي گهر جي پيٽ ۾ مٽيل ٿين ٿا. منجهس رهندڙ مڙني پاتين جا رويا، پنهنجا پنهنجا ٿين ٿا. ساڻن گڏجي گذارڻ لاءِ، پهرين مڙني کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، پوءِ سنڀالي قدم کڻبو آهي. زبان مان، سوچي سمجهي ڳالهائڻو پوندو آهي. پنهنجي پاڻ تي پاڙيندي، مرد کي ساهرن جي گهران ڪنهن شيءِ جي اميد گهٽ رکڻي پوندي آهي. عورت کي پڻ، ساهرن جي مزاج ۽ مڙس جي ڪيسي ۽ ڪٿيي آهر، مطالبا ۽ ماڱا ڪرڻا پوندا آهن.
گڏجي رهڻ لاءِ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ وڏو احتياط ڪرڻو پوندو آهي. جيئن ڪنڊن واري واڙي ۾ هلڻ وقت، احتياط ڪرڻو پوندو آهي. اتي، نہ پير اگهاڙا ڪرڻا پوندا آهن ۽ نہ ئي اگهاڙن هٿن سان لوڙهي ۾ هٿ وجهڻو پوندو آهي. بلڪ ڪپڙن کي بہ ڪنڊن ۾ وچڙڻ کان بچائي بچائي هلڻو پوندو آهي. ساهرين گهر بہ، گهوٽ يا ڪنوار کي، ائين احتياط سان هلڻو پوندو آهي. تڏهن وڃي سُڪيرڙو وقت گذرندو آهي.
مطلب: ١ - ساهرا ٽي گهر ۾، احتياط سان اٿجي ويهجي.
٢ - سس ريءَ نہ ساهرا، ساليءَ ريءَ نہ نينهن،
چنڊ ريءَ نہ راتڙي، ڪڪر ريءَ نہ مينهن.

٣ - ساهرا، آهرا، ٻاٻرا ڪندا، پير رک تہ چپ چپ پيا ڪندا. (٦) ص ١١٤.

### ٣٨٩. ساسرو سک واسرو، پڻ چار ڏِنان رو آسرو. (چوڻي)

ساسرو: ساهرو گهر. سک واسرو: جنهن هنڌ تي سک واسو ڪيو هجي.
ڏنان: ڏينهان، ڏينهن جو.
ساهراڻو گهر، ڪنوار يا گهوٽ لاءِ، ٿورن ڏينهن تائين قرب جو گهر رهي ٿو. شاديءَ گذرڻ کان پوءِ، حالات ڦرڻ شروع ٿيندا آهن. سس سهرو، هن دنيا مان هليا ويندا آهن. ڏيرَ، زالن ۽ ڄٽيي اولاد جي چوڻ آکڻ تي، گهر مان بہ گهر ڪري، جدا ٿي ويندا آهن. زال مڙس، ٻارن سميت وڃي الڳ گهر وسائيندا آهن. جتي مرد جا ساهرا اچي سگهن ۽ نہ عورت جا.
اهڙيءَ طرح، گهوٽ جا ساهرا يا ڪنوار جا پيڪا پڻ آهن. اهي بہ شادين کان پوءِ، گهر مان گهرَ ڪري، ٽڙيو پکڙيو وڃن. ايستائين جو نياڻو تہ سندن در تي وڃڻ پسند نہ ڪري پر نياڻي، جيڪا سندن ڄائي آهي، سا بہ سندن در تي وڃڻ ۾ پاڻ ڪي اوپرو پئي محسوس ڪندي ڪيس ساڳيو قرب ۽ تعظيم ملڻ جو آسرو ئي نہ ٿو رهي.
مطلب: ١ - ساهراڻي گهر جو سک، وقتي آهي.
٢ - ساهرا: سک جو هنڌ آهن، پر چئن ڏينهن کان وڌ ناهن. (١) ص ١٨٢.

### ٣٩٠. ساک تي ٻيڙا ٽا هلن. (پهاڪو)

ساک: پت، اعتبار، ويساهہ. ٻيڙا هلڻ: ٻيڙا ترڻ، اڻ ٽيٽا ڪم ٿيڻ.
دنيا اندر، ماڻهن منجهہ جيڪو ربط قائم آهي، سو ڪنهن نہ ڪنهن وهنوار تحت آهي. ڪير اگر ڪنهن جو ڪم ڪري ٿو تہ ان جو ڪانئس بدلو ضرور وٺي ٿو. اهو بدلو، معاوضي يا محنتاڻي، جنس يا روڪڙ، ڪم يا سفارش، تعريف يا خوشامد جي صورت ۾ اڳاڙي ضرور ٿو. هڪڙا ماڻهو، فقط ڪم-ڪاڍو هوندا آهن. وقت تي چالاڪيءَ ۽ چرب زبانيءَ سان پنهنجا ڪم تہ ڪڍي ويندا آهن پر جڏهن منجهن ڪم پوندو آهي تہ ڪمال بي حيائيءَ ۽ نڪ جي پڪائيءَ سان ڪنڌ ڪڍائي ويندا آهن. اهڙا ماڻهو، پنهنجي ساک ۽ نِيت پت وڃائي ويهي رهندا آهن. پوءِ جا سندن ڪم، ڏاڍا ڏکيرڙا ٿيندا ويندا آهن. ان جي برعکس، جيڪي ماڻهو، ٽڪي جيترو بہ احسان ياد رکندا آهن ۽ بدلي ۾ روپين جيترا ڪم ڪندا آهن، تن لاءِ آئنده ڏکيا ڪم بہ آسان ٿي پوندا آهن.
مطلب: ١ - نِيت پت تي ڏنڌا هلن ٿا.

٢ - ڪار-پت خراب هڪ دفعو خراب ٿيندي آهي، ڏنڊو سڄي عمر لاءِ هليو ويندو آهي.
٣ - دنيا جو وهنوار، اعتبار تي هلي ٿو.

## ٣٩١. ساڳي زبان ڪٽ تي ويهاري، ساڳي زبان پٽ تي ويهاري. (چوڻي)

دنيا اندر، پنهنجي ڳالهه ٻئي تائين پهچائڻ لاءِ، رب تعاليٰ زبان ڏني آهي. ان جي ذريعي پنهنجا خيالات ۽ دل جا ارادا لفظن ۽ جملن جي صورت ۾، ٻين جي ڪنن ۽ دلين تائين، منتقل ڪجن ٿا. سنن لفظن جو، اڳلي تي سنو اثر ويهندو. خراب ۽ برن لفظن جو، اڳلي تي برو اثر ويهندو.
جيڪڏهن، مخاطب جي دل، سهڻن لفظن سان موهي وٺبي ته موٽ ۾ هو ٻه عزت ۽ قرب ڏيندو. دل ۾ جايون ڏيندو ۽ اڏ-ڳالهايو، منجهيل ڪمن ۾ پيو مدد ڪندو. ان جي برعڪس، جنهن سان خراب لفظن ذريعي ورتاءُ ڪبو، سو دل ۾ نفرت ڪندو. عزت ۽ مدد ته ڪو نه ڪندو پر ٿيندڙ ڪمن ۾ ٻه رنڊڪون وجهندو. ڪو ڪم چئبس ته پورو ٿيڻ ڪان اڳ ئي، بهاني سان نابري پيو واريندو.
مطلب: ١ - دنيا اندر، ماڻهو زبان جو کٽيو ڪائي ٿو.
٢ - زبان آهي ننڍڙي، پر جانُ وِهہَ جي ڳنڍڙي.
٣ - اها ئي زبان چانءِ ۾ ويهاري، اها ئي زبان اسَّ ۾ ويهاري. (٥)

## ٣٩٢. ساموندي ساٽي، مينهن نہ ڪو پاٽي. (چوڻي)

ساموندي: سمنڊ جي طرف کان لڳندڙ هوا.
سمنڊ، ٿر جي ڏکڻ-اولهہ ۾ آهي. اوڏانهن کان لڳندڙ هوائن ۾ مينهن نہ ايندو آهي. جنهن سببان، ترائن وغيره ۾ ڪارو پاڻي ٻہ جمع نہ ٿيندو آهي.
ان ڪري ٿر جا ماڻهو، فقط چؤماسي جي هوائن کي پيا سارين‍دا آهن تہ جيئن پلر جي پالوت ٿئي. جيئن تہ پاڻيءَ تي هر جِيوَ جو جياپو آهي. ماڻهو، مرون ۽ سلا پاڻيءَ تي ايرن ۽ تڳن ٿا. تنهنڪري ٿاريلن کي هر وقت ان جو اڌڪو لڳل هوندو آهي.
مطلب: ١ - سمنڊ جي ٿڌي هوا لڳندي تہ مينهن نہ ايندو. (٣) ص ١٦٤.

### ٣٩٣. سانجهي اُلهندان اُڀَي تہ ٽر تي، اُڀرندان اُڀَي تہ جَرَ تي. (چوڻي)

سانجهي تارو: ٻين گرهن جي ڀيٽ ۾ وڏو ۽ روشن آهي. سنڌ جي آسمان تي، اڪثر سج لهڻ شرط، اولهہ طرف ڪان ٿوري وقت لاءِ نظر ايندو آهي ۽ يڪدم ٽٻي هڻي ويندو آهي. ان جي اڀرڻ جا بہ وقت آهن: شام جو يا صبوحڙي.

جڏهن ڏينهن وڏا ۽ رات ننڍي هوندي آهي تہ سج لهڻ سان، اولهہ ڏانهن اڀرندو آهي. اگر رات وڏي ۽ ڏينهن ننڍو ٿيو تہ ان ۾ سج لٿي سان ظاهر نہ ٿيندو. بلڪ صبح ڏاري، اوڀر ڪان اڀرندو. جيئن ڀنيان سج اڀرندو تہ هن جي اجاڻ ۽ روشني ختم ٿي ويندي، جڻ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو.

جن ڏينهن ۾ سانجهي تارو، اُلهندان/ اولهہ طرف ڪان اڀرندو تن ڏينهن ۾ برسات ٽر يا سڪي زمين تي پوندي. جن ڏينهين، اوڀر ڪان اڀرندو، تن ڏينهين، برسات سمنڊ تي پوندي يا درياهہ منجهہ چاڙهہ جو سبب بڻبي.

مطلب: ١ - سانجهي تارو اولهہ ڪان اڀريو تہ ٽرين تي برسات آئي.

٢ - ٽري ماڻهو، برسات جي آسري لاءِ، سانجهي تاري کي نظر ۾ ضرور رکندا آهن. ان جي اڀرڻ سان بہ برسات جي اڳڪٿي ڪندا آهن.

٣ - ڀيٽيو: سانجهي: مينهن جو مانجهي.

### ٣٩٤. سانجهي: مينهن جو مانجهي. (چوڻي)

وسڪاري جي موسم ۾ سج لهڻ وقت، آسمان ۾ اولهہ پاسي ڪان هڪ چمڪندڙ تارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تنهن کي سانجهي تارو چوندا آهن. اگر اهو جولاءِ ڏاران ڏسڻ ۾ اچي تہ پوءِ چؤماسي جي مند اچڻ جو اعلان سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري هن تاري کي مينهن جو مانجهي سڏيندا آهن.

ٽري ماڻهو هن تاري کي ڏسي، چوندا آهن تہ: ”مينهن جو ضامن بيٺو آهي، مينهن اجهو آيو ڪي آيو.“ البت اهو سانجهي تارو، ڪنهن ڪنهن سال گم ٿي ويندو آهي. جنهنڪري چوندا آهن تہ: ”هن سال مينهن وسڻ جي پڪ ڪانهي. پر جي وُٺو بہ تہ ٽڪرين ٽرين تي، يعني ڪٿي وسندو تہ ڪٿي ڪو نہ وسندو.“

مطلب: ١ - سانجهي تارو، برسات جي ضمانت آهي.

### ٣٩٥.    سانوڻ آيو تہ سک ٿيا. (چوڻي)

سانوڻ: سنبت وڪرمي سال جو مهينو، جيڪو جولاءِ-آگسٽ ڌاران اچي. پوري ٿر جو جياپو، برساتي پاڻيءَ تي آهي. وسڪارو ٿيو تہ زراعت بہ ٿيندي. گذر سفر سولو ۽ معيشت آسان ٿيندي. وسڪارو ٿيندو آهي، سانوڻ جي مهيني ۾. ان ڪري سموري ٿر جون اکيون، سانوڻ ڏاري هونديون آهن اپ ۾. اگر مينهن ڦڙيون پيون تہ، ٿر جون اجايل پٽون سايون ٿي پونديون، چؤڦيور ساوڪ ئي ساوڪ پکڙجي ويندي، رنگ برنگي گل نڪري نروار ٿيندا. سمورو ماحول ئي من موهيندڙ ٿي پوندو آهي. گاهن ڦٽڻ سان چوپائي مال جون موجون هونديون آهن. مارو ماڻهن جو من شانت هوندو آهي ۽ سندن چهرن تي سَرهائي اچي ويندي آهي. (٣٥) ص ٢٠٠

مطلب: ١ - سانوڻ جو مهينو، سکن اچڻ جو نياپو کنيو اچي ٿو.

### ٣٩٦.    سانوڻ جو مينهن، چونئري جو هڪ پاسو پُسائي پيو نہ. (چوڻي)

سانوڻ: هندي مهيني جو نالو، جيڪو انگريزي مهيني جي جولاءِ-آگسٽ ڌاران بيهي. چؤماسي جي مند جو وچيون مهينو آهي. هن مهيني ۾ ڪڪر، ننڍين ننڍين ٽولين ۾ اوهيرا ڪري پيا وسندا آهن. ڪن هنڌان مينهن وسندو ويندو تہ پاسي کان زمين سڪي پئي هوندي آهي. چونئري جي هڪ پاسي کان مينهن پيو وسندو، تہ ٻئي پاسي ڦڙي بہ ڪا نہ ڪرندي ۽ اهو پاسو سڪو پيو هوندو.

سانوڻ جو مينهن، ڪٿي بہ هڪ-ڪرو نہ پوندو آهي. ڪنهن جڳهہ تي گهاٽو تہ ڪنهن جڳهہ تي ڇدو پوندو آهي. ڪٿي تہ موراڳو وسندو ئي ناهي. (٣٥) ص ٢٦٠

مطلب: ١ - سانوڻ جو مينهن، ڏاند جي هڪ سڱ تي وسي تہ ٻئي تي ڦڙي ڪا نہ پوي. (لاڙ)

٢ - سانوڻ جو مينهن، مينهن جي هڪ سِڱ تي وسي تہ ٻئي تي نہ. (ساهتي)

٣ - سانوڻ جو مينهن، هڪ ڍوريءَ ۾ وسي تہ ٻيءَ ۾ نہ. (سرو)

٤ - سانوڻي مينهن: ڍڳي جي هڪ سڱ تي پوي تہ ٻئي تي نہ.

۵ - ساوڻ جو مينهن، ڇئونري جو هڪ پاسو پسائي ٻيو سڪائي.

## ۳۹۷. ساهوڪارا را ساڙا ئي گهڻا، گريب رو پينهوئي اي ڪو ني. (چوڻي/ پهاڪو)

ساهوڪارا: شاهوڪارن. ساڙا: سالا. پينهوئي: پيٽيويو. ڪو: نه.
شاهوڪار منجهان فائدن ملڻ جو آسرو، گهڻو هوندو آهي. جيڪڏهن فائدو نه ڏنائين ته پنهنجي پاڻ، زال ۽ ٻچن ڪي سڪيو ضرور رکندو ۽ ساهرن تي چٽي نه پوندو. ان ڪري هر نياٽيءَ وارو، سکيو گهر تاڙيندو آهي ته جيئن نياٽي سکي هجي. ساهرن ڏانهن مدد لاءِ نه تڪي. ڪي لالچي ماڻهو به، اميرن سان مٽي ڳنڍڻ ۾ وسان نه گهٽائيندا آهن. جيئن ساڻن مٽي/ سڱ ڳنڍي، منجهائن مرادون ۽ مطلب پيا ڪڍجن.
ان جي برعڪس غريب ماڻهو، پنهنجي پيٽ ۾ پورو آهي. تنهن ڪي ڪير نياٽي ڏيندو ته ڏکي رکندس. هر وقت ان جو الڪو پيو ماريندو. نياٽي، مانيءَ ٽڪر لاءِ به پئي پيڪن ڏانهن واجهائيندي. نياٽيءَ جو ائين پيڪن ڏانهن واجهائڻ يا لولي ٽڪر لاءِ هٿ-ٽنگڻ، پيءُ ماءُ ڪان برداشت نه ٿي سگهندو آهي. ان ڪري، غريب سان سڱ ڳنڍڻ ڪان، هر ڪو پيو لاچاري ڏيکاريندو آهي. تنهنڪري غريب ڌيءُ يا پيڻ گهر ئي ويني رهجيو وڃي.
مطلب: ۱ - سکيي جا سوين مِٽ، غريب جو هڪ به نه.
۲ - سٽيي سان سڀڪو ڊڪي مٽي ڳنڍيندو. غريب سان ٽيل مٽي به پيو ڇنندو ۽ نباهڻ ڪان ڪترائيندو.
۳ - سيٺ را سو سارا، گريب رو هڪ پينهوئي ڪونهي.
۴ - شاهوڪارن جا سوين سالا، غريب جو هڪ به پيٽيويو ڪونهي.
۵ - سائي جا سو سالا، بکئي جو ڪو پيٽيويو ئي ڪو نه.

## ۳۹۸. سڀڪو پنهنجو بخت ٿو کائي. (چوڻي)

بخت: ڀاڳ.
اهڙي سهولت، آمدني يا ڪم، جنهن جي ٿيڻ جو امان گمان نه هجي ۽ ٿي پوي ته چئبو ته ڀاڳ ڀلو آهي. اگر بظاهر ڪو به ڪم، سهوليت يا آمدني ٿيندي نظر اچن پر اوچتو اهڙا حالات ٿي پون جو انهن جو ٿيڻ ناممڪن ٿي پوي ته چئبو: نڀاڳ ٿيو آهي.
ماڻهو هڪڙي هنڌ وڃي هڪڙي ڪم لاءِ، پر اتان سندس به ٻيا ڪم به ٿي پون. انهن ڪمن لاءِ چئبو ته اهي به نصيب يا بخت ۾ هيا. جهڙوڪ:

ماڻهو شهر ويو تہ وجي ياجي ٿو وني اچان. اتي ڪو سندس پراڻو دوست راهہ ويندي ملي ويو، جنهن ڏي سندس لهڻو ليکو هيو. اوچتي ملاقات ٿيڻ سبب، اڳلو شرمسار ٿيو ۽ ڪيس اها رقم ڪڍي ڏنائين. دڪان تي پهتو، دڪاندار ڪيس خاطر تواضع ڪندي بوتل وغيره پياري يا ان وقت هُن ماني پئي ڪاڏي، هِن کي بہ صلاح ڪيائين. هن بہ پنهنجو نصيب ڪاڏو.

ماڻهو هڪڙي شهر ۾ آهي، واپار سانگي يا نوڪريءَ خاطر، اتي رهڻ سبب اهڙا حالات بڻيا جو، اتان سندس شادي بہ ٿي ۽ گهر ٻار بہ جڙي مليس. جڏهن تہ اچڻ وقت سندس گمان ۾ نہ هيا ۽ هاڻي تي پوڻ سبب چئبو: نصيب ۾ هيس.

مطلب: ١ - هر ماڻهو، جتي بہ آهي، پنهنجي نصيب مان ٿو ڪائي.

## ٣٩٩. سڀ ڪو پنهنجي جائيءَ وارو آهي. (چوٽي)

عورت جو احترام ۽ عزت ڪرڻ، اسلام جي تعليم سيکاريو آهي ۽ پوري سنڌ ان تي مڪمل طور عمل پڻ ڪيو آهي. تڏي تي آيل نياڻي ميڙ کي، ست قرآن سمجهي، خون جهڙو ڏوهہ بہ معاف ڪري ڇڏبو آهي.

ٽر اندر بنيءَ ٻاري جو ڪم جهڙوڪ: گاهہ ۽ لاٻارو ڪرڻ، کوهن تا پاڻي پرڻ وغيرهہ جهڙا ڪم، مرد توڙي عورتون گڏجي ڪندا آهن. گڏيل سماج واري سرشتي ۾ مرد، هر ذاري عورت کي پنهنجي ڄاين برابر سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري عورتن ۽ مردن جي وچ ۾، گهر جي ڀاتين وانگر، هڪٻئي کان پردو يا حجاب نہ هوندو آهي. (٣۵) ص ٢٦۵

مطلب: ١ - پرائي لڄ يا نياڻيءَ جو اهو احترام ڪندو، جنهن وٽ پنهنجون ڄايون هونديون.

## ٤٠٠. سيڪو لڏيندو لوءِ، ڪو اڳي ڪو پوءِ. (چوٽي)

هيءَ دنيا، عارضي ۽ هل هلندن جو ماڳ آهي. هر ڪو ٿورڙي ۽ قليل عرصي لاءِ آيو آهي. وقت پوري ٿيڻ تي، هرڪو راهي ٿيو وڃي. ڪير بہ هتي ٽڪي نہ پيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اچڻ لاءِ هڪڙي ترتيب آهي پر وڃڻ وقت ڪا بہ ترتيب ناهي. اچڻ وقت، پهرين پيءُ ٿو اچي. ان ڪانپوءِ وڏو پٽ، پوءِ ٻيو نمبر ۽ ائين آخري نمبر اولاد اچي ٿو. جڏهن تہ وڃڻ وقت، اهي ساڳي ترتيب سان نہ ٿا وڃن. جڏهن تہ اڳي پوءِ، سمورا موٽي

وجن ٿا. اگر پيءُ جي جيئري پٽ گذاري ويو تہ ائين نہ سمجهبو تہ پيءُ، هاڻي هميشہ هن دنيا ۾ رهندو. ڇو جو سندس وڃڻ جو وارو ترتيب جي حساب سان گسي ويو آهي. ائين ناهي، بلڪ پيءُ بہ ويندو پر پنهنجي مداءَ تي. جڏهن سندس وڃڻ جو وارو آيو.
مطلب: ١ - هيءَ دنيا، اصل رهڻ جي جاءِ ناهي.
٢ - هتي، هل هلندن جو ماڳ آهي.
٣ - لالن لوءِ، هڪڙا اڳي ٻيا پوءِ.
۴ - لال نہ لوءِ، هڪڙا اڳي ٻيا پوءِ.
۵ - هيءَ دنيا، هر جيو ڪي، اڳي يا پوءِ هڪ ڏينهن ضرور ڇڏڻي آهي.
٦ - دنيا جي فنا ٿيڻ ۾ ڪو شڪ ئي ناهي.

## ۴٠١. ستين لنگهڻين، ڪتو حلال. (چوڻي)

ڪتو: حرام ۽ پليت جانور آهي. ان جو گوشت کنهن بہ صورت ۾ واپرائڻ، جائز ناهي. البتہ هتي تمثيل طور آيو آهي تہ اگر هڪڙو ماڻهو ست ويلا يا ٽي ڏينهن بک تي وينو آهي ۽ هاڻي وڌيڪ ڪائڻ لاءِ نہ مليس تہ جان هلي ويندس. اهڙي صورت ۾، جان بچائڻ خاطر، اهڙو ڪتو ڪم ڪرڻ جي ايتري اجازت آهي، جنهن سان فقط جان بچي پوي. پيٽ پري ڪائڻ جي پوءِ بہ ڇوٽ ناهي.
مطلب: ١ - گهڻي تڪليف ۾، ڪي ناجائز شيون يا عمل بہ، روا ٿيو وڃن.
٢ - انسان جو ساهہ، مڙني شين کان مٿي آهي. ان ڪي بچائڻ تمام ضروري آهي.

## ۴٠٢. ستيءَ، زمين بہ ڪونهي. (چوڻي)

ستي: جنهن ڪي نر نہ ڇهيو هجي، پاڪدامن.
حيوانات ۽ نباتات ممنجهہ، نر ۽ ماديءَ جي ميلاپ جي تہ پڪ آهي. جڏهن تہ جمادات لاءِ اهو تصور قائم نہ ٿو رکي سگهجي. تنهن هوندي بہ چؤماسي جي مند اندر، مينهن جو آڙنگ جيڪو ٿئي ٿو، سو تتل ۽ نوٽ ڌرتيءَ تي اويڙ ايرڻ جو سبب بڻجي ٿو. وسڪاري دوران پيل برسات، جڻ زمين ۽ آسمان جو ميلاپ هجي. جنهن منجهان اها اويڙ ايري ٿي، جنهن لاءِ ڪا بہ اڳوات تياري نہ ٿي ڪئي وڃي. گهڻا خود-رو ٻوٽا ان مند ۾ ڦٽن ٿا، جن لاءِ نہ هر ڪاهجي ٿو ۽ نہ وري ٻج ڇٽجي ٿو. (٣۵) ص ٢٢٣

مطلب: ١ - نر سان ملڻ واري غلطي ڪرڻ جي خاصيت ته ان ڌرتيءَ ۾ پڻ آهي، جنهن تي انسان آباد آهي.

### ٤٠٣. سپ نه ماري، سراپ ماري. (پهاڪو)

سپ: سنهو ۽ پيٽ سُڪل نانگ. سراپ: ڊپ، پوءِ، هائُو، دهشت.

سنها ۽ پيٽ-سُڪل نانگ به، پنهنجي نالي سان آهن. ڪهڙي به جُنگ جوان ڪي، سندن هڪ چڪ بس آهي، جنهن سان ڪيس وڏو جوکو رسائي سگهن ٿا. ڪکيل ماڻهو، وري جڏهن نانگ کي ڏسندو آهي، تڏهن سندس دل تي خوف جو اثر ويهجي ويندو آهي ۽ دل لاهي ڇڏيندو آهي. دل ۾ وهم ويهي ويندو اٿس ته: هاڻي مري ويندس! انهيءَ ڪري بعضي ته غش به تي وينذا آهن. ڪي ته مري به ويندا آهن. ان لاءِ هڪ مثال ڪتابن اندر آيل آهي.

هڪڙي ڏيڏر نانگ کي چيو: ”ماڻهو تنهنجي ڏنگ کان نه بلڪ پوءِ کان ٿا مرن.“ نانگ کيس چيو: ”نه! مون منجهه جيڪو زهر پريل آهي، ان جي اثر کان ٿا مرن.“

ڏيڏر سندس اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ، مثالي دليل گهريو. نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا، رستي جي هڪ پاسي کان لڪي وينا. هڪڙو واٽهڙو اچي اتان لانگهائو ٿيو ته نانگ ڪيس ڏنگ هنيو پر، جلد ٻوڙي ۾ لڪي ويو. انهيءَ دم ڏيڏر ٽان ٽان ڪندي، نڪري نروار ٿيو. همراهه ڏيڏر کي ڏنو ته سمجهيائين: ڏيڏر ٺُهُندَ ڏني آهي. سو خير جهڙي ڳالهه سمجهي، روانو ٿي ويو. ان تي ڏيڏر چيس: ”ڏٺئي، اگر زهر ۾ اثر هجي ها ته همراهه ڦهڪ پٽيءَ تي ڪري ها. هاڻي هن سمجهيو ته ڏيڏر جو چڪ آهي، تنهن کان ڊپ نه کيائين ۽ سور ساٽاٽيون نڪتو هليو ويو.“

وري ويهر لڪي وينا. هاڻي هڪڙي لنگهندڙ ڪي، ڏيڏر چڪ هنيو ۽ يڪدم ٻوڙن ۾ لڪي ويو. اتي ئي اتي، نانگ ڦوڪارا ڏيندو نڪري نروار ٿيو. همراهه سمجهيو ته نانگ ڪکيو آهي، سو پوَ ۾ ٻٽڪو ڏيئي وڃي ڌرتيءَ تي پيو ۽ مري ويو.

”ڏٺئي! مون ۾ ته زهر به ڪونهي، تنهن هوندي به همراهه رڳو تو وارا ڦوڪارا ڏسي غش تي ويو ۽ روح پرواز ڪري ويس. ڇو جو سندس دل تي تو واري هيبت وينل هئس. جنهن سببان مڙس مري ويو.“ ڏيڏر دليل ڏيئي چيس: ”ان مان سمجهه ۾ آيو ته تو وارو زهر نه بلڪ دهشت تي ساهدارن کي ماري.“

مطلب: ١ - نانگ نہ ماري، نانگ جو هاڻُو ماري.
٢ - سپ نہ ماري، سپ جو ڏپ ماري. (١٢)

## ٤٠٤. سپوتر سؤ پلا نِہ ڪپوتر هيڪ ئي ڪک ڪري. (چوڻي)

سپوتر: سپوت، ڪاٺو پٽ. ڪپوتر: ڪَپُٽ، نياڳو ٻار. هيڪ: هڪ. نِہ: ۽.
ڪک ڪري: تنگ ڪري.
سڏريل، بااخلاق اولاد پلي سؤ پٽ هجن، پالڻ/ سنڀالڻ سولا آهن. انهن جي مالڪي ڪرڻ باعث، عزت ۽ فخر ٿئي ٿو. جڏهن تہ اڏريل هڪ پٽ بہ وڏو درد سر پيدا ڪندڙ هوندو آهي. روز ايڏا معاملا ڪڙا ڪندو جو پيءُ ڪانئس بيزار ٿي پوندو. ان هڪڙي کي سنڀالڻ تمام ڏکيو آهي.
مطلب: فائدي وارا، سؤ ڪم سولا، نقصان وارو، هڪ ڪم بہ ڏکيو. (٦) ص ١١٣

## ٤٠٥. سچ لٿي ڪان پوءِ دير ڪانهي، قرئي ڪان پوءِ پؤ ڪونهي. (پهاڪو)

١ - ڏينهن، رب پاڪ خلقيو آهي، انسان لاءِ تہ جيئن منجهس پنهنجي معيشت کي سڌاري سگهي. ان لاءِ هر ماڻهوءَ جي ڪوشش هوندي آهي تہ سج ايرڻ ڪان سج لهڻ تائين واري وقت ۾ پنهنجا محدود وسيلا استعمال ڪندي، پنهنجا گهڻي ڪان گهڻا ڪم پورا ڪري سگهي. جڏهن سج لهندو تہ پوءِ ڪيس وقتي طور تي بريڪ ڏيڻي پوندي. ان دوران هر ڪنهن جي وات تي اهو هوندو آهي تہ دير پوڻ ڪان اڳي ڪم اڪلائي ڇڏيان. هاڻي اگر ڪو کي ڪنهن ڪم ڪندي سج لهي ويو آهي تہ پوءِ ڪيس اجا کهڙي دير ٿيڻ جو پؤ رهيو؟ ڇو جو سج لهڻ ڪان پوءِ دير ٿي تہ بہ ڳالهہ ساڳي آهي.
٢ - سفر وغيره ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي مال جي سنڀال جي ڳڻتي ۽ فڪر هوندو آهي. ان فڪر سبب، قرجڻ يا لٽجڻ جو پؤ بہ اوس هوندو اٿس. جڏهن هڪڙي ماڻهوءَ ڪان مال ملڪيت چور/ ڦورو قري ويا، پوءِ ڪيس کهڙي شيءِ جي قرجڻ جو پؤ ٿو رهي؟
مطلب: ١ - سج لٿي ڪان پوءِ، اوير ڪانهي، قرئي ڪان پوءِ ڏپ ڪونهي.

## ٤٠٦. سچو پٽيل، راڄ تي ڇٽي. (پهاڪو)

پٽيل: چڱو مڙس، پريو مڙس.

هندو پنهنجي چڱي مڙس کي مُکي ۽ مسلمان وري پنهنجي نيڪ مرد کي وڏيرو/ رئيس ڪوٺين. اهڙيءَ طرح وري اڇوت يا شودر وري پنهنجي چڱي مڙس کي پٽيل چون.
چڱو مڙس، کهڙي بہ قوم يا مذهب وارن جو هجي، لئہ جو بکيو ضرور هوندو آهي. پوءِ وٽس مال ملڪيت هجي يا سچو چو نہ هجي. ڪيس لئہ ڪپي. اگر پنهنجو مال ملڪيت اٿس تہ پنهنجي مال مان، اگر نہ اٿس تہ غريبن ۽ راڄ وارن جي مال مان پيو لئہ ڪندو آهي. غريبن تي ڄڻ چٽي ٽي پوندو.
مطلب: وڏيرو سچو ٿيندو تہ راڄ تي ڏچو هوندو.

## ۴۰۷. سچ سنگت سين ٻُڌيا وڌي، جيئن جهاڙي اوٹ گهاس، نرمونڊي ڪي سنگت سين، هو اڳلي ٻُڌيا ڪا ستياناس. (چوڻي)

سچ سنگت: چڱن جي صحبت. ٻڌيا: عقل، سمجهہ. جهاڙي اوٽ: وڻ جي اوٽ ۾. گهاس: گاهہ. نرمونڊ: بيوقوف. اڳلي: اڳين، موجود.
سچي ماڻهوءَ جي سنگت مان ڪو بہ نقصان ناهي. هٿائين سندس صحبت جي اثر سبب گهڻا ئي فائدا آهن. پهريون تہ چڱن سان گڏ اٿڻ ويهڻ واري کي هر ڪو چڱو چوندو آهي. ٻيو سندس چڱائي/ سچائيءَ مان، ساڪ پت ۽ علم عقل جهڙا ڪيئي اڻ ڳڻيا فائدا پڻ پهچن ٿا. اهو ائين آهي، جيئن وڻ جي وٽ/ پاڙ ۾ ڦٽل گاهہ: جنهن کي نہ ڪو ماڻهو سترو ويهي وڍي سگهي ۽ نہ وري ڪو جانور منجهس سولو چڪ هڻي ڪائي سگهي.
ان جي برعڪس بيوقوف جي سنگت ساٿ ۾، سندس بيوقوفين سبب رڳو نقصان ئي نقصان آهي. رهيو کهيو نور بہ موڪلائي وڃي.
مطلب: ۱ - ماڻهو، صحبت جي اثر جا بہ فائدا/ نقصان حاصل ڪندو آهي.
۲ - چڱن سان چاهہ پئي، من ميڙ ڪيائين،
رڱجي تہ لال ٿيندو، نہ تہ ڪڪوربو تہ سهي.
۳ - چورن سان چاهہ پئي، من ميڙ ڪيائين،
پوندو تہ ڪاٺ، نہ تہ ڪونائبو تہ سهي. (۲) ص ٦۴.

## ۴۰۸. سخاوت، پنهنجي گهر کان شروع ڪجي. (چوڻي)

پنهنجي قبضي ۽ تصرف هيٺ آيل شيءِ، ٻين تي خرچ ڪرڻ تمام ڏکي لڳندي آهي. ڪي ويجها مٽ عزيز اهڙا به هوندا آهن، جيڪي انهن شين ۽ ڌن دولت کان وڌيڪ پيارا هوندا آهن. ساڻن ميٺ محبت قائم رکڻ لاءِ، اهو ڪليو قانون آهي ته پياريون شيون، ضرورت آهر، هڪيون حاضر ڪري مٿن نڇاور ڪجن.

سخاوت ۽ ديا جو پڻ، اهو اصول آهي ته مٽن مائٽن، والدين ۽ اولاد کان ان جي شروعات ڪجي. اگر انهن رشتن تي سخاوت نه ٿا ڪري سگهون ته پوءِ دوستن، واقفڪارن تي ڪيئن ڪري سگهنداسين. ڇو جو مال جي محبت، دل اندر رکيل آهي. دل منجهه رکيل شيءِ، هٿان ڪڍڻ ڏاڍي ڏکي آهي. جڏهن، اها ويجهن رشتيدارن لاءِ نه ٿا ڪڍي سگهون ته پوءِ، زندگيءَ جو گذران، جيڪو ٻين سان ربط واري ناتي تي جڙيل آهي، ڪيئن قائم رکي سگهبو.

اگر هڪڙو ماڻهو، پنهنجي جان ۽ مائٽن کي ڇڏي، ڌارين مٿان سخاوت ٿو ڪري، سو به ظالم ۽ خود غرض، لالچي ۽ گيدي تي سگهي ٿو. ان کي سخي يا هڏ ڏوکي نه چئبو.

مطلب: ١ - چڱائيءَ جي شروعات، جان، گهر ۽ مٽن کان ڪجي.

٢ - نيڪيءَ جو حق: اول مٽن جو آهي، پوءِ ٻين جو آهي.

## ٤٠٩.   سڌريا به گهر جي سونهن آهن. (پهاڪو)

سڌريا: لِڏِ ۽ مٽيءَ مان ٺهيل الماڙي نما ڪٻٽ.

ٿر جي ڪچن گهرن يا چونئرن ۾، غربت سبب، لوهي الماڙيون يا ڪٻٽ نه هوندا آهن. سگهڙ عورتون، پنهنجن گهرن اندر لڏ ۽ مٽيءَ منجهان، خوبصورت ڪٻٽ يا الماڙي نما سَڌريا ٺاهينديون آهن. مٿن مٽيءَ سان چٽسالي ڪري، ننڍڙيون آرسيون به لڳائي ڇڏينديون آهن. پري کان ڏسندڙ کي، اهي سڌريا، قيمتي الماڙيون نظر ايندا آهن. منجهن قيمتي شيون ۽ ڪپڙا رکبا آهن. (٣٥) ص ٢٤٧

مطلب: ١ - گهر جي اندر، مٽيءَ جو ٿانءُ به وڏي وٿ آهي.

٢ - گهر جو سونهن آهي ئي، ٿانءَ ٿپي سان.

## ٤١٠.   سرامڻ جو سرجيو، جائو اسوءَ ماهه، ڏياريءَ جو ڏڻ، ٻاري وٺو مٽي باهه. (چوڻي)

سرامڻ: سانوڻ، سنبت سال جو مهينو جيڪو جولاءِ-آگسٽ ڌاران اچي.
سرجڻ: سنجرڻ، عدم منجهان وجود ونڻ. اسوءَ: آڪٽوبر ڌاري ايندڙ سنبت سال جو مهينو. ڏياريءَ جو ڏڻ: نومبر ڌاران ٿئي.
سانوڻ مهيني دوران پيل برسات سان سيءَ يا ٿڌ جي شروعات ٿيندي آهي. ٽر جي واري رات ڌاري نري، سجي ٽر ڪي ٿڌو ڪري ڇڏيندي آهي. گرمي گهٽجي ويندي آهي ۽ ٿڌ جي شروعات ٿي ويندي آهي. ان وقت چڻ سياري جي موسم اچا ماءُ جي پيٽ ۾ هوندي آهي.
اسوءَ ڌاري سيءُ باقاعدي محسوس ٿيندو آهي. اسو چڻ سياري جي جنم جو مهينو هوندو آهي.
ڏياريءَ جي ڏڻ تي ٽر جي واري، ٿڌ لڳڻ سبب، اچا وڏيڪ نري ويندي آهي، جنهن سان سيءَ جي قوهه جواني منهن ڪيندي آهي. ماڻهن ڪي ڪاني ڪلي ميڙي، متن ڪان مچ بارڻ جي شروعات ڪٽي پوندي آهي. (٣٥) ص ٢٠٥
مطلب: ١ - سيارو، سانوڻ ۾ سنجري ٿو، آڪٽوبر ۾ جم ٿئيس ٿو ۽ ڏياريءَ جي ڏڻ تي جوان ٿئي ٿو.

## ٤١١ . سرامڻ صحيح وسي تہ سنو آهي. (چوڻي)

سرامڻ/ سانوڻ جو مينهن، پورالي نموني سان وسندو آهي. ڪڏهن ڪٿي، تہ ڪڏهن ڪٿي. لڳاتار وسڻ سبب تمام سنو وسندو آهي. تل ۽ ترايون، تار ٿي وينديون آهن. ملڪ ملهير ٿي پوندو آهي. سانوڻ جو وسڻ، فصلن خاص طور پاڻ-مرادو ڦٿندڙ ٻوٽن لاءِ، تمام گهڻو ڪارائتو آهي. (٣٥) ص ٢٠٠
مطلب: ١ - سانوڻ جو سڄو مهينو، اگر ٽر اندر برسات وسي، تہ سڄو سال سڪار هوندو آهي.

## ٤١٢ . سرڪار ڪي ري، مان نڪو ٻاپ. (چوڻي)

ڪي: ڪنهن. ري: جي. مان: ماءُ. امڙ. ٻاپ: باپ، بابو، ابو، پيءُ.
انگريزن جي دور حڪومت ۾، هڪڙو ٽريو، ناري پٽ ۾ اچي ڪوٽوار جي نوڪريءَ چڙهيو. ڪيس سرڪاري طرح وردي ۽ ڳاڙهو پٽڪو مليا. ڳچ وقت نوڪريءَ تي رهڻ ۽ ڪمائڻ ڪان پوءِ، نيٺ گهر بار جي سڪ

لڳس. موڪل وٺي، ڳوٺ گهمڻ ويو. ڳوٺ وارن تي اثر وجهڻ خاطر يا ٻيا ڪپڙا نہ هئڻ سبب، سرڪاري وردي پائي ڳوٺ وڃي پهتو.
ٻارڙن ڪيس ڏٺو تہ: ”ابا ابا“ ڪري اچي ڪانچ ۾ چنبڙيس. سرڪاري ورديءَ ۾ ائين هٿ پوندو ڏسي، مڙس ڪاوڙجي پيو ۽ يڪدم ٻارن کي ٺيلها ڏئي پري ڪرڻ لڳو.
”ايان نان ڪبر اهي، هون هيٽان سرڪار اهان! پرها ٿيو! مان جا ڳيا تا ٻگاڙيو!“ ڪين لوڏيندي چوڻ لڳو: ”توهان کي خبر آهي؟ مان هاڻي سرڪار آهيان. پري ٿيو، منهنجا ڪپڙا نہ گهنجايو!“
”مٺا! چتو ڪي ٿيو اهين! تون ٻاپ اهين، تڏهان تا آئين!“ جوڙس، ٻارن کي لوڏڻ تان، رهڙ ڏيندي چيس: ”مٺا چتو چو ٿيو آهين؟ ابو آهين، تڏهن تا چنبڙني.“
”سرڪار ڪي ري، مان نکو ٻاپ.“ زال کي ڪتو جواب ڏيندي چيائين: ”سرڪار، ڪنهن جي نہ ماءُ نہ بابو!“.
مطلب: ١ - سرڪار، سرڪار آهي.
٢ - سرڪار، ڪنهن جي مٽ عزيز ناهي. تنهنڪري سرڪار يا سرڪاري قانون سان، هُج نہ ڪرڻ گهرجي.
٣ - سرڪار وٽ، ماءُ پيءُ واري پاس خاطري ناهي هلندي.
٤ - سرڪار، ڪنهن جي پيءُ ماءُ ناهي.
٥ - سرڪار ڪنهن جي چاچا ماما نہ هوندي آهي.
٦ - سرڪاري ملازم کي، عصبيت نہ ڪرڻ گهرجي. (٦) ص ١١٢.

٤١٣. سرمر ڏوئي پاڳ، چلي اڏنگي چال،
گهر گهر گهومي انت گهٽي،
گيت رستا ۾ گاوين، نر ڏيکي نخرو ڪري،
ايتي نار ڪلچٽي. (چوٽي)

سرمر: ترائيءَ تي، ڪوه تي. پاڳ: پير. گهومي: گهمي، رلي. نار: زال، عورت. ايتي: اهڙي. ڪلچٽي: اڏنگي، بنا لڄڻ جي.
١ - ڪوه يا ترائي، پاڻي پرڻ جي جاءِ آهي، جتي هر ڪو پاڻي پيئڻ يا پرڻ اچي ٿو. اهڙي عوامي مرڪز تي، اگر ڪا عورت اچي ۽ پنيون اگهاڙيون ڪري ويني پير ڏوئي سا بہ لڄڻ ۾ ڪمزور چئبي.

٢ - عورت جي هلڻ چلڻ جو بہ هڪ ڍنگ ٿيندو آهي. هر شائستہ عورت، انهيءَ ڍنگ رنگ سان وک کڻندي آهي. جيڪا اڏنگو اٽي ويهي، سا بہ بد اخلاق سڏرائيندي ۽ کنهن کي نہ وڻندي.
٣ - عورت جو محور: پنهنجو گهر، پنهنجا ٻار، پنهنجي گهر جو سانجڻ ۽ ڌوئڻ آهي. اهي کم ڇڏي جيڪا پراون گهرن ۾ پئي گهوم ڪندي، گهمندي ۽ رلندي، سا بہ پنهنجي انهيءَ اخلاقي پستيءَ سبب، مڙس کي پِتي تي ڪا نہ پوندي.
٤ - راڳ ۾ جنسي بد اخلاقيءَ جو عنصر شامل آهي. اهو جنسي لاڳاپن جي اظهار جو ذريعو ۽ سڏ بہ آهي. جيڪا عورت ڪلم ڪلا ۽ رستي ويندي پئي راڳ ڳائيندي، سهرا يا لاڏا چوندي سا بہ پنهنجي انهيءَ ڇڙواڳيءَ سبب، ڌارين مردن جي نظرن جو ڪاچ پئي ٿيندي. شريف مڙس، ڪيس برداشت نہ ڪندو.
٥ - نخرو ۽ ناز، لاڏ ۽ ڪوڏ، پنهنجن آڏو نهي ٿو. ٻين جي آڏو نہ ٿو نهي. ڇو جو نخرو ۽ ناز، برداشت ڪرڻ ڏکيو آهي. جيڪو برداشت ڪندو، تنهن کي دل ۾ لالچ ضرور هوندي. ڌارئي مرد جي لالچ، هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي عورت، جيڪا ڌارين آڏو نخرا ڪري، سا مڙس کي دل تي ڪا نہ پئي آئڙندي.
مطلب: ١ - عورت کي، سنا لچڻ ڌارڻ گهرجن.
٢ - عورت کي، ڪڏن لچڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. (٢) ص ٦٣.

٤١٤. سُر منڊل جي ساز جو، ساندي کهڙو سُور،
راڻي جي راڳ تي، رڍ نہ ريجهي مُور،
کهڙو قدر ڪافر کي، سندو نبيءَ نُور،
جٽ نہ ڄاڻي ڳالهہ کي، نوڪي رکي نُور،
عقل کان سدا اُهي، رهن چار ئي چُور. (چوٽي)

ساندو: رنگ بدلائيندڙ، منافق ماڻهو. سر منڊل جو ساز: مُرلي. رڍ: بيوقوف ماڻهو. ڪافر: انڪاري، حقيقت کي نہ مڃيندڙ. نُور: ميار. چُور: ڪٺل، وانڊو.
١ - مُرليءَ جي واڃي تي واسينگ نانگ لهر هڻندو آهي. مٿس ساندو ڪين ريجهندو آهي. مرليءَ جي واڃي جو ٿورو گهٽو، نانگ تي اثر ٿئي

ٿو. ساندي تي اهو به نه ٿو ٿئي. ايئن به چوندا آهن: ”نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو ڪو جو ڳوهه ريجهائي.“
٢ - مومل راڻي وارو راڳ به اهلِ دل تي اثر ڪندو آهي. بيعقل ماڻهو منجهانئس ڪو به اثر نه وٺندا آهن. ائين به چوندا آهن: رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا.
٣ - نبيءَ اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي نور جو قدر، مجيندڙ ۽ مسلمان ڪي ٿيندو آهي. ڪافر ۽ انڪاريءَ تي اهڙين ڳالهين جو ڪو به اثر نه ٿيندو آهي.
٤ - ڄٽ ماڻهو، ڳالهه جو نه سُر مُنڍ سمجهندو آهي ۽ نه ئي سمجهائڻ سان ڪي منجهانئس ورندو آهي. هٿائين اٽلو سمجهائڻ واري تي ميار پيو رکندو آهي.
مطلب: ١ - سر منڊل جي ساز مان، ساندو ڇا ڄاڻي؟ (٣٥) ص ٢٤٤
٢ - ساندي، رڍ، ڪافر ۽ ڄٽ تي مٿو کپائڻ اجايو آهي. مٿن نصيحت جو ڪو به اثر نه پوندو. (١٢) ص ١٤٠.

٤١٥. سِرُ وڏو سپوت جو، پير وڏو ڪپوت جو. (چوڻي)

سِرُ: مٿو. سپوت: ڪاتو پٽ، سٺريل پُٽ. ڪپوت: نياڳو اولاد.
ڀاڳ/ نياڳ، ڪنهن جي نرڙ ۾ لکيل نه هوندو آهي، نه ئي وري ان جو جسم جي ڪنهن عضوي سان تعلق آهي. تنهن هوندي به تجربي/ مشاهدي ۾ جيڪي ڳالهيون آيون آهن، سي عام ٿيڻ سبب، چوڻيءَ جي صورت اختيار ڪري ويون آهن. عقل/ فهم وارن لاءِ ڪي نشانيون ڇڏيون ويون آهن. جن تحت اڳلي جو مُنهن- نارُ ڏسي، سندس بابت راءِ قائم ڪري سگهن. جيئن چوندا آهن:
ڏگهو: بيوقوف. حالانڪ سمورا ڊگهي قد وارا، بيوقوف نه هوندا آهن.
بندرو: شيطان. ضروري ناهي، هڙ پسته- قد/ ڪوتاه- قد، لچ ۽ شرير هجن.
شيرو: بيوفا. ضروري ناهي ته شيرين اکين وارا سمورا، مطلبي هجن.
اهڙيءَ طرح هتي به ٻڌايو ويو آهي ته جنهن جو مٿو وڏو آهي: سو ڀاڳوارو هوندو. وڏن پيرن وارو نياڳو/ اڏريل هوندو. حالانڪ ائين ضروري ناهي ته هجي به.
مطلب: ١ - سپوت/ ڪپوت، انگن مان عيان هوندو آهي.
٢ - نياڳو ٻار، پينگهي ۾ پڌرو، سمهار سنئون، اٽي اونڌو.

٣ - پيٽيو: چتر ڏنتو ڪو ئي ڪ مورڪ، ڪو ئي ڪ نرڏن تالڪا. (٥)

## ٤١٦. سڪار ۾ ئي سڄڻ ياد ايندا آهن. (ڀاڪو)

خالي ڪيسي وارو پيو پور پچائيندو ۽ موالين وانگر پنڪيون ڪائيندو. ڪيس، سواءِ پئسي جي، پيو ڪجھ بہ نہ پيو سُجھندو آهي. نہ پاڻُ وٽندس، نہ ٻئي جو اچڻ. پيارو دوست بہ اگر لڙي آيس جڻ، مٿان ڀهاڙ ڪري پيس. پنهنجي سر جي ڪري يا دوست جي ٿهل ٽڪور ڪري. منهن پيلو ڪيو پيو دوست کي ٽڪيندو.

جنهن وٽ چار پئسا آهن، سو هڪڙن دوستن جي خدمت پيو ڪندو، تہ ٻين کي اچڻ لاءِ نياپا پيو موڪليندو. ڪيس هر دوست ۽ مٽ ياد پيو پوندو. ساٿس رهاڻ ڪرڻ لاءِ، وقت وافر پيو سمجهندو. (٣٥) ص ٢٢٤

مطلب: ١ - هوند تي هونگر آهي.

٢ - وسڪاري سان سڪار ٿئي ۽ سڪار اندر وڇڙيلن جو ميلاپ ٿئي.

## ٤١٧. سڪارين پلا سيڻ، ڏڪارين پلا ڏاٽيا. (چوٽي)

سڪارين: سڪار ۾. سيڻ: مائٽ. ڏڪارين: ڏڪار منجھ. ڏاٽيا: داٽا، ان پٽارو.

سڪار اندر هر ڪنهن کي سڄڻ ياد ايندا آهن. مهمانن جو اچڻ ۽ ٽڪڻ بہ پيو وٽندو آهي. مهمان جي نہ اچڻ کي نياڱ جي نشاني پيا سمجهندا آهن. مٽ مائٽ، دوست يار کي دعوتون ڏئي پيا گهرائيندا آهن. دل کولي مهمانيون ڪندا آهن ۽ سندن اها مهمان نوازي ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

ڏڪار جي حالت ۾ هر ڪو پنهنجي پيٽ پالڻ ۽ مال جي چاري هٿ ڪرڻ لاءِ پريشان هوندو آهي. ڏينهن رات ڏٽ ميڙڻ جي خفي ۾ هوندا آهن. ان وقت، سر ۽ مال جي ڪن يا مهمانن جي ڪن. ڪٽي ڪٽي تي پيا ساھ ڏيندا. پاٽيءَ جي ڦٽي تي پيا وڙهندا. خدمت خدمت جي ماڳ، مهمان جو اچڻ ماڳهين مصيبت پيا سمجهندا. مهمان ڪان وڌيڪ، ان جي ڪٽي کي سنڀالڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا. (٣٥) ص ٢٠٨

مطلب: ١ - سڪار ۾ مائٽ عزيز سنا لڳندا آهن. ڏڪار ۾ ان جا داٽا سنا لڳندا آهن.

## ٤١٨. سنڌ سمون، ڪڇ چنون، پاٽي جيسلمير،

### چوٿون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ مٿي پير. (چوڻي)

چار قومون، سنڌ ۽ ساڱس ملحق رياستن جون حڪمران رهيون آهن.
١- سمان: سنڌ جا حاڪم رهيا آهن. ڪهاوتن ۾ يا ورجيسي طور تي پڻ چيو ويندو آهي: اهڙي نه سمي ڪئي، نه سومري ڪئي. جيئن ته سما ۽ سومرا سنڌ جا حڪمران رهيا آهن. حڪمرانيءَ جي زور تي، راڄ مٿان ڏاڍُ ۽ ظلم پڻ ڪيائون، پر ايترا قيس ۽ ڪلور نه ڪيائون، جهڙا اڄ جي دور ۾ نظر اچن ٿا. سمن تي زوال آيو ته ذات مَٿي زندگي گهارڻ لڳا. اڄ ڪوڙ ذاتيون، سمي ۾ لڪن ٿيون.
٢- چنون، ڪڇ ملڪ جو حڪمران رهيو آهي. ان ذات وارا وڏي ڏهڪاءَ ۽ حشمت وارا حڪمران رهيا آهن. زوال آيو ته سانگ پائي ٻين ذاتين ۾ لڪيا. هاڻي ڪوڙ ذاتيون، چنون ۾ لڪن ٿيون.
٣- جيسلمير جي علائقي تي ڀاٽي يا ڀٽي قوم چانيل ۽ حڪمران رهي آهي. ٻين هندن تي به اتان ٽڙيا پکڙيا. گهٽائيءَ سبب، ايترا هنيلا ٿيا جو مٿن ڪهاوت جڙي: ڀاٽيه به/ بد ذات، در هندوان. (ڀاٽي ذات، هندن منجهه پلي/ بچڙي آهي.)
٤- چغدو پڻ قوم آهي پر انهن جي پيڙهي ايتري نه وڏي. حڪمرانيءَ ڏانهن ڏيان گهٽ وين. تنهنڪري سندن ناموري ڪنهن علائقي جي حساب سان نه ٿي. ڪن ته سندن لاءِ لکيو آهي: چوٿون چغدو، جنهن جو پلنگ مٿي پير. يعني اهي فقط پلنگن تي سمهي، ننڊون ڪري وقت وڃائين.
مطلب: ١ - سنڌ سمو، ڪڇ چنو، ڀاٽي جيسلمير، چوٿون چغدو، جنهن جو پلنگ مٿي پير.
٢ - سنڌ جا حاڪم سما، ڪڇ اندر چنا ۽ جيسلمير جا ڀاٽي آهن. باقي چغدو، ٿنهي هنڌ ناهي.

### ٤١٩. سرياند هجين ته ڳئون ڏار. (ڪڇ، چوڻي)

ڳائي مال ۾ ڳڻ گهڻا ٿيندا آهن. گهٽ ڪاڌي تي منجهانئس اپت جهجهيرڙي ٿيندي آهي. سال تي ڦر ڦروٽا به پيا ملندا. ڳابا ڄاوا ته به ڏاند ٿي پاڻ ملهائيندا. هر ۽ نار، گاهه ۽ گاڏيءَ ۾ وهي واهر ڪندا. شاديءَ غميءَ ۾، پت رڌڻ منجهه به پيا ڪم ايندا. ڳائو گوشت ته ڇا چئجي؟ جيڪڏهن ڳابيون ڄايون، ته به بخت وريو. لڳندي ۽ ويامندي ته منجهانئس ڏڻ ٿيندا. ڪير مکڻ پنهنجو ٿيندو. ڏاريندڙ، ڪير مکڻ جي محتاجيءَ کان

ٻچي پوندو. ڪير مکڻ ۾ اهڙو جو ٻيو ڪير مکڻ پچيس ئي نہ. چيٽا ٻہ فائديمند. سڪي ڪان پوءِ ٻاه ٻارڻ جي ڪم اچن. چيٽن جي ٻاهہ تي پڪل مانيءَ ۽ ٻوڙ جي لذت ئي پنهنجي آهي. جيڪڏهن چيٽا سڪي پور ٿيا تہ ياڻ طور ڪم ايندا. ڳائو ياڻ ٻہ، ٻنيءَ لاءِ طاقت وارو آهي.

ان جي برعڪس، رڍ ڪمزور، ڪير پولڙين ڳاڏڙ ٿئيس. سال ۾ ٻہ دفعا وينو ڏاس ڪتري آجو ڪرين. ڏاس جون ٻہ پُنيون لٽيون تہ رڍ: نہ ڏهڻ جي لائق ۽ نہ ڪهڻ جي لائق. نہ لڳي ۽ نہ ويامي. ڪُهہ تہ گوشت منجهہ عجيب بوءِ. نہ وري سندس پولڙيون/ ڦولهڙيون ٻاهہ لاءِ ڪتب اچن. ياڻ طور ڪتب اچن پر ايتري جهجهي تعداد ۾ نہ هئڻ سبب، خاطُر ۾ ئي ڪير نہ آڻين. گوشت ۾ ڪير مکڻ ۾ سوادي نہ ٿئين. غريب ماڻهو، ڏاس وٽڻ ۾ گذر سفر لاءِ ئي وجي ڏاري، باقي ٻئي جي حاجت ناهي.

مطلب: ١ - هوند تي ٻڪٽون ڏارجي، اڻ هوند تي رڍون ئي ڏارجن.

٢ - رڍون ڏارڻ، سرنديءَ واري جو ڪم ناهي.

٣ - ٻڪٽون پالڻ لاءِ ڳاهہ پنو هجي ۽ ڪٽر مال کي جهلڻ لاءِ لڱن ۾ طاقت پڻ هئڻ گهرجي. (٢٢) ص ٣٢.

## ٤٢٠. سڪلن گڏ، آلا ٻہ ٻريو وڃن. (ڀاڪو)

ٻاهہ جو خاصو آهي: سڪيءَ شيءِ کي ساڙي ڀسم ڪرڻ. آليءَ سان ٻاهہ گهٽ وڌڙ ڪندي آهي. جڏهن سڪيءَ سان گڏ آلي شيءِ هوندي تہ سڪيءَ کي لڳل ٻاهہ جي تَوَ تي اها ٻہ پاڻيٺ سڪائي ويندي ۽ ٻاهہ لڳڻ جي قابل ٿي پوندي. آليءَ شيءِ جي، سڪيءَ شيءِ سان صحبت، نقصان جو سبب ٻنجي پوندي.

مطلب: ١ - سڪين ڪانين سان، سايون ٻہ ٻريو وڃن.

٢ - سڪل چيٽن سان گڏ، آڌوڪا ٻہ ٻريو وڃن.

٣ - ڏوهين سان گڏ، ٻي ڏوهي ٻہ تڪليف ۾ اچن.

٤ - ڪميٽن جي صحبت ۾، اشراف ٻہ بدنام ٿيو وڃن.

٥ - چٽن سان گڏ گهٽا ٻہ پيسجي وڃن.

٦ - سڪن گڏ ساوا ٻہ سڙيو وڃن. (سنڌ)

٧ - سڪن سان گڏ، آلا/ ساوا ٻہ سڙن/ سڙيو وڃن.

٨ - سڪن گڏ آلا ٻہ سڙن.

٩ - سڪن جي آوهہ/ڏوهہ ۾، ساوا ٻہ سڙيو وڃن.

### ۴۲۱ . سُڪي تي ڏانگڙو تہ مينهن ايندو،
### وُٺي تي ڏانگڙو تہ مينهن ڪٽندو. (مهراڻو، چوٽي)

ڏانگ: لٺ. ڏانگڙو: اندلٺ.

وسڪارو: ٿر جي تهذيب ۽ تمدن جو روح آهي. ٿر جيئرو آهي ئي وسڪاري تي. وسڪاري ۾ سڪار ۽ سونهن آهي.

وُٺو تہ مال بہ خوش تہ مارو ماڻهو بہ خوش. موسم ٽڏيرڙي تي پوي ٿي. ٿر جي واري ٺرڻ کان پوءِ، ساهوارن جو لڳ لڳ ٺري ڳڳ ٿيو پوي. اڄ ۽ اسان کي دور ڪرڻ لاءِ، پلر جي پالوٽ آهي. سيڪو ڳوٺ ۽ ٽاڪ ڏانهن ائين موٽي ٿو، جيئن ٻين ديسن جا ماڻهو عيد ملهائڻ لاءِ عيد جي موقعي تي ڳوٺن ڏانهن ڀاڄ ڪن ٿا. هڪڙي پناڻ کان پڇيائون: ”لالا! سنڌ ۾ رهيو پيو آهين، ڪڏهن پنهنجو ڳوٺ ياد ايندو اٿئي؟“ ٽٽو ساهہ ڀري چيائين: ”جڏهن اسٽيشن تي گاڏي ڪري ٿو ’ڪو ڪو‘ تہ لالي جو دل ڪري ٿو ’وطن وطن‘“. وطن جي سڪ هر ساهدار کي ٿئي ٿي. ڳوٺ جو ڏڳ ڏسي، ڏاند بہ ڏورٽا ڀڄندا آهن. جيڪي وڇڙي ويا هيا، سي بہ وسڪاري وقت ورندا آهن ۽ محبتين جا ميلا ٿيندا آهن.

ٿر وارا، هر سال انهيءَ توڪل تي هوندا آهن تہ برسات جهجهي ٿيندي. برسات جا سنئوڻ ۽ ساٺ، نکٽ ۽ اهڃاڻ ڀيا جاچيندا. اُبون اٿيون تہ مينهن جو آسرو ٿيندو، موگهون نڪرنديون تہ مينهن وسندا. موگهون، ڪڪرن مثل اڇيون لامون آهن، جيڪي سج اڀرڻ يا سج لهڻ کان اڳ نڪرنديون آهن. اهڙيءَ طرح وري جيڪڏهن سُڪي تي اندلٺ نڪتي تہ مينهن اچڻ جو آسرو ٿيندو. جيڪڏهن وُٺي کان پوءِ اندلٺ ظاهر ٿي تہ مينهن بند ٿي ويندو.

مطلب: ۱ - اندلٺ، مينهن جي اچڻ يا بند ٿيڻ جو اهڃاڻ آهي. مينهن کان اڳي ظاهر ٿي تہ مينهن ايندو، پوءِ ظاهر ٿي تہ بند ٿيندو. (۲۲) ص ۱۴۲.

### ۴۲۲ . سڪ هوئين تو گهر ڀلا، نيتان ڀلا پرديس. (چوٽي)

هوئين: هجي. نيتان: نہ تہ، ٻيءَ صورت ۾.

پنهنجي گهر جهڙو سُک، ٻئي هنڌ ڪونهي. ان ۾ جيڪڏهن ڦيٽاڙو پوي يا بک/ بيروزگاري منهن ڪڍي تہ اهو بہ دوزخ جي ڏڙي تي پوي ٿو. هر ڳالهہ، ناسور وانگر اندران ئي اندران کائڻ شروع ڪندي آهي.

اهڙيءَ صورت ۾ گهر ڇڏي پرديس جا ڏاڪڙا سهڻ چڱا آهن. جڏهن تہ ديس ڇڏي پرديس وسائڻ کي ڪنهن بہ چڱو نہ سمجهيو آهي. ڏيهہ ۽ ڏيهي ڇڏڻ، ڏکيا ڪم آهن.
ڦيٽاڙي واري گهر ۾ گذارڻ ڪان، پرديس ۾ وڃي رهڻ کي ترجيح ڏيڻ ۾ ئي حڪمت عملي آهي.
مطلب: ١ - جهنگ جو تتو گهر ۾ ٺري، گهر جو تتو ڪٿي ٺري.
٢ - پنهنجو گهر، پنهنجي قبر.
٣ - پنهنجو گهر، هنگي پر، پرائو گهر، ٿُڪ اڇلي ڊر.
٤ - ٻاهر جي سڄيءَ ڪان، گهر جو اڌ ڀلو. (٦) ص ١١٥.

## ٤٢٣. سمان، سپان، نران، ٺپان، ناڪران، جر، مِگر، جوءِ، جو اُٺان متي اعتبار ڪري، او انهان جهڙو هوءِ. (چوڻي)

سمان: سما ذات. سپان: سپ جو جمع، نانگن. نران: لوهارَ. ٺپان: سونارا. ناڪران: ناڪرن. جَرَ: پاڻيءَ، درياهہ، سمنڊ. مِگر: مانگر مڇ. جوءِ: زال، عورت. اٺان: انهن. انهان: انهن، متن.
١ - سما سنڌ جا حاڪم رهيا آهن. ظلم/ ڏاڍ ۾ ضرب المثل هيا. اڄ تائين مثال ڏئي چئبو آهي: ”اهڙي نہ سمي ڪئي، نہ سومري ڪئي“.
٢ - نانگ بہ ڏنگ هڻڻ ڪان ڪين مڙندو آهي، پوءِ ڀلي کير تي چو نہ پالجيس.
٣ - لوهر جو بہ ڪو اعتبار ناهي. سونارو چالاڪ آهي. هيءُ ان ڪان وڌيڪ آهي. سونارو جتي سوين ڌڪ هڻي، ڪم سڌو ڪري ٿو، اتي هيءُ هڪُ ڌڪُ هڻي ٿو.
٤ - سونارو، بي ايماني نہ ڪري، تہ ماني ئي هضم نہ ٿئيس. ماءُ جي نٿ مان نہ مڙڻ وارو سونارو، عورتن جي مڪر ڪان بہ وڌيڪ مڪر ڄاڻندڙ آهي. تڏهن تہ چيائون: هڪ سؤ نار، هڪ سونار. (هڪ سونارو: مڪر منجهہ سؤ عورتن برابر.)
٥ - ناڪر، مذهبي پيشوا جي حيثيت رکندي، عام ماڻهن جي مال ۾ نگهہ وجهندو آهي ۽ مفت جي مانيءَ تي پلبو آهي.
٦ - درياءَ جي رخ ۽ عورت جي پُور تي ڪو بہ اعتبار نہ ڪجي. ڪنهن وقت بہ رخ بدلائي سگهن ٿا. ساڻن احتياط وارو رويو رکڻ گهرجي.

٧ - مانگر مڇ يا واڳونءَ جي ڳوڙهن (Crocodile tears) تي اعتبار ڪبو ته جان وڃائبي. هونئن به چوندا آهن: درياهه پر تي ويهي وجهجي نه واڳونءَ سان وير.
٨ - عورت جا ڳوڙها ته واڳونءَ جي ڳوڙهن کان وڌيڪ موهيندڙ آهن. سندس وارن جون چڳون، گهوڙي کي پيل لغام واري رسي کان وڌيڪ مضبوط آهن. سندس مڪر کي عظيم مڪر ڪوٺيو ويو آهي. تنهن هوندي به چوندا آهن: عورت ڪين ڄاڻي ته به، اُٺ مڪرن جو ڄاڻي. مٿس اعتبار ڪرڻ وارو، ضرور بوهي ۾ ڦاسندو.
مطلب: ١ - مٿي بيان ڪيل، انن شين تي اعتبار ڪرڻ ۾ نقصان آهي.
٢ - ساڳئي واقعي/ ڳالهه مان، هر ماڻهو مختلف رايو، ڪڍي ٿو. (١٦)

## ٤٢٤. سمجهو ناڪر سريويئي، نهچڙلئي ئي چانو، سڌ تري رو پاڳوڙو، سڪلٽي ري ٻانهن. (چوٽي)

سريويئي: سرت ۽ عقل وارو. نهچڙلئي: هميشه واري. سڌ تري: پلي گهوڙي. پاڳوڙو: رڪاب ۾ وڌل پير. سڪلٽي: سلڇڻي، سهڻي.
١ - دربار ۾ سوڍا ۽ ٺڪر اهي سمجهو ۽ پلا سڌبا آهن، جن کي هر معاملي جي سرت ۽ ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ لاءِ عقل هجي. بي عقل ۽ بددماغ ماڻهوءَ کان ڪو به نبيري جو فيصلو اُڪليو نه ٿيندو. اڪلائڻ اڪلائڻ جي ماڳ، نهيل معاملو به، وچڙائي گنجرائي ڇڏيندو.
٢ - ڇانءَ به اها سڌجي، جنهن ۾ ويهڻ وارو پوريءَ طرح سمائجي ويهي. اڌوري ڇانءَ يا ننڍڙو پاڇو، ويهڻ واري کي سڪون نه بخشيندو. اڌ ڇانءَ ۽ اڌ اس ۾ ويهڻ واري کي جلد، گرم-سرد يا اڌ-رنگ جو اثر ٿي ويندو آهي. ان ڪري پلي ڇانءَ اها آهي، جيڪا پوري ۽ گهڻي وقت لاءِ هجي.
٣ - گهوڙي به اها پلي چئبي، جيڪا واڳ جي اشاري يا رڪاب ۾ وڌل پير جي نينشڙي سان هلي ۽ مٿس لڪڻ اولارڻ جي ضرورت پيش نه اچي. ڇهبڪ ۽ لت سان ته گڏهه جهڙو ننر جانور به سڌو ٿي هلندو آهي. پلي گهوڙيءَ جو اهو شان ناهي جو سئيس کي لنين هڻڻ تي مجبور ڪري.
٤ - عورت به اها پلي چئبي، جيڪا اندر جي اڇي هجي. ظاهري طور اڇي چمڙي، اوچا لباس ڍڪڻ ۽ سونا زيور پائڻ سان، عورت وقتي سهڻي ته نظر ايندي آهي پر سندس اصلي سونهن، سندس سنن ۽ سهڻن اخلاقن

اندر آهي. جيڪا ٻاهران سهڻي آهي ۽ اندران ڪاري آهي، سا جيئري ئي جهنم آهي.
مطلب: حاڪم سمجهدار، ڇانءَ جتاءَ دار، گهوڙي تازي ۽ عورت حيادار هئڻ گهرجن. (٢) ص ٢٣٧.

### ٤٢٥ . سنپت آهي؛ برڪت. (چوڻي)

سنپت: ٻڌي، ايڪتا.
پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ يا ايڪي ۾ رهڻ سان گهڻا ڪم، وڏي سولائيءَ سان نبري وڃن ٿا. جيڪي هوند، وڏن خرچن ڪرڻ سان بہ حل ٿي نہ سگهن. اهڙي قسم جو فائدو، جيڪو بنا خرچن ۽ محنت جي ملي، سو برڪت پوڻ جي مترادف ئي هوندو آهي.
مطلب: ١ - مِٺ محبت ۾، گهر جا سمورا ڀاتي گڏجي، ڪم جو پورائو ڪندا تہ گهر ۾ برڪت پوندي آهي.
٢ - پاڻ ۾ مٺ محبت ۽ ٻڌيءَ سان رهڻ ۾ برڪت پوي ٿي. (١) ص ١٧٣.

### ٤٢٦ . سنڌ ۾ آهي ڪڻ تي، ٿر ۾ آهي ٿڻ تي. (چوڻي)

ڪَڻ تي: ڪڻڪ تي گذران. ٿڻ تي: کير تي گذران.
١ - ڪڻ: بمشابہ ڪڻڪ جي آهي. سنڌ، بيراجي علائقو آهي ۽ سندس زمينون زراعت جي قابل آهن. منجهانئن ڀانت ڀانت جا فصل حاصل ٿين ٿا. جنهن ڪري سنڌ جي ماڻهن جو گذر سفر، زمين مان ملندڙ ان وغيره تي آهي.
٢ - ٿڻ: بمشابہ مال جي ٿڻ جي آهي، جنهن مان تازو توانو کير ملي ٿو. ٿر جو علائقو، نہ بيراجي آهي ۽ نہ وري زمينون سنوت ۾ اٿس جو منجهن زميني پاڻيءَ تي ڪا زراعت ڪري سگهجي. برسات تي پاڻ مرادو گاهہ ۽ ٻاجهيون ٿين، جيڪي ڏٿ طور، مال ۽ مارن جي ڪم اچن. مال ڪائي تہ کير جهجهو ٿئي، جنهن تي وري مارو ماڻهو پلجن.
مطلب: ١ - سنڌ جي ماڻهن لاءِ ان نہ ٿيو تہ ڏڪر آهي. مال لاءِ گاهہ نہ ٿيو تہ ٿرين لاءِ ڏڪر آهي.

### ٤٢٧ . سنهون ڏڻ؛ ڇيڙن جي ڀري. (پهاڪو)

سنهون ڏڻ: ٻڪرين جو ڏڻ، رڍن جو ڏڻ. ڇيڙ: متيرا.

ٻڪري يا رڍ، اڪيلي رهي نه سگهندي آهي. ڌڻ ۾ ئي رهي سگهندي آهي. ڪين گڏي ڪاهي هلڻ ۽ چارڻ، تمام ڏکيو ڪم آهي. ٻڪريءَ جي عادت آهي: هر شيءِ ۾ چڪ هڻڻ. وڻ تي به نرا ڏئي چڙهي ويندي. دل جي ڪمزور پڻ آهي. ڌاهه پين ته تڙ-وتڙ ٿي ويندي. ڌڻ ڪان ڇڇي ڌار ٿيڻ کان پوءِ، ڪين وري ٿانيڪو ڪرڻ، تمام ڏکيو ڪم آهي.

متيرا، تمام ننڍڙا ٿل آهن. جسامت ۾، ڇدن وانگر گول ۽ ننڍڙا. هڪ ٻئي سان گڏي، پريءَ ۾ ته ٻڌي سگهجين پر هڪ ٻئي مٿان سٽي نه رکي سگهجن. جيڪڏهن ڪنهن پٽ يا ٽڪريءَ مٿان، اها پري رکيل هجي ۽ اوچتو ڳنڍ کلي/ ڇڙي پوي يا پوتڙو ڦاٽي پوي ته متيرا هڪ هنڌ بيهي نه سگهن. هر رخ ۾ ڦهلجي، ڪٽو ڪٽو ٿي، پٽ جي پاسن ۾ پکڙجي ڦهلجي وڃن. جيڪي ڏينهن ڇا هفتا هٽڻ کان پوءِ به ميڙي نه سگهجن.

ٻڪرين ۽ رڍن جو ڌڻ پڻ ائين آهي. مينهونڳيءَ رات ۾، ڪنوڻ جي ڌاهه تي يا منجهن ڪنهن ٻگهڙ/ گدڙ جي پوڻ تي، جهنگ ۾ ڪٽو ڪٽو ٿي ويندو. پوءِ وٽ ڏينهن جا ڏينهن ۽ مهينن جا مهينا ڪين ڳوليندو.

منجهانئن ڪي ته ڪتي ٻلي جو به ڪاج ٿي ويندو آهن.

مطلب: ١ - سنهيون شيون، سنڀالڻ ۽ سانڍڻ ڏکيون آهن.

٢ - سنهين شين وانگر، ٻڪريون ۽ رڍون سنڀالڻ پڻ ڏکيون آهن.

٣ - سنهين شين جي سهيڙ ئي اصل سهيڙ آهي.

٤ - پيڻيو: سنهون ڌڻ: ڪتي ٻلي رو ڪاج. (٣) ص ١٦٥.

## ٤٢٨. سنهون ڌڻ: ڪتي ٻلي رو ڪاج! (چوڻي)

سنهون ڌڻ: رڍن يا ٻڪرين جو ڌڻ. ڪاج: ڪاڌو، شڪار، لقمو.

ٿر ۾ سلا ايرن، اُني تي. جڏهن وس ٿئي ته هر ڪو ڌڻ ڏڪي، وجي دڙن پيڙو ڪري. اتي، سنهي مال جي ڌڻين ڪي، ڏاڍو محتاط رهڻو پوندو آهي. ڇو جو جڏهن برسات ڏاروڙا ڪري، وڏ-ڦڙي سان وُٺي ته مال پٽارو پڄڻ وقت ڪنوڻ جي تجلي ۽ ڳوڙ جي ڪڙڪاٽ جي پِوَ تتان، ڌڻ ڪان ڇڇي ويو ته ڪيس ڳولڻ، ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. وڏو ڍور/ وهٽ، ٻئي ڪنهن ڌڻ سان مليو يا ڪنهن ڪي هٿ آيو ته، نشانن/ پتن پارن تي موٽائي ڏئي ويندو. جڏهن ته رڍ ٻڪري، موٽندي مشڪل.

هڪ ته سنهون مال آهي، ڇيڙن جي پريءَ وانگر، ڇٽي ڪان پوءِ ڏاٽو ڏاٽو ٿي ويندو. ٻيو ته مينهونڳي رات ۾، رليل مال ڪي ڳولڻ مشڪل آهي.

نظر کان ٽڙيو ته ايريي جو سندن اوڪاچ به نظر نه ايندو. نه پير ملندو ۽ نه ڏس پنڌ ملندو. جنهن کي هٿ آيو، تنهن وٽان موٽائڻ مشڪل ٿي ويندو. گدڙ/ بگهڙ کي هٿ آيو ته ڇٽو.
مطلب: ١ - سنهو مال ريت-ڦيت ٿيڻ ۾ دير ئي نه ٿو ڪري.
٢ - ڀيٽيو: سنهون ڏڻ؛ ڇيڙن جي پري. (٣) ص ١٦٥.

## ٤٢٩. سواس اچي نه اچي، ڪو ڀروسو نه آهي. (چوڻي)

سواس: ساهه
هر ساهدار، ساهه کڻي به ٿو ته ٻاهر ڪڍي به ٿو. ساهه جي اچڻ وڃڻ وارو پل، زندگيءَ جي پيٽ ۾ تمام ٿورڙو وقت آهي. زندگي ڀلي ڪيتري به وڏي هجي پر ڪڏهن ختم ٿيندي؟ ان جي ڪنهن کي به خبر ناهي. جيڪو ساهه اندر ڪنيو آهي، سو ٻاهر نڪرندو يا ايتري مهلت به نه ملندي. يا جيڪو ساهه ٻاهر ڪڍيو آهي، سو موٽندو به يا اڳ ئي روح پرواز ڪري ويندو؟ ڪنهن به ڳالهه جو اعتبار يا ڀروسو ناهي.
زندگي ئي بي بقا آهي ته ان جو پل يا دم، ڪهڙو دائمي هوندو؟ تنهنڪري جيڪو به دم، ماڻهو جيئرو هجي، سو سجايو ڪري. دنياداريءَ جي لحاظ کان به ته ديندراريءَ جي لحاظ کان به. غافل رهڻ سان، ٻئي جهان وڃائڻا آهن. غفلت جي سوڙ لاهي، پري ڪجي ۽ هوشناڪيءَ جي روشنيءَ سان، دنيا جي سچ کي نئين دم نئون ڏسڻ گهرجي.
مطلب: ١ - وقت وڃائڻ کان سواءِ، فوري عمل ڪرڻ گهرجي.
٢ - وقت وڃائڻ کان سواءِ، عملي زندگيءَ ۾ جاکوڙ ڪرڻ گهرجي.
٣ - زندگيءَ تي ڀروسو ڪونهي. جيڪا ملي آهي، سا محنت سان، سڦلي ڪجي ته بهتر.

## ٤٣٠. سوڍن مڙن سَوَ، ته به مَٽُ نه ڀانئج مينڌري. (پهاڪو)

سوڍا، راجپوت آهن، جيڪي بهادر ۽ دلير رهيا آهن. ڏکين علائقن ۾ رهڻ سبب، منجهن قوت مدافعت جهجهيري رهي آهي. جنهن سبب ويڙهاڪ، جنگجو ۽ مهم جُو پڻ رهيا آهن. جڏهن ته راڻو مينڌرو، مومل کي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، تنهنڪري سندس هاڪ هنڌين ماڳين هُلي وئي. هڪ ته خوبرو هيو، ٻيو دلير ۽ ٽيون ڏاهپ ۽ دانائيءَ جا منجهس اکر پڻ هيا جو سي طلسماتي منظر ٽوڙي، وڃي مومل ماڻيائين.

راڻي جون ٻه اهي واڌاريون خوبيون: خوبرو ۽ داناءُ هئڻ، ڪيس سوين سوڍن جي وچ ۾ امتيازي حيثيت جو مالڪ بڻائين ٿيون. ان ڪان علاوه سندس غيرت وارو اڪر، جو مومل جي بستري تي سندس پيڻ سومل کي ستل ڏٺائين ته ويجهو نه ويو ۽ فقط لڪڻ نشانيءَ طور رکي ويو. سندس اهي خوبيون، فقط مومل تي اثرانداز نه ٿيون، بلڪ تاريخ اندر ڪيس لازوال مقبوليت ڏيڻ جون حامل پڻ رهيون.

مطلب: ١ - بهادر، دنيا ۾ گهڻا. جنهن ۾ واڌاريون خوبيون هجن، سو وڏيڪ پلو.

٢ - حسن يوسف، دم عيسىٰ، يد بيضاداري،
آن چه خوبان همه دارند، تو تنها داري.

٣ - زليخا کي طعنا تشنا ڏيڻ وارين عورتن، جڏهن پنهنجي اکين سان يوسفؑ کي ڏٺو ته پنهنجي هٿن جون آڱريون ڪپي ڇڏيائون. هزارين يوسفؑ مٽن، ته به مدنيءَ ﷺ جو مَٽُ نه ٿين.

## ٤٣١ . سوڍيڪو سؤ: ست بيسان، ڏِسي هجاري لک. (پهاڪو)

سوڍيڪو: سوڍن جو. بيسان: ويهون. ست بيسان: ست ويهون، سؤ چاليهه.
ڏِسي: ڏهين. هجاري: هزارين. ڏِسي هجارين: ڏهين هزارين.

هڪڙي چالاڪ سوڍي، هڪڙي واڻيي کان سؤ رپين جي خريداري ڪرڻ پڄاڻان، ڪيس ست ويهون يعني سؤ چاليهه رپيا ڏنا.

”هيءُ ته ست ويهون آهن!“ واڻيي چيس.

”ها اهي ست ويهون آهن.“ سوڍي ڪيس ورندي ڏني: ”اسان وٽ ستن ويهن جو سؤ ٿيندو آهي“.

واڻيو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پئسا وني تجوڙيءَ ۾ رکيائين.

ٻئي سال ساڳئي واڻيي کي، اوڌر جي اوڳڙ ۾ ڪافي چوپايو مال مليو. واڻيو ماڻهو، مال ڪيڏانهن ڪري؟ يڪدم مال مان جان آجي ڪرائڻ لاءِ، نيڪال ڪرڻ جي ووڙ ڏٺائين. ساڳئي نڪر، سوٽي ڏئي، ڪانئس سمورو مال، لک روپئي ۾ چُڪايو.

جڏهن پئسا ڏئي مال ڪاهڻ جو وقت آيو ته نڪر، واڻيي کي فقط ڏهه هزار ڏنا.

”هيءُ ته ڏهه هزار آهن.“ واڻيي نڪر کي چيو: ”باقي نوي هزار؟“

”اسان وٽ ته لک ۾ پوندا ئي ڏهه هزار آهن“. نڪر چيس: ”سؤ هزار ته نه پوندا اٿس.“
چڱن مڙسن وٽ فيصلو هليو. انهن، نڪر جي حق ۾ فيصلو ڏنو. واڻيي کي لک جي بدران، ڏهه هزار مليا.
مطلب: ١ - ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا آهن.
٢ - ڏاڍي مڙس وٽ، پنهنجا قانون آهن.
٣ - جهڙيون پنج ويهان، تهڙو سؤ. (ٿر) (٦) ص ١١٧.

## ٤٣٢. سورج اُگو، سنسار ڏيکسي. (پهاڪو)

سورج: سج. اُگو: اڀريو. سنسار: جهان، دنيا. ڏيکسي: ڏسندو.
ڌرتيءَ جي گولي تي، گرمي ۽ سردي يا موسمي ڦير-گهير سج جي لهڻ ايرڻ ڏانهن منسوب آهن.
هڪ ته سج تمام وڏو، چٽو ۽ روشن گره آهي، ٻيو ته ان مان هر هڪ جيو کي فائدو رسي ٿو. اهڙي وڏي شيءِ، جڏهن اڀرندي ته هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، پاڻ مرادو خبر پئجي ويندي. ان لاءِ ڪنهن اعلان، اشتهار يا پڙهو ڏيڻ جي ضرورت ڪا نه پوندي.
سخي مڙس، پريل مٺ ۽ ٿڌا گهڙا پڻ، پنهنجي تعريف پاڻ ڪرائيندا آهن. گهرجائو، ڪين ڳولهي اچي لهندا آهن. انهن کي پنهنجي وجود جي هئڻ بابت، ڪا به تشهير ڪرائڻ جي ضرورت نه پوندي آهي.
مطلب: ١ - سج اڀريو ته جهان ڏسندو.
٢ - هٿ ڪنگڻ کي، آرسي ڪهڙي ڏيکارجي.
٣ - سج جو دليل آهي، سج.
٤ - سج، ڪاريءَ هينان ڪين لڪندو.
٥ - اٽ جي چوري، پڪي ۾ ڪين لڪندي. (٦) ص ١١٦.

## ٤٣٣. سوريو ٿي بايو، ٻڙڌ چوڙهيو نٿي آيو. (چوڻي)

سوريو: اوپر جي هوا. بايو: وايو، وُنو، لڳو، وسيو. ٻڙڌ: ڊڳو. چوڙهيو: چوڙڻ.
اتر يا اوپر کان هوا لڳي ته، ٽاريلن کي برسات پوڻ جي اميد ٿي بيهندي. جنهن سببان، هڪڙي ٻنيريءَ ۽ سندس زال جي وچ ۾ اهڙي گفتگو ٿي، جنهن ۾ اوپر جي واءَ بابت ذڪر آيل آهي.

اوير جي واءَ گهلڻ سان برسات ايڏي جلد ايندي جو بنيءَ ۾ هر ڏيڻ لاءِ ڏاند ڪاهي وڃڻ جيتري به مهلت/ ويساند ڪا نه ملندي.
مطلب: ١ - اوير جو واءُ گهلي ته ڏاند ڇوڙڻ جي به فرصت نه ملي. (٣) ص ١٦۴.

## ۴٣۴ . سوڙ ساروءِ پير ڊيگهاڙجن. (پهاڪو)

سياري جوءِ آڌي رات ڏاري، سيءُ جهجهو پوندو آهي. جنهن ڪري سوير ساجهرو ئي پاڻ کي ڪنهن اوڇڻ، خاص طور سوڙ اندر لڪائڻو پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو عضوو سوڙ کان ٻاهر رهجي ويو ته متس فالج جو حملو يا سڄي جسم تي بخار تيڻ جو انديشو ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري جيتري به سوڙ هجي، ڪوشش ڪري، پاڻ کي ڪُرينڊڙو سُرينڊڙو ڪري به، منجهس ماپائجي ته جيئن موسمي اثرات کان پاڻُ بچائي سگهجي. سڪي سيءَ سان گڏ، اڌ رات ڏاري، پارو پڻ پوندو آهي. ان وقت ماڻهوءِ گهري ننڊ ۾ هوندو آهي. اگر ان وقت سوڙ جو پلاند لهي ويو ته اجا به خطرو وڌي ويندو آهي. اهڙي سمي به سرت سان، پاڻ کي سوڙهو سنگهوڙو ڪري سوڙ اندر ئي رکجي ته ڀلو آهي.
مطلب: ١ - سوڙ آهرِ پير ڊگهيڙجن. (سنڌ)
٢ - سوڙ آهرِ پير ڊيگهاڙجن/ ڊگهيڙجي. (لاڙ)
٣ - پنهنجي هنڌ آهرِ پير ڊگهيڙجن. (مرهٽي)
۴ - رليءَ آهرِ پير ڊگهيڙجي. (لاڙ)
۵ - اپت ساروءِ خرچ ڪجي.
٦ - پڄنديءَ آهرِ نماءُ ڪجي.
٧ - وِتَ ساروءِ کائجي.
٨ - طاقت آهرِ پهلواني ڏيکارجي.

## ۴٣۵ . سوموار، شڪر، وسپت جي جرڪندو هوءِ،
## ٿي پهري ٿي ڏهاڙي جو ريلتو جوءِ. (چوٽي)

سوموار: سومر. شڪر: جمعو. وسپت: خميس
تاريلڙا، مينهن جي مند منجهه، سج جي اپرڻ ۽ لهڻ کي به گهڻو جاچين. جاچڻ بعد، هڪٻئي کي دلداريون ۽ آسرا ڏين.
چوندا: "اڄ پٽاڙ جي اپريو آهي. متان دل لاهيو!"

يا چوندا: ”اڄ موگهون اٿس! مينهن جي مبارڪ هجي!“
اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سومر، جمعي ۽ خميس جي ڏينهن تي سڄ ڪي پڙ ڏنائون ته پير پري پاڙيسرين کي مينهن جون واڌايون وجهي ڏيندا.
چوندا: ”مولا مهر جا مينهن وسائيندو! بر ۾ بهاريون ٿينديون!“
اهڙيءَ طرح جي جهرڪين گهر چڏيا ته دل لهي ويندن. هر هڪ کي آٿت ڏيڻ لاءِ پيا چوندا: ”الا ڪا پت جي گذاري!..... چو جو جهرڪيون گهر چڏي ويون آهن.“
مطلب: ١ - سومر، جمعي ۽ خميس جي ڏينهن، سڄ جي چوڌاري پڙيءَ جو نهڻ به مينهن اچڻ لاءِ خوش آئند ثابت ٿيندو. (٢) ص ١٦٥.

## ٤٣٦. سونارو رو سو ڌڪ: لوهارو رو هيڪ ڌڪ. (پهاڪو)

سوناري جي آڌو، سون جي تمام ننڍڙي ذرڙي هوندي آهي، جنهن مان ڪيس زيور جوڙڻا هوندا آهن. ان کي پنهنجي مراد واري شڪل ڏيڻ لاءِ، هٿيار به ننڍڙا هوندا اٿس. جن سان تمام سنهڙا ۽ ننڍڙا ڌڪ هڻي، زيور جوڙيندو آهي. وڏو ڌڪ لڳڻ سان، سون جو قيمتي ذرڙو، گم ٿيڻ جو انديشو پڻ آهي.
ان جي ڀيٽ ۾ لوهر جي آڌو، لوهه جو وڏو ۽ سخت ٽڪر هوندو آهي، جنهن مان ڪيس هٿيار وغيره جوڙڻو هوندو آهي. پهرين لوهه کي ڌنوٽيءَ تي گرم ڪري، پوءِ سنداڻ تي رکي، وڏاڻ جا به چار وڏا ۽ زبرا ڌڪ هڻندو آهي جو ٽڏي ٿيڻ کان اڳ ان لوهه مان، مطلب وارو هٿيار نهي سگهي. هلڪن ڌڪن سان لوهه کي نه موڙي سگهبو ۽ نه ئي من گهري شيءِ وقتائتي جوڙي سگهبي. بلڪ محنت ئي اجائي هلي ويندي.
مطلب: ١ - سوناري جو سؤ ڌڪ، لوهر جو هڪ ڌڪ.
٢ - سؤ ڌڪ سونار جو، هڪ ڌڪ لوهار جو.

## ٤٣٧. سون جي رتيءَ کان، رت جي رتي وڏيڪ. (چوٽي)

ٿر جي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ته مال ڌارين، پر شهري ماڻهن جي به مال کان سواءِ نه سَري. اهو ڪو گهر ورلي هوندو، جنهن وٽ ڳانيون يا ٻڪريون نه هجن. هوند سارُو ڪن وٽ ڳهٽيون، ڪن وٽ ٿوريون، پر هونديون ضرور. ڍڳي نه هوندي ته مَن ٻڪري هجي. اهڙو ڪو گهر ڪو نه هوندو،

جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي. شهري ماڻهو، ڏڦيون جيستائين مڙنديون، تيستائين پاڻ وٽ رکندا، وِهڪڄڻ بعد، ٻهراريءَ جي مالدارن وٽ، جي مُهاڙيا هوندا آهن يا ساڻن ڏيتي ليتي هوندي آهي يا سنگت ساٿ جو ننگ هوندو آهي، چارائيءَ تي ڇڏيندا آهن. ٻهراريءَ جي ماڻهن جي ته ملڪيت آهي ئي اهو چوپايو مال. تنهن ڪي سون جي رتيءَ ڪان وڌيڪ سمجهن.
مطلب: ١ - ٽرين وٽ، سون ڪان وڌيڪ، مال ڪارائتو آهي. (١٢)

۴٣٨ . سَوَڻ سڄڻ، من ويري. (چوڻي)
سَوَڻ: ساٺ سنؤڻ، فال. من: دل.
هڪڙا پرمي ماڻهو، جڏهن ڪنهن مهم تي نڪرندا آهن ته ان لاءِ دليون هٽندا آهن: آيا ان ڪم لاءِ نڪرجي يا نه. جڏهن اهڙي ڪيفيت ٿيندي اٿن ته پوءِ سَوَڻ ڪندا آهن. جيڪڏهن سوڻ سٺائو نڪتو ته مهم تي نڪرندا. اگر اٽائو نڪتو ته نه نڪرندا. اهڙن ماڻهن لاءِ، دل ۾ آيل خيال، سَوَڻ جي ڀيٽ ۾ ڪا اهميت نه ٿو رکي. اهي هتائين سوڻ کي دوست ۽ سڄڻ سمجهي، ان جي تحت عمل پيرا پيا ٿيندا. دل جي ڳالهه کي، ويري ۽ دشمن سمجهي، مٿس عمل ڪرڻ کان لهرائي ويندا ۽ دليل اهو ئي ڏيندا. (٣۵ ص ٢۴٠
مطلب: ١ - وهمي ماڻهوءَ لاءِ وهم، دشمن وانگر ته سوڻ، سڄڻ جهڙو.
٢ - من، ڪم ڪرڻ لاءِ گهرندو آهي پر جڏهن ڪم نه ٿيڻو هوندو آهي ته سوڻ به بد ٿي پوندو آهي.

۴٣٩ . سوڻ نه مڃڻ، به اپ سوڻ آهي. (چوڻي)
اپ سوڻ: خراب سوڻ.
سونسائي ماڻهو، سوڻ ۾ يقين رکندا آهن. ڪو به ڪم ڪندا ته ان ۾ سوڻ جاچي پوءِ ڪندا. اگر سوڻ خراب ٿين ته اهو ڪم نه ڪندا. وڏڙن جي ناهيل هر سوڻ يا اڳڪتيءَ ۾ ويساهه رکندا آهن. ڏڪار يا سڪار بابت جاچ وٺڻ، نئون ڪم شروع ڪرڻ، شادي غمي يا پڙري مڱڻو ڪرڻ، اڻ آزمايل شيءِ خريدڻ، سفر تي سنبرڻ، مڙني ۾ سوڻ رکندا آهن. اگر سوڻ، ان عمل جي ڪاميابيءَ يا نفعي جي شاهدي ڏني ته، اهو ڪم ڪندا، ٻي صورت ۾ نه ڪندا.

مثال طور: گهران نڪرڻ وقت اگر، پويان ڪنهن سڏ ڪين ته ان کي خراب سوڻ سمجهي، ان ڪم ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيندا. اگر اهو ڪم ڪيائون ۽ ڪو نقصان ٿيس ته ويتر من ۾ آنڌ مانڌ ٿيندس. (٣٥) ص ٢١٨

مطلب: ١ - سونسائي، سونسي يا وهم سبب، ويندو آهي گڇڻ ۾ گڇندو.

## ٤٤٠. سؤڪ تو مٿي ري اي پونڊي. (چوٽي)

سؤڪ: سوڪن، پهاج، ساهيڙي، مڙس ۾ شريڪ، مڙس جي ٻي زال.

مٿي ري: مٿيءَ جي. پونڊي: پوندي: پونڊي، بڇڙي، خراب.

مرد کي، هڪ ئي وقت، هڪ ڪان وڌيڪ، چئن جي اندر، شادين ڪرڻ جي اجازت آهي. عورت کي، هڪ ئي وقت، هڪ مرد سان شادي ڪرڻ جي اجازت آهي. طبعي طور تي، جڏهن عورت کي اهڙي آزادي ناهي ته، مرد لاءِ به اها نه چاهيندي آهي ته اهو به اهڙي آزادي ماڻي. سندس زندگيءَ ۾ آيل ٻي عورت، ڪانئس برداشت نه ٿي سگهندي آهي. ان کي غاصب ۽ حق تي ڌاڙو هڻندڙ ئي تصور ڪندي آهي.

عورت، مرد جي غربت ته برداشت ڪري سگهي ٿي پر پنهنجي محبت ۽ حق ۾ شراڪت برداشت ڪرڻ ڪيس ڏکي لڳندي آهي. جيڪڏهن مرد کي، ٻيءَ ڪنهن عورت سان نه پر مٿيءَ جي گڏيءَ سان کيڏندو ڏسندي آهي، اهو به ڪانئس برداشت نه ٿيندو آهي. مرد ويهاڻي کي ياڪر پائي سمهي، اهو به ڪانئس برداشت نه ٿيندو آهي.

مطلب: ١ - عورت، مڙس کي پنهنجي ملڪيت سمجهندي آهي ۽ منجهس ڪا به شراڪت برداشت نه ڪندي آهي.

٢ - پهاج، مٿيءَ جي به بڇڙي/ خراب.

٣ - جر نئيس، جيڏي نه نئيس.

٤ - پهاج جو بر ڏي منهن/ پرتي منهن.

٥ - پهاج، مکڻ جي به چڱي نه. (سرو) (٦) ص ١١٦.

## ٤٤١. ”سيا مانس ڪائينس؟!“ چي: ”آپ رو بچي تو ڪاسو“. (پهاڪو)

سيا: سها. مانس: ماس، ٻوٽي. رو: جو. ڪاسو: خاصو، خاشو، شڪر ڪجي.

هڪڙي گدڙ، سهي سان ياري رکي. هڪ ڏينهن پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ڪندي ۽ ڳالهائين ئي ڳالهائين ۾، جُوءِ کان اڳيرو نڪري ويا.
جڏهن گدڙ جي ڏنل ڏٺن ۽ لارن لپن تي، سهو جهنگ ۾ پهتو ته دل ڌڙڪڻ لڳس ۽ ڌپ ٽيڻ لڳس. سندس اها حالت ڏسي، گدڙ آٿت ڏيندي ۽ خيال مٽائڻ خاطر پڇيس: ”سيا مانس ڪائنيس؟“
”آپ رو بچي ته ڪاسو!“ سهي ڌڪندي ۽ سوال جي تهَ تائين پهچندي وراڻيس: ”پنهنجو بچي ته به شڪر ڪيان“.
مطلب: ١ - جان بچي ته لاکون ڪمايا.
٢ - جيلي ڪي ساه جي، ڪاسائيءَ ڪي ماه جي.
٣ - مروان موت، ملوڪان شڪار. (٦) ص ٨٢.

## ٤٤٢. سيدن کان سڄ ڀلي، ڪاري پاٽيءَ کان اڄ ڀلي.

(ڍٽ، چوٽي)

١ - ذاتيون ۽ ڪڙم قبيلا، رب پاڪ، پنهنجي مشيت ايزديءَ سان جوڙيا آهن ته جيئن هر هڪ ماڻهوءَ جي پنهنجي شناخت ۽ سڃاڻپ اجاگر ٿئي. وٽس امتيازي مقام، ڪنهن ذات يا قبيلي جو نه، بلڪ پرهيزگاريءَ جو آهي، نبين ۽ صحابين، ولين ۽ قطبن، اها ئي پئي پرچار ڪئي آهي.
ذات تي اونچ نيچ، رب طرفان نه بلڪ انسان طرفان، مقرر ڪئي وئي آهي. شروعاتي دور ۾، برهمڻ اوچي ذات هيو. کتري ۽ وئش، وچٿري ته شودر وري اڇوت ۽ نيچ سمجهيا ويا. اسلام انهيءَ امتيازي رواداريءَ کي ڪٽي، ڦٽو ڪيو.
جيئن ته هتان جي ماڻهن جي جبلت ۾ اونچ نيچ واري ڳالهه سرايت ڪري چڪي هئي، تنهن ڪري اها ڳالهه مسلمانن منجهه به هلي آئي. نبي اڪرم ﷺ جن کي سيد جو لقب مليو. جنهن سببان، سندن پشت وارن به سيد سڏايو. سيد: ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ ورتاءَ ۾ سخي هوندو. سندس فيض عام هوندو. پيٽ گذاري لاءِ محنت مشقت هر ڪنهن جو حق آهي پر سيد جو اهو مقام نه سمجهيو ويو. کيس مانُ ڏئي، مٿانهون ڪيو ويو. بجاءِ جو سيد هڪ ڳوٺ ٻڌي ويهن، تبرڪًا هڪ اڌ گهر، هر ڳوٺ واري، پٽُ/ پلاٽُ ڏئي، پنهنجي ڳوٺ ۾ آباد ڪرايو. ضروري ناهي ته دنيا ڏسڻ کان پوءِ، مڙئي سيد پرهيزگار رهن. انهن مان ڪن پنهنجو تسلط وڌايو ۽ ڳوٺ جي چڱمڙسيءَ کان ويندي حڪومت وغيره ۾ اثر رسان رهيا. جن جي ڪري

ڪن ماڻهن جي حق تلفي ٿي. جنهن سببان، اُهي ڪانئن ريس ۾ ساڙ ڪرڻ لڳا ۽ ڪي چوٽيون ڪانئن ٿهندي وجود ۾ اچي ويون.

٢ - پاڻيءَ ۾ حياتي آهي. صحت بخش پاڻي اهو آهي، جيڪو هاضميدار هجي. ڪارو يا ٻاڙو پاڻي، پيئڻ سان هاضمو ته نه ٿيندو، الٽو بيماريون آٽيندو. ان ڪان بهتر آهي ته ماڻهو اڃ ڪٽي، اهو پاڻي نه پيئي.

مطلب: ١ - سيد سچو، ملڪ تي ڏُچو.

٢ - سيد سائو، ملڪ ڪي ڦاهو.

٣ - سيد ۽ سپاهي، رکي يا الاهي.

٤ - سنڌي پڙهي ته ٿئي ڳُڏي، ٻروچ پڙهي ته ڏئي هُڏي، سيد پڙهي ته ملڪ جي ئي ٻيڙي ٻُڏي.

## ٤٤٣. سي نِہ ڀهي، جِتو ڪرسو اُتو ٿيسي. (چوٽي)

سي: سيءُ. نِہ: ۽. ڀهي: ڊپ، ڀؤ. جِتو: جيترو. ڪرسو: ڪيو، ڪندؤ. اُتو: اوترو. ٿيسي: ٿيندو.

سياري جو سيءُ، ان ڪي وڏيڪ لڳندو آهي، جيڪو جسماني طرح ڪمزور هجي يا ذهني طرح مٿس سيءَ جو ڀؤ وينل هجي. ڪن ڪن شين جو، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ تي، ڀؤ ٻہ ويهجي ويندو آهي. انهيءَ ڀَوَ (phobia) سبب، اهو انهيءَ شيءِ جي نالي ڪان ٻہ ونءُ پيو ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ته ان شيءِ جي نالي ٻڌڻ سان، ماڻهوءَ ڪي اهڙي ڪنبڻي وٺندي آهي جو ان ڪنبڻيءَ ۾ ٻہ ڪيترن جو ساه ئي نڪري ويندو آهي. اها سموري، اندر جي ڪيفيت آهي. سيءُ ۽ ڊپ ٻہ، اندر جي ڪيفيت سان گهٽا اثر پذير ٿين ٿا.

مطلب: ١ - سيءُ ۽ ڊپ، جيترو ڪبو، اوترو ٿيندو.

٢ - سپ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.

٣ - ڪير جو سڙيو، ڇاڇ ڪي ڦوڪون ڏيئي پيئي.

٤ - ڪُتيءَ ڪي لڳيون اُماڙيون، تارا ڏسي ڪيائين رُوڙيون. (٦) ص ١١٥.

## ٤٤٤. سينسي: آتم ونستي. (سنسڪرت، چوٽي)

سينسو: ڀرم. آتم: خود، پاڻ. ونستي: مارڻ.

سونسائي طبيعت وارا ماڻهو، وهمي/ ڀرمي ٿيندا آهن. هر ننديءَ وڏيءَ شيءِ ۾ غلط گمان يا وهم رکندا آهن. اڪثر گمان/ وهم، گناه هئڻ سان گڏ، نقصانڪار پڻ هوندا آهن. وهمي ماڻهو، هر شيءِ ڪان ايترو ڊڄندو

آهي، جو آخر ۾ ڪيس ڪا به شيءِ ڪارآمد ڪا نه نظر ايندي آهي. پاڻ کي، اهڙين شين کان بچائيندي بچائيندي، تمام ٿورين شين ۾ جاين تي محدود ڪري ڇڏيندو آهي. ايستائين جو سندس جيئڻ جنجال تي ويندو آهي. حتاڪ پنهنجي پاڇي کان به پيو ڪنبندو آهي.

خودڪشي ڪرڻ وارو پڻ ائين آهي. خودڪشي ڪرڻ کان پوءِ، ڪيس توبه ڪرڻ لاءِ مهلت يا موقعو به ميسر نه ايندو آهي. ٿورڙيءَ غلطيءَ سببان، ساريءَ عمر جي ڪيل ڪمائي وڃائي ويهندو آهي.

مطلب: ١ - وهم/ پرم ڪرڻ، خودڪشي ڪرڻ جي مترادف آهن.

٢ - سونسائي، مئو پلو.

٣ - پرمن جا پليل، پوايو (مئل) پلا. (۴)

## ۴۴۵. سينهندو سامي، سينٽ برابر. (پهاڪو)

سامي: سوامي. سينٽ: آڱوٺو.

ڪنهن ماڻهوءَ جي بزرگيءَ ۽ حشمت جو اثر، ٻين تي تيستائين رهندو آهي، جيستائين سندس عيب ۽ ڪمزوريون ٻين مٿان عيان نه ٿيا آهن. ماڻهن هڪ بزرگ کي بزرگيءَ واري حالت ۾ ڏٺو، يا هڪ آفيسر کي آفيس جي ڪاروبار اندر ڏٺو يا اداڪار کي ڪنهن فلم جي ڪردار ۾ ئي ڏٺو آهي ته سندن دماغ ۾ ان جي شخصيت جي ان ئي پهلوءَ جو اثر پهتو آهي. اهي سندس انهيءَ پهلوتي ڪردار کي ئي، سندس سموري سيرت ڄاڻي دل ۾ اثر وٺن ٿا. سندس اوتري عزت ۽ تعظيم ڪن ٿا. جڏهن ويجهڙو رهڻ سبب، ان بزرگ يا آفيسر، سياستڪار يا اداڪار جا انساني عيب صواب ۽ ڪمزوريون، سندس پوئلڳن يا مداحن آڏو اچن ٿا ته سندس شخصيت وارو سحر، انهن جي ذهنن مان محو ٿيڻ لڳي ٿو. پوءِ اهي چاهيندڙ، پنهنجي محبوب ليڊر يا هيرو، پير يا مرشد کي عام ماڻهن وانگر سمجهڻ لڳن ٿا ۽ آهستي آهستي ساڻس ورتاءُ پڻ اهو ڪرڻ لڳن ٿا، جيڪو ٻين عام ماڻهن سان ڪن ٿا.

اهو ئي سبب آهي جو، ڳوٺ يا گهر جو بزرگ، پنهنجي ڳوٺ يا گهر ۾ اوترو اثر-گير نه ٿو ٿئي، جيترو ڏورانهن علائقن جي ماڻهن مٿان ٿئي ٿو.

مطلب: ١ - ويجهو رهڻ/ سستو ٿيڻ، هر شيءِ جو قدر گهٽائي ٿو.

٢ - گهر جو پير، چلهه جو مارنگ.

٣ - ڳوٺ جي وڏيري تي، هاريءَ جي اک به نه ٻڏندي آهي.

۴ - ڏيهي بلبل به ڪر جهرڪڙي، پرڏيهي ڪٻر به ڄڻ مينا. (١)

# ش

### ۴۴۶ . شاهه پرسي وچن سنچري ئي نہ سنچري تہ پري. (چوٽي)

شاهه پرسي وچن: بادشاهي ارادو، بادشاهه جو واعدو. سنچري: سنچرڻ، اُپرڻ، اپرڻ. پري: ٿي پوي، تعميل هيٺ اچي.

بادشاهه پنهنجي خيال ۽ مرضيءَ وارا هوندا آهن. نوان خيال وٽن جاڳندا ئي ناهن. نين رٿائن سوچڻ لاءِ، وٽن مشيرن ۽ صلاحڪارن جي لوڌ هوندي آهي. اهي ئي سوچڻ ۽ سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ تعميل لاءِ مجرائڻ واسطي، ڪافي هوندا آهن. ان ڪري بادشاهه نہ پاڻ مرادو ڪو ارادو ڪندا آهن ۽ نہ ئي ڪنهن سان تعميل جو واعدو ڪندا آهن.

اگر، ڪنهن بادشاهه کي، سوچڻ جي فرصت ملي وڃي ۽ ڪا رٿا سندس ذهن ۾ اچي وڃي تہ اها ڏکي ۽ مشڪل ڳالهه آهي. اتفاق سان، اگر ارادو ٿي پويس تہ، ان کي عملي جامو ضرور ملندو آهي. بادشاهه ڪنهن رٿا کي عمل هيٺ آڻڻ لاءِ تڪڙو واعدو نہ ڪندا آهن. اگر ڪندا آهن تہ اهو عمل هيٺ ضرور ايندو آهي.

مطلب: ١ - بادشاهن جا خيال، نرالا هوندا آهن.

٢ - پيٽيو: شاهه وچن، شينهن گمڻ.

### ۴۴۷ . شاهه وچن، شينهن گمڻ، ڪيلو ڦري ايڪ وار،
### ٽريئا تيل، همير هٺ، چڙهي نہ ڏوجهي وار. (چوٽي)

وچن: قول، اقرار. گمڻ: جنسي ميلاپ. ڦري: ڦرڻ، ڦرجڻ، ڦر ٽيڻ، لڳڻ، لڳ. ٽريئا: عورت. همير: بادشاهي. تيل: پرٽجڻ. هٺ: غرور، ضد. ڏوجهي: ٻيهر، ٻئي دفعي.

١ - بادشاهه، زبان سان ڪو بہ حڪم، هڪ دفعو ڏيندو آهي. اهو ڪم، سندس هڪ دفعي واري حڪم سان ٿي ويندو آهي. ڪيس هُڪ هُڪ ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ پوندي آهي. جيڪڏهن ٻيهر چوڻ جي ضرورت پيش آيس تہ ڪيس، رعب ۽ دٻدٻي وارو بادشاه نہ سڏبو. چئبو آهي: شاهه پرسي وچن سنچري ئي نہ، سنچري تہ پري.

٢ - شينهن بہ جنسي ميلاپ، ورلي ڪندو آهي. جنهن ماديءَ تي ٽپو ڏيندو آهي. ان تي ٻيو شينهن تہ نہ چڙهندو آهي، بلڪ پاڻ بہ ٻيهر متس نہ

چڙهندو آهي. شينهڻ، ان ئي ٽپي سان ڦرجي ويندي آهي. ڪيس ٻه ٻئي ٽپي جي ضرورت محسوس نه ٿيندي آهي.
٣ - ڪيلي جو ٻوٽو ٻه هڪ دفعو ڦر جهليندو آهي. ڪيلي جي وچين ٿڙ منجهان، ڳاڙهو ٻوبڪ نڪرندو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪان تي ڏونگر هوندا آهن. ڏونگر ۾، هٿن وانگر، ڇڳا هوندا آهن. ڇڳن ۾ وري آڱرين وانگر، ٻه درجن جي لڳ ڀڳ ڦريون هونديون آهن. ٻوبڪ جي چوٽيءَ تي واڱڻائي گل هوندو آهي، جيڪو ڦرين ڪي رس پهچائڻ/ رسائڻ ۾، ڇُوس مشين يا روٽر وارو ڪردار ادا ڪندو آهي. جيستائين اهي ڦريون، طاقت وٺنديون آهن، تيستائين ٿڙ جي پاڙ ۾ پنج ست ٻَچَ نڪري ايندا آهن. ٻوبڪ وڍجڻ سان، ٿڙ ٻه ڪڍٽو پوندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ، نڪتل پاسي وارن ٻَچن جي ٻه ڇانٽ ڪري، منجهانئن وڻ ٿيڻ جهڙا ڪجهه ٿڙ ڇڏبا آهن ۽ ائين ڪيلن جي باغ جو سلسلو پيو هلندو آهي. جنهن ڪري چئبو آهي: ’ڪيلو جڏهن ڦرُ ڏئي، تڏهن سِرُ ڏئي‘.
٤ - عورت لاءِ ٻه پرٽو، پهريون پرٽو آهي. هڪڙو مڙس ڇڏي ٻيو ڪرڻ ۾، سواءِ خواريءَ ۽ ذلت ڪٽڻ جي ڪجهه ڪونهي. جنهن ڪري چئبو آهي: ’ور ته پهريون ور، ٻيو آهي ڪارنهن جو نڪر‘. يا ائين ٻه چئبو آهي: ’هاءِ پهريان مڙس!‘.
٥ - بادشاه ڪي خيال يا پور، هڪ دفعو پوندو آهي. انهيءَ تي ضد ايترو ڪندو آهي جو مُئي مارائي ڪان سواءِ نه لهندو اٿس. ٻيو خيال تڏهن مٿبس، جڏهن پهرئين تي عمل ٿئي. چئبو آهي: راجا هٺ، ناري هٺ، ٻاري هٺ، ڪڏهن نه هٺ.
مطلب: ١ - مٿيون پنج شيون، هڪ دفعو ئي ٿينديون آهن.
٢ - شاه وچن، شينهن گمڻ، ڪيلو ڦري ايڪ/ هڪ وار،
تران (ترن جو) تيل، همير هٺ، چڙهي نه ڏوجهي وار.
٣ - ٻيٽيو: راجا هٺ، ٻال هٺ، تريا هٺ ۽ جوڳ هٺ. (چوٽي) (١٢) ص ١٤٥.

## ٤٤٨ . شراڌ پُنا، ٻانيڻن چاڙهيا ڪنا، ڪانُو ويهي رنا. (چوٽي)

شراڌ: پالڻهار جي نالي تي، ڪاڌو تيار ڪري غريبن ۾ تقسيم ڪرڻ.
سنبت سال جي ٻدي واري مهيني ۾ ٻانيڻ، امير ماڻهن کي تلقين ڪري، ڪانئن چڱا طعام رڌرائي، غريب غربن ۾ ورهائيندا آهن. انهيءَ شراڌ مان ڪجهه، ڪانون لاءِ ٻه ڪيرائيندا آهن. سندن گذارو پڻ انهيءَ شراڌ تي

ٿيندو آهي. بدي جو پورو مهينو، ٻانيڻ جي گهر ۾ ڪنو نہ چڙهندو آهي. سمورا ويلا ٻاهران ٽرندا آهن. ڪانون کي بہ انهيءَ مهيني ۾ ڏوَ هوندا آهن.
جڏهن بدو پورو ٿيندو آهي تہ شراڌ بہ پورا ٿيندا آهن. مجبورًا ٻانيڻ جي گهر ۾ بہ ڪنو چڙهندو آهي. ڪانءَ بہ، مفت جو ڪاڌو بند ٿيڻ تي، پيا روئندا آهن.
مطلب: ١ - مفت جا مال بند ٿين تہ پوءِ، محنت ڪرڻ وارا محنت ڪن ۽ ٽوٽي ويهي قسمت تي روئن.
٢ - ٻانيڻ چاڙهيو ڪنو، ڪانون ويهي رنو.
٣ - بدو پُنو، ٻانيڻ چاڙهيو ڪُنو، ڪانون ويهي رُنو. (١٣) ص ٣٥٤.

٤٤٩. شش بنا رجني سوني، گيان بنا هرڏو سونو،
پات بنا ترور سونو، پتر بنا پاڙو سونو،
سخي سوا شهر سونو، بادل سونو بن ڏامڻي،
ڪهي بير بتال نان، گهر سونو بن ڪامڻي. (چوٽي)

شش: چنڊ. رجني: رات. سُوني: سُڃي. گيان: علم، عقل، دماغ. هرڏو: هُردو، اندر.پات: پَنَ. ترور: وڻ. ڏامڻي: کنوڻ. ڪامڻي: عورت. بير: شاعر جو نالو. بتال: اسم خاص. نان: کي.
١ - چنڊ کان بغير، اماوس رات، ڏاڍي ٻُسي ۽ ڀوائتي لڳندي آهي.
٢ - علم ۽ عقل کان سواءِ ماڻهوءَ جو اندر پڻ کوکلو آهي. نہ پاڻ کي فائدو ڏئي سگهي، نہ ٻين جي ڪم جو رهي.
٣ - پنن کان بغير ڪو بہ وڻ نہ ٿيندو آهي. جنهن کي پن ناهن، تنهن کي ٽڙ تہ ڪوني سگهجي ٿو پر ڪيس وڻ ڪير بہ نہ سڏيندو. نہ منجهس ڇانءَ هوندي، نہ ئي مال لاءِ چارو.
٤ - اولاد ۾ پٽ، ڌيءُ کان وڌيڪ ڪارائتو آهي. پاڙي پتيءَ ۽ ڳوٺ راڄ ۾، ان جي هئڻ سان ساک تئي ٿي. بنا پٽ جي، پاڙو بہ بيڪار آهي.
٥ - سخي مردن جي سخاوت سببان، شهرن کي قدرت آباد رکي ٿي. سخين کان سواءِ شهرَ بہ، بَرَ يا ويرانيون آهن.
٦ - برسات بہ اها وٺي ٿي، جيڪا گجگات ۽ چمڪات سان پوي. گونگو مينهن بي مزي ۽ ڦوهاري سمان ٿو رهي. ان ۾ ايڏي ڪشش نہ ٿي رهي.

٧ - عورت يا زال کان سواءِ گهر بہ اوطاق يا قبرستان وانگر آهي.
اها سموري وارتا، بير نالي شاعر، پنهنجي ٻالڪي ٻتال کي ٻڌائي.
مطلب: ١ - مٿي بيان ڪيل ستن ماڻن لاءِ، ستن شين جو هجڻ اشد ضروري آهي. (٢) ص ٦٦.

## ص

۴۵٠ . صحرا منجھ ساوڪ: پاڻيءَ جي نشاني،
**ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ وٽ اچڻ: محبت جي نشاني. (چوڻي)**

صحرا: ان خطي کي چئبو آهي، جتي پاڻي نہ هجي. پاڻي نہ هئڻ جي صورت ۾ منجهس ڪا بہ اوپڙ نہ اپرندي آهي. چو جو، هر ساهوارو پاڻيءَ تي ٽڳندو آهي. پاڻيءَ کان سواءِ حياتي آهي ئي ڪا نہ. نہ چرند ۾، نہ پرند ۾. صحرا جي وچ ۾ اگر ساوڪ (Oasis) نظر اچي تہ مٿس، ماڻهو، مرون ۽ ماڪوڙيون اچي ڪٺا ٿيندا آهن. مٿس پکي بہ پيا ڦيرا ڏيندا آهن. جنهن مان سمجهي وجبو آهي تہ: اتي پاڻي موجود آهي.
اهڙيءَ طرح ماڻهو بہ قرب يا محبت جو بکيو ۽ ڳولائو آهي. جتي ڪيس قرب مليو، اتي لڙي ايندو بلڪ وري وري پيو ايندو. جتان قرب نہ مليس، اتان ٽڏا ئي پٽي ويندو. جنهن وٽ جهجها ماڻهو اچن ٿا، تنهن لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ سخي آهي. وٽانئس محبت ملي ٿي ۽ دل جون، وس آهر، مرادون پوريون ٿين ٿيون.
مطلب: ١ - هر شيءِ لاءِ ڪو نہ ڪو دليل هوندو آهي.
٢ - بہ شيون پاڻ ۾ لازم ملزوم هجن، تن لاءِ ائين مثال ڏبو آهي.
٣ - جوَن جي ماني: جواب جي نشاني.

## ع

۴۵١ . عادت مٽي نہ عادتي، علت مور نہ جائي،
**اٺ چُٽو ڪٽڪ ۾، تو يي ڪنٽا چُڻ چُڻ ڪائي. (پهاڪو)**

ڪائڻ ۾ هر ڪو سٺي ۽ چڱي شيءِ پسند ڪندو آهي. وس ويندي خراب شيءِ جي ويجهو به نه ويندو آهي. جيئن ڪٽڪ، ڪائڻ جو ان آهي، هر ڪو اها ڪائيندو آهي. ان جي پيٽ ۾ ڪندا، ڪائڻ جي شيءِ/ وٹ ناهن، تن ڪان هر ڪو پاسو ڪندو آهي. پر عادت اهڙي بري بلا آهي جو اها جڏهن ڪنهن ڪني شيءِ واپرائڻ تي هري ٿي ته ورلي وڃي ٿي. جهلڻ جي باوجود، عادتي اتي پهچيو وڃي. جيئن اٺ، ڪٽڪ ۾ هوندي به ڪانڊيرا ڪائي. ڇو جو هو پنهنجي عادت آڏو مجبور آهي.
مطلب: ١ - عادت مٽي نه عادتي، علت مور نه جاءِ،
اُٺ پئي ڪٽڪ ۾ ته به ڪندا چڻ چڻ ڪاءِ. (سرو)
٢ - عادت نه ڇڏي عادتي، عضوو نه ڇڏي جاءِ.
ڪتي کي تخت تي ٻلهاءِ، ته به چڪي چٽهارڪو. (ساهتي)
٣ - عادت وڃيس نا، علت ڪڏهن نه جاءِ،
اٺ ڪٽڪئه ڇڏيئه، چُڻ جواسا ڪاءِ. (قاضي قادن ٦٢)
۴ - انسان عادتن جو غلام آهي. (جپاني)

## ۴۵٢. عاشق ان کي چئجي، جو انئي پهر اداس. (چوڻي)

عاشق لکي وصال جي اٽڻ لڳل هوندي آهي. اگر عمر وڌي وڃيس ته به لڳل ڇٽنگ، سندس من مان نڪرڻ جو نالو ئي نه وٺندي آهي. البته عشق جو رخ تبديل ضرور ٿئي ٿو. مجازيءَ کان حقيقت جي راهه تي گامزن ٿئي ٿو. وچ وارين منزلن: شريعت، طريقت ۽ معرفت تي پڻ عمل پيرا ٿيندي وڃي حقيقت تي رسي ٿو. ان هڻ وٺ ۾ سدائين پريشان حال رهڻ هڪ فطري جز آهي، جيڪو عاشق کي خوار ڪندو رهي ٿو.
ٿر اندر ڏڪار سبب، هڪٻئي کي چاهيندڙ ڪيترين ئي دلين وڃڙي وڃن ٿيون. سندن دلين ۾ وري ملڻ يا وصال لاءِ پڻ تڙپ رهي ٿي. جنهن سبب، سڄڻن کي ياد ڪندي، هميشه اداس رهنديون آهن. (٣۵) ص ٢۵١
مطلب: ١- عاشقان را شش نشانيان است اي پسر! آه سرد، رنگ زرد، چشم تر، انتظاري، بيقراري، بيقدر. (شيخ سعدي)
٢- اي پٽ! عاشق جون ڇهه نشانيون آهن: ڪاڏو نه ڪائڻ سبب ڪمزور ۽ هيڊو هوندو. وڇوڙي سبب شوڪارا پيو پريندو. اکين جا ٽُنر، پاٽيءَ-ٻڌل هوندس. اکين ۾ ديدار جو انتظار هوندس. دل بيقرار هوندس. هڪ جاءِ تي ٽڪاءُ نه هوندس بلڪ دربدر رهندو. (ترجمو)

### ٤٥٣. عقل: وڏي اٽڪل. (چوڻي)

دنيا اندر، حياتي گذارڻ لاءِ، انسان کي لامحدود صلاحيتن سان سنواري موڪليو ويو آهي ته جيئن زندگي آسانيءَ ۽ سولائيءَ سان گذاري سگهي. مڙني صلاحيتن کان مٿانهين صلاحيت عقل آهي، جيڪا کيس ٻين ساهدارن کان ممتاز ڪري ٿي. عقل اهڙو وقوف يا اٽڪل آهي، جنهن سان انسان ڏکيا ۽ منجهيل مسئلا حل ڪري ٿو. ان هوندي به عقل هلائڻ جي هڪڙي حد مقرر ٿيل آهي. ان کان مٿي عقل هلائڻ منجهان، نفعي بجاءِ نقصان ئي ٿيندا آهن. چو جو جتي ڏاهپ واري عقل جي حد پوري ٿيندي آهي، اتان لالچ ۽ لوڀ واري عقل جي سرحد شروع ٿيندي آهي. اتي ڏاهپ تي پردا چڙهڻ شروع ٿي ويندا آهن. اٽڪل وارو عقل، جيڪو انسان کي فائدي رسائڻ سان گڏ، جان مال جي حفاظت ڪري، سو ان حد تي پهچندو آهي، جنهن سان کيس نقان رسڻ شروع ٿي ويندو آهي. (٣٥ ص ٢٤١

مطلب: ١ - هر ڪم جي ڪاميابي اٽڪلن ۾ رکيل ناهي.
٢ - سوچ سمجھ کان خالي اٽڪل، ڪو به فائدو نه ڏيندي آهي.

### ٤٥٤. عقل وِراٽي، تڏين اٽي چاٽي جلين. (ڪڇ، چوڻي)

وراٽي: ورهايو پئي. تڏين: تڏهن. اٽي- چاٽي: اٽي چاٽڻ وارو پرڻ. جلين: جهليائين.

اهو هڪڙو خيالي تصور آهي ته سمورا انسان، هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ، پنهنجو نصيب پنهنجي هٿن سان وٺي آيا آهن. نصيب ورهائڻ واري هنڌ، هر شيءِ جي ورهائڻ لاءِ قطارون لڳل هيون. اتي عقل ۽ حسن، ڌن ۽ دولت وغيره جڏهن ورهايا پئي ته ڪن ماڻهن سانديي وٺڻ لاءِ ٻوريون پريون. ڪن ڳاڏيون ڍڪايون، ڪن فقط ٻڪ جهلي ورتو ته ڪن وري پرڻ ۾ نصيب پئي ورتو، جنهن ڪري ان مان به ڪسڪي وهي وين.

گهٽ عقل واري لاءِ ائين مثال ڏبو آهي. جڏهن عقل پئي ورهايو ته اتي هن پرڻ جهليو. کيس مليو ته گهٽو، پر پرڻ جي وٿين مان، پنهنجي اڻنگائي سبب، وهائي آيو.

مطلب: ١ - بيوقوف ماڻهوءَ کي ٺوڪ طور ائين چئبو آهي.
٢ - جڏهن عقل/ بخت ٿي ورهايو، تڏهن پرڻ جهليو هيئي ڇا؟

٣ - عقل پئي ورهايو ته تو جهليا ٻئي ٻڪ! (ساهتي)
٤ - جڏهن عقل/ حسن پئي ورهايو، تڏهن ڪاٿي هئين. (١) ص ١٧٤.

٤٥٥. عمر نيئي نيئي مارئي نيندو،
ٽرئون ته ڪو نه ٽيلهيندو. (پهاڪو)

عمر- مارئي، ٽر جو هڪ قصو آهي، جيڪو سنڌ جي داستانن منجهه وڏيڪ مشهور آهي. ان قصي مطابق: عمر سومرو، سنڌ جو حاڪم هيو. مارئيءَ جي حسن جي هاڪ ٻُڌي، مٿس موهت ٿي پيو. جڏهن خبر پيس ته اها اڳي ئي ڪنهن جي مڱ آهي ۽ سندس ٻانهن گهرڻ لاءِ رستو بند ڏسي، ڪيس ڪٽڻ جي چال سٽيائين. تاڙ ڪري، ڪيس پاڻي ڀريندي، پالوا جي ڪوهه تان اچي اٺ تي ڪنيائين ۽ راتو رات هاٺو هٽي عمرڪوٽ ۾ اچي قيد ڪيائين. مارئي، نه سندس ملڪيت تي هرکي ۽ نه ئي وري سندس حشمت تي ڊني. بلڪ دليريءَ ۽ بهادريءَ سان، پنهنجو ست سيل قائم رکيائين.

هتي عمر سومري جي طاقت بابت اشارو آهي ته ان جو وس، فقط ايترو هيو جو مارئيءَ کي ڪنائين. مارئيءَ کي مڃائڻ جيترو وسُ، وٽس نه هيو. نه ڪيس، ڪنهن کي ٽر مان ٽيلهي ڪڍڻ جيترو وس هيو ۽ نه ئي ٽر کي اونڌو ڪرڻ جيتري طاقت هيس.

مطلب: ١ - دنيا جي حاڪم جو وس، محدود آهي.
٢ - رب جي تڪويني عمل ۾، دنيا جا بادشاهه به دخل نه ٿا ڏئي سگهن.

٤٥٦. عورت ڇڏي گهر ڪي، جيڪا گُهمي گهَٽُ،
راس ٻنان، روڪڙ سوا، جيڪو ڪولي هَٽُ،
ٽيون ڪارو ڪوهه ۽ چوٿون ڪوٺو وَٽُ،
چار ئي چَٽُ. (چوڻي)

گهٽ: گهٽ گهيڙ، ٿاڪ، هنڌ ماڳ. راس ٻنان: تجربي کان سواءِ.
روڪڙ سوا: ڏوڪڙ سواءِ، ڏوڪرن کان سواءِ، ٻنا پئسي، ٻنا موڙيءَ جي.

١ - عورت جي عزت ۽ سونهن، گهر اندر رهڻ ۾ آهي. گهر کي ڇڏي گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئڻ ۾ عزت ناهيس. گهمنڌڙ عورت منجهه، هر ڏسڻ وارو، اميد رکندو آهي. مٿس حسد ڪندو آهي. حاصل ڪرڻ لاءِ ريس ڪندو آهي. آخر ۾، اهڙا ڪيئي اميدوار، پاڻ ۾ وڙهي به پوندا آهن.

پچاڙيءَ ۾ اها گهمنڊڙ عورت، پنهنجي چاهيندڙن جي نظرن ۾ به ٺوڪاري يا ڪاري ڪئي ويندي آهي.
٢ - جيڪو ماڻهو بنا تجربي ۽ موڙيءَ جي وڏو هٽ کوليندو، سو جلد دڪان جو ڏيوالو ڪيندو. دڪان کولڻ لاءِ، اگوات دڪان هلائڻ جو تجربو هئڻ ضروري آهي. پهرين ڪنهن سني دڪان تي نوڪري ڪجي. اتان هٽ هلائڻ جا گُرَ سکجن، ان کان پوءِ هٽ هلائجي. جيڪڏهن ائين نه ته پوءِ هلڪڙو دڪان کولجي، جنهن جو نفعو ۽ نقصان ٿورا هجن. ان هلڪي هارَ-وِيرَ مان به ڪافي تجربو ۽ سکيا ملندي. بعد ۾ ڪاروبار وڌائيندو وڃجي. ٻي صورت ۾ وڏو نقصان پوندو.
٣ - کوهه جو پاڻي کارو هوندو ته ماڻهو نه پيئندا، پر مال به نه پيئندو. جيڪو پيئندو سو پيٽ-سور ۾ پيو مرندو. جنهن سببان کاري کوهه مان، ڪير به پاڻي ڪڍڻ جي تڪليف نه ڪندو. جنهن کوهه مان پاڻي نه نڪرندو، تنهن جا نار جلد بند ٿي ويندا. جنهن کوهه جا نار بند ٿيا، ان جو بينل پاڻي ڏپ ڪندو ۽ آهستي آهستي، مٽي وغيره پوڻ سان کوهه ئي لٽجي ختم ٿي ويندو.
٤ - وَٽُ، اگر ڪسو يا ڪوتو آهي ته گراهڪ ۽ دڪاندار، ٻنهي لاءِ نقصانڪار آهي. گراهڪ دڪاندار کي بي ايمان پيا سمجهندا ۽ ڪائنس سودو وٺڻ کان پيا لهرائيندا. ان مان به گهڻا نقصان آهن.
مطلب: ١ - عورت کي پردو ڪپي، واپاريءَ کي تجربو هجي، جر جو پاڻي مِنو ليجي ۽ تورڻ لاءِ وٽ، وزن ۾ پورو هجي. (٤) ص ٢٤٥.

## ٤٥٧. عورت ۽ گهوڙو ان جو، جنهن جي قبضي ۾. (چوٽي)

عورت فطرتي طور، طبعاً ٻير جي ڪانيءَ وانگر ضديري ۽ ڏنگي ٿيندي آهي. ٻير جي ڪانيءَ کي سڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ٽٽي پوندي، سڌي نه ٿيندي. عورت به پنهنجي ضد تي قائم رهندي آهي. اگر ڪنهن سان سندس دل لڳي ۽ ان جي ڪڍ لڳي ته موٽي ماڻئن کي به نه ليکيندي. پلي سندس مائٽ، ڪيترا به حيلا هلائن ۽ ڪيس ڪن پر سندن جي نه ٿيندي. ان جي ئي ٿيندي، جنهن جي قبضي ۾ سندس دل آهي. چوٽي آهي: ’عورت ضد تي چڙهي، پاڻُ کهائي ته به نه مُڙي.‘
گهوڙو پڻ طبعًا اڙدو ۽ اڙٻنگ ٿيندو آهي. جهڙي تهڙي کي، واڳ ۾ هٿ وجهڻ نه ڏيندو آهي. اَڙي هٽي چڙهڻ پري جي ڳالهه، ٺوبري ته به وٽ نه

ڏيندس. باقي جنهن سان نهي وجي ته پوءِ ڪيا بات آهي. مالڪ به هٿ پٽي ويندو ۽ ان سئيس جي حوالي ڪري ويندس. اگر گهوڙو ڪيس ڏارٽو ٿي هوندو ته سئيس کي به نوڪر رکي پالٽو پوندس.

مطلب: ١ - عورت ۽ گهوڙي جا، حقيقيت ۾، مالڪ اهي آهي جن جي هٿن ۾ سندن دل ۽ واڳ آهي.

٢ - عورت/ گهوڙو، جنهن جي قبضي ۾ آيا، تنهن جا.

٣ - گهوڙو ۽ رن، ران سان. جنهن جي ران ۾ طاقت سبر يا سوائي آهي، ٻئي انهيءَ سان هوندا.

# غ

## ٤٥٨. غرض ۾ گڏهه کي به بابو چوڻو ٿو پوي. (پهاڪو)

بابو: پيءُ، ابو، امڙ جو مڙس.

غرض يا گتي، انسان کي ايترو مجبور ڪندي آهي جو ٻئي آڏو هٿ ٽنگڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. ڪن حالتن ۾ ته گڏهه قسم جي نٺر ۽ نوڏ ماڻهن سان به، مُنهن لاهي، ڳالهائڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو آهي.

اجا به وڏي، اها صلاح ڏني وئي آهي ته پنهنجي غرض خاطر، گڏهه کي به ابو ڪونيو يا امڙ جو مڙس چوڻ جيتري بيعزتي برداشت ڪيو. پنهنجي غرض ۽ گتيءَ ۾ قاتل هئڻ ڪان، ائين ڪرڻ ۾، عار محسوس نه ڪيو.

جڏهن ته اها ڳالهه انساني غيرت جي برداشت ڪان ٻاهر آهي. سوال ٿو اٿي ته پوءِ اها صلاح ڇو ڏني وئي آهي؟ اها صلاح ان لاءِ ڏني وئي آهي ته يا غرض جي غلامي ڇڏي، غيرت جو دامن پڪڙيو. يا غرض جي ڪڍ لڳي، غيرت وڪٽي ڇڏيو. هڪڙا ماڻهو، غرض ۽ خواهش جي پورائي خاطر، سيڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. پوءِ دليل ڏيندا آهن: اسان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ آهيون، جيئن وڻي تيئن ڪري يا ڪرائي ٿا وٺون. اندران اندران، اهي پنهنجي مرضيءَ ۽ نفساني خواهشن جا غلام بنجي چڪا هوندا آهن. جيڪا ڪانئن اهڙا ڪريل ۽ ڪڏا، غيرت ڪان هٽيل ۽ وانجهيل ڪم ڪرائيندي دير نه ڪندي آهي.

مطلب: ١ - غرض خاطر، ايمان نه ٻوڙائجي.

٢ - نفساني خواهشن جو غلام نه ٿجي.

٣ - غرض، گولي آهي.

### ۴۵۹. غريب هئڻ، ڪو عيب نہ آهي. (چوڻي)

خدا تعاليٰ هر ماڻهوءَ کي، ٻڪئي پيٽ، اگهاڙين لڱين ۽ هٿين خالي، پيدا ڪري ٿو. فطري طور جڻ هر ڪو ماءُ جي پيٽ مان غريب ئي پيدا ٿئي ٿو. هن دنيا اندر بہ، ڪن کي غربت ورثي ۾ ملي ٿي تہ ڪن کي حالتن سارو غريبي نصيب ٿئي ٿي. غريب يا امير ٿيڻ، في نفسهٖ، ڪنهن جي بہ وس ۾ ناهي. اميري غريبي رب جي طرفان آهي. نہ ان ۾ عيب آهي ۽ نہ ان ۾ ڪو عار آهي. تنهن هوندي بہ هن دنيا اندر، امير ٿيڻ لاءِ، وڏا وس ڪرڻا پون ٿا. جڏهن تہ غريبي بنا محنت جي مليو وڃي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ غريبي يا مسڪيني، نبين کي بہ پسند هئي.

مطلب: ١ - مرڻ ناهي مهڻو، پرڻو ناهي گار.

٢ - پيڻيو: ڪٽل مائٽرو نہ ڦاٽوڙي گيي رو، مهڻو ڪونهي.

## ق

### ۴۶٠. ڦٽل گدرو، پترن نمتارث. (پهاڪو)

پترن: پترن. نمتارث: برابر.

هڪڙي دفعي وتايي فقير اڇي گدرن واري ڪان گدرا گهريا. پهرين ڪانئس ڏٽيءَ جي نالي تي گدرو گهريائين. گدرن واري ڳولي ڳولي ڦٽل ۽ ڪسو گدرو ڪڍيو. سمجهيائين تہ: اهو هونئن ئي اگهہ نہ ڪندو. شام جو ائين اچلڻ کان فقير کي ڏئي ٽاريان. ڏٽيءَ جي نالي کي بہ نہ موٽائيندم، فقير بہ راضي رهندو ۽ ڪسي شيءِ بہ نڪاڻي لڳي ويندي.

فقير، گدرو هٿ ۾ ورتو تہ سهي پر ڪيس وڻيو ڪو نہ. يڪدم ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي، ڪانئس ٽڪي جو گدرو گهريائين. هاٽي واپاريءَ پئسا ڏسي. انهن آهر گدرو ڳولهي ڏنس. ڇو جو سمجهيائين پئي تہ: پئسن تي ڦٽل گدرو ڏيندس تہ فقير ڏاڍيندو ۽ چڙبيندو.

فقير، ٽڪي جي بدلي مليل گدرو، ٻئي هٿ ۾ جهلي، آسمان ڏانهن ڏنو ۽ چوڻ لڳو: ”ٽڪي جو قدر بہ ڏس ۽ پنهنجي نالي جو بہ ڏس!“

مطلب: ١ - ڦٽل گدري جو ملهہ، پترن برابر آهي.

٢ - ڏٽيءَ جي نالي يا خيرات ۾ ڏيڻ بہ ڏکيو لڳندو آهي.

٣ - بيڪار شيءِ، ڏرمائو/ خيراتي ڪمن ۾، ڏيئي ڇڏبي آهي.

۴ - انڌو ڇوڪر، لائو ڏوڪڙ، ٽڪاٽي جي ارداس.
۵ - انڌو ڇوڪر، ڪوٺو ڏوڪڙ، مسيت حوالي. (۱) ص ۲۷٦.

## ۴٦۱ . ڦٽي ڪي ڪهڙي ڏل؟ (پهاڪو)

ڏل: نهرن ۽ شاخن تي آيل خرچ، سرڪار هر فصل تي، زميندارن کان اڳاڙيندي آهي. جنهن زمين جو فصل ئي خراب ٿيو، ان تان ڏل وٺڻ ويتر زميندار کي غريب ڪرڻو آهي. تنهنڪري، سرڪاري راڪا/ ٻاڌارا، جانچ پڙتال دوران اهڙين ٻنين کي ڏل کان آجو قرار ڏيندا ويندا آهن.
مطلب: ۱- جيڪو ماڻهو خراب ٿئي، يا نافرمان ٿئي، تنهن کي ڪهڙي ميار ڏبي؟
۲- ڏل، آباد ٻنيءَ ورتي ويندي آهي.
۳- ڦٽي تي ڏل ڪانهي. (۳۵) ص ۲۱۲، (۳٦)

## ۴٦۲ . ڦرجڻ نان ٿائيم ٻيجو، ويامڻ نان ٿائيم ٻيجو. (پهاڪو)

ڦرجڻ: ڦر سرجڻ، نطفي جو نر جي پنيءَ مان ماديءَ جي رحم اندر داخل ٿيڻ، لڳ جهلڻ. ٻيجو: ٻيو. ويامڻ: ڦر ڏيڻ، ويامي پوڻ.
نسلي افزائش لاءِ، لڳ ذريعي، نَر جي پنيءَ جو پاڻي، ماديءَ جي پنيءَ جي پاڻيءَ سان، رحمِ مادر اندر، داخل ٿيڻ لازمي آهي. لڳ جي موسم ۾، لاڳِ مال جي يا ڪَتِ جي مند ۾ ڪتن جي ڪيفيت، ڪجهه اور هوندي آهي. جهلئي نہ جهلبا آهن. مينهن ۽ ڍڳيءَ جي، ڍِڳَ متان ڍِڳَ ۽ رَنيءَ متان رَنيءَ پئي پوندي آهي. ڪتي بہ ڪوڪرا ۽ ڪوڪٽ پئي ڪندي. آئي وئي کي پئي چڪ پائيندي. ٻليءَ جو بہ ميڪٽ متان ميڪٽ پيو پوندو ۽ پئي رانيوٽا پائيندي. جيستائين وجي، گندي پاڻيءَ جو ڦڙو، اندر-ٻرنديءَ باهہ تي پوي ۽ ڪيس وِسائي، تيستائين ڦٽڪي ڦٽڪي ٻين جو بہ ننڊ آرام ڦٽائي ڇڏيندا.
جانورن وانگر، انسان جي لڳ جي مند تہ مقرر ناهي پر مٿس بہ شهوت چڙهڻ وقت، عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. جهليو نہ جهلبو آهي. لوڙها لتاڙيندي ۽ ڪوٽ ڪيرائيندي، عزت ذلت جو بہ احساس نہ هوندو اٿس.
جڏهن ڦر ڇٽڻ ۽ ڄر ڪيڻ جو وقت ٿيندو آهي. ان وقت جا سور بہ سور آهن. ڪي ماديون تہ انهن سورن اندر، مري پڻ وينديون آهن. انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻ وقت، اگر ڪو ڪين ڏسي ۽ محسوس ڪري تہ دل ۾

خيال ڪندو: آئنده اها مادي، ڦرجڻ وارو ڪم نہ ڪندي. پر حيرت تڏهن ٿيندس، جڏهن سال ڪان پوءِ، ٻيو ڦر ڄڻڻ وقت، ساڳي مادي ساڳين سورن سبب، پئي ڦاٿندي، ڦيٿون ڪائيندي ۽ ٻاڪاريندي.
مطلب: ١ - وقت وقت ڪي سلام آهي.
٢ - ڪم ڪرڻ وقت، هر ذي روح جي ڪيفيت ڪجهہ اور هوندي آهي.

## ٤٦٣ . ڦڳڻ ڦوسيارو: ڏينهان اونهارو، راتيان سيارو. (چوٽي)

ڦڳڻ: سنبت وڪرمي سال جو مهينو آهي، جيڪو مارچ ڏاري اچي.
ڦڳڻ ۾ بهار ايندو آهي. ڏينهن جو گرمي هوندي آهي، جنهن سان پگهر ايندو آهي. واري تپڻ سبب، ٽر اندر اجا وڏي ويندي آهي. رات جو ٿڌيون هوائون لڳنديون آهن. واري ٺرڻ سبب، ٿورو سيءُ پڻ پوندو آهي. صبح ڏاري ماڪ پوندي آهي. اگر ڪو ٻاهر سمهندو تہ صبح واري ماڪ، ڪيس پريشان ڪري ڇڏيندي. ان ماڪ ۾ هر شيءِ پُسي پوندي آهي. پنل شيون: ڦڳڻ جي ڦوسيارو هئڻ ۽ پارو هٽڻ جون ساکي هونديون آهن. (٣٥) ص ١٩٦
مطلب: ١- هر موسم جو پنهنجو اهڃاڻ آهي. ڦڳڻ اندر، متجندڙ موسم جو نياپو آهي.

## ٤٦٤ . ڦوسو، ڦڙسو، ڦڙسرام، مايا تيري تين نام. (چوٽي)

ماڻهوءَ جو، مائٽن طرفان رکيل نالو، غربت سبب بگاڙي ورتو ويندو آهي. غريب جي گهر ۾ ڄائو تہ ڇنيءَ جو رکيل نالو پرسرام يا ڦڙسرام، ڦري پرسُو يا ڦوسو ٿي پوندو. هر ڪو پيو انهيءَ نالي سان سڏيندس.
جڏهن محنت ڪري، ٿورو مال متاع يا پئسڙو هٿ ڪندو ۽ ٻن ڇئن جي ڪم ايندو تہ ڪيس لالچ سببان يا مان ڏيڻ خاطر، پرسو يا ڦڙسو پيا ڪوٺيندا. جڏهن باقاعده ترقي ڪري، مالدار يا سينيو ٿيو تہ پوءِ وڏي احترام ۽ لقب القابن سان گڏ، ڪيس سيٺ پرسرام يا سيٺ ڦڙسرام پيا ڪوٺيندا.
مطلب: ١ - ڌن دولت آهر، ماڻهوءَ جي نالي ۽ شان مان جو اضافو ٿئي ٿو.
٢ - ڄائو تہ اڪ، پڙهيو تہ اڪبر، نوڪريءَ چڙهيو تہ رئيس غلام اڪبر.
٣ - ڄائو تہ ٻلي، پڙهيو تہ ٻِلو، سڌريو ۽ ڪڙهيو تہ ٻِلارام.
٤ - پرسُو، پرسَو، پرسرام، مايا تيري تين نام. (٢) ص ٦٠.

### ۴٦۵. ڦوهڙ هلي، گهر سيہ چلي. (چوڻي/ پهاڪو)

ڦوهڙ: بي ڍنگي، ابهري. سيہ: سپ، سمورو. چلي: هلي.
گهر ڪي سينگارڻ ۾، سگهڙ عورت جو هٿ هوندو آهي. جڏهن تہ بگاڙڻ ۾ بہ عورت جو ئي هٿ هوندو آهي. چوندا آهن: گهر ناهي بہ عورت تہ ڊاهي بہ عورت.
اڍنگي ۽ ابهري عورت، پلي گهر جي سجاوٽ لاءِ ڪو ئي ڪم نہ ڪري، پر رڳو گهمي ڦري، تڏهن بہ چڱا خاصا ٽانءَ ٽپا پئي ٽٽن سان پڇندي ۽ رکڻ وقت پئي هٿن مان ڪيرائيندي.
مطلب: ١ - اڍنگي عورت جي هلڻ سان، سمورو گهر هلي پوندو آهي. (٦) ص ٩٩.

### ۴٦٦. ڦل ات پتر-ڦل، اور ڦل ڪائي ڪا،

### رس ات پريم-رس، اور رس ڪائي ڪا،

### تيج ات نين-تيج، اور تيج ڪائي ڪا،

### جوت ات اندر-جوت، اور جوت ڪائي ڪا. (چوڻي)

ات: اتي، متي، آهي. ڪائي ڪا: ڪونهي ڪو.
١ - ڦل: ميوو سيني ڪان سنو، پنهنجو پٽ آهي. ڪٽي ڪمائي بہ ڪارائي ۽ مرڻ ڪان پوءِ نانءُ ناموس بہ روشن رکيو اچي. پيريءَ ۾ سهارو ٿئي ۽ سندس هوندي پيڙهي پڻ پنجي. آسيس اچي ۽ آس اميد وڌي وڃي.
٢ - رس: چس، چاهت وغيره پيار ۽ محبت جي مڙني شين ڪان وڌيڪ آهي. پوءِ محبت ماءُ پيءُ جي اولاد سان هجي يا پائن ڀينرن جي پاڻ ۾ هجي.
٣ - روشني، اصل ۾ اکين جي جوت ۾ آهي. جيڪڏهن اکين مان جوت چڏائي وئي تہ سج جي روشني بہ ڪم نہ ٿي اچي. دنيا سڀ اونده ٿيو وڃي.
۴ - جوت: اُهاءُ، سُهاءُ يا سهائو پلو آهي تہ، اندر جو پلو آهي. اندر ۾ سوجهرو هوندو تہ اکين ڪان انڌو ماڻهو بہ هٿوراڙيون ڏئي زندگي گذاري ويندو. اندر جي سجائيءَ ڪان بغير، ماڻهو پنهنجن ۾ بہ جڻ ڌاريو آهي.
مطلب: ١ - ڪارائتيون/ ڦلائتيون شيون اهي آهن، جيڪي دائمي ۽ ديرپا هئڻ سان گڏ، پنهنجون هجن.
٢ - ڦل ات انبان ڦل، اور ڦل ڪائي ڪا،

رس ات راڳ رس، اور رس ڪانئي ڪا،
تيج ات سوريا تيج، اور تيج ڪانئي ڪا،
جوت ات اگن جوت، اور جوت ڪانئي ڪا.
٣ - ميوو تہ انب، ان ڪان سنو ميوو ڪونهي،
ڪشش تہ راڳ جي، ان ڪان وڌ ڪشش ڪونهي،
تجلو آهي سج جو، ان ڪان وڌ تجلو ڪونهي،
جوت آهي باھ جي، ان ڪان وڌ جوت ڪونهي. (٢) ص ٢۴٠.

## ق

### ۴٦٧. قرض: آهي ڪوڙھ جو ٽڪو. (چوڻي)

ڪوڙھ: چمڙيءَ جي بيماري جنهن ۾ چمڙي هنڌان هنڌان ٽٽي پوي ۽ اڇا ڪارا ڏڱ ٿيو پون ۽ جسم جي سڄي سونهن ختم ٿيو وڃي. ٽڪو: بدنما داغ.

دنيا اندر، رب پاڪ وقت گذارڻ لاءِ هر هڪ کي ڪمائڻ جا ذريعا ضرور بخشيا آهن. جن منجهان، محنت ڪري، ڪيس پنهنجي محدود ضرورتن جو پورائو ڪرڻو آهي. هٿ پير ۽ ڪمائيءَ جا وسيلا ۽ موقعا، هر هڪ استعمال ڪري، گذر سفر ڪري ٿو ۽ ٻين جي محتاجيءَ کان بچي ٿو. ڪي ماڻهو، حالارت سارو يا سستيءَ سبب، ڪُجهي پون ٿا. پوءِ ٻين جا ڳيجهو، محتاج يا قرضي ٿين ٿا. انسان کي گهرجي تہ ڪوشش ڪري، محنت ڪري ۽ پاڻ کي ٻين جي محتاجيءَ کان بچائي. هڪ دفعو هٿ ٽنگڻ تي هريل ماڻهو، ورلي ئي سڌري ٿو. پنڻ جي ذريعي، قرض ڪڻڻ سان يا بيحيائيءَ واري رستي ڪمائڻ تي جيڪو هريو سو ان کي ئي ذريعہ معاش پيو سمجهندو ۽ اهي عيب منجهس گهرُ ڪري ويندا. پاڻ معاشري جي نظرن ۾ تہ ڪري پوندو پر پنهنجي نظرن ۾ بہ ڪري پوندو.

مطلب: ١ - قرض جو مثال: ڪوڙھ وانگر آهي.

## ڪ

### ٤٦٨. ڪاٺ جي پور ۽ ماڻهوءَ جي اندر جي ڪهڙي خبر؟ (چوٽي)

١ - ڪاٺ جو بند، بظاهر ٺلهو نظر ايندو آهي، پر اندران ڪيئن آهي، اها خبر خاوند کي آهي. آري مشين تي چيرڻ کان پوءِ خبر پوندي آهي ته اهو بند ڀُردار هيو يا منجهس اندر ئي اندر ۾ اهڙو ڳجهو پور هيو، جنهن سبب سندس ڪاٺي عمارتي ڪم جي ئي نه رهي آهي. بلڪ جلائو طور تي استعمال ڪري سگهڻ جهڙي رهي آهي.
٢ - اهڙيءَ طرح ڪي ماڻهو ڏسڻ ۾ ٿلها ٿنيرا يا پڙهيل ڳڙهيل پيا نظر ايندا آهن. ڪين ٿلهو ڏسي، ڪي ماڻهو منجهانئن بهادريءَ جي اميد رکندا آهن. پر ميدان تي لهڻ کان پوءِ خبر پوندي آهي: همراه ته اندران اندران صفا پاڙ جو ترو آهي. يا وري ڪي ماڻهو لٽي ڪپڙي مان وڏا پڙهيل ڳڙهيل پيا نظر ايندا آهن. ڳالهائڻ کان پوءِ خبر پوندي آهي: همراه ته نپ اڻ پڙهيل ۽ غير تربيت يافته آهي.
مطلب: ١ - بظاهر ٿلهو ٿنيرو، ڪاٺ اندران پورو، انسان اندران ڪاڏل ٿي سگهي ٿو.

### ٤٦٩. ڪانئين کي باھ مان، مرونءَ کي ماھ مان،
### بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان،
### سائل کي خيرات مان، ڪڏهن به ڍؤ نه ٿئي. (چوٽي)

بک، پيٽ ۾ کاڌي جي وقتي کوٽ کي چئبو آهي. جنهن کي اگر وري کاڌي سان پربو ته، هڪ ويلي کان ٻئي ويلي تائين، پيٽ ناپر ۾ اچي ويندو. پيٽ ۾ هڪ کان ٻن يا ٽن مانين پوڻ جي گنجائش يا گهرج هوندي آهي. گهٽ مانيون وجهڻ سان، آنڊا اجا پيا ڪُر ڪُر ڪندا. انهيءَ ڪُر ڪُر کان بچڻ لاءِ، پوري پُني ماني کائڻ ضروري آهي. وڌيڪ ماني به نقصانڪار آهي. پيٽ کي ڦاڙيندي ۽ ٻين بيمارين جو سبب پڻ بڻجندي. جنهن کاڌي سان، آنڊن ۾ ڪُر ڪُر باقي نه رهي ۽ کاڌو پيٽ ۾ بيماريءَ جو سبب نه بڻجي، اهو مناسب ۽ ڍَوَ ڪرائڻ وارو سڏبو. ڍَوَ کان مٿي، ڪير به کاڌو نه کائيندو آهي.

دنيا اندر ڪي وري اهڙي قسم جون بکون آهن جن جي ڏاپڻ جي حد ناهي. جيترو ڪين پلڻ جي ڪوشش ڪبي، تيترو منجهانئن ”هل من مزيد“ جو آواز پيو ايندو.
مطلب: ١ - سڪل ڪانيون، اگر باهه ڪي ٻرڻ لاءِ ملي وڃن ته باهه، منجهانئن نه ڏاپندي. پئي وڌيڪ لاءِ پڪاريندي.
٢ - مرون ۽ گوشت خور جانور ڪي جيترو شڪار نظر ايندو، سرڙي رڪندا. ڏائجي، چُپ ڪري، نه ويهندا. ڏوَ ڪان پوءِ ته ويتر طاقت ۾ اچي، ٻيا وڌيڪ هيٺا جانور ماريندا.
٣ - ڪنجوس ماڻهو، ڪمائڻ ۾ پورو. کپائڻ لاءِ ويساند به نه هوندس. ته به سندس چُوس ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺندي. مشين جي پرزي وانگر گسي ويندو، ڪمائڻ کان بس نه ڪندو.
٤ - عالم کي سوين ڪتابن جو علم هجي، ته به چوندو: هزارين ڪتاب اجا رهيا پيا آهن. تانگهه پوري نه ٿيندس.
٥ - فقير يا منگتي کي به ڪيترو ملي، ڏؤ نه ٿيندس. يا سج کٽي يا ٻج کٽي. يا سج لهي اونده ٿئي ۽ ماڻهو وڃي گهرن ۾ لڪن يا پاڻ ٿڪجي، تڏهن گهڙي سوا ڪا چپ اچيس نه ته اها به نه.
٦ - مٽين پنجن جي بک، پلجڻ جي ناهي.

## ٤٧٠. ڪا راکي ڪُر آپڻون، ڪا راکي ڪلتار. (چوٽي)

ڪا: يا. راکي: رکي، رکوالي ڪري، سنڀال ڪري. آپڻون: پنهنجو.
ڪُر: ڪڙم، قبيلو. ڪلتار: ڪرتار، پالڻهار، مالڪ.
هيءَ دنيا، ڏک سک ۽ اهنج سهنج جي امتياز سان جڙيل آهي. منجهس ڏک-ڏولاوا به آهن ته سک ۽ عياشيون به آهن. ڏک، پاڻ مرادو پهچيو وڃن. جڏهن ته سکن حاصل ڪرڻ لاءِ، محنت ڪرڻي پوي ٿي. پنهنجن سان لڳ لاڳاپا، استوار ڪرڻا پون ٿا.
تڪليفون ۽ ڏکن جي پهچڻ کان، مالڪ ۽ خالق، هڪ الله ئي بچائي يا محفوظ رکي سگهي ٿو. ٻئي ڪنهن جي پيٽي پر ناهي. اهو ئي مصيبتن جي ٽارڻ وارو ۽ بچائڻ وارو آهي.
مٽ مائٽ ۽ ڪڙم قبيلي وارا به همدرد ۽ هڏ ڏوکي ٿيندا آهن. وس آهر مدد ڪندا آهن ۽ حفاظت ڪندا آهن. منجهانئن جيڪڏهن سک نه پهتو ته اهنج پهچڻ جو انديشو يا امڪان گهٽ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو

ڏانهن، دکيءَ دل سان رجوع ڪيو ويندو آهي. ساڻن گڏ رهڻ ۾ عافيت ۽ سندن سايي ۾ پلجڻ ۾ خيريت آهي.
مطلب: ١ - مدد يا مائٽ ڪن يا مالڪ ڪري.
٢ - يا ته پنهنجو ڪٽنب سنڀال ڪري، يا ربُ/ مالڪ محفوظ رکي.

٤٧١. ڪارڙو ڪمارڙو، ان ڏيو ته مولا مينهن وسائي. (چوڻي)
آڙنگ ڏسي، ڳوٺ جا ننڍا ٻار پاڻ ۾ گڏجي، ٽولي ناهي، جهوليون ٻڌي، گهر گهر مان وڃي خير گهرندا آهن. خير گهرڻ مهل، هڪ قسم جو منو ۽ رسيلو گڏيل آواز ڪندا آهن. سڀيئي سُر ملائي ڏاڍي دلچسپ انداز سان چوندا آهن: ”ڪارڙو ڪمارڙو، ان ڏيو ته مولا مينهن وسائي“. يا چوندا آهن: ”آڪو پايو، گهر گهر نولايو.“
هر گهر، ڪين ڪجهه اَنُ ڏيندو آهي. اهو گڏ ڪري، مقرر جاءِ يا هنڌ تي وڃي، منو پٽ رڌي، ڪائيندا آهن.
وڏن ڳوٺن ۾ جتي هندو ججهي انداز ۾ آهن، اتي مندرن ۾ يا تلائن تي هَوَنَ ڪندا آهن ۽ مسلمان مسجدن ۾ دعائون گهرندا آهن ۽ خيراتون ڪندا آهن. ڏٽودي ماڻهو پنهنجي مال جو ڪير ڏهي گڏ ڪري سيني ماڻهن کي ورهائي ڏيندا آهن، جنهن کي ”ڏوجهه ڏيڻ“ چئبو آهي.
ڪٿي ڪٿي پيرن فقيرن جي قبرن تي يا ترائين تي گهيٽن ۽ ڇيلن جي قرباني ڪندا آهن. اڇوت قومون ان گڏ ڪري، (جنهن کي براڙ چوندا آهن) ترائي يا ڪنهن درويش جي آستان تي وڃي پچن ڪري رڌي لائيندا آهن.
اهڙن موقعن تي چانور ورلي ڪم آڻيندا آهن، پر گهڻو ڪري ٻاجهري پسائي چڙهي ڳڙ وجهي منو پٽ رڌيندا آهن، جنهن کي ”ڳُگهريُون“ چوندا آهن. اهو سنو سوڻ ڪري ليکين، ڇو ته ٽر جي پيدائش ۾ ڪاڌو ٻه ٻاجهري آهي.
مطلب: ١ - ڪارڙو ڪمارڙو، ان پاٽي ڏي ته مينهن وسي. (ساهتي)
٢ - ڪرڙ ۾ گهوٻاٽو، مينهن آيو گهاٽو. (چوڻي)
٣ - پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي. (ساهتي)
٤ - وس وس ڙي مينهن، ٿنهن جي وسڻ جا ڏينهن.
٥ - پٽ تي مڪڙو، مينهن آيو تڪڙو.
٦ - پٽ تي جهرڪي، مينهن آيو ترڪي.
٧ - برسات اچي پئي، تياري ونو. (١٢)

## ۴۷۲. ڪارو؛ ماري يا ڪاري. (چوڻي)

ڪارو: ڪاريھر، زهريلي نانگ جو قسم، جيڪو ويرَ-وِنُو هوندو آهي.
ڪاريھر، کي گھڻا زهري ٽين ۽ ڪي گھٽ. ڪاريھر بابت ٽري چوندا آهن تہ سندس ڏنگيل ماڻھو گھڻو ڪري مريو وڃي. اگر اتفاق سان بچي ويو تہ وري جنھن عضوي ۾ چڪ لڳو هوندس، اهو عضوو ڪريو پويس. ان لاءِ ترت علاج ۽ ٻيا علاج بہ، پاڻ ڪندا آهن. تنھن هوندي بہ ڪپُرَ-ڪاڌي جو چاڙهو، مشڪل ٿيندو آهي.
مطلب: ١- ڪاريھر جو ڏنگيل، ورلي بچندو آهي.
٢ - ڪاريھر، ماري يا ڪاري.
٣ - ماتا، ماري يا ڪاري. (١٢)

## ۴۷۳. ڪارونجھر ٽڪري، هر روز سوا سير سون اپائي ٿي. (چوڻي)

ڪارونجھر، جنھن کي ڪالنجر بہ سڏيو اٿن. ڪالنجر جي معنيٰ آهي، ڪال کي انجر يا اجرو يا اڇو يا پورو ڪرڻ. جنھن منجھان ڪالنجر جي معنيٰ ٿي، ڪارج کي پورو ڪرڻ وارو مهاديو. ڪارونجھر، ننگر پارڪر ۾ موجود هڪ ٽڪريءَ جو نالو آهي، جيڪا هڪ هزار ڪن فٽ اوچي آهي. ڇهن قطارن تي مشتمل هن ٽڪريءَ تي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا گھڻا آهن. اتان ڪاٺيون ۽ ڪونئر، ميوا ۽ ماکي جام ملن ٿا. هاڻي تہ منجھانئس اوچي قسم جو گرينائيٽ پڻ مليو آهي. سندس پر وارن پھاڙن منجھان، ڪوئلي جون ڪاٺيون پڻ مليون آهن.
جابلو ٻوٽين جي رس مان، ماکيءَ جون مکيون، جبل جي نج ماکي ناهين ٿيون، جيڪا وڏي ڪارائتي آهي. جابلو پاڻي، منرل واٽر ڪان وڌيڪ هاضمي دار ۽ قوت بخش آهي. ان تي ايرنڊڙ/ ٿيندڙ، جابلو ٻوٽيون پڻ ڪارائتيون آهن. منجھانئن دوائون جڙن ٿيون. جابلو ٻوٽين ۾ گوگڙو ۽ گڻ- ويل يا مهماءِ وغيره تہ مرداني طاقت کي وڌائڻ لاءِ اڪسير آهن.
مطلب: ١ - ڪارونجھر جي ٽڪريءَ جي ڏيهاڙيءَ جي پيدائش مان، سوا سير سون جيترو اپراسو ٿئي ٿو.
٢ - جابلو ٻوٽين وغيره مان، گھڻو پئسو هٿ اچي ٿو.

### ٤٧٤. ڪارونجهر ري ڪور، مريجي تہ بہ مليجي نا. (چوٽي)

ڪور: وَٽِ، ڪنڌ. مليجي: ڇڏجي. ري: جي. مريجي: مري وڃجي.
ڪارونجهر جبل، برساتين پوڻ پڄاڻان، سرسبز ۽ دلڪش ٿي پوندو آهي. منجهس مال لاءِ گاهہ ۽ مارو ماڻهن لاءِ ڏٿ، جام ٿيندو آهي. جيڪو زندگي گذارڻ لاءِ ڪافي آهي.
جيڪي ماڻهو، پنهنجي وطن سان محبت رکن ٿا، سي ان کي ڪنهن بہ وقت تي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. جيڪي اهلِ دل ماڻهو آهن، سي مرندي مري ويندا پر وطن/ ڏيهہ موراڳي نہ ڇڏيندا آهن.
ڪارونجهر جبل جي وٽ ۾ رهندڙن جو، حب الوطنيءَ بابت هيءُ قول بہ ائين ئي آهي.
مطلب: ١ - ڏيهہ ڇڏڻ، ڏيهي ڇڏڻ، اوکا ڪم آهن.
٢ - ڪارونجهر ري ڪور، مريي تان مُڙيي ناهين.
٣ - ڪارونجهر جي قربت، مرڻ سان بہ ملي نہ سگهندي.
٤ - ڪارونجهر ري ڪور، مرئي تو ئي ميلهي نهين، ماتي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاگي ڏيبتو.

### ٤٧٥. ڪاري ڏڌي، اڇو اڇي ٿو. (ڀاڪو)

ٻڪرين، مينهن ۽ ڍڳين ۾ ڪاري رنگ جا ڀهرو ۽ ڍور ٿين ٿا. سندن چمڙيءَ جو رنگ ڪارو آهي پر سندن گوشت، رت ۽ منجهانئن نڪرندڙ کير جو رنگ، ٻين عام ڀهروئن/ ڍورن وانگر ئي آهي. ائين ناهي تہ ٻين جانورن جي گوشت ۽ رت جو رنگ ريٽو آهي تہ ڪاري جانور جو رنگ وري ڪارو آهي. يا ٻين مان ڏڌل کير جو رنگ اڇو آهي تہ ڪاري جانور مان ڏڌل کير جو رنگ ڪارو آهي.
فطرت، هر جانور اندر، ساڳيءَ طرح ڪارفرما آهي. ماڻهن اندر بہ ائين آهي. ضروري ناهي تہ اڇي چمڙيءَ وارا وڻندڙ ۽ پرڪشش ٿين ۽ ڪاريءَ وارا نہ ٿين. جهڙو اخلاق ۽ ورتاءُ هنن مان ملندو، تهڙو هنن مان ملندو.
مطلب: ١ - فطرت، اڻ مٽ هوندي آهي.
٢ - ڪاري ٻڪري، اڇو کير.
٣ - ڪاري وهٽ کي ڏهڻ سان، اڇو کير نڪري ٿو.
٤ - فطرت/ خاصيت، رنگ مٽڻ سان نٿي بدلجي.

۴۷٦ . ڪاريءَ رات ڏيپڪ جلي، اپ ڪنون بيج،
آهر ڦلاري ٻيٺئين، مهيلي مک ڏنت،
پٻڻ پسارا ڪيا، پنج ئي ٿهڪنت.

ڏيپڪ: ديپڪ، ڏيو. بيج: بيچ، وچ. آهر: سرنهن، راٽي. ڦلاري: ڦولارجڻ.
مهيلي: سهڻي سندري، ملوڪ عورت. مک: منهن، وٽندڙ چهرو. ڏنت: ڏند.
پسارا: ڪلي ٽڙي پوڻ. ٿهڪنت: ٽهڪ ڏئي، ڪلي.
۱ - اونداهي رات جو، جنهن گهر ۾ ڏيئو ٻري، سو گهر جڻ آسودي هجڻ جي ڏک ٿو ڏئي.
۲ - اپ يا وچ آسمان تي ڪنوڻ ڪنوي ته جڻ مينهن/ پاڻيءَ جو نياپو آهي. ان سان جڻ ماڻهن، مرن ۽ سڪي نوٽ ٿيل زمين لاءِ، خوشيءَ جو نياپو آهي.
۳ - ٻيٺ تي سرنهن جو ڦولارجڻ به، پڻ خوشيءَ جو سنديش آهي. ڇو جو بنا ڪنهن نقصان پهچڻ جي، منجهانئس فائدو ئي رسندو. اڪين ڪي تراوت پڻ ايندي.
۴ - سهڻي عورت، وٽندڙ مڪڙي سان، فقط ڏند ٽيڙي ته به هيانءُ ٺاري وجهي.
۵ - پٻڻ، ٻهه (Lotus root) جي مٽان، نيل ڪنول (Lotus) سان گڏ ٿيندڙ ميوو آهي. منجهانئس نڪتل ڏوڏي، پيٽ کي ٺاريندڙ ۽ ڪتڪتايون ڪندڙ هوندي آهي.
مطلب: ۱ - مٿي بيان ڪيل پنج ئي حالتون، خوشيءَ ۽ ڪلڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون. (۲) ص ۱۳٦.

۴۷۷ . ڪاڪا ماما کهوانا، گهر ۾ هوئي تو ڪاوانا. (ڀاڪو)
ڪاڪا، ماما: چاچا ماما. کهوانا: چوندو رهه. ڪاوانا: ڪائيندو رهه.
رشتا ناتا ۽ انهن جو احترام، دنيا ۾ ضروري آهي. جڏهن ته هميشه لاءِ مٿن ياڙڻ، ڪين ڀڄائي جڏيندو آهي.
هر جيو/ ساهدار کي رب سائين، چَلڻ چُڳڻ لاءِ هٿ پير ڏنا آهن، جن سان لوڇي لهي ٿو ۽ ڪائي پيٽ ڀري ٿو. ان جي برعڪس، اگر ڪير محنت نه ڪري ۽ چاچي مامي ۾ آس لڳائي، هَٿُ هَٿَ تي رکي ويهي رهي ته نقصان ۾ ويندو. مانُ تنهن ڪان سواءِ گهٽبس.

مٿن مائٽن وٽ پلي انبار هجن پر عزت وري به پنهنجي گهر جي سادي ڪاڌي يا ڀِڃُ ڀاڻيءَ کائڻ ۾ آهي.
مطلب: ١ - پنهنجو گهر هنگيو پئي پر، پرائو گهر ڏِسيو پئي ڏر.
٢ - پنهنجي، سنهنجي.
٣ - ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، مون نہ چاڙهي، جڳ نہ چاڙهي.
٤ - ادي جي ابردي پيي، ٻاٺ گهر دي آ.
٥ - بابل گهر گهوڙي، ڪا مون هِڻ هڻ. (٦) ص ١٢٠.

**٤٧٨ . ڪاڪو جنهن جو ڪونپجي، پائي جنهن جو پارومل،**
**گهوڙو جنهن جو نو لکو، اهو راوت رڙ مل. (چوڻي)**

راوت رڙمل، ٿر پاسي هڪ بهادر راجپوت ٿي گذريو آهي. جيڪو خانداني بهادر هيو. پوري علائقي جو مشهور بهادر ڪونپجي سندس چاچو هيو. سندس پاءُ پارومل هيو، جيڪو پڻ وڏو بهادر ۽ دلير مڙس هيو. سندس گهوڙو پڻ نو-لکو هيو. ٽري ماڻهو راوت رڙمل جي تعريف ائين ڪندا آهن.
مطلب: راوت رڙمل، خانداني طور عزتدار ۽ قابل تعريف هيو.

**٤٧٩ . ڪاڳا ڪسي ڪا نہ ڌڻ هٽي، ڪوئل ڪسي ڪو نہ ديت،**
**ايڪ جِيبا ڪي ڪارٽي، جڳ سو متر ڪريت. (چوڻي)**

ڪاڳا: ڪانگ، ڪارو ڪانءُ. ڌڻ هٽي: ڌڻ هٽڻ، ملڪيت ڦرڻ، نقصان رسائڻ. ڪوئل: پکيءَ جو نالو. ديت: ڏيڻ، فائدو رسائڻ. جِيبا: جِڀ، زبان. ڪريت: ڪرڻ. ڪارٽي: صدقي، سبب. متر: مِٽُ، مائٽ/ پنهنجو ڪرڻ.
ڪانءَ جي عادت آهي: ڪان ڪان ڪرڻ ۽ ٻارن جي هٿن مان لولا ڦرڻ. انهيءَ ڪڌي عادت سبب، ڪير بہ ڪيس ڪو نہ پائيندو آهي. هٿائين ڪانئس پيو شيون وغيره لڪائيندو آهي. جڏهن تہ انهيءَ اڻنگي زبان سبب، ڪانءُ ڪنهن جي مال جو ڌڻ نہ هٽندو آهي پر تڏهن بہ هر ڪو ڪانئس ڪَوَ پيو ڪائيندو آهي ۽ ڪيس دشمن پيو سمجهندو آهي.
ڪوئل، سريلي آواز سان پئي پڪاريندي آهي. جڏهن تہ سندس لاڳيتو پڪارڻ ۽ رڙيون ڪرڻ، سريلي هئڻ سبب بيزار نہ ڪندو آهي. هٿائين هر ڪو ڪيس پنهنجو پيو سمجهندو آهي.

مطلب: ١ - هڪڙو گندي زبان جي آفتن سبب، نقصان برداشت ڪري ٿو ۽ ٻيو چڱي زبان جي سبب فائدا ۽ آسائشون ماڻي ٿو. جڏهن ته رنگ روپ ۾، ڪانءُ ۽ ڪوئل، لڳ ڀڳ هڪجهڙا ڪارا آهن.
٢ - اها ئي زبان ڇانءُ ۾ ويهاري، اها ئي زبان اس ۾ ويهاري.
٣ - ٽڏو گهڙو، پاڻ کي پاڻ ڇانءُ ۾ ويهاري. (٢) ص ٦٣.

## ٤٨٠. ڪا ماءُ، ڪا ماءُ رو ڄايو، ٻيجو سڀ لوڪ پرايو. (چوڻي)

ڪا: يا. ماءُ رو ڄايو: ماءُ منجهان ڄاول، ڀاءُ يا ڀيڻ.
دنيا اندر، زندگي گذارڻ لاءِ ٻين انسانن جي مدد جي ضرورت پوي ٿي. سچائيءَ ۽ سچيءَ دل سان، بنا ڪنهن غرض جي، ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ واندو نه هوندو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجا ذاتي مفاد به نظر ۾ هوندا آهن. اگر ڪنهن سان ڪا چڱائي ڪندو ته موٽ ۾ پنهنجي لاءِ به اڳلي وٽان ڪنهن چڱائيءَ جي اميد ضرور رکندو. بنا ڪنهن غرض جي، ڪير به ڪنهن سان همدردي يا چڱائي ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي.
رت جي رشتن ۾ به فقط ڀاءُ يا ڀيڻ، بنا ڪنهن غرض جي، وقت تي ٻاهه يا ڀاڙيءَ اندر ٽپي پوندا آهن. اهي پنهنجي ساهه جي به پرواهه نه ڪندي، محبت سان مددگار ثابت ٿيندا آهن.
مطلب: ١ - يا ماءُ يا ماءُ جو ڄايو، ٻيو لوڪ سڀ پرايو.
٢ - ڀاءُ، ڀاءُ/ ڀيڻ کي درياهه ۾ لڙهندو ڏسي، ماٺ ڪري نه ويهندو. ڪيس بچائڻ لاءِ، بنا سوچ سمجهه جي يا نتيجي کي نظر ۾ رکڻ جي، منجهس ٽپي پوندو.
٣ - وقت تي مٺ مائٽ ڪان به وڌيڪ ابو يا سندس ڄڻيو اولاد ئي ڪم ايندو آهي.

## ٤٨١. ڪامهه: ٽوڙي يا جوڙي. (چوڻي)

ٿر اندر چئني طرفن جي نالن ڪان علاوهه، چئني ڪندن تي پڻ نالا آهن. انهن ڪان آيل مينهن يا واءَ کي، انهن نالن سان سڏيو ويندو آهي.
١ - پورب: اوڀر-ڏکڻ جي ڪنڊ ڪان آيل واءُ، جيڪو گهٽو ڪري برسات نه آڻي، اگر وسي ته ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏي.

٢ - ٻڪروال: اوپر-اتر جي ڪنڊ کان آيل هوا، جنهن جي ڪنوڻ ڪوٽي نه هوندي آهي.
٣ - رب ٺار: ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ جو واءُ، جيڪو ڏڪار جو اڳواڻ ۽ مينهن لاءِ نياڳو سمجهيو ويندو آهي.
٤ - ڪامهه: اتر-اولهه واريءَ ڪنڊ جي هوا. ڪامهه لڳڻ سان، يا مينهن جو نهيل مانداڻ ڊهي وڃي ۽ ڪڪر ڇڙوڇڙ ٿي وڃن. يا وري مينهن ٽٽڻ بجاءِ، تيزيءَ سان وسڻ شروع ڪري ۽ لاڳيتو وسڻ سبب ٻوڏ ڪري وجهي.
مطلب: ١ - ڪامهه يا مينهن کي ختم ڪري يا جهور ٻڊرائي ڇڏيس. (١٢)
٢ - ڪامهه: يا ته آيل مينهن ٽوڙي ڇڏيندي يا ته ماڳهين ڏينهن جا ڏينهن مينهن وسندو رهي، يعني جهڙ ٿي پوي. (٣٥) ص ٢٦٠

## ٤٨٢ . ڪامهوڙي ٿي لاڳي، پتو ڪٽيو ڪلا ٿي پاڳي. (چوڻي)

ڪامهوڙي: اتر جي هوا. ڪلا: عورت، ٻنيريءَ جي زال. پاڳي: پڃي/ ڊڪي. پتو: ٻنيءَ تي ڪم ڪندڙ ٻنيريءَ يا هاريءَ لاءِ، ويلي جي ماني، ٻنيءَ تي کڻي اچڻ.
اتر جي هوا، لڳي ته آسمان ۾ برسات جا آڃنگ ٿيندا. اپ ۾ ڪڪرن جو، ان وقت اپرڻ به هارين لاءِ خوشي آڻيندو آهي. سمجهندا ته: برساتون پونديون. فصل، اڻ ميا ٿيندا. ٻنيءَ تي ڪم جهجهو ڪرڻو پوندو، جنهن سانگي ويلي وقت تي اتي ترسڻو پوندو. مجبورًا زال کي، گهران ماني تيار ڪري، ٻنيءَ تي کڻي اچڻي پوندي.
مطلب: ١ - اتر لڳو ته زال کي، مڙس وٽ ماني پڄائڻ لاءِ، زمين ڏانهن پڄڻو پوندو. (٣) ص ١٦٤.

## ٤٨٣ . ڪانچ ڪٽورو، کهيءَ گهڙو، موتي ۽ مَنُ،
## پڳا وري نه نهن، تن جو پهرين ڪجي جتن. (پهاڪو)

ڪانچ ڪٽورو: شيشي جو ٿانءُ. گهڙو: دلو. مَنُ: دل، روح. کهيءَ: گيهه.
١ - شيشو، ٺاڪائين وٽ آهي. پڃڻ پڃاٽان، وري ڳنڍجي نه سگهندو آهي. جيڪڏهن جتن ڪبا ته به منجهس پيل سير، چٽي نظر ايندي ۽ منجهانئس هڪ بجاءِ به عڪس نظر ايندا. اگر شيشي جو ڪو مرتبان آهي ته سندس

سير مان پاٽيٽ جهڙو لطيف مادو، رکڻ سبب وهي ويندو. ان ڪري اهو ڪٽڻ ڪرڻ وقت، وڏي احتياط سان ڪٽجي يا رکجي.
٢ - ٽر ۾ اڳي رواج هيو ته گيهه، نِڪر جي دلن يا مٽن ۾ وجهي رکندا هيا. جيڪي گهٽا دفعا گيهه وجهڻ سبب رچي بسي ويندا هيا. پور يا سنها سوراخ، بند ٿي ويندا هيا ۽ سِمندا ڪو نه هيا. گيهه جو واپار به مٽن/ دلن سميت ڪيو ويندو هيو. جيڪڏهن ڪٽڻ ڪرڻ ۾، نڪر جي دلي ۾ سير پئجي وئي ته مالڪ جو وڏو نقصان ٿي پوندو هيو. ان ڪري ان جو ٽڏي تي احتياط ڪبو هيو.
٣ - سچو موتي به پچڻ ڪان پوءِ وري نه ڳنڍجي سگهندو آهي. ان ڪري ڪيس احتياط سان چورجي پورجي.
٤ - دل به نازڪ ۽ لطيف جذبن پيدا ٿيڻ جي جاءِ آهي. ان جو به خيال رکڻ گهرجي. ڪنهن شيءِ يا ڳالھ تان ٽٽي، ته وري ان سان نه لڳندي.
مطلب: ١ - شيشي، نڪر جي ٿانءَ، سچي موتيءَ ۽ دل جو اڳي ئي خيال ڪجي. ساٽن احتياط سان برتاءُ ڪجي. ٽٽي ڪان پوءِ ڪين ٽاڪو نه لڳندو آهي.
٢ - پيٽيو: ڪانچ ڪٽورو، ڪونب جل، موتي بيجو من،
اتنا پڳا سجا نه ٿيوي، پهلا ڪريا جتن. (٢) ص ١٦٠ ۽ (١٢) ص ١٤٠.

## ٤٨٤. ڪانچ ڪٽورو، ڪونب جل، موتي، بيجو مَنُ،
## اتنا پڳا سجا نه ٿيوي، پهلا ڪريا جتن. (چوٽي/ پهاڪو)

ڪانچ: شيشو. ڪٽورو: پيالو. ڪونب: دلو. جَلُ: پاڻي. بيجو: ٻيو. مَنُ: دل.
پڳا سجا نه ٿيوي: پڳو سجو نه ٿئي. پهلا: پهرين. جتن: ڪوشش.
١ - شيشي جي ٿانءَ ۾ ٿوري به سير پئي ته ڳنڍجي هڪ نه ٿيندو.
٢ - پاڻيءَ جي دلي ڪي ننڍڙو لڳو ۽ ڏار پيس: پاڻي ته وهي ويندس پر ياعمر سجو نه ٿيندو.
٣ - موتي اگرچ پٿر آهي پر خاصيت ۾ شيشي وانگر آهي. هڪ دفعو ٽٽو ته وري جڙي ساڄيو نه ٿيندو.
٤ - اهڙيءَ طرح ٽٽيءَ دل ڪي به ٽاڪو نه لڳندو آهي. پوءِ پلي مٽن سَوَ ڪوششون ۽ آزمائشون ڇو نه ڪجن.
مطلب: ١ - نازڪ رشتا/ شيون، ٽٽڻ ڪان پوءِ، وري ڳنڍجي نه سگهندا آهن.
٢ - ٽٽيءَ ڪي ٽاڪو ئي نه لڳندو آهي. (٢) ص ١٦٠.

### ۴۸۵. ڪاٽو ري ويهان ۾ وگهن گهٽا. (پهاڪو)

ڪاٽو: ڪاٽي، هڪ-اکي. ويهان: وهاڻ، پرڻي مهل. وگهن: چيڏڪ، رنڊڪ، نڪٽ.

ڪاٽي هجڻ، هڪ عيب آهي. جيڪو ڇهري اندر آهي. هر ماڻهوءَ جي آڏو، ڇهرو ئي ظاهر ڪبو آهي. ڇهري تي هر آئي وئي جي نظر پئي پوندي آهي. ڇهري جو عيب، اهڙو عيب آهي، جيڪو ڍڪئي نه ڍڪي سگهبو آهي. ڪاٽو هجڻ پڻ اهڙو عيب آهي، جيڪو ٻين آڏو لڪائي نه ٿو سگهجي. البت مڙني جي دل تي پيو ترندو آهي. جنهن سان ڪاٽي ڪي هر ڪو پيو سجاڻندو آهي.

اهڙي مشهور ۽ نامر گير ماڻهوءَ جو وهاڻ جڏهن ٿئي ته مڙني کي خبر ضرور پوي. سندس شاديءَ جي ڪاج مان پڻ عيب ۽ ويڪ ڪڍڻ لاءِ، سڀ ڪو تاڙ توڙ ضرور ڪري. ڪاٽيءَ کي اگهائڻ لاءِ ۽ سندس عيب کي لڪائڻ لاءِ، ڪاٽيءَ جا مائٽ سات سنؤڻ به جهجها ڪن ته جيئن ڪاٽي اگهي پوي.

جيترا سات ۽ سنؤڻ گهٽا ڪبا، اوتريون خرابيون وڌيڪ پيدا ٿينديون. نتيجي طور ڪاٽيءَ جي وهاڻ ۾ به چيڏڪ يا ڦڏا ضرور ٿين.

مطلب: ١ - هڪڙي عيب کي لڪائبو ته ٻيو عيب ظاهر ٿي پوندو.
٢ - ڪاٽيءَ جي ڪاج ۾، چيڏڪ/ نڪٽ به گهٽا.
٣ - پيٽيو: واٽيي ري ويهانءَ ۾، وگهن گهٽا. (۵)

### ۴۸٦. ڪاٽي اک ڪجل پائي، ٻُچي ڏاڙهي هٿ هٽي ناهي، ٻيني نڪ نٿ پائي، ٽوٽ گُر، مانو ڍور، پنج ئي گهگهن گهور. (چوڻي)

ٽوٽ: ڏڏ، جڏو. گُر: گرو، استاد. مانو: مانيٽو، ڍرو، سست، آهستي هلندڙ. گهگهن گهور: نڪمو، بيڪار، اجايو.

١ - ڇهرو ۽ رنگ، پلي ڪيڏا نه سهٽا ڇو نه هجن، اک اگر ڪاٽي/ چُلهه آهي ته ماڻهو ڪڏهن به سهٽو ۽ پرڪشش نظر نه ايندو. سونهن انهن ئي اکين جي پتلين جي اڇاڻ ۽ ماڪين جي ڪاراڻ جي ڪنٽراسٽ ۾ رکيل. انهيءَ اختلاف رنگ کي اوجر، ايندو ئي سرمي سان آهي. جڏهن اک ئي چلهه هجي ته سرمو ڇا کي اجاري؟

٢ - ڏاڙهي، مرد جي چهري کي پريندڙ ۽ رعبدار ڪندڙ هوندي آهي. ڏاڙهي نہ جمڻ سان، مرد جو چهرو، نہ عورت جي چهري وانگر موهيندڙ ۽ نہ وري ٻار جي بي ريش چهري وانگر معصوم ۽ نمڪين نظر ايندو آهي. ٻُچي هئڻ سبب، چهرو ٻُسو ۽ بنا ڪشش جي رهندو آهي. ان صورت ۾، ٻُچي وينو ڏاڙهي هٽ سان ناهي تہ ڪين سونهندو.
٣ - ٻُولي يا نٿ، نڪ ۾ نهندي آهي. نڪ بہ اهو جيڪو پري کان ڏسڻ ۾ اچي. بي نڪي يا بيني ماڻهوءَ کي پيل نٿ، نڪُ ئي گم ڪري ڇڏيندي آهي. ٻُولي، بيني نڪ کي تہ سونهن بخشڻ بجاءِ، بچڙو پئي ڪندي آهي.
٤ - استاد، اگر جڏو ۽ ڏڏ آهي تہ پوءِ شاگردن کي ڪهڙي تعليم ۽ تربيت ڏيندو؟ ڪهڙي ڪين دانائيءَ، ڏاهپ يا نصيحت جي گفتار ٻڌائي، پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندو. منجهانئس، شاگردن کي سواءِ بيزاريءَ جي ڪي ڪين پڙندو.
٥ - ڊگو بہ چست ۽ آروڙ پلو آهي. ڊرو ڊور، هلڻ ۾ ئي هلاڪ. جيڪو پاڻ ئي پير پيران پيو هلي، سو ڇا ڳاهہ ڳاهيندو، ڇا هَرَ-پاجاريءَ وهندو، ڇا ڏاند ڳاڏي ڊُڪائيندو، ڇا نارُ وهندو، ڇا گهاڻو گهمائيندو، ڇا ڇيچڙو ڦيريندو؟
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل پنج شيون يا فعل، اجايا ۽ ڪنهن ڪم جا ناهن.
٢ - ڪاڻي اک ڪجل پائي، بيني نڪ نٿ پائي نيور،
ڪٺ ٻاهران راڳ ڪري، چٽ ٻاهران چور،
خسرو ڏاڙهيءَ هٽ هٽي، شوق واجهيو شعور. (١٢) ص ١٥١.

## ٤٨٧. ڪيوئي منگت آرس ڪري، چور چوريءَ نهين جائي،
## چاڪر بيچارا ڪيا ڪري، روج پار ڪا کائي،
## آڏي رو هڪل ٿائي، تو ’جي جي‘ ڪرتا جائي. (چوڻي)

ڪيوئي: ڪڏهن ڪڏهن. منگت: مڱڻهار، لنگهو. آرس ڪرڻ: پار: پرائي. روج: روڳار، پگهار، روزي. آڏي رو: اڌ رات جو. سستي ڪرڻ، ڏنڊي تي نہ وڃڻ. ٿائي: ٿيئس. ’جي جي‘ ڪرتا: ’جيءُ جيءُ‘ ڪندو.
١ - مڱڻهار، ڪاسبي آهي. جيستائين محنت نہ ڪندو، تيستائين ڪائڻ لاءِ ڪين ملندس. پنهنجي نفس ۽ دل ۾ آزاد آهي. چاهي تہ ڪشتو ڪڍي دانَ پڄ مَنگڻ لاءِ وڃي، چاهي تہ نہ وڃي. مٿس ڪنهن جو ڪو زور ناهي.

٢ - چور بہ ڪاسبي آهي. ڏيهاڙي محنت ڪري، ڏيهاڙي ڪائي. جيستائين محنت نہ ڪندو، تيستائين گهر جي چلهہ نہ ٻرندس. ان هوندي بہ دل جو بادشاه آهي. دل چويس تہ ڪم تي وڃي تہ ويندو ۽ جيڪڏهن سستي چڙهيس تہ دل جي چوڻ تي سارو وقت پيو آرام ڪندو.

٣ - نوڪر يا چاڪر، محنتي ۽ ڪاسبي هئڻ سان گڏ، پرائي حڪم جو محتاج آهي. دل چاهيندي بہ موڪل نہ ٿو ڪري سگهي. اڌ رات جو حڪم ٿئيس تہ زال کي بستري تي ستل ڇڏي، مالڪ جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندو.

مطلب: ١ - نوڪر ڪي، تي نخرا ڪي. (پنجابي)

٢ - چاڪر تہ چياڪر.

٣ - اتم ڪيتي وڻت واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.

پيٽيو: ڏونگريا هريا هئا، جڏهن سکر ٿهوڪي مور،

تڻ رت چالين تين جٽا: چاڪر، منگت، چور. (٢) ص ٦٤.

## ٤٨٨ . ڪتي آهي مادي، پر آهي ڏاڙهين جو مَٿُ. (چوٽي)

ڪتي: آسماني نکٽ جو نالو، جيڪو جون ڏاران سنڌ جي آسمان تي اپري ۽ ڊسمبر ڏاران لهي وڃي. ان دوارن سنڌ-ڌرتيءَ تي جيڪي بہ فصل ٿين ٿا، تن کي ڪتيءَ جا فصل ڪوٺيو وڃي ٿو. جڏهن تہ ان پوري مند کي، ڪتي يا خريف ڪوٺيو وڃي ٿو. سال اندر، زراعت جي حساب سان بہ مندون ٽين ٿيون: هڪ خريف، ٻيو ربيع. ڪڻڪ وغيره تہ ربيع ۾ ٿيندي آهي. جڏهن تہ ڦٽيون وغيره ڪتيءَ ۾ ٿيندا آهن. ان ڪاڻ وارا فصل، ربيع ۾ ۽ ڪمائيءَ وارا فصل، ڪتيءَ ۾ ٿيندا آهن.

نر ۽ مادي: ساهدارن منجهہ بہ مخالف جنسون آهن. نر کي همت ۽ ڪم جي حساب سان مٿانهون سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو ٻاهران، جوانمرديءَ جهڙا ڪم ڪري، ڪمائي گهر آڻي ٿو. ماديءَ کي ڪمزور سمجهيو جي ٿو. ان کي گهر اندر لڪي، پنهنجي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي. ٻنهي جو ظاهري حليو، هڪٻئي کان ٿورو مٽ هوندو آهي. جسماني ساخت کان علاوه ڳالهائڻ ٻولهائڻ، لٽي ڪپڙي ۽ ناهہ نوهہ ۾ فرق کان علاوه، سندن نالا بہ اهڙي نموني جا هوندا آهن، جو اهي وننديء سندن جنس جو تصور قائم ٿي ويندو آهي.

ڪتيءَ جو مهينو پڻ نالي جي حساب سان ماديءَ-منهن وارو آهي. جنهن مان حاصلات به نسواني قسم جي هئڻ گهرجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته نر وانگر، ان پاڻي ڪمائي گهر اندر پهچائي چڪي هوندي آهي. (٣٥) ص ١٩٤

مطلب: ١- مرد جڏهن به گهر ۾ اچي ته خالي هٿين نه اچي. جيڪڏهن ڪيس ٻيو ڪجهه به هٿ نه اچي ته ٻاهران ڪو پٿر، چيٿو يا ڪا ڪاني به کڻي اچي.

## ٤٨٩ . ڪتي جو ٻڪ ۾ ساهه وجي، سرائيءَ جي وٺ تي ٻچ. (پهاڪو)

ڪتو، گوشت خور هئڻ سان گڏ، ماڻهن سان به هري مري ويندو آهي. ڪي ماڻهو، پنهنجي حفاظت لاءِ ڪيس ڌاريندا آهن. چور چڪار ڪان، يا موذي جانور جهڙوڪ: گدڙ بگهڙ ڪان بچاءَ لاءِ، ٻهراڙين جا ماڻهو اڪثر ڪتو ڌاريندا آهن. رات جو گهر ڪي لڪي ڪاٽ هڻندڙ چور تي ڀونڪڻ لاءِ يا مال جي واڙ ۾ پيل بگهڙ يا ناهر سان ويڙهه ڪائڻ لاءِ، گهر ۾ ڪتو ڌاريو ويندو آهي.

ڪي شوقين وري مرونءَ يا رڇ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ به، ڪتا ڌاريندا آهن. انهن ڪتن کي ٿورو ٻڪ تي رکي، پوءِ ذرو ذرو گوشت چاربو آهي ته جيئن ٻڪ ڪاٽڻ جا به ڌاڍا ٿين ته مرونءَ جي ماس کي پٽڻ جو ڏانءُ به سکن.

هڪڙي سرائيءَ ڪتي ڌاري هئي. ان کي ٻڪ تي رکي، ٻڪ ڪٽڻ تي ته هيرايو هيائين پر سڄائيءَ هئڻ سبب ماس پٽڻ تي نه هيرايو هيائينس. جڏهن مرونءَ سان مقابلي لاءِ ڪتيءَ کي لاٿائين ته ڪتي ٻڪن سبب ڪمزور هئي. وڙهڻ بجاءِ ڊڄي، پڇ پائي، ميدان مان نڪرڻ جي پئي ڪيائين. سرائيءَ جو زور هيس: "وٺ!" ڪمزور جانور کي ساهه پيارو هيو، مرونءَ سان مقابلي بجاءِ ڪوڪرات ڪري، ميدان مان ڀڄي آئي.

مطلب: ١ - وڙهندي آهي، پيٽ جي ٻک ۽ لڳڻ جي طاقت.

٢ - پيٽُ ٻک تي ۽ لڳ ڪمزور ته ويڙهه نه ٿيندي.

٣ - ڪتيءَ کي ڪڇ ۾ سور، سرائيءَ کي ٻچ تي زور.

٤ - ڪتيءَ کي پڇ ۾ سور، مالڪ جو ٻچ تي زور.

### ۴۹۰. ”ڪتي ري وات ري مانٽي ڇو ڪايئہ؟“
### ڇي: ”مانٽي چوپڙياري هَتي.“ (ڀاڪو)

ري: جي. وات ري: وات-هٽي. مانٽي: ماني. چوپڙياري: چؤپڙو اقراتو، مکيل، سٽيي ماني.

هڪڙو ٽريو، پٽوري جي ميلي لاءِ گهران هٿ ۾ ماني ٻڌي نڪتو. ميلي اندر گهميو پئي تہ سندس ٻڌل مانيءَ جي خوشبوءِ تي هڪڙي ڪتي بہ ڪيس تاڙي ورتو. هڪ هنڌ مانيءَ جي هٿ رکي، پاڻ ڪنهن ٻاڪڙا هوٽل تان ڳنڍڻ وڻڻ لاءِ، جيئن ويو تہ پويان، ڪتي اچي هٿ ۾ ٻوٿ وڌو. ماني ڪائڻ لاءِ جيئن هٿ ڪي پٽڻ لڳو تہ ٽريي جي متس نگهہ پئجي وئي ۽ اتان ئي ڪتي ڪتي ڪندو متس الريو آيو. پهچي ڳٽڙ مروٽي، جهپڙ ڏئي، ڪتي جي واتان، مانيءَ جي ڳنڍ ڇڏائي وڌائين.

ماني ڇوڙي، ٻوڙ سان ڪائڻ لڳو تہ، ٻئي ٽريي جنهن اهو لقاءُ ڏٺو پئي، سو سندس ويجهو آيو.

”ڪتي ري وات ري مانٽي ڇو ڪايئہ؟“ حال احوال وٺندي پڇڻ لڳس: ”ڪتي جي وات-هٽي ماني ڇو ٿو ڪائين؟“

”مانٽي چوپڙياري هتي!“ ڪيس دليل ڏيندي چيائين: ”اوقراتو مکيل آهي!“

مطلب: ١ - سٽيو گرهہ ڪتي جي وات مان بہ ڪسي ڪائجي.

٢ - چڱي شيءِ، ڪتي جي وات مان بہ ڪسي وٺجي.

٣ - لک رپيو ڪري پوي تہ ڪنڌ ورائي نہ ڏسانس، ڪتو ٽڪر ڪٽي وڃي تہ سکر تائين نہ ڇڏيانس.

۴ - سٽيو گرهہ ڪير بہ نہ ٿو ڇڏي. (٦) ص ٧٦.

### ۴۹۱. ڪُتي ڪي چرٽو، انڌي ڪي پرٽو،
### اهو آهي: ڪارو منهن ڪرٽو. (چوٽي)

چرٽو: وڏن پانچن سان سٽڻ. ڪتي ڪي چرٽو: ڪتي ڪي ڪانچ پارائڻ، (اصطلاحي معنیٰ) ڪتي سان چڱائي ڪرڻ.

ڪتو بہ اهڙو جانور آهي، جنهن ڪي موسمي اثرات کان بچڻ لاءِ ڪپڙي لٽي جي فطرتاً ضرورت ناهي. سندس اگهڙ عام آهي. ڪانئس، ڪنهن عورت وغيره ڪي پردي ڪرڻ جي جهل ٽيل ناهي. فطرت کان هٽي ڪري، اگر ڪيس ويڪرن پانچن سان سٽڻ ڍڪائبي تہ کهڙي ڪم جي؟ جڏهن

ڪيس رفع حاجت جي ضرورت پوندي ته فطرتاً، ڪنهن کي ٻڌائڻ بغير پيو منجهس مٽندو ۽ هنگندو. بلڪ تنگ ڪٽي پيو، پيٽ هلڪو ڪندو. ڪانچ ڪِني ڪيو، پانچا گند ۾ پُسايون پيو، ڏپ پڪيڙيندو.
انڌو ماڻهو، عورت هجي يا مرد، جيئن ته ٻڌڻ ۽ ڇهڻ سان ئي پنهنجي آس پاس کي معلوم ڪري ٿو. معذور هئڻ جي ناتي، ڪيس سهاري جي پڻ ضرورت آهي. پر هڪ دفعو جڏهن چڪي چرهو ٿيو ته هر وقت پئي ڪيس سڏ ٿيندي. نه ڏسي سگهڻ سبب، محفل جي به خبر نه پوندس. بي صبريءَ منجهان، پنهنجي پرائي ۾ هٿ هوندس. زبان سان به، بي خبريءَ سبب، ڏاڍيان اظهار محبت ڪرڻ جي ڪري، بي حياءُ پيو لڳندو.
مطلب: ١ - ڪتي ۽ انڌي سان وڙ ڪرڻ، نهي نه ٿو.
٢ - ڪتي کي ڪانچ پارائيندڙ ۽ انڌي کي پرٽائيندڙ، موت ۾ چڳائي نه ٿا ڏسن.

## ٤٩٢. ڪتي لک پيا لتجن، ڪتي ڪک لاءِ پيا سڪن. (چوٽي)

دنيا جي ڪار وهنوار کي، ڪنهن ربط اندر هلائڻ لاءِ، رب پاڪ منجهس هيٺ-مٿانهين، اونچ- نيچ ۽ گهٽ-وڌايون رکيون آهن. هڪڙن کي عقل جي دولت سان نوازيائين ته ڪين جسماني طاقت ۾ ڪمزور رکيائين. هڪڙن کي جسماني طاقت ۾ سبر ڪيائين ته ڏن دولت ۾ گهٽ ڪيائين ته جيئن هيٺن جا ڪم، پئسي جي زور تي، ٿي سگهن.
هڪڙن کي پئسي جي حساب سان امير ڪيائين پر سندن ڪاروبار کي سنڀالڻ لاءِ، ٻين کي عقل ۽ همت سان نوازيائين ته جيئن جهان جو چرخو هلندو رهي. ڪن کي پالڪين ۾ پاليائين ته ڪن ڪان پاهڻ پيهرائي حياتي چوڙايائين. انهن گهٽ-وڌاين جي راز کي پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. ٻئي جي سمجهه ڪان به مٿي آهن.
مطلب: ١- دنيا اندر گهٽ-وڌايون رکيل آهن.
٢- هر ماڻهوءَ کي ماحول، موقعا ۽ مال ملڪيت مختلف انداز سان ملن ٿا.
٣- ڪنهن کي ڏنائين آل جال، ڪنهن کي ڏنائين سڪ سرير ۾.
٤- ڪتي لک پيا لتجن، ڪتي سپ جيان پيا سڪن.

## ٤٩٣. ڪتي واري، ڪتي ترڪاري. (زرعي، پهاڪو)

واري، اٽين ۽ اڻ-ڇهنندڙ سخت داڻن جو ڍڳ آهي. مٿس ڪيتري به بارش پوي، ڳُڙپ، ڦڙو نه ظاهر ٿئي. نه مٿس هر ڪاهي سگهجي، نه ٻج ڇٽي سگهجي ۽ نه ريج ڏئي سگهجي. جيڪي رب جي طرفان، پاڻ-مرادو منجهانئس ڦٽو. ٻيو مڙيئي خير. دنيا اندر، هڪڙن هنڌن کي رب پاڪ واريءَ وانگر رکيو آهي. جيڪي مٽي، ڇيڙهالي ٿئي. مٿس پاڻي پوڻ سان ٻيهي رهي. منجهس پاڻي چوهڻ جي سگهه، واريءَ جي پيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. بلڪ پٿر جي پيٽ ۾ سندس ڇُوس وڌيڪ آهي. مٿس هر سان کيڙ ڪري سگهجي. مرضيءَ جو ٻج ڇٽي سگهجي. هاريءَ جي مرضي آهي ته ڪيتي ٻاڙي ڪريس يا وڪري پوکيس. منجهس، اهڙي قسم جي صلاحيت، رب پاڪ طرفان رکيل آهي. دنيا اندر، انسان جي نفعي لاءِ اهڙي قسم جون زمينون به قدرت واري کوڙ رکيون آهن.

مطلب: ١- هر علائقي جو پنهنجو رخ ۽ رواج آهي.

٢- هر هنڌ ساڳيا حالات ناهن.

## ٤٩٤. ڪجا راجا ڀوڄ، ڪجا گنگو تيلي. (سنسڪرت، چوٽي)

هڪڙو شاگرد، ڏکڻ هندستان جي پرتِشنانپور شهر ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو، اتي هڪ عالم وٽ ٽيهارو سال ڪن رهي، سيني شاسترن جو علم ۽ اپياس حاصل ڪيائين. ڪيس اچي گهمنڊ ڪنيو ته هاڻي سندس جهڙو ڪو ڄاڻو ناهي. شاستر-ارٿ يعني علمي مناظري ۾ ٻين عالمن کي مات ڏيڻ لاءِ سفر تي اُسهيو. ٻڌو هيائين ته اُجين جي راجا ڀوڄ جي دربار ۾ گهڻيئي عالم آهن. اتي پهچي سمورن پنڊتن کي شاستر-ارٿ ۾ هارائي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي، راجا ڀوڄ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. انهيءَ ڏک واري ڪيفيت ۾، دل کي وندرائڻ لاءِ شڪار تي روانو ٿيو. واٽ تي ڏٺائين ته گنگو نالي هڪ ڪاڻو تيلي آهي، جيڪو هڪ هٿ سان گهاڻو پيو هلائي ۽ ٻئي سان، ڏاڍي خبرداريءَ سان، تيل مٽن ۾ پيو نائي.

اهو تماشو ڏسي، راجا وٽس ويو ۽ ڪيس چيائين: ”مان راجا ڀوڄ آهيان. منهنجي دربار ۾ هڪڙو عالم آيل آهي. تون ساڻس شاستر-ارٿ ڪندين؟“ ائين چئي ڪيس مناظري لاءِ راضي ڪري وٺي آيو. مناظري جو ڏينهن مقرر ٿيو. گنگوءَ کي ويس وڳا پارائي، پنجاهه شاگردن جي سٿ سان مقابلي واري هال ۾ ويهاريو ويو. اتي ڏکڻ هندستان کان آيل عالم کي به سڏايو ويو. اجازت ملڻ سان، ٻنهي ۾ بحث ڇڙي پيو.

عالم، گنگوءَ ڏانهن هڪ آڱر مٿي ڪري اشارو ڪيو ته موٽ ۾ گنگوءَ ٻن آڱرين جو اشارو ڏيکاريس. ان تي عالم پنج ئي آڱريون ڦهلائي اشارو ڪيو ته گنگوءَ مُڪ پڪوڙي نونشو هوا ۾ لهرائي ڏيکاريس. انهيءَ تي عالم گنگوءَ جي پيرن تي اچي ڪريو ۽ چيائينس: ”تو منهنجو غرور چُور چُور ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي سوالن جا صحيح جواب ڏنا اٿئي!“

راجا پوچ، پهرين عالم کان شاستر-ارٿ جي سمجهاڻي ورتي. جنهن ٻڌايس: ”مون هڪ آڱر ڏيکاري چيس ته شِو هڪ آهي ته عالم ٻه آڱريون کڻي ٻڌايو ته شِو سان گڏ شڪتي پاروتي به آهي. مون پنج آڱريون ڏيکاري چيس: حواس پنج آهن ته هن مڪو ناهي ٻڌايو ته آهن پنج پر سونهن تڏهن اٿن جڏهن وس ۾ رکجن.“ اها سمجهاڻي ڏئي عالم راجا پوچ کان موڪلائي، پنهنجي ديس هليو ويو.

راجا پوچ، جڏهن گنگو تيليءَ کان شاستر-ارٿ جي سمجهاڻي گهري ته ان ٻڌايس: ”اهو شخص وڏو بدتميز هيو. مون کي هڪ آڱر ڏيکاري چيائين ته: هڪ اک کان ڪاڻو آهين. مون ٻه آڱريون ڏيکاري چيس: مان تنهنجون ٻئي اکيون ڪڍي ڇڏيندس. جنهن تي هن مون کي پنج آڱريون ڦهلائي چمات هڻڻ جي ڌمڪي ڏني ته مون مڪو ناهي نونشو ڏيکاريس. ڊڄي، يڪدم پيرن تي اچي ڪريو.“

مطلب: ١ - جڏهن ڏاڍا اچن، تڏهن هيٺا ميدان ڇڏي وڃن.
٢ - مار، پوت پڄايو ڇڏي.
٣ - ڪاٽي احمد ميان سومرو، ڪاٽي گوشو ڊرائيور؟ (جيڪب آباد)
4 - ڪِڏان راجا پوچ، نِه ڪِڏان گنگو تيلي. (ڪڇ)
٥ - ڪيڏانهن راجا پوچ، ڪيڏانهن گنگو تيلي؟ (١) ص ٢٦٣.

## ٤٩٥. ڪجا علي، ڪجا پلي. (پهاڪو)

ڪُجا: ڪاٿي

روايت آهي ته: هڪ دفعي گروهڙي صاحب، ساميءَ سان مناظرو ڪرڻ لاءِ سهي سنبري نڪتو. نڪرڻ وقت پاڙي ۾ رهندڙ علي پليءَ کي به دعوت ڏنائين. پر علي پلي ساڻس گڏ نه هليو. انهيءَ تي گروهڙي صاحب چيو:
”ڪجا علي ڪجا پلي، رڳو نڻ نڻ نلي،
جيڏانهن راهه پلي، تيڏانهن پير نه پائي پلي“.

مطلب: ١ - ڪاٿي راج پوچ، ڪاٿي گنگو تيلي.

٢ - ڪاتي ڪوري، ڪاتي تراريون.
٣ - ڇا ڪِول، ڇا ڪول جو وزن. (٦) ص ٤٢.

### ٤٩٦. ڪَچِرَوُ ٻوننو، سدائين سائو. (پهاڪو)

ڪچرو: لتاڙ هيٺ، جنهن تي گهڻي لتڙ هجي. ٻوننو: ٻوٽو.
جنهن ٻنيءَ/ فصل کي گهڻو مال لتاڙي ٿو يا منجهانئس گهڻو گاه چري ٿو، اهو فصل، بجاءِ ڪٽڻ جي زور ڏئي ڦٽي ٿو ۽ منجهانئس پئدائش/ اپت جام ٿئي ٿي.
اهڙيءَ طرح سخي ماڻهوءَ جو مثال آهي. جيترو ٻيا سندس مال مان، سخاوت سبب، فائدو وٺن ٿا، ان ڪان ڪوڙ دفعا وڌيڪ پاڻ فائدو وٺي ٿو. ان جي برعڪس ڪنجوس جو مال، ملهالا ڪائي ويندا آهن ۽ پاڻ رڳو مال جي وڃڻ جو غم ئي ڪائيندو آهي.
مطلب: ١ - سخي، سرنهه، ڇٽو، جيئن پيل تيئن پلو ٿئي.
٢ - ڏنو، نہ ٿئي ڪنو.
٣ - ڏنو، ٻنو آهي.
٤ - جنهن جي چانئٺ گسي، تنهن جو گهر وسي.
٥ - ڏنو ڪنو نہ ٿئي، جيئن ڏي تيئن گهڻو،
سخي، سرنهن ڇٽو، جيئن پيل تيئن پلو. (شاه) (٢٥)

### ٤٩٧. ڪچو، ڪاچو ۽ ٿر، پاڻيءَ بنا لڳي ٻر. (چوڻي)

پاڻيءَ سان حياتي آهي. جتي پاڻي تمام ٿورو آهي، سو ڏُبو، وڌيڪ تہ تلاءُ، اجاوڏو تہ ڍنڍ، وهي هلي تہ واهڙ، وڏو تہ نئن يا ندي. جتي تمام گهڻو ڪنو ٿئي سو سر، جهيل، سمنڊ يا بحر. جتي ٽُپ پاڻي نہ هجي سو ٻر يا صحرا.
ڪچو: درياهہ يا نديءَ جي ڪناري جي پاسي وارو علائقو. درياهہ ۾ چاڙهہ اچي تہ اٿل سان، جيڪو علائقو ٻڏي، تنهن کي ڪچو ڪونجي. ٻاهرئين ۽ اندرئين بچاءَ بند اندر موجود زمين کي پڻ ڪچو سڏبو آهي. منجهس نديون، نالا يا ٻئراجي سرشتو نہ هوندو آهي. چاڙهہ جي پاڻيءَ تي، نار يا چرخيءَ يا ٽيوب ويل ذريعي آباد ٿئي. جڏهن ٻوڏ نہ اچي تہ رڻ پٽ وانگر، ساوڪ نظر اچي.
ڪاچو: جبل جا پاسا، جيڪي جبل ۽ بچاءَ بند جي اندر واري علائقي تي مشتمل آهن. منجهس برساتي پاڻي، جبلن تان لهي ٻوڏ آڻي تہ آبادي ٿئي. ور نہ تہ ڪا ٻہ اوير نہ اپڙي. ائين نوٽ، جيئن ترڀءَ تي وار نہ اپري.

ٽر پڻ، وُني تي آباد ٿئي. برسات پوي ته جتي ڪٿي قدرتي پاڻي پڇيو وڃي ۽ پاڻ مرادو ساوڪ ايري، اگر برسات نه پوي ته زمين سڃي نوٽ.
مطلب: ١ - حياتي پاڻيءَ سان آهي.
٢ - ڌرتي بغير پاڻيءَ جي، بر، رڻ يا صحرا جو ڏيک ڏئي.
٣ - پيٽيو: وٺو ته ٽر نه ته بر.

### ٤٩٨. ڪچي دلي ۾ پاڻي ڪيسين رهندو؟ (پهاڪو)

دلو يا مٽ، پاڻي سانڍڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. منجهن پيل پاڻي، نه جلدي ڏپ ڪندو آهي، نه ئي رنگ مٽيندو آهي. اگر چانءِ ۾ رکيل هجي ته ويتر ٿڌو رهندو آهي. شرط اهو آهي ته پڪل صحيح هجن. اگر ڪچا هوندا ته، ڪم جا نه رهندا. چو جو مٽيءَ جي خاصيت اها آهي جو پاڻي منجهس پيو ٽمندو ۽ اثر انداز ٿيندو آهي. مٽ يا دلا به ڇيڪي مٽيءَ مان ٺهندا آهن. ڪنير جي آويءَ مان چڱيءَ طرح پچي نه نڪرندا ته ڪچا رهندا. ڪچي رهڻ سبب، منجهائنئن پاڻي پيو ٽمندو ۽ جلدي خالي ٿي ويندا. پاڻي پرڻ واري محنت ئي رائگان هلي ويندي.
مطلب: ١ - بنا سوچ جي ۽ اڌ-ڪيدو ڪيل ڪم، ناقص ۽ ناڪاره ٿئي ٿو. (٣٥)

### ٤٩٩. ڪڇ ڦريو جوڳين، سنڌ ڦري نوڳين. (چوڻي)

جوڳي: جوڳ پچائڻ وارا، ڪن- ڦاڙ جوڳي، جيڪي جهنگ جهر منهن ڪيو وتن ۽ نانگن بلائن کي جهلي، مطيع ڪن ۽ منجهائنئن مَڻ حاصل ڪرڻ جا جتن ڪن. تن جو مسڪن، گهڻو ڪري ڪڇ رهيو آهي. اُتي جي سادا-لوح ماڻهن کي، پنهنجي ڪرتبن ۽ ڪارنامن سان مائل ڪري، منجهائنئن مال ڪائين.
نوڳي: نڳي ڪنڌڙ يا نڳ پير، جن جي هٽ ۾ سواءِ شعبدي بازي ڏيکارڻ جي ٻيو ڪي ڪين هوندو آهي، سي سنڌ جي ابوجهه ماڻهن کي، اولاد خاص طور تي پٽ وني ڏيڻ جي بهاني نڳين. اول سندن مال متاع، ڍڳي مينهن يا ٻڪري نڪري تاڙين، بعد ۾ ڪريبت ڪري، اها وٺائنئن تڳائين.
مطلب: ١- نوڳين ۽ ڦورن لاءِ، ميدان پڻ ڪليل آهن.
٢- ڪڇ کي نانگن جي جوڳين ۽ سنڌ کي، اولاد وني ڏيڻ جي بهاني، نڳ پيرن ڦري ناسُ ڪيو آهي.

### ٥٠٠. ڪراڙي اٺ ڪي، مٽڻ ڏانءُ نہ اچي. (پهاڪو)

پيشاب پڙي وارو فعل، گوشت پوست منجهان نهيل ساهدار سان وابستہ آهي. جيڪو ڪائيندو پيئندو، سو هنگندو مٽندو ضرور. ان لاءِ ڪيس، مخصوص عضوا عطا ڪيا ويا آهن، جن سان هو پنهنجو پيٽ هلڪو ڪري آسائش وٺي.

هر ساهدار جي مخصوص عضوي جو رخ، اڳ ڏانهن هوندو آهي. جنهن ڪري، پيشاب سولائيءَ سان وهي ويندو آهي. جڏهن تہ اٺ جي نليءَ جو رخ پٺ ڏانهن هوندو آهي، جنهنڪري سندس چڏا سدائين موٽانگي ۾ ڏوسيل هوندا آهن. منجهائن مخصوص قسم جي بوءِ پئي ايندي آهي. پرسان بيهندي، موٽانگي جي ڇر مان اٽيل سڙاند واري ڏپ، نڪ ئي ساڙي ڇڏيندي آهي.

مطلب: ١ - اٺ ڪراڙو ٿيو، تہ بہ مٽڻ نہ سکيو.

٢ - بيوقوف ماڻهو، عمر رسيده ٿيڻ بعد بہ نہ سڌري.

### ٥٠١. ڪرم-نوڪ ڪيتي ڪري، ڪا ٻڙڌ مري ڪا ٽوٽو پڙي. (پهاڪو)

ڪرم نوڪ: بدنصيب. ڪيتي: پوک. ٻڙڌ: ڏاند. ڪا: يا. ٽوٽو: ٽوٽ، نقصان. پڙي: پوي.

دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي توڪل وارو ڏنتو، هاريءَ جو آهي. جهنگ ۾، پکين ۽ جانورن جي هوندي، ٻج ڇٽي اچي ٿو. مالڪ مهربان ۾ آس لڳائي، ان جي واهت ڪري ٿو. توڪل وارا سمورا ڏنڌا، ويساه سان هلندا آهن.

جنهن جو نصيب ڦٽل آهي، اهو پوک پوکيندو تہ پوکيل ٻج، پنهنجي اصول تحت ضرور اسرندو پر بدنصيبي بين روپن ۾ منهن ڪڍندس. يا زمين ڪيڙڻ ڪان اڳ، ڏاند مرندس يا فصل ڪٽڻ ڪان اڳ، جيت جڻيي جي حملي يا باه وغيره لڳڻ سبب نقصان ضرور پوندس.

مطلب: ١ - بدنصيب/ بدبخت، جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو، تنهن ۾ نقصان پائيندو.

٢ - بختاور، مٽيءَ ۾ هٿ وجهندو تہ مٽي بہ سون ٿي پوندي.

٣ - ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، ڏاند/ بيل مري يا ٽوٽا پڙي. (٦) ص ١١٩.

### ٥٠٢. ڪرم لکي نان ٽري، ڪرڻ هار ڪلتار. (چوڻي)

ڪرم لکي: نصيب جو لکيل، قسمت ۾ لکيل. نان: نہ، اصل نہ. ٽري: هٽي. ڪرڻ هار: ڪندڙ. ڪلتار: جڳ هلائيندڙ، پالڻهار.
پالڻهار، هڪڙو ئي رب پاڪ آهي، جنهن هيءُ جهان پيدا ڪيو آهي ۽ منجهس ڪيئي مخلوقات پيدا ڪري، انهن جي جياپي لاءِ روزي رزق ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو اٿائين. هر هڪ کي مخصوص وقت لاءِ مخصوص هنڌ تي، مخصوص ماحول ۾ مخصوص قوم اندر، مخصوص ٻولي ڏيئي لاٿو اٿائين. سندس جياپي لاءِ، کاڌ خوراڪ، نفعا نقصان وغيره پڻ، سندس ڪنڌي واري ڪتاب ۾ لکي ڇڏيا اٿائين.
پالڻهار، جيڪي بہ ڀاڳ، نصيب واري ڪتاب ۾ لکيو آهي، سو انسان کي پڙندو ۽ نہ ٽرندو. ڪيس اهو ڀوڳڻو آهي. ان کان ڀڄي نہ سگھندو. ڇو جو اهو سچو نصيب، ان هستيءَ جو لکيل آهي، جنهن جي امر سان، هيءَ ڪل ڪائنات جڙي آهي. جنهن جي حڪم کان ٻاهر ڪو ڪک بہ نہ ٿو چري، سو ٽرندو ڪيئن؟
مطلب: ١ - نصيب جو لکيو نہ ٽري، ڇو جو ڪرڻ وارو ڪلتار آهي.
٢ - لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.
٣ - لکيو نا ٽري، اوس پڙي. (٦) ص ١١٩

## ٥٠٣. ڪرنتا سو ڀوڳنتا، ڪودنتا سو پڙنتا. (راجستان، چوٽي)

ڪرنتا: ڪرند، ڪندڙ، جيڪي ڪبو. ڀوڳنتا: ڀوڳيندڙ، پسندڙ.
ڪودنتا: ڪوٽيندڙ، جيڪو کوٽي ٿو. پڙنتا: پوندڙ، کڏ ۾ پوندڙ.
هيءَ دنيا، ڪرڻ ۽ ڀوڳڻ جو جهان آهي. محنت جو اجورو هتي ئي مليو وڃي. چڱائيءَ واري صورت ۾ واڌو مليو وڃي: ڏهہ دنيا ستر آخرت. برائيءَ جي صورت ۾ هڪ دفعو يا هيڪوڻ تي ضرور ملي ٿو. جيڪڏهن ٻين سان برائي ڪبي يا نيت بد رکي، ساڻن سلوڪ روا رکبو تہ اوس پاڻ بہ ڀوڳبو يا لوڙبو.
اهڙيءَ طرح، جيڪو دل ۾ ڪوٽ ۽ بد نيتي رکي، ٻين لاءِ کڏون کٽندو، سو ضرور هڪ ڏينهن پاڻ ان ۾ پوندو. هيٺ ڏنل هڪ قصو، بزرگن کان ٻڌو آهي.
ابو جهل نالي مڪي جي هڪ مشرڪ، پاڻ سڳورن ﷺ جن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ، سندن واٽ مبارڪ تي پنهنجي نوڪرن هٿارئون رات پيٽ ۾ کڏ کٽارائي، مٿس ڪمزور ککن ڪانن جي ڇت، مٿيءَ سان ڍڪي ڇڏي. پاڻ

سڳورا ﷺ جن جڏهن اتان لنگهيا ته الله تعاليٰ کين مدد ڪئي ۽ معجزي طور، ملائڪن سندن پيرن مبارڪن هيٺان پر ڏنا، جنهن سبب پاڻ سڳورا ﷺ جن با حفاظت لنگهي ويا. جڏهن ساڻن واقعو پيش نه آيو ۽ وقت ٽرندو نظر آيو ته ابوجهل کي دل ۾ هورا کورا ٿي ته ڇا ٿيو جو هن مهل تائين حادثي جي خبر نه پهتي آهي. پاڻ پنهنجي سر، کڏ جو معائنو ڪرڻ لاءِ ۽ خبر ڪيريءَ لاءِ پهتو ۽ بي خبريءَ ۾ منجهس پاڻ ئي ڪري پيو. گهڻين ڪوشش جي باوجود اتان نه پئي نڪري سگهيو. جنهن ڪان پوءِ سيني کي چيائين: مونکي هتان ڇوٽڪارو هڪ ئي شخص ڏياري سگهي ٿو. ان کي وٺي اچو. سندس سڏ تي، پاڻ سڳورا ﷺ جن اتي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ سان ايمان آڻڻ جو واعدو ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ جن کيس، ٻانهن کان وٺي، ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. ٻاهر نڪرندي ئي، ابو جهل زبان تان ڦري ويو. چي: "هي ته جادو هيو."

مطلب: ١ - جو کندو سو پوکيندو، جو کوٽيندو سو پاڻ کڏ ۾ پوندو.

٢ - ڪرند پسند، ڏيند لهند.

٣ - کوٽيندڙا، پوندڙا.

## ٥٠٤. ڪسيري ري ڪان ري ڪري، لڪان ري لوڏ ڪنهي ڇڏجي. (ڀاڪو)

ڪسيرو: ٽڪي جو اڌ، بي قيمت. ڪان: تير، گز. ري: جي. لڪان: لکن جي. هڪڙو سوڍو راجپوت، پنهنجي نڪرائِي لوڏ سان پئي ويو ته پويان سندس هڪڙي دشمن، گز ڪمان ڪشيس. اهو لقاءُ ڏسي، نکر جي هڪڙي همدرد کيس رڙ ڪندي چتايو: "يچ! پريان ڪانُ ٿو اچئي!"

سوڍي هن جي لفظن ٻڌڻ کان پوءِ ٻه، ڪانءَ واري طرف ڏانهن ڪنڌ ورائي ٻه نه ڏنو ۽ ساڳيو پنهنجي نڪرائي لوڏ سان هلندو پئي ويو. انهيءَ تي ساڳئي همراه ٻيهر خبردار ڪرڻ لاءِ چيس.

"يايا! ڪسيري ري ڪان ري ڪري، هون لڪان ري لوڏ ڪنهي ڇڏيان!"

راجپوت بنا ڪنڌ ورائڻ جي ۽ ڪان کي ليکي ۾ نه آڻيندي چيس:

"ڪسيري جي ڪان جي ڪري، لکن جي لوڏ، ڪو نه ڇڏيندس."

مطلب: ڪسيري جي ڪان جي ڪري، لکن جي لوڏ نه ڇڏجي. (٦) ص ٤٢.

## ٥٠٥. ڪڪڙ مُني، کوٽي روئي. (ڀاڪو)

مُني: بيوھ، طلاقيل، ڏهاڳڻ. ڳُوٺي: ڪوني ۾، ڪنڊ ۾.
١ - ڪڪڙ، آنا لاهي ڏيڻ سبب، ڪمائتي آهي پر جڏهن آنو لاهيندي آهي تہ تڪليف سببان پهرين تہ ٿان ٿان ڪري سڄي گهر ۾ پئي پڄندي آهي. آخر ۾، ڪنهن ڪنڊ اندر لڪي، وڃي پيٽ ۾ پيل بلا منجهان رڙيون ڪوڪون ڪري، جان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. جڏهن تہ انهيءَ نافت واري ويل ۾، نہ ساٿس ڪير همدردي ڪري سگهندو آهي ۽ نہ ئي ڪو ڪيس ڪا سهوليت فراهم ڪري سگهندو آهي.
٢ - بيوھ عورت، جنهن جو مڙس مري ويو هجي، هندو سماج ۾ اياڳڻ آهي. ساڻس ڪير ٻيهر شادي ڪرڻ نہ چاهيندو آهي. نہ ئي ڪيس هار سينگار ڪرڻ يا گهران ٻاهر نڪرڻ جي اجازت آهي. ڪيس سڄي عمر، هڪ ڪنڊ ۾ روئڻو آهي، جتي ڪير بہ ساڻس ڪا همدردي ڪو نہ ڪندو آهي.
مطلب: ١- آنن لاهڻ واري ڪڪڙ ۽ بيواه عورت ڪي، پنهنجي منهن هڪ ڪنڊ ۾ ئي روئڻو آهي.
٢ - پيٽيو؛ ڳُوٺي ۾ مُني، ڪنهن نہ ڏني. (٦) ص ١٢٢.

## ٥٠٦. ڪمائين غريب، ڪائين سينيون. (چوڻي)

دنيا اندر جيڪا بہ ترقي ٿئي ٿي، سا انساني هٿ جي مابدولت ٿئي ٿي. محنت ڪندڙ طبقو، غريب ۽ گهرجائو قسم جي ماڻهن تي مشتمل هوندو آهي. امير ۽ پيٽ ڀريل ماڻهو، محنت ڪان ڪيٻائيندا آهن ۽ ڪانئن ٿيندي بہ ناهي. تعميراتي ڪم هجي يا ڪارخاني جي محنت، منجهس ٻن قسمن جون سيڙپون ٿينديون آهن. هڪ خام مال جي، جيڪو پئسي سان مهيا ٿيندو آهي ۽ سينيون ئي ڪري سگهن ٿا. ٻيو مزدوريءَ جي (مئن پاور)، اهو بہ پئسي سان ئي حاصل ٿئي ٿو، جيڪو پڻ سينيون، پئسي جي زور تي حاصل ڪري سگهن ٿا. اگر مزدور، دل لائي ڪو ڪم نہ ڪن يا پنهنجي مجبورين ڪي آڏو رکي، ڪم سان وچڙ سچڙ نہ ڪن تہ هوند، دنيا اندر ڪو بہ ترقيءَ جو ڪم نہ ٿئي. جڏهن غريب جي پورهيئي سان ڪارخاني، زراعت ۽ تعمير اندر محنت ٿئي ٿي تہ اپت ۾ سينيون بہ پائيوار تي ڪائين ٿا.
مطلب: ١ - غريب هڏ هٽي تہ ڪائي. امير پئسي جي زور تي، غريب جي محنت خريد ڪري.

### ٥٠٧. ڪم ڀلا اَهين، ڇم ڀلا ڪو اهين. (چوڻي)

هر سهڻي شيءِ پرڪشش هوندي آهي. ڪا ڪائڻ جي حساب سان، ڪا پائڻ جي حساب سان. ڪا چمڻ جي لحاظ کان ته ڪا ڀاڪر ۾ جهلڻ جي روءِ.
سونهن: رنگ ۽ روپ ۾ آهي. جوانيءَ اندر، ڇهري جي وسپن ۽ نقش نگار تي نکار اچي ويندو آهي. رت جي تازگي، ڇهري جو ڀريل هجڻ. ٻت، پورن لڳن ۽ چست عضون هئڻ سبب، وڻندڙ هوندو آهي.
اهي مڙيئي خد خال، موهيندڙ ته ٿيندا آهن پر ڪنهن حد تائين. عورت سهڻي آهي، پر ڪم ڪار نه ٿي ڪري يا سنڌ آهي، ٻنهي صورتن ۾ مڙس ڪائنس بيزار ٿيو وڃي. سندس سونهن مان، اها رونق ئي مڙس کي نظر نه ايندي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪارڙي پر ڪارائتي ۽ ٻارن واري، مڙس کي پئي وڻندي. ڇو جو اها سندس وندر جو سامان تيار ڪري ٿي.
اهڙيءَ طرح دوست ۽ نوڪر پڻ آهن. سهڻا آهن پر نڪما آهن ته ڪين وڻندا. جتي ڪٿي پئي سندن گلا ڪبي. اگر ڪوجهي شڪل اٿن پر مهربان ۽ هڏ ڏوکي، ڪم ڪندڙ ۽ همت وارا آهن ته هر وقت پئي ڏانهن دل ورندي. جتي ڪٿي سندن ساراهه به پئي ڪبي.
مطلب: ١ - اصل سونهن چمڙيءَ جي رنگت ۽ شڪل ۾ نه پر نيڪيءَ ۽ ڪار آمد عملن منجهه آهي.
٢ - سهڻا ٿوهه، ڀٽن تي ڀيا آهن.
٣ - پورهيت، خدا جو دوست آهي.
٤ - ڪم سنو آهي، چَمُ سنو ڪو نه آهي.
٥ - ڪير ڪنهن جو چَمُ چوپي ڪو نه پيئندو آهي، بلڪ ڪم مان فائدو ضرور وٺندو آهي.
٦ - هر ڪو ڪم پرين آهي، چم پرين ڪو ڪونهي. (٦) ص ١٢٠.

### ٥٠٨. ڪم سريو، ڪاڳر وريو. (بيراجي، پهاڪو)

سريو: سر انجام ٿيو. ڪاڳر وريو: دفتر بند ٿيو.
گهڻا ڪم هوندا آهن ته يادگيري لاءِ انهن جي وچور ڻاهبي آهي. جيئن جيئن ڪم اڪلائبا وجبا آهن، تيئن تيئن انهن جا نالا، وچور منجهان خارج ڪبا وجبا آهن. انهن جي جاءِ تي ٻين ڪمن جا نالا داخل ڪبا آهن. يا ٻين ڪمن ڏانهن ڌيان ڏرڻ لاءِ اهي ٽِڪ ڪبا آهن.

اهڙيءَ طرح، جڏهن گهڻن هٿن تي ڪم هوندا آهن، تڏهن پڻ سندن ترتيب ۽ اوليت دل ۾ لکي ڇڏبي آهي. جيئن هڪ هٿ جو ڪم پورو ٿيندو آهي ته اتان ڏيان هٽائي، ٻئي هٿ تي ڏربو آهي.

تيئن وري، جڏهن گهڻن ماڻهن ۾ ڪم پوندا آهن، تن جي به اوليت جي بنياد تي، دل جي دفتر اندر هڪڙي ترتيب جوڙبي آهي. جنهن جنهن مان ڪم سرندو ويندو آهي، تنهن جو نالو ان دفتر مان ميساربو ويندو آهي ۽ ان جي جاءِ تي ٻيا نالا اڪرندا ويندا آهن.

مطلب: ١ - ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو.

٢ - ڪم نڪتي ڪانپوءِ، ڪير به ڪنهن کي ياد ڪو نه ٿو ڪري.

٣ - ندي پار ٿيڻ ڪانپوءِ، تون ڪير مان ڪير؟

٤ - پيٽيو: ڳڙ کائي، ڳوٿري ڦٽي ڪريئي. (ڀاڪو)

## ٥٠٩. ڪم، ڪم کي سکايئي. (ڪڇ، ڀاڪو)

ڪم ڪرڻ سان، ڪم اندر موجود رڪاوٽون ۽ رنڊڪون، سامهون اچن ٿيون. انهن کي هٽائڻ لاءِ، ڪم ڪندڙ، سوچ ويچار ڪندو آهي. انهيءَ سوچ ويچار سان ڪم جي موشگافين کي سمجهندو ويندو آهي. پنهنجي تجربي ۽ آزمودي سان، انهن کي آسان به بڻائيندو ويندو آهي.

ان جي ڀيٽ ۾ جيڪو ماڻهو، ڪم نه ٿو ڪري ۽ نڪمٽو تي ويهي ٿو رهي، تنهن جا هٿ ته ڇيو نه ٿا ڪن پر ڪيس ڪنهن به ڪم جي رنڊڪن ۽ مشڪلاتن جي ڄاڻ به نه ٿي رهي.

مطلب: ١ - ڪم، ڪم کي سيکاري ٿو.

٢ - ڪم ڪبو، ته عقل به ايندو.

٣ - هَٿُ، هَٿَ تي رکي ويهبو ته عقل پلئه نه پوندو.

٤ - زمانو آهي ڏکڻ، پيو ٿو ڪپي ۽ ڪوري، گهڙي ۽ سيکاري. (١) ص ١٦٦.

## ٥١٠. ڪنٽ بنا ڳائيي، مت بنا چور،
## ٽريٽا ٽريوڙ بنا، تيني رپٽا روڙ. (چوٽي)

ڪنٽ: ڳلو، ڳلو، نڙي. ڳائيي: ڳائڻ، ڳائي. ٽريٽا: زال. رپٽا روڙ: ڪم بگاڙيندڙ. تيني: ٽيئي. ٽريوڙ: سگهڙائپ، گهرو ڪم ڪار ۽ خرچ پکي لاءِ حساب ڪتاب رکڻ جي اٽڪل يا وينت ته جيئن پورت ٿي سگهي.

١ - ڳائڻ لاءِ، سريلو ڳلو هئڻ ضروري آهي. ٻي سري ڳلي سان، آواز ۽ ڳائيندڙ کي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. جيڪو ٻين کي زوريءَ ٻي سري ڳلي جو راڳ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندو سو جڻ، ٻين کي هٿ وٺي بيزار ڪندو ۽ گهري مار کائيندو. چو جو راڳ ٻڌبو آهي راحت وٺڻ لاءِ، پنهنجا ڪن ڪاڄڻ يا ٻي سرو آواز ٻڌڻ لاءِ نه.
٢ - چوري به هڪڙو فن آهي، جنهن ۾ اٽڪل ۽ حرفت سان، پاڳيي جو مال، پاڳيي جي قبضي مان ڪسڪائي ڪڍجي ٿو. جنهن کي چوريءَ جو ڏانءُ ۽ هنر ناهي، سو مال ته چورائي نه سگهندو، هٿائين ساٿين سميت پاڻ جهلائي ڦاهيءَ تي ٽنگرائيندو.
٣ - عورت به اها ڀلي آهي، جيڪا سگهڙ هجي. ڦوهڙ عورت جو گهر ۾ هلڻ به نقصان ڪان گهٽ نه هوندو آهي.
مطلب: ١ - ٻي سرو ڳائڻو، بنا مت جي چور ۽ ڇيڳري عورت، مٿي جو سور آهن.
٢ - ڪنٺ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور،
ڪاٽي اڪ ڪجل پائي، بنا نڪ ڏئي طنبور،
ڪيٺ پوکڻ ڏور، پنج ئي گهنگهر گهور.
٣ - ڪنٺ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور،
ڪاٽي اڪ ڪجل پائي، بنان نڪ طنبور،
ٻچي ڏاڙهي، هٿ هٽي ۽ ڏئي مڇ مروڙ، پنج ئي گهنگهر گهور.
٤ - ڪنٺ بنا ڳائي، مت بنا چور،
ٻچيءَ ڏاڙهيءَ هٿ هٽي، ٻٽي نڪ تنبور،
ڪاٽيءَ اک ۾ ڪجل پائي، پنج ئي گهنگهر گهور. (١٢) ص ١٣٨.

## ٥١١. ڪنجهو، پتل ۽ بيوقوف ماڻهو، بغير ڇيڙڻ جي پيا وڄندا. (چوڻي)

ڪنجهو: ٺامي جي ڌاتَ جو هڪڙو روپ. پتل: ٺامي ۽ جست جي ملاوٽ منجهان جڙيل ڌاتَ.
ڪنجهي ۽ پتل منجهان جڙيل ٿانون کي اگر ٺورو به نينشڙو لڳو ته آواز سان وڄندا ۽ بس ٽيڻ تائين پيا جِهنوندا رهندا.

بيوقوف ماڻهو ٻه اجائي بڪ ۾ ڪاهي پوندو آهي. ڳالهه مان ڳالهيئڙو ناهي ڇڏيندو آهي. بلڪ بغاغو ڪري، ڳوٺ مٿي تي کڻي ڇڏيندو آهي.
(۳۵) ص ۲۲۹
مطلب: ۱- هڪڙا ماڻهو فطرتي طور تي وڃڻا هوندا آهن، سي وڃندا رهندا آهن.

## ۵۱۲. ڪنجهو ۽ پتل آواز ڪندا، پر سون نه وڄندو آهي. (چوڻي)

هر ذات، پنهنجي رنگ ۽ وجت مان سڃاپجندي آهي. ڪنجهو ۽ پتل، ٻن ذاتن جي ملاوت سان جڙيل آهن. ڏڪ هڻڻ سان، منجهانئن آواز پيو نڪرندو آهي، جيڪو ڪافي دير تائين پيو جهِنوندو آهي. جنهن سببان، منجهانئن ٿليون، ڇڙا، چنگ ۽ گهنڊ ٺاهيا ويندا آهن، جيڪي وجت ڪان مشهور پڻ ٿيندا آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ سون، اصل ذات آهي، جيڪو ٻاڙو وڄندو آهي. سون کي ڪيڏو به ڏڪ لڳي، نرميءَ سبب چبو ٿي ويندو، ٻي شڪل اختيار ڪندو پر منجهانئس ٻڙڪ يا ٻاڦ گهٽ نڪرندي آهي.
(۳۵) ص ۲۲۷
مطلب: ۱- ٻي اصل ماڻهو ئي جاڙي هڻندو آهي.
۲- خالي ذهن وارو، پيو اجايون ڊاڙون ٻٽاڪون هڻندو آهي.
۳- ڏاهو ماڻهو، ڳالهائيندو گهٽ آهي. اگر ڳالهائيندو ته سوچي سمجهي ڳالهائيندو آهي.
۴- سوچي سمجهي ڳالهائڻ وارو، نج سون جهڙو آهي.
۵- پريل مٽ وانگر گهٽ ڇلڪندو آهي.

## ۵۱۳. ڪنڊيءَ جي ڪاني آڇجي نه، آڇجي ته ٻارجي نه، ٻارجي ته چورجي نه، چوريئي جڻ چانڊيي کي چوريئي. (چوڻي)

ڪنڊيءَ جي ڪاني، آلي هوندي ته موراڳو ٻاهه نه وٺندس. جڏهن سڪندي ته به ٻاهه ڪيس جيڪا لڳندي سا جٽاءَ دار هوندي. جلد نه وسامندي آهي. ڪنڊيءَ جي ٽانڊي کي به وسامڻ ۾ وقت لڳندو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ جن ماڻهن وٽ ماچيس گهٽ يا اڻ لڀ هوندو آهي، سي ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڪنهن جي گهر ۾ ٻرندڙ ٻاهه مان چوچڙي يا ٽانڊو کڻي ايندا آهن. مٿس ڪک رکي منجهانئس ٻاهه دکائيندا آهن. چوچڙي: ٻرندڙ تيلي آهي، جيڪا توري

مفاصلي لاءِ ڪٽبي آهي. ڇو جو ٿورو وقت هلندي آهي ۽ جلد وسامي ويندي آهي. جڏهن ته ٽانڊو جلد نه وسامندو آهي.
ڇيڻي جي ٽانڊي ڪان ڪاٺيءَ جو ٽانڊو دير تائين هلندڙ آهي. ڪاٺين منجهه وري ڪنڊيءَ جي ڪاٺي وڌيڪ نِهري ٿئي ٿي. منجهس سيڪ به وڌيڪ ٿئي ٿو ۽ سندس ٽانڊو به جلد نه ٿو وسامي. چارُ اندر، ٽانڊو پوري رکبو ته، ويلي ڪان ٻئي ويلي تائين، پيو رهندو. ڪوٺڙو ڏبس ته منجهانئس باهه لبرڪا ڏئي پئي ٻرندي.
ٽر اندر موجود چانڊيا ذات وارن جي به ڪنڊيءَ جي ٽانڊي سان مشابهت ڏني وئي آهي. سندن جهيڙي واري باهه به جلد نه ٿي وسامي.
مطلب: ١ - چانڊيا قبيلي سان ڪينس نه ڪجي.
٢ - اچائڻ ته ڪنهن سان به چڱو ناهي پر چور پور به چڱي ناهي. تنهن هوندي به چانڊين سان چور پور اجا خراب آهي.
٣ - ڪن ذاتين وارا ماڻهو، جهيڙي ۾مشهور هوندا آهن. تن لاءِ ته ائين به چئبو آهي، ”فلاڻي ذات وارو مئو پيو هجي، ته به پاسو ڏئي نه لنگهجي.“ يا ائين به چئبو آهي: ”نانگ ڇڏي، فلاڻو (ذات) مار.“

### ٥١٤. ڪنواري چوري ڪوڏ پري، پرڻي چوري پِڇي پِڇي. (چوٽي)

ڪوڏ پرڻ: نينگ ٽپا ڏئي، ڏاڙ ٻناڪ هڻڻ. پِڇي پِڇي: پوئتي پوئتي.
ڇوڪري، جيستائين ڪنواري آهي، تيستائين جوانيءَ سبب، پئي جيڏين سرتين ۾ نينگ ٽپا، ڏاڙا ڏشا ۽ ڪل ڪچڪار ڪندي آهي. نه ڪيس حالتن جي پرواهه هوندي آهي ۽ نه ئي ڪا ٻي ڳڻتي هوندي اٿس.
جڏهن شادي ٿيندي اٿس ته حالتون يڪسر مختلف ٿي وينديون اٿس. گهر متجي ويندو اٿس. هڪڙو جوان مرد، سندس زندگيءَ ۾ اچي ويندو آهي. ان جا مٽ مائٽ تنهن ڪان علاوه. پنهنجن توڙي مڙس جي مائٽن سان، بيڪ وقت نباهڻو ڪيس هوندو آهي. ٻچن ٿيڻ جي صورت ۾، انهن ڪي پالڻ لاءِ جتن ڪرڻ سبب ڪانئس هار سينگار، ڪل ڪچڪار، جيڏين سرتين سان مَرڪڻ/ مِلڻ، وسري ويندو آهي. انهن معاملن ۾ ڪنواريءَ جي ڀيٽ ۾، صفا پوئتي رهجي ويندي آهي.
مطلب: ڪنواريءَ ڪي سينگار وغيره لاءِ وقت آهي پر پرڻيل ڪي نه. (٦) ص ١٢١.

۵۱۵.   ڪنو وٽي، وِه جي وٽي. (چوڻي)

ڪنو وٽي: بدي جي مٽي، ڏي-وٺ جي مٽي.

ڏي-وٺ جي مٽيءَ مائٽيءَ ۾، فائدا به آهن ته نقصان پڻ. فائدا اهي آهن جو نه اگهڻ جهڙو گهوٽ/ ڪنوار به، اٽي تي اٽو ڏيڻ سبب، اگهيو وڃي. نقصان اهو آهي، جو ننهن يا نياڻيءَ ڪي، ساهري گهر ۾ اهو آدر نه ٿو ملي، جيڪو هوءَ طلبي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن هڪ جوڙي جي پاڻ ۾ اٽبٽت ٿي پوندي آهي. سندن ڪِٽ پٽ جا اثرات بئي نهيل نڪيل جوڙي تي پڻ پوندا آهن. جنهن سبب، ان جوڙي جو گهر به برباد ٿي ويندو آهي.

مطلب: ١ - بدي جي مٽيءَ ڪي بندوق. (١٣)

۵۱٦.   ڪنهن گهڙيءَ جي آندل ڪاني به سياڳي. (ڀاڪو)

آندل: ورتل، گهر ۾ آندل.

هر گهڙيءَ يا وقت ڪي، پنهنجو ڀاڳ آهي. اهو ئي سبب آهي جو هندو ماڻهو اهڙو سمو پيا واچيندا آهن، جنهن ۾ ڪو مخصوص ڪم ڪرڻ سان تمام گهڻا فائدا نظر اچن. خاص طور تي، ڪنوار ڪي گهر ۾ آڻڻ لاءِ سڳوري ڏينهن ۽ سڳوريءَ ساعت جو گهڻو خيال ڪندا آهن. لڳن نهاريندا آهن ته ڪنوار اهڙيءَ ساعت ۾ گهر ۾ پير وجهي، جيئن سيڪنهن نموني سک، شانتي رزق ۾ برڪت پوي. ان لاءِ ائين مثال ڏيندا آهن.

مطلب: ١ - ڪا گهڙي، شڀ ٿيندي آهي.

٢ - ڪا گهڙي/ مهل نه ڪنهن جهڙي.

٣ - ڀيٽيو: وقت وقت جي، ٻلهاري آهي.

۵۱٧.   ڪُني اوٽنڊي ته پند جا ڪننا ڪينڊي. (ڪڇ، ڀاڪو)

اوٽنڊي: ابرندي، ايامندي. پند: پنهنجا. ڪنٺ: ڪنا، ڪنارا.

ڪينڊي: ڪائيندي، ساڙيندي.

باهه تي چڙهيل ديڳڙو، پاڻ ته سڙندو آهي پر منجهس پيل پاڻي، پڻ ٿهڪندو آهي. جڏهن اڌوري ڪُني، ايامندي آهي ته ايامڻ تي منجهانئس پاڻي اچل ڪائي ٻين ڪي ايترو نقصان نه ڏيندو آهي، البته سندس ئي ڪنن تي ڦهلبو آهي. ان پاڻيءَ جا گهرا نشان، ڪُنيءَ جي ڪنن تي پڪيءَ طرح

ڇنڇي پوندا آهن. جيڪي مُئيءَ سان مهٽيندي ۽ زور سان مليندي به نه لهندا آهن.
اهڙيءَ طرح غريب ۽ بي وس ماڻهو، جڏهن ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ لاءِ وڙهڻ جي ڪندو آهي ته ڏاريي يا دشمن سان پڄي نه سگهندو آهي. پنهنجي ئي قميص جو ڳلو ڦاڙيندو آهي يا پنهنجي ئي ٻچن کي ڌڪ هڻندو آهي.
مطلب: ١ - ڪمزور ماڻهوءَ کي ڪاوڙ نه ڪرڻ گهرجي.
٢ - ڪني ايامندي ته پنهنجا ڪَنا ڪائيندي/ ساڙيندي.
٣ - ڪمزور ماڻهو ٻين تي ڪاوڙ ڪندو ته، پاڻ کي ئي نقصان ڏيندو.
٤ - اپرو ڳڏه، پاڻ سٽي. (١) ص ١٨٥.

### ٥١٨. ڪوٽ ته امر ڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون. (چوڻي)

ڪوٽڙي: ڪوٽ جي تصغير، ڪوٽڙي، اوطاق، اوتارو.
ڪوٽ يا ڳڊ يا ڳڙهه وغيره، سرن ۽ گاري منجهان مزدورن ۽ ڪاريگرن جي مدد سان جڙندا آهن. جيئن ته پوري ٿر اندر، سرن ۽ گاري جهڙو مٽيريل نه ٿو ٿئي. روڊن رستن جي اڻ هوند سبب، مٽيريل ٻاهران آڻڻ به مهانگو پوي ٿو. ان ڪري جيڪي به بچاءَ خاطر ٿر اندر ڪوٽ يا قلعا ٺهيا سي، امرڪوٽ يا عمرڪوٽ واري تاريخي قلعي جي ڀيٽ ۾ ڪوٽڙا يا ننڍڙا ڪوٽ آهن.
عمر ڪوٽ وارو قلعو، ٿر ۽ ٻئراجي علائقي جي ڏنگ تي هئڻ سبب، تمام وڏو جڙي سگهيو. سر سبز علائقو هئڻ سبب هر شيءِ مهيا ٿي سگهي پئي. جنهن ڪري تمام وڏو قلعو اڏجي سگهيو.
مطلب: ١- عمرڪوٽ جو قلعو، ٿر اندر ٻين ڪوٽن ڪان تمام وڏو آهي.
٢ - اسباب جي جهجهائيءَ سان، وڏا معاملا به سولائيءَ سان، سرانجام ڏئي سگهجن ٿا.
٣ - عمرڪوٽ شهر اندر ٺهيل تاريخي قلعي امرڪوٽ لاءِ مشهور هيو ته: ان جهڙو ڪوٽ ڪو به ناهي.

### ٥١٩. ڪوڏر ٻنان ڪاتي ڪٽي، ٻنا ڏاتي هٽي لائي،
سٽ ويڻي سمهي رهي، نيچو وهي اونچو تري،
اڻ ڏني ڏي اوڳاهي، اهي پنج ئي ڳهوچائي. (چوڻي)

لائي: لاهي، لاٿ، لابارو. نيچو وهي: ٽري ۾ وهندڙ پاڻي. اونچو ٽري: اوڀارو ٽري. اوڳاهي: ڪوڙي شاهدي. گهوچائي: ڏٺئي، بيوقوف.
١ - زمين سخت هجي يا نرم، منجهس ڪاٽي ڪوڏر سان ئي سهنجي ٽي سگهي ٿي. ڪوڏر، ڪوٽڻ ۽ لپو هڻڻ، مٽي ريڙهڻ ۽ اچل ڏئي مٽي ڦٽي ڪرڻ جهڙن مڙني عملن لاءِ مفيد ۽ ڪارائتي آهي. جنهن ڪڙميءَ يا ڪارائي وٽ، ڪوڏر نه هجي ۽ ڪم ڪرڻ جي لباڙ هٽي، سو به ڊاڙي ۽ ڪم-چور چئبو.
٢ - لابارو به ڏاٽي سان سهنجو ٿيندو آهي. ڏاٽو مڙيل، ڏندن ۽ ڪاٽ جي هٿيي سان هوندو آهي. فصل کي ڪٽڻ ۾، ڏاٽي سان ئي آساني ٿيندي آهي. جيڪو ڏاٽي ڪان سواءِ لاباري تي يا لوب جي ونگار تي اچي، سو به بيوقوف سڏبو.
٣ - مهمان، عزت واري وٽ ايندا آهن. جيڪو عزت ڏئي جاڻي ۽ مهمان کي مرشد وانگر سمجهي، سو عزت وارو ماڻهو آهي. جيڪو مهمان کي ڏسي، ڄنگهون ڊگهيون ڪري سمهي پوي، سو به ڏٺئي ۽ بيڪار قسم جو ماڻهو چئبو.
٤ - ترڻ، گهري پاڻيءَ ۾ ئي سونهندو آهي. تراڪڙي ۾ ترڻ جي ضرورت ئي نه پوندي آهي ۽ لهوارو ترڻ ته آسان آهي، ڪجهه ڪنيڙن هٿڻ سان ۽ ڪجهه پاڻيءَ جي رَوَ تي، سنهنجهڙو ترندو وڃبو. ان جي برعڪس اوڀارو ترڻ، جلد ٿڪائي وجهندو آهي. تيز وهندڙ ۽ گهري پاڻيءَ اندر، ترندي ٿڪجي پوڻ به جان وڃائڻ جي مترادف آهي. ائين ڪرڻ وارو به بيوقوف چئبو.
٥ - شاهدي، هميشه ڏٺل وائڻل واردات جي، پورن پُنن لفظن ۾، پوريءَ طرح ڏيڻ چڱو ڪم آهي. گهٽ وڌ لفظن ۾، حالات واقعات کي مروڙي سروڙي پيش ڪرڻ يا اڻ ڏٺل شيءِ/ واقعي بابت آگاهي ڏيڻ به، ڪوڙو ۽ گهوچائي هئڻ جي نشاني آهي.
مطلب: ١ - مٿيان پنج ڪم/ فعل/ حالتون، بيوقوفيءَ وارا ئي ڪندا آهن.
٢ - ري ڪوڏر ٻني ولي، ري ڏاٽي گاهي،
ريءَ ناٽي شهر گهمي، ڏئي اڻ پڇي اوڳاهي،
نيچي وهي اوچيءَ مُوٽي، اهي پنج ئي گهوچائي.
٣ - ريءَ ڪوڏر ڪاٽي ڪٽي، ريءَ ڏاٽي لائي،
پرئي سٿ سمهي رهي، ڏي اڻ ڏٺي اوڳاهي،

جنهن مڙس جي ڳالهه نه پري، اهي پنج ئي گهوچائي.
۴ - ريءَ ڪوڏر ڪڙمي، ريءَ رنبيءَ گاهي،
جيڪو سٽ ويني سمهي، ڏئي اڻ ڏني اوڳاهي،
پنجون نيچي ويهي پاڻ ۾ اوچا ڪري راهي، اهي پنج ئي گهوچائي.
۵ - ڪوڏر بنا ڪاتي ڪٽڻ، ڏاتي بنا لابارو ڪرڻ،
سنگت ويني سمهڻ، ننڊي پاٽيءَ ۾ اوپارو ترڻ،
اڻ ڏني شاهدي ڏيڻ، پنج ئي ڏٽئي/ بيوقوف. (۱۲) ص ۱۵۰.

## ۵۲۰. ڪوڏ لڳي يا هوڏ، وريو پاڳ مڱڻهار جو. (پهاڪو)

ڪوڏ: خوشيءَ جو ناچ. هوڏ: ضد، مقابلو.
شادي مرادي هجي، وهانءُ وڏاڻ هجي، ميلو ملاکڙو هجي، دهل ڪان سواءِ بُسو ۽ بي چسو رهندو. دهل وڄائڻ به جنهن تنهن جو ڪم ناهي. ماڻهن جي وڏي انبوهه جي وچ ۾ بيهي، وڏي زور سان دهل اهو وڄائي سگهندو، جنهن کي پيڙهين کان دهل وڄائڻ جو تجربو هوندو ۽ حجاب لٿل هوندس. وڄايل دهل جي موٽ ۾ مراد ونڻ به ان جو ئي ڪم آهي. سنڌ اندر، اهو ڪم مڱڻهار، لنگها، ميراثي يا دهلاري ڪندا آهن. شاديءَ جي خوشي هجي يا ملاکڙي اندر، ٻن پهلوانن جو مقابلو هجي، دهل ۽ دهلاريءَ کان سواءِ بي مزي لڳندا آهن. ڪين گهور گهاٻور ڏئي به پيا وڄرائبا آهن ته جيئن پنهنجو ڪاج سهڻو ۽ وڻندڙ ٿئي. نتيجي طور، مڱڻهار يا دهلاري ئي فائدي ۾ ويندو آهي. باقي هر ساڌي، پيو ڪيسي منجهان ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو آهي. (۳۵) ص ۲۶۴
مطلب: ۱- دهلاري، شادين مرادين ۽ ميلن ملاکڙن ۾، هٿين خالي وڃڻ کان پوءِ به، ڪمائي ايندا آهن.

## ۵۲۱. ڪوري، ڪنير، ڪڪڙ ۽ ڪانءُ،
## اُني مينهن، چٽني جو وڃي هانءُ. (چوڻي)

۱ - ڪوري، ڪتيل ڪپهه ۽ سُٽ منجهان ڪپڙا اڻي ٿو. ڪتيل سٽ ۽ ڪپڙو، ڪيس اُسَّ ۾ سڪائڻو آهي ۽ پاڻيءَ کان بچائڻو آهي. اُسَّ نه لڳڻ جي صورت ۾ يا پاڻيءَ پوڻ تي، سُٽُ منجهي ويندو ۽ ڪپڙو اڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي. انهيءَ ڪري برسات ڄڻبڌ ڪان، ڪوري ونءُ پيو ويندو.

٢ - ڪنير، مٽيءَ مان وڏي محنت ۽ پورهئي ڪان پوءِ ڪچا ٽانءَ ناهي ٿو. ڦَڪُرا ٽيڻ لاءِ اس تي سڪڻا رکي ٿو. ٻاهر، پاڻيءَ چڪو پوڻ تي، سمورا وري ڍهي مٽي ٿي ويندس. محنت ئي رائيگان هلي ويندس.
٣ - ڪڪڙ تي به پاڻيءَ چڪو پيو ته ڪنين پسڻ ڪان پوءِ هلائڻ ڏکيا ٿي پوندس. ڪروندڙو لڳو، پسيل پرن ۾، منڊي لڪايو پيو هوندو.
٤ - ڪانءُ چالاڪ ته آهي پر اس ۽ مينهن جي آڏو پاڙي پڪي آهي. نه اس سهي سگهي، نه مينهن واچ. طوفان لڳڻ سان ئي ڪانءُ مري پوندو آهي. اهڙي ڳالهه هڪ بنگالي ڪهاوت مان پڻ ثابت آهي: ”ڪانءُ مئو طوفان جي ڪري، چٻرو چوي: منهنجي پٽ لڳس!“.
مطلب: مينهن جي پوڻ سان مڙني مخلوقات کي جهجهو ۽ جالارو فائدو پوي ٿو، پر ڪوريءَ ۽ ڪنير، ڪڪڙ ۽ ڪانءَ کي وقتي تڪليف به اچي ٿي. (٤) ص ٢٤٨.

٥٢٢. ڪوڙ جي ڊوڙ، ٺورڙي ۽ ساهي گهٽ. (چوٽي، بيراجي)
ڪوڙ، جيئن ته حقيقت تي مبني نه هوندو آهي، ان ڪري سندس وڪ اوندهه يا اوجهڙ ۾ هوندي آهي. سچ، حقيقت تي مبني هوندو آهي. سر ميدان چٽو ۽ نشانبر بينو هوندو آهي. دليلن دلائلن سان پيو مقابلو ڪندو آهي. ان جي برعڪس، ڪوڙ هٽندڙ، ڪوڙ گهڙڻ لاءِ پيو گيسر ڪندو ۽ لڪندو. هڪڙو ڪوڙ ناهيندو ته ٻه چار پاسا ڳالهه جا وري اگهاڙا ڪري وجهندو. جيئن ته ڪوڙ يادگيري ۽ حقيقت بجاءِ من گهڙت ڪٿا تي مبني هوندو آهي، تنهنڪري جلد ڪٿي ۽ ڪاپي پوندو آهي. ورجائي ورجائي ساڳي ڳالهه پچڻ تي، ڪوڙو ماڻهو، بيزار ٿي پوندو آهي. جڏهن ته سچ ڳالهائڻ واري کي سچي ۽ اڪين سان ڏٺل وارتا پيش ڪرڻي آهي. تنهنڪري اهو ساڳي ڳالهه ورجائي ورجائي پيش ڪرڻ ۾ ورچندو نه.
مطلب: ١ - ڪوڙي وٽ، دليل نه هوندو آهي.
٢ - ڪوڙ کي، پير نه هوندا آهن.
٣ - ڪوڙي کي، حافظو نه ٿيندو آهي.

٥٢٣. ڪوڙو ڏڳو سبرو ساڃو، گهوڙو پڻ گهه-گير.
رن ڪميٽي مور نه مُڙي، توڙي لڳنس تير،
ماڻهن منجهه مڃو مڙس، مرن منجهه خنزير،

## اهي پنج ئي بي پير. (چوٽي)

ڪوڙو: ڪم چور. سبرو: ڳُردار، ڏسڻ جو ٿلهو ٿنيرو. ساڄو: سڄي ڪلهي تي وَهندڙ. گهه-گير: گوهير، گهيگهر. مڄُو: رن-مريد.

١ - ڏڳو پلي ڏسڻ جو ٿلهو ٿنيرو هجي پر وهي رڳو سڄي ڪلهي تي ۽ کٻي ڪلهي تي نه وهي ته ڪوڙو آهي. ڪوڙي منجهان ڪمائي نه ٿيندي. مثال: سڄيءَ وهي سڀ ڪو، کٻيءَ وهن خان.

٢ - گهوڙو به اهو پلي آهي، جيڪو ڊڪي منزل تي پڄائي. جيڪو اڙي هٽڻ کان پوءِ گهُه ڪري يا اڙجي بيهي رهي، سو پڻ بيڪار آهي. منجهانئس ڪا گڙا ڪا نه ٿيندي.

٣ - مار موچڙي جي باوجود، جيڪا عورت گهر جي چانئٺ لتاڙي وڃي ۽ غريب پيءُ جي ڏاڙهي ۽ ڪمزور ماءُ جي سينڌ سڪيءَ پاڪيءَ سان ڪوڙي وڃي، سا به عزتدار نه چئبي. دليريءَ سان گناهه ڪندڙ عورت به، نانءُ ناموس چٽ ڪرائيندڙ سڏبي.

٤ - رن-مريد مڙس به، زال جي عقل تي هلندو آهي. پيءُ ماءُ جي شناخت وٽس نه رهندي آهي. عورت، اڳي ئي سس سهري مان بيزار هوندي آهي. ويتر جو چئيوان مڙس ملي وڃيس ته ڪيس سس سهري کان بِر ڪندي دير نه ڪندي آهي.

٥ - خنزير يا سوئر، مرن جي اندر غيرت کان وانجهيل جانور آهي. جتي غيرت ڪرڻ گهرجي، اتي غيرت ڪري نه وڙهندو آهي، پيٽ خاطر وڙهندو، عزت خاطر نه. ماديءَ تي لانڍ ڪري چڙهندو، اتي غيرت نه ايندس. جتي پيٽ گذر نه ٿيس اتي وڙهندو.

مطلب: ١ - مٿي ڄاڻايل پنجن ڪي، ڪير به ضد تان نه ٿو لاهي سگهي. چو جو سندن ڪو پير مرشد آهي ئي ڪو نه، جنهن جو چوڻ وٺي ضد تان لهن.

## ٥٢٤. ڪوڙو نه پلو ڪُوڪرو، سڄي نه پلي ساک، ڏنو پلو روپيو، ليو نه پلو لاک. (چوٽي)

ڪُوڪرو: ڪوڪريا ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ، واڪو واڪاڻ ڪرڻ.
ساک: قسم، سُنهن.

١ - جيڪي ڪم، پيار/ قرب سان نه ٿيندا آهن، تن لاءِ زبان هلائبي آهي. اجا نه ٿين ته چئو-چواءِ يا سٽُ-سَٽاءُ ڪرائبو آهي. اجا نه ٿين ته دانهن ڪوڪ، فرياد يا ڪورٽ جو در کڙڪائبو آهي. پنهنجي حق حاصل ڪرڻ

لاءِ رڙيون ته هر ڪو ڪندو آهي. جڏهن ته رڙيون، سچ پچ واري ڪم لاءِ ڪارگر آهن. تنهن هوندي به داهوڙي ماڻهوءَ کي، ڪير به پسند نه ڪندو آهي. ڀلي سچ تي دانهون ڪندو هجي. ان جي برعڪس، ڪوڙ تي دانهون ڪندڙ لاءِ ته هر هڪ کي نفرت ٿي پوندي آهي.
٢ - ساک، تڏهن ڏبي آهي، جڏهن اڳلي کي ڪنهن ڳالهه جو اعتبار ڏياربو آهي. جڏهن اڳلو زباني بيان ڏيڻ مان دلي طرح مطمئن نه ٿيندو آهي، تڏهن ساک يا قسم تي ڳالهه/ معاملي کي وجي اڪلائيندو آهي. مطمئن، لفظن سان اهو نه ڪري سگهندو آهي، جنهن جي وائيءَ ۾ ور هوندا آهن ۽ سندس ڳالهين منجهان ڪوڙ جي بوءِ ۽ ڇهري جي ورنن منجهان چور هئڻ جو شڪ پيدا ٿيندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جي ساک به مشڪوڪ هوندي آهي. اگر، ماڻهو سچ تي ساک ڏئي ٿو ته به جڻ پاڻ کي شڪي ڪرائي ٿو. ان ڪري چوندا آهن: قرآن: نه ڏني چڱو، نه ورتي.
٣ - پئسو هر ڪنهن کي پيارو آهي. جهڙو ونڻ واري کي، تهڙو ڏيڻ واري کي. اگر ونڻ واري کي ونڻ سان خوشي ٿئي ٿي ته ڏيڻ واري کي ڏيندي رنج ضرور ٿيندو. ونڻ سان جيڪا خوشي ملي ٿي، ان جي بدلي ڏيندڙ کي تڪليف به پهچائجي ٿي. پوءِ ڀلي هڪڙو رپيو چو نه هجي. لک رپين جو ونڻ سان ته، ڏيندڙ جا ڳيرا ئي ڳاري ڇڏٽا آهن.
٤ - ڏيڻ ڏکيو آهي. پر وننڊڙ کي وٺندڙ آهي. اگر گهٽا نه رڳو رپيو به ڏبس ته هيانءَ تان مونجهه ۽ بار لهي پوندس.
مطلب: ١ - داهوڙي/ قرآني/ پينانگ ماڻهوءَ کان، هر ڪو پيو لهرائيندو آهي.

## ٥٢٥. ڪوسي پاڻيءَ مان ڪهڙي اڃ لهندي. (پهاڪو)

ٻاڙي پاڻيءَ جو گرمي پد، ٿڌي جي مقابلي ۾ وڌيل هوندو آهي. پاڻي جيترو ٻاڙو ۽ گرم هوندو، اوترو منجهس اڃ لاهڻ جي صلاحيت گهٽ هوندي. جهولو ۽ لڪ لڳي ته نڪرن جو پاڻي به سڪائي، ٻاڙو ڪري ڇڏي. چؤماسي جي مند ۾، سخت گرمي سبب چانئن ۾ رکيل دلن ۽ مٽن جو پاڻي به گرم ٿي ويندو آهي. پيئندي: نه اُڃ لهندي آهي، نه تاس مرندي آهي. اڃ جو لهڻ ۽ تاس جي مرڻ لاءِ، ٿڌو پاڻي واپرائجي. (٣٥) ص ١٩١
مطلب: ١- اڃ، ٿڌي پاڻيءَ لهندي آهي.
٢- مقصد واري ڪم سان چنبڙبو ته ڪاميابي حاصل ٿيندي.

### ٥٢٦. ڪونيٽ پن ڪتريو؛ مينهن آيو ڪي آيو. (چوڻي)

نباتات اندر بہ قدرت واري ڪجھ اهڃاڻ رکيا آهن، جيڪي وقت، موسم ۽ برسات جي اڳڪٿيءَ يا خوشخبريءَ جو نياپو سنيهو ڏيندا آهن. ڪونيٽ جي وڻ جي پنن ڪي، لونئين نالي ننڍڙو جيت ڪتري ڪائيندو آهي. اهو جڏهن ڪترڻ شروع ڪري تہ پن ڇٽڻ لڳندا آهن. پن ٽڪيل پيو نظر ايندو. ان جيت جو ڪونيٽ جي پنن کي لڳڻ يا ڪترڻ، ان ڳالھ جو اهڃاڻ سمجھيو ويندو آهي تہ مينهن جلد ايندو. (٣٥) ص ٢٣١

مطلب؛ ١ - برسات کي ٽڪڻ وارن لاءِ، ڪونيٽ جو ڪتريل پن بہ هڪ خوشخبري آهي.

### ٥٢٧. ڪُوئا ڊاڪڻَ ڊاڪِڻو، ڪيتر ڊاڪڻ واڙ، باپ ڊاڪڻ بيٽڙو، گھر ڊاڪڻ نار. (چوڻي)

ڪُوئا: ڪئا. ڊاڪڻ: ڍَڪُ، بچاءُ. واڙ: ٻنيءَ جي چوڌاري ڏنل لوڙهو. باپ: پيءُ. ڊاڪڻو: ڍاڪون، مٽيءَ جو يا ٽيلين جو پنڊو، پاٽ وغيره ڍڪڻ لاءِ ڪم اچي. ڪيتر: ڪيت، ٻني. بيٽڙو: ٻيٽو، ٻيٽو، پٽ، اولاد. نارِ: زال، سگھڙ عورت.

١ - گھر ۾ رکيل ڪا بہ شيءِ، ڪوئن کان تيستائين محفوظ نہ رهندي، جيستائين ڪنهن ڍاڪونءَ، پيٽيءَ يا محفوظ هنڌ تي سانڍي نہ رکجي.

٢ - ٻني يا فصل بہ مال يا زيانخور جانور لاءِ کليل دعوت هئڻ سبب، تيستائين غير محفوظ آهي، جيستائين چوڌاري لوڙهو/ پيهر نہ ڏنل اٿس.

٣ - پيءُ جي مڙسيءَ يا نامرديءَ لاءِ، پٽ جو ڄمڻ ۽ سڏرڻ بہ هڪ ڍڪ آهي. پيءُ جي ملڪيت تيستائين غير محفوظ آهي، جيستائين پٽ سڏريل نہ اٿس.

٤ - گھر جو چرخو بہ تيستائين ڊانواندول آهي، جيستائين سگھڙ زال منجھس ناهي. سگھڙ زال، سانگ صرفي سان رهندي ۽ سنجم ڪري ٿوريءَ ڪمائيءَ مان بہ، گھر جي پورت پيئي ڪندي. هٿ-ڦاڙ زال تہ پريل تريل گھر کي بہ اڃڻ سان ئي اهنج-و-اهنج ڪري ڇڏيندي.

مطلب؛ ١ - مٽي ٻڌايل چار ئي شيون، بچاءُ، پردي يا حفاظت ڪندڙ طور، ڪتب اچن ٿيون. (١٢) ص ١٤٤.

## ٥٢٨. ڪويَلين جي ڏلالي ۾ ڪارا هٿ ٿيئين. (ڪڇ، پهاڪو)

ڪويَلين: ڪوئلن. ڏلالي: دلالي، واپار، ڌنڌو.

ڪوئلو، ڪاٺ کي جلائڻ منجهان نهندو آهي. ڪاٺ، اڌ-گيدو ساڙڻ سان، ڪوئلو نهي ٿو، جيڪو رنگ ۾ ڪارو هئڻ سان گڏ سکل ۽ ڀرُو هوندو آهي. هٿ لائڻ سان سندس ڀورِ، هٿن کي چنبڙي پوندي آهي. هٿ تان لاهڻ جي ڪوشش ڪبي ته پور ته هٽندي، پر ڪارنهن لهڻ بدران، هٿائين چنبڙي پوندي. اگر اهي ڪوئلا يا ڪوئلن-هاٿا هٿ، ڪپڙن کي لڳن ته انهن کي به ڪارو ڪن.

مطلب: ١- ڪوئلو، جنهن لڳ يا عضوي کي لڳي، تنهن کي ڪارو ڪري.

٢ - بڇڙي ڌنڌي مان، آخر برائي ئي نصيب ٿئي.

٣ - ڪوئلن جي دلاليءَ ۾، هٿ ڪارا ٿين.

٤ - ڪوئلن جي دلاليءَ ۾، هٿ به ڪارا ته منهن به ڪارو.

٥ - هر ڌنڌي جو، ماڻهوءَ جي طبيعت تي سڌو اثر پوندو آهي. (١) ص ١٧٥.

## ٥٢٩. ڪي حال مست، ڪي مال مست آهن. (چوڻي)

مال متاع ۽ پئسي پنجڙ کي ته مڳي آهي پر جسماني طاقت کي پڻ نشو آهي. جن وٽ پئسو ۽ دولت آهي، سي ته انڌ جي گهوڙي تي چڙهيا، غريب غربي تي فلڪ نه ٽا آٽين پر جن کي سرير ۾ سگهه آهي ۽ ٻيو ڪين ڪرڻو ڪرتڻو ڪجهه ناهي، نه رن اٽن نه روڳڙي، سي به پنهنجي چڻ گهرئون ٽا ڪائين. ٻي فڪرا ۽ ٻي فلڪا ٽيا پيا گهمندا ڦرندا آهن. مستن وانگر، نه تنهنجي ٻڌن، نه منهنجي ورنائن. اهڙي قسم جا حال مست ماڻهو، انهن مال مست ماڻهن کان گهڻا خوش آهن، جن کي ٻيون لِنجهڻون ۽ اهنج ساڻ آهن.

مطلب: ١ - دنيا اندر، هر ڪو پنهنجي مستيءَ ۾ مگن آهي.

٢ - هڪڙا مال ميڙڻ ۾ مست، ٻيا سجائيءَ ۾ سيٽيل.

٣ - هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن مستيءَ يا وجدان ۾ مستغرق ضرور آهي.

## ٥٣٠. ڪيڙي سينچي ٽِتريو ڪائي،

## موذي ڪي مايا پرڙي جائي. (پهاڪو)

ڪيڙي: ماڪوڙي. سينچي: ڪنو ڪري. تيتريو: تتر. پرڙي: پري وني وڃڻ، ٻرڙي وڃڻ، ڪائي وڃڻ.
ماڪوڙين ۾ محنت ڪرڻ جو وڏو جذبو هوندو آهي. جنهن سبب ٻارهو ئي پيون اَنُ وغيره ٻرُن ڏانهن ڍوئيندڀون ۽ ڪنو ڪنديون آهن. ماڪوڙي ٻين تي ڀاڙڻ بدران، پئي پنهنجي محنت تي ڀاڙيندي آهي. ان جي برعڪس، تتر جو گذران جيت جڙين تي آهي. تتر-باز يا تيتري، تترن کي پڃرن ۾ بند ڪري، جهنگ ۾ ڪٽي وڃن ۽ اتي ڇيٽي وغيره کي ڪوٽهڙو ڏئي، منجهس موجود اڏوهيءَ وغيره تي ڇڏين. تتر اڏوهي وغيره ڪائي پيٽ ڀري. ڪڏهن ڪڏهن اڏوهي نه ملين ته ڪولين ۽ ماڪوڙين جي ڪني ڪيل ان داڻي مان ٻه نه مڙن. انهن محنت-ڪش مسڪينن سان ناحق ڪري سندن سال جي ڪمائي ڳڙڪائي وڃن.
تتر جي انهيءَ پاپ جي ڪري يا سندس گوشت لذيذ هئڻ ڪري، شڪاري سندس تاڙ/ تاڪ ۾ رهندا آهن. پاپ جو ڪيتو لوڙڻ سبب، تتر پڻ شڪار ٿئي ٿو.
مطلب: ١ - ٻين تي ناحق ڏمر ڪبو ته پاڻ تي ٻه ڏاڍُ ٿيندو. (۴)
٢ - ڪيڙي سنچري، تيتري ڪائي، پاپي نون مال، پرلي جائي. (گجراتي)
٣ - ماڪوڙين جو ميڙيل ڪٽو داڻو، پکي ڪائن. پکين کي، مفت جو مال ڪائڻ سبب، شڪاري ماري ڪائين.
۴ - موذي جو گڏ ڪيل مال، هٿ-قاڙ/ شاهينگ ۽ سخي ڪائي ۽ موذي هٿ ملي.

### ٥٣١. ڪيڙيءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ. (چوڻي)

دنيا اندر جيڪي ٻه مخلوقات آهن، سي هڪ ئي رب پاڪ، پنهنجي ارادي ۽ مشيت سان خلقيون آهن. ڪين ذرتيءَ تي آڻڻ کان اڳ سندن کاڌ-خوراڪ جو بندوبست پڻ ڪيو اٿائين. جنهن کي کاڌي جي جيتري ضرورت آهي، تنهن کي کاڌو ساڻيڻ لاءِ اوترو پيٽ يا بول عطا ڪيو اٿائين. کاڌو هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس هٿ ۽ پير ڏنا اٿائين ۽ پيٽ ۾ اندر موڪلڻ لاءِ وات ڏنو اٿائين. چٻاڙڻ لاءِ ڏند ڏنا اٿائين. جنهن کي جيتري ضرورت آهي، ان کي اوتري خوراڪ، ويلي تي ميسر پڻ ڪئي اٿائين. سندس جوڙ ۾، ڪٿي ٻه ڪنهن قسم جو ٻه، جهول يا کوٽ ناهي.
مطلب: ١ - ڪولِ کي ڪَڻ ته هاٿيءَ کي مَڻُ ملي ٿو. (لاڙ)
٢ - ڪئليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، قدرت وارو پهچائي ٿو.

۳ - ڪيٽيءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، ڏيڻ وارو رب آهي.

۵۳۲. ڪيسر ڪياري جي ڪرو، اگر چندن ملاءِ،
گلاب جل سين سينچيا ڪرو، تو ئي پياز بانس نہ جاءِ.
(پهاڪو)

ڪيسر: چندن جهڙو خوشبودار گل. ڪياري: پوک. چندن ملاءِ: چندن جو ياڻ ڏيڻ. سينچيا: ريج ڪرڻ.

بصر هونئن تہ ڪائڻ جي شيءِ آهي. ڪو بہ ٻوڙ، بصر ڪانسواءِ بيسوادي هوندو آهي. ڇو جو بصر پُچڻ ڪان پوءِ، پنهنجي بوءِ سان گڏ، ٻي ڀاڄي وغيره جي بانس بہ ماري ٿو. مک هٽي، غريب ماڻهو، مانيءَ سان بہ ڪائين ٿا. ذائقيدار پڻ ٿئي ٿو. جڏهن تہ سندس بوءِ جي پيٽ ۾، چندن ۽ ڪيسر وغيره جي بوءِ ڏاڍي وٽندڙ ۽ ڪشش رکندڙ هوندي آهي. اگر انهن گلن جي ڪياريءَ ۾، چندن جي ملايل پاڻ سان، بصر جي آبياري ڪجي، تہ بہ منجهانئس پنهنجي بوءِ نہ ويندي. ائين جيئن، گندي مٽيءَ تي پوکيل گلاب مان، پنهنجي خوشبوءِ نہ ويندي.

مطلب: ۱ - خوشبودار شيون ملائڻ سان، بصر مان ڌپ نہ ويندي.

۲ - محنت ڪرڻ سان، بد اصل ڪين سڌرندو.

۳ - حالات واقعات بدلجڻ سان، اصليت نہ مرندي آهي.

۴ - ڪَوَڻ کي پاٽيءَ جيان، پيڙي پياريم ڪماند،
نڪو زهر زمين ۾، نڪو ذاتوري ڏر پاند،
ڪمائي ڪم ذات سان، وجي ٿي وِڙواند،
جنهن جو بد بُنياد، تنهن جو ميوو مِنو نہ ٿئي.

۵۳۳. ڪيلو جڏهن ڦُرُ ڏئي، تڏهن سِرُ ڏئي. (پهاڪو)

ڪيلي جي وچ منجهان، ٿڙ جي جاءِ تي ڳاڙهو ٻوبڪ نڪرندو آهي. ٻوبڪ جا پن ڇڻندا ويندا آهن ۽ منجهس ڦريون پونديون وينديون آهن. جڏهن ڦريون مڪمل طرح ظاهر ٿينديون آهن، تڏهن ان کي ڏونگر سڏيندا آهن. ڪيلن جون ڦريون، ڇڳن جي صورت ۾، ڏونگر ۾ ٽنگيل هونديون آهن. ڏونگر ڏاڍو وزنائتو ٿيندو آهي. سموري جو سمورو، پاڙ ڪان ئي وڍبو آهي.

ان دوران ٿيندو ائين آهي جو اصل ڪيلي جي پاڙ منجهان، تيستائين ٻچَ نڪري ايندا آهن. تن ڪي ڪڏي ٻئي هنڌ راهبو آهي يا ڪجهه ٻچَ چانگي چڏبا آهن ۽ ڪجهه وري پاڙان اڪوڙي ڦٽا ڪبا آهن. ڇڏيل ٻچَ، وڏي وڻ ٿيندا آهن ۽ سلسلو ساڳيءَ طرح هلندو رهندو آهي. انهيءَ سڄي ڪارروائيءَ سان، ڪيلي جو اصلي ٻوٽو، اصل جاءِ تان پوريءَ طرح اُکڙي ويندو آهي.

مطلب: ١ - ڦر ڏيڻ کان پوءِ، ڪيلي جي ٿڙ کي هڪدم وڍي ڇڏيندا آهن.

٢ - پيٽيو: شاهه وچن، شينهن گمڻ، ڪيلو ڦري ايڪ وار،
تريئا تيل، همير هٺ، چڙهي نه ڏوجهي وار. (چوڻي) (٢٦)

## ٥٣٤. ڪيهر مڇ، پوئنگ مَڻَ، گت سُوران،
## ستي پهوسرڻي، ڪِرپڻ ڌن، هاٿ آوين مُوئان. (چوڻي)

ڪيهر: شينهن. پوئنگ: نانگ. مڻ: مَن، دل. ستي: پاڪدامن. ڪرپڻ: ڪنجوس. پهوسرڻي: پنهنجو ڪرڻ. گت: نيڪي، چڱائي. سوران: سورهيه بادشاهه. هاٿ آوين: هٿ اچن. موئان: مرڻ ڏاران.

١ - جيئري جاڳندي، شينهن جي مڇ جو وار پٽڻ، تمام ڏکيو ڪم آهي. مئي شينهن جي مڇ جو وار هٿ ڪري سگهجي ٿو، اهو سولو آهي.

٢ - مٿيءَ ۾ پيل نانگ جي مَڻ يا دل، سندس حياتيءَ ۾ هٿ ڪرڻ ڏکي آهي. مڻ وارو نانگ، جيئري ته چڱي ڀلي جوکيءَ کي، وَٽُ نه ڏيندو آهي. چيٽن جي ٽانڊي جي ڌوهيءَ اندر، مسلسل باهه ٻاري، ان جي زور تي ڪيس ماري، سندس مڻ هٿ ڪندا آهن.

٣ - بهادر ۽ سورهيه جي سام ٿبو يا سندس پناهه ۾ اچبو ته مئي مارائي ڪانسواءِ، دشمن کي ٻانهن نه ڏيندو. سندس هٿيارن کي، سندس جيئري ڪنهن کي به هٿ هڻڻ جي هنياري ئي نه ٿيندي. بلڪ سندس مرڻ کان پوءِ به سندس ڪنهن شيءِ کي هٿ لائڻ ۾ به ڇگا پلا پيا چرڪندا آهن.

٤ - پاڪدامن عورت کي، مئي مارائي کان سواءِ، پنهنجو ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪيس حياتيءَ ۾ پنهنجي مڙس ۽ سهيلين کان سواءِ، ٻئي ڪنهن جي هٿ ڇهيو ئي نه هوندو آهي.

٥ - ڪنجوس جي ملڪيت مان فائدو، سندس حياتيءَ ۾، ٻين کي ته نهيو پر ڪيس به نصيب نه ٿو ٿئي. پنهنجو ڪمايل ناڻو، پنهنجي حياتيءَ ۾، پنهنجي پاڻ تي ئي مشڪل خرچ ڪندو آهي، ٻين تي ڪهڙو ڪندو؟

سندس مرڻ کان پوءِ، هيڏانهن سندس لاش زمين ۾ پوربو آهي ته هوڏانهن سندس پوريل ناڙو، زمين مان ٻاهر نڪرندو آهي، جنهن تي ٻيا عياشيون ڪندا آهن.
مطلب: ١ - مٿيون پنج شيون، مٿي ڄاڻايل پنجن ڄڻن جي حياتيءَ ۾ حاصل ڪرڻ ڏکيون آهن. البت سندن مرڻ پڄاڻان، هٿ ڪري سگهجن ٿيون.
٢ - ڪيهر مونڇ، پونگ مڻ، سرڻا گت سوئا،
ستي پهورَ، ڌن ڪرپڻ، پنج ئي پڙسي هٿ موئا.
٣ - شينهن جي مڇ، نانگ جي مڻ، سورهيہ وٽ پيل سام،
عورت جي ڇاتي ۽ موذيءَ جي ڌن کي هٿ لڳو ته مئا. (ترجمو)
٤ - ڪيهر مڇ، پوئنگ مڻ، سورهيہ گت سرڻا،
ستي پهور ۽ ڪرپڻ ڌن، پنج ئي هٿ پڙي مئا. (٢) ص ٢٣٨ ۽ (١٢) ص ١٥٠.

# ڪ

## ٥٣٥. ڪاٽ پڙئي تو ڪيت، نهين تو ڪوڙو ريت.
### (راجستان، چوڻي)

ڪاٽ: ڪاڻ، پاڻ. پڙئي: پوي. ڪيت: پوک، فصل. ڪوڙو: ڪورو. ريت: ريتي، واري.
فصل، ان زمين ۾ پلو ڄاپندو آهي، جنهن تي هارين نارين، محنت ڪري ڪمايو هجي. اڻ-ڪمايل ٻنيءَ ۾، سنو فصل نہ ڄاپندو آهي. ٻئي نمبر تي، سلي کي اسرڻ لاءِ پاڻي درڪار آهي. جنهن ٻنيءَ ۾ پاڻي، سا مڙني ٻنين ۾ راڻي. بنا پاڻيءَ واري زمين بہ ڄڻ، سنڌ ۽ صحرا، رڻ ۽ روهہ آهي. ٽئين نمبر تي، ٻج کي اسرڻ لاءِ نج هئڻ سان گڏ، پاڻ جي ڇٽ هئڻ لازمي آهي. پاڻ تي سلو اجا زور ڏئي، هنڌان هنڌان طاقت ڪري، اپرندو ۽ واڌ ويجهہ ڪندو.
مطلب: ١ - سنو پاڻ، سنو فصل.
٢ - پاڻ ڪانسواءِ، فصل مارجي وڃي ٿو.
٣ - پاڻ تہ ڪيتي، نہ تہ ڪوري ريتي.
٤ - پاڻ، سدا جواڻ. (١) ص ٣٤٥.

### ٥٣٦. ڪائڙ ڪاٽي، جڪي ۾ ڏان نِڪو پاٽي. (چوڻي)

ڪائڙ: ڇاڇري تعلقي جو اتر وارو پاڱو. ڪپري/ هٿونگي ڪان هلي، امر ڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن جو اتر وارو پاسو وني وڃي جيسلمير ۽ ٻاڙمير جي وچ تي دنگ ڪري. ڪاٽي: سڙي. جڪي: جنهن ۾. ڏان: ان.
ڇاڇري شهر کان ٿورو اوير ۽ اتر طرف گڏيڙي تائين، اولهه طرف تعلقي عمرڪوٽ جي ڪجهه ڀٽن واري علائقي کي ڪائڙ سڏبو آهي. هتي ڀٽون نڍيون، ۽ نڍا نڍا ڏڙا هيٺ-مٿانهان ميدان/ مگرا آهن. منجهس ڦوڳ جو وڻ گهڻو ٿئي.
هن علائقي منجهه جر جو پاڻي تمام ڪارو ۽ گرم آهي. جنهن جي ڪري مڙني ماڻهن جا اڳيان ڏند ڳاڙها هوندا آهن. برساتين جو پاڻي به زمين هيٺ جهٽ هليو وڃي، جنهن سبب فصل ۽ گاه به مزي جا نه ٿين. نه مارن کي مزو، نه مال لاءِ سک. روهي يا رهيءَ جو علائقو به، ڪائڙ منجهه واقع آهي. جنهن ۾ ته مارن جو گذر فقط رب تي آهي.
مطلب: ١ - ڪائڙ جي پاڱي ۾ زندگي گذارڻ اهنجي آهي.
٢ - پيٽيو: رهي ٿي رهيءَ ۾، رڏي نه ٿي رب. (٦) ص ٦٦.

### ٥٣٧. ڪٿا تو ئي خان، ڏليا تو ئي ڏيهه ڏٽي. (چوڻي)

ڪٿا: ڪٺي پيا، سڃا ٿي پيا، غريب ٿي ويا. خان: سخي، ڏاتار.
ڏليا: ڍَوَ تي، ڍايل. ڏيهه- ڏٽي: ڏيهن جو مالڪ، ديهه-ڌڻي، ديهن جو مالڪ.
هڪڙا سخي مڙس، خانداني ٿيندا آهن، جيڪي هر حال ۾ سخاوت پيا ڪندا آهن. خالي ڪيسين هجن يا ڀريل ڪيسن سان، ڏک ۾ هجن يا سک ۾، سواليءَ سوال ڪيو ناهي ۽ ورنايو ناهي. وٽن سائل ڪهڙي وقت به پهتو، نه مهل ڏسندا ۽ نه موقعو، نه خار ڪائيندا ۽ نه منهن ۾ گُهنڊ وجهندا، بلڪ هر حال ۾ ڪلندي ۽ خوش ٿيندي، وس آهر ۽ ڪيسي-سارُو، سندس مدد ڪندا. پنهنجي پاڻ کي بکيو رکي به سائل ۽ منگتي کي، فنڪار ۽ ڪاسبيءَ کي، هٿين خالي نه موٽائيندا.
مطلب: ١ - سخي مڙس، سڃائيءَ ۽ اميريءَ ۾، سخاوت کان نه مڙندو.
٢ - آريسر وٽ هوءِ ته، ٽڪين تي ٽورا ڪري. (لاڙ، چوڻي)
٣ - ڪٿا ته به خان، ڏليا ته به ڏيهه ڏٽي.
٤ - ڪٺل آهيون ته به خان آهيون، امير آهيون ته به خان آهيون. (٦) ص ٦٩.

٥٣٨. ڪتر ڏٻي، چڪر ٽري، ميو ڪٽي نہ بار،
ڪتو وڃائي ٿانءَ، نهائين اگهاڙي نار،
اهي پنج ئي مار. (چوٽي)

ٽُري: گهوڙي. مَيو: اٺ، ليڙو. نهائينءَ اگهاڙي: زناڪار. نار: عورت.
١ - ڏٻيءَ جو ڪير، مکڻ ۽ لسي ڇئي بس ڪر. ذائقي، هاضمي ۽ قوت فراهم ڪرڻ جي لحاظ کان مينهن ۽ ٻڪريءَ، اٺ ۽ رڍ جي ڪير، مکڻ ۽ لسيءَ کان وڌيڪ بهتر آهن. ڇاڪاڻ تہ طبعًا مينهن، ٻڪريءَ ۽ رڍ جي پيٽ ۾ وڌيڪ ٿاهر ۽ ويڙهاڪ ٿيندي آهي. جڏهن ڪتر ٿيندي آهي ۽ ڏهائڻ وقت ڪيتو ڪندي آهي تہ پوءِ لت هڻي پنهنجو ڏڌل ڪير تہ هاريندي آهي پر ٻيءَ کي بہ ڪاريندي آهي.
٢ - گهوڙي، چڙهڻ جي سهوليت لاءِ ڏاربي آهي. جيڪڏهن اها بيهي چَڪَ هڻي تہ پوءِ منجهانئس ڀيو ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهندو.
٣ - اٺ بار ڍوئڻ لاءِ ڏاربو آهي. اهو جيڪڏهن بار لڏڻ تي رڙڻ ۽ رينگڻ لڳي تہ منجهانئس ڏارڻ جو ڀيو ڪهڙو فائدو رسندو؟
٤ - ڪتن جي ڳڳن ۾ بيماري (Virous) ڪٽڻ جي وڏي صلاحيت هوندي آهي. جڏهن مٿن ڇريائپ (Rabbies) جو دورو پوندو آهي، تڏهن پرسان لنگهڻ وارن کي بہ واسي وجهندا آهن. ائين خيري صلي بہ ٿانءُ سنگهن تہ، ست دفعا ڇار/ رک ۾ مانجڻ/ مهٽڻ کان پوءِ ئي صاف/ پاڪ سمجهبو آهي.
٥ - عورت، اها جا عزت وڃائي. زناڪار عورت ڏانهن، هر غير مرد جي نگاه پئي ڪڄندي آهي ۽ هر ڪو منجهس ڀيو سڌون ڪندو آهي. جنهن سبب ڪيترا ئي جهيڙا منهن ڪڍندا آهن.
مطلب: ١ - متين شين کي رکڻ بدران، ماري ڇڏڻ چڱو آهي. بي فيض، نقصانده ۽ موذي جانور کي پالڻ بدران، ماري ڇڏڻ چڱو آهي.
٢ - ڪتر ڏٻي، چڪر گهوڙو، اٺ نہ ڪٽي بار،
ڪتو وڃائي ٿانءَ کي، نهائينءَ اگهاڙي نار، پنج ئي مار. (ٽر)
٣ - ڪتر ڳئون، سڙه/هڙه ڏٻو، اڻ پليو وياءُ،
تر گهاٽو، گيهون ڇتو، اهي پنج ئي مَ ڇاءِ. (لاڙ) (٢) ص ١٤١.

٥٣٩. ڪٺل ڳاءِ ۾، ڳابي رو سوس،
ڪٺل مائتران ۾، ڏڪري رو سوس. (پهاڪو)

ڪٺل ڳاءِ: گهٽ ڪير ڏيندڙ ڳئون. سوس: آسرو. ڏِڪري: اولاد/ ڌيءَ.

مائيتران: مائٽن جو. رو: جو
١ - جيڪڏهن ڳئون ڪٽر يا ڪير ۾ ڪٽل آهي، تڏهن بہ ڳابو ڦري پيو ماءُ ڏي نهاريندو. پلي ڳئون ڪٽر ۽ ڪير ڏهائڻ ۾ تنگ ڪندڙ هجي، پر جڏهن ڳابو اچي چڱڙڻ جي ڪوشش ڪندس تہ مِهر سان مڙي پوندي. ڇو جو فطرتي طور تي ڳابو، ماءُ کان سواءِ ٻيءَ ڏڳيءَ ۾ آسرو نہ رکندو ۽ ماءُ کي تہ ٻچي لاءِ روح ۾ رحم آهي ئي آهي.
٢ - والدين پلي ڪٽل هجن پر اولاد، ڪين ڇڏي اميرن ۾ نہ واجهائيندو. ڪين پيو پٽيندو ۽ تنگ ڪندو. غريب والدين بہ تنگيءَ سبب، اولاد کي نہ ماريندا آهن. پنهنجو پيٽ ڪاٽي بہ ٻچي جي آس/ آرزو پوري ڪندا آهن.
مطلب: ١ - اولاد جو آسرو، هر وقت والدين ۾ هوندو آهي. (٦) ص ١٢٢.

## ٥٤٠. ڪٽل مائيترو نہِ ڦاٽوڙي ڳيي رو، مهڻو ڪونهي. (پهاڪو)

ڪٽل مائيترو: غريب والدين. نہِ: ۽. ڳيي: ڪپڙي. مهڻو: عيب.
١ - مائٽ/ والدين، غريب آهن تہ ان ۾ اولاد جو قصور ناهي. ڇو جو مائٽ ڏسي وائسي ۽ Select ڪري ڪنهن کي نہ ڪنيا آهن. اها مالڪ جي مرضي ۽ منشا آهي تہ ڪنهن کي ڪنهن جي گهر ۾ پيدا ڪيائين تہ ڪنهن کي ڪنهن جي. اها نصيب جي بازي آهي. ان ۾ آيل انسان، ويچارو ۽ بي وس آهي.
٢ - غريبي ۽ اميري، خدا طرفان آهن. غريب ماڻهو ڦاٽل لٽي ۾ بہ گذر ڪري ويندو. ڦاٽل لٽو پائڻ ڪو عيب ناهي. ڇو جو مالڪ، جنهن حال ۾ دنيا ۾ رهائي، تنهن حال ۾ رهي شڪر ڪجي.
مطلب: ١ - ڪنهن جي بہ نصيب سان ريس ناهي.
٢ - غريب مائٽ ۽ ڦاٽل ڪپڙي جو، مهڻو ڪونهي.
٣ - موت ناهي مِهڻو، پرٽو ناهي گار. (٦) ص ١٢٣.

## ٥٤١. ڪٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لڄونتي نار، پراٽي ڪٽڪ، نئون گيهہ، پنج ئي سرڳ دوار. (چوڻي)

ڪٽ ويهڻ: سيج ويهڻ، لانئن لاءِ گهوٽ ڪنوار جو هڪ هنڌ گڏ ويهڻ. ڪم ڪار کان ڇٽل هئڻ. لڄونتي: لڄ قائم رکندڙ. نار: ناري، عورت، زال. سرڳ-دوار: بهشت برابر، سک/ خوشيءَ جي نشاني.

١ - زال سان سيج تي ويهڻ به هڪ قسم جي خوشي آهي. جنسي ضرورتون پوريون ٿيڻ ۽ اولاد ڄمڻ، واڙي وڌڻ ۽ نوان مددگار ساٿي ملڻ جي اميد هوندي آهي. جيڪڏهن مال ملڪيت جهجهي، نوڪر چاڪر چيئوان ۽ فرمانبردار اولاد هجي ته پوءِ ماڻهو ڪٿ تي وينو حڪم هلائي. ان جهڙي ٻي بادشاهي ڪانهي.
٢ - گهوڙي چڙهڻ مان مراد، سواريءَ لاءِ وهٽ وانا ۽ اڄ جي دور جي حساب سان موٽرون ڪارون در تي هڪيون حاضر هجن. گهمڻ ڦرڻ لاءِ اگر اڻ-ميون سهولتون هجن، جن ۾ نه ڪا رنڊ هجي ۽ نه روڪ. پوءِ ٻي ڪهڙي خوشي کپي؟
٣ - جنهن ڪي گهر ۾ سلڇڻي ۽ فرمانبدار زال هجي، جيڪا ڏڪئي وقت ۾ هٿ پئي وندرائيس. مهمان آئي، ڪاڏو تيار ڪري ڏئيس. سندس خدمت کان علاوه ٻچن جي پرگهور پئي لهيس. تنهن ڪي اجا ٻيو ڪهڙو ڦاهو کپي؟
٤ - جنهن جي گهر ۾ پوري سال يا ان کان به وڌيڪ عرصي لاءِ، گهر اندر موجود ڳُندين ۽ پَلين ۾، ڪاٺڻ جو اَنُّ سانديل هجي، تنهن ڪي باقي ڪهڙي ڳٽتي هوندي؟ پراڻو ان، چڱيءَ طرح سڪل ۽ رچيل هوندو آهي. منجهانئس مقوي ۽ ذائقيدار اٽو نڪرندو آهي. اهڙي ان جو مالڪ، امير ئي سڏبو.
٥ - تازو گيهه به، ان وٽ هڪيو حاضر هوندو، جنهن وٽ مال جا وڳ، وٿاڻ جي ڪِلن تي ٻڌا بينا هجن. تازو گيهه، تازگيءَ سبب اشتها وڌائيندڙ، هاضميدار ۽ قوت بخش هوندو آهي.
مطلب: ١ - جنهن وٽ ڪار، بنگلو، بئنڪ بئلينس، سهڻي ۽ چئيوان زال سان گڏ مال ملڪيت پنهنجي آهي، اهو سڀ کان وڌيڪ سکيو آهي.
٢ - ڪٽڪ پراڻي، گيهه نوان، ٿي لڄاونتي نار،
تر ٽپاوڻ، سيج لهڻ، پنج ئي سرڳ دوار.
٣ - اجا ڪپڙا، تازو گيهه، ڪٽڪ پراڻي،
گهر ۾ سنڪي نار، اهي بهشت نشانيون چار.
٤ - سيج ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لڄونتي نار،
پراڻي ڪٽڪ، نئون گيهه، پنج ئي سرڳ دوار. (٢) ص ١٣٣ > (٤) ص ٢٥٥.

## ٥٤٢. ڪدڙن جا اوتارا، ڪنيارن جي گهر. (چوڻي)

ڪدڙا، فقير سڏائيندا آهن ۽ زنانو لباس پهريندا آهن. پٽ ڄائي تي هر قوم مان، روپيا وٺندا آهن. ’پانديءَ‘ جي اڳواٽيءَ ۾ مڙهين ۾ رهندا آهن. ٻاهر وڃڻ وقت، گهڻو ڪري ڪنيارن ۾ ٽڪندا آهن.

مطلب: ١ - ڪدڙن جو نام نڪاٽو، مڙهيءَ ۾ يا ڪنيرن جي گهر.

٥٤٣. ڪر، گگهه پڪي ۽ مورک نر، ڏينهن جو ٻه ننڊ ۾ هوندا. (چوڻي)

ڪر: گڏهه. گهگهه پڪي: چٻرو. مورک نر: بيوقوف مرد.

١. گڏهه: ڪائڻ پيئڻ ۽ بار ڍوئڻ وقت جاڳيل هوندو، باقي وقت يا ستل هوندو يا ليٽڙيون پيو پائيندو. دايو، ڪم تي ڪاهڻ جي ڪندس ته گوهي ڪندو. ٻه ٽي بانا پيڙڻ ڪان پوءِ گوهي ڇڏيندو ۽ ننڊ ڦٽندس.

٢. گهگهه ٻه رات جو جاڳندو ۽ ڏينهن ڏاري ڦٽل جايون ۽ هيڪلا وڻ وڃي وسائيندو. اڪيون ٻوٽيو، اتي پيو هوندو آهي.

٣. بيوقوف ٻه ڪم جي وقت، پيو ننڊون ڪندو آهي. وقت جو قدر نه هوندس. ڪم نهي يا بگڙي: هن ڪي الڪو ئي نه. (٣٥) ص ٢٢٨

مطلب: ١ - گڏهه، چٻرو ۽ بيوقوف ئي ڏينهن جو ننڊون ڪندا آهن.

٢ - بيوقوف تي ڪا ٻه جٺ/ ڦٽڪار، اثر نه ڪندي آهي.

٥٤٤. ڪڙڳ ڪپا نه نڪري، پرس پراٽي پاڳ،
عورت اگلين ڪپڙي، گهوڙي چنل واڳ،
گهر توڻ نه سپجي، پنج ئي اياڳ. (چوڻي)

ڪڙڳ: تلوار. ڪپا: ڪِپ، مياڻ. پڙس: پرس، پُرهه مڙس. پاڳ: پڳ، پٽڪو.

اگلين: ميرا، اڻ ڌوتل. توڻ: ٻوڙ ماني.

١ - زنگيل يا ڪتل ڪِپ، وقت پوڻ تي مارائي. دشمن مٿان اچي ڪڙڪي، تلوار ساڻ هجي، هٿ منيي ۾ هجي، پر چڪڻ تي تلوار نه نڪري. شڪار، جهنگ مان نڪري ۽ ڪتو وڙهت ڪرڻ بجاءِ پچ پائي پجي. لشڪر ساڻ هجي ۽ دشمن سان مقابلو ڪرڻ بجاءِ پني ڏئي ميدان ڇڏي ته اهي وڏيون بدبختيون چئبيون.

٢ - مڙس سهڻو ۽ جاڻو جوان هجي. ڪمائڻ لاءِ ٻه ٽڪڙو هجي پر مٿي تي رکڻ لاءِ پڳ، پراٽي هجيس!

۳ - سجي گهر جا ڪپڙا ڌوئڻ، عورت جو مرڪ آهي. اها پنهنجا  به نه ڌوئي ته چنڊائپ جا ڪي چئبو آهي.
۴ - گهوڙي ڀڄٽي تيز هجي پر واڳ ٽٽل هجيس ۽ چڙواڳ پئي ڀڄي. گاڏي هلڻ جي تڪڙي هجي پر بريڪ فيل هجيس. پٽ ولايت پڙهيل هجي، پر لوفر هجي. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي بدنصيبي آهي.
۵ - جنهن ڪي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهه نه هجي، تنهن ڪي هوٽل وارو سڏي ماني ڪارائيندو ڇا؟ نه مهمان ڪي وٽس اچڻ لاءِ دل چوندي ۽ نه وري ڪيس مهمان طور ترسائڻ لاءِ ڪير تيار ٿيندو.
مطلب: ۱ - زنگيل/ ڪٽل ڪپ، هوند تي افعال ٻجڙا، ڇيگري زال، چڙواڳ گهوڙي ۽ ڪروڌ وارو گهر، نياڳ جون نشانيون آهن.
۲ - زال پراٽي ڪنجري، مڙس پراٽي پاڳ،
ڪتو ڪيڙو ڪپ ري، گهوڙي ٽٽل واڳ،
هڙ ٻه چيو نه ڪري، اهي پنج ئي اوراڳ.
۳ - ڪتو ڪيپ نه اسري، پرس پراٽي پاڳ،
استري ميرا ڪپڙا، گهوڙي ٽٽل واڳ،
گهر ڪنو ئي نه چڙهي، اهي پنج ئي ڀاڳ.
۴ - ڪنو وڙلو ڪپ ۾، پرس پراٽي پاڳ،
ساجهر هنڌي نه چڙهي، گهوڙي ڇني واڳ،
سٽ ويني سمهي رهي، اهي پنج ئي نياڳ.
۵ - نار پراٽي ڪنجري، گهوڙي ٽٽل زين،
وڏور ڏيءَ گهر ۾، تر جهڙي ماٺ زمين،
جن سنجهي چاڙهيو ڪينڪي، پنج ئي مسڪين. (۱۲) ص ۱۲۹ ۽ (۴) ص ۲۴۹.

## ۵۴۵.   ڪڳا ڪوهر ۾، ويڳر ٽا ڪٽجن. (ڀهاڪو)

ويڳر: مصالحا. ڪڳا: مڇي.
پيٽ ڀرڻ لاءِ کاڌ خوراڪ جي ضرورت پوي ٿي، جنهن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرٽي اوس آهي. محنت جهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ به وقت مقرر آهي. وقت کان اڳ يا پوءِ، ڪم ڪرڻ، محنت ڪرڻ يا پئسي وغيره جي لاڳت ڪرڻ، سڀ بيسود آهن. اهي سڀ موڙيون، ڪم لاءِ پوري وقت تي لڳائڻ سان، مطلوب ۽ مقصود نتيجا حاصل ٿيندا، ٻي صورت ۾ ڪئي ڪمائي اڪارت ٿي ويندي.

مطلب: ١ - مڇي، ڪوهه يا ڪڏ مان پڪڙي ٿي ناهي، اڳ ۾ مصالحا پيا ڪٽجن.
٢ - ڪچا ڪوهر ۾، مِريون مانڊ پيون ڪٽجن. (لاڙ)
٣ - ڪچا ڪوهه ۾، مِريون مهنديون پيون ڪٽجن. (لاڙ) (مِريون: ڪارا مرچ)
٤ - اجا تہ ڪچا ڪوهه ۾ پيا آهن، مصالحن ڪٽڻ جي تڪڙ چا لاءِ؟ (لاڙ)
٥ - ڪچا پيا آهن ڪوهه ۾، ٻاهر مصالحا پيا ڪٽجن. (هندي)
٦ - پاڻيءَ ڪان اڳي، ڪپڙا نہ لاهجن.

## ٥٤٦. ڪل ڪتل، ڏاتي آيا. (پهاڪو)

ڏاتي: ڏٽ جو رهاڪو.
ڏٽ يا ڏاٽ، سڄي ٿر جي وچ وارو ٽڪرو آهي. هن ۾ عمرڪوٽ تعلقي جو ڏکڻ وارو پاڳو، ڇاڇري تعلقي جو گهڻو ڏکڻ-اولهہ وارو حصو ۽ مٺي تعلقي جو ڪجهہ اتر وارو پاڳو اچي وڃن ٿا. هن پاڱي جي ڪري، عام طرح سڄي ٿر کي ڏاٽ ۽ رهاڪن کي ڏاتي چوندا آهن.
سارين جي لاباري وقت، ڏاتي جڏهن ناري پٽ ۾ ايندا آهن تہ ان وقت ڪتل بہ هتن تي عام جام هوندي آهي. ڏاتي پيٽ پرڻ ۽ وَٽ ونڻ لاءِ متس ٽتي پوندا آهن. انهيءَ ڪري دڪاندار ڪتل بہ سينگاري رکندا آهن. ائين لڳندو آهي جڻ ڪتل بہ کين ڏسي کلي يا خوش پئي ٿئي. آيل ڏاتين کي ڏسي، دڪاندار خوشامد طور ائين چوندا آهن: ڪل ڪتل! ڏاتي آيا.
مطلب: ١ - ڪل ڪتل، ناناڻا آيا.
٢ - دل گهريي ماڻهوءَ جي اچڻ تي، ساڻس اکير سان ملڻ ۽ خاطر تواضع ڪرڻ تي ڏسڻ وارا ائين ٽوڪين. (٦) ص ٦٧.

## ٥٤٧. ڪنيي‌ءَ-چٽڪو: چار ڏينهن. (پهاڪو)

وسڪاري بعد، پٽن ۽ ڏهرن جي نرم ۽ لٽاشي يا وارياسي زمين تي لاتعداد ڪنييون پاڻ-مرادو نڪري نروار ٿي پونديون آهن. اهو ترت ڏٽ آهي، جيڪو برسات وسڻ سان ٽرين کي حاصل ٿيندو آهي.
ڪنيي، پهرئين ڏينهن زمين مان ٿورو منهن ڪيندي آهي. ٻئي ڏينهن، بہ انچ ڪن جي هوندي آهي. ٽئين ڏينهن، سندس قد تہ ساڍا ٽي انچ ڪن هوندو آهي پر پاڻ جوان ٿي چڪي هوندي. چوٿين ڏينهن، سرو نرم ٿي ويندو اٿس. پنجين ڏينهن، نرم سرو ناسي ٿي ويندو اٿس. ڇهين ڏينهن، سري جو ناسي پائوڊر پٽ تي ڇٽي پوندو اٿس ۽ باقي بچيل ڏانڊي بہ ڪاري

ٿي ڪري پوندي اٿس. سندس ڪل عمر، ڇيھ ۾ ڇيھ، ڇھ ڏينهن ڪن هوندي آهي. چار ڏينهن، پنهنجي عمر جا، ڪنيي ڪائڻ لائق هوندي آهي. اها بي ڳالھ آهي تہ ٽري ماڻهو، نر ڪنييءَ جو ناسي پائوڊر ڪدي، سڪائي شيشيءَ ۾ وجهي رکندا آهن. جيڪو هڏ ڀڳل مريض کي، مکڻ ۾ وجهي، موميائي طور ڇٽائيندا آهن. ور نہ ڪنيي، ڇئن ڏينهن لاءِ دنيا اندر اچي ٿي. ان ڪان پوءِ ان جو وجود، ناسي دز ٿيو وڃي. (٣٥) ص ٢١٣

مطلب: ١- دنيا جي خوشي پڻ عارضي ۽ ٿوري عرصي لاءِ آهي.

٢- دنيا جي خوشحالي ڇئن ڏينهن لاءِ آهي.

## ٥٤٨. ڪنوي وياھ تہ وڃي ڏياھ. (چوڻي)

وياھ: ويساک مهينو. ڏياھ: ڏيھ.

ويساک مهيني ۾ اگر ڪنوڻ ٿي ۽ کي چار ڪٽيون ونيون تہ ان سان مِينهن ڏيهہ مان هليو ويندو. بلڪ اصل ڪو نہ وسندو. مينهن نہ وسڻ سبب، ڪارو ڏڪار تر ۾ ڪاهي پوندو. ڀهرين مور مرندا، پوءِ ڍور مرندا. نيٺ بک ۽ اُڃَ وگهي، معصوم ٻارڙا بہ حياتي هاري ويهندا.

مطلب:١- ويساک مهيني اندر آيل مينهن، تر اندر ڏڪار جو پيش خيمو هوندو آهي. (٣٨)

## ٥٤٩. ڪوٺو ڏاند، ڪتر ڳئون، ڪتل پٽيل، گهر-ڇٽي نار، هٿ-ڇٽيو واڙيو، انين پنجن ئي منهن ٻار. (چوڻي)

پٽيل: ڇڳو مڙس، وڏيرو. گهر-ڇٽي: گهر ڇَڏُ ڪرڻ.

هٿ-ڇٽيو: گهڻ-ڪائڪ، ڇسيرو.

١ - ڪوٺو ڏاند، ڪم وقت ٻوڙن ۾ لڪندو آهي. هر ۽ نار، ڳاھ ۽ ڇيچڙي، گاڏيءَ ۽ گهاڻي ۾ ڏاند ئي وهي ويل ڪندو آهي. جڏهن ڪوڙو ٿيندو آهي تہ پوءِ مار ڏيڻ لائق ٿيندو آهي.

٢ - ڪتر، ڍڳي يا مينهن، پنهنجو ڏڌو تہ هاري پر ٻيءَ کي بہ ڪاري. ان ڪان تہ بس ڀلي آهي.

٣ - وڏيري جو ڪم آهي، اڙين جي واهر ڪرڻ. واهر بہ هوند تي ڪري سگهبي آهي. اگر وڏيرو پاڻ ڪتل ۽ سجو، گهرجائو ۽ پنندڙ هجي تہ باقي ڇا بچيو.

۴ - گهر ڪي ناهي بہ عورت تہ ڏاهي بہ عورت. اگر ڪنهن گهر ڪي، چٽ ڪندڙ عورت ملي تہ ان ڪان وڌيڪ کهڙي نقصان ڏيندڙ شيءِ ٿي سگهي ٿي؟!

۵ - دڪاندار جو ڪم آهي، وکر کپائڻ. اگر کپائي منافعو ڪمائڻ بجاءِ، پاڻ ڪائي وينو چسڪا وٺندو يا چسيرو ٿيندو تہ، جلد ئي ڏيوالو ڪيرائيندو. اهڙي دڪاندار ڪان پينگ پلي.

مطلب: ١ - مٽي ڄاٽايل پنجن ڪي ٻڌي، باھ جي امڙي ٻوٽ واري ڏجي تہ چڱو.

٢ - نقصاندھ شيءِ مان جلد هٿ ڪڍجن. مٽس ٽڪي جيترو خرچ ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ، اجايو ۽ وقت وڃائڻ جي مترادف آهن. (٢) ص ١٣٦.

## ٥٥٠. ڪوٽي ۾ مُني، ڪنهن نہ ڏٺي. (پهاڪو)

ڪُوٽي: ڪوني، ڪُنڊ. مُني: جنهن عورت جو مڙس مري ويو آهي، رنڙ، وڌوا.

اسلامي اصول تحت، مُني چار مهينا ڏھ ڏينهن عِدت ۾ ويهندي آهي. انهيءَ دوران ڪو بہ هار سينگار يا نماءُ وغيره نہ ڪرڻو اٿس. عدت پوري ٿيڻ بعد، ڪيس اختيار آهي تہ، شرعي حدن اندر رهندي، ٻي شادي ڪري يا نہ.

هندو مت جي اصول تحت، وڌوا ڪي ٻارنهن مهينن لاءِ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي گذارڻو آهي. اهو عرصو گذرڻ پڄاڻان بہ ڪيس معاشري ۾ ڪا ايڏي اهميت حاصل نہ هوندي آهي. جنهن ڪري ڪيس ڪو بہ اڪ ڪٽي ڪو نہ ڏسندو آهي. نہ ساٿس ڪير ٻي شادي ڪندو آهي ۽ نہ ئي ڪيس، ٻي شادي ڪرڻ جو اختيار آهي. سندس سموريون خواهشون، ساڻس گڏ، انهيءَ ڪنڊ ۾، مري ئي ويندديون آهن.

مطلب: جنهن ماڻهوءَ، پنهنجي غلط رويي سبب، ٻين سان تعلقات خراب ڪري، پاڻ ڪي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي، ان جو مثال مُنيءَ وانگر آهي. (۵)

## ٥٥١. کهيو واٽيو، پِٽ پراٽي، ڊبڪر دڪڻ چُون،
## وڻ ٻاٻرو، ڪر ماٺهو، پنج ئي پاسي هون. (چوٽي)

کهيو واٽيو: ڪٽل شاهوڪار. ڊبڪر: موچي. دڪڻ: دڪاڻ، مڪان. چُون: چَوِڻ.

١ - واپاري، واپار ۾ ٽوٽ ڪائڻ بعد، ٻين کي پيو پٽيندو ۽ ڪائيندو آهي. پٽي ڪائي، ڪين ڪتائي ڇڏيندو آهي.
٢ - پراڻي پيٽ، عمر ڏيڻ سبب، ڀُتي هوندي. هر وقت، اوچتو مٿان ڪرڻ جو، منجهانئس ڀؤ پيو رهندو آهي.
٣ - موچيءَ جو دڪان پر ۾ هوندو ته چمڙي ڪُتڻ سان اپڙندڙ سڙاندب واري ڌپ، نڪ ئي ساڙي نؤد ڪري ڇڏيندي.
٤ - ٻاٻرو وڻ، گهر يا اوطاق ۾ نه هڻجي. منجهانئس مُند ۾ ڪنڍا ڇڻندا رهندا، جيڪي اگهڻ وڃائيندا رهندا. ڪو ٻه ماڻهو، ٻٻر جي وڻ هينان، نه ڪٽ وجهي ويهي/ سمهي سگهندو آهي ۽ نه وري سولائيءَ سان هينانئس لنگهي سگهندو آهي. گهر ڏٽي يا سنپاليندڙ ٻه آزار ۾ هوندو آهي.
٥ - بي افعالو ماڻهو، رڳو پنهنجي لاءِ نقصانڪار نه پر ٻين کي ٻه نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.
مطلب: ١ - مٿين چئني شين کان جلدي، پاسي ٿي وڃجي ته بهتر آهي.
٢ - وڻ ٻاٻرو، ڪر ماڻهو، شل پاڙي نه هوون. (٢) ص ١٣٨ ۽ (٤) ص ٢٥٢.

## ٥٥٢. ڪيرتي گانءِ ري، لت ٻه پلي. (پهاڪو)

انساني فطرت ۽ سياءُ، هر فائدي واري شيءِ کي پسند ڪندڙ ۽ نقصان ڏيندڙ شيءِ کان ٿهندڙ آهي. جڏهن ته ڪن شين ۾، نفعي سان گڏ خفو پڻ رکيو ويو آهي. گل سان گڏ ڪنڊو، محنت/ مشقت واري ڪم منجهه سک، ماکي ڏيندڙ مک سان ڏنگ، بار ڍوئيندڙ گڏهه سان اِٽ، هر وهندڙ ڏاند سان ٽڪر ۽ کير ڏيندڙ ڳئونءَ سان لت/ اِٽ پڻ رکي وئي آهي. جتان فائدو حاصل ٿئي ٿو، اتان اگر ٿوري گهڻي تڪليف پهچي ته، فائدي جي صدقي اها برداشت ڪئي ويندي آهي. باقي جنهن شيءِ مان فائدو نه پوي ان جو نقصان ته ڇا، نخرو ٻه ڪنهن کان برداشت نه ٿيندو آهي.
اگر ڳئون کٽر ٿي پوي، کير ته نه ڏئي پر لتون هڻي پنهنجو پرائو ڏڌو ٻه هاري ڇڏي ته، اها تڪليف ڪنهن کان ٻه برداشت نه ٿيندي آهي. سنت ئي کيس ڪاسائيءَ آڏو پيش ڪندو آهي. مٿس، گاهه پني واري محنت کي ٻه عذاب پيو سمجهندو آهي.
مطلب: ١ - کير ڏيندڙ گانءِ جون، لتون ٻه سهجن. (هندي)
٢ - کير واريءَ ڳئونءَ جون، هر ڪو اِٽون سهندو آهي. (لاڙ)
٣ - جنهن ڪم مان فائدو رسي، تنهن ڪم جي تڪليف ٻه سهجي.

۴ - جن سان منا ڪائبا، تن سان ڪڙا ٻہ ڪائبا.

## ۵۵۳. ڪيڙيو تہ ڪيٺ، جي ليڏاٽيو تہ ڏان. (زرعي، چوڻي)

ڪيڙيو: ڪيڙڻ، ڪاهڻ، پوکڻ. ڪيٺ: ڪيت، ڪيتر، ٻني، فصل، زمين، ڪيتي. ليڏاڻ: اجايو ڦتل گاهہ، ڊٻ ڊاڙي، گڏ ڪيڻ، ٻنيءَ منجهان جهنگلي اُپريل گاهہ ڪيڻ. ڏان: ان، ڏانيہ مان (سنسڪرت).

ٿر پاسي وارياسي زمين آهي، جنهن ۾ زراعت گهٽ ٿئي. نہ آهن اتي درياءَ، نہ واہ ۽ نہ ئي ڪي چشما ۽ تلاءَ، جن تي پوک ٿئي. ٿرين جون اکيون، سدائين ابر آسري، آسمان ۾. باراني پوک لاءِ رحمت جو ڪکر وسيو تہ ٻاجهريءَ جي پيداوار ٿيندي.

پهرين برسات تي، توڪل ڪري ٻاجهري ڇٽيندا. واريءَ واري زمين ۾، پاہ (ٻڪرين جي ڦولهڙين جو ياڻ) ۽ ڪي سڪا پن ڇٽي ڇڏيندا آهن. موچارو مينهن پيو تہ اوڙون ڏيئي، ٻاجهريءَ جو ٻج، توڪل ڪري ڇٽي ڇڏيندا. موافق مينهن پورين مهلن تي پوندو رهيو تہ ٻيڙا ئي پار.

ڪٽي ڪٽي جا هزار ڪٽا ملي ويندن. چو تہ ٿر جي واريءَ ۾ قدرت جو اسرار اهو رکيل آهي جو هڪ ڪٽي مان گوها ڏيئي، ٻاجهريءَ جا چار پنج ڪانا نڪري پوندا آهن ۽ هر هڪ ڪانو جدا جدا سنگ جهليندو آهي.

جڏهن فصل گوڏي جيڏو ٿيندو آهي تڏهن ٿري، ڪپ ڪوڙي اڃي ٻنيءَ جي سنڀال لاءِ رهندا آهن. ٿوري نظرداري ڪندا آهن ۽ زالين مڙسين ٻنيءَ مان ليڏاڻ ڪيندا آهن. نار يا درياهہ جي پاٽيءَ جي ٻُٽيءَ ڪان سواءِ ئي، اَنَّ جا ڪرا لڳي ويندا اتن.

ليڏاڻ ڪيڻ جو ٻہ طريقو آهي. جيڪي پاتي هوندا سي قطار ۾ ٿيندا ويندا، پوءِ هر پاتي ٻہ يا ٽي اوڙون پنهنجي حوالي ڪندو. اِن طرح گڏجي ڪوڏرن سان سيڪو پنهنجن اوڙن وارو گاهہ ڪيندو، اڳتي وڌندو ويندو. چاليهہ-پنجاهہ ڪن وکون هلي، اتي بند ڪندا. چاليهن وکن جيتري پنڌ کي "گاڏهو اوجاڻ" ۽ سٺ وکن جيتري مفاصلي کي "اونو اوجاڻ" چون. هڪ دفعو اوجاڻ تائين گاهہ ڪڍي ويندا تنهن کي "پِرانچ" چوندا. پوءِ وري اُتان ساڳئي نموني واپس گاهہ ڪيندا ايندا. شام جو گهر اچڻ وقت ڪنهن پڇيو تہ ڪيترو ليڏاڻ ڪيو آهي تہ چوندا تہ هيتريون پرانچون ڪيون اٿم. اهڙيءَ طرح جڏهن سڄي ٻنيءَ مان گاهہ ڪڍي ڇڏيندا، تڏهن چوندا اڄ ٻني "اوهِري" ڇڏيسين، يعني گاهہ ڪڍي ڇڏيوسين. ليڏاڻ لاءِ ڪوڏر

ٽڪندي شڪل جي هوندي آهي، جنهن ۾ ڇهه فوٽ ڪن ڊگهي ڪاٺيءَ جو ڳن وڌل هوندو، هن کي ”ڪَسِي ڪوڏار“ چئبو آهي.
مطلب: ١ - ڪيڙيو ڪيتر، ليڏاٽيو ڏان.
٢- جيڪڏهن ڪيڙي ڪَيوَ تہ فصل چاپندو، اگر ڳڏ ڪديوَ تہ اَنُّ ٿيندو.
٣ - فصل پوکجي تہ ڊپ ڏاڙي بہ ڪڍجي.
۴ - پاليل، ڏاريل، ورتل شيءِ جي سار سنڀال، ٿهل ٽڪور بہ ڪجي.
۵ - فصل، ڳڏ ڪرڻ ۽ گند ڪڍڻ سان، پلو چاپندو آهي ۽ مجموعي طرح جهجهي پيداوار ڏيندو آهي. (٩) ص ٨١.

## گ

۵۵۴. گابو ڪپڙ-ڇپڻو، نر گهوڙو وهي ڏُگام،
ڪرهہ ڪري ڪامڻي، گهر آئي مزمان،
گانڊو رڻ نہ چڙهي، گهر هٽي شوغان،
راجا جوٽ ٻولي، اهي پنج ئي بدنام. (چوٽي)

ڪپڙ- ڇپڻو: ڪپڙو ڇپاڙيندڙ. ڏگام: ڊوڙي هلڻ. ڪامڻي: عورت.
ڪرهہ: ڪٽ پٽ، تڪرار، ڪروڌ. گانڊو: گيدي، ڊڄڻو، بزدل.
رڻ چڙهڻ: بهادريءَ جو ڪم ڪرڻ، لڙائي تي وڃڻ.
شوغان هٽڻ: ڏاڙون يا لباڙون هڻڻ. جوٽ ٻولڻ: ڪوڙ ڳالهائڻ.
١ - ڪن گابن ۾ عادت ٿيندي آهي تہ بجاءِ گاهہ ۾ ٻوٿ وجهڻ جي، نوڙيءَ، رسي يا ڪپڙي کي پيا چٻيندا آهن. اهڙن گابن جو گهر ۾ هجڻ، گهر جي شين خاص طور تي ڪپڙن لاءِ، نقصانڪار آهي.
٢ - گهوڙي کي هڙ ئي چالون هلڻ گهرجن: آهستي بہ تہ تيز بہ. جيڪو گهوڙو آهستي پنڌ وانگر هلي نہ ڄاڻي ۽ رڳو ڏُگام هلي ڄاڻي سو بہ وقت تي ڪم نہ ٿو اچي. ڇو جو سوار ۽ سئيس جون، حالتن آهر، پنهنجون مصلحتون آهن.
٣ - گهر ۾ آيل مهمان وٽ عزت، عورت ڪرائيندي آهي. عورت، وقت تي ماني نہ پچائي ۽ هنڌ بسترو نہ پهچائي تہ مهمان دل ۾ برو سمجهندو ۽ آئنده نہ ايندو. ڪروڌي عورت، مهمان جهڙي رحمت کي بہ موٽائي ڇڏي.

۴ - گهر ويني ڏاڙون هڻڻ، گيدي ماڻهوءَ جو ڪم آهي. جيڪو جنگ يا جهيڙي ۾ پاڻ ته نه وڙهندو آهي پر لباڙون هڻي، ٻين جي هٿان مارائيندو پڻ آهي.
۵ - بادشاهه ڪي سمورا اختيار آهن ۽ ان ڪان سواءِ خدا جي مدد به شامل هوندي اٿس. ان هوندي به ڪوڙ ڳالهائي ته ان ڪان وڌيڪ ڪا ٻي بيحيائي آهي ئي ڪا نه.
مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل پنج حالتون، بد ناميءَ جو باعث هونديون آهن.
۲ - ڳابو ڪپڙ-چٻٽو، نر گهوڙو وهي ڪتگام،
ڪره ڪري ڪامٽي، گهر آئي مزمان،
ڪانيئر رڻ پجٽون، گهر هٽي شوگان،
راجا جوٺو ٻولٽون، پنج ئي بد نام.
۳ - ڳابو ڪپڙ-چٻٽو، سوئا سينڌي، سبر سواري،
اَلڙ ڪتو، بندوق ڏوردار، پنج ئي بيڪار.
۴ - ڳابو ڪپڙ-چٻٽو، نر گهوڙو ڪتگام،
ڪره ڪري ڪامٽي، گهر آئي مزمان،
سپاهي رڻ نه چڙهي، گهر هٽي شغان،
چاڪر رڻ نه چلٽا، گهر ڪري ڪلام،
راجا جوٺ ٻولٽو، اهي پنج ئي بدنام. (چوٽي)
۵ - ڳابو ڪپڙ-چٻٽو، نر گهوڙو ڪتگام،
ڪره ڪري ڪامٽي، گهر آئي مزمان،
ڪانئر پجي جنگ ۾، گهر هٽي شغان،
راجا جوٺ ٻولٽو، اهي پنج ئي بدنام. (ٿر) (۱۲) ص ۱۴۶.

## ۵۵۵. ڳاجٽا سو باجٽا، مانيٽا سو مِيه. (پهاڪو)

ڳاجٽا: ڳجندڙ. باجٽا: واڄٽا، وڄندڙ، واڪو ڪندڙ. مانيٽا: ماٺ ميٺ ۾ ايندڙ. ميه: مينهن، برسات.
ڳجندڙ ڪڪر، محض وڄندڙ/ واڪو يا ڪڙڪو ڪندڙ هوندا آهن. منجهانئن ايترو پلر نه پلٽبو آهي، جنهن سان ٽر جون نوٽ/ وارياسيون زمينون، سيراب ٿين يا سڪل زمين جا چيڙا آلا ٿين.
ان جي برعڪس، ماٺ ميٺ ۾ اچڻ وارا ڪڪر، جهور يا ٽِڪ ٻڌي وسندا آهن ۽ منجهانئن تمام گهڻو مينهن/ پاڻي وسندو آهي. ٽر ۽ ترايون، ڍنڍون

۽ ڏورا، ٽونڪا ۽ ٽويا، سر ۽ جر، پرجي تارئون تار تي ويندا آهن. پونا ۽ پٽون، دڙا ۽ گوچار، گاهن/ فصلن سان ساوا ٿي ويندا آهن. نتيجي ۾ مال ۽ ماروئڙن لاءِ، سک ۽ سٽايون ٿي پونديون آهن.

مطلب: ١ - ڪڪرن مان ايندڙ گوڙ بابت، ائين چيو ويندو آهي.

٢ - گونگو/ بينل پاٽي، بوڙي.

٣ - سڪٽي ڪني، گهٽو ايامي.

۴ - سڪٽو چٽو، وڃي گهٽو.

۵ - پونڪندڙ ڪتو، ڏاڙهيندو ناهي.

٦ - Barking dog, never bites.

٧ - جو گجي، سو نه وسي.

٨ - جيڪو گجي ٿو، سو وسي نه ٿو.

٩ - گاجٽا، نه باجٽا. (ٿر)

١٠ - گرجي سو برسي نهين، برسي گهور انهار. (پوجپوري)

١١ - گجندڙ ڪڪر، وسندا ناهن. وسندڙ ڪڪر، گهپ انڌيرو ڪٽي ايندا آهن. (۵)

## ۵۵٦. گانوڙي تو ڏوڌ ونڪي، تيج ونڪي گهوڙيان، آدمي تو خرچ ونڪو، سيل ونڪي گوريان. (چوٽي)

گانوڙي: ڍڳي. ڏوڌ: کير. ونڪي: گهڻو. تيج: تيز. سيل: ست، ستي.

١ - ڍڳي اها پلي جيڪا جهجهو ۽ جالارو کير ڏئي. جيڪڏهن کير به نه ڏهائي ۽ ٻارهين مهيني ڦر به نه ڏئي ته پوءِ ڪاسائيءَ جي ڪم جي آهي. پالڻ ۾ مهانگي پوندي.

٢ - گهوڙي به اها پلي آهي، جنهن کي لڪڻ هٽڻ جي ضرورت نه پوي. اشاري سان تيز هلي ۽ جلد منزل پٽي وڃي.

٣ - مرد اهو پلو آهي، جيڪو صحيح خرچ ڪري. پاڻ تي، زال تي، ٻارن تي ۽ مٽن مائٽن تي خرچ ڪري. جوئا، زنا ۽ شراب تي پئسا نه وڃائي.

۴ - عورت به اها پلي آهي، جيڪا ست سيل واري آهي. باقي رنگ جي سهٽي، جيڪا ڪونا ٽپندي ۽ لوڙها لتاڙيندي وتي، ٻاهر پڳي ۽ ڪچي تي لهندڙ هجي، تنهن سدا سهاڳڻ ڪان، پونگو پينگ پلو آهي.

مطلب: ١ - ڪمائتي، عزت واري ۽ ڪارائتي شيءِ، تمام پلي آهي.

٢ - پيٽيو: گانوڙي تو سينگ ونڪي، ڦينچ ونڪي گهوڙيان،

آدمي تو مونـڃ ونڪو، روپ ونڪي گوريان. (٢) ص ٢٣٧.

### ٥٥٧. گانوڙي تو سينگ ونڪي، ڦينچ ونڪي گهوڙيان، آدمي تو مونـڃ ونڪو، روپ ونڪي گوريان. (چوڻي)

گانوڙي: ڳاوڙلي، ڏڳي. ونڪي: واري. ڦينچ: رت، ماس. روپ: سونهن.
١ - ڳئون اها ڀلي آهي، جنهن جا سڱ وڏا هجن. ڪير جهجهو جالارو ڏئي ۽ ڦرَ ڦروٽا، ڦُنرڙا هجنس.
٢ - گهوڙي بہ اها ڀلي آهي، جنهن ۾ رت، ماس ۽ جواني هجي. جواني وڃڻ ڪان پوءِ، ڪراڙي گهوڙي بہ اٽي تي چٽي هوندي آهي.
٣ - مرد اهو ڀلو آهي، جنهن جون مڇون وڏيون، ويڪريون ۽ گهاٽيون هجن. ڇدين ۽ سنهين مڇن واري مرد ۾ هشمت نہ ٿي رهي. بلڪ ڪوت-مُنهن هئڻ سبب، عورتن ڪان بہ پري آهي.
٤ - عورت بہ اها ڀلي آهي، جيڪا سونهن ۾ سرس هجي.
مطلب: ١ - خوبين واري شيءِ ئي ڀلي هوندي آهي.
٢ - پيٺيو: گانوڙي تو ڏوڌ ونڪي، تيج ونڪي گهوڙيان،
آدمي تو خرچ ونڪو، سيل ونڪي گوريان. (٢) ص ٢٣٦.

### ٥٥٨. گانيان جوڀن برسات هي، تريان جوڀن ڏئت، ماهيلي جوڀن مان هي، مردي جوڀن ڇَتَ. (چوڻي)

گانيان: ڳئن لاءِ. تريان: گهوڙين لاءِ. مَانُ: عزت، مرتبو. ڏِئتَ: اَنّ ڪان علاوه جيڪو ڏجي، جيئن گيهہ مکڻ وغيره. ماهيلي: عورت. مَردي: مرد لاءِ. جوڀن: جواني، خوشي. ڇَتَ: ايمان يا مهل تي مردانگيءَ وارو جوهر.
١ - گاهہ ڪان وڌيڪ، ڏڳين لاءِ برسات ۾ مزو آهي. برسات وقت، تازو ڪچڙو ڦٽل گاهہ، جنهن کي لونگي تا سڏين، ڏڳين لاءِ ڏاڍو مرغوب هوندو آهي. ٽڙڻ جي باوجود، گاهہ مان نہ نڪرنديون آهن. مثال: لوبي لڳو واٽيو، لونگيءَ لڳي ڳانءِ.
٢ - گهوڙين لاءِ سڪٽو داڻو نہ پر ان سان جيڪو گيهہ مکڻ ڏجين تو سو ڏاڍو مرغوب ۽ جواني آڻيندڙ هوندو آهي. ان سان سندن مُک ۾ ئي رونق اچي ويندي آهي.

٣ - سيئي سهاڳڻيون بہ خوش ناهن، بلڪ اهي جن جي پنهنجي مڙس وٽ عزت ۽ مرتبو آهي. اهي خوش ۽ خرم، مطمئن ۽ معطر آهن. انهن جا چهرا ٻهڪندڙ هوندا آهن.
٤ - مرد بہ فقط ڏن تي جوان ناهن. بلڪ اهي مرد جن وٽ مڙسي، مردانگي آهي ۽ ايمان جي سلامتيءَ جي زور تي پنهنجي ساک قائم رکن ٿا. تن کي دل جي خوشي حاصل آهي. مثال: خوشيءَ جهڙي خوراڪ ناهي، گڏتيءَ جهڙو ڳارو ناهي.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل چار حالتون، جواني/ خوشي پيدا ڪندڙ آهن. ٻيءَ صورت ۾ جوان بہ مرجهايل نظر ايندو.
٢ - ڳانيان جوڀن وسڪارا، ترِيان جوڀن سڏان،
مهيلي جوڀن پريم هئي، مردان جوڀن مان.
٣ - پيٽيو: ڳايان جوڀن ڳاس هي، تريان جوڀن اَنُّ،
ماهيلي جوڀن مرد هي، مردي جوڀن ڏن. (١٢) ص ١٤١.

## ٥٥٩. ڳانيان جوڀن ڳاس هي، تريان جوڀن اَنُ، ماهيلي جوڀن مرد هي، مردي جوڀن ڏن. (چوڻي)

ڳانيان: ڏڳين لاءِ، ڳئن لاءِ. ڳاس: ڳاھ، چارو. تريان: گهوڙين لاءِ. ماهيلي: عورت. جوڀن: جواني، خوشي.
١ - ڏڳيءَ کي ڳاھ ڏؤ تي ملندو تہ ڪائي متاري ٿيندي ويندي ۽ انهيءَ ۾ سندس جواني ۽ خوشي آهي.
٢ - گهوڙي لاءِ داڻو يا اَنُ جام هوندو تہ، ڪائي مَچي مواڙ تي پوندو آهي. اهو انهيءَ لاءِ مستي آڻيندڙ آهي.
٣ - عورت، جنهن جو مڙس جيئرو آهي، وريتي هئڻ سبب سندس من جون مڙيئي مرادون پوريون پيون ٿينديون. انهيءَ ۾ سندس خوشي آهي ۽ انهيءَ ۾ سندس جوڀن آهي.
٤ - مرد بہ ڳٽتين واري ڳاري کان اهو بچندو، جنهن وٽ ڏن آهي. ڏن هئڻ جي خوشيءَ ۾، جوان پيو لڳندو.
مطلب: ١ - ڳئونءَ لاءِ ڳاھ، گهوڙيءَ لاءِ داڻو، عورت لاءِ مڙس ۽ مرد لاءِ ناڻو، جواني ۽ خوشي پيدا ڪندڙ آهي.
٢ - اٺ کي لاڻو، گهوڙي کي داڻو،
مرد کي ناڻو، محبوب کي ماڻو. (١٢) ص ١٤١.

### ٥٦٠. ڳاءِ: ڪتر مال. (چوڻي)

ڀاڳين جو چوڻ آهي: ”جڏهانڪر مخلوق پيدا ٿي تہ ٻيو سڀ مال، ماڻهوءَ سان نهي ويو پر ڳائي مال ۾ جهنگلي هئڻ جي بوءِ باقي آهي. ڳائو مال، وينو هوندو تہ بہ ڏٽيءَ کي ڊپ رهندو تہ ڪنهن بہ وقت ٿاهہ ڪائي نہ اٿي!“ عام طرح چوندا آهن تہ: ”ڳائي ٻوٽي ڏنگي آهي، ايترو جو رڍڻ وقت، ڪني مان بہ نڪري ويندي!“ ڳئون ويڙهي آهي ۽ چڙهي هٽندي!

ساري سنگهار، پنهنجي ماڻهن کان پڇيو: ”ڏيو خبر! سڀ خير آهي؟“

”هائو!“ ورندي ڏنائونس.

”ڏيو خبر!“ ساري سنگهار، جهنگ چرڻ لاءِ، ڳاين جي وڃڻ بابت، پڇين:

”ڀلا ڳايون ڦهريون“.

”اجا تہ نہ ڦهريون آهن.“ کيس ٻڌايائون.

”تڏهن خير ڪٿي!“ ساري سنگهار، ڳائي مال جي ڏنگائيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چين: ”ڳايون جي ٿاهہ ڪائي اٿيون تہ سُڄ ڪنديون!“

مطلب: ١ - ڳئون، ڪتر مال.

٢ - ڳائو مال ويڙهو ۽ ڪتر ٿيندو آهي. (٢٢) ص ٣١.

### ٥٦١. ڳائين ڏارجنين گورڙين، رهجي رڻ ري وَٽِ، پنج آپٽين، ڏس پارڪين، گورين وڏو گهڳٽ. (ڪڇ، چوڻي)

رڻ: ڪڇ جو رڻ، Marshy land. وٽ: ڪڇ ۽ ٿر جي وچ واري جاءِ.

ڳائين: ڳايون، ڳئون، ڍڳيون. گورڙين: ڳورڙيون، اڇيون. آپٽين: پنهنجو.

ڏس: ڏهہ. پارڪين: پرايون. گهڳٽ: نظارو، show off

اڇيون ڳئون/ ڳايون، ڪڇ جي رڻ وارا ڀاڳيا ڏارين. انهن اڇين ڳاين کي ڪاڏو ڪيپي. جيڪي رڻ ۾ ٿر جي وچ واري حصي ۾، جنهن کي وٽ سڏجي ٿو، جام ٿئي ٿو. وَٽِ ۾ رهڻ سان، خوشحالي آهي. مال لاءِ ڪاڏو جام آهي. مارو ماڻهن لاءِ بہ اٿ وڻ ٽڻ، ڪڻ ۽ مال جو ٽڻ، پريل رهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن وٽ پنهنجي مال جو ڌڻ ناهي تڏهن بہ کيس، ٻين جو مال پنهنجي هڪ اڌ گورڙي ڳئون سان ملائي، ڌڻ ناهڻ گهرجي. اهو ڌڻ ڦهرائي، رڻ جي وٽ ۾ وڃي رهڻ گهرجي. ڳئون ڀٽاريون، اٿي چري کير

مکڻ جهجهو ڏين ۽ سندن گابا ۽ گابيون به اتي ڦترڙا رهن. سگها به ٿين ۽ وڏا به جلد ٿين.
مطلب: ١ - رڻ جي وٽ، گورڙين ڳئونئن لاءِ مفيد علائقو آهي.
٢ - ٽک عيسي جي ٽک موسي جي، ڏڻ مڙيئي ڊُنڊڻ جو.
٣ - پنج تنهنجون ڏهه ٻئي جون، پر ڏڻ وڏو نظر اچڻ گهرجي. (٢٢) ص ٣٣.

## ٥٦٢. گڏهه تان گلاب، هاريو ته ههئين ويو. (پهاڪو، بيراجي)

گڏهه، ڪم ڪان ٿڪجي ته مٽيءَ تي، خاص ڪري وڏي ٻسڙ ڏسي منجهس ليٽي ته ٿڪ لهيس. جڏهن گاهه ڪارائي، دايا هٿ ڪيندس ته ٻڪيو وجي ڪرفتي ڪائي ته پيٽ جو هاضمو درست ٿئيس. اهڙي زناور کي ڪٽڪ جي ماني ڪائڻ لاءِ ڏيڻ، مانيءَ جو مان گهٽائڻو آهي ۽ مٿئون گلاب چٽي، گلاب جي بي قدري ڪرڻي آهي.
مطلب: ١ - هر ڪنهن سان سندس طبيعت آهر ورتاءُ ڪجي.

## ٥٦٣. گڏهه ڍؤ جهلي نه سگهي. (پهاڪو)

غريب ماڻهو، گڏهه ڏارين. ڪُنيارن جو ته خاص وهٽ، گڏهه آهي. ڇو جو سندن ڏنڌو مِٽيءَ مان ٿانءُ ناهڻ جو آهي. جنهنڪري مٽي، پانءَ ٿپا ڍوئڻ ۽ نهائينءَ لاءِ پاڻ آڻڻ واسطي ڪم اچين. عام ماڻهو سواريءَ لاءِ گڏهه ڪم ڪو نه آڻين. گڏهه تي چڙهڻ کي عيب سمجهن. جڏهن ته ڪنيار جڃ ۾ به سواريءَ لاءِ گڏهه ڪم آڻين. وسڪاري جو ٻنيءَ تي پاڻيءَ جو جنڊو پري ڪٽي وجن. سياري اونهاري شهرن ۾ مِٽي ۽ سرن ڪٽڻ جي ڪم اچن. مالڪ سڄو ڏينهن ڪم وني شام جو جهنگ ڏي روانا ڪن، جتي گاهه وغيره ڪائين. صبح جو ڳولي هٿ ڪري ڪم ۾ لڳائيندا آهن. خرچ ٿورو، ڪمائي جهجهي. ڏڪار پوي ته به گڏهه ويچارو پيو هلندو آهي. برسات پيئي، ٿورو گاهه نڪتو ته ڪائي ڍؤ ڪندو.
ڪجهه ساهي آيس ته هينگون ڏيندو ۽ ٻوڙون پائيندو. جنهن سببان چيو ويندو آهي: ”گڏهه ڍؤ جهلي نه سگهي.“
مطلب: ١ - ڍؤ جهلڻ به هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.
٢ - پيٽيو: ڍؤ جهلي هڪ پايڙو، ٻيو مينهن. (١٢)

## ٥٦٤. گڏهه، گولو، ڍول، ڪاڳر ۽ ڪپاهه،

## پنج ئي ڪٽيا پلا، جي نہ ڪٽيا تو وڻاه. (چوڻي)

گولو: نوڪر. ڏول: ڍهل. ڪُٽيا: ڪٽڻ، سٽڻ. وڻاه: نقصان.

١ - گڏھ، پيار قرب واري ٻولي نہ سمجهندو آهي. رڳو گاه چاربس تہ بہ بار نہ ڪٽندو. ان جي برعڪس ٻانن جي ٻَهيڙ ٻڌبس تڏهن سڌو ٿي وهندو. مثال: سوٽي هجي ساڻ، گڏه گوهي نہ ڪري.

٢ - نوڪر کي بہ پيار قرب ڏيڻ معنيٰ اَرن مان ڪيڻ. کيس قرب ڏئي ڪارڻ جي بجاءِ، اک ۾ رکڻ بهتر آهي. کيس حجائتو/ بي ڊپو ڪبو تہ: نہ ڪم ڪندو ۽ نہ احترام. هٿائين چئن چڱن جي سامهون بيهي پٽڪو لاهيندي بہ دير نہ ڪندو.

٣ - ڍهل جو اصل مقصد بہ وڃڻ آهي. جيستائين کيس سوٽيءَ سان نہ ڪٽبو، تيستائين منجهائنس مراد نہ مِلندي.

۴ - ڪاغذ تي بہ جيستائين سڃاڻ قلمڪار يا ڪاتب جو قلم نہ وهندو، تيستائين بيڪار آهي.

۵ - ڪپهہ کي بہ جيستائين اس تي وائکو ڪري، لڪڻ سان سٽي نہ تنببو يا مشين ۾ وجهي نہ پڃائبو، تيستائين فائدو نہ ڏيندي. ڳوڙها ٿي ويندي ۽ نرمي نہ هوندس، نہ وهاڻي/ سوڙ جي ڪم جي ۽ نہ وري سٽ/ ڌاڳي جي ڪم جي رهندي.

مطلب: ١ - مٿيون پنج شيون، ڪٽڻ سٽڻ کان سواءِ، بيڪار آهن.

٢ - گولو ۽ گڏه، ڪاغذ، مڄ ۽ ڪپاس،
تن ۾ ڪر تپاس، تہ اهي پنجئي ڪٽيا پلا.

٣ - ڍولان، گولان، گاڏهان، ڪپڙ، مڄ، ڪپاه،
ڇهني جو گر هيڪ، ڪٽئي بنان نہ ناه.

۴ - گولو ۽ گڏه، ڍول، ڪاغذ ۽ ڪپاس،
تن ۾ ڪر تپاس، اهي پنج ئي ڪٽيا پلا.

۵ - مُڄَ، مهيري، ڪپڙو: ڪُٽِ تہ ڪولهو (نرم) هوءِ،
جي رَءُ (چڙواڳ) ڇڏيئي جوءِ، ويندئي واڪا ڪندي. (سرو)

٦ - پيٽيو: ڍول نِہ پول، ڪٽيا پلا. (١٢) ص ١۴۴.

## ۵٦۵. گڏهہ لت هڻڻ کان نہ مڙندو. (پهاڪو)

گڏهہ جي عادت آهي تہ بيني بيني پيو اِتون هڻندو آهي. پوءِ چاهي پويان، ڏٽي هجيس يا ڪو ٻيو چو نہ هجي. هٿين خالي همراه پويان هجيس يا لڪڻ هڻڻ وارو. فطرتًا بينو اِتون هڻندو.

هڪڙا فطرتًا شرارتي يا شادي بد خبر هوندا آهن. عادتًا وينا ٻين جا ٿهيل ڪم بگاڙيندا آهن. حالانڪ ائين ڪرڻ سان کين ڪو فائدو به نه پهچندو آهي. ويتر خواري به ٿيندي اٿن. پر ڪنهن جي سنئين ۾ ناخوش رهندا آهن. (٣٥) ص ٢٢٧
مطلب: ١ - فطرت، ڪنهن جي به کين متجي سگهندي آهي.
٢ - جبل گردد، جبلت نه گردد. (فارسي)
٣ - جبل جاءِ تان هٽي سگهي ٿو، عادت نه.
٤ - پيٽيو: عادت نه متي عادتي، علت مور نه جاءِ، اٺ پوي ڪٽڪ ۾ ڪنٽا چڻ چڻ کاءِ.

٥٦٦. گرا گونئرا نه چئجن، پيٽ-وڏيا پٽ نه چئجن. (پهاڪو)
گرو: ميرو، گرُ-ورتل، جنهن کي گرڻ جي بيماري لڳل هجي. گونئرو: ڪنوات، ننڍو اٺ، سيڪڙات، الهڙ. پيٽ-وڏيو: پيٽي، گهڻ-کائو، نڪمو، ليلهر، هڏ-رک، کائڻ جو ڇهبر.
اٺ، ٽر اندر ٻني ٻاري لاءِ ڪم اچي. هر ڪاهڻ، اونهن کوهن منجهان پاڻيءَ جا ورت ڇڪي ڪيڻ ۽ پٽن مٿان وڏا بار ڍوئي گهر تائين پهچائڻ جا ڪم اٺ ڪري ٿو. جنهن کي گرڻ جي بيماريءَ ورتو آهي، اهو پنهنجي عذابن ۾ قاتل آهي، ڏٽين جي کهڙي ڪم ايندو. ان جي حيثيت، سيڪڙات يا جڙ ڪنوات جهڙي به ناهي.
پٽ به ان لاءِ ڄڻبو آهي ته پيريءَ منجهه ڪم ايندو. اگر پٽ، بجاءِ مددگار ٿيڻ جي، پيٽي نڪري پوي ته ان کي پٽ نه پر پاڻ مٿان چٽي پيو سمجهبو. (٣٥) ص ١٩٢
مطلب: ١- پيٽي پٽ: گهر جي سونهن.
٢- نڪمو ٻار، ڀلي سڳو پٽ هجي، ڪنهن کي به کين ٿو وڻي.
٣- ڀلي ڪاڻو هجي، پر پٽ ڪاتو هجي.

٥٦٧. گُر بن ملي نه گيان، ڀاڳ بن ملي نه سجن،
تپ بن ملي نه راڄ، ڀانهن بن هٽي نه دُرجن،
پرس بن ڪيسي سينگار، مينهن بن پري نه سگر.
(ڍٺ، چوڻي)

گر: گرو، مرشد. ٻن: ڪان سواءِ. گيان: علم، ڄاڻ. ڀاڳ ٻن: ڀاڳ/ بخت ڪان سواءِ. تپ: تپسيا ۾ پرارٿنا، عبادت. راڄ: بادشاهي. ٻانهن ٻن: ٻانهن جي ٻل ڪان سواءِ. هٽي: هٽڻ، ٿهڻ، ٿهي پئجڻ. دُرجن: دشمن. پرس: مڙس. سگر: ساگر، درياهه.
١ - دنيا جا معاملا، بنا سکڻ جي جلد سمجهه ۾ نه ايندا آهن. سکڻ لاءِ آزمودگار استاد/ رهبر وٺڻ ضروري آهي.
٢ - سڄڻ به ڀاڳ وارن کي ملندا آهن، جنهن تنهن کي نه ملندا آهي.
٣ - راڄ ڀاڳ ۽ حڪومتون/ بادشاهيون، پاڻ پچائڻ ۽ محنت ڪرڻ سان ماڻبيون آهن. سستيءَ ۽ ڪاهليءَ سان، راڄ نه ملندا آهن. نه ئي گهر ويٺي يا ورثي ۾ آيل، نيبهه ئي ٿيندا آهن.
۴ - دشمن به وسئون ڪو نه گهٽائيندو آهي. آخري موقعي تائين تاڙ ۾ رهندو آهي. ان کي مِٽائڻ لاءِ، پنهنجي ٻانهن ۾ به ٻل/ شڪتي هئڻ ضروري آهي.
۵ - عورت کي مڙس جي جيئري ته سينگار سونهي ٿو. پر مڙس جي مرڻ پڄاڻان ڪيل سينگار، سواءِ خواريءَ جي، ڪجهه به فائدو نه ڏيندو آهي.
٦ - درياهه ۽ سمنڊ کي پرڻ لاءِ به مٿيون/ آسماني پاڻي ضروري آهي. بنا برسات جي، درياهه وهي نه هلندا آهن.
مطلب: مٿي ٻڌايل صورتون، مختلف شين/ ڪارنامن لاءِ لازمي آهن. (٢) ص ٦٥.

## ٥٦٨. گُڙي گُڙي، نيٺ ته وسندو. (پهاڪو)

موسم جا پُور، پنهنجا هوندا آهن. ويني ويني آڙنگ ٿي ويندو. ڪڪر نهندا ۽ گوڙون پيا ڏيندا. ڪنوٽيون ڪيل به لايو بيٺيون هونديون. مٿئون گذري ويندا، پاڻي جي ڦُڙي نه ڪرندي. (٣۵) ص ٢٠١
مطلب: ١- مينهن جي نهيل مانداڻ مان، ڪڏهن ته ڦڙي به نه وسندي آهي.
٢- ڳالهيون ڪرڻ وارا، ڪڏهن پنهنجي ڳالهين تي بيهي نه سگهندا آهن.

## ٥٦٩. گُگر ڪِگر، پندا اڙيا. (پهاڪو)

گُگِراڻ: پِٽن جي مٿان ۽ پاسن وارن لاهن جي اڌ ڪِٽن، ڏورڙن ۽ مٿانهن هنڌن جي وارياسي زمين ۾ ٿئي. سندس ديگهه اٺ فوٽ ڪن ٿئي. ٽِڙ ۽ ٽاريون، ڏنگيون ڦڏيون هونديون اٿس. ٽارين ۾ اڇي رنگ جا ڪَنڊا ٿيندا

آهن، جي اهڙا خطرناڪ ڪو نہ ٿين. ٿڙ ۽ ٽاريون، لسيون ۽ رَس سان پريل ٿين. چوڌاري چوڏي جي بدران بصر جي پردن جهڙا اڇا تَهہ ٿيندا آهن. جيڪي لاهبا تہ هيٺيان ساوا تهہ ڏسڻ ۾ ايندا.
واهوندا ورندا تہ اُن جي ٿڙ ۽ ٽارين مان رس نڪرندي آهي، جا ٻاهر گڏ ٿي ڳنڍيا ٿي پوندي آهي، ان کي "گُگَرَ" چون. ننڍيا ٻار، ڏنار، ٻڪرار، پيل ۽ ڪولهي ماڻهو اهو گگر چونڊي گڏ ڪري وڪڻندا آهن، جنهن مان چڱو اُپراسو ٿيندو آهي. ڪي ماڻهو گگراڻ جي ٿڙ ۽ ٽارين کي ڪهاڙيءَ سان ڌڪ هڻي وَڍِ وَڍِ ڪري ڇڏيندا آهن تہ اتان رس نڪري ايندي آهي جا ڳنڍيا ٿي پوندي آهي. پنجن- ستن ڏينهن کان پوءِ وڃي اهي ڳنڍيا لاهي آڻيندا آهن. اهڙيءَ طرح سال بسال سوين مڻ گگر ٻاهر موڪليو ويندو آهي.
گگر دوا طور ۽ سيمينٽ وانگر بہ ڪم ايندو آهي. پاسرين يا ڇاتيءَ ۾ سُور هجي تہ ڪوري اڇي ڪاغذ جون چورس چُنِڪيون ڪتري، گگر ڳاري، انهن تي ليپ ڪري، سور واري هنڌ چنبڙائي ڇڏين تہ ترت فائدو ٿيو پوي.
ڪونئر جنهن شيشيءَ ۾ ايندو آهي تنهن کي نہ چنبڙندو آهي. جڏهن تہ گگر، پيل ٽانءَ کي بہ چنبڙي پوندو آهي. نتيجي طور، ٽانءُ ئي سوگهو ٿي ويندو آهي.
مطلب: ١ - جيڪو پنهنجي مفاد لاءِ ٻئي کي چنبڙي پوي، تنهن لاءِ ٺوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

### ٥٧٠. گنگوءَ جهڙو گهر، تهڙو ڳانين ۾. (پهاڪو)

گنگوءَ نالي هڪڙو همراهہ، ڍڳين جو ڏنار هيو. ننڍپڻ کان ڳانيون/ ڳئون ۽ ڳابا چاريندو ايندو هيو. جوان ٿيو تہ بہ ڳانيون پيو چاريندو هيو. غريب هيو، جنهن ڪري شادي نہ ڪري سگهيو. ڇڙو ڇانڊ هئڻ سبب، لاابالي طبيعت هيس، جنهنڪري گهر کان ٻاهر، ڳانين ۾ وڌيڪ مزو ايندو هيس.
ٻاهر ڍڳن سان تہ ڪا ڪچهري وغيره نہ ٿيندي آهي. فقط ٽڙيون ۽ رڙيون ڪم ايندين آهن. هيءُ بہ ساٿن رهڻ سبب، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا ڍنگ ۽ طور طريقا نہ سکي سگهيو. جنهن سبب جهڙو ورتاءُ مال سان جهنگ ۾ هيس، تهڙو گهر ڀاتين سان گهر منجهہ هيس. يا تہ صفا گگ مُڪ موڳو لڳو وينو هجي. اگر ڳالهائي تہ هُڏيون ۽ ڇهڙون وينو ڏئي. سندس

صحبت مان، نہ جهنگ منجهہ ڏٻين کي ڪو فيض پهچي ۽ نہ وري گهر اندر گهر پاتين کي ڪو ساءُ اچي.
مطلب: ١ - ماڻهن ۾ اچي تہ ماڻهن جهڙو، ڍورن ۾ وڃي تہ ڍورن جهڙو. سندس صحبت مان، نہ ماڻهن کي آسيس ۽ نہ ڍورن کي ڍؤ.
٢ - پيٽيو: گوريو: ڳاءِ، نڪو ٻڙڌ.

## ٥٧١.  گنگو غريب، ڏياريءَ ري ڏينهن ڳِس ڪائي. (پهاڪو)

ڳِس: رب.
عيد خوشيءَ جو ڏڻ آهي. جنهن تي وهنجي سهنجي، نوان لٽا پاتا ويندا آهن ۽ ڪاڌو بہ وس آهر تمام اوچو تيار ڪري ڪائبو آهي. گهمڻ گهتڻ لاءِ، دل وندرائڻ لاءِ ميلا ملاڪڙا وڃي ڏسبا آهن. اهي سموريون خوشيون پئسي سان خريد ڪري سگهجن ٿيون. غربت ۽ سڃائيءَ تي حاصل ڪين ٿيون ٿين. گنگوءَ جهڙو غريب ماڻهو، ان ڏينهن بہ ساڳي رب رڌيو پيو کائيندو آهي. (٣٥) ص ٢٦٧
مطلب: ١ - خوشي ۽ خريد، وئي ويچارن وسري. (شاھ)
٢ - اڄ عيد، سيان غيد، پرينهن پيالا پشيءَ جا.
٣ - خوشي، دائمي ۽ مفت ۾ حاصل ڪين ٿي ٿئي.

## ٥٧٢.  گوارٽيءَ-ڏٽي، ڪير-ڏٽي. (چوڻي)

گوارٽي: گوار جو چارو، گوار جو گاھ، ڏريل گوار، گوار جي ٻوٽي مان گوار جون ڦريون پٽڻ بعد بچيل ٻوٽي کي گوارٽي سڏبو آهي.
گوار/گوارٽيءَ جو گاھ، سٺيو ۽ طاقت بخش آهي. جڏهن مال ڪائي تہ منجهس ڪير جام ٿئي. مال ۾ ڪير جو جام ٿيڻ، مالوند ماڻهوءَ لاءِ سڪيو ستابو هئڻ جي نشاني ۽ خوشخبري آهي.
مطلب: ١ - جنهن وٽ گوارٽي آهي، ان جي چوپائي مال ۾ ڪير جام هوندو.
٢ - اسباب/ وسيلا هٿ ڪرڻ وارن کي، مالي فائدا پهچن ٿا.

## ٥٧٣.  گوار جو فصل، پاڇاٽو پلو. (زرعي، چوڻي)

گوار، مارو ماڻهو رڌي بہ ڪائين پر اصل ۾ آهي ٻڪرين ۽ ائن جو ڪاڌو. ان سان منجهن ڪير مکڻ جام ٿئي ۽ پاڻ بہ طاقت وارا ٿين. گرميءَ منجهہ

ٽيندڙ هن فصل کي، آڳاٽا پاڻي اٿڻ نه ڏين. پوءِ وارن سوڪهڙن تي ماچ ڪري اٿي ۽ فصل جام لهيس.
مطلب: ١ - پوئينءَ برسات مان، گوار جي فصل کي زبردست فائدو پوندو آهي.

## ٥٧٤. گوريو: گاءِ، نڪو ٻڙد. (پهاڪو)

گوريو نالي هڪڙو ٽريو هيو، جيڪو ڳوٺ جي هر معاملي ۾، زالن سان به ۽ ته مردن سان به سنمک هوندو هيو. جنهنجي ڪري زالون ڪيس پنهنجي پاسي ته مرد پنهنجي پاسي سمجهندا هئا.
هڪ دفعي عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ بحث چڙي پيو ۽ شرطون پڄايائون. هر ڌر جو چوڻ هيو ته: ”گوريو، اسان جو آهي“.
بحث نبري ته ڪيئن؟ فيصلو ڇڏيائون گوريي تي. ڪيس چيائون: ”ٻڌاءِ ته ڪنهن سان آهين؟ مردن سان ڪن ماين سان؟!“
گوريي کي انهيءَ سوال هٽي منجهائي وڌو. دل ۾ چوڻ لڳو: ”عورتن سان شامل هئڻ جي دعويٰ ڪندس ته مرد ڦري ويندا. مردن سان شامل ٿيندس ته عورتون رسي وينديون.“
وڏيءَ سوچ ويچار کان پوءِ، ٻڙڪ ٻاڦيائين: ”گوريو، گاءِ نڪو ٻڙد.“
مطلب: ١ - گوريو: نه ڳڻن ۾، نه ڏاندن ۾.
٢ - وچ-ڪٽيو ماڻهو، ڪنهن جو به ناهي.
٣ - جيڪو هر ڪنهن سان آهي، سو ڪنهن سان به نه آهي.
٤ - ماديءَ-پڇيي ماڻهوءَ مان: نه دشمن کي پڇ، نه سڄڻ کي آسرو.
٥ - ڌوٻيءَ جو ڪتو: نه گهر جو، نه گهاٽ جو.
٦ - پيٽيو: ڳنگو، جهڙو گهر، تهڙو ڳاين ۾. (٦)

## ٥٧٥. گولاڙو، ٻول کان پڇي. (چوڻي/ پهاڪو)

گولاڙي جي ول، وسڪاري ۾ سيني ولين کان سرخرو نظر ايندي آهي. ڪو به ڪنيٽ، ڪنڊو، ڪرڙ يا ڄار اهڙو نه هوندو، جنهن تي هيءَ ول جلوه افروز نه هجي. منجهس ڳاڙهي رنگ جو هڪ گول ميوو پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي گولاڙو سڏبو آهي.
برسات ۾ گولاڙي جا گدام لڳيو وڃن. پر ماڻهن کي نصيب ورلي ٿين. ان جو سبب اهو آهي جو وسڪاري جي نعمتن جا، نه رڳو ماڻهو سڪايل

هوندا آهن، بلڪ ٽر جا پڪي پڪڻ پڻ سڄو سال آسروند هوندا آهن. اهي پنهنجو دسترخوان انهن گولاڙن تي ڪندا آهن.
گولاڙا ڪچا ئي کائبا آهن. کائڻ ۾ سوادي ۽ قوت بخش آهن. گولاڙي جي ول جو گاهه، کائڻ سان ٻڪري کير وڌائي ٿي ۽ اٺ ٿوهو ڪڍي ٿو.
ٻيا سڀ ميوا منهن وٺان پچڻ شروع ڪندا آهن، مگر گولاڙو ٻول کان پچندو آهي. تنهن ڪري بلبليون ۽ ٻيا پرندا، ڪيس سڄو پچڻ جي مهلت ئي نه ڏين.
جيئن پچندو ويندو، تيئن کائيندا ويندس، تان جو ولين جي ڏاندين ۾ نشانيءَ طور وجي ڪُلَ-ذرو لڙڪيل نظر ايندو آهي.
مطلب: ١ - گولاڙي کائڻ جي، سندس ابتي پچڻ سبب، ٽري فقط حسرت ئي ڪري سگهندا آهن.
٢ - گولاڙو، ٻُئيان/ پويان پچي.
٣ - گولاڙو/ گولو/ ٻانهو، پيٽ سان سوچيندو ۽ ڳالهائيندو آهي.
٤ - گولو/ غلام/ نوڪر، دوستن جي پيٽ ۾ هلڪڙو/ ٽرڙو ٿيندو آهي. (٩) ص ٨٥.

## ٥٧٦. گونٿ ري پِٽِ نان، پٽوري ري دعا ڪي ڪرسي. (پهاڪو)

هڪڙو مينگهوار، غوث بهاؤالحق جي پانڌيئرن سان گڏجي، ملتان روانو ٿيو. سفر جي تڪليفن کان تنگ ٿي اڌ مان پچي آيو. ڳوٺ پهتو ته سخت بيمار ٿي پيو. سندس اها حالت ڏسي هر ڪنهن چيو: ”اڌ مان موٽي اچڻ ڪري، غوث جي پِٽ لڳي اٿس.“
هڪڙو گرڙو مهراج به ڳوٺ ۾ اچي نڪتو. جنهن مينگهواڙ جي بري حالت ڏسي مشورو ڏنو: ”هن کي پٽوري تي وٺي وڃو ۽ اتان دعا ڪرائي اچوس ته نيڪ ٿي ويندو.“
”گونٿ ري پِٽَ نان. پٽوري ري دعا ڪي ڪرسي.“ اتي وينلن مان هڪ چيو: ”غوث جي پِٽَ کي پٽوري جي دعا ڇا ڪندي؟“
مطلب: ١ - وڏن جي آڏو، ننڍن جي ڪين هلندي.
٣ - وڏن آڏو، ننڍن کي ادب سان هلڻ گهرجي. (٦) ص ١٢٥.

## ٥٧٧. گونگا ڇاوا هتا، ٻيري ڪٽتي الگهان چڙهي گيا. (چوڻي)

گونگا: ذات جو نالو. چاوا: پڌرا. هِتا: هُئا. بيري: کوه، واه. کٽتي: کٽندي.
الگهان: مٿي.
کوه کوٽڻ سان، ماڻهو زمين کان هيٺ ۾ لهندو ويندو آهي، جڏهن ته گونگا ذات وارا، کوهن کوٽڻ واري محنت سبب ڪمائي، ترقي ڪري زمين تي ٺهيل جهوپڙين مان نڪري، مٿي چڙهي ويا ۽ جاين جڳهين جا مالڪ ٿي ويا.
مطلب ١ - محنت ڪرڻ وارو ترقي ڪري ٿو ۽ هينان کان مٿي چڙهي وڃي ٿو.
٢ - محنت جو ڦل، ڏاڍو مٺو آهي.
٣ - محنت، چور جي ٻه زيان نه ٿي ٿئي. (١٦)

## ٥٧٨. گونگن جي ٻولي، گونگا ڄاڻن. (ٻيراجي، پهاڪو)

گونگو، زبان سان ڳالهائي نه سگهندو آهي. ان جا ٻه سبب آهن: زبان جو بند هئڻ يا ڪنن کان نه ٻڌڻ. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ، ٻين جي واتان ڪو به لفظ اچاريندي، پنهنجي ڪنن سان ٻڌو ئي ناهي، پوءِ اهو پنهنجي زبان سان اهي اکر اچاري به نه سگهندو. جڏهن اکر نه اچاريندي ٻڌائين ۽ نه زبان سان ادا ڪيائين ته پوءِ ڪيس لفظن جي ادائگي ۽ مفهوم سمجهڻ جو ادراڪ ئي نه هوندو.
گونگي وٽ، پنجن حواسن مان باقي ٽي حواس بچن ٿا، جن جي ذريعي ڪيس پنهنجي ڪيفيت ۽ ضرورت، ٻين آڏو بيان ڪرڻي آهي. سندس ٻولي به اهي سمجهندا، جن جا ٻه حواس پڻ بند هجن.
اهو ائين آهي، جيئن هڪ هٿ-ڦاڙ ماڻهوءَ کي، ڪپائڻ خرچڻ لاءِ گهٽا ذريعا هجن. اوچتو سندس اڌ ذريعا بند ڪري، پوءِ چئجيس: ”هاڻي ساڳيو خرچ ڪري ڏيکار.“ ته اهو ماڻهو منجهي پوندو. تيئن مڪمل حواسن وارو، ڪٽل حواسن واري سان اظهار وقت، منجهي پوندو. سندس ڳالهه جي مفهوم کي پنهنجي دماغ سان سمجهي ئي نه سگهندو.
مطلب: ١ - جيسي، جيسيءَ جي ٻولي سمجهندو.
٢ - ٻار، ٻار جي ٻولي سمجهندو.
٣ - جاهل جي ٻولي، جاهل ئي سمجهندو.
٤ - پيٽيو: ڪاٽي راجا پوچ، ڪاٽي ڪنگو تيلي.

### ٥٧٩. ڳوهه نا ڪتي ڪٽي، پيلان را گهر جُوئي. (پهاڪو)

ڳوهه: ڳوهه. پيلان را: پيلن جا، مينگهواڙن جا. جُوئي: ڳولهي، لهي.
پيلن جون ڪي نکون يا پاڙا جهڙوڪ هاڏيري، شڪاري، جوڳي ۽ سامي وغيره ڳوهون پڪڙي کائيندا آهن. پيلن جون سموريون نکون ۽ پاڙا هن وقت ڳوهون جهلي نہ ٿا کائين. ٿي سگهي ٿو آڳاٽي دؤر ۾ جهلي کائيندا هجن. چو جو جهالت واري دؤر ۾ عربن جا خانہ بدوش قبيلا پڻ ڳوهون پڪڙي کائيندا هيا.
اڪثر اها ڪهاوت، شڪارين لاءِ استعمال ۾ ايندي آهي. جيئن تہ شڪاري پيلن جو پاڙو آهي، تنهنڪري چوٽي پيلن سان منسوب ٿي وئي آهي. هونئن بہ وٺو هڪڙو ڪٽندو آهي، واٽ مڙني جي وڃائيندو آهي. تنهنڪري اگر ڳوهون شڪاري پاڙو پڪڙي کائي، تڏهن بہ بدنام پوري پيل قوم ٿيندي. اجا بہ وڌي، مڙيئي خانہ بدوش قومون بدنام ٿينديون.
مطلب: ١ - جڏهن موت ايندو آهي تہ بهانو بہ جڙي پوندو آهي.
٢ - ڳوهه ڪي ڪتي ڪٽي، تڏهن نهاري پيلن جا گهر.
٣ - ڳوهه ڪي ڪتي ڪٽي، ڳولي شڪارين/ ڊيدن جا گهر.
٤ - گدڙ ڪي ڪتي ڪٽي، شهر ڏانهن منهن ڪري.
٥ - اجل ڪي، اجمل ڇا ڪندو؟
٦- اجل اچي، اجمل پاڳل ٿي پوي.
٧ - جڏهن موت ايندو آهي، حڪيم بہ پاڳل ٿي پوندو آهي. (٦) ص ٧٢.

### ٥٨٠. گيان وڏي گٽوان ڪي سنگت،

ڌيان وڏي تپ سنگ ڪينو،
موهه وڏي پروار ڪي سنگت،
لوڀ وڏي ڌن ۾ چت ڏينو،
ڪروڌ وڏي نرموند ڪي سنگت،
ڪام وڏي تريئا سنگ ڪينو،
ٻڌي، وويڪ، ويچار، وڏي ڌيان،
سڄڻ سين ست سنگ ڪينو. (چوٽي)

گيان: سمجهہ. گٽوان: اوچو اخلاق. ڌيان: خيال. تپ-سنگ: تپسيا ڪندڙ.
ڪينو: صحبت ۾. موهه: دنيا جي لالچ. پروار ڪي سنگت: ڪٽنب جو چاهہ.

ڪروڌ: شيطان. نرموند: بيوقوف. ڪام: شيطاني خواهش. تريئا: پرائي زال. ٻُڌي: سمجهه. وويڪ: خيال، ضمير. ويچار: آدرش.
١ - سٺن اخلاقن واري سان سنگت يا واسطو رکڻ سان، ماڻهوءَ جي سمجهه ۽ سوچ به پروان چڙهندي آهي.
٢ - درويش ۽ الله لوڪ، دنيا ڏانهن مور نه تڪيندا آهن. سندن صحبت ۾ رهڻ سان خيال اوچا ٿيندا آهن.
٣ - اولاد جي چِڪ يا محبت سان، ماڻهو دنيا ڏانهن مائل ٿئي ٿو ۽ دل ۾ دنيا جي لالچ وڌيس ٿي.
٤ - مال ملڪيت کي اهميت ۽ ڌيان ڏيڻ واري جو منهن، سڄو ڏينهن ميڙيءَ ۾ هوندو آهي، جنهن سبب هو لالچي ٿي پوندو آهي.
٥ - بيوقوف ماڻهوءَ سان سنگت نه رکجي. ساڻس سنگت رکڻ وارو، سارو ڏينهن شيطان وارا خيال، اندر ۾ پاليندو وتندو آهي.
٦ - پرائي زال کي تڪڻ چڱو ڪم ناهي. ائين تڪڻ سان، ماڻهو بي حياءُ ٿي ويندو ۽ سندس شيطاني خواهشن کي تقويت پئي ملندي.
٧ - سچي سائينءَ يا خالق ڏي ڌيان ڪرڻ سان، سمجهه ۽ ضمير، آدرش ۽ ڌيان وغيره وڌن ٿا. جنهن سان ماڻهو ءَ جي شخصيت ۾ نکار اچي ٿو.
مطلب: ١ - صحبت، سوچ ۽ سنگت هميشه سٺي رکجي ۽ واسطا هميشه سٺن ماڻهن سان رکجن.

## ٥٨١. گينگو: ٽر جو پينگي. (چوٽي)

گينگو، ڪاري رنگ جو، ٿنڊڻ جهڙو هڪ جيت ٿئي ٿو. ٿنڊڻ اڏامي نه سگهندو آهي، جڏهن ته گينگو اڏامندو آهي. ڪيس سنڌ ۾ گونهر پڻ سڏيو ويندو آهي. تيز ۽ بنا بريڪ، اڏامندو آهي. اهڙو زم سان اڏامندو آهي، جهڙي بندوق جي گولي. جنهن کي لڳي ته نڪاءُ ٿي وجيس.
ڪو به ماڻهو پاخانو ڪري يا جانور لڏ يا بوسو لاهي ته گينگا ازغيبي اچي نازل ٿيندا آهن. گندگيءَ کي مٿو ڏيئي ذرو ذرو ڪري، اهڙيءَ طرح گهليندا آهن، جهڙيءَ طرح به مزور گڏجي ڪا ڪپهه جي ڳنڙي نيلهيندا ويندا آهن. چار-پنج گينگا اچي پيڙا ٿيا ته چند منٽن ۾ گندگيءَ جو نشان ئي ڪو نه هوندو.
مطلب: گينگو، ٽر جي مڪروهه شيءِ آهي. (٩) ص ١٦٣.

# ڳ

## ٥٨٢. ڳالھ ڪجي سچي، جنهن ۾ نہ ڪڙهو نہ مٺي. (چوڻي)

ڪڙهو: ڪڙو، ڪوڙهه. مٺي: ڏوڙ، ڏڏڙ.
سني اَنَّ اندر ڪڙو، مٺي ۽ ڪيري هوندي تہ ڪاڻ جي حساب سان ڪين وڻندو آهي. تيئن ڪنهن سچي ڳالھ جي اندر، ٽوڙ موڙ، وڌاءُ يا ڪنهن ڳالھ جو لِڪُ ڪبو تہ اها بہ ڪين وڻندي آهي. منجهانئس نتيجا اُگرا نڪرندا آهن ۽ انهيءَ ڪري ڪانئس پاسو ڪيو ويندو آهي.
سچي ڳالھ، تکي ضرور هوندي آهي. وقتي وڏيندڙ ۽ چيريندڙ هوندي آهي پر اڳتي هلي منجهانئس فائدا گهڻا رسندا آهن. ان جي جاءِ تي، ملاوٽ واري ڳالھ وقتي خوش-ڪُن نظر ايندي آهي پر اڳتي هلي، اها ئي تباهيءَ جو سبب بڻجندي آهي.
مطلب: ١ - ڳالھ چئجي چٽي: جنهن ۾ نہ ڪو ڪڙو، نہ ڪي مٺي. (ساهتي)
٢ - سچي ڳالھ چوندڙ جي منهن ۾ ڏوڙ نہ ٿي پوي.
٣ - ڳالھ ڪجي چٽي، جنهن ۾ ڪڙو نڪو مٺي. (٣٥) ص ٢٦٥
٤ - سچي ۽ تکي ڳالھ ڪندڙ، دليل يا پراءَ طور، پنهنجي لاءِ ائين چوندو آهي.

## ٥٨٣. ڳجهہ جي نظر، سؤ ڪوھ تائين. (پهاڪو)

ٿر، قحط ساليءَ يا ڏڪارن سبب، ڳجهہ پکيءَ جو وطن رهندو آيو آهي. ڪارونجهر جي جبل ۾ رهي، ٻچا ڪندي آهي.
پيڻ پکي ڪان پوءِ، وڏو پکي ڳجهہ آهي. گوشت خور آهي پر شڪاري ناهي. مئل جانور جو گوشت ڪائيندو آهي. اوچن وڻن جي چوٽين يا جبلن ۾ اتانهين جاين تي آکيرو ناهي رهندو آهي. آسمان ۾ پڻ وڏي اتانهين تي اڏامندو آهي. نظر تيز اٿس، جيڪا پري پري تائين پهچندي آهي. مئل جانور جي ڍوندڻ تي، پهرئين ڏينهن پهچندي آهي. گهٽي ڏپ ۽ ڍوندڻ ڦهلجڻ کان اڳ، ان جو آخري ذرو بہ کائي چٽ ڪندي آهي. (٣٥) ص ٢٣٢
مطلب: ١- آسمان ۾ پلي ڳجهہ ڏسڻ ۾ نہ اچي، مئل جانور جي ڍوندڻ تي يڪدم اچي ڪڙڪندي.

### ۵۸۴. ڳڙ ڪائي، ڳوٿري ڦٽي ڪريئه. (پهاڪو)

ڳڙ، ڪائڻ جي، مني وٿ آهي. مني شيءِ تي ڪوليون ماڪوڙا ٻه عاشق هوندا آهن. تنهنڪري ڪيس ڪنهن محفوظ ڳوٿريءَ ۾ سانڍي رکبو آهي ته جيئن ڪولين ۽ ماڪوڙن جي ڏڻ پوڻ کان، حفاظت هيٺ رهي. ڪوليون ماڪوڙا، هڪ پاسي ڏانهن ٽُڪيندا ڪائيندا ويندس ته وري ٻئي پاسي کان منجهس ڦولهڙيون لاهيندا، آڪو ڪندا ويندا. ڪائڻ، ڪائڻ جي ماڳ، ڏسڻ ۾ ٻه مزو نه ڏيندو.

جڏهن ڳوٿريءَ ۾ بند ڪبو آهي ته ان کي ٻه چوڌاري ڪوليون ماڪوڙا چنبڙندا آهن ۽ ٻاهران ڳوٿريءَ کي ڪنو ڪري ويندا آهن. جڏهن اندران، حسب ضرورت ڳڙ ڪڍي ڪائي وجبو آهي ته پوءِ، انهيءَ وجايل ڳوٿريءَ کي ٻيهر ڪم آڻڻ لاءِ ڌوئڻ تي ڪنهن جي ٻه دل نه ورندي آهي. ڇو جو منجهانئس، مناڻ جي ڌوس وارو چيڙهه، سٽرو نه نڪرندو آهي. ان ڪري مٿس محنت ڪرڻ اجائي هوندي آهي. جنهن سببان، استعمال شده ڳوٿري ڪٽي اڇلائبي آهي.

مطلب: ۱ - رس نڪرڻ ڪانپوءِ ميوي جا ڇلڪا اڇلبا آهن.

۲ - مقصد پورو ٿيڻ ڪانپوءِ، وسيلن مان هٿ ڪڍبو آهي.

۳ - سيرو ڪاڌو، پاتل ڦاٽي.

۴ - پيٽيو: ڪم سريو، ڪاڳر وريو.

### ۵۸۵. ڳل ۽ لپاٽ ۾، فاصلو ناهي. (پهاڪو)

لپاٽ هڻندڙ ماڻهو جي هٿ ۽ لپاٽ ڪائيندڙ ماڻهوءَ جي ڳل جي وچ ۾، صرف هڻڻ جي وقت جو فاصلو هوندو آهي. اڪيون ڪولي، اڳ پٺ جاچي، نتيجي جي خبر وني، پوءِ ڪو قدم ڪڄجي. ٻي حالت ۾ ٿوري غلطي ٻه، نقصانده ٿڄي سگهي ٿي. ٿوري لاپرواهي يا اٻهر، تڪڙ يا اجائي لالچ، نقصانڪار ٿي سگهن ٿيون. (۳۵) ص ۲۳۰

مطلب: ۱- ڪنهن ٻه ڪم مان، محنت جي ڪرڻ يا نه ڪرڻ سبب، فائدي ۽ نقصان جي وچ ۾، ڪو فاصلو ناهي رهندو.

۲- ڪاميابي ۽ ناڪامي، عزت ۽ ذلت، نفعي ۽ نقصان وچ ۾ ڪو ٻه فاصلو ناهي.

# گھ

### ٥٨٦. گهانچي، موچي، گائينچو، پڻيو پوپٽ ٽاءِ،
### پوتاپٽو پلٽي پڻ ذاتي سباءِ نہ جاءِ. (چوڻي)

گهانچي: تيلي، چاڪي. موچي: جوتن ڪي چتيون هڻندڙ، جوتا ناهيندڙ. گائينچو: حجام، جيڪي وار ناهين، ختنو ڪن ۽ شادين مرادين ۾ پت رڌين. اهي سڀ ذاتين جا نالا آهن، جيڪي مٿن سندن ڪسب سبب پيا آهن. پڻيو: پڙهي. پوپٽ: پوپن جو ڳواڻ، عامل. پوتاپٽو: پلو يا ڪنارو.
سباءُ: سڀاءُ، ريت، عادت، فطرت. جاءِ: جائي، هليو وڃي، وڃڻ.
گهانچي، موچي، گائينچو ۽ پوپو، پلي ڪيڏو بہ پڙهن پر منجهانئن اصليت واري رڳ نہ ويندي. ڦِريو ڦِريو ساڳيا ڪڏا ڪم پيا ڪندا. ڇو جو منجهن پيل اڍنگيون عادتون، عضون وانگر پڪيون ٿي، سندن روح ۾ رچي بسي ونديون آهن.
مطلب: ١ - عادت عضوو آهي.
٢ - عادت مٽي نہ عادتي، علت مور نہ جاءِ،
اٺ پوي ڪٽڪ ۾، جواسا چڻ چُڻ ڪاءِ.
٣ - گهانچي، موچي، گائينچا، پڻيا، پوپٽ ٽائي،
پوتا وار، پلٽي جاتي، گڻ نہ جائي. (١٦)

### ٥٨٧. گهٽيءَ، گهرن جي سونهن آهي. (چوڻي)

گهٽيءَ: گهرن جي وچ واري واٽ يا چارو.
واٽ، رستو، گهٽي، پيچرو يا پير-چارو، رب جو آهي. ڪير بہ ان جو وارث ناهي. عام خاص جي لنگهہ لاءِ آهي. سمورا ماڻهو گذري سگهن ٿا. پيادا ماڻهو، بيل گاڏيون، گڏهہ گاڏا، هٿ گاڏا، ريڙها، جيپ، ٽرڪ، ڇڪڙو وغيره بوقت ضرورت مٿس هلي سگهي ٿو. اهو ڪڏهن بہ بند ڪبو ناهي. نہ وري قبضو ڪري سوڙهو ڪبو آهي. مٿس مالڪيءَ جو حق ڪنهن ڪي ناهي پر سنڀال ۽ صفائيءَ جي ذميواري مڙني استعمال ڪندڙن تي عائد ٿئي ٿي.
ان لاءِ گهٽيءَ جو ويڪرو هئڻ ضروري هوندو آهي. اخلاقي طرح گهٽيءَ جي ماپ اندر ڪا اڏاوت ڪري سوڙهو ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي آهي.

ساڳئي طرح گهٽيءَ کي صاف رکڻ جي ذميواري بہ سيني ماڻهن جي گڏيل هوندي آهي.
اگر صاف نہ هوندي يا سوڙهي هوندي تہ اچ وڃ جي تڪليف وڌندي. ان کان علاوه مسافر مڙا، ڳوٺ وارن جي لاپرواهيءَ تي پيا کلندا ۽ عيب ڪيندا. (٣٥) ص ٢١٩
مطلب: ١- گهٽيءَ جو ڪشادو ۽ صاف هجڻ، عقلمنديءَ ۽ ڳوناڻن جي ڀڏيءَ جي نشاني آهي.

## ٥٨٨. گهر آهي، زال سان. (چوڻي)

هر جاءِ جو پنهنجو ماحول هوندو آهي. اسڪول جي شڪل شبيهہ، ڪورٽ جي شڪل شبيهہ کان مختلف هوندي آهي. آفيس جي شڪل شبيهہ ۽ ماحول، اسٽيشن جي شڪل ۽ ماحول کان ٻيءَ طرح جا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح اوطاق جي شڪل شبيهہ ۽ ماحول، گهر جي ماحول ۽ شڪل کان مَٽ هوندو آهي. اوطاق اندر مرد ئي مرد هوندا آهن. منجهس ڌاريا بہ اچي سگهن ٿا. اوپاريون لهواريون ڳالهيون بہ ڪري سگهجن ٿيون. جڏهن تہ پنهنجي ئي اوطاق ۾، پنهنجي گهر جون عورتون بہ، ڪير آڻڻ پسند نہ ڪندو آهي.
ان جي بر عڪس، گهر جو وري ماحول اڃا مختلف آهي. ان ۾ مرد ۽ عورتون گڏ گڏ تہ رهن ٿا پر پنهنجي ئي گهر جا. ٻين کي، اچي منجهس دخل ڏيڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. اگر ٻاهريان ماڻهو، پوءِ ڀلي نوڪر يا نوڪرياڻيءَ جي صورت ۾ ئي اچن، گهر جي ماحول ۾ سواءِ بگاڙ جي ٻيو ڪجهہ نہ ڪري سگهندا. پنهنجي گهر جي سنڀال، پنهنجي زال ئي بهتر نموني ڪري سگهندي، ٻي ڪا بہ نہ. پنهنجي گهر جو مرد بہ نہ. تنهن ڪري، زال کي گهرجي تہ پنهنجي گهر کي سنڀالي. ٻي صورت ۾ گهر اجاڙ ٿي ويندو. ائين بہ آهي تہ جنهن جاءِ ۾ زال ناهي، تنهن کي گهر نہ ٿو چئي سگهجي.
مطلب: ١ - زال کان سواءِ گهر، مساڻ جي مثال آهي. (ٿر)
٢ - زال مئي، جڻ گهر پجي پيو. (ٿر)
٣ - زال جو ٻيو نالو: گهر آهي. (هندي)

## ٥٨٩. گهر بہ گهر، ٻاهر بہ گهر. (ٻيراجي، چوڻي)

جيڪو ماڻهو، پنهنجي گهر يا ڳوٺ ۾ ترسيل آهي، سو پنهنجي گهر ۾ موجود اَنُّ وغيره واپرائي ٿو. پئسو پنجڙ، جيڪو گهر ۾ رکيل اٿس، سو جان تي خرچ ڪري ۽ کپائي ٿو.

اگر ٻاهر ويندو ته به گهر ۾ رکيل پئسو پائي ڪٽي، پوءِ ويندو ته اتي وقت چڱو گذرندس. مسافر ٿي ڪري، ٻين جي درن ۽ اوتارن تي وڃي ٽُٽندو ته ضروري ناهي ته اهي سندس لاءِ جوڳو بندوبست ڪن. اتي به ڪيس، ڳنڍ ۾ ٻڌل ناڻو ئي ڪم ايندو.

مطلب: ١ - گهر ۾ به گهر ڪائڻو، ٻاهر به گهر ڪائڻو.

٢ - ٻاهر ڪا رڏي پڪي ڪا نه پئي آهي.

## ٥٩٠.   گهر جو ٻانيڻ، ٻئل برابر. (پهاڪو)

ٻئل: ڍڳو.

گهر جي اندر موجود شيءِ، ويجهي ۽ آسانيءَ سان دستياب هئڻ سبب، پنهنجو قدر ۽ قيمت وڃائي ڇڏيندي آهي. قدر ۽ قيمت، ان شيءِ جا وڏيڪ ٿيندا آهين، جيڪا پهچ کان دور ۽ تڪليف سان حاصل ٿيندي آهي.

ٻانيڻ يا بزرگ، پلي ٻين جي لاءِ وڏا پهتل ۽ اعلىٰ درجي وارا چو نه هجن پر گهر جي ڀاتين لاءِ، سواءِ گهر جي هڪ نڪمي ڀاتيءَ جي ٻيو ڪي به ڪو نه هوندا آهن. ان ڪري سندن قدر ۽ قيمت، گهر جي ڀاتين جي نظر ۾ ڪري پوندي آهي.

مطلب: ١ - گهر ڪي مرغي، دال برابر.

٢ - ويجهي؛ ڪوجهي.

٣ - پنهنجي؛ سهنجي.

٤ - دور ڪا ڍول، سهانا بجتا هي.

٥ - پيٽيو: گهر ڪا جوڳي، جوڳيڙا، آن گانو ڪا سڌ.

## ٥٩١.   گهر ڏِيٺو، ٻُنپ ٻاجهري، ڳاهه ڪاني، گهر گنج،
## پائر پُٽ ڇئي ۾، اهي پنج ئي سهنج. (چوٽي)

ڏيٺو: ڪير مکڻ. ٻنپ: ٻنيو، در. سهنج: سک.

١ - گهر ۾، لسيءَ ۽ مکڻ لاءِ ولوڙو هجڻ، سک جي نشاني آهي.

٢ - ٻني تي ٻار يا در وٽ ڪيتي به، وڏي سهوليت آهي. در واري زمين کيڙڻ، پوکڻ، سنيالڻ، ڳاهڻ وائرڻ تمام سَهنجي آهي.

٣ - مال لاءِ گاهه ۽ رڍ پچاءَ لاءِ گهر اندر ٻارڻ طور ڪانيون جام هئڻ بہ، سهوليت جون نشانيون آهن.
۴ - گهر ۾ گنج/ ڏوڪڙ پئسو، هر وقت موجود هجڻ سان بہ، گهڻي آساني ٿئي ٿي.
۵ - ڀائر ۽ پٽ، فرمانبردار هجن تہ ان ڪان وڏيڪ ڀي ڪا عزت جهڙي ڳالهہ ڪانهي. انهيءَ سان برڪت بہ گهڻي پوندي آهي.
مطلب: ١ - مٺي ٻڌايل پنج ئي سهوليتون، وڏا سک ڏيندڙ آهي.
٢ - اول ندي آب جي، گاهہ ڪاني، گهر گنج،
وٽ ڪيتي، گهر ولوڙو، اهي پنج ئي سهنج.
٣ - گهر ندي، ٻنيي گاهہ، ڪاني ڦانگهو گنج،
سوئا مينهن در تي، سندر ناريءَ ٻيٽو هنج، اهي پنج ئي سهنج.
۴ - در اڳيئون ڪيتي، ٻنيي اندر ڪوهہ،
ٽري تازي هينئون، جا ريجهائي روح،
گاه ڪانيون گهر گنج، اهي پنج ئي سهنج.
۵ - گهر نديءَ ڪناري، ڪانيون سوڙهيءَ منجهہ،
نار سلڪڻي گهر ۾، ٻيٽا هجنس هنج،
تازي هجي ٽُري، مٿس سونا سنج، اهي پنج ئي سهنج.
٦ - گهر ندي ڪناري، ڪاني پاٽي گنج،
چٽيهہ لڪڻي ڪامڻي، ٻيٽو سونهينس هنج،
پلو گهوڙو چڙهيءَ هيٺ، اهي پنج ئي سهنج.
٧ - ڀيٽيو: گهر ندي ڪناري وٽ، هجي ڪير جو گنج،
پلو گهوڙو چڙهڻ لاءِ، مٿس سونا سنج،
زال هجي سلڇڻي، ٻيٽو جنهن جي هنج،
هيئين سان هنڊائي چڙ: اهي پنج ئي سهنج. (۴) ص ٢۵٧.

## ۵٩٢. گهر را گهيرتي چٽين، گرو ٿو آٽو ڪائي. (پهاڪو)

اڳاٽي دور ۾، هڪڙو شهري ٽريو، ٻائو ٿيو. اوس پاس جي ڳوٺن ڪي ڀيلي ڀينگ ڪري چڏيائين. ڏيهاڙي، گيهہ، دال، اٽي، ڪنڊ ۽ چانورن لاءِ ٽانءُ ڪنيو ٻينو هوندو هيو. تر جا ماڻهو ڪانئس تنگ ٿي پيا.
هڪ ڏينهن گهڻيءَ سان صدائون هڻندو پئي آيو: ”آٽي را ٽال، پڳوان را مال.“ اها سدا هڪڙيءَ گهر-ڌياڻيءَ بہ ٻڌي. تنهن ڪيس هٿين-خالي موٽائڻ

لاءِ ست سٽي رکي. ڀائي جيئن ئي سندس در تي سٽن هڻئي ته گهر جا ننڍڙا ٻارڙا ڊوڙندا ماءُ وٽ آيا.

”امان! گرو جي آيا آهين، اوٺان نان آٽو ڏيو!“ ٻار ماءُ کي چوڻ لڳا: ”امان! گرو صاحب آيو آهي، کيس اٽو ڏيو.“

”گهر را گهيرتي چٽين، گرو تو آٽو ڪائي.“ مائيءَ ڏاڍيان ۽ وڏي آواز چيو، جيئن گرو ٻڌي ۽ شڪي تئي: ”گهر وارا ٽا چڪي چٽين، گرو تو اٽو ڪائي.“

اهي لفظ پاڙي وارين به ٻڌا ته ڏاڍو کليون. ڀائو اهو لقاءُ ڏسي، شرمساريءَ تتان، اها گهٽي ئي مَٽي ويو.

مطلب: ١ - غريب ماڻهوءَ مان، خيرات جي اميد نه رکجي.

٢ - جو پنندڙن کان پني، سو گونه ڪتن جو ڳنهي. (٦) ص ٨٤.

## ٥٩٣. گهر سونهين انسان سان، ميخانو سونهين پيمان سان، مندر سونهين ديوان سان، صحن سونهين ايوان سان. (چوٽي)

گهر، جاءِ، جڳهه، اوطاق، اسڪول وغيره ۾ اگر ماڻهو رهندا ته صفائي سترائي پئي ٿيندس. هر وقت دروازا پيا کلندا ۽ ٻيڪڙبا ته ڪين زنگ يا اڏوهي نه لڳندي. چنڊ ڦوڪ سان، تانيئڙن جا ڄارا ۽ مٽيءَ جا ڍير نه ٿيندا. ٽپڙ ٽاڙيءَ جي سور پور، هنڌ بستري جو استعمال، گهر اندر هڪ قسم جي حياتي آڻيندا آهن. رهائشي ٽاڪ نهندا ٻه، ماڻهن جي رهڻ سان آهن، بي صورت ۾ ويران ٿي ويندا يا منجهن سڄ پئي نظر ايندي.

ميخانو: جنهن اندر متوالا شراب جون سرڪيون پيئن ٿا. صراحين منجهان چلڪو ڏئي اوتيل مئي جو به هڪڙو حساب ۽ پيمانو هوندو آهي، جنهن تحت اها پيئبي آهي. ساقيءَ ۽ پيماني کانسواءِ ميخانو ڄڻ ته هڪ دائرو آهي، جنهن اندر جنهن مواليءَ کي جيئن وڻي تيئن ڪري.

مندر به ان جي سنڀاليندڙ، ديوان سان سونهين ٿو.

گهر يا جاءِ جو اڱڻ/ اڱڻ به ميدان سان سونهين ٿو. اگر اڱڻ جو ميدان ننڍو هوندو ته نه منجهس سياري ۾ اس هوندي ۽ نه اونهاري ۾ ڇانئي. نه سياري جي ڏينهن ۾ ٽڙڪي جو مزو ماڻي سگهبو ۽ نه وري اونهاري جي ڏينهن ۾ ڪليل هوا وارو سرور حاصل ڪري سگهبو.

مطلب: ١ - چار شيون، چئن شين کان سواءِ، ٻُسيون ۽ بي چسيون آهن.

## ٥٩٤. گھر ڪا جوڳي جوڳيڙا، آن گانو ڪا سِڌ.
## (راجستان، پهاڪو)

جوڳي: جوڳ پچائيندڙ، بزرگ. جوڳيڙا: پنيڙيات فقير. گانو: ڳوٺ. آن: ۽ سِڌ: سپورنج، سمجھدار.

جوڳي، جيڪي گھر کي تياڳي، بنواس وڃن ٿا ۽ جھنگن ۾ وڃي جوڳ پچائين ٿا. پنهنجي انهيءَ تارڪ الدنيا واري صفت سبب، ماڻهن جي دلين تي اثر انداز ٿين ٿا. ڇو جو جيڪو ماڻهو دنيا کي تياڳ ڏئي ٿو، دنيا ان جي پنيان هلي اچي ٿي ۽ جيڪو دنيا کي ٻڪ وجھڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، دنيا تنهن کان ڏور هلي وڃي ٿي.

جوڳي ٻه تيستائين عوام جي دل ۾ عزت وارو آهي، جيستائين ڪائنن ڏور آهي. جڏهن اهو گھر جو فرد آهي ته ان جي حيثيت پينڙيات جوڳيءَ کان ٻه پري آهي. گھر جا ڀاتي ٻه، ڪيس ٺوٺي ۽ نڪمو سمجھندي، عزت ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن.

اهڙيءَ طرح ڳوٺ جو سپورنج يا سمجھدار ماڻهو آهي. ٻاهر جا ماڻهو ڪيس ڇاڻو ۽ داناءُ سمجھي، پيا ڪانئس صلاحون وٺندا، جڏهن ته ڳوٺ وارا ڪيس واندو، نڪمٽو ۽ بيوقوف سمجھي پيا ٺڏيندا.

مطلب: ١ - گھر يا ڳوٺ ۾، ماڻهوءَ جي اها عزت نه ٿي رهي.
٢ - گھر جو پير، چلهه جو مارنگ
٣ - گھر ڪي مرغي، دال برابر. (١)

## ٥٩٥. گھر گھانچيان رو ٻڙيو،
## تو ئي سيڪ رونڏران نان پرهو آئي. (پهاڪو)

گھانچيان: گھانچين، ڇاڪين، تيلين. رو: جو. ٻڙيو: سڙيو. سيڪ: تؤ، لهس. رونڏران: ڪوئن کي. نان: کي. پُرهو: پرتي، پرانهون. آئي: اچي.

جيڪڏهن ڇاڪين يا اهي گھر جن منجھ تيل جھڙو ٻارڻ رکيل آهي، تن کي اگر باهه لڳي ته انهن جا تپڙ ٽاڙي ۽ منجھس رهندڙ جيت جٽيا ته سڙندا پر پاڙيوارن کي ٻه باهه جو سيڪ ضرور ايندو. جيڪڏهن لڳل باهه کي اتي وسائي، روڪيو نه ويو ته پاڙي جا ٻيا گھر ٻه سڙي رک ٿي

سگهن ٿا. نتيجي ۾ هڪڙي فرد کي پهتل نقصان جا اثرات، ٻين تي به مرتب ٿي سگهن ٿا.
اهڙيءَ طرح ٻوڏ، ڏاڙي، زنا، جوئا، شراب ۽ ٻين براين جا به اثرات پاڙيوارن چا پوري ملڪ ۽ قوم تائين پکڙجي سگهن ٿا. مڙني براين کي بر-وقت يا منديئون دٻائي ڇڏجي ته بهتر آهي.
مطلب: ١ - برائيءَ کي اُسرڻ نه ڏجي.
٢ - ٻئي جي نقصان تي خوش نه ٿجي. هٿائين ساڻس مدد ڪجي. ور نه ته انهيءَ نقصان جا اثرات، پاڻ تائين به پهچي سگهن ٿا. (٦) ص ١٢٦.

## ٥٩٦. گهر گهر ٽيندي گهرٽيءَ، گهر گهر ٽيندو ماڻ، اهي ڦٽيءَ جا اُهجاڻ. (چوڻي)

گهرٽيءَ: جنڊ. ماڻ: ماپو.
اڳي پيهڻ جون چڪيون، بجليءَ تي هلڻ سبب، ٽر اندر هر وستيءَ ۾ هٽڻ اوکيون آهن. هر ماڻهو به جنڊ نه ٿو رکي سگهي. پيهڻ لاءِ، پاڙي ۾ ڪو هڪ اڌ جنڊ هجي ته هجي، ور نه ڳوٺ واري جنڊ تي سموريون عورتون، انتظار سان ۽ هڪ ٻئي جي مدد سان پيون اٽو پيهنديون آهن. جنهن سببان، هڪٻئي سان ربط، واسطو ۽ محبت قائم رهندي آهي.
نه وري تور تڪ لاءِ، هر گهر ۾ وٽ ساهميون هونديون آهن. ان مئڻ يا ورهائڻ لاءِ به ماڻ ماپا هوندا آهن، جيڪي ڳوٺ يا تر ۾ ڪنهن هڪ اڌ سکيي ستابي وٽ هوندا آهن. هر ڪو ڪانئس اڌارا وٺي، ٻنئيءَ بعد واپس ڪندو آهي. ان ربط سبب، ماڻهن منجهه مٺ محبت قائم رهي ٿي.
هن اڳڪٿيءَ منجهه هڪ نياپو ڏنو ويو آهي. ٽر سکييو ستابو ٽيندو. هر ڪنهن وٽ، عام استعمال جي شيءِ به پنهنجي هوندي. ڪير ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍندو. جنهن ڪري مٺ محبت ۽ ربط ختم ٿي ويندا. (٣٥) ص ٢٣٢
مطلب: ١- اسباب جو هجڻ، محبت جي زنجير کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي.
٢- سهوليتن جي اچڻ سان، سڀ ڪو پنهنجو ڏيڍ چانور، ديگڙيءَ ۾ ڏور پيو چاڙهيندو آهي.

## ٥٩٧. گهر ندي ڪناري وٽ، هجي ڪير جو گنج، يلو گهوڙو چڙهڻ لاءِ، مٽس سونا سنج،

## زال هجي سلڇڻي، ٻيٽو جنهن جي هنج،
## هيئين سان هنڊائي ڇڏ: اهي پنج ئي سهنج. (چوڻي)

١ - گهر، نديءَ جي ڪناري هوندو ته ماڻهوءَ لاءِ گهڻا سک ٿي پوندا. آڳاٽي دور ۾ ڳوٺ ٻڌبا ئي درياهن جي ڪناري سان هيا. آمدرفت جا رستا پڻ درياه سان هوندا هيا. زمينون درياهه جي پاڻيءَ تي زرخيز ٿينديون هيون. پاڻي زندگيءَ جي هر ضرورت پڻ آهي.
٢ - ڪير لاءِ، مال متاع جام هجڻ سان، گهڻا سک آهن. ڪير ڳنڍڻ طور ته ڪتب اچي پر بذات خود به مڪمل طور کاڌو (Complete Food) آهي.
٣ - آڳاٽي دور ۾، تڪي سواري، گهوڙي جي هئي. اڄ به جتي رستو ناهي، اتي گهوڙي جهڙي تڪي ۽ يقيني سواري آهي ئي ڪا نه. لينڊ ڪروزر گاڏين جو پيٽرول ڪٽي سگهي ٿو، موبل هارجي سگهي ٿو، ٽائر پنڪچر ٿي سگهي ٿو. گهوڙي کي ٻڪ يا اڃ لڳي ته کاڌو ۽ پاڻي جهر جهنگ ۾ مليو وڃي. تنهنڪري اتي، گهوڙي جو هئڻ وڏي نعمت هئي. ان سان گڏ، جيڪڏهن مٿس سونا سنج وجهڻ جيتري دولت به هجي ته پوءِ سک ئي سک آهن. ڇو جو انهن ۾ وڏو دٻدٻو ۽ رعب تاب هيو.
٤ - گهر ۾ سلڇڻي/ سگهڙ زال هجي ته ان کان وڌيڪ ٻيو سک ئي ناهي.
٥ - جنهن ماڻهوءَ وٽ اولاد آهي ۽ اولاد لاءِ سڪايل ناهي، سو به سک سان آهي. ڇو جو مال متاع ۽ اولاد وغيره، دنيا جي ورونهن آهن. مثال: پٽ جهڙو منو ميوو دنيا ۾ ناهي.
مطلب: ١ - ماڻهوءَ لاءِ، مٿي ٻڌايل شيون، دنيا جي سک طور ڪتب اچن ٿيون.
٢ - گهر نديءَ ڪناري، ڪاني قانگهو گنج،
نار سلڇڻي گهر ۾، پٽ هجيس هنج،
ٽري هجي تازي، سونا مٿس سنج،
اهي پنج ئي جاٽج سهنج.
٣ - سوئا مينهن در تي، گاهه ڪانيءَ جا گنج،
زال هجي سلڇڻي، پٽ هجيس هنج،
پلو گهوڙو در تي، تنهن تي سونا سنج،
پنج ئي پائر پيڙا ٿيا، اهي ٿيا سيئي سهنج.
٤ - پيٽيو: گهر ڏيٺو، ٻانپ ٻاجهري، گاهه ڪاني، گهر گنج،

پائر ۽ پٽ چئي ۾، اهي سيئي سهنج. (١٢) ص ١٤٦.

## ٥٩٨. گهر نينگر ٻوجهہ گهٽو، ڪچي قلي ڏوئو واءُ،
## پائيان وچوڙو ماهيلي، مينهان اگتيو واءُ، چار ئي تباه. (چوٽي)

نينگر: چوڪر، ڇاتو. ٻوجهہ: ٻوجهہ، وزن. ڏوئو: ٻہ واءُ، ڪڏهن اتر تہ ڪڏهن ڏکڻ. پائيان: پائرن منجهہ. وچوڙو: اٽبٽت، ڏار ٿيڻ. ماهيلي: زالون. مينهان: مينهن لاءِ. اگتيو واءُ: اڀرندي طرف جو واءُ.
١ - گهر-ڇاتي تي گهٽو وزن رکبو تہ ٻچي وڃڻ ۾ ويرم ئي نہ لائيندو. سندس ٻچي وڃڻ ۾ تہ سندس عافيت آهي پر نياٽيءَ وارو تباه ٿي ويندو.
٢ - بهار جي موسم ۾، پندرهين فيبروريءَ کان پندرهين مارچ تائين، وڻن ۽ ٻوٽن ۾ گل قل لڳندا آهن. ان وقت واءَ ٻہ-طرفا لڳندا آهن. صبح جو اتر تہ شام جو ڏکڻ پيو گهلندو. اهي واءَ، ڪچين قلين ۽ گلن لاءِ خراب ۽ هاڃيڪار هوندا آهن.
٣ - پائر ٻہ ٽيستائين پائر ۽ دوست آهن، جيستائين پرٽيا ناهن. پرٽي پڃاڻان، هر ڪنهن کي ٻچڙ-والي وني ويندي آهي ۽ پانت پانت جا مسئلا آڏو ايندا آهن. جنهن سببان، پائرن ڏانهن ڏيان هٽي، ٻارن ٻچن ۽ گهر گرهستيءَ ڏانهن ٿي ويندو اٿن. پاڻ ۾ ورهئين ڪرهئين ۽ مشڪل سان پيا ملندا آهن. الزام وري ٻہ عورتن تي هوندو آهي تہ: انهن آئي، وچوڙا ٿيا.
٤ - جنهن مينهن سان گڏ، اڀرندي طرف جو واءُ هوندو آهي. اهو جلد اوڪاٽجي ويندو آهي.
مطلب: ١ - گهر-نانيءَ لاءِ گهٽو بار، ڪچين قلين لاءِ ٻہ-طرفو واءُ، پائرن لاءِ ڏيرياڻيون، مينهن لاءِ اڀرندي جو واءُ، پويون ڏينهن آهن. (١٢) ص ١٤١.

## ٥٩٩. گهر ئي گهاٽي، تيلي رُوکو ڪيون کاوئي؟ (پهاڪو)

اڳاتي دؤر ۾، سرنهن ۽ ڄانبي وغيره جو تيل کائڻ طور استعمال ٿيندو هيو. اڄ پڻ پڪوڙا وغيره ترڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. ترڻ واريون شيون، ڪڙهائيءَ ۾ ترجڻ کان پوءِ، تيل ڪڍڻ بجاءِ، واڌو تيل ڇڏينديون آهن. انهيءَ واڌو ڇڏيل تيل منجهہ، ٻيون ۽ ٽيون شيون پڻ تري سگهجن ٿيون. جيڪڏهن ان لاءِ گيهہ استعمال ٿيندو تہ ان ۾ هڪڙو نقصان آهي تہ اهو

بيهر ٽيهر سڙڻ ڪان پوءِ وهه ٿي ويندو آهي ۽ منجهس تريل شيءِ پڻ زهر جهڙو اثر رکندي آهي. ان جي برعڪس، جيڪڏهن ٽر واري شيءِ، تيل ۾ پئي تربي تہ تيل ٻيهر ٽيهر ٽيڻ بعد، گيهه ٿي پوندو آهي.
اهو ئي سبب آهي جو ساڳ وغيره ڪائڻ جا شوقين، اڄ بہ سرنهن وغيره جو تيل هٿ ڪري، منجهس ساڳ يا پليءَ جو ٻوڙ رڌي ڪائيندا آهن.
تيليءَ/ چاڪيءَ کي تيل پيڙڻ جو گهاٽو، پنهنجو هوندو آهي. وٽس تہ اصلي ۽ نج تيل هوندو. اهو گهر ۾ تيل جو گهاٽو هئڻ سبب، اٽيو ٻوڙ ۽ رُکي ماني چو کائيندو؟
مطلب: ١ - تيل جو گهاٽو گهر ۾ هوندي، تيلي پوءِ بہ رکي ماني ڪائي تہ سندس قسمت خراب چئبي.
٢ - تيليءَ جي پنهنجي گهر ۾ گهاٽو هجي تہ پوءِ ماني رُکي چو ڪائي؟
٣ - يار بہ تيلي، سِينڌ بہ ميلي. (١) ص ٣٦٠.

## ٦٠٠. گهڙيو، اڪريو. (پهاڪو)

درياهہ اندر جڏهن پاڻي ڪڙڪات ڪري وهندو آهي، تڏهن هر شيءِ کي لوڙهيون ڪنيو ويندو آهي. منجهس گهڙڻ لاءِ ڪو بہ همت نہ سارپندو آهي. چو جو فطري طور تي هر هڪ کي پنهنجي ڪمزوري ۽ درياهي وهڪري جي چوهي، اندر ۾ پئي سجهندي ۽ ڪڪندي آهي. درياهہ پار وڃڻ لاءِ، جيڪو ترهو ٻڌي گهڙندو ۽ درياهي ڪنن ڪڙڪاٽن سان منهن ڏئي ترڻ لاءِ هٿ پير هڻندو، سو ئي اُڪري پار پوندو ۽ پنهنجي منزل ماڻيندو.
اهڙيءَ طرح دنياداريءَ جي حساب سان، ملاڪڙي يا ملهہ جي ميدان ۾ سندرو ٻڌي ڪُڏي پوڻ وارو پڻ، هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿيندو.
تهڙيءَ طرح دين داريءَ جي حساب سان وري جنهن توڪل رکي، خدا جي عبادت ڪئي، اهو ٻنهي جهانن ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو.
مطلب: ١ - محنت وارو منزل تي رَسي ٿو.
٢ - پار اهو پوندو، جيڪو توڪل جو ترهو ٻڌي، درياهہ، تر، رڻ ۾ ڪاهي پوندو.
٣ - گهڙيا، اڪريا. (سنڌ)
٤ - جو گهڙيو، سو اڪريو. (سنڌ)
٥ - گهڙبو تہ اُڪري پئبو. (لاڙ)
٦ - گهڙيا سي چڙهيا، ائين اتئي. (شاهہ سهڻي)

٧ - گهڙيون سي اُکيون، ڪوڙيون پُڇن ڪُن. (شاهه، لاڙ)

## ٦٠١. گهڻو امرت، بِس برابر. (پهاڪو)

امرت: حيات بخش، آب حيات، مناڻ. بِس: زهر، بيماري آڻيندڙ.
ڪاڏو، صحت/ حياتيءَ جو سرچشمو آهي، پر ڪنهن حد اندر. حد کان وڌيڪ کائڻ سان بجاءِ فائدي ڏيڻ جي، نقصان/ بيماريءَ جو سبب ٿيندو آهي. اها بيماري، موت جو ڪارڻ بہ ٿي سگهي ٿي.
هر شيءِ جي گهڻائي، تمام گهڻي خراب ٿيندي آهي. منجهانئس پيدا ٿيل وبال، غفلت ۽ موت جو سبب بنبا آهن. چو جو هر شيءِ جي گهڻائي، مغز ڦيرائي ڇڏيندي آهي.
مطلب: ١ - هر شيءِ جي گهڻائي، زهر مثل آهي.
٢ - گهڻا موت، گهڻي کائڻ سبب ٿيا آهن.
٣ - گهڻ، آهي ڇڻ.
٤ - گهڻ؛ ڇڻ ٿيندي آهي.
٥ - ڄٽ ڄاءِ مري يا کاءِ مري. (٥)

## ٦٠٢. گهڻو ڦُٽو، گهڻو مُنو. (چوڻي/ پهاڪو)

ڦُٽڻ: اولاد ڄڻڻ. مُنو: بيواهو ٿيو، ڦاٽو.
جنهن کي گهڻو اولاد ڄمي ٿو، ان تي پالڻ ڪرڻ جا وڏا بار پون ٿا. پنهنجي ٻچن تي توجهہ ڪرڻ ۽ مٿن ڪمايل ملڪيت مان خرچ ڪرڻ سبب، ٻين ڏي توجهہ گهٽ ٿو ڏئي. انهيءَ ڪري ٻيا بہ آهستي آهستي ڪيس ڇڏي ٿا وڃن.
جنهن کي مال ملڪيت جهجهي ۽ اولاد ڪونهي، ان سان مٿن مائٽن جي همدردي جام هوندي آهي. چو جو اهي ڪيس تاڙيون وينا هوندا آهن. مرڻ جي صورت ۾ سندس ملڪيت ۾ وارث هئڻ جا اميدوار ۽ دعويدار هوندا آهن. اولاد ڄمڻ جي صورت ۾، ڪين اهو آسرو نظر نہ ايندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اولادي ماڻهوءَ سان، ٻين مٿن مائٽن جي همدردي گهٽ هوندي آهي.
مطلب: ١ - اولاد واري کي، مٽ مائٽ ڇڏي ٿا وڃن.
٢ - ٻاليتو، نہ ماليتو. (٦) ص ١٢٧.

## ٦٠٣. گهڻي هاريين هر نہ هلي، گهڻي ناريين گهر نہ هلي. (پهاڪو)

هاريين: هارين سان. ناريين: نارين سان، عورتن سان.
گهڻ: ڪثرت يا جهجهائي سواءِ خير جي، ڪنهن شيءِ جي بہ چڱي ناهي. منجهانئس مفيد ڪارج سَر انجام نہ ٿيندا آهن. گهڻِ سبب، غفلت ٿيندي آهي، جنهن ڪري آسان ڪم بہ بگڙجي ويندا آهن. ڪين سنڀالڻ ۽ سميٽڻ، سمجهڻ ۽ سموهڻ، اڪلائڻ ۽ پار لڳائڻ، ڏکيو ٿي ويندو آهي. اڪيلو سِر، گهڻن معاملن ۾ هٿ وجهي يا گهڻا ماڻهو هڪڙي ڪم جي ڪڍ پون: بئي صورتون گهڻِ ۾ شامل آهن.
زمين اندر هر ڪاهڻ، اڪيلي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. ڪانئس ڪم نہ نبرندو. جوڳ ڏاندن جي، زمين ۾ هر ڪاهڻ لاءِ، هڪڙو ڄڻو ڪاهي ويندو تہ ڊگها هڪ اوڙ بہ نہ ڪاهيندا جو ڪيس ٿڪائي وجهندا. البتہ بہ چار ڄڻا، بہ ٽي جوڳون ڪاهي وجي ترتيب سان هر ڪاهيندا تہ نبرندو بہ ۽ شام تائين ڪم اڪلائجي بہ ويندو. ان جي برعڪس اگر اٺ ڏهہ جوڳون ۽ ويهارو ڪن مڙس ونڃي وجي ڪم شروع ڪبو تہ شروع ئي نہ ڪري سگهبو. گهڻا ماڻهو، گهڻا دماغ. هر ڪنهن جون پنهنجون گهرجون ۽ تقاضائون. ڪو ڪيڏانهن پيو گهتون هڻندو تہ ڪو ڪيڏانهن پيو لوهون هڻندو. جوڳون ترتيب سان نہ بيهاري سگهندا ۽ نہ وري ڪاهي سگهندا. پاڻ ۾ جوڳون پيئون وچڙنديون. شام تائين نہ ڪم نبري سگهندو ۽ نہ اڪلائجي سگهندو.
اهڙيءَ طرح گهر ڪي هلائڻ بہ، عورتن جو ڪم آهي. هڪ عورت، گهر جو ڪم سهيڙي نہ سگهندي. بہ ٽي هونديون تہ ورهائي ڪٽنديون ۽ شام تائين اڪلائي ونديون. اگر گهڻيون هونديون تہ رڳو ڪچهريءَ ۽ گلا، پرائي پچار ۽ هچر پچر ۾ پوريون هونديون. هڪ ٻئي سان ساڙ ۾، نہ ڪم نبيري سگهنديون ۽ نہ ئي اڪلائي سگهنديون. هتائين شام تائين هر ڳالهہ ڪي ائين وچڙائي ۽ گنجرائي ڇڏينديون جو مرد جڏهن گهر ايندا تہ سندن مٿو ئي ڦيرائي ڇڏينديون.
مطلب: ١ - گهڻيون دايون، ٻار جو مٿو ڦڏو.
٢- گهڻيون دايون، ڇڏ جو زيان.
٣- گهڻا بورچي، شاش بيسوادي/ ڪاري.
٤- گهڻ: آهي ڇڻ.

۵- گهڻ-پٽاڻ بکري، ڪائي وئي جهار.
٦- تورا ڪٽا، ٽالهيءَ ۾ گهٽا. (۵)
۷- گهٽڻ هاريين هر نہ هلي. (۳۵) ص ۲۱۷

## ٦٠۴. گهوڙا، گهر ٽا ڪائين. (چوڻي)

هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ اڄ يا آڳاٽي دور ۾ تڪڙي سواري، جيڪا جهنگ جهر مان سولائيءَ سان هلي سگهي، سا گهوڙي جي هئي. ان جي سواري ننڍي هوندي سڪڻ جي ترغيب ڏني ويندي هئي. ڇو جو وڏو ٿيڻ کان پوءِ اها سکڻ ڏاڍي اهنجي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح وري گهوڙن جي سنڀال ۽ ٿهل ٽڪور پڻ ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ ڏکي هوندي آهي. مينهن وغيره جي ٿينهن هر ڪو ان ڪري برداشت ڪندو آهي جو منجهانئس ويلي تي کير مکڻ ملي ٿو. جڏهن تہ گهوڙي منجهان سواءِ سواريءَ جي ٻيو فائدو گهٽ نظر ايندو آهي. گهوڙي کي ٻيڻي چاربو تہ رڳو متس خرچ ئي خرچ هوندو. نہ منجهانئس کير ملي، نہ گوشت. جڏهن تہ هڪ گهوڙي جو خرچ، ڇئن پنجن ماڻهن جي آکهہ جي خرچ برابر آهي. جيئن چئجي: فلاڻي جي در تي ٻلا گهوڙا ٻڌا پيا آهن.
مطلب: ۱ - گهوڙو ڌارڻ، سولو ڪم ناهي.
۲ - گهوڙو، گهڻو خرچ ڪرائي ٿو.
۳ - ٻلا گهوڙا در تي هوندا تہ گهر کي ئي ٻهاري اڇي ويندي.

## ٦٠۵. گهوڙا نہِ ميدان، ڊوڙي ڊوڙي ڇيهہ ڪن. (پهاڪو)

نہ: ۽. ڇيهہ ڪرڻ: ڊنگ ڪرڻ
گهوڙي کي خدا تعاليٰ ڀڄڻ لاءِ خلقيو آهي. پالتو وهڻن ۾، سندس جهڙو ڀڄڻو ڪو بہ نہ آهي. اٺ ۽ گڏه ڍرا آهن. بار ڇڪڻ ۾ بہ گهوڙو مڙني کان تيز آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڇڪڻ يا انجڻ وغيره جي طاقت جو ايڪو بہ گهوڙن سان ماپيو ويندو آهي، جنهن کي Horse Power چئبو آهي.
ميدان ۾ ڀڄڻ ۽ مقابلو ڪرڻ، مردن جو تہ ڪم آهي پر ڪنهن حد تائين. جيڪڏهن ماڻهو، گهوڙي سان مقابلي ۾ ڀڄي تہ اُپ-ساهيءَ ۾ اچي، مري سگهي ٿو. تنهن ڪري ميدان مارڻ، گهوڙي جو مرڪ آهي.

مطلب: ١ - جيڪڏهن ڪير ضد ڪري، ڪنهن اهڙي ڪم ۾ هٿ وجهي، جيڪو سندس وس ۾ نہ هجي تہ ڪيس ائين چيو ويندو آهي: ”تو لاءِ هوءَ گوءِ هو ميدان آهي! پڇي ڏيکار.“
٢ - ملان تہ پٽ، گهوڙا تہ پٽ، هي ڪشيا تہ رسيا، هو نِيا تہ چٽ.
٣ - ملان تہ پٽ، گهوڙا تہ پٽ، سيد تہ سيون، آيون تہ ويون.
٤ - گهوڙي لاءِ، هوءَ گوءِ هو ميدان. (٦) ص ١٢٨.

## ٦٠٦. گهوڙو: پنج واتي بلا. (چوڻي)

پنج-واتي: چار پير/ ڪر/ سنب ۽ پنجون وات.
گهوڙي ڪي جنگ جي ميدان ۾ لاهبو ۽ اهو اگر انهيءَ ميدان ۾ لهڻ جو عادي ٿي ويو تہ پوءِ ڪو نہ ٿهندو آهي. ڪنهن شيءِ جي پنيان، بہ چار دفعا شڪار ۾ ڏبس تہ هري پوندو. پوءِ پاڻهي انهيءَ جي پنيان پيو ڪاهي پوندو. جي بگڙيو تہ، پوءِ جيڪو هلڪي رسي جي لوڏي تي نچندو بيٺو آهي، سو بہ ڪنهن کي ويجهو اچڻ ڪو نہ ڏيندو. چئني پيرن ۽ پنجين وات سان وڙهندو آهي. گهوڙي جي ويڙهہ جنگين دوران مثالي آهي. جن جنگين ۾ گهوڙو لتو آهي، انهن ۾ گهايلن گهٽو گهوڙا گهوڙا ڪئي آهي. گهل بہ ڪئي اٿائون پر اڪيلي ۾ نہ بلڪ گڏيل. يعني: گهل ڙي گهوڙا!
مطلب: ١ - اٺ ۽ مينهن ڪان وڏيڪ، گهوڙو مارٽو ٿيندو آهي.
٢ - گهوڙن هنيون گهٽيون، انن هنئي آءٌ. (شاهہ)
٣ - گهوڙن گهايون گهٽيون، انن گهائي آ ءٌ.(٣٣)

## ٦٠٧. گهوڙو دوڙي تو آپ ري سوپ ري پگا. (پهاڪو)

آپ ري: پنهنجي. سوپ: فتح. پگا: لاءِ.
گهوڙي جو ڪم آهي، ميدان ۾ پڇڻ. جڏهن ميدان ۾ گهوڙن جي پڇڻ جو مقابلو (Race) ٿيندو آهي، تڏهن هر گهوڙو، ٻئي ڪان اڳ ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ جيئن ميدان مارڻ سان سندس سوپ، نالو ۽ شهرت ٿئي. ائين ٿيڻ سان، سندس مالڪ جي نظر ۾، سندس مانُ وڌي ويندو آهي.
مطلب: ١ - دنيا ۾ هر ڪو پنهنجي ڪاميابيءَ/ سوپ لاءِ هَڻُ-وَٺُ ۾ مشغول آهي.

٢ - هر ڪو پنهنجي پيٽ خاطر محنت ڪري رهيو آهي. (٦) ص ١٢٨.

## ٦٠٨. گهوڙو ڪاهي ويا چور، سنج سائين ڪڍي يا نوڪر. (پهاڪو)

هڪڙي رئيس، هڪڙي ڀيل کي گهوڙي جي سنڀال لاءِ نوڪر ڪري رکيو. ٻئي سفر ۾ گڏ نڪتا. نوڪر تي، رات جو جاڳي، گهوڙي جي سنڀال ڪرڻ وارو ڪم رکيل هيو.
هڪ رات، هڪ ڏکئي ماڳ تي منزل ڪيائون. رئيس، نوڪر کي هوشياريءَ سان پهرو ڏيڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ۽ پاڻ سمهي رهيو.
اڌ رات ڌاري، رئيس جي اک کلي. ڏسي ته نوڪر ننڊ پيو آهي. هڪدم هڪل ڪري چيائينس: ”اڙي ڇا ٿو ڪرين!“
”گهنڊ ٿو گهڙان!“ نوڪر ننڊ مان اکيون پٽيندي چيس: ”ويچار ٿو ڪريان.“
رئيس تاڪيد ڪري، وري سمهي رهيو. نوڪر کي به ننڊ ڪٽي وئي. ايتري ۾ چور آيا ۽ کين ننڊ ۾ ڏسي، گهوڙو ڪاهي ويا.
اسر ڌاري، رئيس جي اک کلي. ڏسي ته نوڪر ننڊ ۾ ڪونگهرا پيو هڻي ۽ گهوڙو لهي ئي نه.
”اڙي مردار ڇا پيو ڪرين! تو کي رکيم ته منهنجي ۽ گهوڙي جي سنڀال ڪر يا مان تنهنجي سنڀال ڪيان.“ نوڪر کي ننڊ مان ڌونڌاڙيندي، رئيس چيو: ”گهوڙو ڪونهي! تون ڇا ٿو ڪرين؟!“
”گهنڊ ٿو گهڙان.“ نوڪر ننڊ مان ڇرڪ ڀري، چوڻ لڳو: ”ويچار ٿو ڪريان؟!“
”ڪهڙو ٿو گهنڊ گهڙين!“ رئيس پڇيس: ”ڪهڙو ٿو ويچار ڪرين!“
”گهنڊ اي ٿو گهڙان: گهوڙو تو لي گيا چور، هي سنج سائين ڪٽي ڪِ هون.“ ڀيل گنڀيرائي مان چوڻ لڳو: ”ويچار اهو ورائي ويو اٿم: گهوڙو ته ڪاهي ويا چور، هاڻي سنج سائين ڪڍي يا نوڪر.“ (٦) ص ١٢٧.
مطلب: ١ - نوڪر، دل سان ڪم نه ڪندو آهي.
٢ - نوڪر کي ڪم ڪرڻو هجي ها ته گهر ۾ ڪم، ڪوڙ/ ڪتو هئس.

# ل

## ٦٠٩. لاکو ڦلاڻي، ڪچو ڪچاڻي، جنهن ڇڏي مهر راڻي. (چوڻي)

لاکو ڦلاڻي: ڄام لاکو، مشهور سخي سورمو. مهر راڻي: نوهٽيءَ جي راڄ ڏياڻي.

ڄام لاکو، سنڌ جو مشهور سورمو، ڪڇ ڀڄ جي سمي سردار ڄام ڦل جو پٽ، جنهن کي سنڌ جي سگهڙن ڏهن ڏاتارن ۾ ڳڻيو آهي. وڏو بهادر، جنگجو ۽ سخي مڙس هئو، جنهن جي سڄي عمر جاڙيجن ۽ ريبارين سان لوڙائو ڪندي گذري. نوهٽيءَ جي ”مهر راڻيءَ“ تي موهت ٿي پيو. اڙانگا شرط پورا ڪري، ساڻس شادي ڪيائين.

هڪڙي مڱڻهار تي راضي ٿيڻ کان پوءِ، کيس انعام ڏيڻ خاطر ڪانئس راءِ پڇيائين: ”جيڪو گهرڻو اٿئي گهر“.

مڱڻهار، مهر راڻيءَ جو مائٽ هيو. مهر راڻيءَ کيس، پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل هار ڏانهن اشارو ڪندي، گهرڻ لاءِ چيو. مڱڻهار به هار ڏانهن اشارو ڪيو. لاکي سمجهيو ته: مهر منگتي ڏانهن وڃڻ چاهي ٿي ۽ هو به ان جي گهُر ٿو ڪري، تنهن ڪري کيس ڇڏي ڏنائين.

مطلب: ١ - ڪنن جو ڪچو نه ٿجي.

٢ - ڪنن جي ڳالهين، مير بجر کي مارايو. (٦) ص ٤٦.

## ٦١٠. لاهين پنيان چاڙهيون، چاڙهين پنيان لاهيون. (پهاڪو)

ٿر اندر، رڳو ڀٽون ئي ڀٽون آهن. سفر ڪرڻ واري کي اگر، ڪاٽي وڃڻو آهي ته اهي ڀٽون پار ڪرڻ لاءِ کيس هڪڙين تي چڙهي لهڻو آهي ته وري ٻين تي به ائين چڙهي لهڻو آهي. لهڻ وقت ته بار واري ساهدار کي سهنجائي هوندي آهي. ان کي ته هر ڪو سفر دوران پسند ڪندو آهي پر اها نصيب تڏهن ٿيندي، جڏهن چڙهڻ واري تڪليف ڪٽندو.

دنيا جي اندر به ڪوڙ سارا، لاها چاڙها آهن، جن منجهان انسان کي پار اڪرڻو ئي پوي. انهن کي ڏسي، منجهي ويهي رهڻ وارو ماڻهو، آخر زندگيءَ مان بيزار ٿيو وڃي. باقي جنهن مڙس ماڻهو تي، ساڻن مقابلو ڪيو، سو نيٺ ڪامياب ٿيو.

مطلب: ١ - حالتون، سدائين ساڳيون ناهن.
٢ - ڏکن پٺيان سک، سکن پٺيان ڏک آهن.
٣ - سک مان ڏک ڦٽي ٿو، ڏک مان سک. (جپاني)

٦١١. لتر گڏهه کي چڪر گڏهه پڄي،
چڪر گڏهه کي لتر گڏهه. (پهاڪو)

هر ساهدار کي پنهنجي بچاءَ لاءِ، هٿيار جي طور تي، ڪنهن نه ڪنهن عضوي ۾، غير معمولي شڪتي ڏني وئي آهي. جيئن ڪتي کي چڪڻ ۽ ڏهڙڻ جي، ٻلي کي رانيوٽن پائڻ جي، مينهن يا ڳئون کي سڱن سان ٽڪر هڻڻ جي ۽ شينهن کي چنبي ۾ طاقت ڏني وئي آهي ته جيئن پنهنجي بچاءَ سان گڏ وڏ پنهنجي پيٽ خاطر روزي رزق به حاصل ڪري سگهن. اهڙيءَ طرح وري گهوڙي ۽ گڏهه کي لت هڻڻ جي. پويان بيٺل کي اگر اوچتي دو-لتي جو هڻندا ته آندا به ڪڍي ڇڏيندس. ڪن گڏهن کي وري چڪ هڻڻ جي به عادت هوندي آهي. لترن سان وري اهي ئي پڄي ڪائيندا آهن.

ان ڪان علاوه هن چوڻيءَ جو ٻيو روپ به آهي: لتر کي پڄي چڪر. اتي لتر مان مراد گڏهه ۽ گهوڙو آهي ۽ چڪر مان مراد ڪتو آهي. ان مان مراد اها آهي ته ڪتي سان گڏهه پڄي ته گڏهه سان وري ڪتو.

ڪتي جي چڪ ۽ گڏهه جي نٺرائيءَ جو ٻيو مثال آهي: گڏهه جو ماس ڪتي جو وات، هو ڇڄي نه هو ڇڏي نه. ان مان مراد اها آهي ته مئل گڏهه جي ماس مان، سواءِ ڪتي جي، ٻيو ڇيريندڙ جانور بيزار ٿي وڃي ۽ ڪتي جا ڏند وري ايڏا مضبوط آهن جو اهي، اهڙي سخت ماس مان به ڪين مڙن.

مطلب: ١ - هڪڙي ڏاڍي سان، ٻيو ڏاڍو منهن ڏئي سگهندو.
٢ - لتر جو استاد چڪر آهي. (سرو)
٣ - لتر کي چڪر پڄي ۽ چڪر کي لتر. (ساهتي)
٤ - لتر کي پڄي چڪر. (لاڙ)
٥ - لُچ لُچ سان پڄي.
٦ - گهوڙن جون لتون، گهوڙا جهلين يا ٻوڙا جهلين.

٦١٢. لڪڙين کي اڳنيءَ مان، مروءَ کي ماه مان،

## ڪنجوس ڪي ڪشور مان، عالم ڪي علم مان،
## سائل ڪي سخي مان، ڪڏهن بہ ڍؤ نہ ٿئي. (چوڻي)

اڱني: باھ. مروءَ: چيريندڙ درندو. ماہ: گوشت. ڪشور: دنيا، دولت.
١ - باھ جو خاصو آهي؛ سڙڻ ۽ ساڙڻ يا جلڻ ۽ جلائڻ. سندس جيئدان ۽ بقاءُ، ٻرندو رهڻ ۾ آهي. لاڳيتو ٻرڻ لاءِ، جهجهو ٻارڻ کپي تہ جيئن ڪيس بل، قُوت ۽ جيئدان ملي. ساڙڻ لاءِ، ڪيس جيتريون بہ ڪاٺيون ملنديون، تيترين منجهان ڪين ڍاپندي.
٢ - مرونءَ/ شينهن ۽ بگهڙ وغيره جو قُوت، ماس ئي آهي. بک جي صورت ۾ بہ ڍِپ ڪين چرندا آهن. تن کي گذر لاءِ ماس/ گوشت کپي. جيترو بہ ملين، اوترو ٿورو اٿن.
٣ - ڪنجوس ماڻهوءَ جي دل ۾، مال ميڙڻ جي محبت وڏيڪ هوندي آهي. ڪپائڻ سان ڪيس ڪا دلچسپي نہ هوندي آهي. رڳو ميڙيءَ ۾ منهن، هوندو اٿس. ڪروڙ هوندي بہ پاڻ کي غريب پيو سمجهندو.
۴ - عالم کي علم جي چَسَ پيل آهي. پيو علمي ڪتاب ۽ ماحول تاڙيندو. وس پڄندس تہ دل گهريا ڪتاب، پاتال مان بہ کوٽي ڪيندو. پوءِ بہ ڍاپندو ڪين.
۵ - سائل جي دل ۾، سوال ڪرڻ ۽ پنڻ جي لوري/ لونجھ وڏي هوندي آهي. جيترو بہ مليس، پر پنڻ مان ڪين ڍاپندو.
مطلب: ١ - مٿين پنجن ڄڻن جي بک/ اشتها، مرڻي ناهي. (٢) ص ١٢٩.

## ٦١٣. لکو ٿو لاڏو ٿئي، لنجا ٿا پٽ ڪائين. (چوڻي/ پهاڪو)

لکو: اسم ذات، هڪڙي ٽوٽي ۽ سست جو نالو. لاڏو: گهوٽ. لنجا: ذات جو نالو.
سست يا ٽوٽي ماڻهو، ڪمائڻ ڪرڻ کان ڪيٻائيندو وتندو آهي. جنهن ڪري هميشہ ٻين مٿان بوجھ هوندو آهي. جنهن سببان، هر ڪو منجهانئس بيزار هوندو آهي.
اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪير بہ ٽڪو خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. سڱ بہ ان کي هر ڪو ڏيندو، جيڪو هٿ پير هڻي ڪمائي ۽ پنهنجي پيرن تي بيهي.
جيڪو ٻين جو محتاج هجي، ان کي نہ ڪير سڱ ڏيندو ۽ نہ اهو پرڻبو، نہ ئي ماڻهو پٽ ڪائيندا.

مطلب: ١- شاديون ٻه مڙس ماڻهن جون ٿينديون آهن. ماڻهو خوشيون ٻه مڙس ماڻهن جي ڪري ملهائيندا آهن. (١٦)

### ٦١۴. لک وڃي، لڄڻ نه وڃي. (چوڻي)

آڳاٽي دؤر ۾ لک روپئي جي وڏي اهميت هئي. جنهن وٽ لک روپين جو پيتيءَ ۾ پوريل هجي، سو ٻين تي فلڪ نه آٽيندو هيو. ڪنهن جي ڪاڻ ۽ محتاجيءَ جي ڪيس ضرورت محسوس نه ٿيندي هئي. وقت پوڻ تي، پنهنجو پئسو، هڙان ڇوڙي، مقصد سِڌ ڪري وٺندو هيو. جنهنڪري ٻين رشتن ناتن جي ڀيٽ ۾، وٽس لک روپئي جي اهميت تمام وڏي هئي.
دنيا ۾ ڪيترا معاملا، پئسي جي ڀيٽ ۾، لڄڻ يا اخلاق سان جلد، سولا ۽ آسانيءَ سان حل ٿيو وڃن. پئسا ۽ سفارش، رستي ۾ رهجيو وڃن. جڏهن نه اخلاق ۽ لڄڻ وارو، وقت پوڻ تي، مانُ ٻه وٺي اچي ۽ هاج ٻه سر ڪري اچي.
لڄڻ ۽ اخلاق کي، پئسي ۽ سفارش مٿان فوقيت حاصل آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ جي دور ۾، نه لڄڻ کي ڪو ليکي ۽ نه اخلاق کي ٽو ڪو ڏسي. نه ئي وري ڪنهن کي ڪنهن جي سفارش جي ڪا پرواهه آهي. مڙني کي پئسو کپي. اهڙي دور ۾ ٻه ٽر جا ماڻهو، پئسي جي ڀيٽ ۾، لڄڻ ۽ لحاظ کي وڏيڪ مان ڏين ٿا.
مطلب: ١ - اخلاق، پئسي کان وڌيڪ ڪارائتي شيءِ آهي.
٢ - لهڻي وارو موٽي وڃي، سائت وارو ڪائي وڃي.
٣ - سؤ وڃي، ساءُ نه وڃي.
۴ - هزار وڃي، حب نه وڃي.
۵ - ڪروڙ وڃي، قرب نه وڃي.
٦ - پدم وڃي، پريت نه وڃي. (٧) ص ٣۵.

### ٦١۵. لنب: مکڻ چنب. (چوڻي)

لنب: برسات تي وڏنڊڙ ٽري گاهه، جيڪو مال چري ته کير ۾ مکڻ جهجهو ڏئي. چنب: جنب، وڏو ليوڙو، چاٽو، ٽيرو.
لنب، ٽر ڏيهه جو خاص گاهه آهي. مٽي جي وارن وانگر، نهايت سنهڙو ۽ نازڪ ٿيندو آهي. ڳئي مال کي نهايت مرغوب آهي. پِراڻ جي ڪپ، توڙي پائر جي مِنين ۽ نهور زمينن ۾ لس پرجيو وڃي. مکٽيءَ (گاه جو

قسم) وانگر، هن جي پاڙ به تر جيتري زمين اندر ٿئي. جنهنڪري ڪيس بي پاڙو گاه پڻ سڏبو آهي. هٿ لائڻ سان، چڳو پيو ايندو آهي.
گاه جڏهن پچي، تڏهن سنهون ۽ سنگ ڪري بيهي. هوا لڳڻ ڪري اهڙو جهومي ۽ جهولي جو ڏسڻ سان روح کي راحت اچيو وڃي. جڏهن سڪي وڃي تڏهن سندس رنگ، پيلاڻ ڏي مائل ٿئي. سندس تيلا، پُوري رڃ جي وارن جهڙا نظر ايندا آهن. نازڪ ۽ ٿاڪئون هئڻ سبب، مال جي لتڙ هيٺ پچي پُري، زمين تي سمهي پوي ۽ سج جي روشنائيءَ ۾ اهڙو چلڪي جهڙو ڪٽڪ جو ٻهه، پري کان نظر اچي. ائين جڻ، ميدان تي ميٽائين رنگ جو راڳو يا پوچي ڏنل آهي. منجهس ٿوري سرهاڻ به ٿئي. مالدار، انهيءَ گاهه جو اَنُ، چانورن وانگر چاڙهي ڪائيندا آهن.
ڏاڍيري زمين ۾ چانئجي ويندڙ هيءُ گاهه، کائڻ ڪري مال متارو ٿئي، کير گهاٽو ۽ گهڻو ڏئي.
مطلب: ١ - لنب کائڻ سان، مال ۾ کير گهاٽو، جهجهو ۽ سٺيو ٿئي، جنهن مان مکڻ پڻ جام لهي.
٢ - لنب گاهه، مکڻ جي ضمانت.
٣ - جنهن وٽ لنب آهي، ان وٽ مکڻ جام آهي. شرط اهو آهي ته وٽس ڳئون مينهون به هجن.
٤ - لنب چارڻ سان، مکڻ جام ملندو. (٩) ص ٤٠ ۽ (١٧) ص ١١٥.

## ٦١٦. لوب لڳو واڻيو: لونگيءَ لڳي ڳاءِ. (پهاڪو)

لوب: لالچ. واڻيو: دڪاندار، هٽ وارو، واپاري. ڳاءِ: ڳئون
لونگي: برسات پوڻ شرط، چاول تازو گاهه، جيڪو ڪچڙو هئڻ سبب، ڳئونءَ لاءِ مرغوب غذا هوندو آهي.
واپاريءَ کي ڪمائڻ جي لالچ هوندي ته وقت، جان ۽ مال لڳائيندو. نت نوان تجربا ۽ مشاهدا ماڻيندو. انهن جي آڌار تي واپار کي وڌائيندو ويندو. جيڪڏهن لالچ نه هوندس ته ڏنڊو ئي چوپٽ ڪري ڇڏيندو.
اهڙيءَ طرح ڳئونءَ کي به تازو چاول گاهه نظر آيو ته منجهس ڪُپي ويندي. نڪرڻ جو نالو ئي نه وٺندي. ڏڪر/ سوڪهڙي واري سموري ڪسر، منجهانئس ڪڍي ڇڏيندي. جيڪڏهن ڪچڙو گاهه نه مليس ته سڪل گاهه ۾ ڏکيو وات وجهندي.
مطلب: ١ - ڳئونءَ کي لونگي ۽ واڻيي کي لوب/ لالچ، مشغول رکن ٿا.

٢ - اٺ کي لاٽو، گهوڙي کي داٽو،
مرد کي ناٽو، محبوب کي ماٽو. (٥)
٣ - پيٽيو: ڳانيان جوين ڳاس هي، ٽريان جوين ان،
ماهيلي جوين مرد هي، مَردي جوين ڌن.

## ٦١٧. لوٽيو باٽيو، جُونا خط جووي. (راجستان، ڀاڪو)

لُوٽيو: لٽيل، ڪٽل، نقصان ۾ ويل. باٽيو: واٽيو، واپاري، وهنواري، دڪاندار، هٽ- واٽيو. جُونا: جهونا، پراڻا. جووي: جانچي، وانچي.
دڪاندار/ واٽيو، ڏينهن ۾ گهڻا دفعا پئسا ڏسي ٿو. ڪيترا دفعا ونڻ وقت، ڪئين دفعا ڏيڻ وقت، سندس هٿن ۾ اکين آڏو رهن ٿا. ڏيهاڙيءَ جي ڏي-وٺ سبب، پئسي جو رعب سندس من مان نڪريو وڃي. ڪيس اهي ڪاڳر ۽ نڪريون پاسڻ لڳن ٿا. جڏهن سندس ڪيفيت، اهڙي جڙندي آهي ته پوءِ سنپال جي حس به آهستي آهستي ڍري ٿي ويندي اٿس. ويسر ۾ هڪڙيون لڪيتون داخل نه ڪري سگهندو ته وري ٻيون به ٿي به ٿي پيرا پيو داخل ڪندو. انهيءَ ٻٽي ويسر سبب، هڪ ڏينهن ڏيوالو نڪري ويندو اٿس. گراهڪ ۽ واپاري ڪيس ٻي ايمان پيا سمجهندا آهن. ڪانئس، ٻئي منهن موڙي ويندا آهن. واپاري ڪيس اوڌر تي مال ڏيڻ بند ڪندا آهن. گراهڪ ڪانئس، نه ئي اوڌر تي ۽ نه ئي روڪڙ تي مال ڪٽندا آهن. جڏهن سندس ترو لڳندو آهي، پوءِ ڪيس حساب سٽو رکڻ جو احساس جاڳندو آهي. ان وقت ويهي پراڻيون بنديون جاچڻ لڳندو آهي ته جيئن ڪنهن نه ڪنهن ڏانهن رهيل اوڌر نڪري پوي.
مطلب: ١ - ڪٽو واٽيو، جهونيون وهيون/ ڪنڍيون جانچي.
٢ - واٽيو، پراڻيون ڪنڍيون تڏهن واچيندو آهي، جڏهن ڪٽندو آهي يا ٻي ايمان ٿيندو آهي. (١) ص ١٨٢.

## ٦١٨. لوڏي ٻانهن لاڏ مان، هلي ٿي هرڙيون،

مڙس چڏي، مِنڙي تي سڏي ساهيڙيون سرڙيون،
گهٽو ڳالهائي گهوٽ سان، پهرين رات پرڻيون،
ٺئي ٽرڙيون. (چوٽي)

منڙي تي: مِني پاڙيءَ جي ڪوه تي.

هتي ٽن عورتن جي ڳالا ڪئي وئي آهي. اها ڳالا سندن چال سبب آهي. ڪين ان چال سبب ٽرڙي ۽ هلڪڙي سڏيو ويو آهي.
هڪ اها عورت، جيڪا لاڏ ۽ نخرا ڪري ٿي. هرٽيءَ وانگر ڇانگ ڏيئي هلي ٿي. ننڍن توڙي وڏن، پراون توڙي پنهنجن آڏو، حياءُ ڪرڻ بدران ڇڇوري ٿي ٿي پوي. اها جلد پنهنجي ساک وڃائي ڇڏي ٿي ۽ ڪير بہ سندس سڱ ڇڪڻ لاءِ تيار نہ ٿو رهي. مڙس، عورت کي ڇڏي تہ اهو هڪ فطري عمل آهي. ان جي برعڪس عورت، پاڻ مڙس کان خلع وٺي، اها عورت جي گهٽتائي ليکبي.
ٻي اها عورت، جيڪا مڙس جو اصل خيال نہ ڪري. پاڻي ڀرڻ جي بهاني سان سهيلين ۽ سنگتياڻين سان، دلو ڪلهي تي رکي گهران نڪري ٿي پوي. چاندون ۽ ميچون ڏيندي، وڃي پاڻي ٿي ڀري ۽ واٽ تي بيٺلن کي مفت ۾ پاڻُ پَسائيندي ٿي وڃي. ان ۾ ٻين جي نگهہ بہ ٿي ٿي پوي. جنهن ڪري، مڙس جي نظر ۾ ڪري پوي ٿي. اها هلڪي طبيعت جي آهي.
ٽين اها عورت، جيڪا مڙس سان پرڻي واري رات، بي حجاب ٿي ڳالهائي ٿي. اها بہ ٽرڙي آهي. ڇڻ سندس سَتُر پڌرو آهي. مڙس سان گهري ٿيڻ لاءِ سڄي عمر پوئتي پئي آهي. هونئن بہ جنهن سان سڄي عمر گڏ گذارڻي آهي، تنهن سان پهرئين ڏينهن کان وٺي کل مذاق ۽ ڪينچل نهي نہ ٿي. اهڙي ٽرڙائپ ڪرڻ سان زندگيءَ جو ڳاڻو گهلڻ، اوکو ٿي ويندو. ڇو جو سندس عصمت تي، مڙس جو شڪ جاڳي سگهي ٿو. تنهنڪري مڙس ۽ ساهرن جي نظرن ۾ ڪري پوندي.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل ٽن عادتن واريون، پنهنجي هلڪڙي طبيعت سبب جلد پاڻ کي ٻوهي ۾ وجهنديون.
٢ - عورت کي، احتياط/ حياءَ سان، وک کڻڻ گهرجي. (٢) ص ٤٩ ۽ (٤) ص ٢٤٢.

## ٦١٩. لوٽي ڪاني، اڏوهي بہ نہ کائي. (پهاڪو)

ٽر يا واريا‎سي علائقي اندر اڏوهي جام ٿيندي آهي. مال جو ڇيٽو يا ڪچي ڪاني، اڏوهيءَ لاءِ مرغوب غذا آهن. ڇيٽي کي يڪدم، ڪريل جاءِ تان کڻي مٿانهين جاءِ تي سُڪڻو رکبو تہ اڏوهيءَ کان وقتي بچي سگهندو. ڪاني بہ ائين آهي. وڍڻ بعد ان کي محفوظ جاءِ تي رکي نہ سگهبو تہ اڏوهيءَ جي نظر تي ويندي.

ڪچي ڪاٺ کي اڌوهيءَ کان بچڻ لاءِ جيڪي جتن ڪجن ٿا تن ۾ هڪڙو آهي، ڪاٺ کي پاڻيءَ ۾ رکڻ، جيسين وجي پڪو ۽ چيڙهو ٿئي. ٻيو آهي، ٽر اندر موجود لوڻ جي ڪنهن سڻ اندر ان کي رکڻ. لوڻ سان ڪاٺ ڪاڄڻ بجاءِ، چيڙهو ۽ نهرو ٿيندو آهي. اڏوهيءَ جي ڏاٺ کان بچڻ لائق ٿي پوندو آهي. (٣٥) ص ٢٥۴

مطلب: ١ - انسان به اگر، لوڻ جهڙن ڏکين هنڌن تي رهندو ته پچي پختو ٿيندو ۽ منجهس هلڪي ڦلڪي تڪليف سهڻ جي قوة پيدا ٿي پوندي.

## م

### ٦٢٠. ماڇي، مهاڻا، مؤذني، منگت، چلو ڪين يارو انهن جي سنگت. (چوڻي)

ماڇي: ڏڦير، شڪاري، جيڪي ڪتن ۽ ڏڦن ذريعي شڪار ڦاسائين.

مهاڻو: مير بحر جيڪو درياه/ سمنڊ ۾ ٻيڙيون هلائي ۽ مڇيون ڦاسائي.

مؤذني: ڪنجوس، ظالم، مر-چوٽ، چچي مار، چمچوس.

منگت: منگتو، مگڻهار، لنگهو.

ماڇي ۽ مهاڻا، سارو ڏينهن شڪار جي هڻ وٺ سبب، ڏاڍا گارڀال، بي وڙا ۽ رڪا هوندا آهن. جنهن سبب، هر مهذب ماڻهو ڪانئن نفرت ڪندو آهي.

ڪنجوس/ مرچوٽ/ مکي چوس به قابل نفرت هوندا آهن. پنهنجي ملڪيت مان ٻين کي ته فائدو وٺڻ نه ڏيندا آهن، پر پنهنجي ذات کي به نفعو پهچڻ نه ڏيندا آهن. هٿائين ملڪيت ميڙڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي هوس ۾، جڳ جهان سان ڦتائيندا وتندا آهن.

مگڻهار، لالچ ۾ اچي تعريف ڪندو ۽ زمين آسمان جا ڪولابا ملائي پئسا گهرندو. جيڪڏهن پئسا نه مليس ته وينو گلا ڪندو آهي.

مطلب: ١ - مٿي بيان ڪيل، چئني جي ڪردار کي نظر ۾ رکندي، سندن پيروي نه ڪرڻ گهرجي. (١٦)

### ٦٢١. مارا متر اُوءَ، جو گلا ڪري. (پهاڪو)

ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته جڏهن ڪنهن وٽ مهمان ٿيندا يا اڳلي ۾ ڪم پين، ته وينا سندس واکاڻ ڪندا. ٻين جي وري گلا ڪندا.

ائين اڳلي کي خوش ڪري، پنهنجو مطلب حاصل ڪندا. وري اتان اٿي جڏهن ٻئي وٽ پهچندا ته اتي وري اڳئين ماڻهوءَ جي گلا ڪري پنهنجو مطلب سر ڪندا. اهڙي ماڻهوءَ ڪان اهو پلو، جيڪو منهن تي سڌي ٻڌائي. (۳۵) ص ۱۹۲

مطلب: ۱- خود-مطلبي ماڻهو، نيٺ هلي ذليل ٿئي.
۲- خود-غرض خوشامديءَ ڪان، بي غرض گلاخور چڱو.

## ٦۲۲. مار، ڏاتار آهي. (چوڻي)

ڏاتار: سخي، هڪڙي پير جو نالو، جيئن ڄام ڏاتار.

ماڻهوءَ کي موهي سڌي راه تي آڻڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن مار جي به ضرورت پوندي آهي. ڇو جو ڪي ماڻهو طبعًا ڪوڙا، ڪانئر، بد اخلاق يا چور هوندا آهن. مٿن نصيحت اثر نه ڪندي آهي. ڪين سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ مار موچڙو ضروري هوندو آهي. جڏهن مار ملندي اٿن، تڏهن گوڏنات ڇڏيندا آهن.

ڪن ماڻهن جو عقيدو آهي ته: ماڻهو ڪيڏو به ڪريل هجي، ڄام ڏاتار جي مزار تي پهچڻ ڪان پوءِ ئي، بريون عادتون ڇڏي، سڌري ٿو وڃي. ڏاتار، ڪيس سڌو ڪري ٿو ڇڏي.

انهيءَ نسبت سان مار کي به ڏاتار سان پيٽ ڏني وئي آهي.

مطلب: ۱ - مار، سنوار آهي.
۲ - عرشان لٿيان چار ڪتابان، پنجوان لٿا ڏنڊا،
ڪتابان اوه نه ڪيتا، جهڙا ڪيتا ڏنڊا. (پنجاب)
۳ - ماڻهو ٻٽيهه لڪٽو، موچڙو ڇٽيهه لڪٽو.
۴ - سوٽي هجي ساڻ، ڳڏه ڳوهي نه ڪري.
۵ - ڪلو، پنجون پير. (٦) ص ۱۳۰

## ٦۲۳. مارواڙي، نه ماءُ پلي نه ڳاءِ پلي. (چوڻي)

ماڻهوءَ جي طبيعت تي تخم جي تاثير ۽ صحبت جي اثر ڪان علاوه، علائقي ۽ ماحول جو به اثر ضرور پوندو آهي. هر علائقي جي ماڻهن جي طبيعت، نرالي هوندي آهي. جنهن سببان، هنڌين ماڳين مشهور هوندا آهن ۽ سندن لاءِ انهيءَ تناظر ۾ اهڙو تاثر قائم ڪيو ويندو آهي.

مارواڙ علائقي جي عورتن بابت به اهو تصور قائم آهي ته مڙسن سان چڱيءَ طرح نه هلنديون آهن. نه گهر سان چاهه رکنديون آهن ۽ نه مڙس سان. نتيجي طور مڙسن منجهان ڇاول اولاد سان به ورتاءُ اڻنگو هوندو اٿن.
اهڙيءَ طرح مارواڙ علائقي جي ڳئون به ڪٽر ۽ ڪير ۾ ڪٽل هونديون آهن. ڦر ڪي به پنهنجو نه ڪنديون آهن. جنهن سببان، ڦر به نه ساڳائيندو اٿن.
مطلب: ۱ - مارواڙ جي عورت، بحيثيت زال جي ته ڏکي آهي پر بحيثيت ماءُ جي به سٺي ناهي.
۲ - مارواڙي، نه جوءِ ڀلي، نه ڳاءِ ڀلي. (٦) ص ۱۳۱.

## ٦٢۴. مارئي جي مٿل، ٻاتيءَ جي خوشبوءِ. (چوڻي)

ٻاتي: ٿر ۾ ٿيندڙ ٻوٽو، جنهن جي ننڍڙن گلن، پنن ۽ ڪانين ۾ فرحت ڏيندڙ خوشبوءِ هوندي آهي.
ٿر-ڄائي مارئي، وطن ۽ ويڙهيچن سان محبت جو هڪ اهڃاڻ آهي. سندس وطن دوستيءَ جي خوشبوءِ، هنڌين ماڳين پهتل آهي ۽ سموري سنڌ کي واسي ڇڏيو اٿائين.
ٻاتيءَ جي ٻوٽي جي خوشبوءِ، آسپاس جي ماحول ته ڇا بلڪ سموري ٽڪريءَ کي واسي ڇڏيندي آهي. وڏي فاصلي تان گذرندڙ کي به پئي محسوس ٿيندي آهي.
مانيءَ کي به ٻاتيءَ چوندا آهن. ان جي خوشبوءِ به ڏاڍي وڻندڙ ۽ بک ۾ بي چين ڪندڙ هوندي آهي. (۳۵) ص ۲۴۲
مطلب: ۱- ٽري ماڻهو، مارئيءَ جي امر ڪردار کي، ٻاتيءَ جي خوشبوءِ سان ڀيٽيندا آهن.

## ٦٢۵. ماڪي، ماڪوڙو ۽ مورک نر، ٽيئي لالچي آهن. (چوڻي)

ماڪيءَ جا مک مانارو ڀرڻ لاءِ ۽ ماڪوڙا ٻر ڀرڻ لاءِ، مناڻ جي ڳولا ۾، سڄو ڏينهن پيا ڀٽڪندا آهن. ان مصروفيت کان علاوهه، ڪين ٻي ڪا به لوري نه هوندي آهي. ڀلي ڪيترو به مناڻ گڏ ٿيل هجين پر اڃا وڌيڪ جي لالچ ۾ سرگردان هوندا آهن. مورک يا بيوقوف ماڻهو پڻ، اجايو مال ميڙڻ ۾ محو هوندو آهي. ڪيس ٻئي نفعي نقصان ڏانهن ڌيان نه هوندو آهي. نه ڪنهن کي ڀائيوار ڪندو آهي، نه ئي ڪنهن سان ويجهي ٿي دوستي

رکندو آهي. سمجهندو آهي تہ ٻئي کي شامل ڪرڻ يعني ٻئي کي حصو ڏيڻ. جنهنڪري کو بہ سندس دوست، همدرد ۽ ساٿي نہ هوندو آهي. (٣٥) ص ٢٦٧

مطلب: ١- فطرت جو مشاهدو ڪري، نتيجا ڪڍڻ ئي سماجي ڏاهپ آهي.
٢- مطلب پرستي يا خود مطلبي جي بيماري ئي سماجي ٽوڙ ڦوڙ جو سبب بنجي ٿي.

### ٦٢٦. ماڪي نہ ڏسي وڻ، زال نہ ڏسي وڙ. (چوڻي)

ماڪيءَ جي مک کي، انساني فائدي رسائڻ واسطي، قدرت واري خلقي، سندس فطرت اندر اها ڪيفيت داخل ڪري ڇڏي آهي تہ مانارو ناهڻ لاءِ مخصوص جاءِ يا هنڌ جي تاڙ نہ ڪندي. وڻ هجي يا جبل، گهر هجي يا لوڙهو، ڪيس اتي مانارو ناهي، ڪاڄ منجهس پرٽو آهي. ماڪي ڪهڙي گل مان ٿهندي؟ سو ان جاءِ جي ويجهو آهي يا پري، ان جو ڪيس فڪر يا اونو ناهي. قدرت واري منجهس ماڪيءَ ناهڻ جي صلاحيت، ماحول ڪان هٽي ڪري رکي آهي. دنيا اندر نهندڙ ڪارخانا، اتي لڳايا ٿا وڃن، جتي خام مال ۽ مزدور سستا ۽ هڪيا حاضر ملن. جڏهن تہ ماڪيءَ لاءِ اهڙي ماحول جوڙڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي.

زال کي مڙس گهرجي. قد ۽ بت، رنگ ۽ روپ ڪهڙو هجيس؟ ڪمائي ۽ گهر گهاٽ، ذات ۽ نسب ڪهڙو هجيس، تنهن لاءِ ڪيس ڪو سروڪار ناهي. ڪائڻ پيئڻ، هنگڻ مٽڻ ۽ پرٽي جهڙيون تقاضائون، نسلي ۽ مذهبي مت پيد ۾ پوڻ کي ترجيح نہ ٿيون ڏين. انهن تقاضائن کي پوري ٿين لاءِ، فطرتي رنگ ۽ ڍنگ ڪپي. ٻين ڳالهين سان ڪين ڪا بہ وچڙ سچڙ ڪونهي.

مطلب: ١ - ماڪيءَ کي ويهڻ لاءِ محفوظ هنڌ ۽ عورت کي مردانگيءَ وارو مڙس ڪپي.
٢ - ماڪي، ويهڻ وقت، وڻ جي چوند نہ ٿي ڪري. عورت کي بہ مڙس گهرجي، پوءِ جهڙو بہ هجي.

### ٦٢٧. ماگهہ: ڇوڙا ڏاگهہ. (چوڻي)

ماگھ: مانگھ، سنبت وڪرمي سال جو مهينو، فيبروري ڌاري اچي. چوڙا: چوڙو، ڪل، چمڙي. ڏاگھ: ڏاگھ تي چڙهڻ، مٿي ٽڪٽڪيءَ تي چڙهڻ، ساڙي چڏڻ.
ماگھ ۾ سياري جي پڇاڙي هوندي آهي. پٽن جي واريءَ نرڻ سبب، تر اندر سردي ۾ ويتر اضافو آيل هوندو آهي. سيارو ۽ واٽيو، آخر تائين، ڪسر نہ ڇڏين. موٽي بہ ڏڪ ضرور هڻن. سيارو بہ ويندي ويندي ٽڏين هوائن وارا اهڙا آخري پارا هڻندو آهي جو ماڻهن تہ ڇا انن جي ڪل/ چمڙي بہ ساڙي ڇڏيندو آهي. وڻن جا پن ڏاندين سميت سڙي وينداآهن. (٣٥) ص ١٩٦
مطلب: ١- ماگھ ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ هر شيءَ سڙيل يا ڏاگھ تي چڙهيل هجي.
٢- فبروري: وني خبر وري.

## ٦٢٨. مال پٽارو، اکين جو تارو. (چوٽي)

ٽري ماڻهن جو جياپو، ڪير مکڻ تي آهي، جيڪو ڪين مال منجهان ميسر ٿئي ٿو. وُني تي جيڪا اوپڙ ايري ٿي، سا سموري جي سموري، ڏٺ طور ڪتب نہ ٿي اچي. بلڪ مال متاع ڪائي ٿو. مال وري موٽ ۾، کير مکڻ ڏئي ٿو. يا منجهانئن چاول ڦر ڦروٽا وڪٽي، پئسو ڏوڪڙ هٿ ڪجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ٽري ماڻهو، مال جي وڏي سنڀال ڪن ٿا. ڪيس اولاد وانگر، اک جو تارو سمجهن ٿا.
مطلب: ١ - مال، جياپي جو سهارو آهي.
٢ - پيٽيو: ٽر آهي ٽڻ تي، نہ ڪي ڪڻ تي.

## ٦٢٩. مال صدقو سِرَ جو، سر صدقو لڄ جو. (چوٽي)

انسان، ٽن شين کي اهم سمجهي ٿو: مال، جان ۽ لڄ. انهن جي اهميت وري هن ترتيب سان آهي: مال کان وڌيڪ جان جي اهميت آهي. اگر ڪا مصيبت جان تي اچي ٿي تہ اتي ماڻهو، پئسو خرچ ڪري بہ جان آجي ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندو. جهڙوڪ جيل ۾ پوڻ يا بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ يا آفت اچڻ جي صورت ۾ ماڻهو، جان بچائڻ کي مال مٿان ترجيح ڏيندو آهي.

اهڙيءَ طرح، لڄ يا شان ۽ عزت، جان ڪان وڌيڪ اهم آهن. اهي هليا ويا تہ زندگي زهر ٿي ويندي. پنهنجي جان مان بہ ماڻهو بيزار ٿي ويندو. اگر لڄ بچائڻ لاءِ جان هلي وڃي تہ سودو سستو سمجهندو. جڏهن تہ لڄ وڃائي، جان بچائڻ، وڏي نقصان ڪٽڻ جي مترادف آهي.
مطلب: ١ - مال، جان تي قربان ۽ جان، شان تي قربان.
٢ - نڪ، پيٽ ۽ وات کان مٿي ڪيو ويو آهي.

## ٦٣٠. مال: لال. (چوڻي)

مال: ڍڳا ڍور، رڍون ٻڪريون. لال: هيرا، لعل.
ٿر جي اندر، ڪمائيءَ جا ذريعا: زراعت، مال متاع ۽ هٿ جو هنر آهن. زراعت، آسماني برسات تي آهي. جيڪا جڏهن پئي، تڏهن ٻج ڇٽڻ جي تڪليف ڪرڻي آهي ۽ بعد ۾ ان جي جهار هڪلڻي آهي. جڏهن تہ هنري ڪم لاءِ، سڄو ڏينهن محنت ڪرڻي آهي. وري جڏهن اها وٺ وڪامي تہ پيٽ گذر ٿئي.
جڏهن تہ مال، پاڻ-مرادو جهنگ مان چريو اچي. برساتين تي پاڻ-مرادو اپريل گاهہ سندن خوراڪ آهي. سوڪهڙي وارن ڏينهن ۾ گاهہ وغيره وڍي اچي گهر ۾ سڪائجي تہ سو پيا چرن. ويلي تي ڪير ڏهائين، وري جهنگ چرڻ وڃن. ڪير: ڏونئري ۽ مهي ولوڙڻ، گيهہ/ مکڻ ڪڍڻ ۽ ڏڌ/ لسيءَ لاءِ بہ ڪم اچي. نجو بہ پيئجي، جنهن تي ٻالنگهہ ٿيو وڃي. مکڻ منجهان گيهہ نهي، جيڪو وڪڻي گذر سفر ڪجي. تڏهن چوندا آهن: ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ڪ ڪڻ تي.
ڪير ڏهائڻ کان علاوه، مال مان ٿر تڪر ملن، جيڪي وڏا ٿي ڌڻ ڪي وڌائين. وقت تي مال وڪڻي گذر ڪجي. اناج ۽ هنري ڪمن جي پيٽ ۾ مال جي حيثيت ائين آهي جيئن بئنڪ ۾ رکيل پئسي جي. يا گهر اندر رکيل هيرن جواهرن جي، جيڪي جڏهن کپائجن تہ کپي بہ وڃن ۽ منجهائن ترت فائدو بہ پئجي وڃي.
مطلب: ١ - مال جي حيثيت، روڪ پئسي جهڙي آهي.
٢ - مال، لعل آهي. (٣٥) ص ٢٠٨

## ٦٣١. مان جهڙي ڏيڪري، نان جهڙي نيڪري. (پهاڪو)

مان: ماءُ. ڏيڪري: ڇوڪري/ ڌيءَ. نان: ٿانءُ. نيڪري: ٺڪري، ٺڪر-ٺُڪر.

جنهن عنصر منجهان ٺانءُ جڙيل هوندو آهي، تنهن تي منجهانئس ٺيل ٺُڪَر بہ اهڙي ئي مادي ۽ خاصيت جا نڪرندا آهن. پڳل دلي جي ٺڪري، شڪل شبيهہ ۽ رنگت ۾، پڳل دانگيءَ جي ٺڪريءَ کان مختلف هوندي آهي.
اهڙيءَ طرح اولاد بہ، والدين تي ئي ڇڪ ڪندو آهي. جهڙا لڇڻ ماءُ جا هوندا، تهڙا لڇڻ، سندس پيٽ ڄڻيءَ ڌيءُ جا بہ هوندا. زال پرڻجڻ وقت، ٽيڻ واري ڪنوار بجاءِ، سندس ماءُ جا لڇڻ جاچڻ گهرجن. ٽيڻ واري سس، پاڻ چڱي آهي تہ سندس ڌيءُ پڻ چڱي هوندي ۽ ان منجهان جيڪو اولاد ڄمندو سو پڻ چڱو هوندو. بيءَ صورت ۾ اولاد، نانيءَ تي ڇڪ ضرور ڪندو ۽ پرڻجندڙ جي انتخاب واري حس کي ضرور لڄائيندو. بهتر آهي تہ سڱ ڇڪڻ وقت، ڇوڪريءَ جي ماءُ جي لڇڻن تي نظر رکجي.
مطلب: ۱ - جهڙي ماءُ تهڙي ڌي، جهڙو ٺانءُ تهڙي ٺڪري.
۲ - ڌيءُ ماءُ جهڙي، ٺڪري ٺانءَ جهڙي.
۳ - ٺڪري نان جهڙي، ڍيڪري مان جهڙي.
۴ - ماءُ جنهن جي جهڙي، ڌيءُ تنهنجي تهڙي، ڳالهہ تن جي ڪجي ڪهڙي، آکهہ ئي اهڙي. (لاڙ)
۵ - ناني ستين پيڙهي ڇڪي.
٦ - يت، بنياد تي ويندي آهي.
۷ - جهڙا ڪانگ، تهڙا ٻچا.
۸ - جهڙو گهڙو، تهڙي ٺڪري، جهڙي مان، تهڙي ڍڪري. (٣٦)
۹ - تخم تاثير، صحبت اثر.
۱۰ - پيٽيو: نو پيڙهيون، ناناڻو ڇڪي. (٦) ص ۱۲۹.

٦٣٢. مانُ گهٽي ڪِڇ مک سين منگت،
پريت گهٽي نت پر گهر جايا،
گيان گهٽي نرموئڊ ڪي سنگت،
ڌيان گهٽي چِت ڪو پر مايا،
تيج گهٽي پر نار ڪي سنگت،
بڌ گهٽ بهو پوچن ڪايا،
شوڪ گهٽي ڪُڇ ساڌ ڪي سنگت،
روڳ گهٽي ڪڇ اوڪت ڪايا،
داس بهاري ڏک ڏار در گهٽي،

## گووند گووند گووند گايا. (چوٽي)

مک: وات. نرموند: بيوقوف. پر مايا: لالچائڻ. شوڪ: دنيا جي سُڌِ. ساڌ: درويش. روگ: بيماري. اوکت: سادا.

١ - هر انسان پنهنجيءَ ۾ پورو آهي. هٿ پير هٽي، پنهنجي سر ۽ ٻچن کي سکيو رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. ان ڪان اگر وات سان گهربو ته چڙي پوندو. اگر ظاهري طرح نه چڙيو ته به دل ۾ پيو پڄرندو ۽ سندس نظرن ۾ ڪري پئبو.

٢ - هر ڪو پنهنجي گهر ۾، پنهنجي منهن وينو آهي ۽ پيو وقت گذاري. اگر ٻئي جي گهر وڃي، سندس ڪمن ڪارين ۾ رخني جو سبب بڻجبو ته ڪيس پريشان ڪبو. بظاهر پريشاني ظاهر نه ڪيائين ته به دل ۾ خفي ضرور ٿيندو ۽ دل منجهان ملڻ واري سڪ ختم ٿي ويندس.

٣ - بيوقوف ماڻهوءَ جي سنگت مان، ڪنهن به قسم جو فائدو ناهي. هتائين ساڻس گڏ ويهڻ ۾ ڪيئي نقصان آهن. وڏو نقصان اهو آهي ته پنهنجو عقل گهٽجي ٿو وڃي.

٤ - لالچ ڪرڻ چڱو ڪم ناهي. ان سان ٻين جي نظرن ۾ ته ماڻهو ڪري ٿو پر ڏٽيءَ ڏانهن به ڌيان ڪرڻ رهجيو وڃي.

٥ - انسان جو شان مان، حياءَ سان رهڻ منجه آهي. جيڪو ماڻهو بيحياءُ ٿي پراين عورتن کي تڪي ٿو، سو ٻين جي نظرن ۾ ڪري پوي ٿو. خسيسپٽي سبب، ٻين مان، سندس رعب به نڪري وڃي ٿو.

٦ - ڪاڏو، هَٺَ سَهائيندو ڪائجي. وٽ ڪان واڏو ڪاڏو، جِورندو ڪونهي. گهڻ-ڪائڪ، بجاءِ ساڀائڻ جي، ويندو لهڪاريندو. اگر لهڪار نه آيس ته به بد هاضميءَ سبب سندس سمجهه ۽ ڌيان ساڀيا نه ٿا رهن.

٧ - الله وارن جي صحبت ۾ رهڻ چڱو ڪم آهي. دنيا ڏانهن رغبت گهٽجي ٿي.

٨ - هوا خوري، هاضمي لاءِ ڀلي آهي. ان سان بيماريون نه ٿيون وچڙن. جنهن جاءِ ۾ هوا ۽ روشنيءَ جو بندوبست ناهي، تنهن ۾ رهڻ سان ڊاڪٽرن جا چڪر ڪاٽا پوندا آهن.

٩ - رب پاڪ، انسان کي پنهنجي عبادت لاءِ خلقيو آهي. انسان جي اندر موجود خلشون ۽ ڏک، ڊپ ۽ ڊاءَ، ان مالڪ جي يادگيريءَ ۽ نالي وٺڻ سان گهٽجيو وڃن.

مطلب: ١ - مٿي ڄاڻايل نو عمل، انسان جي موچاري زندگيءَ لاءِ لاڀائتا آهن. مٿن عمل ڪرڻ گهرجي.

## ٦٣٣. مانئي تو ديو، نهين پينت ڪو ليو. (راجستان، پهاڪو)

مانئي: مجيوس. پينت: پٿر.
هندو مذهب وارا، پنهنجي ڀڳوان ۽ وڏن مها پرشن جون، پٿر منجهان مورتيون گهڙائي، پنهنجي عبادت گاهن ۾ رکندا آهن. انهن جي معرفت، پوءِ حقيقي رب کي ٻاڏائيندا آهن. يا پنهنجي من جون مرادون مڃرائيندا آهن. انهن مورتين جي حيثيت، ديو واري تڏهن آهي، جڏهن ڪين دل سان سچو مڃجي. جيڪڏهن ڪين دل سان نہ مڃبو تہ پوءِ ڇڻ اهي پٿر سمان آهن.
اهڙيءَ طرح، ڪن مسلمان فرقن اندر بہ، ڪن مماتي بزرگن بابت اهڙي قسم جا عقيده دل اندر ويٺل هوندا آهن. جنهن سببان سندن قبرن مٿان قبا اڏائي مجاور ٿي ويهن ٿا. انهن مماتي بزرگن جي عزت تعظيم يا بزرگي بہ تڏهن آهي جڏهن جيئرا ماڻهو ڪين عقيدي جي نگاهہ سان ڏسن. بي صورت ۾ اهي بہ عام قبر وارن وانگر آهن، جيڪي قبرن اندر ڪجهہ نہ ٿا ٻڌن.
اهو ماڻهوءَ جي اندر جو عقيدو آهي، جيڪو پٿر کي ڀڳوان يا قبر کي وليءُ بڻائي ٿو. ور نہ تہ اصل ڪار ساز، فقط هڪ ئي رب پاڪ آهي.
مطلب: ١ - جهڙو عقيدو رکبو، رب پاڪ کي، اهڙو ئي لهبو.
٢ - پوجو تو ڀڳوان، نهين تو پٿر ڪا پٿر. (هندي)
٣ - ڪاشي ڪا ڪنڪر، وه ڀي شنڪر. (هندي)
٤ - مانَ تہ ديو، نا تہ پٿر. (پوچپوري) (١) ص ٣٨٧.

## ٦٣٤. مانيءَ ۾ ٻانهي، مهانگي ناهي. (چوٽي/ پهاڪو)

دل سان، دوستن/ مٿن جي خدمت ڪرڻ ۽ مالڪن جي نوڪري ڏيڻ وارا جذبا، اڄڪلهہ ناپيد ٿي ويا آهن. نفسا نفسيءَ جي هن جهان ۾، پُٽ اهو ٿو وٽي، جيڪو ڪاٿو آهي. اولاد بہ اهو خدمت ٿو ڪري، جنهن کي والدين منجهان ڪي حاصل ٿئي ٿو. محبت بہ سهڻي صورت يا سني سيرت واري سان گهٽ پر گهڻي دولت واري سان جهٽ ٿيو وڃي.

دولت/ ملڪيت ڏانهن، ماڻهوءَ جي من جو ميلان، آزمائش خاطر رکيو ويو آهي. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن ڪو نوڪر، پيٽ تي ٻيلپو ڏيڻ لاءِ تيار هجي ته ان کي مهانگو نه چئبو. ڇو جو ماني ته بنا معاوضي سڀ ڪنهن نوڪر جو بنيادي حق آهي.

اهڙو نوڪر، ڪم ۾ ڪوتاهي ڪري ته ڪيس ڇڙٻ به نه ڏجي. ڇڙٻ ته پيٽ-ڄڻيو اولاد به نه ٿو سهي. تنهنڪري خدمتگار نوڪر کي، ٻچن وانگر هلائجي. ڪيس ڇڙٻون ڏيڻ يا دوڳڻ، چڱو ڪم ناهي.

مطلب: ١ - پيٽ تي بيٺل نوڪر، مهانگو ناهي. اهو ته اولاد کان به سستو آهي. سندس سمورا عيب نظر انداز ڪري، قرب سان ڪيس پاڻ وٽ رهائڻ گهرجي. (٥)

## ٦٣٥. ماڻسان ري مايا آهي، ڍونڍان نان ڪوڻ تو پڇي. (چوٽي)

ماڻسان ري: مڙسيءَ وارا. مايا: دولت. ڍونڍان: ڍونڍن. ڪوڻ: ڪير.

هر علائقي جي دولت، مال ۽ مايا، اتان جا رهواسي ئي هوندا آهن. رهواسين منجهان، ڪارائتا يا دولت وانگر ڪارگر ماڻهو اهي هوندا آهن، جن منجهه مڙسيءَ وارا اکر هجن. جن منجهه غيرت ۽ مانَ وارا لڇڻ ناهن؛ سي ڪوڙي سڪي مثل ٽڏيل هوندا آهن. تن نامرد ۽ مجو مڙسن جو مثال؛ ڍونڍ وانگر آهي، جنهن کي هر ڪو پاڻ کان پري اڇليندو يا ڦٽو ڪندو آهي.

مطلب: ١ - مڙس ماڻهو، وڏي وٽ/ دولت آهن ۽ نامرد، ڍونڍ مثل آهن. (٦) ص ١٢٩.

## ٦٣٦. مائٽ ميڻ هوندو آهي. (چوٽي)

ميڻ: جنهن مان ٻرڻ لاءِ بتيون ٺهن ٿيون.

ٿوري تَوَ تي ميڻ رجي، ٻرندي ۽ ڳرندي رهندي آهي. ماءُ يا پيءُ جي دل، اولاد جي آڏو پڻ ميڻ وانگر آهي. لاڏ ڪوڏ سان پالڻ پچاڻان، اگر اولاد بيهودائي ڪري ٿو ته مائٽ ان کي دل تي نٿا وٺن. نه دل ۾ ڪن ٿا ۽ نه وري موٽ ۾ ساڻن بدسلوڪي ڪن ٿا. نه زبان تي ڪو ويڻ آڻين ٿا ۽ نه وري ڪين ڪڏهن ڪو ڏوراپو ئي ڏين ٿا.

جڏهن ته اولاد، ٿوري ڳالهه به سهڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ والدين جي تڪليف وندي ورهائي پاڻ تي ڪٽڻ ته رهي پري جي ڳالهه، ڪين ان حالت ۾ ڏسي به ڳوڙها به نه هاريندو آهي. ڪين اڻ-ڏنو ڪيون ۽ ڪن لاٿار ڪري، نڪتو هليو ويندو آهي.

مطلب: ١- والدين جي پيٽ ۾ اولاد نرجو آهي.

٢- مائٽ جي دل مکڻ، اولاد جي دل ڪنڻ. (هندي)

٣- مائٽ ميڻ، اولاد پهڻ.

۴- ماءُ جي دل مکڻ، اولاد جي دل ڪنڻ.

۵- اولاد، پٿر هوندو آهي.

## ٦٣٧. ماءُ ڪک تي پاري، باپ لک تي ڪنهين پاري. (چوڻي)

پاري: پالي. ڪنهين: ڪڏهن به نه، هرگز نه.

ڪمزور ۽ ناتوان ٻار ڪي پالڻ لاءِ دولت جي نه پر دل سان ڪيل خدمت جي ضرورت هوندي آهي. ٿڃ پيئارڻ، هنگائڻ مٽائڻ، آڍڻ سوٽڻ، تنجڻ، ڏوئڻ پوئڻ ۽ لولي ڏئي سمهارڻ وارا ڪم ئي ٻار لاءِ اهم هوندا آهن، جيڪي محنت، شفقت ۽ محبت سان منسلڪ آهن. اهي فقط ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي ۽ خالي هٿن تي به ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته ساڳين ڪمن لاءِ، پيءُ منجهه ٽڪي جي به استعداد نه هوندي آهي، پوءِ پلي ڪٽي لکاپتي چو نه هجي. ان ڪري ٻار ڪي پالڻ، ماءُ جي پيٽ ۾، پيءُ لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي.

ماءُ، پاڻ نه کائي به اولاد کي کارائيندي، حتيٰ ڪ پيٽ مان ڪڍي به ڪيس پئي ٽڳائيندي. ڪيس ڪوسو واءُ به لڳڻ نه ڏيندي. ڏينهن جو گهر جي ڪم ڪاج ۽ حاج لاءِ ڪشالا ڪڍڻ جي باوجود، اولاد ڪي پالڻ لاءِ رات جو اوجاڳا به سهي ويندي آهي.

مطلب: ١ - ماءُ ٿوري تي پالي سگهي، پيءُ گهڻي تي به پالي نه سگهي.

٢ - پيءُ مئي اولاد اڌ ڇورو، ماءُ مئي سڄو ڇورو. (٦) ص ١٣٠.

## ٦٣٨. مايا ٻيٽي شوم ڪي، سخيان پاس نه جائي،

## سخيان درشن شينهن ڪا، جيئن ديکي تيئن جائي. (ڊٿ، چوڻي)

مايا: ڌن دولت يا ملڪيت.

مال ملڪيت ڪنو ڪرڻ جو حرص ۽ هوس، لالچ ۽ لوڀُ، ڪنجوس جي دل ۾ هوندو آهي. اولاد ڪان وڌيڪ، دولت ڪي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مايا/ ملڪيت به، سندس ڏيءِ وانگر سندس گهر ۾ اچي ٿي. پٽ تي ماڻهوءَ جو ايترو حڪم نه هلندو آهي، جيترو ڏيءُ تي هلي ٿو. گگدامن وانگر، جيئن ڏيءُ گذاري ٿي ۽ چُپ ۾ رهي ٿي، تيئن پٽ نه ٿو رهي. اهڙيءَ طرح ملڪيت به ڪنجوس وٽ، گهُٽيل ۽ بند رهي ٿي. سخين وٽ وڃڻ جي واري ئي نه واريندي آهي.

ڪنجوس جي پيٽ ۾، سخين وٽ مال ملڪيت مِڙندو ئي ناهي. جيئن وٽن پهتو، تيئن ڪانئن ٽاهه ڪائي ائين پڄندو آهي، جيئن شينهن تي نظر پوڻ ڪان پوءِ، ڪمزور جانور پڄڻ جي ڪندو آهي.

مطلب: دولت ڪنجوس وٽ ٽڪاءُ ڪري ٿي، سخين وٽ نه ٿي ٽڪي. (٢) ص ٦١.

### ٦٣٩. متر اوءَ جو ٻڪرال جيان آوي. (چوٽي)

متر: عزيز، مائٽ. ٻڪرال: اتر اوير ڪنڌ جو مينهن.

ٻڪروال ڪنوڻ ڏسڻ شرط مارو ماڻهو خوش ٿيندا آهن. ڇو جو اها اهڙي مينهن جو پيشگي نياپو آهي، جيڪو اجهو ڪي اجهو آيو. مرد ٻنيءَ ڪان ڊوڙي، گهر تائين مس پهچندو يا عورتون گهر جو سامان سنڀالي مس اندر رکنديون ته مينهن پهچي ويندو. (٣٥) ص ٢٦٨

مطلب: ١- ٻڪرال ڪنوڻ وارو مينهن، سکن جو ساڪي آهي.
٢- مشڪل وقت ۾ مدد لاءِ جلد پهچندڙ، عزيز، مٽ ۽ هڏ-ڏوڪي آهي.

### ٦٤٠. متو ڀاڳو تو سڄو پرهو ٿيسي،
### روپيو ڀاڳو تو سڄو ڪنهين ٿيسي. (چوٽي)

گجراهه جو علائقو، جيسلمير جي ڏکڻ ۽ ڀُڄ-ڪَڇَ جي اتر-اوير ۾ واقع آهي. اتان جا هندو واپاري ڏاڍا پڪا/ ڪنجوس ٿيندا آهن. رکيل پئسا خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. ٻڌو نوٽ ڪليو ڪرائڻ، وٽن عيب آهي.

اهڙيءَ طرح، سڄي ٿر وارن جي حالت پڻ ساڳي آهي. ڇو جو ٿر ۾ سواءِ برسات جي ڪا آبادي ڪا نه ٿئي. ڪنهن وقت ڪهڙا حالات ٿي سگهن ٿا. ان ڪري ٿري ماڻهو، پئسي جي حفاظت، جان ڪان وڌيڪ ڪندا آهن. وٽن پئسو وڏي اهميت واري شيءِ آهي. گهٽ آباديءَ ۽ گهٽ پوک سبب،

مشڪل سان جڙيل پئسو، ڪپائڻ لاءِ ڪير بہ تيار نہ هوندو آهي. ڇو جو هڪ دفعو پئسو ٽٽو تہ وري ڪو نہ جڙندو. پڳل مٽي جو علاج آهي، ٽڙيل پئسي جو نہ. اهو ئي سبب آهي جو مٽو پڃائڻ پسند ڪندا آهن، نوٽ پڃائڻ پسند نہ ڪندا آهن.

مطلب: ١- مٽو پڳو سجو ٿئي، رپيو پڳو سجو نہ ٿئي. (چوڻي)

٢- مٽو پڳو تہ ان جو علاج ٿي پوندو. مگر ٽوڙيل رقم ٻيهر گڏ نہ ٿي سگهندي.

٣- سوڙ سارو، پير ڊيگهارجن.

٤- اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.

٥- اهڙو ڪنجوس جو، هنگي هيٺ ڏسي تہ: گهٽو تہ نہ وهي ويو.

٦- اهڙو ڪنجوس جو چوي: ”روڏ پڃي، نوٽ نہ پڃي“. (٥) (٦) ص ٨٥.

## ٦٤١. منو ۽ ڪارو پاڻي، ڪڏهن بہ نہ گڏبا آهن. (پهاڪو)

ڪارو پاڻي، لوڻيات ملڻ سبب، وزن ۾ مني پاڻيءَ ڪان ڳرو هوندو آهي. نتيجتًا، مني جي هيٺئون هوندو آهي. منو پاڻي هلڪو هئڻ سبب، ساڳئي کوهہ اندر، ڪاري جي مٿئون هوندو آهي. انهن خاصيتن سبب، هڪ ٻئي کي ڏکي پري ڪري بيهاريندا آهن. کوهن مان پاڻي پريندڙ، ڪوشش ڪندا آهن تہ کوهہ مان مٿيون پاڻي، ٻين پريندڙن کان، اڳي پري وٺن. جيئن جيئن ماڻهو مٿيون پاڻي پريندا ويندا، تيئن تيئن منو پاڻي گهٽ ٿيندو ويندو. آخر ۾، کوهہ اندر ڪارو پاڻي وڃي بچندو. پاڻي پريندڙ، انهيءَ کوهہ کي ويساند ڏيڻ خاطر، هڪ اڌ ڏينهن ٻئي کوهہ تان پاڻي پريندا آهن. تيستائين منو پاڻي زمين مان سمي، اڳئين کوهہ اندر، ڪاري جي مٿان گڏ ٿي ويندو آهي. (٣٥) ص ٢٤٥

مطلب: ١- ٻن مخالف طبيعتن وارا ماڻهو دوست نٿا ٿي سگهن.

٢- خوشخصلت ماڻهو بماشبہ مني پاڻيءَ جي ۽ بد خو بمشابہ ڪاري جي آهي. ٻنهي سان ماڻهن جو ورتاءُ ساڳيو نہ هوندو آهي. هر ڪو بد خو کي ڇڏي، خوشخصلت ڏي پيو مائل ٿيندو آهي.

## ٦٤٢. مني، ڏاڍي مني آهي. (چوڻي)

مني، هڪ روايت مطابق منيءَ کوهيءَ تي ٻڌجڻ سبب ۽ ٻيءَ روايت مطابق، اتان جي دلير رهواسڻ منيءَ جي نالي پويان سڏجندڙ شهر آهي.

ٽر جو مشهور شهر ۽ پنهنجي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. جابلو ٽڪرين جي گود اندر اڏيل، پنهنجي ساوڪ ۽ خوبصورتيءَ سبب سهڻو ۽ سندر، وڻندڙ ۽ من موهيندڙ شهر آهي. جنهن سببان، هر رهندڙ کي منو لڳي ٿو ۽ ڪير بہ اتان ڇڏڻ ۽ لڏڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

هيءَ چوڻي بہ حب الوطنيءَ جي ثبوت طور، اتان جي رهواسين جوڙي آهي. هر ڪنهن کي پنهنجو ديس منو لڳندو آهي ۽ ان جي ئي تعريف ڪندو آهي.

مطلب: ١ - ديس، هر ڪنهن کي پيارو آهي.

٢ - سڄڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٿاسيءَ وسري،

حيف تنين کي هوءِ، جنين وطن وساريو.

٣ - مني، ڪنهن نہ ڏني. جنهن ڏني، تنهن جي سدائين ڦٽي.

٤ - پيٽيو: ڪارونجهر ري ڪور، مريجي مليجي نا.

## ٦٤٣. محبت واري رب پلي، راهہ اتي رهجي. (چوڻي)

انساني فطرت ۾ سياءُ آهي: جتي ڪيس محبت ملندي، اوڏانهن هليو ويندو. اتي ڪيس سڪون ملندو، جتي عزت ملندس. ڪاڻ لاءِ پلي رب مليس، رهڻ لاءِ پلي واٽن تي ويهي، پر پاڻ کي سکيو پيو پائيندو. ڪيس سک ۽ سڪون، سهوليتن جي اندر نہ پر من اندر مان ملندي محسوس ٿيندو. (٣٥) ص ٢٦٢

مطلب: ١- جتي محبت ملي، سارو ڏيهہ ڇڏي اتي اچجي.

٢- پيٽيو: جتي چاهہ، اتي راهہ.

## ٦٤٤. مڇو جاءِ ماهين ۾، گهر جاءِ باڎ ۾. (پهاڪو)

مڇو: ڪٽ. جاءِ: وڃي. ماهين: واڍولو. باڎ: جهيڙو.

واڍولو، ڪٽ ۾ پيرن واري پاسي ڏانهن پوندو آهي. واڍولي جي مٿان، ڪٽ جو پيٽ، واڻ سان واٽيل هوندو آهي. واڻ سان واٽيل تاني-پيٽو، واڻ ۾ انگهڻ جي صلاحيت سبب، وزن وغيره پوڻ تي جهول هٽي ويندو آهي.

ان جهول کي ڪُنائڻ ۽ ڪٽ ڇڪڻ لاءِ، واڍولي جي پيرن واري پاسي کان رسي جي واڏڻ/ تانگهہ وجهبي آهي، جيڪا ضرورت وقت ڇڪبي رهبي آهي.

ڪٽ جيترو ڇڪيل/ ٽاٽيل هوندي، اوترو ويهڻ ۾ سهنجي ۽ وزن ڪڻڻ ۾ مضبوط هوندي. آڏي ابتي وزن تي، ويندي نہ. اهو ممڪن تڏهن آهي، جڏهن واڍولي ۾ پيل ڪاٺي/ سريو مضبوط هجي. اگر اهو ٽُٽو تہ ڪٽ بيهر واٽائڻ کان سواءِ سڌاري نہ سگهبي.

اهڙيءَ طرح، گهر بہ پيار قرب سان هلندو آهي. منجهس هڪ دفعو جهيڙو پيو تہ: نہ سڌري نہ سڌرندو. جيئن پوءِ تيئن، ڦٽي ناس ٿيندو ويندو.

مطلب: ١ - ڪٽ جو واڍولو ۽ گهر جو قرب، مضبوط رکجن.

٢ - ڪروڌ، نڪرن/ نارن جو پاڻي، سڪائي ڇڏي. (٥)

٦٤٥. مڇيءَ وٽ ٻُڌ آهي، سُڌ ناهي. (چوڻي)

مڇي، پاڻيءَ اندر رهندڙ ساهدار آهي. منجهس آنا يا لاروا لاهي، پلجي ۽ وڏي ٿئي. ڪڙڪو ڪن تي پويس تہ ٽاهہ ڪائي ڀڄي وڃي. ايتري ڪُڙڪ جي بہ سمڪ ڪيس پوي. اگر، ميربحر يا ميو، پاڻيءَ اندر ڄار يا ڪلوئڙو وجهي تہ ڪڙڪي تي ڪنائي. منجهس پيل لوپ تي وري ڪسڪي ويجهو اچي. اکيون پوري، کيس ڪائڻ شروع ڪري.

هڪڙي، لوپ ڪائيندي ڦاسي وڃي تہ ٻيءَ کي سمڪ ئي نہ اچي. اها بہ لوپ تي ڇڪجي اچي ۽ ڦاسي پوي. ايتري سڌ يا عقل ڪيس نہ آهي جو، انهيءَ انت آڻيندڙ لوپ کان، ڇرڪي ڀڄي وڃي.

مطلب: ١ - مڇيءَ ۽ مهاڻي کي، عقل گهٽ هوندو آهي.

٦٤٦. مذهب سين محروم رهيا، دين ڪنون دور،
چوري سين چاهہ لڳائي، ڪم ڪنون وڃي هلور،
عمر ساري اپنا نفعا ڍونڊي، نت ڪري ڪلور،
چغليان تي عزت وڌائي، سچ ڪنون ٿئي سور،
پنج ئي مرد نہ مور. (چوڻي)

وهلور: پري ڀڄڻ. ڍونڊي: ڳولي. ڪلور: ظلم. سور: ڏکيو لڳڻ. نِت: سدائين.

١ - جنهن، نہ مذهب جي تعليم ورتي، نہ ئي آگاهي رکيائين ۽ ساري عمر دين ڌرم کان پري رهيو، سو بہ ڳڻن وارو مرد ناهي.

٢ - چوريءَ سان چاه رکي، ان تي گذر ڪرڻ وارو، ڪم ڪان ونءُ پيو ويندو آهي. حق حلال جي ڪمائيءَ واري رستي ڪان ٿهڻ وارو به بزدل آهي.
٣ - سڄي عمر، رڳو ٻين مان فائدي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو به، مڙس ماڻهو ناهي. مڙس اهو جو، ٻين جي ڪم اچي.
٤ - سدائين ظلم ڪرڻ وارو به، مڙس ماڻهو ناهي، بلڪ بزدل آهي.
٥ - چغليون هڻي پنهنجي عزت وڃائي، سچ ڳالهائڻ کان پري رهي ۽ سڄي عمر ڪوڙ تي سندرو ٻڌي هلي سو به ڳڻن/ اخلاقن وارو مرد ناهي.
مطلب: ١ - مٿي ٻڌايل عيبن واري ۾، مڙسيءَ وارا اکر/ داڻا نه هوندا. (١٢) ص ١٤٩

## ٦٤٧. مرد جي دل ۽ درياهه تي ڪهڙو ويساهه. (چوڻي)

درياهه، جابلو علائقن جي پٿريلي زمين مان، برساتي نئن ۽ ڪوڙ، نالي ۽ نديءَ جي صورت ۾ جنم وٺي، رستا ۽ رخ ڪندو، پورالئون ۽ چيڙهاليون زمينون چيريندو، زرخيز ۽ آباد ڪندو، واٽن تي واريءَ ۽ لَٽَ جا ڍِڳَ هڻندو، پاڻُ وڃي سمنڊ ۾ اچلي ٿو. واٽن تي سندس رُخَ ۽ رَنگَ، عجيب آهن. ڪٿي مانو ۽ ڦهليل ته ڪٿي سوڙهو ۽ چوهو. ڪٿي ڪُنن جا گَڙگاٽ ڪيو، پٿريلا پَٽَ پٽيون، لَڪَ لَٽيون، هر شيءِ لوڙهيون ڪنيو پيو ويندو ته ڪٿي ڊپر هنيو بينو هوندو.
مرد جي دل يا مَنُ پڻ، ساڳيءَ طرح روپ وارا آهن. ڪڏهن ڪيهر شينهن وانگر گجگاٽ ڪيو، روهن مان راهون ناهيون پيو ويندو. ڪڏهن ٻڪريءَ وانگر گدڙ جي اوناڙ کان به پيو چرڪندو ۽ ٿهندو.
مطلب: ١- مرد ۽ درياهه، ڪنهن وقت به رخ ڦيرائي سگهن ٿا.
٢- ماڻهوءَ جي مَنَ ۽ ڪاٺ جي پور تي ڪهڙو پروسو.

## ٦٤٨. مرد ۽ پؤنرا، پٽڪندا سونهن ٿا. (چوڻي)

ڪيسوباءِ، پورڻ وا جاگير جو، جاگيردار هئو. ڪيس تر جو هڪ لوڪ ڪردار چئي سگهجي ٿو. سندس داستان به عجيب آهي. هن رڻ جي هڪڙي سفر دوران، پنهنجي گهر واريءَ ڪي ساڻ سمهڻ لاءِ چيو هو. جنهن تي ان ڪيس ٿوڪ هڻندي چيو هو: ”ماڻهو چا چوندا ته نڪراڻي رڻ ۾ سُتي آهي؟! ان ڪري آئون تو سان ڪو نه سمهنديس!“

ڪيسوٻاءِ ڪاوڙ ۾ اچي ڪيس چيو: ”جيڪڏهن تو مون کي نهڪر ڪئي آهي ته هاڻي ڪيسوٻاءِ ڪڏهن به تو وٽ نه ايندو.“
پوءِ هن ايئن ئي ڪيو ۽ ڪڏهن به گهر ڪو نه ويو.
نڪرائڻ کي ساڙڻ لاءِ، سهيلين چيو: ”تنهنجو مرد ڪولهٽين پويان پيو ڦري“.
تنهن تي نڪرائڻ، ڪين هڪ جملو چيو، جيڪو ٽر جي چوٽي بڻجي ويو: ”مرد ۽ پؤنرا، پٽڪندا سونهن تا“.
مطلب: ١ - مڙس ۽ شينهن، پڃرن ۾ بند يا ٻيلن ۾ ڇيڪ ڇڏيل هوندا آهن.
٢ - گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئڻ ٽورڙا ڏينهڙا. (٢٩)

٦٤٩. مرگهه-نيني، چندر-بدني، گنيور چال چلت،
هيم-ورڻ، ٻالڪ-بدن، جهيڻ-لنڪ، مرگهه-چڪ،
روسوندر ڪم-ٻسري، جنهن ايڪ جيو گُڻ لک. (چوٽي)

مرگهه- نيني: هرڻ- اکي، چشم آهو، هرڻ جي اکين واري.
چندر-بدني: چانڊني جهڙو چمڪندڙ بت رکندڙ، چنڊ جهڙو اڇو جسم.
گينور: هاٿي. گينور-چال: هاٿيءَ وانگر ديهي چال.
هيم- ورڻ: سون جهڙو رنگ. جهيڻ- لنڪ: سنهي چيلهه. گڻ: گُڻ، خوبي.
ڪم ٻسري: گهٽ وِسري. جيو: ساهدار، ساهه ۾.
روسوندر: اها سهڻي عورت. مرگهه- چڪ: هرڻ جيان گهُور، هرڻيءَ نما.
جنهن ايڪ جيو گُڻ لک: جنهن هڪ ساهه ۾ لکين گڻ آهن.
دنيا اندر انسان جيڪي ڏسي ٿو، ڏانهنس ڇڪجي وڃي ٿو. مڙني موجود رحمتن مان مزا ماڻي ٿو ۽ مٿن موهت ٿئي ٿو. ساڻن دل لائي ٿو ۽ ڪين هينئين ۾ هنڊائي ٿو ۽ مغز تي سوار ڪري ٿو. ڪنهن جي دل مال ۾ اٽڪيل آهي ته ڪو ٻنيون وڏائڻ جي جستجوءَ ۾ مگن آهي. ڪو گهوڙن ڏارڻ ۽ پالڻ ۾ مشغول آهي ته ڪو ڪڪڙن سان پيو دل وندرائي. ڪنهن کي پئسي سان چاهت آهي ته ڪنهن کي جاين جوڙائڻ جو شغل پيو وٺي. ڪو سهڻيءَ صورت تي مستان آهي ته ڪو ڪنهن جي شجاعت جو اسير آهي.
بهرحال زر، زمين ۽ زن مڙني شين کان وڌيڪ موهيندڙ آهن.

جڏهن ته مڙني موهيندڙ شين مان، مرد لاءِ هڪ ئي وڏيڪ پرڪشش چيز آهي، سو آهي من موهيندڙ مکڙو. مک سان گڏ جيڪڏهن ان سندر ديويءَ جو سراپا به پرڪشش ۽ مٿي ٻڌايل خوبين سان ڀريل هجي، سو ته ڪنهن ڪان به ڪين وسرندو.
مطلب: ١ - مرد فطرتي طور، عورت جي سونهن تي موهت رهندڙ آهي. ڪيس مال ملڪيت ڪان وڏيڪ، حورن ۽ اپسرائن جي تلاش رهي آهي. (٢٧)

٦٥٠. مرڻ ناهي مهڻو، پرڻو ناهي گار. (چوڻي)
مهڻو يا ڏيک، انساني عيب يا عمل تي ڏئي سگهجي ٿو، جنهن جي ڪرڻ يا ڇڏڻ تي انساني اختيار يا وس هلي سگهي. جيئن سگريٽ، چانهه يا نشو، اهڙا عيب آهن، جن جي ڪرڻ يا ڇڏڻ تي انسان کي اختيار آهي. دنيا اندر، ڪيترا ئي انسان ملندا، جن پنهنجي حياتيءَ، انهن شين ڪان پري رهندي پوري ڪري ڇڏي. جنهن عيب مان هزارين بچي سگهن ٿا ته ٻيا به بچي سگهيا پئي. پاڻُ نه بچايائون، تنهنڪري هاڻ مهڻي-هاب ٿيا. جڏهن ته انسان کي مرڻ يا هنگڻ تي اختيار ناهي. ڪيس اهي فطري تقاضائون ۽ اَمُرَ، مجڻا ئي آهن. تن ۾ مهڻي يا طعني ڪان آجو آهي.
جنسي عمل جي تقاضا، هر ساهدار اندر رکي وئي آهي. ان کي روڪڻ يا دٻائڻ، انسان جي وس اندر ناهي. اگر ڪيس جائز رستو ڪيي ڏجي ۽ پوءِ به ڪڏو ڪم ڪري ته پڪڙ ٿيندس. جانورن کي ڇڏي، انسانن کي هڪڙو قانون جوڙي ڏنو ويو آهي ته نڪاح جي صورت اختيار ڪري، جوڙا جوڙا تي زندگي گذارين. شرع شريعت ۾ ۽ شرعي فعل اختيار ڪرڻ ۾ ڪو به شرم ناهي. تنهنڪري، اهي اختيار ڪرڻ، گار جي زمري ۾ نه ٿا اچن. هونئن به، نياڻيءَ جي ماني، بادشاهن جي گهر ۾ ناهي.
مطلب: ١ - هنگڻ نه مهڻو، پرڻو نه گار. (ساهتي)
٢ - موت هر ساهدار تي آهي. پرڻو به هر جوڙي تي لازم آهي.
٣ - پيٽيو: اٿ پارتو ڪٽو، ٽِنا ڏِيڻ ۾ ته ڪو نه گيو.
٤ - مرڻ ناهي مهڻو، اهو ٻج ٻنيءَ. (٣٥) ص ٢٤٠

٦٥١. مرڻو مٺ جو، پرڻو ڊٺ جو. (چوڻي)
مَٺَ: مٿياري شهر. ڊِٺ: ٿر جو وچ وارو علائقو.

مٽياري شهرن لاءِ مشهور آهي ته جڏهن به ڪو منجهس مري ويندو هئو ته ان جي جنازي ۾ واسطيدار يا غير واسطيدار، پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، اچي شريڪ ٿيندا هيا.
ڍٽ جي علائقي لاءِ مشهور آهي ته جيڪڏهن ڪو ٽر ڪان ٻاهر جو ماڻهو، ڍٽ مان پرڻبو ته اهو نه رڳو انهيءَ گهراڻي يا ڳوٺ جو ناٺي سمجهيو ويندو بلڪ پوري ڍٽ جا رهواسي، پيا سندس خيال رکندا.
مطلب: ١ - ڪي علائقا، ڪن عملن جي ڪري به مشهور آهن.
٢ - مٽياريءَ جو موت، ويندي جي ويرم. (٢٠)

## ٦٥٢. مِڙتي ڳاءِ نا ڳُهوڪاءِ هٽسو تو لت هٽسئہ. (پهاڪو)

مِڙتي: مِڙندڙ، مِهر سان ڏهائيندڙ. ڳهوڪاءِ: رڳهو، ڳهت. لت هٽسئہ: لت هٽندي، ڪنڌ تي بيهندي.
مِهريات مينهن يا ڳئونءَ ڪي، ڪير جي لالچ ۾، رُڳهون نه هڻجن. ائين ڪرڻ سان، مڙندڙ ڳئون/ مينهن به ڪنڌ تي پوندي.
دنيا جو وهنوار آهي: تون مون سان چڱو هل ته مان تو سان چڱو هلان. ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جو اهو ٿورو آهي جو رضا خوشيءَ سان ڏهائي ٿي. ان جي بدلي ڪيس خوب چارجي، سو وري ان جو حق آهي. بجاءِ اهو احسان ڪرڻ جي، ڪيس اجايو ڏک هڻبا ته چڙي پوندي ۽ ڪير ڪٽي ويندي.
مطلب: ١ - چڱائي ڪندڙ سان، چڱائيءَ سان پيش اچجي. ساڻس اڍنگو رويو اختيار نه ڪجي.
٢ - هلندڙ وهٽ کي، لڪڻ نه هڻجي.
٣ - ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جون، لتون به سهبيون آهن.
٤ - ستل شينهن کي، آڱر نه ڪجي.
٥ - نريل ڪير کي، قوڪون نه ڏجن.
٦ - ستل جهيڙي کي نه چئجي: اُٿ! (٥)

## ٦٥٣. مڙدا، ڪڏهن مساڻ مان واپس آيا آهن؟ (بيراجي، چوڻي)

دنيا اندر، انسانن ڇا بلڪ سمورن ساهدارن جو اچڻ هڪ فطرتي اصول ۽ ترتيب تحت آهي. وڃڻ جي اگر ترتيب مقرر ناهي ته هڪڙو اصول يا ميعاد ضرور مقرر ٿيل آهي، جيڪو خالق ڪائنات پنهنجي قبضہ قدرت ۾ رکيو آهي. ان تحت جيڪو ماڻهو هتي آيو آهي، سو ڪڏهن موٽي رحم

مادر ۾ نہ ويو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو هن دنيا منجهان، قبر جي پيٽ ۾ وڃي پيو آهي، سو هرگز اتان اٿي، هن دنيا ۾ موٽي نہ آيو آهي.
هن دنيا اندر، هڪ طرفي ٽريفڪ هلي ٿي. ايندڙ، هڪ طرف کان ايندا رهن ٿا ۽ اوڏانهن موٽن نہ ٿا. ويندڙ ٻئي طرف وڃن ٿا، اوڏانهن کان واپس نہ ٿا موٽن. موٽڻ، مڙني لاءِ محال ۽ ناممڪن آهي.
مطلب: ١ - فطرتي اصول تحت ڪي شيون ۽ ڪم، اڻ-ٽيٽا آهن.
٢ - ڏٺو ڪير، ڇٽو تير، نڪتو گفتو، ٻيهر نہ ٿا موٽن.

## ٦٥٤. مڙس ڪي ٻہ گهر: اٺ ڪي هڏ-تر. (چوڻي)

اٺ ڪي سوگهو ڪرڻ لاءِ، سندس گوڏو ٻڌڻ ئي ڪافي هوندو آهي. سفر وغيره ۾ قطاري هلڻ وقت، سوگهو رکڻ لاءِ ڪيس ناڪيلي هڻندا آهن. ناڪيل وجهڻ لاءِ، عمومًا چم يا چپ ٽوپي، منجهس ناڪيل هڻندا آهن، جنهن کي چم-تر چئبو آهي.
سياري ۾، پوهہ جي مهيني اندر اُٺ مست ٿيندو آهي. مستيءَ جي انهن ڏينهن ۾، سيءَ جي جيئن لُري لڳندي، تيئن اُٺ جي لانگ لڳندي، گوڙ پئي پوندس. زبان وات کان ٻاهر هوندس ۽ گجي پئي وهندس. چم-تر کي بہ نہ ليکيندو آهي ۽ ڇنايو پيو گوڙيو ڏيندو آهي. ڪن صورتن ۾ تہ ماڻهن کي بہ چڪي وجهندو آهي. سندس چڪ بہ ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي. ان وقت اُٺ کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ جت ناڪيليءَ سان گڏ ڪيس نڪ ۾ هڏ-تري هڻندو آهي تہ جيئن مستي گهٽائي. يعني نڪ جي ڏاڍيري هڏ ۾، ناڪيلي وجهندا آهن، جنهن ۾ مهار ٻڌبي آهي. هونئن چپ ۾ مهار ٻڌبي آهي. هڏ-تر لڳو تہ اٺ ٺيو لوهہ.
اهڙيءَ طرح، لااُبالي ۽ جوان مرد کي شادي ڪرائبي تہ گهر گرهستيءَ ۾ هٿيڪو ٿي ويندو ۽ لانگ هٽڻ بند ڪندو. اجا بہ اگر مستي اٿس تہ ٻي شادي ڪرڻ سان اها بہ ختم ٿي ويندس. جيڪو سدائين بيخيالو پيو هلندو هيو، سو هاڻي هر قدم ڦوڪي ڦوڪي پيو کڻندو.
مطلب: ١ - اٺ کي هڏ-تر ۽ مرد کي ٻہ گهر واريون سوگهو رکن ٿيون. (٣٠)

## ٦٥٥. مقام ۽ مڪان، ڪڏهن وسرن ڪينڪي. (چوڻي)

مقام: قبرستان، جتي وڏڙن جون هڏڙيون دفن ٿيل هجن. مڪان: گهر، جنهن اندر جنم ٿيو.

گهر جي تعمير ۾ پگهر جا ڦڙا شامل هوندا آهن. جنهن ڪري ان جي ذري ذري سان اڻ لکو انس هوندو آهي. پوءِ ڀلي اها ڪٽي ڪا ڪکائين جهوپڙي ئي ڇو نہ هجي.
هر ڪو پنهنجي وڏڙن سان بي انتها محبت ڪرڻ سبب، سندن مئي ڪان پوءِ، قبرستان ۾ وڃي مٿن درود دعائون ضرور بخشيندو آهي. اهي بہ جايون، ڪنهن ڪان بہ دل تان نہ لهنديون آهن. مرڻ گهڙيءَ، ساڃهَ مقام اندر دفن ٿيڻ جي وصيت پڻ ڪندو آهي تہ جيئن سندس هڏڙيون وڏڙن جي هڏڙين سان وڃي گڏجن. (٣٥) ص ٢٧٢
مطلب: ١- مٽيءَ جي ڇڪ، انساني جبلت اندر رکيل آهي.

## ٦٥٦.    مکڙ اڳيان ڪائي، پويان ڪڍي. (ڀاڪو)

مکڙ: ماکڙ جڏهن ڪنهن فصل مٿان لهندا آهن تہ جڻ قدرتي عذاب ٿي لهندا آهن. هڪ تہ هوندا آهن لکن جي تعداد ۾، ٻيو منجهن افزائش بہ ڪينسر جي مرض وانگر واڌڙ هوندي آهي. ٿيون ڪائيندي، ڪين ڍؤ بہ نہ ٿيندو آهي. لکڙ پتر، ٽکيندا ڪائيندا، هضم ڪندا ۽ پويان ڪڍندا ويندا. ڪاڌل شيءِ، ڪو ڏينهن اڌ تہ ڇا، پهر اڌ بہ سندن پيٽ ۾ ڪا نہ ٽڪندي آهي. هيڏانهن هڪ شيءِ سندن وات مان اندر ٿيندي پئي، تہ هوڏانهن اڳهارو وارو ڪاڌل ڪاڌو، پيٽان ائين پيو ٻاهر نڪرندو، جيئن ڇيچڙي منجهہ هيڏانهن ڪمند جي چڙهي پوي ۽ هوڏانهن رس نڪتل پُوپو پيو نڪري. ڪتر جي مشين وانگر، هر شيءِ ٽکي زيان ڪندا ويندا. ڪتر جي مشي مان نڪتل، ڪتر ٿيل گاهہ، مال جي ڪائڻ جي قابل رهي ٿو، جڏهن تہ مکڙ جي پيٽان نڪتل گاهہ، سواءِ گند جي ڪي ڪين ٿو رهي.
مطلب: ١ - جيڪي وڏا هاٿا تا هٽن، تن جا پيٽ هرگز نہ تا ڀرجن.
٢ - ڏاڙيل ۽ چور، ڦورو ۽ لٽيرو، غريبَ ڦري ٿو پر حاڪمن وٽ ڀيٽو ڦرائي ٿو.

## ٦٥٧.    مِکو ماٺهو، گونگو مينهن،
## ٻينل پاٽي، جهڙ جو ڏينهن، چار ئي ٻوڙين. (چوٽي)

مِکو: ميسوٽو، ڏُٽو، مِمڙو. گونگو مينهن: بنا گوڙ ۽ ڪنوڻ جي مينهن.
١ - ميسٽي ماٺهوءَ ڪي اندر ۾ ڇا هي؟ سندس اهڙن جذبن جي خبر ڏکي پوندي آهي. ڇو جو هو، پنهنجي اندر جي خوشي ۽ غم، ڪاوڙ ۽ ڏک،

ڇهري جي تاثرات مان ظاهر نہ ڪندو آهي. ڪنهن کي اونت نہ ڏيڻ وارو ماڻهو، انهيءَ چور وانگر آهي، جيڪو ويهن واٽن مان ڪنهن هڪ وات تان لڪي ڀڄي وڃي ۽ ڳوليندڙ، ڪيس باقي اوڻويهن واٽن تي اجايو ڳوليندي، ٿڪي وڃن.

٢ - گونگو مينهن بہ اوچتو جهور ٻڌي اچي وسندو آهي ۽ بس ڪرڻ جو نالو ئي نہ وٺندو آهي. چڱين ڀلين جاين جون پاڙون، اکيڙي ڇڏيندو آهي. ڪچين جاين لاءِ تہ پويون ڏينهن آ.

٣ - بينل پاڻي، اگر گهرو آهي تہ منجهس ٻڏڻ جا ان ڪري گهڻا امڪان آهن جو سندس تارڻ واري سگهہ گهٽجي ويندي آهي. هلندڙ ۽ متحرڪ پاڻيءَ جي اڇلن ۽ لهرن تي، ٻڏندڙ بہ وڃي ڪناري سان لڳندو آهي. جڏهن تہ بينل پاڻي، ٻڏندڙ جي ڪا بہ مدد نہ ڪري سگهندو آهي.

٤ - جهڙ جي ڏينهن ۾، وقتي جهڙ جي چانءِ هوندي آ ۽ هوا پڻ هلندي آهي. رکي رکي وري سج ڪني ڪڍندو آهي تہ تکي اُسَ ظاهر ٿيندي آهي. ڪڪر جي ڇانءِ ڏسي، ماڻهو اجا ٻاهر نڪرندو ئي ناهي تہ مٿان اوچتو نڪتل اُسَ وري ڪيس لِڪڻ تي مجبور ڪندي آهي. اها لڪ لڪوٽي ۽ گرم-سرد واري ڪيفيت، بيمار ۽ پريشان ڪندڙ هوندي آهي.

مطلب: ١ - جنهن جو انت نہ لهي سگهجي، تنهن مان وڏو نقصان پوڻ جو انديشو هوندو آهي.

٢ - پيڻيو: پورب جيڪو وڻ چوري، سو ئي وڻ ٻوڙي. (٤) ص ٢٤٤

## ٦٥٨. مگڻهار، ڪدڙا، ڪيريون ۽ پيٽ، چار ئي هڙ-ڇٽ. (چوڻي)

١ - مگڻهار، شاديءَ مراديءَ جي وقت تي اچي دهل وڄائي ٿو. اها اهڙي محنت آهي، جنهن سان ٻڌڻ واري جو نہ پيٽ ڀرجي ٿو ۽ نہ ئي ڪو ٻيو طبعي فائدو آهي. ان جي بدلي، مگڻهار کي گهور گهابور جي صورت ۾ جيڪو ملي ٿو، سو اجايو خرچ هئڻ جي باوجود، سندس نظرن ۾ ٿورو آهي. جيستائين ڄاڃين جا ڪيسا خالي نہ ڪري، تيستائين قرار نہ اچيس.

٢ - ڪدڙا، شادي مرادي ۽ ٻار ڄمڻ تي دهل وڄائڻ ۽ نچڻ ڪڏڻ جي محنت ڪندا آهن. جنهن منجهان ڏسڻ ٻڌڻ واري کي ڪو طبعي اپراسو حاصل نہ ٿو ٿئي، سواءِ وقت جي زيان جي. ڪدڙو فقير بہ تيستائين نينگ ٽپا پيو ڏيندو، جيستائين مراد وني نہ ٿڪجي ۽ اڳلن جا ڪيسا خالي نہ ڪري.

٣ - ڪجري يا ڪجر، ٻڙوي يا ٻڙوو، ساڳي معنىٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. البت ٻنهي ۾ هڪڙو فرق آهي. ٻڙوو، ان کي سڏبو آهي: جيڪو ڏاري عورت ڪان پيشو ڪرائي ۽ مٿين ڪمائي پاڻ کائي. ڪجر اهو آهي، جيڪو پيشي ڪرائڻ لاءِ، پنهنجي گهر جون عورتون وني آڻي ڪوني تي ويهاري. سندس اها محنت اهڙي ناهي جو ڪيس ڪو معاوضو ملي. تنهن هوندي بہ جن ماڻهن کي سندس پيش ڪيل آئٽم معرفت ذهني آسودگي ملي ٿي، تنهن کي ذهني طور مفلوج ڪري، سندس کيسا خالي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو آهي.
٤ - پٽ فقير پڻ، پٽ-جائي جو لاڳ ونڻ لاءِ اچي در جهليندا آهن. ڏورڻو پڄائي يا قصا ڪٽي، دهل وڄائي يا داستانن سان دل وندرائي، گهور گهاٻور گهرندا آهن. سندن انهيءَ محنت سان، سواءِ وقت جي زيان جي، ٻڌندڙن کي ڪو طبعي فائدو نہ پوندو آهي. جڏهن تہ پٽ فقير، تيستائين مطمئن نہ ٿيندو آهي، جيستائين اڳلن جا کيسا خالي نہ ڪري.
مطلب: ١ - مٿيان چار ئي ڄڻا، دل وندرائڻ جو ڪم تہ ڪن پر کيسا بہ خالي ڪيو وڃن.

## ٦٥٩. ملوڪ سپ مري ويا، ٽوٽا ٻڌندو ڪير؟ (پهاڪو)

ملوڪ: ماهر. ٽوٽا: سوڻ ساٺ، ٽوٽا ڦيٽا.
جيئن مذهبي عمل، پيرائتي نموني ڪرڻ لاءِ هادي ۽ رهبر، سونهين ۽ سائين جي ضرورت آهي، تيئن ٽوٽا ڦيٽا، سوڻ ساٺ ڪرڻ لاءِ پڻ انهن ڄاڻوئن جي مشوري جي ضرورت رهي ٿي، جيڪي انهيءَ ڏنڌي سان واڳيل هجن. ڪهڙو ٽوٽو، ڪهڙي وقت ٿيندو ۽ ڪڏهن پورو ٿيندو. مٿانئس وري ڪهڙو ساٺ سنئوڻ ٿيندو تہ جيئن اهو ڇهڇٽو آخر تائين هڪ ڪيل وانگر مسلسل هلندو رهي. ٽوٽائي بہ ٿهلندا رهن تہ رونشائي بہ ورچي پڄي نہ وڃن. شادين غمين جي ڪاڄن منجهہ اگر ڄاڃين، ماجين ۽ ڪانڌين کي ٽوٽن ۽ سانن اندر وندرائبو نہ هلبو تہ جلد ساٿ ڇڏي ويندا. پوءِ اهو سانگُ، ٻي چسو ٿي ويندو. آخر ۾ هڪ اڌ ماڻهو بچندو، جنهن سان ڪاڄ اڌورو رهجي ويندو.
مطلب: ١ - ٽوٽن سانن لاءِ بہ ماهرن جي محتاجي ڪڏهن پوي ٿي.
٢ - چڱا ماڻهو، دنيا مان جلد لڏيو وڃن.
٣ - جن جو هتي ڪپ، تن جو اتي بہ ڪپ.

۴ - ميان سپ مري ويا، تڏهن فوجو ٿيو فقير.

### ٦٦٠. منش ڇوٽا، عقل ڇوٽي. (چوڻي)

منش: ماڻهو. ڇوٽا: ننڍو.

انسان پنهنجي عمر جي لحاظ کان تجربا، مطالعو ۽ مشاهدو ماڻيندو آهي. منجهانئن جاڻ، جنهن سان عقل ۽ فهم پيدا ٿئي، ان قدر حاصل ڪندو آهي. جنهن ماڻهوءَ جي عمر وڏي هوندي ان کي تجربو ۽ مشاهدو به ججهو هوندو. ان جي برعڪس، جنهن ماڻهوءَ جي عمر ننڍي هوندي ته ان کي تجربو به گهٽ هوندو. جنهن جو تجربو گهٽ هوندو، ان جو عقل يا ڏاهپ به گهٽ هوندي. (٣۵) ص ٢٣٧

مطلب: ١- ڏاهپ: وقت جي تجربن مان حاصل ٿيندي آهي.

### ٦٦١. منش نه وڏو، پر عقل وڏي وٿ. (چوڻي)

منش: ماڻهو. وٿ: قيمتي شيءِ، سوکڙي.

انسان ۾ عقل: تجربن، مشاهدن، پڙهڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ سان اچي ٿو. جيتري عمر هوندي، اوترو تجربا مشاهدا وڌيڪ ماڻبا. وڏي عمر هئڻ جي باوجود، ڪنهن ماڻهوءَ نه مشاهدو ڪيو ۽ نه تجربو حاصل ڪيو، سو ان ننڍي عمر واري ماڻهوءَ کان عقل ۾ گهٽ چئبو، جنهن وڌيڪ تجربو ۽ مشاهدو ماڻيو آهي. (٣۵) ص ٢۴١

مطلب: ١- انساني عقل تجربن مشاهدن مطالعي ۽ ڏاهن جي صحبت مان پرائڻ سان وڌندو آهي.

### ٦٦٢. منگهه، تاڻي پڌو تنگَ. (چوڻي)

منگهه: مانگهه، هندي مهيني جو نالو. تاڻي: ڇڪي، ثابوت، مضبوط. تنگَ: سندرا.

آسريس، مينهن وسڻ جو آخري نڪٽ آهي. اهو اوڪاڻجي ويو ۽ برسات نه پئي ته پوءِ ٽاريلڙا ويچارا نااميد ٿي ويندا آهن. ڇو جو ڪين ساريو پيو هوندو آهي ته مٿان ايندڙ مانگهه جي مهيني ۾ برساتون مورڳو ڪو نه پونديون. جڏهن برساتون نه پونديون ته: نه پلر جو پاڻي پيئڻ لاءِ ملندو، نه سلا ڦٽندا ۽ نه وري مال لاءِ ڪاڌ-خوراڪ ٿيندي. اهڙي صورتحال ۾، زندگي گهارڻ ڏکي ٿي پوندي. جنهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ، ڪين پنهنجا سندرا ثابوت ٻڌڻا پوندا آهن.

مطلب: ١ - مانگهه تائين برسات نه پئي آهي، تنهنڪري تڪليف سامهون ايندي. ان سان منهن ڏيڻ لاءِ سندرا چڪي/ ٺاهي ٻڌو. (٣)

## ٦٦٣. مُڍي مڍي، متريِنا. (سنسڪرت، چوڻي)

مُڍي مڍي: منڍيءَ منڍيءَ، هر دماغ ۾.
متريِنا: سوچ نرالي، گت نياري، سمجهه جداري.
هر ماڻهو، دنيا ۾ سوچ ويچار لاءِ هڪڙو دماغ، ڏسڻ لاءِ ٻه اکيون ۽ ڳالهائڻ لاءِ زبان ۽ ڏندن وارو هڪ وات وٺي پهتو آهي. جيئن ته هر هڪ مختلف وقتن تي، مختلف ذاتين ۽ ماحول اندر، ڌرتيءَ جي مختلف علائقن ۾ آيو آهي، تنهنڪري هر هڪ جو تجربو ۽ مشاهدو، علم ۽ عقل هڪ ٻئي کان مختلف آهي.
ڪنهن کي تربيت ۽ تعليم سني ملي ته ڪنهن کي گهٽ. ڪنهن کي کهڙو دين مذهب مليو ته ڪنهن کي کهڙو. ڪنهن کي ذات ۽ نسب، دنياوي لحاظ کان، اوچو مليو ته ڪنهن کي نيچ. اهڙيءَ طرح ڪنهن کي ڪرڻ واسطي جيڪا ڪرت ملي سا ڪنهن اوچي مقام واري ملي ته ڪنهن کي نيچ ڏنڌو مليو.
مختلف النوع ماحول ۽ حيثيت ۾ پلجڻ ۽ پروان چڙهڻ سبب، هر هڪ جي ذهني ڪيفيت به نرالي ۽ جداري جڙي ٿي. هڪ ئي گهر ۾، ساڳي ماءُ جي پيٽان جنم وٺندڙ ٻارن جي ذهني نشو و نما ۾ ٿورو، ويهه اوڻويهه وارو، فرق اچيو وڃي ته سندن سوچ ۾ به فرق ٿيو پوي.
مطلب: ١ - هر هڪ ماڻهوءَ جو ذهن پنهنجو آهي.
٢ - پنڊي پنڊي متريِنا، ٽُنڊي ٽُنڊي سر سوتي،
ديشي ديشي اني پاشا، سيات نانا رتنا وسنڌرا. (سنسڪرت)
٣ - هر هڪ ۾ سوچ جداري ۽ مختلف، هر مک/ وات ۾ ٻولي ٻي،
جدا ملڪن ۾ ٻوليون جدا، هر علائقي ۾ موتي قسمين قسمين. (ترجمو)
٤ - پنج ئي آڱريون برابر ناهن.
٥ - هر دماغ ۾، پنهنجي پنهنجي سمجهه.
٦ - جيترا منهن، اوترا وات. جيترا وات، اوتريون ڳالهيون.
٧ - کوپري کوپريءَ، گت نياري.
٨ - جٽي جٽي جو پنهنجو راڳ. جيترا ماڻهو، تيتريون ڳالهيون.
٩ - جيتريون منڊيون، اوترا منهن.
١٠ - آڱر ۽ آڱوٺي، سنڌو آهي. (١) ص ١٧٥.

## ٦٦٤. موت رو سڏ ڀلو، پوليس رو سڏ ڀونڊو. (چوٽي)

رو: جو. ڀونڊو: بڇڙو.

موت، هڪ دفعو ايندو آهي، حياتي کسي ويندو آهي. اگر ڪو ماڻهو موت کان اڳ، خوشين واري حياتي گذاريندڙ هوندو آهي ته ڪائنس خوشيون هميشه لاءِ کسي ويندو آهي. اگر ڪو تڪليفن، ڏکن يا سورن واري زندگي گذاريندڙ هوندو آهي ته کيس هميشه لاءِ نجات ڏياري ويندو آهي. ان سان گڏ انهن ماڻهن کي به ڇوٽڪارو ڏياري ويندو آهي، جيڪي اهڙي تڪليف ۾ حياتي گذاريندڙ جي تيمارداريءَ ۾ لڳل هوندا آهن.

ان جي برعڪس، پوليس جو سڏ ڏاڍو خراب آهي. جنهن کي آيو، سو ته پريشان پر سندس پويان به پيڙا ۾. هڪڙو ڇٽو جيل ۾ آهي ته سندس مٽ مائٽ کيس ڇڏائڻ ۽ ماني پڄائڻ ۾ پورا. ڊور ڊڳا ۽ زمين زر کپائي، پيا پوليس جي پورت ڪندا ته جيئن جيل ۾ واڙيل کي اها تڪليف نه ڏئي. ٻڌي چور تي، هر ڪنهن جي سڏ وڏي ويندي آهي. جيل اندر وري واڙيل قيديءَ تي هر سپاهيءَ جي ڪرڙي اک هوندي آهي. ايندي ويندي، کيس قهر آلود اکين سان ڏسڻ، پنهنجي روزي روٽيءَ کي حلال ڪري ڪائڻ جي مترادف پيو ڄاڻندو آهي. قيدي ۽ سندس وارث، مسلسل ذهني عذاب ۽ جسماني ڪوفت اندر قاتل هوندا آهن.

مطلب: ١ - موت جو سڏ ڀلو، پوليس جو بڇڙو.

٢ - رٽي ۽ رائر جو، سڏ جنهين کي هوءِ،
منجي اتي جوءِ، وڃي تنهن کان وسري.

٣ - پوليس جو ڍڪاءُ، موت کان به خراب آهي.

٤ - موت سان هڪ دفعو سر وڃي ٿو. پوليس وٽ، مسلسل تڪليف آهي.

## ٦٦٥. موران نان ميهَ نه وسري، منگت نان ڏاتار،
## ماهيلي نان پيهر نه وسري، هاري نان پتوئار. (چوٽي)

ميهه: مينهن. منگت: پينو. ماهيلي: زال، عورت. پيهر: پيڪاڻو گهر، پيڪاڻو ڳوٺ. پتوئار: زمين تي ماني ڪڻي ايندڙ زال، پتو آڻيندڙ، ماني پچائي ٻنيءَ تي ڪميءَ کي پهچائيندڙ عورت.

١ - مور پکيءَ لاءِ، اڻ وسرندڙ وقت، برسات وارو آهي. جڏهن ياد پوندس، تڏهن فرياد ڪندو.

٢ - مڱڻهار يا پينو فقير کان، سخي مرد يا گهڻو ڏيندڙ، نه وسرندو آهي.

٣ - پرڏجي ويل عورت ڪان، سندس اباڻو/ پيڪاڻو ڳوٺ، ڪڏهن به نه وسرندو. ساري عمر پئي ان کي ساري، ڳوڙها ڳاڙيندي.
٤ - اهڙيءَ طرح هاري ويچارو، صبح جو اٿي ٻنيءَ تي وڃي ڪم کي لڳندو آهي. پويان سندس گهر واري ماني پچائي، ڏڌ ولوڙي، ٻنيءَ تي کيس پهچائيندي آهي. هاريءَ کي ڪم تي اُلڪو/ اڏڪو جيڪڏهن هوندو آهي ته فقط انهيءَ ماني کڻي اچڻ واريءَ جو هوندو آهي.
مطلب: ١ - جيئن سپ، سنواتيءَ (مينهن-ڦڙو) انتظار ۾، وات ڦاڙيو پئي انتظار جون گهڙيون گهاري، تيئن ويچارا ٽاريلڙا ڪڪر ۾ آس لڳايو پيا دل خوش ڪن.
٢ - موران نا ميهه نه وسري، منگت نا ڏاتار،
مهيلي نا پيهر نه وسري، هاري نا پتوار.
٣ - موران ميهه نه وسري، جيئن هاريءَ کي پتوئار. (١٢) ص ١٤٢.

٦٦٦. مور ڇپيا انڌي بادل آيا،
ٽري ڇپيا ڏٻلي گهر آيا،
ڪڏوپي نار کي چال ڇپي گئي،
نين ڇپيا نت نت گهر آيا،
چندر ڇپيو پک پونم پهلو،
سورج ڇپيا اندر ميگهه مڏايا،
هٿيار بنا رجپوت ڇپي گيو،
ڏاتار ڇپيا گهر اڇت آيا،
يوپ يوپال شاهوڪار هئي،
ڪرم ڇپي گهر ڪلفت پايا. (چوٽي)
انڌا بادل: بنا گوڙ جي ڪڪر. ٽري: گهوڙي. ڏٻلي: ڏٻري. ڪڏوپي: بدچال. پک پونم: چنڊ گرهڻ. ميگهه مڏايا: گهنگهور گهٽا. اڇت: سچائي. يوپ: شاهوڪار.
١ - مور، ڪڪرن جي گوڙ ۽ ڪنوڻ تي ناچ وجهندو آهي. اهو به ان وقت ظاهر نه ٿيندو آهي، جڏهن گونگا ڪڪر ايندا آهن.
٢ - ڀلي گهوڙيءَ جون خوبيون، تڏهن لڪي وينديون، جڏهن ڏٻري ماڻهوءَ جي گهر ۾ پلبي.

٣ - بدچال عورت جي چال، ان وقت لڪي ويندي، جڏهن پوڙهي ۽ شڪل جي ڪوجهي ٿيندي.
٤ - اڪ جي پچڙي اٽڪڻ واري عشق جو جوهر به، ان وقت لڪي ويندو آهي، جڏهن دوست جي گهر هر هر اچبو آهي.
٥ - چوڏهين جو چنڊ، تارن ۾ ته نه لڪي سگهندو، البته گرهڻ ٿئيس ته لڪي وڃي.
٦ - ميگهه ملهار واري مند ۾، جيڏانهن تيڏانهن ڪارا ڪڪر ڇانئجن ته سج وقتي ظاهر نه ٿئي.
٧ - راڄپوت ڪي به هٿيار آهي ته راڄپوت/ بهادر نظر ايندو. بنا هٿيار جي بهادريءَ وارو انگُ ڇُپيو وڃي.
٨ - سخي به ان وقت عام منظر تان گم ٿي ويندو آهي، جڏهن گهر ۾ سڃائي هوندي اٿس.
٩ - زميندار، راڄا/ مهاراڄا وغيره پلي ڪيڏا به پئسي وارا هجن، پر سندن ڪرم ان وقت لڪي ويندو، جڏهن گهر ۾ ڪلفت پوندن.
مطلب: ١ - ڪن عيبن سبب، ڪي وڏيون خوبيون به لڪيو وڃن.
٢ - پيٽيو: اڌ ننگ ڇپي نهين، ڪوڙ انيڪ قدم اپايا. (٢) ص ٢٢٨.

٦٦٧. مور ڪو ڏيان گهن گهور لڳو،
ڏور ڪو ڏيان لڳو نٽڪي،
ديپڪ ڪو ڏيان پتنگ لڳو،
پٽهاري ڪو ڏيان لڳو مٽڪي،
چندر ڪو ڏيان لڳو چڪور،
چڪباڻ ڪو ڏيان سٽڪي،
مين منوپر ترري، ساگر-پنٿ،
پرميڻ رهيو اٽڪي. (چوٽي)

گهن گهور: ڪنوڻ ۽ گوڙ وارو مينهن يا برسات. چڪباڻ: شڪاري. نٽڪي: عورت، جيڪا پئسي تي ڪرتب ڏيکاري. سٽڪي: تير چٽڻ، شڪار ڪرڻ. پٽهاري: پاٽي پريندڙ عورت. مٽڪي: ننڍو مٽ، دلو يا دلي.

١ - مور کي خوشي برسات وسڻ بعد ٿيندي آهي ۽ خوشيءَ ۾ ناچ به ڏڍهن وجهندو آهي. تنهنڪري سندس ڏيان رڳو مينهن جي آثارن تڪڻ تي هوندو آهي.
٢ - سرڪس ۾ ڪرتب ڏيکارڻ واري عورت، جيڪا مٿي ٻڌل تار تي هلي ٿي، تنهن جو سڄو ڌيان ان تار ۾ هوندو آهي ته متان پير ترڪڻ ڪري نقصان رسي.
٣ - پرواني کي به ڏيئي لاءِ ديوانگيءَ جي حد تائين تلاش هوندي آهي. سڙي به مٿس ساهه ڏيندو آهي.
٤ - پاٽيءَ جا دلا پري اچڻ واري عورت جو، پنڌ جي دوران، سڄو ڌيان دلي/ مٽڪيءَ تي لڳل هوندو آهي. متان ٿينشڙو لڳڻ سان، محنت پاٽيءَ ۾ هلي وڃي.
٥ - چڪور، چنڊ جو عاشق آهي. سندس اڏام، چنڊ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. وٽس پُڄي ته نه سگهندو آهي پر بجاءِ ٽڪجي موٽڻ جي، پنڌ ۾ ئي ساهه ڏيندو آهي.
٦ - شڪار تير ڪمان سان ٿيندو آهي. شڪاريءَ کي شڪار هٿ ڪرڻ لاءِ، هٿيار تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو آهي.
مطلب: ١ - عاشق، معشوق/ منزل کي ماڻڻ لاءِ، سڄو ڌيان ڌانهنس رکندو آهي. (٢) ص ٦٧.

٦٦٨. مورک ٻانيڻ: ٻه ٻارسيون. (چوٽي)

مورک: اڻ ڄاڻ، جاهل. ٻارس: چنڊ کان پوءِ ٻارنهن ڏينهن.
ٻانيڻ، عام ماڻهن کي، پنهنجي ڄاڻ ۽ علم آڌار، شادي مراديءَ ۽ ڏڻ وار لاءِ تٿ ۽ تاٿون، واچي ٻڌائيندا آهن. چو جو اها ڄاڻ، هر ماڻهوءَ کي نه هوندي آهي. ٻارس واچڻ، آسان آهي. چو جو چنڊ کان پوءِ جا ٻارنهن ڏينهن منجهس هوندا آهن. البت اگر، جاهل ٻانيڻ کان پڇبو ته اهو انهيءَ ننڍڙي ڳالهه ۾ به منجهي پوندو ۽ ٻه ٻه ٻارسيون پيو ڪيرائيندو. انهيءَ ڪري عام ماڻهن جو رايو آهي ته: جيئن ٻانيڻ جي مسند، عزت ۽ وقار واري آهي، تنهن ڪري مٿس وينل شخص کي پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڄاڻو ماڻهو هئڻ گهرجي. چو جو مورکتا، عام زندگيءَ ۾ ئي نقصانڪار آهي. پوءِ ايڏي وڏي پدويءَ تي رَسڻ وارو ته ڪم از ڪم مورک نه هجي. ان کي ته محنت ۽ مشقت ڪري، اتي رَسڻ گهرجي. ان جاءِ تي ته ڪو چڱين

خاصيتن سان ڀرپور ماڻهو، ويهڻ گهرجي. اتي ته ڪو سفارشي ۽ ڪنهن جو منظورِ نظر نه ويهارجي. ڇو جو ٻانهڻ جو واسطو، مذهب ۽ ملت سان آهي. اگر جاهل هوندو ته ٻنهي کي پيو، لوئرائيندو.
مطلب: ١- جاهل کي، وڏي عهدي تي نه ويهڻ گهرجي.
٢- مورک ٻانهڻ، ٻه ٻه پارس ملهائيندا آهن.
٣- انڌا ٻانهڻ، ٻه پارسيون.

## ٦٦٩. مورک کي اُپديش، جيءَ جو ڪليش. (سنسڪرت، چوڻي)

اُپديش: نصيحت. گيان: ڄاڻ، سمجهاڻي. ڪليش: جنجل، تڪليف.
پڙهڻ يا علم حاصل ڪرڻ سان، ذهني طور ماڻهو پڙ ٽيندو آهي. سندس سوجهه بوجهه ۾ واڌارو ايندو آهي. دنيا جا پيچيده مسئلا، سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ ۾ ڪيس مدد ملندي آهي. اهو علم به تڏهن فائدو ڏئي ٿو، جڏهن علم حاصل ڪرڻ وارو ذهني طور هوشيار آهي. جڏي ۽ ڪُند ذهن کي، علم پلئه ئي ڪين پوندو. جڏهن سندس کوپريءَ ۾ علم ويهندو ئي نه ته ڪيس ڇا فائدو ڏيندو؟
جنهن علم سان، علم حاصل ڪندڙ کي، پنهنجي پاڻ لاءِ فائدو نه ٿو ملي. تنهن علم سان، اهو ٻين کي ڪهڙو فائدو رسائيندو. فائدو فائدي جي ماڳ، اهو ٻين لاءِ وبال ۽ جنجال رهندو ۽ پاڻ کي به جنجل ۾ وجهندو. ناسمجهيءَ سبب، اهڙا ڪم پيو ڪندو، جن سان گهڻن کي نقصان ۾ پيو وجهندو. پڙهيل ڳڙهيل هئڻ سبب، پاڻ کي حق سچ تي پيو سمجهندو ۽ پنهنجي ڪيل ضد ۽ هٺ تان هيٺ نه لهندو. جيئن ڪيس نصيحت ڪبي، تيئن پنهنجي بي عزتي سمجهندو ۽ اجا ضد ڪندو. رڳو پيو چوندو: ”مون کان وڏيڪ ڪير پڙهيل آهي ڇا؟“ اها ”مان“ سندس تباهيءَ جو سبب بڻبي آهي.
مطلب: ١- مورک کي گيان، جيءَ جو زيان.
٢ - ڄٽ ملوڪ، ڳلم جو زيان.
٣ - ڄٽ پڙهيو، لوڪ اڙيو.
٤ - ڀيٽيو، ٽريو پڙهيو، جڳ اڙيو

## ٦٧٠. موريو ڦترو، ڀڳ پونڊا. (پهاڪو)

موريو: مور. ڦترو: سهڻو. پڳ: پير. پونڊا: پَوندا، بچڙا، خراب.
سونهن ڪنهن کي راس نہ آئي آهي. دنياوي سونهن ۽ حسن کي، جٽاءُ پڻ ناهي. ساڻس عيب صواب ضرور گڏ آهن. گل سهڻو ۽ مهڪ رکندڙ آهي پر ڪندو ساڻ اٿس. ماڪي ذائقي ۾ مني ۽ خوشبودار، وڻندڙ سودمند آهي پر مک ۾ ڏنگ آهي. جنهن کي ڏنگي تنهن کي سجائي رکي. اهڙيءَ طرح مور آهي. سجو سهڻو پر پير ڪٽ جهڙا ڪارا اٿس. پاڻ ئي پنهنجي پيرن کي ڏسي تہ روئي ويهي.
اهڙيءَ طرح هر سهڻيءَ شيءِ سان ڪو نہ ڪو عيب ساڻ آهي. عورت سهڻي آهي تہ جوانيءَ ڪان موٽڻ ڪان پوءِ، سندس حسن ختم ٿيو وڃي ۽ ٻانپي پئي نظر ايندي. جيڪڏهن ڏيهاڙي صفائي سترائي نہ ڪري ۽ وهنجي نہ تہ منجهانئس ڪرپ پئي ايندي. صبح جو ننڊ مان اٿڻ وقت نڪ مان سنگهہ ۽ اکين مان پچيون پيون وهندس. غلاظت جا ٻہ چار سير سندس پيٽ ۾ هر وقت موجود رهن ٿا.
مطلب: ١- چڱائيءَ سان برائي ڳنڍي بيٺي آهي.
٢ - عيبن کان آجو، فقط الله.
٣ - مور چڱو، پر پير ڏنگا. (لاڙ)
٤ - مور گهڻو ئي سهڻو، پر ٽنگون ڦڏيون.
٥ - مور گهڻيئي سهڻو، پر پير ونگا. (لاڙ)
٦ - مور نچي نچي پيرن ڏانهن ڏسي تہ روئي ويهي. (سرو)
٧ - هر چمڪندڙ شيءِ سون نہ ٿيندي آهي.
٨ - هر شيءِ ۾، ڪو نہ ڪو، عيب ضرور آهي.
٩ - All glitters are not gold.
١٠ - مور سهڻو، پير ڦڏا/ خراب (٦) ص ١٣٤.

## ٦٧١. موڙي ليبندي ئي نهين، نڪر چاليها مڱدا. (پهاڪو)

موڙي يا لاڳت، ڪنهن ڏنڌي ۾ سيڙايل رقم کي چئبو آهي. واپاريءَ يا دڪاندار جي پهرين ترجيح اها هوندي آهي تہ واپار منجهان، لڳايل رقم جلد واپس ڪڍي وٺي ۽ منافعو بہ ايترو حاصل ڪري جو ڏنڌو بہ هلندو رهي ۽ گهر جو خرچ، نوڪرن جون پگهارون، دڪان جي مسواڙ ۽ بجلي وغيره جا بل بہ گڏوگڏ ادا ٿيندا رهن. ڏنڌي مان، ايترا فائدا ترت حاصل ڪرڻ لاءِ، سخت محنت ۽ توجهہ جي ضرورت هوندي آهي. بي ڌياني ڪرڻ

سان، منافعو منافعي جي ماڳ، آسيرن پاسيرن خرچن ۾ موڙي ئي ٻڏي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اوڌر يا رڪت تي ڏنل مال جون اڳاڙيون نه ٿي سگهنديون آهن ۽ رهتون، سيٺ کي هيٺ ڪري ڇڏينديون آهن. اهڙي صورتحال ۾، واپاري خير خيرات ڪرڻ کان پيو ڪيٻائيندو. اگر ڪانئس ٺڪر، چاليهين پتي ٻه گهرندا ته صفا چڙي پوندو. اهڙي حالت ۾ نڪرن کي ٻه خيال ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين چاليهون حصو وٺڻ کان گريز ڪرڻ گهرجي.
مطلب: ١ - دڪان ۾ موڙي يا مُور وڌل ئي ناهي، نڪر صاحب، نفعي جو چاليهون حصو پيو گهري.
٢ - بي واجبي گهرڻ، چڱي ڳالهه ناهي.
٣ - دڪاندار سودو نه سلي، چي: ”پورو تور!“
٤ - ڏيڻ واري وٽ، ڏيئي سگهڻ جي حيثيت ناهي. ان صورتحال ۾ ڪانئس چاليهين پتي گهرڻ، ڪيس چڙ ڏيارڻ جي برابر آهي.

### ٦٧٢. موسم ڪري ته واءُ ڪري، وڻ ڪري ته ڳرنڍهو ڪري. (چوڻي)

چؤماسي جي مند ۾، هوا اگر چوٽ لڳي ته مينهن نه وسندو. ان کي موسم جو ڪرڻ چئبو.
وڻ ۾ گلن جي جاءِ تي، پنن جون موڙهيون يا ڳنڍيون ٿيون، تن کي موڙهه يا ڳرنڍهو چئبو. اهو وڻ ڦل نه ڏيندو. ان کي وڻ جو ڪرڻ چوندا آهن. (٣٥) ص ٢٤٤
مطلب: ١- ماڻهو ڪرندو ته غلط ڪم ڪندو يا نڪمو ٿيندو.
٢- ڪٽڪ ڪري ٻٽڪ ڪري، واءُ ڪري جهڪ ڪري، ماڻهو ڪري بڪ ڪري، مرد ڪري شڪ ڪري، زمين ڪري اڪ ڪري، بادشاهي ٻار ڪري جيئن وڏيس تيئن ڪري.

### ٦٧٣. مولا وساءِ مينهن، ڪانيارا ڇتن ڪم ڪان. (پهاڪو)

مينهن وسڻ وقت، ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هر شيءِ پُسي، آلي ٿي پوندي آهي، جنهنڪري ڪم آڻڻ اوکي ٿي پوندي آهي. برساتي پاڻيءَ سبب، پيدا ٿيل ٿڌاڻ جي ڪري، لڳ ٻه آنرجي پوندا آهن. جنهنڪري، نه ڪنهن ڪم ڪرڻ تي دل ورندي آهي ۽ نه وري ڪو ڪم اُڪلندو يا

نبرندو آهي. هر هڪ ماڻهو، چاهڻ جي باوجود به، نڪمو لڳو وينو هوندو آهي.
ٽوٽي ۽ سست ماڻهو، جيڪو سمهي سمهي پيو ڪٽون پچندو آهي، تنهن کي ڪم نه ڪرڻ لاءِ جڻ قانوني طور بهانو ملي ويندو آهي. برسات يا مينهن ڏي ڏوهه پيو ڏيندو آهي. ڏِک ائين پيو ڏيندو: اگر مينهن نه وسي ها ته مڙس ڏونگر ڏاري وجهي ها. پر هاڻ چا ڪجي؟ برسات مڙس کي منجهائي، رنڊائي ياڙي ڪري وڌو آهي.
مطلب: ١ - اهڙا سست، نڪما ۽ ٽوٽي ماڻهو، جيڪي هونئن ڪم نه ڪن، تن کي لنوائڻ لاءِ فقط بهانو ئي کپي.

## ٦٧٤. مهور ڪري منوار، ڪسڙاٽ پڇي پوڇي. (چوڻي)

مهور: پهرين. منوار: خدمت چاڪري، ماني ٽڪي. ڪسڙاٽ: حال احوال وٺڻ، خير خيرعافيت ڪرڻ، خبرون چارون ڪرڻ. پڇي: پوءِ، بعد ۾. پوڇي: پُڇي.
ٿر اندر، مهمان نوازيءَ جو وڏو رواج آهي. تڏي آئي تنگ نه ٿيندا، هتائين خوش پيا ٿيندا. مهمان پلي آڏي رات جو اچي، يڪدم سندس خدمت ۾ لڳي ويندا. مهمان، سفر جو ٿڪ پچي، پيٽ جو ٻالنگهه ڪري، تنهن کان پوءِ ڪانئس حال احوال وٺندا. مهمان جي عزت ۽ آدر به انهيءَ ۾ آهي ته اول، سندس مهماني ڪجي بعد ۾ ڪانئس حال احوال وٺجي.
مطلب: ١ - مهمان ايندا آهن، وڏي ڀاڳ وارن وٽ. (٣٩) ص ١٩٦

## ٦٧٥. مهينو آيو پوهه، سياري ڪهڙو ڏوهه. (چوڻي)

پوهه: سنبت وڪرمي سال جو مهينو جنوري ڌاري اچي.
جنوري: ۾ سياري کي اوج هوندو آهي. واري نرڻ سبب، سيءُ اجا وڌي ويندو آهي ۽ پيو ڦقڙ ڦاڙيندو آهي. سياري اندر، اگر وڏا سيءَ ٿا پون ته ان ۾ سياري ڏانهن گهٽ، پوهه جي مهيني ڏانهن وڌيڪ ميار هوندي آهي. (٣٥) ص ١٩٥
مطلب: ١- جنوري: جن آهي.
٢- پوهه جي سيءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، سج لٿي کان ئي گهرن جي اڳڻ ۾ وڏا مچ ٻاري ڇڏبا آهن.

### ٦٧٦. ميٽرڪ مانڊا پڙهيا، بي اي برا حال، ايم اي مرڻ پڌاريا، يہ هي وديا ڪا حال. (چوڻي)

مانڊا: ماندو ماندو ٿيڻ . پڌاريا: مري پوڻ. وديا: تعليم.
اڳاٽي دور ۾، تعليم بابت هيءَ رايو هيو. ميٽرڪ جي تعليم وٺڻ کان پوءِ، امتحان پاس ڪرڻ وارو ماندو ماندو ٿيندو هيو. وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان ئي بان ڪري ڇڏيندو هيو. جڏهن تہ تڏهوڪا ميٽرڪ فيل بہ، اڄڪلهہ جي پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ وارن کان، وڏيڪ ڄاڻ رکندڙ هيا.
بي اي ڪرڻ وارا، ورلي هوندا هيا. جيڪي ڪندا هيا، تن جا امتحانن جي تيارين سبب، برا حال هوندا هيا. پنهنجي جان جي ڄاهہ نوهہ لاءِ ڪين هوش ئي نہ هوندو هيو.
ايم اي تہ پو ڪان ڪير ڪندو ئي نہ هيو تہ متان مري نہ وڃي.
اڄڪلهہ تہ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ٿيڻ يا ڪنهن سبجيڪٽ ۾ ڊاڪٽريٽ ڪرڻ آسان آهي. اٽڙ تائين امتحان ۾ ويهڻ تہ ڇڻ مائٽن جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل آهي. ڊگريون هٿ ڪرڻ، تمام آسان ڪم ٿي ويو آهي.
مطلب: ١ - تعليم/ علم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي. (۵)

### ٦٧٧. مينهن جي پُسائي، حاڪم جي ماريي تي ڪهڙو ارمان. (چوڻي)

ٿر ۾ جيئن تہ بنيادي ضرورت پاڻي ۽ سو بہ برساتي. تنهنڪري برسات پوڻ سان، جيڪڏهن جهوپڙي ٿم ٽم ڪري ٽمڻ لڳي ۽ ساري گهر جا ٽپڙ ٽاڙي پڄي پَٽُ ٿي وڃن. پَٽَ پُسيو، چڪون ۽ چارا ٿي وڃن تہ بہ ٿاريلڙا پيا سرها ٿيندا. منجهانئس بيزار نہ ٿيندا.
الله جي رحمت، جيترو وسي، اوترو ان مالڪ جي وس آهي. ڪير ان کي روڪي نہ ٿو سگهي. اهڙيءَ طرح حاڪم کي بہ رعايا جي پيٽ ۾ وڏي طاقت آهي. ساڻس مقابلو ڪائي ئي نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن ماري يا ڦري تہ سواءِ صبر جي، ساڻس پڄي ڪائي نہ ٿو سگهجي. بهتر آهي تہ ٻنهي لاءِ ارمان نہ ڪائجي.
مطلب: ١ - بي بس/ بي وس جاءِ تي، نہ پڄي سگهڻ لاءِ ارمان نہ ڪائجي.

٢ - پيٽيو: مينهن ۾ مهمان، گهڙي پل جا مهمان. (٣) ص ١٦٦.

### ٦٧٨. مينهن وٺا پلا، ڏيک ڏنا پلا. (سارو سنگهار، چوڻي)

ٿر اندر، هر جيوت، آب آسري هوندي آهي. پاڻي، جياپو آهي. پاڻي، درياهي صورت ۾ ٿرين وٽ ڪين ٿو پهچي. نه ئي پاڻيءَ کي ٿر اندر هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ لاءِ، ڪئنال وغيره ناهڻ ممڪن آهي. ڇو جو زمين جي ساخت اهڙي قسم جي آهي. پاڻيءَ جو ذريعو فقط برسات ئي آهي. جيتري به پوندي، اوترو ڪٽي وڃڻ جي زمين اندر استعداد آهي. ائين ناهي ته چند ڦڙي پئي ۽ هلڻ ۾ هلاڪ ڪري وڌائين. ٿر جي رونق ئي برسات پوڻ کان پوءِ وڌي ٿي. حياتي، ڪرُ ڪٽي اٿي ٿي. مارو ۽ پاڳيا، ماڳين موٽن ٿا. ميلا ملهالا ٿين ٿا.

اهڙيءَ طرح، ٿر جي صحرا ۾ جڏهن اوپڙ اپري ٿي ۽ چوڌس چوڌار گلن ڦلن ۾ نکار اچي ٿو، اهو منظر به ڏسڻ وٽان هوندو آهي. قدرت جيڪو مانداڻ، ان وقت ٿر جي علائقي ۾ مندي ٿي، سو اگر هلي نه ڏسجي ته اها به ڄڻ تخليقڪار جي تخليق جي ساراهه ڪرڻ ۾ ڪنجوسائيءَ برابر آهي. اهو منظر تڏهن پلو لڳندو آهي، جڏهن پنهنجي ديدن سان پاڻ پسجي. سونهن جي تعريف تڏهن آهي، جڏهن ڪير ڇڙهي اچي ڪيس ڏسي.

مطلب: ١ - برسات جو پوڻ پلو ۽ منظر کي اکين سان ڏسڻ ٿهائين وٽندڙ.
٢ - گهٽي ڏسڻ سان، مشاهدو وڌي ٿو.
٣ - گهٽي ڪاڏي ڪان، گهٽو ڏنو پلو. (٢) ص ٤٦.

### ٦٧٩. مينهن ۽ پُٽَ: قسمتي. (چوڻي)

زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ، پاڻيءَ جي ضرورت آهي. پورالي ۽ چيڪي مٽيءَ اندر، قدرتي طرح پاڻيءَ جا ذخيرا، هينان رڪيل هوندا آهن، جيڪي واريءَ جي تهن ۾ هوندا آهن. جڏهن ته ٿر جي زمين آهي واري ئي واري، جنهن ڪري پاڻي سندس تهہَ ۾ جلد هليو وڃي. مٿس آبادي ڪرڻ لاءِ وري به مينهن جي پاڻيءَ جي ضرورت پوي. مينهن جو وسڻ، انساني وس ۾ ناهي. بلڪ جڏهن مالڪ مهربان ٿئي ۽ سندس مرضي ٿئي ته وسي. جنهن جي قسمت چڱي آهي، تنهن لاءِ ته مينهن مند تي وسي، جنهن سان آبادي ٿئيس. جنهن جي قسمت ڦتل آهي، تنهن کي منڊائتي مينهن جي ڦڙي نصيب نه ٿئي. زمين، ٻج ۽ ڏاند هوندي به، ويچارو ٿيو وينو هجي.

پٽ جو جمڻ پڻ ائين آهي. ماڻهوءَ ۾ مردانگي به آهي. زال به سهڻي، جوان ۽ چڱيوان هجيس. ٻار ڄڻڻ لاءِ سڀ حيلا به هلائي پر اولاد ڄمي يا نه ڄمي، رب جي مرضي. رڳو ڌيئر ڄمن، ته به ان جي مرضي، ڌيئر ۽ پٽ گڏ ڄمن ته به رب جي مرضي. رڳو پٽ ڄمن ته به رب جي مرضي. موراڳو سنڍ ڪري ڇڏي ته به رب جي مرضي. انهن قدرت جي ڳالهين ۾، انسان بيوس آهي.

مطلب: ١- انسان جي اختيار جي به هڪ حد مقرر ٿيل آهي.

٢- پيريءَ ۾ ڄاول پٽ، قسمتي.

٣- مينهن تڏهن وسي، جڏهن رب گهري، پٽ به تڏهن ڄمي جڏهن رب گهري.

٤- ڌيءُ ڄمي يا پٽ؛ رب جي مرضي. ٻار ڄمي يا نه؛ مائيءَ جي مرضي. (ساهتي)

٤- پيٽيو: جينو مينهن ۽ پوڻينو پٽ، نيري وهاڻ، سياڳن سامهون.

## ٦٨٠. ميهان ساڪي مارگُو، سيئان ساڪي اَڪَ، ڏاتار ساڪي منگتا، سُوران ساڪي ڏَڪَ. (چوڻي)

ساڪي: ساک ڏيندڙ، شاهدي ڏيندڙ. مارگو: واٽهڙو، پانڌيئڙو، واٽ وٺي هلندڙ. سيئان: سيءَ لاءِ. سُوران: سورن لاءِ، سور جو.

١ - پوندڙ برسات جي شاهدي، واٽ وارا مسافر اچي ڏيندا، جن کي اوجهڙ وارن رستن تي برسات ورايو هوندو ۽ لڪڻ لاءِ جاءِ نه ملي هوندن. هن دور ۾ ته ريڊيو، ٽي ويءَ تي جلد خبر پئجيو وڃي. اڳ ۾ ٻئي علائقي ۾ پوندڙ برسات لاءِ مسافر ۽ واٽهڙو، پيادا ۽ اٺ سوار، ئي خبر رسانيءَ جو ذريعو هوندا هيا. مثال: وٺي جون وايون، پانڌيئڙو/ واٽهڙو ڏيندا.

٢ - سيءُ گهڻو پوندو ته پارا هڻندو. هر وڻ، ٻاري جي سَٽَ سهي پر اڪ نه سهي. اڪ گرميءَ تي زور ڏئي نڪرندو آهي ۽ سيءَ تي سڙي ويندو آهي. اڪ سڙي وڃڻ، گهڻي سيءَ جي نشاني آهن. مثال: اهڙو ظالم، جيئن اڪن تي پارو.

٣ - سخي مرد اهو آهي، جنهن کي فقير ۽ پينو، منگتا ۽ مڱڻهار، ڪوٺي تي وائري، پڙرو ڪن. مڱڻهار، سخي مڙسن کي گهڻو پڏائي پڙرو ڪندا آهن. سخي تيستائين سخيءَ طور مشهور نه ٿيندو، جيستائين ڪيس مڱڻهار مشهور نه ڪن. مثال، پير کي به خليفا، پيرُ/ مشهورُ ڪندا آهن.

۴ - سورهيہ مڙسن جا لڳل ڌڪ، سور جي شاهدي ڏيندا آهن. زخم، ڌڪ، ڦٽ ئي سور جي هجڻ جي شاهدي آهن. مثال: ڌڪن جا شاهد: ڦٽ.
مطلب: ۱ - مٿي ٻڌايل چار شيون، شاهديءَ طور ڪتب اچن ٿيون. (۱۲) ص ۱۴۳.

## ٦٨١. ميهہ تو تيان برستي، جيان راجي هوسي رام. (چوڻي)

تيان: تڏهن. جيان: جڏهن. راجي: راضي. هوسي: ٿيندو.
مينهن وسائڻ، رب جي وس آهي. جڏهن چاهي، تڏهن وسندو. جيترو چاهي، تيترو وسندو. جاتي چاهي تتي وسندو. وسندو، سندس مرضيءَ ۽ رضا سان. ٻئي جي مرضيءَ ۽ رضا سان نہ وسندو. جيڪڏهن انسان کي برسات جي ضرورت آهي تہ ان لاءِ ڌڻيءَ کي ٻاڏائڻ گهرجيس. جڏهن اهو راضي ٿيندو تہ مينهن بہ وسندو. اويڙ بہ اپرنديءَ حياتي بہ پنهنجي عام حالت تي ايندي.
مطلب: ۱ - جل هي، جيون هي.
۲ - مولا وساءِ مينهن تہ ڪانيارا چٽن ڪم ڪان. (۱) ص ۲۷۱.

## ٦٨٢. ميهَہ سُڌاري بجلين، سَر رَو سُڌاري پار،
## پيٽو سُڌاري باپ نان، گهر سُڌاري نار. (چوڻي)

بجلين: ڪنوڻ ۽ گوڙ. سَر رو: تلاء کي. پارِ: ڪنارو، ڪپ، پاسو.
۱ - گوڙ ۽ ڪنوڻ، برسات کي مچائيندا آهن.
۲ - تلاءُ اهو ڀلو آهي، جنهن جو ڪنارو يا ڪَپُ پَڪَ-سِرو ٺهيل آهي. ٻيءَ صورت ۾ ڪناري تي گپ هئڻ سبب، منجهانئس پاڻي ڀرڻ ڏکيو هوندو آهي. پير ترڪڻ يا ٻئي نقصان ٿيڻ جو انديشو، هر وقت اوس هوندو آهي. پڪ-سري ڪپ تي وهنجڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، پاڻي ڀرڻ وغيره سهنجا هوندا آهن.
۳ - پيءُ جي ناموس بہ اهو پُٽ وڌائيندو، جيڪو سپوٽ هوندو. ڪپوٽ، پاڻ کي تہ خوار خراب ڪري پر پيءُ جو نالو بہ پٽائي ڇڏي. ماڻهو پيا گلا ڪندا ۽ طعنا ڏيندا. ان جي ڀيٽ ۾ سڌريل پٽ، نيڪ ناميءَ سان گڏ عزت بہ وڌرائي ٿو.
۴ - گهر جي سونهن، گهر واريءَ سان آهي. جيڪڏهن گهر راڻي وني نہ آٽبي تہ گهر جو سڌرڻ ممڪن ناهي. جيڪڏهن گهر ۾ گهر ڌياڻي ناهي تہ

پوءِ مڙس ڪيترو به ڪتي ڪمائي پر گهرُ، گهرُ نه رهندو. ان جي برعڪس زال هٿ ڦاڙ هوندي ته به گهر تين وال ڪري چڏيندي. سگهڙ زال سان ئي گهر جو سڌارو آهي.
مطلب: ١ - متين چئن شين ۾، سڌارو يا سترائپ آهي. (١٢) ص ١٤٢.

٦٨٣. ميهَ موران، بَنَ ڪونجران، آنبان ڏار سُوئان،
وڻ سڄڻ، جنم ڀومي، وسرسي موئان. (چوٽي)
ڪونجران: هاٿين ڪان. آنبان: انب جي. ڏار: ٽاري. سُوئان: طوطو.
١ - مور پکيءَ ڪان، برسات جي مند ۽ برسات جو وسڻ ڪين وسرندو آهي. برسات پوڻ ڪان پوءِ، خوشيءَ ۾ ناچ ڪندو آهي، جيڪو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اها ئي ڳالهه آهي ته، "جنگل مين مور ناچا: ڪِس ني ديکها!"
٢ - هاٿي به جهنگ ۾ چيڪ چرندو آهي. پڃري ۾ بند ٿيڻ ڪان پوءِ ڪيس جهنگ گهڻو ياد ايندو آهي.
٣ - طوطو به انب شوق سان ڪائيندو آهي. ڪانئس انب جي ٽاريءَ تي ويهڻ ڪڏهن به نه وسرندو آهي.
٤ - دوست جو طعنو هيانءَ تي چڙهي بيهي ۽ ڪڏهن نه وسري.
٥ - جمڻ واري هنڌ، ماٿهوءَ جي عور پوريل هوندي آهي. اهو ڪنهن ڪان به نه وسرندو آهي. جيڪڏهن وسريس ته پک پاڻ اٽاسي آهي.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل پنج شيون، ڪنهن ڪان ڪين وسرنديون آهن.
٢ - ميهان موران ڏيڏڪان، تيني ايڪي راسَ،
سورج تپي گرمي ڪري، تڏَ وَرسَڻ ڪي آس.
٣ - ٽاڙو پکي اسر جو تنواري، ڏيڏر ٻولين، يا مور پکي دانهون ڪري ۽ گرمي ٿئي ته برسات جو آسرو سمجهندا. (ترجمو)
٤ - گر (جبل) موران، بن ڪونجهران، آنبا رسُ سُوئا،
سڄڻ ڪُوچن، جنم گهر، ائان وسرسين موئا. (٢) ص ٦٧ ۽ (١٢) ص ١٤٤.

٦٨٤. مِيهه نه مهماڻ، ڪِتا ڏينهن. (چوٽي)
ميهه: مينهن. نِه: ۽. مهماڻ: مهمان. ڪِتا: ڪيترا.
مينهن: رحمت به آهي ته منجهانئس ملندڙ پاڻي، بنيادي ضرورت پڻ آهي. جڏهن جهور ٻڌي وسي ته پَٽَ پسي وڃن، جايون ٽميو پون، چونئرا آلا ٿيو

وجن ۽ ڪپڙا لٽا پڄيو اوسنا ٿيو پون. اهڙيءَ حالت ۾، زندگي گذارڻ اوکي ٿيو وڃي.
مهمان به رحمت آهي. روزي پاڻ سان، ساڻ آڻي ٿو. سندس آئي سيڪو سرهو ٿئي ٿو. سندس ٿهل ٽڪور، حال سارو ئي ڪجي ته به منجهائيندڙ ۽ هلاڪ ڪندڙ هوندي آهي. ڪم سيڙجن ٿا، وقت سر ماني پچائڻ جو اُلڪو الڳ رهي ٿو. هوند يا اڻ هوند جو لحاظ نه ٿو رکڻو پوي. پٽي سٽي، پني سني به مهمان لاءِ ڳنڍڻ ماني ڪرڻي ٿي پوي. جنهن سبب اوکائي ٿئي ٿي.
مطلب: ١ - مينهن ۽ مهمان، ڪيترا ڏينهن.
٢ - مينهن ۽ مهمان، گهڙي پل جا مهمان.
٣ - مهمان ۽ مينهن، ٿورا ڏينهن.
٤ - ٽرين لاءِ مينهن به غنيمت ته مهمان به.
٥ - مهمان ۽ مينهن، رحمت ٿي اچن ٿا. تنهنڪري سندن سببان آيل ننڍڙي تڪليف مان بيزار نه ٿجي.
٦ - پيٽيو: مينهن جي پسائي، حاڪم جي ماريئي تي ڪهڙو ارمان. (٣) ص ١٦٦ > (٦) ص ١٣٣.

## ن

٦٨٥. نار ايري ڪنجري، گهوڙي ٽٽل زين،
ڏيءَ وڏور گهر ۾، جهڙي ماٺ زمين،
جن سانجهه چاڙهيو ڪينڪي،
پنج ئي مسڪين. (چوٽي)

نار: عورت. ايري: پراڻي، ڳريل، ڪمزور، شڪسته. ڪنجري: گهاگهرو، وڏو چولو. زين: واڳ
١ - عورت جي دل ۽ سونهن، چڱيرڙي لٽي ڪپڙي ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن پراڻا ڪپڙا پهريل اٿس ته مسڪين هئڻ جي نشاني آهن.
٢ - گهوڙو، پڄڻ جي حساب سان طاقت وارو جانور آهي. ڪيس زين جي مدد سان هلائبو ۽ روڪبو آهي. جڏهن واڳ ڪمزور هوندي ته پوءِ پلو گهوڙو ته وَٺ ئي نه ڏيندو.

٣ - بالغ ڌيءَ، ڪير به گهر ۾ ويهارڻ پسند نه ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي لاءِ واه نه ٿي ڪلي ته پڪ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ضرور آهي. حسن، اخلاق يا پئسي جي ڪمزوريءَ سبب، بالغ ڌيءَ گهر ۾ ئي ويهجي ويندي آهي.
٤ - جنهن زمين جو هاري، اجا نه جاڳيو آهي ته پڪ وٽس نه ڍاند آهي ۽ نه ٻج. نه جاڳڻ، بي فڪريءَ جي ڪري آهي. بي فڪريءَ جو سبب، ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جي کوٽ آهي.
٥ - سانجهيءَ ڏاري، رات لاءِ ماني پچندي آهي ته جيئن سمهڻ کان اڳ ٻالنگهه ٿئي ته سک جي ننڊ سمهي سگهجي. پيٽ ۾ ڪجهه نه هوندو ته ساري رات ننڊ به نه ايندي. جنهن سانجهيءَ سانجهڻ نه ڪيو ته پڪ اٽي يا ڳنڍڻ جي ڪمي اٿس.
مطلب: ١ - متي ٻڌايل پنج صورتون، مسڪيني ظاهر ڪن ٿيون. (٢) ص ١٣٩.

## ٦٨٦. ناري هَٺُ، بادشاهي هَٺُ،
## ٻاريہ هَٺُ، ڪڏهن نہ هَٺُ. (چوٽي)

ناري: عورت، ضائفان. هَٺُ: ضد. ٻاريہ: ننڍڙو ۽ بي سمجهه ٻار. هَٺُ: هٺڻ، لهڻ.
١ - عورت جو ضد، چئي بس ڪر. ساهتيءَ اندر چوٽي آهي: رن ضد تي چڙهي، پاڻُ ڪُهائي ته به نه مُڙي. جڏهن ضد تي چڙهندي آهي ته پوءِ ماءُ پيءُ جي به، ڏاڙهي يا سينڊ، سڪي پاڪيءَ سان ڪوڙي، گهر جي چانئٺ لتاڙي هلي ويندي آهي. پيٺيو: رن تي ٻڌءِ، پلو تي نپوڙءِ.
٢ - بادشاه ضد تي چڙهي ته جبل مان به ڪير جي ندي وهرائي ڇڏي. ڪيس نه ڪير روڪي سگهي، نه ٽوڪي سگهي. جيئن ۽ جيڪا شيءِ طلبي، سا تيتري ۽ تيئن، جلد مِليس. منشا پوري نه ٿئيس ته، ماڻهو مارائيندي به دير نه ڪري.
٣ - ٻارَ به اگر ڪيتي تي چڙهن ته مُور نه لهن. سندن ضد به عجيب. چوندا: ترڻ تي بهشت ڪپي. چنڊ، ڪٽ تي لاهي رکو ته مون سان کيڏي. اٺ، ڪنيءَ ۾ ويهاريو ته مان ڪٽي گهمايانس. ڪير منو آهي، ان مان ڪنڊ ڪڍو ته مان پيئان.
مطلب: ١ - عورت، بادشاه ۽ ٻار وٽ، ضد جو ڏنگ آهي. انهن جي ضد کان وڌيڪ ڪو ضد ٿي ئي نه ٿو سگهي.

٢ - پيٽيو: راجا هٺ، ٻال هٺ، تريا هٺ، جوڳ هٺ، ڪڏهن نہ هٺ. (۵)

٦٨٧. نانيءَ رَليءَ ڪاڻ ٻين سان سمهي،
ڏوهٽي چي: ”ناني رَلي“. (پهاڪو)

هڪڙي ڏوهٽي، سياري جي شروعاتي راتين ۾، نانيءَ وٽ رلي وٺڻ لاءِ آئي. چي: ”ناني! تورا گهڻا سيءَ پون ٿا، مون کي رَلي ڏي!“

”ناني رلي لاءِ، ٻيجان پيڙي سوئي تي.“ نانهنس ٽٽائيندي ۽ عذر پيش ڪندي چيس: ”ناني رليءَ جي ڪارڻ، ٻين سان گڏ سمهي ٿي. سا رلي ڪٿان ڏيندي“.

مطلب: ١ - هڪڙو ماڻهو، پنهنجي گذر سفر لاءِ تنگ هجي. ڏاڙهي مچن ۾ ۽ مچون ڏاڙهيءَ ۾ ڏئي وقت گذاري. تنهن کان اگر قرض گهربو تہ سواءِ گارين جي، ڪي بہ ڪين نہ ڏيندو. (۵)

٦٨٨. ناڻو: نر نچايو ڇڏي. (چوڻي)

ناڻو: دولت، پئسو، روڪڙ.

دنيا جا مڙيئي ڪار ۽ وهنوار، پئسي سان نبرن ٿا. ناڻي سان هر شيءِ خريد ڪري سگهجي ٿي. ڪيترا ئي مسلا حل ٿين ٿا ۽ مطلب بر سر ٿين ٿا. سندس انهيءَ طاقت ڪي مڙيئي دنيادار مڃين ٿا. ساڻس ايتري عقيدت رکن ٿا جو ڪيس ڪن پنجون پير سڏيو تہ ڪن عيسىٰ موسىٰ کان وڌيڪ پير سمجهيو. ڪن تہ وڏي وجي ڪيس ڀڳوان جو روپ بہ سمجهيو. سندس آڏو پنهنجي مردانگيءَ ڪي هيچ سمجهي، اڇلائي ڦٽو ڪيائون ۽ سندس اشاري تي نچڻ لڳا. عورتن ڪي، پئسي خاطر سر بازار نچندي تہ ڏٺو ويو پر مشاهدي مردن کي بہ نچندي نظر مان ڪڍيو. ڪيترن ئي ڪفريہ شعرن منجهہ، ناڻي جي تعريف بابت اشارا پڻ ملن ٿا.

مطلب: ١- پئسي سان، ڇا نہ ٿو ملي؟
٢- پئسي سان، جا نہ ماسي، سا بہ ماسي.
٣- ناڻو، رتا وچوڙي.
۴- ناڻو، نر نوائي ٿو. (ٽر)
۵- ناڻو، نر چتو ڪري. (هندي)
٦- ناڻي جي گهرج، غيرت کان ڪدي ڇڏي ٿي.

### ٦٨٩. ناڻو هٿ ايندو، پر ٽاڻو هٿ نہ ايندو. (چوڻي)

دنيا اندر، خالي هٿين آيل انسان کي، زندگي گذارڻ لاءِ ڌن دولت ۽ موقعا مهلون پڻ ميسر اچن ٿا. ڪيس ٻنهي جو قدر ڪرڻ گهرجي. هٿ آيل دولت، هڪ دفعو اگر هٿان هلي وئي تہ اندر جا سورَ ڏئي ويندي. ڪيسا تہ خالي ڪري ويندي، پر هيانءَ بہ ڪوڪلا ڪري ويندي. ماڻهو ڪلندو پر چپن ۽ نڙيءَ تائين. اندرئون ٺهڪ نہ نڪرندس. اهڙو ڏٺيل هوندو جو پاسو بہ نہ ورائي سگهندو. حالانڪ اها سندس اندر جي ڪيفيت آهي. اگر غور ڪري تہ اها سندس ڀل آهي. منڊ کي جاچي تہ سندس مونجهہ جي ڳنڍ کلي ويندي. شروع ۾ آيو بنا ناڻي هيو. ڪيس، ناڻي وارو رب ڪيو. وري ڀيهر بہ ڪيس، ناڻو اهو ڏئي سگهي ٿو.

موقعا ۽ مهلون، قسمتي نهي ايندا آهن. اگر منجهانئن وقتائتو فائدو ورتو تہ واه نہ تہ سڄي عمر جا سور آهن. اندر کي گهائي، ڪايو وجهن. سڄي عمر، چپن تي فقط ابول! هاءِ! وقت ويو هليو! جهڙا گفتا هوندا ۽ ٻيو اڻ-ڪٿ پڇتاءُ ۽ پيڙا.

مطلب: ١- جيئن ناڻي کي سوگهو جهلجي ٿو، تيئن موقعي مهل کي بہ جهلجي.

٢- موقعي مهل کي، ناڻي تي ترجيح ڏجي. ناڻو ڏئي بہ مهل هٿ ڪجي.

٣- ناڻو ڪپائڻ ڪانپوءِ، ان کان بہ وڏيڪ ڪمائي سگهجي ٿو. جڏهن تہ ويل وقت، وري هٿ نہ ٿو اچي.

### ٦٩٠. ناهہ گندي، ناهہ سيءُ. (پهاڪو)

گندي: اوڇڻ، لٽو ڪپڙو، پوتي.

سيءُ کان بچڻ لاءِ، ترت اپائن ۾ ڪپڙو ڍڪڻ ۽ ڪمبل يا لوئيءَ سان پاڻ کي ويڙهڻو آهي. باهہ آڏو ويهڻ يا گهر اندر ڪمري ۾ بند ٿي ويهڻ بہ آهن پر ائين ڪرڻ سان دنيا جا ڪاروبار بند ٿي ويندا. اهو اپاءُ جنهن سان، سيءُ کان بہ بچجي ۽ ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ بہ لڳجي، سو آهي پوتي يا اجرڪ ويڙهڻ. جيترو ڪپڙا پاڻ کي ويڙهباء اوترو پاڻ کي اجا وڌيڪ ويڙهڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي. چو جو محنت مزوري ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي، لڱن تي ويڙهيل لٽو پڻ رنڊائيندو آهي. جنهن ڪري سستي جان تي چڙهندي ويندي آهي. ويني تہ سيءُ وڌيڪ لڳندو آهي. جنهنڪري ويڙهيل لٽي مان بہ سيءُ ٻيو محسوس ٿيندو. ان جي ٻيٽ ۾ اگر، لٽو پري ڪري،

ماڻهو ڪم ڪار سان لڳندو ته جسم ۾ چستي پيندا ٿيندي. رت جي گردش سان پيدا ٿيل گرميءَ سبب، پگهر نه آيو ته به سيءُ گهٽ محسوس ٿيندو. اوچڻ جي محتاجي نه رهندي.
مطلب: ١- وسيلا، وڏيڪ محتاج بڻائين ٿا.
٢- جنهن کي اوچڻ ناهي، تنهن کي سيءُ به نه ٿو لڳي.
٣- جنهن کي گهٽيون آسائشون آهن، پاڻ کي ڏکيو به اهو ٿو سمجهي.

## ٦٩١. نائين پيڙهيءَ به، نانيءَ-چڪ ٿئي. (چوٽي)

ماڻهوءَ جي طبيعت تي، پيءُ ماءُ جي طبيعت وارا اثرات، پڻ مرتب ٿيندا آهن. ٻار شڪل شبيهه ۽ مزاج ۾ يا ماءُ تي اڍ چڪيندو آهي يا پيءُ تي. هڪڙا ٻار بظاهر، شڪل شبيهه ۾ پيءُ وانگر هوندا آهن ته مزاج ۽ ورتاءَ ۾، مٿن ماءُ جا اثرات غالب هوندا آهن. سندن امڙ کي اهي طبعي ميلان وري وڏڙن واري لِڇ سببان وديعت ٿيل هوندا آهن. جيڪي سندس ڪنهن نه ڪنهن مٿ ۾، ڪنهن نه ڪنهن پيڙهيءَ اندر موجود هوندا آهن. ائين مشاهدي سان ڏٺو ويو آهي ته ڪن ٻارن تي ناناڻڪا اثرات، نائينءَ پيڙهيءَ تائين به هليا وڃن ٿا.
اهو ئي سبب آهي جو شادي ڪرڻ وقت، اڪثر ماڻهو ڪنوار جي ماءُ ۽ ناناڻا پڻ سنڀاليندا آهن. ڪني منجهن ڪا بري عادت ته ناهي، جنهن سان اڳتي هلي، اها سندن خاندان ۾ منتقل ٿيڻ سان بدناموسيءَ جو باعث بڻجي.
مطلب: ١- پيٽ ڄڻيي اولاد تي ماءُ، ماسيءَ/ نانيءَ جو طبعي اثر رهي ٿو.
٢- پيٽيو: نَوَ پيڙهيون، ناناڻو چڪي.
٣- ناني، نائين پيڙهي چڪي. (لاڙ)
٤- نانيءَ جي لِچَ/ اڍ، نائينءَ پيڙهيءَ تائين ظاهر ٿئي.

## ٦٩٢. نپٽ راجا، نپٽ پرجا. (پهاڪو)

نپٽ: ٻنهه، صفا، ڄائي ڄم کان. پرجا: رعيت.
راجا، رعايا مٿان راڄ ڪندڙ هوندا آهن. پر اهي هوندا به ان رعيت يا راڄ منجهان آهن. مٿان مڙهيل آسماني مخلوق نه هوندا آهن. اگر رعايا چري آهي ته منجهانئن نمودار ٿيندڙ راجا پڻ چريو ۽ بيوقوف هوندو. اگر رعيت ظالم آهي ته انهن جو حاڪم پڻ ظالم ۽ ناانصاف هوندو. (٣٥) ص ٢٥٥
مطلب: ١- جهڙو راجا، تهڙي پرجا.

٢- رعايا مفاد پرست هوندي ته راجا پڻ خود غرض هوندو.

### ٦٩٣. نه ڪسيئي ڪماڻ، نه پڙيئي ڄماڻ،
### نه ٽپيئي ڪُوئا، نه رَميئي جُوئا. (چوٽي)

ڪسيئي: ڪشڻ، تير هڻڻ. ڪماڻ: ڪمان، تير-ڪمان. ڄماڻ: ضمان، ضامن.
ڪُوئا: کوها، کوھ. رميئي: رهيئي، کيڏڻ.
١ - تير ڪمان هر هر نه ڪشجي، مبادا ڪنهن کي چُٽڻ پڇاڻان لڳي ويو ته ليٽي کي ديٽي پڙ جائين گي. چو جو ڇٽل تير موٽي ماڳ نه ايندو آهي.
٢ - ڪنهن جو ضامن پوڻ، نيڪي ۽ خيرخواهيءَ جو ڪم آهي. پر اڄ ڪلھ ٻئي سان خيرخواهي ڪرڻ، پنهنجي پاڻ کي بوهي ۾ وجهڻ برابر آهي. اعتبار وارو زمانو ئي نه رهيو آهي. مثال: ضامن گيري، تاوڻ گيري.
٣ - کوھ جي مٿان اورانگهي ٽپو نه ڏجي. مٿان پير ترڪي وڃي يا ٿُپُ کُٿي پوي ته حياتيءَ تان ئي هٿ ڌوئڻو پوي.
٤ - جُوئا جهڙي راند ڪرڻ به جان جوکم ۾ وجهڻ برابر آهي. جوئا مان ڪنهن ڪٿي کي بلدنگون ڪين اڏايون آهن. هٿانئي ٻئي جهان وڃايا آهن. مثال:

- جُوئا وڏو واپار، پر منجهس هار نه هجي.
- جواريءَ، ميٺي هار.
- جواريءَ جي جوءِ به پرائي.
- جواريءَ جي جوءِ ڪن ۾ ڪلي، ڪن ۾ ميڪي.

مطلب: ١ - متي ٻڌايل ڇئني ڪڌن ڪمن کان پاسو ڪجي ته بهتر.
٢ - ڪشيئي نه ڪمان، پڙيئي نه ضمان،
رهيئي نه جوئا، ٽپيئي نه کوها.
٣ - ٽپئي نه کوها، رميي نه جُوئا. (٣٥) ص ٢٣٣
٤ - ڪشڻ ڪماڻ، پوڻ ضمان، ڪرڻ زنا،
ٽپڻ کوها ۽ رهڻ جوا، پنج ئي موئا. (١٢) ص ١٤٢ ۽ (٢٢) ص ٢٤٧.

### ٦٩٤. نکو گھر تڙ، نکا گھر واري،
### ڇڙي کي ننڊ پياري. (چوٽي)

تڙ: کوھ. ڇڙي کي: اڻ پرڻيل کي، وانڍي کي.

جنهن ڪي گهر، ٽڙ ۽ زال ناهي، ان ڪي ڪنهن بہ ڪم جو الڪو ناهي. ننڊ ڪندو تہ ڏاڍي سٺي ننڊ ايندس، ڇو جو بي فڪرو آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جو ڳڻتي ڀارو ناهيس.
ان جي ابتڙ، جنهن کي گهر ۾ گهر واري آهي، تنهن کي گهر-گرهستيءَ سببان مٿي کنهڻ جي فرصت ئي نہ ملندي. ننڊ ڦٽل هوندس. مٿن مائٽن سان بہ پڄنديءَ سارو پير پريندو. دوستي بہ وس آهر رکندو ۽ نڀائيندو. ٻاهر بہ هڻ-وٺ ۾ هوندو تہ گهر ۾ بہ رڳو وَٺُ-پاڄا هوندس. سڪون واري ننڊ نہ هوندس.
مطلب: اڪيلي ۽ ٿوهيي ماڻهوءَ کي سواءِ ننڊ جي ڪم ئي ڪونهي. (۴) ص ۲۴۲.

## ٦٩٥.   نڪي ڇٽو فقير مري، نڪي پوتاڙيي جو پوت وڃي. (چوٽي)

پوتاڙيو: ٿر ۾ عام وهم آهي تہ ڪجهہ ماڻهو سچي ثابت ڪين ٿا مرن. ڇو جو انهن جا همزاد (ڳڏ ڄاول) پوءِ بہ جيئرا ٿا رهن. جن کي پوتاڙيو سڏيو وڃي ٿو.
ڇٽو فقير چانيهو، ميرن جي وقت ۾ شهر مٺي لڳ رهندو هو ۽ مٺي شهر ۾ گهمندو ڦرندو هيو. فقير مئو تہ بہ سندس ويساه وارن هندن ڪين مڃيو ۽ چيائون تہ: پوتاڙيو آهي.
ڇٽي فقير کي، مٺي کان ڏکڻ-اوير ٽي ميل ڪن، مٺي-اسلام ڪوٽ واري رستي لڳ، مقام ۾ دفن ڪيائون، جنهن تي پوءِ نالو ئي پئجي ويو: ”پوتاڙيي جو مقام“ اتي رات جو رستي سان ويندڙ ماڻهو، اسرار ڏسندا آهن.
مطلب: ١ - عام خيال آهي تہ ماڻهوءَ سان، سندس پنهنجو جن ڳڏ آهي. اهو همذات وارو ويساه آهي: يعني جنات غيبات جو ويساه. صحيح لفظ همزاد آهي يعني ڳڏ ڄاول. هر ماڻهوءَ سان ڳڏ، هڪ جن ڄاپي ٿو ۽ ماڻهوءَ جي پاڇي ۾ رهي ٿو. جڏهن ماڻهو گذاري ٿو وڃي تہ جن بہ گذاري ٿو وڃي. پر ڪو ماڻهو تہ مري ٿو پر جن نہ ٿو مري، جيڪو پوت ٿي پوي ٿو.
٢ - جيڪو مرڻ پڄاڻان بہ پوئتي اڻ سلجهيل مسئلا ڇڏي وڃي، تنهن بابت ائين چوندا آهن. (٢٢) ص ١١٧.

٦٩٦. نماڻيءَ جي نڪ تي، بُوليءَ سندو بار. (چوڻي)
بولي، ڪنواري ڇوڪريءَ کي نندي هوندي مائٽ پارائيندا آهن، جيڪا ان جي عصمت جي نشاني آهي ۽ ڪيس شاديءَ جي ڏينهن تائين پائڻي آهي. لاهيندي تڏهن، جڏهن گهوٽ شاديءَ جي نٿ پارائيندس. نٿ پائڻ واري ڪنوار کي، باقي عمر، مڙس سان وفادار ٿي رهڻو آهي. (٣٥) ص ٢٥٣
مطلب: ١- عصمتدار عورت، ساري عمر پنهنجي عصمت تي داغ اچڻ نه ڏيندي آهي.

٦٩٧. نم جا پن، ان جا راکي. (چوڻي)
ٿر اندر، سڪار ۾ پيدا ٿيل هر ڪائڻ جي شيءِ کي، سڪائي محفوظ ڪري، رکڻ/ سانڍڻ جو رواج آهي. اهي شيون ڏڪار يا قحط وقت ڪم اينديون آهن. ڇيڙ، ڪنديءَ جا سگر، پيرون، ٿوهر جا ٻج، گوار جون ڦريون، چانهين جا ٻج ته ڇا لسي به ڪاڙهي ڦٽائي ڪپڙي ۾ ڇاڻي، ٻچيل ڦوڏر سڪائي رکبا آهن. جيڪي مشڪل وقت ۾ ڪم ايندا آهن. اناج ته ساهه وانگر سانڍيو ويندو آهي. سانڍي رکڻ وقت، نم جا پن ملائي، گُندِين يا ڪوٺلن جا منهن مٽيءَ سان راڳي ڇڏبو آهي.
اَنَ کي جيت کائيندو آهي. نم جي پنن کي ڪڙاڻ سبب، جيت نه لڳندو آهي. نم جي صحبت ۾ رهڻ سبب، ان به جيت لڳڻ کان محفوظ رهندو آهي. (٣٥) ص ٢٣٧
مطلب: ١- صحبت جو اثر آهي.
٢- چگن سان چاهه پئي، جي من ميڙ ڪيائين، رگجي ته لال ٿيندو، نه ته ڪڪوربو ته سهي.
٣- چورن سان چاهه پئي، جي من ميڙ ڪيائين، پوندو ته ڪاٺ، نه ته ڪوٺائبو ته سهي.

٦٩٨. نمين پن پنيو، ته برکا آئي ڙي آئي. (ڍاٽڪي، چوڻي)
نم جي وڻ جا پن، رنگ بدلائي وڏيڪ گهرا ساوا ٿين ۽ ڏسڻ ۾ پنل نظر اچن ته، اهو مينهن اچڻ جي اچڻ جو اهڃاڻ آهي. جڏهن، جولاءِ ڏاران، نمن جا نمو-دار ٿين، تڏهن برسات اچڻ جو اوسيئڙو ٿئي. (٣٥) ص ٢٣١
مطلب: ١- نم جو پن پنل ته مينهن آيو ڙي آيو.

٦٩٩. نندي مري نہ مايڙي، وڏي مري نہ جوءِ،
ور وريتيءَ نا مري، جو جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (چوٽي)

مايڙي: ماءُ. وڏي: ڪراڙپ ۾. ور: مڙس. وريتي: جوان جوءِ. جهٽڪ- وهيٽي: طعنن تنڪن هيٺ.

١ - ٻارائپ ۾ ماءُ مئي تہ جڻ ماٺهو/ ٻار، پاڻ مري ويو. ٻچي جي سار سنڀال، ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي. ٻي مائي تہ نهيو پر سڳي ماسي بہ نہ ڪري سگهندي. ان ڪري ٻالڪ جي ماءُ نہ مري.

٢ - ٻڍاپو: ٻيو ٻالپو، سڏيو ويو آهي. ڪراڙو ۽ ڪمزور مرد بہ، وري زال جو محتاج رهي ٿو. سواءِ زال جي ٻي ڪا بہ عورت، پلي سڳي ڌيءُ هجي، پوڙهي جي ٿهل ٽڪور نہ ڪري سگهندي. ان ڪري ڪراڙي جي جوءِ نہ مري.

٣ - عورت جوان آهي تہ مڙس بہ مليس ٿو. ڪراڙي يا رنڙ ٿي ٿي پوي تہ ڪيس پري پري تائين، مڙس ڳولهيو نہ لڀندو. اڳئين مڙس جو، جوانيءَ ۾ ڏنل ڏهاڳ وارو ٽڪو، سندس پيشانيءَ تي ساري عمر جڻ چنبڙي ٿو پوي. ان ڪري جوان عورت جو مڙس نہ مري تہ چڱو.

مطلب: ١ - ٻار، ماءُ ڪان سواءِ چورو. جوان عورت، مڙس ڪان سواءِ اياڻي. ڪراڙو مڙس، زال ڪان سواءِ نڌڻڪو.

٢ - نندائپ ۾ ماءُ، جوانيءَ ۾ مڙس، ڪراڙپ ۾ زال نہ مرن.

٣ - مرد کي نندڙائپ ۽ ڪراڙپ ۾، عورت جي خدمت جي ضرورت هوندي آهي.

۴ - نندڙي مري نہ ماءُ، ٻڍڙي مري نہ جوءِ،
ڪنت چوڙيلي نا مري، مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (هندي)

۵ - نندڙي مايڙي نہ مري، ٻڍڙي ٻايڙي نہ مري. (ڪڇي)

٦ - نندي وجي نہ ماءُ، وڏي وجي مَ جوءِ. (لاڙ)

٧ - نندپڻ ۾ پيءُ جي جدائي، اڌڙوٽ عمر ۾ زال وڃائڻ، مرڻ بعد پنيان ڪو وارث نہ ڇڏڻ، اهي دنيا جا ٽي واڌا اياڳ آهن. (چيني)

٧٠٠. ننگر جهڙو شهر، جنهن ۾ نمرياڙي لهر. (چوٽي)

ننگر پارڪر: اهو شهر جيڪو ڪاريءَ جي پار يعني لونيءَ جي پرينءَ پر آهي. ڪارونجهر ٽڪريءَ جي هنجھ ۾ واقع آهي.

ننگر پارڪر ۾ نم جا وڻ گهڻا آهن. اتي نم جي وڻن جون لهرون، لڳيون پيئون آهن. جتي نمورين مان تيل پيڙي ڪيندا آهن. اهو تيل، بواسير لاءِ ڪارائتو آهي ۽ موڪن کي هڪدم ٺاريو ڇڏي.
مطلب: ١ - ننگر پارڪر ۾ نمون جام آهن. (١٧) ص ٦٢.

## ٧٠١. نوٽ ناٽا، بيند پرٽي ڪاٽا. (پهاڪو)

بِيند: گهوٽ
ناٽو، نوٽن جي صورت ۾ هڪيو حاضر هجي تہ ڪاٽا بہ گهوٽ ٿيو وجن. چو جو هر ڪو، نياٽيءَ لاءِ، سڪيو گهر تاڙيندو آهي. سڪيي ستابي جا جسماني عيب، دولت جي ڍير ۾، لڪي ويندا آهن. ان جو فقط ڌن يا دولت نظر ايندا آهن. ڌن/ دولت کي، ڪن جاين تي پڳوان جو روپ/ راض سمجهيو ويندو آهي.
دولت سان، صحت سڌري ٿي. من جون مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. عيب لڪي وجن ٿا. دِل-گهري شيءِ هڪي حاضر ٿيو وجي.
اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هر شيءِ نيبهہ ان کي ئي ٿيندي، جنهن جي قسمت ۾ لکيل هوندي.
مطلب: ١ - ناٽي واري جا عيب، ظاهري اک سان نظر نہ ايندا آهن.
٢ - لڇمي، ڪلچڻ ڍڪٽي.
٣ - مايا کي، نمسڪار.
٤ - سڪيي جا سَوَ سالا، بکيي جو پيٽيو بہ نہ.
٥ - غريب جي ماءُ، چو ويائي؟
٦ - غريبي، جگ جي بيبي. (٥)

## ٧٠٢. نُوَ پيڙهين، ناناٽو چڪي. (چوڻي)

سمورا انسان، هڪ ئي آدم جو اولاد آهن. عضون جي لحاظ کي، سمورن کي ساڳيا ۽ هڪجيترا هٿ پير مليل آهن. هڪ جيتريون اکيون ۽ ڪن، نڪ ۽ وات آهن. ٿوري گهڻي رنگ ۽ وسپ جي ڦير، عادت ۽ اطوار جي مٽ کان علاوه سمورا هڪجهڙا آهن.
پيءُ، پٽ جهڙو تہ ڌيءُ، ماءُ جهڙي هوندي. ائين سندس ماءُ وري پنهنجي ماءُ جهڙي هوندي. ويهين اوٽويهن جي فرق سان ڏوهٽي ۽ ناني،

هڪجهڙيون هونديون. لِڇَ لِڇَ سان ملندي پئي ايندي. رنگ ۽ عادات، اطوار ۽ لڇ، پيڙهين تائين قائم پئي رهندي.
عام عقيدو آهي ته: نانيءَ جي اَڌَ، لڇ يا ڍنگ جو اثر، نون پيڙهين تائين هلي ٿو. جنهن ڪري شادي ڪرڻ وقت، ڪنوار ڪنهن خاندان مان چونڊي ونجي ته جيئن ناناڻن جا نائين پيڙهين تائين پوندڙ اثرات به عزت ۽ وقار کي چمڪائيندا رهن. ڪريل خاندان مان شادي ڪرڻ سبب، پيڙهين تائين خاندان جي فردن تي اثر رهن ٿا. الغرض شاديءَ وقت، ڪنوار کي جاچڻ سان گڏ، تيڻ واري سس جا به لڇڻ ضرور ڏسجن.
مطلب: ١ - ماءُ جي ٿڃ جا اثرات، نون پيڙهين تائين پون ٿا.
٢ - نانيءَ-ڪريءَ سان شادي ڪرڻ کان، پاسو ڪجي.
٣ - نانڱ، نائين پيڙهيءَ تائين ڇڪ ڪري.
٤ - ڳانءِ ڌڻ مان آڃي، ماءُ ڄڻ مان آڃي.
٥ - مارواڙي، نه ڳاءِ چڱي نه ماءُ چڱي.
٦ - پيٽيو: نيڪري نان جهڙي، ڏيڪري مان جهڙي. ٣ - (٦) ص ١٣٥.

٧٠٣. نهڙين جي راڄ ۾، شل نه پوي رات،
رڏين رب سنهڙي، مُتن ساري رات،
اهڙي اٿن ذات، جو وجهي نه وٿن. (چوٽي)
نهڙي، ٽر جي ذات آهي. مٿن غربت سبب اها چيڙ يا چٽر نهيل آهن. اهي سياري ۾ سنهڙي رب پين ٿا، جنهن سببان کين پيشاب جهجها ۽ جالارا ٿين ٿا. پيشاب جي فطري تقاضا، هر انسان سان لاڳو آهي پر جهجهائي عيب هئڻ سبب، نهڙين جي ڳلا جو سبب ٿئي ٿي. ٽوڪ يا چٽر کان سواءِ، منجهانئس ٻي ڪا مراد ناهي. چو جو اهي مهمان کي به سنهڙي رب ڪارائين ٿا ۽ خاص خدمت نه ٿا ڪن. جنهن سبب اها ڳلا ٿي اٿن.
مطلب: ١ - جهڙو مهمانن سان ورتاءُ ڪبو يا هلت هلبي، اهي به اهڙي ئي تعريف يا ڳلا ڪندا.
٢ - راهوجن ۾ رات، قادر نه وجهي ڪنهن جي،
رنون رب رلايون، آهر اڳلي وات،
پليجن کان پاٽ، پرجي آئي پت جي.
٣ - آريجن مان آسرو، لاهي لنگها ويهه،
پني پرائو ڏيهه، اچي ڪاءُ آريجن ۾.

### ٧٠٤. نيات سين، ڇيھ نہ پلو. (چوڻي)

نيات: برادري.
پنهنجي ذات/ برادريءَ يا رشتيداريءَ کان ٻاهر نڪرڻ ۾ گهڻا نقصان آهن. تنهنڪري وس وارو، ماڻهوءَ کي متي مائٽي چنڻ نہ گهرجي. اگر چنائين تہ هيڏانهن جو رهندو، نہ هوڏانهن جو رهندو. (٣٦) (ص ١٢٥)
مطلب: ١ - ماڻهوءَ کي پنهنجي برادريءَ ۽ رشتيداريءَ کان ٻاهر نہ ٽپڻ گهرجي.

### ٧٠٥. نيپيو گهونپيو آنگڻو: اوڍي پيهري نار. (چوڻي)

نيپيو: لنبيل. گهونپيو: راٻيل. آنگڻو: اوٽو، اگڻ. اوڍي: ڍڪيل. پيهري: پاتل. نار: عورت.
١ - اگڻ: ان گهر جو پلو آهي، جيڪو ليپيل ۽ راڳيل، ميڙيل ۽ ٻهاريل، صاف ۽ سٿرو هجي. اڄڪلھ شهرن ۾ تہ ڪانڪريٽ جا بلاڪ، سرن جا فرش يا ماربل ۽ چپس سان سينگاريل پٽر ٿين ٿا. ٻهراڙين ۾ وري پٽرن کي راڳو وغيره ڏئي، مَنُ ڪن ٿا. اهڙي سٿريل پٽ تي ويهڻ ۽ اونهاري جو رات جي وقت، کٽ وجهي، سمهڻ لاءِ دل پئي چوندي. ڪٽ‌ٻڙ ۽ اڻ ٻهاريل اگڻ تي ويهڻ ۽ رهڻ ۾، ٻچان پئي ايندي. ان کي اگڻ ڪوٺڻ لاءِ بہ، ڪير تيار نہ هوندو آهي.
٢ - زال/ عورت بہ، اها پلي آهي جيڪا گهر ٻار سئين پنهنجي جان ۽ ڪپڙي لٽي کي صاف سٿرو رکي. ڇيڄري ۽ اڊنگي، گدلي ۽ ميرن لٽن واري عورت ڏانهن وڃڻ لاءِ، سندس مڙس جو بہ ارواح ڪو نہ ٽيندو.
مطلب: ١ - راڳيل لنبيل اوٽو: صاف سٿري زال.
٢ - اوٽو اهو چڱو، جيڪو لنبيل ۽ راڳيل آهي. زال اها چڱي آهي، جيڪا سٺائتي، سگهڙ ۽ صاف سٿري آهي.
٣ - صفائي سٿرائي، پاڻ ڏانهن ڪشش رکندڙ آهي. گدلائپ کان هر هڪ کي نفرت پئي ايندي آهي. (٦) ص ١٣٥.

### ٧٠٦. نيچَ-ڪَنڌو ٻڙڏيو، اونچَ-ڪَنڌي نار،
راھَ-رڙٽو ڏاڳو، ڪٽل زميندار،
هيڪل-هَٿو واڻيو، اهي پنج ئي بيڪار. (چوڻي)

نيچ: هيٺ. نيچ-ڪنڌو: لاڙيل ڳاٽو، ڳاٽي لڙيل. ٻڙڌيو: ڏاند. نار: عورت.
راهه-رڙٽو: اٽندي ويهندي ڪنجهڪو ڪندڙ، رستي هلندي رڙندڙ.
ڏاڳو: ڏاگهو، اٺ. هيڪل-هٽو: هڪ هٽي ڪندڙ.
اونچ-ڪنڌي: اوچي ڳاٽ هلندڙ، سنئين ڳاٽ اچڻ.

١ - ڏاند ڪي هر ۽ سانهر، ڳاهه ۽ هلر، نار ۽ چيچڙي، گهاٽي ۽ ڏاند گاڏيءَ ۾ ڏُڪايو ويندو آهي. سواءِ نار ۽ گهاٽي جي، مڙني منجهه ڏاندُ جوڙيءَ ۾ ڏُڪندو آهي. جوڙيءَ ۾ وهڻ وقت، ٻنهي جي ڳچين ۾ هڪ ئي پاڃاري جوٽبي آهي. جيڪو ڏاند ڪوڙو هوندو آهي، سو پاڃاريءَ پوڻ وقت، پيو ڪنڌُ هيٺ ڪندو ته جيئن پاڃاري ڳچيءَ وٽان واپس نڪري وڃي. ان جي پيٺ ۾ سوڪو ۽ سچو ڏاند، ڪنڌ مٿي ڪيو پيو هلندو ۽ ڪلهن تي آيل بار کي ليڪيندو ئي ڪين.

٢ - شرم/ حياءَ سان ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ، عورت جو مان ۽ مرڪ آهي. ان جي برعڪس اگر ڪا عورت ڳاٽ اونچو ڪيون پئي ڦرندي ته ڪيس ڪو بہ حيادار نہ سمجهندو ۽ نہ ئي وري سندس شان مان، ان ۾ آهي.

٣ - رڙيون ڪرڻ وارو، ڦيڪاريءَ مثل آهي. سندس رڙين تي هر ڪو بيزار ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ بار ڍوئڻ وارو، فائديمند آهي. اٺ بار ڍوئي ٿو ۽ سواريءَ لاءِ پڻ ڪم اچي ٿو. پر جڏهن اهو بہ اٿندي ويهندي رڙي ۽ راڙيون ڪري ٿو تہ بيزار ڪري وجهي ٿو. سندس بار ڍوئڻ واري خوبي، سندس رڙين واري عيب ۾ لڪيو وڃي. بار ڍوئڻ ۽ سواريءَ ڪرڻ وقت، مٿي جو سور ٿيو پوي.

٤ - زميندار اهو پلو، جيڪو امير هجي. ڇو جو زمين کي ناهڻ لاءِ، مٿس محنت سان گڏ، پئسو بہ لڳندو آهي. اگر پئسو نہ هوندو تہ، نہ زمين سڌي ڪري سگهبي ۽ نہ وري پاڻيءَ جو مٿس بندوبست ڪري سگهبو. هاري ناري لڏائي، سندن لاءِ گهر اڏائي، ڪين ويهارڻ وغيره جهڙا خفا، پئسي وارو زميندار ئي ڪري سگهندو. جيڪو اهي خرچ ڪري سگهندو، سو ئي زمين مان فائدا وٺندو.

٥ - جتي گهڻا دڪان آهن، اتان سستي، سٺي ۽ من پسند شيءِ خريد ڪري سگهبي. جتي آهي ئي هڪ هٽ، اتي هڪ-هٽيءَ سبب، شيءِ مهانگي ۽ جهڙي هوندي، تهڙي ڪٽڻي پوندي. هڪ-هٽيءَ واري شيءِ کي، وڏو اگهه ٿيندو آهي. خاص ڪري ٻهراڙيءَ جو دڪاندار/ واڻيو، هڪ-هٽي ڪندڙ هوندو آهي.

مطلب: ١ - ڏاند اهو ڀلو، جيڪو ڪنڌ نہ ڪڍائي. عورت اها ڀلي، جيڪا ڪنڌ هيٺ ڪري هلي. اٺ اهو ڀلو، جو رڙيون نہ ڪري. زميندار اهو ڀلو، جيڪو پئسي وهائڻ وارو هجي ۽ هٽ اهو ڀلو، جيڪو مارڪيٽ اندر هجي.
٢ - مٿي ٻڌايل پنج ئي بيڪار آهن. منجهائن ڪو فائدو ڪونهي. (١٢) ص ١٥٠.

### ٧٠٧. نيوان رو ناهہ ڪونهي، نگڙڻ رو وارو وار. (پهاڪو)

نيوان: چونئري يا لانديءَ جي ڪکن جا ڇيڙا، جتان برسات وقت پاڻيءَ جا ڇڻاڪا ٽمندا آهن. نگڙڻ: نوڙڻ.
انهن لڙڪندڙ ڪکن مان ٽمندڙ پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ، هينان اچي نوڙڻو پوندو آهي. هڪ جي لانديءَ ۾ اهي هجن ئي نہ ۽ مالڪ ڏيکاءَ خاطر وينو نوڙي، سو برو لڳندو آهي. (٣٦)
مطلب: ١ - ڏيکاءُ بہ هوند تي ٺهندو آهي.

## و

### ٧٠٨. واپاري وستي/ ورڌتي، لڪشميهہ. (سنسڪرت، چوڻي)

واپار منجهہ ٽن مُوڙين جي سيڙپ ٿئي ٿي: جان، مال ۽ وقت.
١ - جان مان مراد: پنهنجو عقل ۽ هٿ هلائڻ آهي. پنهنجي عقل بجاءِ ڌارين جي عقل ۽ تجربي، محنت ۽ مزدوريءَ تي ياڙبو تہ نقصان پرائبو.
٢ - مال مان مراد: ملڪيت يا پئسو آهي. پئسي کان بغير، نہ ڪو وکر وٺي ۽ ويچي سگهبو ۽ نہ رکي يا ٻئي هنڌ پهچائي سگهبو. پئسو، پنهنجو هوندو تہ مرضي بہ پنهنجي هلندي. ٻيو پئسو سيڙائيندو تہ مرضي بہ اهو هلائيندو. پئسي کان بغير، عقل بہ منجهي پوندو. عقل وارو هڪ راءِ ڏيندو، پئسي وارو ٻي ڏيندو. عقل واري کي ڇڏي پئسي سيڙائڻ واري جي راءِ تي هلبو. پوءِ معاملو اونڌو ٿئي يا سنئون، پر هلبو زر واري جي ذهن تي.
٣ - وقت مان مراد: اها آهي تہ واپار جي معاملي کي پاڻ بہ هلهي ملهي هلي جاچجي. نوڪرن چاڪرن جي آسري تي، ڪين ڪمائي سگهبو.

مٿين ٽنهي ذريعن منجهان، پئسي کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڇو جو عقل ۽ تجربو، نوڪر چاڪر ۽ محنت مزدوري، اگر پاڻ ڪان نہ پڳي تہ پئسن تي خريد ڪري ونبي. جڏهن تہ بغير پئسي جي ڪو بہ ڪم يا وٿ نہ وٺي سگهبي. جڏهن ڪا شيءِ وٺڻ ۽ ويچڻ جي سگهہ نہ هجي تہ پوءِ واپار ڪهڙو؟ واپار آهي ئي وٺڻ ويچڻ، جيڪو پئسي سان ممڪن آهي.
مطلب: ١ - واپار ۾ لڇميءَ جو واسو آهي.
٢ - زرِ بيسار: واپار.
٣ - جنهن جي زر، تنهن جو ذهن. (١) ص ١٨٦.

## ٧٠٩. وارا، ڏارا. (چوڻي)

ڏارو: ڪڏهن هُن لاءِ پوي: ڪڏهن هِن لاءِ. وارا بہ ائين آهن: ڪڏهن تو کي ملي تہ ڪڏهن مون کي. اهو ئي سبب آهي جو ڪي ماڻهو، پنهنجو آئنده جو لائحه عمل ڏارا هٽائي، طئي ڪندا آهن. اهي انهن جا انومان هوندا آهن. حالانڪ، ان ۾ ڪا حقيقت نہ هوندي آهي. ڇو جو اصل فيصلو تہ قادر مطلق طرفان اچي ٿو.
مطلب: ١ - وارو، ڏاري وانگر آهي، جنهن جي نصيب ۾ هجي.

## ٧١٠. وار واراتي، جنڊ اباڻو. (پهاڪو)

اڳاتي دور ۾ اَنُ، جنڊ/ چڪيءَ تي پيسندو هيو، جيڪو هٿ سان هلائڻو پوندو هيو. هر گهر ۾، جنڊ ميسر نہ هوندو هيو. جنهن گهر ۾ هوندو هيو، پاڙي اوڙي جون عورتون، ان ڪٽي اتي پيهڻ ايندون هيون. جنڊ تي رش هئڻ سبب، پيهڻ وارين عورتن کي، پنهنجي واري اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو هيو. اهو جنڊ پلي ڪنهن عورت جي پيڪن جو ڇو نہ هجي پر پوءِ بہ کيس اتي پنهنجي واريءَ جو انتظار ضرور ڪرڻو پوندو هيو.
هن پهاڪي جي ٻي مراد اها بہ آهي تہ: ڏکيو ڪم، جيڪڏهن پلي ابي جي گهر جو آهي تہ بہ نياڻيءَ کي پنهنجي واري تي اهو نباهڻو ضرور آهي.
مطلب: ١ - هر وڏي ماڻهوءَ کي، تقدير جي ڦيري ۾ هڪ ڏينهن اچڻو ضرور آهي.
٢ - هر ڪم، واري تي ڪرڻ گهرجي.
٣ - هر ڳالهہ ۾ وارو وٺائڻ ضروري آهي.

۴ - جنڊ پلي ابي جي گهر جو هجي، ته به واري سان هلائي، منجهانئس فائدو وٺبو.
۵ - قسمت جي چڪر ۾، هر ڪنهن کي پنهنجي واري سان اچڻو آهي.
٦ - جنڊ به وار، ٻٽ به دار.
٧ - اباڻي جنڊڙي، وارائتي وار. (ساهتي) (٦) ص ١٣٦.

## ٧١١. وارياسو پٿر، پاڻيءَ ۾ ڪري ته سلامت نه رهي. (پهاڪو)

مٽيءَ اندر ٽيئن قسمن جا ذرڙا هوندا آهن: پٿر (stone)، ريت (sand)، لٽ (silt) ۽ چيڪي مٽي (clay). چيڪي مٽيءَ ۾ ڄنبڙڻ جي خاصيت هوندي آهي. پاڻيءَ ۾ ڳوهي غليل ناهبو ته پڪيرڙو هوندو. اگر باهه ۾ پچائبس ته سخت ٺڪر ٿي پوندو. چيڪي مٽيءَ جو سنهو داڻو، قد بت ۾ لٽ جي داڻي کان ننڍو ٿيندو آهي.
لٽ جو داڻو، چيڪي مٽيءَ جي داڻي کان وڏيرڙو پر واريءَ جي داڻي کان سنهو ٿيندو آهي. منجهس به ڄنبڙڻ جي صلاحيت آهي. ڪنهن اڏ يا شاخ جي ترِي ۾ لٽ لڳندو آهي ته ڪوڏر سان به پٽي نه سگهبو آهي.
واريءَ جو داڻو، بجريءَ يا پٿر کان ساخت ۾ ننڍو هوندو آهي. پر منجهس ڄنبڙڻ واري خاصيت نه هوندي آهي. داڻو داڻي کان، سک توڙي ٻوڏ ۾، الڳ ٻيٺو هوندو آهي. اگر منجهس چيڪي مٽيءَ جي دز پوي ۽ برساتي پاڻيءَ تي ڳوڙهو نهي ته اهو پٿر وانگر سخت نه هوندو. ٿوري پاڻيءَ جي ڇنڊ تي، سندن اهو جوڙ (bond) ٽٽي پوندو. اگر اهو واريا سو پٿر، پاڻيءَ جي اندر ڪريو ته ڇيهون ڇيهون ٿي ڀُري پوندو ۽ پاڻيءَ اندر پڪڙجي پٽارجي ويندو. ڳوڙهي جي صورت ۾ وري هٿ نه ايندو.
مطلب: ١ - جن خاندانن جا پاڻ ۾، اندران اندران اختلاف آهن ۽ ٻڌي يا سلوڪ ناهي، سي باهرئين ٿوري دٻاءَ سان ڇڙوِڇڙ ٿي ويندا آهن.
٢ - ڇدي دوستيءَ کي، ٿوريون غلط فهميون به ٽوڙي ڇڏينديون آهن.

## ٧١٢. واريءَ کي واتون گهٽيون، ٽڙيءَ کي ٿابا گهڻا. (پهاڪو)

ٿر جي علائقي ۾، واريءَ تي ڪو به پڪو رستو نه نهي سگهڻ ڪري، جيڏانهن رخ رک تيڏانهن راهه آهي. ان ڪري مسافر، مٿس سفر دوران، اگر سونهون ناهي ته پٽن ۽ رستن جي هڪجهڙائيءَ سبب، اوجهڙ ۾ گم

ٽي سگهي ٿو. خاص طور تي رات جي وقت، سفر ڪرڻ اهنجن ڪان خالي ناهي. اهي ماڻهو جيڪي ستارن جي رستن ۽ راهن جي ڄاڻ رکن ٿا سي تہ هٽي ڏُٽي رستو ڳوليو ڪَين. باقي اڄاڻ ۽ اڻ-سوهان، هڪ هنڌان ٽڙڻ بعد، گهٽا ٽاٻا کائي، نيٺ مري وڃن ٿا.

مطلب: ١ - وريءَ کي واٽون گهٽيون، ٽڙيءَ کي ٽاٻا گهٽا.

٢ - تر جي گٽي، سوَ چوٽون کائي.

٧١٣. واريءَ وارو پنڌ، مٽي تي بار،
تِرَ ڪريا واٽ ۾، اٺ مٽي هسوار،
مڙس هجي پير مرد، ننڍڙي هجي نار،
ڪيٽ ۾ رڳو پُرٽ، تنهن ۾ پوکجي گوار،
چار ئي ڏک جا ڏار. (چوٽي)

ڪيٽ: ڪيٽ، ٻني. ڏار: وڻ جي شاخ. پُرٽ: ننڍڙي ٻج واري ول، جنهن جي ٻج ۾ ڪنڊا ٿين، جيڪي رڍ/ ٻڪريءَ کي، منجهن چرندي، ڏاس ۾ چنبڙي پون ۽ تنگ ڪن.

١ - واريءَ ۾ پيرُ، ٻجاءِ ڦٻڻ ۽ اڳتي هلڻ جي، پوئتي پيو ويندو آهي. جيڪا وک ڪٽبي، سا اڳتي ٻجاءِ پوئتي پئي ويندي. ويتر جو مٽي تي بار/ وزن رکيل هوندو تہ پوءِ سفر ڪرڻ هٿائين مشڪل ٿي ويندو.

٢ - اٺ تي سوار ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪم لاءِ، مٿانئس لهڻ چڙهڻ اوکو لڳندو آهي. ويتر جو واٽ تي سندس هٽن مان، تِرَن جهڙو سنهو اَن ڪري وهي وڃي، سو ميڙڻ تمام اهنجو ڪم آهي.

٣ - ننڍي نيٽي زال جي خواهش، ڪراڙي عورت ۽ ڪراڙي مرد جي پيٽ ۾ تڪڙي جاڳندي آهي. جنهن ڪري ڪراڙي مرد مان، جلد بيزار ٿي پوندي آهي.

٤ - جنهن ٻنيءَ ۾ پرٽ پاڻ مرادو ٿيندا هجن، ويتر ان ۾ گوار جهڙو ڪهرو ۽ سنهن وار-دار ڪندن جو فصل پوکجي تہ لڻڻ ۽ پٽڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي.

مطلب: ١ - مٽي ٻڌايل چئن حالتن ۾، پاڻ سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

٢ - واريءَ سنڌو پنڌڙو، مٽي متان بار،
تر ڪريا سڄي پنڌ ۾، اٺ مٽي هسوار،

مڙس هجي پير مرد، نندي هجي نار،
ڪيٿ پرٽن وارو، تنهن ۾ پوڪجي گوار،
اهي پنج ئي ڏک جا ڏار. (چوڻي) (٢) ص ١٤٠.

### ٧١٤. واڙ ڏني ڪيٿ نان، ڪيٿ واڙ نان ڪائي، راجا ماري رعيت نان، جيري ڪوڪ ڪٽي لڳ جائي. (چوڻي)

ڪيٿ: ڪيٿ، پوڪ. واڙ: لوڙهو.
١ - جيڪي پوڪ پوڪيندا آهن، سي ان جي سيوا ڪرڻ سان گڏ، سار سنڀال پڻ لهندا آهن. پوڪ، پڪي پڪڻ/ جهار جو شڪار رهڻ سان گڏ، مال جي ڀيل جو شڪار پڻ ٿي سگهي ٿي.
پڪي پکڻ، ٻلي يا جهار ڪان بچاءَ لاءِ ڪانگ تڙيا ويهاربا آهن. پيها ناهي، ڪانپاٽين جا ڳوڙها هٽي، ’هور هور‘ پئي ڪبي آهي ته جيئن جهنگ ٻلا ٿهي پچي وجن. تنهن هوندي به مال متاع جي ڀيل جو خطرو اوس رهندو آهي. ان لاءِ پوڪ جي چوڌاري ڪي ڪوٽ ته ڪي لوڙهي جي واڙ ناهيندا آهن ته جيئن ڪو جانور پوڪ ۾ ٽپي نه پوي.
ايڏي جهد ڪرڻ پڄاٽان، جيڪڏهن واڙ خود، پوڪ کي کائي ته پوءِ پوک جو ڇا حشر ٿيندو؟ پوڪ ته ضرور زيان ٿيندي.
٢ - راجا، رعيت جو رکوالو هوندو آهي. ٻاهرين غاصبن ڪان توڙي اندرين اهنجن ڪان، اڙيءَ اڏيءَ ۾، رعيت جو واهرو هوندو آهي. ان جي برعڪس اهو پاڻ پيو رعيت متان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ڪندو ته نِهَتا ۽ مسڪين مارو ماڻهو، ڪيڏانهن ويندا ۽ ڪيئن وقت گذاريندا؟ اهو لقاءُ ڏسي فقط اندر ئي سڙندو آهي.
مطلب: ١ - پيهر ٿئي چور، واهي وهي ڪيترو (٤)

### ٧١٥. واسينگ مري، تڏهان چندڻ گوه متي تيلهو آئي. (پهاڪو)

واسينگ: نانگ. گوه: ڳوهه. تيلهو اچڻ: تيگر ٿيڻ.
واسينگ، نانگ جو قسم آهي، جنهن جي ڏنگ لڳڻ سان، ماڻهوءَ کي زهر چڙهي وڃي ۽ موت واقع ٿي وڃي ٿو. ان جي پيٽ ۾ ڳوهه، جنهن تنهن کي نه ڏنگيندي آهي ۽ نه ئي ايترو زهر ۾ پريل هوندي آهي.

جڏهن واسينگ نانگ مري ڪپي وڃي ته ان جي خالي ٽيل جاءِ، هلڪي زهر واري پر شڪل ۾ بلا هئڻ ڪري، چندڻ گوهه اچي والاريندي آهي.
اهڙيءَ طرح جڏهن سڪر ۾ سلجهيل والدين دنيا مان چڏي ويندا آهن، تڏهن سندن خالي پيل گادي، وراثت جي اصول تحت، سندن نااهل ۽ نڪر اولاد ڪي ملندي آهي ۽ اهو اچي اها جاءِ پُر ڪندو آهي.
مطلب: ١ - واسينگ مري، تڏهن چندڻ گوهه تي ٽيلو اچي.
٢ - جتي وڻ ناهي، اتي ڪانديرو به درخت.
٣ - مڙس مري ويا، تڏهن فوجو ٽيو فقير.
٤ - ملڪ وچ تپ تپالي، ته مستي موهر هالي،
ملڪ وچ خير صليٰ، مار مستي جي منهن وِچ ڪلا. (سرو) (٦) ص ١٣٦.

## ٧١٦. واڻڪو وياءُ، جيئن وڏي تيئن ڪري. (پهاڪو)

وياءُ: اولاد.
واڻيا يا واپاري، هر ڳالهه ۾ ڪاروباري سوچ رکندا آهن. اولاد مٿان جيڪا لاڳت ڪندا آهن سا به ڳڻي ڳوتي. ڪين پڙهائيندا ته ذهن ۾ سندن مستقبل ۽ ان اندر ملندڙ نوڪريءَ منجهان ٽيندڙ اپت ڪي به نظر ۾ رکندا. ڪين پڙهائيندا ته پوءِ نُهن چوٽيءَ جو زور لائيندا ته انهيءَ پالڪيءَ پڇن ۽ ڪمائڻ جو ذريعو بنجن. ائين ڪرڻ تڏهن ممڪن آهي، جڏهن ڪين اولاد تمام ٿورو هجي.
اولاد وڏي وڃڻ جي صورت ۾ ڪين پڙهائڻ ۽ نوڪريءَ سان لڳائڻ يا ڌنڌا ڪاروبار ڪولي ڏيڻ، ڏاڍا اڻاوا ٿيو پون. ان صورت ۾ سندن اولاد، بجاءِ سڌرڻ جي، بگڙڻ شروع ڪندو آهي. خرچ ڪاہار لاءِ، پئسو گهرجين. جيڪو هٿ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي ئي هٿ تان چوريءَ/ هٿڙيءَ هٽڻ جي شروعات ڪندا. آخر ۾ اُڏري خوار خراب ٿيندا.
مطلب: ١- ٿورو اولاد، سنڀالڻ ۽ پالڻ سولو. گهڻو اولاد، پالڻ ۽ ڏتِ ڪرڻ ڏکيو.
٢- واپاري ماڻهو، اولاد جي به ڪاروباري انداز سان پالنا ڪن.

## ٧١٧. واڻيا پاڻ ۾ وڙهن، پاراتا ڌرين کي ڏين. (پهاڪو)

جهيڙي اندر هڪ ڌر، ٻيءَ ڌر کي زير ڪرڻ لاءِ، هر قسم جو جتن ڪندي آهي. زباني ڪلامي، هٿن پيرن سان، هٿيارن پنهوارن جي زور تي، سياسي/ سماجي اثر رسوخ هلائي، هڪ ڌر جي ڪوشش هوندي ته ٻيءَ

ڪي نيچو نِوائي. اڳلي ڏر به موت ۾ وس ڪندي آهي. پلئه ڪرڻ لاءِ پنهنجا ساٿي مددگار وڏائڻ لاءِ ڪِرائي تي به تيار ڪندي آهي.
واڻيا جڏهن پاڻ ۾ وڙهندا آهن ته ڪين هڪٻئي جون ڪمزوريون ٽاڙيل هونديون آهن. سندن ڪمزوري، ڪمائيءَ جي ذريعي تي ڌڪ لڳڻ آهي. پئسي جي مار جهڙي، مارَ ئي ڪانهي. ڪوشش ڪندا ته اڳلي جي ڪمائيءَ جو ذريعو تنگ ڪيون. ان ۾ سندس گراهڪ ڪارڻ جي ڪوشش ڪندا. وڙهڻ وقت، بجاءِ گارين بجن ڏيڻ جي هڪ ٻئي جي گراهڪن ۽ ڏڙاوت رکندڙن کي پيا پاراتا چاڙهيندا: ”تنهنجي ڏر مري!“
مطلب: ١- وڙهڻ وقت، اڳلي جي طاقت جا سرچشما بند ڪجن.
٢- وياج خور، پاڻ ۾ وڙهن ته هڪٻئي جي قرضين کي پٽين.
٣- وڙهن مڱڻهار، گاريون ڏين راڄن کي.

## ٧١٨. واڻيو پنج نه پري، پنجاس پري. (پهاڪو)

پنجاس: پنجاهه. واڻيو: واپاري، دڪاندار، پڪو ماڻهو.
واپاري يا دڪاندار، ڏنڊي/ واپار ۾ پڪائي نه ڪندو ته نقصان پائيندو. پايون نه سنڀاليندو ته روپيا ڪين رهندس. اوگهه سوگهه مان ڪٽي ڪمائيندڙ دڪاندار، سنهي کي سنهو ۽ بيڪار ڄاڻي نظر انداز ڪندو ته جلد نقصان پائيندو. اهو ئي سبب آهي جو واپارين ۽ دڪاندارن جي طبعيت، پڪائيءَ واري ٿيندي آهي.
گهٽي پڪائي به نقصان جو سبب ٿيندي آهي. پنج رپيا، چوڪيدار رکڻ تي نه پريندو ته چور، پنجاه روپين جو ڪاٽ هڻي ويندس. وکر/ وٿ/ شيءِ جي سنڀال لاءِ، گهر/ دڪان ۾ خانا وغيره نهرائي ترتيب سان نه رکندو ته وقت تي ڪا شيءِ نه ليندس. گراهڪن جو مسلسل موٽڻ به دڪاندار لاءِ هاڃيڪار آهي. شيءِ دڪان ۾ هجي پر گراهڪ کي ان ڪري نه ڏئي سگهي جو وقت سر ڳولهڻ يا ڪڍڻ ڏکي ٿي وجي. گراهڪ هڪ دفعو دڪان تان موٽيو، وري شل اچي. ائين گهٽي پڪائيءَ سبب، دڪاندار نقصان پائي ٿو.
مطلب: ١- ٿوري تي پڪائي ڪرڻ وارو، آيل نصيب کي به ڦٽائي ڇڏيندو آهي.
٢ - واڻيو پنج نه سهي، پنجاه سهي.

## ٧١٩. واڻيو لکي، پڙهي ڪرتار. (راجستان، چوڻي)

لکڻ به هڪڙو فن ۽ قدرت طرفان مليل ڏات آهي. هڪڙن ماڻهن جا اکر ڇٽا اهڙا جهڙا موتيءَ جا داڻا. ڏس ته اکيون پيون ٺرن. پڙهڻ جو موڊ نه هجي ته به اکر ڏسي پئي پڙهڻ تي دل هُرکي. هڪڙن جا اکر اهڙا، جيئن ماڪوڙن جون ٽنگون. ڏسڻ سان، پڙهڻ تان ارواح ڪٽايو ڇڏين. چاهيندي به، پڙهڻ تان دل ڪٽي ٿي وڃي. جُوهه وڃهي، پڙهندي اکين مان پاڻي وهي وڃي، پر اکر سمجهه ۾ نه اچي.
دڪاندار ۽ واپاري، لکڻ پڙهڻ بدران، ڌيان واپار وڙي تي ڏيندا آهن. تنهنڪري اکر ايترا پڪا نه هوندا اٿن. لکڻ لاءِ پر سکون دل ۽ دماغ ڪپن. هٿ به چئي ڪار هجن. واڻيي جو ذهن واپار ۽ پئسن ۾ محو، هٿ شين جي تور ۽ سور پور ۾ ڦاٿل. لکڻ لاءِ ڪنڌو وغيره لکندو ته اڌ-اکري ۽ ٽڪڙ ۾. اڌ-گيدا لکيل انگ اکر، پاڻ سمجهي يا ڪرتار/ رب ئي سمجهي. انسان جي سمجهڻ ڪان ڏاڍا ڏکيا هوندا آهن. هڪڙو معاملو پئسن جو ۽ ٻيو اکر ڦڏا ۽ چچريل. معنيٰ سڌو سنئون ڦڏي ۾ منهن. اهڙا اکر، وقت تي، لکندڙ، پاڻ به پڙهي نه سگهندو آهي. جن اکرن کي لکندڙ، وقت تي پاڻ نه پڙهي سگهي، سي ٻيا ڪيئن پڙهي سگهندا.
مطلب: ١ - لکي لکانو، واچي والينو.
٢ - لکي لکانو، پڙهي خدانو.
٣ - لکي مو سا، پڙهي خود آ. (پنجاب) (وار وانگر سنهو لکي، پڙهڻ وقت پاڻ وڃي پڙهي.)
٣ - لکي لکانو، پڙهي الانو. (١) ص ١٨١.

٧٢٠. واڻيو مطلب جو يار، ڪم پوڻ تي ڪري پيار. (چوڻي)

واڻيي يا دڪاندر کي، پنهنجي وکر ڪپائڻ ۽ مٿانئس منافعي ڪمائڻ جي غرض هوندي آهي. هو ڪلي به ان ڪري ڳالهائيندو ته جيئن گراهڪ مٿس اعتبار ڪري. جڏهن غرض نڪري ويس ته پوءِ پاڻ-مرادو سلام ته نه ڪندو پر سلام جو جواب به ڪنڌ-ڌوڻ سان مشڪل ڏيندو. جڏهن غرض هوندس ته ورائي ورائي پيو سلام ڪندو. سامان دڪان تي پيو هجيس ۽ نيڪال نه ٿئيس ته اهانا بهانا ڪري پيو گهر وٽان لنگهندو، ڏسي ڪلي ڪيڪاريندو. ڳالهين ڳاليهن ۾ اهو باور پيو ڪرائيندو: ”دڪان تي هن دفعي فلاڻي شيءِ اهڙي اُچي آئي آهي، جهڙي ڪڏهن نه اڳ آئي ۽ نه ئي وري پوءِ ايندي. خاص دوستن کي ٻڌائڻ لاءِ پيو وڃان، اوهان ڏانهن به ان لاءِ لڙيس جو اوهان به سنين شين جا شوقين آهيو.“

يا پئسا اڳاڙٽا هوندس ته به مانيءَ جي وقت تي ڏند ٽيڙي اچي بيهندو. ”هلو هلو“ ڪري، حال احوال ڪندو. ائين پيو چوندو: ”مان ته هتان لنگهيس پئي، چيم اوهان کي سلام ڪندو وڃان. اڄڪلهه اچو ئي ڪو نه ٿا. پئسن جو خير آهي. اوهان جا پئسا سونا آهن. ان غرض سان نه آيم. البته دڪان ٿورو پوئتي پيو پوي. اوهان جي اچڻ سان ٿوري رونق ٿيندي.“ وغيره.

جڏهن اوڌر اڳڙي ويس يا پڪ ٿيس ته هيءُ گراهڪ ٻيهر منهنجي دڪان تي نه چڙهندو ته ڪٿي به سلام نه ڪندو. ڦوڪيو وتندو. پڇڻ تي پيو چوندو: ”اوهان کي اسان کان ڪا شڪايت هجي ته اها چئو. باقي اسان جا پراڻا گراهڪ تي ڪري، اسان کي ڇڏي ٿا وڃو. اسان کي اوهان کان ڏک ضرور آهي.“ وغيره.

مطلب: ١ - دڪاندار جي دوستي، غرض کان سواءِ ناهي.
٢ - واڻيو ۽ مطلبي يار، ڪم پوڻ تي ڪن پيار.
٣ - يار اڄن ته چيچڙا به وڪامن.

## ٧٢١. واڻيو، وياج ۾ سڳي ڌيءَ مان به نه ٽري. (چوٽي)

واپاري قسم جي ماڻهوءَ کي، واپار منجهه منافعي سان محبت جهجهي هوندي آهي. مُور کان وڌيڪ، منافعو مٺو هوندو اٿس. خاص طور تي اهو جنهن ۾ مال ۽ پئسي جي لاڳت، جان ۽ وقت جي سيڙپ، گهٽ لڳل هجي. اهو ڌنڌو آهي، وياج وارو. اڳلي کي مهيني اڌ لاءِ پئسا ڏئي، مٿئون وياج وٺڻ. جنهن کي پنهنجي زبان ۾ هو منافعو ڪوٺيندا آهن. اهو ڪين ايترو ته پيارو هوندو آهي جو، مُور جا پنجاهه هليا وڃن ته هليا وڃن پر منافعي جا پنج نه سهائيندا.

جنهن سان به اهڙو وهنوار هوندن، تنهن کي وقت تي، وياج وٺڻ لاءِ اچي سوڙهو ڪندا. دڙڪا دهمان ڪري، ڪانئس فقط وياج جي رقم ڇڏرائيندا، مُور اتي ئي رهڻ ڏيندا ته جيئن آئنده مهيني ۾ اتي پيو ٻچا ڪري. وري ايندڙ مهيني جي پهرينءَ تي اچي گهٽ گهٽيندس ۽ وياج لاءِ سوڙهو ڪندس. وري به ساڳي ڪار ڪندس. ڪوشش ڪندا ته اڳلي کي فقط وياج ڀرڻ جي حد تائين محدود ڪن. پوري رقم مُور واري ادا نه ڪري سگهي ته جيئن ڪيس مهيني سر مهيني پيا پٽين ۽ ڪائين.

اهڙو ڪاروبار اگر پنهنجي نياڻيءَ يا ڏوهٽن سان هوندن ته به ساڳئن ورتاءُ اهو ئي هوندن، جيڪو ٻين عام ماڻهن سان هوندن. سندن عقيدو آهي ته

ڪاروبار منجهه لائي چائي ٿيڻ نه گهرجي. اگر تي ته ڪاروبار ٺپ ٿي ويندو.

مطلب: ١ - واڻيي ڪي وياج، اولاد کان وڌيڪ پيارو آهي.

٧٢٢. واڻيو هٽيءَ تي، مير بحر مَڏيءَ تي،
هاري اَڏيءَ تي، ڪميڻو ڪُڏيءَ تي. (چوڻي)

١ - واڻيو، هٽ يا هٽيءَ (ننڍو هٽ) تي پنهنجو ڪاروبار ڪندو آهي. منجهس سندس جان، مال ۽ وقت جي سيڙپ ٿيل هوندي آهي. ان ڪري هٽ جي ننڍي وڏي شيءِ تي سندس حڪم هلندو آهي. اوڌر تي مال ڏيڻ يا نه ڏيڻ، گراهڪ کي گهٽ اگهه تي ڏيڻ يا چاڙهي ڏيڻ، سندس مرضيءَ ۽ اختيار ۾ هوندا آهن.

٢ - ميربحر، درياه مان مڇي ڦاسائي، مياڻ يا مڏيءَ تي اچي رکندا آهن، جتان واپاري، ساڻي يا گراهڪ اچي ساڻن سودو ڪري ڪٽندا آهن. مڏيءَ تي ميربحر جي سيڙپ ٿيل هوندي آهي، تنهنڪري اتي سندس مرضي هلندي آهي.

٣ - جيئن ڪاسائي، اڏيءَ تي گوشت هلائيندو آهي ۽ اتي سندس مرضي هلندي آهي. ائين هاريءَ جي به اڏيءَ يا ننڍي اڏ تي پنهنجي مرضي هلندي آهي. پيچ مان، کهڙي بنيءَ کي پاڻي پياري تو ۽ کهڙيءَ کي اجيو تو رکي.

٤ - ڪميڻي ماڻهوءَ جي بادشاهي به ڪڏن ڪمن تي ڪُڏڻ ۾ آهي. ڪميڻائپ جا ڏنڌا: زنا، شراب اگر ڪتي گهڻا پسند ڪيا ويندا ته اتي وري ڪميڻن کي به ڏنڌي ڪرڻ ۽ حڪم هلائڻ لاءِ موقعو ملي ويندو.

مطلب: ١ - هرڪو پنهنجي ڏر تي شينهن آهي.

٢ - هٽ تي واڻيي جي، مڏيءَ/ مياڻ تي ميربحر جي، اڏ يا اڏيءَ تي هاريءَ جي ۽ ڪڏن ڪمن ۾ ڪميڻي جي مرضي هلندي آهي. (٤) ص ٢٤٧.

٧٢٣. واڻيو هجي يار، ٻيو دشمن ئي نه ڏار. (چوڻي)

دوست اهو آهي، جيڪو وقت پئي، بنا ڪنهن غرض ۽ لالچ جي، ڪم اچي. اهو ماڻهو به نيڪ آهي، جيڪو ڪا سهوليت ڏيڻ وقت، پنهنجي خدمت جو معاوضو وٺي. واڻيو مطلب ڪانسواءِ ياري نه رکندو آهي. سندس ڪل ڪل به ان لاءِ هوندي آهي ته جيئن هو گراهڪ کي، ڪسي شيءِ مهانگي اگهه ۾ ڪٽائي ۽ وري اڳلو ڪيس دوست سمجهي، بنا ڪنهن چون

چراءِ جي اعتبار ڪري، اها گهر ڪٺي وجي. حضور شرميءَ ۾ بئي ڪنهن ڪي، اگهه پاگهه پڇڻ جي نيت سان، اها شيءِ ڏيکاري به نه.
آئنده اگر گراهڪ تي اچي ته، سڌو وٽس اچي ۽ بئي دڪان تي اگهه پاگهه جاچڻ يا شيءِ چڪائڻ لاءِ، واجهائي به نه. بظاهر دوست، اندران مفاد پرست واڻيو، ڪيس اهڙا ٻڌا ڏڪ هڻندو جو آخر ۾ حَرجِي به ڪيس ڪندو. اوڌر تي سامان ڏيندس ته دُنبڙ ٻڌي ڏيندس، وري مٿئون وياج به ڳرو رکندس جو پاڻ ته نه لاهي سگهي پر سندس پونئير ستن پيڙهين تائين واڻيي جو ڳيجهو رهندو اچي. انهيءَ دوست نما دشمن ڏانهن، دشمني ڪرڻ جو گمان به نه پيو ويندو. ڪيس هڏ-ڏوکي سمجهي، سندس منڙين منڙين ڳالهين تي ابوجهه ماڻهو پيو پاڻ ڦُرائيندو.
مطلب: ١- واڻيي جي خواهش هوندي آ: يار اچن ته ڇيڇڙا به وڪامي وڃن.
٢- قڦر نه گوشت، عامل/ واڻيو نه دوست.
٣- واڻيو: مطلب جو يار.

## ٧٢٤. واڻيو ۽ سيارو، سيڪنهن ڪي سڙهين. (چوڻي)

سڙهڻ: سرڙي چڏڻ، پيٽ ۾ آٽڻ، ڪسرون ڪيڻ.
١ - واڻيو، دڪاندار يا واپاري، پنهنجي هٽيءَ تي، وڪڻڻ لاءِ وکر وٺي اچي رکي ٿو. مٿس پنهنجي جان، مال ۽ وقت سيڙائي ٿو. اگر ان مان نفعو نه ڪمائي ته پوءِ هٽ اجايو کوليائين. هر ڪنهن سان، بِه-چاپُڙائپ واري واٽ پيو رکندو ته جيئن سندس ٻڌا گراهڪ ٿين. اوڌر بجاءِ روڪ تي جيڪو به مال هڪيو حاضر هجي، سو بنا چون-چانءِ جي اڪيون ٻوٽي ڪٽي وڃن. اهڙيءَ طرح، هو نه مٽ مائٽ ڪي ڏسندو آهي ۽ نه رشتي ناتي کي، فقط پنهنجو مفاد اکين آڏو هوندو اٿس. جنهن سبب اکين-ٻوٽ تي، اگهه چاڙهي وٺندو ۽ مال ماري ڏيندو.
٢ - سيارو به جڏهن اچي ته اوچتو اچي. ماڻهو گرمي سمجهي پيا پکا هلائين. ڏينهن جو به هلائين ته رات جي پهرئين پهر ۾ پڻ. تان جو خبر پئي ته صبح کان اڳ سيءَ جي لهر آئي ۽ پکو هلائيندڙن کي ليس زڪام ڏئي وئي. يا جنوريءَ ڪانپوءِ اوچتو خبر پوي ته ڏينهن گرم ٿي ويا آهن ۽ سيارو موڪلائي ويو. ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ماڻهو ڪمبل ۽ سوڙيون ويڙهي، هنڌن جي پيٺين ۾ رکن ته اوچتو اچي وري ڦيرو ڏئي وجي. سرڙو ڪڍيون، ڪنهن کي ليس زڪام ته ڪنهن کي

کنگهه نزلو، ڪنهن کي بخار ته ڪنهن کي سياندو ڏنيون هليو وڃي. انهيءَ حساب سان، واڻيي ۽ سياري جي پڇاڙي خراب آهي.
مطلب: ١ - سياري جو سيءُ ۽ دڪاندار، هر ڪنهن کي متاثر ڪندا آهن.
٢ - واڻيو ۽ سيارو، آخري ڪسر نه ڇڏين. (سنڌ)
٣ - واڻيو ۽ سيارو، ڪنهن کي ڪسر نه ڇڏين. (سرو)
٤ - واڻيو هجئي يار ته ٻيو دشمن ئي نه ڏار.

## ٧٢٥. واڻيي ري ويهانءَ ۾، وگهن گهڻا. (ڊٺ، چوٽي)

وگهن، ڇيڏڪ، ساٽ سوڻ.
واڻيو، اتي پئسو سيڙائيندو آهي، جتان ڪيس ترت نفعي سميت، مُور موٽي ملي. ويهانءَ شاديءَ جي ڪاج تي ڪيل خرچ، خرچ ئي آهي، جنهن جو جلد موٽڻ مشڪل آهي. ڪوشش ڪري، ڪنوار کي سون مين ٿورو ڏيندا. لٽي ڪپڙي تي به گهڻو خرچ نه ڪندا. ان ڪان علاوه شاديءَ جي رسمن ۾ به ڪوشش ڪندا ته اينگهاريون هجن پر متن پئسي جي سيڙپ گهٽ هجي. مهمان به وندريا پيا هجن ۽ خرچ به نه اچي. جيئن ٻار، ضد تي چڙهڻ بعد لهندو ناهي، جيستائين سندس فرمائش پوري نه ڪجي. ٻهراڙيءَ جا ماڻهو، خاص طور تي غريب، پنهنجي ٻچن کي الهو پلهو ڪري ريجهائن ۽ آئي تان لاهي، خيال-مٽ ڪرائي ڇڏين. لال جهرڪڙي ڏيکارڻ جي ڳالهه يا ٻي ڳالهه ٻڌائي سندن ڌيان، اڳلي ڳالهه تان هٽرائي ڇڏين. واڻيا به پنهنجي ڪاج ۾، مهمانن جو ڌيان، سانن سوٽن جي اينگهه وارين رسمن سان مٽرائي ڇڏين.
تنهن ڪري واڻڪين شادين ۾، ساٽ سنئوڻ ساري سڪاري پورا ڪيا ويندا آهن ته جيئن مهمان مڙيئي رُذل هجن ۽ ڪنهن اهڙي ڳالهه جي طلب يا فرمائش نه ڪن، جيڪا پوري ڪرڻ ڏُکيرڙي تي وڃي.
مطلب: ١ - دڪاندارن جي پڪائي، شاديءَ جهڙي ڏڻ تي به نه لڪندي آهي.
٢ - پيٽيو: وياءُ ته واڻڪو، سهج ته سونارڪو، گپ چڪ پاڻکي؟

## ٧٢٦. واهڙ ويندا وهي، آخر ڊورو جهليندو ڏڪ. (پهاڪو)

جبلن تان رجندڙ برف يا پوندڙ برسات جو پاڻي، ڪوڙ ۽ نيون، نديون ۽ نالا ناهي، جڏهن واهڙن ۾ وهندو آهي، تڏهن ڪيس پنهنجو وَهُ ايترو ته ڏوڏي اڇلائيندو آهي جو اهو وهي ختم ٿيڻ لاءِ بيقرار هوندو آهي. جنهن

شيءِ کي هڪ هنڌ قرار يا ٽڪاءُ ناهي، سا جلد کپي ختم ٿيندي آهي. ائين واهڙ بہ تيستائين پنهنجي تک ۾ پيو وهندو آهي، جيستائين پويان پرتو نالن ۽ نين ۾، جبلن مٿان پوندڙ برساتين جو پاڻي پوندو اچي ٿو. جيئن پويان سر چشمو بند ٿيو، تيئن پرتو نالا ۽ کوڙ بہ پويان پساھ ڪندا. ندين ۽ نالن منجهان، پاڻيءَ کي جيئن چاپ آئي، واهڙ اتي جو اتي بيهجي ويندا. منجهن بيٺل پاڻي، ڏينهن اڌ بہ جٽاءُ نہ ڪندو. اُسَّ/ واءَ اندر، ٻاڦ/ بخار ٿي يا زمين اندر، سيڪ جي صورت ۾، ڪڃي ويندو.
ان جي ڀيٽ ۾، جبل جي پير ۾ اگر ڍورو يا ڍنڍ هوندي تہ برساتي پاڻيءَ کي چڱي وقت تائين منجهس سانڍي رکڻ جي صلاحيت هئڻ سبب، پاڻي بيهندو ۽ جلد نہ کپندو. واهڙن منجهان ڏينهن اڌ ۾ پاڻي سڪي ويندو پر ڍورن اندر بيٺل پاڻي، پلي ڏپ ڪري وجي، پر مهينن جا مهينا جٽاءُ ڪيو بيٺو هوندو ۽ پيو پکي پکڻ، ڍور ڍڳي، مرونءَ مڇرن ۽ ماڻهن جي ڪم ايندو.
مطلب: ١- هلندڙ شيءِ تي، اعتبار گهٽ ڪجي.
٢- آمدنيءَ جا ذريعا، هڪ ڏينهن بيهن تہ رکيل موڙي ڪم اچي.

٧٢٧. واهُندي: انن سان نہ نهندي. (چوڻي)
واهندي: بهار جي موسم ختم ٿيندي، الهندي جي تيز ۽ گرم، لڳندڙ هوا. جنهن جي گرمي انن جي جسم منجهان بہ آرپار ٿي وڃي.
واهندي، انن کي بيحال ڪري ڇڏيندي آهي. اٺ، سياري ۾ اتر جي سخت ٿڌي هوا کي بہ سامهون سينو تاڻي پيا برداشت ڪندا آهن. سرديءَ جا ڏاڍا آهن. گرمي ڪين ڳاريو وجهندي آهي. تيز ۽ گرم لڪ لڳڻ سبب، صحرا جي ٽتل واري، اڏامي انن جي اکين ۾ پوندي آهي. جيڪا ڪين تڪليف ڏيندي آهي. جنهن سبب، ان واءَ جي سامهون هلڻ، ڏکيو ۽ انن لاءِ بيمارين جو سبب ٿيو پوي. (٣٥) ص ١٩٧
مطلب: ١- واهندي، انن جي دشمن آهي.

٧٢٨. واءَ وڄايو ورهيہ، وس وڄايو واڏڙي. (چوڻي)
واءَ: هوا. وس: وسڪارو. واڏڙي: ڇمر، لڳاتار برسات.
چؤماسي جي موسم اندر، اگر تيز هوائون لڳيون تہ مينهن وسڻ ۽ سڪار ٿيڻ جون اميدون، گهٽجي وينديون آهن. ان جي برعڪس اگر مينهن تہ

ونوءِ پر ڪڪر لڳاتار واڏڙو/ چمر ڪري بينا يعني جهور ٻڌي وُنا تہ، ڦُتل گاهن ۽ فصلن جو واڌارو رڪجي ويندو. منجهن بيماريون پيدا ٿي پونديون. گهربل اپت، حاصل نہ ٿيندي. (٣٥) ص ٢٣٣
مطلب: ١- وسڪارو تہ ٿيو، پر جهور ٻڌي وڻ، سموري اپت کي ختم ڪري ڇڏيو.
٢- جهور ٻڌي وسڻ واري مينهن مان بہ، اپت جي لحاظ کان، ڪو خاص فائدو نہ ٿيندو آهي.

٧٢٩. ونو تہ ٿر، نہ تہ بر. (چوٽي)
ٿر جي علائقي جا طبعي طور تي بہ روپ آهن. هڪڙو برسات پوڻ کان پوءِ ۽ ٻيو برسات نہ پوڻ جي صورت ۾.
برسات پئي تہ ٿر جو حسن، ائين نکري ٿو جيئن ڪنوار جو ونواه ڪائڻ وقت نکرندو آهي. برسات سبب، ٿر جي ريتيلي ۽ نرم زمين منجهان پاڻ مرادو، ايترا تہ ڪارائتا گاهہ، گل ۽ ٻوٽا اپرن ٿا جيڪي هوند محنت ڪري، هر ڏيئي، ريج ڪري، ياڻ ڏيئي، ٻج پوکي ۽ رونبا ڪيڻ کان پوءِ بہ نہ ٿين. سارو علائقو، سرسبز ٿي پوي ٿو. مال لاءِ چاري طور، گاهہ پنو جام ٿئي. جيڪو چرڻ/ڪائڻ سان، مال ۾ کير مکڻ جام ٿئي. ان وقت، ٿر جي زمين ۽ ٽرين جي مُک جو ڏيک، کير مٿان ترندڙ مکڻ- واري ٿر جيان سٽيو ۽ چمڪندڙ هوندو آهي.
جيڪڏهن وسڪارو نہ ٿيو ۽ سوڪهڙو ٿيو تہ پوءِ ڏکر پوندو. گاهہ پنا نہ ٿيندا. مال، بک تي ڏبرو ٿيندو ۽ مرندو. کير مکڻ سڪائي ويندو. ڏٿ جي ڪٽڻ تي، ماڻهن ۾ لڏ پلاڻ شروع ٿيندي. ٿر جا ڏهر ۽ ڀٽون، مال ۽ ماڙهن کان سواءِ، پڙ يانگ ۽ ويران ٿي ويندا آهن. پاڻي نہ ملڻ ڪري، انهيءَ ريگستان جو پکي بہ ڪٿي اڏامندي نظر نہ ايندو آهي. ان وقت، ٿر جو ڏيک رڻ ۽ بَرَ جهڙو هوندو آهي.
مطلب: ١ - ٿر آهي، وني تي.
٢ - ٿر ۾ سڪار، وسڪاري سان آهي، ٻيءَ صورت ۾ رج آهي.
٣ - وسي تہ ڪوهہ، نہ تہ روهہ.
۴ - وسي تہ ٿر، نہ تہ بر.
۵ - پاڻيءَ ۾، حياتي آهي.
٦ - بغير پاڻيءَ جي، ڪا بہ زندگي ناهي.

٧ - ٿر ۽ ڪوهستان، برسات پوڻ سان سهڻا لڳن. برسات نہ پوي تہ بُٺ ملڪ لڳن.
٨ - جتي پاڻي تتي پهر/ پاڻ. (٦) ص ٨٧.

٧٣٠. ونو تہ سٺ، نہ تہ ٿو بہ اٺ. (چوڻي)

١ - ٿر اندر برسات پوي تہ پٽ پونا، ٿويا ترايون پرجي وجن. فصل اهڙو پلو ٿئي جو هڪ ايڪڙ منجهان سٺ مڻ بہ اچي وجن. ان جي برعڪس، اگر قحط سالي ٿئي تہ پوءِ بيراجي علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ٿئي. اتي گذر معاش لاءِ ٿري ويچارا، لابارا ڪن، جتان ڪين في ايڪڙ تي محنتاڻو، اٺ ڏه ڪن مڻ ملي وجن.
٢ - ٿر ۾ برسات جون ڪٽيون ونيون ۽ زمين ٿوري وٿ ورتي تہ هاري بنيءَ ۾ ٻج ناڙي ڪري ڇڏيندو. زرخيز زمين آهي، ٻج گهٽي ياڳي ڦٽي ٻاهر نڪري. اگر بہ ٽي مينهن، ٿوري ٿوري وقفي پڄاڻان ونا تہ، پئون بارنهن. فصل پچي راس ٿيندو ۽ نو پاٽيون ڇٽيل ٻج سٺ ڪاسن تائين لهندو. اگر مينهن لڳاتار ونو ۽ چمر ٿيو تہ پوءِ فصل واڌ نہ ڪائيندو ۽ نو پاٽيون ڇٽيل ٻج وجي اٺ پاٽيون لهندو. سموري محنت ڪان پوءِ بہ هڪ پاٽي جو گهاٽو پوندو. (٣٥) ص ٢٥٦
مطلب: ١ - برسات پوي تہ ٿر اندر، بنا تڪليف جي سانيڪو مڻ ان ملي وجي. اگر برسات نہ پوي ۽ ڏڪر منهن ڪڍي تہ بيراجي علائقي ۾ ڏينهن رات ڪمائڻ جي باوجود، نو مڻ مشڪل سان حاصل ٿين. (٣٦)

٧٣١. ونو تہ ورساڙو، نہ ونو تہ اونهاڙو. (چوڻي)

ورساڙو: سيارو، ٿڌ جي موسم. اونهاڙو: اونهارو، گرم موسم.
مند منجهہ وسڪارو ٿيو تہ سياري واري هير لڳندي. جي برسات نہ پئي تہ گرمي، اونهاري واري ٿيندي. ٿر اندر سيڪجهہ اُني تي آهي. (٣٦)
مطلب: ١ - برسات جي وسڻ سان هيانءُ-ٺار سک ٿئي، خشڪ-ساليءَ سان اونهاري جي گرميءَ جهڙي حالت ٿئي.

٧٣٢. وجوٿي جي وَسَ، گانگاڻ جا گس.
(وٿ، سارو سنگهار، چوڻي)

وجوٿي ۽ گانگاڻ: علائقي جو نالو. وَسَ: وسڻ، وسڪاري جي پهرين برسات جنهن تي ڪچڙو گاهہ ڦٽي. گس: رستا.

وسڪاري ڪان اڳ، سوڪهڙو هوندو آهي. سوڪهڙي اندر، پاڻي نه ڪيئي پُرهه زمين اندر هيٺ لهي ويندو آهي، جنهنڪري زمين جي مٿان، پٿن ۽ ڏهرن اندر، ڪا به ساوڪ نظر نه ايندي آهي. برسات جڏهن پوندي آهي نه پهرئين وسڪاري تي زمين اندران جيڪو ڪچڙو ۽ نرم گاهه نڪرندو آهي، سو مال لاءِ ايڏو نه مرغوب هوندو آهي، جو منجهانئس وات ڪيڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. ٻارَ جمڻ وقت، ماءُ جي سيني اندر لهندڙ کير چڊو ۽ پاڻيءَ جهڙو هئڻ سبب ڄاول ٻار لاءِ مفيد ۽ هاضميدار هوندو آهي. اهڙيءَ طرح، وَسَ وارو گاهه، مال جي صحت لاءِ پڻ مفيد ۽ مرغوب هوندو آهي.

ساري سنگهار، گانگاڻ جي گسن ڪي، وجوٽي ماڳ جي وس مٿان ترجيح ڏني آهي. ٻين ماڳن جي وس ڪان، وجوٽيءَ جي وس ڪي وڏيڪ نه چيو اٿائين پر، گانگاڻ جي گس تي قتل گاهه ڪي، ان ڪان به مٿي ڄاڻايو اٿائين.

مطلب: ١ - وجوٽيءَ جي وس، گانگاڻ جي گسن وانگر ڀلي آهي.

٢ - لوپ لڳو واٽيو، لونگيءَ لڳي گانءِ.

٣ - ڀيٽيو: ٿر جا وسَ، جهول جا گس. (٢) ص ٤٧.

٧٣٣. وڏيا ڀَل-پڻ، سموند جل، اونچ-پڻ اندر گاج،
اتر-پنٿ، مالڪ-گت، پار نه پرٿوي راج. (ڊٿ، چوٽي)

وڏيا: هنر. ڀَل-پڻ: ڀلو هجڻ. سموند: سمنڊ، ساگر. جل: پاڻي. اونچ-پڻ: اونهائي، مٿانهون. اندر گاج: آسمان. اتر-پنٿ: قطب تارو. مالڪ-گتَ: مولا جي مرضي. پرٿوي: ڌرتي. راج: راجا، بادشاهه.

دنيا ۾ هر شيءِ يا معاملي وغيره جو ڪو نه ڪو ڇيهه يا انت ضرور آهي. مگر ڪي اهڙيون شيون پڻ آهن، جن جو ڪو انت، ڇيهه يا پار ڪونهي.

١ - هُنر ۾ هڪ ڪان هڪ ماهر پيو آهي، هڪ ڪان هڪ سهڻي شيءِ ٺهي ٿي. ڀلان ڀليءَ جو ڇيهه ئي ناهي. ڪنهن هڪ تي نظر انتخاب دنگ نه ٿي ڪري.

٢ - سمنڊ، ڌرتيءَ جي ٻن ٽهائين تي پکڙيل آهي. هڪ-ٽهائيءَ ۾ سُڪَ آهي، جيڪا به سموري زندگيءَ ۾ هڪڙو انسان پوريءَ طرح ڏسي نه ٿو سگهي ته پوءِ سمنڊ جو انت لهڻ ته اجا ڏکيو آهي.

٣ -آسمان جي وسعتن ڪي ماپڻ يا تصور ۾ آڻڻ به انساني عقل ڪان مٿي آهي.

٤ - قطب تارو، اتر طرف بيهندو آهي. جيڪو ازل ڪان ساڳي جاءِ تي بيٺل نظر ايندو آهي. ان جي بيهڪ سان زمين جا طرف ۽ نڪتن جا ڀيچرا

وغيره اندزاي ۾ آڻبا آهن. ان جي محور تي چوڌاري سمورا نکتن ائين گهمن ٿا، جيئن گهڙيال جا ڪانٽا، مرڪزي نقطي جي محور تي گهمندا آهن. سندس هڪ هنڌ بيهڻ واري وقت کي ڪٿي نه ٿو سگهجي.

۵ - الله جي مرضيءَ جو احاطو ڪرڻ به، ناقص انساني عقل کان مٿي آهي.

مطلب: ۱ - زمين جا بادشاھ، پنهنجا سمورا وسيلا استعمال ڪندي، مٿي ڄاڻايل پنجن شين جو احاطو نه ٿا ڪري سگهن. (۲) ص ٦٣.

### ۷۳۴. وڏو مرڻو: وڏو وهانءُ. (چوڻي)

وڏو مرڻو: ڪو به ماڻهو پنجاھ يا سٺ سال کان وڏي عمر گهاري، پوءِ مري ته ان کي وڏو مرڻو چئجي.

ماڻهو جڏهن وڏيءَ عمر کي رسي ٿو ته پوءِ ڪمزور به ٿئي ٿو. ڪيس ڪيئي بيماريون پڻ وڪوڙي وجن ٿيون. جنهن سبب ٻين جو محتاج ۽ مٿن بوجھ بڻجي ٿو. گهر جا ڀاتي منجهانئس خفا ٿي وجن ٿا. پاڻ به بت مان بيزار ٿي پوندو آهي ۽ پيو موت کي سڏ ڪندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ آيل موت سان، گهر ڀاتين جي پريشاني ۽ مريض جي بيزاري، دور ٿي ويندي آهي. مريض، ڏکين عذابن ۽ سورن کان ۽ گهر-ڀاتي، اڻ-ڪٿ اهنجن ۽ خفي کان آجا ٿي پوندا آهن.

ان مرڻي تي، اڇوت ۽ هندو، اوسر/ شاديءَ جهڙو پٽ ڪن. اها اوسر، چڱن ڀلن کي به کُهائي وجهندي آهي.

- وڏي موت مان، بيزار ٿيڻ بجاءِ، شاديءَ وانگر سندس آجيان ڪئي ويندي آهي.
- وڏي ماڻهوءَ جي موت تي، ايترا ماڻهو مڙندا آهن ۽ ڪفن دفن جا مرحلا ايترا ته ڏکيا ٿيندا آهن، جيترا ڪنهن شاديءَ لاءِ ئي ٿي سگهن ٿا.

مطلب: ۱ - وڏيءَ عمر جو موت، پوين لاءِ سک جو سبب ٿئي ٿو.

۲ - وڏيءَ عمر وارو، بيمارين ۾ پاڻ ته لوڙي پر ٻين کي به بيزار ڪري مرندو آهي. ان ڪري وڏي مرڻي تي هر ڪو سک جو ساھ کڻندو آهي.

۳ - گهڻن سئين موت، عيد برابر.

۴ - وڏو مرڻو، وهانءَ جهڙو.

۵ - وڏو مرڻو: وڏو پرڻو. (٦) ص ۱۳۵.

### ٧٣٥. وَرَ ڀلي: او گهر ڀلي. (چوٽي)

وَرَ يا مڙس کي وٽندڙ عورت/ زال ئي، سڄي گهر جي ڀاتين کي وٽندي آهي. جنهن عورت جي، اٿندي ويهندي، مڙس بيعزتي ڪري، تنهن جي عزت گهر-ڀاتي بہ ڪين ڪندا آهن. مڙس کي سا وٽندي، جيڪا سندس خدمت ڪندي. نخريل ۽ ڪاهل عورت، مڙس کي ڪين وٽندي آهي. جنهن سبب سمورن گهر ڀاتين جي دل تان پڻ ڪري پوندي آهي.

عورت کي گهرجي تہ ڪاهل نہ ٿئي ۽ مڙس جي خدمت ڪري. ڇو جو سندس عزت، مڙس جي قدمن ۾ ئي آهي.

مطلب: ١ - دل سان مڙس جي خدمت ڪندڙ زال، گهر جي مالڪياڻي ٿئي ٿي. (٦) ص ١٣٥.

### ٧٣٦. ورڌاتا، مستڪ تي جيڪي لکي ٿو، ائين ٿئي ٿو. (چوٽي)

ورڌاتا: قسمت لکندڙ، نصيب لکندڙ. مستڪ: قسمت جو ڪتاب.

جنهن قادر، پنهنجي قدرت سان، هيءَ ڪائنات ۽ جيڪي منجهس آهي، جڏهن تخليق ڪيا، تڏهن هر شيءِ جي قسمت هڪ ڪتاب يعني لوح محفوظ ۾، رقم ڪري ڇڏي. جنهن ڪان پوءِ ڪائنات بمع موجودات: نباتات، حيوانات ۽ جمادات وغيره، ان ئي ڏنل ترتيب ۽ ٽائيم ٽيبل تي، پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيئي رهي آهي. جنهن قلم سان اها قسمت لکي وئي هئي، سو قلم پنهنجي مس سميت خشڪ ٿي ويل آهي. جڏهن تہ جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، سو اوس ٿي رهيو آهي ۽ اڻ ٽر آهي. ڇو جو جنهن اها قسمت لکي آهي، سو دانا بينا ۽ عليم خبير آهي. ڪائنس ڪا بہ سهو ٿيڻ جو انديشو ناهي. غيب جو ڄاڻيندڙ هئڻ جي ناتي جيڪا شيءِ هن ڄاڻي پوءِ لکي آهي، تنهن ۾ وار برابر اڳتي پوئتي ٿيڻ جو امڪان ئي ناهي.

مطلب: ١- رب، جيڪا قسمت لکي آهي، سا ٿي رهندي.

٢- لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي.

٣- جيڪي لکيو منجهہ ازل، تنهن کي وجهي نہ ڪو جَهل.

٤- قسمت ۾ جيڪي لکيل آهي، سو ٿي گذرندو.

### ٧٣٧.    ورهيہ تہ ڏڪار، پر مٽيءَ ڏانهن موٽڻو آهي. (چوڻي)

ڳوٺ يا وطن جي مٽيءَ منجھ عجيب ڪشش آهي، جيڪا پاڻ ڪان پري ٽِڪڻ نہ ڏيندي آهي. تنهن هوندي بہ بک ۽ بدحالي، اهڙا عنصر آهن، جيڪي جڏهن منهن ڪيندا آهن تہ ماڻهو وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي.
ٿر ۾ ڪيترو بہ ڏڪار پوي، ڪي قبيلا جهڙوڪ: نڪر، ميگهواڙ، واڻيا، مالهي، ارباب، راهمان، جنجهي، سوٿهڙ ۽ ٻيون ذاتيون ٿر مان لڏي وڃڻ کي عيب سمجھنديون آهن. پنهنجا اجها ويران ڪرڻ، ڪجھ ٽپڙ هِتي رولڻ ۽ ڪجھ هُتي رولي پيچڻ کي موراڳو پسند نہ ڪندا آهن. ڇو جو وسڪاري وقت وري کين ٿر ڏانهن ئي موٽڻو هوندو آهي. ان لڏپلاڻ کي عيب سمجھندا آهن. (٣٥) ص ٢١٠
مطلب: ١- ڪيتريون بہ مصيبتون مٿان ڪڙڪن، تنهن هوندي بہ وطن نہ ڇڏجي.
٢- حيف تنين کي هوءِ، وطن جنين وساريو.

### ٧٣٨.    ورهيہ ڪري جهڪ ڪري، مڙس ڪري بک ڪري، ڏرتي ڪري اڪ ڪري. (چوڻي)

ورهيہ: سال، سال جي مند. جهڪ: نلهي طوفاني هوا جيڪا فائدي بجاءِ نقصان ڪري.
١ - مينهن/ برسات مند تي پوي تہ جهنگ ۾ گهڻو ڏٿ پاڻمرادو ڦٽي پوي، جنهن سان مال ۽ ماروئڙن کي پيٽ قوت حاصل ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن سال ۾، مينهن مند تي نہ پوي تہ ڪا اويڙ نہ ايري ۽ ڏڪار پوي. مينهن جي موسم ۾، جيڪڏهن مند ڪري/ ڦري تہ فقط جهڪون ۽ طوفان اٿن. منجهانئن، سواءِ نقصان جي، ڪو بہ فائدو نہ پوي.
٢ - مڙس، گهر لاءِ ڪٽنڊڙ ڪمائيندڙ هوندو آهي. جيڪڏهن منجهس ڪٽڻ ڪمائڻ جي صلاحيت، ڪن سستين سبب، سلب ٿيل هوندي تہ پوءِ گهر ۾ رڳو وينو ڪڪڙ ڪانءَ کي گاريون ڏيندو.
٣ - زمين ۾ زرعي فصل جي پيدا ٿيڻ جي صلاحيت رکيل هوندي آهي. جيڪا زمين ڪرندي/ ڪري پوندي آهي، تنهن مان اڪ جهڙا گهٽ فائدي وارا ۽ پاڻ مرادو اپرندڙ سلاءِ ايري پوندا آهن.
مطلب: مٽي بڌايل تنهي شين جي ڪرڻ سان، ٿي وڏا نقصان پون ٿا. (٣٩) ص ١٦٥.

٧٣٩. وڙهڻ ويريءَ سان، اڪ ڪٽي سوٽو،
واڻئي جي هٽ تي، هجي وٽ ڪوٽو،
ساماٽيل زال ڪي، ور ڏيڻ چوٽو،
انهن ٽنهي ۾ ٽوٽو. (چوٽي)

١ - اڪ جي ڪاني پُٽي ٿيندي آهي، سوٽي جي طور استعمال ڪرڻ سان، جهٽ ڀڃي پري پوندي. دشمن سان مقابلي/ ويڙهه وقت، اڪ جي ڪاني استعمال ڪبي ته هٿائين پاڻ مار کائبي.
٢ - دڪاندار وٽ، ڪوٽا وٽ هوندا ته تور ۾ شيون گهٽ ترنديون، گراهڪ کي گهٽو نقصان پوندو.
٣ - جوان زال کي ننديءَ عمر وارو مڙس ڏبو ته اها نابالغ ڇوڪر مان خوش نه رهندي. هر ڪنهن جو پنهنجو منهن هوندو، گهر ئي ڊانوانڊول ٿي ويندو.
مطلب: ١- مٿي ڄاڻايل ٽنهي حالتن ۾، رڳو نقصان ئي نقصان آهي.
٢- وڙهڻ ويريءَ سان، ڪٽي اَڪ سؤٽو،
عورت ساماڻل کي، ور ڏيڻ چوٽو،
ڏيئي رقم ٽورڙي، ڳهه ڳنهڻ ڪوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.
٣- سُمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪم-ذات، ٽنهي مان ٽوٽو. (١٢) ص ١٣٩.

٧٤٠. وسي ته وسڪارو، نه ته ڪارو اونڌارو. (چوٽي)

وسڪارو، مينهن جي وسڻ کي چئبو آهي، جيڪو سڪار جو ساکي آهي. اگر برسات نه پئي ته پوءِ نه ان ٿيندو، نه پاڻي ٿيندو ۽ نه واري مال ۾ ڪير مکڻ ٿيندو. اگر نه وٺو ته ڏڪار ۽ ڏولائو منهن ڪڍندو. بک ۽ بيروزگاري سبب، جيڏانهن تيڏانهن ڪارونيار وانگر انڌوڪار پيو نظر ايندو. (٣٥) ص ٢٢٣
مطلب: ١- وسڪار ته سڪار.

٧٤١. وسي ته رحمت، گجي ته زحمت. (چوٽي)

ٿر جهڙي علائقي کي سيراب ڪرڻ لاءِ برساتي پاڻيءَ جي اشد ضرورت ٿئي ٿي. بادل يا ڪڪر، جيڪي مٿئون نهي جڙي اچي بيهن ٿا. سي اگر وسيا ته واه واه ٿي ويندي. آئنده سالُ، آباديءَ جي حساب سان سنو گذرندو. اوپڙ ايرندي، جيڪا مال لاءِ گاهه پني طور ۽ مارن لاءِ ڏٿ طور ڪم

ايندي. انسانن ۽ جاندارن جو گذران تي ويندو. جنهن فعل سان، سال جي گذر سفر جيترو مال ميسر اچي وجي، تنهن کي رحمت ئي چئبو آهي.
بادل وسڻ بدران گجگوڙ ڪندا آهن ته اهي ڪم جا نه رهندا آهن، چو جو منجهن جيڪا گوڙ ۽ ڪنوڻ جو چمڪات آهي، تن لاءِ آراءِ اها آهي ته مٿن مقرر ٿيل مقرب ملائڪ، ميڪائيل عليه السلام، ڪين اتان ڪنهن ٻئي پاسي هڪلڻ لاءِ جيڪا رعد يا رڙ ڪري ٿو، تنهن جو اهو آواز آهي. سندس چمڪيءَ/ چهبڪ جي چمڪ کي ڪنوڻ جي چمڪ سڏجي ٿو. جڏهن ته گوڙ جو آواز ۽ ڪنوڻ جو چمڪات، آهن ئي ڪين هڪل سان ٻئي هنڌ وڃي وسائڻ جو حڪم ته پوءِ، جنهن زمين جي مٿان اهو گوڙ يا نڪاءُ ٻڌو ويو، تن وٽ اهي ڪڪر ڪيئن وسندا؟ جڏهن ٽر جهڙي علائقي تي ڪڪر نه وِنا ته مطلب اهو وٺبو ته مٿن رحمت نه ٿي، بلڪ زحمت ٿي.
مطلب: ١- پيٽيو: وٺو ته ٽر، نه ته بر.
٢- گجڻ وارو، ورلي وسندو، جڏهن ته ٽرين لاءِ وسڻ رحمت ۽ نه وسڻ زحمت آهي.

## ٧٤٢. وقت گذري ويندو، وجي رهنديون ڳالهيون. (چوڻي)

١- وقت: ازل ڪان ابد تائين، هڪ وَهَ تي، وڏي بيقراريءَ سان وهندو رهي ٿو. ڪيس هڪ هنڌ ٽِڪاءُ ئي ناهي. ڪير ڪيس، واڳي ۽ مُندي، بيهاري نه سگهيو آهي. درياهه وانگر مسلسل وهڪ ڪندڙ وقت، پاڻ ته پڄندو ٿو وڃي پر حالات ۽ واقعات جي صورت ۾، پويان پنهنجا چٽا نشانات ڇڏيندو ٿو وڃي. تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي صورت ۾ ڇڏيل سندس اهي اهڃاڻ، سندس هئڻ ۽ وهڻ جو دليل آهن.
٢- جنهن سان واسطو/ رابطو آهي، تنهن سان معاملات پڻ آهن. اگر چڱو هلندو، ته به وقت گذري ويندو. اگر برو هلندو، ته به وقت گذري ويندو. پر سندس رويو ۽ ان دوران ٿيل ڳالهيون، دل تي نقش ٿيل ئي رهنديون. اهي دل تان ميسارئي نه ميساربيون. جڏهن ته اهو وقت ۽ اها مهل، ڪڏهوڪو گذري چڪا هوندا.
مطلب: ١- ٽاٽو ته ٽري وڃي، پر ويڻ ڪين وسري.
٢- رِٽو لهي وڃي، وٽو ڪين وسري.
٣- دل تي اڪريل ڳالهه، وقت گذرڻ سان به ڪين ميسارجي.
٤- وڃي رهندو واس، دلبر هن دنيا ۾.

۵- چڱا ڪم ڪجن، جيڪي وقت گذرڻ سان شرمساريءَ جو سبب نہ بڻجن.

## ۷۴۳. وقت وقت جي ٻلهاري آهي. (چوڻي)

ٻلهاري: گهر واري، غرض، گرهستي.

هر شيءِ جو قدر ۽ قيمت، وقت جي حساب سان آهي. هڪ وقت تي ڪنهن شيءِ/ وٿ جي، اشد ضرورت محسوس ڪبي آهي تہ ٻيڻي ٽيڻي ڏيئي، نائوٽا ناٽا خرچي بہ حاصل ڪبي آهي. جڏهن ٽاڻو ٽري ويندو ۽ وقت گذري ويندو آهي تہ پوءِ ان شيءِ جو نہ قدر رهندو آهي ۽ نہ ئي ڪير ان جي قيمت ادا ڪندو آهي.

جڏهن وٿ جي ضرورت هئي تہ ضرورتمند، هٿ ڪرڻ لاءِ پريشان هيو. جڏهن سندس ضرورت ۽ کپ نہ رهيو تہ ٽڪون پئي ڇٽيندي ۽ ڪيس سڏو ڪري رکڻ لاءِ ڪنهن جو ارواح بہ نہ پيو ورندو.

ماڻهوءَ جو بہ وقت هوندو آهي. يا تہ ڪيس مٿي ڪنهن لاءِ فرصت نہ هوندي آهي. ملڻ وارا، ويهي ويهي بيزار ٿي موٽي ويندا پر ساڻن لفظ بہ ڳالهائڻ جي مهلت نہ ملندس. يا تہ ڪو وقت ايندو جو نڪمٽو ٿيو، ماڻهن جي ملڻ لاءِ آتو وينو هوندو پر ڪو ساڻس هٿ ملائڻ وارو بہ نہ هوندو. ڳالهہ ٻڌڻ، ڪچهري ڪرڻ ۽ صلاح مشوره وٺڻ تہ رهي پري جي ڳالهہ.

مطلب: ۱- وقت چوي: آءٌ بادشاهہ.

۲- ڏار ڏار موسمن/ موقعن جو، انسان جي جذبات تي ڌار ڌار اثر پوي ٿو.

۳- وقت: ٽين طاقت آهي.

۴- ڪنئي ڪپي ڪا نہ، ڳولي لڀي ڪا نہ.

## ۷۴۴. وڪاڻيو ري ڪچڙي، ڏانتي پڙءِ. (مارواڙ، پهاڪو)

پڙءِ: پوي، ڦاسي.

ڪچڙي، کائڻ ۾ نرم ۽ هضم ڪرڻ ۾ آسان آهي. جڏهن سندس گهڻي تعريف ٿيندي آهي ۽ مٿس گهڻن جي سڌ ٿيندي آهي، تڏهن اها بہ ڏندن کان سواءِ چٻاڙجي نہ سگهندي آهي. ڪن حالتن ۾ تہ موراڳو ڏندن ۾ ڦاسي پوندي آهي. چڱو رڌل کاڌو، گهڻي تعريف ڪان پوءِ، ڪڏهن ڪڏهن چکڻ سان بہ ڏندن ۾ ڦاسي پوندو آهي. چڱي تعريف، دنيا جي شين جي ڪبي تہ اهي ضرور ڳچيءَ پونديون. تعريف تہ فقط هڪڙي ئي رب پاڪ

جي سونهين ٿي ۽ ڪرڻ بہ اها جُڳائي. دنياوي شين جي تعريف، اجائي ۽ ڪوڙي آهي.
مطلب: ١ - دنيا ۾ جنهن جي جيتري تعريف ڪبي، اها اوترو ئي تڪليف ڏيندي.
٢ - تعريف فقط هڪ رب جي سونهين ٿي. ان جي ئي ساراه ڳائجي.
٣ - پيٽيو: بڪاٽي ڪچڙي، ڏانتي وڙڳائي. (۵)

## ٧۴۵. وڳ ۾ هڪ گري، وڳ گرو. (پهاڪو)

گرُ: پانءِ، بيماريءَ جو قسم.
گرُ يا گرڻ جي بيماري، گهٽو ڪري انن ۾ ٿئي. ان ۾ اُٺ جا وار ڪسي ويندا آهن ۽ پيو ڪنهندو آهي. ان ڪان علاوه بدن ۾ ڳرندو ويندو آهي.
جيئن پڪي پاڻ ۾ گهٽا ڪنا ٿين تہ ولر سڏائين، ماٺهو ڪنا ٿين تہ ميڙ يا انبوه سڏائين، اٺ گڏجن تہ گلو سڏائين. اهڙيءَ طرح حلال مال جو جٿو، وڳ سڏائي. وڳ اندر: نر ۽ ماديون، ڦر ڦروٽا ۽ وڏا وهٽ هوندا آهن. وچڙندڙ بيماري اگر وڳ اندر هڪ ساهدار کي چنبڙي تہ، آهستي آهستي بين کي بہ چنبڙي پوندي. ڇو جو مال، بي زبانو هئڻ سبب، پنهنجي اهنج ۽ آزار بابت ٻڌائي نہ سگهندو آهي. جيستائين ڏراڙ يا ڏٽي وجي سندن پر گهور لهي تيستائين، بيماري ڳچ جيترن جانورن کي سيڪاٽي لاهي.
مطلب: ١ - صحبت جو اثر، هر هڪ تي ٿئي ٿو.
٢ - ڪني مڇي، ڪاري مان ڪڍي نہ اڇلبي تہ، ڪارو ئي گونهن ٿي ويندو.

## ٧۴٦. ونجهہ اُپني، ڏک اُپنو، رُني سپ وٽراه، هيءُ وڻ اياڳو اُپنو، جو ڄيرو سين لاه.

ونجهہ: وڻ جو نالو، جنهن جا پن پاڻ ۾ لڳن تہ منجهانئن باه پڙڪي اٿي.
ڄيرو: باه. اُپنو: پيدا ٿيو، اُپايو ويو.
ونجهہ جي وڻ پيدا ٿيڻ تي ساري وٽراه رُني هئي تہ: هيءُ نياڳو وڻ پيدا ٿيو آهي، جيڪو ٻين سيني کي باه لڳائيندو ۽ جلائي پسم ڪري ڇڏيندو.
مطلب: ١ - ڪنهن نياڳي، رهزن يا ظالم جي ڄمڻ سان سارو معاشرو روئندو آهي. ڇو جو اهو سمورن کي تنگ ڪندو آهي.
٢ - چورن سان چاه پئي، جي من ميڙ ڪيائين،
پوندو تہ ڪاٺ، نہ تہ ڪونائبو تہ سهين.

٣ - پيٽيو: چندن اُپني، سک اپنو، ڪِلي سپ وڙاه،
هي وڻ سياڳو اُپنو، جنهن واسي سپ وڙاه. (٢) ص ٦٠.

### ٧٤٧. ونهيون بادشاه، چاهي تيئن ڪري. (چوڻي)

ونهيون: پنهنجي مرضيءَ مطابق هر ڪم ڪري سگهڻ جي سگهه ۽ قوت رکندڙ فقط هن جهان/ ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ، الله آهي. پاڻ پنهنجي قدرت سان، قديم وقتن کان، قائم ۽ دائم آهي. سندس خزانا پرپور آهن، جن ۾ ڪڏهن بہ ڪا ڪوتي تہ ڇا پر ڪَرَ بہ نہ ٿي اچي سگهي. سو رب، جيئن چاهيندو، تيئن ٿيڻ ممڪن بہ آهي ۽ عين ائين ئي ٿي سگهندو جيئن ان جي ٿيڻ جو، پاڻ ارادو فرمائيندو.
دنيا جا بادشاه، جيئن چاهين، تيئن مجرائڻ جي ڪوشش تہ ڪندا آهن پر اهو تڏهن ممڪن ٿئي ٿو، جڏهن بادشاهن جو بادشاهہ، شهنشاهن جو شهنشاهہ، جهانن جو ڪارساز ائين چاهي. اصل فيصلا، سندس مشيت ايزديءَ تحت، دنيا تي نازل ٿين ٿا. جڏهن ارادو ڪري ڪنهن شيءِ جي ٿيڻ لاءِ فقط چوي ٿو: ٿيءُ! تہ پوءِ اها شيءِ ٿي پوي ٿي.
مطلب: ١- اصل بادشاهہ، رب آهي.
٢- بادشاهن جو بہ بادشاهہ اهو رب آهي، جيڪو پاڻ-وهيٽو آهي.
٣- خدا تعاليٰ کي ڪير بہ روڪڻ وارو ناهي. ڪيس جيئن وڻي ٿو، تيئن ڪري ٿو.

### ٧٤٨. وڻ ٻبر، ڪر ماٺهو، شال مَ پاڙي هوءِ،
### آڪبي ڪينڪي، تہ بہ هيئين ادڪو هوءِ. (ڊٽ، چوڻي)

ڪر: آزاريندڙ. آڪبي: ڏڪوئي. ادڪو: ڊپ، ڪٽڪٽو، هٽڪو.
١ - ٻبر جي وڻ ۾ سيلھ ڪندا ٿيندا آهن، جيڪي سڪڻ ڪان پوءِ سخت ۽ چنهبيارا ٿيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن چٽي، هيٺ بہ ڪرندا آهن. متن اگر پير آيو تہ، ماس اندر ٽنبجي پوندا ۽ اهنج/ ايذاءُ ڏيندا. ٻبر اندر پلڙو ٿيندو آهي، سو بہ ماڻهن جي ڪائڻ لائق نہ، بلڪ رڍون ٻڪريون ڪائنس. تنهنڪري گهر جي اگڻ تي يا پاڙي ۾، ٻبر جو وڻ نہ هجي تہ چڱو.
٢ - آزاريندڙ ماڻهوءَ مان بہ سڀ بيزار هوندا آهن. مڙني کي تائي تپائي ڏيندو آهي. گهر تہ ڇا پر پاڙي/ تر/ ڳوٺ ۾ ئي نہ هجي تہ ڀلو. جيڪڏهن منجهانئس ايذاءُ نہ بہ اچي تہ بہ هيئين ۾ پيو هُرڪندو.

مطلب: ١ - آزاريندڙ شيءِ کان، پاسو چڱو.
٢ - باھ ۽ بلا جو بَرَ ڏي منهن.
٣ - وڻ ٻاپرو، کر ماٺهو، گهر ۾ نہ هئن. (٢) ص ٦١.

### ٧٤٩. وهانءُ تہ واڻڪو، سهج تہ سونارڪو، گپ چڪ پاتڪي. (چوڻي)

سهج: سک، آرام، آسائش، فرحت، عيش، آسودگي. گپ چڪ: لاف، ڊاڙ، ٻٽاڪ.
١ - دڪاندار يا واڻيا، جڏهن وهان جهڙو ڪاج ڪن تہ ڪين سيڌو سامان پنهنجي هٽ تان ئي مليو وڃي. اگر ٻئي هنڌان حاصل ڪن تہ بہ ڪين سستي اگهہ يا اوڌر پاڌر تي مليو وڃي. سندن واقفيت جهجهي هئڻ سبب، ساڌي بہ گهٽا اچن ۽ پاهت وغيره ۾ بہ ڪسر ڪديو وڃن. ان ڪري سندن وهانءُ چڱو ٿيو وڃي.
٢ - سونارو، هر شيءِ ۾ مٽ ملائڻ سبب، ڪڏهن بہ نقصان ۾ نہ ٿو وڃي. اصل سون جي خبر بہ ڪيس ئي هوندي آهي. ان ڪري پنهنجي ڏنڌي مان چڱو خاصو اپراسو حاصل ڪري ٿو ۽ عيش جو وقت گذاري ٿو.
٣ - پاتيه ذات وارا جيسلمير اندر رهن ٿا. اهي ڏنڌي واپار اندر ڪافي مشهور آهن. سندن زبان پئي هلندي آهي، جنهن سبب لاف ڊگهي هٽي ويندا آهي.
مطلب: ١ - وهانءُ نہ واڻڪو، سهج نہ سونارڪو، گپ چڪ پاتڪي.
٢ - واڻيي ري ويهانءَ ۾، وگهن گهٽا.

### ٧٥٠. وئي جو هڪڙو پيرو، ڳوليندڙ جا سَوَ پيرا. (پهاڪو)

چور جڏهن چوري ڪري پڄندو آهي تہ پڄڻ وقت ڪوشش ڪندو آهي تہ پنهنجا نشان پويان نہ ڇڏي تہ جيئن پاڳيا ترت ڪيس پهچي نہ سگهن. اگر چور وٽ چوهي ۽ تيز سواري آهي ۽ وڄٽو بہ پري اٿس تہ پوءِ گوهيون ڏيڻ بجاءِ هڪ- منهن ٿي، هڪ-رخ تي سفر ڪندو آهي. پاڳين ڪي ٻيا گهٽ گهيڙ جهلڻ ڪان علاوه، تيز سواريءَ جو بندوبست ڪرڻ جهڙا ڏکيا مرحلا آڏو هوندا آهن، جنهنڪري ڪيس پهچي نہ سگهندا آهن.
اگر چور وٽ، ڍري سواري ۽ ڳؤرو بار آهي تہ پوءِ ساڳي جوءِ ۾ اڳتي پوئتي اچي ولو ڪري، پيرا وڃائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ جيئن ڳوليندڙ، پيرو کڻڻ ۾ الجهيل رهن. پاڻ ويندو هڪ رستي سان پيو، ڳوليندڙ،

شڪ جي بنياد تي، سندس سمورا گهڻ گهيڙ پيا واچيندا. جيتريون واٽون ۽ رستا، سندن نظر ۾ هوندا، مڙني تي مڙس ويهاري ڇڏيندا.
مطلب: ١- اصل واٽ هڪڙي آهي پر ڳوليندڙ کي نظر ويهه اينديون. ڪيس چندڻ چاڻ سيني جي ڪرٽي آهي ته جيئن اصل جي خبر پويس.
٢- چور کي ڳولهڻ لاءِ، ياڳئي کي سَوَ گهڻ جهلڻا پوندا آهن.
٣- واٽون ويهه ٿيون، ڪهه جاٽا ڪيهي ويا.
٤- پيٽيو: واريءَ کي واٽون گهٽيون، ٽڙيءَ کي ٽاپا گهڻا.

## ٧٥١. وياس جي وينگڻ ڪائي، ٻيجان نان اپديش ڏي. (ڀهاڪو)

وياس جي: ٻياس جي، ماڻهوءَ جو نالو، ٽر ۾ رهندڙ برهمڻن جي هڪ ذات جو نالو. وينگڻ: واڱڻ. ٻيجان نان: ٻين کي. اپديش ڏي: منع ڪري.
بي عمل ماڻهو، جيڪو پاڻ عمل نه ڪري ۽ ٻين کي وينو نصيحتون ڪري، تنهن جي چوڻ تي ڪير به ويساه يا عمل نه ڪندو آهي. نه ئي ان جي ڳالهه ۾ اثر هوندو آهي ۽ نه ئي ڪير متس وشواس ڪندو آهي. عيبدار ۽ عادتي، بري عادت کان پاڻ کي پري نه ٿو ڪري سگهي. سندس زباني ڳالهه تي، ٻيا ڪيئن پاڻ کي پري ڪري سگهندا.
مطلب: ١ - ٻياس جي واڱڻ ڪائي، ٻين کي منع ڪري.
٢ - ڀهرين پاڻ پرهيز/ عمل ڪجي، پوءِ ٻين کي تلقين/ مهميز ڪجي.
٣ - ملان جيئن چئي تيئن ڪجي، جيئن ڪري تيئن نه ڪجي.
٤ - بي عمل شخص کي، نصيحت نه ڪرڻ گهرجي.
٥ - اول نقصان کان پاڻ کي بچائجي، پوءِ ٻين کي هدايت ڪجي. (٦) ص ١٣٧.

## ٧٥٢. ويچا روڳي، ٻدا جوڳي، سورهيان پني گهاءِ،
## ذات ماري بکيا مانگي، اهي چار ئي مَ وسهاءِ. (چوٽي)

ويچا: حڪيم. روڳي: بيمار. سورهيان: سورهيه. بکيا: ڀيک، پنڻ. مانگي: پني. ذات ماري: ڪشتا ناهيندڙ، ڪيمياگر. مَ وسهاءِ: اعتبار نه ڪر.
١ - جيڪو حڪيم، پاڻ مريض آهي، سو ڪهڙي تپاس ڪري سگهندو؟ ڪانئس علاج ڪرائڻ، پاڻ کي وڌيڪ بيمار ڪرڻ برابر آهي.
٢ - جوڳي به جوانيءَ ۾ سيلاني ٿي رهندو. پيريءَ ۾ هڪ هنڌ رهي، بيٺل پاڻيءَ وانگر ڍپ ڪري ويندو. مثال: پاني بهتا ڀلا، جوڳي رمتا ڀلا.

٣ - سورهيه اهو آهي، جيڪو جنگ جي ميدان ۾ دوبدو وڙهي ۽ سيني تي زخم سهي. پٺي ڏئي ڀڄڻ وارو، بزدل آهي. جنهن کي پٺيءَ تي زخم يا ڌڪ لڳل هجي، اهو بزدل آهي، سورهيه ناهي. ڇو جو سينو ڏئي وڙهڻ بجاءِ، پٺي ڏئي ڀڳو آهي.
٤ - ڌاتو مارينڌڙ حڪيم يا ڪيمياگر، وڏا ڪشتا ناهي، تمام گهڻي دولت ڪمائي سگهي ٿو. ان جي برعڪس اهو پننڌڙ هجي ته پوءِ ڪوڙو سمجهبو.
مطلب: مٿي ٻڌايل چار ئي شخصيتون، اعتبار ڪرڻ جهڙيون ناهن. (٤) ص ٢٤٧.

٧٥٣. ويساک وُٺو نه ڀلو، چمڪيو نه ڀلو چيٽ،
راجا رُنو نه ڀلو، پرچيو نه ڀلو سيٺ. (چوٽي)

ويساک: سنڌي ڪئلينڊر جو ٻيو مهينو ٿئي.
١ - برساتي سنئوٽن موجب، جيڪڏهن ويساک ۾ پُلجي به مينهن جون ڪٽيون پيون ته پوءِ ساري رُت، مينهن ڪنهن نخريلي محبوب وانگر رٺل رهندو ۽ ان کي پرچائڻ لاءِ ڪيئي جتن ڪرڻا پوندا.
٢ - چيٽ ۾ وج جي چمڪات کي ڪُ-سنئوڻ لکيو ويندو آهي.
٣ - راجا يا بادشاهه سان ڦتائڻ چڱو ڪم ناهي. ڪيس ستن ولين جي طاقت آهي. رنو ته رلائي ڇڏيندو. سندس بادشاهيءَ ۾ رهي، ساڻس وير وجهڻ، ائين آهي جيئن درياهه پر ويهي، واڳونءَ سان وير وجهڻ.
٤ - سيٺ يا دڪاندار سان ياري رکڻ، چڱو ڪم ناهي. ان جو انت خراب آهي. ڇو جو دڪاندار، مطلب ڪانسواءِ ياري نه رکندو آهي. ڪوشش ڪندو ته، سنگت ۾ اوڌر تي ڳري وياج سان، نه هلنڌڙ شيءِ جو نيڪال ڪيان. جيئن ڪاسائين جي ياريءَ لاءِ مثال ڏيئي چوندا آهن: يار اچن، ڇيڇڙا به وڪامي وڃن.
مطلب: ١ - چيٽ ۾ جيڪڏهن ڪنوڻ ڪِنوي پوي ته سمجهبو: هيل وسڪارو ٻاڙو ٿيندو. ان ڪري هاٽي ڪان ئي توڏا تاٽي، مال ڪاهي وڃي ڪنهن ناري جي نواب يا لاڙ جي وڏيري جي پر ونجي.

# ھ

### ۷۵۴. هاٿي ڪريا ڪامڻا، ڪي نان ڏيان ڏوس. (پهاڪو)

هاٿي: هٿ سان. ڪريا: ڪيل. ڪامڻا: ڪٽو ڪم، ڀُتو ڪم، ڀُڏا ڪم.
ڪي نان: ڪنهن کي. ڏوس: ڏوهه
انساني فطرت آهي ته ڪم ڪرڻ وقت، احتياط وڌو ڪندو آهي. سوچ ويچار ڪري، پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي. ٻين جي ڪيل ڪمن تي به ڪڙي ۽ تنقيدي نگاهه رکندو آهي. عيب ڪڍڻ ۽ پچارڻ به، ماڻهوءَ جي فطرت ۾ شامل آهي. ٻئي جي ڪيل غلطيءَ تي ٽوڪڻ ۾، فرحت پيو محسوس ڪندو. پاڻ غلطي ڪندو ته به پاڻ کي حق تي پيو سمجهندو، جو جو ڪم ڪرڻ وقت احتياط ڪيو هونڊائين. نتيجو جيڪڏهن برو نڪتو آهي ته ان تي ارمان ته ٿيندس پر پشيماني يا پريشاني نه ٿيندس. پنهنجي ڪيل ڪمن جي نتيجي تي، اڪيون پوري پيو آمنا واريندو. جيڪڏهن دانهن ڪوڪ ٿو ڪري ته ٻيا ٽا چٽرون ۽ ٺٺوليون ڪنس. جيڪڏهن چيڙايائونس نه ۽ رڳو آڏي پڇا ڪيائونس ته به سوال جواب ۾ ونجي ويندو. تنهن ڪري، مِني به مات ۽ مُني به مات، ڪري پيو اندر جون مڪون اندر ۾ هٽندو. پنهنجي ڳالهه، ويهي وائرڻ ڪان، مات کي پيو ترجيح ڏيندو.
مطلب: ۱ - پنهنجي ڪيل غلطيءَ جو تدارڪ، ڏاڍو اٽائو آهي.
۲ - هٿ جي وڍيءَ جي، ڪنهن کي ڏجي دانهن؟
۳ - هٿ جي وڍيءَ جو، نه ويج نه طبيب.
۴ - هٿن سان ڪيل غلطيءَ جو ڏوهه، ڪنهن کي ڏيان؟
۵ - پنهنجي ڪئي جو: نه ويج، نه طبيب.
٦ - پڙهيام جي پاٽان، سي ئي سيل ٿيام،
اکر اڳيان اچي، واڳون تي وريام. (٦) ص ۱۳۸.

### ۷۵۵. هاڪا ڪجن، هوڪا ڪجن، هو نه پڄي ته پاڻ پڄجي. (چوڻي)

جهڳڙو/ جهيڙو، ڪنهن به صورت ۾ سودمند ناهي. امن ۾ خلل، سڪون ۾ ڏُڦيڙ، معاملي ۾ ڪروڌ ۽ عشق ۾ گهاري، ڪير به پسند نه ڪندو آهي. سمورا معاملا، ڌيرج، سوچ ويچار، صبر سان ئي حل ڪري سگهجن ٿا. جيترو منجهن جذباتي ٿبو يا جيترو هلڪي سوچ رکبي، اوترو معاملا بگڙندا/ گنجرندا. سڌرندا هرگز نه.
جيڪڏهن ڪنهن سان جهيڙي وارو معاملو ڳچيءَ پئجي وڃي ته اول هاڪڙ هوڪڙ يا ڌڪو ڌيڪر ڪجي. ڌڏي ڦڏي سان نه پڄي ته دانهن دونهن ڪجي. بين آڏو دانهڻ سان نه ٽري ته پوءِ پاڻ پاسو/ ٽارو ڪري وڃجي. ٽري وڃڻ به حڪمت عملي آهي. چو جو جيڪو هاڪڙ هوڪڙ تي نه پڳو آهي، تنهن جو ڪيرو ضرور مظبوط هوندو. اهڙي ماڻهوءَ سان ٽڪر کائبو ته نقصان ئي رسندو.
مطلب: ١ - ڪڙڪي/ دڙڪي/ دهمان سان، مراد حاصل نه ٿئي ته، پڄي جان ڇڏائجي. اجايو جهڳڙو جوٽي، جيءُ جنجل ۾ نه وجهجي.
٢ - ڌڪو ڪجي، ڌيڪر ڪجي، اڳلو نه پڄي ته پاڻ پڄجي.
٣ - نڙ ڪجي، نڙ نڙ ڪجي، نڪاءُ ڪجي، اڳلو نه پڄي ته پاڻ ئي پڄجي.
٤ - ڏڏو ڪجي، ڦڏو ڪجي، ڏاڏر ڪجي، اڳلو نه پڄي ته پاڻ پڄجي.
٥ - ڏڏر ڪجي، ڌيڪر ڪجي، هو نه پڄي ته پاڻ پڄجي.
٦ - ڏڏو ڪجي، ڌيڪر ڪجي، اڳلو نه پڄي ته پاڻ پڄجي. (٥)

## ٧٥٦. هٿ، ڄٽ، ڦٽ، سر، سوئر، پنج ئي ٻڏا چڱا. (چوڻي)

١ - هٿ، جسماني عضوو آهي، جنهن سان دنيا جا تمام گهڻا، بلڪ اڪثر ڪم سرانجام ٿين ٿا. دنيا جي سموري ترقيءَ ۾، انساني هٿ جو هٿ، ضرور آهي. اهڙيءَ طرح تنزل ۾ پڻ هٿ ئي ملوث نظر آيو آهي. تنهنڪري، هٿ جو استعمال، هر ڪم ۾ احتياط سان ڪيو وڃي ته بهتر آهي. احتياط جو جيستائين تعلق آهي ته اهو هر ان عضوي استعمال ڪرڻ وقت لازمي آهي، جنهن جو نالو پڻ ٻن اکرن تي مشتمل هجي. جيئن: اک، هٿ، ٻڪ، لپ، نڪ، چپ، هَڏ، گُڏ، ڏُڏِ، لڱ، رت، دل، من، تن، دن، ڪن يا انهن جي هم وزن نالن وارا ٻيا عضوا وغيره. نه ساڻن ڪينس ڪجي، نه ئي ڪنهن ڇيڙخانيءَ ۾ ڪين ملوث ڪجي.
٢ - ڄٽ جي جيءَ ۾ جيڪي ايندو آهي، سو ئي ڪندو آهي. ڪيس نتيجي جي نه ڄاڻ هوندي آهي ۽ نه پرواهه. ڪائيندو ته لاپرواهه ٿي، بي تحاشا

ڪائيندو. وزن ڊوڙڻ وقت به وزن جي پرواهه نه ڪندو، ڀلي عضوا ٽٽي ڪري پون، مڙندو ڪين. جنهن سببان چون: ڄٽ، ڇاڇ مري يا ڪاڄ مري. تنهنڪري مٿس ڪڙي نظر رکڻ تمام ضروري آهي.
۳ - ڦٽ جو تعلق پڻ ساهدار جسم سان آهي، جنهن منجهان رت جي نڪرڻ جو انديشو آهي. رت ۾ ٻاهريان جراثيم، ڦٽ ذريعي داخل ٿي سگهن ٿا ۽ موت جو سبب به ٿي سگهن ٿا. جان ليوا بيماريءَ جو ڪارڻ ٿيندڙ ڦٽ به ٻڌل هوندو ته جسم تي بيماريءَ ٻڙيءَ جي حملي جو امڪان، گهٽ رهندو.
۴ - سر، سنهو ۽ ڪاتيءَ وانگر تکو وڍيندڙ هوندو آهي. بي خيالو، منجهس هٿ پيو ته رت ٽيندڙيون ڪري پيو وهندو. ان ڪري منجهس هٿ وجهڻ کان پهرين، هٿ کي ڪپڙو وغيره ويڙهي محفوظ ڪجي.
۵ - سوئر به بيغيرت جانور آهي. قطار ڪري ماديءَ تي چڙهندو آهي. جڏهن ٻئي ساهدار تي حملو ڪندو آهي ته به چار ڪپ ڪائي وجهندو آهي. انهيءَ ڪري ڪيس شڪاري، پنجوڙن ۾ بند ڪندا آهن.
مطلب: ۱ - ضرر رسان شيءِ جا رستا بند ڪرڻ، اشد ضروري آهن.

## ۷۵۷. هٿن جون سڀ آڱريون، سريکيون ڪو آهن. (ڀاڪو)

سريکيون: برابر، هڪجهڙيون. ڪو: نه.
انساني هٿ اندر، آڱوٺي کان علاوه چار آڱريون: ڇيچ، ٻاچ، وچين ۽ ڏسڻي، رب طرفان عطا ٿيل آهن. پنجن کي پاڻ ۾ هڪ-ڪرو ۽ هڪ-جيڏو نه رکڻ ۾ ڪيئي مصلحتون ۽ فائدا آهن. اگر هڪ جيتريون ۽ هڪ جيڏيون هجن ها ته شايد، لپ، ٻڪ، ۽ مُڪ منجهانئن جڙي نه سگهي آهي. گمان آهي ته پڪڙڻ جي صلاحيت به هٿ ۾ ساڳي نه هجي ها ۽ نه ئي وري ايتري خوبصورتي هجيس ها. آڱرين جي به ڪا الڳ شناخت نه رهي ها. اختلاف سان، منجهن شان ۽ رونق آهي. دنيا اندر، مڙني شين منجهه تضاد، پڻ سندن خوبين ۽ خصوصيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ نکار آڻڻ لاءِ رکيو ويو آهي.
هڪ ئي ماءُ/ امڙ جي پيٽان ڄاول ٻار، هڪجهڙا، هڪجيترا ۽ ساڳئي مهانڊي ناهن. سندن خوبيون، خصلتون ۽ ڏنڌا ڌاڙيون پڻ هڪ-ڪرا ۽ هڪجهڙا ناهن ۽ نه وري سندن دماغي قوت، سوچڻ سمجهڻ جي لحاظ کان ساڳي آهي.

مطلب: ١- آڱر ۽ آڱوٺي ۾ تفاوت آهي. (ساهتي)
٢- هڙئي ڀائر، هڪجهڙا ناهن.
٣- پنج ئي آڱريون، برابر ناهن.
٤- ڪنير جي هڪ ئي آوي ۽ جا ٿانءَ، ڪي پڪا ڪي ڪچا.
٥- امڙ جو پيٽ، ڪنير جي آويءَ وانگر آهي، منجهانئس ڪو ڏلو ته ڪو اڙدو اولاد ڄمي ٿو.

٧٥٨. هٿوڙي رو گهاءُ، ايرڻ جهلي. (پهاڪو)

رو: جو. گهاءُ: زخم، ڌڪ. ايرڻ: سانداڻ.
لوهه کي موڙڻ لاءِ نرم ڪرڻ خاطر، گرم ڪبو آهي. تتل لوهه کي موڙڻ لاءِ، سانداڻ تي مترڪن يا وڏاڻن سان ڪٽبو آهي، تڏهن وڃي مڙندو آهي. مترڪن جا ڌڪ، لوهه جو سانداڻ ئي سهي ٿو، ٻئي جي سهڻ جي بات ناهي.
ٿر اندر آيل ڏڪارن سبب، ڏنجها، ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا تين، جيڪي اتان جا رهواسي ئي، ڏٺ تي گذارو ڪري، برداشت ڪري سگهن ٿا. ٻين جي سهڻ جي جاءِ ناهي. (٣٥) ص ٢٦٧
مطلب: ١- مترڪي جو ڌڪ، صرف سانداڻ ئي سهي سگهي ٿي.
٢- گهوڙن جا ڌڪ: يا گهوڙا جهلين، يا ٻيڙا جهلين.
٣- پيٽيو: ڌڪن ۾ ڏاڍو تجي، سڪن ۾ سرهو نه تجي.

٧٥٩. هجي روٽلو ساڻ، ته رهجي رائلي ۾. (ڍٽ، چوٽي)

رائلو: ڳوٺ جو نالو.
سخاوت، هر ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. ڳوٺ اندر مڙيئي ماڻهو، هڪجهڙا نه هوندا آهن. ڪي سخي هوندا ته ڪي ڪنجوس يا پڪا هوندا. ڪي وري اصول جا پڪا هوندا آهن. وقت تي سخاوت، وري وقت تي پڪائي. ائين ڳوٺ راڄ جو وهنوار هلندو رهندو آهي.
ورلي ائين به ٿيندو آهي، جو سڄي ڳوٺ جا مرد ماڻهو، سخي هجن. ائين به ورلي هوندو آهي جو سڄي ڳوٺ جا ماڻهو ڪنجوس ۽ شوم هجن. مليل جليل رجحان، هر هنڌ ڪارفرما هوندو آهي.
اتفاق سان، ڪي ڳوٺ يا وسنديون، ڪن ماڻهن جي حرڪتن ۽ پڪائيءَ وارين جُنين سبب، بدنام تي ويندا آهن. نام-ڪنيو ٿيڻ پڄاڻان، پيا راڄن

۾ ڳائبا آهن. اهڙيءَ طرح رائلو ڳوٺ جا ماڻهو به مهمانن کي ماني کارائڻ ۽ مهمانداريءَ ۾ ڪسا هوندا هيا، جنهن سببان ڳوٺ جو نالو ائين لوئجڻ لڳو.
اهو ئي سبب آهي جو مسافر کي ڏس ڏنو ويو آهي: اگر وٽس، ماني ساڻ آهي ۽ پوءِ ڪيس رات رائلي ۾ پئجي وڃي ته پلي منجهس رهي. ٻي صورت ۾، رائلي ڳوٺ ۾ نه رهجي. ڇو جو رائلي جا رهاڪو، خاص طور تي رند قبيلي وارا، مهمانن سان برتاءُ پلو نه ڪندا هيا ۽ ماني کارائڻ يا مهمانداريءَ ۾ پڻ ڪسا هيا.
مطلب: ١- پڪن ماڻهن وٽ، وس ويندي مهمان نه ٿجي.
٢- اگر رائلي ۾ رهڻ ضروري هجي، ته پوءِ ماني ساڻُ ڪٽي اچجي.
٣- ثمر هجئي ساڻ، گهڙي پئو منجهه گهٽاڻ (لاڙ)
٤- ثمر هجئي ساڻ ته: گهڙي پئُ گهٽهڙ ۾. (سرو)
٥- ثمر هجئي ساڻ ته: پڄ پاڏاين ڪان. (سرو)
٦- ثمر نه هجئي ساڻ ته: پر وٺ پاڏاين جي. (لاڙ)
٧- سن آهي من، مانيءَ ڪان ننان نن. (سائين جي ايم سيد جي وفات ڪان پوءِ، سن شهر لاءِ، ائين مشهور ٿيو.)
٨- ثمر هجئي ساڻ ته: وڃي رهه رائلي ۾. (٣٣)

### ٧٦٠. هڏي تي هوڏ، ڪتن جو ڪم. (پهاڪو)

ماني ڪائڻ وقت، رڳو پنهنجي پيٽ جي لوري نه هئڻ گهرجي. انساني اخلاقيات اها آهي ته اگر ڪو مهمان مڙو يا دوست يار ان وقت اچي سهڙي ته ان جا به هٿ ڌورائجن. ڪن ته ائين به چيو آهي ته اگر ان وقت ڪو ڪتو ٻلو به اچي پهچي ته ٽڪر ان کي به اڇلي وجهجي ته جيئن ڪاڏي تي ان جي نگاهه نه ٿي پوي.
ڪتن جو خاصو آهي ته جيترو به اڳيان هوندن، سو ٿورو پيا پانئيندا. ٻئي ڪتي کي ڏسي پيا مٿس ڪِرندا ۽ اُلرندا. گوشت ته ڇڏ، ڇڙي هڏي تي به پيا وڙهندا جهڙندا. ان جي آڏو به ڪنهن کي اچڻ نه ڏيندا. (٣٥) ص ٢٤٢
مطلب: ١- لالچ ۾ اچي، ٻئي جو حق نه ڪائجي.
٢- مفاد پرستي ۾ اچي، ٻين سان وڙهي امن امان ۾ رخنو نه وجهجي.
٣- پنهنجي سر ڪان وڏيڪ، ٻين جي جان جو خيال رکجي.
٤- ڪائڻ وقت وڙهڻ ۽ گرڻ، ڪم ڪتن جو.

٥- ڪائڻ وقت صلاحڻ ۽ ٻئي جو خيال رکڻ، خاصو انسانيت جو.

### ٧٦١. هُردو دنيادار جو، پاهڻ ڪان بہ پري. (چوڻي)

هُردو: دل، هنياءُ، هِنياري. دنيادار: ڌن، دولت وارو، شاهوڪار. پاهڻ: پٿر.
پاهڻ ڪان بہ پري: تمام گهڻو سخت.
غريب، غربت سببان ٻين جي ڪاڻِ يا محتاجي ڪيڻ ۾ عار محسوس نہ ڪندو آهي. اگر وٽس ڌن دولت اچي وڃي تہ پوءِ ٻئي ڪنهن جي ڪيس موٿاجي (محتاجي) نہ ٿي رهي. البتہ دولت جي اچڻ سان، سندس من جون مرادون باآساني پوريون ٿين ٿيون. جنهنڪري سندس دل ۾ آڌ-وڏائي اچي ٿي وڃي. وڏائيءَ جي وڌڻ سبب، دل پٿر ڪان بہ وڌيڪ سخت ٿي ٿي وڃيس. پٿر-دل ٿيڻ ڪانپوءِ، ڪيس ڪنهن جو بہ احساس نہ ٿو رهي. سندس نظر ۾ هر ماڻهو اهڙو ئي تونگر ۽ شاهوڪار آهي، جهڙو پاڻ آهي. يا صفا پيينگيو آهي، جنهن مان هر وقت سوال جو خطرو رهي ٿو.
اهو ئي سبب آهي جو امير يا حاڪم وٽ، اڪيون هونديون آهن پر پٿرايل هئڻ سبب منجهن ديد نہ هوندي آهي. ڪَنَ هوندا آهن پر پٿرائجي وڃڻ سبب منجهن ڪا پُڪ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي آهي. دماغ هوندو آهي پر پٿرائجڻ سبب، منجهس ڪا خلش نہ جاڳندي آهي. دل هوندي آهي پر پٿر ڪان وڌيڪ سخت هئڻ سبب، ڪتي بہ جهبو نہ ڪائيندي آهي.
مطلب: ١ - شاهوڪار، سخت دل ٿيندا آهن.

### ٧٦٢. هرڻ آڪاڙا نہ ڇڏي، جنم پومي نران،
### هاٿي ڪو ونديا جبل، وسرسي موئان. (ڏٿ، چوڻي)

آڪاڙا: رهڻ جي جاءِ. جنم پومي: ڄمڻ جو هنڌ. نران: نر، ماڻهو، مرد.
ونديا: هندستان ۾ موجود، هڪڙي وڻ جو نالو.
١ - هرڻ جو گوشت، لذيذ ٿئي ٿو. جنهن سبب شڪاري ۽ چيتا/ شينهن وغيره سندس تاڙ ۾ هوندا آهن. انهيءَ پَوَ ٽتان، وس ويندي جُوءِ نہ ڇڏيندو آهي.
٢ - زمين/ ڌرتي، گذر سفر ۽ معاش جو ذريعو پڻ آهي. ڪڏهن ڪڏهن قحط-سالي يا بيماريون منهن ڪيڻديون آهن تہ ڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ

تان مجبور ٿي هجرت ڪندا آهن. جڏهن ته اها ڏرتي، جتي ڄاوا آهن، ڪانئن زندگيءَ پر نه وسرندي آهي. وس پڄڻ تي موٽي به ضرور ايندا آهن.
۳ - اهڙيءَ طرح هندستان جو وندايا جبل، هاٿيءَ اگر هڪ دفعو ڏٺو ته پوءِ هر وقت اوڏانهن پيو رخ رکندو. جنهنڪري چوندا آهن: ”هاٿيءَ کي هندستان نه ڏيکارجي.“ ڇو جو اهو هڪ دفعو ڏسڻ کان پوءِ، ڪانئس سڄي عمر نه وسرندو.
مطلب: ۱ - جنم ڀومي، جُوءِ ۽ ٽاڪ سان، قدرتي محبت ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن به ڪين وسرن ٿا. (٦) ص ٦٧.

## ۷٦۳. هرڻي اڳي هَتي ٽسڻي، مٿي ٻڌي گهنڊڻي. (پهاڪو)

ٽسڻي: ٿهڻي، ڊڄڻي. مٿي: مٿئون، وڌيڪ. گهنڊڻي: گهنٽي، ٽلي.
هر جانور جي پنهنجي پنهنجي فطرت ٿيندي آهي. جيئن سهو لڪ لڪوٽيءَ ۾ ماهر، روجهه رولاڪ، ڦاڙهو ڦڙتيلو، تتر شرميلو، ٻڪري ڊڄڻي ۽ هرڻ هنيلو. هرڻ، ٻڪريءَ وانگر ٿهڻو به ٿيندو آهي. ماڻهن واري جُوءِ مان پٽا ڏئي ڀڄي ويندو آهي. هر ڪڙڪي تي ڇرڪي، پيو ڪنائيندو ۽ واجهائيندو آهي. ڪانڻ پيئڻ نرهه تي ويندس. ويتر جو اهڙي جانور جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڻي/ گهنٽي يا ڪڙڪڻي شيءِ ٻڌي ڇڏبي ته پوءِ ٿاهه ڪائي پيو ٽپندو ۽ ڇرڪندو. بجاءِ هڪ هنڌ بيهي چرڻ جي، پنهنجو آرام/ ڪاڻو ته حرام ڪندو پر ٻين جي سڪون ۾ به خلل پيو وجهندو. ان لاءِ ضروري آهي ته اهڙي جانور جي ڳچيءَ ۾ ٿاهَ ڏياريندڙ گهنڊڻي نه ٻڌجي.
مطلب: ۱ - جيڪو جنهن معاملي کان ٿهندڙ هجي، اهو سندس سامهون آڻبو ته ٻين جي لاءِ به عذاب بڻبو.
۲ - هرڻي، اڳيئي ٿهڻي، هٿائين پيس گهنڊڻي.
۳ - رن اڳيئي نچڻي، ويتر پيس پيرن ۾ گهنگهرو.
۴ - رني اڳي ئي ويني هئي، ويتر آيس پيڪاڻو نياپو.
۵ - چنيسر کي اڳي ئي چت ۾ هيو، تهان پوءِ ٿيو، معاملو مٺيي تان. (شاهه)
٦ - هڪ اڳيئي ٿهڻي، ٻيو مٿان ٻڌي گهنڊڻي.
۷ - هڪ اڳيئي ٽسڻي، مٿي ٻڌي گهنٽي. (ٽري)

## ۷٦۴. هرڻيءَ لاءِ ڪورڙ ئي ڪافي آهي. (پهاڪو)

ڪورڙ: موٺ.
ڪورڙ، هرڻ وڏي شوق سان ڪائيندو آهي. نر هرڻ جي دن ۾ ڪستوري ٿيندي آهي، جيڪا ڪورڙ کائڻ سان پڪي ٿي خوشبوءِ پکيڙيندي آهي، جنهن تي هرڻيون مست ٿي سندس پاسو ونڊيون آهن. ان حالت ۾ لڳ ٻه ڪندا آهن. جنهن سان مادي ڦرجي پوندي آهي. (٣٥) ص ٢٤٣
مطلب: ١- هرڻ ۽ هرڻي، ڪورڙ کائي ڏهُ ڪندا آهن ته مستيءَ ۾ ايندا آهن. ڏهُ سان گڏ، نسلي افزائش به ٿيندي اٿن.

٧٦٥. **هڪ کي شوق، ٻئي کي ڳٽي. (چوڻي)**
نوجوان پٽ شوق ڪندا آهن ۽ اجاين ڳالهين تي پيا خرچ ڪندا آهن والدين سندن اهي اڻنگايون ڏسي ڳٽين ۾ پيا ڳرندا آهن. نوجوان، اجايا خرچ ڪري پئسا وڃائين ٿا، سياڻي ڏڪار آيو يا مصيبت ڪڙڪي ۽ پئسو نه هيو ته تڪليف ٿيندي. (٣٥) ص ٢٤١
مطلب: ١- ساڳي شيءِ، هڪڙن جي خوشيءَ جو سبب ۽ ٻين جي تڪليف جو.

٧٦٦. **هڪ موت، ٻيو وڇوڙو، ٽيون لڏيو ڏور وڃن. (چوڻي)**
جڏهن ٿر اندر ڏڪار ايندو آهي تڏهن بک ۽ بدحاليءَ سبب، ماڻهو ۽ مال مرندا آهن. جنهن سببان، جان، مال ۽ ٻچا بچائڻ خاطر، وسندين ۽ هوند وارين ڏِسُن ڏانهن لڏ-پلاڻ ٿيندي آهي. اهڙي منظر ۾ مائرن کان پنهنجا پٽ، ونين کان پنهنجا ور مال چارڻ سانگي، وڇڙن ٿا. (٣٥) ص ٢٤٩
مطلب: ١- ڏڪار اندر، محبت ڪندڙ دلين جي وچ ۾، وڇوڙي جو درد ڪر کڻي ٿو.

٧٦٧. **هر هر هلڪائي، وڃڻ در دوست جي. (چوڻي)**
هلڪائي: هورائي، هلڪڙائي.
هر انسان سان، مختلف النوع مسئلا لاڳو آهن، جيڪي هڪ هنڌان ڪيس حل ٿيندي نظر نه ايندا آهن. هر ماڻهوءَ جي طبيعت پڻ مٽ سٽ کي پسند ڪندڙ آهي. ڪيڏيءَ مهل سندس من ڪهڙي برج تي ته ڪيڏيءَ مهل ڪهڙي برج تي هوندو آهي. ڪڏهن ڪنهن جي ملڻ لاءِ تانگهو هوندو آهي

تہ ڪڏهن وري، ڪنهن سان بہ ملڻ تي موڊ نہ هوندو اٿس. هر ماڻهو، پلي گهاٽو دوست ٿي هجي. پنهنجي مسئلن، ذهني ڪيفيتن ۽ حالتن ۾ ورتل آهي. اگر هر هر سندس در تي وڃي، ڪيس ٻين ڪمن ڪان ڪوٺي ڪبو يا سندس طبيعت ۽ موڊ ڪي خاطر ۾ نہ آڻبو تہ معاملو بگڙجي پوندو. مهمان جو موڊ ڪچهري ڪرڻ، راڳ ٻڌڻ ۽ چرچا گهبا ڪرڻ جو هجي ۽ هوڏانهن ميزبان جي گهر اندر فوتگي يا بيماري هجي تہ لازمي آهي، ٻنهي جي موڊن ۽ من جي ڪيفيتن ۾ اختلاف هئڻ سبب، ملڻ تي بيزارگي ۽ خفگي ٿيندي.

جڏهن بہ ڪنهن دوست وٽ ملڻ لاءِ وڃجي تہ سندس ڪيفيت ۽ حال معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ، ساڻس ڪچهري ڪجي. اگر سندس موڊ نہ هجي تہ پاسو ڪري وڃجي. ٻيو، جلد جلد نہ وڃجي. وٺي وڃهي، پوءِ وڃجي تہ جيئن هڪ ٻئي لاءِ، چاهت رهي.

مطلب: ١- هر هر هورائي، در وڃڻ دوست جي. (لاڙ)

٢- ڏيهاڙي، پنهنجي ياءُ جي گهر نہ وڃ. (فرينچ)

٣ - دوستن ۾ گهٽي لالچ نہ رکجي.

۴ - ڪڏهن ڪڏهن دوستن جا بہ ڪم ڪجن، رڳو منجهانئن ڪم ڪڍڻ واري نيت نہ هجي.

**٧٦٨. هريو ڍيڍ سهاڙين ڪائي، ڦري ڦري پڇو آئي. (پهاڪو)**

هڪڙي شاهوڪار هندوءَ، هڪڙي وڏي ڏِڻ تي، پنهنجي گهر ۾ آيل هڪ ڍيڍ کي سِويون ڪارائيون. سٽيون ۽ منيون سويون ڪائي، ڍيڍ اهڙو اچي هريو جو هر ڏڻ وار بابت پيو پڇائون ڪرائيندو هيو.

جيئن خبر پويس تہ اڄ وڏو ڏڻ آهي، تيئن پاڻمرادو وڃي نڪرندو هئو. سيوين جو ڍؤ هٽي، مچ کي وٽ ڏئي، اوڳرايون ۽ تراڏيون ڏيندو، موٽي ويندو هيو. سندس انهيءَ عادت تي ٻيا پينڙيات پيا ڪرڪندا هيا.

”هريو ڍيڍ سهاڙين ڪائي، ڦري ڦري پڇو آئي“. هڪڙي پينڙيات ساڙ مان ڪرڪندي، هڪ ڏينهن چئي ڏنس: ”هريل ڍيڍ سيويون ڪائي، وري وري موٽي اچي“.

مطلب: ١ - هريل ڍيڍ سويون ڪائي، وري وري پوئتي اچي.

٢ - هرئي سندي هير، تنگ پجي نہ لهي. (سرو)

٣ - هريل ماڻهو، ڪڏهن بہ ڪين ٽرندو.

۴ - هير، چني پير.
۵ - جيڪو ڪائي هريو آهي، سو ڪاٽي مڙندو؟
٦ - جيڪو چڪي چريو ٿيو آهي، سو ڪاٽي جان ڇڏيندو.
۷ - جيڪي هِتي هريل آهن، سي هُتي ڪين مڙندا.
۸ - گهٽي ۽ اجائي تڪليف ڏيندڙ لاءِ ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.(٦) ص ۷۹.

۷٦۹. هڙ ڪيڙنو ڪوٽڙو، گهِندا جيسرميڙ،
ڏاٽ سُرنگي گورڙي، پڳا ٻاڙميڙ. (چوٽي)

ڪوٽڙو: علائقي جو نالو. گهندا: هاٿي. جيسر ميڙ: جيسلمير، راجستان ۾. ڏاٽ: ڏٽ. سُرنگي: سني. گورڙي: عورت. ٻاڙميڙ: ٻاهڙمير، راجستان جو علائقو.
۱ - هر ڪيڙڻ ۽ فصل پوکڻ لاءِ، ڪوٽڙي جي زمين ڀلي آهي.
۲ - جيسلمير جو علائقو فطرتي طور تي هاٿين جي لاءِ پلڻ پوسڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ نشو نمو لاءِ طبيعت موافق آهي.
۳ - پناه لاءِ، ٻاڙمير جو علائقو سني آماجگاه آهي.
۴ - عورت جي حسن ۽ سونهن جي هاڪ لاءِ، ٿر جو ڏٽ وارو حصو، ڀلو تصور ڪيو ويندو آهي.
مطلب: ۱ - ڏاٽي عورت، ٿر جي ٻين علائقن وارين عورتن جي مقابلي ۾، نزاڪت ڀري ۽ حسين هوندي آهي. (۱۴) ص ۷۰.

۷۷۰. هَڙ هڙِي، هَڙ ڪُونيَٽيءَ، گُوڏا گائين پيٽ،
هاڙي هِئہ جاپَسيءَ، پتوارڻ پُڳي ڪيٽ. (چوٽي)

هڙ: هر. ڪونيٽي: ٿر جو جهنگلي وڻ، جيڪو ٿر ۾ تمام گهڻو ٿيندو آهي. گوڏا: ڍڳين جا ٻچا، گابا. هِئہ: هاٿي. جاپَسيءَ: جاپندو، جمندو، پيدا ٿيندو. پتوارڻ: هتي نديءَ لاءِ چيل آهي. پتوارڻ يعني زمين تي ماني/ پتو ڪٽي ايندڙ عورت لاءِ چيل ناهي. ڪيٽ: ٻني.
هر تيار ناهي، اهو ڪونيٽن ۾ آهي. ڍڳين جا ڦر/ ٻچا، اجا مائن جي پيٽ ۾ آهن. يعني ڏاند وغيره بہ تيار ناهي. هاري بہ ڄائو ناهي يعني هاريءَ کي بہ ٻنيءَ جي ڳُڻتي ناهي. پر برساتي ندي، ٻنيءَ ۾ پهچي چڪي آهي.

مطلب: ١ - آدر جي چوماسي دوران، برسات وسڻ کان پوءِ، نديون ڀنين ۾ پهچي ويندون آهن ۽ هاري هر وڍڻ لاءِ جهنگ ڏانهن نہ ويندا آهن، بلڪ اڳي تيار رکندا آهن. (١۴) ص ٦١.

٧٧١. هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار،
پنجون بيمار، اهي پنج ئي بي ميار. (چوڻي)

١- انڌو ماڻهو، اکين کان وڌو هئڻ سبب، شين کي ڏسي نہ سگهندو آهي. سندس ٻڌڻ جي حِس تمام گهڻي تيز ٿي ويندي آهي. هر وقت پيو ڪنائيندو. هر ڳالهہ تي پيو سوچيندو. دل اندر پاڻ سوال ناهيندو ۽ پاڻمرادو پيو انهن جا جواب ڏيندو. انهن سوالن جوابن جو حقيقت سان ڪو بہ واسطو نہ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هر وقت شڪي مزاج ۽ چيڙاڪ رهندو آهي. هرويروءَ جي چِڙ کان وڌيڪ ڪا بيماري ٿيندي ئي ناهي.

٢- پوڙهو ماڻهو بہ ڪمزور رهي ٿو. ٻڍاپڻ ۾ سو ويڪون ۽ عيب آهن. ٻڍاپو: ٻيو ٻالپو، سڏيو ويو آهي. حالانڪ ٻار جي ڪمزوريءَ کي، ڪو بہ عيب نہ ٿو سمجهي. ڪيس، هر ڪو بي سمجهہ تہ ڀانئي ٿو، پر اهڙو بي سمجهہ جيڪو سمجهہ ڏانهن قدم وڌائي پيو. ڪيس ڪمزور تہ سمجهي ٿو پر اهڙو ڪمزور جيڪو طاقتور هئڻ ڏانهن قدم وڌائي پيو، جنهن مان مستقبل ۾ سهارو بنجڻ جي اميد آهي. جڏهن تہ ٻڍي ماڻهوءَ مان اهڙي ڪا بہ اميد ناهي. بلڪ، اهو پنهنجي ناقص عقل هئڻ سبب، سڄو ڏينهن پيو آڏا ابتا ڏس ڏيندو ۽ ڇهڙون ڏئي مجرائڻ جي ڪوشش ڪندو. جنهنڪري هر ڪو منجهانئس بيزار هوندو آهي.

٣- ٻوڙو ماڻهو بہ دفعا ڪلي: هڪڙو ٻين کي ڪلندو ڏسي، ٻيو جڏهن ڪلڻ واري ڳالهہ ڪيس ڪولي ٻڌائجي. اگر نہ ٻڌائيس تہ شڪ ۾ پئجي، پاڻ کي ئي کل جو سبب پيو ڄاڻندو. ڪيس ورجائي ٻڌائڻ ۽ وضاحت ڏيڻ ۾، مٿس ڪا ميار ناهي.

۴- ٻار بہ ڪمزور ۽ ضدي هوندو آهي. بادشاهن وانگر تريءَ تي بهشت طلبيندو آهي ۽ سندس خواهشون، تڪويني فطرت جي ابتڙ هونديون آهن. جهڙوڪ: مٽي کير منجهان، ڪنڌ ڪڏي ڦڪو ڪيو تہ پيئان. يا اٽ کي ديگڙي ۾ ويهاريو تہ مان ساڻس کيڏان. جنهنڪري سندس جبلتي رجحان تي، ڪا ميار ناهي.

۵- بيمار ماڻهو، هر ڳالهه ۾ ٻين مٿان بار ۽ سندن محتاج آهي. ڪاڌي پيتي واپرائڻ لاءِ، لٽي ڪپڙي لاهڻ پائڻ واسطي ۽ هٿ مُنهن ڌوئڻ ۾، ٻين ڏانهن پيو واجهائيندو. مدد نه ملڻ جي صورت ۾، پيو ڪين پٽيندو.
مطلب: ١ - فطرت طرفان معذور ڪيل ماڻهو، بي ميار آهن.

٧٧٢. هڪ چريا شينهن گهمن، ٻيا چريا ورن واءِ،
ٽيان چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءَ،
ڪکر بنا مينهن اپ ۾، اهي پنج ئي چريا. (چوڻي)

١- شينهن، بک لڳڻ ڪانپوءِ، شڪار لاءِ ٻاهر نڪرندو آهي. جنهن جانور کي ماريندو آهي، تنهن کي چڪي، ٽم ۾ وجهي ٿمائيندو آهي. اگر گهلڻ کان گهٽو هوندو اٽس ته ڏينهن اڌ ڪنو ٿيڻ لاءِ، ڪيس شڪار واري جاءِ تي ئي ڇڏي ويندو آهي. تهان بعد اچي سندس نرم ٿيل عضوا پٽي ڪٽندو آهي. اگر، شڪار جي غرض کان سواءِ ٻاهر نڪرندو ته به سامهون آيل ساهدار کي خواه مخواه چنبو هنيو ڊاهيون ويندو. جهنگ خالي ٿي ويندو، هيءُ عادت کان نه مڙندو. اها به هڪ قسم جي چريائپ آهي.
٢- واهوندي جو واءُ، جڏهن ورندو آهي ته سمنڊن اندر ٻيڙا ۽ غوراب غائب ڪري ڇڏيندو آهي. زمين تي فصلن ۾ ڦيرا آڻي ڇڏيندو. ڦرڪا ئي ڦِري ويندا آهن.
٣- جوانيءَ جا ڏينهن به انڌ جا ڏينهن هوندا آهن. طاقت گهڻي، عقل ٿورو. نه سوچ، نه سمجهه. نتيجي کي نظر ۾ رکڻ بدران، طاقت جي زور ۽ ٻانهن جي ٻل تي پيو ماڻهو دڙيون ۽ ڪونا ٽپندو، لوڙها لتاڙيندو ۽ آهندا پجندو. اها به هڪ قسم جي مستي ۽ موج، چريائپ ۽ اياڻپ آهي.
۴- درياهه اندر جڏهن ٻوڏ يا طغياني ايندي آهي، تڏهن بند ٽوڙي، زمينون سرڙيون برباد ڪيون، چڙواڳ پجندو ويندو آهي. دڙا دڪا، ڪڏا کٻا هڪ ڪيون ويندو آهي. جيڏانهن تيڏانهن لس ليٽ ڪري ڇڏيندو آهي.
۵- مينهن وسڻ کان اڳ، آسمان ۾ هوائون لڳنديون آهن. منجهن مٽي ۽ ڪک ايندا، مٿان وسڻ وارا بادل ڪکر ايندا ۽ وجون چمڪنديون آهن. ڪنوڻ جي چمڪاٽن ۽ گوڙ جي نڪاون کان پوءِ، پاڻيءَ جا وسڪار ٿيندا آهن. ان جي برعڪس اگر آسمان صاف هجي، نه منجهس ڪنوڻ ڪنوي ۽ نه گجگوڙ ٿئي. وري جڏهن اوچتو مينهن وسي پوي ته عجب ضرور ٿيندو.
مطلب: ١ - مٿي ڄاڻايل پنجن ڪيفيتن کان وڏيڪ چريائپ ڪهڙي هوندي؟

## ٧٧٣. هندو سينسي جو گهر،
## جيترو سياڻو اوترو پرمي. (چوٽي)

سينسو: وسوسو، وهم. پرمي: وهمي، گمان ڪندڙ.

وهم، اندر جي ڪيفيت آهي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن لفظن سان بيان به نه ڪري سگهبي آهي. اهو ئي سبب آهي جو چوندا آهن: وهم جو علاج، حڪيم لقمان وٽ به نه هيو. چو جو وهمي ماڻهوءَ کي جيڏانهن تيڏانهن نقصان پيا نظر ايندا آهن. ڪانيءَ ۾ ڪليءَ ۾: شڪ. ٻليءَ ٽپو ڏنو ته هڪڙو وهم. هلندي، رستي اڳيان لنگهي وئي ته ٻيو شڪ. شڪي مزاج ماڻهو، پنهنجي اندر جي ڪيفيتن سان ايترو ته زخمي ۽ چڪناچور ٿي ويندو آهي جو سندس پروسو، جان تي پيل ڪپڙن تي به نه رهندو آهي. زال ۽ ٻارن ۾ ته شڪ ڪندو پر هنڌ بستري تي به اعتبار نه هوندس.

اهڙو سونسائي ماڻهو، پاڻ مان ته بيزار هوندو آهي پر اوڙو پاڙو ۽ گهر ٻار وري منجهانئس بيزار هوندو آهي. هيءُ الريو الريو ۽ ٽڏريو ٽڏريو ساڻن وڙهڻ لاءِ پيو واجهه وجهندو ۽ وجهه تاڙيندو ۽ هو به هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ پهرين پاسو ڪندا، پوءِ حڪيمن ۽ پوپن ڏي ويندا ۽ آخر ۾ رسن سان ٻڌي ڇڏيندس.

وهمي ماڻهو، وري جيترو سياڻو، اوترو وسوسن، وهمن ۽ پرمن گهڻڻ ۾ وڌيڪ پڙ هوندو آهي. هڪڙو وهم ذهن تي سوار هوندس ته ٻئي لاءِ، مڪني من ۾ پئي سنجرندس.

مطلب: ١- جيڪو گهڻن کي، خدا ۽ اوتار سمجهي، سو وهمن ۾ ضرور وڪوڙبو.

٢- پيٽيو: سونسائي: مئو پلو.

## ٧٧٤. هنسان نان سمندر گهڻا، پُهنڪ گهڻا پمري،
## سگهڙان نان ساجن گهڻا، ديس توڙي پرڏيهه. (چوٽي)

سمندر: سمنڊ، پاڻي. هنسان: هنس پکيءَ جو جمع، هنجهن.

پُهنڪ: ڦنڪ، ڦل، گؤنچ ۽ گل. پمري: پونئر، پوپٽ.

١ - هنس يا هنجهه پکيءَ جو گذارو، پاڻيءَ تي ٿيندو آهي. ڪيس منجهانئس کاڌ خوراڪ به مليو وڃي. مٿس ترڻ تڙڳڻ سان، سندس صحت به برقرار رهي. خالق ڪيس خلقيو آهي ته سندس طبيعت موافق، منظر به خلقيا اٿائين ۽ ڪيس اهي ميسر به ڪيا اٿائين.

٢ - پوپٽ جي سونهن سوپيا ۽ گذارو، گلن جو واس ونڻ ۾ آهي. سندس انهيءَ گهرج جي حساب سان، قدرت واري وري اهڙا منظر بہ دنيا اندر چٽيا آهن جن تي سندس گذارو ٿئي ٿو.
٣ - سگهڙن کي سمجهڻ ۽ قدر ڪرڻ وارن جي بہ ڪمي ناهي. قدرت واري اگر ڪين گفتي ۽ سمجهہ جي ڏات ۽ اظهار جو فن ڏنو آهي تہ ان جا قدردان پڻ پيدا ڪيا اٿائين، جيڪي سگهڙن کي، ديس توڙي پرديس ۾، جوڳو مان ڏين ٿا.
مطلب: ١ - سگهڙ، جتي ڪٿي، سڄڻن جي صحبت مان پڙرو.
٢ - ضرورتمندن جون ضرورتون، دنيا اندر پوريون ٿيو وڃن.
٣ - ڪيليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، مليو وڃي.
٤ - شڪر-خوري ڪو شڪر، مل هي جاتي هي. (هندي) (٢) ص ٣٦.

٧٧٥. هنگڻ ڊائو، ڪي پرڙڪو پيچي. (پهاڪو)

هنگڻ ڊائو: هنگڻ پچر ڇڏي، هنگڻ بس ڪيو. پرڙڪو: پچو. پيچي: بند ٿي، پنهنجي جاءِ تي بيهي.
هڪڙي همراه کي قبضيءَ جي وڏي شڪايت هئي. ان سبب موڪا ۽ بواسير ٿيڻ جو خطرو بہ هيس. پيٽ جي انهيءَ شڪايت سببان، ڏاڍو پريشان هيو. ڪنهن چڱي مَني سان صلاح ڪيائين. ڏسُ مليس تہ: ڪنهن سني حڪيم کان ڪو جلاب وغيره وٺ تہ پيٽ هلڪو ٿيئي.
اها صلاح وٺي، هڪڙي حڪيم صاحب وٽ وڃي پهتو. کيس ساري ماجرا ٻڌائي، جلاب لاءِ عرض ڪيائين: ”حڪيم صاحب! اهڙي ڪا ستي ڦڪي ڏي جو پيٽ جو اُرُ گرُ نڪري وڃي، پيٽ نرم ٿي پوي ۽ مان صفا هلڪو ٿي پوان!“
حڪيم صاحب، کيس حسب فرمائش، جمال گهوٽي جو جلاب ڪارايو ۽ چيائينس: ”هتي ئي جهنگ اندر ويهي آءُ. جڏهن پيٽ هلڪو ٿيئي تہ پوءِ مون کي اچي ٻڌاءِ!“
مڙس، جهنگ جي خيال سان ويو تہ چڱو وقت هٽيڪو ٿي ويو. آخر حڪيم صاحب پنهنجي مددگار حڪيم کي ڏانهنس جهنگ ڏي موڪليو. جنهن ڏنو تہ، دستن مٿان دست هٽي، مڙس اڌ مئو ٿيو پيو آهي. تنهن هوندي بہ پڇيائينس: ”ابا ڏي خبر! جلاب ڪجهہ پيٽ هلڪو ڪيو ڪن نہ! يا اجا سُتيءَ جو وزن وڌيڪ ڪپئي تہ جيئن وڌيڪ هلڪو ٿئين؟“

”هنگڻ ڏائو، ڪي پرڙڪو پيچي!“ مڙس جهنگ جي خيال تان، سهڪندي موٽ ڏنس: ”هنگي ڏۀ ڪيم، هاڻي پچو چڙهڻ جي دوا ڏي!“
ڪمپائونڊر ڊوڙندو حڪيم وٽ پهتو ۽ ڪانئس دستن بند ٿيڻ جي سُتي وٺي وڃي همراهه کي ڏنائين، جيڪا ڪائي سامت ۾ آيو.
مطلب: ١ - هنگڻ پچر ڇڏي، رڳو پچو چڙهي.
٢ - هنگڻ کان ڏائس، جي پرڙڪو بيهي. (ٿر)
٣ - لالچ ڇڏيسين، رڳو جان آجي ٿئي.
۴ - لذت واريون سڏون ڇڏيون، رڳو ڪائڻ لاءِ ڪجهه ملي. (٦) ص ١٣٧.

## ٧٧٦. هنگ سهانگي ته به ڪا پات ۾ گهوربي. (پهاڪو)

هنگ: پسارڪو ۽ ڪارائتو وکر. پات: ٻاٽ، ڏريل اَنُ جو پت يا رٻ.
گهورڻ: ٻُرڪڻ، مٿان وائرڻ.
هنگ، مهانگو وکر آهي، جيڪو ايران/ خراسان کان ايندو آهي. حڪيم، اُوچن معجونن مٿان، ٻرڪي طور استعمال ڪندا آهن. اهڙي اوچي ۽ ڪارائتي شيءِ، سادن کاڌن جهڙوڪ: رٻ يا پٽڙي پت مٿان نه ٻرڪبي آهي. ائين ڪرڻ، سندس بي قدري ڪرڻ برابر آهي.
مطلب: ١ - هنگ سهانگي، ته به ڪا ٻاٽ ۾ گهوربي. (هندي)
٢ - ڪارائتي شيءِ، ڀلي گهٽ قيمت تي ملي ته به مانُ ڪبس. بيڪار جڳهه تي استعمال نه ڪبس.
٣ - عمدي شيءِ، سستي ملي ته به هاربي ويربي نه.
۴ - گيهه ڀلي سستو ملي، پر جُتيءَ کي ڪين مکبو.

## ٧٧٧. هوند تي هونگار آهي. (چوڻي)

هونگار: هونگر، اٺ ۽ مينهن جهڙي مال کي ڪاهڻ لاءِ ”هون هان هاهم“ جهڙا آواز. هوند: هئڻ، خاص طور مال ملڪيت جو هئڻ.
مال ملڪيت وارو، ڀلي ڪيتري به هٽ-روڪ ۽ مُنهَن-ٻڪائي ڪري، پر سندس ڌن دولت جي چمڪ ۽ بوءِ، سندس چهري مان پئي ٻڪندي آهي. اگر ڌن دولت ڪنهن کي ظاهري ڀلي نظر نه اچي، تڏهن به ملڪيت واري جي ڪيفيت مان، ضرور نظر ايندي. جهڙوڪ، ڪا شيءِ وڪامندي هوندي ته ڊڪي اگهه پاڳهه پڇندو. سون جا اگهه ڄاڻڻ، جاين جا نقشا پيا وٽندس. اندر جي خوشيءَ سبب، شادين ڪرڻ جون رٿائون پيون سندس واتان

نڪرنديون. ٻاهرين سفرن تي نڪرڻ ۽ واپار وڙي ۾ هٿ وجهڻ جهڙين صلاحن ۾ پيو سنگت ساٿ کان مشورا وٺندو.

سندس اهڙي قسم جي، هون هان مان بہ ڪي ڄاڻو ۽ جهانديده ماڻهو تاڙي ويندا آهن تہ: مڙس وٽ ڪجهہ هوندَ آهي. انهيءَ هوند تي تو پيو هونگرون ڏئي. سگهٽي هيانءَ تي، ڪنهن کي بہ اگهن پاگهن پچڻ جي هينئاري نہ ٿيندي آهي. چو جو چوندا آهن: ناڻو هجي ڏوڙ ۾، تہ بہ چمڪات ڏئي نرڙ جي نور ۾.

مطلب: ١- هوند سارو ڏيک/ نماءُ ڪجي.

٢- هوند تي آهي، هونگار. (٣۵) ص ٢٦٣

٣- هوند مٿي، هونگار آهي.

۴- هوند تي ،هونگر ڏجي.

۵- فصل لهڻ وقت، ڪوئي کي پنج زالون آهن. (تامل)

٦- هوند آهر، اوڏرون ڏجن.

### ٧٧٨. هون ئي راڻي، تون ئي راڻي،
### ڪوڻ ڪرسي اينڌڻ پاٽي. (پهاڪو)

هون:آءٌ، مان. ڪوڻ: ڪير. ڪرسي: ڪندو. اينڌڻ پاٽي: رڌڻ پچائڻ، سانجڻ. راڻي، بادشاه جي زال کي چئبو آهي. بادشاهن جي زالن وٽ، گهر جي هر ڪم لاءِ علحده نوڪر ۽ نوڪرياڻيون رکيل هوندا آهن. ڪين ڪرڻ لاءِ، گهر ۾ ڪو ئي ڪم نہ هوندو آهي. سندن لٽا ڪپڙا بہ نوڪرياڻيون پيون ڌوئنديون، سانديينديون ۽ مترائيينديون آهن.

جيڪڏهن ڪنهن کي ڪرڻ لاءِ ڪم نہ هجي ۽ ان جو هر ڪم نوڪر ڪري، تنهن کي بہ راڻي يا راڻو سڏيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ راڻي يا راڻو ٿيڻ معنيٰ نڪمو ٿيڻ. هر ماڻهو، جيڪڏهن راڻو يا نڪمو تي ويهي رهي تہ دنيا جو ڪارخانو ٺپ تي وڃي. چو جو هتي هر نئين ڏينهن، نئين سر، نئون سج اڀري ٿو. اڄ جا حالات ڪلهہ جهڙا ناهن. سياڻي، اڄ جهڙو نہ هوندو. هر ڦرندڙ حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهوءَ کي، محنت ۽ ڪرت ڪرڻي آهي. جيڪڏهن نہ ڪندو ۽ هٿَ هٿُ تي رکي وينو هوندو تہ پاڻ بہ بک مرندو ۽ ساڻس سندس عيال بہ بک مرندو.

مطلب: ١ - مان بہ سس، تون بہ سس، چلهہ تان ديڳڙو ڪير لاهيندو؟

٢ - آءٌ بہ راڻي، تون بہ راڻي، ڪير پريندو پاٽي؟

٣ - مان بہ رئيس، تون بہ رئيس، گڏه ڪير هڪليندو؟

۴ - انسان کي زنده رهڻ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي.
۵ - نڪمو ماڻهو، پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ تڪليف ۾ وجهي ٿو.
٦ - گهر ۾ سڀ معتبر هوندا تہ گهر جو ڪار وهنوار نہ هلندو. (٦) ص ١٣٩.

## ٧٧٩. هيڪ اڻ ڪونيو، نہ ٻيجو ٽري ڪرياتو. (پهاڪو)

ڪرياتو: ڪريءَ وارو ڪاڏو ڪائيندڙ، رڪ واري ڪاڏي تي.

ٽر اندر ڏڪارن جي اثر سبب، ڪيترا ماڻهو، ٻين جي درن تي، پيٽ پرڻ کي عيب نہ سمجهن. اهو ئي سبب آهي جو ناري پٽ ۾، ڪنهن بہ ڪاج تي بي دعوتيو پهچي، پت ڪايو اچن.

انهيءَ عادت سبب، هڪڙو ٽريو، ڪنهن ڪاج ۾ ويو. اڻ واقف ۽ ري-سڏيو هئڻ سبب، ڪيس سادو يا هڏي پت مليو. ڏسي، يڪدم چڱي مانيءَ حاصل ڪرڻ جي طلب ڪيائين: ”مان ڪرياتو آهيان، مون کي ٻوڙ ماني ڏيو.“

”هيڪ اڻ ڪونيو، نہ ٻيجو ٽري ڪرياتو.“ اهو ٻڌي، پت وارا ٽوڪ طور مٿس ڪليا ۽ چئي ڏنائونس: ”هڪ ري سڏيو، ٻيو ٽريءَ کي ڪِري.“

مطلب: ١ - جتي پاڻمرادو وڃجي، اتي نخرا نہ ڪجن.
٢ - هڪ اڻ دعوتيل، ٻيو ڪرياتو. (لاڙ)
٣ - هڪڙو اڻ سڏيو، ٻيو انگل. (سرو)
۴ - هڪڙو بي دعوتيو، ٻيو ڪرائتو. (لاڙ)
۵- هڪڙي چوري، ٻيو هنج. (ساهتي)

## ٧٨٠. هيڪ گهر مانجو، ٻيجو قاجي رو، باقي ڪل ڏاڍ ڏوڍ. (چوڻي/ پهاڪو)

انگريزن جي دور ۾، عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ ڏيڀي ۾ هڪڙو مينگهواڙ، ڳوٺ جي زميندار قاضي محسن وٽ اچي رهيو. مينگهواڙ ان وقت ڏاڍو غريب هيو. قاضي صاحب، کيس پنهنجي ڳوٺ جي هارين سان آهت ٻڌرائي ڏنو تہ جيئن پيٽ گذر ٽئيس ۽ وقت سک سان گذريس. ان آهت جي ڪري ۽ ڪجھ پنهنجي محنت سبب، اهو مينگهواڙ چند سالن ۾ پئسي وارو تي ويو. تنهنڪري سنو هٿ ۽ چڱي جاءِ ڪٽي جوڙايائين.

دڪان ايڏو عاليشان ٿي ويس جو اتان جي رهاڪن کي ڪٽي اتي مزور رکيائين.
هڪ دفعي اهو مينگهواڙ، ڪنهن پرانهين ڳوٺ جي سفر تي ويو. اتي ماٺهن ٻڌو ته، ديبي جو مينگهواڙ آيو آهي ته هلي ساڻس ملڻ آيا. ڪانئس ڳوٺ بابت حال احوال ونندي، ڳوٺ ۾ رهندڙ ذاتين ۽ قومن جو حال پڻ پڇيائون. وڏي سوچ ويچار ڪان پوءِ، ڦرين پنهنجي گهر جي واڪاڻ ڪيائين. پوءِ قاضي محسن کي ٻه خاطر ۾ آندائين. باقي ٻين ذاتين وارن تي فلڪ نه آڻيندي، ڪين ڳاٽيتي ۾ ڏاڍ ڏوڍ ڪونيائين.
مطلب: ١ - هر ڪو پاڻ کي ئي سڄو سون سمجهندو آهي.
٢ - هڪ گهر سيد جو، ٻيو اسان پاڪ-روهي-پوٽن جو، ٽين لاٽ لوٽ. (ساهتي)
٣ - هڪ گهر اسان جو، ٻيو سيد جو، ٻي ڪُتِ خلق ٻه گهٽي آهي.
۴ - هڪ سائين ٻيا مئن، ٻي رڳي ڏاڊ ڏوڊ. (لاڙ)

# ي

## ٧٨١. يٿا بيجن، تٿا نشپت. (سنسڪرت، پهاڪو)

يٿا: جهڙو. بيجن: ٻيج، ٻج. تٿا: تهڙو. نشپت: ڦل، ڦر، ميوو.
زرعي اصول آهي ته پلو فصل ونڻ لاءِ، هر، پاڻي، موسم ۽ پاڻ کان اڳ، سنو ٻج حاصل ڪجي. ٻج، نج هوندو ۽ منجهس گند يا ڪيرو نه هوندو ته فصل سنو ڄاپندو ۽ مجموعي اپت به پلي لهندي. جنس جڏي هوندي ته اپت به گهٽ ٿيندي، فائدي بجاءِ نقصان رسندو.
ان کان علاوه، جيڪا شيءِ حاصل ڪرڻي هجي، ٻج به ان جو پوکجي. جوئر حاصل ڪرڻ لاءِ جَوَن جو ٻج پوکبو ته جوئر ڪين ملندي. ڪٽڪ پوکبي ته ڪٽڪ لڻبي. جوئر پوکي، جوئر لُڻبي.
اهڙيءَ طرح، ٻين سان ورتاءُ آهي. جيئن هلبو، تيئن ٻيا به موٽ ۾ هلندا. سنو هلبو ته سنو هلندا. برو هلبو ته برو هلندا. جيڪڏهن ٻين مان چڱائيءَ جي اميد رکڻي آهي ته ساڻن سنو هلجي. اگر ٻين سان برو هلبو ته پوءِ منجهانئن چڱائيءَ جي اميد نه رکڻ گهرجي.
مطلب: ١ - پِتِ، آئري/ بنياد تي ويندي آهي.
٢ - جهڙو ٻج، تهڙو ڦل.
٣ - جهڙو ٻج، تهڙو سلو.
٤ - ڪٽڪ پوکي، جَوَ ڪين لڻبا.
٥ - جهڙو ٻج وجهبو، تهڙو ڦل ملندو.
٦ - جيڪي پوکبو، سو ئي لڻبو. (١) ص ١٩٧.

## ٧٨٢. يٿا ديوا، تٿا پڳتا. (سنسڪرت، پهاڪو)

يٿا: جهڙو. ديوا: مرشد، استاد. تٿا: تهڙو. ڀڳتا: چيلا، مريد، شاگرد.
شاگرد پنهنجي استاد جون عادتون ۽ اطوار اپنائيندا آهن. چيلا يا خليفا، پنهنجي گروءَ جي پوئلڳيءَ ۾، عافيت سمجهندا آهن. مريد خادم، پنهنجي مرشد يا مخدوم جي خدمت ۽ شيوا ڪي ئي، زندگيءَ جو مول متو سمجهندا آهن. سندس هر حڪم جي بجا آوري پيا ڪندا آهن ۽ هر حڪم تي هلڻ ۾، ٻنهي جهانن جو ڇوٽڪارو پيا پائيندا آهن.

جڏهن استاد-شاگرد، مرشد-مريد، خادم-مخدوم يا گرو-چيلي جو رشتو، عاشق-معشوق واري رشتي وانگر پڪو ۽ پختو ٿيندو آهي ته پوءِ اصلي ۽ اصولي قانونن جي لتاڙ ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. فروعي مسئلا ڪرُ ڪڻندا آهن ۽ مريد پنهنجي مرشد جي هر چال کي شرعي ۽ اخلاقي قانون پيا سمجهندا آهن. پوءِ ڀلي اهو مرشد يا گرو، اصلي قانون جي، پاڻ لتاڙ ڪندو هجي، پر مريد اکيون پوري پيا مٿس ويساهه ڪندا ۽ عمل پيرا رهندا. نتيجي طور، مريد يا چيلا، پنهنجي گروءَ يا مرشد جا، ڪردار ۽ اخلاق ۾، نمائندا پيا نظر ايندا.
مطلب: ١ - استاد جو شاگرد تي، مرشد جو مريد تي، گروءَ جو چيلي تي، معشوق جو عاشق تي براهِ راست اثر هوندو آهي.
٢ - جهڙو گرو، تهڙا چيلا.
٣ - گروءَ مرائي گانڊ، چيلا به چتو. (١) ص ١٨٥.

### ٧٨٣. يٿا راجا، تٿا پرجا. (سنسڪرت)

يٿا: جهڙو. تٿا: تهڙو، تهڙي. پرجا: رعيت
راجا يا حاڪم، رعيت جي مٿان حڪم هلائڻ ۽ قانون جي پابندي ڪرائڻ لاءِ ضروري هوندو آهي. رعيت پڻ سندس حڪم جي بجا آوريءَ ۾ ئي عافيت سمجهندي آهي. حاڪم جا ڀيا دنيوي حڪم ته رعايا مڃيندي آهي پر سندس مذهبي عقيدي کي پڻ تقويت وٺائيندي آهي. وڏائي چڙهائي ۽ دليل ڏيئي، سچ ثابت ڪري، ٻين آڏو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندي آهي ته جيئن حاڪم خوش هجي ۽ مٿن مهربان رهي.
عوام، حاڪم جي راضپ ۾، رب جو راضپ ۽ عافيت پئي سمجهندي آهي. حاڪم جي ناراضگيءَ ۾ رب جو ناراضپو ۽ عذاب پئي ڀانئيندي آهي. جنهنڪري جنهن رستي تي راجا هلندو آهي يا پنهنجي هلت ۽ وهنوار رکندو آهي، تنهن تي رعيت پڻ ساڳيءَ ريت هلندي ۽ عمل پيرا رهندي آهي.
مطلب: ١ - ماڻهو، حاڪمن جي دين تي هلندا آهن.
٢ - جهڙو راجا، تهڙي پرجا.
٣ - الناس، عليٰ دين ملوکهم.
٤ - رعيت، حاڪم جي مذهب تي هلندي آهي. (١) ص ١٨٥

### ٧٨۴. يٿا ڪرنت، تٿا پُنڪتي. (سنسڪرت، چوڻي)

يٿا: جهڙي. ڪرنت: ڪرڻي. تٿا: تهڙي. پنڪتي: پوڳڻي، پرڻي.
دنيا جو هڪڙو اصول آهي تہ جيئن ٻين سان هلبو، تيئن ٻيا هلندا. قدرت جو بہ هڪڙو قانون ڪارفرما آهي تہ جيئن رب جي مخلوق سان هلبو، تيئن قدرت وارو حالات لاهيندو. سندس مخلوق کي آرام ۽ فرحت ڏيڻ لاءِ جيڪو ڪوشش ونندو، مالڪ ان جي آسائش لاءِ دروازا کوليندو. جيڪو سندس مخلوق کي آزارڻ لاءِ جتن ڪندو، مالڪ بہ سندس رستي ۾ رنڊڪون وجهندو ۽ ڪيس راهئون رد ڪندو.
مطلب: ١ - هتي ڪر، هتي لوڙ.
٢ - جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي.
٣ - زمين وارن تي رحم ڪر تہ آسمان وارو رحم ڪرئي.
۴ - ڪرند پسند، ڏيند لهند.
۵ - ظلم نہ ڪر، تو تي بہ نہ ٿيندو.
٦ - ڪري، نہ پري! (١) ص ١٢٦.

### ٧٨۵. يٿا لاڀ، سنتُشٽ. (چوڻي، سنسڪرت)

يٿا: جيڪو، جيترو، جهڙو. لاڀ: ملي، ليي. سنتشٽ: راضي رهڻ.
هن دنيا ۾، انسان هٿين خالي آيو آهي ۽ وري هتان جڏهن موٽندو، تڏهن هٿين خالي موٽندو. هن دنيا ۾ رهڻ لاءِ، نہ ساڻ ڪا شيءِ ڪٺي آيو آهي ۽ نہ وري موٽڻ مهل، هتان جي ڪا شيءِ سان ڪٺي ٿو وڃي. جڏهن تہ زندگي گذارڻ لاءِ ڪيس، انيڪ شين جي ضرورت پوي ٿي، جيڪي هن دنيا ۾، نصيب آهر ڪيس ميسر ٿيو وڃن. جهڙوڪ: کائڻ لاءِ کاڌو، پائڻ لاءِ ڪپڙو، سمهڻ لاءِ اوڇڻ ۽ سمهڻ لاءِ بسترو وغيره. انهن شين جو بندوبست، سندس پهچڻ کان پهريائين، هن دنيا ۾ ڪيو ويو آهي. جيئن ننڍڙي ٻار جي صورت ۾ اگهاڙو ۽ بي بس انسان هن دنيا ۾ پهچي ٿو، تيئن ئي ڪيس تيار تيل ڪپڙا پارايا وڃن ٿا. کائڻ پيئڻ لاءِ سندس ضرورت ۽ طبيعت آهر، ماءُ جي سيني ۾ تج موجود آهي، جيڪا پهرئين ئي ميڪٽ تي ڪيس مليو وڃي. سمهڻ لاءِ وڇاڻو ۽ تنجڻ لاءِ لٽو ڪپڙو اڳي ئي هڪيو حاضر آهي.
اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ هر ڪنهن کي مليل شيءِ، هڪ ٻئي کان جداري ۽ جدا نوعيت جي ميسر ٿئي ٿي. ذات ۽ نسب، هر ڪنهن کي ملي ٿو پر

مختلف. علائقو ۽ ماحول هر ڪنهن کي مليل ٿو پر جدارو. تعليم ۽ تجربو هر هڪ کي ميسر ٿئي ٿو پر هڪ ٻئي کان وڏي تفاوت سان. ڪن کي پُنگين ۾ رهڻ ٿو نصيب ٿئي ته ڪن کي بنگلن ۾. ڪن کي سوٽي ڪپڙو مشڪل سان ملي ٿو ته ڪن وٽ ريشم به پيو ٿو ٿڏجي. ڪن کي چڙهڻ لاءِ گڏهه جي سواري به نصيب ۾ ناهي ته ڪن جو پير جهاز کان هيٺ نه ٿو لهي. ڪن کي ماني پيٽ پري کائڻ لاءِ ناهي، ته ڪي وري سٺيا مال به آڀوٽي پيا اڇلين.

الغرض، هتين خالي آيل انسان کي، دنيا ۾ ضرورت جون شيون، ٿورو هٿ پير هٽڻ سان، مليو وڃن ٿيون. نه پيٽ-بکيو ڪير سمهي ٿو ۽ نه ئي ڪير انگين-اگهاڙو گهمندو ٿو وتي. زمين تي هر ڪو رهي ٿو. اڏامي نه ٿو وڃي. جيڪي بنا سيڙپ جي ميسر آهي، تنهن تي راضي رهجي ته چڱو آهي.

مطلب: ١ - جيڪي ملي، تنهن ۾ راضي رهجي.

٢ - جڙيءَ کي جس.

٣ - هر حال ۾ شڪر ۽ صبر ڪجي.

٤ - ڪُٽي آئي، ڪيٽي آئي. (١) ص ١٧٥.

# حوالا، ڪتاب ۽ اشارا


١. ٽيڪچندا‌ڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي ڀاڪا: لساني ۽ سماجي-ثقافتي اڀياس، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، (عربي-سنڌي لپيءَ ۾ ڇاپو ڇپريون) سال ٢٠١٠ع.

٢. منواڻي، مشتاق ميمڻ: ڀٽن اپريو سج، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٢٠٠۴ع.

٣. ڏيپلائي، دوست: ٿاريلا ۽ ٿر، ٽه-ماهي مهراڻ، ۴/١٩٧٨ع س ا ب حيدرآباد.

۴. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول، س ا ب ڄام شورو/ حيدرآباد، ١٩٨٣ع.

٥. سانجهيرا، رامچند، انجنيئر: عمرڪوٽ. پاڻ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ ۾ آفيسر آهي.

٦. آنچلانند، جان ڪي ديوي: سپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن، بيٽ عمرڪوٽ، ٽري ٻوليءَ جي ڀاڪن ۽ چوٽين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو. (ايم فل لاءِ لکيل مقالو)

٧. ناشاد، رحم علي: ڀٽن جي ڀڻ ڀڻ، ڏياتي پبليڪيشن، اسلام ڪوٽ سنڌ، ٢٠٠٦ع.

٨. من موهن گياني: ٿر: گيان وگيان جي ڀونءِ، روزاني عوامي آواز، ڪراچي سنڌ.

٩. عرساڻي، محمد اسماعيل: سير ريگستان، س ا ب حيدرآباد، ڇاپو ڇپريون، ١٩٧٦ع.

١٠. رانوڙ، رائچند، هريجن: تاريخ ريگستان، پاڳو ڇپريون، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٨٨ع.

١١. رانوڙ، رائچند، هريجن: تاريخ ريگستان، پاڳو ٻيو، س ا ب حيدرآباد، ١٩٨٨ع.

١٢. رانوڙ، رائچند، ڇيلهار: لوڪ ادب، ٽه-ماهي مهراڻ، ۴/١٩٦١ع س ا ب حيدرآباد.

١٣. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي ڀاڪن ۾ سنڌي سماج جو عڪس (مضمون)، سنڌ: ماضي، حال و مستقبل ص٣٣٣، ڇاپو سال ٢٠٠٦ع.

١٤. ڪنير، حاجي محمد: ٽر جا ڏوهيڙا (مينهوڳي مند، مورن جا ٽهوڪا، وره وڇوڙو ۽ ساروڻين بابت) ٽه-ماهي مهراڻ، ٤/١٩٩٤ع س ا ب حيدرآباد.

١٥. ارباب، نيڪ محمد: ليکڪ، اديب، ڪالمسٽ، نيو ڇور.

١٦. خاصخيلي، محسن الملڪ: ڪوٽ غلام محمد. ساڻس ذاتين ۽ نسبن بابت تحريري طور تي بحث مباحثو ٿيو. ان ڪان علاوه ڪن ڀاڪن ۽ چوڻين جي وضاحت بابت خط و ڪتابت پڻ ٿي، جنهن اندر مختلف ڀاڪا ۽ چوڻيون، معنائن، تشريحن ۽ وضاحتن سان پڻ لکي موڪليائون.

١٧. آڏواڻي، پيرومل، مهرچند: لطيفي سئر، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، حيدرآباد، ١٩٨٩ع.

١٨. سرهندي محمد ابراهيم جان خليل: سنڌ سونهاري، گلزار خليل، سامارو.

١٩. ڳوئل، پونم پاسڪل: ڳيون رو ڳيت ڏن، پارڪري قوم ري ٥٠٠ ڪيتڻي ان ٢٥٠ هيماري، ڪيٿوليڪ ڊايوسيس آف حيدرآباد، ١٩٩١ع، ڏاري فيروز سنز پرنٽرس پرائيويٽ لميٽيڊ ڪراچي مان ڇپيو.

٢٠. جان سرهندي: ٿر- سڪ جو سفر،

٢١. آسناڻي، ڪيم چند، ڀڳت: مون وٽ نڪا پيتي، نڪو قلف ڪنجي (آپ بيتي) مرتب، ولي رام ولڀ، آسناڻي ميموريل پبليڪيشن مني، ڇاپي ٢٠٠٤ع.

٢٢. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: رهاڻ، هيرن ڪاڻ، جلد نائون، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد، جنوري ٢٠١٠ع.

٢٣. سانجهيرا، تلوڪ چند: نئون ڇور. (ساڻس مني شهر ۾، رامچند سانجهيرا صاحب جي پٽ جي شاديءَ واري موقعي تي ملاقات ٿي. جڏهن گهوٽ کي گهوڙي تي ويهاري، دهلن جي ڏونڪن ۾ ڪنواريتي گهر وڃي رهيا هياسين ته وڄندڙ دهل ڏي اشارو ڪندي ائين ٻڌايائين.)

٢٤. بلوچ محمد بخش، مجنون: مسڪين جهان خان کوسو، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ١٩٩٨ع.
٢٥. سومرو، حاجي محمد سراج: نيڪيدار ۽ انڊسٽريلسٽ، عمرڪوٽ/ حيدرآباد. (ساٿس، سندس گاڏيءَ ۾ هڪ دفعو حيدرآباد کان عمرڪوٽ، اڪ-وڍو، ۽ ڇاڇرو تائين، اوٽ موٽ جو سفر ڪرڻ جو موقعو مليو. ان سفر دوران، ڳالهين ۽ ڪچهرين ۾، ڪي ٽري کهاوتون، سندس گفتگوءَ ۾ اچي ويون، جن جي وضاحت ۽ تشريح، پڇڻ تي پڻ ٻڌايائين.)
٢٦. ماڌومل، هيڊ ماستر، اسڪول لائق پور، ٻنورو: اخبار تعليم، نمبر ۵، جلد ۹، آگسٽ ١٩١٠ع ص٢٧.
٢٧. جنجهي، نور احمد: مني. (ساٿس، ناز سنائيءَ معرفت فون ذريعي واقفيت ٿي ۽ ڪن پهاڪن چوٽين جي وضاحت ڪانئس فيس بوڪ تي چيٽ ڪندي ورتي وئي.)
٢٨. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: جنن جي جانچ، رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ڇهون، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، جنوري ٢٠٠٥ع.
٢٩. رحمت الله پيرزادو: ڇا سوڍن ۾ ڪو ٻه ڪيسُو باءِ ڪونهي؟ روزاني عومي آواز ڪراچي، بتاريخ پهرين فيبروري ٢٠١١ع
٣٠. خالد ڪنڀار: اوناري، اٺ ۽ انيون، روزانه ڪاوش، جون ٢٠١٢ع.
٣١. خالد ڪنڀار: ڀڳل هڏ جوڙيندڙ، مٽيءَ جا ماڻهو، پندرنهن روزه افيئر جون ١٥ کان جون ٢٩ سال ٢٠١٢ع ص٤٦.
٣٢. اشرف سمون: ليکڪ ۽ اديب، اسلام ڪوٽ. ڪانئس فون ذريعي ڪن پهاڪن بابت وضاحت ورتي.
٣٣. ڪنڀار خالد: گهوڙن جو خفت ۽ سوار جي نگاهه، روزاني ڪاوش ٢ نومبر ٢٠١٢ع.
٣٤. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: عالم ۽ استاد: ولهاري ميان، رهاڻ هيرن ڪاڻ، جلد ڏهون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، اپريل ٢٠١١ع.
٣٥. قلڪارو، م. ب. مشڪور: ٿر جي لوڪ ڏاهپ ۽ سائنس (سڪار ڏڪار بابت اڳڪٿيون، پهاڪا ۽ چوٽيون)، لاڙ هيومنيٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام. ٢٠١٥ع.

٣٦. اونو، زاهد: ٽر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ٢٠١٤ع.
٣٧. جنجهي، نور احمد: ٽر ۽ مينهن بابت لوڪ ڏاهپ، پندرنهن وار نيوز ميگزين افيئر،ڪراچي، مئي ٣١- جون ١٤، ٢٠١٥ع.
٣٨. ماڪن شاهه رضوي: 'ولهون، ويلا، واءُ جوڳين جهليا جيءَ تي'، ڏيهاڙي ڪاوش بتاريخ ٢٦ مارچ ٢٠١٤ع.
٣٩. منگيو، محمد صديق: ڦلواڙي (سنڌي پهاڪا ۽ چوٽيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٥ع.

# ڏسٽي ٽري پھاڪا ۽ چوڻيون

١. آپ ڦاتي، تڏين تڳڙو نہ اچي. (ڪچي، پھاڪو)
٢. آپو روپ سروپ، بن بادل برسي نهين، ساڙا گهٽا ئي سپوت، پيڙ پايان سو اپ جيني. (راجستان، چوڻي)
٣. آپ ري جوڙان، ٻيجان ري کوڙان. (چوڻي)
٤. آپ سين ڏاڍو، جم برابر. (چوڻي)
٥. آپ مرتي، باپ گهر ريو. (چوڻي/ پھاڪو)
٦. آپ موئي، سرڳ نہ ملي. (چوڻي)
٧. آج همان، ڪل تمان. (سنسڪرت، چوڻي)
٨. آرهاڙ، الڳين الڳين وسي. (چوڻي)
٩. آسا ڪجي نہ آسرو، جوڳي ڪجي نہ مِٽ، ٽيا ڪجي نہ لاڏلي، توٽي هجي ڪروٽ. (چوڻي)
١٠. آسريس، ڏيسا ڏيس. (چوڻي)
١١. آڪاڙا ٻيج، واڏرڪا ويج، سوڙها رکو ٻڙڏيا، ڪوري رکو ٻيج. (چوڻي)
١٢. آنيو اهي، جيڪي ڪيري ۾ ڪاڄن. (چوڻي)
١٣. آنڌاريءَ ڏيو ٻري، اپ ۾ وڃ ڪنوت، آهر ڦلاري ٻيٽئين، سانولڙي مُک ڏنت، پپڻ پسارا ڪيا، اهي پنج ئي ٺهڪنت. (چوڻي)
١٤. آهوران ۾ چريوڙا، پاهوران ۾ ڪٿ چرسئہ؟ (پھاڪو)
١٥. آهير اچي جهنگا، ٻولي ٻي ڏنگا. (پھاڪو)
١٦. آئي آڌر نہ ڏئي، نيڻان هوءِ نہ نينهن، اس گهر مت جائيو، ڀلا ڏوڏي وسي مينهن. (چوڻي)
١٧. آئي ڪي آڌر ڏجي، وئي ڪي جيءُ چئجي. (چوڻي)
١٨. آيا اجارين، پريون پاٽيون پت سان. (پھاڪو)
١٩. اُپ جِتو آسرو، موگهان جِتو ميهہ، سَسُ جِتو ساسرو، ساڙان جِتو نيهہ. (چوڻي)
٢٠. اُپ ۾ ٽُڪيو، منهن منجهين آئين. (پھاڪو)
٢١. اتران مينهن چڙهيو تہ وسيو. (چوڻي)
٢٢. اتر ڪنوڻ اُپڙيئي نہ، اپڙي تہ نو ڪنڊ پري، باڊو مينهن ٽڪي ئي نہ، ٽڪجي تہ مري، پلي آڪڙي ئي نہ، آڪڙي تہ چئن پيرن جهري، شاهہ پرسي وچن سنچري ئي نہ، سنچري تہ پري. (چوڻي)
٢٣. اُنا، مڙيئي ڀلا. (چوڻي)
٢٤. اٺ: ٻي پتي ذات. (چوڻي)
٢٥. اٺ پارتو ڪٺو، ٽِنا ڏيڻ ۾ تہ ڪو نہ گيو. (پھاڪو)
٢٦. اٺ پريو بہ رڙي تہ سڪٿو بہ رڙي. (پھاڪو)
٢٧. اٺ تڏهين ٽي رڙيا، جڏهين ٻورا ٽي سباٽا. (پھاڪو)
٢٨. اُٺ ٽئي بيحال، واجهائي وڳ لئہ. (پھاڪو)
٢٩. اٺ جو اٽڻ ڪونهي، پاڙي جي صفائي. (پھاڪو)
٣٠. اٺ جي چاڙهيءَ ڪي بہ لعنت، لاهيءَ ڪي بہ لعنت. (چوڻي)
٣١. اٺ جي چوري، پکي ۾ نہ لڪندي. (پھاڪو)
٣٢. اٺ نہ ڪڏي، اٺ جو اوناري ڪڏي. (پھاڪو)
٣٣. اٺ واري اڪڙو، ٻکري واري ڪڪڙو. (چوڻي)

٣٤. اٺ، ويسوني ڪائي ته انڌو ٿئي. (چوڻي)
٣٥. اٺ ۽ پٽ، ڪاري رات جو ٻه ڪم جا. (چوڻي)
٣٦. انين پيڙهيءَ اٺ جي، گهوگهٽيو ماسات. (پهاڪو)
٣٧. اُنيون، آهن سون منيون، پر جي وس ٿئي. (چوڻي)
٣٨. اٺي سامهون اٺو، ڪارو نڪو ڪٽو. (پهاڪو)
٣٩. اپت اوپر خرچ ڪرٽا، ٻيچ ۾ بولٽا، ندي ڪارو نير، گهر ۾ نارِ ڪُنار، ڪلڇٽو ٻيلي، پانچي ڏهت سرير. (چوڻي)
٤٠. اڇي جي نهاري، زال هٽي ٻهاري، ته سچ وڃي اُهاري. (چوڻي)
٤١. اڃا ڏِٺا ري پريت نه جاءِ. (چوڻي)
٤٢. اديءَ ڪي ڪن نه پٽڪ، ادو عشق ۾ انڌو. (پهاڪو)
٤٣. اڏ-سکي وديا ڏهي، ڏهي ڪُبُڌي وِيرَ، ڪُل-هيڻ ڪامڻي ڏهي، چنتا ڏهي سرير. (چوڻي)
٤٤. اڏي ڏوڙ ۾ گڏي، ڏوڙ پراٽي، اٽي هاٽي. (پهاڪو)
٤٥. اڍائي مڪڙ، وهين جو قوت. (پهاڪو)
٤٦. ارهه ستاٽي ڪامڻي، مرد جوين گت، سوئر سگا ڪديا، شينهن پهرين ست، ٽري طبيلا چڙي، اهي پنج ئي مي مت. (چوڻي)
٤٧. اسنتوشي براهمڻ ۽ سنتوشي راجا، ناس ٿين ٽا. (چوڻي)
٤٨. اصل چوري، منڊ ۽ جوئا، پر گهر رلي ڪامڻي، ڪتر گانءِ سُوئا، پنج ئي رهن موئا. (چوڻي)
٤٩. اڪ اينڊڻ، جو توڻ، ڪرڪٽيون پتار، اٽلا اوگن مت ڏي، ٻيلي يون ڪلتار. (چوڻي)
٥٠. اڪ رو ڪيڙو، اڪ ۾ سمائي. (پهاڪو)
٥١. اڪ ننگ چپي نهين، ڪوڙ انيڪ ڌرم اپايا، رڻ ڪيتر ۾ رجپوت چپي نهين، ٽري چپي نهين باگ انايا، چنچل نار ڪي چال چپي نهين، نين چپي نهين نينهن لگايا، تارن ڪي اوٽ چندر چپي نهين، سورج چپي نهين بدل چايا، گهنگهور ۾ مور چپي نهين، داتا چپي نهين گهر منگت آيا، جوڳي روپ انيڪ پيا، ڪرم چپي نهين ڀيوت لگايا. (چوڻي)
٥٢. اُڪرين ۾ مٿا وجهبا ته مهرين ڪان چو ڏجبو. (پهاڪو)
٥٣. اڪ ڪاٽي ڪجي، ڏس ڪاٽي نه ڪجي. (چوڻي)
٥٤. اڪين ڏنو شاهد ڪوڙو، حيدرآبادي ٻڪيلو سچو. (پهاڪو)
٥٥. اڪين ڏني مک، ڪير تو ڳڙڪائي؟ (پهاڪو)
٥٦. اُگتي ڪري تِسوڙ، آٿوتي ڪري موگهه، ڏنڪ ڪهي پڏڙي، نديئي چڙسين گوگهه. (چوڻي)
٥٧. الاريو: جٽڪ هنيو. (چوڻي)
٥٨. اماڻ، ڌرتي ئي ڪو ٿي رکي. (چوڻي)
٥٩. امل رس، ڏاڪڻ منڊ، چوري ۽ جوا، پر-گهر هينڊي ڪامڻي، اهي پنج ئي رهن موئا. (چوڻي)
٦٠. انَ آهي ته ايمان آهي. (چوڻي/ پهاڪو)
٦١. اناڙي چور، ڳولڻ ۾ سولو. (پهاڪو)
٦٢. انب ڪي ڏاري ۾ ڪوئل راجي، تپسي راجي بَن ۾، گهر ٻاري گهر ۾ راجي، مورک راجي مَن ۾. (چوڻي)
٦٣. انڌن اڳيان روئڻ، اکيون ڏکوئڻ. (پهاڪو)
٦٤. انڌو هنگي نِه ڏونيئه ڪي ڪوٽي ڪري. (ڪڇي، چوڻي)
٦٥. انڌي جي مونءَ تي انڌو نه چاجي. (ڪڇي، پهاڪو)
٦٦. انڌي ڏري، نِه ڪُتو ڪايئهِ. (ڪڇ، پهاڪو)
٦٧. انڌي ۽ جنڊ، واري ۽ پنڌ، نه ڪٽي نه جان ڇٽي. (پهاڪو)
٦٨. انسان چمڙيءَ ۾ ساڳيا، پر دمڙيءَ جو فرق. (چوڻي)

٦٩. اڻ ڦيٽي چمڙي، ڪيهي نہ ڪم ري. (پهاڪو)
٧٠. اوپر جي هوا، ڪوهہ سڪايو چڏي. (چوڻي/پهاڪو)
٧١. اوتاري ۾، ماني گهربي ناهي. (چوڻي)
٧٢. اوجڙ ڳانؤ ۾، ايرنڊيو روک. (راجستان، پهاڪو)
٧٣. اوجهڙ ڪڏهن نہ پاڙرو، ونڪي ڪڏهن نہ واٽ، سڪيو ڪڏهن نہ ساٿرو، ڏکي ڪڏهن نہ ڪاٽ. (چوڻي)
٧٤. اونچاپن، انن چڏيا آهن. (پهاڪو)
٧٥. اونگهہ آرس، اوباسي، تيني روڳ ري ماسي. (چوڻي)
٧٦. اونگ نہ جوئي اوچڻ، ڀک نہ جوئي اولڻ. (پهاڪو)
٧٧. اوٽويهہ ڏينهن چور جا، ويهون ڏينهن ساڌ جو بہ آهي. (پهاڪو)
٧٨. ائٽ را ٻارنهن ماس، اني ري اڪ گهڙي. (چوڻي)
٧٩. ايک هَل هتيا، دو هل ڪاج، تين هل کيتي، چار هل راج. (راجستان، چوڻي)
٨٠. ايها ڪم ڪريجي، جو آڇا ڏنتا ري پريت نہ جاءِ. (چوڻي)
٨١. ٻاتان ريجهئي ٻاٽيو، راڳان سُون راجپوت، ٻامڻ ريجهئي لاڏوان، ٻاڪل ريجهئي پوت. (چوڻي)
٨٢. ٻادشاهہ ديوانو نہ ٿئي، هاٿيءَ ٿئي نہ هار، ڪلر ويري کوٽ جو، مڇيءَ ويري جار، مرد ويري نند، عورت ويري سينگار، لاٻڙ-پونچو ٻڙديو، نَکَ اگهاڙي نار، سجو هاري سڪٽو، کوهي ڪارو نار، ڪميٽو ڪچهريءَ ۾، ڳانڊو ڏيندو ڳار، پَچَ-ڏائي ڪان قرض نہ ڪٽجي، توڙي هجي تجار، اهي هجن ستار، تہ بہ ٻارهن ئي ٻن پيا. (چوڻي)
٨٣. ٻاڪاٽي ڪچڙي، ڏانتي وڙڳائي. (پهاڪو)
٨٤. ٻامڻ سي ٻامڻ مليو، پوربلا جنم سنسڪار، ديڻ ليڻ لئہ ڪڇ نهين، نمسڪار هي نمسڪار. (چوڻي)
٨٥. ٻامڻ، نائي، ڪُوڪرا، جات ديک گُرلايہ. (راجستان، پهاڪو)
٨٦. ٻامڻ ني سات برس تائين سُڌ آوي ڪونيا، اَر پاچي جا مري. (راجستان، چوڻي)
٨٧. ٻاٽيا ٻيس، تو ئي هيڪلا. (پهاڪو)
٨٨. ٻُني رين ڪبران، پانڊيئڙو ڏيسين. (چوڻي)
٨٩. ٻدوءِ آهي روپ جو مهينو. (چوڻي)
٩٠. ٻدوءِ اڪين ڪيو. (چوڻي)
٩١. ٻدي جا ڪانگ بہ چِتا. (چوڻي)
٩٢. ٻدي جي رب بہ پلي. (چوڻي)
٩٣. ٻر تہ پرم آهي. (چوڻي)
٩٤. ٻُرو پلو هوئي نهين، ڳولو پيلاڙو، ڳڏهہ گهوڙو تي نهين، ڳنگا جهيلاڙو. (چوڻي)
٩٥. ٻرهمڻ رو وچن، سورج ري ساک. (چوڻي)
٩٦. ٻرهمڻ رو من سيري ۾. (چوڻي)
٩٧. ٻرهمڻ ري هٽ ۾ سونو ڪٽورو. (پهاڪو)
٩٨. ٻرهمڻ هي پوجن-پريہ. (سنسڪرت، چوڻي)
٩٩. ٻڙهتان ري لاريان، پڇتان ري مُهر ۾. (چوڻي)
١٠٠. ٻگڙي پتر پر-گهر وسيا، ڪاٽ لڳي ٻگڙي تلوار، ٻگڙي ٻيٽي ٻهو هنستي، نرون سٽڪي ٻگڙي نار، ٻگڙي ڏڌ اَڌوئي ٻاسڻ، پنرڻ ٻگڙي ٻگر پناهہ، ڏيبو ٻگڙي ٻگر ڏيويلي، ٻيهان ٻگڙي پيسي ٻنان، ٻگڙي انب موريا ٻادل، مٽڌر ٻگڙي ٻگر مٽي، وانيو ٻگڙي استري ٻنان، ڊانيو ٻگڙي ٻگر ڏٽي، ڪاغذ ٻگڙي نيرج ڪنڙي، ٻگر ڦيريو ٻگڙي ٻاز، ڪهي ڪوي ڳنگ پاٽ، رن ٻيهر سان ٻگڙي راج. (چوڻي)

١٠١. ٻگڙيو ڏڌ، ٻاڙ ۾ نوئين. (ڀاڪو)
١٠٢. بندوق جو ڌڪ ڳسي، ساڃو ڳُهگهه نه ڳسي. (ڀاڪو)
١٠٣. بنيادي ڀُولي نهين، توڙي دک پڙين انيڪ، شينهن کي چال ڳدڙ نه چلي، سؤ راکي ٽيڪ. (چوڻي)
١٠٤. بوک نه ڏيکي ٺاڍا پاٽ، اونگهه نه ڏيکي ٽٽل کاٽ، اڃ نه ڏيکي ڌوٻي گهاٽ، عشق نه ڏيکي ذات کذات. (چوڻي)
١٠٥. ٻاٻيهو ٻولي، برسات آئي ڪ آئي. (چوڻي)
١٠٦. ٻار سون آر، ٻڙي سي ٻروڌ، وڳوتر نار سون کيي نه هنسئي، ان سون روس، اگن سون زور، اٿاڳ پاڻي کيي نه کسيئي، جوني کي سنگت، ڳونگي کي دوستي، ٻوجهان ٻاتين نهين کسئي، نيچ سون نينهن، غلام سون سنگت، اوگهٽ گهاٽ کيي نه ڳسئي، کهي ڳنگ پاٽ، ڪوڙ سون دور سدا وسئي. (چوڻي)
١٠٧. ٻارهين ٻُڌ نه اُپجي، تيرهين تيج نه هو، ٻيسين برسي نه ٻجيو، تنهن ري ٻات جو مَجو. (چوڻي)
١٠٨. ٻاڙي گهر ٻسايو، تو ٻاٻو ٻوڍڙي لائي ڪِ ڪرسئہ. (ڀاڪو)
١٠٩. ٻاڻيئڻ ٻانهن لاءِ موتاڃ. (ڀاڪو)
١١٠. ٻاڻيڻ ري ٻلاه ۾، ٻاٽيي رو گهر پراجي. (ڀاڪو)
١١١. ٻاڻيڻ ري مت ٿوري، ڳاءِ ٻيچڪي لينهي گهوڙي، گهوڙي کائي گهاس، ٻاڻيڻ نو جاوي ساس! (چوڻي)
١١٢. ٻڌي ڳهٽي، ٻهو ڀوڄن ڪايا. (چوڻي)
١١٣. ٻڪرار جو جهيرٽو، ڪڏهن کو نه سُکي. (ڀاڪو)
١١٤. ٻکري دوڌ تو دي، پڻ دي مينگٽا ڪرڪئي. (چوڻي)
١١٥. ٻل هوتي قياس نه ڪرنا، جوين مانهين مالک کو ڀولٽا، پرايا ڳن چپاوٽا، ڪارج سرئي دوست کو منهن نه ڏيوٽا، پنجو پرک پري پچٽا، اهي پنج ئي نابينا. (چوڻي)
١١٦. ٻلين جي ڪئي تي نظر، ڪر ڪولهين جي تتر تي. (ڀاڪو)
١١٧. ٻنڌي پار لک کي، کُلي تو ٻيکر جاءِ. (راجستان، ڀاڪو)
١١٨. ٻولي نِہ ٻاپ، هيڪ اُهين. (چوڻي)
١١٩. ٻيني ستي ڏومٽي، گهر ۾ ڳهتيو گهوڙو، اڳ هَتي هيڪلي، همين ٿيو جوڙو. (ڀاڪو)
١٢٠. ٻيجا سپ ورچٽا، متي ورچي ڪاڙا ميهہ، تين ورچي ڀوپت ڏلين، ساجن ٿين ڇيهہ. (چوڻي)
١٢١. ٻيسي ڏوهئجي ٻڪري، پيچي ڏوهئجي اُٺ، جيڪو لڳي واءُ، اوئي نا ڏيجي ڀُٺِ. (ڀاڪو)
١٢٢. ٻِين ري گهري پائي، سسو ري گهري جوائي. (چوڻي)
١٢٣. ٻار پلاڻ جي ڏيسٽ ڀونڊو، پاک ڀني، رب پينت هئي، انگ مهين نا، اڄرنگ نهين، پر لنگر سون لاوت هئي، اڏيرام کهي سڻ متر ميرا؛ جوڙ ٻنا جگ جاوت هئي. (چوڻي)
١٢٤. پاٽ کي ٻات جاٽ کيا جانت، پينس کيا جانت گيت سگا کا، جاگاه کا پيد کونيار کيا جانت، پيل کيا جانت پاپ لوا کا، کهي کوي ڳنگ پاٽ، ڳڌهہ کيا جانت نير ڳنگا کا. (چوڻي)
١٢٥. پاڳ وارن جا ڊگا به ڊکا. (ڀاڪو، ٻيراجي)
١٢٦. پاڳيان رو پوت ڪمائين. (چوڻي)
١٢٧. پانئين ته پڇي وجان، پر جانچ پهرين جُوءِ. (چوڻي)
١٢٨. پائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهر جي سونهن، وينا کن ورونهن، ڏجڻ ڏورئون ڏري. (چوڻي)
١٢٩. پٽون اُتي وڏيون، جتي جبل کونهي. (ڀاڪو)
١٣٠. پريا چولي نهين، چولي آڏا، گهوڙا پونکي نهين، پونکي ڳاڏا. (ڀاڪو)
١٣١. پڳو ڳهڙو، ڊئون ڊئون ڪري. (ڀاڪو)
١٣٢. پڳي-من پوڄن ڪيسا، ٽٽا-نينهن نه سنڌ، سرمر قوتو جل گيو، ڳهلي-پار مَر ٻند. (چوڻي)

١٣٣. پلان آيو، ڳانءِ رو ڄايو، جڪي سارو جڳ نپايو. (چوڻي)
١٣٤. پلو تو ئي پيل، منو تو ئي تيل. (پهاڪو)
١٣٥. پلو نہ پاٽيجو، پيڙي نہ رکجي پُوئا، استري نون انت نہ ڏيجي، تيني رکجن جُوئا. (چوڻي)
١٣٦. پلي آئي ڪتي، جنهن ۾ ڳري ڳنجي متي. (چوڻي)
١٣٧. پليان پليءَ جو تہ ڇيهہ ئي ڪونهي. (چوڻي)
١٣٨. پلي بک پرم ري، شل نہ جاءِ شان. (چوڻي)
١٣٩. پونگي سوڙهي، پوپا گهٽا. (پهاڪو)
١٤٠. پونئر، نانگ ۽ چتر نر، هميشہ واس وننداآهن. (چوڻي)
١٤١. پيڙن جو پرم آهي. (چوڻي)
١٤٢. پيڙون پلو نہ ڪوس ڪو، ٻيٽي پلي نہ ايڪ، ڏيٽو پلو نہ باپ ڪو، صاحب راڪي ٽيڪ. (چوڻي)
١٤٣. پيل نان انگڙي ڇبائي يا پاڪڙ ڪهتي، بات اُتي ري اُتي. (ڍٽ، پهاڪو)
١٤٤. تاڙو، چڪور، چتر نر، جاڳندا رهن تا. (چوڻي)
١٤٥. تازي پاٽي پيئڻ وارو، راز نہ رکندو. (چوڻي)
١٤٦. تتر ڪرڙي واڏڙي، وڌوا ڪاجل ريک، او ورسي، او ور ڪري، تي ۾ مين نہ ميک. (چوڻي)
١٤٧. تِريا تيرهين تين پر، پرک اسي پر چار، جوين جوش جمايو، تڏهن تنپ ورودي نار. (چوڻي)
١٤٨. ٿري چلندي آڪڙي، ڪتي نکر لکي ڪاءِ، مِهري پر-گهر هنڌٽي، تيئي ليکيان لاهہ. (ڍٽ، چوڻي)
١٤٩. تلاءُ سڪي وڃي، هنس نہ وڃي. (پهاڪو)
١٥٠. تن ڪونڙيين، مارو وسي من ۾. (چوڻي)
١٥١. تيجي سهي نہ تاجڻو، سورو سهي نہ ڳار، ستي ڪو وچن نہ سهي، پڙسي پئون ٻار. (چوڻي)
١٥٢. تيلي رو بيل، سؤ سؤ ڪوس چلي، پڻ ٻنئي ڪو ٻنئي. (راجستان، پهاڪو)
١٥٣. ٿڌو گهوڙو، ڪتر ڏجهٽو، ٽيجو منهن تي ڪوڙ ڪري، چوٿين چندي رن چاڳلي، جا تيرنهن تال ڪري، پنجون پرس پليت، جو ڳاندو ڳلا ڪري، پنج ئي ڪڍ پري. (چوڻي)
١٥٤. ٿڌو منو واءُ، جنهن ۾ لاءُ نہ ساءُ. (چوڻي)
١٥٥. ٿر آهي ٻر، پٽون آهن پوت، هڪڙي چڙهہ ئي ڪين، ٻي ڪڍي تي ٻوت. (چوڻي)
١٥٦. ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ڪڻ تي. (چوڻي)
١٥٧. ٿر جا وسَ، جهول جا ڳس. (چوڻي)
١٥٨. ٿر ڏلهي، سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي، ڪير جهلي؟ (پهاڪو)
١٥٩. ٿري اٺ، ڪوڙ ڪائين سچ ڪمائين. (چوڻي)
١٦٠. ٿريو پڙهيو، جڳ اڙيو. (چوڻي)
١٦١. ٿريي جون اکيون، آسمان ۾. (چوڻي)
١٦٢. ٿڻين ڏڌو، واپس نہ ٿئي. (پهاڪو)
١٦٣. ٽوتا چنا، باجي گهنا. (راجستان، پهاڪا)
١٦٤. ٽُوسڻ ڳوڏ، چٽان سين ڪاري. (پهاڪو)
١٦٥. ٺاڪريا نِہ ٻاڪريا، هو ماريا پلا، هو رڏيا پلا. (چوڻي)
١٦٦. ٺلهي ٺاڪرائي، چارُ-اوڳرائي. (پهاڪو)
١٦٧. ٺلو ٺٺو، وڃي گهٽو. (پهاڪو، ٻيراجي)
١٦٨. ٿمر هجئي ساڻ، تہ پاسو ڪج پنجواٽين جو. (چوڻي)
١٦٩. پارڪر جا پهاڙ، جهنگ ۽ جهاڙ. (چوڻي)
١٧٠. پاڙو پيارو جو سمجهي، ٻڌي هيٺن سان همت، سورهيہ سچو سر جو، جو رکي ڪار پت، لڙي وڏي ڪنڪ ۾، سامون جهلي رعيت، پنج ئي لڄ-ونت. (چوڻي)
١٧١. پاڙو، ننگ آهي. (چوڻي)

١٧٢. پاڻ اچا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ اگهاڙي، ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي، اڻ ڪونيو اتي وجي، هٽي دهل تي تاڙي، عقل جو ايل پنهوار، گهٽي هٽي ڪچهريءَ ۾ جاڙي، ٻه چوري ويڙهائي، ڏئي گهر ڪي اماڙي، هيئين سان هنڊائي چڏ: اهي پنج ئي ياڙي. (ڇوٽي)
١٧٣. پاڻ-وهيٽو: بادشاهه. (ڇوٽي، بيراجي)
١٧٤. پاٽي منجهه پهاڻ، پيجي پر پيڏي نهين. (پهاڪو)
١٧٥. پاٽي نِ پرمار، لايي تو ليجئي گهٽو. (ڇوٽي)
١٧٦. پائيءَ جا پڪا، ٽڪو لنڊ ڪڍاٽي. (پهاڪو)
١٧٧. پتنگ ۽ پروانو، ڪن اگنيءَ متي اور، جيئن پمر ڦري ڪمل تي، چندَ اتي چڪور، تاڙي جي تنوار، اَن جي تَڪَ تور، پنج ئي گگن گهور. (ڇوٽي)
١٧٨. پٽورو دعا رو گُند، لڪٽا رو ڪوٽو، لگايان رو وڄاڻ. (پهاڪو)
١٧٩. ”پٽيل ڪيئن مئو؟“ چي: ”گيو ڪٽي ري ٻٽائي ۾!“ (پهاڪو)
١٨٠. پڇي ٽئي جو لال، ڪاڻ نہ ڪڍي ڪنيار جي. (پهاڪو)
١٨١. پڇ-مروڙيو ڏِگو، دن اگهاڙي نار، چٽين چنو موڇڙو، متي وارو بار، واريءَ سندو پنڌڙو، پنج ئي گردن بار. (ڇوٽي)
١٨٢. پدمٽي پنج تولا جهيمي، ڏس تولا جهيمي چترٽي، ايڪ پاءُ جهيمي ڪامٽي، سير جهيمي سنڪٽي. (ڇوٽي)
١٨٣. پدمٽي پون جاڳي، ڪڙڪا جاڳي چترٽي، سڏ جاڳي ڪامٽي، واڪا جاڳي سنڪٽي. (ڇوٽي)
١٨٤. پدمٽي دو پتر، چار پتر چترٽي، ڪامٽي آٺ پتر، سولا پتر سنڪٽي. (ڇوٽي)
١٨٥. پدمٽي ڪون پتِي والو، چترڳٽي ڪون چِير والو، هنش-ڳٽي ڪون وير والو، شڪٽي ڪون واڌ والو. (پارڪر، ڇوٽي)
١٨٦. پدمٽي ڪڙيان ڪيس، ڪڙيان ڪيس چترٽي، اره ڍڪٽي ڪامٽي، ڪنان ڪيس سنڪٽي. (ڇوٽي)
١٨٧. پدمٽي هنس چلي، مرگهه چلي چترٽي، مور چلي ڪامٽي، ڍور چلي سنڪٽي. (ڇوٽي)
١٨٨. پراڻ جائي، پروجن نہ جائي. (ڇوٽي)
١٨٩. پراٽو ڪوهه وهي: لک لهي، نئون ڪوهه وهي: ڍهي پوي. (پهاڪو)
١٩٠. پرائي مانيءَ ڪان، پنهنجن ڪکن جي رٻ ٻه پلي. (ڇوٽي)
١٩١. پرٿويءَ جو نالو: نانهن جو گهر. (ڇوٽي)
١٩٢. پرجا سکي: راجا سکي، سکي سڀ سنسار. (پهاڪو)
١٩٣. پرس ڪراڙو، جوءِ جواڻ، اهو نہ جڙندو جوڙ، جي حيلا ڪرين هزار، تہ ٻہ ٻُهہ جو نہ ٻڌبو نوڙ، چوٽين جَون جي ماني، پنجون ٽيلهي مڃيءَ جو ٻوڙ، پنج ئي گردن توڙ. (ڇوٽي)
١٩٤. پَرَ-متڙيو، سدائين ڏوهرو. (ڇوٽي)
١٩٥. پرٽي او پاڙي، جٽي او جاٽي. (ڇوٽي)
١٩٦. پريت ڪجي جاڻ سڄاڻ سون، حيوان سون پريت ڪيسي، سارس ٻينا ماس چوماسون، چونچ پري سا ڪپاس جيسي. (پهاڪو)
١٩٧. پڙهياسي گٽيا نهين، رهيا نوٽ ڪا نوٽ. (ڇوٽي)
١٩٨. پڪي گهڙي نا ڪنا ڪيها. (پهاڪو)
١٩٩. پل پهر مينهن، ڇهہ پهر چنو. (پهاڪو)
٢٠٠. پل ري گٽي، سَو ستون ڪائي. (پهاڪو)
٢٠١. پلو، تپلو. (ڍٽ، ڇوٽي)
٢٠٢. پنڻ عيب، مدد ڪرڻ فرض. (ڇوٽي)
٢٠٣. پنٽي پنيو، سڪٽو سمهو رو سمهو. (پهاڪو)
٢٠٤. پنهنجو گهر، هنگيو پئي پر، پرايو گهر، ٿُڪيو پئي ڏر. (ڇوٽي)

٢٠٥. پورب جيڪو وڻ چوري، سو ئي وڻ ٻوڙي. (پهاڪو)
٢٠٦. پوڙهو ٿيو اٺ، ته به ڳت ڳوئرن جي. (پهاڪو)
٢٠٧. پوسرڪي جو پاڻي، ڪوئرل جي سيم. (وٺ، چوڻي)
٢٠٨. پوک ڪي ته پاڻ پلو، ڪٽ ڪي ته واڻ پلو، اٺ ڪي ته ڏاڻ پلو، پڪو پختو ماڻ پلو، روهيڙي جو وڻ پلو، ٻڪرين جو ڌڻ پلو، هاريءَ ڪي هر پلو، جاءِ ڪي در پلو. (چوڻي)
٢٠٩. پَون مٿي پر نهيو، سو ميگهه جو مانداڻ. (چوڻي)
٢١٠. پوهه ڪلڙ ڪوهه: هڪڙا رڌ، ٻيا سوهه. (چوڻي)
٢١١. پوهه، لاٽا لوهه. (چوڻي)
٢١٢. پهرين پيٽ پنجوءَ جو، پوءِ ٻار ٻچا. (پهاڪو)
٢١٣. پهلو سک نروڳي ڪايا، ٻيجو سک ته گهر ۾ مايا، ٽيجهو سک ته ٻچن سڌ ناري، چوٿو سک پٽر اڳيا ڪاري. (چوڻي)
٢١٤. پيٽ، بري بلا آهي. (بيراجي، چوڻي)
٢١٥. پيٽ ديا پٽ ڪوهڻ ڪون. (چوڻي)
٢١٦. پير ٿيو ڪي پيڙ ٿيو. (چوڻي)
٢١٧. پير ڪپا ڙي، ته جانا مارا ڙي. (پهاڪو)
٢١٨. پيري، جوانيءَ تي ڪُرڪي. (چوڻي)
٢١٩. پيريءَ ڪي سؤ عيب. (چوڻي)
٢٢٠. پيءُ پٽ، ليکو. (چوڻي)
٢٢١. جاٽ، جنوائي، پاڻيجو، رئيباري، سنار، ڪدي نه هوسين آپڻا، ڪر ديکو ويوهار. (چوڻي)
٢٢٢. جاٽ ڪهي ري جاٽڻي، اُوئي ديس ۾ رهڻا، جي ڪهي اونٽ ٻلاڙو ليگيو، تو ”هان جي هان ڪهڻا“ (پهاڪو)
٢٢٣. جانج آئي ڇَني ٻيني، ڪنوار ماءُ ڪتڻ ٻيني. (پهاڪو)
٢٢٤. جايا جڪان را پوت، ڪتيا جڪان را سوت. (پهاڪو)
٢٢٥. جتي باهه ٻري، اها جاءِ جلي. (پهاڪو)
٢٢٦. جتي پڄڻ نه آهي جاءِ، تتي پڄڻ ڪم وريام جو. (پهاڪو)
٢٢٧. جتي جتي ڪيجڙي، اتي اتي ڳوڳو چوهاڻ. (چوڻي)
٢٢٨. جتي چاهه، اتي راهه. (پهاڪو)
٢٢٩. جتي ماني، تتي ماڳ. (بيراجي، چوڻي)
٢٣٠. جتي هر، تتي گهر. (بيراجي، پهاڪو)
٢٣١. جر ميگهان جر، بر ته ٻانهان ٻر. (چوڻي)
٢٣٢. جڪو گهٽي رو گيو، سو موٽيو ڪو هي. (پهاڪو)
٢٣٣. جڪي مارگ نه جاڻو، اوئي رو نان ڪي ليٽو. (چوڻي)
٢٣٤. جڪران ري جياڙ، ڪيٽي ۾ ڪوٽي ڪيو. (پهاڪو)
٢٣٥. جُڳائيندو ڪائجي ۽ رُچندو هندائجي. (چوڻي)
٢٣٦. جڳ جا سيڻ: ٽر جا سيئند. (وٺ، سارو سنگهار، چوڻي)
٢٣٧. جَل ٿنپ، ڪڙ ٿنپ ۽ سوا ٿنپ. (چوڻي)
٢٣٨. جن ڏاريون ڳٿون، تن جو بخت سنئون. (چوڻي)
٢٣٩. جنني ۽ جنم ڀومي، سرگ کان اتم. (چوڻي)
٢٤٠. جوان مرد، واڌي حرص، ٻيا چيلهه ٽڪا ڇٽڪن، سوهٽيون سنگهارن ڪوڙيون، وِڄن مينهن وسن، پنج ئي ٻهڪن. (چوڻي)

٢٤١. جوانيءَ ۾ ڏن تو پُور ۾ پُور، گرڊاپڻ ۾ ڏک تو سُور ۾ سُور، پنڌ ۾ پار تو ڌُور ۾ ڌُور، ڪنڌ ۾ ڪير تو نُور ۾ نُور. (چوڻي)
٢٤٢. جُونا پرين، ڪوٺو ٻڙڌ، ڪتر گانءِ، ڇدا گيهون، گهاٽا تر، پنج ئي نه ٿيا. (چوڻي)
٢٤٣. جو دم جيوين، ڪير ولوڙ. (غلام فريد، چوڻي)
٢٤٤. جوئيتان ري اڳي، روئيتان هوسين. (چوڻي)
٢٤٥. جهڙو سوار، اهڙو پنڌ. (بيراجي، پهاڪو)
٢٤٦. جهڙي تهڙي جوءِ، گهرين ويني هوءِ. (چوڻي)
٢٤٧. جهڙي ڏيک، تهڙي سيک. (چوڻي)
٢٤٨. جهڙي وائبي، تهڙي ڪائبي. (پهاڪو)
٢٤٩. جُه سي لوڙائو، جنين ڊار رهن، مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو. (شاهه، چوڻي)
٢٥٠. جيترو پاڻي اونهون، اوتري مٽي جي سِڪ وڌيک. (پهاڪو)
٢٥١. جيسلمير جيسلمير، گهر سان وير پَرَ سان ميڙ. (چوڻي)
٢٥٢. جيسين نه وڃي پاڻ، نينهن نياپي نه ٿئي. (شاهه، چوڻي)
٢٥٣. جيڪي ڪپورئي ۾ هوندو، سو ئي اوهاءَ ۾ پوندو. (پهاڪو)
٢٥٤. جيڪي ڪوهه ۾ هوندو، سو ئي آهه ۾ پوندو. (پهاڪو)
٢٥٥. جي ڪنوي پرڻي، ته نار به جهڙي نه پرڻي. (پهاڪو)
٢٥٦. جيوڙي آئي، ڪي نه پائي. (چوڻي)
٢٥٧. جي وس چرندا، تن چنڊ ته لڳندي.
٢٥٨. جي وسي چيٽ ته ان نه ماپي ڪيٽ. (زرعي، چوڻي)
٢٥٩. جي هڙان نان ڏين، تو ئي وڙان نان وڃاءِ. (چوڻي)
٢٦٠. جيئڻ لاءِ به سهپ ڪپي. (چوڻي)
٢٦١. جٺن جا سيٺ، مٺن جا گيهه، ڏيئن جا پيءُ، ڪُتا ڪُتن جا پٽ. (چوڻي)
٢٦٢. جينو گهر گهي نه رکيئي، پادروو ڪپاس، ڏيئان گهر، ڀهوئان پيهر، اِتني رکئي وٽاس. (چوڻي)
٢٦٣. جينو مينهن، پٽيني پٽ ۽ نيري وهانءُ، ڪن سياڳن سامهون. (چوڻي)
٢٦٤. جيٺ-ويساک جي تتي ڏينهن، ساوڻ-بدي جي وسندي مينهن، پوهه-مانگهه جي آڏيءَ رات، شال نه پوي هنگڻ تات. (چوڻي)
٢٦٥. جهرندي، تڏهن ئي ته جُڙندي. (پهاڪو)
٢٦٦. جهنگ کي سدائين ننگ. (چوڻي)
٢٦٧. جهونو منڊ، بدي پنگ، گانجي پوئين سوٽ، گهوڙو سر ميدان ۾، پري گاڏونيءَ سوٽ، پرڻي رات پهرينءَ، پير پينگهه جوٽ، عشق اول ڪان لڳو، اهي انئي الهوٽ. (چوڻي)
٢٦٨. چار چور، چوراسي واٽيا، هڪڙي هڪڙي، ايڪويهه تاٽيا. (پهاڪو)
٢٦٩. چار مليا ته چؤسٺ ڪليا، ويس ڪريو جوڙ، سڄڻ سڄڻ سين مليا، مليا لاک ڪروڙ. (چوڻي)
٢٧٠. چار ئي واهون چڪن، تڏهن سوڊا سيڻ ڪجن. (پهاڪو)
٢٧١. چانديءَ جو رپيو تر ۾ ويو ته مُنو، ٿيو زمين حوالي. (چوڻي)
٢٧٢. چتر تو چار ئي پلا، مورک پلا نهين ساٿ، چندن ڪا ڪُتڪا پلا، گاڏين پريا ڪاٺ. (ڍٽ، پهاڪو)
٢٧٣. چتر تو چوريا پلا، اڻ چوريا اجاڻ، ڪوئا ٻوها پلا، پريا پلا نياڻ. (ڍٽ، چوڻي)
٢٧٤. چتر سين چتر مليو، هوگئي رس ڪي لُوٽا لُوٽ، مورک سين مورک مليو، هوگئي پوري ماٿا ڪوٽ. (چوڻي)
٢٧٥. چتر ڪا چُٽڪا پلا، مورک ڪا جمارا، چندن ڪا ڪتڪا پلا، اور ڪاٺ ڪا پارا. (پهاڪو)
٢٧٦. چتر منک را روسٽا ئي پلا، ڪوهي مورک ري بيل، نيٽين ڏنا گيهه پلا، ڪيا مک ڪائي ئي تيل. (پهاڪو)

٢٧٧. چڙهئي رو سيا ڪو ئي، ڪِرئي رو ڪير ڪونهي. (پهاڪو)
٢٧٨. چڪر، ڪم دلن جو. (چوڻي)
٢٧٩. چمار ڪي آنگن چندن اُگا، نِت نِت تنگيا چام، چندن بِچارا ڪيا ڪرتا، پڙيا نيچ سي ڪام. (پهاڪو)
٢٨٠. چندن اُپني، سک اُپنو، ڪِلي سپ وڙاهه، هيءُ وڻ سياڳو اُپنو، جنهن واسي سپ وڙاهه. (پهاڪو)
٢٨١. چندن پاسي رکڙا، سو ڀي چندن هوئي. (هندي)
٢٨٢. چور ري من ۾ چڙي. (پهاڪو)
٢٨٣. چور نا ڪهين چوري ڪر، ڏٽي نا ڪهين هوشيار. (پهاڪو)
٢٨٤. چور نِہ ڏڪو ہو، ٻاٽيا مرڳو شؤ. (پهاڪو)
٢٨٥. چيٽ چٽيا، ويساک ورهايا. (چوڻي)
٢٨٦. چيٽ تتو پلو، ويساک لڳو پلو. (چوڻي)
٢٨٧. چيٽ چمڪيو نہ پلو، وٺو پلو نہ جيٽ، راجا رٺو نہ پلو، سرتو پلو نہ سيٺ. (چوڻي)
٢٨٨. چيٽ، لڱن ميٽ. (چوڻي)
٢٨٩. چا رب، چا بسم الله. (پهاڪو)
٢٩٠. چتر ڏنتو ڪو ئي ڪِ مورک، ڪو ئي ڪِ نرڏن ٽالڪا. (مارواڙ، چوڻي)
٢٩١. ڇُٽي جند چوڪر جي، ڪييو لِنبُ خدا. (پهاڪو)
٢٩٢. ڇلو مرون ڏينهن پڇري، ڪڪڙ سانجهيءَ وار، پدمڻي پرائي پڪڙين، پٽي لهي نہ سار، پرس پراوا قرض ڪٽي، ڪري وڏا اپڪار، سٽ ويني سمهي رهي، پنج ئي گينوار. (چوڻي)
٢٩٣. ڇنل جتي پير ۾، گُهرگهر ڪئي جوءِ، ٻئي نہ هوءِ. (چوڻي)
٢٩٤. ڇوڪري: گونگي گانءِ. (چوڻي)
٢٩٥. حراميءَ جو هَرُ، واريءَ ۾ ٻہ نہ وهي. (چوڻي/ پهاڪو)
٢٩٦. خاصخيلي خار، ٻارهين مهيني ٻہ-ڏندو. (چوڻي)
٢٩٧. خاصخيلين جي ڪِٽ ڪان، واريءَ جي پٽ ڪان، مولا پناهہ ۾ رکي. (چوڻي)
٢٩٨. خالي باسڻ، گهٽا ڪڙڪڙاوئي. (راجستان، پهاڪو)
٢٩٩. داتا اتي منگتا، سَرووَرَ اُتي هنس، راجا اُتي رهاڻيون، مورک اتي بحث. (چوڻي)
٣٠٠. دڙيليءَ ۾ دهل وڃي، ڏينگاڻ ۾ ڏيڊ نچي. (پهاڪو)
٣٠١. دل درست، تہ تن درست. (چوڻي)
٣٠٢. دودو ڏوڙ، چنيسر چائي. (چوڻي)
٣٠٣. دوست دشمن ڪو نہ پرڪٽا، مِلئي وڏي رتبي سنگت ڪو نہ سجاڻٽا، مايا آئي تو ڏکيا ڏينهن ڀولٽا، ڪچهري وچ ننڍي وڏي ڪو نہ ڏيکٽا، وديا پاوڻ سين وڏي ڪو مورک سمجهٽا، پنج ئي ڄڳائي مرٽا. (چوڻي)
٣٠٤. ديس چوري، پرديس ڀِکيا. (پهاڪو)
٣٠٥. ڏرتي ميگهہ نہ رجيئي، آگ نہ رجيئي ساڙ، راجا راج نہ رجيئي، موت نہ رجيئي مارِ، عيشون نفس نہ رجيئي، پُرش نہ رجيئي نار، دونئنان نہ رجيئي، ڏني سجڻ ڪلتار. (چوڻي)
٣٠٦. ڏن تي ڪُروپ روپ، ڏن تي وجن ڏهڪاءِ، ڏن تي ريجهٽ راءِ، ڏن تي ليجهٽ لاءِ، ڏن تي ڪائر سورهيہ، ڏن تي ٻنت ڪچهري، ڏن ڪي منهن ۾ ايسي، راجا اِندر چپا جيسي. (چوڻي)
٣٠٧. ڏن ڪيتي، ڏِک چاڪري، ڏن ڏن ٻڄ ويهہ هار. (چوڻي)
٣٠٨. ڏن: يا جوڏين، يا ڳوڏين. (چوڻي)
٣٠٩. ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وکڻ ڪٽي. (پهاڪو)
٣١٠. ڏڻ پنهنجو سنيالجي، ڏوهہ ٻئي کي نہ ڏجي. (پهاڪو)
٣١١. ڏڻ ڏار تہ لٺ ڪٽي چار. (پهاڪو)

٣١٢. ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، اي؟ نه سنگهارن سِٽ. (شاه، چوڻي)
٣١٣. ڏوبي ري گهران گِي ڇُوو، گيا ڦاٽي مالڪ رو. (پهاڪو)
٣١٤. ڏوڙ ڏنيتيءَ ري، رڪ رتنيءَ ري. (چوڻي)
٣١٥. ڏاڙ ڪٺوڪي ڪاڪرو، جَم رَجي ڪٺوڪي نيڻ، گيو ڪتوڪي والمِو، مُوئي وسري ويڻ. (چوڻي)
٣١٦. ڏاڪٽا نه وسٽا، وسي ته ٻوڙي، ڪانئر ڏڪ نه هٽٽا، هٽي ته ٽوڙي. (چوڻي/پهاڪو)
٣١٧. ڏانتي وڪئي، ڏاڍ نه لهندي. (پهاڪو)
٣١٨. ڏانگ پڳي تو ئي ڏوٻران سارو گهٽي اهي. (پهاڪو)
٣١٩. ڏاوَڙ نار: ڏيرو ڏُول. (چوڻي)
٣٢٠. ڏاهو ڪانگ ڦاسي ڪو نه، ڦاتويه ٻن ٽنگن سان. (پهاڪو)
٣٢١. ڏٻرو ڏاند، پوڪ جو پاند، ٻئي وِٽواند. (چوڻي)
٣٢٢. ڏٿ آهي، اڏهي جو امهير. (چوڻي)
٣٢٣. ڏٿ نه ڪتو، ڏوتي ڪتا. (چوڻي)
٣٢٤. ڏچر گهوڙي، سُچر زال، اڏارو وهانءُ، گهاتا تر، چدي ڪٽڪ، پنج ئي نه ٿيا. (چوڻي)
٣٢٥. ڏڪار ۾: تر جي مٽي به رلي وجي ٿي. (پهاڪو)
٣٢٦. ڏڪار ۾: راٺين جا ڪنگڻ به ڍرا ٿيو وجن. (پهاڪو)
٣٢٧. ڏڪار: وڇوڙو، وسڪارو: ملاپ. (چوڻي)
٣٢٨. ڏڪريان ڪهڙا پاڙينگڙا: جائي تو پيٽ خالي، پرٽائي تو گهر خالي. (چوڻي)
٣٢٩. ڏڪري ڪائي پيئي مت، گهر سهي ٽارو. (پهاڪو)
٣٣٠. ڏڪ ۾ ڏاڍو تجي، سڪ ۾ سرهو نه تجي. (چوڻي)
٣٣١. ڏمرجي ته به ڏئي، پرچي ته پل پري، جُنگ جکري ڪي، ٻئي چگيون چِت ۾. (چوڻي)
٣٣٢. ڏمر ڏولائو، ڪمت ڪتوري. (چوڻي)
٣٣٣. ڏنو ناٽو، پڳو ماٽو. (چوڻي)
٣٣٤. ڏوڪڙو: سيڻ، سوڪڙو: ويري. (چوڻي)
٣٣٥. ڏو مُوسا، ڏو ڪاترا، ڏو تيڏي، ڏو تاء، ڏو بِسَئر، ڏو واءُ، ڏو ڪي ٻانڌي جڙَ هِيري، ايڪ ڪي ٻانڌي ڪُوڙيو ماريءَ. (چوڻي)
٣٣٦. ڏونگر ته ڏور ڀلا، نيڙا تو پاهٽيا. (چوڻي)
٣٣٧. ڏونگريا هريا هوئا، جڏهن سڪر ٿهوڪي مور، تڻ رُت چالين تين جٽان: چاڪر، منگت، چور. (چوڻي)
٣٣٨. ڏوهتراڻ نِه پوتراڻ، وڏتو ويري. (چوڻي)
٣٣٩. ڏهاڳڻ را ڏاڪڙا، ڪي نه آيا ڪاڄ. (پهاڪو)
٣٤٠. ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، نندو وڏو ڇيڙ منو. (چوڻي)
٣٤١. ڏي روٽيان را چڙهه، گهتيان تي پند ري چٽي ۾. (پهاڪو)
٣٤٢. ڏيس بکاٽي ڏڪرو: گان بکاٽي نار، برسات پڙي ڍاٽ تي، ڀلا ڍاٽين جا پار. (چوڻي)
٣٤٣. ڏينهان چلو نه ڪري، ڪڪڙ سانجهي وار، جوءِ پرائي پڪڙي، مرد لهي نه سار، جو ويني ساٽ سمهي، اهي پنج ئي گينوار. (چوڻي)
٣٤٤. ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه جڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا، قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هيٺ رکيا. (چوڻي)
٣٤٥. ڏيهه ۾ ڏياري، هروءِ ري گهرين هوري. (پهاڪو)
٣٤٦. ڍامڻ، گهوڙي ڪي آمڻ. (چوڻي)
٣٤٧. ڍائو ڪري آٽا ماٽا، بکئي وجي ساهه. (بيراجي، چوڻي)
٣٤٨. ڍِگو چتو ٿيندو، ته به نٽ ڪو ڪائيندو. (پهاڪو)
٣٤٩. ڍول نِه پول، ڪنيا ڀلا. (چوڻي)

٣٥٠. ڏؤ جهلي هڪ پاپڙو، ٻيو مينهن. (چوڻي)
٣٥١. ڏؤ ڪميڻو، غربت اشراف. (چوڻي)
٣٥٢. ڏيڏ ڏيڏان را پرامٽا، تي ڳش ۾ ناڪيو ڳهي، آمان شامهان شبڙڪا ماري، مشلا جاٽي اي تماشو ڪي. (چوڻي)
٣٥٣. ڏينگهر: وڏي ڏڪ. (پهاڪو)
٣٥٤. رات آنڌاري، ٻڙڏ ڪارا، ڳوچريو ڪيتر، پگان ۾ وارا، ڏوسي ڪوهڙ، اڱٽئي سارا: اهي پنج ئي پيٽ ٻارا. (چوڻي)
٣٥٥. راجا بيوپاري، پرجا پيڪاري. (گجرات، پهاڪو)
٣٥٦. راجا رنو تہ گهوريو، پر مند نہ رسي مينهن جي. (چوڻي)
٣٥٧. راجا هٺ، ٻال هٺ، تريا هٺ ۽ جوڳ هٺ. (چوڻي)
٣٥٨. راجپوتي ذات ڏنڊي وانگر، پڇي پر جهڪي ڪا نہ. (چوڻي)
٣٥٩. راڄ پوپان ٻائي رو، ليکو رائي رائي رو. (راجستان، چوڻي)
٣٦٠. راڳي، پاڳي، پارڪو، ناڙا ويد، نياءُ، سيڪاريا نہ سڪيا، اُڪلي منجهہ هنياءُ. (ڍٽ، چوڻي)
٣٦١. رامديو جا چيلا: ڍيڊ ۽ چمار. (مارواڙ، چوڻي)
٣٦٢. رام رام جپنا، پرايا مال اپنا. (چوڻي)
٣٦٣. راوڙو گهوڙو، روهي رو ڪڪ، واڪاٽيان نہ واڪاٽجين. (پهاڪو)
٣٦٤. رٻڙي ٽانرا رونس، ٻساران نبسرين. (چوڻي)
٣٦٥. رت: راٽو آ. (پهاڪو)
٣٦٦. رت نان ئي رونبڙي لڳسي. (پهاڪو)
٣٦٧. رتيءَ بن رڌ، رتيءَ بن سڌ، رتيءَ بن جوڳ، اجوڳ جتي ڪا، رتيءَ بن راج، رتيءَ بن پاٽ، رتيءَ بن پائي، نہ ماني بات ڪسي ڪا. (چوڻي)
٣٦٨. رپيو جو پيلڻ ري ڪڙي جهڙو. (پهاڪو)
٣٦٩. رسوئيو، چپني ۾ ئي بک ڪنهي مري. (چوڻي)
٣٧٠. رماڙيو رو نان ڪونهي، رُئاڙيو رو نان هي. (پهاڪو)
٣٧١. رن تي ٻُڏءِ، پَلَوَ تي نپوڙءِ. (پهاڪو)
٣٧٢. رن جهاپي، مڙس پوڙهو، ٻي چيو پٽ، چُٽر گهوڙو، چلوڪو ڪتو، جڏو جوڙو، پري جي مائٽي ۽ وڏو وچوڙو، ست ئي سور. (چوڻي)
٣٧٣. رن ري مونڏاٽي ئي مهونگي. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٧٤. رن گٽنئي اگلي، جنهن جو ڪُني متي ڪهٽ، ڪٽا ڪتي ۾ تورڙا، لُٽي ڏئي مَٽ، ڪار نہ ڪري گهر جي، اولاٽيو چڙي ارٽ، چنگلايون ڪري چگهہ سان، ٻيهي متي هٽ، اهي چار ئي لچڻ چٽ. (چوڻي)
٣٧٥. روپ روئي، ڪرم ڪائي. (چوڻي)
٣٧٦. روزي حيلي، موت ٻهاني. (چوڻي)
٣٧٧. روڪا پوجن، پونءِ پوڏِڻُ، ڪَرَہ ڪميٽي نار، چوتا ميلي ڪپڙي، نُرڪَ نشانين چار. (چوڻي)
٣٧٨. روهڻ تپي، مگسر وائي، آدر ڍهوڪي، ميهولو آئي. (چوڻي)
٣٧٩. رهہ گهڙندو گهوٽيو، پانچاريو ڪهڪاڻ، سوئر سڱا ڪيا، شينهان مک ماراڻ، استيءَ اروهہ ست، پنج ئي مي مت. (چوڻي)
٣٨٠. رهي تي راهومان ۾، رڌي نہ تي رب. (پهاڪو)
٣٨١. رهين تي رهيءَ ۾، رڌئين نہ تي رب. (پهاڪو)
٣٨٢. ريءَ سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ چڇي سيڻ، ڳوريءَ جوين چڏيو، گهوڙي ناهي زين، نڪتو راجا راڄ مان، اهي ئي پنج مسڪين. (چوڻي)

٣٨٣. زال ۽ درياهه جي پور تي، ڪهڙو اعتبار؟ (چوڻي)
٣٨٤. زر وجي، زبان نه ڦري. (چوڻي)
٣٨٥. ساني، ٻڌي ماني. (چوڻي)
٣٨٦. ساڄن پر-گهر جاوتان، ڏک نه وانتو ڪو، پرم گماوين آپرو، واٽ نه ليسين ڪو. (چوڻي)
٣٨٧. ساڙ واڪاٽا سنڌ ڙي، مُونگ مَندوور ڏيس، جهيٽو ڪپڙو ماڙوي رو، منڪ مڙدر ڏيس. (چوڻي)
٣٨٨. ساسرو اهڙو، جهڙي ڪتان ري باڙ. (چوڻي)
٣٨٩. ساسرو سک واسرو، پڻ چار ڏِنان رو آسرو. (چوڻي)
٣٩٠. ساک تي ٻيڙا تا هلن. (پهاڪو)
٣٩١. ساڳي زبان ڪٽ تي ويهاري، ساڳي زبان پٽ تي ويهاري. (چوڻي)
٣٩٢. ساموندي ساٿي، مينهن نه ڪو پاٿي. (چوڻي)
٣٩٣. سانجهي اُلهندان اُڀي ته تر تي، اُيرندان اُڀي ته ڄرَ تي. (چوڻي)
٣٩٤. سانجهي: مينهن جو مانجهي. (چوڻي)
٣٩٥. سانوڻ آيو ته سک ٿيا. (چوڻي)
٣٩٦. سانوڻ جو مينهن، چونئري جو هڪ پاسو پُسائي ٻيو نه. (چوڻي)
٣٩٧. ساهوڪارا را ساڙا ئي گهٽا، گريب رو پينهوئي اي ڪو تي. (چوڻي/ پهاڪو)
٣٩٨. سيڪو پنهنجو بخت تو ڪائي. (چوڻي)
٣٩٩. سپ ڪو پنهنجي جائيءَ وارو آهي. (چوڻي)
٤٠٠. سيڪو لڏيندو لوءِ، ڪو اڳي ڪو پوءِ. (چوڻي)
٤٠١. ستين لنگهٽين، ڪتو حلال. (چوڻي)
٤٠٢. ستيءَ، زمين ٻه ڪونهي. (چوڻي)
٤٠٣. سپ نه ماري، سراپ ماري. (پهاڪو)
٤٠٤. سپوتر سؤ پلا نِه ڪپوتر هيڪ ئي کک ڪري. (چوڻي)
٤٠٥. سچ لٽي ڪان پوءِ دير ڪانهي، ڦرئي ڪان پوءِ پؤ ڪونهي. (پهاڪو)
٤٠٦. سچو پٽيل، راڄ تي چٽي. (پهاڪو)
٤٠٧. سچ سنگت سين ٻُڌيا وڏي، جيئن جهاڙي اوٽ گهاس، نرموندِ ڪي سنگت سين، هو اڳلي ٻُڌيا ڪا ستياناس. (چوڻي)
٤٠٨. سخاوت، پنهنجي گهر ڪان شروع ڪجي. (چوڻي)
٤٠٩. سدريا ٻه گهر جي سونهن آهن. (پهاڪو)
٤١٠. سرامڻ جو سرجيو، ڄائو اسوءَ ماهه، ڏياريءَ جو ڏڻ، ٻاري ونو متي باهه. (چوڻي)
٤١١. سرامڻ صحيح وسي ته سنو آهي. (چوڻي)
٤١٢. سرڪار ڪي ري، مان نڪو باپ. (چوڻي)
٤١٣. سرمر ڏوئي پاڳ، چلي اڏنگي چال، گهر گهر گهومي انت گهٽي، گيت رستا ۾ گاوين، نر ڏيکي نخرو ڪري، ايتي نار ڪلڇٽي. (چوڻي)
٤١٤. سُر منڊل جي ساز جو، ساندي ڪهڙو سُور، راڻي جي راڳ تي، رڌ نه ريجهي مُور، ڪهڙو قدر ڪافر ڪي، سندو نبيءَ نُور، ڄٽ نه ڄاڻي ڳالهه ڪي، نوڪي رکي نُور، عقل ڪان سدا اُهي، رهن چار ئي ڇُور. (چوڻي)
٤١٥. سِرُ وڏو سپوت جو، پير وڏو ڪپوت جو. (چوڻي)
٤١٦. سڪار ۾ ئي سڄڻ ياد ايندا آهن. (پهاڪو)
٤١٧. سڪارين پلا سيڻ، ڏڪارين پلا ڏاٽيا. (چوڻي)
٤١٨. سنڌ سمون، ڪڇ چنون، ڀاٽي جيسلمير، چوڻون چغدو، جنهن جي پيڙهيءَ مٿي پير. (چوڻي)
٤١٩. سرياند هجين ته ڳئون ڏار. (ڪڇ، چوڻي)

٤٢٠. سڪلن ڳڌ، آلا ٻہ ٻريو وڃن. (پهاڪو)
٤٢١. سُڪي تي ڏانگڙو تہ مينهن ايندو، وُني تي ڏانگڙو تہ مينهن ڪٽندو. (مهراڻو، چوڻي)
٤٢٢. سک هوئين تو گهر ڀلا، نيتان ڀلا پرديس. (چوڻي)
٤٢٣. سمان، سپان، نران، نپان، ناڪران، جر، مِڱر، جوءِ، جو اُئان متي اعتبار ڪري، او انهان جهڙو هوءِ. (چوڻي)
٤٢٤. سمجهو ناڪر سريويئي، نهچڙلئي ئي چانو، سڌ ٽري رو پاڳوڙو، سڪلٽي ري ٻانهن. (چوڻي)
٤٢٥. سنپت آهي: برڪت. (چوڻي)
٤٢٦. سنڌ ۾ آهي ڪڻ تي، ٿر ۾ آهي ٿڻ تي. (چوڻي)
٤٢٧. سنهون ڏڻ: چيڙن جي ڀري. (پهاڪو)
٤٢٨. سنهون ڏڻ: ڪتي ٻلي رو ڪاچ! (چوڻي)
٤٢٩. سواس اچي نہ اچي، ڪو ڀروسو نہ آهي. (چوڻي)
٤٣٠. سوڊن مڙن سَوَ، تہ ٻہ مَٽُ نہ پانئج مينڌري. (پهاڪو)
٤٣١. سوڊيڪو سؤ: ست ٻيسان، ڏِسي هجاري لک. (پهاڪو)
٤٣٢. سورج اُگو، سنسار ڏيکسي. (پهاڪو)
٤٣٣. سوريو تي بايو، ٻڙڌ چوڙهيو نتي آيو. (چوڻي)
٤٣٤. سوڙ سارو، پير ديگهاڙجن. (پهاڪو)
٤٣٥. سوموار، شڪر، وسپت جي جرڪندو هوءِ، تي پهري تي ڏهاڙي جو ريلتو جوءِ. (چوڻي)
٤٣٦. سونارو رو سو ڌڪ: لوهارو رو هيڪ ڌڪ. (پهاڪو)
٤٣٧. سون جي رتيءَ ڪان، رت جي رتي وڌيک. (چوڻي)
٤٣٨. سَوَڻ سجڻ، من ويري. (چوڻي)
٤٣٩. سوڻ نہ مجڻ، ٻہ اپ سوڻ آهي. (چوڻي)
٤٤٠. سؤک تو متي ري اي پونڌي. (چوڻي)
٤٤١. ”سيا مانس ڪائينس؟!“ چي: ”آپ رو ٻچي تو ڪاسو“. (پهاڪو)
٤٤٢. سيدن ڪان سج پلي، ڪاري پاٽيءَ ڪان اج پلي. (ڍٽ، چوڻي)
٤٤٣. سي نِہ ٻهي، جِتو ڪرسو اُتو ٽيسي. (چوڻي)
٤٤٤. سينسي: آتم ونستي. (سنسڪرت، چوڻي)
٤٤٥. سينهندو سامي، سينٹ برابر. (پهاڪو)
٤٤٦. شاہ پرسي وڃن سنچري ئي نہ، سنچري تہ پري. (چوڻي)
٤٤٧. شاهہ وڃن، شينهن گمڻ، ڪيلو ڦري ايڪ وار، ترينا تيل، همير هٺ، چڙهي نہ ڏوجهي وار. (چوڻي)
٤٤٨. شراڌ پُنا، ٻانيٽن چاڙهيا ڪنا، ڪائو ويهي رنا. (چوڻي)
٤٤٩. شش بنا رجني سوني، گيان بنا هرڏو سونو، پات بنا ترور سونو، پتر بنا پاڙو سونو، سخي سوا شهر سونو، بادل سونو بن ڏامٽي، ڪهي بير بتال نان، گهر سونو بن ڪامٽي. (چوڻي)
٤٥٠. صحرا منجه ساوڪ: پاٽيءَ جي نشاني، ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ وٽ اچڻ: محبت جي نشاني. (چوڻي)
٤٥١. عادت متي نہ عادتي، علت مور نہ جائي، اٺ چُنو ڪٽڪ ۾، تو ٻي ڪنٽا چُڻ چُڻ ڪائي. (پهاڪو)
٤٥٢. عاشق ان ڪي چئجي، جو انئي پهر اداس. (چوڻي)
٤٥٣. عقل: وڏي اٽڪل. (چوڻي)
٤٥٤. عقل وِراٽي، تڏين اٽي چاٽي جلين. (ڪڇ، چوڻي)
٤٥٥. عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ترئون تہ ڪو نہ ٽيلهيندو. (پهاڪو)
٤٥٦. عورت چڏي گهر ڪي، جيڪا گُهمي گهَٽ، راس بنان، روڪڙ سوا، جيڪو ڪولي هَٽ، ٽيون ڪارو ڪوهہ ۽ چوٿون ڪوٺو وَٽ، چار ئي چَٽ. (چوڻي)

۴۵۷. عورت ۽ گهوڙو ان جو، جنهن جي قبضي ۾. (چوڻي)
۴۵۸. غرض ۾ گڏھ کي بہ ٻاپو چوڻو ٿو پوي. (پهاڪو)
۴۵۹. غريب هئڻ، ڪو عيب نہ آهي. (چوڻي)
۴۶۰. قتل گدرو، پترن نمتارث. (پهاڪو)
۴۶۱. قتي کي ڪهڙي ڊل؟ (پهاڪو)
۴۶۲. قرجڻ نان ٽائيم ٻيجو، ويامڻ نان ٽائيم ٻيجو. (پهاڪو)
۴۶۳. قڳڻ قوسيارو: ڏينهان اونهارو، راتيان سيارو. (چوڻي)
۴۶۴. قوسو، قڙسو، قڙسرام، مايا تيري تين نام. (چوڻي)
۴۶۵. قوهڙ هلي، گهر سيہ چلي. (چوڻي/ پهاڪو)
۴۶۶. قل ات پتر-قل، اور قل ڪانئي ڪا، رس ات پريم-رس، اور رس ڪانئي ڪا، تيج ات نين-تيج، اور تيج ڪانئي ڪا، جوت ات اندر-جوت، اور جوت ڪانئي ڪا. (چوڻي)
۴۶۷. قرض: آهي ڪوڙھ جو ٽڪو. (چوڻي)
۴۶۸. ڪاٺ جي پور ۽ ماٺهوءَ جي اندر جي ڪهڙي خبر؟ (چوڻي)
۴۶۹. ڪانين کي باھ مان، مرونءَ کي ماھ مان، بخيل کي مال مان، عالم کي علم مان، سائل کي خيرات مان، ڪڏهن بہ ڍؤ نہ ٿئي. (چوڻي)
۴۷۰. ڪا راکي ڪُر آپڻون، ڪا راکي ڪلتار. (چوڻي)
۴۷۱. ڪارڙو ڪمارڙو، ان ڏيو تہ مولا مينهن وسائي. (چوڻي)
۴۷۲. ڪارو: ماري يا ڪاري. (چوڻي)
۴۷۳. ڪارونجهر ٽڪري، هر روز سوا سير سون اپائي ٿي. (چوڻي)
۴۷۴. ڪارونجهر ري ڪور، مريجي تہ بہ مليجي نا. (چوڻي)
۴۷۵. ڪاري ڏٽي، اڃو اڇي ٿو. (پهاڪو)
۴۷۶. ڪاريءَ رات ڏيپڪ جلي، اپ ڪنون ٻيج، آهر قلاري ٻيٺين، مهيلي مک ڏنت، پبڻ پسارا ڪيا، پنج ئي ٿهڪنت.
۴۷۷. ڪاڪا ماما ڪهوانا، گهر ۾ هوئي تو ڪاوانا. (پهاڪو)
۴۷۸. ڪاڪو جنهن جو ڪونپجي، پائي جنهن جو پارومل، گهوڙو جنهن جو نو لکو، اهو راوت رڙ مل. (چوڻي)
۴۷۹. ڪاڳا ڪسي ڪا نہ ڌڻ هٽي، ڪوئل ڪسي ڪو نہ ديت، ايڪ ڇِپيا ڪي ڪارڻي، جڳ سو متر ڪريت. (چوڻي)
۴۸۰. ڪا ماءُ، ڪا ماءُ رو جايو، ٻيجو سڀ لوڪ پرايو. (چوڻي)
۴۸۱. ڪامهر: توڙي يا جوڙي. (چوڻي)
۴۸۲. ڪامهوڙي ٿي لاڳي، پتو ڪٽيو ڪلا تي پاڳي. (چوڻي)
۴۸۳. ڪانچ ڪٿورو، گهيءَ گهڙو، موتي ۽ مَڻُ، پڳا وري نہ نهن، تن جو پهرين ڪجي جتن. (پهاڪو)
۴۸۴. ڪانچ ڪٿورو، ڪونب جل، موتي، ٻيجو مَڻُ، اتنا پڳا سجا نہ ٿيوي، پهلا ڪريا جتن. (چوڻي/ پهاڪو)
۴۸۵. ڪاٺو ري ويهان ۾ وگهن گهٽا. (پهاڪو)
۴۸۶. ڪاٽي اک ڪجل پائي، ٻُچي ڏاڙهي هٿ هٽي ناهي، ٻيني نک نٿ پائي، نوٽ گُر، مانو ڍور، پنج ئي گهگهن گهور. (چوڻي)
۴۸۷. ڪيوئي منگت آرس ڪري، چور چوريءَ نهين جائي، چاڪر بيچارا ڪيا ڪري، روج پار ڪا ڪائي، آڏي رو هڪل ٿائي، تو 'جي جي' ڪرتا جائي. (چوڻي)
۴۸۸. ڪتي آهي مادي، پر آهي ڏاڙهين جو مَٺُ. (چوڻي)
۴۸۹. ڪتي جو ٻک ۾ ساھ وجي، سرائيءَ جي وٺ تي ٻچ. (پهاڪو)
۴۹۰. ”ڪتي ري وات ري مانتي چو ڪايئہ؟“ چي: ”مانتي چوپڙياري هَتي.“ (پهاڪو)

۴۹۱. ڪُتي ڪي چرڻو، انڌي ڪي پرڻو، اهو آهي: ڪارو منهن ڪرڻو. (چوڻي)
۴۹۲. ڪتي لک پيا لڻجن، ڪتي ڪک لاءِ پيا سکن. (چوڻي)
۴۹۳. ڪٿي واري، ڪٿي ترڪاري. (زرعي، پهاڪو)
۴۹۴. ڪجا راجا پوج، ڪجا گنگو تيلي. (سنسڪرت، چوڻي)
۴۹۵. ڪجا علي، ڪجا پلي. (پهاڪو)
۴۹۶. ڪَچَرَوُ ٻوننو، سدائين سائو. (پهاڪو)
۴۹۷. ڪچو، ڪاچو ۽ تر، پاڻيءَ بنا لڳي بر. (چوڻي)
۴۹۸. ڪچي دلي ۾ پاڻي ڪيسين رهندو؟ (پهاڪو)
۴۹۹. ڪچ ڦريو جوڳين، سنڌ ڦري نوڳين. (چوڻي)
۵۰۰. ڪراڙي اٺ ڪي، منڻ ڏانءُ نه اچي. (پهاڪو)
۵۰۱. ڪرم-نوڪ ڪيتي ڪري، ڪا ٻڙڌ مري ڪا ٽوٽو پڙي. (پهاڪو)
۵۰۲. ڪرم لکي نان ٽري، ڪرڻ هار ڪلتار. (چوڻي)
۵۰۳. ڪرنتا سو پوڳنتا، ڪودنتا سو پڙنتا. (راجستان، چوڻي)
۵۰۴. ڪسيري ري ڪان ري ڪري، لڪان ري لوڏ ڪنهي چڏجي. (پهاڪو)
۵۰۵. ڪڪڙ مُني، ڪوٽي روئي. (پهاڪو)
۵۰۶. ڪمائين غريب، ڪائين سينيون. (چوڻي)
۵۰۷. ڪم پلا اُهين، چم پلا ڪو اهين. (چوڻي)
۵۰۸. ڪم سريو، ڪاڳر وريو. (بيراجي، پهاڪو)
۵۰۹. ڪم، ڪم ڪي سکايئي. (ڪڇ، پهاڪو)
۵۱۰. ڪنٺ بنا گائيي، مت بنا چور، ترپئا تريوڙ بنا، تيني رپٽا روڙ. (چوڻي)
۵۱۱. ڪنجهو، پتل ۽ بيوقوف ماڻهو، بغير چيڙڻ جي پيا وڄندا. (چوڻي)
۵۱۲. ڪنجهو ۽ پتل آواز ڪندا، پر سون نه وڄندو آهي. (چوڻي)
۵۱۳. ڪنڊيءَ جي ڪاني آڇجي نه، آڇجي ته ٻارجي نه،
۵۱۴. ڪنواري چوري ڪوڏ پري، پرڻي چوري پڇي پڇي. (چوڻي)
۵۱۵. ڪنو وٽي، وِه جي وٽي. (چوڻي)
۵۱۶. ڪنهن گهڙيءَ جي آندل ڪاني به سياڳي. (پهاڪو)
۵۱۷. ڪُني اوٽنڌي ته پند جا ڪنا ڪينڌي. (ڪڇ، پهاڪو)
۵۱۸. ڪوٽ ته امر ڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون. (چوڻي)
۵۱۹. ڪوڏر بنان ڪاٽي ڪٽي، بنا ڏاٽي هٽي لائي، سٽ ويني سمهي رهي، نيچو وهي اونچو تري، اڻ ڏني ڏي اوڳاهي، اهي پنج ئي کهوچائي. (چوڻي)
۵۲۰. ڪوڏ لڳي يا هوڏ، وريو ياڳ مڱڻهار جو. (پهاڪو)
۵۲۱. ڪوري، ڪنير، ڪڪڙ ۽ ڪانءُ، اُني مينهن، چئني جو وڃي هانءُ. (چوڻي)
۵۲۲. ڪوڙ جي ٻوڙ، ٽورڙي ۽ ساهي گهٽ. (چوڻي، بيراجي)
۵۲۳. ڪوڙو ڏيڱو سبرو ساڃو، گهوڙو پڻ گهه-گير، رن ڪميٽي مور نه مُڙي، توڙي لڳنس تير، ماڻهن منجهه مجو مڙس، مرن منجهه خنزير، اهي پنج ئي بي پير. (چوڻي)
۵۲۴. ڪوڙو نه پلو ڪُوڪرو، سچي نه پلي ساک، ڏنو پلو روپيو، ليو نه پلو لاک. (چوڻي)
۵۲۵. ڪوسي پاڻيءَ مان ڪهڙي اڄ لهندي. (پهاڪو)
۵۲۶. ڪونيٽ پن ڪتريو: مينهن آيو ڪي آيو. (چوڻي)
۵۲۷. ڪُوئا ڊاڪڻ ڊاڪڻو، ڪيتر ڊاڪڻ واڙ، باپ ڊاڪڻ بيٽڙو، گهر ڊاڪڻ نار. (چوڻي)
۵۲۸. ڪويَلين جي ڏلالي ۾ ڪارا هٿ ٿيئين. (ڪڇ، پهاڪو)
۵۲۹. ڪي حال مست، ڪي مال مست آهن. (چوڻي)

٥٣٠. ڪيڙي سينچي ٽِتريو ڪائي، موذي ڪي مايا پرڙي جائي. (پهاڪو)
٥٣١. ڪيڙيءَ ڪي ڪڻ، هاٿيءَ ڪي مڻ. (چوڻي)
٥٣٢. ڪيسر ڪياري جي ڪرو، اگر چندن ملاءِ، گلاب جل سين سينچيا ڪرو، تو ئي پياز بانس نہ جاءِ. (پهاڪو)
٥٣٣. ڪيلو جڏهن ڦرُ ڏئي، تڏهن سِرُ ڏئي. (پهاڪو)
٥٣٤. ڪيهر مڇ، پوئنگ مَڻَ، گت سُوران، ستي پهوسرٽي، ڪِرپڻ ڏن، هاٿ آوين مُوئان. (چوڻي)
٥٣٥. ڪاٽ پڙئي تو ڪيت، نهين تو ڪوڙو ريت. (راجستان، چوڻي)
٥٣٦. ڪائڙ ڪاٽي، جڪي ۾ ڏان نِڪو پاٽي. (چوڻي)
٥٣٧. ڪٽا تو ئي خان، ڏليا تو ئي ڏيهہ ڏٽي. (چوڻي)
٥٣٨. ڪٽر ڏِڳي، چڪر تري، ميو ڪٽي نہ بار، ڪتو وجائي ٺانءَ، نهائين اگهاڙي نار، اهي پنج ئي مار. (چوڻي)
٥٣٩. ڪٽل گاءِ ۾، گابي رو سوس، ڪٽل مائتران ۾، ڏڪري رو سوس. (پهاڪو)
٥٤٠. ڪٽل مائيترو نِہ ڦاٽوڙي گيي رو، مهٽو ڪونهي. (پهاڪو)
٥٤١. ڪٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لجونتي نار، پراٽي ڪٽڪ، نئون گيهہ، پنج ئي سرڳ دوار. (چوڻي)
٥٤٢. ڪدڙن جا اوتارا، ڪنيارن جي گهر. (چوڻي)
٥٤٣. ڪر، گگهہ پکي ۽ مورڪ نر، ڏينهن جو بہ ننڊ ۾ هوندا. (چوڻي)
٥٤٤. ڪڙڳ ڪپا نہ نڪري، پرس پراٽي پاڳ، عورت اگلين ڪپڙي، گهوڙي چنل واڳ، گهر توڻ نہ سپجي، پنج ئي اياڳ. (چوڻي)
٥٤٥. ڪڳا ڪوهر ۾، ويڳر ٽا ڪٽجن. (پهاڪو)
٥٤٦. ڪل ڪتل، ڊاڻي آيا. (پهاڪو)
٥٤٧. ڪنيپيءَ-چٽڪو: چار ڏينهن. (پهاڪو)
٥٤٨. ڪنوي وياهہ تہ وجي ڏياهہ. (چوڻي)
٥٤٩. ڪوٺو ڏاند، ڪتر ڳئون، ڪتل پٽيل، گهر-چٽي نار، هٽ-چٽيو واٽيو، انين پنجن ئي منهن ٻار. (چوڻي)
٥٥٠. ڪوٽي ۾ مُني، ڪنهن نہ ڏني. (پهاڪو)
٥٥١. ڪهيو واٽيو، ٻت پراٽي، ڊبڪر دڪڻ چُون، وڻ ٻابرو، ڪر ماٿهو، پنج ئي پاسي هون. (چوڻي)
٥٥٢. ڪيرتي گانءِ ري، لت بہ پلي. (پهاڪو)
٥٥٣. ڪيڙيو تہ ڪيٺ، جي ليڏاٽيو تہ ڏان. (زرعي، چوڻي)
٥٥٤. گابو ڪپڙ-چٻٽو، نر گهوڙو وهي ڏِگام، ڪرهہ ڪري ڪامٽي، گهر آئي مزمان، گاندو رڻ نہ چڙهي، گهر هٽي شوغان، راجا جوٺ ٻولي، اهي پنج ئي بدنام. (چوڻي)
٥٥٥. گاجٽا سو باجٽا، مانيٽا سو مِيه. (پهاڪو)
٥٥٦. گانوڙي تو ڏوڌ ونڪي، تيج ونڪي گهوڙيان، آدمي تو خرچ ونڪو، سيل ونڪي گوريان. (چوڻي)
٥٥٧. گانوڙي تو سينگ ونڪي، ڦينچ ونڪي گهوڙيان، آدمي تو مونڇ ونڪو، روپ ونڪي گوريان. (چوڻي)
٥٥٨. گانيان جوپن برسات هي، تريان جوپن ڏئت، ماهيلي جوپن مان هي، مردي جوپن ڇَٽَ. (چوڻي)
٥٥٩. گانيان جوپن گاس هي، تريان جوپن اَنُ، ماهيلي جوپن مرد هي، مردي جوپن ڌن. (چوڻي)
٥٦٠. گاءِ: ڪٽر مال. (چوڻي)
٥٦١. گائين ڏارجنين گورڙين، رهجي رڻ ري وَٽِ، پنج آپٽين، ڏس پارڪين، گورين وڏو گهگٽ. (ڪڇ، چوڻي)

٥٦٢. ڳڌھ تان ڳلاب، هاريو تہ ههئين ويو. (ڀهاڪو، بيراجي)
٥٦٣. ڳڌھ ڏؤ جهلي نہ سگهي. (ڀهاڪو)
٥٦٤. ڳڌھ، ڳولو، ڏول، ڪاڳر ۽ ڪپاه، پنج ئي ڪٽيا ڀلا، جي نہ ڪٽيا تو وٺاه. (چوٽي)
٥٦٥. ڳڌھ لت هڻڻ کان نہ مڙندو. (ڀهاڪو)
٥٦٦. ڳرا ڳونئرا نہ چئجن، پيٽ-وڏيا پٽ نہ چئجن. (ڀهاڪو)
٥٦٧. ڳُر ٻن ملي نہ گيان، ڀاڳ ٻن ملي نہ سجن، تپ ٻن ملي نہ راڄ، ٻانهن ٻن هٿي نہ دُرجن، پرس ٻن ڪيسي سينگار، مينهن ٻن پري نہ سگر. (ڊٺ، چوٽي)
٥٦٨. ڳُڙي ڳُڙي، نيٺ تہ وسندو. (ڀهاڪو)
٥٦٩. ڳُگر ڳِگر، پنڊا اڙيا. (ڀهاڪو)
٥٧٠. ڳنگو: جهڙو ڳهر، تهڙو ڳانين ۾. (ڀهاڪو)
٥٧١. ڳنگو غريب، ڏياريءَ ري ڏينهن ڳِس ڪائي. (ڀهاڪو)
٥٧٢. ڳوارٽيءَ-ڏٽي، ڪير-ڏٽي. (چوٽي)
٥٧٣. ڳوار جو فصل، پاچاتو پلو. (زرعي، چوٽي)
٥٧٤. ڳوريو: ڳاءِ، نڪو ٻڙد. (ڀهاڪو)
٥٧٥. ڳولاڙو، ٻول ڪان ڀڇي. (چوٽي/ ڀهاڪو)
٥٧٦. ڳونٺ ري ڀِٽ نان، ڀٽوري ري دعا ڪي ڪرسي. (ڀهاڪو)
٥٧٧. ڳونگا چاوا هتا، بيري ڪٽتي الڳهان چڙهي ڳيا. (چوٽي)
٥٧٨. ڳونگن جي ٻولي، ڳونگا ڄاڻن. (بيراجي، ڀهاڪو)
٥٧٩. ڳوھ نا ڪتي ڪٽي، پيلان را ڳهر جُوئي. (ڀهاڪو)
٥٨٠. ڳيان وڏي ڳٺوان ڪي سنگت، ڏيان وڏي تپ سنگ ڪينو، موھ وڏي پروار ڪي سنگت، لوڀ وڏي ڌن ۾ چت ڏينو، ڪروڌ وڏي نرموند ڪي سنگت، ڪام وڏي تريئا سنگ ڪينو، ٻڌي، وويڪ، ويچار، وڏي ڏيان، سڄڻ سين ست سنگ ڪينو. (چوٽي)
٥٨١. ڳينگو: ٽر جو ڀنگي. (چوٽي)
٥٨٢. ڳالھ ڪجي سچي، جنهن ۾ نہ ڪڙهو نہ مٺي. (چوٽي)
٥٨٣. ڳجھ جي نظر، سؤ ڪوھ تائين. (ڀهاڪو)
٥٨٤. ڳِڙ ڪائي، ڳوتري ڦٽي ڪريئہ. (ڀهاڪو)
٥٨٥. ڳَل ۽ لپاٽ ۾، فاصلو ناهي. (ڀهاڪو)
٥٨٦. گهانچي، موچي، ڳائينچو، پٽيو پوپٽ ٽاءِ، يوتاپٽو پلٽي پڻ ذاتي سباءِ نہ جاءِ. (چوٽي)
٥٨٧. گهٽيءَ، گهرن جي سونهن آهي. (چوٽي)
٥٨٨. گهر آهي، زال سان. (چوٽي)
٥٨٩. گهر بہ گهر، ٻاهر بہ گهر. (بيراجي، چوٽي)
٥٩٠. گهر جو ٻانيڻ، ٻئل برابر. (ڀهاڪو)
٥٩١. گهر ڊِيٺو، ٻُنبي ٻاجهري، ڳاھ ڪاني، گهر ڳنج، ڀائر پُٽ چئي ۾، اهي پنج ئي سهنج. (چوٽي)
٥٩٢. گهر را گهيرٽي چٽين، ڳرو تو آنو ڪائي. (ڀهاڪو)
٥٩٣. گهر سونهين انسان سان، ميخانو سونهين پيمان سان، مندر سونهين ديوان سان، صحن سونهين ايوان سان. (چوٽي)
٥٩٤. گهر ڪا جوڳي جوڳيڙا، آن ڳانو ڪا سِڌ. (راجستان، ڀهاڪو)
٥٩٥. گهر گهانچيان رو ٻڙيو، تو ئي سيڪ رونڌران نان پرهو آئي. (ڀهاڪو)
٥٩٦. گهر گهر ٽيندي گهرٽيءَ، گهر گهر ٽيندو ماڻ، اهي ڦٽيءَ جا اُهجاڻ. (چوٽي)
٥٩٧. گهر ندي ڪناري وٿ، هجي ڪير جو ڳنج، پلو گهوڙو چڙهڻ لاءِ، مٿس سونا سنج، زال هجي سلڇٽي، ٻيٽو جنهن جي هنج، هيئين سان هندائي چڏ: اهي پنج ئي سهنج. (چوٽي)

٥٩٨. گهر نينگر بوجهه گهٽو، ڪچي قلي ڏوئو واءُ، پائيان وچوڙو ماهيلي، مينهان اگتيو واءُ، چار ئي تباه. (چوڻي)
٥٩٩. گهر ئي گهاٽي، تيلي روُڪو ڪيون ڪاوئي؟ (پهاڪو)
٦٠٠. گهڙيو، اڪريو. (پهاڪو)
٦٠١. گهٽو امرت، بِس برابر. (پهاڪو)
٦٠٢. گهٽو ڦُٽو، گهٽو مُنو. (چوڻي/ پهاڪو)
٦٠٣. گهٽي هاريين هر نہ هلي، گهٽي ناريين گهر نہ هلي. (پهاڪو)
٦٠٤. گهوڙا، گهر تا ڪائين. (چوڻي)
٦٠٥. گهوڙا نِہ ميدان، ڊوڙي ڊوڙي چيهہ ڪن. (پهاڪو)
٦٠٦. گهوڙو: پنج واتي بلا. (چوڻي)
٦٠٧. گهوڙو ڊوڙي تو آپ ري سوپ ري پگا. (پهاڪو)
٦٠٨. گهوڙو ڪاهي ويا چور، سنج سائين ڪٽي يا نوڪر. (پهاڪو)
٦٠٩. لاڪو قلاٽي، ڪچو ڪچاٽي، جنهن چڏي مهر راٽي. (چوڻي)
٦١٠. لاهين پنيان چاڙهيون، چاڙهين پنيان لاهيون. (پهاڪو)
٦١١. لتر گڏهہ کي چڪر گڏهہ پڄي، چڪر گڏهہ کي لتر گڏهہ. (پهاڪو)
٦١٢. لڪڙين کي اگنيءَ مان، مروءَ کي ماه مان، ڪنجوس کي ڪشور مان، عالم کي علم مان، سائل کي سخي مان، ڪڏهن بہ ڍؤ نہ ٿئي. (چوڻي)
٦١٣. لکو تو لاڏو ٿئي، لنجا تا پت ڪائين. (چوڻي/ پهاڪو)
٦١٤. لک وڃي، لڇڻ نہ وڃي. (چوڻي)
٦١٥. لنب: مکڻ چنب. (چوڻي)
٦١٦. لوپ لڳو واٽيو: لونگيءَ لڳي گاءِ. (پهاڪو)
٦١٧. لوٽيو باٽيو، جُونا خط جووي. (راجستان، پهاڪو)
٦١٨. لوڏي ٻانهن لاڏ مان، هلي تي هرڙيون، مڙس چڏي، مِنڙي تي سڏي ساهيڙيون سرڙيون، گهٽو ڳالهائي گهوٽ سان، پهرين رات پرٽيون، ٿئي ترڙيون. (چوڻي)
٦١٩. لوٽي ڪاني، اڏوهي بہ نہ ڪائي. (پهاڪو)
٦٢٠. ماڇي، مهاٽا، مؤذني، منگت، چلو ڪين يارو انهن جي سنگت. (چوڻي)
٦٢١. مارا متر اُوءَ، جو گلا ڪري. (پهاڪو)
٦٢٢. مار، ڏاتار آهي. (چوڻي)
٦٢٣. مارواڙي، نہ ماءُ پلي نہ گاءِ پلي. (چوڻي)
٦٢٤. مارئي جي مٺل، ٻاتيءَ جي خوشبوءِ. (چوڻي)
٦٢٥. ماڪي، ماڪوڙو ۽ مورڪ نر، ٽيئي لالچي آهن. (چوڻي)
٦٢٦. ماڪي نہ ڏسي وڻ، زال نہ ڏسي وڙ. (چوڻي)
٦٢٧. ماڪهہ: چوڙا ڏاکهہ. (چوڻي)
٦٢٨. مال پٽارو، اڪين جو تارو. (چوڻي)
٦٢٩. مال صدقو سِرَ جو، سر صدقو لڄ جو. (چوڻي)
٦٣٠. مال: لال. (چوڻي)
٦٣١. مان جهڙي ڏيڪري، نان جهڙي نيڪري. (پهاڪو)
٦٣٢. مانُ گهٽي ڪڄ مک سين منگت، پريت گهٽي نت پر گهر جايا، گيان گهٽي نرمونڊ کي سنگت، ڌيان گهٽي چت ڪو پر مايا، تيج گهٽي پر نار کي سنگت، بڌ گهٽ بهو پوجن ڪايا، شوڪ گهٽي ڪُڄ ساڌ کي سنگت، روگ گهٽي ڪڄ اوکت ڪايا، داس بهاري ڏک ڏار ڊر گهٽي، گووند گووند گووند گايا. (چوڻي)

٦٣٣. مانئي تو ديو، نهين پينت ڪو ليو. (راجستان، پهاڪو)
٦٣٤. مانيءَ ۾ ٻانهي، مهانگي ناهي. (چوڻي/ پهاڪو)
٦٣٥. ماڻسان ري مايا آهي، ڍونڍان نان ڪوڻ تو پڇي. (چوڻي)
٦٣٦. مائٽ ميڻ هوندو آهي. (چوڻي)
٦٣٧. ماءُ ڪک تي پاري، ٻاپ لک تي ڪنهين پاري. (چوڻي)
٦٣٨. مايا ٻيٽي شوم ڪي، سخيان پاس نہ جائي،
٦٣٩. متر اوءَ، جو ٻڪرال جيان آوي. (چوڻي)
٦٤٠. متو پاڳو تو سجو پرهو تيسي، روپيو پاڳو تو سجو ڪنهين تيسي. (چوڻي)
٦٤١. منو ۽ ڪارو پاڻي، ڪڏهن بہ نہ ڳڏبا آهن. (پهاڪو)
٦٤٢. مني، ڏاڍي مني آهي. (چوڻي)
٦٤٣. محبت واري رب پلي، راهہ اتي رهجي. (چوڻي)
٦٤٤. مِڇو جاءِ ماهين ۾، گهر جاءِ ٻاڏ ۾. (پهاڪو)
٦٤٥. مڇيءَ وٽ ٻُڌ آهي، سُڌ ناهي. (چوڻي)
٦٤٦. مذهب سين محروم رهيا، دين ڪنون دور، چوري سين چاه لڳائي، ڪم ڪنون وجي هلور، عمر ساري اپنا نفعا ڍونڍي، نت ڪري ڪلور، چغليان تي عزت وڌائي، سچ ڪنون ٿئي سور، پنج ئي مرد نہ مور. (چوڻي)
٦٤٧. مرد جي دل ۽ درياهہ تي کهڙو ويساهہ. (چوڻي)
٦٤٨. مرد ۽ پؤنرا، پٽڪندا سونهن ٿا. (چوڻي)
٦٤٩. مرگهہ-نيني، چندر-بدني، گنيور چال چلت، هيم-ورڻ، ٻالڪ-بدن، جهيڻ-لنڪ، مرگهہ-چڪ، روسوندر ڪم-ٻسري، جنهن ايڪ جيو گُڻ لک. (چوڻي)
٦٥٠. مرڻ ناهي مهڻو، پرٺو ناهي گار. (چوڻي)
٦٥١. مرٺو مٽ جو، پرٺو ڍٺ جو. (چوڻي)
٦٥٢. مِڙتي گاءِ نا ڳهوڪاءِ هٽسو تو لت هٽسئہ. (پهاڪو)
٦٥٣. مڙدا، ڪڏهن مساڻ مان واپس آيا آهن؟ (بيراجي، چوڻي)
٦٥٤. مڙس ڪي بہ گهر: اٺ ڪي هڏ-تر. (چوڻي)
٦٥٥. مقام ۽ مڪان، ڪڏهن وسرن ڪينڪي. (چوڻي)
٦٥٦. مڪڙ اڳيان ڪائي، پويان ڪيي. (پهاڪو)
٦٥٧. مِڪو ماٺهو، گونگو مينهن، ٻينل پاڻي، جهڙ جو ڏينهن، چار ئي ٻوڙين. (چوڻي)
٦٥٨. مگٽهار، ڪدڙا، ڪجريون ۽ پٽ، چار ئي هڙ-چٽ. (چوڻي)
٦٥٩. ملوڪ سپ مري ويا، ٽوٽا ٻڌندو ڪير؟ (پهاڪو)
٦٦٠. منش چوٽا، عقل چوٽي. (چوڻي)
٦٦١. منش نہ وڏو، پر عقل وڏي وٽ. (چوڻي)
٦٦٢. منگهَہ، ٽاٽي ٻڌو تنگَ. (چوڻي)
٦٦٣. مُٺبي مٺبي، مترينا. (سنسڪرت، چوڻي)
٦٦٤. موت رو سڏ پلو، پوليس رو سڏ پونڌو. (چوڻي)
٦٦٥. موران نان ميهَہ نہ وسري، منگت نان ڏاتار، ماهيلي نان پيهر نہ وسري، هاري نان پتوئار. (چوڻي)
٦٦٦. مور چپيا انڌي بادل آيا، ٽري چپيا ڏٻلي گهر آيا، ڪڏوپي نار ڪي چال چپي گئي، نين چپيا نت نت گهر آيا، چندر چپيو پک پونم پهلو، سورج چپيا اندر ميگهہ مڏايا، هٽيار ٻنا رجپوت چپي گيو، ڏاتار چپيا گهر اڇت آيا، پوپ پوپال شاهوڪار هئي، ڪرم چپي گهر ڪلفت پايا. (چوڻي)

٦٦٧. مور کو ڏيان گهن گهور لڳو، ڏور کو ڏيان لڳو تتکي، ديپک کو ڏيان پتنگ لڳو، پڻهاري کو ڏيان لڳو مٽکي، چندر کو ڏيان لڳو چکور، چکپاڻ کو ڏيان سٽکي، مين منوپر ترري، ساگر-پنٽ، پرميٺ رهيو اٽکي. (چوڻي)
٦٦٨. مورک ٻانيڻ: ٻہ ٻارسيون. (چوڻي)
٦٦٩. مورک کي اُپديش، جيءَ جو کليش. (سنسڪرت، چوڻي)
٦٧٠. موريو ڦترو، پڳ پونڌا. (پهاڪو)
٦٧١. موڙي ليپيندي ئي نهين، نکر چاليها مگدا. (پهاڪو)
٦٧٢. موسم کري تہ واءُ کري، وڻ کري تہ ڳرنڊهو کري. (چوڻي)
٦٧٣. مولا وساءِ مينهن، ڪانيارا چٽن کم ڪان. (پهاڪو)
٦٧٤. مهور ڪري منوار، ڪسڙات پڇي پوڇي. (چوڻي)
٦٧٥. مهينو آيو پوهہ، سياري ڪهڙو ڏوهہ. (چوڻي)
٦٧٦. ميٽرڪ مانڊا پڙهيا، بي اي برا حال، ايم اي مرڻ پڌاريا، يہ هي وديا ڪا حال. (چوڻي)
٦٧٧. مينهن جي پُسائي، حاڪم جي ماريي تي ڪهڙو ارمان. (چوڻي)
٦٧٨. مينهن ونا پلا، ڏيک ڏنا پلا. (سارو سنگهار، چوڻي)
٦٧٩. مينهن ۽ پُٽ: قسمتي. (چوڻي)
٦٨٠. ميهان ساڪي مارڳو، سيئان ساڪي اڪَ، ڏاتار ساڪي منگتا، سُوران ساڪي ڏڪَ. (چوڻي)
٦٨١. ميهہ تو تيان برستي، جيان راجي هوسي رام. (چوڻي)
٦٨٢. ميهَہ سُڌاري بجلين، سَر رَو سُڌاري پار، بيٽو سُڌاري باپ نان، گهر سُڌاري نار. (چوڻي)
٦٨٣. ميهَہ موران، بَنَ ڪونجران، آنبان ڏار سُوئان، ويڻ سڄڻ، جنم پومي، وسرسي موئان. (چوڻي)
٦٨٤. مِيهہ نہ مهماڻ، ڪِتا ڏينهن. (چوڻي)
٦٨٥. نار اپري ڪنجري، گهوڙي تتل زين، ڏيءَ وڏور گهر ۾، جهڙي ماٺ زمين، جن سانجهہ چاڙهيو ڪينڪي، پنج ئي مسڪين. (چوڻي)
٦٨٦. ناري هَٺُ، بادشاهي هَٺُ، بارِيہ هَٺُ، ڪڌهن نہ هَٺُ. (چوڻي)
٦٨٧. ناني رَليءَ ڪاڻ ٻين سان سمهي، ڏوهٽي چي: ”ناني رَلي“. (پهاڪو)
٦٨٨. ناٿو: نر نچايو چڏي. (چوڻي)
٦٨٩. ناٿو هٿ ايندو، پر ٽاٿو هٿ نہ ايندو. (چوڻي)
٦٩٠. ناهہ گندي، ناهہ سيءُ. (پهاڪو)
٦٩١. نائين پيڙهيءَ ٻہ، نانيءَ-جک تئي. (چوڻي)
٦٩٢. نپٽ راجا، نپٽ پرجا. (پهاڪو)
٦٩٣. نہ ڪسيئي ڪماڻ، نہ پڙيئي جِماڻ، نہ تپيئي ڪُوئا، نہ رَميئي جُوئا. (چوڻي)
٦٩٤. نڪو گهر تڙ، نڪا گهر واري، چڙي ڪي نند پياري. (چوڻي)
٦٩٥. نڪي چٽو فقير مري، نڪي پوتاڙيي جو پوت وڃي. (چوڻي)
٦٩٦. نماڻيءَ جي نک تي، ٻُوليءَ سندو بار. (چوڻي)
٦٩٧. نم جا پن، ان جا راکي. (چوڻي)
٦٩٨. نمين پن پنيو، تہ برڪا آئي ڙي آئي. (ڍاٽڪي، چوڻي)
٦٩٩. نندي مري نہ مايڙي، وڏي مري نہ جوءِ، ور وريتيءَ نا مري، جو جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (چوڻي)
٧٠٠. ننگر جهڙو شهر، جنهن ۾ نمرياڙي لهر. (چوڻي)
٧٠١. نوٽ ناٽا، بيند پرٽي ڪاٽا. (پهاڪو)
٧٠٢. نَوَ پيڙهين، ناناٽو چکي. (چوڻي)
٧٠٣. نهڙين جي راڄ ۾، شل نہ پوي رات،
٧٠٤. نيات سين، چيهہ نہ پلو. (چوڻي)

٧٠٥. نيپيو گهونپيو آنگڻو: اوڍي پيهري نار. (چوڻي)
٧٠٦. نيچَ-ڪَندو ٻڙديو، اونچَ-ڪَندي نار، راهَ-رڙتو ڏاگو، ڪتل زميندار، هيڪل-هَٿو واٽيو، اهي پنج ئي بيڪار. (چوڻي)
٧٠٧. نيوان رو ناهه ڪونهي، نگڙڻ رو وارو وار. (پهاڪو)
٧٠٨. واپاري وستي/ ورڌتي، لڪشميهه. (سنسڪرت، چوڻي)
٧٠٩. وارا، ڍارا. (چوڻي)
٧١٠. وار واراتي، جنڊ اباٽو. (پهاڪو)
٧١١. وارياسو پتر، پاڻيءَ ۾ ڪري ته سلامت نه رهي. (پهاڪو)
٧١٢. واريءَ کي واٽون گهٽيون، ٽڙيءَ کي ٽاپا گهٽا. (پهاڪو)
٧١٣. واريءَ وارو پنڌ، مٽي تي بار، ترَ ڪريا واٽ ۾، اٺ مٽي هسوار، مڙس هجي پير مرد، ننڍڙي هجي نار، ڪيٽ ۾ رڳو پُرت، تنهن ۾ پوڪجي گوار، چار ئي ڏڪ جا ڏار. (چوڻي)
٧١٤. واڙ ڏني کيٽ نان، کيٽ واڙ نان کائي، راجا ماري رعيت نان، جيري ڪوڪ ڪٽي لڳ جائي. (چوڻي)
٧١٥. واسينگ مري، تڏهان چنڊڻ گوهه مٽي ٽيلهو آئي. (پهاڪو)
٧١٦. واٽڪو وياءُ، جيئن وڏي تيئن ڪري. (پهاڪو)
٧١٧. واٽيا پاڻ ۾ وڙهن، پاراتا ڌرين کي ڏين. (پهاڪو)
٧١٨. واٽيو پنچ نه پري، پنجاس پري. (پهاڪو)
٧١٩. واٽيو لکي، پڙهي ڪرتار. (راجستان، چوڻي)
٧٢٠. واٽيو مطلب جو يار، ڪم پوڻ تي ڪري پيار. (چوڻي)
٧٢١. واٽيو، وياج ۾ سڳي ڌيءَ مان به نه ٽري. (چوڻي)
٧٢٢. واٽيو هٽيءَ تي، مير بحر مَڏيءَ تي، هاري اَڏيءَ تي، ڪميٽو ڪُڏيءَ تي. (چوڻي)
٧٢٣. واٽيو هجي يار، ٻيو دشمن ئي نه ڌار. (چوڻي)
٧٢٤. واٽيو ۽ سيارو، سيڪنهن کي سڙهين. (چوڻي)
٧٢٥. واٽيي ري ويهانءَ ۾، وگهن گهٽا. (ڍٽ، چوڻي)
٧٢٦. واهڙ ويندا وهي، آخر ڍورو جهليندو ڏک. (پهاڪو)
٧٢٧. واهُندي: اَنن سان نه نهندي. (چوڻي)
٧٢٨. واءَ وجايو ورهيه، وس وجايو واڌڙي. (چوڻي)
٧٢٩. وڻو ته ٿر، نه ته ٻر. (چوڻي)
٧٣٠. وڻو ته سٺ، نه ته ٺو به اٺ. (چوڻي)
٧٣١. وڻو ته ورساڙو، نه وڻو ته اونهاڙو. (چوڻي)
٧٣٢. وڄوٽي جي وَسَ، گانگاڻ جا گس. (وٽ، سارو سنگهار، چوڻي)
٧٣٣. وڏيا پَل-پڻ، سموند جل، اونچ-پڻ اندر گاج، اتر-پنٽ، مالڪ-گٽ، پار نه پرٿوي راج. (ڍٽ، چوڻي)
٧٣٤. وڏو مرڻو: وڏو وهانءُ. (چوڻي)
٧٣٥. وَرَ پلي: او گهر پلي. (چوڻي)
٧٣٦. ورڌاتا، مستڪ تي جيڪي لکي تو، ائين ٿئي تو. (چوڻي)
٧٣٧. ورهيه ته ڏڪار، پر مٽيءَ ڏانهن موٽڻو آهي. (چوڻي)
٧٣٨. ورهيه ڪري جهڪ ڪري، مڙس ڪري ٻک ڪري، ڌرتي ڪري اک ڪري. (چوڻي)
٧٣٩. وڙهڻ ويريءَ سان، اک ڪٽي سوٽو، واٽئي جي هٽ تي، هجي وٽ ڪوٽو، ساماٽيل زال کي، ور ڏيڻ چوٽو، انهن ٽنهي ۾ ٽوٽو. (چوڻي)
٧٤٠. وسي ته وسڪارو، نه ته ڪارو اونڌارو. (چوڻي)
٧٤١. وسي ته رحمت، گجي ته زحمت. (چوڻي)
٧٤٢. وقت گذري ويندو، وڃي رهنديون ڳالهيون. (چوڻي)

٧٤٣. وقت وقت جي ٻلهاري آهي. (چوڻي)
٧٤٤. وڪاڻيو ري ڪچڙي، ڏانتي پڙۂ. (مارواڑ، پهاڪو)
٧٤٥. وڳ ۾ هڪ ڳري، وڳ ڳرو. (پهاڪو)
٧٤٦. ونجهه اُپني، ڏک اُپنو، رُني سپ وڙراه، هيءُ وڻ اياڳو اُپنو، جو جيرو سين لاه.
٧٤٧. ونهيون بادشاه، چاهي تيئن ڪري. (چوڻي)
٧٤٨. وڻ ٻبر، ڪر ماڻهو، شال مَ پاڙي هوءِ، آڪبي ڪينڪي، تہ بہ هيئين اڏکو هوءِ. (ڏٽ، چوڻي)
٧٤٩. وهاڻُ تہ واٽڪو، سهج تہ سونارڪو، ڳپ چڪ پاٽڪي. (چوڻي)
٧٥٠. وئي جو هڪڙو پيرو، ڳوليندڙ جا سَوَ پيرا. (پهاڪو)
٧٥١. وياس جي وينگڻ ڪائي، ٻيجان نان اپديش ڏي. (پهاڪو)
٧٥٢. ويچا روڳي، ٻيا جوڳي، سورهيان پني ڳهاءِ، ڏات ماري ٻکيا مانگي، اهي چار ئي مَ وسهاءِ. (چوڻي)
٧٥٣. ويساک وُنو نہ پلو، چمڪيو نہ پلو چيٽ، راجا رُنو نہ پلو، پرچيو نہ پلو سيٺ. (چوڻي)
٧٥٤. هاتي ڪريا ڪامڻا، ڪي نان ڏيان ڏوس. (پهاڪو)
٧٥٥. هاڪا ڪجن، هوڪا ڪجن، هو نہ پجي تہ پاڻ پججي. (چوڻي)
٧٥٦. هٽ، جٽ، ڦٽ، سر، سوئر، پنج ئي ٻڌا چڱا. (چوڻي)
٧٥٧. هٽن جون سپ آڳريون، سريڪيون ڪو آهن. (پهاڪو)
٧٥٨. هٽوڙي رو ڳهاءُ، ايرڻ جهلي. (پهاڪو)
٧٥٩. هجي روٽلو ساڻ، تہ رهجي رائلي ۾. (ڏٽ، چوڻي)
٧٦٠. هڏي تي هوڏ، ڪتن جو ڪم. (پهاڪو)
٧٦١. هُردو دنيادار جو، پاهڻ ڪان بہ پري. (چوڻي)
٧٦٢. هرڻ آڪاڙا نہ چڏي، جنم پومي نران، هاتي ڪو ونديا جبل، وسرسي موئان. (ڏٽ، چوڻي)
٧٦٣. هرٽي اڳي هَتي ٽسٽي، متي ٻڌي ڳهنڊٽي. (پهاڪو)
٧٦٤. هرٽيءَ لاءِ ڪورڙ ئي ڪافي آهي. (پهاڪو)
٧٦٥. هڪ ڪي شوق، ٻئي ڪي ڳٽتي. (چوڻي)
٧٦٦. هڪ موت، ٻيو وچوڙو، ٽيون لڏيو ڏور وڃن. (چوڻي)
٧٦٧. هر هر هلڪائي، وڃڻ در دوست جي. (چوڻي)
٧٦٨. هريو ڍيڍ سهاڙين ڪائي، ڦري ڦري پچو آئي. (پهاڪو)
٧٦٩. هڙ ڪيڙنو ڪوتڙو، ڳهندا جيسرميڙ، ڏات سُرنگي ڳورڙي، پڳا ٻاڙميڙ. (چوڻي)
٧٧٠. هَڙ هڙي، هَڙ ڪُونيَٽيءَ، ڳوڏا ڳائين پيٽ، هاڙي هِڻ جاپَسيءَ، پتوارڻ پُڳي ڪيٽ. (چوڻي)
٧٧١. هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار، پنجون بيمار، اهي پنج ئي ٻي ميار. (چوڻي)
٧٧٢. هڪ چريا شينهن ڳهمن، ٻيا چريا ورن واءِ، ٽيان چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءَ، ڪڪر بنا مينهن اپ ۾، اهي پنج ئي چريا. (چوڻي)
٧٧٣. هندو سينسي جو ڳهر، جيترو سياٽو اوترو پرمي. (چوڻي)
٧٧٤. هنسان نان سمندر ڳهٽا، پُهنڪ ڳهٽا پمري، سگهڙان نان ساجن ڳهٽا، ديس توڙي پرڏيهہ. (چوڻي)
٧٧٥. هنگڻ ڍائو، ڪي پرڙڪو پيچي. (پهاڪو)
٧٧٦. هنگ سهانگي تہ بہ ڪا پات ۾ ڳهوربي. (پهاڪو)
٧٧٧. هوند تي هونگار آهي. (چوڻي)
٧٧٨. هون ئي راٽي، تون ئي راٽي، ڪوڻ ڪرسي اينڌڻ پاٽي. (پهاڪو)
٧٧٩. هيڪ اڻ ڪونيو، ٻِ ٻيجو ٽري ڪرياتو. (پهاڪو)
٧٨٠. هيڪ ڳهر مانجو، ٻيجو قاجي رو، باقي ڪل ڍاڍ ڍوڍ. (چوڻي/ پهاڪو)
٧٨١. يتا ٻيجن، تتا نشپت. (سنسڪرت، پهاڪو)
٧٨٢. يتا ديوا، تتا پڳتا. (سنسڪرت، پهاڪو)

٧٨٣. يٿا راجا، تٿا پرجا. (سنسڪرت)
٧٨٤. يٿا ڪرنت، تٿا پُنڪتي. (سنسڪرت، چوڻي)
٧٨٥. يٿا لاڀ، سنتُشٽ. (چوڻي، سنسڪرت)

# انجنيئر عبدالوهاب سهتي جا ڇپيل ڪتاب

- **ڪهاڻيون (ڇپيل)**

١. هراس — آڪٽوبر ١٩٨٩ع
٢. جڏهن بت ئي چوي ڪافر — نومبر ١٩٩٢ع
٣. هٿ جي وڍي — ١٩٩٩ع

- **پهاڪا ۽ چوڻيون/ ورجيسون (ڇپيل)**

١. نندڙي روپ وارا، چوڻيون ۽ پهاڪا — اپريل ٢٠٠٢
٢. ورجيسون: پسمنظر ۽ ڪارج — نومبر ٢٠٠٣ع
٣. موزون آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون — آگسٽ ٢٠٠٤ع
٤. اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون — مارچ ٢٠٠٦ع
٥. گل شڪر (نئين سر لکيل) — مارچ ٢٠١١ع
٦. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مضمون — جولاءِ ٢٠١٥ع
٧. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون — سيپٽمبر ٢٠١٥ع
٨. ڳوناٽو ڳُڙ (نئين سر لکيل) — ڊسمبر ٢٠١٥ع
٩. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون — جُون ٢٠١٦ع
١٠. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون — ڊسمبر ٢٠١٦ع
١١. چوندبہ سنڌي چوڻيون (ترتيب ۽ تدوين) — فيبروري ٢٠١٧ع
١٢. ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون — اپريل ٢٠١٧ع

- **تاليف ۽ ترتيب**

١. عبدالڪريم گدائي: روايت ۽ بغاوت جو شاعر. جنوري ٢٠٠٦ع
٢. تنقيدون ۽ تجزيا- پروفيسر نذير احمد سومرو جنوري ٢٠١٣ع
٣. موهيو مون ڪي جن- پروفيسر نذير احمد سومرو مئي ٢٠١٥ع
٤. جيڪب آبادي صاحب ڪتاب ۽ سندن ڪتاب — ڇپائيءَ هيٺ

- **پهاڪا ۽ چوڻيون (اڻ ڇپيل)**

١. چوڻين ۽ پهاڪن تي مشتمل مضمون — ڇپائيءَ هيٺ
٢. چوڻين ۽ پهاڪن بابت مضمون ۽ مقالا — س ل ا وٺ

۳. نصيحت آموز آکاڻين وارا پهاڪا ۽ چوڻيون س ل ا وٺ
۴. تاريخي واقعن منجهان نڪتل چوڻيون ۽ پهاڪا ڇپائيءَ هيٺ

## ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران ڇپرايل ڪتاب

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ........................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
2. ماڻهو ۽ ماڻهپو ............................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
3. آبشار ........................ جبران خليل جبران/انجنيئر شفقت حسين وڏو (ختم)
4. يادون ۽ سُڪونُ ............................................................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
5. ٻوليءَ جو ٻڻ .................................................................. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
6. سائنسي جاڻ ................................................................. اجمل هديٰ پتو (ختم)
7. ڪامياب زندگي ڪيئن گذارجي؟ ............................. شفقت حسين وڏو (ختم)
8. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت ............................ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/50)
9. رانديڪو ................................................................................ ملهار سنڌي (ختم)
10. ٻہ ٽي جام پيئڻ کان پوءِ ....................... عمر خيام/ شفقت حسين وڏو (ختم)
11. گريٽر ٿل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊيم ................... محمد ادريس راجپوت (ختم)
12. شعور ............................................................................. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (ختم)
13. شام جي هوا ..................................................................... رياضت ٻرڙو (ختم)
14. هوا ۾ ٻرياسين ............................................................. بيخود بلوچ (ختم)
15. تقريرون ........................................................................ غلام علي چنہ (ختم)
16. موسيٰ کان مارڪس تائين ............. سِبطِ حسن/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/100)
17. پنج ڏينهن ................................... سعادت حسن منٽو/رضوان گل (ختم)
18. وکر ڏارو ڏار ................................................................ غلام علي چنہ (ختم)
19. ڪونج ............................................................................. غلام علي چنہ (ختم)
20. ديوانِ رياضت ............................................................... رياضت ٻرڙو (-/60)
21. تحفو .................................................................................. حسن علي هڪڙو (-/40)
22. جيون تنهنجي ناں‍ءِ .......................................................... وفا اسلم شيخ (-/50)
23. ساحل ۽ سمنڊ ............. جبران خليل جبران/پروفيسر عطاءُ الله ابڙو (-/40)
24. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام .... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/90)
25. قنبر: هڪ اڀياس ......................... ايڊيٽر ۽ سهيڙيندڙ: رياضت ٻرڙو (ختم)
26. قنبر تعلقو: مختصر جاڻ سڃاڻ ............. مرتب: دين محمد ڪلهوڙو (ختم)
27. گرهن جي ڪوجنا ............................ جيڪئلن مٽن/ جاويد حسين وڏو (ختم)

28. ٻول جو ٻڻ ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/100)
29. ڳولا ............................................... ٽيلر ڪالڊويل/ شفقت حسين وڏو (-/80)
30. چانڊوڻا چمڪن ............................................... مرتب: رياضت ٻرڙو (ختم)
31. سجڻ ماڪيءَ ميٺ ............................................... اسد چاچڙ (-/40)
32. ڌرتي: منهنجو گهر ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/40)
33. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ........... ايم ايچ پنهور/ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/120)
34. فلسفو: هڪ مطالعو ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/100)
35. ضميري پڇاڙيون ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/100)
36. سنڌي ٻوليءَ جون حسناڪيون ....................... ڊاڪٽر بشير احمد شاد (-/120)
37. پيرل قنبر ............................................... ڪوڙل قربدار (-/160)
38. اهنجي ڌرتي ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/130)
39. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (شخصيت، فڪر ۽ فن) .............. رياضت ٻرڙو (-/200)
40. ابتدائي سائنس (ٽئين درجي لاءِ) ............................. جاويد حسين وڏو (ختم)
41. ابتدائي سائنس (چوٿين درجي لاءِ) ......................... جاويد حسين وڏو (ختم)
42. ابتدائي سائنس (پنجين درجي لاءِ) ......................... جاويد حسين وڏو (ختم)
43. فطرت، سائنس ۽ سماج ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/150)
44. پهاڪن ۽ چوڻين بابت تنقيدي مقالا ....... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/120)
45. لاڙي پهاڪا ۽ چوڻيون ............................................... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/120)
46. ڳوناٺو ڳُٽر ......... چاچي لال ڏي آهوجا ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/140)
47. محبت جا خط ............................................... ڊاڪٽر محبت ٻرڙو (-/200)
48. ماڳن مڪانن جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون...انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/150)
49. طبي پهاڪا ۽ چوڻيون ............................................... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/120)
50. معلوماتي مالها ............................................... واحد بخش تونيہ ۽ عابد حسين تونيہ (-/200)
51. چونڊ سنڌي چوڻيون ... ڪيرت مهرچنداڻي ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/140)
52. معلوماتي مالها (ٻيو ڇاپو) ....... واحد بخش تونيہ ۽ عابد حسين تونيہ (-/200)
53. ٽري پهاڪا ۽ چوڻيون ............................................... انجنيئر عبدالوهاب سهتو (-/600)
54. محبت جن جي من ............................................... ترتيب ۽ تدوين: رياضت ٻرڙو (-/400)

***



پهاڪا ۽ چوڻيون، ڏاهپ جا نڪتا آهن. ڏاهپ جو ادب، انساني مشاهدن ۽ تجربن جو نچوڙ هوندو آهي. ان جي ذريعي سماجي ضابطي (Social Contact) کي لاڳو ڪري، سماج کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويندي آهي. انهن سان تمام وڏي مطلب وار ڳاله کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو يعني "سمنڊ کي ڪوزي ۾ سمائڻ". اهڙي قسم جو ادب ۽ ماڻهو، تمام گهڻا نقطيدان ٿين ٿا. اسان جو هيءُ ادب دوست پڻ، گهڻو نقط دان آهي ۽ هر ڳاله کي پنهنجي ان نقط دانيءَ ذريعي ظاهر ڪندو آهي. پنهنجي مس ڪُپڙي ۽ قلم کي زور سان پڪڙڻ پڇاڻان، ڏکئي سبجيڪٽ مئٿميٽڪ جي مدد سان انجنيئر بڻيو. ان بعد ادب طرف مڙيو تہ دهقاني يا لوڪ ادب جي صنف پهاڪن ۽ چوڻين جو خزانو هٿ ڪري ۽ نالو ڪيدائين.

سنڌي پهاڪن ۽ ورجيسن تي، سنڌي ساهت ۾ ساک رکندڙ هن قلمڪار، ماضي قريب ۾ ٿيل روايتي تاليف واري گس کي ڇڏي، تحقيق جي معياري اصولن مطابق، لوڪ ادب/ڏاهپ جي ڇنڊڇاڻ (Classification) ڪئي آهي. سنڌي ساهت ۾ اهڙي ڪوشش، تحقيق جي شاگردن ڇا، لسانيات جي ماهرن لاءِ پڻ، لاڀائتي ثابت ٿيندي.

جنوني ڪيفيت جي حد تي پهتل آهي. تيل ۽ گئس جي متلاشي ماهرن وانگر، پهاڪن پويان سرگردان نظر ايندو. ٿورڙي بہ کٽڪ پيس تہ، ٽڪ اتي وڃي پهچندو ۽ مواد حاصل ڪندو. هن صاحب، پهاڪن ۽ چوڻين تي جيڪو ۽ جيترو ڪم ڪيو آهي، سو ٻوليءَ جو تمام وڏو اثاثو آهي. سنڌ جي پهاڪن بابت انتهائي ٿوس ۽ تحقيقي ڪم ڪيو اٿائين. ماڻهن جي سينن ۾ دفن، ڏاهپ جا خزينہ ڳوليندو رهي ٿو. لوڪ ادب جي ماهرن جو، تسلسل آهي، جيڪو لوڪ ادب جو وکر گڏ ڪندو رهي ٿو. اها ميڙا چونڊي ، ڪيس ادبي دنيا ۾ نشانبر ڪندي رهندي. هيءُ يار ، پنهنجي ميڙا چونڊيءَ کي مڪمل تحقيقي انداز ۾ پرکي ٿو. انجنيئر ۽ آفيسر سان گڏ سنڌ جي تاريخي ، ثقافتي ۽ تهذيبي روايتن جو امين پڻ آهي.

هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ادبي کيتر ۾ پير پاتائين. تحقيق جي پِڙ ۾ قدم ڌريندي وتي ٿو پهاڪن جا بڻ بنياد ڳوليندو.

**منظور احمد سولنگي**

وليد محلو، لاڙڪاڻو